# وهي کاتي جا پنا

(آتم ڪٿا مڪمل
چارئي ڀاڱا هڪ جلد ۾)



لڇمڻ ڪومل

روشني

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# وهي ڪاٽي جا پنا

(آتم ڪٿا)

لڇمڻ ڪومل

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2020ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**Roshni Book No. 713**

ڪتاب جو نالو: وهي کاتي جا پنا
موضوع: آتم ڪٿا
ليکڪ: لڇمڻ ڪومل
ڇاپو پهريون © روشني 2015ع
ڇاپو ٻيو © روشني 2020ع
لي آئوٽ: رفيق حسين ڪولاچي
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ
ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڌيارو سنڌ
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

ISBN 978-969-9726-74-3

# WAHI KHATAY JA PANNA

**[Autobiography]**

by: **Lachman Komal**

First Edition © Roshni 2015
Second Edition © Roshni 2020
Layout by: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers and Printers, Hyder Chowk, Hyderabad
Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh
Published by: Roshni Publication, Kandiaro, Sindh
Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

For more information please contact the Special Distribution Department,
Shah Latif Kitab Ghar, Press Street, Hyder Chowk, HYD 71000
Call (+92) 222-780908, e-mail waqas@roshnipublication.com

sindhsalamat.com
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
books.sindhsalamat.com

# فهرست


- مهاڳ ix

## ڀاڱو پهريون

- پهريون پنو 03
- ٻيو پنو 19
- ٽيون پنو 41
- چوٿون پنو 53
- پنجون پنو 60
- ڇهون پنو 72
- ستون پنو 79
- اٺون پنو 86
- نائون پنو 95
- ڏهون پنو 102
- يارهون پنو 108
- ٻارهون پنو 117
- تيرهون پنو 125
- چوڏهون پنو 133
- پندرهون پنو 141
- سورهون پنو 149
- سترهون پنو 157
- ارڙهون پنو 165
- اڻويهون پنو 175
- ويهون پنو 183
- ايڪيهون پنو 191
- ٻاويهون پنو 199
- ٽيويهون پنو 208

## ڀاڱو ٻيو

- چوويهون پنو 221
- پنجويهون پنو 230
- ڇهويهون پنو 239
- ستاويهون پنو 247
- اٺاويهون پنو 255
- اوڻٽيهون پنو 264
- ٽيهون پنو 272
- ايڪٽيهون پنو 281
- ٻٽيهون پنو 288
- ٽيٽيهون پنو 296
- چوٽيهون پنو 305
- پنجٽيهون پنو 314
- ڇٽيهون پنو 323
- سٽيهون پنو 333
- اٺٽيهون پنو 343
- اڻتاليهون پنو 353
- چاليهون پنو 363
- ايڪيتاليهون پنو 373
- ٻائيتاليهون پنو 384
- ٽيتاليهون پنو 395
- چوئيتاليهون پنو 406

## ڀاڱو ٽيون

- پنجيتاليهون پنو 419
- ڇائيتاليهون پنو 428



books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com

- ستيتاليھون پنو 439
- اٺيتاليھون پنو 449
- اُڻونجاھون پنو 460
- پنجاھون پنو 469
- ايڪونجاھون پنو 476
- ٻاونجاھون پنو 484
- ٽيونجاھون پنو 492
- چوونجاھون پنو 500
- پنجونجاھون پنو 508
- ڇاونجاھون پنو 516
- ستونجاھون پنو 528
- اٺونجاھون پنو 536
- اُڻھٺھون پنو 545
- سٺھون پنو 554
- ايڪھٺھون پنو 564
- ٻاھٺھون پنو 583

**ٻاڳو چولون**

- ٽيھٺھون پنو 603
- چوھٺھون پنو 626
- پنجھٺھون پنو 651


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

ڪڏهن هن سان اهڙي ملاقات ٿيندي
زبان بند هوندي، مگر بات ٿيندي

'وهي ڪاتي جا پنا' مختلف دورن ۾ مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي. ماهوار سوجهري ۾ ان جي اشاعت ڪافي عرصي تائين باقاعدگي سان جاري رهي، اهو سلسلو اتان ٽُٽو تہ پندرهن روزه "عبرت" ميگزين ۾ اهو سلسلو هليو ۽ وري شوڪت حسين شوري جي خواهش تي "سارنگا" ۾ ڪجھ قسطون ڇپيون اهڙيءَ ريت وهي ڪاتي جا 65 پنا رسالن ۽ ڪتابن جي زينت بڻجي سگهيا. جيڪڏهن سارنگا باقائدگي سان شايع ٿيندو رهي ها، تہ شايد صورت حال ڪجھ مختلف هجي ها ۽ اسان لڇمڻ جي زندگي بابت ڪجھ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري سگهون ها ۽ ڪجھ وڌيڪ پنا تخليق ٿي سگهن ها، پر ايئن ٿي نہ سگهيو.

لڇمڻ ڪومل سان جڏهن آخري ڀيرو دلي جي هڪ اسپتال ۾ ملاقات ٿي هئي، جتي پاڻ هميشہ جيان دم جي علاج لاءِ داخل هو. سندس خواهش هئي تہ "وهي ڪاتي جا پنا" تنهي جلدن ۾ باقي بين قسطن کي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ آندو وڃي.سندس خواهش جي احترام ۾ مون کيس عرض ڪيو هو تہ مارچ 2015 ۾ توهان کي توهان جي سالگرهہ جي موقعي تي ڪراچي گهرائبو ان وچ ۾ سيني جلدن کي هڪ ڪتابي جلد جي صورت ڏبي. ان جي مهورت لاءِ هڪ بهترين تقريب بہ ٿيندي، ان ڏس ۾ رٿا بندي بہ هلندڙ هئي پر وقت ساٿ نہ ڏنو ۽ لڇمڻ سڀ رشتا ناتا ٽوڙي وڃي رب کي پرتو. کيس آخري ڏينهن ۾ سنڌ اچڻ جي تمام گهڻي خواهش هئي. شايد کيس اهو احساس بہ شدت سان هوندو هو، تہ هو سنڌ اچي نہ سگهندو جيتوڻيڪ هو موت کان ڇرندو نہ هو، پر پوءِ بہ پاڻ اڪثر چوندو هو:

عمر جي پوئين پهر ۾،
منهنجي نظرن جي اڳيان،
منهنجي نظرن جي پٺيان،
ڪيئي پاڇا،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڇهرن تي مکوٽا ڪيئي چنبڙائي،
انڌيري رات ۾،
موت جو هي کھڙو تانڊو ناچ،
ڏيکاري رهيا آهن؟

سياري واري ڏينهن ۾ ٿڌ وڌي وڃڻ ڪري سنڌس دمي جي تڪليف ٻه اڪثر گهڻي وڌي ويندي هئي، سنڌس گهرواري گوپي، کيس اڪثراڪيلي سِر اسپتالن تائين پهچائيندي هئي. سنڌس گهر جي ويجهو هڪ وڏي اسپتال ميڪس جي نالي سان آهي. ڪڏهن اتي ته ڪڏهن وري ٻين اسپتالن جي آءِ سي يو ۾ طبيعت بهتر ٿيڻ کان پوءِ، انهن جي ڪمرن ۾ علاج سانگي وڃي رهندو هو. زنده دل انسان هو. اتي جي نرسن ۽ سهڻين ڊاڪٽرياڻين کي ڏسي نه فقط من کي ريجهائيندو هو پر سهڪو ۽ دم به دم بخود ٺيڪ ٿي ويندا هئا. سياري ۾ جڏهن به دلي وڃڻ ٿيو ته ساڻس اڪثر اسپتال ۾ ئي ملاقات ٿيندي هئي. گهر ۾ به هوندو هو ته تمام گهڻو سهڪندو رهندو هو ۽ نيبو لائيزرس جو واهپو ڪندو نظر ايندو هو. افسوس جو سنڌس هيءَ خواهش اڻ پوري رهجي وئي ۽ وهي کاتي جا پنا هڪ جلدي صورت ۾ نه ڏسي سگهيو.

ڪومل نهايت ئي دلچسپ شخص هو. ڳالهين جو ڳهير، دلڪش ۽ وڻندڙ طبيعت جو مالڪ، چرچائي، دل چور جنهن سان مليو اهو سمجهندو هو ته لڇمڻ رڳو سنڌس ئي دوست آهي. حد کان وڌيڪ مهمان نواز هر ڪنهن جي خدمت چاڪري ڪرڻ کي پنهنجو فرض سمجهندو هو. خوشامد ۽ چاپلوسي کا پري رهندڙ هر ڪنهن سان سچو ۽ مخلص هر ڪنهن جي تڪليف ۾ مدد ڪرڻ لاءِ تيار رهندو هو. جن به ساڻس ڪجهه گهڙيون گذاريون هونديون، سو اهڙي ساک ضرور پريندا.

لڇمڻ ڪومل بنيادي طور تي شاعر هو "جيءَ جهروڪو " سنڌس شاعري جو پهريون ۽ آخري مختصر مجموعو هو. جيڪو 1975 ڌاري شايع ٿيو. پاڻ ان کان پوءِ به ڀرپور شاعري ڪئي اٿس، پر گهڻي ڪوشش کان پوءِ به اها هٿ اچي نه سگهي، نه ته خواهش اها به هئي ته ان کي به "وهي کاتي جا پنا " سان گڏ شايع ڪرائجي. مونکي چڱيءَ ريت ياد آهي ته 2005ع ۾ جڏهن قمر شهباز جي اڳواڻي ۾ سنڌي اديبن، عالمن ۽ فنڪارن جي هڪ وڏي ٽولي سان گڏ آئون به ڀارت ويو هئس، ته جئپور ۾ سنڌي مشاعري جو اهتمام ڪيو هو. ان مشاعري ۾ لڇمڻ ڪومل به پنهنجو ڪلام پڙهيو هو. سنڌس هٿ ۾ هڪ ڪاري ڊائري هئي، جنهن مان شعر پڙهيا هئائين. سنڌس ديهانت کان پوءِ مون ڀاڀي گوپي کي ان ڊائري کي ڳولڻ لاءِ عرض ڪيو هن ويچاري ڳولڻ ۾ وسان ڪون گهٽايو پر ڪاميابي نه ملي.

وهي کاتي جا پنا سنڌي ادب جي هڪ منفرد، بلڪ مان چوندس ته UNIQUE آتم ڪٿا آهي، جنهن جو مثال ملڻ محال آهي. آتم ڪٿا هڪ فن آهي بلڪ ڏکيو فن آهي، جنهن جي حدن جي تعين ڪرڻ، ڪا سوکي ڳالهه ناهي. ليڪڪ جي پنهنجي احساسن،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجربن، مشاهدن جو پوتا ميل آهي. هر آتم ڪٿا جي ليکڪ لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿو ٿي پوي ته هو ڇا لکي؟ ۽ ڇا نه لکي؟ ڇا ٻڌائي؟ ۽ ڇا نه ٻڌائي؟ گهريلو مجبورين، سماجي مجبورين مٿيون مائٽيون، دوستيون، ياريون ڪٿي بندُ ٻڌي؟ ۽ ڪٿي لوڙهي ڇڏي؟ ته ڪٿي ڇوڙ ڪري؟ ڪٿي ڇڙواڳ ٿئي؟ ۽ ڪٿي پابند؟ پر صنف ۽ فن جي تقاضا آهي ته سچ هجي ۽ سچ لکي.

سوانح نگاري تاريخ جي هڪ شاخ آهي، پر ڪن خاصيتن سببان ان کي ادب جي هڪ صنف جي باقائده حيثيت حاصل ٿي وئي آهي. هاڻي سوانح فقط انسان جي پيدائش، ڪٽنب، تعليم، زندگيءَ جي مسئلن ۽ گذاري وڃڻ کي بيان ڪرڻ ئي ناهي، بلڪ ڪنهن شخص جي ظاهر ۽ باطن، اٿڻي ويهڻي، عادتن، اخلاق ۽ معاشرت، وراثت ۽ نفسياتي ڪيفيتن ۽ سندس حياتي جي لاهن چاڙهن جو داستان بڻجي وئي آهي. هاڻي سوانح نگاريءَ لاءِ اهي سيئي ڳالهيون دلچسپيءَ جو باعث آهن، جن سان شخصيت جي اڏاوت، ۽ هڪ مڪمل چٽ چٽڻ ۾ مدد ملي ٿي، ان ۾ سطحي واقعن ۽ ظاهري حالت بيان ڪرڻ کان وڌيڪ اندر جي اڌمن، نفسياتي ڇڪتاڻ، ذهني ارتقا، لاڙن، خوبين ۽ خامين کي ڏيکارڻ مقصد هوندو آهي، ته جيئن هڪ واضع چٽ پڙهندڙ اڳيان اڀري اچي.

هاڻي انسان کي فقط نيڪي ۽ شرافت جو مجسمو يا وڏماڻهپائي ۽ بدڪار ظاهر ڪرڻ مدي خارج ٿي چڪو آهي.هاڻي زندگي جي رمزن کي واضع ڪرڻ ۾ جديد سماجي علمن کان مدد ورتي وڃي ٿي، فقط واقعن کي ترتيب سان بيان ڪرڻ، فني اعتبار کان ڪافي نٿو سمجهيو وڃي، بلڪ واقعن جي چونڊ ۽ معمولي ڳالهين تائين پهچڻ ضروري ٿي ويو آهي.

بيان جي اظهار ۾ هڪ مخصوص سگهڙائپ ۽ واقعن جي تدوين ۽ ترتيب جو حسن، اهم ۽ بنيادي عنصر آهن.

زندگي جي ائين ڏهاڪي جي عمر واري نوجوان جي يادگيرين ۽ انهن کي موهيندڙ انداز ۾ باريڪ بيني سان بيان ڪرڻ تي ڪيس داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي. جيتوڻيڪ سندس صحت اجازت نه ڏيندي هئي، تنهن هوندي به دوستن جي زور پرڻ تي لکندو رهندو هو ۽ پنهنجي زندگيءَ جي اڇن ڪارڻ، توڙي هند ۽ سنڌ جي تاريخ جي انهن تاريڪ گوشن کي سنڌ جي پڙهندڙن تائين پهچائيندو رهيو جن کي پڙهي گهڻن جي من ۾ لکڻ ته ڪن جي من ۾ آتم ڪٿا لکڻ جي خواهش ڪر ڪڻندي آهي. ڪن مهربانن اِهو لکيو ته لڇمڻ کي اهي ڪوڙ ۽ گشا نه لکڻ گهرجن، ڪن کيس لڇو لباڙي جو لقب ڏنو هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو ظرف آهي، ڪنهن تي معيار ڪونهي.

سنڌي ٻولي ۾ مرزا قليچ بيگ "سائو پن يا ڪارو پنو" ڊاڪٽر دائود پوٽي، "منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي" ۽ رئيس ڪريم بخش نظاماڻي "ڪيئي ڪتاب " لکي سنڌي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولي ۾ آتم ڪهاڻين جي عمارت جي هڪ سگهاري پيڙهه رکي آهي، جنهن تي ڪيئي عالم، اديب ۽ ٻيا عمارت ڪڙي ڪندا. ان جي شروعات لڇمڻ ڪومل ڪئي آهي. لڇمڻ هڪ سلجهيل ۽ تجربيڪار رازو آهي، جيڪو نه فقط عمارت سازي جي فن جو ڄاڻو آهي، بلڪ چٽسالي جي فن جو پڻ ماهر آهي، هن زندگي جا جيڪي جيئرا جاڳندا نقش چٽيا آهن سي پڙهندڙن لاءِ لڳاتار دلچسپيءَ جو سامان مهيا ڪن ٿا.

لڇمڻ وٽ سندس زندگيءَ جي وٽندڙ ۽ اٽوٽندڙ واقعن جو هڪ نه کٽندڙ ڀنڊار آهي، جنهن مان هر واقعو پنهنجي اندر ۾ هڪ ڪشش رکي ٿو بلڪ ايئن چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته هن وٽ واقعن جو هڪ گهاٽو ٻيلو آهي، جنهن مان واقعن جي چونڊ ڪرڻ شايد لڇمڻ لاءِ به ڏکيو ٿيندو هوندو. ته ڪهڙو واقعو بيان ڪري ۽ ڪهڙي ڪي ڇڏي ڏيئي. ڀيرين ٽن جلدن کي پڙهڻ سان ان احساس کي هٿي به ملي ٿي.

آتم ڪهاڻيءَ جي وصف موجب، جيڪا انسائڪلو پيڊيا برٽانيڪا ۾ ڏنل آهي. "آتم ڪهاڻيءَ جو سوانح نگاريءَ سان گهرو تعلق آهي، اها ڪنهن فرد يا شخص جي حياتيءَ جي واقعن تي ٻڌل هوندي آهي، جيڪا هو پاڻ لکي ٿو ان ڪري اها مڪمل نه هوندي آهي."

مٿين وصف موجب "وهي کاتي جا پنا" هميشه اڻ پورا رهندا، ڀلي لڇمڻ لکي لکي ٿڪجي چو نه پوي ها!

"وهي کاتي جا پنا" جي جيڪا بنيادي خوبي آهي سا ان جو افسانوي انداز بيان آهي، جيتوڻيڪ لڇمڻ بنيادي طور تي شاعر آهي، پر هن پنهنجي آتم ڪٿا جي واقعن کي افسانوي رنگ ۾ پيش ڪري ان ۾ فنڪاراڻو حسن پيدا ڪيو آهي ۽ ڪن مرحلن تي پنهنجي ذات کي ڏار ڪري افسانوي ڪردارن ذريعي پنهنجي زندگيءَ جو احوال پيش ڪيو اٿس.

هن اهڙن افسانوي واقعن کي بيان ڪندي مثالي منظر نگاريءَ جو مظاهرو ڪيو آهي، جن کي پڙهندي، پڙهندڙ جو تجسس نه فقط وڌي ٿو بلڪ هڪ تعجب ۽ معنيٰ خيز ماحول به جنم وٺي ٿو.

ايڪهين پني جي شروعات ڪجهه هن ريت ڪئي اٿس :

بمبئي جي امير ترين علائقي پيڊرو روڊ تي لتا منگيشڪر جي گهر "پريو ڪُنج" جي سامهون پراڻي طرز جي وسيع عمارت آهي، جنهن تي سالن کان ڪو رنگ روغن ٿيل نه آهي. ان بلڊنگ جي چوٿين ماڙيءَ جي هڪ فليٽ ۾ هندستان جي عالمي شهرت واري ستار نواز پنڊت روي شنڪر جي ڀيرين پتني انپورڻا گذريل پنجاه سالن کان به وڌيڪ عرصي کان اتي اڪيلي رهندي آهي. فليٽ جي در جي ٻاهران پراڻي سيمينٽ جا چاپوڙا لڳل آهن، ۽ ان مٿا ڪاري تختي لڳل آهي، جنهن تي هن قسم جون هدايتون چنباڙيل آهن:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”در جي گهنٽي وڄائڻ کا پهرين ڇاڻي ونو تہ سومر ۽ وسپت ڏينهن ڪير بہ هي در نہ کوليندو.“

”ٻيئن ڏينهن تي بہ رگهو تي پيرا گهنٽي دٻايو جي کو بہ جواب نہ مليو تہ ٻاهران رکيل پيتي ۾ پرزو ڇڏي ويو. جنهن تي توهان جو نالو ۽ اچڻ جو مقصد ڄاڻايل هجي تعاون لاءِ توهان جي مهرباني.“

آتم ڪهاڻي جو هڪ لازمي عنصر صداقت يا سچائي آهي، اها سچائي واقعن جي ترڪيب کان وٺي ان جي پيش ڪش تائين لازمي هوندي آهي، البت ان ۾ تخليقي رنگ تہ پيري سگهجي ٿو ڪوڙ نہ!

لڇمڻ جي آتم ڪٿا ۾ جنهن بيباڪي سان هن زندگيءَ جي حقيقتن کي بيان ڪيو آهي تنهن تي گهڻن کي شايد اعتراض بہ آهن، ۽ سندس ڇواڻي، جڏهين پاڃائي گوپيءَ تائين سندس اهي حقيقتون پهچن ٿيون تہ ساٽس ڪهڙي جُٽ ٿئي ٿي، تنهن جو اندازو ڪيس چڱيءَ ريت هو پر هاڻي لڇمڻ بہ پڪو ٿي ويو هو ۽ من موهيندڙ کان مساج ڪرائي ڪٿا کي اڃا بہ دلچسپ ۽ حقيقت پسند بنائڻ ۾ رڌل رهيو. ”وهي کاتي جا پنا“ ۾ موج ۽ مستي شايد ان مساج ۽ مالش جو ڪرشمو آهي.

جوش مليح آبادي پنهنجي آتم ڪٿا ”يادون ڪي بارات“ ۾ ڪليل لفظن ۾ اها ڳالهہ چئي آهي ”تہ مان معاشري جي هٿ ٺوڪين روايتن، ڪوڙ ۽ رياڪاريءَ تي عمل نہ ڪندو آهيان، ۽ پنهنجي جلوت ۽ خلوت جي سيني مشغلن کي سيني آڏو بنا ڪنهن هٻڪ جي بيان ڪندو آهيان.“

لڇمڻ ڪومل ۾ هٻڪ نالي ڪا شيءَ موجود ڪونهي. هو زندگيءَ جي وهندڙ وهڪري کي بنا ڪنهن رنڊڪ جي وهائڻ جو قائل هو ڪيس رياڪاري کان واقفيت ڪانهي، نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن کي پڙهندڙ سندس ان تخليقي پورهئي کي فحاشيءَ جي زمري ۾ آڻين ٿا. ڀارت جهڙي سيڪيولر ملڪ ۾ جتي گهڻن ئي قسمن جو آزاديون حاصل آهن، ان قسم جا واقعا، سوچ ۽ فڪر، ڪا خاص اهميت ڪون ٿا رکن، پر اسان جنهن ملڪ جا رهواسي آهيون، جتي منافقت جي بازار گرم آهي، ڪوڙ ۽ ڪروڌ جو دور دوران آهي، ۽ ڪو اهو ٻڌائڻ لاءِ بہ تيار ڪونهي تہ هو ”پيئندڙ“ آهي، يقيناً انهن کي لڇمڻ جون کي ڳالهيون ڳريون لڳيو هونديون. هڪ ٻئي عالم جو خيال آهي تہ، ”آتم ڪٿا نہ تاريخ آهي نہ وري ڪهاڻي، بلڪ ها تاريخ جي بيوقت سچائي ۽ ڪهاڻي جي غير حقيقي زندگيءَ جي وچ واري ڪاشيءَ آهي.“

متين راءِ جي روشني ۾ جيڪڏهن لڇمڻ جي آتم ڪٿا کي پرکجي ٿو تہ ”وهي کاتي جا پنا“ هڪ مڪمل ۽ مستند تاريخ آهن، جنهن مان اسان ماضيءَ جي جهروڪن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ جهاتي پائي گهڻو ڪجهه ڏسي سگهون ٿا: ورهاڱي وقت ٿيل ڏاڍ ڏمر، ڌرتي ڌڪاڻو ٿيڻ! ۽ گهڻو ڪجهه اسان کي ان تاريخ ۽ افساني ۾ ملي ٿو.

حقيقت ۾ لڇمڻ ڪومل آتم ڪٿا جي رسمي ۽ روايتي فارم کي رد ڪري ڇڏيو آهي. هن وهي کاتي جي هر پني جي پڇاڙي سان نئين شروعات ڪئي آهي. سندس تجربا تاريخي طور تي بيان ٿيل ناهن، بلڪ اهي وقت سان گڏوگڏ بدلجندا رهن ٿا. ونس ڪا ترتيب بہ ڪانهي. هو جيڪي من ۾ اچيس ٿو تنهن کي بيان ڪري ٿو. سندس اهو رويو ۽ انداز پڙهندڙ کي دلچسپي جو سامان مهيا ڪندو رهي ٿوءَ مان سمجهان ٿو تہ ”وهي کاتي جا پنا“ سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙو مقام ماڻيو آهي جو ايندڙ نسلُ ان مان لاڀ پرائيندا رهندا.

پروفيسر محمد سليم ميمڻ

73-A/II/I,
34th Street, Off. Khayaban-e-Sahar,
Phase-V, Ext.
D.H.A., Karachi.

ڪراچي،
10 مارچ، 2015ع



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




# ڀاڱو پهريون

# پهريون پنو

چون ٿا تہ استاد علاءالدين خان جڏهن اڃان پنهنجي ماءُ جي ٿڃ ڏائيندو هو تہ هن جي ڇاتيءَ تي پنهنجين پتڪڙين آڱرين سان طبلو وڄائيندو هو. منهنجي ماءُ منهنجي ڄمڻ کان پوءِ مهيني اندر ئي جلندر جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي ويئي، ان ڪري مون ٿڃ پنهنجي ڄڻائيندڙ صفوران دائيءَ جي ڏاتي ۾ هن عمر تائين مان ڪنڌياري جي صفوران کي پنهنجي اصلي امان ڪري مڃيندو آهيان ۽ پنهنجي همعصر هن جي پٽ نوري کي پنهنجو سڳو ڀاءُ ڪري سمجهندو آهيان. صفوران اڃان جيئري آهي، الائي نہ ۽ نور محمد وئڪسينيٽر Vaccinator بہ هاڻي مون جيان رٽائر ٿي، ڪنڌياري ۾ هوندو. الائي نہ هوندو!

مان هن وقت سٺهٺ سالن جو پوڙهو آهيان ۽ مون کي هن ٻڍاپي ۾ پنهنجي ٻاروتڻ جون ساروڻيون لکڻ جو حڪم ٿيو آهي. مان سوچيان ٿو اڃان تہ منهنجو جيئڻ ئي شروع نہ ٿيو آهي، تہ ٻڍاپو بہ اچي ويو..!! پر پوءِ بہ هن بي وفا زندگيءَ بابت سوچي مون کي اڪثر خيال ايندو آهي تہ مان مرڻ کان اڳ پنهنجي حياتيءَ جا کي مٺا ڪوڙا سچ درج ڪري ڇڏيان ۽ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ ۽ رڳو سچ ئي رڪارڊ ڪريان. پر اهو خوف مون مٿان حاوي ٿي ويندو آهي تہ جي پنهنجي اها جيوڻي منهنجي زندگيءَ ۾ شايع ٿي تہ مون کي جيئري ئي گڏهہ جي پيٺ ۾ وجهرايو ويندو. ان ڪري مان چاهيان ٿو تہ منهنجي موت کان پوءِ ئي ان گڏهہ جو پيٺ ڦاٽي، يعني منهنجيِ اها آتم ڪٿا يا اعتراف شايع ٿين ۽ مان ان ڦاٿل پيٺ مان وري جيئرو ٿي ٻاهر نڪري پوان.

بهرالحال، مان بشرط زندگيءَ ۾ جيترو ڪجهہ لکي سگهيس، لکي ويندس ۽ وصيت ڪري ويندس تہ منهنجي اها تحرير منهنجي مرڻ کان پوءِ ئي شايع ڪئي وڃي. هن وقت مون وٽ رڳو سنڌ جون ڪي ساروڻيون لکڻ جي هڪ ننڍي سٽمپ موڪلڻ جو آرڊر آيو آهي ۽ مان پنهنجي ٻاروتڻ جي ڪچي پڪي مال جو هڪ ننڍڙو پئڪيٽ سوجهرو جي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان.

سڌ سياڻن جي قولن ۽ فيلسوفن جي نقطن ۾ بہ اهڙو ڪجهہ نہ ملي سگهندو آهي، جيڪو هڪ معصوم ٻار جي مرڪ ۾ نظر ايندو آهي. سنڌ ڇڏڻ وقت مان ٻارنهن سالن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڳاڙهو ڳنڍول ته نه، پر ڇاپئين ڇهري وارو ڪيچلو ٻار ضرور هوس ۽ ٻارنهن سالن جي ان عمر تائين مون ڏيڙي جي نوري مسخري جي تر ڪتالن ڪان ويندي حيدرآباد جي لونگ پڳت جي گهٽيءَ جي ڪيرين جا طائفا به ڏٺا ته ٽنڊي آدم جون رنون ۽ رانون به ڏٺيون، جن مان پوين جو ته سواد چکيو اٿم، پر پهرين جو ذائقو ماڻڻ جي ان وقت منهنجي عمر نه هئي، ورنه مان وڻ گهوڙو ته ڇا وڻ گڏهه به نه هڏڻ ڏيان هان.

ڇون ته ته جنهن ڏينهن مان ڄائو هوس (ڇو ڄائو هوس اهو الڳ سوال آهي) ان ڏينهن هندستان مٿان حڪومت ڪندڙ انگريز حاڪم جارج پنجون راهه رباني وٺي ويو هو پر هندستان پوءِ به آزاد نه ٿيو ۽ پنهنجي بادشاهه جي مرڻ کان پوءِ هندوستانين کي آزادي وٺڻ ۾ ٻارنهن سال لڳي ويا ۽ اها آزادي ڪهڙي ملي؟ اها اسان پنهنجي اکين سان ڏٺي آهي.

آزاديءَ وقت ملڪ بدر ٿيڻ کان اٽڪل ٽي سؤ سال اڳ، اُهان جي ياتيا قوم جيسلمير مان لڏي آئي، بلڪه اتان تڙجي نڪتي هئي. جيئن ته جيسلمير سان دنگئي ٽي صوبا: گجرات، سنڌ ۽ پنجاب آهن. ان ڪري اسان جي قوم رڳو انهن ٽن صوبن ۾ ئي پکڙيل آهي. هيءَ قوم جنگجو هئڻ جي باوجود جيسلمير مان ڇو تڙجي آئي، اهو هڪ ڏکهو داستان آهي، جنهن جو منهنجين مختصر ساروٽين سان ڪوبه لاڳاپو ۽ واسطو نه آهي. ها، ايران جي هڪ شاعر هندستان مان موٽڻ کان پوءِ پنهنجي هڪ مثنويءَ ۾ هيءَ سٽ درج ڪئي هئي:

"ياتيا بهه ذات در قوم هندوان."

انهيءَ کي اسان جي ڪن خير خواهن پئروڊيءَ طور بدلائي، "ياتيا بد ذات، در قوم هندوان" ڪري ڇڏيو. خير، اها پومڪا پنهنجي جاءِ تي.

مون وٽ پنهنجي ڪتنب جي هڪ پراڻي ڊاڳن سان ويڙهيل ڳاڙهي بندي محفوظ آهي، جنهن ۾ منهنجين پوين پنجن پشتن جو زرعي ۽ زميني رڪارڊ ۽ ڪن زميندارن ۽ سيٺين سان ٿيل ڏيتي ليتيءَ جا انگ اکر درج ٿيل آهن ۽ ان کان سواءِ ڪتنب جي پٽيتي اولاد جون ڇٽيون لکيل آهن. ان ڇٽيءَ موجب مان 26 مارچ 1936ع تي ڳوٺ ڪنڊياري ضلع نوابشاهه ۽ تر ساهتي سنڌ ۾ ڄائس. منهنجي جنم جو نالو لوڪومل ولد ديوان ڇيلا رام، آکهه ياتيه آهي.)

منهنجي ماءُ (جنهن کي مان ياپي سڏيندو آهيان) ٻڌايو ته منهنجي ڄمڻ واري ڏينهن، منهنجي پيءُ کي(جنهن کي مان دادا سڏيندو آهيان) جيڪو ان وقت خيرپور رياست جي ميرن وٽ ڪنهن سرڪاري ڪم سان ويل هو اسان جي ڪمدار قادر بخش وڃي، منهنجي ڄمڻ جي خبر ڏني ته مير صاحبن دادا کي مبارڪن سان گڏ هڪ ٽاڪيو بخمل جو ۽ ڏهه گنيون تحفي طور ڏنيو. منهنجي پيءُ وٽ ان وقت بادشاهه همايون واري مشڪ جي دبلي ته نه هئي، پر ان شام جو (هن خيرپوري دارونءَ جي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڻيپور ۾ منهنجي ناڻن وٽ) اچي مجلس ڪئي ۽ منهنجي ڇٺيءَ تي منهنجي ڏاڏي سيٺ جاڙي مل، سڄي ڪنڊياري ۾ پڙهو گهمارايو ۽ سڄي ڳوٺ جي ماني جهلي، جو مان هن جو پهريون پوٽو هوس.

ڊيڙي، (جنهن کي دربيلو به چون) ۾، اتان جي سيدن کان پوءِ منهنجي ڏاڏي وڏي زميندار هئي ۽ ڳوٺ جي سڄي بازار جا دوڪان ۽ انهن مٿان اڏيل ماڙيون سندن خانگي جائداد هئي. مان ڇهن ستن سالن جي عمر ۾ جڏهن پنهنجي ڏاڏي سان بگيءَ تي ويهي ڊيڙي ويندو هوس، ته چوندو هئو ته خدا نه ڪري جي ڊيڙي جو اڌ ڳوٺ به باهه جو ٻک ٿي ويو ته به اسان جون ڪي جايون رهجي ئي وينديون.

ايتري وڏي جائداد ۽ زميندار اسان جي وڏن کي ڪيئن هٿ آئي، ان بابت ڳوٺ جا ماڻهو عجيب وغريب ڳالهيون ڪندا هئا. ڊيڙي جو سيد تراب شاهه، ڏاڏي سائينءَ سان پوڳ ڪندي چوندو هو: ”واڻيا، مفت جو مال ملي ويو اٿيئي ۽ زر زمين ۾ اسان سيدن سان ڪلهو هٽي بيٺو آهين، باقي زن ته تنهنجي نصيب ۾ ئي ڪونهي.“

ڏاڏو ٽيهن سالن جي عمر ۾ ئي رنڙ ٿيو ۽ وري ٻي شادي نه ڪئي هئائين. ڪيس لاءِ مشهور هئو ته جوان هارياڻين مان ريزڪي ڪم هلائيندو هئو ۽ ڪي به چار مايون زمينن تي وهاريل به هئس.

ذڪر نڪتو آهي ته سيد سڳوري جي ان پوڳ جو ته پس منظر به ٻڌائيندو هلان. ڳوٺ جي پراڻن پوڙهن جو چوڻ هئو ته منهنجو پڙ ڏاڏو ڏامون مل، پيرين پيادو امرتسر ۽ هردوار جي سفر تي نڪتو ۽ موٽندي ملتان جي ويجهو ڪنهن پٺاڻ سان دوستي ٿي ويس. اهو پٺاڻ هن سان گڏ ڊيڙي تائين آيو ۽ هن وٽ مهينو ڪن مهمان ٿي، ويندي وقت ڏامي مل وٽ به وڏا ٻُجڪا امانت طور رکي ويو ۽ چيائينس، ”جي سال اندر تو وٽ موٽي نه اچان ته هي بجڪا کولي، انهن ۾ جيڪي ڪجهه آهي، پنهنجي ملڪيت سمجهي رکي ڇڏجانءِ.“ چون ٿا ته ڏامي مل هڪ ٻدران به سال انتظار ڪيو ۽ پوءِ ٻُهري ۾ پوريل اهي ٻُجڪا کوليائين ته انهن مان اڌ مڻ کن سچو روسي سون ۽ نقدي نڪتي، جنهن مان هن ڊيڙي ۾ وڏي جائداد ۽ زرعي زمينون ورتيون. اڳتي هلي منهنجي ڏاڏي سڄي زندگيءَ جا ڏينهن اوطاق ۾ ۽ راتيون پنهنجيءَ ڪنهن نه ڪنهن سريت وٽ گذاريون.

عمر جي هن پوئين پهر ۾، جڏهن مان لهندڙ سج جو پويون پاڇو آهيان، منهنجو حافظو اهڙو نه رهيو آهي، پر باروتڻ جون اڪثر ساروڻيون ٽن سالن جي عمر کان وٺي منهنجي ذهن تي اُڪريل آهن.

(ڏاڏو بيحد دهشتناڪ، وڏو پاٽاريدار ۽ ظالم زميندار هو.) وڏا وڏا ڪاٽڪو رهزن ۽ رساگير پاليل هئس. رات جي مانيءَ تي اڌ بوتل خيرپوري ۽ سچو چيلو کائي ويندو هو (پوءِ به مرڻ وقت هن جا ٻتيهه ڏند سلامت هئا.) جڏهن هو منجهند جي ماني کائي آرام ڪندو هئو ۽ ڪنهن هاريءَ جو معصوم ٻار بيگار ۾، هن جي ويڪري نواڙ جي کٽ مٿان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳل جهلي ڇڪيندو هو تہ هن جي حڪم سان ڪوبہ ماڻهو گهٽيءَ مان جتي پائي نہ هلندو هئو. متان جتيءَ جي چين چين جي آواز تي زميندار صاحب جي ننڊ نہ ڦٽي پوي. مان اڪثر اوطاق ۾ هن سان پونگڙي وانگر چنبڙي سمهندو هوس. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ هن هڪ غريب مسلمان ڳوٺاڻي کي، اوطاق ۾ گهلائي ڇهبڪ هڻايا هئا. جو هن غريب گهٽيءَ ۾ زور سان ڳالهائي، ڏاڏي جي ننڊ ڦٽائي هئي. هن جي ظلم جا داستان، جيڪي مون ٻاروتڻ ۾ اکين سان ڏٺا، ايترا تہ وڏا ۽ گهڻا آهن. جو ان تي ڪيترا جلد لکي سگهجن ٿا ۽ فرصت ملي تہ مان پنهنجي آتم ڪٿا ۾ بيان ڪندس. هتي هڪ ننڍڙو واقعو بيان ٿو ڪريان.

مان ستن اٺن سالن جو هوس. هڪ ڏينهن پير واري ڳوٺ جو زميندار علي محمد شاهہ جيڪو بابا جو گهرو دوست هئو ۽ ٻيئي گڏجي مظلوم هارياڻين جون لچون لٽيندا هئا (جنهن ۾ ڪي ڪمدار پڙوت جو ڪم ڪندا هئا) ۽ دارونءَ جا دنگ ڏوگهيندا هئا. هن سان ملڻ آيو ۽ پنهنجي ڇتي گهوڙي اسان جيءَ اوطاق واري طبيلي ۾ اچي ٻڌائين. اوطاق پويان اسان جي وڏي حويلي هئي، جنهن ۾ گهر جا ٽيهہ ڀاتي رهندا هئاسين. جن ۾ اسين چوڏنهن پندرنهن ٻائر، ڀينر، سوٽ، سوٽيون پيا وڙهندا جهڙندا هئاسين. اوچتو منهنجو ٻارنهن تيرهن سالن جو وڏو سوٽ گهنشو مون کي ڳوليندو اچي پهتو ۽ چپ چاپ طنبيلي ۾ وٺي آيو. چيائين. "بابا وٽ شاهہ صاحب آيو آهي، ڇيلو بہ پارايو اٿئون، سو سانجهيءَ کان اڳ ڳوٺ تہ نہ ويندو. هل تہ هن جي گهوڙي چوڙي ٿورڙو سئر ڪري اچون." گهنشو ڏاڍو بي ڊپو ۽ شيطان هئو. پهرين تہ مون ڊپ کان ننهڪر ڪئي پر هن جي همٿ ڏيارڻ تي مان بہ ٽپو ڏيئي گهوڙيءَ تي هن جي پويان، سندس ڇيلهہ ۾ ٻانهون وجهي ويهي رهيس ۽ هن گهوڙي هڪلي آٽي هالاڻيءَ واري رستي تي ڪئي، کليل پڪو رستو ڏسي، گهوڙي گهنشي جا بہ تي لڪڻ کائي بي قابو ٿي ويئي، ۽ تيز رفتار ڊوڙڻ لڳي. خود گهنشو گهبرائجي ويو. مان ڊپ ۾ رڙيون ڪرڻ لڳس. هالاڻي واري رستي تي هڪ پاسي مسلمان ڏوٻين جي بستي هئي، جيڪي اسان جا لٽا بہ ڌوئيندا هئا.

اوچتو ڌوٻين جي هڪ ڇئن پنجن سالن جي ڇوڪري ٻَڪون پائيندي رستو پار ڪرڻ لڳي ۽ بي قابو ٿيل گهوڙي ڇوڪريءَ تي چڙهي ويئي.

گهوڙيءَ جي لوهي نعل لڳل سنبن، معصوم ٻارڙيءَ کي رتو رت ڪري ڇڏيو. ڌوٻين مان ڪن واڪا ڪيا تہ هي زميندار جا ڇوڪرا آهن. هو پنهنجن گڏهن تي پٺيان ڊوڙيا ۽ هڪ نالي جي اڌ وٽ اچي گهوڙيءَ جي لغام کي جهليئون. جهٽڪي تي اسين ٻيئي ڪري پياسين. گهنشي جي ٻانهن ڀڄي پيئي ۽ پڇاڙيءَ تائين سڀ هن کي ٺونٺيو ڪري ڪوٺيندا هئا. بہ سال کن اڳ گهنشو الهاس نگر ۾ ڪو ڪيميائي تجربو ڪندي باهہ ۾ سڙي مري ويو. مون کي ڪاڏيءَ هيٺيان گهرو زخم ٿي پيو. جنهن جو نشان اڃان تائين قائم آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوبين جو زالين مردين، سڄو لڏو مٿل پارڙيءَ کي پانهن تي رکي، اوطاق تي اچي هاءِ گهوڙا ڪرڻ لڳو. گوڙ تي بابا ۽ شاهہ صاحب ٻاهر نڪري آيا ۽ هيڏو هجوم ڏسي ڪين رهڙون ڏيئي پڇيائون تہ ”ڇا ٿيو اٿوَ؟“ ڏوبين جو فرياد ٻڌي، ڪين اتي ئي ڇڏي، ٻيئي ڄڻا گهر ڏانهن ڀڳا ۽ هڪدم ڊاڪٽر مورندمل ڏانهن قاصد کي ڀڄاياائون. اوطاق ٻاهران اچي ٻنهي زميندارن ڏوبين کي ڀر ڪري چماٽون هڻندي چيو: ”ڪُتي جا پٽ، پنهنجن ٻارن کي ائين رستي تي ڇيڪ ڇو ٿا ڇڏيو؟ ۽ اسان مٿان اجايا ڏچا ٿا وجهو. وڃو هتان تہ ڪل نہ لهرائي ڇڏيوَ نوَ.“ بابا ۽ شاهہ سائين اوطاق ۾ اندر هليا آيا ۽ اوطاق جي ٺهلئي ٽانور کي پنجاهہ روپيہ ڏيئي چيائونس تہ وڃي انهن ڪوبلن کي ڏيئي ڀڄائي ڪيو.

پنجاهہ روپيہ ڏسي ڏوبين کان پنهنجي نياڻيءَ جو موت ئي وسري ويو. ڏاڍ ۽ ڏمر جا اهڙا ڪيئي واقعا مون پنهنجي گهر ۾ ۽ گهر کان ٻاهر ڏٺا، جن منهنجي اثر پذير عمر تي اڻ مٽ نقش ڇڏيا آهن. شايد ان ڪري ئي مان مظلوم ڀلي ٿيو هجان، پر ظالم نہ ٿي سگهيو آهيان. قتل تہ ٿي سگهان ٿو پر قاتل ڪڏهن نہ ٿي سگهندس.

ڪنڌياري ۾ پاتيہ برادري جو وڏو شاهي پاڙو هو جنهن ۾ ڏيڍ سؤ ڪن گهر هئا، جيڪي سڀ گهٽو ٽٽو ننڍا وڏا زميندار ئي هئا ۽ وٽن بگيون گهوڙا، طنبيلا ۽ واڙا هئا. پئسي جي ٻل ڪري سيئي ويڙهاڪ ۽ ڪؤنس باز هئا. ڪيترا مرد پنجاب مان ٽڪن تي پانهون وٺي، اچي ڪين جاڙي ڪڏ مٿان ٺهيل ننڍين ڪمرن ۾ پنهنجيون سريتون ڪري رهائيندا هئا، جنهن ڳالهہ تان چڱا جهيڙا جهٽا بہ پيا ٿيندا هئا. ان ڪري پهاڪو ٺهي ويو هو. ”ڪنڌياري ۾ ڪنڊ گهٽي، نڍي وڏي جي جنگ گهٽي.“

هنن جا مسلمان ٻيلي ۽ ڪمدار سندن حفاظت ڪندا هئا. پنهنجن پاپن تي پردو وجهڻ لاءِ هردوار ۽ رشيڪيش ۾ ڌرمشالائون بہ ٺهرائيندا هئا. هردوار ۾ ٺهيل پاتيہ پون اڄ بہ اتان جي عاليشان عمارت آهي، جنهن ۾ لاڙڪاڻي جي پاتين کان سواءِ اسان جي ساهتي برادريءَ جو پڻ وڏو حصو آهي. چون ٿا تہ ان پاتيہ پون تي ان وقت (1939ع ۾) چاليهہ لک روپيہ لڳل هئا ۽ مغل تاريخ ۾ درج ٿيل آهي تہ تاج محل جڙڻ تي بہ چاليهہ لک لڳا هئا. (خبر خدا کي يا شاهہ جهان کي.)

تن ڏينهن منهنجي ننڍي چاچي آسرداس جي شادي ٿي. شاديءَ جون مجلسون سڄو هفتو هليون ۽ لاهور مان بہ ناچڻيون، جن کي مڪاني ٻوليءَ ۾ ڪيجريون چوندا هئا، گهرايون ويون. تر جي هندو مسلمان زميندارن ۽ وڏيرن کي دعوتون ڏنيون ويون. ڪيجريون نچنديون هيون ۽ ڀڪريون ڪسنديون هيون. هڪ شام جو محفل ۾ هڪ بيحد حسين ڇوڪري، ناز نخري سان نچندي ڳائيندي، زميندارن ۽ وڏيرن جون واڇون ٽيڙي رهي هئي، جيڪي پنهنجيون ڏوتيون ۽ شلوارون کنهي رهيا هئا ۽ روپئي روپئي جو نوٽ ڪيڍي، ڀهرين هوا ۾ لوڏائي ۽ پوءِ پنهنجن ڳلن تي رکي، ميچڻ سان ڪيس پاڻ وٽ سڏي رهيا هئا ۽ ان ڇوريءَ کان ڳڃن تي ڇهنڊڙيون پارائي، ٺهہ ٺهہ ڪري کلي رهيا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان بابا جي گوڏي تي چڙهيو وٺيو هوس. مون ٻه چيو: ”بابا روپيو ڏي ته ڪيجريءَ ڪي ڏيان.“ بابا چيو ”پٽ تون اڃان ننڍو آهين.“ مان ڊيٽ تي بينس ۾ پٽ تي ليٽڙيون پائڻ لڳس. وڏيرن به چيس: ”جاڙا مل، سڪيلڊي ٻار جي ڳالهه ڪٽي مڃ.“

نيٺ بابا روپيو ڏيندي چيو. ”چڱو وڃي ڏيئي اچينس.“ مون چيو ”نه بابا، هتي اچي منهنجي به ڳتي تان ڇهنڊي پئي ڪٽي.“ سڄيءَ محفل ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. اها ڪيجري به کلندي ۾ منهنجو ڳتو پٽي، روپيو ڪٽي نچندي رهي.

گهر جي زالن جڏهن منهنجي اها چشڪيدار ڳالهه ٻڌي ته منهنجي وڏي ڀقيءَ موتل منهنجي ماءُ کي چيو: ”راڌان، اهو پٽهن وڏو ٿي وڏو رنن چور ٿيندءِ.“

وڏو ٿي مان رُنن چور ته نه ٿيس، پر رومانٽڪ ضرور ٿيس. پنهنجي رومانوي زندگيءَ ۾، جتي مون کي ڪيتريون ڪاميابيون مليون، اتي ڪئين ڀيرا ذليل ۽ خوار به ٿيو آهيان. ڪيترين محبوبائن سان مون بي وفايون ڪيون ته ڪيترين مون کي به ڪنگهي نه نهاريو. مان هڪ بنهه رواجي صورت شڪل، وچولي قدبت ۽ ڪاراڻ ڏانهن مائل رنگ وارو معمولي پڙهيل ڳڙهيل مرد آهيان، جنهن ۾ اهڙي ڪابه غير معمولي خوبي ڪانهي، جيڪا ڪنهن خوبصورت ڇوڪريءَ جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي سگهي. سورنهن سالن تائين سڄو وقت سِنگهون ۾ گويا پيو ڳاڙيندو هوس، پر جوانيءَ ۾ مون صنف نازڪ کي ڦاسائڻ جي فن ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. ڪاليج ۾ هڪ خوبصورت ۽ معذور ڇوڪري ڪنهن کي لفٽ ئي نه ڏيندي هئي. مون کي ڏسندي هئي ته منهن ئي ڇبو ڪري ڇڏيندي هئي. هڪ ڏينهن مون وجهه وٺي هن جي پرسان لنگهندي فقرو هنيو ”چنڊ ته رات جو نڪرندو آهي، اڄ ڏينهن جو ڪيئن نڪتو آهي؟“ ۽ هن به ڦهڪائي ڏنو ”الو ته رات جو ٻوليندا آهن، اڄ ڏينهن جو ڪيئن ٿا ٻولن؟“

ککو وکو ٿي، مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو. هن جون به چار ساهيڙيون ٺهه ٺهه ڪري کلنديون رهيون. شرمساريءَ کان چار پنج ڏينهن ڪاليج ئي نه ويس. پر ڪرٽي خدا جي ائين ٿي، جو ڪاليج جي اينڊڙ ٽن سالن اندر ئي ان ڇوڪريءَ مون کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ ڪتان ڪتان نه چئه چواءُ ڪرائي. هاڻي هوءَ ٽن ٻارن جي ماءُ آهي ۽ پنهنجي مڙس کان طلاق وٺڻ کان پوءِ ٿي. وي، سيرليس ۾ ماءُ ۽ چاچيءَ جا مختصر رول ڪندي آهي. ڳالهين ڳالهين ۾ اهي آسن پاسن وارا ايپيسوڊ اچي ويا آهن. جيڪي منهنجي زندگيءَ جي سوين سائيڊ لائينس مان هڪ اڌ آهن.

ائين ٻاروتڻ جي يادگيرين جي ٺهه خانن ۾ ڪيئي خزانا پوريل آهن. جيڪي شايد آتم ڪٿا لکڻ وقت نڪري نروار ٿين، هن تحرير ۾ رڳو انهن مان ڪي سونا روپا سڪا ڪيڍي ڪڙڪائي رهيو آهيان.

بابا جي پير تراب علي شاهه سان ڏاڍي ڪچهري هلندي هئي. هڪ ڏينهن پير سائينءَ جي اوطاق تي بابا مون کي به وٺي هليو ته اتي هڪ ڳوناٽو ٻروچ اچي پير سائينءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا پير پڪڙي عرض ڪرڻ لڳو "پير، مان ڏاڍي ڏڇي ۾ آهيان. ڪو شاهينگ روز رات جو منهنجي واڙي مان ڪڏهن ٻڪري، ڪڏهن ڪڪڙ ته ڪڏهن چوزا چورايو ٿو وڃي. اهڙو ڪو تعويذ لکي ڏينم، جو واڙي تي ٻڌان ۽ ان چور جي ڪا تنگ ٻانهن پچي." پير سائين ڪلي چيس، "ابا، تعويذ ته ڏيان ٿو پر تون به خبرداريءَ لاءِ ڪو ڪتو ٻتو ڪٺي پال. مال جي به سنڀال پيو لهندو ڪر ته چور ڇڪار به پري هوندو." ته ٻروچ هٿ ٻڌي چيس، "پير، جڏهن اسان جو تون وينو آهين ته ڪهڙا ويهي ڪتا ڏاريون؟ اسان جو پير به تون ته ڪتو به تون."

اوطاق ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. پير سائين پاڻ به کِلڻ لڳو ۽ کِلندي چيائينس، "ٻروچ لک لعنت هجيئي. نڪر هتان ٻاهر."

سنڌ جا اهڙا ڪيئي دلچسپ واقعا ياد اچي رهيا آهن، جن مان هڪ اڌ پيو به لکي ٿو ڇڏيان.

اسان جي ڳوٺ ۾ گلان ماچياٽي هوندي هئي. جيڪا رات جو اسر ڏيئي اٽي ڇنڊڻ تان مقاطيدارن ڪان مڇيون پلا وٺي، ٽوڪرو ڀري، اسان جي پاڙي ۾ گهر گهر اچي وڪڻندي هئي. پاٺيا پلي ۽ خيرپوري دارونءَ جا ڏاڍا شوقين هئا. بوتلن ۾ ڦودني جون ٽڪيون، ننڍا ڦوٽا ۽ صونف وجهي رکندا هئا. بابا به ڪٽ جي نسريءَ ۾ ڇُڪي ڇُڪي پري، اسان ٻارن کي مانيءَ کان اڳ پيئڻ لاءِ ڏيندو هئو ڪي زالون به صفن ۾ لڪي وڃي ڇُڪي چاڙهيندڙيون هيون. پنجن ڇهن سالن جي عمر کان ئي منهنجي پيٽ ۾ ديسي دارون پيل آهي ۽ مون کي اڄان تائين ان جي سرهاڻ ۽ چشڪو ياد آهي.

سو ڳالهه پئي هلي گلان ماچياٽيءَ جي، گلان گهر گهر مڇيون پلا پهچائي، صبح جو ئي واندي ٿي ويندي هئي ۽ هن جو مڙس ولو هن کي گاريون گند ڏيئي(ڪڏهن مار موچڙو به) روپيو به کسي، گنجي ۽ پٽا پٽي گوڏ ٻڌي، سڄو ڏينهن پيو ڳوٺ جي بزار ۾ رلندو هئو يا سومر حجم جي دڪان تي وينو هوندو هئو يا وري سيٺ ڏالو مل جي ڪوهه جي پر واري ٿلهي تي وينو بيڙيون ڇڪيندو ۽ ايندڙ ويندڙ زائفائون ۽ ڇورا پيو تڪيندو هئو. رات جو به دير تائين پنهنجن يارن دوستن سان وينو يٽ شٽ ڪندو هو. گلان رات جو در وٽ ويهي وڏي واڪي سڏ ڪندي هئس. "مٺا ولو ڪرڙو اٿيئي ته اچي ڪر. نه ته مان وڃي ٿي سمهانءِ"! (لفظ ٻيو هوندو هئو جيڪو جيم سان شروع ٿيندو هئو) ولو ڪکو وکو ٿي اٿي وڃي در جو ڪڙو چاڙهيندو هئو.

الاءِ ڪهڙي مصلحت هيٺ، پنجن سالن جي عمر ۾، بابا منهنجو طهر ڪرايو ۽ مان طهر مان هندو، يعني ثبوتي طور مسلمان لڳڻ ڪري پاڪستان ۾ به بنا خوف خطري گهمي ڦري سگهندو آهيان. جتي مان ورهاڱي کان پوءِ به ڇهه ڀيرا وڃي چڪو آهيان. مان سمجهان ٿو ته بابا اهو تمام سياڻپ جو ڪم ڪيو هو جو زندگيءَ ۾ اڳتي هلي مون عورتن جي صحبت ۾ بيحد لطف ماڻيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي پيءُ کي پنهنجي خانداني زمينداري ماحول کان سخت نفرت هئي. هو ٻنهيءَ وقت ٻه ٻنين تي وڃڻ کان لهرائيندو هو ۽ هارين تي پورو ڀروسو ڪندو هو ان ڪري ڪمدار قادر بخش جو من ڏاڍو وڌي ويو. هو اسان جي اشراف ۽ ايماندار هارين سان مچون وٺي، مالڪ کان ٻه وڌيڪ سيٺ سان هلندو هو. هڪ رات بابا ڀائي ڪيول جي ٽڪاڻي تان ڀڳت ٻڌي موٽيو ته دم ڪشيءَ جو سخت حملو ٿيس ۽ اڌ ڪلاڪ ۾ ئي دم ڏنائين. ان وقت هن جي عمر ٻياسي سال هئي.

هاڻي ڪمدار قادر بخش ئي اڳي ڪاري جو مالڪ هو.

اها سال 1943ع جي ڳالهه آهي ۽ اسين بابا جي گور ڪٽي لاهور، امرتسر، دهلي، ديرادون وغيره کان ٿيندا هردوار هن جي ڪريا ڪرم لاءِ آياسين. مون کي ان سڄي سفر جي ڇٽي يادگيري آهي.

منهنجو والد ديوان چيلا رام بيحد ذهين، پڙهيل ڳڙهيل ۽ قابل شخص هو. انگريزي ۽ پرشين ادب جو گهرو مطالعو هوس ۽ هن مون کي شيخ سعديءَ جو گلستان، بوستان وغيره واتي ويٺي ياد ڪرايو هو. مون ديوان غالب جي پنڊت ليو رام جوش ملسيانيءَ جي لکيل شرح، پهريون ڀيرو دادا وٽ ڏٺي هئي. فنڪار عبدالرحمان چغتائيءَ جو باتصوير مرقعءِ غالب، جنهن جي ان وقت قيمت هڪ تولو سون هئي، اهو به دادا وٽ هو جيڪو ورهاڱي وقت هيٺ مٽي تي ويو. گهڻا سال پوءِ سائين هري دلگير قرب ڪري آديپور ۾ مرقعءِ غالب مون کي تحفي طور ڏنو جيڪو مون پنهنجي تجوڙيءَ ۾ سنڀالي رکيو آهي.

پنهنجي والد جي اسرار تي مان شام جو مسجد جي آخوند وٽ اردو ۽ فارسي پڙهڻ ويندو هوس. ان ڪري منهنجي بنيادي تعليم سنڌي ۽ اردوءَ ۾ گڏ گڏ ٿي آهي. پنهنجي والد جهڙي انگريزي به مون ٿورن عالمن کي لکندي ڏٺي هوندي.

جيئن مون مٿي چيو آهي، دادا کي زمينداري وغيره ۾ ڪابه دلچسپي نه هئي، ساڳيءَ طرح هن جي شادي ڪري گهر گرهسٽ وسائڻ ۾ به ڪا دلچسپي نه هئي، پر پوءِ بابا جي تمام گهڻي زور بار ۽ پنهنجين چئن ڀڃين، شامل، موتل، وجهل ۽ ڇيجل جي ايلازن تي هن ڇٽيهن سالن جي عمر ۾ شاديءَ لاءِ نيٺ هاڪار ڪئي.

راڻيپور جي رهواسڻ، منهنجي پيءُ جي اڌ عمر جيتري منهنجي ماءُ، معمولي صورت شڪل ۽ هڪ بيحد ئي غريب گهر جي ڇوڪري هئي. هوءَ رڳو پنهنجو نالو لکي سگهندي هئي. هو پاڻ ۾ ايڪيهه ڀائر ڀينر هئا، پر ڀاڀيءَ (اسين ماءُ کي ڀاڀي چوندا آهيون جي شاديءَ وقت رڳو ڏهه، ٻارنهن جيئرا هئا. جن مان اڄ رڳو پنجاسي سالن کان به مٿي منهنجي ماءُ ئي حيات آهي. دادا ڀاڀيءَ کي شاديءَ کان اڳ ڏسڻ ته ڇا، هن جو نالو به نه پڇيو هئو ۽ شاديءَ واري ڏينهن راڻيپور پهچي، چپ چاپ شاديءَ جون رسمون پوريون ڪري، هن کي ڪنڌياري وٺي آيو. ايڏو وڏو حويلي نما گهر، سون پٽ، مال ملڪيت، نوڪر چاڪر وغيره ڏسي، منهنجي ماءُ جون اکيون چرخ ٿي ويون هيون، پر هن جلد ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجيدگيءَ سان بنا ڪا لڪا پوڻ جي سڀ ڪجهه سنياليي ورتو ۽ پنهنجي ڪسمپرسيءَ واري گذريل ماحول کي لنوائي ڇڏيو. اڻ پڙهيل هوندي به هوءَ بيحد سمجهو ۽ سياڻي زال هئي ۽ سيني کي پنهنجو ڪري ورتائين. ٻن سالن کان پوءِ پهريئن پٽ (منهنجي) ڄمڻ تي ته سڀ مٿس ٻلهار وڃڻ لڳا. ڏهن ٻارنهن سالن اندر اسين پنج ٻار (ٽي ڀائر ۽ ٻه ڀينر) هڪ ٻئي مٿان پيدا ٿياسين.

ذهني ۽ جذباتي سطح تي، ڪنهن به قسم جو جوڙ ۽ موافقت نه هئڻ جي باوجود، منهنجي دادا، ڀاڀيءَ سان بيحد آبرودار ورتاءُ ڪيو ۽ ڪڏهن به هن جي گهرو معاملن ۾ ڪا مداخلت نه ڪئي ۽ هوءَ اڇي ڪاري جي مالڪياڻي هوندي هئي. موٽ ۾ هن به دادا جو مانُ مٿاهون رکيو.

ورهاڱي کان ٻه سال اڳ، دادا نوابشاهه ۾ سٽي مئجسٽريٽ جي عهدي تي بدلي ٿي آيو ۽ هن ناراڻ شيام جي والد صاحب ديوان گوڪلداس ناگواڻيءَ کان چارج اچي ورتي. هڪ ايماندار ۽ پستئي منصف طور هن جي شهر ۾ تمام گهڻي عزت ۽ مان مرتبو هو. هتي دادا جي مئجسٽريٽيءَ دوران (جنهن کي ڳوٺاڻا ماجريٽ صاحب چوندا هئا) پيش آيل هڪ دلچسپ واقعو به لکندو هلان.

دادا جي ڪورٽ ۾ ڪنهن معمولي چوريءَ جو ڪيس آيو هو. اها چوري ريل پار وسيل سدا سهاڳڻين جي بستيءَ مان ٿي هئي. پوليس شاهديءَ ۾ انهن مان هڪ ڪسبياڻيءَ کي به ڪورٽ ۾ پيش ڪيو. مائي تيز ترار هئي. ڪٽهڙيءَ ۾ بيٺي ته سرڪاري وڪيل پڇيس:

"تنهنجو نالو؟"

مائي چيو. "فلاڻي."

وڪيل وري پڇيس، "تنهنجي پيءُ جو نالو؟" مائي منجهي پيئي. وڪيل وري دڙڪو ڏنس:

"رن پنهنجي پيءُ جو نالو ٻڌاءِ نه؟" مائي وري واٽڙن وانگر هيڏي هوڏي نهارڻ لڳي ۽ ڪو جواب نه ڏيئي سگهي.

دادا نرميءَ سان چيس: "مائي اجايو ڪورٽ جو وقت نه وڃاءِ. ڪٿي ڪنهن اشراف ماڻهوءَ جو نالو ڪڍ."

پوءِ مائيءَ اُمالڪ وراڻيو. "ماجريٽ صاحب. هن وقت ته تون ئي مٿي اشرافن واري ڪرسيءَ تي ويٺو آهين. چئين ته ڪٿي تنهنجوئي نالو کڻان."

سڄيءَ ڪورٽ ۾ ماٺار ڇانئجي ويئي ۽ دادا ڪيس بند ڪري، هفتي کن لاءِ موڪل تي ڳوٺ هليو ويو. ڪاڪي تلوڪ چند پنهنجي شام واري اخبار ۾ شدمد سان اها خبر سرخين ۾ شايع ڪئي. ڪٽر ڪانگريسي هئڻ ڪري، هو سرڪاري ملازمن جو سخت مخالف هو. جيتوڻيڪ ذاتي سطح تي دادا جو احترام به ڪندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نون سالن جي عمر ۾ مان نوابشاهه جي ولس هاءِ اسڪول ۾، جنهن جو نالو نوابشاهه جي انگريز ڪليڪٽر مسٽر ولس جي نالي پويان رکيو ويو هو، پهرئين انگريزيءَ ۾ داخل ٿيس. منهنجي صحيح ۽ بنيادي تعليم، خاص ڪري انگريزيءَ جي تعليم Education اتان ئي شروع ٿي. باوجود ان حقيقت جي ته ولس هاءِ اسڪول ڪانگريسي ڪارڪنن جو اهم اڏو هئو. اسڪول جو هيڊ ماسٽر سرگواسي آسنداس هيمراجاڻي چاتل سچاتل ڪانگريسي هئو ۽ گهڻا ٽڻا ماسٽر، روچيرام ٿاواڻي، آسن داس ڀجلاڻي، گل آسناڻي، ديو ناٿاڻي، تيڪمداس ڀاٽيه، شوو رامناڻي، ڀڳوان ابچنداڻي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي (جيڪو ان وقت تائين اجان مارڪسوادي نه ٿيو هو ۽ ڪٽر ڪانگريسي هو) منهنجا ماسٽر هئا. ڪجهه وقت لاءِ نارائڻ شيام به اتي پرشن ٽيچر ٿي آيو پر اها چوٿين انگريزي (هتان جو اٺون) ڪان پوءِ پڙهائي ويندي هئي. نارائڻ شيام ۽ پرسرام ضياءَ ڪي مان موني بزار جي پوسٽ آفيس ۾ شام جو شاعرن جي ميڙاڪي ۾، پنهنجا پنهنجا شعر پڙهندي ٻڌندو هوس، جيڪي ان وقت منهنجي سمجهه ۾ نه ايندا هئا. پوسٽ ماسٽر سليم ڳاڙهوي به ڪڙڪيدار آواز ۾ پنهنجا غزل پڙهندو هئو. ان محفل ۾ هڪ مسخري نما شاعر پنهنجي ترڪي ٽوپيءَ جو ڦندڻ لوڏائي مزاحيه غزل پڙهندو هئو جيڪي ٻڌي ٻيا سڀ ٽهڪ ڏيندا هئا ۽ نارائڻ شيام رڳو مرڪندو هئو.

منو آباد جي سنڌي اسڪول جي ڪن ماسترن کي ٽاپي جي ٽونڪر به هوندي هئي. انهن مان هڪ رانجهو مل به هو جنهن جو گنگوءَ نالي هڪ مفعول ڇوري سان صوفياڻي قسم جو عشق مشهور هو ۽ ان موضوع تي اهو ڦنڍڻي ٽوپيءَ وارو شاعر، هن قسم جا غزل سليم ڳاڙهويءَ جي محفل ۾ اچي پڙهندو هئو.

"محمود چا ڏٺو هو شيدي اياز ۾
جيڪي ڏٺو آ رانجهوءَ گنگوءَ جي غار ۾."

ان عمر ۾ مون کي نه محمود جي نالي جي ڄاڻ هئي ۽ نه شيدي اياز جي ۽ نه ئي مون کي گنگوءَ جي غار جو مطلب سمجهه ۾ ايندو هو، پر مون کي اها شاعري وڻندي ضرور هئي. خاص ڪري پوسٽ ماسٽر سليم ڳاڙهويءَ جو شعر پڙهڻ جو لهجو مون کي ياد اچي ٿو ته هڪ شام شيخ اياز به فليٽ هيٽ پائي، ڪوپئلي جي انجڻ وانگر نڪ مان سگريٽ جا دونهان ڪيندو، ان محفل ۾ آيو هئو ۽ دادا وٽان اردو شاعريءَ جا ڪي ڪتاب اُڌارا وٺي ويو. گوبند مالهي به ان وقت شاعري ڪندو هو ۽ 'ڪٽر شيطان' نالي سان شعر لکندو هو. هڪ ڀيري نارائڻ شيام سان گڏ اتي آيو هئو.

ولس هاءِ اسڪول جا اڪثر ماستر منهنجين بدمعاشين کان دکي ٿي ڏٽيءَ در دعا گهرندا هئا: اي ڏٽي يا هن ڇوري کي پاڻ وٽ گهراءِ يا اسان کي ڪٽي وٺ"! مون کي خوف رڳو ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کان لڳندو هئو جيڪو پنهنجي ڏيل ڏول ۽ وڏن گهاٽن وارن سان مون کي هڪ جناتي قسم جو ماڻهو لڳندو هئو پر هو ڇهن مهينن اندر ئي اسڪول ڇڏي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي هليو ويو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اتان ايندو هئو تہ وڏا جهنڊا هٿ ۾ ڪڻي، انگريز سرڪار خلاف نڪتل جلوسن جي اڳواڻي ڪندو هو ۽ سرڪاري آفيسن مٿان گاسليٽ جا پيپا هاري، رات جو باهيون ڏيئي پڇي ويندو هو. شايد ڪنهن ڇوڪريءَ سان لڪي لڪي عشق بہ ڪندو هئو پر هن ڪي بہ رومانوي ڳالهين بدران روسي انقلاب جون ڳالهيون ٻڌائي، ويچاريءَ جو مٿو وڃائيندو هئو.

اسان جو هڪ ٻيو اديب دوست، جيڪو اڄڪلهہ هتي دهليءَ ۾ آهي، اهو بہ اهڙا انقلابي قسم جا ننڍا وڏا ڪارناما ڪندو رهندو هئو ۽ هن جو پاءُ ۽ پيٽوبو اڇي دادا کي ايلاز ڪندا هئا تہ چوري کي تنبيهہ ڪري، جيل ۽ پوليس جي ڦٽڪن کان ڇڏائي اچي. ڪيترا پيرا تہ رات جو دادا پنهنجي ماني اڌ ۾ ڇڏي، هن کي جيل مان ڪڍائي، سندس ٻانهن اچي هن جي ماٽن جي حوالي ڪندو هئو. منهنجي پيءُ ماءُ کي هن جي ڪٽنب سان ان ڪري بہ لڳاءُ هو جو هن جي وڏي ياجائيءَ مون کي پنهنجي سڳي پٽ جيان ڪري پاليو ۽ پيار ڪيو. هوءَ روز مون کي خس خس جو سيرو ناهي کارائيندي هئي. منهنجو اهو دوست ڪنهن غلط فهميءَ ڪري اڄ ڪلهہ مون تي گهڻو ڏمريل آهي ۽ مون کي خوار ڪرڻ جو ڪوبہ وجهہ هٿان نٿو وڃائي.

سرڳواسي شوو رامناڻي اسان جو ميوزڪ ٽيچر هو جيڪو اسان کان ٻيوس، دلگير ۽ دڪايل جا، وطن پرستيءَ وارا گيت ڳارائيندو هو. اڄ سياستدانن اسان جي وطن پرستي نہ رڳو بدلائي ڇڏي آهي، پر تقاضا ٿا ڪن تہ پنهنجي جنم ڀوميءَ سان دشمني ئي اسان جي وطن پرستيءَ جو جواز آهي. قومن جون قسمتون ائين ئي ڦٽنديون آهن. بهرالحال..!!!

تن ڏينهن يو. پيءَ جو ڪو ڀئيو اسڪول ۾ ڊانس ماسٽر ٿي آيو جيڪو لسڙاڻ ڇوڪرن کي، لکنوءَ جي نواب واجد علي شاهہ جي طرز جو نچڻ سيکاريندو هو. هو ڊانس تہ سٺي سيکاريندو هو پر ٿوري ئي غلط پير ڪڍڻ تي ڇوڪرن جا زور سان ڳٽا پٽيندو هئو. مان تنهن وقت منهن ڪونرائي ڪري ڳٽا پٽايان هان تہ اڄ شايد لڇو مهراج جي برابريءَ جو ناچو هجان هان.

نوابشاهہ ادبي، ثقافتي ۽ سياسي سرگرمين جو وڏو مرڪز هوندو هو. ادبي محفلن کان سواءِ 'دڪيڪ سهايڪ سڀا' جهڙيون ناٽڪ منڊليون پڻ هيون، جتي ناٽڪ ۽ سنگيت جا باقاعده پروگرام پڻ ٿيندا هئا. ان منڊليءَ جا روح روان پرسرام ضيا، پمن داس پينٽر، ليکراج بوٽن وارو رام هنگوراڻي، ماستر وينل داس، صديق شيدي ۽ اسان جي ڳوٺ ڊيڙي جو سريلي آواز وارو نوجوان يار محمد هئو. جيڪو پرسرام ضيا جي لکيل راڳن جون باجي تي دلفريب ڌنون تيار ڪندو هئو. ناٽڪ گهڻو آغا حشر ڪشميري، منشي خنجر ۽ راڌي شيام ڪٿاواچڪ جي اڙدو ناٽڪن تان ترجمو ڪيل هوندا هئا، جن ۾ رڳو ڪردارن جا نالا بدلائي سنڌي رکيا ويندا هئا. هڪ ناٽڪ ۾ پمنداس پينٽر جي پٽ جو رول مون بہ ڪيو هو. جنهن جا ڪي ڊائلاگ مون کي اڄ بہ ياد

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. زالن جا پارٽ غريب آباد جي سکن جا لسڙاٽ ڇوڪرا ڪندا هئا. جن جي ڇاتين تي ناريلن جا کوپا ٻڌي ڍڏندا هئا ۽ ساڙهين مٿان اگهٽ.

شهر ۾ سياسي سرگرميون زور شور تي هيون. انگريزن پير سائين پاڳاري جي ڦاسيءَ کان پوءِ، حرن کي حراست ۾ ورتو هو. نوابشاهه کان ٻه ميل کن پري، ٻچيريءَ پرسان، حرن جو ڪُليل جيل قائم ڪيو ويو هو جنهن کي حرن جو لوڙهو چوندا هئا. ڪين صبح جو ائين ٻجي لوڙهي مان آزاد ڪندا هئا ۽ شام جو پنجين ٻجي هر ڪنهن جي حاضري وٺي، وري کين لوڙهي ۾ بند ڪري ڇڏيندا هئا. لوڙهي ٻاهران چوويهه ڪلاڪ پوليس وارن جو پهرو هوندو هو. هو لوڙهي مان آزاد ٿي، زالين مردين ٻه ميل پنڌ ڪري، نوابشاهه جي ڇڪري بزار ۾ پنهنجو ڪونه ڪو وکر کڻي اچي وڪڻندا هئا. جنهن ۾ رڏل لاهوري گجرون، بوڙينڊا، لايون ۽ ٻيون ننڍيون وڏيون ڪاڏي پيتي جون شيون هونديون هيون. ائين روز روپيو ٻه ڪمائي، هو لوڙهي ڏانهن موٽي ويندا هئا.

الائي ڇو هن معصوم قوم کي قاتل، رهزن ۽ رساگير ڪري ڪوٺيو ٿو وڃي. مون کي هو تمام اشراف، اٻوجهه ۽ نهٺا نظر ايندا هئا. اسڪول مان موٽندي مان ساڻن گڏ پٽ تي ويهي، ڇڱيءَ دير تائين ڪچهريون ڪندو هوس ۽ ڪائنس آني ٻي جي ڪانه ڪا شيءِ ضرور وٺندو هوس. هنن جون مايون ٻه مون کي ڏاڍو ياد پائينديون هيون ۽ بوڙينڊو ڪارائينديون هيون. منجهن رڳو هڪ خرابي اها هئي جو هو گاريون ڏاڍيون ڪڍندا هئا، پنهنجين زالن کي ٻه مادرزاد اگهاڙيون گاريون ڏيندا هئا، پر ڏاڍا پيارا ماڻهو هئا.

شهر ۾ سياسي سرگرميون وڌي رهيون هيون. ڪانگريسي ته زور هٽائي، جيڪي شام جو 'سيوا دل'، نالي سنستا هلائيندا هئا، ان 'سيوا دل' جا روح روان روچيرام ٿانواڻي، ڀڳوان آبيچنداڻي، هري ميرواڻي، هرڪش هنگوراڻي ۽ هن جي ڀيڻ ڪرشنا هنگوراڻي ۽ ٻاءُ جشن، ٻه پائر جيوت ۽ قيمت، امر لال، پريم ابچنداڻي وغيره هئا. 'سيوا دل' ۾ ڪي قوم پرست مسلمان ڇوڪرا پڻ شامل هئا. جيڪي خواجه صاحب واري لوڪل بورڊ اسڪول ۾ پڙهندا هئا. ٻئي طرف 'راسٽريه سويم سيوڪ سنگهه' (RSS) 'هندو مها سڀا' جي سرپرستيءَ هيٺ، شاخ هلائيندو هو جن ۾ هندوپڻي جو زوردار پرچار ڪيو ويندو هو. ناگپور مان آيل ڪي مرهٽا ليڊر انهن شاخن ۾ يلغاري تقريرون ڪندا هئا ۽ ڊرامائي انداز ۾ سيوا جي ۽ مهاراڻا پرتاب جون جيوٽيون ٻڌائيندا هئا. سنگهه ۽ دل وارن جون پاڻ ۾ ننڍيون وڏيون ڪوئنسون پيون ٿينديون هيون. خاص ڪري جڏهن سنگهه جا 'سويم سيوڪ دل' وارن کي دلا ڪري سڏيندا هئا. ٻئي طرف حيدر بخش جتوئي جي قائم ڪيل هاري حقدار تحريڪ جا جلوس پڻ نڪرندا هئا، جن جي اڳواڻي نوابشاهه جو مشهور ڊاڪٽر هاسارام راوتاڻي ۽ ان جي گهر واري مٽنا ڪندا هئا. مان سمجهان ٿو ته حشو ڪيولراماڻيءَ جي صحبت ۾ ڪميونسٽ ٿيڻ کان پوءِ، ڪيرت ٻاٻاڻي به ان ۾ حصو وٺندو هئو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ئي دؤر ۾ مسلم ليگ پوري زور شور سان ايرڻ لڳي ۽ 'دل ۽ سنگهہ' جي طرز تي ان پارٽيءَ نيشنل گارڊس جي هڪ جنگجو قسم جي جماعت برپا ڪئي، جنهن جو سربراهہ هڪ خوفناڪ قسم جو پهلوان خدو ڪاسائي هئو جنهن جي ڇهري تي چاقن جا پوائنٽا نشان هوندا هئا. هو دل وارن سان تہ نهي هلندو هئو پر سنگهہ جي ڪارڪنن سان ڪؤنس ڪندو رهندو هئو پر مولوي بخش پڙهي وارو پنهي وچ ۾ ناهہ ڪرائي ڇڏيندو هئو.

مسلن ۽ ڪافرن جي نظرياتي ڇڪتاڻ جي باوجود. شهر جون حالتون ورهاڱي تائين پرامن رهيون. ورهاڱي کان ڪجهہ وقت اڳ ئي پنجاب ۽ بنگال ۾ قتل عام شروع ٿي ويو هو پر سنڌي مسلمان پاڙن جو هندن سان ورتاءُ قربائتو ۽ پنهنجائپءَ وارو رهيو. انهن ئي ڏينهن ۾ مسعود نالي هڪ پنجابي نوابشاهہ جو ڪليڪٽر ٿي آيو. هو سخت تعصبي ۽ وير وٺو قسم جو شخص هو پر هن جي بيگم سيڪيولر سوچ واري ڪانگريسي خيالن جي عورت هئي. چون ٿا تہ اڳتي هلي هو گهٽو بدلجي ويو ۽ مسعود کدر پوش سڏيو ويو.

پر ورهاڱي وقت هن جي اندر ۾ دوزخ جي باهہ پڙڪيل هئي ۽ هر هندو هن جي مذهبي جنون جو نشانو ۽ اک جو ڪنڊو هئو. هن منهنجي والد تي ڪوڙو الزام لڳايو تہ هن (دادا) ڪنڊ جي بليڪ ڪندڙ هڪ هندو واپاريءَ خلاف درج ٿيل ڪيس خارج ڪري، هڪ ڏوهاري کي هندو هئڻ ڪري ڇڏي ڏنو آهي. (تن ڏينهن سٽي ڪورٽون بہ ڪليڪٽريءَ ماتحت هونديون هيون) دادا کي سسپيند ڪري، هن تي ڪوڙو ڪيس هلايو ويو ۽ اسين خوف ۽ هراس ۾ جي رهيا هئاسين. نوابشاهہ جي مشهور وڪيل هرداس مل، دادا جو مفت ۾ ڪيس ڪنيو ۽ اسين پوليس جي پهري هيٺ پنهنجي گهر ۾ ذري گهٽ نظر بند هئاسين.

مسٽر مسعود جي خوف سبب. نوابشاهہ مان هندن ۽ سکن جي لڏ پلاڻ شروع ٿي چڪي هئي ۽ هنن پنهنجا چڪري ۽ موني بزار جا دوڪان ۽ پنهنجن گهرن جو سامان پڳڙن جي اگهہ تي وڪڻڻ شروع ڪري ڇڏيو. ان وقت آچاريہ ڪرپالاڻي، هن جي زال سچيتا ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي جهڙا ڪانگريسي ليڊر، لوڪل بورڊ باغ ۾ عوامي جلسا ڪري، هندن کي لڏ پلاڻ کان روڪڻ جون صلاحون ڏيڻ لڳا. پر سيٺ هوتچند جي حويليءَ ۾ شام جو نجي گڏجاڻين ۾ هنن کي لڏڻ لاءِ آماده ڪرڻ لڳا. ڀهروپ جي ان مثال جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان.

مون کي اهو خوني ڏينهن چٽيءَ طرح ياد آهي، جڏهن غريب آباد جي لهاڻن سکن جا پنجاهہ سٺ گهر نوابشاهہ اسٽيشن تان راجا جي گاڏيءَ ۾ جوڌپور لاءِ روانا ٿي رهيا هئا. مسعود کي پنهنجن خابرن ذريعي اها خبر ملي چڪي هئي. روانگيءَ واري ان صبح جو هن ترين جي شيدي ڊرائيور سان سچو سٽل ڪري، اسٽيشن کان ميل کن جي مفاصلي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ني، کهاڙيون تکيون ڪيل قاتلن جو هڪ ٽولو وٺي ۽ بوتن پويان لڪائي بيهاريو هئو. اشارو ملندي ئي ترين بيهاري ويئي ۽ سيني سکن کي ٻارين ٻچين گاڏيءَ مان لاهرائي، ڪليڪٽر مسٽر مسعود علي خان (کدرپوش) پنهنجي سامهون ڳيا ڳيا ڪرايو. رت جي نهر نوابشاهه جي گاجرا واهه تائين وهندي ويئي. ظلم جو اهو داستان اڄ تاريخ جي پنن ۾ پورجي چڪو آهي ۽ اهي پنا پرزا پرزا ٿي هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي چڪا آهن.

تاريخ ڏاڍي سفاڪ آهي. سنڌ مان آيل جيئي سنڌ تحريڪ جي هڪ جوشيلي جوان ٽيونجاهه سالن کان پوءِ هتي دهلي ۾ ڪوناپل هڪ سيمينار ۾ مون کي چيو. "ادا، اسان جو توهان سان وچن آهي ته اسين انهن پنجابين کان توهان جي ان خون ناحق جو پلاند وٺنداسين.

چيومانس، پٽ، چنگيزن ۽ هلاڪن کان ڪنهن پلاند ورتو آهي؟ جنهن ظالم هڪ سو ويهه حسين تاتاري ڪنيزن کي قتل ڪري، پاڻ سان گڏ دفن ڪرڻ جي وصيت ڪئي. انهن تاتاري حسينائن جون آهون به چنگيز جهڙي جابر کان پلاند نه وٺي سگهيون ته هر دؤر ۾ ڌارين جا موچڙا کائڻ واري سنڌي قوم ڪنهن کان کهڙا ويهي پلاند وٺندي؟"

سکن جي ان وحشي خونريزيءَ کان پوءِ هندن ۾ هراس تهائين وڌي ويو. ڪيترن سنڌي مسلمان ڀائرن پڻ مسعود مٿان لعنتون وڌيون پر مذهبي ديوانگيءَ هيٺ هو چٽو ٿي چڪو هئو.

انهن ئي ڏينهن ۾ هندوستان مان ٽڙجي آيل مهاجرن جي هڪ وڏي لوڏ نوابشاهه به اچي پهتي. جن رنين آهرين پانن جي ٽڪن سان سڄي شهر کي ڳاڙهو ۽ غليظ ڪري ڇڏيو. جلد ئي هنن هندن جا ڇڏيل شهر جا سڀ دوڪان ۽ جايون پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڪوڙن ڪليمن سان هڙپ ڪري ورتيون. مٿان سندن مهاجر آقا لياقت علي خان، وزيراعظم پاڪستان هڪ قانون جاري ڪيو ته هندن جون ڇڏيل سڀ جائدادون رڳو مهگاجرن (جن کي اسين پناهه گير چوندا هئاسين) کي ئي ڏنيون وينديون ۽ مڪاني مسلمانن کي ڪجهه به خريد يا حاصل ڪرڻ جو حق نه رهندو. مان سمجهان ٿو ته دنيا جي ڪنهن به قانون سازيءَ ۾ اهڙي قسم جو جڙتو ۽ بناوٽي قانون بحال نه ٿيو هوندو.

مهاجرن مڪڙن جيان اچي اڌ شهر ۽ سيني مڪانن ۽ دوڪانن تي قبضو ڪري ورتو. اسان کي نه سندن ٻولي سمجهه ۾ ايندي هئي ۽ نه سندن ثقافت. هڪ عجيب قسم جي مخلوق لڳندي هئي. منهنجو والد نوڪريءَ مان معطل ٿي، نظربندي واري زندگي گذاري رهيو هئو. اسڪول بند ٿي چڪا هئا. مان به ٽيون انگريزي پاس ڪري چوٿين جو سرٽيفڪيٽ وٺي چڪو هوس. اسين ٻار ڊپ کان ٻاهر نه نڪرندا هئاسين. گهر جو سڄو سامان سڙو ۽ پاڇي پيتي، اسان جو پراڻو وفادار ملازم امير بخش (جنهن کي سڀ اميرو سڏيندا هئا) وٺي ايندو هو ۽ مهاجرن جي دوڪانن تان سندن ٻولي نه سمجهي سگهڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري هڪ جي ٻي شيءِ پيو وٺي ايندو هئو ۽ پاپيءَ جون ڇڙٻون پيو کائيندو هئو. هتي هڪ دلچسپ واقعو بيان ڪندو هلان.

امروها جي هڪ مهاجر، جنهن ڪوڙا ڪليم پري، موني بزار جي هڪ وڏي جڳهه الاٽ ڪرائي ورتي هئي. سيٺ آسودي مل ڪان چڪري بزار جو مال سان ڏٽيل دوڪان رڳو ٻن هزارن ۾ خريد ڪيو. امير بخش هر ٻئي ٽئين ڏينهن وٽس ڪجهه نه ڪجهه وٺڻ پيو ويندو هئو ۽ پاڻ ۾ چڱي ڏيٺ ويٺ ٿي ويئي هئن. هڪ ڏينهن اميرو ڳوٺان آيل پنهنجي ٻارنهن تيرنهن سالن جي پٽ کي به ان مهاجر جي دڪان تي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. ڇوڪر کي ڏسي ان مهاجر پڇيس: ”امير بخش، يي تيرا لونڊا هئہ؟“ اميروءَ جي اکين ۾ رت لهي آيو ۽ وٺندي ئي مهاجر کي ڳچيءَ کان جهلي ڪٽي پٽ تي دسيائين ۽ مٿس ٺونشن جو وسڪارو ڪري ڏنائين. مهاجر رتو رت، حواس باخته ٿي مار به کائيندو رهيو ۽ پڇندو به رهيو: ”امير بخش ڪيا هوئا، مين ني ڪيا ڪيا هئي؟“ دوڪان جي هڪ ٻن نوڪرن، جيئن تيئن ڪري مهاجر کي ڇڏايو. پوليس ڪيس ٿي ويو. دادا صوبيدار کي چئہ چواءُ ڪرائي، ڪيس لئہ مٽي ڪرائي ڇڏيو ۽ اميروءَ کي ڪجهه ڏينهن لاءِ ڳوٺ موڪلي ڏنو. ائين جو هي اردو ڳالهائيندڙ هر نندي ڇوڪري کي، ويندي پنهنجي پٽ کي به لونڊو ڪري ڪوٺيندا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ لونڊو هڪ بدفعل ڇُتون ڇوري کي چئبو آهي.

30 جنوري 1948ع تي صبح جو مهاتما گانڌيءَ جي قتل جي خبر آئي ۽ سيني کي حيرت لڳي، جو مسعود سڄي شهر جا دوڪان ۽ سڀ آفيسون بند ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ۽ ڪليڪٽريءَ مٿان پاڪستان جو جهنڊو اڌ هيٺ لاٿو ويو. شايد هن اهو پنهنجي ڪانگريسي خيالن جي بيگم جي چوڻ تي ڪيو يا ٿي سگهي ٿو ڪيس خود به ڏڪ رسيو هجي.

قائداعظم پڻ ريڊيو تي پريل گلي سان افسوس جو اظهار ڪري رهيو هئو. دادا اجان نوڪريءَ تان لٿل هو ۽ نظربنديءَ هيٺ هو پر اها نظربندي سرڪاريءَ ڪان وڌيڪ پنهنجي طرفان هئي. اسان جو ڪمدار قادر بخش ڳوٺان به شينهن مڙس وٺي آيو هو جيڪي اسان جي گهر ٻاهران لڪل نموني ويٺا هوندا هئا ۽ ڪنهن مهاجر کي اسان جي گهر طرف اک کڻڻ جي مجال نه ٿيندي هئي. قادوءَ جي وفاداريءَ تي دادا جون اکيون پرجي اينديون هيون. سڄو ڏينهن گهر ۾ وينو دادا ڪتاب پڙهندو هئو ۽ سگريٽ مٿان سگريٽ ڦوڪيندو هئو. هو چين سموڪر هئو. 1965ع ۾ دهليءَ جي موتي باغ واري گهر ۾ پوين پساهن وقت به هن جي وات ۾ اڌ وسيل سگريٽ هو.

مسعود کي شايد ڪو اندر جو ٻجو لڳو ۽ هن ڪيس خارج ڪري دادا کي ٻي ڏوهي قرار ڏيئي، باعزت District Treasury Officer جو عهدو ڏنو. جيڪو ان وقت ڪنهن هندوءَ کي ڏيڻ وڏي وشواس جي ڳالهہ هئي، پر شرط وڌائين تہ جيسين پاڻ نوابشاهہ جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪليڪٽر رهندو تيسين دادا نہ ملڪ ڇڏيندو ۽ نہ موڪل تي ويندو. هن اهو بہ نہ مڃيو تہ دادا ڪراچيءَ تائين وڃي ٻارن کي Ship ۾ چاڙهي، هندوستان ڏانهن اُماڻي اچي.
هڪ اڌ رات جو ڇهين بجي ڌاري دادا اسان کي ننڊ مان اوچتو اچي اُٿاريو ۽ چيائين تہ چپ چاپ جلدي تيار ٿيو. ٻاپي اڳ ۾ ئي تيار ٿي، ٿورو گهڻو سامان ٻڌي رکيو هئو. اسين پاڻ ۾ پنج ٻائر ڀينر هئاسين ۽ وڏي ۾ وڏو مان ٻارنهن سالن جو هوس ۽ منهنجو سڀ کان ننڍو ڀاءُ ٽن سالن جو هئو. هو زور زور سان روئڻ لڳو تہ ٻاپيءَ هڪدم هن جي وات تي هٿ رکيو.
ٻاهر دادا جي گهري دوست لالي شيخ جي موٽر بيٺي هئي ۽ ڊرائيور سان گڏ ڪمدار قادر بخش ويٺو هو. بہ ٽي بئگون ۽ ڪجهہ زيور ۽ نقدي ڪٽي ٻاپي پريل اڪين سان اچي، ڇئن ٻارن سان موٽر جي پوئين سيٽ تي ويٺي. مان قادوءَ سان اڳين سيٽ تي وينس. دادا منهن ٻئي پاسي ڪري سگريٽ دکايو.
شام ڌاري موٽر ڪراچي اچي پهتي ۽ اسان کي بندر روڊ تي سوامي نارائڻ مندر ٻاهران، جتي لڏيندڙ هندن جي ڪئمپ لڳل هئي، ڇڏي موٽي ويئي. قادر بخش بہ اسان سان لٿو ۽ تيسين اسان سان گڏ رهيو جيسين اسان ڪياماڙيءَ تان پاڻيءَ جي جهاز ۾ چڙهي، هندوستان ڏانهن روانا نہ ٿياسين. اهو 8 مارچ 1948ع جو شو راتريءَ جو ڏينهن هئو.
ٻارنهن سون جي گنجائش واري جل درگا جهاز ۾ ردين ٻڪرين جيان سٽيل ٽي هزار اسان هندستان ڪيئن پهتاسين، ٻک اڄ ۾ هر ڪو ڪٽي ڪٽي پتڪيو. ٻن سالن بعد اسان واري پيءُ هندستان ۾ اسان کي ڪيئن ڳولهي لڌو. اهو ڏکهو ۽ دل ڏاريندڙ داستان مان پنهنجي وهي ڪاتي جي پوءِ جي پنن ۾ درج ڪندس.
ڪراچيءَ جي انهن ڏينهن جي قيام دوران هڪ ڏينهن مون کنهن اخبار نويس جي واتان، سنڌ جي وڏي وزير سر غلام حسين هدايت الله ۽ محمد ايوب کهڙي وچ ۾ ٿيل گفتگو ٻڌي، جنهن ۾ سر غلام حسين، کهڙي صاحب کي چئي رهيو هئو:
"اڙي کهڙا، تو تہ چيو هئو تہ مان هندن جي زالن کي مٽي تي ڏڌ جون چاڏيون ڪٽائي ۽ رون ۾ روٽيون ٻڌائي، پنهنجي مڙسن لاءِ ٻنين تي ڪٽي ويندو ڏسندس، پر تنهنجا هي هندو تہ انهن زمينن، جائدادن ۽ مال ملڪيتن مٿان 'مُتي' هليا ويئي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻيو پنو

ڪراچي ۾ رهندڙ اسان جا مٽ مائٽ 6 جنوري 1948ع وارن فسادن کان پوءِ گهڻو تڻو لڏي چڪا هئا. مان ۽ قادر بخش، سوامي نارائڻ مندر واري ڪئمپ ۾ روز شام جو پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن مائٽ جي ڳولها ۾ نڪرندا هئاسين ۽ پوءِ مائٽن جي هر گهر ۾ لڳل قلف يا ڪو رهيل مهاجر ڪٽنب ڏسي موٽي ايندا هئاسين.

اسان کي ڪئمپ ۾ فراسين، وڇائڻ جيتري جڳهه مليل هئي. جتي اسان جو رڌڻ پچائڻ، اٿڻ ۽ ويهڻ، سمهڻ جاڳڻ سڀ ڪجهه پيو ٿيندو هو. حاجت وغيره لاءِ به ڪلاڪ قطار ۾ بيهڻو پوندو هو. قادو رات جو بندر روڊ جي فٽ پاٿ تي وڃي سمهندو هو ۽ صبح جو سويل ڪتان ڪوٺلا وٺي ايندو هو ۽ ميونسپالٽي جي نل تان پاڻي جي پکال ڀري آڻيندو هو. مان ۽ منهنجو چڙن ساٿي جو ننڍو ڀاءُ هاسو صبح جو سويل ٿي، بمبئي ويندڙ پاڻيءَ جي جهاز جون مفت ملندڙ ٽڪيٽن جي قطار ۾ وڃي بيهندا هئاسين. جتان پئداگير قسم جي لچن لوئين ماڻهن جا ڌڪ بجا کائي، مايوس ٿي موٽي ايندا هئاسين. قادر بخش کي قطار ۾ بيهڻ جي اجازت نه هئي، نه ته ٽڪيٽون هٿ ڪرڻ مسئلو ئي نه هجي ها. جنوري وارن فسادن کان پوءِ هندن ۾ حراس پيدا ٿي ويو هو ۽ ڪنهن آيل گهل جيان منجهن اجائي ڀاڄ اچي پئي هئي.

مان سمجهان ٿو ته ڪراچيءَ جي جنوريءَ وارن فسادن کي وٺي تمام گهڻي غون غون مچائي ويئي. انهن دنگن ۾، ڪن مهاجر خرمست فسادين طرفان هندن جو مالي نقصان ته چڱو ٿي ٿيو هوندو، پر جاني نقصان ڪو گهڻو نه ٿيو. هڪ اندازي موجب ڪل ملائي ڇهه جانيون ورتيون ويون. حالانڪ ڪن اخبارن قتل جو تعداد پنجاهه سٺ ڄاڻايو هو جيڪو صحيح نه هو. ان جي برعڪس پنجاب ۽ بينگال ۾ ٿن لکن کان به وڌيڪ انسان ڪُسجي ويا. ڪراچيءَ جي هندن جي ڪيترن سنڌي مسلمان پاڙن سام جهلي، ڪين پنهنجن گهرن ۾ حفاظت سان رهايو ۽ وڳوڙين کي ٻاهران ئي پچائي ڪڍيو. اڄ به اهي ڪٽنب هتي انهن محافظن جا ٿورا مڃيندا آهن ۽ ورائي ورائي ان واردات جو تقرير ۽ تحرير ۾ ذڪر ڪندا آهن. بهرالحال سڄي سنڌ جي هندن ۾ حراس ڦهلجي چڪو هئو. نوابشاهه جي سنڌي سکن جي قتل وارو واقعو فرقيوارانه فساد نه، پر هڪ وير وٺو شخص جو ذاتي بدلي لاءِ جنوني فيصلو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوامي نارائڻ ڪئمپ ۾ روزانو لڏيندڙن جون اٺ گاڏيون پرجي ايندڀون هيون ۽ ڏينهون ڏينهن ٿڪيتن جي درين ٻاهران ماڻهن جون قطاريون وڌنديون وينديون هيون. اسين ٻيئي ڀائر روز نراس ٿي هتئين خالي موٽي ايندا هئاسين ۽ شام جو ٽرام ۾ چڙهي، رنڇوڙ لائين کان ڪياماڙيءَ تائين پيا چڪر ڏيندا هئاسين. قادو ميونسپالٽيءَ جي ڪنهن نل تان ڪپڙا ڌوئي ايندو هو. مان قادوءَ کي ايلاز ڪندو هوس ته پنهنجو نالو بدلائي اسان سان گڏ هندستان هليو هلي.

ان وچ ۾ هڪ ڏينهن پاڪستان ۾ مقرر ٿيل هندستان جو پهريون سفير شري پرڪاسا، سوامي نارائڻ مندر ڪئمپ جو معائنو ڪرڻ آيو. (ان وقت هندستان اجان آئيني طور ڀارت نه ٿيو هو.) مسٽر پرڪاسا، جواهر لعل نهروءَ جو وڏو وشواسي ۽ ان سان گڏوگڏ قائد اعظم جناح جو به ويجهو دوست هو. (هن جناح تي هڪ جاذب ڪتاب به لکيو آهي.) ماڻهن جي پيهه وچان جيئن تيئن نڪري مون وٽي هن جو هٿ جهليو ۽ رتيل طوطي جيان هن کي ٽٽل ڦٽل هندي اردوءَ ۾ پنهنجو سڄو احوال ٻڌايو. هو قد و قامت ۾ ته قوي هيڪل هو پر هڪ رحمدل شخص پڻ هو. هن مون کي پاڻ سان گڏ ڪئمپ ڪمانڊنٽ. هن وقت ڀوپال ۾ رهندڙ چئلينج اخبار جو ايڊيٽر ۽ مالڪ لڇمڻ داس ڪيسواڻي آهي، جيڪو اجان تائين ڀوپال ۾ ٻڌرا ڳڙهه مان مسلمان ڇوڪرن هٿان ڀڄايل سنڌي هندو ڇوڪريون هٿ ڪري، سندن مائٽن کي موٽائي آڻي ڏيندو آهي. هن جي اڳوڻي ساٿاري سرڳواسي سوجهرومل، جنهن کي ڀوپال جا سنڌي ’ندورو مل‘ ڪري سڏيندا هئا ۽ اخبارن ۾ هن جو فوٽو ابتو ڪري ڇاپيندا هئا. اهڙين مفرور ڇوڪرين لاءِ (ڪنهن خاص مقصد سان) دارالامان پڻ قائم ڪيو هو.

ڀوپال جي نوابن جي سريتن جو ناجائز اولاد، هينئر به اتان جي مسلم سماج ۾ حقارت جي نظر سان ڏٺو ٿو وڃي ۽ جسم فروشيءَ جو شڪار بڻجي، ذلت ڀري زندگي گذاري رهيو آهي ۽ ڪيتريون ئي معصوم عورتون، جسم فروشي تي مجبور ڪيون ويون آهن. انهن عورتن جا ويجها مائٽ ڇوڪرا، پنهنجين سوٽين ماساتين جي دلالي ڪري رهيا آهن. جسم فروشي جي انهيءَ ڌنڌي ۾ غريب طبقي جي هندو ڇوڪرين ۾ سنڌي ڇوڪريون پڻ شامل آهن. جن کي ڀڄائي، ڪين زوري مسلمان بنائي، پنهنجي امت ۾ شامل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن. لکنوءَ جي نوابن جي اولاد جو حال بهرالحال مختلف آهي. هو پڙهي ڳڙهي ڪجهه ڪري سگهڻ جي قابل ٿيا آهن. اهڙا ذاتي انبوهه ۽ آزمودا ڪتي اڳتي هلي بيان ڪندس.

ڪمانڊنٽ، سفير جي سامهون مون کي ٻئي ڏينهن سويل ئي پنهنجي آفيس ۾ اچڻ لاءِ چيو. ٻي صبح جو ئي مان ۽ منهنجو ڀاءُ هن جي آفيس ٻاهران وڃي بيناسين. هو اڌڪلاڪ کان پوءِ پهتو ۽ اسان کي اندر گهرائي چيائين، ”بمبئي ويندڙ اڪبر جهاز ته چئن ڏينهن کان پوءِ ويٺو آهي، پر سڀاڻي ننڍو ’جل درگا‘ جهاز اوکا بندر لاءِ روانو ٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو آهي. اوهين درگا جهاز ۾ ويهڻ لاءِ تيار هجو ته هينئر ئي ٽڪيون ڏيانوَ.“ مون هڪدم ها ڪئي. هن مون کان سيني گهر ڀاتين جا نالا ۽ عمريون وغيره پڇي، هڪ ڪاغذ تي نوٽ ڪيون ۽ ميز جي خاني مان ٽڪيٽن جو بنڊل ڪڍي، اسان کي ۾ ٽڪيٽون ڏنيون (ٻارنهن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن لاءِ جدا ٽڪيٽ جي ضرورت نه هئي) ٽڪيٽون وٺي خوش ٿيندي ٻاپيءَ کي آڻي ڏنم. ڪمانڊنٽ ٻاران ڪئمپ ۾ اوکا بندر ويندڙ جهاز بابت پڙهو ڏياريو ويو.

’جل درگا‘ ٻئي ڏينهن (9 مارچ) صبح جو ڏهين بجي روانو ٿيڻو هو اسان کي هدايت موجب ڪياماڙي بندر تي ستين تائين پهچي وڃڻو هو. ڪمانڊنٽ اهي به هدايتون ڏنيون ته ڪياماڙيءَ تي ڪسٽم وارا اوهان کي رڳو به چار وڳا، ڪجهه باسڻ برتڻ ۽ ٽن ڏينهن جو کاڌو کڻي وڃڻ ڏيندا. سون، زيور ۽ نقدي يا ٻيو قيمتي سامان لڪائي، پنهنجي جوکم تي ئي کڻي وڃڻو پوندو. بچي ويا ته توهان جا ڀاڳ ۽ جي جهلجي پيا ته به توهان جا نصيب، پر اتي ڏنو پٽ ڇتي جو وارو اصول پڻ هلندڙ آهي.

ٿورو گهڻو سفر جو سامان پيڪ ڪرائي، ٻاپيءَ قادر بخش کي پئسا ڏيئي، بازار مان پٽاتا ۽ بيسڻ وٺي اچڻ لاءِ چيو. مون سڄو ڏينهن قادوءَ سان گڏجي گذاريو ۽ سڄيءَ ڪراچيءَ جي چرخ شماري ڪئي. هڪ ترام مان لهي ٻيءَ ۾ چڙهندي، ڪياماڙيءَ جا چڪر ڏئي، واءُ سواءُ لهي، ڪچڙي شام ڌاري بيسن ۽ پٽاٽن جو لفافو ڀرائي ڪئمپ ۾ آياسين. ٽن ڏينهن سنڌ ۾ ڪنڊ جي چگي نافت هئي ۽ ائين ڪلئي عام دوڪانن تي نه ملندي هئي، پر اسان ڪنهن نموني اها به پاءُ ڪن رنڇوڙ لائين جي پوليس وارن کان هٿ ڪري آياسين. ٻاپي ڏاڍي خوش هئي. ٻارن کي پاسن کان چادر جو پڙدو لڳائڻ لاءِ چيائين ۽ ان جي چوڌاري اسان سيني کي گهيرو ڪري ويهڻ لاءِ چيائين.

ان رات ٻاپيءَ اوندهه ٿيڻ کان پوءِ، سگري ٻاري ماني رڌڻ شروع ڪئي. اسان کي ماني کارائي، ننڍين ٻارن کي سمهاري ڇڏڻ کان پوءِ، هن جهاز ۾ کڻي هلڻ لاءِ ٽن ڇئن ڏينهن جو کاڌو رڌڻ شروع ڪيو. ڪجهه نقدي ۽ زيورن کان سواءِ، اسان وٽ چاليهه پنجاهه نوڙهي بادشاهه جون سونيون گنيون به هيون. هن اهي پيٽيءَ مان سنڀالي ڪڍيون ۽ گول گول ڪٽيل پٽاٽن سان گڏ هڪ هڪ ڪري پڪوڙن لاءِ پنڙي ڪيل بيسڻ ۾ وڌيون. پهرين ڪجهه پوريون ترپائين ۽ پوءِ گول پٽاٽن ۾ گنين جا پڪوڙا ترپائين. اسان ٻن ٽفن باڪسن ۾ هڪ ٽين جي دٻي ۾ پوريون، پڪوڙا، آچار سفر جي چوڳي لاءِ هلڪو سلڪو سامان ۽ ڳڙ جا ڳنڍا وغيره ائين رل مل ڪري رکيا، جو خود اسان کان به وسري ويو ته ڪهڙن ٽفن باڪسن ۾ گنين جا پڪوڙا آهن ۽ ڪهڙن ۾ پٽاٽن جا. منهنجي اڻ پڙهيل ماءُ جو اهڙو عقلائتو عمل ڪيترن ئي سياڻن تي ڀاري هو.

اها سڄي رات ٻاپيءَ اکين ئي اکين ۾ گذاري. صبح جو ڇهين بجي ڌاري قادر بخش ۽ مان وڪٽوريا گاڏي وٺي آياسين ۽ ان ۾ سوار ٿي ڪياماڙيءَ پهتاسين، جتي ’جل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درگا' اڳ ۾ ئي لنگر انداز هو. دڪي تي هشام ماڻهن جا هئا. جيڪي زالين مردين ٻارين ٻچين قطارن ۾ سامان جهليو بيٺا هئا. جيڪي گهڻو تڻو روهڙي، سکر ۽ ڳڙهي ياسين جي پاسي جا هئا ۽ رنين آهرين چڱا جاننا ۽ ڏوڪيباز تي لڳا. اڳتي هلي جاڻ پيئي ته ٻارنهن سون جي گنجائش واري جل درگا جهاز لاءِ ٻه هزار تڪيٽون ورهايون ويون هيون ۽ هزار کن ماڻهو بندر جي عملدارن کي دش ڪش ڏيئي، بنا ٽڪيٽ اڳ ۾ ئي وڃي جهاز ۾ جڳهيون والاري ويٺا هئا.

دڪي تي ڪسٽم وارا. جيڪي گهڻو تڻو پنجابي يا مجاهر هئا ۽ مرڪزي حڪومتن جا ملازم هئڻ ڪري، متاسنا ۾ هندوستان مان ڪراچيءَ جي بندر تي آيل هئا (سنڌي سرڪاري مسلمان ملازم ته اجان پٽيوالي تائين مس پهتا هئا) جيڪي هڪ هڪ جو سامان بيدرديءَ سان کولي رهيا هئا. منجهائن ڪنهن جي هٿن ۾ ته ڪليل چاقو به هئا. جن سان بند ڳوٽين کي چيري سامان جاچي رهيا هئا. ڪنڌ پاسي انهن جا دلال هڪيا تڪيا بيٺا هئا. جيڪي لڏيندڙن کان ريهه پيهه ڪري وڏيون رقمون چڏائي، چڪاس ڪرڻ وارن کي ڪنڌ لوڏ سان هاڪاري ۽ ناڪاري اشارا ڪري رهيا هئا. هاڪاري اشارو ملڻ تي هو چاڪ سان هر داگيني تي نشان ڪري رهيا هئا ۽ مزدور به موقعي جو فائدو وٺي، ماڻهن کان وڏيون رقمون طلبي، نشان ٽيل سامان ڪرين ۾ رکي رهيا هئا.

چور نگاهن سان هيڏانهن هوڏانهن نهاري، نظرون بچائي، مون پٽ تي پيل هڪ اڌڙ چاڪ کڻي کيسي ۾ لڪائي چڏيو. اسان جو سامان اجان چڱو پوئتي هئو ۽ مان ميسٽي منهن سان اچي پنهنجي سامان وٽ بيٺس. مانيءَ جا ٻه ٽفن باڪس منهنجي ڏهن سالن جي ننڍي ڀيڻ ايشوءَ ۽ اٺن سالن جي ڀاءُ هاسي جي هٿن ۾ هئا. دبو قادر بخش جهليو بيٺو هو. ڀاڀي منهن پڪائي ڪري بيٺي هئي. چڪاس ڪندڙن جي ريڙهه پيڙهه ڪري قطار آهستي آهستي پري وڃي چڪي هئي.

اوچتو هڪ ڪسٽم آفيسر، هڪ ڏٽي مٽي ساڪرو واڻئي کي ڳتڙ کان ڪٽي جهليو. چوڌاري ڪجهه پوليس وارا ۽ ٻيا ماڻهو به گڏ ٿي ويا. ساڪروءَ جي پيٽيءَ مان هڪ دونالي بندوق، ڪجهه ڪارتوس ۽ ٻه وڏا چاقو نڪتا. پوليس هن کي پنهنجي حراست ۾ ورتو ۽ کيس ٻنهي ٻانهن کان جهلي بيٺا. هن جي سونن ڏندن واري گهر واري رڙيون واڪا ڪندي، اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. هوءَ پنهنجي ڳچيءَ جو هار ۽ ٻانهن جا سونا چوڙا لاهي، پوليس وارن کي آڇيندي، ايلاز ڪرڻ لڳي ته هي سڀ ڪٺو پر منهنجي مڙس کي چڏيو. پر ساڪرو واڻيو پهاڙ جيان اڏول بيٺو هو. هن جي چهري تي ڪي به ڊپ ڊاءُ جا آثار نه هئا. هن پاڻ چڏائڻ جي به ڪا ڪوشش نه ڪئي. ٽي چار پوليس وارا ۽ هڪ به ڪسٽم عملدار هن کي ٻانهن ۽ ڳچيءَ کان جهلي گهلي وٺي وڃڻ لڳا. مائي سندن پويان پويان پٽڪو ڪندي، ساوتريءَ جيان، ستيه وان جي ڪال جي ڪڍ لڳي ويئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان افراتفريءَ ۾ مون وجهه ورتي. ڪيسي ۾ لڪائي رکيل چاڪ جو ٽوٽو ڪڍيو ۽ سيني پيٽين تي چاڪ جا اهڙا ئي نشان ڪيم جهڙا ڪسٽم وارا ڪري رهيا هئا. قادو ٽڪڙو ٽڪڙو سامان قطار کان ٻاهر ڪڍيو ۽ دڪي جي هڪ مزور کي ڏهين جو نوٽ پڪڙائي سامان ڪرين جي ٿهليل جاريءَ ۾ ڪٽي رکايو. پوءِ جلد ئي جهاز جي ڏاڪڻ جي مهڙ وٽ بيٺل ٽڪيٽ چيڪر جيڪو ٽئي جي پٽ جهڙو ڪارو ڪرستان هو ۽ موتيءَ جهڙن اڇن ڏندن سان مرڪي، هر ڪنهن کي مٺي موڪلي رهيو هو. انهيءَ جا اکين ئي اکين ۾ احسان مڃي، اسين جهاز جي ڊيڪ تي آياسين. گنين جا پڪوڙا ته سلامت پهچي ويا. پر اسان اڃان پاڪستان جي پاڻيءَ مٿان هئاسين.

اوچتو مون کي قادر بخش جو خيال آيو. قادو اسان جو وفادار ملازم ئي نه هو پر اسان جي گهر جو ڀاتي به هو. بابا (ڏاڏو) هن کي ٻارنهن سالن جي عمر ۾ ڊيڙي کان ڪنڊياري منتقل ٿيڻ وقت پاڻ سان وٺي آيو هو ۽ هن وقت هو پنجاهه جي پيٽي مان نڪري چڪو هو. آءٌ ڪيترا ڀيرا قادوءَ جي ٽانگيءَ ۾ هن سان گڏ سندس ڳوٺ ويجي چڪو هوس ۽ هن جي گهر واري چٽي، مون کي مکڻ مکيل گرم گرم ٻاجهريءَ جو ڍوڍو ۽ مُستيءَ جو شربت پياريندي هئي ۽ وڃڻ وقت پيرن، ٻيرن ۽ گيدوڙن جا وٽا ڀري ڏيندي هئي.

مون جهاز تان هيٺ لهي قادوءَ سان گڏجڻ تي ضد ڪيو. ڀاڀي مون کي ٻانهن کان جهلي بيهي رهي. جهاز ۾ پنهنجي ۽ ٻين ڀاتين جي اٿڻ ويهڻ لاءِ جاءِ هٿ ڪرڻي هئي ۽ مسافر ڊيڪ جو هر ڪنڊ پاسو هڙپ ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ ڪا ڪنڊ ڳولهي، اسان به فراسي وڇائي ۽ چٽني پاسن کان هٿن ۾ جهليل سامان رکي، وچ تي سڌا ٿي ليٽي پياسين. محفوظ جڳهه هٿ ڪري مان جهاز جي ڏاڪڻ تي آيس. ٽڪيٽ چيڪر کي عرض ڪيم ته مون کي ڏهن منٽن لاءِ ٻاهر وڃڻ ڏئي. هو مرڪندڙ چهري وارو اشراف شخص هئو. قادوءَ کي سامهون بيٺل ڏسي، هو سڄي ڳالهه سمجهي ويو. چيائين، "جلدي اچجانءِ، جهاز اڌ ڪلاڪ ۾ هلندو. پهرئين گهگهوءَ تائين پهچي ويجانءِ."

مان هيٺ اچي قادوءَ کي چنبڙي پيس. هن جون ڇُنجهيون اکيون به ڀرجي آيون. چيومانس: "قادو، جلد ئي نوابشاهه مان دادا کي وٺي تون به هن سان گڏ هندوستان هليو اچجانءِ". چيائين: "ننڍا ديوان مان به هليو آيس ته هتي توهان جون امانتون ڪير سنڀاليندو؟ هي لُڏڙيا جو اچي پهتا آهن. سڀ ڦري کائي ويندا. سائين به هندستان ڇا اچي ڪندو؟ الله ڪندو ٻن چئن مهينن ۾ توهان به موٽي ايندا."

مان قادوءَ سان گڏ تيسين بيٺو رهيس، جيسين جهاز جو پهريون گهگهو نه وڳو. ڀريل دل سان مون قادوءَ کان موڪلائيو. هن مون کي پنهنجي هٿ ۾ جهليل هڪ پراڻي ڳوٿري ڏني، جنهن ۾ به قنڌاري ڏاڙهون پيل هئا. جيڪي شايد هن اتي ئي ڪنهن گهورڙئي کان ورتا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪڙو تڪڙو جهاز جون ڏاڪڻيون چڙهي آيس. سامان جي ڪرين اگ ئي ڪٽي ڇڏي هئائون ۽ ٻئي گهگهوءَ ڪان پوءِ ڏاڪڻ به ڪٽي ڇڏين ها. ياپيءَ ياٿرن ۽ پينرن مون کي ڏسي سامت جو ساهه ڪنيو. ڏهين پندرهين منٽن کان پوءِ پويون گهگهو وڳو ۽ آگبوٽ آهستي آهستي چرڻ شروع ڪيو. ڊيڪ تي بيٺو مان پنهنجي وطن ڪان وڇڙڻ جو نظارو ڏسندو رهيس. سامهون قادو اچان بيٺو هو. جيڪو ان وقت منهنجي ٻارنهن سالن جي ڪچڙي ذهن ۾ منهنجي وطن جي علامت هو.

پنهنجي مٽيءَ کان ڏار ٿيڻ جو درد ڇا ٿيندو آهي، مون کي ان وقت اهڙو احساس نه ٿي سگهيو پراج سالن ڪان پوءِ هي سٽون لکندي سوچي رهيو آهيان. ته مون کي سنڌ ان ڪري ڇڏڻي پيئي، جو مان اتفاقن هڪ اهڙي ڌارئي ڌرم جو فرد هوس، جنهن لاءِ سنڌ کان جدا ٿي وڃڻ کان پوءِ ان جي ڌرتي تي قائم ٿيندڙ مملڪت خداداد جي، 'نظام مصطفيٰ' ۾ ان لاءِ جوڳي جاءِ نه هئي.

پنهنجي ئي جنم ڀوميءَ تي اسان پنهنجي لاءِ اهڙي جاءِ جوڙي نه سگهياسين، جو عارضي طور آيل طوفان کي منهن ڏيئي، اسين اتي ٽائينڪا ٿي ويهون ها. ته ڪوبه ڏاريو اسان کي پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌڪي نڌڪو نه ڪري سگهي ها. منهنجي هندو هئڻ يا مسلمان هئڻ سان ڪوبه فرق نه پوي ها. مان هندو ان ڪري آهيان جو ڪنڊياري جي هڪ هندو ڪٽنب ۾ پيدا ٿيس، جي روهڙيءَ جي خان بهادر قاضي عبدالغنيءَ جي گهر ۾ جنم وٺان ها ته مسلمان هجان ها ۽ امر جليل جو ياءُ هجان ها. پوءِ شايد ساڌ ٻيلي سامهون، سنڌوءَ جي لهر تي اُيران ها. دهلي جي جمنا ۾ ڪا لهر ته ڇا ڪنهن ڦوٽي جيان به اُيري نه سگهيو آهيان.

'جل درگا' جي ڊيڪ تي بيٺي، مان ڪراچيءَ کي اکين کان اوجهل ٿيندي ڏسي رهيو هوس ۽ هر پل پنهنجي ملڪ جي مٽيءِ کان پري ٿيندو پئي ويس. آهستي آهستي سڀ ڪجهه ننڍو ٿيندو پئي ويو. ڪراچي جو ٻيٽ ننڍو ٿيندو پئي ويو ان تي هلندڙ چلندڙ ماڻهو ننڍا ٿيندا پئي ويا، پر حقيقت ۾ هئي ته اسين جلا وطن ٿيو ننڍا ٿيندا پئي واسين. ان وقت منهنجي اسم تسخير جيتري مجرد ذهن ۾ ڪجهه به چٽو نه هو ته اسين ڪٿان اچي رهيا آهيون ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيون.

هوريان هوريان جهاز رفتار پڪڙڻ لڳو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تان منهنجو ڌيان تڏهن ٽٽو. جڏهن ڪن مسافرن ماين ۽ مردن جي التين ۽ اوڪارن جا آواز اچي ڪنن سان ٽڪرايا. اسان جهاز ۾ جيئن تيئن ڪري اٿڻ ويهڻ جيتري جاءِ هٿ ڪري ورتي هئي. ٿوري دير وڇايل فراسيءَ تي ويهي مان 'جل درگا' جو معائنو ڪرڻ لاءِ هيٺ مٿي لوهه جي ڏاڪڻين تي لهه چڙهه ڪرڻ لڳس. جهاز ۾ گهڻو تڻو اتر سنڌ جا ڏتا متا ماڻهو هئا. مانجهند جي دربار جا ڪي سنت ۽ ساڻن گڏ ڪي ٻاوا ۽ ٺهليا به سفر ڪري رهيا هئا. اهو شوراتڙي جو ڏينهن هو. سنتن، ڪيرتن ۽ ڪلام ڳائڻ شروع ڪري ڇڏيا. ۽ ٻاون، ٺهلين ۽ ڏوڪڙين،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪڙ تي اٿو لڳايو. هڪ ٻن جامو پڳڙي ۽ چير ٻڌي، ڀڳت وجهڻ شروع ڪئي. هنن همٿ ڪري جهاز جي ٻهري ۾ پاڻ سان لڪائي آندل ڀنگ گهوٽڻ شروع ڪئي. ڀڳتن جي چيرين جي آوازن، ڀنگ گهوٽڻ وارن ڏنڊن جي مٿن تي ٻڌل گهنگهرن جي چمڪي، سنتن جي ڀڄنن، ڪلامن ۽ ڪين سر وتائيندڙ ٻولڙين جي ٻوڪن 'جل درگا' ۾ عجيب قسم جو وايو منڊل پيدا ڪري ڇڏيو. ڪيترا ٻار به پنهنجن هٿن ۾ گلاس جهليو اها ڀنگ ڳاڏڙ تاڏل وٺڻ لاءِ قطارن ۾ بيٺل هئا. ڀنگ، ڪن جي واڇن مان وهي رهي هئي، ڪي ڏيک تي اچي الٽيون ڪرڻ لڳا. مان به به تي گلاس ڏوگهي ويس. ٻاروتڻ ڪان جنهن جي پيٽ ۾ پلن جا پيتارا پيل ۽ خيرپوريءَ جون ستريون اوتيل هجن، ان تي بوٻڪن واري ڀنگ جي گهوٽيل ٻوٽين جو ڪهڙو اثر ٿيندو؟ چڙ ريتيءَ تي ريلو هو. شام ٿيڻ سان ئي ڪيترائي مرد ۽ ڪجهه زالون ڀنگ جي نشي ۾ الهوت هيڏانهن هوڏانهن ٿيڙ کائي رهيا هئا. ڪي گهيرتن ۾ هئا ته ڪي گهاٽي ننڊ ۾ پئجي ويا هئا.

(سنڌ ڇڏڻ کان اڳ ۾ ڪيترن ئي ڳوٺن جي واڻين، پنهنجين وڏور نياڻين جو ٻار لاهڻ لاءِ تڙ تڪڙ ۾ سنڌن چوڏنهن پندرهن سالن جي عمر ۾ ئي شاديون ڪرائي ڇڏيون هيون ۽ پڙهيل ڳڙهيل طبقي جي شهري هندن، پنهنجي گهر جي ڪنهن هڪ مرد سان سڀ جوان ڇوڪريون ريل رستي کوکرا پار کان جوڌپور، مارواڙ ۽ اجمير شريف موڪلي ڇڏيون هيون. ان جو تفصيلوار ذڪر پوپٽي هيرانندڻيءَ پنهنجي آتم ڪٿا 'منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا روق' ۾ ڪيو آهي ۽ ان آتم ڪٿا جي ٻي ايڊيشن جي مهاڳ ۾ مون پڻ پيرائتا وچور ڄاڻايا آهن.)

جهاز ۾ پندرنهن کان ويهن ورهين جي عمر وارين نين پرڻيل ڇوڪرين جو ڇڳو انگ هو جيڪي رون سان پنهنجا منهن ڍڪي وينيون هيون. هو پنهنجي سس سهرن کان وڌيڪ پنهنجن نابالغ ڇوڪرات مڙسن کان شرمائي رهيون هيون. جيڪي لوڏي ۽ نانگڻ جهڙين راندين ۾ رڌل هئا. سنڌن نو ورنيون رون مان اکڙي ڪيڏي دلچسپي سان سنڌن راند ڏسي رهيون هيون. ان وقت الائي ڇو مون کي پنهنجي ٻاڙي ۾ رهندڙ پرميشوري ياد آئي، جيڪا رڳو مون سان راند وقت رئي سان منهن ڍڪيندي هئي. اڄ ڪلهه هوءَ گواليار ۾ ڪنهن بيڪريءَ واري جي گهر واري آهي ۽ ٽن ٻارن جي ماءُ آهي.

سکر ضلعي جا اڪثر سنڌي گواليار ۾ وسيل آهن. جيڪب آباد، ڪنڌڪوٽ ۽ ڪشمور جا اڪثر اندور ۾ آباد آهن. ٻيئي شهر مهاراجائن جون رياستون هئا. سکر جي جي. بي. منگهارام جو بسڪوٽن جو ڪارخانو گڏيل هندستان ۾ پهريون انگريزي نموني ٺهندڙ بسڪوٽن جو ڪارخانو هو. جيڪو ٽن ڀاڳيدارن، جيوترام، ٻالچند ۽ منگهارام گڏجي سکر ۾ لڳرايو هو. منگهارام شايد ورهاڱي کان اڳ ئي گذاري ويو باقي ٻن ڀاڱيدار ورهاڱي وقت، سکر جي ڇيئن ڇڳن مڙسن کي خرچ پکو ڏيئي، هندستان جي دوري تي موڪليو ته جيئن سڄو هندستان گهمي، واءُ سواءُ لهي، ڪو اهڙو شهر ڳولين،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي ڪارخانو لڳائڻ لاءِ موافق ماحول ۽ سازگار حالتون هجن. هو مهينو ڪن هندستان جا مشهور شهر گهمندا رهيا ۽ پوئين پڙاءَ تي گواليار جي مهاراجا سان مليا. مهاراجا کين پنهنجي رياست ۾ ڪارخانو لڳائڻ ۽ لاڳي ايندڙن ڪي وسائڻ لاءِ هر مالي ۽ زميني سهوليت ڏيڻ جي پڪ ڏني. چئني ڄڻن موٽي اچي سيٺ جيوترام ۽ ٻالچند کي مهاراجا جو نياپو پهچايو. نئين، پراڻي سکر ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي سيني واڻين کي گواليار لاڏي ملڻ جي صلاح ڏني ويئي. اڄ گواليار ۽ ان جي پر واري شهر ڏبڙي جو گهڻو تڻو واپار ساڪرن جي قبضي ۾ آهي، سواءِ سونارن جي، جيڪي جئپور، ممبئي ۽ ڪلڪتي طرف مليا ويا ۽ اڄ اتان جا وڏا جوئيلرس آهن. شڪارپوري تہ ذڪر هندستان جي وڏن شهرن، مدراس، بئنگلور، ميلم، ڪئمبٽور، وغيره ۾ اڳ ۾ ئي هيرن جواهرن جي وڏن واپارين ۽ بئنڪرس طور ڇانيل آهن.

اندور جي مهاراجا بہ سنڌين کي ڇڳو ورسايو ۽ اڄ اندور جي اناج ۽ ڪپڙي جو سڄو واپار گهڻو تڻو سنڌين جي هٿ ۾ آهي. ايڪهتر واريءَ جنگ کان پوءِ بہ اتر سنڌ مان لڏي آيل اٽڪل ٽي سؤ سنڌي ڪٽنب بہ اندور ۽ پوني ۾ اچي وسيا آهن. جيڪي ٿوري عرصي اندر ڪروڙ پتي بڻجي ويا آهن (لڏي آيلن مان ڪيترن قومپرست هندو جوانن کي، هندستان جي ڌرتي راس نہ آئي ۽ هو وري سنڌ موٽي ويا.)

اها هڪ روشن حقيقت آهي تہ هندستان ۾ لڏي آيل هندن لاءِ جيڪو شرناٿي لفظ استعمال ڪيو ويندو هو اهو ٻن چئن سالن جي مختصر وقت ۾ ئي هتان جي هر ٻوليءَ جي لغت مان ميسارجي ويو ۽ ان جي برعڪس پاڪستان ۾ پنجويهہ سالن کان پوءِ بہ 'مهاجر' لفظ نہ رڳو مروج آهي، پر خاص طرح سان سنڌ ۾ هڪ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مسئلو بڻيل آهي. پر هاڻي ڏسجي پيو تہ ڪنهن خاص حڪمت عمليءَ طور مهاجرن کي سنڌين لاءِ نرم گوشو پيدا ٿي پيو آهي.

جهاز ۾ سفر ڪندڙ اڪثر ساڪرو واڻيا هئا. جيڪي پنهنجي شودپائيءَ جي ڪري مشهور هئا. لوٽن ۽ ڪونڊن جي حساب سان پنگ پيي، هنن سڄو جهاز مٿي تي کڻي ڇڏيو هو. پڳت ۽ ٻاوا بہ جاما ۽ چيريون لاهي، پنگ کي اچي پِتا ۽ ٽفن باڪس ۽ ڪاڏي جون پوتريون کولي اچي ڪاڏي کي لڳا. ڊيڪ تي ڊڪون پائيندڙ ٻار خالي جڳهہ نہ هئڻ ڪري، ماٺهن مٿان پئي چڙهيا. گهيرٽ ڪائيندڙ پنگوڙي مرد، مايون، ٻار ٻچا، سڀ ڪاڏي کي جنبي ويا ۽ کين اهو خيال بہ نہ پئي آيو تہ وٽن رڳو ٽن چئن ڏينهن جي محدود خوراڪ آهي.

جل درگا ۾ بہ هوٽلوون هيون. هڪ گجراتي هندوءَ جي ۽ ٻي ڪاٺياواڙي ميمڻ جي. ميمڻ جي هوٽل جي دخل پرسان هڪ ڇيلو ۽ ٻہ رڍون ٻڌل هيون. جيڪي ضرورت وقت ذبح ڪرڻ لاءِ هيون. گجراتي هندوءَ جي هوٽل جي دخل تي ڏهہ ڪن برنيون رکيل هيون، جن ۾ گانٺيا، پاپڙيا، چيوڙو، مرملا، سگر، ڍوڪلا، مٺيون ۽ ڪريو وغيره رکيل هو. گجراتي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو سخت ويشنو ٿيندا آهن. اڄ ڏينهن تائين سڄي گجرات جي ڪنهن به هندو گهر جي رڌڻي ۾ گوشت نه رڌيو ويو آهي. باقي سندن نئين ٽهيءَ جا جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، گهر کان ٻاهر ته ڪچو گوشت به نه ڇڏيندا. خاص ڪري ’گوبي ناچ‘ وارين راتين ۾ جن راتين ۾ الائي ڪيتريون ڪنواريون ڏڪيون ٿينديون آهن ۽ ٻار ڪيرائڻ وارين ڊاڪٽرياڻين جي انهن نون ڏينهن جي جماع جي نتيجي ۾ ڪجهه مهينن کان پوءِ، اڌ سال جي آمدني ٿي ويندي آهي.

جهاز تي سوار هڪ پيداگير قسم جي شخص، پنهنجي پٽ کي پاڻلي ڏيندي چيو ”هوٽل واري کان وڃي ڪرمو وٺي اچ.“ (مني شيءِ کائڻ سان ڀنگ جو نشو ڪجهه گهٽجندو آهي.) ڇوڪرو موٽي آيو ۽ پيءُ کي اچي چيائين هوٽل وارو چوي ٿو ڇئين آني جي کجور نه ملندي. گهٽ ۾ گهٽ روپئي جي وٺ.“ اهو ٻڌي ڀنگوڙيءَ جون اکيون وڏيڪ ڳاڙهيون ٿي ويون. هوائين اٿي بيٺو ڇڻ شوَ مهراج پاڻ ڀنگ پي اچي منجهس وارو ڪيو هجي. همراهه ڇوڪر کي ٻانهن کان وٺي هوٽل واري وٽ آيو. پريندي ئي هن جي بوڇڻ ۾ هٿ وڌائين ۽ کجور جي برني کڻي هلڻ لڳو. گجراتيءَ واڪو واڪاڻ مچائي ڇڏي، هن جي نوڪرن اچي واڻئي کي ورتو. ٺونشي بازي شروع ٿي ويئي. واڻيئي جا به چار ڀنگوڙي همراهه به پهچي ويا ۽ شين سان ڀريل برنيون ڀڃي، ڪاڏي پيتي جي سامان جي ڦرلٽ شروع ڪري ڏنائون. برنين ۾ پيل شين کان سواءِ هوٽل ۾ رکيل اٽي جا دٻا، گيهه جا ڪنستر، پاڇيون، مصالحو تيون توا، ڇڪلا ويلڻ، ٻاسڻ برتڻ ۽ پيون ننڍيون وڏيون شيون يا پاڻ ساڻ کڻي آيا ۽ جيڪي شيون نه رکڻ جوڳيون هيون، تن کي سمنڊ ۾ اڇلائڻ لڳا. پهرين جهاز جا خلاصي ۽ ٻيو عملو ۽ پوءِ ڪپتان پاڻ پهچي ويو. لڳو اصلي فساد ته مون هينئر پئي ڏٺا. ٻيءَ هوٽل جي مالڪ ڪاٺياواڙي ميمڻ ته اڳ ۾ ئي وڃي ڪپتان جي ڪئبن ۾ پناهه ورتي هئي.

ڪپتان ۽ سندس عملي جيئن تيئن ڪري جهيڙو ٽاريو. گجراتي هندوءَ جي هوٽل پڙپانگ ٿي ويئي. مسلمان ميمڻ جي هوٽل وٽ ٻڌل ٻڪر ۽ رڏون ٻي ٻي ڪرڻ لڳا. هن به پنهنجي هوٽل بند ڪري ڇڏي.

رات ٿيڻ سان ئي جهاز جا مسافر هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيا پکڙيا ڪريا پيا هئا. ڪيتريون نو ورنيون هينئر منهن کولي، پنهنجن مڙسن کي پيڙون (زور) ڏيندي ڏيندي سندن پاسن کان ليٽي پيون هيون. جهاز پاڻيءَ تي لڏي لمي رهيو هو ۽ ڪيئي جوانڙيون ڪسڪي ڪسڪي پنهنجن پريتوانن جي پاڪرن جي پينگهن ۾ لڏي رهيون هيون. پڪيءَ عمر جا پوڙها ۽ پوڙهيون ڪرڙ وڏ عورتون ۽ سندس گوشت خور مڙسالا، اهڙي ماحول ۾ رومانوي بڻجي، موقعي جي تلاش ۾ هئا. اڌ ٻوٽيل، اڌ کليل اکين سان ڪنهن مرد ۽ عورت جي وچ ۾ مباشرت جو منظر مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ’جل درگا‘ جي پاسا پڇيندڙ ڪاٺ جي ڊيڪ تي ئي ڏٺو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ينگ جو نشو گاندو نشو آهي، جنهن جا اڳتي هلي مون کي عجيب غريب آزموده مليا. ريڊيو اسٽيشن تي ڏهہ ٻارنهن سال ڪن عارضي Casual اسڪرپٽ رائيٽر طور ڪم ڪندي، ٻہ چار ڀيرا هوليءَ ۾ شوَ راتڙيءَ جي ڏينهن تي، مان ۽ منهنجو شاعر دوست سرڳواسي هريڪانت (هن لاءِ لفظ سرڳواسي لکندي هٿ ڏڪي رهيو آهي.) ڀنگ جا چار گلاس چاڙهي، شام جو ريڊيو تي Live Broadcost ٻہ اچي ڪندا هئاسين. هريڪانت ڀنگ جو بيحد شوقين هو. انهن ٻن تهوارن تي 'ٽائيمس آف انڊيا'، جتي مان تن ڏينهين سب ايڊيٽر هوس، جا پريس ورڪر بلڊنگ جي هيٺئين ماڙي تي گهاٽيءَ ڀنگ جا ڊرم ڀري رکندا هئا ۽ انهن ڏينهن تي پورو (هريڪانت جو گهر جو نالو پورو هو ۽ مان هن کي ان ئي نالي سان سڏيندو هوس) مون وٽ ڏينهن جو ٻارهين بجي ئي پهچي ويندو هو ۽ شام تائين اسين ڀنگ جا چار پنج گلاس ڏوگهي لڏندا لمندا ريڊيو اسٽيشن تي ايندا هئاسين.

هڪ ڀيري ڀنگ جي نشي ۾ ڪامينٽري نشر ڪندي، وات مان ڪنهن ملڪ جي ظالم ۽ احسان فراموش ڊڪٽيٽر لاءِ لفظ 'گاندو' نڪري ويو. ٻئي ڏينهن ڏکڻ هندستان جي ليڊي ڊائريڪٽر مون کي سڏائي، مون کان انگريزيءَ ۾ 'گاندو' لفظ جو مطلب پڇيو. (هن کي هندي اردو نہ ايندي هئي) ان لفظ جو انگريزي نعم البدل ملڻ ناممڪن هو. ٻن ڏينهن کان پوءِ مون کي سخت وارننگ جو ليٽر مليو.

'جل درگا' جهاز ۾ ملهائجندڙ شوَ جو اهو ڏينهن ياد ڪندي، ساڳئي ئي تهوار تي ٿيل هڪ ٻيو بہ اڻ وسرندڙ واقعو ذهن تي تري آيو آهي، جيڪو ريڊيو اسٽيشن جي چئن پنجن اناؤنسر ڇوڪرين سان پيش آيو هو. منجهائن هڪ محترمہ ان شوَ راتڙيءَ ڏينهن ئي پنهنجي گهر ۾ پنهنجين ڪليگس جي دعوت ڪئي. انهيءَ دعوت جا خاص اسم ڀنگ جا پڪوڙا ۽ لڏون هئا. رات جو يارهين کن تائين نشي ۾ چور چئني ڄڻين ٻاهر پنهنجي گهرن ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ ئي ٽيڪسي ڪئي. هڪ محترمہ جو گهر اتفاق سان سدا سهاڳڻين جي بازار واري پاسي ۾ هو. سک ٽيڪسي ڊرائيور ماين کي ڏسندي ئي سڀ ڪجهہ سمجهي ويو ۽ کين سڌو وٺي آٽي جي. بي روڊ (دهليءَ جي هيرا منڊي) جي هڪ ڪوٺي تي لاٿائين، اتان اهي سڀ محترمائون ڪيئن بچي ۽ پڇي نڪتيون، اهي تفصيل لکت ۾ آڻي نٿا سگهجن.

ٻئي ڏينهن جڏهن ان ميزبان محترمہ مون کي ٿهہ ٿهہ ڪندي راتوڪو قصو ٻڌايو تہ مان ٻاترڄي ويس ۽ کيس جوهہ پائي ڏسندو ۽ ٻڌندو رهيس ۽ سوچيندو رهيس تہ اهي عورتون، جيڪي گهرن کي سرڳ بڻائيندڙيون هيون، هاڻي شايد سرڳواس ٿي ويون آهن.

اها ٻي ڳالهہ آهي تہ گهڻا سال پوءِ مون کي بہ ريڊيو اسٽيشن تان عشق بازيءَ جي الزام ۾ ٻن سالن لاءِ بليڪ لسٽ ڪيو ويو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اسٽيشن ڊائريڪٽر منهنجي گهر اچي مون کان اختياريءَ وارن جي ڀل بخشائي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’جل درگا‘ ۾ مسافرن کي ائين سٽيو ويو هو جيئن Cans ۾ ساردين مڇين کي پريو ويندو آهي.!! مشڪل سان پاسو ورائڻ جيتري جاءِ ملي هئي. دهلن ڊمالن جي شورغل ۾ رات جو الائي ڪهڙي مهل اک لڳي وئي. اڌ رات جو جاڳ تي ڏٺل ان خاص تماشي جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان. تماشو جنهن جو مان تماشائي نه هوس.

ٻئي صبح جو ڊيڪ تي سج جا ڪرڻا پوڻ تي جاڳ ٿي. ٻُهري ۾ حاجت لاءِ هٿن ۾ لوٽا جهليل مڙسالن ۾ ماين جون الڳ الڳ قطارون بيٺل هيون. پنهنجي واري لاءِ ڪي وڙهي جهڙي به رهيا هئا. عجيب ماحول هو. هيءَ ايڏي بي گهر مخلوق ڪٿان آئي آهي؟ ڪيڏانهن وڃي رهي آهي؟ ڇو وڃي رهي آهي؟ سڀ وائڙا وائڙا پئي لڳا.

جهاز ڪناري کان ڇگو پري هلي رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن پريان ٽبڪي جيان ڪا ٻيڙي ڏسڻ ۾ پئي آئي. ان وقت اجان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سامونڊي ۽ هوائي سرحدون مقرر ڪيون ويون هيون يا نه. ان ڪري خبر نه هئي ته اهي ٻيڙيون ۽ ٻتيلا پاڪستاني آهن. يا هندستاني؟ مارچ جي ٿڌي هوا، پاڻيءَ جي سطحن کي ڇهندي وڏيڪ ٿڌي ٿيندي، سرير ۾ سياٽا پيدا ڪري رهي هئي، پر سج جا ڪرڻا جسم کي ڪجهه ڪوساڻ پهچائي رهيا هئا.

ڪراچيءَ کان بمبئي بندر تائين پهچڻ لاءِ پاڻيءَ جي جهاز کي ٽي ڏينهن لڳندا هئا. پر ’جل درگا‘ جيئن ته اوکا بندر تائين وڃي رهيو هو ان ڪري اسان کي ٻڌايو ويو ته بمبئي پهچڻ ۾ به ڏينهن وڏيڪ لڳندا. مان سڄو وقت ڊيڪ تي بيٺو سمنڊ جو ڦهلاءُ ۽ سرڪش ڇولين کي پيو جاچيندو هوس، جيڪي جهاز سان ٽڪرائجڻ کان پوءِ نيرن مان اڇيون ٿي ويندڙيون هيون. مون کي نوابشاهه ڏاڍو ياد اچي رهيو هو. تصور ئي تصور ۾ پنهنجي پيءُ کي (اجان مون والد صاحب لفظ نه ٻڌو هو) سگريٽ مٿان سگريٽ ڦوڪيندي ڏسي رهيو هوس. چڪري بزار ۾ پٽ تي ويهي، حرن ۽ حرياٽين کي وکر وڪڻندي ۽ پاڻ سان ڳالهيون ڪندو ڏسي رهيو هوس. مرزا قليچ بيگ جي پٽ مرزا نادر بيگ (يا هن جي پاءُ يا سوٽ) جي بنگلي ۾ قائم ڪيل چڙيا گهر ڏسي رهيو هوس، جنهن ۾ مرزائن، قسمن قسمن جا خوبصورت پکي پاليا هئا. مان ۽ منهنجو پيارو دوست هيم (نارائڻ شيام جو ننڍو ڀاءُ) اڪثر شام جو اتي آڙيون، بدڪون ۽ پڃرن ۾ بند ٿيل ساوا ڳاڙها پکي ڏسڻ ويندا هئاسين ۽ مرزائن جي مٽڪن مان ٿڌو پاڻي پيئندا هئاسين. جارجيا جا هي مرزا، بيحد حسين جميل شڪيل ۽ ناهوڪا ته هوندا ئي هئا. پر اشرافت ۾ به پنهنجو مثال پاڻ هئا.

(ڦهليل سمنڊ مٿان پري پري تائين اڏامندڙ اڇا اڇا پکي ڏسي، مون کي مرزائن جي گهرن ۾ لاٿيون لونڊڙ پکي ڏاڍا ياد اچي رهيا هئا.)

ڪنهن خاص احساس هيٺ هي ساروڻيون لکندي، ممڪن آهي ته پنهنجي تحرير ۾ ڪو تسلسل قائم نه رکي سگهيو هجان. ڇاڪاڻ ته وطن جا وڻ ڇڏڻ کان پوءِ جيون جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ربط ۾ ترتيب ئي ڦٽي پوندي آهي، پر تنهن هوندي به ذهن جي تهه خاني ۾ ساروڻين جا ٿهن مٿان تهه ڇميل آهن، جن جي اڄ چند ڦوڪ ڪري رهيو آهيان. اڌ صديءَ کان اندر ۾ ڇٽنگون پري رهيون آهن، جيڪي اڃان رک نه ٿي سگهيون آهن.

۽ شايد اهي اڃين جي گرو گورکنات جي اونداهين غفائن ۾ صدين کان پرندڙ لاٽ جيان سدائين شعاع ڏيندڙ رهنديون.

ٻئي ڏينهن جي شام ٿيندي 'جل درگا' اوچتو وچ سمنڊ ۾ بيهجي ويو. جهاز جي عملي جي هيٺ مٿي اچ وڃ شروع ٿي ويئي. خلاصين جا منهن لٿل هئا ۽ هو مسافرن مٿان خاموشيءَ سان اڇاتريون نظرون اڇلائي، هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهيا هئا. مسافرن ۾ پڇاڳاڇا شروع ٿي ويئي، ته جهاز ائين اوچتو بيهي ڇو ويو آهي؟ ٻه چار پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ڪپتان وٽ پهچي ويا، ته جهاز بيهاري ڇو ڇڏيو اٿيئي؟ ڪپتان جي منهن تي فڪرمنديءَ جا آثار صاف نظر اچي رهيا هئا ۽ هو بنا ڪنهن جواب ڏيڻ جي، جهاز جي انجڻ واري حصي ۾ پنهنجي ڪئبن وچ ۾ ڀيج ٻڪ ڪري رهيو هو. پنهنجي ڪيبن مان وائرليس رستي ڪنهن سان ڳالهائي، وري مشين روم ڏانهن ٿي ڀڳو. جهاز جا انجنيئر ۽ مڪئنڪس، انجڻ ۽ مشين جا ڪل پرزا جاچي رهيا هئا. آس پاس گڏ ٿيل مسافرن جو انبوهه بي قابو ٿي رهيو هو.

ڪپتان رات ڏاري اناؤنس ڪيو: "جهاز جي انجڻ جا ڪي اهم پرزا ڀڄي پيا آهن، جن جي اميد ته صبح تائين مرمت ٿي ويندي. انجنيئر پنهنجي ڪم ۾ لڳل آهن. توهان سڀ بي فڪر ٿي وڃي آرام ڪريو." ڪي مسافر پنهنجين پنهنجين جڳهين تي موٽي آيا. ڪي انتظاريءَ وچان اتي ئي بيٺا رهيا ۽ ڪي رڳو تماشي طور انجنيئرن ڪي ڪم ڪندو ڏسندا رهيا. مان مٿي موٽي آيس. ياٿر پينر سڀ گهريءَ ننڊ ۾ ستل هئا. ياپيي انتظاريءَ وچان جاڳي رهي هئي. مون اچي هن کي جهاز جي خرابيءَ جو سڄو احوال ڏنو هوءَ فڪرمند ٿي ويئي. اسان وٽ باقي رڳو هڪ ڏينهن جو کاڌو ۽ پاڻي بچيل هو. ٻين سيني وٽ به لڳ ڀڳ ايترو ئي ٿمر ساڻ هو. اها رات اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾ جيئن تيئن گذري ويئي. سڄي رات جهاز ۾ هلچل مٽل هئي.

صبح جو گوڙ تي ننڊ کلي، ڏٺم ته مسافر ٽولا ٽاهي، جهاز جي خرابيءَ واري مسئلي تي ڳالهائي رهيا هئا. ڪجهه ماڻهو ڪپتان جي ڪئبن ۾ معاملي جي تحقيقات لاءِ ويل هئا ۽ ڪيترا مٿي ڊيڪ تي جهاز رانيءَ جي ڪمپني ۽ ڪپتان کي مادرزاد گاريون ڏيئي رهيا هئا. ڪي سائينءَ جا سنواريا ته هندوستان ۽ پاڪستان جي ليڊرن کي به اهڙيون عجيب وغريب گاريون ڪڍي رهيا هئا، جيڪي ٻڌي منهنجا ته ماشائي ڦري ويا. ساڪرن جون گاريون ڏاڍيون ڇڪيل ۽ Innovative هونديون آهن.

ٿوري دير ۾ ڪپتان ۽ سندس ڪيڊ لڳل ماڻهو مٿي آيا ۽ ڪپتان انگريزي گاڏڙ اردوءَ ۾ اعلان ڪيو: "جهاز جا ڪي اهم پرزا صفا ڀڄي پيا آهن، جن جي مرمت ممڪن ناهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪري جهاز جا ڪي انجنيئر ۽ مڪئنڪ هتان لانچن رستي (جهاز سان ڪجهه لانچون ۽ ٻيڙيون ٻڌل هيون) 'ويراول بندر' تائين ويندا ۽ پوءِ ٽرين رستي بمبئي ويندا، هو اتان نوان پرزا ۽ انهن کي فٽ ڪرڻ جا ماهر پاڻ سان وٺي ايندا. انهن جي اچڻ ۽ نوان پرزا لڳڻ بعد ئي جهاز اڳتي وڌندو. ان سڄي ڪار گذاريءَ ۾ ٻه ٽي ڏينهن لڳي ويندا." مسافر بدحواس ٿي رهيا هئا. ان بدحواسيءَ ۾ ڪين اهو به خيال نه رهيو ته وٽن ايترن ڏينهن جو کاڌو ۽ پاڻي به ڪونهي.

جهاز ۾ عجيب ماحول پيدا ٿي چڪو هو. پڙهيل ڳڙهيل طبقو ته سڄو مسئلو سمجهي رهيو هو پر اڻ پڙهيل لفنگا ۽ ٽٽڪ تائيپ ماڻهو ڪپتان ۽ ٻئي عملي کي مار موچڙو ڪرڻ لاءِ ٻانهون کنجڻ لڳا. سکر جو ڪيسواڻي وڪيل، روهڙي جو پارپيومل گارڊ، ميهڙ جو ميونسپل آفيسر چنديرام جيسواڻي ۽ ڪجهه ٻيا پڙهيل ڳڙهيل مسافر، ڪپتان سان مسئلي کي منهن ڏيڻ جي سڄي رٿا تيار ڪري رهيا هئا. ڊيڪ تي مٿي اچي انهن ڏانهن سيني گڏ ٽيل مسافرن کي سڄو معاملو سمجهايو. ڪن سمجهيو ڪن نه سمجهيو. هراسيل زالون پنهنجن مردن کان سڄو معاملو سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون. ڪن ماين ان وقت ئي اٽي پنهنجين پوٽين جا پلاند جهلي، سمنڊ ۾ اڪا پائڻ شروع ڪيا. مانجهند جي دربار وارن سنتن پڇن پاوَ ڳائڻ شروع ڪيا. ڪي اٽي ٻهراڻا تيار ڪرڻ لڳا. ڀڳت چيتورام ۽ هن جي پاءُ پريتي ڀڳت، شاهه سائين جي سر ساموندڊيءَ مان بيت ۽ ڏوهيڙا ڏيڻ شروع ڪيا. پريتي جو آواز بيحد سريلو هو. تاٽيل ماحول آهستي آهستي سانتيڪو ۽ شانائتو ٿيندو ويو.

مان سارونٽين ۾ مٿي ڪٽي چڙي آيو آهيان ته اسڪولي زندگيءَ ۾ مان هڪ تربيت يافته ڊانسر هوس ۽ 'ولس هاءِ اسڪول' جي ساليانو جلسي ۾ اڏ ڪلاڪ جي بهترين سولو (اڪيلو) ناچ لاءِ، نوابشاهه جي ڪليڪٽر خان بهادر محمد دائم هٿان سونو ٻلو حاصل ڪري چڪو هوس. مان هڪ پير ۾ چير ٻڌي، چيتو ڀڳت جو ٻولڙيو ٿي، ڀڳت ۾ شامل ٿي ويس. هيٺ پاڻي هو ۽ مٿي آسمان، چيتي ۽ پريتي جو سريلو آواز آسمان جي بلندين کي ڇهي، شاهه سائين جي من ۾ به ڀڪ ئي ڀڪ ولوڙو وجهي رهيو هوندو.

چيتو ڏوهيڙو ڏيئي رهيو هو:

"ڀڳهه پاسي ويهه، آيل! ساموندين جي،
تون ويسري وک ڪٽين، هو پورينڊا پرڏيهه،
سمنڊ جنين ساٽيهه، ڪونه وئينءَ تن سين؟".

۽ پريتو پنهنجي پاءُ جو سڏ ورائي رهيو هو

"نگر ۽ ناريون، ڀڳهه ڪٽي پنڌ پيا،
بندر بازاريون، سُڃا ساموندين ريءَ"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏٺي در دعائون گهرڻ ۾ هن ڪي ريجهائڻ واري ان ماحول ۾، خلاصي جهاز مان لوهي رسين رستي ٻه لانچون هيٺ لاهي رهيا هئا. هر لانچ سان هڪ ننڍو ٻتيلو ٻڌل هو. عملي جا پنج ڇهه ماڻهو جن ۾ شايد انجنيئر ۽ مڪئنڪس ٻه هئا. نوڙين جي ڏاڪڻين تان لانچن ۾ لٿا ۽ ڏسندي ڏسندي ٻيئي لانچون اوڀر طرف وڃڻ لڳيون. ڊيڪ تي بيٺل ڪيئي مسافر کين هٿ لوڏي، سندن ڪامياب ٿي موٽڻ جون ڪامنائون ڪرڻ لڳا. منهنجو ٻه من ڪرڻ لڳو ته انهن سان گڏ مان ٻه لانچ ۾ چڙهي ڪناري تي وڃان.

ڀڳت ۾ سنت ڀڄن ڀاوَ ڪري ٿڪجي چڪا هئا. سمنڊ تي پلئه پائڻ واريون مايون ۽ جوان ڇوڪريون پنهنجين پسيل پوتين کي نپوڙي رهيون هيون. پنهنجين پنهنجين جڳهين تي اچي سيني پنهنجي ڪاڏي جا ٽفن باڪس ۽ دٻا کوليا. ساڪراٽيون الائي ڪيئن پڪل ۾ تريل لولن ۽ ٻيسڻ جا دٻا پري کٽي آيون هيون: جيڪي هو سونن ڏندن سان کائي رهيون هيون. حالتون ڏسي سيني کي لائي لائي کائڻ جو احساس ٿيڻ لڳو هو. اسان ٻه گنيون ڪيڏيل پڪوڙن جون ڪلون پورين سان کائي رهيا هئاسين. ساڻ آندل ڪاڌو اڌ ڪان وڌيڪ ختم ٿي چڪو هو.

جهاز جي هڪ عملدار اعلان ڪيو: "اوکا بندر پهچڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن لڳندا. پرزا بمبئي مان اچڻا آهن، وٽن پنهنجي عملي لاءِ ٻه محدود ڪاڌو آهي. ان ڪري مسافرن کي پنهنجي آندل ڪاڌي تي ئي ڀاڙڻو پوندو." ائين چئي هو ٻنهي هوٽلن جي مالڪن وٽ وڃي، سندن سيڌي سامان جا تفصيل وٺڻ لڳو. ان عملدار کي شايد اهو خيال نه آيو ته پرزن گهرائڻ سان گڏوگڏ هو ڪاڌي پيتي جو سامان کٽي اچڻ لاءِ پڻ پنهنجي عملي کي هدايتون ڏئي ها. اوکا بندر رڳو اسي ڪن ميلن جي مفاصلي تي هو پر اسان لاءِ ڇڻ صدين جو سفر هو.

رات ٿيندي ٿيندي سڀ ٻچيل سچيل کائي پي سمهي پيا. ڪي شرابي اجان ڪنڌ پاسي، پنهنجين ٻوتلن سان ڇيون لڳائي، الائي ڪنهن کي بدشد ڳالهائي رهيا هئا. اڌرات جو منهنجو ٽن سالن جو پاءُ ڏنو اٿي کير گهرڻ لڳو. کير جي رڳو اڌ وٽي ٻچيل هئي. ڀاڀيءَ ٿوري کير ۾ گهڻو پاڻي گڏي هن کي پياريو. پاڻيءَ مليل کير پي هو ٻاگها ڦاڙي روئڻ لڳو ۽ پر ۾ سمهيل مسافر واڪا ڪرڻ لڳا. "ڇوري کي چپ ڪراءِ، اسان جي ننڊ ٿو ڦٽائي." مان هن کي ڪڇ ۾ کڻي ڊيڪ تي آيس ۽ ڪيس چنڊ تارا ڏيکاري ريجهائڻ لڳس. ڏنو ته روئي روئي سمهي پيو پر مان ۽ ڀاڀي سڄي رات جاڳندا رهياسين.

'جل درگا' ۾ اسان جو ٽيون ڏينهن هو ۽ ان وقت تائين اسان کي هندستان جي ڌرتيءَ تي پير رکڻو هو پر اسين آسمان ۽ سمنڊ جي وچ ۾، ترشنڪوءَ وانگر لٽڪيل هئاسين. عجيب قسم جا همسفر ساڻ هئا. ڀڳتيون ٻه وجهي رهيا هئا. ڀڄن ۾ ڪيرتن ٻه ڪري رهيا هئا. عورتون اڪا ٻه وجهي رهيون هيون. لال سائين جا پنجڙا ٻه ڳائي رهيون هيون ته پلو ٻه پائي رهيون هيون. 'پلئه جي پائين، تنهنجا خاوند خالي نه ڪريا' پنگون ٻه پي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا هئا. پوڙهيون ۽ پوڙها ناسن جي دٻلين مان نڪن ۾ ناسن جا چپٽا وجهي ڇڪون ڏيئي رهيا هئا. پاسنگ شو سگريٽن ۽ بيڙين جا سوٽا هٽي رهيا هئا. پڏاگير، پٽي باز، چوپڙ باز، عشق باز، نظرباز، لونڊي باز، لچ لوفر لالچي ۽ لاچار ۽ هوڏانهن ڀڳت، سنت، ٻاوا، ٻانيڻ، ناچو هر قسم جي مخلوق الائي ڪيئن 'جل درگا' ۾ اچي سمائي هئي؟

چوٿين ڏينهن تائين مسافرن جا ڪاڏي جا دٻا ۽ ٽفن باڪس خالي ٿيڻ لڳا. اسان ڇهن ياتين ٻچيل اڌ اڌ پوري باسٽڻ جي ڪنڊن ڪي لڳل ياچيءَ ۾ آچار جي ذرڙن سان اگهي پگهي کائي، ڪجهه هنيانءَ جهل ڪئي. پيئڻ جي پاڻيءَ جو اڌ ڪرمنڊل هو. ڏکو ڪن ڪير ٻچيو هو. سيني ماڻهن جي حالت لڳ ڀڳ ساڳي هئي. باقي لولن ۽ ٻئي ڪاڌي جا دٻا پري ڪٽي آيل ڪجهه اطمينان ۾ هئا. پر اهي نانگ جيان پنهنجن دٻن جي رکوالي ڪري رهيا هئا.

لانچون ۽ ان تي سوار انجنيئر ڏسندي ڏسندي اکين کان اوجهل ٿيندا ويا ۽ سڀ سندن موٽڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. مسافرن ۾ ڏاڍي مايوسي ڇانيل هئي. ڀڳت ٻه نچي نچي ٿڪجي پيا. سنت سمهي پيا. پيٽ پريلن مٿان غنودگي طاري هئي. خالي پيٽ ليٽيل هيڏانهن هوڏانهن پاسا ورائي رهيا هئا. ڪيترو وقت ائين وچ سير ۾ هونداسين. ڪجهه ٻه سمجهه ۾ نٿي آيو؟ رات ٿيندي ٿيندي، پيٽ ۾ بک جا وڪڙ پوڻ لڳا. ٻنهي هوٽلن وارن پنهنجو پنهنجو سيڊو سامان ڪيڏي ڏنو. پئسا گهرڻ تي ڪيترن مٿن اکيون ڦوٽاريون. هو ويچارا چپ ٿي ويا. ڪي مايون اٽي هوٽل ۾ رکيل اٽي جون ڳوڻيون کولي مانيون پچائڻ لڳيون، جن ۾ منهنجي ماءُ ٻه هئي. مرد مٿن نظرداري ڪرڻ لڳا. لوڻ مرچ پيل ڇهرا ڦلڪا ڳٽي ڳٽي، قطار ۾ بيٺلن کي حصي رسيءَ سان ڏنا پئي ويا. اهي اسان جي ڪاڌي جا، 'جل درگا' ۾ آخري گرهه هئا ۽ پاڻي جا پويان ڍڪ. ان بعد رڳو سمنڊ جو کارو پاڻي هو جيڪو ڪاڪوس جي ته ڪم اچي سگهيو ٿي، پر پيئڻ لاءِ نه هو. انگريز شاعر ڪالريج جي هيٺ ڄاڻايل سٽ جيان،

"Water, Water every where. Not a drop to drink."

پاڻي ئي پاڻي، چئني پاسي پاڻي، پر پيئڻ لاءِ هڪ ڦڙو به نه...!!"

پنجن ڏينهن کان 'جل درگا' جهاز جي ڊيڪ تي، آسائتيون اکيون کٽي بيٺلن جا آنڊا بک ۾ اچ کان ونجي رهيا هئا. منهنجي ماءُ اکيون هيٺ ڪري، پٽ تي پيل فراسيءَ تي ويٺي هئي. معصوم ياٺر ۽ ييٺر بک کان بيحال ٿي رهيا هئا. منهنجيون ٻه ننڍيون ييٺر ايشو ۽ ڪمو روئي رهيون هيون. اٺن سالن جو هاسو ۽ ٽن سالن جو ڏنو پاڻيءَ جي ڍڪ ۾ روئي تڪر لاءِ ٻاڏائي رهيا هئا.

اڄ ڏنو هندستان جي کاڌ خوراڪ واري هڪ وڏي سرڪاري اداري Food Corporation ۾ هڪ اعليٰ عهدي تي فائز آهي ۽ ڪروڙين روپين جو اناج ايڪسپورٽ ڪرڻ جا آرڊر صحي ڪندو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هاسو تہ آمريڪا جي مچيگان رياست ۾ ايگزيڪيوٽو ڊئريڪٽر آهي ۽ وٽس رياست جي گورنر کان پوءِ وڌ ۾ وڌ اختياريون آهن. ورلڊ بئنڪ هن کي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پاور پراجيڪٽ لڳائڻ لاءِ موڪليندي آهي. 'نيويارڪ ٽائيمس' ۾ شايع ٿيل رپورٽ موجب، هن جو شمار دنيا جي ڏهن پاور پراجيڪٽ ماهرن ۾ ڪيو وڃي ٿو. هن وقت هو آذر بائيجان جي شهر باڪوءَ ۾، ورلڊ بئنڪ جي عطيہ داريءَ هيٺ نئون پاور پراجيڪٽ لڳائي رهيو آهي. هن وٽ ڪيتري ملڪيت آهي، ان جو حساب ڪتاب ڪرڻ ۾ هن کي ڪئين ڏينهن لڳي ويندا. ٻن ايڪڙن ۾ تعمير ٿيل هن جي محلات نما ڪاڪ محل ۾، هر پيري پهريان ٻہ چار ڏينهن تہ مان بہ منجهي پوندو آهيان. هن جي گهر ۾ رهندي (جتي مان گذريل پنجويهن سالن کان ويندو رهيو آهيان) مون کي ان وقت ڪل ايندي آهي، جڏهن هو ۽ هن جي گهر واري چمپا، هڪ ٻئي کان انٽر ڪام تي پڇندا رهندا آهن، "اڙي ڪاٿي آهين؟" چمپا جو شڪارپوري لهجو ٻڌي ڏاڍو لطف ايندو آهي.

گذريل جولاءِ ۾ منهنجي پٽ لاليءَ جي ايڊنبرگ ۾ شاديءَ وقت، هن اسڪاٽلينڊ جي هڪ بار ۾ مون کي ٿهہ ٿهہ ڪندي ٻڌايو "پوئين هڪ مهيني ڏيڍ ۾ هن امريڪي اسٽاڪ مارڪيٽ جي ٻن ٽن سٽن ۾ بہ ملين Milion ڊالر وڃايا آهن. جڏهن مون کي هن تي ڪاوڙ آئي تہ چيائين، "يار، سٺيهہ سال اڳ مان ان سرمائيدار ملڪ ۾ پاڻ سان رڳو پنجويهہ ڊالر کڻي پهتو هوس ۽ اهي بہ اڌارا وٺي. هتي ئي اچي ڪمايو اٿم، اتي ئي وڃايو اٿم. پوءِ بہ اجان ايترو آهي تہ ايندڙ ٽي پيڙهيون تہ عيش ڪري سگهنديون. باقي چوٿينءَ لاءِ چئي نٿو سگهان." ائين چئي هن وسڪيءَ جو وڏو ڍڪ ڀريو.

منهنجي زندگيءَ ۾، هاسي جي گهڻي گهڻي اهميت رهي آهي. منهنجي پنهنجي گهر واري گوپيءَ ۽ ٽن ٻارن رجني، سنڌو ۽ لاليءَ کان بہ وڌيڪ. شايد ان ڪري جو هاسو منهنجي زندگيءَ ۾ انهن کان اڳ ۾ آيو ۽ هر ڏک سک ۾ اسين ڀاڳي ڀائيوار رهيا آهيون. خود عشق محبت جي معاملن ۾ بہ اسان جو سنگ ساٿ گڏيل رهيو آهي. هڪ ٻئي کان هزارين ميل پري رهندي بہ اسان ٻنهي جو رشتو گڏوگڏ هلندو آهي. اسين سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڀيرا هتي يا هتي ضرور گڏبا آهيون. اڄ منهنجا ٽيئي ٻار هن جي ڪري ئي آمريڪا ۾ سيٽل ٿيل آهن. هن منهنجي لاءِ فلوريڊا ۾ هڪ ڪنڊومينيم سمنڊ جي ويجهو وٺي رکيو آهي، پر مان مستقل طور اتي وڃي رهڻ نٿو چاهيان. زندگيءَ ۾ ٻيهر 'ڊِس پليس' ٿيڻ نٿو چاهيان. هو مون کان چار سال ننڍو آهي، پر ذهني سطح تي هو مون کان گهڻو گهڻو وڏو آهي. هاسي جو وڌيڪ ذڪر مان پنهنجي 'وهي ڪاتي' جي ايندڙ پنن ۾ تفصيل سان ڪندس.

ٻين ٻن ڏينهن تائين انجنيئرن جي اچڻ جو امڪان نظر نٿي آيو. ماڻهن جي بڪ ٻيانڪ صورتحال اختيار ڪري چڪي هئي. رڳو مانجهند جي دربار جا سنت پنهنجيءَ بک اڄ کي، پنهنجن سينن ۾ سوگهو ڪري سمهي پيا هئا. نہ سحري هئي، نہ افطاري هئي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڳو روزا ئي روزا هئا. ڪافرن لاءِ هيءُ ڪهڙو رمضان هو؟ نت هئمسن اهو دل ڏارينڌڙ منظر ڏسي ها تہ. پنهنجي جڳ پرسڌ ناول Hunger کي هڪ شاهڪار تخليق بڻائي سگهي ها.

’جل درگا‘ ۾ اناج جو داڻو بہ نہ هو. پاڻيءَ جو ڦڙو بہ نہ هو. رڳو بک کان بيحال ٽيل تي هزار انسان هئا ۽ هڪ ٻڪري ۽ ٻہ رڍون هيون. جيڪي پڻ ساڻيون ٽيون سمهيون پيون هيون. سندن ٻي ٻي بہ ٻڌڻ ۾ نٿي آئي.

سنڌي هندو، ڪڏهن بہ پنهنجن هٿن سان جانور ذبح نہ ڪندو. چاهي هن حياتيءَ ۾ ٻيون ڪيتريون ئي ڪاسائڪيون ڪارروايون ڪيون هجن. چالاڪ واڻين جي جڙتو بندين ۾، ڪيترن ئي ابوجهن ۽ غريبن جي رت ۾ ٻوڙيل ڪلڪ سان قرضن ۽ وياج در وياج جا ڪوڙا انگ اکر پلي درج ڪيل هجن. پر قصاب جي ڪرت ڪري هو پنهنجو ڌرم نہ وڃائيندو. ٻئي جي هٿ جو ڪٺل کائيندو ضرور، پر پاڻ پنهنجي هٿ سان نہ ڪهندو.

بہ ٽي ڄڻا هوٽل واري ميمڻ جي مسلمان نوڪرن کي، ٻئي رڍون ۽ ٻڪري ذبح ڪرائڻ لاءِ هيٺ ٻهري ۾ وٺي ويا. مان سندن پويان پويان ويس. نوڪرن پهرين ٻڪريءَ جون ٽنگون ٻڌيون، هن کي ابتو ليٽائي، پيٽ تي لت رکي، سندس ڪنڌ تي ڪاتي وهاياٽون ۽ ڪيس سير ڏيئي ڦٿڪڻ لاءِ ڇڏي ڏنائون. ٻڪريءَ سان گڏوگڏ مان بہ ڦٿڪي رهيو هوس.

مون کي لڳو ٻئي ڄڻ انهن اها لت منهنجي پيٽ تي رکي هئي، اها ڪاتي منهنجي ئي ڪنڌ تي وهائي هئي.

هن وقت جڏهن سارونٽين جي هيءُ قسط لکي رهيو آهيان، دهليءَ ۾ دوزخ جا دروازا کليا پيا آهن. گرميءَ جو پد ستيتاليهن تي پهتل آهي. هال ۾ ڦهڪايل آدم قد ڪولر مان ڪوسي هوا اچي رهي آهي ۽ منهنجي ڪمري جي ايئرڪنڊيشنر جي ڪنڊيشن ڪنهن مرٽينگ جيان پويان پساهہ کڻي رهي آهي.

ٻاهر اس اکيون ڪڍي رهي آهي. منهنجي اوڙيسيا جي ملازمہ لتا هر ڪلاڪ کان پوءِ فرج مان بيئر جي ٿڌي بوتل ڪڍي، گلاس ڀري منهنجي اڳيان رکي رهي آهي. ٻن ڇئن ڍڪن کان پوءِ ٿڌو بيئر ڳوڻٽ جيان ڪارو ٿي ويل ان پنير جهڙو سواد ڏيئي رهيو آهي. جيڪو راٽيپور ۾ منهنجي ناني ڪيول ٻائي اسان کي اونهاري ۾ ڦٽ ڦرڙيون نڪرڻ وقت زوريءَ، چماٽون هڻي پيارينديي هئي. مان لتا کي چرچي ۾ چئي رهيو آهيان، ”مانيون رنڌڻي ۾، گئس تي پچائڻ بدران ٻاهر پڌر ۾ اس تي وجهي پچاءِ.“

اڄ شمس تبريز هتي هجي ها تہ يقينن پنهنجو پلو واريءَ ۾ پچائڻ بدران دهليءَ جي هن دوزخي اس ۽ گرميءَ ۾ پچائي ها.

منهنجي گهر واري گوپي پنهنجي ڪمري ۾ در دريون بند ڪري، ٽي. وي‌ءَ تي ڪنهن ٿرڊ ڪلاس هندوستاني سيريل جي شايد چار سؤ چوئيتاليهين قسط ڏسي رهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. (گذريل مهيني شويا ڏي، جي لکيل هڪ سيريل جا ست سؤ قسطون episodes ڏيکارڻ ڪان پوءِ مس مس وڃي تي ويءَ وارن جند ڇڏي.)

هندوستان جي ٽيليويزن جي پنجاهہ سٺ چئنلن تي هر روز سو کن سيريل ڏيکاريا ويندا آهن، جن جو موضوع لڳ ڀڳ هڪڙو ئي هوندو آهي. هن جي جوءَ هن جي مڙس سان نهيل آهي ۽ هن جو مڙس هن جي جوءَ سان ڪريل. هر ٻي سيريل ۾ ڪا ڪنواري ڇوڪري، پنهنجي يار جي عشق ۾ انڌي تي، هن مان حامله پئي تي ۽ پوءِ پنهنجي ماءُ اڳيان تاهہ تاهہ ڳوڙها ڳاڙيندي، ميڪ ميڪ ڪندي انڪشاف ڪندي آهي.

”ممي، مان ماءُ ٿيڻ واري آهيان، يا مون کي ڇوري سان شادي ڪراءِ، ورنہ ڦاهو تي کاوان.“ ۽ ڇورو وقت اچڻ تي ڪائڻرن جيان ڀڄي ويندو آهي ۽ حيرت آهي تہ منهنجي گهر واري اعليٰ تعليم يافتہ هوندي بہ انهن ڇوڪرين جي اهڙي بڇڙي حالت ڏسي اکيون اگهڻ لڳندي آهي.

مون کي لڳندو آهي تہ جنهن حساب سان هن ملڪ جي ٽي. وي ۽ فلمن جون ڪنواريون ڇوريون ڏکيون تي رهيون آهن، ان حساب سان ايندڙ ڏهن ٻارنهن سالن ۾ هن ملڪ جون امير ترين عورتون، گريپ گهاٽيون نرسون ۽ دايون هونديون. مون کي ڇٽائيندڙ منهنجي ماءُ سمان صفوران دائي، باوقار صفوران ياد آئي. جيڪر سڄي دنيا جي دولت ملڻ تي بہ اسقاط حمل جهڙا ڪڏا ڪم نہ ڪري ها. هن سڄي عمر غريبيءَ ۾ ئي گلزاري، سمجهي گذاري ڇڏي. اسان پنهنجي جوانيءَ واري دؤر ۾ ان ڳالهہ جو تصور بہ نہ تي ڪري سگهياسين تہ ڪو مرد ۽ عورت بنا شادي ڪرڻ جي 'Live in' فيصلي ۽ سهوليت هيٺ، هڪ ٻئي سان هڪ ئي ڇت هيٺ گڏ رهي، هڪ ئي بستري تي سمهي سگهن ٿا. پر اڄ مان پنهنجين ئي اکين سان، پنهنجي ئي پاڙي ۾، جتي هن شهر جو هڪ Elite ۽ Intellectual ڪلاس رهي ٿو نڌڙڪو نسل، هڪ ئي ڪمري ۾، اٿي ويهي، کائي پئي، جاڳي سمهي، وڙهي جهڙي، رسي پرچي، ڏهي نهي ۽ هڪ مقاطعي واري Contractual زندگي گذاري رهيا آهن. ماني هوٽلن تان ۽ کير آٽيندڙ گوالن بدران، گٽي تان ڪلالن وٽان شراب اچي رهيو آهي. اڄ شاديءَ جو سڄو ادارو Institution of Marriage سڪرات ۾ آهي. ان اداري جو بنياد وجهندڙ 'منو شاستر' جو رچيندڙ 'منو مهراج' اڄ شرمسار هجي ها. جڏ ڏسي ها تہ شاديءَ جي منڊين بدران اڄ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ مساج پارلر کلي ويا آهن، جتي ايڊس جي خوف ڪري هاٿي اورل سيڪس (جنهن کي سيپہ ٻوليءَ ۾ هاٿي 'فرينچ' چيو وڃي ٿو) جي مشق ٿي رهي آهي.

سماج واد جو هوڪو ڏيندڙ هي ملڪ، دنيا جي وڏي ۾ وڏو سرمايہ دارانہ ذهنيت وارو معاشرو آهي، جنهن ۾ رڳو هڪ صنعتڪار جي ڪمپنين جو سرمايو اسان جي هڪ پاڙيسري ملڪ جي ملڪي بجيٽ کان بہ وڌيڪ آهي ۽ اتفاقن هندستان جو اهو سرمايہ دار بئنگلور جو هندو نہ، پر بئنگلور جو هڪ مسلمان آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سمجهان ٿو تہ هي ملڪ رڳو قدرتي طور بيحد مضبوط زرعي ۽ صنعتي بنيادن جي ڪري سٺ جهلي سگهيو آهي ۽ شايد ترقي بہ ڪري رهيو آهي. باوجود ان جي تہ هر سال ستر هزار ڪروڙ بچاءَ کاتي تي خرچ ٿي رهيا آهن. بچاءُ ڪنهن کان؟ ان سوال جو جواب ڪنهن وٽ ڪونهي. باقي ملڪ جي موالين والين ۽ ليڊرن جا لڇڻ تہ ڏٺا پيا آهن.

ويجهڙائي ۾ پارٽي پارليامينٽ جي هڪ مرد مار محترمہ ميمبرپاٽيءَ انٽرويو ۾ چيو "جنهن ڇوڪري سان مون کي عشق هو ان سان مون ان ڪري شادي نہ ڪئي، جو ٽن سالن جي ڪورٽ شپ ۾ هن بيوقوف مون کي هڪ ڀيرو بہ Seduce ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. مون روايتي ڍنگ واري شادي نہ ٿي ڪرڻ چاهي. مون چاهيو هو تہ ڪو مضبوط مڙسالو مون کي اغوا ڪري."

پاڻيءَ جي سطح تي بيٺل 'جل درگا' ۾ جل جو ڦڙو نہ هئو. سڄو جهاز ڪربلا جو ميدان بڻجي چڪو هو جنهن جي ڪاٺ جي تختن تي بک اڃ کان بيحال ٿيل مرٽينگ انسان، مردن جيان ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. ڪراچي ڇڏئي اڄ ڇهون ڏينهن هو. ان وچ ۾ بہ چار پوڙها ۽ هڪ بہ ٻار مري ويا، جن جا لاش رات وچ ۾ سمنڊ ۾ اڇلايا ويا. اهوئي سندن آخري آرام گاهہ هئو. ڪين زندگيءَ جو پويون سنان بہ نصيب ٿيو الائي نہ؟ ۽ هيڏانهن جهاز ۾ داڻو پاڻي تہ ڇا ڪنل ٻڪري ۽ رڍن جي رڌل گوشت جو ڪو ڇوسيل هڏو بہ نہ بچيو هو.

ان ئي شام ڏاري ٻيئي لانچون جهاز جي انجنيئرن سان، ٻن چئن ٻين ماهرن سان گڏجي موٽي آيون. وٽن مشيني پرزن جي وڏي پيٽي پڻ هئي. جهاز تي چڙهندي ئي هو ٻنا ڪنهن سان ڳالهائڻ جي مشين روم ۾ وڃي پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويا. بک کان ڪلوس ڪلوس ٿيندڙ آنڊن وارن مسافرن ۾ اپتري سگهہ بہ نہ رهي هئي جو ڪائنن يا ڪپتان کان ڪجهہ پڇي سگهن جو سٽ ساري سگهن. بک کان رنيندڙ ۽ کير چڪي لاءِ ٻاڏائيندڙ ٻار بہ روئي روئي پست ٿيا پيا هئا ۽ سندن ٻوٽ ٻاهر نڪري آيا هئا.

ٻئي صبح جو سج اڀرڻ تي ئي جهاز جو زور زور سان گهگهو ڇا وڳو. ڄڻ صور اسرافيل هئي، جنهن تي هڪ هڪ ٿي سڀ مڙدا پنهنجين پنهنجين قبرن مان آهستي آهستي اٿڻ لڳا هئا. ڪپتان وچ ڊيڪ تي اچي بيٺو ۽ مڙده ٿي ويل ماڻهو چرندا ۽ چيچلائيندا، هن جي ارد گرد گڏ ٿي ويا. ڪپتان اعلان ڪيو "جهاز جي مشين چالو ٿي ويئي آهي، ٻن ڪلاڪن ۾ جهاز اوکا بندر کان ميل کن جي فاصلي تي اچي بيهندو. اڳتي سمنڊ تانگهو آهي، جنهن تي جهاز هلي نہ سگهندو. توهان کي ٻهرين لانچن رستي ۽ پوءِ اڳتي ننڍن ٻتيلن ذريعي، بندر تائين پهچايو ويندو. سڀئي پنهنجو سامان سڙو ٻڌي تيار ٿي ويهو. اوکا بندر تي توهان جي کاڌي پيتي جو جوڳو بندوبست ڪيو ويو آهي. بندر وٽ ئي ڪئمپون لڳايون ويون آهن، جتي توهان جي سنان پاڻيءَ ۽ آرام جو انتظام ڪيو ويو آهي." ڪپتان اهو اعلان ڪري پنهنجي ڪئبن ڏانهن هليو ويو ۽ 'جل درگا' پنهنجي رفتار پڪڙي ورتي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسافرن ۾ وري هلچل مچي ويئي. هر ڪو پنهنجو سامان سهيڙڻ ۾ لڳي ويو. ڪلاڪ ٻن ۾ جهاز تان گهڙي پاڻيءَ ۾ پهچي ويو. ڪرينون هيٺ لاٿيون ويون، جن کي پڪي نوڙيءَ جون سنهيون ڄاريون لڳل هيون. ٽن هزار ماڻهن جو سامان ٽين جون پيٽيون، پٽل جون گهاگهريون، باسڻ، برتڻ، دٻا، دٻيون، ٽڪر، ٻتر، الائي ڇا ڇا، ڪرين ۾ پرجڻ لڳو. لانچن ۾ پهرين زالون ۽ ٻار لاٿا ويا. پوءِ پوڙها پوڙهيون. ڪنهن مائي جي نٽ ٽي ڪري ته ڪنهن ڇوڪريءَ جو رئو. لانچن کي ڪناري جي اڌ پنڌ تائين پهچڻو هئو. جتان ننڍين ٻتيلن ذريعي اوکا تائين. ٻئي يا ٽئين پهر ۾ اسان جو ٻه وارو آيو ۽ نما شام تائين اسين ڇهه ئي ڄڻا ٻتيلن ۾ ويهي بندر گاهه تي پهچي وياسين.

اوکا بندر تي کليل ڇت وارا شاميانا لڳل هئا. جتي پنجاهه کن گجراتي مرد ۽ عورتون، کير جهڙن اڇن ڪپڙن ۾ ملبوس، اسان جي آڌر ڀاءَ لاءِ بيٺا هئا. مردن کي اڇا ڪڙتا ۽ ڌوتيون پهريل هيون ۽ سيني جي مٿي تي اڇي گانڌي ٽوپي پاتل هئي. زالون اڇين ساڙهين ۾ هيون. سندن تندرست چهرا لهندڙ سج جي پوئين پهر جي پاڇي ۾ جرڪي رهيا هئا. سڀ مرڪي مرڪي آيلن کي نمستي ڪري رهيا هئا. عورتن ننڍن ٻارن کي پنهنجي گود ۾ کنيو ۽ کين مٿي تي هٿ ڦيري پيار ڪري رهيون هيون. ابهمن کي ڇاتيءَ سان لڳائي رهيون هيون. منهنجين ٻن ڀينرن، ايشو ۽ ڪموءَ کي ٻه ٻن ڇوڪرين گود ۾ کڻي ورتو پر پيار جي ڪنهن کي ضرورت نه هئي، سيني جون نظرون ڇئني طرف ڪاڌو ڳولهي رهيون هيون.

شاميانې جي هڪ ڪنڊ ۾ قناطون لڳائي، حلوائي پوريون ترينداَ ٿالهن ۾ رکي رهيا هئا ۽ وڏن پتيلن ۾ واڱڻن ۽ پٽاٽن جي ڀاڄي رڌي رهيا هئا. انن ڏهن ٽين جي وڏن دٻن ۾ گانٺيا، پاپڙيون پريل هيون ۽ ٻه ٽي ڳوٿيون ڪٽل جون رکيون هيون. ڇوڏاري پاڻيءَ جا وڏا پيپ رکيل هئا.

ڪاڌي تي نظر پوندي ئي سڀ مرد زالون، ٻار ٻچا، بکايل سرٽين جيان ان تي وڃي ٽٽا. ڇن پٽ شروع ٿي ويئي. ٿالهن مان ٻنهي هٿن سان ٻه ٻه ٽي ٽي پوريون کڻي، هڪ هٿ سان وات ۾ ڏوڪي رهيا هئا ته ٻئي هٿ سان پنهنجن کيسن ۾ پري رهيا هئا. ٽين مان لهندڙ گرم گرم پوريون، سندن هٿ ساڙي رهيون هيون، پر هو پنهنجن پريل مٽن ۾ پوريءَ مٿان پوري ٺوسيندا پئي ويا. ٽن ڇئن ڏينهن جي بکايل، مرٽينگ انسانن کي الائي ڪٿان ايتري طاقت اچي ويئي، جو هو هڪ ٻئي کي ڌڪا ٺيلها ڏيندا، ڪاڌي مٿان ڳجهن جيان ور ور ڪري ولرن ۾ لامارا ڏيئي رهيا هئا. سيني کي الائي ڇو اهو احساس ٿي رهيو هئو ته کين اهو ڪاڌو ٻيهر شايد نه ملندو ان ڪري پيٽ ٺلهي ڪائڻ کان پوءِ هو پورين ۽ ڪٽل سان پنهنجا دٻا دٻيون، ڀانڊا برتڻ، ويندي پيٽين مان به ڪپڙا ڪڍي انهن ۾ پرڻ لڳا. گجراتي والنٽيئر کين ورائي ورائي وشواس ڏياري رهيا هئا، "گوڙ ڪاڌو آهي، جيترو وٺيوَ کائو پر آرام سان ويهي آهستي آهستي کائو." پر ڪنهن به سندن ڳالهه نه پئي ٻڌي، جوڙيل هٿن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ٽيندڙ سندن ميڙن منٽن ڏانهن ڪنهن بہ ڌيان نہ ٿي ڏنو. بک سيني کي چيتو ڪري ڇڏيو هئو. نيٺ گجراتي ميزبان ٽڪجي پاسيرا ٿي ويهي رهيا. سندن عورتون ننڍين ٻارن کي پنهنجين هنجن ۾ ليٽائي، گلاسن سان کير ۽ اجايلن کي چاچ پياري رهيون هيون.

جهاز مان ماڻهن سان ڀريل ٻتيلن جي اچ وڃ جاري هئي ۽ ٻتيلي مان لهندڙ هر مسافر سڌو ڪاڏي ڏانهن پئي ڀڳو. اهائي هٽ ڪس، اهائي جهپٽا جهپٽي. سڄي سڄي پوري هڪ گرهہ سان ڳڙڪائڻ، کيسن ۾ نوسڻ، ڊبا ڀيون ڪاڏي سان ڪناتار پرڻ. هر ٻتيلي جي ڪناري تي لڳڻ سان ساڳيو منظر وري وري دهرائجي رهيو هو جيڪو ميزبان بدحواس ٿي ڏسي رهيا هئا.

بک جو اهڙو ڀيانڪ منظر مون کي ڀيهر وري ٽيهن سالن کان پوءِ، اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ اٿوپيا جي ڏڪر وقت ڏسڻ ۾ آيو جتي مان ڪنهن ڊيليگيشن سان ويو هوس. شهنشاهہ هيل سلاسيءَ جي ملڪ جا بکايل انسان، رستن تي مردار جانورن جو ڪچو ماس چٻاڙي رهيا هئا ۽ ڪمند جي هڪ ڳڙيءَ تي هڪ ٻئي جو قتل ڪري رهيا هئا.

دير تائين ٻتيلن جي اچ وڃ، شرنارٿين جي لهڻ ۽ ڪاڏي پيتي جو سلسلو هلندو رهيو. ذرا ڏيئي آيل اکين ۾ ڪجهہ روشني ۽ آهستي آهستي چمڪ اچڻ لڳي. نو وارٽيون وري نئين سر ڪر ڪٽڻ لڳيون. ڪاڏو سوادي هو پر اصلي سواد ڪاڏي ۾ نہ، پر بک ئي هوندو آهي. بک جي چيتائيءَ تکن مرچن وارن واڱڻ پٽاٽن جي ڀاڄيءَ ۾ پڻ ذائقو پيدا ڪري ڇڏيو هئو. بکايل انسان نڪ ۽ وات سان سون سون بہ ڪري رهيا هئا تہ تکن مرچن وارو ٻوڙ بہ کائي رهيا هئا.

ياد ناهي تہ ڪيتري دير تائين لنگر جاري رهيو ۽ گجراتين جي شاميانې ۾ وڇايل نرم گدن تي ڏلهيل پيٽ سان ننڊ اچي ويئي، جتي مان ڪتل سان ڀريل دٻي کي ياڪر پائي سمهي پيو هوس.

صبح جو اک کلي تہ ڏٺم سج سامت ۾ اچي چڪا هئا. مردن، ماين ۽ ٻارن جي منهن تي مرڪ هئي. مرد اگهاڙي بدن تي انگوچا ۽ ٽوال ٻڌي ڏندڻ وات ۾ وجهي، سمنڊ ڪناري وڃي رهيا هئا.

(گجراتين ٻہر جي ڏندڻ جون ڳوٽيون پرائي رکيون هيون) شامياني کان سمنڊ سو قدمن تي مس هئو. مان، هاسو ۽ ڏنو چڊيون پائي سمنڊ ڏانهن ڀڳاسين. پنيان پاپي سڏ ڪرڻ لڳي، پر اسين تيئي پائر کيس ٻڌو اڻٻڌو ڪري، ٻين سوين ماڻهن سان گڏ سمنڊ ۾ ٽپي پياسين.

اوکا جو ساموندي ڪنارو تراکڙو آهي. ڪيترا بي ڊپا ماڻهو پري پري تائين پئي ويا. اسان پائر بہ جيئن ٿورو سمنڊ ۾ اڳتي ٿي وڌياسين تہ ڪناري تي بيٺل منهنجيون ڀيئي پينر، جيڪي اسان جي پويان پويان آيون هيون، ٻاگها ڦاڙي روئڻ ۽ واڪا ڪرڻ لڳيون. مون سمنڊ کان ٻاهر نڪري ڪاوڙ ۾ ايشوءَ کي بہ چار چنبا وهائي ڪڍيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ منهنجي ننڍي ڀيڻ ايشو هن دنيا ۾ ناهي. اسان پنجنين ڀائرن ڀينرن ۾ هوءَ بيحد خوبصورت ۽ خوبصيرت هئي. هن جو چهرو سوڀيا وان ۽ روش زيبائتا هئا. هن جي منهن تي هميشہ مرڪ هوندي هئي، پر هن جو نصيب سدائين ڪوتو رهيو. ايڪيهن سالن جي عمر ۾، هن جي بدين جي وزيراڻي آڪهہ جي وڏي زميندار ڪٽنب ۾ شادي ٿي. هن جو گهوٽ ارجن وزيراڻي ننڍي عمر ۾ ئي دهليءَ جي هڪ وڏي اداري ۾ وڏي عهدي تي پهتو. هن جو چاچو نهچلداس وزيراڻي ورهاڱي کان اڳ سنڌ سرڪار ۾ وزير رهي چڪو هئو ۽ هن جو سنڌ جي وڏن وڪيلن ۾ شمار ٿيندو هو. ڪجهہ سال اڳ ڪراچي ۾ منهنجي شاعر دوست، شمشيرالحيدري مون کي ٻڌايو تہ بدين جي پرائمري اسڪول ۾ هو ۽ ارجن هم ڪلاس ۽ دوست هئا.

ڇٽيهن سالن جي عمر ۾ ڏياريءَ واري ڏينهن دل جو شديد دورو پوڻ تي، ڪار جي پوئين سيٽ تي، ارجن ان وقت ڏرڪي پيو، جنهن مهل هن جي ڪار دهليءَ جي شاهي، صفدر جنگ اسپتال ٻاهران لنگهي رهي هئي. منهنجي پياري ڀيڻ ايشو ٽيهن سالن جي عمر ۾ ڌاهاڳڻ ٿي ويئي. اڳتي هلي هن ڏاڍا ڏک ڏاڪڙا ڏٺا. هن جو وڏو پٽ سنجو ان وقت پنجن سالن جو ۽ ننڍو پٽ سونو ٻن مهينن جو هو. ارجن وزيراڻي پيءَ ماءُ جو اڪيلو اولاد هئو. منهنجي ڀاءُ هاسي، ايشو ۽ ٻارن کي آمريڪا گهرائي، کين پالي پاڙهي اعليٰ تعليم ڏياري، ٻنهي ٻارن کي آمريڪا ۾ ٽانئيڪو ڪري، هوءَ انڊيا موٽي آئي. ارجن جي انتقال جي پنجن سالن اندر ئي منهنجي باوقار ۽ بلند ڪردار ڀيڻ ايشو ايتري ننڍي عمر ۾ هر ڏک سک کان آجي ٿي، اتي وڃي پهتي جتان ڪو موٽيو ناهي. اڄ هن جو وڏو پٽ سنجو سليڪان وئليءَ ۾ هڪ وڏي ڪمپنيءَ جو پريزيڊنٽ آهي ۽ وٽس پنجاهہ کن هندوستاني ۽ پاڪستاني ملازم آهن. ننڍو سونو بمبئيءَ ۾ فرنيچر جي شوروم جو مالڪ آهي.

سنجوءَ هندوستان جي پنجن وڏي ۾ وڏي صنعتڪارن مان هڪ "ڪرلوسڪر گروپ" جي مالڪ جي ڌيءَ کي آمريڪا ۾ نينهن جي ڌوريءَ ۾ ڦاسائي، ساڻس ڪجهہ سال گڏ رهي، نيٺ ڪيئن ساڻس شادي ڪئي ۽ ان شاديءَ ۾ مون کي ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪردار ادا ڪرڻو پيو اهو دلچسپ داستان مان ساروڻين جي ايندڙ پنن ۾ تفصيل سان تحرير ڪندس.

هن وقت سنجوءَ کي پنجن سالن جي ڌيءَ ۽ ٻن سالن جو پٽ آهي. هن جي ڌيءَ رنگ روپ ۽ روش ۾ هوبهو منهنجي ڀيڻ ۽ پنهنجي ڏاڏيءَ ايشوءَ جهڙي آهي.

۽ سنجوءَ هن جو نالو 'ايشان' ئي رکيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽيون پنو

ساروٽين جي هيءَ قسط ڪلڪتي جي هوٽل جي ڪمري مان اڌ رات جو لکي رهيو آهيان. منهنجون هي ساروٽيون سنڌ مان ڇپجي نڪرڻ ڪان پوءِ، هڪ ڏاريءَ ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويل، هڪ قوم جي دربدريءَ جو داستان آهي. جلا وطني اها باهہ آهي، جيڪا سڙندي گهٽ، ساڙيندي وڌيڪ آهي. هت اچڻ بعد اسان جي جاتيءَ جي فردن کي اهڙين آزمائشن مان ائين لنگهڻو پيو جيئن راجا جنڪ جي درٻار ۾، هن جي برهمچاري شش کي کير جو ڪنان تار ڪٽورو کڻي راڻيءَ کي سنگهاسن تائين پهچائڻو هجي ۽ درٻار ۾ چئني پاسي سندر نرتڪين جو ناچ جاري هجي.

پنهنجين هنن ساروٽين جي اوٽ ۾ محض هڪ علامتي ڪردار طور مان ڌرتيءَ ڌڪاڻل ان قوم جو اتهاس درج ڪري رهيو آهيان. جنهن جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان. هي اتهاس سنڌ کان ٻاهر جو اتهاس آهي، پر سنڌ جي ڏيهہ جو آهي. سندن وڇوڙي، ويراڳ، ڏکن سورن، ڏکن ٿاٻن هڻ پٽ ۽ محنت ۽ اورچائيءَ سان هڪ اجنبي ڀونءِ تي ٽرتانءَ پائڻ جو آهي، پنهنجا پير پختا ڪرڻ جو آهي ۽ ائين هر فرد سان ڪانہ ڪا ڪهاڻي، ڪانہ ڪا واردات ۽ ڪونہ ڪو قصو واڳيل آهي. قرآن ڪريم جي سورت الاعراف ۾ هڪ آيت آهي:

"قصا ڪٿندا رهو جيئن ماڻهو ڪجهہ تہ سوچ ويچا رڪن."

پر هي الف ليليٰ جي يارنهن هزار راتين وارا قصا ناهن. جي ڪنهن جي دلچسپيءَ جو باعث بڻجن. هي پل پل جي پيڙا، گهڙيءَ گهڙيءَ جي گهاون ۽ ڦٽن مان ڦڙو ڦڙو ٿي ڪريل ۽ ٽيپو ٽيپو ٿي ٺميل رت، جمي ويل اڻ ڌوتل داغن جا قصا آهن، جيڪي اسان جي اڌ صديءَ جي تاريخ جو ڀيانڪ باب بڻجي چڪا آهن. هيءَ اهو اتهاس بہ ناهي جيڪو اڪثر اتهاسن جيان لکيو نہ پر لکايو ويندو آهي ۽ اڳتي هلي انهن ۾ تبديليون، ترميمون ۽ درستيون ڪيون نہ پر ڪرايون وينديون آهن. اتهاس جي عدالت ۾ هيءَ هڪ چشم ديده گواهہ جون ساک تي تحرير ڪيل ساروٽيون آهن، جن جي سٽ سٽ ثابتي ڏيئي رهي آهي، تہ جن قومن جو ماضي شاندار هوندو آهي، انهن کي حال ۽ مستقبل ۾ ڏاڍا ڏک ڏاڪڙا ڏسڻا پوندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلڪتي ۾ پاڪ- ڀارت پيلس فورم فار پيس اينڊ ڊيموڪريسي (PIPFP&D) جي ٻن ڏينهن جي قومي ڪنوينشن هئي. مان ان فورم جو ابتدائي ميمبر رهيو آهيان. فورم جون گڏيل تي گڏجاڻيون ڀارت ۾ دهلي، ڪلڪتي ۽ بئنگلور ۾ ٽيون ۽ ٻه گڏجاڻيون پاڪستان ۾ لاهور ۽ پشاور ۾ ٿي چڪيون آهن. ٽين گڏيل ڪنوينشن هن سال ڪراچيءَ ۾ رٿيل آهي، جيڪا اول خير سازگار ٿيندڙ حالتن هيٺ ٿيڻي ٿي آهي ۽ مان هڪ ڀيرو وري پنهنجي وطن جا وڻ ڏسندس (حالانڪ اڄ واري ڪراچيءَ ۾ وڻ مون رڳو تاجل بيوس جي گهر ۾ ئي ڏٺو آهي. (تاجل جي ان اڪيري جي ڇت تي هڪ رات مون پنهنجي زندگيءَ جي گهري ۾ گهري ننڊ ڪئي آهي.)

هن ئي ڪلڪتي شهر ۾ ڪجهه سال اڳ، فورم جي مشترڪ ڪانفرنس ۾ هندوستاني ۽ پاڪستاني امن جي ايلچين، شهر جي هر چوراهي ۽ شهر جي رستن تي پاڪ- ڀارت دوستيءَ جا جلوس ڪڍيا، شهر جا اڌ ماڻهو رستن تي اٿي آيا هئا. جلوس جي اڳواڻي هند-پاڪ جا سياستدان، اديب، شاعر، سماجي ڪارڪن وغيره ڪري رهيا هئا ۽ ڊاڪٽر مبشر حسن، آءِ. اي. رحمان ۽ عاصمه جهانگير جهڙين شخصيتن، سراج الدولہ جي هن شهر کي پنهنجيءَ گرفت ۾ آڻي ڇڏيو هو. ڪلائيو ۽ مير جعفر حيرت مان هي سڀ ڪجهه ڏسي رهيا هئا. جلوس پرجوش نعرا هڻي رهيو هئو:

"ايڪ هي ماں ڪي دونشان، هندوستان اور پاڪستان."

جلوس ۾ مرد، عورتون، ڊاڪٽر، وڪيل، پارٽي ورڪر، مل مزدور، دوڪاندار ويندي سونا گاڇيءَ جون سدا سهاڳڻيون بہ شامل هيون. (سونا گاڇي هندوستان جو وڏي ۾ وڏو ۽ دنيا جو ٻيو نمبر ڳاڙهي بتيءَ وارو علائقو آهي) حيدرآباد (دکن) مان آيل منهنجي پراڻي دوست مظهر حسين، جيڪو تازو ڪراچي ويو هو، مون کي محترم عبدالستار ايڌيءَ جي، سندس هٿ سان منهنجو نالو لکي موڪليل آٽم ڪتاب 'انڌي جي لٺ' جي ڪاپي ڏني. مون کي حيرت لڳي جڏهن مظهر ٻڌايو "ايڌي صاحب نہ رڳو توکي سڃاڻي، پر تنهنجيءَ خوش خيريافت بابت پڻ تفصيل سان پڇي رهيو هئو." مولانا ايڌيءَ جهڙو عظيم انسان مون کي ڪيئن ۽ ڪڏهن کان سڃاڻي، مون لاءِ ڪنهن معجزي کان گهٽ ناهي. مان هن جي آبائي شهر بانوا بہ ڀيرا ويو آهيان. سنڌيءَ جو مشهور ترقي پسند شاعر سرڳواسي اندر ڀوڄواڻي بانتوا جي سنڌي اسڪول ۾ ماستر هئو ۽ سنڌيءَ جا ڄاتل سڃاتل ليکڪ هريش واسواڻي، هيرو شيوڪاڻي، گوبند گوشحالاڻي ۽ ڪي ٻيا بانتوا ۾ اندر وٽ پڙهندا هئا. جتي ئي هو هن کان ساهتڪ سرجڻ سکيا. اندر، گوردن محبوباڻي ۽ مون کي بيحد پائيندو هئو ۽ هن جي شخصيت ۽ شرافت بہ ايڌي صاحب جيتري ئي عظيم هئي. ان بانتوا جو ويجهو ئي جام نگر جي چيلا ڳانءَ ۾ اسان جو ٻهريون ڀڙاءَ ڀيل هئو. ڪئمپ جي آسپاس وارو ماحول موهيندڙ هئو. بئرڪن جي چوڌاري ٿوم جي خوشبوءَ ۽ بصرن جي بوءِ رل مل ٿي، جسم ۽ روح کي معطر ڪندي هئي. ڪنهن کي ڪوبہ ڪم ڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرٽو نہ ٿي پيو. سواءِ ’چيلاگانءَ‘ جي جهرٽي جهڙي شفاف نديءَ ۾ وچي ترڻ جي. جوان ڇوڪرا، سوراشٽرا جون جوانڙيون تڪيندا. ناريل ۾ ڪارڪون ڪائيندا رهندا هئا. جن جا ڇپا پيري اتان جون عورتون نديءَ ڪناري ويهي وڪڻنديون هيون.

ماني مفت هئي، ڪپڙا لتا مفت هئا. گهرج جو ننڍو وڏو سامان گهرڻ کان سواءِ ئي پهچندو رهندو هئو. صبح شام والنٽيئر ۽ والنٽيئراٽيون سيني جو سڏ سماءُ اچي لهنديون هيون. ڳوٺ جا ماڻهو معصوم ۽ اشراف هئا ۽ اسان شرٽارٽي هوندي به اهڙو ڏيک ڏيندا هئاسين، ڄڻ اسين سنڌي اهي وڏا رئيس هئاسين. جن جو خريد ڪيل قيمتي سامان گم ٿي ويو آهي، پر اسان ان سامان جون رسيدون سنڀالي رکيون آهن. جن کي هاڻي ڪئش ڪري رهيا آهيون.

بئرڪن ۾ رهندي به مهينا ٿي ويا. انهن ٻن مهينن ۾ مفت جو مال کائي جوان ڇوڪرا ۽ مرد مڇي مڙس ٿي پيا ۽ سرڪاري سانهہ جيان هتي هتي پهرين ناسون ۾ پوءِ ٿونا هڻڻ لڳا. ڪي محنتي قسم جا ايماندار ماڻهو ڪيتن مان ٿوم ۽ بصرن جون ڳوٽيون پيري، ڪڙمين کان سستي اگهه تي رني، آسپاس جي ڳوٺن، بلڪ چام نگر ۽ راجڪوٽ تائين وڃي وڪڻندا هئا ۽ ائين به چار روپيہ ڪمائي ايندا هئا. پر انهن جو تعداد بنهہ ٿورو هئو. اڪثر جوان ڇوڪرا نڪمٽائيءَ ڪري شودپايون ڪرڻ لڳا. ڪا قرلت، ڪي ٽڳيون يا دولاب نہ ڪيئون رڳو سهٽيون ڇوڪريون تڪڻ لڳا ۽ آهستي آهستي ڪن معصوم ڇوڪرين کي پنورين جيان پنهنجي چار ۾ ڦاسائڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيائون.

۽ ان وقت ئي اهڙو هڪ واقعو ٿيو جنهن جي ڪري سنڌين جي سچي ڪاريت کي ٽڪو لڳو. پر واري ڳوٺ جي پٽيل (مُکي) جي پرٽيل جوان ڌيءَ، جيڪا ماڻن وٽ آيل هئي، هڪ رات گهر مان گم ٿي ويئي ۽ ساڳئي وقت ڪئمپ ۾ رهيل چندوءَ نالي ڇوڪرو به غائب هو. ٻئي ڏينهن صبح کان شام تائين ڇوڪريءَ جي ڳولها ٿيندي رهي ۽ پٽيل ڳولهيندا ڳولهيندا ڪئمپ تائين اچي پهتا. ڪين ڪن ڪڙمين کان ڏس مليو تہ پٽيلن جي گهر کان ڪجهہ وکون پري هڪ ڍڳي گاڏي چڱو وقت بيٺي هئي ۽ اڌ رات کان پوءِ ويئي هئي. ڪين سنڌي ڇوڪري چندوءَ جي غائب ٿيڻ جي خبر پڻ ملي چڪي هئي، اهڙي غوغاءَ تي ڪيئي مرد زالون ڪئمپ جي بئرڪن ٻاهران گڏ ٿي ويا.

گجرات جا پٽيل ڏاڍا ڏنگا ماڻهو آهن. ڇوڪريءَ جي ساهري پهر جا پٽيل پڻ پهچي ويا ۽ هيڏانهن ساڪرو بہ ڏورا ڪشي ٻاهر نڪري آيا. وڏو جهيڙو ٿي پيو. خاص ممڻ تڏهن متو جڏهن چندوءَ جي پيءُ ۽ چاچي ڇاتيون ٺوڪيندي چيو. ”اسان جي ڇوڪري، ڇوڪري پڇائي آهي ۽ اسان جي مرضي سان پڇائي آهي. ڪاهيو جيڪو ڪاهڻو اٿوَ“ ائين چئي هو پنهنجين ڌوتين ۽ پٽلونن جا ور ڪنجڻ لڳا ۽ فريادين سان هٿين پئجي ويا. اها ساڪرن جي سچ پچ نہ رڳو چوري، پر سينا زوري هئي. رات جو ڪئمپ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڪراڙي مائي چوڻ لڳي، ”بس ادي ڏنو ہرو ويو ماريبي جو ڪِرُ.“ منهنجي ناني بہ چوندي هئي، ”ڏيءَ ڪي ڳتڙا ڳتڙا ڪري ڪوهہ ۾ ڦٽو ڪجي، پر انهن مٺن سڪر روهڙي وارن سان ڪڏهن متي نہ ڪجي.“

اسان جا سنڌ جا مسلمان پائر الائي ڪيئن واڻين ڪي ڊڄڻا ۽ ڏوتي، چوڙ سمجهندا هئا. شايد ان ڪري ٿي ميرن جي دربار ۾ هندن ڪي سندن بيگمن جي حويلين تائين، بي روڪ ٽوڪ وڃڻ جي اجازت مليل هئي. جڏهين تہ هو پنهنجي زالن جي معاملي ۾ پنهنجن متن، ماتٽن، بلڪ سڀني سوٽن ماساتن تي بہ وشواس نہ ڪندا هئا. هنن جو شايد پراڻي سکر ۽ ڳڙهيءَ جي هندو شودن سان واسطو نہ پيو هئو. سکر جو بصر ڳنڍيو وارو پنهنجي متي سان برف جي ڳري پڪ پچيندو هئو ۽ چوندا هئا تہ سکر جي چڪلي جو مڪراڻي دادا بہ هنن کان ڪنہ ڪائيندو هئو. هيمون ڪالاڻيءَ جو چاچو ڏني چند ڪالاڻي ۽ هن جو پاڻتيو پپو ڪالاڻي، الهاس نگر جا مڃيل Don آهن. متن قتل جا الائي ڪيترا الزام آهن. ڏني چند ڪالاڻي جيڪو ڪجهہ سال اڳ پنهنجي رقيب هٿان ڪلياڻ ڪئمپ جو وچ چونڪ تي قتل ٿيو. جڏهن تہ پپو ڪالاڻي ڪيترائي سال خونن جو ڏوهہ ۾ جيل ڪاٽي، ڪجهہ مهينا اڳ ٿي ضمانت تي ڇٽي آيو آهي، پر جيل ۾ رهندي بہ هن جي دهشت الهاس نگر جي پنجن ئي ڪئمپن ۾ ڇانيل رهندي هئي. سنڌيءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار موهن ڪلپنا ڪيترو عرصو پپو ڪالاڻي جو سيڪريٽري تي رهيو.

پر اها حقيقت آهي تہ پپوءَ ڪلياڻ ڪئمپ کي ڪنهن وقت جي ڪراچيءَ جهڙو خوبصورت شهر بڻائي ڇڏيو ۽ ڪئمپ جي رستن کي بمبئيءَ جي رستن کان بہ بهتر بڻايو. اڄ الهاس نگر، جنهن کي اسين سڀ سنڌو نگر چوندا آهيون، اگر سنڌين جي پئرس بڻجي سگهيو آهي تہ رڳو پپو ڪالاڻيءَ جي ڪري. هن جي دهشت اڄ بہ ڪيترن جو ڏيل ڏڪائي ڇڏيندي آهي. اهڙيءَ طرح تاج بلوچ جي شهر پني عاقل جي ويٺل اجمير جي وڏي داداگير، ليمي مل جي نالي پڌڻ سان ئي مڪاني مارواڙين جو مُٺ وهڻ لڳندو هئو.

سنڌيءَ جو برک اديب ۽ شاعر ۽ منهنجو گهاٽو دوست سرڳواسي سڳن آهوجا، سکر ۾ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو هم ڪلاسي هو. هن مون کي ٻڌايو هو تہ ”هيمون انقلابي برابر هو پر هن جي سنگت ۽ گهٽو تٽو اٿڻ ويهڻ پراڻي سکر جي شودن سان ئي هوندو هئو جيڪي صبح جو ڪسرتون بہ ڪندا هئا ۽ شام جو گڏجي ڀنگون بہ پيئندا هئا. ڪن جو تہ چوڻ آهي تہ ريل جا پٽا اکوڙڻ ۽ جهلجي پوڻ وقت بہ هو ڀنگ پيتل هئو. (دوروغ برگردن راوي)

بهرالحال هيمونءَ جي حق ۾اها قدر شناسيءَ واري حقيقت آهي تہ هو هندوستان جي انقلابين ۾ ڦاسيءَ تي چڙهندڙ ننڍي ۾ ننڍي عمر وارو انقلابي هئو. ان وقت هن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمر سترنهن سال هئي. جڏهن تہ ڀڳت سنگهہ ٻہ چوويهن سالن جو هو. اهو هيمونءَ جو ڪسرتي جسم ئي هو جنهن برطانوي سامراج جا ايترا عذاب سهڻ کان پوءِ بہ پنهنجن ساٿين جو نالو نہ ڪنيو. شايد اهو سکر جي سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو ڪرشمو هو.

ڪئمپ جي جهيڙي ۾، ڪيترن ئي سنڌين ۽ پٽيلن جا مٿا ڦاٽا. چندوءَ جي چاچي جي هڪ اک ضربجي پيئي ۽ ٻنهي طرفن جي مڙسالن جا ڪيترن ڏينهن تائين منهن سڄيا پيا هئا. اسان ڏپ کان چيلاڳان جي نديءَ تي وڃڻ ڇڏي ڏنو. چئن چڱن ۽ والنٽيئرن جي ڪوشش سان جهيڙو تہ ٽري ويو پر پٽيلن اسان جو ڪاٺ پاڻي بند ڪري ڇڏيو ۽ ڪئمپ مان نڪري وڃڻ لاءِ چيو. ڪانگريسي ڪارڪن بہ ايلاز ڪرڻ لڳا تہ توهان جو ڄام نگر شهر جي اسڪولن ۾ رهڻ جو بندوبست ٿا ڪريون. جو اسڪول وئڪيشن ڪري خالي آهن. اتي توهان کي هر ڪا سهوليت ڏني ويندي. سينئي پنهنجو سامان سهيڙڻ شروع ڪيو.

ٻئي ڏينهن شام ڌاري چندو ۽ ڀڄايل ڇوڪريءَ کي راجڪوٽ مان جهلي آيا. چندوءَ کي تہ مائٽن سنڀالي ورتو پر ان معصوم ڇوڪريءَ جي ساهرن توڙي پيڪن سان پٽيلن ڪهڙي حالت ڪئي، اها ڏاڍي ڏکوئيندڙ واردات آهي، جيڪا اسين ڄام نگر اچڻ کان پوءِ بہ ٻڌندا رهياسين. چندوءَ جو چوڻ هو تہ ڇوڪري پرڻيل هوندي بہ ڪنواري هئي، جو هن جو مڙس نامرد هئو ۽ ڦوهہ جوانيءَ سان ڦاٽندڙ ڇوڪري سنڌي جوان مرد اڳيان پاڻ جهلي نہ سگهي.

اسڪولن ۾ ڌرمشالائن جون صفايون ڪرائي، ڪارڪنن ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ اسان کي ڍڳي گاڏيءَ ۾ ويهاري، ڄام نگر اچي لاٿو. شهر جي ڀر ۾ ئي فوجي ڇانوڻي هئي. فوجي جوان بيحد اشراف ۽ رحمدل هئا. هو هر شام اسان جو سڌ سماءُ لهڻ ايندا هئا. پر ڪڏهن بہ فوجي يونيفارم ۾ نہ آيا. بلڪ اڇا ڪڙتا پائجاما پائي ايندا هئا. ڪئمپ ۾ ملندڙ ڪاڌي پيتي کان سواءِ، هو پنهنجي راشن مان بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ پاڻ سان کڻي ايندا هئا. ٻارن لاءِ بسڪوٽ ۽ ڪٽمنڙا کڻي ايندا هئا. هڪ سنڌيءَ کي فوجيءَ وٽان رم جي بوتل آڻڻ وقت، مون پهريون رم ڏٺو ۽ ڄاڻ پيم تہ رم نالي ڪاري رنگ جو ڪو شراب بہ ٿيندو آهي. اڳتي هلي اهو بہ ٻڌم تہ سنڌ ۾ انگريز ۽ پنهنجي ڀلي ڀلي پاڻ بار ڍوئيندڙ خچرن کي رم پيئاريندا هئا.

ڄام نگر شهر جي جوڙجڪ ۽ رستا هوبهو سنڌ جي شهر ٺٽي جهڙا هئا. ڏسندي ڏسندي سنڌي شرڻارٿين اسٽيشن ٻاهران ۽ شهر جي صاف سٿرن فٽ پاٿن تي پنهنجيون پڙيون لڳائڻ شروع ڪري ڇڏيون. راجڪوٽ مان ٻڌن اڳهن تي يا اوڌر تي مڃارڪو سامان، سيٺي جو سامان، سگريٽ، بيڙيون، تماڪ (پان ڪاٿ ۽ ٿاهڻ اڃان هو سکيا نہ هئا) باقتو، ڪڇي ڀرت جا ڪپڙا وغيره، فٽ پاٿن تي ويهي وڪڻڻ لڳا. هڪ ٻن ڪراچي ۽ شڪارپوري حلوي جو هٽ کوليو ۽ هڪ ڏوري باز قسم جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانني تہ چاپن جو ٻاڪڙي قسم وارو هوٽل بہ ڪوليو جتي ظاهرن تہ پٺاتي جون چاپو هيون. پر انهن ۾ اندر قيمو پرينڊو هئو. جيڪي ڪانياواڙين جا ڇوڪرا چشڪو وٺندي ڪائيندا هئا.

ڏهن ٻارنهن سالن کان پوءِ ڄام نگر جي فوٽ پاٿ تي، ڪراچي حلوي جون چڪيون وڪڻندڙ اهو ساڪرو ڏيئو مل مون کي دهليءَ جي ڪناٽ پليس ۾ هڪ ڪلهي تي انگوڇو ۽ ٻئي ڪلهي تي حلوي جي چڪين جو ٿالهہ رکي، 'ڪراچي حلوو ڪراچي حلوو' جا هوڪا ڏيندي ڏسڻ ۾ آيو. مون هڪدم هن کي سڃاتو. هن جي ڇهري تي گهنج پئجي ويا هئا ۽ هوڪا ڏيندي ڏيندي هن جو آواز گهگهو ٿي ويو هئو. مون سان گڏ هريڪانت ۽ هيم هئا. مون هن کي ڄام نگر وارا ڏينهن ياد ڏياريا. هن ٿالهہ پٽ تي رکي، مون کي هري ۽ هيم کي ڀاڪر پاتو ۽ اسان کي پنهنجو ڀٽڪندي ڀٽڪندي دهليءَ تائين پهچڻ جو سچو داستان ٻڌايو. هن جي زال ڄام نگر ۾ ئي گذاري ويئي هئي ۽ ڪيس ڪو ٻار ٻچو نہ هو. هو دهليءَ جي پراڻي قلعي ۾ هڪ ننڍي ٻئرڪ ۾ رهندو هو. رات جو حلوو ٺاهي، سڄو ڏينهن ڪناٽ پليس جي ڪاريڊارن ۾، ڪراچي حلوو جا هوڪا ڏيندو وتندو هو. ڪراچي، ڪراچي ڪندي هو اڌ چريو ٿي چڪو هئو.

ڪجهہ وقت پوءِ هيم ناگواڻيءَ (نارائڻ شيام جو ننڍو ڀاءُ) هن تي، اڌ چريو عنوان سان دل ڇهندڙ ڪهاڻي لکي.

سال 1963ع جي سياري ۾ شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي بمبئيءَ جي راجن چاولا ۽ گيتا راج سان گڏ دهليءَ آيا هئا. (ڪناٽ پيلس، شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽيءَ جي دهلي جي ان دوري جو احوال اڳتي هلي لکندس.)

هڪ شام مان اياز کي اڪيلو هوٽل کان ٻاهر وٺي آيس. اسين پريملاڻيءَ جي آڪسفورڊ بڪ ڊيپو ڏانهن وڃي رهيا هئاسين، جو ڪناٽ پليس جي ڪاريڊار ۾ اهوئي اڌ چريو ڏيئومل، 'ڪراچي حلوو ڪراچي حلوو' جا هوڪا ڏيندو ملي ويو. مون کي ڏسي بيهي رهيو ۽ چيائين، "ديوان، اڄ حلوو نٿو ڪائين؟" چيومانس، "سنڌي سائين (ڪناٽ پليس جا سڀ دوڪاندار هن کي سنڌي سائين ڪري سڏيندا هئا) اڄ حلوو اسان جي سکر کان آيل هن شاعر دوست شيخ اياز کي کاراءِ."

سکر جو نالو ٻڌي هو اتي ئي ڄمي ويو. ڪجهہ سامت ۾ اچي هو اياز کان سکر جي گهٽيءَ گهٽيءَ جو پڇڻ لڳو ۽ پوءِ اهو اڌ چريو ڪيترن ئي هوشمندن جا هوش اڏائي، ڪنهن غيبي آواز ۾ ڳالهائڻ لڳو:

"سائين، سکر جا اهي ملاڪڙا، جن ۾ مان پنهنجي ڪشيل ڏوري سان زنجير چني چڙهيندو هوس، سکر جي اها سنڌو جيڪا مان بنا ساهيءَ سڄي تري پار ڪري ويندو هوس، اهي انب، اهي ڪارڪون اهي پلا... اهي لونڊا... اهي... دلبر، اهو درياهہ بہ ڌانهون ڪندو هوندو ۽ تہ منهنجا تارون ڪاڏي ويا.؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو سياٽن کي مات ڪندڙ اڏ چرئي جي اها سٽ ڀڏي اياز ونجي ويو. ڪي ساعتون سن تي، ڪناٽ پليس جي ڪاريدار ۾ هٽ ۾ حلوي جي چڪي جهلي، شيخ اياز جهڙو شاعر ڄميو بيٺو رهيو.

۽ ٻئي ڏينهن اياز مون کي چيو "لڇمڻ سڄي رات منهنجي ذهن ۾ اڏ چريي جون اهي سٽون وڄنديون رهيون آهن."

"دلبر، اهو درياهه ٻه دانهون ڪندو هوندءِ ته منهنجا تارو ڪاڏي ويا.؟"

هن طويل زندگيءَ ۾ مون قسمن قسمن جا انسان ڏٺا ۽ گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو آهي، پر پوءِ به مان ان اڏ چرئي ڏيئومل کي وساري نه سگهيو آهيان. اڏ چريو انسان سڄي چرئي کان به وڌيڪ ڏهڪائيندڙ ۽ ولوڙا وجهندڙ هوندو آهي.

دهليءَ جي پراڻي قلعي جي هڪ پڳل ٻئرڪ ۾ ڏيئي مل جو لاش ٿن ڏينهن کان پيو هو. 'ڪراچي حلوي' جا ٿالهه، وساٽل چلهه، پيڙين جا اڏڙ قاتل فراسي ۽ لوهه جي ٿرٽنڪ ۾ ٻه چار بافتي جا وڳا ۽ حلوي مٿان مڻندڙ مکيون هڪلڻ وارا ٻه چار بوچڻ ئي هن جي سڄي ميراث هئي. ٽن ڏينهن کان هن جو لاوارث لاش پانڊون جي جوڙايل پراڻي قلعي ۾ مٽيءَ جي فرش تي سڪل سڙيل حالت ۾ پيو هو. اهڙي شخص جو لاش جنهن شيخ اياز جهڙي شاعر کي سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو هو.

مون کي لڳو هن جو مرده وجود رڳو 'ڪراچي حلوو' نه. پر پاڻ سان سڄي ڪراچي کڻي ويو هو. سکر جي سڄي سنڌو سڪائي ويو هو ۽ سچ پچ ان درياءَ دانهون ڪيون هونديون ته، 'منهنجا تارون ڪاڏي ويا؟' پراڻي قلعي پويان وهندڙ جمنا ۾، هن جي رک ۽ هڏا انهن مڇين کاڌا هوندا، جن کي اڳئي هلي بازار مان اسان ڳنهي کاڌو هوندو.

منهنجي ئي ڳوٺ ڪنڊياري جو هڪ عظيم فنڪار هاسانند جادوگر هو. هن کي سنڌ ۾ ته، ها سانند جادوءَ جو استاد مڃيندا هئا. پر هندوستان ۾ اچڻ بعد هن کي جادوگرن جي عالمي اداري جو صدر چونڊيو ويو. جتي هن کي پروفيسر جي اعزازي ڊگري سان نوازيو ويو. پي مسي سرڪار، گوگيا پاشا جهڙا جادوگر، هاسانند جي پيرن ۾ اچي ويهندا هئا. هن هتي مون کي جادوءَ جا ڪرتب سکڻ جو پس منظر ٻڌايو. هو آزاديءَ جي تحريڪ جو وڏو مجاهد هو ۽ پارٽيءَ طرفان انقلابين کان، سنڌ ۾ انقلاب ڦهلائڻ جي تربيت وٺڻ لاءِ ارڙهن سالن جي عمر ۾ بينگال ويو. بينگال جي هڪ ڳوٺ مان لنگهندي هن کي پيشاب جو خيال آيو. ڳوٺ جي هڪ جهوپڙيءَ جي پٽ ٻاهران ڪو ماڻهو ڇيڻو نه ڏسي، هو پنهنجو پائجامو کولي پيشاب ڪرڻ ويهي ويو. اوچتو جهوپڙيءَ مان هڪ پوڙهي مائي نڪتي، پنهنجي جهوپڙيءَ ٻاهران ڪنهن اجنبيءَ کي ائين پيشاب ڪندو ڏسي، هن کي اهڙي ڪاوڙ آئي جو پوڙهيءَ پنهنجي جادوئي منتر سان هن جو مٽ ٻيهاري ڇڏيو. هاسانند هٽي بيٺو بيحد شدت ۽ سور جي باوجود هن جو پيشاب نه نڪري نه نڪتو. هن مائيءَ کي ايلاز منٿون ڪري پنهنجو ريلو جاري ڪرايو ۽ ٽي مهينا ان ڳوٺ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رهي، ان پوڙهيءَ بنگالڻ ڪان جادو جا سڀ ڪرتب سکيا ۽ جادوءَ جو استاد بڻجي ڪنديارِي موٽيو.

هاسانند کي هڪ ڌيءَ هئي، جنهن جي شادي ٽلٽيءَ جي هڪ ڪانگريسي ڇوڪري سان ڪرايائين ۽ هن شاديءَ ۾ پنهنجي ڌيءَ کي ڏاج طور ٻه ڪاٽيءَ جا وڳا، هڪ ائٽ، هڪ سير ڪپهه جون پوٽيون ۽ ماڪيءَ جو شيشو ڏنو. سڄي سنڌ ۾ هن جا هزارين گرامو فون رڪارڊ وڪامندا هئا، جن مان رڪارڊنگ ڪمپنين الائي ڪيترو ڪمايو هوندو. پر هندستان ۾ ان ئي پروفيسر هاسانند، جادوءَ جي استاد جو لاوارث لاش دهليءَ جي پٽيل نگر جي هڪ برساتيءَ ۾ سڄو هفتو پيلو ٿيو پيو هئو ۽ هيٺ رهندڙ پنجابي گهر ڌڻيءَ کي سندس موت جي ان وقت خبر پيئي، جڏهن هو ڪانئس مهيني جي ٽيهه روپيه مسواڙ گهرڻ لاءِ مٿي برساتيءَ ۾ ويو. پنجابيءَ کي هن جي کيسي مان ڇهه روپيه ۽ ڪجهه ريزو وصول ٿيو. پٺي پاسي سنڌيءَ جي هڪ برڪ اديب تيرٿ وسنت، بڙودا جي هڪ يتيم خاني نما ٻڍا آشرم ۾، دل ڏاريندڙ مفلسيءَ ۾، پنهنجي زندگيءَ جا پويان پساهه پل ڳڻينڊي کنيا.

هن ورهاڱي سنڌين سان ڪهڙا اکڙا نه وئل وهايا. در در ڀٽڪندي سنڌين قرض ضرور کنيا، پر ڪنهن کان ڪا خيرات نه گهري. عورتن ڏينهن رات مشينون هلايون، هٿن سان هاج ڪندي، سر سر جوڙيندي، پنهنجا ننڍا وڏا گهرڙا اڏيا، پر ڪڏهن به پنڻ جو دنيا وارو پراڻو پراڻي ۾ پراڻو پيشو اختيار نه ڪيو. اڄ هندوستان ۾ آباد سنڌي لکاپتي، ڪروڙ پتي ۽ ارب پتي به آهن، پر پئسو ڪمائڻ کان پوءِ کين اهوئي احساس ٿي رهيو آهي ته پئسو آخر ڇاهي؟ پئسا ته ڪيترين وٽ به گهڻا هوندا آهن.

مون کي پنهنجي دماغ تي ته سدائين اختيار هو پر دل تي ڪڏهن به وس نه هليو آهي. ائين ئي هڪ، پٺي ڪنهن کي مان ڪڏهن وساري نه سگهيو آهيان. جيڪڏهن منهنجي من منهنجو چيو مڃيو ته اڳتي هلي مان پنهنجي ان پيار بابت مس ۾ ٻوڙيل قلم سان نه، پر ڳوڙهن سان ٻڏل قلم سان لکندس.

وئڪيشنون پوريون ٿينديءَ ئي اسان کي اسڪول خالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو. ان دوران ڪيترن ڪتنبن چام نگر جي ميمڻ ۽ بوهرين جا ڇڏيل گهر والاري وڃي پنهنجا پنهنجا ڏنڊا ڏاڙيون شروع ڪيا. مختصر عرصي ۾ اسٽيشن سامهون سنڌين جو سڄو مارڪيٽ نهي ويو. هوٽلون، پاڪڙا، مچارڪا دوڪان، سيڌي پاڌي جا هٽ، اسٽيشنريءَ جا دوڪان، ڪپڙي جا دوڪان، گجراتيڻن جي ٻانهن ۾ چوڙيون پائڻ ۽ سندن ڳچين ۾ هار پائڻ جا دوڪان. شهر ۾ رونق اچي ويئي ۽ رنگ پلٽجي پيا. هندوستان جي سرڪار سيني شرڻارٿين کي ريل ۾ مفت سفر ڪرڻ لاءِ پاسيون ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڪيترا سنڌي ڇوڪرا ڪوڙن سچن نالن جون لسٽون ٺاهي، ريلوي ۾ اختياري وارن کان ٻڌنن جي حساب سان پاسيون هٿ ڪري ايندا هئا ۽ ترين جي ٽڪيٽن جي اڌ مني قيمت تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي اپوجهه ماڻهن کي وڪڻندا هئا. ٽرينن جا ٽڪيٽ چيڪر ٽڪيٽون جاچڻ بدران مسافرن سان گڏ ويهي ڪانئن حال احوال وٺندا هئا. نـ سنڌي هنن جي ٻولي سمجهندا هئا ۽ نـ هو سنڌين جي. ڪو سنڌي چوندو هو تـ اسان کي درياءَ وٽ جڳهه ڏي تـ ٽي ٽي ويچارو ڪا فراسي يا ٽيڙي کٽي اچي کين ڏيندو هئو. هن وقت ڄام نگر ۾ پنجويهه هزار سنڌي گهر آباد آهن ۽ بيحد آسودا آهن. اختياريءَ وارن آهستي آهستي سيني شرڻارٿين کي آسپاس جي ننڍين وڏن شهرن ۾ وسائڻ شروع ڪيو. راجڪوٽ، بانٽوا، ڪتيانا، جيتپور، پاونگر، جهونا ڳڙهه، سڀ سنڌي هڪ هڪ تي ٽانئيڪا ٽيندا ويا. جن کي ريل گاڏين جي مفت جي ٽڪيٽ جي هير پئجي ويئي آهي، اڳتي وڌي احمد آباد سورت ۽ بڙودا تائين اچي پهتا ۽ ائين آهستي آهستي سڄي هندوستان جي هر صوبي ۾ ڦلهجندا رهيا. رڳو پنجاب کان پري پڳا. ائين بـ پنجن دريائن جي ملڪ جي ماڻهن سان اسان سنڌين جي ڪڏهن بـ سنوت نـ رهي آهي.

دهليءَ جي ڏيڍ ڪروڙ آبادي ۾، ان ملڪ جي تخم جو تعداد سٽ لک کن آهي. هن قوم جا اڪثر فرد ڪوڙس باز هنيلا، موقعي پرست، ڏنگا ۽ بدفضيلتا آهن. گارگند تـ چڻ سندن سُتيءَ ۾ پيل آهي. ويندي پنهنجين زالن ۽ پٽن، ڌيئن سان بـ اهڙي ٻولي ڳالهائيندا جو ٻڌندي تاڪ لڳيو وڃن. منهنجي موتي باغ واري گهر جي پهرين فلور تي اهڙو هڪ رڌ رهندو هو. سدائين جهيڙي لاءِ تيار. هن جي ڪنهن اداري ۾ گشتي نوڪري هئي. هڪ ڏينهن بئنگلور وڃڻ لاءِ، هيٺ جيئن ٽيڪسي ۾ وينو پئي، تـ مٿان بالڪنيءَ تان جوٽس وڏي واڪي سڏ ڪري چوڻ لڳس، "اوئي، بنگلرو تون ميري لئي دوتن چنگي ساڙيان لئہ آئين." ۽ هن هيٺيان ئي ٻوڪ ڦاڙي چيس:

"اوئي جينان، ساڙيان تيري ڪول ني، اني تي مايوي اندرا گانڌي ڪول نيئن هوٽي، تي تون روز نئين ساڙيان منگي جاندي هئن."

ساڙهيون جوٽس تي گهريون ۽ وچ ۾ گاريون ويچاري اندرا گانڌيءَ کاڌيون. راجڪوٽ ۽ بانٽوا جا ميمڻ چڱا مالدار هئا. جيڪي جيئن جيئن لڏيندا ويا، تيئن تيئن سنڌين سندن جاين جائدادن تي اچي قبضو ڪيو. باقي جن نٽي لڏڻ چاهيو تن مٿان سنڌين اهڙو ڪوہ دٻاءُ نٽي آندو، جهڙو سنڌ ۾ آيل مهاجرن هندن مٿان، سنڌ مان نڪرڻ وڃڻ لاءِ آندو هو. نـ رڳو ايترو پر گجرات ۽ بمبئيءَ ۾ ڪيترن سنڌين مڪاني ميمڻ ۽ ڪانيا واڙي مسلمانن سان ڏنڌي ۾ ڀاڱيداريون پڻ جوڙي ورتيون ۽ اهڙيءَ ڀائيواري هيٺ ڏنڌا ڏينهون ڏينهن وڌندا ويا. ڪيترن جا تـ هڪ ٻئي سان ڪٽنبي رشتا بـ جڙي ويا.

جهونا ڳڙهه، هڪ نوابي رياست هئي، جنهن جو ديوان ڪيترا سال شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو والد شاهنواز ڀٽو رهيو. نواب هڪ چسو هوڏي ۽ زبردست عياش هئو ۽ هو ڪتن پالڻ جو بيحد شوقين هو. هندوستان جي هر علائقي، مذهب ۽ ذات جون حسين عورتون هن جون نڪاح ٻڌيون زالون هيون ۽ داشتائون ان کان سواءِ. سندس بيگمن جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعداد سٺ پنجهٺ هو. هن وٽ سڄي دنيا جي بهترين نسل جا ڪتا ۽ ڪتيون هيون، جن کي هو پنهنجين بيگمن کان بہ وڌيڪ پيائيندو هو. راڄ ڏياچ جي گرنار قلعي پرسان ئي هن جو وسيع ۽ عاليشان محل هو جنهن جي ڇت تي هو هر شام پنهنجن درٻارين، دوستن ۽ مهمانن سان شراب جون محفلون مچائيندو هو ۽ هن جي آسپاس ڪتن ۽ ڪتين جي وڏي لوڙ وڻي هوندي هئي.

نواب سان منسوب هڪ واقعو مشهور آهي، تہ هڪ شام جو اهڙي ڪنهن محفل ۾ ممبئيءَ جي گورنر جي انگريز مئڊم هن کان پڇيو، "نواب صاحب توهان آخر انهن ڪتن ۾ اهڙو ڇا ڏٺو آهي، جو ڪين پنهنجين بيگمن کان بہ وڌيڪ ٿا پانيو؟"

نواب ڪيس ڪو جواب نہ ڏيئي، هڪ ڪتي کي اشاري سان سڏ ڪري چيو "هن ڇت تان هيٺ ٽپو ڏي". وفادار ڪتي مالڪ جو اشارو سمجهي هڪدم ڊوڙ پائي، اونچيءَ ڇت تان هيٺ ٽپو ڏنو. نواب ميڊم کان پڇيو "ٻڌاءِ منهنجي ڪا بيگم منهنجي هڪ ئي اشاري تي ائين ٽپو ڏيندي؟"

هندوستان جي پنج سو کان بہ وڌيڪ رياستن کي قومي تحويل هيٺ آڻڻ وقت، جهونا ڳڙهہ جي نواب اشتراڪ ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان اڳ جو متس حيدرآباد (دکن) جيان ڪو ڏاڍائيءَ وارو قدم کنيو وڃي، هو راتو واهہ پنهنجي ذاتي طياري ۾ ڪراچي پڄي ويو. ۽ حيرت جي ڳالهہ اها آهي، جو هو پنهنجيون سٺ کن زالون تہ محل ۾ ڇڏي ويو پر پنهنجو سڄو جهاز ڪتن ۽ ڪتين سان ڀرائي ويو.

چون ٿا تہ ڪراچيءَ ۾ هن پنهنجا اعليٰ نسل جا کي ڪتا وڏن اگهن تي وڪڻي ۽ ڪجهہ پاڻ سان ڪٽي آيل نقديءَ مان، ڪراچي ۾ هڪ هوٽل خريد ڪئي، جنهن جي ٻورچي خاني ۾ ماڻهن کان وڌيڪ ڪتن لاءِ کاڌو تيار ٿيندو هئو. اڄڪلهہ اها هوٽل ڪٿي آهي. باقي هن جي بيگمن ۽ سريتن ۽ انهن جي اولاد جو حشر مان جهونا ڳڙهہ ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ اکين سان ڏسي آيو آهيان.

هن وقت جهونا ڳڙهہ جو گهڻو تڻو واپار، خاص طور تي ٽرانسپورٽ جو سڄو ڪاروهنوار، سنڌين جي ئي هٿ هيٺ آهي ۽ نواب جي خاندان جا ڪيترائي فرد سنڌين جي مالڪيءَ وارين، هر ڏس ۾ ويندڙ لگزري ڪوچز جا ڊرائيور، ڪنڊيڪٽر ۽ ڪلينر آهن ۽ نوابي حسين عورتون رڻ ۾ رليل آهن. منهنجي شاعر دوست لڇمڻ دُٻي، گرنار جي قلعي سامهون ئي پنهنجو محل نما بنگلو جوڙايو آهي، جنهن جي ڇت تي ويهڻ سان راڄ ڏياچ جي محل جو اهو حصو بہ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جتي ڏياچ ٻيجل کي پنهنجو ڪنڌ ڪپي ڏنو هئو ۽ اهو ميدان پڻ جتي سورٺ پنهنجين سيني داسين سان ستي ٿي هئي.

اسڪولن مان منتقل ڪري، اسان کي شهر جي ڪن ڊرم شالائن ۾ رهايو ويو. انهن ٻن ٽن مهينن ۾ اسان واري لڏي جا ڪيترائي ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا، پر هر هفتي سنڌ مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڏي ايندڙن جي نئين لڏ پهچي رهي هئي. اهي بہ ہہ چار ڏينهن ڌرمشالائن ۾ رهي، ڪنهن طرف نڪري ٿي ويا. جام نگر مان لڏي ويل مسلمانن جا سڀ گهر سنڌين اڳ ۾ ئي والاري ورتا هئا ۽ هنن نوان نوان ڌنڌا ايجاد ڪري، شهر ۾ چڱي چهل پهل مچائي هئي. گجراتي حيرت وچان ڏسندا هئا تہ سنڌن ملڪ ۾ هيءَ ڪهڙي مخلوق اچي پهتي آهي؟

مون ياپيءَ کي چيو "مان بہ ٻہ ٽي ڏينهن ٻاهران گهمي ڦري واءُ سواءُ لهي ٿو اچان ۽ ٽانئيڪو ٽيڻ لاءِ ڪو چڱو خالي گهر ڏسي ٿو اچان." ياپيءَ کان ويهہ روپيہ وٺي، مان ٽرين ۾ چڙهي، مهساڻا اسٽيشن تي اچي لٿس. مهساڻا جو اسٽيشن ماسٽر سنڌي هئو. ريلوي ملازم هئڻ ڪري ورهاڱي وقت ئي مٽاسٽا ۾ هندوستان پهچي، پنهنجي پوسٽنگ وٺي ويٺا هئا. هن جو نالو نيٽون مل، هو ۽ روهڙيءَ جو ياتيو هو. مون هن کي پنهنجي سچي رام ڪهاڻي ٻڌائي. هن جو ڪواٽر اسٽيشن ويجهو ئي هئو هو مون کي منجهند جي ماني کارائڻ گهر وٺي آيو. ماني کائي هو اسٽيشن هليو ويو ۽ مان شهر گهمڻ نڪري ويس.

مهساڻا شهر تمام گندو ۽ رستا ڀڳل ٽٽل. اڪثر آبادي چاڙا قوم جي ماڻهن جي هئي، جيڪا ڏوهاري قسم جي قوم آهي ۽ ڪچي شراب ٺاهڻ جو ڪاروبار ڪندي آهي، جنهن کي مقامي ٻوليءَ ۾ 'لٺو' چوندا آهن. ڪن ٻاڪڙن نما هوٽلن جي ٻاهران مردن سان گڏ ڪيتريون عورتون بہ 'لٺو' وڪڻي رهيون هيون. پنجن آنن ۾ هڪ گلاس مون بہ ورتو. ٻن ڍڪن ۾ ئي نڙي سڙڻ لڳي ۽ پريل گلاس اتي ئي ڇڏي ڏنم. ويٺل مرد ۽ عورتون کلڻ لڳا. اسٽيشن تي پهچي مون نيٽون مل کي نيزاري ڪئي تہ مون کي دوارڪا واري گاڏيءَ ۾ ويهاري، جتان سومناٿ ويندس. دوارڪا تائين ڪا سڌي ٽرين تہ نہ هئي، پر جنهن اسٽيشن تي لهڻ لاءِ چيائين اتان دوارڪا ڪلاڪ کن جو بس جو سفر هو.

دوارڪا پيٽ ڏسندي ئي هيانءَ ٺري پيو. ڪرشن جي هيءَ نگري بيحد سچ ڌج واري هئي. مترا ۽ بندرا بن ۾ جيتري گندگي آهي. دوارڪا ۾ ايتري ئي صفائي سترائي آهي. گجراتڻيون سچ پچ گوپين جيان لڳي رهيون هيون. ميران ٻائي پنهنجي زندگي جا پويان ڏينهن هتي ئي ڪرشن کي ڳولهيندي ڳولهيندي گذاري ڇڏيا هئا. هوءَ دور دراز جئپور کان هتي پيرين پنڌ پهتي هئي. هتي ئي هن جي سماڌي آهي. مان سمجهان ٿو ڪرشن ميران جي ايتري پرواهہ نہ ڪئي، جيتري ميران هن جي پريم ۾ متوالي رهي.

محل ۾ ڪرشن جي راڻين جا خوابگاهہ ڏسندو رهيس. محلات جو اهو پنيون پاسو بہ ڏٺم، جتان ارجن جست لڳائي، ڪرشن جي ڀيڻ سيدرا کي ڀڄائي ويو هو. ارجن مهاڀارت جو وڏو جوڌو هو. هن جي پنهنجي زال دروپدي تہ هئي، پر اها پنجن پانڊون ڀائرن جي مشترڪ پتني هئي. ارجن جو ڪرشن جي ڀيڻ سيدرا سان پريم ٿي ويو ۽ جڏهن ڪرشن کي اها ڄاڻ پيئي تہ هن ارجن کي پنهنجي محل ۾ سڏائي چيو "اڙي ارجن! تون ڪهڙي قسم جو جوڌو آهين؟ جنگ جيان پريم ۾ بہ مردانگي ڏيکار ۽ راتو رات منهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ کي پچائي وچ. جنگ جي ميدان ۾ تہ مهارت سان ٻاڻ ٿو هلائين. پر ڪامديو جيان نظرن جا ٻاڻ بہ تہ هلائي ڏيکار.“

۽ جنهن جڳهہ تي مان ان وقت بيٺو هوس. اتان ئي ارجن، ڪرشن ڀڳوان جي ڀيڻ سڀدرا کي ڪيئن اغوا ڪري ويو اها هڪ دلچسپ ڪٿا آهي.

مان ڪرشن جي نگرين. متڙا ۽ بندرا بن ڪيئي ڀيرا ويو آهيان. بندرابن جي ڀسگردائيءَ ۾ تعمير ٿيل شيوا ڪنج ۾ ڪرشن ۽ راڌا سڄي رات رنگ رليون ملهائيندا هئا ۽ پريم ليلائون رچائيندا هئا. رات جو اتي ڪوبہ نہ رهندو آهي، چاڪاڻ تہ اهو شخص ٻئي ڏينهن جو صبح نہ ڏسندو آهي. جو ڪنهن ديوتا جون پريم ليلائون ڏسڻ ڏوهہ آهي. رڳو وديا پتيءَ جهڙو وڏو شاعر اهو لکي سگهيو آهي.

”ڪرشن، راڌا جي پستانن کي سڄي رات مهٽي مهٽي هينئر ٿڪجي سمهي پيو آهي ۽ راڌا مٿانئس چنور لوڏي، هن کي ننڊ ڪرائي رهي آهي.“

هي معجزا ناهن محبت جا رنگ آهن. جن هندو ڌرم کي بيحد رنگين ۽ دلچسپ بڻائي ڇڏيو آهي. هڪ اهڙو ڌرم، جنهن ۾ شراب حرام نہ. پر مقدس شيءِ آهي، جنهن جا ڪيپ ۽ خمار انسان جي اندر جو وراٽ روپ ٿا پسائين. معجزو هيءَ آهي، ٻن سالن جي ٻالڪ ڪرشن کي هن جي پالڻا ڪندڙ يشوڌا ڌمڪائي رهي آهي:

”سچ ٻڌاءِ تو مٽي کاڌي آهي.“

”نہ ماتا، مون مٽي نہ کاڌي آهي.“

”وات کول.“

۽ جنهن وقت ٻن سالن جي ٻالڪ وات کوليو تہ يشوڌا کي ڪرشن جي وات ۾ سڄي سرشتي ڏسڻ ۾ آئي. ننڍڙي وات ۾ سڄيءَ ڪائنات کي ائين گهمندو ڏسي، يشوڌا جا اوسان خطا ٿي ويا.

اهڙي ئي اچرج مان دوارڪا ٻيٽ وچ ۾، ڪرشن جي خوابگاهہ ۾ بيٺو چوڌاري هن سڄي سرشتيءَ کي ڏسندو رهيس ۽ لڳو ڄڻ هيءَ سڄي سرشتي منهنجي مٺ ۾ بند ٿي ويئي آهي ۽ مان علي بابا جيان سڀ منتر وساري ويٺو آهيان. جيڪي هو غفا جي بند دروازي اڳيان ٻيهي پلجي ويو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوٿون پنو

واشنگٽن ڊي سيءَ مان شايع ٿيندڙ ٽماهي رسالي Sindh watch جي هڪ شماري ۾ منهنجي پريتوان امر جليل جو Let me visit India جي سري سان هڪ خط شايع ٿيو آهي. خط جي پهرين پڻ پڙهڻ ۾ امر جليل وجوديت جي چوندڪرڻ واري سچي فلسفي ۽ نظريي کي ان جي بنيادي پيرايي ۾ پيش ڪندي، ديريدا جي Deconstruction جي ٿيئريءَ اڳيان هڪ سوال جي نشاني آڻي بيهاري آهي.

منهنجي پاسپورٽ تي Place of Birth واري ڪالم ۾ سنڌ (پاڪستان) درج ٿيل آهي ۽ ٻئي طرف مون وٽ اهڙو ڪوبه ثبوتي دستاويز ڪونهي، جيڪو واضح ڪري سگهي ته منهنجي قوميت هندوستانيءَ (ڀارتي) ۾ بدلجي ويئي آهي، سواءِ انڊين پاسپورٽ جي. مون وٽ ته هن ملڪ جي شهريءَ جو شناختي ڪارڊ به ڪونهي. ان ڪري ويهن سالن کان ووٽ به نه ڏيئي سگهيو آهيان. بهرالحال جنهن ڏينهن امر ڪراچي ۾ ۽ مان ڪنڊياري ۾ ڄاوا هئاسين (۽ چو ڄاوا هئاسين. اهو سوال ٻيئي پاڻ پڇندا رهيا آهيون) ان وقت اسين ٻيئي سنڌ ڌرتيءَ جا رهاڪو هئاسين ۽ سنڌي هئاسين. هينئر به ٻيئي سنڌي آهيون، پر ٻن دشمن ملڪن ۾ رهي رهيا آهيون ۽ اسان مٿان مڙهيل قوميت، اسان کان تقاضا ڪري رهي آهي، ته اسين هڪ ٻئي جا دشمن ٿي ٿي رهون.

امر جليل سان منهنجا روحاني رشتا ان ڏينهن کان جڙيل آهن، جڏهن مون دهليءَ مان شايع ٿيندڙ رسالي ”ساهت ڌارا“ ۾ هن جي پهرين ڪهاڻي پڙهي هئي ۽ مون هن کي هڪ ست جو خط لکيو هئو. اها چاليهه سال کن اڳ جي ڳالهه آهي. انهن چاليهن سالن کان مون هن جي ياد کي پنهنجي سيني ۾ سانڍي رکيو آهي. ان دوران اسان هڪ ٻئي کي پندرنهن، ويهه کن خط لکيا آهن ۽ مون امر جا سڀ خط سنڀالي رکيا آهن. ان وچ ۾ مان ڇهه ڀيرا سنڌ ويو آهيان. به ڀيرا دستوري ويزا تي ۽ چار ڀيرا ٽرنزٽ ويزا تي ۽ عملي طور امر جي ان قول جو احترام ڪيو اٿم. جنهن سان تمام گهڻو پيار ٿي وڃي، ان سان ملڻ ڇڏي ڏجي. مان ۽ امر هاڻي عمر جي پوئين پهر ۾ آهيون ۽ امر جي مذڪوره خط مون ۾ نئين سر ايتري آس اوس جاڳائي آهي ته اسين جي ملي نه سگهياسين ته گهٽ ۾ گهٽ چنجهين اکين سان هڪ ٻئي کي ڏسي ته سگهنداسين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چونڊ جو حق نہ هئڻ جي باوجود، امر جليل ۽ مان ساڳئي سال 1936ع ۾ ڄاوا آهيون. هن جو هن دنيا ۾ اچڻ امر جليل (خدا جو حڪم هئو) ۽ منهنجو ظهور هن ڌرتيءَ تي هڪ گناهگار جو اضافو هئو. تعليم جا ڪي شروعاتي سال اسان ٻنهي نوابشاهہ ۾ گذاريا آهن. اسان ٻنهي جي شادي خانہ آبادي بہ ساڳئي ئي سال 1963ع ۾ ٿي آهي. يقينن امر جي بہ مون جيان پنهنجي چونڊ جي شادي هوندي. جمڻ ۽ مرڻ ۾ اسان جي چونڊ ناهي، پر ان وچ واري عرصي ۾ اسان پنهنجي چونڊ جو حق استعمال شايد ڪري سگهيا آهيون.

پيشي طور پڻ اسان ٻنهي علم، ادب، ميڊيا، مواصلات، نشريات ۽ صحافت سان لاڳاپيل ڪرت چونڊي آهي. جيتوڻيڪ امر جو رتبو مون کان گهڻو مٿاهون رهيو آهي. مون کي ٽي ٻار آهن، جن بالغ ٿيندي ئي ولايت وڃي وسائي آهي ۽ مان ۽ گوپي هن عمر ۾ اڪيلائيءَ جا عذاب سهي رهيا آهيون. مون کي ڄاڻ آهي تہ امر کي اولاد نہ آهي ۽ اهو ڏک هو ڪيئن پوڳيندو هوندو، جيڪو مون واري پيڙا کان ضرور ڏار آهي.

ايترين هڪ جهڙاين جي باوجود، ادب ۾ مان امر جليل جي پيرن جي دز برابر بہ ناهيان. هو سنڌي ساهتيہ جي سونهن آهي، سرهاڻ آهي. هڪ اها سرهاڻ، جيڪا سنڌ جون سرحدون پار ڪري، هن سڄي برِصغير ۾ ڦهلجي چڪي آهي. هندوستان جي ڪهاڻيءَ جو ڦهلاءُ ڪندڙ هڪ وڏي اشاعتي اداري ’ڪٿا‘ طرفان امر جليل جي ڪهاڻيءَ کي پارٽ پاڪ جي بهترين ڪهاڻي ڪري مڃيو آهي ۽ هتان جي ڪيترين ئي ٻولين ۾ ان جا ترجما شايع ٿي چڪا آهن.

۽ پاڻ بابت – هيءَ ڪا خود ثنائي ناهي، پر حقيقت آهي تہ منهنجي خالق مون کي بي پناهہ تخليقي قوتن ۽ صلاحيتن سان نوازيو آهي، پر مون پنهنجون خداداد قوتون هر قسم جي حرامپاين، شودپاين، عياشين، عشق بازين، زنا ڪارين، شراب خوري، تماڪ نوشي، نشن پتن ۽ ٻين ڪيترين ناقابل ذڪر لوفر پاين ۾ ضايع ڪري ڇڏيون آهن. شايد ئي اهڙو ڪو عيب هجي، جيڪو زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي مون سان ڇهتيل نہ رهيو هجي. شراب جي ڪسرت استعمال ڪري سڄو لور (جگر) سڄيو پيو آهي. سگريٽ نوشيءَ ڪري ٻنهي ڦڦڙن (Lungs) مٿان ڏامر جهڙا ڪارا تهہ ڄميل آهن. سهڪي هٽي ساٿو ڪري ڇڏيو آهي. جسم سڄو نستو ٿي ويو آهي. ڇهري تي گهنج پئجي ويا آهن. اٺ ڏند مصنوعي آهن. اصلي ڏندن ۾ ڏاڍو سور پوندو هئو. نقلي ڏندن ۾ سور صفا نٿو پوي

پر هاڻي ڏاڍي دير ٿي چڪي آهي. هن وقت منهنجو منو مٿو اڇو ٿي ويو آهي ۽ مان پنهنجي ان اڇي مٿي جو ڪارو اعمال نامو لڪي رهيو آهيان.

امر جو خط منهنجي اڳيان رکيو آهي، جنهن ۾ هن هندوستان ڏسڻ جي دلي خواهش جو اظهار ڪيو آهي. تواريخ، آثار قديمہ، پراچين وستو وديا ۽ علم بشريات ۾ هن جي گهري دلچسپي هئڻ ڪري، هو بنارس جي ٽن شينهن وارا ٿنيا، سانچيءَ جا ٻوڌي اشويا،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرشن جي نگري متراٰ، ٽيپو سلطان جو تختگاهہ ميسور، خواجہ غريب نواز جو اجمير شريف، اندر پرستا ڪان شاهجهان آباد تائين، سترنهن ٻيرا تباهہ ٿيل دهلي ڏسڻ ٿو چاهي. اها دهلي، جنهن کي پوئين ٻيري جڏهن نادر شاهہ نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو تہ اردو شاعر مير تقي مير ٻيريل گلي سان چيو: ”هيءَ دلي، دلي ناهي، هڪ ٻان ٻان ڪندڙ ويرانو آهي. جنهن جو ماتم منهنجي حصي ۾ آيو آهي.“ هن اڳتي هلي اهو بہ ڏنو:

”دلي ۾ ان ڪو ٻيڪ ٻي ملتي نهين هئہ مير،
تا ڪل تلڪ دماغ جنهين تخت وتاج ڪا.

۽ اهوئي مير تقي مير، دهلي جو ”ايڪ شهر ٿا عالم ۾ انتخاب“ ڇڏي لکنوءَ جي نوابن جي تعزيءَ لاءِ هليو ويو. امر جليل هتي اچي تہ مان هن کي ڏيکاريان تہ ”ڏس اڄ ان وڏي شاعر جي مزار متان لکنوءَ جو ريلوي پليٽ فارم ٿهليل آهي. جتي لکين ماڻهو روز هن کي لتاڙي رهيا آهن.“

مان امر کي لعل قلعي جي اها خوني جڳهہ ڏيکاريان، جتي مغل شهزادن جون تانڊن جيان ٻرندڙ شيخن سان اکيون ڪڍيون ويون.

جتي محمد شاهہ رنگيلي کي پنهنجي خوابگاهہ جي نرم نازڪ بستري تي سڄي رات ان ڪري ننڊ نہ آئي هئي، جو ڪنهن ڪنيز سان همبستري ڪان پوءِ ان حسينہ جو هڪ زلف پلنگ تي رهجي ويو هو. مان امر کي اهو جهروڪو ڏيکاريان، جتي جهاندار شاهہ پنهنجي بازارو ڪنيز لال ڪنور سان گڏ ويهي جمنا جو نظارو ڏسندو هو. اها لال ڪنور جنهن جي حڪم تي طبلچي، ملتان جو گورنر ۽ ناچو محل جو ناظم مقرر ٿيندو هو. شهنشاهہ جهاندار شاهہ جي دربار مان وظيفو وٺندڙ شاعر، خواجہ مير درد پنهنجي روزنامچي ۾ نردئتا، ظلم ۽ بربريت جو هڪ دل ڏاريندڙ واقعو درج ڪيو آهي.

هڪ ساوڻي شام جو جهاندار شاهہ ۽ سندس محبوبا لال ڪنور، لعل قلعي جي جهروڪي تي ويٺي جمنا جو نظارو پسي رهيا هئا. جمنا ۾ ٻريان مسافرن سان ٻريل هڪ ٻيڙي اچي رهي هئي. جنهن ۾ سٺ ستر مرد عورتون، ٻچا پار سوار هئا. لال ڪنور بادشاهہ کي چيو ”حضور مون ڪڏهن ڪا ٻيڙي ٻڏندي نہ ڏٺي آهي. مان ڏسڻ ٿي چاهيان تہ اهڙو منظر ڪيئن هوندو آهي.؟“ جهاندار شاهہ هڪدم گهوڙيسوار روانا ڪيا ۽ کين حڪم ڪيو تہ وچ سير ۾ ٻيڙي کي وچي اونڌو ڪن. سوارن جمنا جي وچ ۾ وچي ٻيڙيءَ کي اونڌو ڪيو. مسافر ٻڏندي ٻڏندي حياتي بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳا. چيٽني پاسي چيخ و پڪار هئي ۽ دهليءَ جي چاوڙي بازار جي اها بازارو عورت خوشيءَ ۾ تاڙيون وڄائيندي چوندي رهي. ”ڏسو تہ حضور ڪهڙو نہ مزو اچي رهيو آهي.“

ناحق جا اهي موت، مغل تاريخ جي ڪهڙي کاتي ۾ ويا؟ ڪٿي بہ انهن جو اندراج ٿيل ناهي. امر اچي تہ مان هن کي نادر شاهہ جي مغل دربار مان پٽي ويل تخت طائوس جو پڳل ٽتل ڍانچو ڏيکاريان، جو ان بيگم زينت محل جو. زينت وڃايل اهو خوابگاهہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڪاريان، جتي هن پنهنجي اسي سالن جي پوڙهي خاوند بهادر شاهه ظفر سان، بي خوابيءَ واريون راتيون گذاريون هيون. هڪ اهڙو شهنشاهه، جنهن جي پنهنجي اعتراف موجب، هن جو حڪم رڳو لعل قلعي جي پتين سان ٺڪرتاجي پڙاڏو بڻجي موٽي رهيو آهي.

مان امر کي قلعي سامهون جامع مسجد اڳيان اها جڳهه ڏيکاريان، جتي دارا شڪوهه جهڙي درويش صفت شهزادي کي، هن جي عالمگير ڀاءُ هاٿيءَ جي پيرن هيٺيان لتاڙائي، هن جي هڏيءَ هڏيءَ کي ٽڙڪايو هو. هڪ اهو عالمگير جيڪو پاڻ ته پرهيزگار هو پر هن پنهنجي وڏي ڀاءُ کي اذيت ڏيڻ لاءِ هاٿين کي شراب پيئاريو. جيڪو هن لاءِ حرام ۽ سندس هاٿين لاءِ حلال هو. امر کي مان اتي ئي دارا جي مرشد سرمد جي مزار ڏيکاريان، جنهن اهڙي عالمگير کي هٿ ڪٽي پٽيو هو ۽ ان ئي عالمگير کي مرڻ ڪنڌيءَ تي پهچي مجبورن چوڻو پيو ”مان ئي سڄي فساد جي جڙ آهيان.“

مون کي خوشي آهي ته منهنجي سپنن کي سجائيندڙ دوست، جنهن جي سڪ مان سالن کان سانڍي ويٺو آهيان، اهو ملڪ ڏسڻ ٿو چاهي، جتي مان گذريل اڌ صديءَ کان رهيل آهيان. هو مون سان گڏجي سڄو هندوستان ڏسڻ ٿو چاهي. مون سان گڏ بنارس جي صبح ۽ اوڌ جي شام جو منظر ڏسڻ ٿو چاهي.

هاڻي اسان ٻنهي نوڪريءَ جي ٺوڪري مٿي تان لاهي ڦٽي ڪئي آهي ۽ اسين ڪٿي به اچڻ وڃڻ لاءِ مڪمل طور آزاد آهيون. مان هن کي هماليه جي چوٽيءَ تي وسيل بدري ناٿ جي مندر جو اهو مهنت ڏيکاريندس، جيڪو برف سان گهيريل سڄو سيارو پاڻ کي ماٺ جي وڏي پيٽيءَ ۾ پوري رکندو آهي ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ برف رجڻ بعد جڏهن هن جا شش ان پيٽيءَ جو ڪفل اچي کوليندا آهن، ته هو جيئرو جاڳندو ٻاهر نڪري ايندو آهي. مان امر کي جيسلمير جي سڪي ويل ڪاڪ نديءَ جي ڪنڌيءَ تي پڙيانگ ٽيل مومل جي اها ماڙي ڏيکاريندس، جتي هنيئر واسينگن جو واسو آهي. هن کي ڪاجو راهو ۽ اوڙيسا جي ڪونارڪ ۾ هندوستاني ڪلا جا اهي مندر ڏيکاريندس، جن جي ٿنڀن ٿوڻين ۽ ديوارن تي ڪام سوتر ۽ ڪوڪ شاستر وارا استري ۽ پرش جي سنڀوڳ (مباشرت) جا چوراسي آسڻ، جمالياتي فنڪاريءَ سان اُڪريل آهن.

تواريخ جي اڀياسي منهنجي دلبر دوست، هن ملڪ بابت پنهنجي من ۾ جيڪي ماياوي مٿيائون (Illusions) محسوس ڪيون آهن ۽ مٽيءَ جون مورتيون پسيون آهن، هو انهن کي پنهنجي اصلي روپ ۾ اچي ڏسي. مان هن کي هردوار ۽ رشيڪيش جهڙن تيرٿ آستانن تي وٺي هلندس، جتان جي پوتر گنگا جي گهاٽن تي اتان جا پنڊا صبوح جو پوڄائون ڪرائيندا آهن ۽ رات جو پنهنجن يجمانن کي سوم رس سپلاءِ ڪندا آهن. مان سمجهان ٿو ته هردوار ۾ ڪجهه ڏينهن رهڻ بعد، امر جليل هر دوار بابت پاڪستاني اديب محمد خالد اختر کان به بهتر تاثرات لکي سگهندو. هن کي ڪنياڪماريءَ ۾ ٽن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊن جو اهو سنگم ڏيکاريندس. جتان جڏهن چيخوف جو جهاز سيلون کان پنهنجي ملڪ موٽندي، راس ڪماريءَ وٽان لنگهيو ته هن ٽن رنگن وارن سمنڊن جو ميل ڏسي پيغمبريءَ واري اڳڪٿي ڪندي، پنهنجيءَ ڊائريءَ ۾ لکيو "اڳتي هلي هن ساحل تي جيڪي ساهوارا زندگي بسر ڪندا، اهي اسان کان وڌيڪ خوشنصيب هوندا. سچي آزادي جو لطف ماڻيندا. مان جهاز جي ڊيڪ تي بيٺي بيٺي سوچيندو رهيس ته جڏهن وقت ايندو ته هنن ڪنارن تي ڪيتريءَ پرپور، ڪيتري هوشمندي ۽ بي باڪ زندگيءَ جا ڪرتا ڏيندا."

چيخوف جي سفر وقت اجان ٽن سمنڊن وچ ۾ راڪ ميموريل نه جڙيو هو. امر جليل، سوامي وويڪانند جي ان ميموريل تي بيهي، ٽن رنگن جو پاڻي ڏسندو جتان اتر، اولهه طرف پنهنجي سنڌ هوندي.

منهنجا دوست. تون هليو اچ ۽ جمهوريت ۽ سوشلزم جو اهو رخ به اچي ڏس، جتي هر روز پنج اشاري هوٽلن جو ڇهه سو مڻ مهانگو ۽ لذيذ کاڌو، ڪچرن جي ڍير ۾ ڦٽو ڪيو ويندو آهي ۽ ٻئي طرف ڪن اونداهن علائقن ۾ اهي به انسان آهن. جن زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪٽڪ جي ماني نه چکي آهي. سڄي عمر پنهنجي اگهاڙي بدن تي قميص نه پاتي آهي. اچ هي جمهوري ملڪ ڏس، جتان جي جمهوريت مضبوط ته ٿي آهي، پر مئچوئر نه ٿي سگهي آهي. جتي جمهوريت رڳو ان حد تائين ڦهلي آهي، جو اظهار جي آزاديءَ جو مزاحيه روپ پسائڻ لاءِ، هتي شاعر تقريرون ڪندا آهن ۽ وزيراعظم شاعري ڪندا آهن.

اڳتي هلي خط ۾ امر اسان جي نه ملي سگهڻ کي پنهنجي ڪوتاهي/ ڪمزوري ۽ ڪانئرتا سان منسوب ڪيو آهي. هو بگهڙن کان ڊڄندو رهيو آهي. باوجود هن جي ان موقف جي ته "شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جا پوئلڳ، ٻن قومن واري نظريي جهڙي جڙتو نظرين کي نه متاثر ڪري سگهندا آهن ۽ نه ئي ان کان متاثر ٿي سگهندا آهن. پر شڪار ڪرڻ وارا بکايل بگهڙ ان ويراڳ ورتيءَ کي نه سمجهي سگهندا آهن ۽ نه محسوس ڪري سگهندا آهن. اهي رڳو چيري ڦاڙي ڇڏيندا آهن."

بگهڙن جي ان چير ڦاڙ واري دؤر ۾ ئي مان ۽ امر، لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ملڻا هئاسين. اهو مارشل لا جو (نومبر 1980ع) گهٽ ٻوساٽ وارو جارحاڻو دؤر هو. امر اسلام آباد مان لاهور اچڻو هو ۽ مان لاهور مان هن سان گڏجي اسلام آباد وڃڻو هوس، پر نه امر مون تائين اچي سگهيو ۽ نه مان هن وٽ وڃي سگهيس. دستوري ويزا هئڻ جي باوجود. اڳتي هلي ٻن هفتن جي ان سفر بابت تفصيل سان لکندس.

سٺو ئي ٿيو جو ان وقت امر ۽ مان نه ملياسين، ورنه رت جو ذائقو چکيل بگهڙ سچ پچ ائين سمجهن ها ته اهڙن خطرناڪ سنڌي قلمڪارن جو Tryst ٻنهي ملڪن جو سلامتيءَ لاءِ وڏو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ها.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت گهڻو اڳتي وڌي آيو آهي ۽ ان وچ ۾ سنڌوءَ جي پل هيٺان ڪيترو ئي پاڻي وهي چڪو آهي، يا سڪي چڪو آهي. قنوطيت وارا مرحلا پار ڪري، اسين نراس مان آس تائين آيا آهيون، باوجود ان حقيقت جي تہ رت جو ذائقو چکيل بگهڙ، اڄان بہ سرحد جي ٻنهي پاسي ڇيون ڪڍي بيٺا آهن ۽ انهن لاءِ هڪ دهشتگرد ۽ اديب وچ ۾ ڪوبہ فرق ناهي. هنن لاءِ هر هندوستاني، هندوستاني آهي ۽ هر پاڪستاني، پاڪستاني آهي. انهن ۾ امر جو شمار ڪيتري حد تائين انهن خوشنصيبن واري قبيلي ۾ آهي، جيڪي بگهڙ جي چير ڦاڙ کان محفوظ آهن. انهن جاهلن کي تہ اها بہ ڄاڻ ناهي تہ جارج گرويل جي 'جانورن جي واڙي' ۾ واڙيل يلي سڀ جانور ئي هجن، پر انهن ۾ بہ ڪي برابريءَ کان برتر آهن.

امر هتي اچي مون سان گڏجي هندستان ڏسڻ چاهي ٿو، منهنجين اکين تي اچي. ڪاش! هو انهن ڏينهن ۾ اچڻ جو سوچي ها، جڏهن هن جي پاڃائي گوپي اهڙي عهدي تي هئي، جتي هوءَ گهر ويٺي امر کي هندوستان جي ڪهڙي بہ شهر جي، ڪيتري بہ عرصي لاءِ هترادو دستور کان آجو ٿيل ويزا جي مهر هڻي ڏئي ها. پر امر ۽ مون جيان هاڻي گوپي بہ رٽائر ٿي چڪي آهي. اسين ٽيئي هاڻي سابق عهديدار آهيون ۽ بقول نسيم ڪرل، 'گڏريل واردات' آهيون.

ڪجهہ سال اڳ ڪراچيءَ مان 'پاڪ يارت فورم' جي ميمبر، منهنجي دوست هتي آئي هئي. لکنوءَ کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي باره بانڪي نالي ڳوٺ، هن جو آبائي وطن هو جتي وڃي هن پنهنجو گهر ڏسڻ ٿي چاهيو. اسين گڏجي باره بانڪيءَ وياسين ۽ ٻئي صبوح جو پوليس ٿاڻي تي هن جي آمد جي رپورٽ درج ڪرائڻ وياسين. ٿاڻي جي پهرئين ڪمري ۾ هيڊ ڪانسٽيبل ميز تي ٻيئي ٽنگون ڊگهيڙي، ڪرسيءَ تي ٽيڪ ڏيئي ليٽيل هو. مان هن کي پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏيئي، چپ ڪري بيٺو رهيس. هو ٿورو سڌو ٿي ويٺو ۽ چيائين، "فرمائيي." ۽ پوءِ منهنجيءَ دوست ۽ هن وچ ۾ هيءَ گفتگو ٿي.

"همين ٿاڻيدار صاحب سي ملنا هئہ."

"ٿاڻيدار صاحب رات ڪو بهت دير سي واردات سي آئي هئن، اور ٿڪي هوئي هئن، اس ليئي دوسري ڪمري ۾ سو رهي هين. ڪام بتائين.؟"

"هم پاڪستان سي آئي هين."

"تو؟"

"اس ڪي رپورٽ درج ڪراني هئہ."

"ڪيسي رپورٽ."

"پاڪستان سي آني ڪي رپورٽ."

"آپ ڪي پاس پاسپورٽ هئہ؟"

"جي۔هان."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ويزا هئہ؟“

”جي هان.“

”تو ڦر جائيي. تاج محل ديکئي. قطب منار ديکيئي. لعل قلعہ ديکيئي. اجمير شريف جائيي. اس چوٿي سي قصبي ۾ ڪيا ڪر رهين هين.؟“

”وه تو جائينگي, ليڪن پهلي رپورٽ لکواني هئہ.“

”ڪس بات ڪي رپورٽ. آپ ڪا ڪوئي سامان چوري هوگيا هئا؟“

”نهين.“

”ڪسي ني آپ ڪي ساٿ ڇيڙ خاني ڪي هئہ. سالي ڪا نام بتائو. ايي بلا ڪي چوتڙون پر دو ڍنڍي مارتي هين.“

”نهين, ايسي ڪوئي بات نهين هئہ.“

”تو ڦر رپورٽ ڪس بات ڪي.؟“

”پاڪستان سي جو آتي هئن, ان ڪو ٿاني ۾ رپورٽ لکواني پڙتي هئہ.؟“

”ڪس ليئي.“

”يي سرڪار ڪا قانون هئہ.“

”محترمہ سرڪار پاگل هئہ, تو ڪيا هم يي پاگل هئن؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجون پنو

ساروٽين جي هيءَ قسط اڄ ڏياريءَ ڏانهن لکي رهيو آهيان. ڏياري روشنين جو ڏڻ آهي، پر مون لاءِ اڄ اونداهي، ڏياري ٻڻجي آئي آهي. ويهه ڏينهن اڳ منهنجي ماءُ مون کي وڇوڙي جو ڏنڀ ڏيئي ويئي. هوءَ هڪ عظيم عورت هئي، جنهن مون جهڙي نالائق ۽ نامراد پهريتي پٽ کي جنم ڏنو. مان هن وقت ستهٺ سالن جو پوڙهو آهيان ۽ هن عمر ۾ ڪوبه يتيم نه ٿيندو آهي. پر اڄ مان سچ پچ پاڻ کي يتيم محسوس ڪري رهيو آهيان. هن نه رڳو مون کي جنم ڏيئي هيءَ ڏيهه ڏيکاريو پر مون کي لاڏ ڪوڏ سان پاليو. منهنجي هر ناز برداري ڪئي. منهنجيءَ هر اڙٻنگائيءَ کي کلي ٿاري ڇڏيو. منهنجا الائي ڪهڙا ڪهڙا انگل آرا سٺائين، منهنجيءَ هر بدمعاشيءَ کي برداشت ڪيائين. ٻاروتڻ ۾ مون کي عطر ڦليل سان سينگاريندي هئي ۽ منهنجي جوان ٿيڻ تائين، اڳتي هلي، هن منهنجو هر گناهه بخشيو- شل هوءَ مون کي پنهنجي ٿيڄ بخشي.

منهنجي گهر واري گوپي پوڄا جي ٿالهيءَ ۾ ڏيئا، اگربتيون، ڪافور، ڌوپ، لوبان ۽ کير جو ڪٽورو سون جون گنيون ۽ چانديءَ جا سڪا سڄائي رهي آهي. پر اڄ منهنجيءَ ماءُ راڌا ٻائيءَ کان سواءِ، ڌن جي ديوي لڪشميءَ اڳيان پلئه ڪير پائيندو؟ هن جيان پوريءَ شرڌا سان هي ستون ڪير ڳائيندو؟

"پلئه جي پائين، تنهنجا خاوند خالي نه ڪري،
در ته تنهنجا لعل، سڀ پريائي آهن،
آسائو آهن، تو در تنهنجا مڱڻا!"

اڄ ماءُ کان سواءِ مان آسائتو ٿي رهجي ويو آهيان. هوءَ مون کي سڀ ڪجهه ڏيئي ويئي آهي. مان وڏيڪ ونڻ لاءِ ڪهڙو پلئه پايان.؟

هن راڻيپور هنڌ جي هڪ غريب گهر ۾ جنم ورتو. منهنجي پيءُ سان لائون لهڻ، جنهن کي هن ڏنو ته ڇا، هن جو نالو به نه ٻڌو هو، کان اڳ ست ڏينهن ونواهه ۾ ويٺي. راڻيپور جي 'حاجنا شاهه' جي در تي هر صبح شام مٿو ڌوتو ۽ 'حاجنا شاهه' جي مٿس سدائين اهڙي مهر رهي، جو هن کي گهر گرهست ۽ زندگيءَ جو هر سک مليو. عقل ۽ دانائي هن کي پنهنجي پيءُ ليکراج ۽ ماءُ ڪيول ٻائيءَ کان ورثي ۾ ملي. منهنجو نانو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪراج، اڪابريءَ ۾ سڄي ٿَرَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئو. غريب هوندي به هر ڀيري هو راڻيپور پنچائت جو مُکي چونڊيو ويندو هو. خيرپور جا مير هن وٽان آيل هر چٺيءَ کي مانُ ڏيندا هئا ۽ چٺي آڻيندڙ جو ڪوبه ڪم خوشيءَ سان اڪلائيندا هئا. هن راڻيپور جي وڏي ۾ وڏي سيٺ هيرانند، سنڌي اديب ۽ 'سپون' رسالي جي ايڊيٽر ناڪر چاولا جي والد، مٿان هن جي ڪنهن ڪوتاهيءَ ڪري، پئنچاتي ميڙ ۾ اهو چئي ڪوڏي ڏنڊ وڌو ته هيرانند جهڙي نگر سيٺ تي ڪهڙو وڏو ڏنڊ وجهون؟ هن مٿان ڪٿي ٽا ڪوڏي ڏنڊ وجهون. سڄيءَ پنچائت جون ڏنديون آڱريون لڳي ويون ۽ سيٺ هيرانند پنهنجو ڪوڏي ملهه ٽيڻ ڪري، سڄي زندگي منهنجي ناني کي معاف نه ڪيو.

ماءُ ٻڌايو ته راڻيپور ۾ ڪي وير وٺو جادون ڪندڙ مايون هونديون هيون. انهن خبر ناهي ڪنهن جي هشيءَ تي يا ساڙ وچان، مکي ليڪراج کي دوکي سان اهڙو ڪجهه پڙهي پياريو جو هو ڪٽ تي داخل ٿي ويو ۽ ڏينهون ڏينهن خان جي گهوڙي وانگر ڳرندو ويو. مامون مورئند مل ڪٿان ڪنهن يوپي کي وٺي آيو. يوپي ليڪراج کي بند ڪمري ۾ اگهاڙو ڪري، هن جي سڄي جسم تي ڇهبوڪ هنيا ۽ ٻاهر اچي ٻڌايائين ته ڪنهن جادوءَ ڪندڙ هن جو اٽي جو بوتو ناهي، ان ۾ سيون چڀائي، درازن جي دڳ تي، اهو اٽي جو بوتو ڪٿي پوري ڇڏيو آهي. جيسين ان سڪي ويل بوتي کي زمين مان ڪڍي ساڙيو نه ويندو، تيسين هي ڪٽ نه ڇڏيندو.

درازن جي دڳ تي ڪجهه ڏينهن جي ڳولا کان پوءِ، پوريل ٽُنگ ٽُنگ ٿيل بوتو ڳولهي لڌو ويو ۽ ان جي سڙڻ سان ئي مُکي ليڪراج نوبنو ٿيندو ويو.

مان پنهنجيءَ ماءُ جي ان ڳالهه تي ان ڪري وشواس ڪري رهيو آهيان، جو اهو هن جي اکين ڏٺو واقعو هو ۽ مون کي پنهنجيءَ ماءُ جي هر ڳالهه تي انڌو وشواس آهي. ياييءَ کي ٻارنهن سالن جي عمر ۾، ساڄي ٻانهن تي وڏي ڦرڙي نڪتي هئي، جيڪا وڌندي وڌندي سرطان جي صورت وٺي ويئي. راڻيپور جي مشهور حڪيم ڪيشو نڪر به چيو ته چوڪريءَ جي ٻانهن ڪٽايو نه ته سرطان سڄي جسم ۾ ڦهلجي ويندس. گهر وارا هن کي ڪراچيءَ ٻانهن وڍائڻ لاءِ وٺي وڃڻ لاءِ تيار ٿيا. رواني ٿيڻ کان به ٽي ڏينهن اڳ يايي پنهنجي وڏي ياجائيءَ سان کوهه تي وهنجڻ ويئي. جٽ کين موسي قاصائيءَ جي پوڙهي ماءُ ملي. موسي ماءُ يايي جي ٻانهن جو ڦٽ ڏسي وسي ٿي ويئي. جڏهن هن کي ٻانهن وڍائڻ لاءِ ڪراچي وڃڻ جو ٻڌايائون ته هوءَ يايي کي پنهنجي گهر وٺي آئي. رستي تي حڪيم ڪيشور نڪر کي ست سُريون به ٻڌائيندي آئي. گهر اچي ماٺهو موڪلي هن پنهنجي پٽ موسي کان ٻڪر جون به رت ٻڌل تِريون گهرائي، يايي جي ٻانهن تي ڦٽ مٿان رکي، زور سان پٽي ٻڌي ڇڏي. ٻڪر جي ترين ٻڌڻ جو اهو سلسلو هفتو به جاري رهڻ کان پوءِ سرطاني ڦٽ آهستي آهستي مِٽڻ لڳو. مهيني ٻن ۾ ڦٽ صفا ڇٽي ويو. ڦٽ جو اهو نشان پنهنجيءَ ماءُ جي مرده ٻانهن تي، سندس اگني سنسڪار تائين مان ڏسندو رهيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاپي ست سال آمريڪا ۾ منهنجي پاءُ هاسي وٽ رهي. ان دوران هوءَ ڪئناڊا، يورپ، فرانس ۽ اسپين وغيره گهمي. هر سال هوءَ اڪيلي نيويارڪ مان دهلي ايندي ويندي هئي ۽ مون کي سدائين اهو خوف رهندو هو تہ هوءَ هوائي جهاز بدلائيندي ڪٿي دهليءَ بدران استنبول نہ پهچي وڃي، پر هن ڪڏهن بہ پنهنجو دڳ نہ وڃايو. هن انگريزيءَ جا ڪجهہ مروج لفظ هنڌائي رکيا هئا. جن جي سهاري هوءَ پنهجي ڪم جي ڳالهہ سمجهي ۽ سمجهائي سگهندي هئي. آمريڪا ۾ مون کي ۽ هاسي کي ڪڏهن ڪنهن عياشيءَ جي اڏي تي ويٺو هوندو هو تہ اسين پيئي اهڙيءَ انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا هئاسين، جيڪا منهنجيءَ ماءُ جي سمجهہ کان ٻاهر هوندي هئي.

هڪ شام شڪاگو ۾ مان ۽ هاسو اتان جي مشهور نائيٽ ڪلب وچڻ جو پروگرام رٿي رهيا هئاسين. پاپيءَ منهنجي ڀاڃائيءَ کان پڇيو "پيئي شودا اڄ رات ڪيڏانهن ٿا وڃن.؟"

"ايلزبيٿ ان ٿا وڃن."

"اها ڇا ٿيندي آهي؟"

"نائيٽ ڪلب آهي."

"اتي ڇا ٿيندو هي.؟"

"ڇوڪريون نچندي نچندي هڪ هڪ ڪري سڀ ڪپڙا لاهي ڇڏينديون آهن."

"اهڙيون ڪهڙيون ڇوريون آهن؟"

"پاپي، اهي ڏسنديءَ تہ خبر پوندوءِ."

۽ منهنجي ماءُ ضد تي بيهي رهي تہ مان بہ نائيٽ ڪلب ڏسنديس.

ڇيومانس. "پاپي تون پنجهتر سالن جي پوڙهي، اهڙيءَ جڳهہ تي ڪيئن هلنديءَ؟"

ڇيائين، "ڇو نہ هلنداسين. ڏسان تہ سهين تہ ڪهڙيون ڇوريون آهن. ڪيئن ٿيون نچن ۽ ڪيئن ٿيون ڪپڙا لاهين.؟"

اسان کي ڪاوڙ بہ پئي آئي ۽ کل بہ پئي آئي. منهنجي ڀاڃائي ڇمپا تہ کل ۾ اونڌي ٿيندي، مٿي پنهنجي بيڊ روم ۾ هلي ويئي. هاسو سياءَ جو ڏاڍو مزيدار ۽ چرچائي آهي. ڇيائين، "وڃي ٿا هلونس، پلي ڏسي لئہ ڪري"

ان رات شڪاگو جي نائيٽ ڪلب ۾ منهنجي ماءُ تي ڪلاڪ جوان ۽ حسين ڇوڪرين جا ننگا ناچ ڏاڍيءَ دلچسپيءَ ۽ حيرت سان ڏسندي رهي، پر پوءِ جيئن ئي ٻاهر نڪتاسين تہ ڇوڻ لڳي، "هنن رنن کي ڪو شرم حياءَ آهي يا نہ؟ ڪي ٻُجا هڻڻ وارا مٺا جيئرا مٽ مائٽ اٿن يا نہ؟ ڪو ڇوڻ آکڻ وارو ڪونهين. بي حياءَ ڇوريون ڪيئن نہ لڄ لاهي، منهنجن اشراف پٽن جي هنجن ۾، لٽا لاهي اچي ٿي ويٺيون. ٻڌي نٿيون مرن، جيئن ٿيون جهان ۾."

منهنجيءَ معصوم ماءُ کي ڪهڙي خبر تہ هن جا اشراف پٽ هيلتائين ڪهڙين ڪهڙين حورن کي پنهنجي هنجن ۾ ويهاري ڇڪا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪا ۾ ستن سالن جي رهائش، منهنجي ماءُ جي نظر ۾ نظريو تہ وسيع ڪيو پر هن ڪڏهن بہ پنهنجيءَ سنڌ کي نہ وساريو. راڌيپور ۾ ڪنڊيارو ڏسڻ جي آس، آخري پل تائين هن جي من ۾ پلجندي رهي. سنڌ مان ايندڙ منهنجن اديب دوستن کي هوءَ پنهنجي پٽن جيان پيار ڪندي هئي. ڪين چوندي هئي، اسان کي نہ ڪيو ها تہ اسين جيترو پنهنجي ڌرتيءَ جو ڪائون ها، ان کان ڏهوڻو ان ڌرتيءَ کي ڏيون ها. پر پنهنجي ڌرتي نہ اسان جي نصيب ۾ هئي ۽ نہ اسين ئي ان جي نصيب ۾ هئاسين.“

پندرهن ويهہ سال اڳ دهليءَ ۾ ٿيل 'شاهہ لطيف ڪانفرنس' ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سنڌ کان ويهہ پنجويهہ جوان هتي آيا هئا. جن ۾ گهڻو تڻو جيئي سنڌ سان لاڳاپيل جوشيلا جوان هئا. تن ڏينهن اهڙن جوانن جو هتي اڪثر اچڻ وڃڻ ٿيندو هئو. انهن ۾ اڪثر ايماندار ۽ پنهنجي مقصد سان سچا هئا، پر انهن ۾ حبيب الله ناريجي جهڙي رذيل جنس جهڙا ڪپتيا ۽ شاطر شخص بہ هئا. انهن جو مفصل ذڪر اڳتي هلي ڪندس. 'جيئي سنڌ' جي جوانن کي سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن سان ڪيترين ئي شڪايتون رهنديون هيون. هنن جو چوڻ هئو. ”سنڌ جو اڪثر ادبي لڏو ياڙيو آهي ۽ سندن ساٿ نٿو ڏئي.“ خير، اهي ڏٺ ڏوراپا پنهنجي جاءِ تي، ڪانفرنس پوري ٿيڻ تي، سنڌ جا ويهارو کن دوست، هڪ صبوح جو يارهين ڏاري منهنجي گهر پهچي ويا. بيحد دلبر ۽ پيارا جوان هئا. سيني جا نالا تہ هاڻي ياد نہ رهيا آهن، پر جيئي سنڌ تحريڪ جو ليڊر غلام شاهہ هو منير شاهہ هو مظهر لغاري هو. تاج جويو هو آصف بالادي هو ۽ ٽر جو ڳائڻو شاعر جمن دربدر هو.

ان وقت تائين مان اڃان پنهنجي هن گهر ۾ ٽائنڪو نہ ٿيو هوس. نڪا گهر ۾ ڪا بار نهيل هئي، پوءِ بہ ان وقت گهر ۾ بہ وسڪيءَ جون، هڪ بہ رم جون ۽ چار پنج بيئر جون بوتلون ڪبٽن جي ڪنڊن ۾ ملي ويون. گوپي آفيس ويئي هئي ۽ ٻار اسڪولن ۾ هئا. گهر ۾ منهنجي ماءُ ۽ ملازمہ هئي. پاپي سيني سان سڪ سان ملي. پهرين تحريڪي قسم جون جذباتي ڳالهيون ٿيون. جيڪي منهنجي ماءُ کي سمجهہ ۾ نہ آيون ۽ پوءِ جمن دربدر پنهنجي رنگ ۾ آيو. هن پنهنجي نڙي صاف ڪئي. ان وچ ۾ نوڪرياڻي اوڙي پاڙي مان ڪجهہ گلاس اڌارا وٺي آئي. باده نوشي ۽ ڳائڻ وڄائڻ جو سلسلو گڏوگڏ شروع ٿيو. جمن جو آواز هر ڊڪ کان پوءِ کلندو، بلند ٿيندو ويو. ٻن پيگن کان پوءِ منهنجي ماءُ بہ سرور ۾ اچي اهڙا اهڙا لاڏا ۽ لوڪ گيت ٻڌايا، جيڪي ٻڌي، جمن دربدر جهڙو لوڪ ڳائڻو بہ وتجي ويو. منهنجي گهر ۾ سنڌ جي جوانن جي ڳائڻ، نچڻ، ٻيگهي هڻڻ، جي اها هڪ يادگار ڪچهري هئي. شام تائين مون کي پنهنجي پاڙي وارن کان بہ چار بوتلون اڌاريون گهرائڻيون پيون.

آصف بالادي منهنجو ڳوڻائي آهي. منهنجي ماءُ هن جي پنهنجي پٽ جيان سنڀال ڪري رهي هئي. هن جو پير ڌرتيءَ تي نٿي پيو. پاپيءَ ڪيس ليما چتائي. ماءُ جيان لولي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي، ڪيس سڄي رات ننڊ ڪرائي. اها رات آصف منهنجيءَ ماءُ جي ڇپر ڇانيا ۾ رهيو. هو پلي اهو سڀ ڪجهه وساري وينو هجي، پر منهنجيءَ ماءُ هن کي ناهي وساريو.

منهنجي ماءُ پنهنجو معيار زندگي سدائين مٿاهون رکيو. روزمره جي زندگيءَ ۾ هن هميشه بهترين چيزن جي چونڊ ڪئي، پر عمر جي آخري دؤر ۾ هن سٽيو سٽابو ڪاڏو پيتو ۽ پهراءُ پڻ گهٽائي ڇڏيو. هوءَ اسان کي چوندي هئي ته مان هاڻي سڀ ڪجهه تياڳي، سنياس وٺي، هردوار وڃي رهڻ ٿي چاهيان. مون کي هاڻي گنگا جي ڪناري ويجهو ڪشادي فليٽ وٺي ڏيو. ان فليٽ ۾ فرج هجي، ٽي وي هجي، وي سي. آر هجي. اي سي هجي، اعليٰ قسم جو فرنيچر هجي. فل ٽائيم نوڪرياڻي هجي ۽ ٻي به هر طرح جي آسائش هجي ۽ تيئي پٽ هٿ خرچ لاءِ هر مهيني ويهه، پنجويهه هزار موڪليندا رهو ۽ ٻار هن کي ڇيڙيندا هئا، ”امان، هي ڪهڙي قسم جو سنياس ٿي وٺين.؟“

منهنجيءَ ماءُ هردوار وڃي سنياس ته نه ورتو پر ڏهه ڏينهن اڳ مان هردوار وڃي، هن جو گورو گنگا ۾ پرواهه ڪري، هن جو آخري ڪريا ڪرم ڪري آيو آهيان.

اڄ ڏياري آهي ۽ ٻارهن ڏياريون اڳ منهنجو شاعر دوست تنوير عباسي ۽ هن جي گهر واري قمر ڏياريءَ وارن ڏينهن ۾ ٿي منهنجي گهر اچي رهيا هئا. تنوير خيرپور جو هو ۽ پاپي راڻيپور جي. ٻنهي جي پاڻ ۾ رياستي دوستي ٿي وئي. تنوير سڄو ڏينهن هن کي امان، امان ڪندو رهندو هو ۽ هوءَ هن جي ڪاڏي ڪان ننائڻ ڪري ڪاوڙجندي رهندي هئي. تنوير کائيندو گهٽ، پيئندو وڌيڪ هو. هو صبح کان ئي صوفا هيٺيان بوتل ۽ سگريٽن جا پيڪيٽ رکي ويهندو هو. پاپي ڏياريءَ جون مٺايون ۽ لايون ٺاهيندي هئي ۽ تنوير وسڪيءَ سان گڏ مائي جي برفي ۽ پاپيءَ جي هٿ جي ٺاهيل لائي، جنهن کي هو وڙو چوندو هو کائيندو رهندو هو. مانيءَ وقت جهڙا تهڙا به گرهه کٽي، وري وڃي وسڪي ۽ وڙي کي لڳندو هو. قمر ڪاوڙجي هن سان وڙهي وڃي سمهي پوندي هئي ۽ منهنجو دوست تنوير سڏ ڪندو وتندو هوس.

”امان، ٿورو ڪاڄن جو وڙو ته کٽي اڄ. امان، ٿورو پستن جو وڙو ته کٽي اڄ.“ اڄ جي اونداهي ڏياريءَ ڏينهن نه ڪاڄن پستن جو وڙو کائڻ وارو منهنجو دوست رهيو آهي ۽ نه ئي سوادي وڙو ٺاهڻ واري منهنجي ماءُ مون وٽ آهي. گذريل هفتي سنڌ مان ستون پيرو ٿي آيو آهيان، پر هر پيري رڳو ڪراچيءَ کي ئي هٿ لائي موٽيو آهيان. سالن کان سيني ۾ سانڍيل پنهنجي پيدائشي ڳوٺ ڪنڌياري ڏسڻ جي آس هميشه جيان اڻپوري رهجي ويئي آهي.

مان جڏهن ڇئن پنجن سالن جو هوس ته ڪنڌياري جي جاڙي ڪڏ ۾ برسات ۽ گهٽين جي نالين جي گڏ ٿيل سينواريل پاڻيءَ ۾ وڃي تڙڳندو هوس. جتان مون کي اسان جي ٻنين جا ڀيلي ۽ هاري پڪڙي وٺي ايندا هئا. منهنجي ماءُ مون کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ خوشبودار پيئرس صابڻ سان مهٽي مهٽي وهنجاريندي به رهندي هئي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چماٽون بہ هڻندي رهندي هئي. انهيءَ ئي جاڙي ڪڏ ۾ ڪنڊياري جي وڏي ٽڪاٽيدار پائي ڪيول جون سهڻيون ڏيئر ۽ سندن ڪي ساهيڙيون بہ مون سان گڏ ٽڙڳنديون هيون. مان ٻار هوس ۽ هو ساماٽيل هيون. ٽڙڳندي ٽڙڳندي جڏهن مان سندن ڳردار جسمن سان ڇهڻي پوندو هوس تہ ان ٻاروتڻ ۾ بہ مون کي ڪنهن غيبي لذت جو احساس ٿيندو هو.

پائي ڪيول، اجمير ۾ اچي پنهنجو ڪنڊياري وارو ٽڪاٽو کوليو ۽ تمام گهڻو ڌن ۽ ناموس ڪمايو. پر ڪڏهن بہ ڪنڊياري کي وساري نہ سگهيو. جتي هو هر سال سچو هفتو پڳتيون وجهائيندو هو جنهن ۾ سڄيءَ سنڌ جا پڳت شريڪ ٿيندا هئا. پڳت موٽڻ ۽ پڳت جاڙا رام کي مون اتي ڏٺو. پائي ڪيول جي ڏيئرن ٻڌايو تہ مرڻ گهڙيءَ تائين بہ پائي ڪنڊياري جي ٽڪاٽي کي ياد ڪندو رهيو. هن جون حسين ڏيئر ٻارن ٻچن واريون ٿي ويون ۽ مان جڏهن بہ وٽن اجمير ويندو هوس تہ اسين جاڙي ڪڏ ۾ ٽڙڳڻ واريون گهڙيون ياد ڪندي ٿهڪ ڏيندا هئاسين.

مون کي جاڻ ناهي تہ ڪنڊياري ۾ اها جاڙي ڪڏ اڄان آهي الائي نہ. اهو پاٽين جو پاڙو آهي، الائي آهي الاءِ نہ. اها ڪرتارپور، اهو ڍڪ وارو مارڪيٽ، سومر حجم جي سئلون، داين جا ڪچا گهر، ڍالو مل جو کوهہ، ڏيئي ۽ نيين جون جوئا جون ٽڪريون. اهي سڀ آهن الائي نہ؟ منهنجو پنهنجو ڪشادو گهر بہ بچيو آهي الاءِ نہ. پر پوءِ بہ مون کي پڪ آهي تہ مان اهو هنڌ ڳولهي لهندس، جتي مان ڄائو هئس.

ڪراچي ۾ امر جليل مون کي چيو "تون پنهنجي ڳوٺ پلي وڃ. پر هينئر اتي سڀ ڪجهہ ايترو تہ بدلجي ويندو هوندو، جو تون ڪجهہ بہ سڃاڻي نہ سگهندين." مون امر کي چيو "شرط رک، مان توکي اتي ئي هلي بيهاريندس، جتي منهنجيءَ ماءُ مون کي ڄڻيو هو ۽ امان صفوران دائيءَ مون کي ڄڻايو هو. توکي پنهنجي پاڙي جا اهي بہ لوهي دروازا، يا انهن جا نشان بہ ڏيکاريندس. جيڪي اسين ٻار ڏياريءَ جي ڏڻ تي ٻنهي پاسن کان بند ڪري، گڏهہ جي پڇ سان ڦٽاڪن جون لڙيون ٻڌي، اهي ٻاري ڇڏي ڏيندا هئاسين ۽ گڏهہ کي هڪ در کان ٻئي در تائين ٽپا ڏياري ڊوڙائيندا هئاسين."

پر مان هن پيري بہ، ٻنهي ملڪن وچ ۾ دوستي ۽ امن قائم ڪرڻ واري سفارت ۾ شامل ٿي، اتي وڃڻ جي باوجود، ڪنڊياري جي ويزا حاصل نہ ڪري سگهيس. منهنجيءَ درخواست جي جواب ۾ ٽي پيرا ها ۽ چوٿين پيري نہ ڪئي ويئي. ڪارڻ، سلامتي ٻڌايو ويو. سلامتي ڪنهن جي منهنجي يا حڪومت جي؟

جن ساهتڪارن سان ملڻ جي سڪ هئي، تن سان وڃي گڏجڻ لاءِ حيدرآباد جي ويزا بہ نہ ملي. دوستن چيو "چپ چاپ وڃي ڏينهن ڏني جو اتان ٿي اچو پر اسان جا ٿي. وي ۽ اخبارن ۾ ايترا تہ انٽرويوز آيا ۽ تصويرون ڇپجي ويون هيون، جو لازمي طور پوليس ٿاڻن تي، گهربل ڏوهارين سان گڏ اسان جون تصويرون پڻ لڳي چڪيون هونديون، ان ڪري خير خواهن مشورو ڏنو. "اسين حيدراباد نہ وڃون."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڪراچيءَ پهچڻ کان پهرين منهنجي پٽ لاليءَ نيويارڪ مان تاج بلوچ کي فون ڪئي هئي. هن پيري منهنجي پيءُ کي اسان جي ڳوٺ ڪنڊياري ضرور وٺي ويندا ۽ تاج هن سان اهڙو انجام پڻ ڪيو هو پر پوءِ به هو ڪيترين ڪوشش باوجود ڪجهه نه ڪري سگهيو. مسئلو وري به ساڳيو. سيڪيورٽي!!

ڪامورا شاهي هن نندي ڪنڌ جو ڏجڻي ۾ ڏجڻو ڪوڪلو ۽ پاڙيو طبقو آهي. جيڪو ڪنهن خارج تي ويل نسواني حيض جيان لال فيتي ۾ ويڙهجي، پنهنجو پاڻ لڪائي ويٺو آهي ۽ ٻاهران قاتل دهل جيان وڄي رهيو آهي. هو درياهه جي ڪپ تي ويهي ڦهنگن کان ڏجندو آهي. هن جو نه ماڻهوءَ جي سلامتيءَ سان ڪو واسطو آهي ۽ نه ملڪ جي سلامتيءَ سان. هن کي اونو رڳو پنهنجي نوڪري بچائڻ جو هوندو آهي. ان ڪري مون زندگيءَ ۾ فيصلو ڪيو هو ته مان گاڏو گهلي، گهٽين ۾ بصر پٽاٽا وڪڻندس، پنڙيءَ تي ويهي گنجيون ۽ ڪچا وڪڻندس، ٻي حالت ۾ تيل جي شيشي کڻي ڪنات پليس جي پبلڪ پارڪ ۾ اڦونگڙو تي وڃي ويهندس، پر سرڪاري نيم سرڪاري يا سرڪاري ضابطي واري نوڪري ڪڏهن نه ڪندس.

انهيءَ نوڪر شاهي جي صبوح جي 'ها' ۽ شام جي 'نه' وچ ۾، مان آس ۽ نراس جي تياس تي لڙڪندو رهيس، پر ڪنڊياري نه وڃي سگهيس. هتي پهچڻ تي گوپيءَ پهريون سوال پڇيو: "پنهنجو گهر ڏسي آئين؟"

۽ مون ڦڪيءَ مرڪ سان ڪنڌ لوڏي منهن ڦيرائي ڇڏيو.

مون کي پڪ آهي ته جي مان نه ته منهنجو پٽ. هو نه ته هن جو پٽ يا اڄان اڳتي هلي هن جو پٽ هڪ ڏينهن پنهنجي سنڌي هئڻ جون پاڙون (Roots) ڳولهي لهندو ائين جيئن اڄ آمريڪا ۾ رهيل شيدين، آفريڪا جي جهنگلن ۾ وڃي پنهنجا تباهه ٿيل گهر گهاٽ ۽ وستيون ڳولهي لڌيون آهن.

آمريڪي اديبه هئريٽ بيچر اسٽو جي شاهڪار ناول، Uncle Tom's Cabin ۾ آفريڪي ٻانهن سان ٿيل، انهن تعدين جو دل ڏاريندڙ احوال آهي، جن کي زوريءَ ٻاندي بڻائي، برطانيه ۽ آمريڪا آندو ويندو هو. اڄ اهي غلام ايترا ته آزاد ٿي چڪا آهن، جو سندن آمريڪي آقا به ڪانئن پناهه گهري رهيا آهن ۽ هاڻي هو آزاديءَ سان پنهنجن گهرن، گهاٽن ۽ گهيڙن ڏانهن اچي وڃي سگهن ٿا. مون کي ويساهه آهي ته اسان کي پنهنجي وطن کان ڌار ڪندڙ به هڪ ڏينهن اسان کان پناهه گهرندا ۽ اسان کي پنهنجي گهرن گهاٽن ۽ گهيڙن ڏانهن اچڻ وڃڻ جي پوري آزادي هوندي. 'پاڪ ڀارت عوامي امن' ۽ جمهوريت واري فورم جي ڪراچي قرارداد ۾ پڻ اهڙي گهر ڪئي ويئي هئي، "هن نندي ڪنڌ جا اهي رهواسي، جن کي ماضيءَ ۾ پنهنجا گهر ڇڏي، ٻين ملڪن ڏانهن يا پنهنجي ٻين حصن ڏانهن، هجرت ڪري وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هو انهن کي موقعو ميسر ڪيو وڃي ته هو پنهنجين اصلوڪين آبادين ڏانهن موٽي سگهن ۽ اهي قاعدا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قانون، جيڪي ڪنهن کي انساني حقن کان محروم ڪن ٿا ۽ پل ۾ سرحدون پار ڪرڻ تي مڙن قانوني ڪارروايون ڪن ٿا، ختم ڪيا وڃن.“

اڳتي هلي اها پڌرائي پڻ ڪئي ويئي. ”اسين ٻنهي (ڀارت ۽ پاڪستان) حڪومتن کان اها ٻه گهر ڪريون ٿا ته ٻنهي ملڪن جي عوام جي اچ وڃ مٿان سڀ پابنديون هٽايون وڃن ۽ هڪ اهڙو ادارو قائم ڪيو وڃي، جيڪو ٻنهي ملڪن جي ماڻهن کي پهچڻ شرط گهربل عرصي لاءِ ويزا جاري ڪري“

ڪراچيءَ کان موٽي اچي، مون کي لڳي رهيو آهي ته مان جسماني طور تي هتي دهليءَ پهچي ويو آهيان، پر روحاني طور اڃان پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي، پنهنجي پريتوانن جي وچ ۾ ويٺو آهيان. ڏهن ڏينهن جي ويزا تمام گهٽ هئي، جڏهن پنهنجيءَ زمين تي هڪ قدم کان ٻئي قدم کڻڻ جيترو وقفو هو جنهن ۾ ڪا ٻرانگهه ته ڇا پوري وک به وڌائي نه سگهيس. انهن ڏينهن ۾ مون کي ڪا به اهڙي رات ياد ناهي، جيڪا مان ننڊ ڪري سگهيو هجان، پر مون کي اهو اطمينان اوس آهي ته هن ڀيري منهنجي من ۾ چاليهن سالن کان اُتيل آس پوري ٿي. مان پنهنجي دلبر دوست امر جليل سان مُنهان منهن ملي سگهيس. پيار ۾، وهم ۾ گمان کي به پنهنجي هڪ جاءِ ٿيندي آهي. مان، بهرحال، امر وٽان پنهنجا سڀ ڀرم پوري ڀڃي آيو آهيان.

منهنجي شهر نوابشاهه جي شاعر دوست قمر شهباز سان، منهنجو ڏهه سال اڳ رڳو رسمي تعارف ئي هو. ان گڏجاڻيءَ ۾ هن مون کي پنهنجي هڪ ڪتاب جي مهورت واري گڏجاڻيءَ جي ويڊيو ڪئسٽ تحفي طور ڏني هئي، جيڪا مان ورائي ورائي ڏسندو رهيو آهيان. پر هن ڀيري قمر شهباز سان ملي، مون کي محسوس ٿيو ته مون لاءِ سنڌ ۾ قلندر شهباز کان پوءِ قمر شهباز جوئي ظهور ٿيو آهي. قلندر شهباز مرند جو سيد هو جنهن جو شجرو حسيني آهي. قلندر ۽ ان جا ملنگ هر ميار کان مٿاهان ۽ مست هوندا آهن. پر قمر شهباز ذات جو ٻگهيو آهي ۽ اسان جي ضلعي جا ٻگهيا ڏاڍا خوفناڪ ماڻهو ٿيندا آهن. ڇهن سالن جي عمر ۾ مان نوابشاهه آيو هوس، جتي منهنجي والد پهرين اتان جي ڪليڪٽر خان بهادر محمد دائم جو سرشتيدار ٿي آيو ۽ پوءِ مختيارڪار ۽ سٽي مئجسٽريٽ ٿيو. نوابشاهه ۾ منهنجي پاڙي ۾ لاڙڪاڻي جو مسٽر اسيراڻيءَ نالي هڪ ديوان رهندو هو. پيشي طور هو جڳهين جا نقشا تيار ڪرڻ وارو آرڪيٽيڪٽ ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ پڻ وڏو نقشي باز هو. پاڻ بيحد خوبصورت ۽ تندرست هو پر هن جي ٿي. ٻيءَ جي مريض گهر واري سدائين کٽ داخل هوندي هئي. هن کي ڇهه ڌيئر هيون. جن کي ديوان ڪجهه به ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي پوري ڇوٽ ڏيئي ڇڏي هئي. انهن مان ٽيون نمبر ڌيءَ جانڪي ڇوڪرن واريون ڊريسون، بشرٽ ۽ چڊي پائيندي هئي ۽ مون کي هاڻي اچي ڄاڻ پيئي آهي ته هوءَ قمر شهباز سان ملهه به وڙهندي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسيرائيءَ سنڌ نه ڇڏڻ جو پڪو فيصلو ڪيو. ڏسندي ڏسندي هندو پنهنجيون جايون جڳهيون خالي ڪندا ويا. جن تي مهاجرن اچي قبضو ڪيو. مهاجرن جون اڪيون پاڙي ۾ رهيل هڪ ٻئي هندو ڪٽنب جي ڇوڪرين ۾ اچي اٽڪيون. سال ٻن اندر پهرين ديوان جي بيمار گهر واري ۽ پوءِ ديوان پاڻ ٻئي راهه رباني وٺي ويو ۽ ڇوڪريون هندوستان هليون آيون ۽ ڪلياڻ ڪئمپ (الهاس نگر) ۾ اچي رهيون. ڪئمپ ۾ وڏيءَ ڀيڻ جو سنڌيءَ جي نامور ليکڪ موهن ڪلپنا سان معاشقو هو. موهن، جيئن ته ڇهن مهينن کان وڌيڪ عرصو ڪنهن روزگار ۾ ٽڪي نه سگهندو هو. ان ڪري هن جو شادي ڪرڻ جو فيصلو به ڇهن مهينن کان وڌيڪ ٽڪاءُ نه ڪائيندو هو. ائين به موهن ڪلپنا جا هڪ ٻئي وقت هڪ کان وڌيڪ معاشقا، ڪڏهن الهاس نگر ۾، ته ڪڏهن بمبئيءَ ۾، هلندا ئي رهندا هئا. عمر جي ڪنهن موڙ تي پهچي، موهن، ڪمل سان شادي ڪري ڇڏي ۽ هڪ وفادار پتي ۽ ڏيءَ گيتا جو پيار ڪندڙ پيءُ ٿيو. پر اها ڇوڪري اڄان الهاس نگر ۾ اچي مٿي سان اڪيلي آهي. 'جانڪي' بمبئيءَ ۾ منهنجي هڪ مائٽ انڪم ٽيڪس آفيسر سان گهر گرهستيءَ جو ڪاروبار هلائي رهي آهي ۽ هوڏانهن قمر شهباز ڪراچيءَ ۾ شاعريءَ سان ڪشتي وڙهي رهيو آهي. وقت ڪيڏا نه وچوڙا وجهي ڇڏيا آهن.

سال ڀاهت، ٽيهه ڏاري بمبئيءَ جي ادبي رسالي، 'نئين دنيا' ۾ قمر شهباز جا سندس تصوير سان گڏ، ڪجهه بيت شايع ٿيا هئا. هڪ شام جو منهنجو شاعر دوست سرڳواسي هريڪانت سهڪندو مون وٽ آيو ۽ پنهنجي مخصوص لهجي ۾ ٽڏا ساهه کڻندي چوڻ لڳو "اڙي يار لُوڪو (هريڪانت مون کي گهر جي نالي سان لوڪو ڪري ڪوٺندو هئو ۽ مان هن کي گهر جي نالي سان پورو ڪري سڏيندو هوس) توهي، 'باغي- او باغي' بيت پڙهيا آهن؟ هي قمر شهباز ڪير آهي؟ پڪ ٿي پڪ ينگ پي ٿو لڪيئي. ينگ پيئڻ کان سواءِ ڪو شاعر جو ڦر اهڙا بيت نه لکي سگهندو؟"

مون بيت پڙهي، قمر جي فوٽو ڏانهن ڇتائي نهاريو. گهاٽا وار هن جي منهن تي بي ترتيب ڪريل هئا. هو سچ پچ ينگ پيتل پئي لڳو- ۽ قمر مون کي ڪراچيءَ ۾ ٻڌايو ته هن سچي ڄمار ۾ ينگ چکي به نه ڏٺي آهي.

سنڌ ۾ يارنهن سالن جي عمر تائين رهندي، مان ڪراچيءَ ۾ چار ڀيرا ئي ويو هوس ۽ وڏ ۾ وڏ پوئين ڀيري سنڌ مان لڏڻ وقت رهيو هوس ۽ ان رهائش دوران سڄي ڪراچيءَ جا رستا ۽ گهٽيون ڪڇيون هئم. منهنجو حافظو چڱو تيز آهي، پر هن ڀيري فريئر هال کان سواءِ مون کي ڪراچيءَ ۾ ڀيو اهو ڪجهه به نظر نه آيو جيڪو مان ڇڏي آيو هوس. شهر ته اهوئي هو پر ماٿهو مٽجي ويا هئا. 'اندلس ۾ اجنبيءَ جيان'، مان اکيون ڦاڙي شهر جا رستا ۽ ماڻهو ڏسي رهيو هوس.

هتي دهليءَ ۾ جڏهن مان رستي تان ڪا ارٿي ويندي ڏسندو آهيان ته ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ هڪ ٻيو سنڌي لکندڙ پڙهندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ويو. جي ڪراچيءَ ۾ به ڪو جنازو ويندو ڏسان ها ته لڳي ها هن شهر جو هڪ ٻيو اڏيندڙ ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳ ڀڳ ٻہ سؤ سال اڳ سنڌ ۾ ٽالپرن جي دؤر ۾، ساهتيءَ جي ڳوٺ درٻيلي (جنهن کي ڊيڙو ٻہ چوندا هئا) ۾ ڏامي نالي هڪ دوڪاندار سيٺي پاڌي جو هٽ هلائيندو هو. جيڪو هن جي پيءُ داني مل گڏهہ تي سڄي سنڌ گهمندي ڊيڙي ۾ اچي کوليو هئو. داني مل جا وڏا اصل جيسلمير مان لڏي آيا هئا ۽ اتان جي مشهور دهشتگرد جئيمل جا سوٽ هئا. اهو هڪ ڦورن جو خاندان هو. جيڪي مال سان پرجي ايندڙ قافلن تي راتاها هڻندا هئا. هو ڀواني ديويءَ جا پوڄاري هئا، جيڪا ڪاليءَ جو ٻيو روپ هئي. ڪرنل سليمان جي بيان موجب، انهن ڪاٺڪن ۽ رساگيرن جو حسب نسب مسلمانن جي ان نيات سان وڃي ٿو ملي، جيڪا هندوستان ۾ مغلن ۽ تاتارين جي حملن کان پوءِ وجود ۾ آئي هئي. ٻئي طرف هندو ٺگن جي دعويٰ آهي، تہ سندن شجرو ڀواني ديويءَ سان لاڳاپيل آهي، پر اها حقيقت آهي تہ اهي هندو خواهہ مسلمان ڦورو ڀواني ديويءَ جي شڪتيءَ جا پوريءَ ريت قائل آهن ۽ ٻئي هندو رسمن انوسار ڀوانيءَ جي پوڄا ڪندا آهن. اسين پاٺيہ اڄ بہ ڀواني ديويءَ جا پوڄاري آهيون. مغل شهنشاهہ اڪبر جي دؤر ۾ انهن جي شناخت ڪئي ويئي ۽ ڪيترن ڌوهارين کي موت جي سزا ڏني ويئي، پر اخلاقي ڌوهارين واري اها قوم سڄي هندستان ۾ ايتري تہ ڦهلجي چڪي هئي، جو مٿس ضابطو رکڻ ڪنهن بہ حڪومت لاءِ ناممڪن بڻجي پيو. اورنگزيب جي حڪومت دوران ڪيترا اسلام قبول ڪري مسلمان ٿيا، جن ۾ هڪ دهشتي سردار جئيمل بہ هو. هو پاڻ کي پاٺين بدران 'پٽا' سڏائڻ لڳا. منجهائن ڪيترا پنجاب ۽ ملتان طرف وڃي مبلغ ٿيا ۽ پاڻ کي 'پٽي' چوائڻ لڳا. ان سردار جئيمل جو پڙ پوٽو سر شاهنواز ڀٽو هو ۽ تڙ پوٽو سنڌ جو سابق وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو هو. اسين پاٺيہ، پٽا ۽ پٽي هڪ ٻئي جا سوٽ ۽ سُہنڌي آهيون.

سال 1873ع ۾ برطانوي عملدار Philip Meadows Taylor ٺگن جي زندگيءَ بابت هڪ معلوماتي ڪتاب، 'هڪ ٺگ جا اعتراف'، شايع ڪرايو. جنهن ۾ پنڊاري ٺگ امير علي ۽ هن جي حوارين دلها فقير، سرفراز خان، سبزي خان، چيتو، غفور خان ۽ گڻيش ٺگن وغيره جو دلچسپ ۽ تفصيلوار احوال آهي. ان ٺي ساڳيءَ برادريءَ جا ڪي فرد، جن ۾ هندو ۽ مسلمان ٻئي شامل هئا، سنڌ ۾ لڏي آيا ۽ ڳوٺن ۾ وسندا ويا. منجهائن ڪيترا ڪڇ ڪاٺياواڙ ڏانهن هليا ويا ۽ ڪجهہ پنجاب ۾ وڃي وسيا. پنجاب جا خونخوار 'مذہبي سک' پڻ انهن جي اولاد منجهان آهن.

سنڌ ۾ ٽالپرن جي حڪومت دوران جيئن تہ هندن کي زمينون خريد ڪرڻ ۽ گهوڙي تي سواري ڪرڻ جي اجازت نہ هئي، ان ڪري انهن ڳوٺن ۾ ننڍيون پڙيون ۽ دوڪان وڃي کوليا. خدابادي سنڌي هندن مٿان حاڪمن جو هٿ هو. ان ڪري اهي ڏيساور ۾ خاص طور جاوا، سوماترا، جڪارتا وغيره وڃي وڻج واپار ڪرڻ لڳا ۽ منجهائن جن تعليم حاصل ڪئي، اهي عامل سڏجڻ لڳا. بهرحال، سنڌ ۾ ٻاهران اچي وسيل هندن، مسلمانن جي اها هڪ وڏي تاريخ آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسلمير جي دهشتي شخص جئيمل جي سوٽن مان هڪ داني مل دربيلي ۾ اچي وڪر جو دوڪان کوليو ۽ گڏوگڏ هن اناج جو بدو واپار به شروع ڪري ڇڏيو جنهن ڪري هن جا ڏيڙي جي سيد زميندارن سان به واپاري ۽ ذاتي تعلقات قائم ٿي ويا. داني مل ڪان پوءِ اهو واپار هن جي پٽ ڏامي مل ڏاڍيءَ ڏاهپ سان سنڀاليو ۽ هڪ مفرور پٺاڻ سان دوستي ٿي وڃڻ تي، ڪيئن هو ڏيڙي جو شاهوڪار سيٺ بڻجي ويو. ان جو تفصيلوار ذڪر مان پنهنجي ساروڻين جي پهرينءَ قسط ۾ ڪري آيو آهيان.

ڏامي مل کي به پٽ، پيسو مل ۽ جاڙو مل هئا ۽ چار ڌيئر، موتل، شامل، وجهل ۽ ڇيجل نالي هيون. جيڪي حيدرآباد، لاڙڪاڻي، ٽلٽي ۽ ٺٽي جي وڏين آکهين ۾ پرڻيل هيون. انهن مان هڪ جي سهڻي جوان ڌيءَ ڏاتل کي قاضين جو هڪ لوفر ڇورو رات جو سندن گهر جو ڪڏ ٽپي ڀڄائي ويو ۽ ڇوڪريءَ کي زوريءَ مسلمان ڪيو ويو. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ ڏاتل جو لاش درياهه مان لڌو ويو. هن جا مائٽ اها ذلت برداشت نه ڪري سگهيا ۽ ٺٽي مان لڏي لاڏين نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا. هو اندر ۾ ياٽيا هئا، يعني ڪٽر ويشنو هئا ۽ ڪاڏو رڌڻ لاءِ ڪاٺيون به ڌوئي ٻاريندا هئا. هنن جون زائفائون رات جو گهر گرسهت ڪرڻ کان پوءِ هڪدم نئين سر سنان وڃي ڪنديون هيون ۽ حيض وارن ٽن ڇئن ڏينهن ۾ رنڌڻي ۾ به نه گهڙنديون هيون. هن جي ٻيءَ ڌيءَ پيوند هنگورجن ۾ مامي حڪومت سان پرڻيل هئي، جيڪا پهرئين ويم ۾ سال اندر ئي گذاري ويئي. مامو حڪومت جلد ئي نابين ٿي ويو. مان ننڍي هوندي ڪيترائي ڀيرا پنهنجي پيءُ سان گڏ هنگورجن، مامي حڪومت وٽ ويو هوس ۽ هن جي لٺ پڪڙي، ڪيس ٻنين ۾ گهمائڻ وٺي ويندو هوس. هو مرڻ وقت پنهنجي سڄي ملڪيت جائداد ۽ ٻنيون منهنجي نالي ڪري ويو پر جيئن ته مان اڃان صغير هوس، ان ڪري اهي سرڪاري ڪاتي ۾ منهنجي نالي منتقل نه ٿي سگهيون. پر اڳتي هلي ڪنهن مهاجر يا رٽايرڊ پنجابي فوجيءَ نالي ضرور منتقل ٿي ويون هونديون.

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي. پڙهيل ڳڙهيل هندن کي سرڪاري ملازمتون ملڻ لڳيون ۽ هٿ واٽين، عياش وڏيرن کي وڏيون رقمون ڏيئي يا قرض ڏيئي، سندن زمينون هڙپ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون.

ڏسندي ڏسندي ڏامو مل به ڏيڙي جو وڏو زميندار ٿي ويو ۽ ڏيڙي جي مکيه بازار ۾ دوڪان خريد ڪري، انهن مٿان ماڙيون ۽ ڪُڏ تي ڪُڏ اڏائڻ لڳو. سيدن جي دوستي به هن کي ڏاڍي ڪم آئي ۽ هاڻي هو سيٺ ڏامومل سڏجڻ لڳو. سال 1905ع ۾ ڏيڙي ۾ هندن جو سيدن سان ڪنهن خسيس ڳالهه تي تڪرار ٿي پيو ۽ اتي وڏي گهل آئي. نتيجي طور ڪيترن هندن کي ڏيڙي مان لڏڻو پيو. واٽين نئين آباد وچي وسائي ۽ ياٽيا ڪنڊياري ۾ اچي رهيا. هنن ڪنڊياري کي ڏاڍو وسايو ۽ اهو ڳوٺ مان تعلقو ٿيو. نئين آباد کي درياهه پائي ويو ۽ واٽيا اچي قنبر، ٽلٽي، سڏوجن، ميهڙ ۽ لاڙڪاڻي پاسي ويٺا. مان دولتپور جي پتڻ کان ٽلٽيءَ ۾ نٽ هوتچند ڏانهن ڪن شادين مرادين ۾ ويو هوس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٺ ڏامي مل جي وڏي پٽ پيسومل کي پوليس ۾ وڏو عهدو مليو هو. ننڍو پٽ جاڙو مل زمينون سنڀالڻ لڳو. ٽيهن سالن جي عمر ۾ هو رنڊ ٿي ويو ۽ وري شادي نہ ڪيائين. هن جي ڏاڏاڻين جو احوال اڳ ۾ لکي چڪو آهيان. هو منهنجو ڏاڏو هو. مان هن جي وڏي پٽ ديوان چيلارام جو پهريتو پٽ آهيان ۽ مون کي لاليءَ نالي هڪ پٽ ۽ ٻہ ڌيئر رجني ۽ سنڌو آهن. ٽيئي ڄار آمريڪا ۾ وسيل آهن.

لڳ ڀڳ انهيءَ ئي وقت ۾ يوروپ جي رياست اسڪاٽلئنڊ جي شهر گلاسگو جي پر واري ڳوٺ ۾ سر والٽر اسڪاٽ نالي هڪ وڏي ادبي شخصيت جنم ورتو. سال 1914ع ۾ جڏهن هن جو پهريون ناول Waverley شايع ٿيو تہ هن چيو "هن ناول مون کي اڻ کٽندڙ شهرت جو سلسلو An unabated course of popularity عطا ڪيو آهي." ايندڙ پنجن سالن ۾ هن نو (9) ناول لکيا. جن کي اڄ بہ انگريزي ادب جو شاهڪار مڃيو وڃي ٿو. انهن مان هن جي هڪ ناول The Talisman جو مرزا قليچ بيگ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي، پر ايتري شهرت جي باوجود، هو پنهنجي اندر جي اديب کان مطمئن نہ هو. پنهنجن سيني ڪتابن ۾ هن پاڻ کي اسڪاٽ روايتن، اسڪاٽ ڪردارن، اسڪاٽ محاورن ۽ اسڪاٽي منطق جو وڏو ماهر ڪري پيش ڪيو آهي. هن جا قاري هن کي صاف سٿرو خالق اديب ڪري ڪوٺڻ لڳا، پر ڪيس پنهنجي پڙهندڙن جو اهڙو سپاٽ رايو راس نہ آيو. هن کي احساس هو تہ هن وٽ اسڪاٽش منظر کان گهڻو مٿي اڀرڻ جون قوتون صلاحيتون ۽ وسيع دائرو آهي. هن اهو ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو ۽ سال 1819ع ۾ هن Ivanhoe جهڙو ادبي شاهڪار تخليق ڪيو.

هڪ تواريخي رومانس طور اهو ناول شهرت جي بلندين تي پهتو ۽ انگريزيءَ جي پاٺڪن، ڏکين اسڪاٽ لفظن ۽ لهجي کان نجات حاصل ملڻ ڪري، ناول نويس جي تمام گهڻي قدر شناسي ۽ پذيرا ڪئي. ناول ۾ ڀرپور رومانس بہ آهي تہ وحشانيت واري واسنا ۽ هوس بہ آهي. ان ۾ جنگ ۽ غارت گريءَ وارا ڪنور ۽ اُگرا منظر بہ آهن. شرابن جا ڇلڪندڙ جام بہ آهن. همبستري ۽ زناڪاري بہ آهي تہ ٻئي طرف اميرن جون سازشون ۽ منصوبا بہ آهن، تہ ساده دل ۽ نماڻي عوام جون عبادتون بہ آهن. سر والٽر اسڪاٽ جي تخليق Ivanhoe کي پنهنجي وقت جو وڏو شاهڪار ۽ دنيا جي هڪ سؤ عظيم ڪتابن مان هڪ ڪري مڃيو ويو آهي.

مون کي ڄاڻ ناهي تہ سر والٽر اسڪاٽ جي پوءِ وارين پيڙهين ۾ ڪو اديب يا فنڪار پيدا ٿيو آهي يا نہ. پر هن جي موجوده نسل جو ولفريڊ نالي هڪ فرد، جيڪو شايد هن جو پڙپوٽو آهي، اڄ ڪلهہ ايڊنبرگ ۾ رهي ٿو ۽ پيشي جي طور انجنيئر آهي. اڄ کان پنجويهہ چويهہ سال اڳ هن کي ۽ هن جي زال مورينا کي هڪ ڌيءَ ڄائي، جنهن جو نالو 'نڪولا' رکيو ويو ۽ سر والٽر اسڪاٽ جي ان تڙ پوٽيءَ نڪولا جو ڊيڙي جي سيٺ ڏامي مل جي تڙ پوٽي لاليءَ سان عشق ٿي ويو. مان پنهنجي پٽ لاليءَ جي رومانس جو قصو اڳتي هلي لکندس، جو اڃان تہ مون پنهنجي عشقن جا داستان ئي درج نہ ڪيا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇهون پنو

اهو چوويهه مارچ جو هڪ روشن ڏينهن هو جڏهن مان ڪرشن جي نگري دوارڪا بيٽ تي بيٺو سمنڊ جي ڇولين سان گڏ ڇُلي رهيو هوس. ڇوليون، جيڪي ڪراچيءَ جي ڀلي پار ڪان اچي رهيون هيون ۽ مون کي منهنجي جنم ڏينهن جون واڌايون ڏيئي رهيون هيون. ان ڏينهن مون پنهنجي ڀاروتڻ جا ڀارنهن سان پورا ڪيا هئا، پر جلا وطنيءَ مون کي منجهائي منهنجي سوچ کي سنجيدو ۽ وڏي ڄمار وارو بڻائي ڇڏيو هو.

هن اڻاهه اجنبي ملڪ ۾، اسين ڪٿي پٽڪنداسين؟ گذر سفر ڪيئن ڪنداسين؟ ڀڪوڙن ۾ لڪائي آندل گنيون، اجگرن جي واتن ۾ ڪيستائين وجهي سگهنداسين؟ ٻڪ جڏهن آنڊن ۾ وٽ وجهندي ته ان باهه کي ٿڌو ڪيئن ڪنداسين؟

منهنجي ننڍڙي ذهن تي وڏن ويچارن جا ڳرا مترڪا لڳندا رهيا. سمنڊ جي ڪناري تي ويٺي اميد جي هڪ لهر اها به ايرندي رهي ته شايد حالتون سٺايون ٿيڻ تي پنهنجي ملڪ موٽي وڃون، پر اڄان ته اتان ماڻهو اچي ئي رهيا هئا. موٽي وڃڻ جو سوال ئي ڪٿي ٿي اُٿيو؟

دوارڪا جي مندر مان مفت جون پوريون ۽ دال کائي، ٻاهر اچڻ تي مون کي احساس ٿيو ته منهنجيءَ ماءُ ۽ ڇئن ننڍن ڀائرن ڀينرن ڪجهه کاڌو هوندو الائي نه؟ سومناٿ وڃڻ جي خواهش دل ئي دل ۾ دٻائي، ڄام نگر واري بس اڏي تي اچي ويٺس. منهنجي کيسي ۾ رڳو ٻه روپيا هئا، جيڪي مون بچائي رکڻ پئي چاهيا. ڄام نگر واري بس سڄي ڀريل هئي. مان بس کان ٻاهر ويٺو ان جي هلڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. گڏوگڏ نڪر جي کيسي ۾ هٿ وجهي، پنهنجي ٻن روپين جي پونجيءَ جي هٿيڪي هٿڻ جي پڪ پڻ ڪري رهيو هوس. بس هلي ته ان جي پوبان سامان لاهڻ چاڙهڻ واري لوهي ڏاڪڻ کي مضبوطيءَ سان جهلي، بس ۾ چڙهي ويس. چار پنج ڪلاڪ لاڳيتو لوهه جي سخت شيخن کي جهلي ويهڻ سان هٿن جي ترين ۾ قلوڪٽا پئجي ويا هئا.

ڄام نگر ۾ پاپي ۽ منهنجا ڀائر ڀينر مون کي چنبڙي روئڻ لڳا. هنن ڪئمپ مان مفت مليل ڌڙ ڪاڌي جا ڊٻا ۽ ڳوٿريون ڀري رکيون هيون ۽ ڪيتريون پاڇيون به سڪائي رکيون هيون. پيٽ کان وڌيڪ اکيون ڍائجي رهيون هيون. مون کي ڪجهه اطمينان ٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو تہ شايد رزق ڏيڻ وارو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو آهي. ان وقت تائين مون اجاز اقبال جو طائر لاهوتيءَ وارو تصور نہ پڙهيو هو: "اهڙي رزق کان موت بهتر آهي، جنهن سان پرواز ۾ ڪوتاهي ايندي هجي."

مان ٻارنهن سالن جو هوس، پر گهر جو وڏو هوس. منهنجا ٻائر پينر چئن کان ڏهن سالن جي وچ واريءَ عمر جا هئا ۽ کين سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ اسين ائين چو ڀٽڪي رهيا آهيون ۽ پنهنجي گهر ڇو نٿا وڃون؟ ٻاپيءَ کي قاتل ڪپڙا سبندي ڏسي، هو اجان وڌيڪ حيران ٿيندا هئا. هنن جي اکين آڏو بوسڪيءَ جا وڳا ۽ پلش جا ڪوٽ تري ايندا هئا. جيڪي پراڻا ٿي وڃڻ کان پوءِ، انهن مان منهنجي ماءُ منهنجين ڀينرن جي گڏين لاءِ کين پوشاڪون ناهي ڏيندي هئي. هيئنر منهنجي ماءُ انهن اُچن ڪپڙن کي چتيون هڻي رهي هئي.

ان ئي شام جو شرڻارٿين جي ڪئمپ لڳل اسڪول جو هيڊ ماستر آيو. هڪ هڪ ڪٽنب کي اتان جي ڪنهن سرڪاري عملدار جي صحيح ڪيل پاس ڏيندو ويو ۽ ان ۾ گهر جي ڀاتين جو انگ ۽ عمر درج ڪندو ويو. چوڻ لڳو "هيءَ توهان جي ريلوي پاس آهي، جنهن جو مدو مهيني تائين آهي. ان سان توهان سڄي هندوستان ۾ ڪهڙيءَ بہ ٽرين ۾ ڪيڏانهن بہ اچي وڃي سگهو ٿا. جيئن تہ ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ اسڪول کلڻا آهن، ان ڪري سياڻي تائين توهان کي اسڪول خالي ڪرڻو پوندو. صبوح جو ڏهين بجي هتي بہ بسيون اينديون. جيڪي توهان کي اسٽيشن پهچائي اينديون. رات رات ۾ پنهنجو سامان ٻڌي وڃڻ جي تياري ڪري وٺو."

ٻڌڻ لاءِ اسان وٽ سامان ئي ڪهڙو هئو؟ اسان ٻارڻ ئي ٻڌا پيا هئاسين. اها سڄي رات مان سوچيندو رهيو هوس تہ اسٽيشن تان ڪهڙي پاسي وڃون؟

مون کي ڄاڻ نہ هئي تہ هندوستان سرڪار طرفان بمبئيءَ ويجهو ڪلياڻ ڪئمپ، ملز ڪئمپ، ناسڪ طرف ديولالي ڪئمپ، پوني ۾ پمپري ڪئمپ، احمد آباد جون ڪبير نگر ۽ سردار نگر ڪئمپون. جبلپور، ڪٽني، بئرا ڳڙهہ، بينا، ستنا، پوساول ۽ دهليءَ جي پراڻي قلعي ۾ سنڌين جون ڪيتريون ڪئمپون قائم ٿي چڪيون آهن. مون کي رڳو ايتري ڄاڻ هئي تہ ساموٺدي جهازن ۾ آيل سنڌي بمبئي، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ طرف اچي وسيا آهن.

(گجرات ۽ مهاراسترا ان وقت اجان بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو هئا ۽ ڪڇ الڳ علائقو هئو) ۽ ٻئي طرف کوکرو پار ريل رستي آيل، راجستان جي شهرن اجمير، جئپور، جوڌپور، آڏيپور، مارواڙ وغيره ۽ اتان ٿيندا وچ هندوستان جي شهرن ڀوپال، اندور، جيلپور، ناگپور ۽ لکنئو ڪانپور، آگري ۽ آسپاس جي شهرن ۾ وڃي وسڻ لڳا آهن. مون تہ انهن شهرن مان ڪيترن جا اجان نالا بہ نہ ٻڌا هئا. چام نگر جي اسڪول ۾ هڪ ڪلاس روم جي ڀت تي ٽنگيل گڏيل هندوستان جو نقشو ڏسندي لڳندو هو ڄڻ ڪو وڏو واڳو وات ڦاڙي بيٺو آهي. ان نقشي ۾ تہ اجان تائين هندستان، پاڪستان جي وچ واريون ليڪون بہ لڳل نہ هيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي هلي چاڻ پيئي تہ نانگن، بلائن ۽ وڇن جي ان علائقي ۾ ماڻهن وسڻ شروع ڪيو هو. پر وارا شهر پڄ، مانڊوي ۽ انجار وغيره اڳ ۾ ئي وسيل هئا. لکپت بندر نارائڻ سر، ڪوٽيشور ۽ ماتا جي مڙهي، اڳ ۾ ئي ياترين ۽ واپارين جو مرڪز هو. لطيف سائين انهن جڳهين جو پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ اڪثر ذڪر ڪيو آهي. انگريز سفير جيمس برنس پنهنجين يادگيرين ۾ ڪڇ پڄ جي محلاتن ۾ پلجندڙ سازشن ۽ ڳجهن منصوبن جو حيرت انگيز ذڪر ڪيو آهي. ڪن محققن جو چوڻ آهي تہ غلام شاهہ ڪلهوڙو ڪڇ جي راجا کان پلاند وٺڻ لاءِ، سنڌونديءَ جو وهڪرو بدلائي ڪڇ پڄ کي بنجر بڻائي ڇڏيو. پر آبپاشيءَ جي ماهرن جو رايو آهي تہ ڪلهوڙي حاڪم متان اهو بهتان آهي، جو عملي طور اهو ممڪن ئي نٿو ٿي سگهي. اسان جو بزرگ شاعر هري دلگير، جيڪو پيشي جي طور انجنيئر آهي ۽ آبپاشي جو وڏو آزموديگار آهي، اهو پڻ سنڌوءَ جو هٺرادو طور رخ موڙائڻ واري منطق کي نٿو مڃي.

شرٽارٽين جو اهو طبقو، جنهن کي ٻي ڪابہ واهہ نٿي سجهي، يا ڪو فيصلو نٿي ڪري سگهيا. ڪڇ جي راجا جي آڇ قبول ڪري ان طرف وڃڻ لڳا. جتي چوڏاري واري ۽ واريءَ جون پٽون ڦهليل هيون. ورسائڻ واري ڪاتي طرفان ان رڻ پٽ ۾ بٽرڪن واريون رهائشي جايون جڙڻ شروع ٿي ويون، اهو بہ اعلان ڪيو ويو تہ هڪ نانگ کي مارڻ جو روپيو ۽ وڇون مارڻ لاءِ اٺ آنا ڏنا ويندا. مون وٽ اهي انگ اکر تہ ڪونهن تہ شهر کي وسائڻ لاءِ ان دوران ڪيترا نانگ، بلائون ۽ وڇون ماريا ويا، پر مون کي لڳي ٿو تہ ايترن سنڌين کي ڏسي اهي پاڻمرادو ئي پڄي ويا هوندا، يا پنهنجن ٻرن مان ئي نہ نڪتا هوندا. ان موضوع تي ڪيترا سال پوءِ موهن ڪلپنا هڪ جاذب ڪهاڻي لکي هئي.

اڌ رات ڌاري راجڪوٽ کان هڪ مال گاڏي آئي، جيڪا ڇام نگرجي پوئين پليٽ فارم تي اچي بيٺي. اڌ ڪليل گاڏن ۾ مال بدران بت اگهاڙا پيل وينا هئا. جن مان ڪيترن جي هٿن ۾ تير ڪمان ۽ لٺيون هيون. ڪيترائي ماڻهو ان مال گاڏيءَ طرف ويا. مان بہ ساٿن گڏ ويس. ان عجيب مخلوق کي ڏسي، اسين ڊڄي رهيا هئاسين، پر حقيقت ۾ هو اسان کان ڊڄي رهيا هئا. ماڻهو کين ڏسي اسٽيشن تي موٽي آيا. مان همٿ ڪري گارڊ جي پوئين گاڏي تي وڃي پهتس. گارڊ ڏسڻ ۾ رڇ جهڙو پوائنٽو پئي لڳو ۽ مٿي تي پولڙي واري ٽوپي هئس ۽ اکين تي ٿلهن شيشن واري عينڪ. هن پيلي ٻتي منهنجي منهن تي وجهي مون ڏانهن ڏٺو. هو اڌ انڊو ۽ اڌ ٻوڙو هئو. ايترو انڊو جو عينڪ لاهي تہ پونڊو هٽجيس تہ بہ ڏسڻ ۾ نہ اچيس. مون پڳل ٽٽل هنديءَ ۾ هن کي چيو تہ جيڏانهن هيءَ مال گاڏي ويندي هجي، اسان کي بہ پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري اوڏانهن وٺي هلي. نہ هو سڄي ڳالهہ ٻڌي پئي سگهيو ۽ نہ ئي هن کي منهنجي ٻولي سمجهہ ۾ اچي رهي هئي. مون ڪجهہ وڏي واڪ ۽ ڪجهہ هٿن جي اشارن سان پنهنجي پتڪڻ جو احوال ڏنو. هو ڏسڻ ۾ جيترو پيانڪ ٿي لڳو اوترو ئي رحمدل هئو. ڪنڌ جي لوڏ سان منهنجي ڳالهہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميجيائين ۽ سيني کي پنهنجي ڪئبن ۾ وٺي اچڻ لاءِ چيائين. ڪيسي مان زنجير واري ٿلهي واچ ڪڍي، اشاري سان سمجهايائين ته ڪلاڪ ڪان پوءِ هيءَ گاڏي احمدآباد لاءِ رواني ٿيندي. پنهنجي هيلپر کي چيائين ته مون سان گڏ وڃي اسٽيشن تان اسان جو سامان کڻائي اچي.

پليٽ فارم تي اچي مون سيني کي ننڍ مان اٿاريو ۽ سامان پڌڻ شروع ڪيوسين. ڀاڀي واٽڙي تي پڇڻ لڳي، "ڪيڏانهن ٿو وٺيو هلين؟" ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌايم. منهنجي گهڻي اسرار تي هوءَ به ٻي دليو مال گاڏيءَ ڏانهن هلڻ لڳي. رڇ جهڙي ماڻهو کي ڏسي ڀاڀي ۽ ٻار ڊنا ضرور، پر جلد ئي اسين سڀ گارڊ جي گاڏيءَ ۾ ٽانئيڪا ٿي. ڪئبن جي آمهون سامهون وارين ڪاٺ جي بئنچن تي ويهي رهياسين. گارڊ ٻارن کي کائڻ لاءِ ڳڙ جا منيا ڏنا ۽ هيٺ لهي ويو. جلد ئي سيني کي بئنچن تي ننڊ اچي ويئي ۽ مان ۽ ڀاڀي پٽ تي چادر وڇائي سمهي پياسين.

صبوح جو خبر ناهي ڪهڙيءَ ويل گاڏي احمد آباد اسٽيشن جي ڪنهن پوئين پليٽ فارم تي شنٽ ڪري اچي بيني هئي. واٽڙن جيان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي لڳو ٿي جڻ اسين به ڪنهن شنٽ ٿيل گاڏيءَ جيان ڪنهن اجاڙ يارڊ ۾ اچي بيٺا آهيون ۽ ٽرين اسان کي ائين اڪيلو ڇڏي ڪيڏانهن اڳتي نڪري ويئي آهي.

احمد آباد سچو دونهاٽيل شهر هو. جيڪو سابرمتي نديءَ جي ڀنهي پاسي وسيل هو. مهاتما گانڌي ڪيترا سال اڳ، هتي سابرمتي آشرم قائم ڪيو هو جتي هر ڪنهن کي، ڪاڪوس صفا ڪرڻ تائين هر ڪو ڪم پاڻ ڪرڻو پوندو هو. گانڌيءَ کي سابرمتيءَ جو سنت پڻ سڏيو ويندو هو. اڄ اهنسا جي ان اوتار جي، ملڪ تي بنياد پرست جلادن ۽ قاتلن جو قبضو آهي، جيڪي انسان جي رت ۾ ڏندڻ ٻوڙي، پنهنجا ڏند ڳاڙها ڪندا آهن ۽ لاشن مٿان ڪدڙن وانگر نچندا ۽ تاڙيون وڄائيندا آهن. انهيءَ احمدآباد شهر ۾ جتي سابرمتيءَ جي هڪ ڪناري قائم ڪيل آشرم ۾ گانڌي ۽ ان جا ساٿاري چرخا هلائي، ڪپهه جي پوڻين مان سٽ ڪتي، کاڌيءَ جو ڪپڙو اڻندا هئا، اتي سابرمتيءَ جي ٻئي پاسي وري وسيل ۽ ڳتيل شهر ۾ يورپ جي مئنچيسٽر جي ملين جي طرز تي قائم ڪيل ڪپڙي جون ڏيڍ سؤ ٽيڪسٽائيل مليون هيون. جن جا مالڪ يا مارواڙي هئا يا گجراتي. سندن مئنيجر ۽ ٽيڪسٽائيل انجنيئر اڪثر انگريز هئا. جن مان گهڻا ٽڪا ورهاڱي بعد پنهنجي ملڪ موٽي ويا ۽ سندن جايون ائنگلوانڊين ۽ ڪرستان ڪاريگرن اچي ڀريون. گجراتي سيٺيون ۽ سندن ڪٽنب بمبئيءَ ۾ ۽ مارواڙي مالڪ ۽ سندن ڪٽنب راجستان جي ڳوٺن سيڪر، سروهي، جهنجهنو ۽ پالپٽور پاسي رهندا هئا. ڏيڍ سؤ ملين جو دونهون سڄي شهر کي ڏنڌ وانگر وڪوڙي ويندو هو. ملين جي ڪسين جو ڪنو پاڻي، سابرمتي نديءَ ۾ اچي پلتجندو هو. شهر جي پسگردائيءَ ۾ چاڙا قوم جي اخلاقي ڏوهارين، رهزنن ۽ رساگيرن جون بستيون هيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڪرو پار ۾ مارواڙ رستي آيل سنڌي احمد آباد شهر ۾ ائين ڦهلجي ويا جڻ سابرمتيءَ ۾ وڏي ٻوڏ اچي ويئي هجي. جيڪي شهر جو دونهاٽيل ماحول برداشت نہ ڪري سگهيا، اهي مها راجا گائڪواڙ جي رياستي شهر ٻڙودا ڏانهن هليا ويا. جيڪو صاف سٿرو ۽ ويڪري ايراضيءَ وارو شهر هو. شهر جو ماحول پڻ پرامن هو. غزل جي بادشاهہ مهدي حسن جو چوڻ آهي:

”هن نون سالن جي عمر ۾ پهريون ڀيرو ٻڙودا جي مهاراجا جي دربار ۾ ڳايو هئو جتي هو پنهنجي والد سان جهنجهنو جي ننڍي رياست منڊاوا مان. هن جو هٿ پڪڙي آيو هو ۽ مهاراجا هن جي مٿي تي هٿ رکي اڳڪٿي ڪئي هئي تہ هڪ ڏينهن هي ٻالڪ هڪ عظيم فنڪار ٿيندو.“ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ مستقبل جي ان عظيم فنڪار کي پاڪستان وڃي پيٽ پالڻ لاءِ سائيڪلن جا پنڪچر بہ ڳنڍڻا پيا ۽ ڪوئلن جي ٽال تي ويهي پنهنجا هٿ بہ ڪارا ڪرڻا پيا.

هندوستان جي اڪثر اداڪارائن، گلوڪارائن ۽ ٻين فنڪارن کي ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان وڃي بي توجهي ۽ مالي مشڪلاتن سان منهان منهن ٿيڻو پيو. سواءِ ملڪہ نور جهان جي، خورشيد، ريحانہ، رمولا، منور سلطانہ، مينا شوري وغيره جهڙيون فنڪارائون گمنامي ۾ ڪسمپرسيءَ وارين حالتن ۾ پنهنجا ڏينهن گذاريندڙيون رهيون. ’لارا لپا گرل‘ مينا شوريءَ کي تہ بي سروسامانيءَ وارين حالتن هيٺ عزتدار ڪفن دفن بہ نصيب نہ ٿيو ۽ ٻئي طرف هنن جي همعصر اداڪاره ثريا جمال شيخ بمبئيءَ ۾ پنهنجي پويان پنجاهہ ڪروڙن جي جائداد ڇڏي ويئي آهي. جنهن جا وارث پاڪستان مان اچي پهتا آهن. مان سمجهان ٿو تہ ملڪہ نور جهان بہ جيڪڏهن هندوستان ۾ رهي پوي ها تہ هن جو فن اڄان بہ وڌيڪ ابري ها ۽ لتا منگيشڪر جهڙي گلوڪاره. جيڪا هن کي پنهنجو گرو ڪري مڃيندي هئي، هن کي برتريءَ جو نہ تہ بہ برابريءَ جو درجو ضرور ڏياري ها ۽ هن کي ڪنهن ڊڪٽيٽر جي حڪم تي ايوان صدر ۾ وڃي ڳائڻ لاءِ مجبور نہ ٿيڻو پوي ها. هن ملڪ ۾ فن پيش ڪرڻ، ڳائڻ ۽ پونڪڻ جي آزادي ڪجهہ وڌيڪ ئي آهي.

احمد آباد اسٽيشن کان شهر جي ٻئي ڇيڙي تائين، سنڌين فٽ پاٿن تي پڙيون لڳائڻ ۽ شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ننڍا ننڍا هٽ کولڻ شروع ڪيا. شهر مان مسلمانن جي لڏ پلاڻ نہ جهڙي ئي ٿي هئي، جو هو اهنسا وادي گانڌيءَ جي شهر ۾ پاڻ کي مڪمل طور محفوظ سمجهي رهيا هئا. جيتوڻيڪ ڪجهہ مهينا اڳ گانڌي هڪ بنياد پرست جماعت جي جنوني شخص هٿان گوليءَ جو بک بڻجي چڪو هو. گانڌيءَ جو ڏوهہ اهو هو جو هن بک هڙتال ڪري، پاڪستان کي ان جي حقيقي حصي جا پنجونجاهہ ڪروڙ ڏيارايا هئا، جنهن ان جماعت جي پيٽ ۾ ولوڙ وڌا هئا.

پڙين ۽ هٽن مان ڪجهہ ڪمائي سنڌين هاٽي ڪپڙا ملين جو رخ ڪيو ۽ انهن ۾ تيار ٿيندڙ ڪپڙي جي ٿانن جي لاٽ ۽ اڌ مني والن جون بچيل پچڙيون ۾ تڪراتا تور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حساب سان ڳڻهڻ شروع ڪيا. ڏسندي ڏسندي احمد آباد شهر جي رليف روڊ جو وڏو مارڪيٽ، ڪپڙي جي ٽڪرائن جو ٻڏو مارڪيٽ بڻجي ويو جتي ڪپڙو والن جي نه پر تارازيءَ ۾ سيرن ۾ پاون جي حساب سان وڪامڻ لڳو. دڪاندارن جا آرتي ۾ پلاوٽا سڄي هندوستان جا چڪر هڻي، وڏا وڏا آرڊر وٺي ايندا هئا ۽ سنڌين جي هر حرڪت، برڪت ۾ بدلجڻ لڳي.

سنڌي واٽيو ڏاڍو سياڻو آهي. هو ٿوري ڪتئي گهڻي برڪت، واري متي ۾ يقين رکندو آهي. هو ڪڏهن به ڪنهن ڪارخاني، مل يا انڊسٽريءَ ۾ پنهنجو سرمايو نه سيڙائيندو. هن جي عقاب واري اک رڳو ڪارخاني ۾ پيدا ٿيندڙ مال مٿان هوندي. هو مل جو مالڪ ٿيڻ نه چاهيندو پر ان مل جي مال جو ئي مالڪ ٿيڻ چاهيندو. هو ڪڏهن به ڪارخانن ۽ ملين ۾ لڳل مشينن مٿان سيڙپ ڪري، پنهنجو سرمايو بلاڪ نه ڪندو. مزورن جي تجارتي جماعتن (Trade Unions) ۽ سندن مظاهرن ڪي منهن نه ڏيندو پر سندن پگهر جي پورهئي مان پيدا ٿيندڙ پدارٿن ۽ سازو سامان مٿان قابض ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪڏهن به مقروض ٿي نه مرندو پر ويچارا لهڻيدار وصوليون ڪندي ڪندي مري ويندا.

ڏيڍ سو ٽيڪسٽائيل ملين ۾ پيدا ٿيندڙ ڪپڙي جي ٻڏي، خواهه ريزڪي تجارت مٿان، ٻن چئن سالن ۾ سڄو سنڌين جو قبضو ٿي ويو. مڙهيل مال ۽ هوزريءَ جي سڄي صنعت پڻ سندن هٿ ۾ اچي ويئي. اناج جو ٻڏو واپار سرن جا ٻنا، سيڌي پاڏي ۽ ڪرياني جو ڪم، فئنسي لباس ۽ اڳتي هلي اليڪٽرانڪس، ٽيڪيداريون، آمد رفت، ٽرانسپورٽ، بار برادري، سواءِ ڪاسائڪي ڪم جي اهڙو ڪوڏنڌو نه هو جيڪو سنڌين جي هٿن مان بچي نڪتو هجي.

۽ مارواڙي مل مالڪ واڻڙا ٽي وات ڦاڙي ڏسندا رهيا. آهستي آهستي هو پنهنجيون مليون بند ڪري، انهن مٿان Malls تعمير ڪرڻ لڳا. جيڪي به اڳتي هلي ڪائنڻ سنڌين مقاطعي تي يا خريد ڪري ورتا ۽ انهن سيٺين جي نئين نسل جا ڇورا بمبئي ۽ ڪلڪتي وڃي ماڻٽن جون ملڪيتون لٽائڻ ۾ لڳي ويا.

روشن دماغ سنڌين جي برعڪس اڄ به مارواڙي سيٺ جي سوچ ساڳي ئي آهي. احمد آباد مان مل وڪڻي لڏي آيل هڪ سيٺ، دهليءَ ويجهو گرگانءَ ۾ اچي، سنگ مرمر جو ڪارخانو لڳايو. منهنجو ماروٽ ان جو چيف انجنيئر هئو. مال تيار ٿيڻ شروع ٿيو ته به سيٺ کي اعتبار نٿي آيو. ماروٽ چيس، "سيٺ جي! ڪارخاني ۾ اعليٰ قسم جو مال تيار ٿي رهيو آهي. سڀ مشينون ڪمپيوٽر واري جديد ٽيڪنالاجيءَ تي هلي رهيون آهن."

تڏهن سيٺ وراڻيس، "ڪامپيوٽر ڦامپيوٽر ماروڪو ڪوئي نئي پتو-ماري ڪو تو چمٽي مان انتو ڏئون دکائو."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ستون پنو

جهڙيءَ ريت هن عمر ۾ اسان کي مجبورن، مصلحتن ۽ مروتن پنهنجين جوين سان وفادار ٿي رهڻو ٿو پوي، اهڙيءَ ريت سان کي پنهنجن مقصدن ۽ مرادن سان به وفادار ٿيڻو پوندو. هن وقت اسان جي ٿيءَ آڏو هڪ ٿي مقصد ۽ مراد وڃي بچي آهي، پنهنجي ٻولي ۽ ادب کي پنهنجين منين ۾ جهلي محفوظ رکڻ جي جيڪا ذميواري هند_سنڌ جي سنڌي اديبن کي، خاص طور ۾ اسان جي پاڻکن کي عام طور نباهڻي آهي. ان مقصد جي برثوابيءَ لاءِ اسان کي ڪا ٿيڻري، ان جو عمل ۽ اڳتي هلي عمل جي واٽ تيار ڪري پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ڪي راهون هموار ڪرڻيون آهن. تخليقي عمل سان گڏوگڏ ادبي تاريخ ۾ اديبن ڪڏهن واعظ جو ڪردار پڻ نباهيو آهي، جنهن کي اسين مڪمل طور رد نه ڪري سگهيا آهيون.

ادب جي ڊوڙ ۾ مان بيحد سست رفتار شخص پئي رهيو آهيان، پر سالن کان منهنجي من ۾ اهڙيون ڪي رڻائون رتجنديون پئي رهيون آهن ته اسان جي ٻولي ۽ ساهت جا ورهائجي ويل ساهتڪار ڪڏهن ڪنهن جاءِ تي، هڪ چت هيٺيان ويهي پهرين پنهنجي اندر جا حال اوريون ۽ پوءِ پنهنجي ادب جي يڪجهتيءَ بابت سوچيون. اسان جي سماجي ۽ ادبي ورهاڱي کي رڳو پنجاهه سال ٿيا آهن ۽ تاريخ ۾ پنجاهه سالن جو عرصو ڪابه معنيٰ نٿو رکي. تاريخ ساک تي شاهدي ڏني آهي ته جلا وطنيءَ وارن دؤرن ۾ پڻ، جلا وطن ٿيل اديبن اعليٰ ادب تخليق ڪيو آهي.

اٺ سو سالن کان جلا وطن ٿيل هيبريو (Hebrew) ٻوليءَ جي يهودي اديبن، تاريخ جا ڏاڍا ڏاڍ ڏمر سٺا آهن. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ در در جا ڌڪا ڪائيندي، هنن ناڻو ته خوب ڪمايو ۽ ان مالي مضبوطيءَ ڪين بعضي هنيلو ۽ هوڏي پڻ ٻڌائي ڇڏيو، پر گذريل ڪجهه عرصي کان ڪين پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب کي ۽ پنهنجي صلاحيتي قوتن کي اجاگر ڪرڻ جو احساس ٿيڻ لڳو آهي. هيبريو ٻوليءَ جي واتي ويٺي ورجائيندڙ لوڪ شاعري ته صدين کان مروج پئي رهي آهي، پر سنڌن نثر ڪا تحريري صورت اختيار ڪرڻ کان قاصر رهيو آهي.

صدين جي اکوڙ ۽ دربدريءَ هيبريو ادب کي ٻي پاڙو ٻڌائي، ٻين ملڪن ۾ نوان سلا پوکڻ لاءِ مجبور ته ڪيو پر اهي سلا ڪنهن ڌاريءَ ڌرتيءَ تي تيسين اسري نه سگهيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسين ان قوم صدين جي ڏکن تاپن کان پوءِ وري پنهنجو وطن نہ اچي وسايو. ان سڄيءَ پٽڪ دوران بي چٽنيءَ، بي سلامتيءَ کان عارضي طور امن تائين، ان قوم جو دربدريءَ وارو سڄو دؤر ذلتن، دل آزارين، جنين، آتش زني ۽ سياسي بدلاون وارو دؤر رهيو آهي. بدل سدل جي اهڙيون ترتيبن، ترڪيبن ۽ رفتار اڄ هيبريو ادب کي نوان لاڙا، نئين سوچ، نوان ڍانچا ۽ نيون عبارتون ميسر ڪيون آهن.

اموس اوز (Amos Oz)، ييي هوشوا (Yehoshua) ۽ يزهار (Yizhar) جهڙن تخليقڪارن، هيبريو ادب کي اڄ عالمي سطح تي آڻي بيهاريو آهي. هي رڳو ڪي اهڙا اديب آهن، جن پنهنجيءَ ادبي دنيا ۾ جوڳي جاءِ حاصل ڪئي آهي، پر هيبريو جي نئين ٿهيءَ جي ليکڪن جون نثري خواهہ منظوم تخليقون، جن ۾ انهن جديد دؤر جي مونجهارن وارن موضوعن تي قلم هلايو آهي، گهڻ دلڪش ناهن.

هيبريو ٻولي، ساهتيہ ۽ ڪلچر ۽ سنڌي ٻولي، ساهتيہ ۽ ڪلچر ۾ ڪيترين ئي هڪ جهڙايون آهن. بلڪ اسان جو سنڌي ڪلچر ۽ ٻولي تواريخي ثبوتن موجب پنج هزار سال پراڻا آهن ۽ ان جي برعڪس هيبريو ٻولي ۽ ادب جو اتهاس توريت ۽ انجيل واري دور کان اڄ تائين ٽي هزار چار سؤ سالن ۾ ڦهليل آهي. ان پٽڪندڙ قوم جو دائرو اندليس ۽ اٽليءَ جي وچ ۾، اڄ وچ جي زمان ۽ مڪان جي گهيري ۾، ڪنهن لڏڪڻي وانگر لڏندو رهيو. ان جو ساهتيہ پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ٿيل ساهتيہ هو جيڪو اوديسا (Odessa) ۽ وارسا (Warsa) جهڙن اجنبي ملڪن ۾ رچيو پچيو ويو.

سال 1947ع ۾ ورهاڱي وقت، جڏهن سنڌي قوم جو هڪ حصو پنهنجيءَ جنم ڏيندڙ ڌرتيءَ کان آلين اکين سان ڌار ٿي رهيو هو بنهہ انهيءَ ئي وقت هيبريو جي ناٿن الٽرمئن (Nathan Alterman) جهڙو جلاوطن ٿيل شاعر هڪ شهر جي ڪنڊيءَ تي ويهي (The Silver Platter) 'چانديءَ جو ٿالهہ' جهڙو شاهڪار نظم لکي رهيو هو. ان ڪلاسيڪي نظم ۾ هڪ پيار ڪندڙ جوان ڇوڪرو ۽ هن جي محبوبا پنهنجي وطن لاءِ ڪيئن پنهنجيون حياتيون قربان ڪن ٿا، ان جو دل ۾ ولوڙا وجهندڙ بيان آهي. اڄ (The Silver Platter) يهودي ادب جو هڪ علامتي ۽ مثالي ادبي شاهڪار بڻجي چڪو آهي. حيران ڪندڙ حقيقت اها آهي تہ اڄ يهودي قوم جا وروڌي فلسطيني اديب ۽ شاعر بہ نہ رڳو Alterman جي ان طويل نظم مان بشارت حاصل ڪندا آهن، پر پنهنجيءَ جدوجهد جي حوالي ۾ ان نظم کي پنهنجو مقصد ڪري مڃيندا آهن.

هند ـ سنڌجي ادبي برادريءَ جا ڪيترائي حساس ۽ هوشائتا اديب، عالم ۽ شاعر پڻ پنهنجن ذهنن ۾ اهڙين سوچن جا سلسلا جوڙيندا پئي رهيا آهن. هڪ ٻئي سان گڏجڻ لاءِ تڙپندا رهيا آهن، هڪ ٻئي کي پنهنجين تخليقن ۾ ڳولهيندا پئي رهيا آهن، هڪ ٻئي سان غائبانہ طور رابطہ رکندا رهيا آهن، پر ڪين گوڏي سان گوڏو گڏي ويهي، هڪ ٻئي سان حال ونڊڻ جا موقعا ميسر نہ ٿي سگهيا آهن. اهي جسماني دوريون ۽ ويڇا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت نہ وڏا آهن. پر ٻن پاڙيسري ملڪن جي رذيل، منافق ۽ موقع پرست سياستدانن وڏا آهن. جيڪي اهڙيون ٻي اعتدال پاليسيون جوڙيو، پاڻ ڇڏائي پري ٿي. پاڻ کي ڪير ۾ ڏوتل اڇو اجرو ثابت ڪندي، پنهنجا ڇُهڙڪا ڪم. ڏيڍن جي ان طبقي کان ڪرائنيدا آهن. جنهن کي بيورو ڪريسي يا ڪامورا شاهي ڪوٺيو ويندو آهي. ننڍي کنڊ جي ٻنهي طرفن جي نوڪر شاهي، فرنگين جي باقيات جو اهو ناجائز ترڪو آهي. جيڪو سندن ڇڏي ويل ساڳيءَ جوتي ٿالهيءَ جو چٽيندڙ آهي. اهي سندن انگريز آقا ٿي هئا. جن سنڌيءَ سميت ننڍي کنڊ جي علائقائي ٻولين کي Vernacular ڪري ڪوٺيو ۽ سندن ئي لغت موجب "ورنئڪيولر" لفظ سندن قبضو ڪيل ٻئنڪ شاهيءَ وارن ملڪن جي ڏيهي رهاڪن جي ٻولي آهي.

سياستدانن جي چرچ تي سندن ٻانهي، نوڪر شاهيءَ اسان کي اڌ صدي هڪ ٻئي کان وڇڙيل رکيو باوجود اسان جي هڪ اهڙي ملڪ ۾ رهندي، جنهن لاءِ دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت هئڻ جي دعوي ڪئي ويجي ٿي. جنهن جي آئين جي اڻويهين فقري ۾ درج ڪيل آهي: "هن ملڪ جي هر شهريءَ کي اظهار خواهہ تقرير جي مڪمل آزادي ۽ پورو حق حاصل هوندو." برابر اسان کي اهي حق حاصل آهن. پر اسان کي اهي حق حاصل ناهن. تہ اسين پنهنجيءَ ان ڌرتيءَ تي پير رکي سگهون. جيڪا اسان جي جنم ڀومي آهي. پنهنجي اها جاءِ ۽ جڳهہ ڏسي سگهون. جتي اسان جنم ورتو. ان کوهہ جو پاڻي پي سگهون. جنهن جو پهريون ڦڙو جمڻ وقت اسان جي وات ۾ وڌو ويو هو. هي تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت جا افعال آهن. پر مون کي سڀ کان وڌيڪ حيرت ننڍي کنڊ جي وڏي ۾ وڏي ڊڪٽيٽر فيلڊ مارشل ايوب خان جي سوانح ۾ هي سٽون پڙهندي ٿي. "هن جمهوري نظام ۾ جيڪي اسان سان اختلاف رکن ٿا. اهي پڻ جمهوريت جي مقصد کي هٿي ڏين ٿا." اهڙي زبانداني لاءِ خدا هن کي سچي ڪاٻي جنت نصيب ڪري ۽ وچ ۾ حورن جون هنجون ماڻڻ جي آسائش ۽ آسودگي بخشي.

اسين برابر دنيا جي هن وڏي ۾ وڏي جمهوريت ۾ آزاديءَ جو هرڪو سک ۽ سهوليتون ماڻي رهيا آهيون. پر اسان جي اها آزادي رڳو سرحد جي هڪ پار تائين محدود آهي، ٻئي پار وڃڻ جي اجازت ناهي. انهن سرحدن جي حفاظت لاءِ هي جمهوري ملڪ هر سال ستر هزار ڪروڙ خرچ ۽ هزارين جانيون قربان ڪندو آهي ۽ چٽا پيٽيءَ ۾ سندن هن پار وارو رقيب پنهنجي وت کان وڌيڪ خرچ سان، ٻئي ڪنهن کي نہ تہ پنهنجي ئي عوام کي فتح ڪري وينو آهي.

ٻنهي حڪمرانن کي شايد اها ڄاڻ ناهي تہ سرحدن جي ٻنهي پاسي رهندڙ هڪ امن پسند قوم جا چار ڪروڙ اهي هم زبان انسان بہ آهن. جيڪي ٻن راڄن ۾ رهندي بہ هڪ ٻئي سان رتاوان رشتا جوڙيو ويٺا آهن ۽ ٻنهي جو رت ساڳيءَ دانگيءَ تي وري رهيو آهي. باقي ان دانگيءَ جي پنينءَ ڪارنهن سان، جن کي پنهنجو منهن ڪارو ڪرڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي، پلي وينا ڪن. اسين بهرالحال مرڪندڙ منهن سان هڪ ٻئي سان ملنداسين ۽ اسين پنجونجاهہ سالن کان پوءِ پاڻ ۾ مليا آهيون. اسان جي سيني ۾ سالن کان سمايل سڪ نيٺ پوري ٿي آهي.

هندوستان ۾ ٻاويهن قومي ۽ علائقائي ٻولين جي ادب جي ترقي لاءِ هڪ مرڪزي ادارو ’ساهتيہ اڪادمي‘ نالي آهي، جيڪو پهرئين وزيراعظم آنجهاني جواهر لعل نهروءَ جي پهل ڪرڻ سان سال 1955ع ۾ برپا ڪيو ويو هو ۽ هو ئي ان جو پهريون سربراهہ هو. ’ساهتيہ اڪادمي‘ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو ادبي شاعتي ادارو آهي، جيڪو سنڌيءَ سميت سيني پارتي ٻولين ۾ هيلتائين هزارين ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي. هتان جي ٽن ٻولين، سنسڪرت، سنڌي ۽ اردوءَ کي جيئن تہ پنهنجا مخصوص صوبا ناهن، ان ڪري اهي قومي ٻوليون هئڻ جي حيثيت ۾ مرڪز جي تحويل هيٺ آهن. هر صوبي کي پنهنجيون ادبي اڪادميون آهن ۽ جن صوبن ۾ سنڌين جو چڱيل تعداد رهي ٿو اتي علائقائي حڪومتن، سنڌي اڪادميون پڻ برپا ڪيون آهن. هيلتائين پنجن صوبن ۾ سنڌي اڪادميون قائم ٿي چڪيون آهن ۽ وڌيڪ ٽن صوبن ۾ سنڌي اڪادميون قائم ٿيڻ جون رٿائون تيار ٿي چڪيون آهن.

ان سلسلي جي اهم ڪڙي ’سنڌي اڪادمي‘، دهلي آهي. جنهنجي بجيٽ ٻين سيني علائقائي اڪادمين جي ڪل بجيٽ کان بہ ٻيڻي يا شايد ٽيڻي آهي. صوبن ۾ سياسي تبديلين سان انهن اڪادمين جا سربراهہ تہ بدلجندا آهن، پر اها هڪ خوشگوار حقيقت آهي تہ ڪابہ سنڌي اڪادمي، ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ جي پرچار جو وسيلو يا واهڻ نہ بني آهي، باوجود سندن سربراهن جي، سياسي نظرين جي، هنن ڪڏهن بہ ڪنهن اڪادميءَ جي ادبي عمل ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ ڪا مداخلت نہ ڪئي آهي. چاهي هو ميمبر پنهنجيءَ مرضي جا چونڊيندا رهيا هجن. پر پوءِ بہ هڪ اهڙو سرڪاري طبقو آهي، جيڪو پنهنجي تيمور لنگي ٽنگ هر پروگرام ۾ اوس اڙائيندو آهي، هو پنهنجي ڏکهي نڪ سان ناسون هڻي، اڪادميءَ جي ميمبرن جي رٿيل خرچ جي بجيٽ جي هر اسم ۾ ڪتر وجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هي خرچ بي قاعدي آهي. هو خرچ غير دستوري آهي. هن خرچ جي بجيٽ بحال نٿي ڪري سگهجي وغيره. اها نوڪر شاهي قدم قدم تي سرڪاري اڪادمين جي ادبي ۽ ثقافتي ترقيءَ جي راهہ ۾ رنڊڪون وجهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ريڙهائي ريڙهائي، روئي روئي، ٿوري ٿوري رقم بحال ڪندا ۽ ڦونڊ ۾ پرجي پنهنجيءَ اختياري جي انا جي تسڪين ڪندا.

اسان جي ڳوٺ جو وڏيرو پنهنجي ڪمدار جي ڪنهن ڪم تي ڏاڍو خوش ٿيو. (شايد پنهنجي دنگئي زميندار جي ٻنيءَ کي تڪو ڏياريو هٽائين يا ڪا ٻانهن ڪٽائي هٽائين) وڏيري ڏاڍو خوش ٿي چيس، ”ڪوڙا خان. اج ڏاڍو خوش ڪيو اٿيئي، اج کان تنهنجي ڏهہ روپيہ پگهار وڌائي سين.“ تہ ڪوڙي خان هٿ ٻڌي چيس،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وڏيرا سائين، ڏهه روپيه گهٽ ڪٽي ڪر، پر ڏيندو ته ڪر.“

اهوئي حال انهن ڪامورن جو آهي. هر سال بجيٽ جي وڌائڻ جا دلاسا ڏيندا، پر جيڪا اڳ مڙئي منظور ٿيل آهي، اها به ڏيڻ کان پيا ڪيٻائيندا.

گذريل پنجن سالن کان مان ’سنڌي اڪادمي‘، دهليءَ سان لاڳاپيل رهيو آهيان. اڪادميءَ جي ٽماهي ادبي رسالي ’سنڌو جوت‘ جي ايڊيٽر جي ذميواريءَ کان سواءِ، اڪادميءَ جي ادبي ڪميٽيءَ جو ڪنوينئر پڻ آهيان. اڪادميءَ طرفان هر سال ڪيترائي ڪامياب ساهتڪ سيمينار ساهتڪ نشستون، مشاعره ادبي گڏجاڻيون، ڪلچرل پروگرام ۽ ناٽڪ وغيره ٿيندا پئي رهيا آهن. هن وقت هندوستان جي ڪنهن به شهر ۾ سراسري طور هر مهيني ڪونه ڪو سيمينار يا ڪا ادبي گڏجاڻي يا ناٽڪ اوس ٿيندو ٿو رهي. اديبن ۽ شاعرن جون مسافريءَ جون ٻڱون هر وقت تيار ٿي هونديون آهن. مان سمجهان ٿو ته ايتريون عملي ساهتڪ سرگرميون سنڌ ۾ به شايد ئي ٿينديون هجن. باوجود ان حقيقت جي ته سنڌ ۾ سنڌي اديبن خواهه پڙهندڙن جو تعداد هتان کان ڏهوڻو آهي. حيرت اها آهي ته سڄيءَ سنڌ ۾ باقاعدي شايع ٿيندڙ هڪ ئي ادبي رسالو سوجهرو آهي (ڪڏهن ڪڏهن ڪو هتان هُتان جاري ٿيندو آهي) جڏهن ته هندوستان ۾ ٿي ادبي رسالا نيمائتا نڪري رهيا آهن.

ست ڀيرا سنڌ ويندي ۽ اتي ساهتڪار دوستن سان ڪچهريون ڪندي، منهنجي من ۾ هر ڀيري اها خواهش اڀرندي رهي آهي ته هنڌ، سنڌ جي ليکڪن جي ڪٺي ڪا گڏيل گڏجاڻي رٿجي. اها سوچ وڏيڪ شدت سان تڏهن اڀرندي آهي، جڏهن ڏسندا آهيون ته اردو ۽ پنجابي اديبن ۽ فنڪارن جا لڏن جا لڏا هر سال ٻنهي ملڪن ۾ ايندا ويندا رهندا آهن. جن کي سرڪاري سرپرستي پڻ حاصل هوندي آهي، پر اهو عمل مون کي اڪيلي يا اسان ٻن چئن هم خيال دوستن جي انتظامي خواهه مالي وس جي ڳالهه نه هئي. ڪنهن مضبوط ادبي اداري جي پٺڀرائيءَ کان سواءِ عملي طور اهو ڪارنامو ممڪن نظر نٿي آيو.

دهلي اڪادميءَ جي معقول مالي بجيٽ جي مدنظر، مون سالن کان سوچيل اها رٿ اڪادميءَ جي وائيس چيئرمين، سريش ڪيسواڻيءَ اڳيان پهرين هڪ غير دستوري گڏجاڻيءَ ۾ ۽ پوءِ ڪاروباري ڪميٽيءَ جي دستوري ميٽنگ ۾ رکي. مون کي اهو درج ڪندي بيحد خوشي محسوس ٿي رهي آهي ته محترم ڪيسواڻي ۽ ٻيا سڀ حاضر ميمبر نه رڳو اها رٿ ٻڌي سرها ٿيا، پر مون کي جلد ازجلد سڄيءَ رٿا جو خاڪو تيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو.

ٽن ڏينهن جي هند– سنڌ جي سنڌي ساهتڪارن جي گڏجاڻي (ڪنوينشن) جو خاڪو تيار ڪري، موضوع ’سرحد جي آر پار سنڌي ادب‘ سوچي، مون پنهنجي ذهن ۾ پنهنجي انهن پريتوانن جون صورتون اڀارڻ شروع ڪيون، جن سان پهر ويهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچهريون ڪيون هئم. جيڪي هتي دهليءَ ۾ منهنجي گهر ۾ مهمان نه، پر منهنجي گهر جا ڀاتي ٿي رهي رهيا هئا. جن کي منهنجيءَ سرڳواسي ماءُ پنهنجي پٽن ڏيئرن جيان پيار ڏنو هئو.

شيخ اياز- ڪونهي. تنوير عباسي- ڪونهي. رشيد ڀٽي- ڪونهي. طارق اشرف- ڪونهي. نياز همايوني ڪونهي. ناصر موراڻي- ڪونهي. سائين غلام مصطفيٰ قاسمي ڪونهي- ۽ مون کي پنهنجي سڳي ڀاءُ جيان ڀائيندڙ گُڏي (خيرالنساءَ جعفري) ڪونهي. ته پوءِ ڪنهن سان رابطو رکان؟ حميد الائي ڪٿي آهي؟ تاجل بيوس کي فون ڪيان. پر هو ڪامورو آهي. ڪيئي قانوني نقطا ڪڍي نروار ڪندو. پنهنجي پياري ۾ پياري دوست امر جليل کي تلاش ڪيان؟ پر هن سان ته ڪڏهن مُنهان منهن مليو به نه آهيان- هاڻي به مون سان ملندو الائي نه. قمر شهباز ڏهن منٽن لاءِ ڪيترا سال اڳ ڪراچيءَ ۾ مليو هو. هن وقت سڃاڻندو الائي نه؟ ته پوءِ هن تاريخي ڪنوينشن جو منهنجو مساوي جوڙيدار ڪير ٿيندو؟

پنهنجي خوابگاهه جي پلنگ تي ليٽئي ليٽئي، مون سامهون رکيل سوجهرو جو پرچو کنيو جنهن ۾ منهنجين ساروڻين جي ڪا قسط شايع ٿي هئي. ان ئي مهل مون تاج بلوچ سان فون تي ڳالهايو. هن کي گڏيل ڪنوينشن جي سڄي رٿا ٻڌايم. شايد هو به مون جيان ترنگ ۾ اچي ويو. هن سنڌ وارن ۽ مون هند جي اديبن جون فهرستون تيار ڪرڻ شروع ڪيون. ڪيسواڻيءَ پاڻ دعوت ناما تحرير ڪري، پنهنجي هٿ سان هر هڪ جو نالو لکي، سنڌ جي ساهتڪارن کي ذاتي نينڊ موڪلي.

ان وچ ۾ ڪرٽي خدا جي اها ٿي، جو پاڪ - ڀارت امن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسان کي ڪراچيءَ وڃڻ جو وجهه ملي ويو. رهيل دعوت ناما دوستن کي هٿؤن هٿ ڏيئي. سائين سليمان شيخ کي سنڌ وارن جي وفد جو سربراهه وارو رتبو ۽ تاج بلوچ کي ڪوآرڊينيٽر جون ذميواريون سونپي خوش ٿي موٽيو هوس. قمر شهباز جا قرب، حميد جا قرب، تاج بلوچ جا پيار، شڪارپور جي شهزادي جي سڪ ۽ امر جليل جا ڀاڪر، يارن جي قربن جو ڪاٿو ئي نه هو، جنهن لاءِ الائي ڪيترا پنا لکڻا پوندا. ڏهن ڏينهن جون اهي ساروڻيون منهنجيءَ زندگيءَ جو اهو قيمتي سرمايو آهن، جنهن کي مون ساهه سان سانڍي رکيو آهي. ڏهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ محروميءَ جو احساس رهجي ويو آهي جو منهنجو ٻانهن ٻيلي تاج بلوچ نه آيو. شڪارپور جو شهزادو نه آيو دلبر دوست نصير مرزا نه آيو احمد سولنگي نه آيو تاجل نه آيو پر اهي هن ڀيري نه آيا ته ٻئي ڀيري ته اوس ايندا. هو نه ايندا ته اسين وٺن وينداسين. پر ملنداسين ضرور. هيءَ دنيا به وڏي آهي ۽ ڌرتي به وسيع آهي.

ڪامورا شاهيءَ جي ڪميٽائپ هڪ پيرو وري ڪر کنيا. سنڌ جي سڄاڻ ساهتڪارن جون منظور ٿيل، ٽيا لڳل ويزائون، پنج ڏينهن ڪنهن ڪين جهڙي ڪاموري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ميز تي لاوارث لاشن جيان پيون هيون، جن تي هن پنهنجي بدخطيءَ واري صحي ان شام جو ڪئي. جنهن صبوح جو هند- سندّ جي سنڌي ليکڪن جي پنجاهه سالن کان پوءِ هڪ تواريخي خانقاهه تعمير ٿي رهي هئي، پر ان جا معمار دلشڪسته نه ٿيا. ٻارنهن ڏينهن کان پوءِ اسان اها خانقاهه وري اڏي. ان ۾ به اهي ڏيئا ٻاريا آهن، جن جي جوت ڪڏهن به جهڪي نه ٿيندي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٺون پنو

دونهين سان وڪوڙيل شهر ۾ اڪين کي جيڪو رول ادا ڪرڻو پوندو آهي، اسان جون اکيون احمد آباد ۾ اهوئي رول ادا ڪري رهيون هيون. شام ٿيندي ئي چوڌاري ڦهليل دونهاتيل ماحول ۾ ساهه کڻڻ به ڏکيو ٿي پوندو هو. سڄو جسم پوسرڻ لڳندو هو. ڪيئن رهجي؟ هتي ته جيئرو رهڻ لاءِ به قاتل جي سفارش گهرجي. اسٽيشن جي پوئين پاسي شفٽ ٿي بيٺل پراڻن مال گاڏن ۾، ڪيترا ڪٽنب گهر ناهي وجهي ويٺا هئا. پاٽي اسٽيشن جي پمپن تان پيري اچڻو پوندو هو. وسائڻ واري ڪاتي، شهر ڪان اٺ ڏهه ميل پري، فوجين جون بئرڪون خالي ڪرائي، ڪبير نگر ۾، سردار نگر وارين بستين ۾، سنڌي شرڻارٿين کي وسائڻ شروع ڪري ڇڏيو. پرسان ئي غيرقانوني ڏنڌا ڪندڙ اخلاقي ڏوهارين واري ’ڇارا قوم‘ جي وڏي بستي هئي، جيڪا سرڪار جي ڪيترين ڪوشش جي باوجود هنن خالي نه ڪئي. اها قوم اڃان تائين اتي وسيل آهي ۽ پنهنجيءَ پير ۾ ڪبيرنگر ۾ سردار نگر جي فوجي بئرڪن کي، سنڌين جي عاليشان بنگلن ۾ بدلجندي ڏسي، ڪين حيرت وچان تڪيندي به رهندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن موقعو تاڙي سنڌن گهرن ۾ ڪاٽ به هڻندي وتندي آهي.

اسان جي پير واري بيٺل مال گاڏيءَ ۾ ڳڙهي ياسين جو زميندار ڏيرو مل پنهنجي ڪٽنب سان رهيل هو. هن جو وڏو پٽ روپو هم عمر هئڻ ڪري، منهنجو دوست بڻجي ويو ۽ اسين ٻئي رولو ڇوڪرن وانگر سڄو شهر پيا ڇاڪاريندا هئاسين. ڏيرومل ۽ هن جي گهر واري مال گاڏي ۾ بيڙيون ٻڌندا هئا، جيڪي هو شهر ۾ دڪاندارن کي وڃي وڪڻندو هو ۽ قوت گذاران ٿي ويندو هئس.

هڪ ڏينهن روپو، مان ۽ منهنجو پاءُ هاسو هڪ ڏڳي گاڏيءَ ۾ ويهي، ڪبير نگر واري ڪئمپ گهمڻ آياسين. ڪئمپ جي چوڌاري گپ چڪ ڦهليل هئي ۽ اوسي پاسي گنديون ناليون وهي رهيون هيون. اوچتو اسان ان گپ ۾ ليٽڙيون پائيندي ۽ نالين ۾ ناسون هڻندي ڪيترا عجيب قسم جا خوفناڪ جانور ڏٺا. انهن جو منهن بيحد پوائتو هو ۽ سندن سڄي بدن تي ايا ٿيل سوئن جهڙا وار هئا. ٿيئي ڇڻا ڊپ کان ڊڪ پائي پڄڻ لڳاسين. اوچتو سامهون ٻه چار ڇارا انهن جانورن جو هڪ ولر وٺي سامهون اچي رهيا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي ائين حراس ۾ ڦٻندو ڏسي، هڪ ڄڻي اچي مون کي ڳچيءَ کان جهليو. سمجهيائين ته اسين ڪنهن جو ڪجهه چورائي ڀڄي رهيا آهيون. مون ڊپ وچان انهن جانورن ڏانهن اشارو ڪيو. هو واٺڙو ٿي ويو. اسان کي ٻه جانورن کي ڏسندو رهيو. نيٺ هن کي سمجهه ۾ اچي ويو. ته اسين انهن سوئرن کان ڊڄي ڀڄي رهيا آهيون ته زور سان ٽهڪ ڏيئي اسان کي ڇڏي ڏنائين.

سنڌ ۾ اسان ڪڏهن به سوئرن کي ائين شهرن ۾ گهٽين ۾ ريل ڇيل گهمندي نه ڏٺو هو. اسان کي اها خبر هئي ته سوئر گهاٽن ج٠ ٻيلن ۾ ٿي هوندا آهن. جن جو وڏيرا ۽ ڪامورا شڪار ڪرڻ ويندا آهن. مون ته ٻارنهن سالن جي عمر تائين ڪڏهن ڪو سوئر نه ڏٺو هو. ان شام اسين ٽئي ٻار ڪيئن رلندا پٽڪندا گهر (مال گاڏي ۾) پهتا هئاسين. اها سڄي رات نيم خوابيءَ ۾، منهنجي ذهن ۾ سورئن جون خوفناڪ منديون ۽ ٻاهر نڪتل ٻوٿ گهمندا رهيا. صبح جو مون ۽ هاسي، ٻاپيءَ کي ڇيو. "ڪيئن به هجي، هتان هلون، سوئرن جي هن شهر ۾ اسين رهي نه سگهنداسين." منهنجيءَ ماءُ ۽ ڀينرن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نٿي آيو. ڏيرو مل ٻيڙيون ٻڌندي اسان جون ڳالهيون ٻڌي کلڻ لڳو ۽ ٻاپيءَ کي چيائين. "ادي، هي شهري سوئر آهن. جيڪي هندوستان جي هر شهر جي گهٽين ۾ ائين گهمندا آهن. جيئن سنڌ جي شهرن ۾ رولو ڪتا گهمندا هئا. هي ڏسڻ ۾ ته بيحد ڀوائتا آهن، پر سخت ڊڄڻا ۽ گيدي آهن. ماڻهوءَ جي هڪ هڪل تي ڀڄيو وڃن. انهن کان ڪوبه ڊپ ڊاءُ نه ڪيو." پر مان ۽ هاسو هتان کان هلڻ لاءِ اٽ هٽي بيٺاسين.

احمد آباد جي ريلوي پليٽ فارم تي ڪٽ خلق، ڪيڙن ماڪوڙن جيان چري پري رهي هئي. ڪنهن کي به اهو هوش نه هو ته نيٺ ڪين ويٺو ڪيڏانهن آهي؟ ڪبير نگر جي سوئرن جو خوف اڃان تائين مون مٿان حاوي هو ان ڪري مون کي اسٽيشن کان ٻاهر نڪرڻ جي به همٿ نه پئي ٿي. اسٽيشن تي رڳو ريلن جون سيٽيون ۽ انجڻين جي ڇڪ ڇڪان جاري هئي.

پليٽ فارم جي ڪنهن پرئينءَ ڪنڊ ۾ فراسي وڇائي، ريلوي جي ويندر کان چڻين آني جا ڍوڪلا وٺي کائي، پاڻيءَ جا گلاس ڏوڪي، اها رات اسان اتي ئي گذاري. ٽن ڏينهن کان سنان نه ڪيو هو هفتي کان ڪپڙا نه مٽايا هئا. سرير ۾ سيون چڀي رهيون هيون. ڪيٽرڙيل چمپل جا ٻاهر نڪتل ڪوڪا، پيرن جي ترين ۾ چڀي رهيا هئا. جن کي پٿرن سان ٺوڪي اڃان الائي ڪيترو پنڌ جهاڳڻو هو. سمهي وري اٿڻو هو اتي وري سمهڻو هو ۽ وچ ۾ پليٽ فارم جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ائين اچ وڃ ڪرڻي هئي، جيئن ڪافڪا جي ناول قلعي (The Castle) جي ڪردار کي قلعي جي هڪ پٽ کان ٻيءَ پٽ تائين بي مقصد رڳو اچ وڃ ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو ويو هجي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسٽيشن تي هيءَ اسان جو ٽيون ڏينهن هو. صبح جو ئي بيڙيون ٻڌندڙ زميندار ڏيرو مل، مال گاڏيءَ مان سامان ڍوئيندو پليٽ فارم تي اچي پهتو. پوٽٽان هن جي زال ۽ ٻار ٻه ڏوتڙيون هٿن ۾ ڪنيو پٺيان آيا. پڇيومانس، "سائين، گاڏو چو ڇڏي آيا؟

چيائين، "پٽ، گاڏي ۾ رات جو ڪوئا ڏرتيءَ ۾ گهڙي ٿا وڃن ۽ ڏيئرن ۽ جوءِ کي مٿي ۾ جوئان پئجي ويون آهن. ڪنهي ڪنهي مٿن مان رت نڪري آيو اٿن ۽ ڪوئن جي چڪن منهنجيون ڇنگهان ڦٽي وڌيون آهن. ٻڌو اٿم ته اڄ شام هتان ڪا گاڏي اجمير ويٺي آهي، هليا ٿا هلون اوڏانهن."

"ميرپورخاص کان ريل ۾ کوکرا پار رستي آيل سنڌي اجمير ۾ اچي رهيا آهن. اتان وڏيڪ مسلمان اجمير خالي ڪري ويا آهن ۽ باقي وڃي درگاهه ۾ رهيا آهن. سندن ڇڏيل گهر ملي ويندا. جلدي هلي سندن مڪانن تي قبضو ڪيون. ڪٿي ڀرجي نه وڃن. اسان به پنهنجا گهر ۽ ٻنيون ڳڙهي ياسين ۾ ڇڏي آيا آهيون." ڏيرومل جيسين پليٽ فارم تي پنهنجي لاءِ ڪا جاءِ هٿ ڪري، تيسين هو ٻارين ٻچي اسان واري وڇايل ترپال تي سليپر سوڏو ئي ليٽي پاسا ورائڻ لڳو. رات وارا ڪوئا ڇڻ اڃان هن جي ڌوتيءَ اندر ڊوڙون پائي رهيا هئا. مان ۽ روپو اسٽيشن تان گهمي ڦري خبر وٺي آياسين ته شام جو جيڪا گاڏي اجمير ويٺي آهي، ان جا گاڏا پوئين پليٽ فارم تي ڏوبجي رهيا آهن. گاڏا اڃان ڏوبجي سڪا ئي نه هئا، جو اسان ٻار سامان کڻندا، گاڏن جي اڳئين ٻئنچن تي وڃي ويهي رهياسين. ڪيترا ٻيا به اسان جي پويان پنهنجو سامان کڻي پڄندا آيا. ڏسندي ڏسندي سڀ گاڏا، جن کي اڃان انجڻ ئي نه لڳي هئي، ماڻهن سان ستجي ويا. انجڻ جيسين انهن گاڏي کي شنٽ ڪري پهرئين پليٽ فارم تائين پهتي، تيسين ڪنهن به گاڏيءَ ۾ ترڇڻ جي جاءِ به نه بچي. اسٽيشن تان گاڏي ڇٽڻ وقت ماڻهو گاڏن جي ٻاهرين شيخن ۾ اڌ ٻانهون وجهي ائين لٽڪيل هئا، جيئن ڪاساين جي دوڪانن تي ڪنل ٻڪرا لٽڪيل هوندا آهن.

پئسينجر گاڏيءَ اندر ماڻهوءَ مٿان ماڻهو چڙهيو وينو هو. گهٽ ۽ گرمي ساهه ٻوساٽي رهي هئي. چوڌاري اونداهه انڌوڪار هو. بتين جا هولڊر هئا، پر منجهائن بلب غائب هئا. رڳو ڪٿي ڪٿي ڪن سگريٽن ۽ بيڙين جي چڪڻ جي ماچيس جي تيلين ۾ ٻرندڙ بيڙين جي ٽانڊاڻ ٿوري روشني ڏيئي رهي هئي. گاڏي اندر هر ڪو سڪ ٿيو وينو هو. پر هلندڙ گاڏيءَ کان ٻاهر ڦهليل، جهرجهنگ ۾ ساوڪ ئي ساوڪ هئي. دل ٿي چاهيو ته جيڪر ريل گاڏيءَ مان ٽپو ڏيئي، ڪليل ۽ ڦهليل ساوڪ تي ليٽي سامت سان تازو ساهه کڻون.

احمد آباد اسٽيشن تان هڪ اسي پنجاسي سالن جي جهور ڪراڙي مائي، پنهنجي سٺ پنجهٺ سالن جي پوڙهي پٽ سان چڙهي هئي. گاڏيءَ ۾ ويهڻ جي جاءِ به نه هئي. گاڏي هلندي هوءَ ڪجهه وقت پنهنجي پٽ جي ٻانهن جو سهارو جهلي بيٺي رهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن ويٺل ماڻهوءَ قياس ڪائي ان ڪراڙيءَ کي سري پري ٿوري ويهڻ جي جاءِ ڏني. هوءَ ڪيس دعائون ڏيندي ويهي رهي، پر ٿوري دير ۾ ٿي بي آرام ٿيڻ لڳي ۽ پنهنجي سٺ پنجهٺ سالن جي بيٺل، لوڏا کائيندڙ پٽ ڏانهن ممتا ڀريل اکين سان نهاريندي رهي. نيٺ هن کان رهيو نه ٿيو. پاسي ۾ ويٺل شخص، جنهن هن کي سري پري جاءِ ڏني هئي، ان کي ڪجهه ڊڄندي ڪجهه لڄي ٿيندي، ايلاز ڪيائين، "پٽ، منهنجي هن ٻچڙي کي به ٿوري ويهڻ جي جاءِ ڏي، بيهي بيهي ٿڪجي پيو آهي." ويٺل ماڻهو پنجهٺ سالن جي ان ٻچڙي ڏانهن مرڪي نهاريو.

سڄي رات اُپي پير بيٺي لڏندي لمندي جهوٽا کائيندي صبح تائين سڀ ساٿا ٿي چڪا هئا. پرهه ڦٽيءَ جو ٽرين بياور جي اسٽيشن تي اچي بيٺي. جيڪي ماڻهو وڌيڪ بيهي سگهڻ جو تاب نه سهي سگهيا. اهي بياور اسٽيشن تي ئي لهي پيا. مرد، زالون، ٻار اسٽيشن تي پيل پراٽين پيگل بئنچن تي ويهي رهيا. جن کي بئنچون نه مليون اهي پليٽ فارم جي پٽ تي ئي فراسيون وڇائي، اٿين وڃي ويٺا جڻ ڪنهن فوتيءَ جي تڏي تي آيا هجن. گاڏي اڌ ڪلاڪ کن بياور تي بيٺي رهي ۽ اڌ گاڏو خالي ٿي ويو. پر اڃان به ڪي ماڻهو سوچيندا، وري وري ڪڏهن گاڏي مان لٿا ٿي ته ڪڏهن چڙهيا ٿي. سڀ منجهيل منجهيل ۽ واڻڙا واڻڙا ٿي نظر آيا. پنجاسي سالن جي پوڙهي ۽ هن جو پنجهٺ سالن جو ٻچڙو به بياور ۾، ڪنهن کان اهو ٻڌي لهي ويا ته چڱو ڀريو پاڳيو راجائي شهر آهي، سنو ڏنڊو ڏاڙي لڳي ويندو. رياست جو راجا به ڏاڍو دياوان آهي. (اڃان تائين هندوستان جون پنج سئو رياستون راجائن ۽ نوابن جي ئي حڪومت هيٺ هيون.)

مان بياور تي چار ڀيرا ويو آهيان. شهر جو چؤنڪ ۽ بازارون سنڌين اڇي چمڪايون آهن. هاڻي اهو شهر راجائي رياست ناهي، پر راجستان رياست جو ڀريو پاڳيو ضلعو آهي، جنهن سنڌين جو به پاڳ پلايو آهي. ڀارتي پارليامينٽ جي چونڊيل ايوان لوڪ سڀا ۾ عوام پاران چونڊجي آيل پهريون سنڌي، ڀڳوان ديو بياور مان ئي چونڊجي آيو هو. پارليامينٽ جو ميمبر ٿيڻ کان پوءِ هو ڀاڻ کي آچاريه ڀڳوان ديو سڏائڻ لڳو. هو پهريون سنڌي ايم. پي. اي هو جنهن پارليامينٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ حلف کنيو هو ۽ پنهنجي ابتدائي تقرير ڪئي هئي، جيڪا خبر هندستان جي سنڌي خواهه ٻين اخبارن شد مد سان شايع ڪئي هئي. هن ئي شخص دهليءَ ۾ 'ورلڊ سنڌي ڪانفرنس' ڪوٺائي هئي، جنهن ۾ دنيا جي ڪيترن ملڪن مان ٽي هزار سنڌي ڊيليگيٽ شريڪ ٿيا هئا. ان ڪانفرنس جو ذڪر پاڪستان جي صدر ضياءُالحق جي حواري ليفٽيننٽ جنرل ڪي. ايم. عارف پنهنجي ڪتاب، Working With Zia ۾ پڻ ڪيو آهي، جنهن ۾ هن ان ڪانفرنس سان ڪي مقصد ۽ منصوبا جوڙيا آهن.

ان 'ورلڊ سنڌي ڪانفرنس' ۾ ڀارت جي اڳوڻي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ پنهنجي صدارتي خطبي ۾ سنڌين جي محنت، اورچائي ۽ ايمانداريءَ جي دل کولي تعريف ڪئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. ان ئي موقعي تي اندرا گانڌيءَ، شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ٽپال ٽڪلي جاري ڪئي هئي ۽ ان جو پهريون سيٽ، اتي حاضر هيمونءَ جي والده ڄيٺي ٻائيءَ کي تحفو ڪري ڏنو هو ۽ برڪت علي آزاد کي اسٽيج تي گهرائي، هن جو مان سنمان ڪيو هو. آچاريہ ڀڳوان ديو ئي اهو شخص هو جنهن سنڌ جي قومپرست 'شهيد اياز سمو' ۽ 'عابده' جو پنهنجي گهر ۾ نڪاح پڙهايو هو ۽ کين پاڻ وٽ پناهہ ڏني هئي، پر هو اياز سمي کي ڦاسيءَ کان بچائي نہ سگهيو. جيتوڻيڪ هن اياز کي سنڌ موٽي وڃڻ کان ڏاڍو روڪيو.

هاڻي نہ اندرا گانڌي رهي آهي، نہ هيمون جي ماءُ آهي، نہ آچاريہ ڀڳوان ديو آهي، نہ اياز سمو آهي ۽ هن جي منڪوحہ عابده بہ ڪنهن ڏورانهين ڪنڊ ۾ نئين نالي سان گمناميءَ جي زندگي گذاري رهي آهي.

ان ئي بياور شهر جي چوڙنڪ تي ڪيلن جو گاڏو گهليندي گهليندي ڀڳوان ديو پارت جي پارليامينٽ ۾ پهچي ويو. مون کي لڳندو آهي تہ سال 1948ع جي ان صبح جو اسان واري شرنارٿين جي ٽرين جي ٻوساٽيل گاڏن مان جيڪي ماڻهو بياور اسٽيشن تي تازو ساهہ کڻڻ لاءِ لهي پيا هئا، آچاريہ ڀڳوان ديو بہ انهن مان ئي هڪ هو.

ٽرين ٻن اڍائي ڪلاڪن ۾ اجمير اسٽيشن تي اچي بيٺي، جتان اها احمد اباد واپس وڃڻي هئي. سڀ ماڻهو پنهنجو سامان سهڙيندا، چرندا ۽ ڇيڇلائيندا، هڪ ٻئي جي مٿان ڪرندا، هيٺ لهڻ کان وڌيڪ هڪ ٻئي مٿان چڙهڻ تي لڳا. اجمير اسٽيشن تي والنٽيئرن جا ڪيترائي جٿا بيٺا هئا. جن جي اڳواڻي نوابشاهہ جو ڪانگريسي ليڊر ڪاڪو تلوڪچند ڪري رهيو هو. هن جي نوابشاهہ جي موني بازار ۾ جي. بي. منگهارام جي بسڪوٽن ۽ ڪٽمنڙن جي ايجنسيءَ سان لڳو لڳ هڪ ننڍڙي پريس بہ هئي، جتان هو چئن صفحن جي شام واري روزاني اخبار ڪڍندو هو. اڄ اجمير جي وڏي ۾ وڏي سنڌين جي بستي 'تلوڪ نگر'، ڪاڪي جي نالي تي آهي. سنڌيءَ جو نامور شاعر پرسرام ضياءَ ان پريس ۾ ڪمپازيٽر هو.

ڪاڪي تلوڪچند جي اخبار جو نوابشاهہ شهر ۾ ورهاست جو ٺيڪو مولابخش پڙهي واري کي مليل هو. جيڪو پنهنجي شاديءَ جي گهوڙي جيان سينگاريل سائيڪل تي صبح جو سوار ٿي، ڌڳهي سلوار قميض ۽ پوري رنگ واري ڪراڪلي ٽوپي پائي، شهر ۾ ٿيندڙ وارداتن بابت پوپو هٽ ۾ جهلي پڙهو ڏيندو هو ۽ شام جو چئين بجي کان پوءِ ڪاڪي تلوڪچند جي اخبار ورهائيندو هو. مولابخش جا اڪثر دوست هندو هئا، پر هن جي خاص دوستي ولس هاءِ اسڪول جي ڪٽر ڪانگريسي ماستر روچيرام ٿاواڻي ۽ پمنداس پينٽر سان هئي.

هو پنهنجي وچ واري واندڪائيءَ جو وقت اڪثر پمنداس پينٽر جي اسٽوڊيو ۾ گذاريندو هو. لڏ پلاڻ وقت پمنداس پينٽر مولابخش جي هڪ خوبصورت پينٽنگ تيار ڪري، پاڻ سان گڏ جئپور کڻي آيو هو. مولابخش کي پنهنجو ڪو گهر گهاٽ ۽ ٻار ٻچو نہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ڀر چوندا هئا تہ ريل پار گاجرا واهہ ويجهو وسيل سدا سهاڳڻين مان هڪ مائيءَ سان هن جي ياري باشي هئي، جنهن جي ڀونگيءَ ۾ هو اڪثر راتيون گذاريندو هو. هن جي سينگاريل سائيڪل ۾ ان جي گهنٽيءَ کي سڄو شهر ڀريان ٿي سڃاڻندو هو.

ذاتي زندگيءَ ۾ مولابخش بيحد ٿي اشراف ۽ ايماندار شخص هو. هن کي ڪاڪي تلوڪچند لاءِ گهڻي عزت ۽ احترام هو ۽ ڪيس پمنداس پينٽر لاءِ بي پناهہ محبت هئي. هو ٻنهي سان ملڻ خاص نوابشاهہ مان ڪهي اجمير ۽ جئپور آيو هو. ائين جيئن نوابشاهہ جي منو آباد ۾ رهندڙ ديوان پهلاجراءِ جي حسين ڌيءَ ايشوري جي عشق ۾ اتان جو سومر حجام پنهنجي سئلون وڪڻي ڪلڪتي تائين اچي پهتو هو ۽ الائي ڪيترو عرصو ايشوريءَ جي ڳولها ۾ ڪلڪتي جي گهٽين ۾ گهمندو رهيو. خبر ناهي ايشوريءَ هن کي ملي الائي نہ؟

مارچ 2003ع ۾ هند سنڌ جي ليکڪن جي گڏيل ڪنوينشن ۾، قمر شهباز پنهنجي صدارتي خطبي ۾ اهو چيو "مان هتي پنهنجي ٻهرين پيار رتنا کي ڳولهڻ آيو آهيان." تڏهن مون کي مولابخس ۽ سومر شدت سان ياد آيا هئا. ڪير جهڙن اچن ڪاڌيءَ جي ڪپڙن ۾ ملبوس ڪاڪي تلوڪچند جي اڳواٽيءَ ۾، والنٽيئر ٽرين مان لهندڙ ماڻهن کي اجمير جي شهر ۾ وڃڻ کان روڪي رهيا هئا. سنڌن چوڻ هو "سڄو شهر شرڻارٿين سان ستجي ويو آهي. ماڻهن جي ايڏي وڏي ڳاهٽ کي هن ننڍي شهر لاءِ سنڀالڻ ممڪن ناهي. پاڻيءَ جي بہ سخت کوٽ آهي. کوهہ ۽ پاڻيءَ جون ٽئنڪون سڪيون پيون آهن. پيئڻ جو پاڻي بہ ويجهي ڳوٺ نصيرآباد مان ڀري اچڻو ٿو پوي. هفتو هفتو سنان نصيب نٿو ٿئي. ان ڪري جيڪي ٽرينون اچن، انهن ۾ چڙهندا وڃو ۽ هندستان جي ٻين شهرن ۾ وسندا وڃو. مٿرا، آگرو دهلي، عليگڙهہ، هردوار، ڪانپور، لکنو بنارس، بريلي، ديره دون هلندا وڃو ۽ وسندا وڃو. سڄيءَ يوپيءَ جا ڀريا ڀاڳيا شهر خالي پيا اٿو. اتان اڌ کان وڌيڪ مسلمان پناهگير بڻجي پاڪستان وڃي رهيا آهن. ڪليم ڀري وڃي سندن جايون ۽ زمينون وٺو. سڄي يوپيءَ ۾ گنگا پيئي ٿي وهي، وڃي ان جو پوتر پاڻي پي پنهنجا پاپ ڌوئو. باقي هن بٽ ۽ بنجر راجستان ۾ رهي ڇا ڪندؤ؟"

ڪاڪي تلوڪچند جي شخصيت پراسرار هئي. هن جي تحرير ۽ تقرير ۾ وڏو تاثر هو. هو وڏو مردم شناس هو ۽ هن کي ڪنهن جي ڇهري کي پڙهڻ ۽ پرکڻ جي عقاب واري اک هئي. مون کي ياد ٿو اچي تہ نوابشاهہ ۾ هڪ ڀيري اسان جي ماڻٽ کٽڻ مل ٽپيدار جي گهر ۾ کاٽ لڳو ۽ چور هن جو الهو تلهو ۽ جيڪي ڪجهہ لاپي جي مٿين ڪمائيءَ مان لڪائي رکيو هئائين، ٻهاري ويا هئا. هن منهنجي پيءُ کي، جيڪو ان وقت نوابشاهہ جو سٽي مئجسٽريٽ هو مدد لاءِ چيو. دادا چوري ڳولهي لهڻ لاءِ پوليس کاتي جي هيڊ ڪلارڪ جهمٽ مل (ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو سهرو) کي چيو، پر هن کي هميشہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجين ستن ڏيئرن کي اڪلائڻ جو اونو رهندو هو ۽ هو سرڪاري ڪم ۾ خير ڪا دلچسپي وٺندو هو. نيٽ ڪنڊ مل، ڪاڪي تلوڪچند جو وڃي پلئه پڪڙيو ۽ ڪاڪو ٻن ڏينهن اندر ئي بچيري مان وڃي ڪاٽڪن کي سڳ سوڌو جهلائي آيو هو.

اجمير اسٽيشن تي ڪاڪي جي والنٽيئرن شرڻارٿين جي ڪاڌي پيتي جو خاصو انتظام ڪيو هو. يعقوتي نٿون ۽ ٽڪلن وارا پيشگير پاتل ٻڍڙيون ۽ سندن جوان جماڻ نهرون، ڌيئرون، سنڌي سواد واريون ٻاچيون رڌي رهيون هيون ۽ تون تي تازا ڪوسا ڪوسا ڦلڪا پچائي رهيون هيون ۽ ماٺهو ڊوَ تي ڪائي، اوڳرايون ڏيئي رهيا هئا. اجمير جي مرهٽي ڪليڪٽر مسٽر راجواڙي (هو سنڌ ۾ به ڪيترا سال ڪنهن ضلعي جو ڪليڪٽر رهي چڪو هو ۽ صاف سنڌي ڳالهائيندو هو) ڪاڪي تلوڪچند کي شرڻارٿين کي ٽرينن جون مفت پاسون جاري ڪرڻ جي پوري اختياري ڏيئي ڇڏي هئي. اجمير جي اسٽيشن ماسٽر هن کي پنهنجي آفيس قائم ڪرڻ لاءِ هڪ هال نما وڏو ڪمرو ۽ ڪجهه ريلوي ملازم به سندس حوالي ڪيا هئا. ڪاڪي جي دليلن ماڻهن کي چڱو متاثر ڪيو ۽ هو پاسون وٺڻ لاءِ هن جي ڪمري ٻاهران قطارون لڳائي بيٺا. ڪاڪو رجسٽر ۾ نالن جون داخلائون ڪندو، پاسون صحيح ڪري سيني کي ڏيندو ويو.

پيهه ڪجهه گهٽجڻ تي، مان ۽ هاسو ڪاڪي وٽ وياسين. هو اسان کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. مون هن کي دادا جو نالو ٻڌايو. هو اٿي اسان ڏانهن مڙي آيو. متن تي هٿ رکي ڪرسين تي ويهاريائين ۽ اجمير پهچڻ تائين اسان کان سڄو احوال ورتائين ۽ چيائين، "پٽ، توهان جي پيءُ کي ته ايترو سولو اچڻ نه ڏيندا. نوابشاهه جي سڄي سرڪاري خزاني جون ڪنجيون ئي پٺهين وٽ آهن ۽ ڪليڪٽر شيخ کي جيسين توهان جي پيءُ جهڙو ايماندار خزاني آفيسر نه ملندو، تيسين پٺهين اتي سوگهو آهي. ڪو خيال نه ڪريو. مان نوابشاهه مان نڪرندي به شيخ صاحب کي توهان جي پيءُ جي پارت ڪري آيو آهيان. خود مسعود کي به ديوان چيلارام سان اُگرو وهنوار ڪرڻ لاءِ سخت ارمان آهي."

ڪاڪو اسان سان گڏجي ٻاهر پليٽ فارم تي آيو ۽ ياپيءَ کي اچي چيائين، "جيسين مان توهان لاءِ اڳتي جو ڪجهه سوچيان، تيسين توهان منهنجي گهر هلو. سامان سڙو ٻڌي رکو. جلد ئي مان به پنهنجي ڪم مان واندو ٿيو ٿو اچان."

ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ ڪاڪو ٻن والنٽيئرن کي وٺي آيو. جيڪي اسان کي 'نواب ڪا ٻيڙا' علائقي ۾ هن جي گهر وٺي آيا. انهن مان هڪ ڪشن موٽواڻيءَ کي مون سڃاتو. جيڪو نوابشاهه ۾ ڪنور ماڊل اسڪول ۾ پڙهندو هو. اڳتي هلي اهوئي ڪشن موٽواڻي وڏو ڪانگريسي ليڊر ۽ راجستان سرڪار جو مالي وزير ٿيو. سال 1990ع ۾ جڏهن شيخ اياز ۽ زرينا جئپور آيا هئا ته ڪشن موٽواڻي ۽ راجستان هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اندر ايسراڻيءَ وڏي پيماني تي اياز ۽ زرينه جي آجيان جو انتظام ڪيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشن موتواڻي ۽ سنڌي ليکڪا ڪملا گوڪلاڻيءَ جي ڪيترين يقين ڏيارڻ جي باوجود شيخ اياز زرينہ ٻاپيءَ کي اجمير شريف جي درگاھہ تي وڃڻ جي اجازت نہ ڏني آخري عمر ۾ الائي ڇو اياز مٿان ڪنهن اجائي خوف جو پاڇو پئجي ويو هو.

سال 1984ع جي فيبروريءَ ۾ ڪشن موتواڻي ئي اجمير جي سرڪٽ هائوس ۾ منهنجي، ان وقت جي پاڪستان جي ڊڪٽيٽر جنرل ضياءالحق سان ملاقات ڪرائي هئي، جڏهن هو لال ڪرشن آڏواڻي جي دعوت تي جئپور ۾ ڪرڪيٽ ميچ ڏسڻ آيو هو ۽ ٻئي ڏينهن اجمير جي درگاھہ شريف جو ڦيرو ڪري، شام جو سرڪٽ هائوس ۾ شهر جي ڏهن ٻارنهن معتبر ماڻهن ۽ صحافين سان ڪلاڪ ٻہ ڪچهري ڪئي هئائين. مان ان ڏينهن اجمير ۾ 'راجستان سنڌي اڪادمي' پاران ٿيندڙ مشاعري جي صدارت لاءِ ويو هئس. ضياءالحق سان ٿيل ان ملاقات ۾ ساڻس ڪيل ڳالهہ ٻولهہ ۽ هن جي قول ۽ فعل واري تضاد جو تفصيلوار ذڪر اڳتي هلي ڪندس. ٻہ سال اڳ ڪشن موتواڻيءَ گلي جي ڪئنسر ۾ گذاري ويو. سياستدان هوندي بہ ذاتي طور هو تمام پرهيزگار انسان هو ۽ هر عيب کان آجو هو. هو مون کي Anti Smoking جون هوميوپيٿي دوائون ڏيندو هو جيڪي کائڻ سان منهنجي سگريٽ جي ٻاڙ تهائين وڌندي هئي.

پنهنجي گهر مانجهاندو ڪرائي، سانجهيءَ ڏاري ڪاڪي تلوڪچند اسان کي ڪاري کوهيءَ ويجهو هڪ اونداهي سوڙهي گهٽيءَ جي گهر جي وڏيڪ اونداهي ڪمري جو تالو کولي ڏنو. ٻہ چار منٽ تہ خالي ڪمري ۾ ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. پوءِ جڏهن ڪمري جي پٺ واري گول ٻرگهل جهڙي دري کوليائين تہ ڪجهہ ڪجهہ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو. سرن واري فرش جون اڌ کان وڌيڪ سرون ٻڳل هيون. پٿين جا چاپوڙا لٿل ھئا. ڪمري جي اڌن قدمن جيتري ڊيگهہ ۽ ڇهن قدمن جيتري ويڪر هئي. ڪاڪي جو هڪ والنٽيئر فراسي ۽ ٻہ وهاڻا پاڻ سان کڻي آيو هو جيڪي هن اتي ئي پٽ تي وڇائي ڏنا. ننڍڙو وڏو سامان اسان ڪمري جي ڪنڊ پاسي رکي ڇڏيو. سنان ڪوٺي ۽ پائخانو گهٽيءَ جي ٻيءَ ڪنڊ تي هئا. جيڪي پنگين کي صفا نہ ڪرڻا پوندا هئا. جو شهر جي ٻاليشاهين جا پاليل سوئر پنهنجين چپن سان ڪاڪوسن جي صفائي پاڻ ئي ڪري ويندا هئا.

اسان کي ٿانئيڪو ڪري ڪاڪي چيو "هيءَ شهر توهان جي رهڻ لائق ناهي. مان توهان جو ڪجهہ سوچي ٿو وٺان، تيسين هتي رهو. سپاڻي کان توهان کي سيڌو ۽ ٻيو ضروري سامان موڪلي ڏيندس." سچ لٿي ڏاري ڪاڪو تلوڪچند ۽ والنٽيئر موڪلائي ويا.

ٻئي صبح جو مان اڪيلو ئي اڪيلو شهر گهمڻ نڪري پيس. چئني پاسي ماڻهو ئي ماڻهو هئا. مون اهڙو پراڻو شهر زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڏٺو هو. ڊگهي بازار، درگاھہ بازار، نلا بازار، نواب ڪا ٻيڙا، آشا گنج، ڪاري کوهي، مني کوهي، مدار گيٽ، هر پاڙي ۽ علائقي ۾ سنڌي ائين ڦهلجي ويا، ڄڻ سڄي سنڌ اچي اتي پلٽي هجي. دال پڪوان جا دوڪان،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چولن ڀڄلن جا دوڪان، پوڳڙين جون ٻنين مٿان رکيل واريءَ سان ڀريل وڏيون تيون، سوڊا لمليٽ، فالودا، قلفيون، سنڌي طرز جون هوٽلون، حلوائيڪا دوڪان، پڪوڙا ۽ چاپڙون، انهي جون چڪيون، ريشمي اڳٽ لٽڪيل، مجارين جون پڙيون، سنڌي ڊاڪٽرن ۽ حڪيم (جن مان ڪيترا سنڌ ۾ ڪمپائونڊر يا ڊريسر هئا) ۽ سڀ ڪان وڏيڪ ڏيان ڇڪائيندڙ نلا بازار جي هڪ پڳل جاءِ جي پهرين ماڙي تي، دريءَ وٽ پنهنجو وڏن ڏندن وارو ٽلهو منهن ڪڍي، اڇي گانڌيءَ ٽوپي پائي ويٺل حڪيم ويرو مل آريا پريمي، مردائين ڳجهين بيمارين جو ماهر. جنهن جي دواخاني ٻاهران بورڊ تي ٽلهن اکرن ۾ لکيل هو: "ڏهن ڏينهن ۾ جواني واپس، روبرو ملو يا لکپڙهه ڪيو."

سڄو ڏينهن اجمير جي گهٽين ۽ پاڙن ۾ بي مقصد رلنديءَ، زالن ۽ ٻارن کي ميونسپالٽيءَ جي نلڪن هيٺان ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيهنديءَ هڪ ٻئي کي گارگند ڪنديءَ، هڪ بالٽي پاڻيءَ لاءِ خالي بالٽين سان هڪ ٻئي جا مٿان ڀڃندي ڏسندو مون کي پنهنجيءَ جاتيءَ جي ذلت ۽ بي مانائيءَ جو آزاريندڙ احساس ٿي رهيو هو. جڻ مون کان ڪو پڇندو رهندو هجي ته، "هن آباد بيابان ۾ اسان ڪٿي اچي ڦٿا آهيون ۽ هتان ڪيڏانهن ويندا سين؟"

شهر جي چوڌاري ڪچين ٽڪرين جون قطارون آهن ۽ شهر ۾ ڦهليل يا رڳو ماٺهو آهن يا رڳو رستن تي پيل پٿر آهن."

۽ منهنجي ئي مٿان هوا ۾ پٿر اڇلائڻ جي ڊيوٽي لڳائي ويئي آهي.
۽ مون کي ئي ماڻهن جا مٿا بچائڻ جو فرض سونپيو ويو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نائون پنو

خواجا معين الدين چشتي غريب نواز جي شهر اجمير شريف جي گهٽين ۾ گهمندي، اراولي ٽڪرين جي پٿريلين چاڙهين تي، ڦاٽل چمپل سان گس گس ڪري چڙهندي لهندي، منهنجي پيرن جون ڪڙيون ڦٽجي ۽ پير سُڄي پيا. مون کي لڳي رهيو هو تہ شهر ۾ اٿلي پيل ماڻهن جا انبوهہ بہ مون جيان بي مقصد هيڏانهن هوڏانهن رول پوليس جيان رلي پني رهيا هئا. ڪنهن وٽ ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو. شهر جا ڌنڌا ڌاڙيون مارواڙين جي قبضي ۾ هئا. نوڪريون رڳو ميونسپالٽيءَ ۾ رستن تي ٻهارا ڏيندڙ باليشاهين ۽ پاڻيءَ جا ٽئنڪر ڊوئيندڙ ڊرائيورن ۽ سندن هيلپرن جون هيون. پر پوءِ بہ هتي خواجا جي درگاهہ جي ديڳ ڪڏهن بہ خالي نہ ٿيندي هئي. هڪ سئو سٺ مڻن چانورن رڌجڻ واري وڏي ديڳ ۽ اسي مڻ چانور رڌڻ واري ننڍيءَ ديڳ ۾ الائي اهڙي ڪهڙي برڪت هئي، جو ديڳ لٽجڻ تي بہ چانور کٽندا ئي نہ هئا.

مان ڌرمي يا مذهبي ماڻهو نہ آهيان. بلڪ شعور بالغ ٿيڻ کان پوءِ تہ پڪو دهريو بڻجي چڪو آهيان. پر جهڙيءَ طرح هڪ ڪٽر هندو يا ڪٽر مسلمان خطرناڪ ٿي سگهي ٿو اهڙيءَ طرح هڪ ڪٽر سيڪيولر شخص بہ ايترو ئي خطرناڪ ٿي سگهي ٿو.

گهٽين ۽ رستن تي رلندي، جبلن ٽڪرن جي پٿرن تي پير گسائيندي ٿڪجي ٽٽجي، مون جهڙي لامذهب ماڻهوءَ خواجا غريب نواز جي درگاهہ تي اچي پناهہ ورتي. اجمير جي مدار گيٽ جي مارواڙي سونارن وٽ ياييءَ جو ڪو سونو ڳهہ ٿولهي ڏيڍ ۾ وڪٽي، کيس پئسا ڏيئي، هڪ روپيو کيسي ۾ وجهي، درگاهہ بزار جا بہ چار چڪر ڏيئي، درگاهہ جي جهروڪي ۾ چپ چاپ اچي ويهي رهندو هئس. يا ان جي ٿڌي فرش تي اچي سمهي پوندو هئس. منهنجيءَ ير ۾ ملڪ ملڪ، شهر شهر کان آيل امير غريب، بيواهيون، يتيم، نوراني چهرا ۽ بدشڪل ڪارا ڪوجها انسان تسبيهون هٿن ۾ جهلي ويٺا هوندا هئا. انهن ۾ اهڙو پختو ايمان ڏسي، مان حيرت وچان کين ڏسندو رهندو هئس ۽ هتي خدا کان منڪر ماڻهو خدا جي گهر ۾ پناهہ وٺي ويٺو هو. خواجا جي ديڳ ۾ رڌجندڙ تاهري تبرڪ طور نہ، پر پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ کائيندو هوس ۽ ديڳ کان چار ڇهہ ڏاڪا هيٺ لهي ڪاٺيون ٻاريندو هوس. ان ٻرندڙ روشنيءَ ۾ خواجا سائين پنهنجي پوري جلوي ۽ جلال سان منهنجي اکين اڳيان هوندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوفي مت جي چشتي طريقي جو خواجا غريب نواز ’آفتاب ملڪ‘ ڪري مڃيو ويو آهي. اجمير شريف ۾ هر سال هن جي عرس تي سڄي دنيا جا لکين زائرين خواجا کي خراج پڻ ڏيڻ ايندا آهن. جن ۾ هر مذهب ۽ فرقي جو مرد عورت، امير غريب شريڪ ٿيندو آهي. منهنجي ڄاڻ موجب اسلام جي پيروڪارن لاءِ مديني منوره کان پوءِ اجمير جي درگاهه شريف دنيا جو ٻيو نمبر وڏي ۾ وڏي زيارتگاهه آهي. فرق اهو آهي جو مديني منوره ۾ ڪنهن ڪافر کي پير رکڻ جي اجازت ناهي، پر خواجا جي درگاهه ۾ حاضري ڀرڻ لاءِ مذهب وملت جو ڪوبه فرق نه رکيو ويو آهي. بهرحال، منهنجو اسلام جو مطالعو مون کي اهوئي تاثر ڏيئي سگهيو آهي ته مديني منوره ۾ ڪنهن غير مسلمان جي داخلا جي ممنوعيت خود هڪ غير واجبي عمل آهي. صحيح بخاريءَ کان سيد سليمان ندويءَ تائين ڪنهن به اسلامي عالم اسلام جي حوالي ڀراهڙيءَ بندش يا پابنديءَ جو ذڪر نه ڪيو آهي. مولانا مودوديءَ جو معاملو بهرحال الڳ آهي.

مولانا صاحب جي اسلام جي تشريح گهڻي ڀاڱي هڪ پاسائين آهي. جيڪا خواجا غريب نواز جهڙي عظيم ۽ درويش صفت اسلام جي روشنيءَ جي مبلغ جي هر هدايت ۽ درس جي نفي ڪري ٿي. مشرقي پنجاب جي شهر گورداسپور ۾ جماعت اسلامي جو پايو وجهندڙ مولانا مودودي پڻ ديوبندي مڪتبه فڪر جيان، پاڪستان جي قيام جو وڏي ۾ وڏو وروڌي هو پر پاڪستان جو اعلان ٿيندي ئي هو پهريون شخص هو جيڪو پنهنجي هم مذهب ڀائرن کي خونخوار خالصن جي ترارن ۽ ڪرپانن جي منهن ۾ ڏيئي، پنهنجي جان بچائي، ٻارين ٻچي ٻچي اچي پاڪستان پهتو. مولانا صاحب جي وڏي فرزند نثار ٽائيمس آف انڊيا کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي ته ”منهنجو والد مذهب جي نالي ۾ منشيات جو ڪاروبار ڪندڙ هڪ اهڙي Drug Peddler جيان هو جيڪو ٻين جي اولاد کي ته نشيلن دوائن تي هيري منافعو ڪمائيندو آهي، پر پنهنجي اولاد کي انهن کان پرهيز ڪرڻ ۽ پري رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هن اسان ڀائرن ڀينرن کي مذهبي تعليم کان سدائين پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪڏهن به اسان کي قرآن ۽ حديث پڙهڻ جي اجازت نه ڏني. ايتري قدر جو پنهنجي گهر ۾ به قرآن شريف نه رکيو ته متان منهنجي اولاد جي ان تائين رسائي ٿي وڃي.“

مولانا جي فرزند ارجمند مذڪوره انٽرويو ۾ پنهنجي اسلامي عالم والد محترم بابت ڪيتريون حيران ڪندڙ ۽ ڀيانڪ ڳالهيون چيون آهن، پر فساد خلق جي خوف کان هتي درج نٿو ڪريان.

خواجا جي درگاهه تي پهرن جا پهر اٿندي ويهندي، سمهندي، جاڳندي، ڏيگين هيٺان ٺهه خاني تائين ٻارڻ جون ڪاٺيون ڍوئيندي، مون کي ان نابالغ عمريءَ ۾ به الائي ڪهڙو ذاتي سڪون محسوس ٿيندو هو جو هر وسپت، جنهن کي اتان جا ماڻهو جمعرات چوندا هئا، مون کي عجب لڳندو هو ته هي ماڻهو وسپت (خميس) کي جمعو ڇو ٿا چون؟ ڇا هي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کان هڪ ڏينهن اڳتي آهن؟ اتي عقيدتمندن جون قطارون لڳنديون هيون، جن ۾ پيٽ نڪتل مارواڙي سيٺيون ۽ رنگ برنگي ساڙهين ۾ گهاگهرن ۾ ملبوس سندن سون ورنيون عورتون، جن ۾ ڪيتريون نوورنيون ميران ٻائيءَ جيان موهيندڙ لڳنديون هيون، پڻ هوندا هئا.

درگاهه ٻاهران گلن، عطر، چوڙين، ۽ زريءَ جي ٽوپين جي دڪانن ٻاهران بيٺو مان انسانن جي اچ وڃ کي ڏسندو رهندو هوس. ٽوپين جي هڪ دوڪان جي مالڪ وٽ ڪجهه ڏينهن جز وقتي ملازمت اختيار ڪيم. جو منجهند جو جڏهن هو نماز پڙهڻ ويندو هو ته پويان ڪلاڪ کن لاءِ مان هن جو دوڪان سنڀاليندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن ڪا ٽوپي به وڪڻندو هئس. هو هر ٽوپيءَ جي وڪري جا چار آنا مون کي ڏيندو هو. ائين ڪڏهن اٺ آنا، ڪڏهن روپيو به ته ڪڏهن ڪجهه به نه ڪمائي تي ويندي هئي. دوڪان جي مالڪ مون کي هڪ ڪاون جي پرت پريل ٽوپي تحفي طور ڏني. جيڪا جڏهن مان ٻائي گهر ويس ته پاپي، ٻائر ۽ پينرون مون کي اکيون ڦاڙي ڏسندا رهيا. هاسو ضد ڪرڻ لڳو ته مون کي به اهڙي ٽوپي وٺي ڏي. خواجا جي درگاهه تان مليل اها ٽوپي مون اڄ تائين سانڍي رکي آهي ۽ ان ۾ جڙيل ڪاوا اڃان تائين ڪارا نه ٿيا آهن.

'آفتاب ملڪ هند' خواجا معين الدين چشتيءَ 536 هجري (1142 عيسوي) ۾ سيستان، افغانستان ۾ جنم ورتو. پنهنجي والد غياث الدين جي انتقال وقت، خواجا جي عمر پندرنهن ورهيه هئي ۽ پوءِ مهيني اندر ئي هن جي والده به پنهنجي مجازي خدا سان وڃي ملي. غياث الدين پويان هڪ ننڍو باغيچو ڇڏيو هو جيڪو سندن ڪٽنب جو ذريعه معاش هو. باغيچو چئن ڀائرن ۾ ورهائجي وڃڻ تي معين الدين کي ان جو چوٿون حصو مليو جيڪو هن جي گذر سفر لاءِ به اٽپورو هو. باغيچو وڪڻي خواجا ان مان وصول ٿيل رقم غريبن ۾ ورهائي ڇڏي.

سيستان کي الوداع ڪري، خواجا خراسان جي ڪيترن شهرن ۾ جتن ڪندو رهيو ۽ نيٺ بخارا ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. بخارا ان وقت جو وڏو علمي ۽ ثقافتي مرڪز هو. اتي ئي خواجا قرآن ڪريم ۽ حديث جو گهرو اڀياس ڪيو. علم جي روشنيءَ سان مالا مال ٿي، خواجا علم ۽ ادب جي هڪ ٻئي مرڪز نيشاپور ۾ آيو. جتي هن کي تصوف جي گهري چاڻ ٿي. اتان بغداد تائين پهچندي، خواجا معين الدين چشتي تصوف جي رنگ ۾ سڄو رڱجي چڪو هو.

مسلسل هلچل واري ان عرصي ۾، هو پنهنجي وقت جي ڪيترن صوفي اوليائن ۽ درويشن سان لهه وچڙ ۾ آيو جن ۾ نديم الدين قربا، شهاب الدين السهروردي ۽ محي الدين ڪرمانيءَ جهڙا صوفي عالم شامل هئا. نيشاپور ۾ هن پهتل صوفي درويش عثمان هارونيءَ جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ ويهه سال هن جي صحبت ۾ رهيو، جنهن دوران هن پنهنجي مرشد سان گڏ مڪي ۽ مديني جي زيارت پڻ ڪئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجري سال 519 ۾ خواجا هندستان آيو. ڪجهه عرصي لاءِ دهليءَ ۾ رهائش اختيار ڪري، هو اجمير شريف پهتو. اجمير ۾ هن ڪرمچي رنگ واري سرودر وٽ هڪ وڏي مندر ويجهو، پنهنجو آستانو قائم ڪيو. ان وقت اجمير راجا پرٿوي راج جي راڄڌاني هئي. خواجا جي درويشي ۽ بلند ڪردار ڪيترن ئي ماڻهن کي متاثر ڪري پنهنجي طرف متوجه ڪيو جن مان ڪيترن ئي هن جي هٿ تي بيعت ڪري اسلام پڻ قبول ڪيو. گهڻي مخالفت جي باوجود راجا پرٿوي راج خواجا کي اجمير ۾ مستقل طور رهائش ۽ آستانو قائم ڪرڻ جي ڪليءَ دل سان اجازت ڏني. 6 رجب المرجب 633 هجري بمطابق 15 مارچ 1236ع ۾ خواجا جو اجمير ۾ وصال ٿيو. مالواجي سلطان محمد خلجيءَ خواجا جي مزار مٿان هڪ عاليشان مقبرو تعمير ڪرايو. جنهن اڳتي هلي هڪ وسيع ۽ ڪشادي درگاهه جي شڪل اختيار ڪئي. اڄ اها عالمي سطح تي هڪ عظيم زيارتگاهه بڻجي چڪي آهي. مغل شهنشاهه اڪبر آگري کان اجمير درگاهه جي زيارت لاءِ پيرين پنڌ ۽ اگهاڙي پيرين آيو هو.

هندوستان ۾ چشتي فقه جو نظام رائج ڪرڻ واري هن درويش کي، خواجا غريب نواز ڪري مڃيو وڃي ٿو. هن جي خليفي خواجا قطب الدين بختيار ڪاڪيءَ جي مزار مهروليءَ ۾، منهنجي موجوده گهر ويجهو قطب مينار وٽ آهي، جتي هر سال سڄو هفتو 'ڦول والون ڪي سئر' جو ميلو لڳندو آهي. هند ـ پاڪ جا فنڪار ۽ فنڪارائون سڄي رات اتي عقيدت سان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. دهليءَ جو حسن اتي پنهنجيءَ سونهن جو جادو جاڳائيندو آهي.

مرزا غالب پنهنجي زندگيءَ جا پويان ڏينهن اتي مهروليءَ ۾ ئي 'آهن' ۽ 'دانهن' ۾ گذاريا. خواجا غريب نواز جي ٻئي خليفي بابا فريد شڪر گنج جي مزار پاڪ پٽن پاڪستان ۾ آهي، جتي پڻ هر سال هن جا هزارين عقيدتمند زيارت لاءِ ويندا آهن. خواجا جي دختر پڻ علم ۽ ادب جي خزاني سان مالا مال هئي.

خواجا غريب نواز بابت هي تفصيلوار احوال ان ڪري تحرير ڪري رهيو آهيان، جو مون کي ۽ منهنجي ڪٽنب کي خواجا سان روحاني لڳاءُ ۽ عقيدت پئي رهي آهي. منهنجو معجزن، ڪرامتن ۽ اسرارن ۾ ڪڏهن به اعتقاد نه رهيو آهي ۽ نه ڪڏهن منطقي طور مون انهن کي مڃيو آهي، پر زندگيءَ ۾ عجيب اتفاقن سان منهان منهن ٿي، انهن کي ماڻيو ۽ محسوس ضرور ڪيو آهي.

منهنجي شاديءَ جي ٽن سالن اندر اسان کي ٻه ٻار ٿيا. ٻيئي ڌيئر ڄايون. رجني ۽ سنڌو. ٻنهي نياڻين جي ڄمڻ تي مان ۽ منهنجي گهر واري گوپي بيحد خوش هئاسين. اسان جي سنڌي قوم وٽ نياڻيءَ جو جيڪو تصور آهي، اهو شايد دنيا جي ٻي ڪنهن قوم وٽ ڪونهي. سنڌي مسلم سماج ۾ نياڻيءَ کي ست قرآن ڪري مڃيو ويو آهي ۽ سنڌي هندو نياڻين جا نالا گيتا، گنگا، جمنا، لڪشمي ۽ سرسوتي وغيره رکندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندستان ۾ اچي اسان مان ڪيترن پنهنجين نياڻين جا نالا 'سنڌو' بہ رکيا آهن. سنڌ جي تاريخ ۾ نياڻيءَ اڳيان وڏن وڏن جابرن بہ پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن.

گڏيل ڪٽنب ۾ پڙهيل ٿيڻ جي باوجود بيٺي ڇوڪريون ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پلجنديون رهيون. پر پوءِ بہ منهنجيءَ ماءُ جي من ۾ پنهنجو پوٽو ڏسڻ جي آس ڏينهون ڏينهن زور پڪڙيندي رهي. اسان پنهي زال مڙس، ٻن ٻارن کان پوءِ خانداني منصوبا بنديءَ واري اصول تي عمل ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو پر منهنجي ماءُ اندر ۾ بيحد بي آرامي محسوس ڪرڻ لڳي. هوءَ راتين جو پوٽي ڄمڻ جا خواب ڏسندي هئي ۽ صبح جو مون کي ۽ گوپيءَ کي انهن خوابن جا تفصيل ٻڌائيندي هئي. اسان جو منصوبا بندي وارو فيصلو هن کي ڏاڍو ڪاوڙائيندو هو. ڪجهہ عرصي بعد مون کي لڳو تہ پاپي جو گوپيءَ ڏانهن رخ ۽ رويو بدلجڻ لڳو آهي. اسان جي شاديءَ کي پنج سال گذري چڪا هئا، پر منهنجي ماءُ اجان اميدون نہ لاٿيون هيون.

ٽي سال اڳ منهنجو ننڍو ڀاءُ هاسو آمريڪا جي هڪ يونيورسٽيءَ جي اسڪالر شپ تي هليو ويو هو جتي هو ڪنهن آمريڪي حسينا جي عشق ۾ گرفتار ٿيو. ان جو سڄو احوال ان آمريڪي ڇوڪريءَ جي ماءُ، جيڪا پاڻ هڪ طلاقيل عورت هئي، هڪ خط ۾ اسان جي ماءُ ڏانهن لکي موڪليو ۽ هاسي سان پنهنجي ڌيءَ جي شاديءَ جو سڄهاءُ موڪليو. منهنجي ماءُ گهر ۾ عاشورا ڪري ڇڏيا. چيائين، "ڇوري کي ڳٽڙ ڪان جهلي آمريڪا مان موٽائي وٺي اچ." ۽ مون فون تي هاسي کي آپگهات جون ڌمڪيون ڏيئي، هن کي گهر گهرائي، هفتي اندر بمبئي هلي، ڪيس ڪن کان پڪڙي، هن جي شڪارپور جي هڪ سگهڙ ۽ سمجهو ڇوڪريءَ سان شادي ڪرائي، پنهي کي آمريڪا موڪلي ڏنو. اها دلچسپ واردات سارونٽين جي ايندڙ قسطن ۾ تفصيل سان لکندس.

منهنجي ماءُ پوٽي جي پيدائش لاءِ باسون باسيندي، گوپيءَ کي ڌاڳا ۽ تعويذ ٻڌندي، مندرن نڪاڻن ۾ مٿا ٽيڪيندي ٽيڪيندي سنڪي واري پير وٽ سجدا ڪندي ڪندي، پنهنجي نرڙ تي نيران نشان ڪري ڇڏيا. هن گوپيءَ طرف نہ رڳو لاپرواهيءَ وارو رخ اختيار ڪيو پر طعنو تنڪو ۽ مهڻي بازي بہ شروع ڪري ڇڏي، "هيءَ اڄ ڪلهہ جي ڇوڪرين تي الائي ڪهڙي ڇپ اچي پيئي آهي، وچن ٿيون ڏيئرن مٿان ڏيئر ڄڻينديون. اسان تہ پنهنجن ساهرن کي پڙهيتا پٽ پوٽا ڄڻي ڏنا. هنن پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪرين کي ڇا ڇئجي؟ نہ ڌرم نہ ڪرم، نہ پوڄا، نہ پاٺ، نہ گر نہ پير، نہ مراد. تہ پوءِ پٽ ڪيئن ڄمندا؟"

ڪيترو سمجهائڻ تي بہ منهنجيءَ ماءُ کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي. هوءَ الائي ڪهڙين ڪهڙين جناتي قسم جي جادو خوڙ ماين کان ڌاڳا، اڳڙيون ۽ تعويذ وٺي اچي ننهن جي ڳچيءَ ۽ ٻانهن ۾ ٻڌندي هئي ۽ پتاشن ۾ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون پڙيون وجهي، ڪمري جا در دريون بند ڪري، گوپيءَ کي زبردستيءَ کارائيندي هئي. منهنجين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پينرن ۾ ڊيئرن کي ٻئي ڪمري ۾ پوري، کين سخت هدايت ڪندي هئي، ”خبردار دريءَ مان پنهنجو منهن ٻاهر نه ڪڍجو.“ پوءِ هوءَ ’پوٽو پوٽو‘ ڪندي ٻاهر نڪرندي هئي ۽ گوپيءَ کي مجهند تائين بکيو پلنگ تي ليٽي پوٽو پوندو هو. هڪ وڏي عهدي تي فائز ٿيل، اعليٰ تعليم يافته فرمانبردار ننهن، ڇهري تي بيزاريءَ جو ڪو گهنج آڻڻ ڪان سواءِ، چپ چاپ اهي عذاب سهندي رهندي هئي ۽ مان پنهنجي ماءُ آڏو بيوس بڻجي، پنهنجيءَ رفيقه حيات اڳيان اکيون جهڪائي ڇڏيندو هئس.

ائين زندگي نت نيم سان ڪڏهن صلح ۾ ته ڪڏهن خلل ۾ گزري رهي هئي. مان گهر، پريس ڪلب ۽ اخباري نوڪريءَ وچ ۾ اچ وڃ ڪندو رهندو هئس ۽ اڌ رات تائين اخبار ۾ ڪوڙيون سچيون خبرون شايع ڪندي، ايڊيشن رليز ڪري اڌ هوش، اڌ نشي ۾ گهر پهچندو هوس. ڪڏهن گوپيءَ کي فون ڪري اطلاع ڏيندو هئس ته اڄ رات ڪجهه ليٽ ايندس ته هوءَ ورائي پڇندي هئي، ”ليٽ، ايندي يا ليٽي ايندين؟“ هوڏانهن منهنجي ماءُ ڪٽائن، ڪيرتن ۽ ٻاون، ٻانيٽن پويان پنهنجي ميڙي چوندي لٽائيندي رهي. گوپي چپ چاپ تماشو ڏسندي رهندي هئي ۽ مان اندر ئي اندر ۾ پنهنجيءَ ماءُ جي ان پورڙائي ۽ انڌ وشواس تي وٽ سٽ ته ڏاڍا ڪائيندو هئس، پر هن اڳيان ڪجهه نه سگهندو هئس.

هڪ ڏينهن اسان جي ڪا ماتيائي اجمير مان اسان وٽ مهمان ٿي اچي رهي. منهنجي ماءُ هن سان به اها راڳڻي آلاپڻ شروع ڪئي، ”ادي دعا ڪر ته پوٽي جو منهن ڏسان.“ هن ياپيءَ کي صلاح ڏني، ”هوءَ ۽ گوپي ساڻن گڏ اجمير هلي، خواجا غريب نواز جي درگاهه تي چادر چاڙهين، ته خواجا جي دعائن سان پڌر ۾ پوٽو ڪڏندو ڏسندين.“ منهنجي ماءُ پوٽو حاصل ڪرڻ لاءِ کهڙي به ڪوهه ڪاف تي وڃڻ لاءِ تيار هئي ۽ هن کي ناڪار ڪرڻ جي اسان مان ڪنهن ۾ به جرئت نه هئي. اسين ٽيئي اجمير آياسين.

خواجا اجميريءَ جي درگاهه تي اچي پرت پريل سوٽي چادر چاڙهي (سوٽي ان جي ڪري، جو هن جي خيال ۾ ريشم عورت جي علامت آهي) گلن جون ٿالهيون اوتي، سجدن مٿان سجدا ڪري، منهنجيءَ ماءُ ۽ زال خواجا جي مزار جو ست ڦيرا طواف ڪيو. مان چپ چاپ مزار اڳيان هٿ ٻڌي بيٺو رهيس ۽ سوچي رهيو هئس ممڪن آهي ته خواجا غريب نواز منهنجيءَ معصوم ماءُ جي ويساهه واري دعا قبول ڪري، هن جي آس پوري ڪري ڇڏي، الائي ڇو مون جهڙو مشرڪ، خواجا جي حضور ۾ لرزش پريل لهرون محسوس ڪرڻ لڳو. ڪنهن غلام جي جبين جيان منهنجي سڄي خود سري ختم ٿي چڪي هئي ۽ مان پاڻ کي خواجا جو ٻڌو ٻانهون سمجهي رهيو هئس. درگاهه تي ٽي ڏينهن اسان ٽنهي جا سجدا ٿيندا رهيا.

دهليءَ پهچي منهنجي ماءُ عجيب وغريب عمل شروع ڪري ڇڏيا. مون کي جلدي گهر اچڻ جي تاڪيد ڪرڻ لڳي. اسان جي بيڊ روم ۾ پلنگ تي اجمير مان آندل نيون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چادرون ۽ پتراٽيون ۽ وهاڻا وڇائي، مٿن درگاهہ تان آندل تعويذ رکي، اسان کي رات جي ماني ۽ کان پوءِ ڏري گهٽ ڏکي پنهنجي بيڊ روم ۾ اماڻي، ڪمري ۾ ٻاهران ڪڙو ڏيئي ڇڏيندي هئي.

درگاهہ تان ٿي اچڻ جي ڏهين مهيني کان پوءِ سال 1971ع ۾ اسان کي ڇهن سالن کان پوءِ پٽ ڄائو. جنهن جو پاپيءَ اڳ ۾ ئي باسيل نالو لالي رکيو. خواجا معين الدين چشتي، غريب نواز آفتاب ملڪ هند.

اها آرتوار واري شام هئي، جنهن وقت لاليءَ هن دنيا ۾ اکيون کوليون. ان ڏينهن هندوستان ۾ ٽيليوزن اڃان نئين نئين آئي هئي، جنهن ۾ هر اڌ رات تي هيءَ سٽ سنيالي آئي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏھون پنو

ساروٽين جو ھيءَ باب ڄمون ۽ ڪشمير رياست جي لداخ صوبي جي ليھہ (leh) علائقي مان لکي رھيو آھيان. ھندوستاني حڪومت گذريل ستن سالن کان ھر سال جون مھيني ڌاري ليھہ ۾ سنڌوءَ جي ڪناري ’سنڌو درشن فيسٽيول‘ ملھائيندي آھي. ڪئلاش پربت تان مانسرور ذريعي ڌرتيءَ تي لھندڙ سنڌو نديءَ لداخ جي ليھہ علائقي ۾ اچي لھندي آھي ۽ اسان جي سڄي سنڌ کي سيراب ڪندي آھي. سنڌ ۾ سنڌو کي سڪائڻ جون سازشون ڪرڻ وارن کي اسان جي مقدس سنڌو ۽ سنڌي قوم ڪڏھن بہ نہ بخشيندي.

ھن ڌرتيءَ تي ھماليہ تان لھي ايندڙ سنڌوءَ جي پھرئين گھاٽ تي، اڄ صبوح جڏھن ڏيئا ٻاري آرتيون ڪيون ۽ ان جي پوبتر پاڻيءَ جي پوڄا ڪئي تہ اسان سيني جون اکيون پرجي آيون. ايندڙ سال واري ’سنڌو ياترا‘ ۾ اسان جا سنڌ جا ساٿي، اسان جا ماناٽتا مھمان ٿي شامل ٿيندا. جنھن جو دستوري اعلان سنڌوءَ جي ڪناري ٿيل ان جشن ۾ ڀارتي حڪومت جي سياحت واري وزير محترم رينوڪا چوڌريءَ ۽ اتان جي وڏي وزير مفتي محمد سعيد ڪيو ۽ ھزارين حاضرين ان اعلان جي تاڙين سان مرحبا ڪئي.

ھندوستان جي اڪيلي سنڌي نائب وزيراعظم ۽ ڏيھي معاملن جي وزير، اڄ کان اٺ سال اڳ، ليھہ جي دوري وقت ھڪ صبوح جو سرڪاري سرڪٽ ھائوس جي بالڪنيءَ تان، ڪجھہ مفاصلي تي، ھڪ شفاف ندي وھندي ڏٺي. ان منظر ھن کي ايترو تہ متاثر ڪيو جو ھن سرڪٽ ھائوس جي مڪاني مئنيجر کي پاڻ وٽ سڏائي پڇيو ”ھن خوبصورت نديءَ جو نالو؟“

لداخي مئنيجر ٻڌايس، ”ھيءَ سنڌو ندي آھي.“ وزير صاحب واٽڙو ٿي ويو. چيائين، ”مان سنڌو نديءَ جي ڪناري تي وسيل شھر حيدراباد سنڌ ۾ ڄائو آھيان ۽ مون کي اھا بہ ڄاڻ ڪانھي تہ ھماليہ تان ھيٺ لھندڙ سنڌوءَ جي پھرين لھر ليھہ جي ھن گھاٽيءَ ۾ لھندي آھي.“ وزير صاحب پنھنجي گھر ڪن سنڌي ساھتڪارن ۽ سماجي ڪارڪنن جي دعوت ڪندي، کين اھو واقعو ٻڌائيندي، پنھنجيءَ اڻڄاڻائيءَ جو افسوس سان اعتراف پڻ ڪيو ھو. چيو ھو مانس، ”سائين رڳو توھان ئي نہ، ھتي وسندڙ مان بہ اڪثريت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جي آهي. جيڪي ان حقيقت کان اڻڄاڻ آهن تہ سنڌوندي جو ڌرتيءَ جي سطح تي پهريون پڙاءُ ليهہ آهي، جيئن گنگا جو پهريون پڙاءُ رشيڪيش آهي.“

سنڌو جو درشن ڪري آيل سابق سنڌي وزير ليهہ مان بيحد جذباتي ٿِي دهليءَ موٽيو. هن مرڪزي حڪومت جي واسطيدار وزارتن جي سربراهن سان صلاح ڪري، ’ساليانو سنڌو درشن جشن‘ جي رٿا تيار ڪئي ۽ موسم جي مدنظر جشن لاءِ جون جو مهينو مقرر ڪيو ويو. ’پهريون سنڌو درشن فيسٽيول‘ سال 1997ع جي اونهاري ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ مڪاني باشندن سميت ست سئو زالن ۽ مردن شرڪت ڪئي. جتي لداخ ۽ ڪشمير جي ڪلاڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ سنڌوءَ جي ڪناري هڪ ڪشادو گهاٽ تعمير ڪرڻ جي رٿا پڻ تيار ڪئي وئي هئي. وزير صاحب هٿان ’سنڌو درشن‘ جي پيڙهہ جو پٿر رکيو ويو جنهن جي چلڪڻي ڪاري سنگ مرمر تي، سنڌوءَ جي مهما واري رگ ويد جي سنڪرت سلوڪ جي انگريزي ترجمي هيٺيان، سنڌي وزير صاحب ۽ رياست جي ان وقت جي وزيراعليٰ جا نالا ۽ مهورت جي تاريخ ۽ ٻيا تفصيل اُڪريل آهن.

اڄ صبوح جو سنڌو جي پوڄا وقت، سج جي چمڪندڙ روشنيءَ، سنگمرمر جي ڪاري چلڪڻي پٿر تي اڪريل سنڌوءَ جي ساراهہ وارا اهي سلوڪ چمڪي رهيا هئا. اسان جي ’سنڌي اڪادمي‘ جي ستن نڪائندن، سريش ڪيسواڻي، رينو نرمل، اما، گهنشام، شريڪانت ۽ مون پوڄا جي ٿالهيءَ ۾ ست ڏيئا ٻاري، ڌوپ، لوبان، اگربتين ۽ گلن جي خوشبو پکيڙي، هند۔ سنڌ جي سنڌين طرفان سنڌو جي پوڄا، پرستش ۽ عبادت ڪئي.

قلم ۽ پئڊ ميز تي رکي، سگريٽ دکايو اٿم ۽ نئون پيگ ٺاهيو اٿم. سامونڊي سطح کان ٻارنهن هزار فٽ مٿي، هماليہ جي گهاٽيءَ واري ماحول ۾، تيهہ سيڪڙو آڪسيجن گهٽ آهي. اونهاري جي هن موسم ۾ بہ چوڌاري هماليہ جون چوٽيون اڇيءَ ڪپهہ جهڙي برف سان ڍڪيل آهن. آسمان وڏيڪ ويجهو لڳي رهيو آهي. اسان کي هدايتون ڏنيون ويون آهن تہ ماحول ۽ آبهوا تي هِرڻ لاءِ پهريون سڄو ڏينهن هوٽل جي ڪمري ۾ ئي رهجو ۽ ٻئي ڏينهن ٻاهر نڪرجو.

ليهہ جي لداخي طرز تي تعمير ٿيل ڪاٽيج نما هوٽل جي ڪمري ۾، منهنجي سڄي زندگيءَ جون ساروڻيون سميٽجي، اچوڪي صبح ۽ شام وچ ۾ ويڙهجي ويون آهن. ڪنڊياري کان دولتپور جي پتڻ تائين پهچي، ٻيڙين ۾ سنڌوءَ جو پتڻ پار ڪندي، مان ڪيئي ڀيرا تلٽي ۽ ميهڙ، متن مائٽن جي شادين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڄڃ يا مڃ سان گڏ ويو هئس. سنڌو جي ڪناري وارو دولتپور جو اهو پتڻ اڄ الائي آهي يا نہ؟ ۽ جي آهي تہ اتي ميربحرن جي ٻيڙين ۽ پتڻ پار ڪندڙ مسافرن جي اڄ وڄ آهي الائي نہ؟ ان پتڻ تي اڪا وڄهندڙ سنڌياڻيون تہ الائي ڪٿي وڃي وسيون آهن. پر اڄ هتي هندوستان ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانورل سنڌي نياڻين ڪي سنڌوءَ ۾ اڪا وجهندي ’ڏيئا پاريندي‘ ڏسي مون ڪي پنهنجيءَ سنڌ جا پتڻ ياد اچي رهيا آهن.

اڄ صبوح (18 جون 2004ع) سنڌوءَ جي گهاٽ تي ساليانو ’سنڌو درشن فيسٽيول‘ دهلن، دمامن، شرناين ۽ توتارن جي واڄٽن سان شروع ڪيو ويو. رنگبرنگي پوشاڪن ۾ ملبوس لداخي حسين رقاصائن جي لوڪ گيتن ۽ ناچ هيٺ جهڪي آيل روشن آسمان مان اينڊڙ سج جي سونن ڪرڻن، اسان کي اهو احساس ٿي ڏياريو تہ سرڳ اسان جي اڳيان هڪ حقيقت بڻجي هيٺ لهي آيو آهي. هن ڀيري واري جشن ڪي سابق حڪومت طرفان ٿيندڙ ڌرمي پائن پوڄائن، ريتن، رسمن، سانن سڳڻن، چوٽين وارن پيٽ نڪتل پنڊن ۽ پنڊتن طرفان هَوَن ڪنڊ ۾، چندن جي ڪاٺين ۽ سچن گيهن جا ڍلا اوتي، ويدڪ منترن، جاپن ۽ سلوڪن اچارڻ واري عمل کان آجو رکيو ويو. ان جي بدران سنڌي جي سهڻي ڪلاڪار انيلا سندر ۽ هن جي ٽوليءَ سنڌوءَ جي مهما ۾ تيار ڪيل سنگت نرتيہ ناٽڪ ’سنڌ منهنجي امان‘ هزارين ناظرين اڳيان سنڌوءَ جي ڪنڌيءَ تي ڪليل منچ تي پيش ڪيو.

سونال ماسنگ جهڙي جڳ پرسڌ نرتڪيءَ ۽ هن جي نوجوان شاگرد رقاصن ۽ رقاصائن جو رقص، سرڳ جي اپسرائين وارو ڏيک ڏيئي رهيو هو. راجا ريڊي ۽ راڌا ريڊي نڪار جوڙي ۽ آسام مان آيل نرتڪين جا من موهيندڙ نرتيہ، سنڌوءَ کي سنڌو گهاٽيءَ جي عوام جي ڌرمي ۽ مذهبي رسمن ۽ رخ کان وڌيڪ سنڌن ثقافتي ۽ تهذيبي علامت طور پيش ڪيو. سيني فنڪارن پنهنجي پنهنجي فن جو دلڪش منظر تہ پيش ڪيو پر اسان جي سنڌي ڪلاڪار انيلا سندر جو نرتيہ ناٽڪ ٻين سيني کان نرالو ۽ لاجواب ان ڪري لڳي رهيو هو جو ان ۾ پويان هڪ سنڌي نياڻيءَ جو سنڌو سان جذباتي لڳاءُ پڻ واڳيل هو.

انيلا پنهنجي نرتيہ جي شروعات سنڌوءَ جي ڪناري تي، سنڌو جي آراڌنا رگ ويد جي منترن سان ڪئي، جنهن ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ سنڌو ٻين ندين سان رل مل ٿي ’سپت سنڌو‘ بڻجي، انهن جي اڳواڻي ڪندي رهي، پر پنهنجي پکيڙ ۽ ڦهلاءُ ۾ سيني کان اڳتي وڌي ويئي. نرتيہ جي ٻئي منظر ۾ موهن جي دڙي مان پشوپتي ناٿ جون نڪتل مهرون شوَ جي روپ جو چٽ آهن. جنهن جي جاپ ’اوم سمهہ شوا‘ سان انيلا ان منظر ۾ جادوءَ جهڙو اهڙو ڏيک ڏيکاريو جڏهن شوَ مهراج پاڻ پنهنجي ٽانڊوَ ناچ سان سنڌوءَ تي اچي پر گهٽ ٿيو آهي.

نرتيہ ناٽڪا جي ٽئين درشيہ ۾، ڪورس جي روپ ۾، ’آنڌيءَ ۾ جوت جڳائڻ وارا سنڌي‘ سنگيت جي مختلف سرن ۽ بندشن هيٺ الڳ الڳ انترن ۾ پيش ڪندي، انيلا سنڌي سورمين جا علامتي روپ پيش ڪيا. پهرئين ڏيک ۾ نرتيہ جي پاوَ جي اها جهلڪ هئي، جنهن ۾ مارئيءَ جو ڪردار ڏيکاريو ويو، جنهن ۾ هن کي زنجير پيل هئا. بدلجندڙ منظر ۾ سنڌ جي ٻنين ۽ فصل لڻڻ جو ڏيک ڏيکاريو ويو جو سنڌوءَ جي آسپاس سيراب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيل ڏرتي زرخيز پلاري ۾ اپتائتي پئي رهي آهي. جيڪا اڄ ميوا اناج ڪاڏي لاءِ ۾ عالمي قسم جي ڪپهه پهراءَ لاءِ ميسر ڪندي رهي آهي.

پوئين منظر ۾ ققنس (Phoenix) پکيءَ جي علامتي اڏام ڏيکاري ويئي، جيڪو پنهنجيءَ ئي رک مان نئين سر جنم وٺي، پنهنجو حوصلو ۽ اڏام جاري رکندو آهي. نرتيه جي مدرائن ۾ اهڃاڻيءَ طور سنڌي جاتيءَ جو اهڙي حوصلي، همٿ ۽ اورچائيءَ جي اظهار درشڪن کي جهڻ منبڌي ڇڏيو.

انيلا جي سالن کان دلي خواهش پئي رهي آهي تہ هوءَ ڪڏهن سنڌ وڃي ساڌ ٻيلي ۾ قليليءَ جي ڪپ تي، پنهنجي نرتيہ ۾ سنگيت سان سنڌوءَ جي اپاسنا ڪري ۽ مون کي يقين آهي تہ سنڌو انيلا جي اها آراڌنا اوس قبول ڪندي. ائين جيئن ڪنهن پلي پار کان سڏ اچڻ تي ئي اتي وڃي سگهبو آهي.

هندوستان جي مختلف علائقن مان آيل ياتري، پاڻ سان پنهنجي پنهنجي ڌرتيءَ تي وهندڙ ندين جو پاڻي کڻي آيا. گنگا، جمنا، گوداوري، نربدا، سابرمتي ۽ برهمپترا ندين مان آندل پاڻيءَ سان پريل دلن ۽ گهگهين کي سنڌوءَ جي پاڻي ۾ اوتيندا ويا. سندن سوچ موجب اها قومي ياڻيچاري جي علامت هئي. سنڌوءَ ۾ پارت جي انهن ندين جو ملايل پويتر پاڻي پڪ ئي پڪ سنڌ پهچندو جو لداخ جي مشهور ٻوڌي مٺ (Monastery) ڦيان (Phyan) جو لاما هڪ نديءَ جو جل پنهنجي هٿن سان سنڌوءَ ۾ سمائيندو پي ويو. هن پنهنجي ٻوڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي منتر پڙهيا پئي، انهن جو مون جڏهن ترجمو ٻڌو تہ مون کي حيرت پري خوشي ٿي، جو اهي سڀ منتر سنڌوءَ جي ساراهہ سان ئي پر هئا.

لداخ جي لامائن جي زندگي بيحد پراسرار آهي. اڳتي هلي ان جو ذڪر ڪندس. سنڌوءَ جي آندل پاڻي جو منرل واٽر سان ملايل ننڍيون بوتلون تيار ڪري، تبرڪ طور اسين هن مهيني رٽيل 'سنڌي شام' واري جشن ۾شريڪ ٿيندڙ سنڌين ۾ ورهائيندا اسين.

دکن جي عاشق مزاج حڪمران شاعر قلي قطب شاهہ جي ڌرتيءَ جي رهندڙ سياحت کاتي جي وزير محترمہ رينوڪا چوڌري ذاتي زندگيءَ ۾ پڻ هڪ رومانٽڪ خاتون آهي، جنهن وزارت جون واڳون وٺندي ئي 'سنڌو درشن فيسٽيول' کي بہ نئون رومانوي رخ ڏنو آهي. حيدرآباد دکن ۾ ڪيترن سنڌي ڪٽنبن کي ورسائڻ ۾ بہ هن جو اهم رول رهيو آهي. خاص لداخي لباس 'سلما' ۾ ملبوس رينوڪا سڀ کان پهرين پنهنجي ٻنهي ٻُڪن ۾ سنڌوءَ جو پوتر پاڻي جهلڪي پهريون ڍڪ پريو ۽ ٻئي ٻُڪ سان گڏ بيٺل ياترين مٿان ان پاڻيءَ جا ڇنڊا هنيا. جدا جدا ٿانون ۾ آندل ستن ندين جو پاڻي سنڌوءَ ۾ پيٽيو ويو. جمون ۽ ڪشمير جي وزيراعليٰ مفتي محمد سعيد ۽ هند جي سنڌين جي نمائندگي ڪندڙ سنڌي اڪادميءَ جي وائيس چيئرمين، سريش ڪيسواڻي ۽ اسان سڀني ميمبرن پنهنجن پنهنجن ٻُڪن ۾ سنڌوءَ جو پاڻي جهلي، پنهنجين اکين تي ان جا ڇنڊا وڌا ۽ پنهنجا مٿا آلا ڪيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائيندي ڳالهائيندي رينوڪا جذباتي ٿي ويئي. "هن سدا وهندڙ سنڌوءَ تي هر ڪنهن جو حق آهي. مانسرور کان ڪراچيءَ تائين سنڌو سان سيراب ٿيندڙ ڌرتيءَ تي اپجندڙ هر فصل تي، پاڻيءَ جي هر ڦڙي تي، سنڌو جي ڪناري تي رهندڙ هر شهريءَ جو حق آهي. زمينن جون سرحدون ٿي سگهن ٿيون، پر سنڌوءَ جون سرحدون نه ٿي سگهنديون. هتان جي ستن ندين جو پاڻي سنڌوءَ ۾ ملائي، اسين پنهنجي پاڪستاني پائرن ڀينرن ڏانهن ڀائيچاري، امن ۽ پيار جو پيغام موڪلي رهيا آهيون. ايندڙ سال واري 'سنڌو درشن فيسٽيول' ۾ هند- پاڪ ٻنهي ملڪن جا ياتري شامل هوندا. سنڌو سيني کي هڪ جهڙو سنمان ڏيندي ها، ايترو اوس آهي ته سنڌوءَ جي ڪناري وارن علائقن ۾ رهندڙ مڪاني رهاڪن جي جذبن جو خاص خيال رکيو ويجي، جو هي پاڻي سندن جياپو آهي. ڪين اجايل رکي رڳو پنهنجا کوهه ڀرڻ هڪ وڏو اپراڌ آهي، ڪنهن جي پيٽ تي لت ڏيڻ آهي. اسان جو مقصد سياحت کي محض ڪنهن انڊسٽريءَ طور استعمال ڪري، ڦهلائي، ان مان ناڻو ڪمائڻ ناهي، پر مڪاني ماڻهن جي ڀلائيءَ، خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جو خيال رکڻو آهي."

"پاڪستان سان سرحدون کولڻ مان حاصل ٿيندڙ فيض ۽ فلاح جو اسان سيني کي احساس آهي." مفتي محمد سعيد ان سوچ کي صحيح پيرايي ۾ پيش ڪندي چئي رهيو هو "سرحد پار کان ايندڙ سياحن کي قانوني طور هن ملڪ ۾ اچڻ جي اجازت هئڻ گهرجي. ڪين ڪشمير ۾، لداخ ۾، ليهه ۾، آزاديءَ سان اچڻ لاءِ اجازت ناما ڏنا وڃن ته جيئن هو صحيح صورتحال سان منهان منهن ٿين. هو پاڻ پنهنجي اکين سان اچي ڏسن ته جمهوريت جون جڙون ڪيئن پختيون ٿي ڦهلجنديون آهن ۽ عوام ان جمهوري نظام مان ڪيئن ۽ ڪيترو فيض حاصل ڪندو آهي. آزاد ماحول ۾ اچ وڃ ۽ ميل ملاقاتون دلين کي به هڪ ٻئي سان جوڙينديون آهن."

سنڌو درشن جو هي جشن ڪو سياسي ڪارنامو ناهي، پر هڪ تيرٿ آستان آهي، هڪ ياترا آهي، زيارت آهي، حج آهي، هڪ مقدس مقام آهي، جتي هر مذهب هر ڌرم، هر وشواس ۽ عقيدي، هر ذات ۽ هر ملڪ جو ماڻهو قديم سنڌوءَ جي پاڪ پاڻيءَ سان پنهنجي اڃ اجهائيندو پر ان جي وهڪري کي رڳو پاڻ طرف موڙڻ جا منصوبا ناهي، قدرت جي قانون سان هٿ چراند نه ڪندو.

مون کي خوشي آهي ته ورهاڱي بعد پهريون ڀيرو رياست جمون ۽ ڪشمير ۾، پاڪستان مان ياترين جو پهريون جٿو سرڪاري دعوت تي 'سنڌو درشن جشن' ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيو آهي. ظاهر آهي ته سنڌوءَ لاءِ اهڙو جذبو سنڌين جي من ۾ ئي پيدا ٿي سگهي ٿو. باوجود ان حقيقت جي ته سندن قوميت پاڪستاني آهي. ڏهرڪيءَ جي دربار جو نوجوان سنت جنارڌن پڳوان داس، جنهن کي سائين ساڌ رام صاحب سڏيو ويندو آهي، پنهنجن ٻن همراهن، ڳاڻي لڪشمي چند ۽ سترام داس سان آيل آهي. هن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سوين سنڌي شرڌالو بئنگلور، رائپور، اجمير، جل گانءَ، بلاسپور وغيره کان هتي پهتل آهن. مرڪزي خواهہ صوبائي حڪومتن طرفان ٽيهن پنجٽيهن سالن جي نوجوان گاديسر کي ماناءتو ۽ آبرودار آجياڻو ڏنو ويو آهي. حڪومت جي نمائندن جو چوڻ آهي تہ ڏهرڪي سنڌ جا هي ٽي پاڪستاني ياتري، ڇهريون پيرو سرڪاري مهمان ٿي، هن تڪراري صوبي ۾ آيا آهن. هن کان اڳ هتي پاڪستاني باشندا رڳو سرڪاري وفدن جا نمائندا بڻجي ٿي ايندا رهيا آهن.

سنڌي اڪادمي، دهليءَ جي دعوت تي آيل ڏهرڪيءَ جي دربار جي، انهن ٽنهي ياترين جي اچڻ جي اجازت لاءِ، مفتي صاحب کي چڱو پاڻ پتوڙڻو پيو. هن کي ڀارت جي گهرو کاتي واري وزير کان ذاتي طور بحالي گهرائڻي پيئي آهي. مفتي صاحب جي چوڻ موجب هن رياست جي تاريخ ۾ اجوڪو ڏينهن وڏي اهميت وارو آهي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويچي واريون پٽيون پرڻ لڳيون آهن. سنڌ جي سنڌين جو هن صوبي ۾ ڇهريون پيرو اچڻ، ٻنهي ملڪن وچ ۾ هڪ مضبوط ڪڙيءَ جو ڪڙيءَ سان جڙڻ آهي. ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ اچ وڃ ۽ ملاقاتن جا سلسلا جڙندا رهيا تہ امن، دوستي ۽ پيار پختو ٿيندو ويندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# يارهون پنو

روزگار جا وسيلا ۽ وجهه نـ هئڻ ڪري ڏسندي ڏسندي اڌ اجمير سنڌين کان خالي ٿي ويو. اسي ميلن جي مفاصلي تي وسيل راجائي شهر جئپور وڏيڪ پريو پاڳيو هئڻ ڪري، ڪيترا سنڌي ڪٽنب اتي وڃي وسڻ لڳا. جئپور جون سڀ عمارتون گلابي پٿرن جون ٺهيل هيون. جيڪي اتان جي مهاراجا سوائي ماڌو سنگهه پنهنجيءَ نظرداريءَ هيٺ تعمير ڪرايون هيون. ان ڪري جئپور کي گلابي شهر (Pink City) ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. ماڌو سنگهه سج جي ايرڻ لهڻ جي پاڇي جي حساب سان وقت جاچڻ لاءِ جاميٽريءَ جي علم تي ٻڌل 'جنتر منتر' جهڙي عاليشان Observatory جئپور ۽ دهليءَ ۾ جوڙائي. جنهن کي ڏسندي سڄيءَ دنيا جا سياح ڏنڊين آڱريون ڏيندا آهن.

اجمير ۽ جئپور جي وچ رستي تي ڍنڍ جي ڪناري وسيل شهرن ڪشن ڳڙهه ۽ نصير آباد ۾ سنڌين اڇي ڳاڙهي پٿر تراشڻ جا ڪارخانا قائم ڪيا. جو ڪين جيسلمير ۽ جوڌپور رياستن پاران جيترو چاهين اوترو ڳاڙهو پٿر مفت ڍوئڻ جو پروانو مليو ويو. ٽنڊي آدم جي ڏيڏ جي سنت ٽيئون رام جي ششن اتان کان بـ وڏي ڏيڏ جئپور ۾ اچي قائم ڪئي، جيڪا اڄ الائي ڪيترن ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي. هر سنڌيءَ لاءِ اتي رهائش، کاڌو پيتو ۽ علاج وغيره مفت آهي.

جئپور ۾ شيخ اياز ۽ مون ڪجهه دلفريب شامون گڏ گذاريون آهن. جتان جي گهنگهور هوٽل جي بار ۾، اياز جڏهن پهريون پيرو Bloody Mary پيتي تـ هو ان تي ايترو هري ويو جو شدت مان هر شام انگلينڊ جي راڻي، 'خوني ميريءَ' هٿان قتل ٿيڻ جو انتظار ڪندو هو ۽ زرينا ياپي ڪملا گوڪلاڻيءَ سان جئپور جي بزارين ۾ خريداري ڪندي هئي.

چيو وڃي ٿو تـ Bloody Mary پئرس جي رٽز هوٽل ۾ مشهور اديب ارنيسٽ هيمنگوي لاءِ جڙتو نموني تيار ڪئي ويئي هئي. ڊاڪٽرن هيمنگوي کي پيئڻ کان سخت منع ڪئي هئي، ان ڪري هن جي زال Mary مٿس سخت چوڪسي رکندي رهي. هن کي پنيلائڻ لاءِ هوٽل جي آبدار (Barman) هڪ اهڙي ڊرنڪ ايجاد ڪئي، جنهن ۾ ووڊڪا جهڙي تکي شراب ۾ ٽماٽي جو رس ملائي، ان جو رنگ بدلايو ويو ۽ وات جي بوءِ کان بـ بچايو ويو. هيمنگوي اها پيئندي ايترو تـ خوش ٿيو جو هن ان ڊرنڪ جو نالو پنهنجيءَ زال جي نالي پويان Bloody Wife رکيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڊسمبر جي پڇاڙي هئي ۽ اتر هندوستان ۾ سرديءَ جي سخت لهر ڇانيل هئي. شيخ اياز ٿڌ کان ڏاڍو ڏڪندو هو. گرم سوٽ اندران ۽ ٽي سويٽر پائيندو هو پوءِ به ڇوندو هو. ”ڪومل، جسم کي جيڪا گرمائش هيءَ بلڊي ميري ڏيئي رهي آهي، اها هي گرم ڪپڙا به نٿا ڏين.“ حالانڪ مان ان مشروب ۾ برف جا ڳنڊيا وجهي پيئندو هوس.

اياز ۽ زرينا مون سان گڏ دهليءَ اچڻا هئا. مون پنهنجي گهر ۾ هنن لاءِ آرامده، خوابگاهه سجائي رکيو هو. زرينا کي نظام الدين اولياءَ جي درگاهه تي اچي سلامي پرڻ جي دلي تمنا هئي ۽ هوءَ دهلي اچڻ لاءِ ڏاڍي بيتاب هئي. جنهن صبوح جو اسان دهليءَ لاءِ نڪرڻا هئاسين، ان کان اڳين شام بار ۾ بلڊي ميري پيئندي، اياز ٽي. ويءَ تي مختلف شهرن جي موسم جو حال ڏسندي، جڏهن دهليءَ جو ٽيمپريچر به درجا ڏٺو ته ڏڄي ويو. چيائين، ”ڪومل، مان دهليءَ نه هلندس، اهڙي ٿڌ ۾ مان ته ڄمي ويندس.“ هوٽل جي ڪمري ۾ موٽي اچي هن زرينا کي چيو ”دهليءَ هلڻ جو خيال لاهي ڇڏ.“ مون زرينا، ناڪر ۽ پارو چاولا هن کي ڏاڍو سمجهايو ته اهڙي ڪا ناقابل برداشت ٿڌ نه هوندي، پر هن نه مڃي نه مڃيو. زرينا ڏاڍي مايوس ٿي ويئي. اياز نه هن کي اجمير خواجا غريب نواز جي درگاهه تي وڃڻ جي اجازت ڏني ۽ نه دهليءَ جي نظام الدين اولياءَ جي مزار جو پيرو ڪرڻ ڏنو. زرينا جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا هئا.

مون کي لڳندو آهي ته جيئن راجا ڀرتري هريءَ شرنگهار شتڪ (عشق مزاجي) کان وئراڳ شتڪ (ترڪ ۽ تياڳ) تائين شاعراڻو ۽ زندگيءَ جو سفر ڪيو آهي، تيئن شيخ اياز پڻ هن جي پويان پنڌ ڪيو آهي. عمر جي پوئين پهر ۾ اياز جون لکيل 'دعائون' پوريءَ ريت ڀرتري هريءَ جي وئراڳ شتڪ جو پرتوو ۽ پاڇو آهن.

شيخ اياز اسان جي ٻوليءَ جي شاعريءَ جي سونهن ۽ سينگار هو پر هن جو مسئلو اهو هو ته هن هڪ ئي وقت ٻيجل به ٿيڻ ٿي چاهيو ته راءِ ڏياچ پڻ ۽ گڏوگڏ ان ڳالهه جو به پورو خيال رکيو ته جيئن ڪنڌ به بچي ۽ تند به بچي. مان سمجهان ٿو ته اياز پنهنجي تند ته بچائي ويو، پر ڪنڌ بچائي نه سگهيو. جيتوڻيڪ پنهنجو ڪنڌ بچائڻ لاءِ هن پوئينءَ عمر ۾ دعائن جو سهارو به ورتو.

ورهاڱي کان هڪدم پوءِ هندوستان جي مرڪزي حڪومت ريل سرشتي جي نئين سر ترتيب ڪندي، اجمير ۾ شاهي لوڪو صنعتي ادارو ۽ ان سان واسطيدار دفتر کولڻ جو فيصلو ڪيو. هزارين ماڻهن لاءِ ملازمت جا واهڙ ۽ وسيلا کلي پيا. سنڌي شرڻارٿين وٽ هڪيو تڪيو بهانو موجود هو ته هو لڏ پلاڻ جي افرا تفريءَ ۾ پنهنجي سڄي سامان سان گڏ پنهنجا ميٽرڪ جا سرٽيفڪيٽ پڻ سنڌ ۾ ڇڏي آيا آهن. آفريڪي پهاڪي موجب، 'منهنجو شاهد ته زنجبار ۾ غلام ٿي وڪامجي ويو آهي.' سنڌين پڻ ڇوڙڻ شروع ڪيو ته اسان جا اسڪولي سرٽيفڪيٽ ۽ شاهد ته سنڌ ۾ وڃي رهجي ويا آهن، اتان وڃي تصديق ڪري سگهو ٿا. ائين ڪيترا سنڌي ريلوي جي آفيسن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ته ڪپي ويا. باقي لوڪوشيڊ جي ٽيڪنيڪي ڪمن لاءِ رياست ٽونڪ، بريليءَ ۽ مراد آباد جا ڪپ ڪئنچيون ٺاهيندڙ مسلمان ڪاريگر ۽ راجستان جي گاڏولي لوهارن جا ٽڪما ۽ لوفر ڇورا اچي پهتا آهن، جن مان ڪيترا اڳتي هلي انجڻين جا هوشيار ڊرائيور پڻ ٿي ويا. سنڌي هندن ته ڪڏهن واڍڪو ڪم ڪيو هو نه لوهارڪو جيتوڻيڪ گهڻو تڻو ذات جا سڀ (لوهاڻا) ٿي آهن. سنڌين کي اچي ڪالر واريون، ميزن ڪرسين تي آرام سان اچي ويهڻ جون ملازمتون ملي ويون. سنڌ ۾ پنج ڇهه انگريزي درجا پڙهيل عاملياڻيون ڇوڪريون به اچي نوڪرين سان لڳيون. سهڻين عاملياڻين کي انٽرويو ۾ ڇونڊڇڻ لاءِ هڪ مٺي مُرڪ ۽ ڪنڌ جي ناز نخري واري لوڏ ئي ڪوڙ هئي. مقرريءَ جا ليٽر وٺنديون ويون ۽ آفيسن جي نئين ڪرسين تي قبضو ڪنديون ويون.

منهنجو هڪ ڏورانهون مائٽ هو ريلو مل. آچاريه ڪرپالاڻيءَ وانگر سنڌ ۾ مئٽرڪ ۾ ست ڀيرا ناپاس ٿيو. اجمير اچي يونيورسٽيءَ کي رحم جي درخواست ڪيائين، "اٺون ڀيرو امتحان ڏيئي آيو آهيان. ضرور پاس ٿيو هوندس. لاڙڪاڻي جي اسڪول ۾ نئين آيل مهاجر هيڊ ماستر موچڙا ڏيئي اسڪول مان ڪڍي ڇڏيو. ورنه سرٽيفڪيٽ وٺي پوءِ ئي اچان هان. "ڪاڪي تلوڪچند کان چئه چواءِ ڪرائي مڙيو ڪو M. A (Matric Appended) جو سرٽيفڪيٽ هٿ ڪيائين. ريلوي آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ لاءِ انٽرويو ڏيڻ ويو. ائنگلو انڊين آفيسر سوال پڇيس، "نام ڪيا هي؟"

"ريلومل."

"ڪيا، ريلومل؟ اڙي جب نام هي ريلو مل هئه ته ريلوي مين نوڪري ڪيسي نهين دينگي؟ مئٽرڪ ڪا سرٽيفڪيٽ هئه؟"

"صاحب، وه ته لاڙڪاڻي ۾ ره گيا. باقي امتحان ۾ بئٺني ڪا ليٽر هئي."

"اڇا، ٺيڪ هئه. ڪل ايڪ روپئي ڪي اسٽامپ پيپر پر حلف نامه ٽائيپ ڪراڪي آنا، اور مقرري ڪا ليٽر لي لينا."

منهنجو اهو مائٽ ريلومل ميٽرڪ پاس ڪري سگهيو يا نه، پر ترقي ڪندو ائڊمنسٽريشن جي سپرنٽينڊنٽ جي عهدي تي پهتو. نه رڳو ڪيترائي سنڌي جئپور ۽ الور کان پالٽپور تائين ريلوي جي ملازمتن ۾ رکيائين، پر راجستان ڊويزن جي هر وڏي اسٽيشن تي ڪئٽرنگ ۽ Refreshment Rooms جا گهڻا تڻا ٺيڪا سنڌين کي ئي ڏنائين، جيڪي ٻن چئن سالن ۾ ئي ڪوڙن سان پئسا ميڙڻ لڳا. هر اميدوار کان نالو پڇڻ کان پهرين پڇندو هو "ڪٿان جو آهين.؟"

جي لاڙڪاڻي ضلعي جو هوندو ته وڌيڪ سوال ئي نه ڪندس، نوڪري تي چاڙهي ڇڏيندس يا ٺيڪو ڏيئي ڇڏيندس. ڇوندا آهن ته پروفيسر رام پنجواڻي به بامبي يونيورسٽيءَ ۾ ائين ئي ڪندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جا ڪيترا سنڌي ساهتڪار، گووردڻ محبوباڻي، ايشور چندر، هري همتاڻي، سيرو سياهه ٻيا ڪيترا پڻ اجمير جي ريلوي کاتي ۾ سولائيءَ سان نوڪريون هٿ ڪري آفيسن جا فائل پورا ڪرڻ بدران سنڌي شاعري، ڪهاڻين ۽ ناولن جا فائل پورا ڪرڻ لڳا. رتي ديري جي هڪ نوجوان شنيو جئسنگهاڻي 'ناز' موقعو ڏسي اجمير ۾ پهريون سنڌي ادبي رسالو 'ڪلاڪار' جاري ڪيو ۽ ٻئي ادبي جوڙي جيئانند لالواڻي ۽ شيلا لالواڻيءَ فلم رسالو 'راج فلمستان' نالي شروع ڪيو جنهن لاءِ شيلا (جيڪا پاڻ به خوبصورت فلمي هيروئن لڳندي هئي) بمبئيءَ وڃي ثريا، نرگس، مڌوبالا، ريحانه، منور سلطانه ۽ نسيم بانو جهڙين اداڪارائن کان انٽرويو به وٺي ايندي هئي ۽ کانئن پنهنجي رسالي جا مهورت پڻ ڪرائيندي هئي. ٻئي رسالا بيحد مقبول ٿيڻ لڳا. ڪاڪي تلوڪچند روزاني اخبار شروع ڪئي. فتح چند واسواڻيءَ سنڌ ۾ جاري ڪيل 'سندر ساهتيه' نالي ادبي ادارو نئين سر شروع ڪيو جنهن طرفان ناول ۽ ڪهاڻين جا مجموعه شايع ٿيڻ لڳا. پريداس برهمچاريءَ ۽ تيرٿ وسنت پڻ گڏجي ادبي اشاعتون شروع ڪري ڇڏيون. ڏسندي ڏسندي اجمير ۾ سنڌي اديبن، ڪلاڪارن، ايڊيٽرن، پبلشرن، سنگيتڪارن، ڳائڻن، پڳتن جو هڪ وڏو حلقو قائم ٿي ويو. سنڌي ماڻهو ڪتاب ۽ رسالا خريد ڪري پڙهڻ لڳا. ٽڪيٽون وٺي سنڌي ناٽڪ ڏسڻ لڳا. ڏکڻي بزار ۾ سڄي سڄي رات جاڳي زالين مردين پڳتيون ڏسڻ لڳا.

انهيءَ دوران بمبيءَ جي ريلوي کاتي ۾ هڪ روشن دماغ ۽ قابل سنڌي عملدار مسٽر هيرا جنرل مئنيجر ٿي آيو ۽ هن به بمبئي ڊويزن جي ريلوي ۾ اڪيچار سنڌي ڀرتي ڪيا. اسان جي ادبي برادريءَ جا ڪيترا فرد، موهن ڪلپنا، لعل پشپ، ايم ڪمل، ايشور آنچل، راجن چاولا ۽ داس طالب وغيره پڻ ريلوي ۾ نوڪريون هٿ ڪري، ادبي تخليقن ۾ لڳي ويا. ويجهڙائي ۾ مسٽر هيرا جي سوٽ، بمبئيءَ جي مشهور اکين جي سرجن ڊاڪٽر هيرانندڻيءَ پنهنجي وصيت ۾ چيو آهي ته منهنجي انتقال کان پوءِ منهنجيون ٻئي اکيون ڊونيٽ ڪيون وڃن، پر هڪ اک هندوستان جي نابين ۽ ٻي اک پاڪستان جي نابين کي هڻئي وڃي. مان سمجهان ٿو ته ملڪي ۽ مذهبي رواداريءَ جو اهڙو مثال ڪو سنڌي ئي قائم ڪري سگهي ٿو.

خواجا غريب نواز جي درگاهه تي منهنجن سجدن ۽ سلامن جو سلسلو جيئن جو تيئن جاري رهيو. ڏسندي ڏسندي اجمير شهر ۾ ٽي ٻاويهه سنڌي ميڊيم وارا اسڪول کلي ويا. مون به اسڪول ۾ داخلا ته ورتي، پر ڪلاسن ۾ وڃڻ بدران 'سندر ساهتيه' وارن جي ڪتابن جي دوڪان تي وينو منشي پريمچند ۽ شرت چندر جا ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهندو هوس. پڙهي ٿڪجي پوندو هوس ته درگاهه جي سنگ مرمر جي فرش تي وڃي سمهي پوندو هوس.

اجمير ۾ دادو ضلعي جو پڳڙو مل هوندو هو. هو اکين سڄو نه هو. خبر ناهي ته ڄائي ڄم کان نابين هو يا پوءِ ماتا نڪرڻ ڪري ٿيو. پر هن جي ڇهين حس تمام تيز هئي. هو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچو ڏينهن نلا بزار ۾ ڊگهي بزار، درگاهه بزار ۾ بنا لڪڻ جي سهاري گهمندو رهندو هو ۽ هر واقف دوڪاندار کي ڪيڪاريندو ويندو هو. سدائين اڇا ڪپڙا پائيندو هو. هن کي سچو شاهه جو رسالو برزبان هو ۽ شاهه سائينءَ جي هر بيت جون ڪيتريون ئي معنائون، مطلب مفهوم ڪڍي ٻڌائيندو هو. انهن ڏينهن ۾ نارائڻ شيام ۽ تيرٿ وسنت به اتي رهندا هئا. پڳڙو مل نابين جڏهن اجمير جي شاعرن، اديبن، سنگيتڪارن ۽ پڳتن وچ ۾ ويهي کين شاهه جي بيتن جون ڪيئي معنائون ٻڌائيندو هو ته هو سڀ واتڙا ٿي ويندا هئا. ڏهاڪو سال اڳ پڳڙو مل راهه رباني وٺي ويو آهي، پر اڳتي هلي مان جڏهن به اجمير ويندو هئس ته پڳڙي مل سان ڪاري کهيءَ ملڻ ضرور ويندو هئس. هو روزانو پابنديءَ سان درگاهه شريف جو پيرو ڪندو هو ۽ اسين ٻيئي گڏجي درگاهه جي جهروڪي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ اچي ويهندا هئاسين.

منهنجي ڪاليج جي زماني ۾ جڏهن مان ۽ گوبي، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي 'خادم' وٽ شاهه لطيف پڙهندا هئاسين ته مان شاهه لطيف جا ڪيترائي بيت نوٽ ڪري، اجمير اچڻ تي پڳڙي مل کان انهن جي تشريح ڪرائيندو هئس. مون کي ياد آهي ته شاهه سائينءَ جي سٽ، "رتيءَ جي رهاڻ، جيءَ اڙايم جت سين." جون پڳڙي مل مون کي ٽي مختلف معنائون سمجهايون هيون. مون اهي جڏهن دهليءَ ۾ خادم صاحب کي ٻڌايون ته کيس اهي ٽيئي معنائون دل سان لڳيون هيون ۽ علامه ڊاڪٽر دائود پوٽي جو سعادتمند شاگرد ڊاڪٽر هرومل 'خادم' خاص اجمير ڪهي ان نابين فقير سان ملڻ ويو هو.

هندو جاتيءَ جي ڌرمي وشواس موجب، رامچندر ۽ ڪرشن مهراج ته ڀڳوان جا روپ آهن، پر سندن سوين ديوتائن ۽ ديوين ۾ ٽي اوتار برهما، وشنو مهيش (شيو شنڪر) اهم ديوتائون آهن.

انهن ٽنهي ۾ برهما هن جڳ جهان جو اپائيندڙ آهي. وشنو سيني جو پاليندڙ ۽ شيو شنڪر وناس ڪندڙ (مارينڊڙ) آهي. هندوستان خواهه دنيا جي ٻين ڪيترن ملڪن ۾ وشنو (جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ڪرشن جو ٻيو روپ آهي) ۽ شيو شنڪر جا ته هزارين مندر آهن پر برهما جو سڄي هندوستان ته ڇا، سڄيءَ دنيا ۾ هڪ ئي مندر آهي، جيڪو اجمير شهر کان اٺ ميل مٿي، پهاڙيءَ تي وسيل خوبصورت تيرٿ آستان پشڪر ۾ آهي. هندو ڌرم ۾ هن جڳ جي تخليق ڪندڙ اوتار برهما جي پوڄا ڪرڻ پڻ ممنوع آهي. روايت موجب برهما هڪ ننڍڻ جوڳو اوتار آهي. ڇو جو هن پنهنجيءَ ڌيءَ سان مبشارت ڪري، هيءَ جڳ جوڙيو. ان ڪري هن جو اهو پاپ ملامت جوڳو آهي.

مان پنهنجن ڪن اسڪولي دوستن سان گڏجي، ڪيسن ۾ بس جو پاڙو نه هئڻ ڪري، پشڪر پنڌ ئي پنڌ ويو هئس. بيحد دلفريب منظر هو. دنيا جي هڪ ئي برهما جي شاندار مندر جي ڏاڪن تي ويهي سوچي رهيو هوس ته برهما اهڙو ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو جو هن سان عقيدت رکڻ کان منهن موڙيو ٿو وڃي. جيڪڏهن هو اهو گناهه نه ڪري ها ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ جڳ ڪيئن سرجي ها؟ وشنو اوتار ڪي تہ پنهنجي پتني لڪشمي هئي. سرسوتي بہ هن جي ساهيڙي هئي. شيو مهراج ڪي بہ پاروتي هئي. برهما جي پتنيءَ جو نالو تہ ڪنهن بہ پوٿيءَ يا پراڻ ۾ نہ آيو آهي. اسان وٽ وشنو پراڻ ۽ شيو پراڻ جهڙا پستڪ تہ پيا آهن، پر برهما پراڻ جو تہ ڪو وجود ئي ڪونهي. ڌرمي عقيدي موجب برهما پنهنجي اها ڌيءَ (جنهن جو ڪوبہ نالو ناهي) پنهنجن ٻچائن (ٻانهن) مان (شايد هٿ رس ذريعي پيدا ڪئي هئي.) ان ڪان اڳتي ڪٿي بہ برهما جي جنسي زندگيءَ جو ڪو ذڪر نٿو ملي. وشنو لڪشميءَ جون، ڪرشن ۽ راڌا، ڪرشن ۽ رڪمڻي، ڪرشن ۽ ستياما، ڪرشن ۽ گوپين جون جدا جدا روپن ۾ سندن عشق ۽ پيار جون ڪيئي ڪهاڻيون ملن ٿيون، پر برهما هڪ ئي عورت ڪي پاڻ پيدا ڪري، ان سان ئي سنڀوڳ ڪيو.

شِوَ مهراج پاروتيءَ ڪي مرد ۽ عورت جي جماع جا جيڪي هڪ سئو اٺ ٽيڪنڪس، ڪلائون ۽ هنر ٻڌايا هئا، اهي هندوستاني ثقافتي ورثي ۽ ميراث جو اهم حصو آهن. پارتي يوڳ ولاس جي هنر ان ميراث ڪي ڪاجو راهو ڪونارڪ جي مندرن جي پٿين ڇتين تي سنڀوڳ جي چوراسي آسڻن جي شڪل ۾ پٿرن ۾ تراشي محفوظ رکيو ويو آهي، جيڪي هندوستاني فنڪاريءَ جو نادر نمونو آهن. شيو جي مندرن جي اندرين اونداهين غفائن ۾ ايا ڪري بيهاريل شيو لنگ، حقيقت ۾ مرد ۽ عورت جي جنسي عمل ڪان اڳ، شيو مهراج جي اندريءَ جو ڀرپور آڪار آهي. اها هن جڳ جو وناش ڪرڻ واري شوتانڊو (شيو جو موت جو ناچ) ڪندڙ اوتار لاءِ عقيدت آهي. ان عقيدتمنديءَ جي انتها اها آهي، جو هندن جي ڪن ذاتين (خاص طور گجراتيءَ ۽ مارواڙي) جي ڪنوارين يا بي اولاد عورتن ڪان شيو جي لنگ جي پوڄا ڪرائي وندي آهي، جيڪي ان لنگ تي گلن جون مالهائون چاڙهينديون آهن ۽ ان آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي، ان سان پنهنجو نرڙ گسائينديون آهن. بهرحال، هن جڳ جو اپائيندڙ برهما، پنهنجي اڪيلي مندر ۾ حيرت سان هي تماشو ڏسندو رهندو آهي.

ڌرم ۽ مذهب جي نالي هن ڌرتيءَ تي ڏاڍو رت وهائي، انسان ذات سان وڏا راڱا ڪيا ويا آهن. ڌرمي انڌن وشواسن ۽ مصنوعي مذهبي عقيدن، سماج جي اهڪ اشراف طبقي جي زندگي زهر ۽ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. لڪين انسانن جي قتل وغارت ۽ دربدريءَ جي داستانن پويان مذهبي ۽ ڌرميءَ ديوانگيءَ جا رت پڌل خنجرن وارا خوني هٿ لڪل آهن. رومي ڪليسائن ۾ ڪيل قتل، مندرن، مسجدن، پيرن جي تڪين ۽ ٻاون ٻانيٽن ۽ پنڊتن جي غلام گردشن ۾ پلجندڙ سازشون، مون پاڻ ڏٺيون ۽ ڀوڳيون آهن. هردوار جهڙي پويتر تيرٿ آستان تي، جڏهن بہ ڪو ڪريا ڪرم ڪرڻ ويو آهيان تہ صبوح جو پوڄا ڪرائڻ واري ان پنڊي ئي مون لاءِ رات جي مئہ نوشيءَ جو انتظام پٺي ڪيو آهي ۽ مون شراب ۾ سوڍا بدران گنگا جل گڏي ئي پئي پيتو آهي ۽ انهن ئي پنڊن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ اسان جي خاندان جي ستن پشتن جو رڪارڊ بہ محفوظ آهي. هوئي اسان کي اسان جي ولديت ٻڌائي سگهندا آهن.

هنديءَ جي مشهور ليکڪا ڪُسم انسل ۽ آسامي اديبہ اندرا گوسوامي، ڪرشن جي جنم ڀوميءَ مترا ۽ برندابن جهڙن ڌرمي استانن تي ذاتي تجربا ۽ انيو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترو عرصو اتي پاڻ وڃي رهي ڏٺو آهي. پنهنجن گهرن گهاٽن کان مٺا ڪوڙائي، ڌڪاڻجي نڪتل جوان ۽ اڌيڙ عمر هزارين وڌوائون، برندابن جي مندرن ۾ ڏاڍي ذلت آميز زندگي گذاري رهيون آهن. اهو دل سوز احوال پڙهي لڱ ڪانڊارجي ٿا وڃن. محترمہ ڪُسم انسل پنهنجيءَ تحرير (برندابن جون وڌوائون) ۾ لکي ٿي. "برندابن جي گهٽين ۾ پيرين پنڌ هلندي، مندرن جا درشن ڪندي، ٻلرام ۽ بانڪي بهاريءَ جون دلڪش تاريخي مورتيون ڏسندي، مون کي احساس ٿيو تہ سڀ مورتيون ۽ انهن مورتين جي غير متحرڪ اکين جون اهي تيز نگاهون مون کي گهوري رهيون هيون. سندن دلنشين چپن تي بيهجي ويل اها مرڪ: منهنجن حواسن کي ڇهي رهي هئي. جيئن ان نگاهہ سان منهنجي اندر ۾ ڪو احساس پيدا ٿيڻ تي لڳو. پنڊتن جي پيهہ پردو ڪسڪائي ڀڳوان ۽ منهنجي وچ ۾ رابطي جو سلسلو ختم ڪري ٿي ڇڏيو. اگربتين جو دونهون، پيهہ جو شور، پوڄارين جون التجائون، ورهائجندڙ پرساد، اچلايل گلن جا ڍير، وشواس کي جاڳائي رهيا هئا يا وسواس کي ٽوڙي رهيا هئا. پيلن ڪپڙن ۾ پيٽ ڪنهندڙ پنڊا ۽ چڙهاوي جي رسم نيائيندڙ پوڄاري، هڪ آمرانہ سماج جي سازش جو سڪار، اهي ڌرم جا دعويدار مون کي شڪ شبهي جي ڏبڻ ۾ ڏڪي رهيا هئا."

مان پاڻ ڪيئي ڀيرا هر دوار، رشيڪيش، ڪاشي، جگن ناٿ پوري، ايوڌيا، وينڪٽيشور، راميشور، مترا ۽ برندابن جهڙن تيرٿن تي ويو آهيان ۽ ڌرم جي نالي ۾ ٿيندڙ هر بيهودگيءَ ۽ بڇڙائيءَ جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. انهن جڳهين تي ڀڳوان کي ڪيئن تجارت جي سامان جيان وڪيو ويندو آهي، اهو بہ ڏٺو اٿم ۽ مون کي اهوئي احساس ٿيندو آهي تہ ڀڳوان جي اڳيان اسين ئي تجارت جو مال آهيون ۽ اسان سان ئي واپار ٿي رهيو آهي. ڪاشيءَ جي وشواناٿ مندر جي گهٽي پار ڪرڻ سان ئي بنارس جي چڪلي، 'ڊال ڪي منڊي' جون گهٽيون شروع ٿين ٿيون. مون کي جوش مليح آباديءَ جي سوانح، 'يادون ڪي برات' ۾ اهو پڙهي بنهہ حيرت نہ ٿي، تہ ڪيئن هو ڪاشيءَ ۾ گنگا ڪناري صبح جو وهنجندڙ سندريءَ جي عشق ۾ گرفتار ٿي، نرڙ تي تلڪ لڳائي ۽ اگهاڙي بدن تي جٽيو پائي، هن جي ديدار لاءِ ساڌن گڏ وشوناٿ مندر ۾ بيهي گهنٽيون وڄائيندو هو.

اڄ ڌرم ۽ مذهب اسان کي اهڙن چڪلن ۽ چوراهن اڳيان آڻي بيهاريو آهي، جتي اسان کي ٻي علم ۽ ڪند ذهن ٻاون، ٻانيٽن، پنڊتن، ملن، مولوين پنهنجي چار ۾ ڦاسائي اسان جي عقل ۽ علم تي پڻ پردو وجهي ڇڏيو آهي. اهي نوان مکوٽا پائي، اسان جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شعور ۾ وشواس کي جهنجوڙڻ ۾ گمراھ ڪرڻ لاءِ سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ ٽيليويزن تائين پهچي ويا آهن ۾ گيتا، رامائڻ، مهاڀارت، قرآن ۾ حديث جهڙن مقدس ڪتابن جي تعليم ڏيڻ لاءِ رنگين ۾ دلڪشن نقابن ۾ جاڙي بازيءَ سان اسان جي گهرن جي ڊرائنگ رومن ۾ اسان جي روبرو اچي بيٺا آهن.

ڪُسم انسل اڳتي لکي ٿي: ”ڪرشن جي راس رچائڻ وارين برندابن جي گهٽين ۾ انتها پسنديءَ وارين ڌرمي وهنوارڪ رسمن جي بدبوءِ ڦهليل ڏسي، منهنجو ساھ منجهڻ لڳو هو. جانورن جي واڙن کان به ويل ’وڌوا آشرمن‘ (جن کي ڪن دانوير سيٺين ڌرم جي نالي ۾ ٺهرايو هو) ۾ هڏين جا پڃرا بڻيل اهي وڌوائون، جن جي چهرن تي رڳو چميل اکيون، سندن جيئري هئڻ جي ثابتي ڏيئي رهيون هيون، جن جي شڪلين تي بک جون لڪيرون پريان کان ڏسجي رهيون هيون، انهن بيواهن جي آشرمن جو ڪال ڪوٺڙيءَ جهڙو ماحول، وڪامجندڙ جسم، چوريءَ ٽيندڙ جسم فروشي، ’هري ڏن‘ جون ڪڙتالون وڄائيندڙ بيوس هٿ، بي زبان چهرا، انهن وڌوائن جو ’هري ڏن‘ جو ٻارنهن ڪلاڪ جاپ ائين لڳندو آهي، ڄڻ ڪنهن ڪوڪي مٿان متڙڪو لڳي رهيو آهي. اهي آشرم انهن وڌوائن کي، انساني مخلوق کي، قدرتي عملن کان الڳ ڪري، ڪين محڪوم ۾ غلام جنس ۾ بدلائي رهيا آهن. جتي هو پنهنجون صلاحيتون ۾ احساس وڃائي، اپاهجن جيان ڪوبه ڪم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيون ويون آهن. ڪين سڀ ڪجھ ڪرڻو پوندو آهي. ڇهن ڪلاڪن جي جاپ کان سواءِ ڪين جسم فروشي، پنڻ يا ان کان به ڪريل ڪم، جيڪي آشرمن جي عهديدارن جي حڪم ۾ نفساني خواهشن تي منحصر هوندا آهن، ڪرڻا پوندا آهن.

آشرمن جي ڀر وارن مندرن ۾، جتي هڪ پاسي ڀڳوان جون خوبصورت مورتيون آهن ته ٻئي پاسي ننگن، ڳنڍي چوڙن کي بچاءُ ڏيندڙ مهنت آهن. ٻين جي زالن کي زوري ڪٽائي زنا بالجبير ڪرڻ وارا پوڄاري آهن. ساڻن گڏ ڀر وارن تختن تي اڏا ڄمايل پوليس وارا ۾ سندن پاليل غنڊا ويٺل آهن.

پشڪر رڳو برهما جي خوبصورت مندر ڪري ئي رمڻيڪ آستان نه آهي، پر ان جي پويان هڪ ڦهليل ۾ وسيع سروور (تلاءُ) پڻ پشڪر جي سونهن ۾ اضافو آڻي رهيو آهي. ان سروور ۾ به وڏا واڳو به هئا. ڪجھ وقت لاءِ ان سروور کي هتراڌو طور سڪايو ويو. هڪ مارواڙي نگر سيٺ جون جوان ننهن ۾ ڌيءَ پشڪر جي ان سروور ۾ سنان ڪرڻ آيون. تڙڳندي تڙڳندي پريرو نڪري ويون. ٻنهي واڳن وات ڦاڙي ڪين ڳڙڪائي ڇڏيو. مارواڙي سيٺ حڪومت کان اجازت وٺي، لکين روپيا خرچ ڪري اهو سروور سڪارايو ۾ وڏا وڏا شڪاري گهرائي، واڳن کي مارائي، انهن جا پيٽ چيرايا. واڳن جي پيٽن مان ڇوڪرين جي هڏن جا پڃرا نڪتا، جن جي ڳڇيءَ ۾ قيمتي چندن هار ۾ ٻانهن ۾ سونيون ڪنگٽيون جرڪي رهيون هيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي سينين، پشڪر ۾ ڪيترائي آشرم، ڌرمشالائون، مسافر خانا، گيسٽ هائوس ۽ هوٽلون قائم ڪيون آهن. ڪيترائي ساهتڪ سيمينار پڻ اتي ٿيندا رهيا آهن. پرڏيهي سياحن ۾ هپين جي خاص پيهه پشڪر ۾ سدائين نظر ايندي آهي. چرس، گانجي، آفيم ۽ ٻين نشيدار شين جو برهما جي مندر سامهون کلي عام ڪاروبار ٿيندو رهندو آهي. ڀاروتڻ ۾ پنهنجي نانيءَ جي پياريل سُتيءَ ۾ پيل آفيم کان پوءِ، پهريون ڀيرو مون پشڪر ۾ ئي آفيم جو ڊوز ورتو هو ۽ هڪ سنت جي آشرم ۾ ٻه ڏينهن گهري ننڊ ڪئي هئي.

نارائڻ شيام کي پشڪر سان خاص لڳاءُ هو. شيام ۽ مان اتي اڪثر ويندا رهندا هئاسين. پنهنجيءَ سٺي صحت وارن ڏينهن ۾ گوورڌن محبوباڻي پارتي به اسان سان گڏ هلندو هو. گوورڌن گذريل چاليهن سالن کان هڪ ڦڦڙ تي جي رهيو آهي ۽ ڪيتري عرصي کان بستري تي داخل آهي. نارائڻ شيام اسان کي چوندو هو ته رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو سيني ذميوارين کان آجو ٿي، پشڪر ۾ ئي اچي زندگيءَ جون پويون وقت گذاريندو. پر زندگيءَ شام کي ايتري مهلت ئي نه ڏني، جو هو پشڪر جهڙيءَ جڳهه تي اچي پنهنجو آشيانو اڏي سگهي. شيام سان پويون ڀيرو جڏهن مان اجمير ۽ پشڪر آيو هئس، تڏهن درگاهه جي هيڊ مجاور سان ڪچهري ڪندي، اسان جي نظر اندر وڃڻ واري در مٿان لڳل تختيءَ تي پئي. ’جيب تراشن کان خبردار رهو‘ مون ۽ شيام هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. مجاور اسان کي اتي ٿيندڙ ڏوهن جا تفصيل ٻڌائڻ لڳو. درگاهه ٻاهران ٻه پوليس وارا بيٺا هئا ۽ سامهون درگاهه بزار جي موڙ وٽ پوليس ٿاڻو کوليو ويو هو.

پشڪر جي هڪ آشرم ۾ ٻه راتيون رهندي، شيام سروور جي گهاٽ تي ڪيترين ئي ڪوتائون، ڪڏهن ڪنهن پني ٽڪر تي ۽ ڪڏهن پنهنجي ڪاپي هٿ جي ترئيءَ تي لکندو ويندو هو ۽ مان شيام جو اهو وجداني روپ ڏسندو رهندو هئس.

ان چانڊوڪي رات ۾ نارائڻ شيام ۽ مان رات جو دير دير تائين پشڪر جون گهٽيون گهمندا رهياسين. اڌ رات جو آشرم ڏانهن موٽندي، اسان ڏٺو ته برهما جي مندر جي اين ڏاڪن تي هڪ آدم قد لنگور ’مُشت زني‘ ڪري رهيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻارهون پنو

ڪالهه (31 جولاءِ 2004ع) مديا پرديش رياست جي رومانوي ۽ رمٽيڪ علائقي مانڊوءَ مان موٽيو آهيان. مانڊوءَ ۾ ٽن ڏينهن جو ساهتڪ سيمينار هو جنهن ۾ مون کي سنڌي شاعريءَ جي نون اڀرندڙ آوازن تي پيپر پيش ڪرڻو هو. جتي سنڌ ۾ شاعريءَ جي زمين تي نون آوازن جو پيلو فصل لهي رهيو آهي، اتي هند ۾ ڏينهون ڏينهن بحر بيابان ٿي رهيا آهن ۽ شاعريءَ جون ٽنيون سڪي رهيون آهن. گڏهن جا هر زمين بدران آسمان تي هلي رهيا آهن. اسان جي نئين نسل جا شاعر ۽ شاعرائون سوچي مڪاني يا هندي ٻولين ۾ رهيا آهن ۽ لکي سنڌيءَ ۾ رهيا آهن. وٽن رڳو نئين ڪوتا جي تڪ بنديءَ ۾ لفظن ۽ انهن جي منجهيل معنائن جا طلسم وڃي رهيا آهن. پوءِ به جڏهن ڪنهن نئين آواز ۾ ڪو نئون نقطو نظر ايندو آهي، تہ اسان ۾ هتان جي نئين نسل بابت هڪ آس اسري پوندي آهي، حالانڪ منهنجيءَ نظر ۾ شاعريءَ ۾ ڪو نقطو پيدا ڪرڻ هرويرو ڪا وڏي شاعري ناهي.

مانڊوءَ جي محلاتن ۾ راڻي روپمتي ۽ باز بهادر جي عشق جو داستان هر دروديوار تي اُڪريل آهي. ان ڪري مانڊوءَ کي ديو مالائي عشق جو تفريحي شهر ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. زندگيءَ جي عيش عشرت جي هر پهلوءَ کي پٿرن ۾ اُڪاري، شاعر شهزادي باز بهادر جي پنهنجيءَ حسين راج راڻي روپمتيءَ سان پهرين لڪ ڇپ واريون ۽ پوءِ کلي عام پيار جا پينگ لڙائڻ واريون تصويرون ۽ چتساليون ڳُنڊ ڪيل آهن. مالوا جا چارڻ ۽ ڀٽ شاهي گهراڻي جي انهن عاشقن جي عشق جا داستان سُر تال ۾ ڳائي، ٻڌندڙن مٿان وجداني ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندا آهن. خوبصورت پهاڙيءَ جي ٻن آمهون سامهون چوٽين تي، روپمتيءَ جي محل جي جهروڪي مان، باز بهادر جو شاندار محل ڏسندا رهياسين. جيڪو افغاني تعمير فن جو نادر نمونو آهي.

ونڌيا جبل جي قطارن وچ ۾ وسيل مالوا خطي جو ٻہ هزار فوٽ اوچائيءَ وارو قلعائي تخت گاهہ مانڊو تيرهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين پرمار گهراڻي جي راجپوتن جي حڪومت هيٺ رهيو. افغاني سلطانن اتي پنهنجي حڪومت قائم ڪري، ان کي نئون نالو 'شادي آباد' ڏنو ۽ افغاني طرز تي ڪيترائي محل تعمير ڪرايا. جن مان جهاز محل،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منڊولا محل، هوشنگ شاهہ جي مزار مٿان اڏايل محلات وغيره. چون ٿا تہ شاهہ جهان کي تاج محل تعمير ڪرائڻ لاءِ اتان ئي بشارت ملي هئي. مغل حڪومت دوران ماندو شاهي خاندان جي شهزادن لاءِ هڪ تفريح گاهہ هو. حالانڪ شهزادين کي اتي وڃڻ جي اجازت نہ هئي تہ مٿان هو بہ نہ راڻي روپمتيءَ وانگر عشق مزاجيءَ ۾ اڙجي وڃن. ماندوءَ اچڻ وڃڻ جا جيڪي ٻارهن دروازا آهن. انهن مان، ڪنهن مان، ڪٿان ڪنهن عاشق سان پڇي نہ وڃن.

هوشنگ شاهہ جي مزار مٿان جيڪو سنگمرمر جو مقبرو تعمير ٿيل آهي، خوبصورتيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. شاهہ جهان پنهنجن جن تعميراتي ماهرن کي ماندوءَ ۾ ان مزار جو معائنو ڪرڻ لاءِ موڪليو هو، انهن ۾ استاد حميد پڻ هو. جنهن اڳتي هلي تاج محل جي اڏاوت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. دمشق جي عظيم مسجد جي طرز تي، شاهہ جهان ماندوءَ ۾ جامع مسجد جوڙائي ۽ هوشنگ شاهہ جي جاءِ نشين محمود شاهہ خلجيءَ جامع مسجد سامهون ئي اشرفي محل جوڙايو. جيڪو خلجي گهراڻي واري دؤر ۾ علمي مرڪز وارو اعليٰ مدرسو ٿي رهيو.

ان ئي اشرفي محل ۾ اڄ سنڌي ساهتڪار سنڌي شعر و ادب تي پنهنجا مقالا پيش ڪري رهيا هئا. سامهون ئي ڪنهن وقت ميواڙ جي راڻا ڪنڀا جي ستن منزلن ۽ منارن واري محل جو هاڻي رڳو هڪ ئي منارو وڃي بچيو آهي.

سلطان غياث الدين خلجيءَ جي ڇئن ايڪڙن ۾ ڦهليل وسيع حرم 'جهاز محل' جي نئين سر تعمير ٿيل ڪمرن ۾، هاڻي سلطان جي بيگمن ۽ عزيزن بدران اسين سنڌي ليکڪ ۽ ليکڪائون رهيل هئاسين. جهاز محل جي ٻنهي پاسي 'منج تلاءُ' ۽ 'ڪپور تلاءُ' هئا، جن ۾ تڏهن سلطان جون بيگمون ترڳنديون هونديون، پر هينئر اتي هوٽلن جا ٻئرا ۽ بارمين آبپاشي ڪري رهيا آهن. گڏوگڏ تعمير ڪيل 'تاويلي محل' جي ڇت تي، سلطان غياث الدين پنهنجي محبوبائن سان چانڊوڪي راتيون رنگ رلين ۾ گذاريندو هو ۽ طوائفن جا مجرا ٻڌندو هو. اتي گذريل رات اسان جي سريلي سنڌي ڇوڪريءَ رات جو ٽين بجي تائين شاهہ لطيف، شيخ اياز، تنوير عباسي ۽ نارائڻ شيام جون وايون، گيت ۽ غزل ڳائيندي رهي ۽ هڪ ٻي ڪلاڪاره پنهنجو نرتيہ پيش ڪندي رهي. سلطان جي هنڊولا محل جي لاهين تان لهندي، اسين هر ڪمال جو زوال ڏسي رهيا هئاسين. هنڊولا محل جي زير زمين خفيہ 'چمپا ڪي باولي' ۾ بيٺي بيٺي، اسان کي احساس ٿي رهيو هو تہ سلطان جي محبوبہ چمپا جي پيرن جي گهنگهرن جا آواز اڃان بہ اسان جي ڪنن ۾ ٻُري رهيا آهن. ان چمپا جي عشق ۾ ئي سلطان شڪ جو شڪار ٿي، پنهنجي سپهہ سالار دلاور خان جو ڳجهہ ڳوهہ ۾ قتل ڪرايو هو ۽ چمپا پنهنجن گهنگهرن بدران پيرن سان دلاور خان جي باوليءَ تي ڦهليل رت مٿان نچي، پنهنجا پير لال لهوءَ سان رنڱيا هئا. مان نهر جي جهروڪي وٽ دير



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين بيٺو‘اجالي’ ۽ ’انڌيري‘ باوليءَ وچ ۾ پيل دلاور خان جو لاش ڏسي رهيو هئس ۽ درويش گدا شاهه جو ان لاش مٿان ماتم ڏسي رهيو هئس.

درويش گدا شاهه جي تڪيي تي بيٺو مان مانڊوءَ جي ريوا ڪُنڊ طرف گهوري رهيو آهيان، جيڪو باز بهادر پنهنجيءَ محبوبا روپمتيءَ جي غسل لاءِ خاص تيار ڪرايو هو. اڄ روپمتيءَ جي ريوا ڪنڊ کي هڪ مقدس آستانو ڪري محفوظ رکيو ويو آهي. پهاڙيءَ تي اڏيل باز بهادر جي پنهنجي محل هيٺيان نربدا ندي وهي رهي آهي، جنهن جي جهروڪي تان هو روپمتيءَ کي پنهنجي پنيءَ تي ويهاري، نوڙيءَ رستي نربدا نديءَ ۾ لٿو هو ۽ ان ئي نوڙيءَ تي جست لڳائي، پنهنجيءَ محبوبا کي ٻانهن ۾ سوگهو ڪري، محلات ۾ مٿي چڙهي آيو هو.

شو مهراج کي نيلڪنٺ پڻ ڪوٺيو ويندو آهي. مغل شهنشاهه اڪبر پنهنجيءَ هندو راڻيءَ لاءِ مانڊوءَ ۾ نيلڪنٺ محل جوڙائي، ان ۾ نيلڪنٺ (شو) جو مندر پڻ جوڙايو. مندر جي ديوارن تي اڪبر جي سنڌي رتن فيضيءَ جون تحرير ڪيل اهي سٽون اُڪريل آهن، جن ۾ هن دنيا جي بي ثباتي ۽ انسان جي اجائي اڊمبر جي مذمت ڪئي آهي. هي اهوئي فيضي هو جنهن لاءِ ايران جي بادشاهه چيو هو ”مان اڪبر جي تلوار کان ايترو نٿو ڊڄان، جيترو فيضيءَ جي قلم کان.“

دريا خان جي مقبري کان راڻيءَ جي محل تائين ٿي ڏينهن مانڊوءَ جي کنڊرن ۾ ڀٽڪندي ڀٽڪندي، مان سوچي رهيو هئس، ”هي دريا خان ڪير آهي؟ ڪٿي اسان جي دولهه درياهه خان جي رتو رت جسم کي سنڌ مان مانڊوءَ آڻي ته دفن نه ڪيو ويو آهي.؟“ اهو ته اسان کي شڪارپور جو شهزادو ئي ٻڌائي سگهندو. جنهن جي ناٽڪ ’دولهه درياهه خان‘، هندوستان جي هر وڏي شهر ۾ هنگامو مچائي ڇڏيو هو ۽ ناٽڪ جي هر شاخ جا هڙيئي ايوارڊ حاصل ڪري، نه رڳو ناٽڪ ڪار پر دولهه درياهه خان جي ڪردار کي به ابناسي بڻائي ڇڏيو هو. تاريخن ۾ اهڙيون ٽيٽيون ٽينديون رهيون آهن. شير شاهه سوريءَ جو موت، دهلي جي پراڻي قلعي ٻاهران بارود ڦاٽڻ سبب ٿيو. پر هن جي قبر بهار پرڳڻي جي هڪ ڏورانهين ڳوٺ ساسارام ۾ آهي. درياهه خان جي مزار مٿان ڪو به ڪُتبو ڳولهي نه سگهيس.

سوچ جي سلسلن جيان سارونٽين جا سلسلا به فاسٽ فارورڊ ٿيندا ٿا رهن. اٺهٺ سالن جي عمر ۾ هي سارونٽيون قلمبند ڪري رهيو آهيان ۽ پهتو اڄان اجمير ۾، ٻارنهن سالن جي عمر تائين آهيان. زندگي ڏاڍي بيوفا آهي، جيڪا سڄيءَ عمر جو وهي کاتو مڪمل ڪرڻ ڏيندي به الائي نه؟ هن وقت ته ڪنڌ جهڪائي ۽ قلم تي هٿ جمائي، جيئن جيئن، جيڪي جيڪي ياد اچي رهيو آهي. رهڙي رهيو آهيان، پر جنهن ڏينهن ڪنڌ لڙڪي پوندو ۽ قلم هٿ مان ڇڏائجي ويندو ته ڪيترو ڪجهه اڻ چيل اندر ۾ ئي رهجي ويندو. رڳو منهنجيون پٽر ٿي ويل اکيون، منهنجي سڄي گهر ۾ ڦهليل انهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن ۾ اٽڪي پونديون، جيڪي مان بنا پڙهئي ڇڏي ويندس. شايد منهنجو اولاد هردوار جي 'هرڪي پوڙي' يا 'گئوگهاٽ' تي منهنجو آخرين ڪريا ڪرم ڪندي، منهنجيءَ رک سان گڏ منهنجا ڪتاب ۽ بيون تحريرون پڻ گنگا ۾ پرواهہ ڪري ايندو. باقي منهنجي مئہ خاني مٿان تہ منهنجا ڪيئي مٽ مائٽ مکين جيان اچي مڙندا.

هن وقت مون کي شيخ اياز ڏاڍو ياد اچي رهيو آهي. پوئين پيري جڏهن مان هن سان (مئي 1997ع ۾) مليو هئس تہ مون کي چيو هئائين، "ڪومل، مان پنهنجي آتم ڪٿا جا گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ جلد ضرور لکندس." پر هو ان جا چار جلد مس مڪمل ڪري سگهيو. اياز پنهنجو ڪيترو نہ ساهتڪ سرمايو ۽ اعترافات پنهنجي سيني ۾ سانڍي لحد ۾ لٿو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪڏهن هن لاءِ صور اسرافيل وڄي پوي ۽ قيامت واري ڏينهن هو پنهنجيءَ آتم ڪٿا جا باقي اڻ ڇپايل حصا، فرشتن اڳيان بارگاهہ عالم ۾ اعمال نامي جي صورت ۾ پيش ڪري.!!

پر مان نہ رڳو رک جو ننڍڙو ڍير هوندس، جيڪو ٽين جي ڪنهن دٻي ۾ بند ٿي، گنگا يا جمنا جي وهڪري ۾ وهايو ويندس (سندس رک چام شورو پل وٽ سنڌوءَ ۾ پرواهہ ڪئي وئي) ۽ مان ڪو ققنس ناهيان، جو پنهنجيءَ ئي رک مان ٻيهر جنم وٺي سگهان.

اجمير جي ادبي ماحول ۾ انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ اڻ ڄاتل اديب، نند ريجهسنگهاڻيءَ جو هڪ ڪتاب شايع ٿيو.'عشق جا مزا.' ڪتاب ڇا ظاهر ٿيو سڄي سنڌيءَ سماج ۾ ترٿلو مچي ويو. هندوستان جي هر شهر ۾ ڪتاب جون هزارين ڪاپيون هٿئون هٿ وڪامڻ لڳيون. نئين آزاد ماحول ۾ آيل نوجوان ڇورا ڇوريون ڇتا ٿي پيا. سنڌيءَ ۾ هيءَ پهريون ڪتاب هو جيڪو ڪوڪ شاستر ۽ ڪاما سوتر جهڙن ڪلاسيڪي ڪتابن کي بہ شهہ ڏيئي ويو. نارمن ملر (Norman Miller) بہ پنهنجن ڪتابن ۾ رمزيت ۽ ڪنايات کان ڪم ورتو آهي، پر نند ريجهسنگهاڻي مهراج ڪوڪا، وتساين ۽ نارمن ملر کان بہ اڳتي وڌي ويو. ڪتاب جو ادبي معيار ڪريل نہ هوندي بہ، آدرشوادين ۽ اخلاق پرستن ۾ هاءِ هاءِ مچي ويئي. ڪاڪي تلوڪ چند، ميلا رام منگترام، آسن داس ٻجلاڻي، نارائڻ داس رتنمل، ميوا رام ٻمڀاڻي ۽ ٻين 'مارلٽيءَ جي مبلغن'، عدالت ۾ نند ريجهسنگهاڻيءَ خلاف فحاشيءَ ۽ سوسائٽيءَ کي آلوده (Pollute) ڪرڻ جي الزامن هيٺ درخواست داخل ڪئي.

مان تہ اجمير ڇڏي آيس، پر چون ٿا تہ مقدمو اجمير ۽ جوڌپور جي عدالتن ۾ ٻن ٽن سالن تائين هليو ۽ نند کي ٽي سال ٽيپ آئي. ٽيپ ڪاٽي هن الهاس نگر ۾ اچي لعل پشپ سان هڪ اشاعتي ادارو شروع ڪيو.ان اداري اڳتي هلي خالص ادبي ڪ-ب ٿي شايع ڪيا. ڪتاب جي پبلشر شميو جئہ سنگهاڻي 'ناز' تي بہ وارنٽ نڪتو. پر هو رات رات ۾ پنهنجو رسالو"ڪلاڪار" سميتي، آفيس کي ڪلف لڳائي، مئٽرڪ جي امتحان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ دهليءَ مان آيل هڪ بيحد حسين شاگرديائيءَ کي اجمير مان پڄائي، پنهنجي اثر رسوخ واري وڏي ڀاءُ جي گهر ۾ اچي لڪو. جيڪو ان وقت چيف سيٽلمينٽ ڪمشنر جي عهدي تي فائز هو.

اجمير ۾ هاڻي اڳوڻي رونق نه رهي آهي. سڄي شهر ۾ گندگيءَ جا ڍير لڳل آهن. جن مٿان رڳو ٻاليشاهين جا پالتو سوئر نوس نوس ڪري رهيا آهن. اجمير جي اهميت رڳو اتي درگاهه شريف جي قيام ڪري، زيارت گاهه واري وڃي رهي آهي. هر سال اتي خواجه جي عرس جي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڄيءَ دنيا مان لکين زائرين اچي گڏ ٿيندا آهن. منهنجا ڪي پاڪستاني دوست عرس ۾ شرڪت ڪرڻ جي بهاني سولائيءَ سان هتان جي ويزا وٺي، هندوستان گهمڻ ايندا آهن. خاص ڪري جڏهن عرس ڪنهن خوشگوار موسم ۾ ٿيندو هجي.

پنجويهه کن سال اڳ منهنجو دوست يوسف ميمڻ، جيڪو اسان جي نوابشاهه جي محترم قاضي فيض محمد جو نياڻو آهي، پنجاهه کن زائرين جي جٿي سان اجمير شريف جي عرس ۾ شريڪ ٿيو. پاڪستان ۾ ضياءُالحق جي سخت مارشل لا جو دؤر هو جو ڪجهه مهينا اڳ ئي ڀٽو صاحب کي ڦاسي ڏني ويئي هئي. لاهور کان ٽرين صبوح جو سويل پراڻي دهلي اسٽيشن تي پهتي هئي ۽ يوسف مون کي اسٽيشن تان گهر فون ڪئي. هو اسلام آباد مان منهنجي دلبر دوست امر جليل جو نياپو کڻي آيو هو. سندس اجمير واري ٽرين رات جود ير سان هئي ۽ سيني پاڪستاني زائرين کي ويهه ڪلاڪ کن اسٽيشن تي ئي رهڻو هو جو ڪين ويزا رڳو اجمير جي ئي مليل هئي. مان آفيس وڃڻ کان پهرين يوسف سان ملڻ اسٽيشن تي ويس. اسان جي اها پهرين ملاقات هئي، پر پوءِ به اسان هڪ ٻئي کي سولائيءَ سان ڳولهي لڌو. اسٽيشن جي ريفريشمينٽ روم ۾ ويهي، اسان خوب ڪچهري ڪئي ۽ هن جا ڪيترا همسفر زائرين ۽ پليٽ فارم تي ڪتن جي لوڏ جيان نوس نوس ڪندڙ پوليس وارا، اسان کي شڪ جي نگاهه سان ڏسي رهيا هئا. يوسف ميمڻ پنهنجيءَ پيٽيءَ مان هڪ پئڪيت ڪڍيو. جنهن ۾ هن جا مون لاءِ آندل ۽ امر جا ڏنل ڪي ڪتاب ۽ ٻيون ڪي سوکڙيون پاکڙيون هيون. هو اجان هڙ کولي ئي رهيو هو ته هڪ ڍيندو پوليس وارو، جنهن جون منهن کان وڏيون مُڇيون هيون، ڏنڊو جهلي اچي مٿان بيٺو.

”اس مين ڪيا هئہ؟ پاڪستان سي آپ ڪي ليئي ڪيا آيا هئہ؟“

”ڪڇ ڪتابين اور ڪپڙي هئين، هماري دوستون ني ڀيجي هئن.“

”سامان چيڪ ڪرائو.“

مون يوسف کي چيو، ”ترس، پئڪٽ نہ کولجانءِ، مان منٽن ۾ ٿو اچان.“

ريلوي آفيسر کي پنهنجو ’ٽائيمس آف انڊيا‘ جو ڪارڊ ڏيکاري، هن کي سڄيءَ حقيقت کان واقف ڪيم. هو مون سان گڏجي آيو. پليٽ فارم تي اچ وڃ ڪندڙ هڪ ٻن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسٽن وائسٽن شخصن کي پڻ سڏ ڪيم. ٻه ٽي شاهد مٿان بيهاري يوسف کي چيم. "هاٽي پئڪيٽ کول."

پئڪيٽ ۾ ڪجهه ڪتاب. گوپيءَ لاءِ پرت پريل وڳو ۽ ڪجهه سڪو ميوو هو. سيني جي سامهون بدڙي بند ڪري، يوسف کان ورتم. پوليس وارو منهن ٻيلو ڪري هليو ويو. سامان ڪلاڪ روم ۾ رکائي مان پنهنجي جوڪم تي يوسف کي پنهنجيءَ آفيس وٺي آيس، جيڪا اسٽيشن کان ٻه اڍائي ميلن جي مفاصلي تي، بهادر شاهه ظفر روڊ تي هئي. ٽڏي بيٺر يوسف جو هيانءَ ٺاري ڇڏيو. سانجهيءَ جو يوسف کي اسٽيشن تي زائرين جي حوالي ڪري آيس، جن مان اڪثر ڪِٽُ ملان هئا ۽ ڪيترن جون دنن تائين ڏاڙهيون هيون، هو پاڻ مٿان پان کائي رهيا هئا. مان چرس، گانجو ۽ آفيم ته هضم ڪري سگهندو آهيان، پر پان کائڻ کان سخت بچان ايندي اٿم.

چار پنج ڏينهن اجمير ۾ رهي، يوسف زائرين سان پريل بس ۾ دهليءَ موٽي آيو. پاڪستان کان آيل زائرين جي رهائش جو انتظام حضرت نظام الدين اولياءَ جي درگاهه جي احاطي ۾ ڪيو ويو هو. شام جو پوري ستين بجي پاڪستاني زائرين کي نظام الدين تان بس ۾ سوار ٿي، پراڻي دهلي اسٽيشن پهچڻو هو جتان رات جو ڏهين بجي لاهور لاءِ ٽرين رواني ٿيڻي هئي. يوسف اتي پنهنجو سامان ٽانيڪو ڪري منهنجي گهر آيو. آرتوار جو موڪل جو ڏينهن هو. مون ويجهن دوستن، جيون گرهساڻي، هيم، هريڪانت ۽ ٻين ڪن کي فون ڪري، يوسف ميمڻ سان ملائڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. گوبند مالهي ۽ ڀڳونتي ناواڻي پڻ ڪنهن پروگرام جي سلسلي ۾ دهليءَ آيل هئا، اهي به آيا. ڇئين بجي کان ٿي گُتو شروع ٿي ويو.

ٻه ٽي پيگ پيئڻ کان پوءِ ڀڳونتيءَ جو آواز ائين کلي پيو. جڻ هن جي گلي ۾ سرسوتيءَ اچي واسو ڪيو هجي. يوسف به بود ۾ اچي جام مٿان جام چاڙهيندو ويو. شام جو ستين بجي کان پوءِ اسين سڀ بي آراميءَ سان يوسف ڏانهن ڏسڻ لڳاسين، پر هو پنهنجي لئه ۾ هو.

جيون ۽ مون وري وري ياد پئي ڏياريس، "يار، ستين بجي تائين توکي پنهنجي جٿي وٽ نظام الدين پهچڻو آهي." پر يوسف ڀائي اٿڻ جي ئي نه ڪري. چئي يار "اهڙي شام وري ڪٿي ملندي، اسلام آباد ۾ ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي." اٺ ٿيا ته مان ۽ جيون هلڻ لاءِ اٿي بيٺاسين. گوپيءَ به چيس، "ادا، ڪٿي آئيءَ ۾ نه اچي وڃين." پر هو وري ٻيو پيگ پري ويهي رهيو. نيٺ هڪ ڳيت سان گلاس خالي ڪري اٿيو ته سهين، پر همراهه جا پير ئي پٽ تي نٿي پيا. ڏکيائيءَ سان هن کي سهارو ڏيئي ڏاڪڻ تان لاٿوسين. منهنجو ڊرائيور اقبال ته وڃي آرامي ٿيو. جيون هن کي پاڻ سان گڏ ڪار ۾ اڳيان ويهاريو. پويان مان، هيم ۽ هريڪانت ويناسين. جيون پڻ نشي ۾ مست، گاڏي ڊرائيو ڪري رهيو هو. اهڙي تيز رفتاريءَ سان ڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلائيندو مون جيون کي ڪڏهن نہ ڏٺو هو. پندرنهن منٽن ۾ نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ تي پهتاسين.

ٻاهر مُلا مڃريا ويٺا هئا. يوسف ۽ اسان کي گهٽ وڌ ڳالهائي رهيا هئا. ٻسيون زائرين سان پريون ويٺيون هيون. ڪيترا ملان تہ ٻسين اندران درين مان منهن ڪڍي ڪچيون گاريون ڏيئي رهيا هئا. "سالي حرامي، خنزير، پاڪستان پهچو ڦر ديکو تمهاري ڪيا حالت بناتي هئين." هڪ مُلي تہ اهو بہ دڙڪو ڏنو تہ هو سڏو وجي ضياءالحق صاحب کي شڪايت ڪندو ۽ هن حراميءَ کي جيل ۾ وجهائيندو.

اسان سيني جون گاريون کائيندي، جيئن تيئن ڪري يوسف ميمڻ کي بس ۾ ڌڪي چاڙهيو. سندس سامان ڪن ماڻهن اڳ ۾ ئي بس جي ڇت تي چاڙهي ڇڏيو هو. لاهور تائين پهچندي يوسف سان ڪهڙيون جنيون ٿيون، اهي ڪڏهن هو پاڻ ٻڌائي يا تحرير ڪري تہ بهتر.

ٻئي ڏينهن صبوح جو مان اڃان چانهہ پيئندي اخبارون ڏسي رهيو هئس، (تن ڏينهين ۾ پيشورانہ طور مون کي روز اٺ اخبارون پڙهڻيون پونديون هيون) تہ در تي گهنٽي وڳي. نوڪرياڻيءَ اچي چيو "ٻاهر توهان سان ملڻ لاءِ ڪو صاحب بيٺو آهي." در تي اچي ڏٺم تہ هڪ قد آور شخص چيتي جهڙين تيز نگاهن سان مون ڏانهن نهاري رهيو هو. پنهنجو ٿن شينهن وارو سرڪاري ڪارڊ ڏيکاريندي، نرمائيءَ سان چيائين، "مان سي، آءِ ڊي جو انسپيڪٽر فلاڻو آهيان. ڪالهہ رات دير تائين توهان وٽ ڪو پاڪستاني ويٺو هو. توهان جو ساڻس ڪهڙو تعلق آهي، ان بابت جاچ ڪرڻ آيو آهيان."

تن ڏينهن ۾ هڪ تہ جوانيءَ جي ۽ ٻي هڪ وڏيءَ اخبار جو جرنلسٽ هئڻ واري بددماغي هئي. ڪاوڙجي چيومانس، "سرڪاري ڪُتا، توکي هن 'پريس اينڪليو ڪامپليڪس' ۾ اندر گهڙڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟' هڪدم ٻاهر نہ نڪتين تہ گارڊس کي گهرائي، پادر هڻائي هتان ڪڍائيندوسانءِ." گوڙ ٻڌي پاڙي وارو 'هندوستان ٽائيمس' جو اسسٽنٽ ايڊيٽر جاويد جوشي (مشهور انقلابڻ ڪلپنا دت جو پٽ) بہ ٻاهر نڪري آيو. هن تہ ڳٽڙ کان ٿي جهليس، پر روڪيومانس ۽ انسپيڪٽر منهن پيلو ڪري سهڪندو هليو ويو.

نوشهرو فيروز جو اسان جو دوست اُڌو رائسنگهاڻي ان اداري جو ڊي، آءِ، جي هو. مون اُڌي کي فون ڪئي. چيومانس، "يار هي تنهنجا ڪهڙا ڪچر آهن. جيڪي هاڻي اسان جي گهرن تي بہ لامارا ڏيڻ لڳا آهن؟" اُڌي مون کان سڄو احوال ورتو ۽ خاطري ڏياريائين تہ ٻيهر ڪو ڪتو توهان جي پاڙي ۾ نہ پونڪندو.

يوسف ميمڻ ان زيارت کان پوءِ بہ ٽي ڀيرا ريگيولر ويزا تي هتي آيو آهي. هر ڀيري امر جليل اسلام آباد مان هن هٿان مون لاءِ ڪاراٽا ڪتاب، سائين مرنا ۽ علڻ فقير جون ڪئيسٽون ۽ خوبصورت پين سيٽ موڪليندو رهندو هو. اجمير جي عرس وارن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن ۾ ڪيڏيل فوٽن ۾ يوسف ڏاڍو عقيدتمند ۽ سجده گو لڳي رهيو آهي. خواجا جي مزار تي وڏي چادر چاڙهڻ وقت، هو چادر ڪلهن تي رکي، ڪنڌ جهڪائي، سيني ڪان اڳيان اڳيان هلي رهيو هو. پر هتي دهليءَ ۾ اچي چڱا شغل ڪيائين. هو منهنجي گهر جي ڀاتين ۽ دوستن سان ايترو تہ هري ويو جو گوپيءَ هن کي پاڻ سان گڏ شاپنگ ڪرائڻ وٺي ويندي هئي ۽ اهڙي اعليٰ قسم جي خريداري ڪري هو ڏاڍو خوش ٿي گهر ايندو هو. الائي ڇو سالن کان هو هتي نہ آيو آهي، پر اسين سڀ اڄان هن کي ياد ڪندا رهندا آهيون.

ڪجهہ سال اڳ يوسف ميمڻ پنهنجيءَ گهر واري سان آمريڪا ويو هو. منهنجو ڀاءُ هاسو ۽ ڀاڄائيءَ چمپا کين نايگرا آبشارن تي وٺي ويا. ڪئناڊا جي شهر ونڊسر ۾ هڪ چينيءَ جو وڏو اسٽور آهي، جتي سنڌ وارو اصلي پلو ملندو آهي. خبر ناهي اتي اهڙو سوادي پلو ڪٿان ايندو آهي، پر جڏهن بہ ايندو آهي تہ اهو چينو هاسي کي فون ڪندو آهي. مان ڪيئي ڀيرا چينيءَ وٽان هاسي سان گڏ پلن جون پريون پڌائي وٺي آيو آهيان.

نايگرا مان موٽنديءَ يوسف ۽ هاسو ونڊسر مان پلا وٺندا آيا. جيترا ڏينهن بہ يوسف ۽ هن جي گهر واري هاسي جي گهر رهيا، هوءَ چمپا کي نئين نئين طريقي سان پلو رڌڻ ۽ پچائڻ سيکاريندي رهي. هاسو اڄان تائين بہ مسز يوسف جي هٿ رڌل پلي جي سواد کي ياد ڪندي پنهنجا چپ چٽيندو آهي.

ويندي ويندي يوسف جي زال چمپا کي جيڪا شاندار سنڌي پرٽ پريل ڊريس تحفي طور ڏئي ويئي، اها منهنجي ڀاڄائي ڪنهن خاص ڏڻ وار يا شاديءَ مراديءَ جي موقعي تي ئي پائي، پوءِ سنڀالي رکندي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تيرهون پنو

منو شاستر جي چوويهين اڌياءَ ۾ چيل آهي، ”جنهن شخص جي زندگيءَ ۾ ڪا ٻي عورت (Other Woman) هوندي آهي، ان جي پنهنجي پتنيءَ جي عمر تمام وڏي ٿيندي آهي.“

مون سدائين پنهنجيءَ پتنيءَ جي عمر درازي لاءِ دعا پئي گهري آهي. اها ٻي ڳالهه آهي تہ اسان جي سماجي ڍانچي ۽ معاشري ۾ اسان جون زالون ٻن ٽن ٻارن ڪان پوءِ پنهنجن مڙسن جون بہ مائر ٿي وينديون آهن.

منو شاستر جو رچيندڙ منو مهراج، رامائڻ جي رچيندڙ والميڪي ۽ مها ڀارت جي رچنا ڪندڙ ويدوياس ڪان بہ اڳ جي ويدڪ دؤر جو اهم رشي هو. جنهن هن ڌرتيءَ تي رهندڙ انسانن جي بي ضابطہ زندگيءَ کي باترتيب ۽ انتظار واري زندگي گذارڻ لاءِ هڪ اهڙو ڪتاب ڏنو. جنهن ۾ پهريون ڀيرو شاديءَ جي اداري وارو نظريو ڏنو ويو. منوءَ جي پيدائش ڪان اڳ، دنيا جي ٻين ملڪن ۾ تہ الائي ڪيترو اڻ سڌريل سماجي ڍانچو هئو پر رشين منين جي هن ملڪ ۾ بہ هڪ الغرض، ابهرو ۽ بي پرواهہ سماجي سرشتو (Reckless Society) هو. جنهن ۾ (Free for all) ڇڙواڳ جنسي زندگي روزمره جو عمل هو.

روايت آهي تہ منو جڏهن پنجن سالن جو ٻار هو تہ هڪ شام جو هن جي جوان ۽ حسين ماءُ هڪ رشيءَ، جيڪو شايد منوءَ جو مجازي پيءُ هو لاءِ منوءَ کي پٽ تي ويهاري پاتلن ۾ ڪاڏو پيري رهي هئي.

ان ئي وقت درواسا نالي هڪ رشي جنسي بک جي باهہ ۾ پڙڪندو. اکين مان اُلا وسائيندو. سنڌن آشرم ۾ گهڙي آيو ۽ منوءَ جي ماءُ کي ٻانهن کان وٺي ٻاهر گهلڻ لڳو. معصوم منو ڊپ ۾ ڏڪڻ لڳو ۽ هن جو پيءُ بيپرواهيءَ سان چپ چاپ ڪائيندو رهيو. درواسا منوءَ جي ماءُ کي پنهنجي جسماني بک مٽائڻ لاءِ وٺي هليو ويو.

هوش سنڀالڻ تي منوءَ جڏهن پيءُ کان ماءُ جي ڪنيجي وڃڻ جو ڪارڻ پڇيو تہ پٽس سهج سڀاءَ سان هن کي ايترو ئي چيو ”رشيءَ جي من ۾ ڪام جاڳيو ۽ اهو ٺڏو ڪرڻ لاءِ تنهنجي ماءُ کي وٺي ويو آهي.“ منوءَ جي ڪچڙي ذهن ۾ آنڌ مانڌ پيدا ٿي ويئي. هن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دماغ ۾ پيدا ٿيل هڪ جيوڙو اسرڻ لڳو. هو سوچيندو رهيو تہ اهڙي ڇڙواڳ سماجي سرشتي کي ڪنهن ترتيبي نظام ۽ قاعدي قانون هيٺ آڻڻ ضروري آهي. اڳتي هلي هن هڪ شاستر لکيو جنهن ۾ پهريون ڀيرو شاديءَ جي اداري وارو نظريو وجود ۾ آيو ۽ ان بابت ڪي قاعدا قانون جوڙيا ويا. اڳتي هلي اهو شاستر 'منوشاستر' جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ ائين انساني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 'شاديءَ جي اداري' وارو قانون ۽ انتظام رائج ٿيو.

منو شاستر ۾ ڪي اهڙا قانون ۽ قول پڻ درج ٿيل آهن، جيڪي عورت ذات کي نہ رڳو برابريءَ جا حق نٿا ڏين، پر مرد ذات جي عورت جي ڀيٽ ۾ برتري پڻ ٻڌائين ٿا ۽ مرد کي پنهنجي عورت تي هٿ کڻڻ جو حق پڻ ڏين ٿا. بلڪ ايترو پڻ چيل آهي تہ پنهنجي مڙس هٿان وقت بوقت مار کائڻ هڪ زال جي صحت جي حق ۾ آهي.

هزارين سالن بعد اڄ منو شاستر پنهنجي اهميت ۽ وقعت وڃائي رهيو آهي، هن جي تخليق ڪيل شاديءَ جي اداري وارو نظريو ۽ انتظام اڄ ڏانوان‌ڏول ٿي رهيو آهي ۽ سڄي منو شاستر جا پنا هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي رهيا آهن. ورهاڱي جي اٿل پٿل دوران متاثرين جي ڪن مجبورين هڪ نئين نظريي کي تہ نہ، پر هڪ نئين رويي کي جنم ڏنو. جنهن کي اڄ جي سياسي، سماجي ۽ معاشرتي مقولي ۾ Doctrine of necessity (ضرورت وارو متو) ڪري، سهوليت لاءِ ان ضرورت واري سڏانت جو سولائيءَ سان استعمال ڪندا رهيا آهن ۽ پنهنجي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندا رهيا آهن. پر سماجي سطح تي ان 'ضرورت واري سڏانت' پويان ڪيترين ئي حويلين جا راز لڪل آهن.

سنڌ مان لڏي اچڻ وارن ۾ گهر گرهستيءَ جو ڪاروبار سنڀالڻ وارن کان سواءِ هڪ ويهن پنجويهن سالن جي نوجوانن جو طبقو اهڙو بہ هو جيڪو يا تہ پنهنجي تعليم پوري ڪري روزگار جي ڳولها ۾ هو، يا اڃان پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڪو بہ فيصلو نہ ڪري سگهيو هو. ان نسل جي ٿانئيڪي ٿيڻ جي جدوجهد اڃان جاري ئي هئي، جو ورهاڱو ٿيڻ ڪري کين هڪ وشال ڦهليل ملڪ ۾ شرنارٿيءَ جي حيثيت ۾ اچي شرڻ وٺڻي پئي. جيترو ئي وڏو ملڪ هو اوترا ئي روزگار، ڌنڌي ۽ ڪمائيءَ جا وٿن وڏا وجهہ هئا. هندوستان جا مسلمان هڪ وڏي ملڪ مان هجرت ڪري، ننڍي ملڪ ۾ آيا ۽ سنڌي هڪ ننڍي ملڪ مان لڏي وڏي ملڪ ۾ اچي پهتا. جڻ درياهہ اکري ڪنهن سمنڊ ۾ اچي سمايا، جنهن ۾ ٻڏڻ يا ترڻ جو دارومدار هنن جي ٻانهن جي ٻل کان وڌيڪ سنڌن عقل ۽ اورچائيءَ تي هو.

ساروڻين جي گذريل پنن ۾ سنڌي جاتيءَ جي هندوستان ۾ اچي ورسجڻ بابت خاصو احوال ڏيئي چڪو آهيان، پر سماجيات ۽ اخلاقيات جي دائرن کان ٻاهر نڪري، معاشيات جا ڪي ڳجها در ۽ ڳڙکيون اهڙيون بہ هيون، جن ذريعي سنڌي جوانن ڪن شاهوڪار گجراتي ۽ مارواڙي سيٺين جي حويلين جا پڏر پار ڪيا يا کين پار ڪرايا ويا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد آباد ۽ بڙودي جي ڪارخانن جا گجراتي مالڪ. سورت ۽ پالڻپور جا هيرن جا واپاري، راجڪوٽ ۽ جونا ڳڙهه جا سيٺيون، مارواڙ جي جوڌپور، اڌيپور ۽ جئپور جا راجواڙا ۽ ڪلڪتي جا مارواڙي ڪارخانيدار، جيڪي پنهنجو ڪٿو ڪيل ڌن دولت، پنهنجي شهرن سيڪر ۽ پالڻپور ۾ سون سان پريل ديڳين ۾ لڪائي، پنهنجي گهرن جي پٽن اندر ڪڏون ڪوٺي اچي پوريندا هئا. چيو وڃي ٿو تہ اڄ بہ مارواڙ جي ڪن شهرن جي ڪوٺائي ڪجي تہ سون سان پريل ڪيئي ديڳيون ليجي وينديون. اهي دولتمند سيٺيون صبح کان شام تائين پئسو ڪمائڻ ۽ دير رات تائين اهو ڳڻي تجوڙين ۾ سنڀالي رکڻ ۾ رڌل رهندا هئا ۽ دير سان رات جو گهر پهچي ٿڪجي ٽٽان ٿي پوندا هئا ۽ سندن زالون بسترن ۾ ڦٿڪندي، پاسا ورائيندي، اڪين ئي اڪين ۾ راتيون گذاريندي رهنديون هيون. کين ڌن جو سک تہ سوايو هو پر من ۽ تن جو سک سندن نصيب ۾ نہ هو.

بيروزگار، واندن، ڏتن مٿن سنڌي نوجوانن، ڪن سيٺين جي حويلين ۾ اکيون وجهڻ شروع ڪيون. حويلين نما گهرن جي پٺين پتين جون پهريون ڳڙکيون ۽ جهروڪا ۽ پوءِ ڳجها دروازا کلڻ لڳا. تندرست سنڌيءَ جوان مالا مال ٿي، حويلين مان ٻاهر اچڻ لڳا ۽ پنهنجي 'چيلهہ جي ڪمائي' تي عيش ڪرڻ لڳا. حويلين جي ڌوتين جو ڪردار ادا ڪرڻ واريون نوڪرياڻيون بہ سيٺاڻين جهڙيون امير بڻجي ويون. هوڏانهن سيٺيون پنهنجي پيڍين جي طول وهاڻن وچ ۾ ويٺي، پنهنجا وهي کاتا واچيندا رهيا ۽ پنهنجن ٻچن کي طولن ۾ تبديل ڪندا رهيا. جسماني، جنسي ۽ اقتصادي سطح تي اهو 'ضرورت وارو سڌانت' نظريو هو.

منهنجي ڳوٺ ڪنڊياري جو هڪ وڏو گهراڻو خوبصورت جوان، جيڪو اڄ بہ منهنجو ويجهو دوست آهي، ان بڙودي جي هڪ حويليءَ ۾ ڪيئي سال ايندي ويندي ايترا تہ جاوا ڪيا، پر جيڪڏهن هو جاوا ۽ سوماترا ٻيٽن ۾ واپار سانگي ايندو ويندو رهي ها تہ بہ ايترو ناڻو نہ ڪمائي ها. اڄ هو آمريڪا جي آئلنڊ سينٽ ٿامس ۾ هڪ شاهي ڊپارٽمينٽل اسٽور جو مالڪ آهي. مان جڏهن بہ سينٽ ٿامس ويندو آهيان تہ مون کي اهو هڪ سنڌ جو شهر لڳندو آهي. اتان جي مڪاني ٻولي بہ ڄڻ سنڌي آهي ۽ سواءِ ڊالر جي سڪي جي هر ڪاروبار سنڌي طرز تي هلندو آهي. سنڌي زائفائون هر سنڌي ڏڻ وار ملهائينديون آهن. گهرن ۾ ٻار بہ سنڌي ڳالهائيندا آهن. چيٽي چنڊ تي سنڌين جا ٻهراڻا نڪرندا آهن. ان ٻيٽ تي ويهہ هزار سياح روز ايندا ۽ ويندا رهندا آهن، جن سنڌين کي مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اسان جي ابن بطوطہ الطاف شيخ ڪٿي سينٽ ٿامس بابت تفصيل سان ضرور لکيو هوندو.

مون کي ننڍپڻ جو اکين ڏٺو واقعو ياد ٿو اچي. اسان جي شهر نوابشاهہ جي غريب آباد ۾ رهندڙ لباڻن سکن جا رولو ڇورا، رات جو اتان جي مارواڙي سيٺ بانڪا رام جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٽ چيرڻ واري ڪارخاني پويان سينواريل تلاءَ وٽ بيٺل گڏهين جي باجماعت عصمت دري ڪندا هئا.

جنسي محروميءَ جو اهڙو غير فطري عمل پڻ 'ضرورت واري سڏانت' جي زمري هيٺ اچي ٿو ۽ اهو رڳو فوجي نظام قائم ڪرڻ تائين محدود نہ آهي. گوبند مالهيءَ پنهنجي پنجن جلدن تي مشتمل آتم ڪٿا. 'ادب ۽ اديب' ۾ ڪٿي لکيو آهي. "اسين ٺارو شاهہ ۾ اونهاري جي راتين جو. پنهنجن ڪڏن تي پاڻيءَ جون ڇٽڪارون ڪري، پٽ کي ٿڌو ڪري. واڻ جون کٽون وڇائي سمهندا هئاسين ۽ ٿڌڪار ۾ گهري ننڊ ڪندا هئاسين."

ان آتم ڪٿا تي هڪ سيمينار ۾ ڳالهائيندي مون مالهيءَ کي چيو هو "مالهي صاحب. توهان جي آتم ڪٿا جي پاٺڪن جي ان ڳالهہ ۾ ڪابہ دلچسپي ناهي تہ توهان راتين جو ڪڏن تي ڇٽڪارون ڪري، کٽن تي سمهندا هئا. پر سندن دلچسپي اهو ڄاڻڻ ۾ آهي تہ توهان کين ٻڌايو انهن راتين ۾ توهان ڪيترا ڪڏا ٽپيا هئا؟" ۽ مالهيءَ چيو هو "مون ۾ اهو ٻڌائڻ جي جرئت ناهي. مان ٻن ڏيئرن جو پيءُ آهيان."

حديثن ۾ ذڪر آهي تہ حضرت عمر هڪ رات شهر جو واءُ سواءُ لهڻ لاءِ گشت تي نڪتو هڪ پاڙي مان لنگهندي ڪنهن گهر مان هن کي هڪ زناني آواز ۾ گيت جو پڙلاءُ ڪنن تي پيو. جيڪو هو پٽ جي اوٽ ۾ بيهي ڌيان سان ٻڌڻ لڳو. هوءَ عورت جيڪو نغمو ڳائي رهي هئي، ان جو مفهوم اهو هو "جيڪڏهن مون کي پنهنجي مڙس جي نيڪ ناميءَ جو ننگ نہ هجي ها تہ منهنجيءَ کٽ جون ايسون ۽ پاوا هن وقت لڏندا هجن ها."

حضرت عمر کي ڄاڻ پيئي تہ ان عورت جو مڙس جهاد تي ويل هو ۽ هوءَ ان جي ياد ۾ پنهنجي جذبن جو گيت ۾ اظهار ڪري رهي آهي. حضرت عمر گهر اچي پنهنجيءَ جوان ڌيءَ حفصہ کان پڇيو "ڪا جوان عورت پنهنجي مرد بنا گهڻا ڏينهن رهي سگهي ٿي؟" (اهڙا سوال پنهنجي سڳيءَ ڌيءَ کان پڇي رهيو هو) ۽ هن جو جواب ٻڌي حضرت عمر سپاهين لاءِ سال ۾ ٻہ پيرا موڪل وارو قانون لاڳو ڪيو هو.

يادگيرين جي گهيري مان نڪري مان پنهنجي ٻارهن سالن واري عمر ۾ اجمير موٽي ٿو اچان. منهنجي ماءُ جا ڳهہ ڳڻا هڪ هڪ ٿي وڪامجي رهيا هئا. ڏينهن جي مانيءَ کان پوءِ اهو ويچار وسري ويندو هو تہ رات جي روٽي ڪٿان ايندي. ٽوپين واري ميان صاحب جي دوڪان تي ڪڏهن ڪم ملندو هو ڪڏهن نہ. جنهن ڏينهن ڏيڍ ٻہ روپيہ ڪمائيندو هوس، ان ڏينهن بيٺي ويلا ڇهہ ٽي ڇٽا پيٽ پري کائيندا ٻہ هئاسين ۽ ننڍڙن ڀائرن ڀينرن لاءِ پاءُ کن کير ٻہ اچي ويندو هو جنهن ۾ پاپي بيو پاءُ پاڻي ملائيندي هئي. ٽوپين جي دوڪان مٿان ميان صاحب جو ٻن ٽن ڪمرن وارو مسافر خانو ٻہ هو جنهن ۾ ٻن روپيہ روز تي مسافرن کي ڪٽولو ۽ هنڌ ملي ويندو هو. شهر ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري مشڪل سان مهيني ٻئي هندّن جون چادرون ۽ وهاڻا متجندا هئا. هڪ سنڌيءَ ٻ اسٽيشن روڊ تي رهائشي هوٽل کولي هئي، پر ڏهه روپيا روزانو ڀاڙو هئڻ ڪري اها هوٽل گهڻو ڪري خالي ئي رهندي هئي.

هڪ ڏينهن مان ٽوپين جي دوڪان ٻاهر اسٽول تي ويٺو هئس، هت منهنجو هڪ مائٽ نيڀن داس، جيڪو آگري ۾ وڃي وسيو هو ۽ اتان جي مشهور انگوري پيئڻي جا آرڊر بڪ ڪرائڻ لاءِ شهر شهر گهمندو رهندو هو ميان صاحب جي مسافر خاني جي ڏاڪڻ تان لهي رهيو هو. مون کي ڏسي هڪدم سڃاتائين. حال احوال ڏيندي ٻڌايائين ته منهنجو ننڍو چاچو دولو مل، جيڪو سنڌ ۾ جنگشاهي اسٽيشن تي پي. ڊبليو. آءِ (ٽراليءَ تي ٽوپلو پائي ويهي، ريل جي پٽن جي تپاس ڪرڻ وارو انسپيڪٽر. جنهن کي اتي پليٽيئر پڻ چوندا هئا) هو هن وقت پرتپور ۾ آهي ۽ هن کي اتي ريلوي جو بنگلو مليل آهي. منهنجو چاچو (جنهن کي اسين ننڍو دادا چوندا هئاسين) پنهنجي وڏي ڀاءُ ڀاچائيءَ (منهنجي پيءُ ماءُ) جي ڏاڍي عزت ڪندو هو ۽ ڪٽنب جي ڀهرئين ڀار هئڻ ڪري مون کي بہ بيحد ڀائيندو هو. مان خوشيءَ ۾ ٻوڙندو گهر آيس ۽ ڀاڀيءَ کي سڄو احوال ٻڌائي، چيومانس تہ جلد ئي سامان ٻڌي وٺ تہ سڀاڻي ئي پرتپور هليا هلون. گهران سڏو ڪاڪي تلوڪچند وٽ وڃي پرتپور واري ٽرين جون مفتي پاسيون وٺي آيس. ان شام خواجہ جي درگاهہ وڃي موڪلاڻيءَ وارو سجدو ڪري آيس ۽ موٽندي ميان صاحب ۽ پڳڙي مل کان بہ موڪلائيندو آيس. مون کي يقين هو تہ غريب نواز وري ورڻ مون کي پاڻ وٽ گهرائيندو رهندو ۽ مان سدائين سندس سجدي تي وقت بوقت ويندو رهيو آهيان. ان جو ذڪر ساروڻين جي اڳين قسطن ۾ ڪري چڪو آهيان.

اجمير کان پرتپور ٽن چئن ڪلاڪن جو ريل جو سفر آهي. گاڏي منجهند ڌاري پرتپور اسٽيشن تي پهتي. اسٽيشن جي ڪاٻي پاسي ريلوي آفيسرن جا اٺ ڏهہ بنگلا ۽ ٻين ملازمن جا ڪوارٽر هئا. ٻئي طرف پرتپور جو شهر اسٽيشن کان ٽي چار ميل پري هو. ٻاهر ٻنهي پاسي مساڻي ماٺ لڳي پيئي هئي. هڪ پورٽر کان اچي چاچي جي بنگلي جو ڏس پڇيم. هن کي سڀ سنڌي صاحب جي نالي سان سڃاڻندا هئا. پورٽر ريلوي لائينون پار ڪرائي بنگلي تائين سامان کڻي آيو.

ننڍو دادا ٽراليءَ تي سوار ٿي، لائينون چڪاسڻ ويو هو. اسان کي ڏسندي ئي چاچيءَ ڪلا جو منهن لهي ويو پر ٻاهريون ٻنو رکي، منهن تي مصنوعي مرڪ آڻي کيڪاريائين. منهنجي چاچي ڪلاونتي روهڙيءَ جي ڊسمس ٿيل هڪ گارڊ جي ڌيءَ هئي. رُڪ اسٽيشن تي جڏهن سنت ڪنور رام جو قتل ٿيو هو تہ ان ٽرين جي مڪرانيءَ ڊرائيور ۽ پارپٽي مل گارڊ کي نوڪريءَ مان ڊسمس ڪيو ويو هو. مڪراني انجڻ ڊرائيور تہ وڃي پرچونڊيءَ وارن پيرن وٽ نوڪري ڪئي پر پارپيو مل گارڊ سايون ڳاڙهيون جهنڊيون لوڏيندي پار پئجي ويو. هن غريب کي ست ڌيئر هيون، جن مان وڏي ۾ وڏي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاونتيءَ جو پلئہ منهنجي چاچي سان اٽڪايو ويو. اڳتي هلي منهنجي ان چاچيءَ پنهنجي پيءَ جي اڏجڪينديءِ منهنجي چاچي کي ٻہ ست ٻار ڄڻي ڏنا.

شام ڏاري خاڪي پينٽ ۽ ٽوپلو پاتل ننڍو دادا گهر آيو تہ امان کي ڏسي حيرانيءَ ۽ خوشيءَ کان هن جو منهن ٽڙي پيو. ياپيءَ کي پيرين پيو ۽ اسان ٻارن کي ڀاڪر ۾ پري ڦيريون پائڻ لڳو. هن کي چار گهرو نوڪر ۽ چار ٽراليءَ وارا مليل هئا. جن کان ٻہ واندڪائيءَ ۾ گهر جو ڪم ڪار ورتو ويندو هو ۽ اسان جي چاچي ڪلاونتي سڄو ڏينهن ڪٿون پچنديءَ هئي ۽ رات جو ٻار پيدا ڪندي هئي. ريلوي ملازمن کي اناج ۽ ٻيو سيڌو پاڌو ريلوي جي راشن ڊيپوئن تان اڌ اگهہ ۾ ملندو هو ۽ اسين روز چار ويلا ماني کائڻ لڳاسين. سامهون ڦهليل کيتن ۾ موريون گجرون مفت هيون.

روهيل کنڊ علائقي واري ڀرتپور سدائين متنازعہ رياست پئي رهي آهي. ورهاڱي تائين ٻہ اهو سڄو علائقو روهيلا ڦورن ۽ لٽيرن جي تسلط هيٺ رهندو آيو. ڀرتپور جو حڪمران سورجمل جاٽ ان قوم جو بهادر شخص ٿي گذريو آهي، جنهن کي اڄ ٻہ اتان جا ماڻهو پنهنجو هيرو ڪري مڃيندا آهن. چون ٿا تہ سورجمل پنهنجيءَ تلوار سان احمد شاهہ ابداليءَ جو نڪ ڪٽي ڇڏيو هو ۽ ابدالي سڄي عمر تين جو ٺهرايل نڪ پائي ملندو هو. (دروغ برگردن راوي) پر اها تاريخي حقيقت آهي تہ سورجمل دهليءَ جي پوئين دؤر جي مغل بادشاهن جو ساهہ مُٺ ۾ آڻي ڇڏيو هو ۽ افغان حملا آورن کي هتان تڙي ڪڍيو هو. هن جي زندگيءَ جو دلچسپ احوال هندوستان جي ورهاڱي معاملن جي هاڻوڪي وزير ڪنور نٽور سنگهہ هن جي سوانح ۾ درج ڪيو آهي.

جن ڏينهن اسين ڀرتپور آياسين، تن ڏينهن اتان جو مهاراجا ڪنور نٽور سنگهہ جو چاچو هو. ورهاڱي وقت هن دوکي سان ڪيترائي مسلمان ماريا. گڏيل هندوستان جي ٽن سون راجائي رياستن مان ڀرتپور ئي اها رياست هئي، جتي معصوم مسلم آباديءَ جو ڪوس ڪيو ويو. اتان جي مڪاني ماڻهن ٻڌايو تہ ورهاڱي وقت مسلم رعيت جا ڪي ڄ مڙس، مهاراجا وٽ هن کان پاڪستان هجرت ڪري وڃڻ بابت صلاح ونڻ ويا. مهاراجا کين وڃڻ کان روڪيو پر پوءِ آگري ۽ فيروز آباد مان آيل ڪن مسلم ليگي اڳواڻن جي اثر ۽ زور بار هيٺ ڀرتپور جي مسلم جماعت لڏڻ جو پڪو فيصلو ڪيو ۽ مهاراجا وٽ وڃي، هن کي پنهنجي فيصلي کان آگاهہ ڪيائون. مهاراجا سندن فيصلي کي پنهنجي حڪم عدولي سمجهي ٻاهڙجي ويو. ٻاهرئين طور تہ منهن مکي ساڻن مرڪي مليو پر اندر ۾ ڪا ست سٽيائين.

ٻئي ڏينهن مسلم سماج جي اڳواڻن کي پاڻ وٽ گهرائي چيائين. ”جڏهن هاڻي توهان پنهنجي رياست ڇڏي پاڪستان وڃڻ جو فيصلو ئي ڪيو آهي، تہ مان توهان سيني کي ٻارين ٻچي الوداعي دعوت ڏيڻ ٿو چاهيان“. مقرر ٿيل ڏينهن تي هن قلعي جي ٻاهران ميدان ۾ هڪ وڏو پنڊال لڳارايو ۽ شهر ۾ پڙهو گهمائي، سيني مسلمانن کي رات



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مانيءَ تي گهرايائين. قناطن پويان هن پريل بندوقن سان سپاهي لڪائي ويهاريا. رات تائين ڪاڏو پيتو هليو. مهاراجا جي پنهنجي شخصي ڊسٽلريءَ مان ڪشيده ڪيل ديسي دارونءَ جا دنگ خالي ڪيا ويا. دير رات مها راجا ڪانئن مرڪي موڪلايو. قلعي ڏانهن ويندي ويندي هو سپاهين کي رانئٽين پويان گولين هلائڻ جو اشارو ڏيندو ويو. اوچتو ئي اوچتو گولين جي برسات شروع ٿي وئي. ڪيئي مرد عورتون ۽ ٻار ماريا ويا ۽ ڪن جهنگل طرف ڀڄي جان بچائي، ڪنهن نہ ڪنهن پاسي نڪري ويا. چون ٿا تہ مهاراجا جي ان سازش ۾ پرتپور جي مسجد جو پيش امام پڻ شامل هو جنهن بعد ۾ هندو ڌرم قبول ڪيو. ان غدار ۽ دغاباز شخص جو اولاد اڄان تائين پرتپور ۾ موجود آهي.

هي خوني واقعو پرتپور جي پراڻن رهاڪن جي ذهنن کان سواءِ ڪٿي بہ درج ٿيل ناهي، پر اتان جي ڪن ماڻهن، جيڪي ان نسل ڪشيءَ ۾ ملوث هئا، انهن پاڻ مون کي ان واردات بابت تفصيل سان ٻڌايو ۽ قلعي ٻاهران اهو ميدان پڻ ڏيکاريو. جتي اهو قتل عام ٿيو هو. مون کي ياد ناهي تہ ان ميدان تي انساني رت جا داغ مون ڏٺا هئا، الائي نہ. پر ايترو اوس ياد اٿم تہ سڄي پرتپور شهر ۾ هڪ بہ مسلمان ڪٽنب نہ هو ان ڪري سڄي شهر ۾ گوشت جو هڪ بہ دوڪان نہ هو. بنديل ۽ روهيلا انسان کي تہ ذبح ڪري سگهيا ٿي، پر ٻڪر ذبح ڪرڻ جي ڪين همٿ نہ هئي.

پرتپور جو مهاراجا ظالم تہ هو پر ساڳي وقت راڳ روپ جو پڻ شوقين هو. هن جي قلعي ۾ سندس سرپرستيءَ هيٺ ڪيترائي گويا ۽ ڳائڻيون پڻ رهنديون هيون، جن سان هو رات جو موسيقيءَ جون محفلون مچائيندو رهندو هو. شڪل صورت ۾ هو صفا پوڪ لڳندو هو. ٻن ٽن سالن بعد جڏهن هندوستان جون سڀ رياستون مرڪزي حڪومت ۾ ضم ڪيون ويون تہ ان 'رنگيلي راجا' جو الائي ڪهڙو حشر ٿيو باقي هن جو اولاد اڳتي هلي پڙهي لکي وڏيءَ لائقيءَ وارو ٿي ويو. جن مان ڪنور نٽور سنگهہ پڻ آهي. مان سمجهان ٿو تہ اردوءَ جي نامور شاعر شاد عارفيءَ جو مشهور نظم، 'رنگيلي راجا' جو موٽ پرتپور جي راجا جي ڪردار کان متاثر ٿي لکيل آهي.

نوابشاهہ ۾ چڪري واري مکيہ رستي تي پائي نهچلداس ساگر جو وڏو ٽڪاڻو هو جتي هر سال سڄيءَ سنڌ جا ڀڳت ڀڳتون وجهڻ تہ ايندا هئا، پر دسهڙي وارن ڏينهن ۾ يوپيءَ جا پئيا پڻ ٽڪاڻي جي وسيع احاطي ۾ رام ليلا اچي ڏيکاريندا هئا. نهچلداس جو ننڍو ڀاءُ پرمانند ساگر ماسٽر چندر جو جوڙيدار هو ۽ چندر جي هر پروگرام ۾ هارمونيم تي هن سان گوڏو گڏي ويهندو هو. هو چڱو سريلو جوان هو ۽ هتي دهليءَ ۾ هر سنگيت پروگرام ۾ هن کي ضرور گهرايو ويندو هو. ماسٽر چندر جي ديهانت کان پوءِ مهيني اندر ساگر بہ راهہ رباني وٺي ويو.

پر نوابشاهہ جي ان ڪٽنب جو سڀ کان سريلو ۽ اعليٰ فنڪار سندن پيٽويو ماسٽر بولچند، جيڪو گوسوامي برهمانند جو شاگرد هو. سنڌ جو مشهور ڳائڻو استاد منظور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي خان پڻ برهمانند کان ڪجهه ڏينهن سنگيت جي سکيا ورتي هئي. هندوستان ۾ اڃي بولچند ڀرتپور جي مهاراجا جو درٻاري گويو مقرر ٿيو. هندوستان جي سنگيت سياڻن ۾ وڏا وڏا ڳائڻا ماسٽر بولچند جي فن تي دل کولي داد ڏيندا هئا.

چون ٿا ته مهاراجا جي هڪ پٽيالا گهراڻي جي راڻي، بولچند مٿان خاص مهربان هوندي هئي. راڄ رلائيندڙ رياستي راڻين جو اڳتي هلي ڪڏهن دلچسپ احوال ضرور لکندس.

ڀرتپور ۾ ڏينهن ڏاڍا لئه ۾ گذرڻ لڳا. ڏهه ٻارنهن ٻار رونق لڳايو ويٺا هئاسين. ٻاپي گهر سنياليندي رهندي هئي ۽ چاچي ڪلاونتي سڄو ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ نندبون ڪندي رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ٽراليءَ تي چڙهي اسين وڏا ٻار ٻه چار ميل ريلوي لائين تي چڪر به ڏيئي ايندا هئاسي. مان، هاسو ۽ منهنجا ٻه سوٽ گرڌاري ۽ جئڪشن ته ٽرين جي ٽائيم تي اسٽيشن تي وڃي رونق ڏسندا هئاسين. اسٽيشن جي گدام ۾ ڪيٽريون ئي ڪچيءَ گدامڙيءَ جون ڳوٺيون پيون هونديون هيون، جن ۾ ٽنگ ڪري، گدامڙي ڪڍي ڪائيندا هئاسين. هفتي ۾ ٻه شهر وڃي قلعي جا چڪر به ڏيئي ايندا هئاسين. پر ٽن مهينن کان پوءِ اسان جي گهر ۾ دل ڏاريندڙ حادثو پيش آيو.

ڀرتپور اسٽيشن، دهلي-بمبئي مين لائين تي آهي. منجهند ڌاري اتان تيز رفتار فرنٽيئر ميل لنگهندي هئي، جيڪا ڀرتپور تي نه بيهندي هئي. ورهاڱي کان اڳ اها فرنٽيئر ميل پشاور کان بمبئيءَ ويندي هئي ۽ ورهاڱي کان پوءِ دهليءَ کان هلڻ لڳي هئي.

منجهند جا ٻارنهن ڪن ٿيا هئا. منهنجو ڇهن سالن جو سوٽ جئڪشن ۽ ائن سالن جي سوٽِ موهني اسڪول مان موٽندي، ريل جي پٽن وچ مان ٽپندا ڪڏندا گهر اچي رهيا هئا. پنيان فرنٽيئر ميل فل اسپيڊ سان اچي رهي هئي. ٻيءَ لائين تي سامهون هڪ مال گاڏي اچي رهي هئي. فرنٽيئر ميل جي ڊرائيور رفتار گهٽائڻ سان گڏ ڪيٽريون سيٽيون هيون، جيڪي ٻارن شايد سامهون واري مال گاڏيءَ جون سمجهيون. سيڪنڊن ۾ منهنجي ننڍي دادا جي پٽ جئڪشن جو ڪنڌ فرنٽيئر ميل جي انجڻ جي ڦيٽي هيٺان هو ۽ انجڻ اڳيان لوهي جاريءَ موهنيءَ جي جسم کي پوريءَ اڇل سان وري پٽن جي وچ ۾ وڃي ڦٽو ڪيو. وري ٿيهر ۽ ائن سالن جي نازڪ ٻارڙي جو ڳيا ڳيا ٿي ويل سرير پٽن وچ ۾ ۽ ڇهن سالن جي جئڪشن جو ڪپيل ڪنڌ ريل جي پٽي تي پيو هو ۽ ميل ٻه اڳتي فرنٽيئر ميل رت سان رڱيل ڦيٽن سان بيهجي چڪي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوڏهون پنو

فرنٽيئر ميل جي انجڻ جا خوني ڦيٿا، ٻن معصوم ٻارن جي رت سان لت پت ٿي بيهي رهيا هئا. گاڏن جا اڌ مسافر هيٺ لهي آيا هئا. پرتپور اسٽيشن جا ريلوي ڊاڪٽر، ڊريسر ۽ ٻيو عملو حادثي واريءَ واردات تي پهچي ويو هو. ريلوي لائينون چڪاسڻ وارين سڀ ٽراليون ۽ انهن جا هلائيندڙ انجڻ اڳيان اچي بيٺا هئا. ٽرين جو ڊرائيور ۽ سندس اسسٽنٽ ڊپ ۾ پيلا پئجي ويا هئا. پوليس جو سڄو اٿالو ٽرين کي گهيري چڪو هو. ڊرائيور جي بيان ۽ ٻيءَ گهربل ڪارروائيءَ کان پوءِ موهنيءَ ۽ جئڪشن جا چچريل ۽ ڪنڌ ڪپيل لاش، پرتپور جي اسپتال جي مرده خاني ۾ آندا ويا.

پرتپور جو مهاراجا، هن جا درٻاري، ملازم ۽ ماسٽر ٻولچند پڻ اسپتال آيا. شام تائين لاشن جو اگني سنسڪار ڪيو ويو. ٻن معصوم ٻارن جي ڀيانڪ موت سان سڄي گهر ۾ ماتم جو ماحول ڇانيل هو. پاپي ۽ ننڍو دادا پاڻ کي ضابطي ۾ رکي ويٺا هئا ۽ منهنجي ٿلهيءَ چمڙيءَ واري چاچي گهڙيءَ گهڙيءَ ڏندڪڄي ٿي ويئي. اسين سڀ ٻار حراس ۾ هيڊانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪري رهيا هئاسين. ٽن ڏينهن تائين ماني اسٽيشن ماسٽر جي گهران ايندي رهي. ننڍو دادا وري ڪڏهن به يونيفارم ۾ مٿي تي صاحبلوڪن وارو ٽوپلو پائي، ٽراليءَ تي ويهي، اهي خوني ريلوي لائينون چڪاسڻ نه ويو. هن پرتپور مان پنهنجي بدلي گنگاپور اسٽيشن ڪرائي ڇڏي.

پرچاٽيءَ لاءِ آيل مهمانن ۾، منهنجي لاڙڪاڻي واري پڦي، ڪانپور مان آيل هئي. منهنجو پڦڙ سڳنو مل ۽ هن جو وڏو پٽ تيرٿداس اجان لاڙڪاڻي ۾، پنهنجو دوڪان سنڀالي رهيا هئا ۽ ننڍو پٽ موهن، ڪانپور جي نيشنل بئنڪ ۾ ملازم هو. پڦيءَ اسان کي زور پريو ته گنگاپور وڃڻ بدران اسين وٽن ڪانپور هليا هلون. ڪانپور پهچي پڦي ۽ هن جو پٽ موهن خط لکندا رهيا ته هنن ڪانپور ۾ اسان لاءِ ٽيهه روپيه مسواڙ تي هڪ ڪمري وارو گهر ورتو آهي. مهيني کن اندر ننڍو دادا ۽ هن جو ڪٽنب گنگاپور هليا ويا ۽ اسين پنج ٻار ماءُ سان گڏ ڪانپور لاءِ روانا ٿياسين. دادا پنهنجو ٽرالي هلائيندڙ هڪ نوڪر آگري تائين اسان سان گڏ موڪليو جو ڪانپور جي ٽرين آگري کان بدلائڻي هئي. گڏ آيل نوڪر اسان کي آگري جي اسٽيشن تي ڇڏي، ٻي گاڏيءَ ۾ پرتپور موٽي ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آگري اسٽيشن تي ماڻهن جا سٿ هئا. سنڌين شهر جي مشهور ڪناري بزار جي ڀرسان سنڌين ۽ ڪجهه پنجابين جا وڏا وڏا دوڪان هئا. دوڪانن مٿان سدا سهاڳڻين جا ڪونا هئا، جن کي سنڌي، رنن جي بزار پڻ سڏڻ لڳا هئا. اڳتي هلي چاڻ پئي ته آگري ڪئنٽ جو اسٽيشن ماسٽر مشهور مهاجر ليڊر الطاف حسين جو والد هو جنهن شاهي بزار جي هڪ مائي پهرين پاڻ وٽ آڻي ويهاري هئي ۽ پوءِ باقاعده هن کي نڪاح ۾ آندو هئائين. ايم. ڪيو. ايم جو الطاف حسين اسٽيشن ماسٽر صاحب جي ڪهڙيءَ بيگم مان تولد ٿيو هو اها خبر ناهي. آگره بيحد غليظ شهر آهي. تاج محل، سڪندره ۽ فتح پور سيڪريءَ ڪري، ان شهر جي تاريخي اهميت آهي. شهنشاهه اڪبر ۽ جهانگير جي دور ۾ اهو شهر اوس اوج تي هوندو پر جڏهن اسان اچي ڏٺو ته آگري جي جمنا نديءَ ۾ جانورن جا لاش تري رهيا هئا ۽ ڪنارن تي گپ چڪ ۽ گندگيءَ جا ڍير لڳل هئا. شهر جون گهٽيون ايتريون ته سوڙهيون هيون، جو ٻه ماڻهو ٻه ڏکيائيءَ سان هڪ ٻئي کي ڪراس ڪري سگهن. گهٽين ۾ بدبودار ڪسيون وهي رهيون هيون. شهر جون حدون ختم ٿينديون ئي، سوئي نالي هڪ بستي شروع ٿي، جيڪا رڳو رنڊين ۽ ڀڙون جي ئي بستي هئي. سڄو ڳوٺ جو ڳوٺ هڪ رنڊي خانو هو. ڏينهن جو اهي رات جون راڻيون، پنهنجن پنهنجن ڀونگن جي ٻنين تي موڙا وجهي، پنهنجا وار ۽ ساڙهيون سڪائينديون هيون ۽ سنڌن ڪچر ڳوٺ جي ٻاڪڙن ٻاهران ٻئنچن تي ويٺا چانهيون پيئندا هئا ۽ پاسنگ شو سگريٽن جا سوٽا هڻندا هئا. رات ٿيندي ئي آگري، گواليار ۽ ڍيرا جا سيٺيون ۽ ٻيا شوقين پنهنجا منهن لڪائيندا، سوئيءَ جي بستيءَ ۾ گهڙندا هئا. پوليس وارن کي دش خوش ڏيئي، پاڻ کي محفوظ ڪندا هئا. گل فروشن، عطر فروشن ۽ پنوارين جا دوڪان چمڪي اٿندا هئا. ڀڙوا سرڪندا ۽ بند ٿيندا هئا. سڄو ڪاروبار مقامي سرڪار جي سرپرستيءَ هيٺ هلندو هو. نمي ۽ نسيم بانوءَ جهڙيون فلمي اداڪارائون آگري جي اهڙين ئي بزارين جي پيداوار آهن.

ڪانپور وڃڻ لاءِ ڪلڪتيءَ واريون ٻه گاڏيون هيون، جن جي ڇتين ۽ پائدانن تي ماڻهو لٽڪيل هئا ۽ اسين آگري اسٽيشن تي واتڙن وانگر گاڏين کي ايندو ويندو ڏسندا پئي رهياسين. انهن ۾ چڙهڻ ته ڇا ويجهو وڃڻ جي ٻه همت نه ٿي. آگري ۾ هي اسان جو ٽيون ڏينهن هو ۽ اسان شهر جي هڪ سوڙهي سيتلا ڳليءَ جي، هڪ ٻٽل مڪان جي ڀڏر ۾ وڃي پناهه ورتي هئي. مون هڪ پوسٽ ڪارڊ پڻيءَ کي لکي موڪليو جنهن ۾ ڪيس آگري ۾ اتڪي پوڻ جو اطلاع ڏنو.

آگري ۾ جوتن جو وڏو ڪاروبار هو جنهن تي مسلمان ڪاريگرن جي ئي هڪ هٽي هئي. ڪانپور ۾ چمڙي جا سڀ ڪارخانا پڻ مسلمان ڪاريگرن جي ئي هٿ ۾ هئا. ڪانپور ۾ چمڙي جا سڀ ڪارخانا پڻ مسلمانن جي مالڪيءَ هيٺ هئا. روز هڪ مال گاڏي چمڙي جي ڪلن سان ڀرجي ڪانپور مان آگري ايندي هئي، جتي جوتا ٺاهڻ وارا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنج هزار ڪاريگر ڪم ڪندا هئا. جن کي آگري جا سوداگران چرب. سڄو مال سپلائي ڪندا هئا. شام ٿيندي ئي اهي ڪاريگر جوتن جا ٽوڪرا ڀري، ڪناري بزار جي ڀرسان اچي ويهندا هئا ۽ پنجاهه سٺ روپين ۾ ڏهن. ٻارنهن بوٽن جو ٽوڪرو هڻندا هئا.

سنڌي هندو ڪڏهن به چمڙي جو واپار نه ڪندو آهي. سنڌ ۾ به سوچي ۽ موچي جوتن جو وڪرو ۽ مرمتون ڪندا هئا. پر مجبوري ڪڏهن ڏيڏڪا ۽ ڇُهڙڪا ڪم به ڪرائيندي آهي. هڪ ڏينهن مون ڀاڀيءَ کان پئسا وٺي ٻاونجاهه روپين ۾ ڏهن بوٽن جو ٽوڪرو خريد ڪيو ۽ به بوٽ ڪٽي رات جو سوئيءَ جي رنڊي خاني جي لنگهه وٽ اچي ويٺس. پوليس وارن ڏنڊا اولارڻ شروع ڪيا. پر منهنجي معصوم ۽ ڏتڙيل چهري، ميري قميص، نڪر ۽ ڪيٽريل بوٽ کي ڏسي، شايد مون تي قياس ڪاڏائون ته هيءَ ڪهڙو موچي آهي، جنهن جو پنهنجو ئي جوتو ڦاٽل آهي. هڪ پوليس وارو شيطاني نظرن سان مون ڏانهن نهاري مرڪي رهيو هو ۽ پنهنجن تنگن وچ ۾ پتلون مٿان کنهي رهيو هو. پر شايد ساٿي پوليس وارن ۽ شوقينن جي اچ وڃ کي ڏسي پنهنجا چپ چٻاڙيندو رهجي ويو.

رات ٽائين ائين ائين روپئي ۾ ٻئي بوٽ وڪڻي، سورنهن روپيه ڀرسان ٿنهي کيسن ۾ وجهي، مون سوئي کان پنڌ ڪرڻ شروع ڪيو ۽ دير رات ستيلا ڳليءَ ۾، ٻاهرئين ٿلهي تي اچي سمهي پيس. ان رات مون تمام فرحتي ننڊ ڪئي. ٻيءَ رات چار بوٽ ڪٽي ويس ۽ چار ئي وڪامجي ويا. باقي بچيل چار بوٽ ٻيءَ رات وڪڻي آيس ۽ ائين ٽن راتين ۾ ڏهه بوٽ وڪڻي، مون ٽيهارو کن روپيه ڪمائي ورتا. جيڪا ان وقت اسان لاءِ خاصي رقم هئي.

هينئر مان شام جو پنجاهه سٺ روپين ۾ ڏهن ٻارنهن بوٽن جو ٽوڪرو ڪناري بزار جي ڪاريگرن کان خريد ڪندو هئس ۽ ٽن چئن راتين ۾ رنڊي خاني ۾ وڃي وڪڻي ايندو هئس. ائين مهيني کن ۾ ڏيڍ به سئو روپيه ڪمائي ورتم. هاڻي مان سوئيءَ ۾ ڪڏهن ڏينهن جو به وڃڻ لڳس، جتي ڪن ڪڃرن سان به دوستي ٿي وئي. اُنهن معرفت ڪن ڪسبياڻين وٽ به اچڻ وڃڻ شروع ٿيو.

ذاتي زندگيءَ ۾ به سوئيءَ جون هي مايون درياهه دل ۽ رحمدل عورتون هيون. انهن ۾ اڪثر توليا، اٽاوا، فيروزآباد، قنوج، ميرٺ ۽ سهارنپور جون رهاڪو هيون ۽ سنڌن ٻاغبان گراهڪ سنڌن لاءِ طوطا پوري انبن جا ٽوڪرا ڪٽي ايندا هئا، جيڪي هو مون کي به کارائينديون هيون. سنڌن ڇاتيون به طوطاپوري انبن جيان رسيل ۽ ڳردار هيون. هو ڏاڍي دلچسپيءَ سان مون کان سنڌ مان لڏ پلاڻ جون ڪهاڻيون ٻڌنديون هيون ۽ مون تي قياس کائي، همدرديءَ طور خوب کارائينديون پيارينديون هيون. انهن مان هڪ مشتري ٻائي روز منهنجي اچڻ جو انتظار ڪندي هئي ۽ مون ٻَـي گهر لاءِ آچار ۽ مربن جا مرتبان ڀري ڏيندي هئي.

هڪ رات چار بوٽ وڪڻي، چاليهه روپيه کيسي ۾ وجهي موٽي رهيو هوس ته ٻن پوليس وارن گهٽيءَ جي موڙ وٽ مون کي ڳچيءَ کان اچي جهليو. کيسن جي تلاشي وٺي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ پئسا ڦري ورتائون. مان ڪين ايلاز منٿون ڪرڻ لڳس، پر هنن مون کي پٺيءَ تي لڪڻ وهائي ڪڍيا. چيائون: ”مان ڪي.... ياڳ جا، نهين تو آواره گردي مين بند ڪردينگي.“

مون زندگيءَ ۾ اهڙي خوفناڪ ۽ بي تڪي مادر زاد گار پهريون ڀيرو ٻڌي هئي. ڳوڙها اکين سيتلا ڳليءَ جي ٿلهي تي موتي آيس. اها سڄي رات مون پاسا ورائيندي پوليس وارن کي پٽيندي گذاري

صبوح جو ياپيءَ کي چيم سامان ٻڌ. ڪانپور ٿا هلون. اسٽيشن تي هلي ٿا ويهون. جيئن ئي ڪانپور واريءَ گاڏيءَ ۾ جاءِ ملي، چڙهي پونداسين. ياپي منهنجو اهو فيصلو ٻڌي حيران ته ٿي، پر ڪجيائين ڪجهه به نه. هڪ سائيڪل رڪشا تي سيئي سامان سوڙو ويهي اسٽيشن پهتاسين. اتي هڪ ٻابوءَ ٻڌايو ته هتان چار پنج اسٽيشنون اڳتي ٽُنڊلا جنڪشن آ ، اتان ڪانپور لاءِ سڌي ترين ملي ويندي. هتان ڪنهن به گاڏيءَ ۾ ٽنڊلا هليا وڃو. شام واري گاڏيءَ ۾ ٽنڊلا اچي اتان رات واريءَ گاڏيءَ ۾، صبوح جو ڪانپور پهچي وياسين. جهڙا اسان جا حال بڇڙا هئا، اهڙو ئي بڇڙو هيءَ شهر هو.

ڪُٽ خلق واري شاهي پليٽ فارم تي، هيڏانهن هوڏانهن ٽانئيڪو ٽيڻ لاءِ ڪو اجهو ڳولي رهيا هئاسين. سيني کي پليٽ فارم تي ويهاري، مان ۽ هاسو ڏنل پتي تي پڦيءَ جو گهر ڳولڻ لاءِ شهر ۾ نڪري پياسين. اجگر جهڙو شهر هو ۽ هل هلان هئي. اناج منڊي، مولڻ گنج، برهانا روڊ ۽ ڦول باغ. اسان کي ڏنل پتو رڳو اهو هو ”لڪشمي نارائڻ پانڊي جو مڪان، شيو مندر جي سامهون.“ ڪانپور جهڙي ڦهليل شهر ۾ الائي ڪيترا شو مندر هئا ۽ الائي ڪيترا لڪشمي نارائڻ پانڊي نالي وارا ماڻهو هئا. اهو ائين هو ڄڻ مان ڪنهن مستر سنگهه کي جالندر جي شهر ۾ وڃي ڳولهيان. يا ڪنهن محمد علي نالي شخص کي ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ ڳولهيندو وتان. ٻه ٽي ڪلاڪ پانڊي جو مڪان ڳولهڻ لاءِ پٽڪندي پٽڪندي اوچتو مون کي ياد آيو ته منهنجو پڦاٽ موهن اتان جي نيشنل بئنڪ ۾ نوڪري ڪندو آهي ۽ هن جي واتان ڦول باغ جو نالو به ٻڌو هئم. ڦول باغ پهچي نظر آيو ته باغ ته شاهي هو پر سڄي باغ ۾ گل نالي ڪا جنس ئي نه هئي. سڄو باغ خس و خاشاڪ هو جنهن کي ڍڳن ڍورن ڪائڻ بدران سنگهيو ويٺي. باغ جي هڪ ڪند ۾ ڪي ٻاوا ۽ ملنگ سلفين جا سوٽا هڻي رهيا هئا ۽ گهورڙيا پسيل چٽا وڪڻي رهيا هئا.

نيشنل بئنڪ ۾ وڃي اسان پنهنجي پڦاٽ موهن کي ڳولهي لڌو. هو اسان سان گڏ اسٽيشن تي آيو ۽ سيني کي گهر وٺي هليو. مڪان مالڪ لڪشمي نارائڻ پانڊي هڪ بخيل ۽ مکي چوس قسم جو ماڻهو هو. هو پنهنجيءَ سلهه ۾ ورتل زال ۽ يارنهن ٻارن سان، پنهنجي پراڻي مڪان جي هيٺين حصي ۾ رهندو هو ۽ ٻاهر ڪٽ وڇائي، سڄو ڏينهن پنهنجي پٽن ڏيئرن کي ڪچيون گاريون ڏيندو رهندو هو. مٿينءَ منزل جي هڪ حصي ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڪي ۾ هن جا پٽ، ڌيئر ۽ ننهنر ۽ ٻئي حصي جي هڪ ڪمري ۾ اسين اچي رهياسين. ڊاڪٽر جا ڊاڪا ڀڳل هئا ۽ پيتين تان چاپوڙا لهي رهيا هئا. مان سمجهان ٿو ته ڪنڊياري ۾ اسان جو گهوڙن جو طنبيلو به هن جاءِ کان گهڻو بهتر هو. گهر ۾ گهڙڻ سان ئي پانڊي ٽن مهينن جي مسواڙ جي تقاضا ڪئي. نوي روپيه ڌوتيءَ جي ڳنڍ ۾ ٻڌي، هو ٻن ٽن ڏينهن لاءِ الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو.

مڪان جي هيٺئين حصي ۾ ٻه ڪاڪوس هئا، مردانو ۽ زنانو. جن ٻاهران صبح سوير کان ئي مرد ۽ زالون لوٽا هٿ ۾ جهلي، قطارن ۾ بيهي رهندا هئا. پاڻي جو نلڪو هيٺ هئو جتان هر گهر لاءِ ٻن بالٽين جي ڪوٽا ٻڌل هئي. انهن ٻن بالٽين مان ئي سڄي ڏينهن جي پاڻيءَ جي پورتي ڪرڻي هئي.

گذران جي مسئلي وري منهن ڪڍيو. ڪٽڪ ۾ چانور مهانگيون جنسون هيون. جوئر اٽان جا ماڻهو ڪائيندا نه هئا. ان ڪري اها تمام سستي هئي، شايد روپئي ۾ ڏيڍ سير. پٽاٽا چئين آني سير ۽ گوشت چئين آني پاءُ هو. لڪشمي نارائڻ پانڊي ۽ هن جا ٻار اسان تي ٽوڪون ڪندا هئا ته هي سنڌي اڻ سڌريل ماڻهو آهن، جيڪي جوئر جي ماني ٿا کائين ۽ اسين کين ورائي چوندا هئاسين ته توهان ڍيا جانور آهيو جو جون جا ستو ۽ مانيون ٿا کائو. سنڌ ۾ اسين جوَ رڳو گهوڙن کي کارائيندا هئاسين.

مڪان مالڪ جو ڪٽنب ڪٽر ويشنو هو ۽ سندن سخت هدايتون هيون ته گهر ۾ ماس مڇي اصل نه رڌيندا. هو مٿي اسان جي ڪمري ۾ گهڙي اچي چڪاسيندو هو ته اسان گوشت مڇي يا بيدا ته نٿا رڌيون. ڪڏهن ڪڏهن ته هو رذيل اسان جا وات به سنگهي ڏسندو هو. پوءِ به مان لڪي لڪي ننهي ڪاسائيءَ وٽان پاءُ قيمو وٺي ايندو هئس، جيڪو ڀاڀي رات جو لڪ ڇپ ۾ رڌيندي هئي. مان ۽ هاسو در ٻاهران بيهي چوڪيداري ڪندا هئاسين ته ڪٿي هي مردود اچي نه وڃي. گوشت جون هڏيون ڏسي ها ته اسان جا هڏ گُڏ ڀڃي ڇڏي ها.

هڪ ڏينهن لڪشمي نارائڻ پانڊي، ڪٿي جيان سگهندو نوس نوس ڪندو مٿي اچي پهتو ۽ دادي ۽ ڀاڀيءَ کي قيمو رڌيندو ڏسي ورتائين. پنهنجي گهگهي آواز ۾ هن اسان کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون، ”تم سنڌي بيٽي چوڊ، مليڇ هو آڌي مسلمان هو ڪل هي مڪان خالي ڪردو.“ ٻئي ڏينهن کان هن اسان جو نلڪي تان پاڻي ڀرڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ ڏينهن اسان ميونسپالٽيءَ جي نل تان پاڻي آڻيندا رهياسين.

”تنگ آيد به جنگ آيد“ جي مصداق ٽئين ڏينهن مان ننهي ڪاسائيءَ وٽان رت ٻڌل تازي نليءَ سوڌي سڄي جي سڄي ڪليجي (جيرا) ڳوٿريءَ ۾ لڪائي وٺي آيس. پنهنجي ڪمري جي ٻاهران لوهه جي شيخن وٽ بيهي، سڄي ڪليجي نليءَ کان جهلي بيهي رهيس، جنهن مان رت لڪشمي نارائڻ پانڊي جي گهر جي پڌر ۾ ڦڙو ڦڙو ٿي ٽپڪڻ لڳو. پانڊي جي زال ۽ ٻارن واڪو واڪاڻ شروع ڪري ڇڏي. پانڊي پاڻ ٻاهران



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽ تان اٿي ڏوتي ٻڌندو ٻڪندو آيو. جيسين هو مون تائين پهچي، تيسين مون سڄي رت ٻڏل ڪليجي پانڌي جي گهر اندر اڇلي ڇڏي. گهر جا سڀ ڀاتي مون مٿان ٽٽي پيا. ڏهن يارنهن چٽن مون مٿان ڏڪن ۾ چنبن جو وسڪارو ڪري ڇڏيو. مون به پانڌي جي جوان ڌيءَ گوريءَ جو چِڪ ڏيئي بلائوز ڦاڙي ڇڏيو ۽ ڪيس ڍال ڪري پنهنجو بچاءُ ڪندو رهيس.

مڪان مالڪ جي گهر وارن ماري ماري منهنجو ڀوت ئي ڀڃي ڀاسي ڪري ڇڏيو. اکيون سڄائي ڇڏيائون. وات ۾ ڪنن مان رت وهڻ لڳو. ڀاپيءَ ۾ ڦڦيءَ واڪا ڪري اوڙو پاڙو ڪٺي گڏ ڪيو. سامهون هڪ سردار جو رڪشائن جو اسٽينڊ هو. هو ويهارو کن سائيڪل رڪشائون ڀئين ۾ بنگالين کي، ٽي روپيه روز جي ڀاڙي تي ڏيندو هو ۽ روز شام جو پنجاه سٺ روپيه وصول ڪندو هو. رڙيون ٻڌي هو مٿي چڙهي آيو. ساڻس گڏ به ٽي رڪشائون هلائيندڙ پيئيا به هليا آيا. ان وقت اسين سڀ شرٽارٽي هئاسين ۽ هڪ ٻئي لاءِ همدرديءَ وارو جذبو رکندا هئاسين. منهنجو سڄيل منهن ۾ واڇن مان وهندڙ رت ڏسي، سردارجيءَ جي اکين ۾ به رت لهي آيو. هن ۾ سندس ملازم پيئين سيني رنن آهرن کي چڱا موچڙا هنيا. اسان جو ٻاهر ڦٽو ڪيل سامان واپس ڪٽائي ڪمري ۾ رکيائون ۽ پانڌي کي ڌمڪي ڏنائين ته جي وري هن کي ڪنهن هٿ لاتو آهي ته هو سندن هٿ پير ڀڃي ڇڏيندو.

سردارجيءَ جو هڪ رڪشا هلائيندڙ پيئيو منهنجن زخمن جو هيڊ ۾ تيل سان علاج ڪندو رهيو. ٻن چئن ڏينهن ۾ سور به گهٽجي ويو. زخم به ڀرجي ويا ۽ مان هلڻ چلڻ جهڙو ٿي ويس. پانڌي ۾ سندس پٽ ڏيئر هفتن جا هفتا گانءِ جي ڇيڻي ۾ مُٽ سان پنهنجي گهر جا فرش ڌوئيندا رهيا ۽ ليپا پائيندا رهيا. سردارجيءَ منهنجي ماءُ کي چيو "بهن جي، ٽي سئو روپيه سيڙائي به سيڪنڊ هينڊ سائيڪل رڪشائون خريد ڪيو. هلائيندڙ مان ٿو وٺي ڏيانوَ. ٻن رڪشائن جو توهان کي گهر ويٺي ڇهه روپيا وڙانو ڪرايو ملندو رهندو. ايتري رقم توهان جي روز جي گذاري لاءِ چڱي چوکي آهي." سردارجيءَ جي ڳالهين اسان کي چڱو متاثر ڪيو. ڀاپيءَ جون به ڪنگڻيون وڪڻي ڪنهن نموني ٽي سئو روپيه سردار کي ڏناسين. ٻئي ڏينهن به پراڻيون رڪشائون ڪاهي به پيئيا اچي گهر ٻاهران رڪشائن جي گهنٽين جي 'ٽن ٽن' ڪرڻ لڳا. هاڻي اسين ٻن سائيڪل رڪشائن جا مالڪ هئاسين.

پهرين ڏينهن ته اسان سيئي ۾ منهنجي ڦڦيءَ جا به ٻار ٻنهي رڪشائن ۾ چڙهي، ڪانپور جو سڄو شهر گهمندا رهياسين. شهر گهمائي رڪشا وارا گنگا نديءَ جي گهاٽ تي وٺي آيا. ڪپڙن سوڌو ئي گنگا ۾ وهنجڻ لڳاسين. سنڌ مان نڪرڻ بعد اها اسان جي پهرين وڏي ۾ وڏي عياشي هئي.

گنگا جي ڪناري روبئي ۾ چوسڻ وارن انبن جي سڄي ٽوڪري ٿي ملي. اسان کي ائين محسوس ٿي رهيو هو. ڄڻ سڄي دنيا جي بادشاهي ملي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهن روپين جي روزاني ڪمائي اسان جو معيار زندگي بهتر ڪري، اسان کي آسودگيءَ جو احساس ڏياري ڇڏيو هو. مون ۽ هاسي هندوستان ۾ اچي پهريون ڀيرو ڪانپور جي مئجيسٽڪ ٽاڪيز ۾ پنجين پنجين آني جي ٽڪيٽ وٺي، نور جهان ۽ ترلوڪ ڪپور جي فلم 'مرزا صاحبان' ڏٺي. ٽيرنهن سالن جي عمر ۾ نور جهان منهنجي زندگيءَ جي پهرين Crush هئي. راتين جو خوابن ۾ نور جهان جي صورت ڏسڻ ۾ ايندي هئي. منهنجي ديوانگيءَ جي اها حد هئي، جو هڪ ڏينهن بنا ٽڪيٽ ٽرين ۾ چڙهي لکنوءَ ۾ نور جهان ۽ دليپ ڪمار جي فلم 'جگنو' ڏسڻ هليو ويس ۽ اتان مليح آباد جي هڪ ٽوئرنگ ٽاڪيز ۾، نور جهان جي هڪ ٻي فلم 'انمول گهڙي' ۾ تہ هوءَ منهنجن ڇهن ئي حواسن تي ڇانئجي وئي ۽ فلم جي هيرو سريندر کي مان پنهنجو وڏي ۾ وڏو رقيب سمجهڻ لڳس.

رنڌڻي جي روزاني روٽي پاڻيءَ جي چنتا لٿي تہ راتين جو نور جهان جي سپنن کان سواءِ، مون پنهنجي اڳتي جي تعليم لاءِ سوچڻ شروع ڪيو. ڪانپور جي پريڊ گرائونڊ جي احاطي ۾ هڪ وڏو سرڪاري اسڪول اي بي ودياليہ هو. اسڪول ۾ نہ رڳو ڪا بہ في نہ هئي، پر شاگردن کي روز رسيس ۾ هِڪ پسيل ڇڻا ۽ کير جو گلاس مفت ۾ ملندو هو. تعليم حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ مفت جي ڇڻن ۽ کير جي لالچ هئي. هڪ ڏينهن مان همٿ ڪري اسڪول جي هيڊ ماستر پنڊت برهم دت چوبي جي ڪمري ۾ گهڙي ويس ۽ پنهنجيءَ پڳل ٽٽل هنديءَ ۾، هن کي پنهنجي اسڪول ۾ داخل ڪرڻ لاءِ عرض ڪيم. پنڊت چوبي ڏسڻ ۾ هوبهو متُرا جي چوبن جيان لڳي رهيو هو. گول گول ملائيءَ جهڙي چيڪي ڇهري سان، هو ڳچگو دبدبي ۽ دهشت واري شخصيت لڳي رهيو هو. هن مٿي کان هيٺ تائين مون کي جاچي ڏٺو. پڇيائين:

"ڪهان سي آئي هو؟"

"سنڌ سي."

"هان، تو پاڪستان سي آئي هو."

"هان سر."

"ڪس ڪلاس ۾ داخلا چاهيئي؟"

"چوٿين انگريزيءَ ۾."

"چوٿا انگريزي ڪيا؟ پاڪستان ۾ ڪون سي ڪلاس ۾ پڙهتي ٿي؟"

"چار سنڌي پاس ڪر ڪي، ٽيسري انگريزي ڪلاس ۾ گيا ٿا."

"يي سنڌي، انگريزي ڪيا هوتا هئہ؟"

"سنڌ مين چار سنڌي پاس ڪر ڪي انگريزي ڪلاس ۾ داخلا هوتي هي."

"هاءِ اسڪول ڪتني ڪلاس ڪا ٿا.؟"

"يي تو پتا نهين، مئٽرڪ سات انگريزي ڪا ٿا:"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تو تمهين چار اور تين، ساتوين ڪلاس ۾ داخلا چاهيئي؟"
(مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نتي آيو تہ هي ساتوين ڪلاس ڇا هي)
"جس ۾ داخل ڪرو آپ ڪي مرضي..."
"تمهاري پتاجي ڪهان هئن؟"
"وو تو نوابشاهہ ۾ هئن."
"نوابشاهہ ڪهان هئہ؟"
"سنڌ ۾ هئہ."
"وو ڪيون نهين آئي؟"
"ايي وهان سرڪاري نوڪري ۾ هئن."
"اڇا، سات ڪا پهاڙا سنائو."
"سر، سنڌ ۾ تو سنڌوندي هئہ، پهاڙ تو شملا مسوري ۾ هئن."
"ارڙي، سات ڪا پهاڙہ نهين آتا؟"
"نهين سر."
"ابي او سنڌي ڪي بچي، تمهين سات ڪا پهاڙا نهين آتا اور ساتوين ڪلاس ۾ بئٺني آئي هو."
"ڀاڳ جائو يهان سي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پندرهون پنو

T.S.Eliot جي هڪ سٽ آهي:

They Who turn-Return جيڪي مڙن ٿا، موٽن ٿا.

اسين پنهنجي ڇڏي آيل ملڪ ۾ موجوده حڪومت جي اجازت سان پنهنجي ئي ملڪ موٽي آيا آهيون، پر اسان کي هتي رڳو ٻه هفتا رهڻ جي اجازت آهي ۽ اهو اجازت نامو حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي ٻه مهينا ٻيچ ٻڪ ڪرڻي پئي هئي. دنيا ۾ جيڪي ٻه قوميتن جا قانون لاڳو ڪيل آهن، انهن ۾ هڪ قانون Law of Return (ملڪ موٽڻ جو قانون) پڻ آهي، جنهن کي يهودي قوم جي ويهين صديءَ ۾ قائم ڪيل ملڪ اسرائيل ۽ چين کان الڳ ٿي ويل ملڪ فارموسا، ڪليءَ دل سان عمل ۾ آڻي رهيو آهي. اقتصاديءَ طور سڄيءَ دنيا جي تجارت تي ڇانئجي ويل يهودي، پنهنجي ملڪ موٽي پاڻ کي نئين سر ٿانئيڪو ڪري رهيا آهن ۽ چيانگ ڪائي شيڪ جي ظلمن جو نشانو ٿي، فارموسا مان ڀڄي ويل چيني خورد و فروش ۽ گهورڙيا، آمريڪا، ڪئناڊا ۽ يورپ جي شهرن جي گهٽين ۾ ڦيريون ڪندا، پهرين پنهنجا دوڪان ۽ پوءِ سڄي جون سڄيون بزاريون ۽ بستيون وسائيندا ويا آهن. اڄ نيويارڪ جو امير ترين علائقو Manhattan يهودي سرمائيدارن جي قبض ۾ آهي، ته اتان کان ڏهه گهٽيون اڳتي وارو ڪئنال اسٽريٽ علائقو فارموسا جي ٽڙيل چينين جو مشهور تجارتي مرڪز 'چائنا ٽائون' آهي.

هيءَ سڄي اٿل پٿل گذريل اڌ صديءَ جي ئي آهي ۽ تاريخ ۾ اڌ صدي ڪا به معنيٰ نه رکندي آهي. تواريخن جا سلسلا صدين تي مشتمل هوندا آهن. ايندڙ وقت جي اڳڪٿي ته اسين ڪري نٿا سگهون، پر پٺ ڪٿي ڪرڻ لاءِ وينڻي ويني ذهن آڏو زندگي ماضيءَ کي جهنجهوڙي رهي آهي.

ساروٽين جو هي سلسلو ڪراچيءَ جي مائي ڪلاچيءَ جي علائقي جي بيچ لگزري هوٽل جي هڪ ڪمري جي ڪنڌ ۾ ويهي لکي رهيو آهيان. منهنجي پر واري پلنگ تي منهنجو دلبر شاعر دوست ڊاڪٽر موتي پرڪاش بحث وزن ۾ کونگهرا هڻي رهيو آهي. جيڪي بحر خفيف ۾ نه، پر بحر طويل ۾ آهن. پر رکي رکي هو مون کي چئي رهيو آهي، "ڪومل، مان جاڳي رهيو آهيان."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي هن دوري اسان سيني جي ننڍ ڦٽائي ڇڏي آهي. سڀ دوست جاڳندي بہ سپنن جي سنسار ۾، ڪليل اکين سان، سنڌ ڌرتيءَ تي هلي چلي رهيا آهن ۽ سوچي رهيا آهن تہ واپس موٽي جڏهن هي سپنو ٽٽندو تہ اسان جي مانسڪ حالت ڪهڙي هوندي؟ اسين جسماني طور تہ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويندا سين، پر ذهني طور طويل عرصي تائين هن يونءَ جي سرهاڻ اسان جي تن من کي معطر ڪندي رهندي.

اسان سنڌ چاولن جي عمر جي، 'نصف صد برگ' جا سڀ پن هاڻي لڳ ڀڳ ڇڻي چڪا آهن. پرندڙ پتين وانگر اسان جي روح سان گڏ، اسان جي جسم جا بہ چاپوڙا لهي رهيا آهن. اسان جون آتمائون ڪوڪلن جسمن جي ڍانچن ۾ ڪِرڙيءَ جي ڪتيل پچ وانگر ڦٽڪي وڪڙ ڪائي رهيون آهن. هاڻي اسان وٽ ڪي سال نہ، ڪي مهينا نہ، شايد ڪي هفتا بہ نہ. پر رڳو ڪي ڏينهن ئي وڃي بچيا آهن ۽ تي سگهي ٿو تہ اسان سمورن هم عمر ۽ همعصرن جو هيءَ سنڌ جو آخري دورو هجي، جنهن دوري کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ اسان کي سالن کان الائي ڪيترا دل جا دورا پئجي چڪا آهن.

مون کان جيڪڏهن ڪير اهو پڇي "تو وٽ عمر جا رڳو چوويهہ ڪلاڪ ئي باقي بچيل هجن تہ تون اهي ڪيئن گذاريندين؟"

تڏهن آءُ وراڻيندس، "چوويهن ڪلاڪن مان بہ ڪلاڪ ڪنهن حسين ۽ تندرست عورت کان جسم جو مساج ڪرايان، بہ ڪلاڪ بلئڪ ليبل جا چار پيگ پيئان ۽ باقي ويهہ ڪلاڪ 'Make Love' ڪندي گذاريان."

اڄ لفظ پنهنجيون معنائون، مفهوم ۽ مطلب بدلائي چڪا آهن، يا وڃائي چڪا آهن ۽ مٿن نوان مفهوم مڙهجي چڪا آهن. لفظ معنيٰ ۾ 'Make Love' جي نتيجي طور صفوران دائيءَ مون کي ڄڻائي، هي جڳ جهان ڏيکاريو.

ڪنڊياري جي خوش شڪل نوجوان مختيارڪار، رات جي اونده ۾، مون کي ۽ منهنجي شاعر دوست ارجن حاسد کي، پنهنجي ڳوٺ جي روشني ڏيکاري. پراڻي ٽي ويل مختيارڪاريءَ واري عمارت جي پٿين تي، مون کي لڳو تہ آخري رنگ روغن منهنجي والد ئي لڳارايو هوندو. جڏهن هو چاليهن، پائيتاليهن ۾ پاڻ ڪنڊياري جو مختيارڪار هو. تن ڏينهن هن کي ڪاردار بہ سڏيندا هئا. مون جڏهن نوجوان مختيارڪار کي ٻڌايو "سٺ سال اڳ منهنجو والد هتان جي تعلقيدار جي حيثيت ۾، پنهنجي امانتدار طور توهان لاءِ هيءَ ڪرسي ڇڏي ويو هو."

جواب ۾ ان حسين جميل جوان جون اکيون پرجي آيون. هن مون کي ڀاڪر ۾ پري چيو "ديوان صاحب، هيءَ ڪرسي اڄ بہ توهان جي اوسيئڙي ۾ وڇايل آهي. اسين تہ ان جا سنڀاليندڙ آهيون." ڪنڊياري جي ان مختيارڪاريءَ جي ورانڊي ٻاهران ٻيٺي ٻيٺي مون کي ٻاروتڻ جي هڪ شيطاني ياد آئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڇهن ستن سالن جو هوس. اسڪول کان موٽندي دادا جي آفيس جي ان حصي ۾ اچي ويهندو هوس، جتي هو درجہ اول جي مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ ديواني ۽ فوجداري ڪيس پڻ هلائيندو هو. تعلقي جي هيڊ منشي چاندومل ٺهلياڻيءَ کي پڻ سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ طور ديواني ڪيس هلائڻ جون اختياريون هيون ۽ ڪجھ وڌيڪ اختياريون دادا پڻ هن کي ڏيئي ڇڏيون هيون. هو ٻئي هڪ خاص ڪمري ۾ ويهي، ڪن ڪيسن بابت صلاح مصلحت بہ ڪندا هئا. مان پنهنجي پيءُ جي غيرحاضريءَ ۾ هن جي عدالتي ڪرسيءَ تي وڃي ويهندو هئس ۽ پاڻ کي وڏو قانوندان ۽ منصف سمجهڻ لڳندو هئس. ميز تي رکيل مقدمن جي فائيلن کي هيٺ مٿي ڪندو رهندو هئس ۽ ڪيس جي ڪاغذن تي گواهن جي بيانن ۽ دادا جي لکيل فيصلن جي حاشين ۾ ڪاريءَ مس سان A B C D لکي، اکرن جي مشق پچائيدو هئس ۽ اسڪول ۾ ماسترن جي ياد ڪرايل، 'بابا بلئڪ شيپ' ۽ 'مون کي ڪنهن تي ڪير پيارپو' جهڙا نظم ۽ بيت لکندو هئس. ائين مون الائي ڪيترن ئي ڪيسن جا فائيل خراب ڪري، پنهنجي پيءُ کي وڏي آزار ۾ آڻي ڇڏيو هو ۽ منهنجي اشراف والد کي ڪيترن ئي ڪيسن جا فيصلا ورائي ورائي لکڻا پوندا هئا. هن اڳتي لاءِ منهنجو مختيارڪاريءَ ۾ اچڻ ئي بند ڪري ڇڏيو.

مون پنهنجي ٻاروتڻ ۾ پنهنجن مائٽن لاءِ الائي ڪيترائي ڏچا پيدا ڪيا، جن جي مون کي سمجھ اچڻ تي پنهنجيءَ سعاتمندي ۽ فرمانبرداريءَ سان پوري تلافي بہ ڪئي هئي. اڄ منهنجا پيءُ ماءُ هن دنيا ۾ نہ رهيا آهن، پر پوءِ بہ مون کي محسوس ٿي رهيو آهي تہ مان پنهنجيءَ ڌرتيءَ ماءُ کان سواءِ يتيم آهيان ۽ پنهنجي گهر جي جنهن چائنٺ وٽ بيٺو آهيان، اها منهنجي ناهي، پر ان تي ڪن اجنبين جي مالڪي آهي. 23 ڊسمبر 2004ع جي ان رات جو اسان جو قافلو درازن جي دڳ ڏانهن وڌي رهيو آهي. وچ تي منهنجي ماءُ جو آبائي ڳوٺ راڻيپور آيو پر مان اتي لهي نٿو سگهان. رياست جي سيڪيورٽي پوليس اڳئين ضلعي جي پوليس کان واڳون وٺي رهي آهي ۽ اسان جا نوان محافظ مٿي بس ۾ چڙهي، اسان سيني جي ڳڻپ ڪري رهيا آهن. اسان جي منڊين جو ٽوٽل ملائي، بسن کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. دل چئي رهي آهي تہ بس مان ٽپو ڏيئي، پنهنجيءَ امڙ جو گهر ڏسي اچان پر درياءَ جي شيشن مان راڻيپور کي ڏسندو ئي رهجي ٿو وڃان. بس اندر ڪيتري نہ گهُٽ ٻوساٽ آهي ۽ ٻاهر ڪيتري نہ ساوڪ ئي ساوڪ ۽ خُنڪ موسم جي ٿڌيءَ هوا جا ولٽندڙ جهونڪا آهن.

ٻہ ڏينهن اڳ ڄامشوري کان حيدرآباد اچي رهيا هئاسين. هڪ هنڌ ڪار بيهاري، مون سنڌوءَ ڏانهن نهاريو. سنڌو سڪي پيئي هئي. مون کي منهنجي ماءُ ياد آئي. لڏپلاڻ وقت 'جل درگا' جهاز ۾ ٽي ڏينهن ڪاڌو پاڻي نہ ملڻ ڪري منهنجيءَ ٻٽيهن سالن جي ماءُ جون ڇاتيون سڪي سيني سان لڳي ويون هيون ۽ هن پنهنجي سڪي ويل زبان تي ماٽ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مهر لڳائي ڇڏي هئي. ڪن پل لاءِ مون محسوس ڪيو ڄڻ منهنجي آڳر تي ڪو تکو ڪنڊو چڀي ويو آهي. جنهن اوچتو منهنجي وات مان آهه ڪڍي، پر هڪ پل ئي ان آڱر کي مهڻي مون پنهنجي سور تي قابو پائي ورتو آهي. سنڌوءَ وانگر منهنجون آليون اکيون خشڪ ٿي ويون آهن.

درد جا ڪي پل اهڙا بہ ٿين ٿا، جتي اکين ۾ ڳوڙها ايندي ايندي وهڻ بجاءِ اکين اندر ئي ڄمي ويندا آهن. انهن ڄميل اکين سان سنڌوءَ تي وري هڪ نظر وجهي، مان چپ چاپ موٽي اچي ڪار ۾ ويٺس. سنڌوءَ جي ڪناري هلندي هلندي مون کي قرآن ڪريم جي سورت بقر جي آيت ياد آئي.

”مان مائرن جي رحمن ۾ پلجندڙ ٻارن جون تصويرون ٺاهيندو آهيان.“

۽ اڳتي هلي اها آيت بہ ياد آئيل:

”اها هڪ امت هئي، جيڪا گذري چڪي. اهوئي ان کي ملندو جيڪو هن ڪمايو آهي ۽ توکي اهوئي ملندو جيڪو تو ڪمايو آهي ۽ توکان اهو نہ پڇيو ويندو تہ هو ڇا ڪندا هئا؟ غلاف ڪعبي جي بي حرمتيءَ کان وڌيڪ مون کي انسانن جي بي حرمتيءَ جو ڏک رسندو.“

مون ڪنڌ ڌوڻي اهڙن خيالن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو ۽ ذهن ۾ ڪراچيءَ ۾ تازو ملاقات ڪيل اهو خوبصورت چهرو تري آيو. جنهن کان پهرين مان متاثر، پوءِ مرعوب ۽ پوءِ شايد مبتلا عشق ٿي ويو هئس. اهو حسين چهرو ۽ دلڪش آواز هينئر ئي هينئر موڪلائي ناهي چڪي، مون کان موڪلائي ويو آهي ۽ مان هوٽل جي ٽين منزل جي بالڪنيءَ وٽ ويٺو هن کي ويندو ڏسي رهيو آهيان. موڪلائڻ وقت هن جي چهري تي ڏک جا آثار ايترا تہ خوبصورت لڳي رهيا هئا، جو مون سوچيو تہ هاڻي شايد هوءَ مون کي ئي ياد ڪندي رهندي ۽ ان فخر جي احساس هيٺ منهنجو ڏک بہ جهڪو ٿي ويندو. اسان جو گونگو رشتو تاعمر اسان ٻنهي جي وچ ۾ جڙيل رهندو پر اهو رشتو ڇڏڻ ڏينهن جي رسمي گڏجاڻيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هو. جيڪو جدا ٿيندي ئي پڄي پري، مون لاءِ عذاب بڻجي پيو آهي. پنهنجن ئي ڪڙين جو پاڻ قيدي ٿيڻ، دلفريبيءَ جي مجبورين جو بار ڍوئڻ آهي ۽ ٻئي طرف ’موڪلاڻي ناهي‘ چئي ويندڙ آزاد هوا ۽ سامت جو ساهہ کڻي رهيا هوندا.

هوٽل جي بالڪنيءَ تي ويٺي ويٺي مان ڪراچيءَ کي ڏسي رهيو آهيان. سڄو شهر منهنجي فوڪس ۾ آهي. شهر جا سيئي رستا ۽ گهٽيون منهنجيءَ نظر جي دائري ۾ آهن. هر شئي بتين جي ٽڙڪي ۾ چمڪاٽ ڏيئي رهي آهي ۽ هوءَ آوازن، چهرن کان بي پرواهہ پنهنجي گهر ڏانهن وڃي رهي آهي. هن مون کي پنهنجو ڏس پتو نہ ڏنو پر مون کان منهنجا پار پتا پڇي هلي وئي. شايد زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن ملڻ ٿئي، شايد نہ ٿئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچيءَ ۾ مائي ڪلاچيءَ جي علائقي واري هوٽل ۾، نوجوان حسين ۽ جميل پاڪستاني عورتن، جن مان ڪن کي حجاب اوڍيل هوندي به سندن ڪليل چهر اچمڪي رهيا آهن ۽ ڪن جي جسمن سان چهٽيل جينس مان پسجندڙ سندن خدوخال ڪين اجنتا جي مورتين وارو آڪار ۽ سونهن بخشي، مون ۾ هڪ نئون وشواس جاڳائي رهيا آهن. ڪين پنهنجيءَ شناخت بابت ڪي به Complexes ناهن. ڪين مغرب ۽ مشرق جي ٻنهي دنيائن جي ويجهو ايندڙ مشترڪ ڪلچر هڪ نئين نظريي، رخ ۽ رويي سان هم آهنگ ڪيو آهي. ڪين اسلامي معاشري ۾ رهندي به، عالمي برادريءَ جي جديد لاڙن مان جڙڻ جي خواهشن ۾ ڪوبه تضاد نظر نٿو اچي. پاڪستان جو اهوئي نوجوان نسل آهي، جيڪو اتان جي بنياد پرستيءَ جون پاڙون پٽي، ڏنڏلا ماڳ هٽائي، پنهنجي آئيندي جون روشن راهون هموار ڪندو.

گذريل اڌ صديءَ ۾، ٻنهي ملڪن ۾، تواريخ جو قتل ڪيو ويو آهي. سڌ سماءَ جا اڪثر ذريعا اسان کي گمراهه ڪندا رهيا آهن. هندوستان جي هندي پريس ۽ پاڪستان جي اردو پريس، پنهنجين غلط بيانين سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ ويڇا وڌائي ڇڏيا آهن. ٻيئي ٽين دنيا جا ملڪ هوندي به، منجهن هڪ چوٿين دنيا پڻ وسيل آهي، جتي جهالت ۽ غربت هٽ هٽ ۾ ڏيئي هلي رهيون آهن.

هن ڀيري اسان ڪراچيءَ جي شهري زندگيءَ کان ٻاهر نڪري سچي سنڌ ڏٺي. سنڌ جو معصوم ۽ اشراف عوام ڏٺو جيڪي شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۽ هر وستي ۽ واهڻ ۾ اسان لاءِ اکيون وڇائي ويٺا هئا. سيني اسان کي ويڇڙي ويل سڳڻ ياترن جيان پنهنجي پاڪرن ۾ ڀريو ۽ اسان کي لڳي رهيو هو ته اسين هتي پنهنجن ئي وڏڻن ۽ گهرن ۾ موٽي آيا آهيون ۽ پنهنجي گهر ۾ ڪو مهمان نه هوندو آهي. سچي سنڌ سيڪيولر آهي. ڪٿي به ڪو مذهبي ڀيد ڀاو ناهي. ڪنهن ڪميٽيءَ سازش هيٺ هتي هند ۾ هوڪا ڏنا وڃن ٿا ته سنڌ ۾ اقليتن مٿان ظلم ۽ تشدد جا گهوڙا ڊوڙايا ٿا وڃن.

هندوستان جي هاٿين جي اڏوهي ڪاڏل حودن تي سوار ٽيندڙ سومنات کان جڳن ناٿ پوريءَ تائين رٿ ياترائون ڪيندڙ ۽ ٻئي طرف پاڻ کي روشنيءَ جا مبلغ سڏائيندڙ بنياد پرستن جي ڪوڙن، اسان جي ڪنن ۾ شيها ڀري ڇڏيا آهن. اسين انهن يزيدن کي بدلائي ته نٿا سگهون، پر اسان :ني ڪراچيءَ ۽ ڪلڪتي جو نئون نسل ڪين اوس ختم ڪري ڇڏيندو. نقاب پوشيءَ جي اجازت رڳو بڇڙي ۽ بدشڪل کي هوندي. مملڪت خداداد پاڪستان ۾، حسين چهرا پنهنجيءَ سونهن جي سرهاڻ ائين پکيڙيندا، جيئن مان ڪلفٽن جي بيچ ۽ بمبئيءَ جي ميرين ڊرائيو تي ڏسي رهيو آهيان.

پيغمبر اسلام پنهنجي هڪ خطبي ۾ پنهنجن امتين کي تاڪيد ڪندي فرمايو آهي:

"جيڪڏهن توهان ٻئي مذهب جي ڪنهن فرد سان ڪا بدسلوڪي ڪئي آهي، يا ساڻن ڪو ناروا ورتاءُ ڪيو آهي، يا ساڻن ناانصافي ڪئي آهي، يا ڪنهن ٻئي طرح



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿن ڪو ڏاڍ ڪيو آهي، تہ حشر ڏينهن حساب وقت مان پاڻ خدا جي اڳيان توهان تي فريادي ٿي بيهندس.“

اسان جي سنڌ جي مسلمان ياڻرن رسول اڪرم ﷺ جي ان هدايت کي سچيءَ دل سان هڻين سان هندايو آهي. تاريخدان ڪجهہ بہ درج ڪندا رهن، يا ڪائڻن ڪجهہ بہ درج ڪرايو ويو هجي. سنڌين پنهنجن سنڌين مٿان تہ ڪو ڏاڍ ڪيو نہ مناسب ورتاءُ، جيڪڏهن ڪن کي گهوڙن تي چڙهڻ نہ ڏنائون تہ اهي گهوڙا بہ ڪين رڻ ۾ رولي ويا.

سيٺ چاولا جي گهر ۾ چار جام چاڙهي، ٽڙڪندڙ قدمن سان شازيہ خشڪ سان جهمر هڻندي، مان سوچي رهيو آهيان، تہ هو جمالي جي لئہ تال تي ڪڇندڙ منهنجو هر قدم، مون اڪيلي جو قدم ناهي، پر سڄيءَ سنڌ ۽ هند. هو جمالي جي تال تي رقص ڪري رهي آهي، بلڪ سڄيءَ دنيا جي هر ڪنڊ ۾ وسيل سنڌي رقصان آهن ۽ اسان جي ’مي رقصم مي رقصم‘ جو هي آواز سيوهڻ جو قلندر شهباز بہ ٻڌي ۽ ڏسي رهيو آهي تہ ڪراچيءَ ۾ قمر شهباز بہ.

اڄ دنيا هڪ عالمي قصبي جي صورت ۾ سڪڙجي ننڍي ٿي چڪي آهي ۽ ان ڳوٺ جو هڪ پاڙو سنڌ آهي. بلڪ اها ڪنهن وڏي پاڙي جي هڪ ننڍي گهٽي آهي، جنهن ۾ سڄيءَ دنيا جا سنڌي سمائجي سگهن ٿا. مون کي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ اهو ڏسي حيرت ٿيندي آهي تہ هڪ ئي سرزمين سنڌ جا باشندا. جن ساڳيءَ ئي مٽيءَ مان جنم ورتو آهي، ساڳيءَ تهذيب ۽ ثقافت سان جڙيل آهن. ساڳي ئي ٻوليءَ ۽ لهجي ۾ ڳالهائين ٿا ۽ ساڳئي ئي ماحول ۾ پلجي وڏا ٿين ٿا.

پوءِ بہ هن ڌرتيءَ جي ٻن جاتين هندن ۽ مسلمانن جي اقتصادي سوچ بنهہ مختلف ڇو آهي؟ ڏور اوير جي ملڪن، مليشيا، سينگاپور، هانگ ڪانگ، انڊونيشيا، جاوا، سوماترا ۽ فلپينين کان وٺندي چين تائين ۽ ٻئي طرف اولهہ ايشيا جي ملڪن، سمرقند، بخارا، باڪو ۽ هن وقت دبئي، شارجا، ايران، عدن کان زنجيباز تائين ۽ ٽئين طرف اندلس کان يورپ ۽ آمريڪا تائين، سنڌ جي هندو جاتي ئي سڄي وڻج واپار مٿان ڇانيل آهي. خود اسلامي ملڪن ۾ بہ تجارت تي صدين کان سنڌي هندن جو ئي قبضو رهيو آهي ۽ سنڌي مسلمان تجارتي ڪاروبار کان وٿن ويندا رهيا آهن.

الله جي رسول فرمايو آهي: ”علم حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي جيڪڏهن چين بہ وڃڻو پوي تہ وڃو.“ ظاهر آهي تہ ان وقت چين ولائت ۾ ڪي اسلامي علم جا درسگاهہ نہ هئا. حضور جن جي مراد يقينن اقتصادي ۽ تجارتي علم سان ئي هوندي، جو هو پاڻ بہ وڏا تجارتي ماهر هئا.

سال اڳ جڏهن اڃان سوويت يونين ٽٽي نہ هئي، مون سمرقند ۽ بخارا ۾ شڪارپوري سنڌي پلاوٽن جون ڪاڳري ڪاروبار واريون اهي ڪوٺيون ڏٺيون هيون، جيڪي روسي انقلاب کان پوءِ بہ جيئن جو تيئن سلامت هيون. انهن ڪاروباري ڪوٺين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ڪجهه فاصلي تي، اهي نيلام گهر به زبوني حالت ۾ برقرار هئا. جتي ڇهبوڪ جهلي بيٺل، انساني جسمن جا سوداگر، سمرقند ۽ دمشق مان زوريءَ آندل ڪنيزن کي قطارن ۾ ويهاري، مٿن وڏا واڪ ڏيندا هئا ۽ انهن حسينائن جي جسمن جي هر خدوخال جو دينارن سان ملهه چڪائيندا هئا. ملهه چڪايل انهن ڪنيزن جي شناخت لاءِ سندن سينن تي ڏنپ ڏنا ويندا هئا ۽ ٻئي طرف شڪارپوري هندو پنهنجيون هنديون هلائي، ناڻو ڪمائي، پنهنجي ئي شهر ۾ محلن نما جايون جوڙائي، مٿن ڪڏن متان ڪڏ ٺهرائيندا هئا.

روسي انقلاب وقت بالشويڪ انقلابين، زار جي دؤر جي هر نشاني نيست نابود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندن اڳواڻ لينن کين اهو چئي ان عمل کان باز آندو "اهي هندو پلاوٽن جون ڪوٺيون ۽ مسلمان سوداگرن جا نيلام گهر، توهان جي تاريخ جو اهم حصو آهن. ان تاريخ کي ڊاهڻ جي ڪوشش نه ڪريو. پنهنجو ورثو نه وڃايو. سٺاين ۽ براين جو فيصلو به تاريخ کي ڪرڻ ڏيو." لينن پنهنجي سياسي نظرين ۽ عمل ڪري تاريخ ۾ ڪهڙي به جاءِ والاري، پر پنهنجي ان ڏاهپ واري عملي ڪارنامي ڪري هو تاريخ ۾ سدائين جوڳي جاءَ والاري ٿو. انهيءَ جي برعڪس، ڪينجهر کي ڪنجر ڪوٺڻ وارن جا تاريخ جي صفحن ۾ حروف ئي مٽجي ويندا.

مون کي اها حقيقت هميشه ڏکوئيندي رهي آهي ته اسان جي قوم وٽ ڪڏهن به تاريخ جو شعور ڇو نه رهيو آهي؟ اسان کي سنڌ جون تاريخون به عربن وٽان مليون آهن. جن ۾ ڪيترا ڪوڙا سچ ۽ سچا ڪوڙ درج ڪيا ويا آهن. سنڌي هندن ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي اتان تجارت ۽ معيشت ۾ ته گهري دلچسپي ورتي، پر ڪڏهن انهن وسايل ملڪن جي تاريخن جا ورق نه ورايا. سندن دلچسپي رڳو اهو ڄاڻڻ ۾ رهي، ته هتي ڪهڙو وکر وڌيڪ وڪامندو جيئن پنهنجيءَ برادري جي ٻين فردن کي اتي پاڻ وٽ گهرائي، انهيءَ ئي ڏنڌي ڏاڙي ۾ ڪپايون ۽ مسلمان ته ڪڏهن پنهنجي ملڪ کان ٻاهر ته ڇا، پنهنجن ڳوٺن کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ به تيار نٿي ٿيا. خلافت تحريڪ ۾ اڀوجهن جيان، ڪنهن جي پڙڪائڻ تي ملڪ کان ٻاهر ويا به ته پنهنجو سڀو الهه تلهه وڃائي، موٽي پنهنجين ئي زمينن تي اڇي هندن جو هاريو ڪرڻ لڳا.

تاريخ کين اهڙي بي پرواهيءَ، اڄ سنڌ کي اتي اچي ٻيهاريو آهي، جتي سڄي دنيا ۾ پکڙيل سنڌي ته امير آهن. پر سنڌ غريب رهجي ويئي آهي. دور دراز مليشيا جي ڪوالالمپور جو ڪنگ (داتڪ) هڪ سنڌي سرمائيدار (بئنڪر) جو ذاتي مقروض آهي، ۽ پنهنجي عاقل ۾ ڪُني ۾ ڏڏڙي وڪٽدڙ هڪ پير اگهاڙي غريب جي گوڏ ۾ گنجيءَ ۾ ڪيترائي سوراخ ڏسي، مون کي لڳي رهيو هو ته اهي سوراخ هن غريب جي گنجيءَ تي نه، پر منهنجيءَ دل تي لڳل آهن. ڪراچيءَ جي ڪلفٽن ۽ ڊفينس جي بنگلن جون دعوتون اصلي سنڌ ناهي، سچي سنڌ پنهنجي عاقل جي ان غريب جي ڏڏڙيءَ جو ڪُنو آهي.

منهنجو پٽ لالي مون کي ننڍي هوندي چوندو هو "بابا، تون منهنجو وڏي ۾ وڏو دشمن ٿيندين. جي تون مون لاءِ ڪوبه مال ملڪيت يا جائيداد ڇڏي ويندين. مون کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر سر ڪري پنهنجي گهر جون پتيون چتيون پاڻ اڏڻ ڏجانءِ. پنهنجن هٿن سان جوڙايل جاءِ ۾ ئي مان پاڻ کي ٿانئيڪو سمجهندس.“ اڄ هو پنهنجي قول ۽ فعل تي سچو ثابت ٿيو آهي. ڪاش سنڌ جي وڏيرن جا وارث پڻ اهڙي سوچ ۽ سمجهه رکن ته سڄي سنڌ اڏجي ويندي.

پرڏيهه ۾ رهندڙ ڪيترن ئي سنڌي سرمائيدارن مون کي چيو آهي. ”اسين اڄ به پنهنجي وڏن وانگر پنهنجو خاصو سرمايو سنڌ ۾ سيڙائڻ لاءِ تيار آهيون. بشرطيڪ اسان کي پنهنجيءَ جان ۽ مال جو تحفظ ملي سگهي.“ هن پيري مان پنهنجي هن وطنين کي وڏيڪ ويجهڙائي کان ڏسي آيو آهيان ۽ مون کي يقين ٿي چڪو آهي ته سنڌ جا سنڌي، پنهنجيءَ جان جو جوکم کڻي به سنڌي سرمائيدارن جي جان ۽ مال جي مڪمل حفاظت ڪندا.

عالمي سطح تي سنڌين جي سوچ جي پهرين هيءَ هڪ ٿيئري آهي. ان بعد ان تي عمل ٿي سگهندو ۽ اڳتي هلي ان عمل جون واٽون جڙنديون ۽ جڏهن اهي واٽون جڙي راس ٿينديون. ته سنڌ جي اقتصادي آزاديءَ اسان جو ايندڙ نسل پنهنجين اکين سان ڏسي سگهندو. پل ته سياسي آزادي اجان سپنو ئي هجي.

سپنن جي ان سنسار ۾ به هفتا خوابن ۾ اکين جي وچ وارو فاصلو مون لاءِ اها مسافت بڻجي چڪو آهي. جو هڪ پلڪ جهپڪڻ سان لڳي ٿو ته ڄڻ عمر جون سهسين صديون گذري ويون آهن ۽ منهنجي هيءَ بي ربط تحرير به اڌ ننڊ ۽ اڌ جاڳ ۾ ڏٺل غير مسلسل سپنن جي چرڪ پرائيندڙ سجاڳي آهي.

اعجاز قريشي مون کي ڏونڌاڙي اٿاريو آهي. ”بابا سائين روئي رهيو آهي. چوي ٿو وڃ ۽ وڃي لڇمڻ کي وٺي اچ.“ اعجاز مون کي منهنجي محسن سائين علي احمد قريشي جي حضور ۾ وٺي آيو آهي. ويهه سال اڳ دهليءَ ۾ سائينءَ مون کي پنهنجي پاڪر ۾ ائين پريو هو ڄڻ چاهيندو هجي ته مون کي سڄو پاڻ ۾ سمائي ڇڏي.

اڄ سائين علي احمد جو پاڪر هلڪو هو. گوڏا جهڪيل هئا، پر سندن پير پختا هئا. مون سندن پيرن کي جيئن ئي ڇهيو منهنجي سڄي جسم ۽ روح ۾ اهي لهرون ۽ لرزشون ايرڻ لڳيون. جيئن جڏهن سوامي وويڪانند، پنهنجي گروءَ رام ڪرشن کان پڇيو.

”تو ايشور ڏٺو آهي؟“

”ها.“

”مون کي ڏيکاريندين؟“

”ها.“

۽ 'پرمهنس' جيئن ئي نريندر ناٿ (سوامي وويڪانند) جي گوڏي سان پنهنجو گوڏو ڇهايو ته وويڪانند دانهن ڪندي چيو ”ها، مون ايشور کي ڏسي ورتو، ڏسي ورتو.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سورهون پنو

زندگيءَ جا هي الائي ڪهڙا تضاد آهن. جو ڪڏهن تہ ڪعبي ۾ مسلمان ڪي بہ ڪافر ڪوٺيو ٿو وڃي، تہ ڪٿي بت خاني ۾ ڪافر ڪي بہ ڪافر نٿو سمجهيو وڃي. وقت وقت جي بلهاري آهي. ڪڏهن ڪن ڏاڍن جا هٿ هوندا آهن ۽ اسان جو گريبان هوندو آهي تہ ڪڏهن اسان هيڻن جا هٿ هوندا آهن ۽ انهن جون ڳچيون هونديون آهن.

اڄ صديءَ جي چاڪ گريبانيءَ بعد هند سنڌ جي سورهين پنهنجي وقت جي ويرين جي نڙين کي نپوڙي، ڪين بي حال ڪري ڇڏيو آهي. هنيئر امن جا اڇا ڪبوتر اسان جي هٿن ۾ آهن ۽ اسان جا ويري ۽ سندن واهرو واٺڙن وانگر اسان ڏانهن ڏسندي پنهنجا هٿ مهٽي رهيا آهن. خواهہ اڄ انهن پنهنجا ٻراٽا جوراب لاهي نوان پاتا آهن. پر پوءِ بہ سندن پيرن ۾ ساڳي ڏپ آهي. ‘Love Songs to Elsa’ جو تخليقڪار لوئي اراگان پنهنجا امن جا اڇا ڪبوتر، اسان جي سنڌيءَ جاتيءَ کي امانت طور ڏيئي ويو آهي. هن جا اهي گيت پڪاسو جي انهن ڪابڪن ۾ پاريهلن جيان آهن. جيڪي هو بي پرواهي سان پڃن تي آڏين ابتين ليڪن سان پکيڙي پاسيرا رکندو ويندو هوندو.

لوئي آراگان پڪاسو کي پنهنجي پارٽيءَ جو نياپو ڏيندي عرض ڪيو تہ هو ’امن جي علامت طور اڇي ڪبوتر جي تصوير چٽي‘. اهڙي هدايت نامي پڪاسو کي ڪاوڙائي وڌو. آراگان هن کي ايلاز ڪندي چيو تہ هي پارٽيءَ جي ناموس جو سوال آهي، جو پارٽي پنهنجي رسالي ۾ اهڙي پڌرائي ڪري چڪي آهي.

پڪاسو ڪجهہ راضي ٿيو تن ڏينهن پڪاسو پاريهلن جون مختلف مودس واريون ڪيئي تصويرون چٽي چڪو هو پر ڪيس ڪابہ تصوير پسند نہ پئي آئي ۽ هو اهي سڀ ڪنهن ڪنڊ پاسي اڇليندو ويو. هن جو اڏ استوڊيو ڪبوترن جي اهڙين تصويرن سان پرجي ويو هو.

ڍير مان ڪبوتر جي هڪ اڇلايل تصوير کڻي، لوئي آراگان طرف وڌائيندي، پڪاسو پڇيس: ”هن مان ڪم هلندو؟“ آراگان پڪاسو جي هٿن مان جهٽ هڻي تصوير کسي، وٺي ڊوڙ پاتي. تصوير رسالي ۾ شايع ٿيڻ تي اهو پاريهل سڄي دنيا مٿان امن جو ڪبوتر بڻجي اڏامڻ لڳو. اندليس کان اڏامي آيل امن جو اهو اڇو ڪبوتر. اڄ امن پسند



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عوام جي علامت بڻجي چڪو آهي. سيوهڻ جي قلندر شهباز جي روضي ٻاهران مسافر خاني وٽ، جنهن درويش مون کي سلفيءَ جو سوٽو هڻايو، انهيءَ جي هٿ ۾ ٻه ڪبوتر جهليل هو. سلفي پيئڻ وقت هن ڪبوتر مون کي جهلڻ لاءِ ڏنو ۽ مان ان جي اڇن کنيڙاتين تي پيار وچان هٿ گهمائيندو رهيس. تاج جويو سڄي وفد کي وٺي اندر قلندر جي مزار جو طواف ڪرائي، سيني کان دعا جا هٿ کڻائي رهيو هو ۽ مان مسافر خاني ٻاهران هڪ عجيب ڪيفيت هيٺ بيٺو چوڌاري نهاريندو رهيس. منهنجو ايمان مون کي سيوستان جي قلندر شهباز جي ڪوفي ڏانهن ڇڪي رهيو هو ته منهنجو ڪفر مون کي منهنجي پريتوان، قمر شهباز طرف وٺي وڃي رهيو هو. منهنجي ذهن ۾ صادالدين شبستريءَ جي 'گلشن راز' جون هي سٽون تري آيون:

"ڪفر ۽ ايمان خدا جي ئي ظهور، آشڪار ۽ نشانبريءَ جون نشاينون آهن ۽ هر هڪ بت جيئري جاڳندي حقيقت جو عڪس ۽ اولڙو آهي."

اوچتو هڪ فقير(هيجڙي) اڳيان اچي، تاڙي وڄائي، منهنجو ڌيان ڇڪايو. نوجوان خوبصورت ڇوڪرو هو. ٻن آڱرين ۾ ادا سان سگريٽ جهلي، سوٽا هڻي، نڪ مان دونهان ڪڍي رهيو هو. چيائين، "سگريٽ ڏي" پئڪيٽ مان هڪ سگريٽ ڪڍي ڏنومانس. چيائين، "سڄو پئڪيٽ ڏي" مون پئڪيٽ واپس پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. چيائين، "اڙي ڪو صفا سُڃو آهين" چئي، هو هلڻ لڳو ۽ مان هن ڏانهن حيرت وچان ڏسندو رهيس.

"ڇا مان سچ پچ سُڃو آهيان؟"

لکندي لکندي ڪڏهن قلم دوکو ڏيئي ويندو آهي يا پين مان مس ختم ٿي ويندي آهي يا بال پيلن جو ريفل سڪي ويندو آهي. اسان جي زندگي ۽ جسم جيءَ مس به آهستي آهستي ختم ٿيندي هينئر سکڻ تي اچي بيٺي آهي، ۽ قلم جي ريفل به پوري ٿيڻ تي آئي آهي. 'واٽگرا' خواهه 'معجون شباب آور' جهڙا مصنوعي ريفل به وقتي طور ۾ چار سٽون رهڙي بيهجي ٿا وڃن. جڏهن ڏند هئا ته مکڻ نه هو ۽ جڏهن مکڻ آهي ته ڏند پرندا ٿا وڃن. (خبر ناهي ڪهڙي احمق اهو محاورو ٺاهيو هو.)

سارونڻين جا هي سلسلا جوڙيندي، مان اڄان ٻاروتڻ جي ٻارنهن تيرنهن سالن جي سن تائين مس پهتو آهيان. اڄان ته مون کي پنهنجيءَ پنجاهه پنجونجاهه سالن جي زندگيءَ جو پوتاميل پيش ڪرڻو آهي. منهنجي نصيب ۾ الائي اڃا توريو اڳهائيندڙ صراف ايندا يا الائي اهي ايندا جيڪي منهنجو دڪو ئي داخل نه ڪندا؟

اها ٻي ڳالهه آهي ته هيءَ بيوفا عمر، مون کي ايتري مهلت ڏيندي الائي نه؟ مان تاج بلوچ سان ڪيل پنجاهه پنن جيترو به واعدو پاڙي سگهندس، الائي نه؟

پني عاقل جي مک بزار جي مهڙ وٽ، هڪ واٽيو ڳاڏيءَ تي ٻڪر جا جيرا ٻڪيون، مغز پاوا ۽ تريون تري رهيو هو. منهنجي همسفر اُما لالا جو ترجندڙ تري ڏسي وات پاڻي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيڻ لڳو ڇيائين. ترپل تري ضرور ڪائيندس. پنيان جيان لنمبي چوڙي لڳندڙ گاڏي واري کان پڇيم، "ميان، گوشت ننڍو آهي يا وڏو؟ ڇيائين. سائين ڏرم ڪان مٿي ڪجھ آهي؟ اُما ۽ رينوءَ کي ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي. چيومانس: "پائي تون هن ڇوڪريءَ کي تري تري ڪاراءِ. ننڍي وڏي جي ڳالھ هن ڪلاڪار عورتن جي سمجھ ۾ نہ ايندي"

تاج بلوچ پنھي عاقل جو آهي. هو اسان سان گڏ نہ هو. فتاح ملڪ بہ پنھي جو آهي. ٻن ڇئن ڏينهن کان پوءِ هو حج لاءِ ويٺو هو. شايد ان ڪري مون سان گڏ پنھي عاقل جي ٽڪاٽي ۾ چانھ پي رهيو هو. ان وقت رات جا اٺ ڪن ٿيا هئا ۽ اهڙي وقت تي هر اشراف ماڻهوءَ جيان منهنجي بہ ڇپ ٻاهر نڪتل هئي. تري ڪائڻ کان پوءِ اُما ۽ رينوءَ جا بہ گلا سڪي ويا هئا. تاج اسان سان گڏ هجي ها تہ پنھي عاقل ۾ پنهنجي اوطاق تي وٺي هلي اسان جون ڇيون آليون ڪري، اندر وجهي ها ۽ اسين ان گاڏي واري کان پڪل ران گهرائي، اها رات دل ۽ دماغ کي معطر ڪيون ها. ان رات مون پنھي عاقل جي مندر جو پرساد ڪائي پيٽ جي پورتي ڪئي ۽ تاج بلوچ مٿان ملامتون وڌيون.

ساروٽين جون ستون ڪڏهن پيگ پي لکندو آهيان تہ ڪڏهن پاڻي پي، ان ڪري ڪتي نہ ڪو ربط رهندو آهي، نہ ڪتي ڪو سلسلو. لکڻ وقت رڳو اهو احساس هوندو آهي تہ زمين قدمن هيٺيان کسڪندي ٿي وڃي ۽ پير پٽ تي نٽا پون. مان پنهنجيءَ ئي ٻاهہ ۾ پاڻ ئي ڪڏهوڪو سڙي رک ٿي چڪو آهيان. هاڻي هيءَ باقي بچيل زندگي مون کي اجان کهڙي ٻاهہ ۾ ساڙيندي؟ اکين آڏو الاءِ نہ رڳو نظر اچي رهيا آهن، پر سڄي جسم ۽ روح کي لهسائي رهيا آهن، پر لکٹو آهي تہ لکٹو آهي. پراڻيون پيشور ڪسبياڻيون اجائي ڪج ڪج نہ ڪنديون آهن ۽ نہ ئي سنهي ٿلهي کان خوف ڪائينديون آهن. سڌو ڪم تي چڙهنديون آهن ۽ جلدي جلدي اڪلائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن.

انهن جيان مون وٽ بہ وقت ڪونهي. مون کي قلم جي مس ختم ٿيڻ تائين سڀ ڪجھ لکي پورو ڪرڻو آهي.

هتي گذريل مهيني هڪ تعصبي ڪائسٽ وڪيل، سنجيو پٽناگر، هندوستان جي سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي آهي، جنهن ۾ اهو دليل پيش ڪيو ويو آهي، جيئن تہ سنڌ هاڻي هندوستان جو صوبو نہ، پر پاڪستان جو حصو ٿي چڪي آهي. ان ڪري ڀارت جي قومي تراني مان سنڌ لفظ هٽايو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي ڪشمير يا ٻيو ڪو صوبو شامل ڪيو وڃي.

ٽيڻ تہ ائين گهربو هو تہ اهڙي قسم جي سفلاتي پٽيشن کي ٻڌڻ جوڳو ئي نہ ٺهرائي، ٺڏي تي ئي خارج ڪيو وڃي ها، پر ٻن قابل منصفن مرڪزي وزارت داخلا، وزارت خارجہ ۽ انساني ذريعن جي ارتقا واريءَ وزارت کي نوٽيس موڪلي، ڪانئن جواب طلبي ڪئي آهي، باوجود ان حقيقت جي تہ مرڪز پنهنجي غير دستوري رد عمل ۾ اهو واضح ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪو آهي تہ ڀارت جي قومي تراني ۾ ’سنڌ‘ لفظ هڪ ثقافت جي ئي ترجماني ڪري ٿو ۽ نہ ڪنهن صوبي يا علائقي جي. مرڪز جي ان بيان جي ترديد ڪندي عرضدار اهو دليل پيش ڪيو آهي تہ قومي تراني جي تخليقار رابندر ناٿ ٽئگور پاڻ ان تراني جو ترجمو ڪندي واضح ڪيو آهي تہ ’سنڌ‘ لفظ هڪ صوبي سان لاڳاپيل آهي ۽ نہ ڪنهن ثقافت سان. پاڻ هريتڙي وڪيل ان حد تائين بہ بيان بازي ڪئي آهي تہ هن قومي تراني ۾ عبارت جي خامي رهجي وئي آهي ۽ مرڪز پنهنجي جواب ۾ چٽو ڪيو آهي تہ قومي ترانو جيئن هن وقت ڳاتو وڃي ٿو تيئن جو تيئن ئي ڀارت جي آئين ساز اسيمبليءَ، سڄي ملڪ جي مک اڳواڻن جي موجودگيءَ ۾ 24 جنوري اڻويهہ سئو پنجاهہ تي، بنا ڪنهن ورونڌ جي يڪراءِ سان بحال ڪيو هو. اهو ڄاڻندي بہ تہ ان وقت تائين ’سنڌ‘ پاڪستان جو حصو بڻجي چڪي هئي. مرڪز پنهنجي هجت ۾ اهو پڻ انديشو ظاهر ڪيو آهي تہ قومي تراني مان سنڌ لفظ خارج ڪرڻ سان، سڄي سنڌ جاتيءَ جي فردن جي دل آزاري ٿيندي، خاص طور جنهن جاتيءَ ملڪ جي قومي بهبوديءَ جي ڌس ۾ معقول مالي مدد ۾ شرڪت ڪئي آهي. اهڙي گهر قبول ڪرڻ سان هڪ خدشو اهو پڻ پيدا ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي ڪن حلقن وٽان، قومي تراني ۾ ٻيا ڪي لفظ شامل ڪرڻ يا خارج ڪرڻ جون تقاضائون بہ ٿي سگهن ٿيون.

هڪ ڀيرو وري سنڌي قوم جا پراڻا ڦٽ کولي، مٿن لوڻ ٻرڪڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. اڄ صدي کان پوءِ وري ڌرتيءَ ڌڪاڻلن جي احساسن کي آئين جي اوٽ ۾ زخمي ڪرڻ جو سعيو ٿي رهيو آهي.

ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عدالت، جڏهن هن قسم جي جذباتيءَ ۽ غير منطقي درخواست ٿڏي تي ئي ٿڏي ڇڏڻ بدران ٻڌڻ جوڳي قبول ڪئي، تہ سڄيءَ سنڌ جاتيءَ جي دلين ۾ قيامت جي باهہ ڀڙڪي پئي. سڄي هندوستان جي سنڌي سنستائن ۽ ادارن جي هڪ عملي ڪارروائي ڪرڻ واري ڪميٽي قائم ڪئي ويئي. جنهن جي نمائندگي ڀارت جو سابق قانوني وزير رام جيٺملاڻي بطور وڪيل ڪري رهيو آهي. جيتوڻيڪ رام جيٺملاڻيءَ اهڙي عرضيءَ کي هڪ نڪمٽي ۽ نالي جي بڪئي شخص جي هلڪڙائي، ترڙائپ ۽ مفت مشهوري ماڻن وارو ڪارنامو قرار ڏنو آهي، پر پوءِ بہ هن جي خيال موجب، دن جي ان آخري ناڙيءَ جي وٺ کي وڍڻ لاءِ، ڪو نفيس اوزار ئي استعمال ڪرڻو پوندو.

جيتوڻيڪ وڪالت جي پيشي ۾ ايماندار ۽ اصول پرست وڪيلن جو بہ هڪ مانائتو ۽ آبرودار طبقو موجود آهي، پر اڪثر وڪيلن جو پنهنجي اصولن طرف اهوئي رويو پئي رهيو آهي تہ هو جيترو پنهنجي اصيل کي ڏچي ۾ ڦسندا، اوترو ئي سندن آمدنيءَ ۾ اضافو ٿيندو. معصوم مؤڪلن کي ڦاسائڻ لاءِ هو عدالتن ٻاهران پنهنجا دلال ڇڏي ڏيندا آهن، جيڪي ڪيسن جي ڪارروائي شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ڪين ڪيس ڪتارائي ڏيندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنڪم چندر جي هڪ ناول جو ڪردار آهي، جيڪو ڪنهن عدالت ۾ شاهد طور پيش ٿئي ٿو. وڪيل هن کي ڪٽهڙي ۾ بيهاري، ڪانئس سوال پڇي ٿو.

”تنهنجو نالو؟“

”فلاڻو.“

”پيءُ جو نالو؟“

”فلاڻو.“

”پيشو.“

”جج صاحب، مان ڪا رنڍي آهيان، يا وڪيل، جو منهنجو پيشو هجي.“

جن واندن وڪيلن کي پوءِ بہ گراهڪ نہ ملندا آهن تہ اهي پٽناگر جهڙن وڪيلن جيان عدالتن ۾ اجايا سجايا جڙتو ڪيس داخل ڪري، مشغول ۽ معزز عدالتن جو وقت وڃائيندا آهن. اڪبر جي دربار ۾ منشي گيري ڪندڙ ڪتنب جو هي ڪائسٿ ڇا ٿو چاهي؟ ايتري يخي هٺ کان پوءِ بہ هن جو منطق رڳو اهو آهي تہ قومي تراني ۾ سنڌ جي موجودگي، جاگرافيائي طور غلط زماني طرف منسوب ڪيل تاريخي واقعو يا واردات آهي، جيڪا خود پاڪستان جي خود مختاريءَ ۾ بيجا حددخلي آهي. اهڙي قسم جي لفظي لباڙ سڄي سنڌي جاتي، ڪيءَ باهوڙي ڇڏيو آهي، جنهن لاءِ سنڌ رڳو جاگرافيائي خطو نہ بلڪ جنم ڀومي آهي. اسان لاءِ سنڌ هڪ قوم، ثقافت ۽ تهذيب جو نالو آهي.

رام جيٺملاڻيءَ جوابي نقطو تيار ڪندي چيو آهي. ”جيڪڏهن ڪنهن کي اهڙو اعتراض اٿارڻو ئي آهي تہ اهو مملڪت پاڪستان کي ئي اٿارڻ گهرجي، پوءِ سنڌ جا سنڌي ٻڌائيندا تہ سڄي سنڌ تصوف جو اهو رتول هندورو آهي، جنهن ڪيترن ئي مذهبن ۽ ڌرمن کي هڪ ئي لولي ڏيئي، امن ۽ رواداريءَ جو پيغام ڏنو آهي.“

اڄ هندستان ۾ رهندڙ سنڌي پلي ٻي پاڙا هجن. پر پوءِ بہ هو سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جا جيئرا جاڳندا، قائم دائم نمائندا ۽ عيوضي آهن. جڏهن ڀارت جي قومي تراني ۾ سر سان سنڌ لفظ ڳاتو ويندو آهي تہ سنڌين ڪنڌ فخر کان اوچو ٿي ويندو آهي. وڪيل صاحب، ”ڇا توهان اسان کان اهو ورثو بہ کسڻ ٿو چاهين؟“

اسان جي اديب انجو ماکيجا، پٽناگر کان سوال پڇيو آهي، ”هڪ قوم جي ثقافت کي توهان خطائي سنڌن ۽ سرحدن سان ڪيئن ٿو وابستہ ڪري سگهين؟“ سنڌي اڳواڻ سرڳواسي چوئٿرام گدواڻيءَ جواهر لعل نهرو کي چتاءُ ڏنو هو ”ڪڏهن بہ سنڌ کي تراني مان خارج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ شايد سنڌي اهڙي تراني جي عزت ڪرڻ لاءِ اُٿي بہ نہ بيهن.“

سر رڊيڪلف جي ڏاتي، پنجابين ۽ بنگالين کي تہ پنهنجا پنهنجا ٽڪر وڍي ڏنا، پر اسان سنڌين کي ڌرتيءَ ڏکاڻو ڪري ويو. هو ڪڏهن بہ هن خطي ۾ نہ آيو بلڪ ڪڏهن يورپ کان ٻاهر نہ نڪتو هو. ان ڪري ڪيس هن ننڍي کنڊ جي حقيقتن بابت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٻه ڄاڻ نه هئي. هن کي ورهاڱي جو نقشو تيار ڪرڻ لاءِ رڳو هڪ مهينو ڏنو ويو جنهن اندر هن اڌ انڌي، ٿلهن شيشن واري عينڪ پاتي. ڪتاب پڙهي ۽ چارٽ ڏسي، پنن تي آڏيون ابتيون ليڪون ڪڍيون. هو نه ڪڏهن پنجاب ويو نه بنگال ويو ۽ نه سنڌ ڏٺائين. رڳو دهليءَ جي هڪ سرڪاري بنگلي ۾ پنهنجي ڇُنجهين اکين سان، پنن تي پنهنجي قلم جو ڏاتو هلائيندو رهيو.

اسٽيفن الٽر پنهنجيءَ هڪ تحرير ۾ لکي ٿو "ورهاڱي جو اهو سڄو ڪم ايترو ته ڳجهه ڳوهه ۾ ڪيو ويو جو ڪيٽرن ڏينهن تائين وائسراءِ لارڊ مائونٽبيٽن کي پڻ ان بابت اوندهه ۾ رکيو ويو. خود 14 آگسٽ 1947ع جي اڌ رات تائين ٻنهي ملڪن جي نون سربراهن، جواهر لعل نهرو ۽ قائداعظم محمد علي جناح کي پڻ ڄاڻ نه هئي ته ڪٿي ۽ ڪهڙيون سرحدون طئي ڪيون ويون آهن. ٻنهي اڳواڻن کي رڳو اهو احساس هو ته هنن جيڪو جيڪو حصو گهريو آهي، اهو سڄي جو سڄو کين نه مليو آهي. قائداعظم ته اڳتي هلي پنهنجي حصي ۾ آيل ملڪ کي 'اوڌوهي ڪاڌل پاڪستان' ڪري ڪوٺيو. ورهايل ملڪ جا نوان نقشا 17 آگسٽ تائين ظاهر نه ڪيا ويا هئا. يعني ٻنهي ملڪن جي ورهائجي وڃڻ کان پوءِ به ٽن ڏينهن تائين، ٻنهي کي ڄاڻ نه هئي ته سدن سرحدون ڪهڙيون آهن."

سنڌ برابر هن وقت پاڪستان جو حصو آهي، پر سنڌونديءَ جنهن مان ئي سنڌ ۽ هند کي پنهنجا نالا مليا آهن، جو وهڪرو هندوستان جي ليهه علائقي مان ئي شروع ٿئي ٿو جتي سنڌوءَ کي 'درياءِ سنڌ' سڏيو وڃي ٿو.

قومي تراني مان سنڌ لفظ هٽائڻ سان اسان کي سياسي ورهاڱي سان گڏ ثقافتي ورهاڱي جو اهڙو وار سهڻو پوندو جيڪو اسان جا سنڌ جا ڀائر به قبول نه ڪندا. هڪ اهڙي تاريخ جو تتلام ٿيندو جيڪا ورهاڱي کان اڳ، اسلام جي آمد کان اڳ، ويدن واري وقت کان به اڳ، سنڌو ماتريءَ جي سڀيتا سان ٿي، اسان جي قوم جي ورثي کي ملي آهي. رڳو رگ ويد ۾ ئي سنڌوءَ جي ساراهه جا ڪيترا سلوڪ رچيل آهن.

سال 1911ع ۾ جڏهن ٽئگور هي سٽون لکيون هيون، ته ان جو حوالو سنڌي ثقافت سان ئي هو ۽ نه ڪنهن علائقي يا صوبي سان. ڇو جو ان وقت سنڌ ۽ گجرات وغيره بمبئي پريزيڊنسيءَ جا حصا هئا. اڄ جڏهن سنڌي ٻولي ڀارت جي آئين ۾ تسليم ٿيل قومي ٻولي آهي ۽ ڀارتي پارليامينٽ جو ڪوبه ميمبر سنڌيءَ ۾ تقرير ڪري، حلف نامو کڻي يا سوال پڇي سگهي ٿو ته قومي تراني مان 'سنڌ' لفظ خارج ڪرڻ جهڙي ٻي ڪهڙي حماقت ٿي سگهي ٿي. 'دراوڙ' جيڪو هينئر دنيا جو ڪو ملڪ ڪونهي. قومي تراني ۾ رهي سگهي ٿو پر 'سنڌ' نٿي رهي سگهي؟ دنيا ۾ رهندڙ ڪروڙين سنڌين جي حقن سان هڪ ڪين جهڙو ڪائنسٽ، رڳو پنهنجو دوڪان چمڪائڻ لاءِ ائين هٿ چراند ڪري سگهندو. اهو هڪ جمهوري نظام ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. Radcliffe جهڙي ڪاليج مان به پيرا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريسٽيڪيٽ ٿيل رولو ڇوري، اسان جي سڄيءَ قوم کي دربدر ڪري ڇڏيو ڇو ته صديءَ
کان پوءِ ڪوبه گرو گنجويا ڪو جنوني اسان ڏانهن ڪنڪر اڇليندو وڃي.

امرتسر جي جليا نوالا باغ جي قاتل ڊاير، پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ جڏهن
انگلينڊ جي، رايل ڪاليج آف سرجريءَ ۾ داخلا ورتي هئي، ته پهرين ڏينهن تي
ليبارٽريءَ جي ميز تي ڪٽيل ڏيڏر جو رت ڏسي، واڪا ڪندو اتان ڀڄي آيو هو ۽ ان ئي
شخص جليانوالا باغ ۾ گولين هلائي، سوين ماڻهن جو قتل ڪرايو ۽ هزارين بي گناهن
جو رت وهايو هو.

ڪالهه ٿي هتي 'پاڪ- ڀارت پيپلس فورم فار پيس اينڊ ڊيمو ڪريسي'
جي ستين گڏيل ڪنوينشن پوري ٿي آهي، جنهن ۾ بحال ڪيل قرارداد ۾ وري اها زوردار
گهر ڪئي وئي آهي، "ويزائن جي سڄي سرشتي طرف نرميءَ وارو رخ اختيار ڪيو وڃي،
بلڪ پهچڻ تي هوائي اڏن، ريلوي پليٽ فارمن ۽ بس اڏن تي ئي، ٽڏي تي ويزائون ڏنيون
وڃن ۽ پوليس ٿاڻن تي ڏوهارين جيان وڃي رپورٽون ڪرائڻ جهڙن بيهودن قاعدن قانونن
کي ختم ڪري، انساني عزت النفس جو احترام ڪيو وڃي."

جڏهن سڄي ڌرتي، ڌڻيءَ طرفان عطا ڪيل نعمت آهي ته هنن هٿرادو حد بندين کي
ڪهڙي معنيٰ آهي. خود چنگيز خان جهڙي جابر جي ملڪ منگوليا ۾ زمين ڪا تجارتي
يا خريد و فروخت وارو وکر يا جنس ناهي. اتي اڄ به جيڪو جتي چاهي، پنهنجو خيمو
کوڙي سگهي ٿو. جيئن اسين سنڌ ۾ ڪاهي قاسم ۾'ناراڻ شيام' جي نالي سان نئين
رستي جو مهورت ڪري آيا آهيون. تيئن هتي هند ۾ به اسان کي ڪنهن سنڌي وستيءَ
۾ 'شيخ اياز' جي نالي پويان رستو قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. اول خير. اسان جي
اها آس اوس پوري ٿيندي.

سنڌ مان موٽڻ کان پوءِ ڏهه ڏينهن بيماريءَ جي بستري تي هئس. ليٽئي ليٽئي پني ۽
پاسا سور ڪري رهيا هئا. اها به خبر نٿي پيئي ته ڪراچيءَ ۾ آهيان يا دهليءَ ۾؟ ڪالهه
شام ٻن هفتن کان پوءِ گهر کان ٻاهر نڪتو هوس. 'پاڪ- ڀارت فورم ڪانفرنس' لاءِ
ٽيهارو کن سنڌ جا سنڌي دوست پڻ آيل آهن. انهن جي مانَ ۾ ڪالهه سريش
ڪيسواڻيءَ جي گهر گڏجاڻي رکيل هئي. مير سڪندر ٽالپر، سنڌ صوبائي اسيمبلي
جون ميمبر محترمه فرحين مغل ۽ ميرپورخاص جي شميم آرا پنهور ۽ ٻين جهڙي ريت
هتان جي سنڌين سان دل کولي ڪچهري پئي ڪئي ته مون چوڏاري نظرون گهمائي ڏٺو.
مون کي اهڙي ڪابه اک نظر نه آئي، جيڪا آلي نه هئي. سيني سنڌ وارن کي ائين
محسوس ٿي رهيو هو ته هو هتي پنهنجن وٽ ئي آيا آهن ۽ هتان وارن کي به اهو احساس
هو ته پنهنجا ئي پريتوان وٽن آيا آهن.

منهنجي ۽ قمر شهباز جي دوست رينو عيدناڻيءَ جي پندرنهن سورنهن سالن جي
ماسات ڪئناڊا مان آئي هئي ۽ سنڌ وارن دوستن جون ڳالهيون ٻڌي حيران ٿي رهي
هئي. موٽندي ڪار ۾ ڪئناڊا ۾ جاول، پليل ان ڇوڪريءَ مون کان معصوميت سان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇيو "انڪل، هي سڀ ته اسان جهڙائي سنڌي آهن. اسان جهڙيون ئي شڪليون اٿن، اسان جهڙي ئي سنڌي ٻولي ڳالهائي رهيا آهن ته پوءِ هي پاڪستاني ڪيئن آهن؟ ۽ هنن جا نالا مسلمانن وارا ڪيئن آهن؟" سوال ٻڌي مان ۽ رينو هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳاسين. هن معصوم ڇوڪريءَ کي ساڳي ڌرتيءَ تي ڇاولن جي باري ۾ ڇا سمجهايون؟ اڄ دنيا ۾ وسيل ۽ اقتصادي طور قابض ٿيل، اسان جي جاتي، پنهنجي نئين نسل کي کهڙو ڪلچر ورثي ۾ ڏيئي ويندي؟ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي هڪ دوست جي سنڌ ۾ ڇاول پٽ کان پڇيم. "پٽ، پٺيين نيڪ آهي؟ ورائيائين. "نه، پٺيين کي بخار آهي." ۽ هتي ڪئناڊا ۾ وسيل سنڌي ڇوڪري پڇي رهي آهي. "هي سنڌي آهن ته پوءِ پاڪستاني ڪيئن آهن ۽ اسان هندوستاني ڪيئن آهيون؟"

ٻنهي پاسي، ٻئي جواب ڏيڻ کان معذور آهيون.

ترڪيءَ جو سلطان بازيد جنگجو ۽ جانباز حڪمران هو. هن اولهه يورپ جا اڪثر ملڪ پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتا هئا. جنهن وقت هن جون فوجون ويانا جي شهر پناهه جي دروازن ٻاهران بيٺيون هيون ته کيس خبر ملي ته تيمورلنگ ترڪيءَ مٿان حملي جون تياريون ڪري رهيو آهي. ترڪيءَ جي عوام کي اطمينان ٿيڻ لڳو ته هڪ 'مردم آزار' حاڪم کي عبرت حاصل ٿيندي. تيمور طرفان جنگ جون سڀ تياريون مڪمل ٿي چڪيون هيون. حملي کان هڪ رات اڳ تيمورلنگ پنهنجي ڪنيز رخشنده کي چيو "چوپڙ جي بساط ڪٽي اچ. اڄ رات توسان چوپڙ کيڏڻ ٿو چاهيان."

رخشنده همت ٻڌي تيمور کان پڇيو "حضور، سڀاڻي تو طرفان هن دنيا جي قسمت جو فيصلو ٿيڻ وارو آهي ۽ اڄ رات توهان مون سان چوپڙ جي راند رهي رهيو آهيو؟" تيمور جواب ڏنس، "رخشنده، مون کي جنگ جي جيڪا رٿا جوڙڻي هئي، سا جوڙي ڏني اٿم. سڀاڻي کان منهنجو ڪم پورو ٿي ويو ۽ جنگ جو ميدان فوج جي سپهه سالارن جي هٿ هيٺ هوندو. مان ڇو ويهي جيت ۽ هار جي چنتا ڪريان؟"

ٻئي ڏينهن ڇتيءَ جنگ ۾ تيمورلنگ سوڀارو ٿيو. بازيد کي زخمي حالت ۾ قيد ڪيو ويو. جنگ ۾ هن جي هڪ اک ڦٽجي پيئي، جنهن مٿان سائي پٽي ٻڌي ويئي هئي. جڏهن هن کي گرفتار ڪري تيمورلنگ آڏو آندو ويو ته تيمور هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو. بازيد جو چهرو ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. تيمور کي چيائين. "تيمورلنگ، تو وٽ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لاءِ کهڙو جواز آهي؟ هار ۽ جيت ته رب جي رضا ۽ نصيب جو کيل آهي. مون به تو جيان تلوار جي زور تي دنيا جو ڪيترو حصو بلڪ توکان به وڏو حصو پنهنجي قبضي هيٺ آندو آهي."

تيمورلنگ جواب ڏنس، "بازيد، مان تو جهڙي جنگجو بهادر مٿان نٿو کلان، مان ته ان نصيب مٿان ٿو کلان، جنهن دنيا ۾ به فاتح پيدا ڪيا آهن. جيڪي اڄ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن. پر هڪ اک کان معذور آهي ۽ ٻيو ٽنگ کان معذور آهي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سترهون پنو

مهيني کن کان ساهہ جي سهڪي هٽي ساٽو ڪري ڇڏيو آهي. مٿان ڪرنگهي جي تڪليف بہ چيلهہ ڇپي ڪري ڇڏي آهي. قلم تي هٿ ئي نٿو ڄمي. بستري تي ليٽي ليٽي هيءَ قسط پنهنجيءَ گهر واري گوپي کي ڊڪٽيٽ ڪرائي رهيو آهيان. ان ڪري سنڀالي سنڀالي، احتياط ۽ اشرافت مان ڪيس لکائي رهيو آهيان.

ڊاڪٽر گوريون ۽ ڪئپسول ائين ڦڪائي رهيا آهن، ڄڻ پولٽري کي پکڙا کارائيندا هجن. دوائن جي اوور ڊوز گهيرٽن ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ ذهني طور مون کي اسم اعظم مان اسم ضمير، فعل اتر ترڪ، حرف جر ۽ زمان ماضي بعيد ڪري ڇڏيو آهي. ايم. آر. آءِ کان وٺي اي. سي. او تائين سڀ ٽيسٽون ڪرايون اٿم. معائنو ڪندڙ ماهر ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ دل بہ سالم اٿم ۽ دماغ بہ درست آهي، پر وچ واريون رابطي جون رڳون ڍليون ٿي ويون آهن. شراب نوشي ۽ تماڪ نوشيءَ کان سخت پرهيز آهي ۽ گوپي عقاب وارين اکين سان مون مٿان چوڪسي رکي رهي آهي. مون جهڙي سخت جان ڍيٺ، جنهن کي سڄي عمر ڪڏهن هلڪو بخار بہ نہ ٿيو ان کي اوچتو اهڙو جهٽڪو اچي ويو آهي، جو اڳيان پويان حساب ڪتو تي رهيا آهن.

هنن ساروڻين جي وچ واري عرصي ۾ مان چڱو ڀاتاڙجي ۽ ڀاهوڙجي ويو آهيان. ان ڪري جو مٿان اڳتي هلي حافظو ساٿ نہ ڏئي، پر مون کي پنهنجي ساروڻين جو سلسلو اتان ئي شروع ڪرڻو آهي، جتي ڇڏيو هئم. يعني تيرنهن سالن جي عمر ۾، ڪانپور ۾.

ڪانپور جي رستن تي رلندي رلندي مان ۽ هاسو رڳو گهر جي ڇهن ڀاتين لاءِ ٻن ويلن جي روٽيءَ جي تلاش ۾ ڀٽڪندا رهندا هئاسين. اسڪول ۾ هندي نہ ڄاڻڻ ڪري داخلا نہ ملي، پر پوءِ بہ اسڪول جي رسيس ۾ پسيل ڇڻن جي ٻن ٻڪن ۽ ڪير جي گلاس لاءِ اسين ٻئي شاگردن جي قطار ۾ وڃي ويهندا هئاسين. ڪئين ڀيرا ڪير جي لوٽي وڄهندڙ پئي، اسان کي ڪن کان پڪڙي قطار کان ٻاهر بہ ڪيدي ڇڏيو هوندو پر ٻئي ڏينهن وري بہ وقت کان اڳ اسڪول جي رسيس جو انتظار ڪندا هئاسين. پوءِ ساڳيون نظارون ۽ اسان جي ڪن مهٽ جو سلسلو. اسان جا پيٽ تہ ڇڻن جون ليون ۽ پائوڊر گاڏڙ ڪير ڀري ڇڏيندو هو، پر گهر جي باقي ڇئن ڀاتين جو بہ تہ پيٽ ڀرڻو هو. ڀاڀيءَ جون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڙيون ۽ گنيون هڪ هڪ تي وڪامجي ويون هيون. وتس رڳو ڪنن ۾ ڳچيءَ جا ڪي پراڻا ڳهه وڃي بچيا هئا. جيڪي هن سانديي رکيا هئا ۽ ڪنهن به قيمت تي وڪڻڻ لاءِ تيار نه هئي.

هڪ ڏينهن مان ۽ هاسو ڪانپور جي مئجسٽڪ سئنيما ۾ فلم 'مجبور' جا پوسٽر ڏسي رهيا هئاسين جو سئنيما جي مئنيجر صادق عليءَ اسان ٻنهي ڀائرن کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏ ڪيو. اسان جون پراڻيون قميصون ۽ چيڙيون ڏسي، اسان کان سڄو احوال پڇيائين. اسان کيس اڌ سنڌي ۽ اڌ هندوستانيءَ ۾ پنهنجو سربستو احوال ٻڌايو. هو هڪ نيڪ دل ۽ رحمدل شخص هو. چيائين "ڪل سي بنيان پهن ڪي ميري پاس آنا. تم ڪو ڪام دي دون گا." اسان کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته بنيان ڪهڙي بلا آهي ۽ اها ڪيئن پائبي آهي.؟ مون واتڙو ٿي هن کان پڇيو. "بنيان ڪيا؟" هن قميص جا بٽڻ کولي گنجي ڏيکاريندي چيو. "بنيان يي هئه."

عرصي کان پوءِ منهنجي ۽ هاسي جي منهن تي مرڪ آئي.

ٻئي ڏينهن اسان ٻيئي ڀائر مئجسٽڪ سئنيما جي مئنيجر صادق عليءَ وٽ پهچي وياسين. هن جي آفيس جي ڀتين تي چٽيل پاسن کان ڪيترين ئي فلمن ۽ ائڪٽرن ۽ ائڪٽريسن جا پوسٽر چنبڙيل هئا. هن دليپ ڪمار ۽ نرگس جي ايندڙ فلم 'ميلا' جا پنجاهه کن وڏا پوسٽر آڻي پنهنجي ميز تي رکيا ۽ چيائين هي سڀ پوسٽر برهانا روڊ، مول گنج ۽ پريڊ گرائونڊ جي سيني ٿنين تي مٽي چڙهي چنبڙائڻا آهن. سڄي ڏينهن ۾ پنجاهه پوسٽر لڳائڻا آهن. جنهن ڪم لاءِ توکي روزانو هڪ روپيو ۽ هاسي کي اٺ آنا ملندا. ٻنهي ڄڻن کي ڏيڍ روپيو ۽ فلم جو شام وارو شو چئين آني واري ڪلاس ۾ مفت ۾ ڏسڻ لاءِ ملندو. اها نوڪري ملڻ تي ڏاڍو خوش ٿياسين. چيائين. هاڻي گهر وڃو منجهند جو ماني کائي ٻارهين بجي پهچي وڃجو."

اسين خوش ٿيندا گهر آياسين. ڀاڀيءَ کان ٻه روپيه ورتاسين ۽ بزار وڃي انين انين آني جون ٻه گنجيون ۽ روپئي جي ٽاير جي تري واري چمپل ورتيسين. سرنهن جي ساڳ سان، جوئر جا ٻه ڍوڍا کائي، مان ۽ منهنجو نون سالن جو ڀاءُ هاسو صادق علي وٽ پهچي وياسين. هن اسان جون قميصون لاهرائي پاڻ وٽ رکيون ۽ اسين گنجي ۽ نڪر سان، پيرن ۾ ٽاير جي تري وارو ڪارو چمپل پائي ڪم لاءِ تيار ٿي بيٺاسين. هن هڪ ڳوڻ نما ڳوٿريءَ ۾ ميلا فلم جا پنجاهه پوسٽر وڌا ۽ اسان کي سڄو ڪم سمجهايائين ته اهي ڪٿي ڪٿي ۽ ڪيئن لڳائڻا آهن.

هڪ وڏو برش، ڪؤنر جو ڊبو ۽ ڇهن ڏاڪن واري بانس جي لڪڙن واري ڏاڪڻ کڻي اسين تيار ٿي هلڻ لڳاسين ته هن هڪ پني تي پنهنجيءَ سئنيما جي مهر هڻي، اردو ۾ صحيح ڪري ڏيندي چيو. "جي ڪو پوليس وارو يا ڪو ميونسپالٽي جو ماڻهو تنگ ڪريو ته ان کي هيءَ ڪاغذ ڏيکارجو."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوسٽرن جي ڳوڻ ۾ بانس جي لڪڙن جي ڏاڪڻ. جنهن کي سوٽليءَ جون نوڙيون ٻڌل هيون. مون کنيون. ڪونئر جو ڏهو ۾ برش هاسي ٻنهي هٿن ۾ جهليا. صادق علي اسان سان گڏ ٻاهر آيو ۽ چيائين. "سڀ ڪان پهريون پوسٽر رستي جي سامهون واري ٿنڀي تي لڳايو. "هاسو هيٺ ڏاڪڻ جهلي بيٺو ۽ مان آهستي آهستي بانس جي ترڪندڙ ڏاڪڻ تي چڙهي مٿئين ڏاڪي تائين پهتس. ٿنڀي تي اڳ ۾ ئي منور سلطانه ۽ شيام جي فلم 'مجبور' جو پوسٽر چنبڙيل هو. جيڪو اڌ ڦاٽل هو. صادق علي هيٺ بيٺو مون کي ڏسي رهيو هو. چيائين. "اهو ڦاٽل پوسٽر لاهي، ان مٿان 'ميلا' جو نئون پوسٽر چنبڙاءِ." هيٺ هاسو پوسٽر تي برش سان ڪونئر لڳائي رهيو هو. هڪ ڏاڪو مٿي چڙهي مون کي پوسٽر پڪڙايائين. مون ٿنڀي جي ماپ وٺي، پوري ميزان سان پوسٽر چنبڙايو ۽ ڪپڙي سان اهو دٻائي مضبوطيءَ سان پختو ڪري ڇڏيو. هيٺ بيٺي صادق علي پوسٽر جي پوري ڏيگهه ويڪر برابر ڏسي، مون کي شاباس ڏني ۽ چيائين. "هاڻي برهانا روڊ کان ڪم شروع ڪيو ۽ روز هڪ هڪ علائقي ۾ پنجاهه پوسٽر لڳائيندا رهو. سنو ڪم ڪري ڏيکاريندا ته توهان جي ڏهاڙي به وڌائيندس ۽ مٿئين ڪلاس ۾ مفت فلم به ڏسڻ ڏيندس."

مئجسٽڪ سئنيما ۾ چار پنج فلمون ايندڙ هفتن ۾ رليز ٿيڻ لاءِ رٽيل هيون. جن ۾ مکيه دليپ ڪمار ۽ ڪامني ڪوشل جي. 'شهيد'. نسيم بانو ۽ سريندر جي 'انوکي ادا'. ثريا ۽ رحمان جي 'پيار ڪي جيت'. ديوآنند ۽ گيتا باليءَ جي 'بازي' ۽ بيگم پارا ۽ شيخ مختيار جون ڪي فلمون. ان ڪري روزانو نين نين فلمن جي پوسٽرن جون پيٽيون پيرجي ايندڙيون هيون. مون کي ۽ هاسي کي پوسٽر شارٽ ڪري، الڳ الڳ بڪسن ۾ سهيڙي رکڻ لاءِ هڪ روپيو روزانو ٻيو به ملڻ لڳو. ڪم ڪرڻ وقت صادق علي اسان کي چانهه بسڪوٽ به ڏيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهران ايندڙ گوشت ۽ برياني به کارائيندو هو جن ۾ ٻڪ ڳاڙهن مرچن جا پيل هوندا هئا ۽ نڪ ۽ اکين مان پاڻي وهڻ لڳندو هو.

هاڻي مان ۽ هاسو ڊوَ تي نيرن ڪائي، ٻارهين بجي سئنيما تي ايندا هئاسين. (صادق صاحب ٻارهين کان پوءِ ئي ايندو هو.) ۽ پوسٽر، ڏاڪڻ، ڪئنور جو ڏهو، برش ۽ پراڻا ڪپڙا وغيره کڻي، شهر ۾ نڪري پوندا هئاسين. شهر جا بجليءَ جا ٿنڀا، پٽيون، پڳل جايون، ڦول باغ جا وڻ ۽ بئنچون، بند دوڪانن ۽ گهرن جا در دريون، ميونسپالٽيءَ جا ڪچرو ڪٺو ڪرڻ وارا حودا، سڄو شهر رلي پني پنجاهه پوسٽر ڏهاڙي لڳائي ايندا هئاسين. هاسو پنهنجي پتڪڙن هٿن سان ڏاڪڻ جهليندو هو ۽ مان مٿي چڙهي پوسٽر لڳائيندو هئس. هاسو قد جو ڊينڊو ۽ ٿلهو هو. پيٽ ٻاهر نڪتل هئڻ ڪري، هن جي نڪر هميشه ڪسڪندي رهندي هئي. ان ڪري هو هڪ هٿ سان ڏاڪڻ جهليندو هو ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي ڪسڪندڙ نڪر سنڀاليندو هو.

شام جو ڇئين پنجين ڌاري ڪم پورو ڪري، ڏاڪڻ ۽ ٻيو سامان سئنيما ۾ رکي، گهر ايندا هئاسين. سنان پاڻي ڪري، ماني ڪائي، ڇهين بجي سئنيما هال ۾ ايندا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئاسين. صادق صاحب سڄي ڏينهن جو احوال وٺي. سئنيما جي ڪئنٽين مان چانهه گهرائي پيارينڊو هو ۽ چوندو هو. ”پنهنجي ڪاٻي ٻانهن اڳيان وڌايو.“ هو اسان ٻنهي جي ٻانهن تي نيرا ٺپا هڻي چوندو هو. ”هاڻي وڃو وڃي شام وارو شو ڏسو.“

ڪمائيءَ کان وڌيڪ اسان کي روز مفت ۾ فلم ڏسڻ جي خوشي هوندي هئي. ساڳي ساڳي فلم وري وري ڏسندي. اسان کي فلم جو هڪ هڪ گانو ۽ ڊائلاگ ياد ٿي ويندا هئا. گهر اچي رات فلم جي سڄي ڪهاڻي ڊائلاگن سان ناٽڪي انداز ۾ ٻاپي ۽ ٻائرن ڀينرن کي ٻڌائيندا هئاسين ۽ ڪاميڊي فلم هوندي هئي ته ٽهڪ ڏيئي کلندا هئاسين.

ڪانپور ۾ سڄو سال اسان ٻنهي ڀائرن ائين سئنيمائن جا پوسٽر لڳائي زندگيءَ جو گاڏو گهليو ۽ ٻه ويلا پيٽ ڀري ماني کاڌي. ڪڏهن ڪم نه ملڻ تي، سير کن پٽاٽا اوٻاري کائي ٻه پيٽ جو دوزخ ڀرڻو پوندو هو. وقت ته جيئن تيئن گذرندو ئي رهندو آهي، پر ولر کان وڇڙيل پنهنجن پيارن جي سار ڏاڍي ستائيندي آهي.

اسان کي پنهنجي پيءُ جي باري ۾ ڪابه ڄاڻ نٿي ملي. دادا ڪيئن آهي؟ ڪٿي آهي؟ ڪيئن ٿو رهي؟ رات جي اونداهين ۾ منهنجي ماءُ ڳجها ڳوڙها ڳاڙيندي رهندي هئي. اسان ٽن وڏن ٻارن کي ته دادا جي ڏاڍي ياد ايندي هئي. باقي منهنجي ننڍي ڀيڻ ڪُمو جيڪا سنڌ ڇڏڻ وقت ڇئن سالن جي هئي ۽ سڀ کان ننڍو ڀاءُ ڏنو جيڪو ٻن سالن جو هو، تن کان راند روند ۾ رڌل رهندي شايد گهڻو ڪجهه وسري چڪو هو.

هڪ ڏينهن مان ۽ هاسو پوسٽرن چنبڙائڻ جو ڪم پورو ڪري، ڪلهي تي ڏاڪڻ رکي، سئنيما هال ڏانهن موٽي رهيا هئاسين. جو اوچتو لوهه جون شيخون ۽ لوهي گرڊر کڻي اينڊڙ هڪ ڪليل ٽيمپو زور سان رورس ۾ ڏوڪيندو آيو ۽ چنهبدار لوهي شيخ هاسي جي ساڄيءَ اک مٿان نرڙ تي زور سان اچي لڳي. هاسي جي نرڙ مان رت ٺينڍيون ڪري وهڻ لڳو ۽ هو هيٺ رستي تي ڪري پيو. مان ڏاڪڻ ڦٽي ڪري پڳس ۽ وڃي ڪيس هنج ۾ ڪنيم. چوڌاري خلق اچي گڏ ٿي. ميڙ مان هڪ پهلوان قسم جي ماڻهو هڪدم اسان کان ڪپڙي جو ٽڪرو وٺي، ماچيس سان ٻاهه ۾ ساڙي هاسي جي مٿي تي زور سان دٻائڻ شروع ڪيو. ٻه چار ڀيرا ائين ڪرڻ سان هاسي جي مٿي مان وهندڙ رت ته بيهجي ويو پر هو نيم بيهوشيءَ واري حالت ۾ هو.

ميڙ مان هڪ ڪميٽي شخص واڪو ڪنديٖ زخم پرينڌڙ پلي انسان کي چيو ”پهلي پتا تو ڪرو ڪون سي جات ڪا لڙڪا هئ؟ پهلوان هن ڏانهن شوخيءَ مان نهاريو ۽ هو ماڻهو پيهه مان کسڪي ويو. تن ڏينهن اوير يو.پي ۽ بهار جا ماڻهو عجيب هئا، ۽ نيچتا جي حد تائين ڇوت ڇات ۾ وشواس رکندڙ هئا. بهار ۾ اڄان تائين اهو مرض ڦهليل آهي. اتان جا ماڻهو ڪنهن اجنبي کان، سندس نالو پڇڻ کان پهرين سندس ذات پڇندا آهن ۽ پوءِ ئي ساڻس هٿ ملائيندا آهن يا هن کي ڇهندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڀيري مان بهار جي شهر 'گيا' ويو هئس. مون سان گڏ نياز همايوني به هو. اسين پاٽنا کان گيا گهمڻ آيا هئاسين. هڪ گهٽيءَ مان لنگهي رهيا هئاسين، جو هڪڙو ٻن ٽن سالن جو ٻار رڪشا هيٺيان اچي ويو. ٻارڙو رتو رت ٿي ويو پر ڪير به هن کي کڻڻ لاءِ تيار نه هو. هر ڪو پڇي رهيو هو "ڪون جات، ڪون جات؟" مان ۽ نياز ٻار کي ٻانهن ۾ کڻي، ويجهو ڊاڪٽر وٽ وٺي ويچي، هن، جي ملم پٽي ڪرائي ۽ هن جي مائٽن کي ڳولهي لڌوسين. هن ملڪ جا ڪي ڪي علائقا ملڪ جي نقشي تي ڪوڙهه جا چٽا آهن، جيڪي ڪڏهن به مٽجي سگهڻ جا نه آهن ۽ سڄي ملڪ کي بدزيبو بڻائي رهيا آهن.

هاسي کي رڪشا ۾ ويهاري گهر وٺي آيس. هن جو وهندڙ رت ته بيهي ويو پر زخم گهرو هئس. پاڙي ۾ هڪ سنڌي ڊاڪٽر هو (تنڌي محمد خان ۾ ڪمپائونڊر هو) هن اچي ڳاڙهيون سايون دوائون لڳائي مٿي تي پٽي ٻڌس. ڀاڀيءَ کير ۾ هيڊ ملائي پياري سمهاري ڇڏيس ۽ هن کي گهري ننڊ اچي ويئي. حيرت آهي ته نون سالن جي هاسي کي اهڙي گهري زخم ۽ ايتري شديد تڪليف هوندي به، هن جي اک مان نه ڳوڙهو نڪتو ۽ نه ئي هن جي چهري تي ڪا گهبراهٽ نظر آئي. زخم جو ڪراس وارو نشان اڄ به هاسي جي نرڙ تي نمايان آهي. مون کي لڳندو آهي ته زخم ويتر هن جي دماغ کي تيز تر ڪري ڇڏيو جو هن جا آمريڪي دوست مون کي چوندا آهن، "تنهنجو هيءُ ڀاءُ مٿي کان پيرن جي ننهن تائين رڳو دماغ ئي دماغ آهي. پنهنجي پيشي ۾ هو ڏکئي ۾ ڏکئي مسئلي جو حل ڪلاڪن يا منٽن ۾ نه، پر سيڪنڊن ۾ ڳولهي لهندو آهي.

آمريڪا جي مشهور اخبار 'وال اسٽريٽ جرنل' جي هڪ جائزي موجب، هن جو شمار دنيا جي ڏهن پاور پراجيڪٽ جي ماهرن ۾ آهي. هن دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ورلڊ بئنڪ جي مقرر ڪيل ماهر طور بيحد ڪاميابيءَ سان پاور پراجيڪٽ لڳايا آهن. اڄ ڪلهه هاسو ڪابل ۾ هڪ نئين پراجيڪٽ جي رٿابندي ڪري رهيو آهي.

ڪجهه سال اڳ پاڪستان جي ڪنهن دور دراز علائقي (شايد گلگت) ۾ ورلڊ بئنڪ جي اشتراڪ سان، واپڊا پاران هڪ پاور پراجيڪٽ لڳائڻ جي رٿا تيار ڪئي وئي هئي. ورلڊ بئنڪ جن ٽن ماهرن جي چونڊ ڪئي، انهن ۾ هڪ آمريڪي انجنيئر، هڪ پاڪستاني انجنيئر ۽ ٽيون هاسي جو نالو تجويز ڪيل هو. هاسي پروجيڪٽ رپورٽ به تيار ڪرڻ شروع ڪئي هئي، پر ان وقت جي واپڊا جي سربراهه ورلڊ بئنڪ کي لکي موڪليو ته اسين ڪنهن هندوستانيءَ کي ان پروجيڪٽ ۾ شامل نٿا ڪري سگهون، ان ڪري پروجيڪٽ مان هاسي جو نالو ڪٽيو ويو. باوجود ورلڊ بئنڪ طرفان وشواس ڏيارڻ جي ته هو آمريڪي شهريت حاصل ڪري چڪو آهي ۽ هن جو جنم شهدادپور (پاڪستان) ۾ ٿيو آهي. واپڊا اختياريءَ وارن هر صورت، پنهنجي ملڪ ۾ هڪ انڊين طرفان تيار ڪيل پروجيڪٽ رپورٽ واري آڇ قبول نه ڪئي ۽ هاسي کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باڪو (آذربائيجان) موڪليو ويو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ خبر آئي ته آمريڪي انجنيئر سميت ٽنهي ماهرن کي اتان جي مقامي قبائلين بندوقون هٽي ماري ڇڏيو.

پاڪستان ۾ اقتدار جي تبديليءَ سان، واپڊا جي ان چيف مٿان احتساب ڪميٽي جي جاچ دوران مقدمو داخل ڪيو ويو ۽ هو ملڪ ڇڏي هليو ويو. ڪجهه سالن بعد نيپال ۾ پاور پراجيڪٽ لڳائيندي، هو ۽ هاسو ساڳئي پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ لڳا ۽ هڪ ٻئي جا گهرا دوست ٿي ويا. هو ڪيترا پيرا پنهنجن ٻارن ٻچن سان امريڪا ۾ هاسي جي گهر به اچي رهندو هو. هو مون سان جڏهن آمريڪا ۾ مليو ته چيائين، "مون کي دعائون ڏي جو مون تنهنجي پاءُ جي زندگي بچائي آهي." هاسي ٻڌايو ته گذريل سال بيگ صاحب (شايد اهوئي هن جو نالو هو) آمريڪا ۾ گذاري ويو.

هاسي سان ٿيل ان حادثي کان پوءِ اسان سئنيمائن جا پوسٽر لڳائڻ جو ڪم بند ڪري ڇڏيو ۽ سڄو وقت هن جي سار سنڀال ۾ لڳا رهياسين. هن جو زخم ڀرجڻ ۾ ڇڱو وقت لڳي ويو.

مان اڳ ۾ ٻڌائي چڪو آهيان ته اسان گهر جو گاڏو هلائڻ لاءِ ٻه سائيڪل رڪشائون خريد ڪيون هيون، جيڪي ٽي روپيه روز جي ڀاڙي تي هلائيندڙ ٻئي کي ڏنل هيون، پر انهن ٻئين اسان کي ڇڱو پريشان ڪري ڇڏيو. هو ڏينهن جا ڏينهن غائب ٿي ويندا هئا ۽ جيڪڏهن اوچتو اچي پرگهٽ ٿيندا هئا ته ڪڏهن ٽائر، ڪڏهن ٽيوب بدلائڻ ته ڪڏهن بريڪون ۽ گهنٽيون نيڪ ڪرائڻ تي ڪيل خرچ جو حساب ڪتاب ڪندي اسان جي ڀاڙي جو حساب برابر ڪري ڇڏيندا هئا. ايترو ضرور ڪندا هئا، جو ڪڏهن ڪڏهن اسان ٻارن کي مفت ۾ ويهاري گهمائيندا هئا.

نيٺ هڪ ڏينهن تنگ ٿي، مان جنهن سردارجيءَ اسان کي اهي رڪشائون وٺي ڏنيون هيون، ان وٽ هليو ويس ۽ هن کي سڄي ماجرا ٻڌائي چيم، "ٻئي رڪشائون يا ڀاڙڻ خريد ڪري يا ڪٿي وڪڻائي ڏئي." موٽندي صادق علي سان پڻ ملندو آيس. هن کي هاسي واري حادثي جي اڳ ۾ ئي ڄاڻ هئي. هو بيحد رحمدل انسان هو ۽ چيائين. "تون ٻيئي رڪشائون هتي ڪاهرائي اچ. ڇڱي حالت ۾ هونديون ته مان سئنيما جي ڪم لاءِ ئي خريد ڪندس."

ٻئي ئي ڏينهن مان رڪشائن وارن کي سندن اڏي تان ڳولهي، صادق علي وٽ وٺي آيس. هن جاچي جوچي رڪشائون سئنيما جي احاطي ۾ رکائي ڇڏيون ۽ ٻئي ڏينهن مون سان گڏ اسان جي گهر هلي، پاپيءَ کي پنج سئو روپيه رڪشائن جا ڏيئي ويو جيڪا اسان لاءِ ان وقت تمام وڏي رقم هئي.

صادق عليءَ سان منهنجي سني دوستي ٿي ويئي. هن مون کي ڪمائيءَ جو ٻيو سولو طريقو ڏسيو. سئنيما جي انٽرول يا پڪچر ختم ٿيڻ تي، فلمن جي گانن جون چوپڙيون وڪامنديون هيون، جيڪي اردو ۽ هنديءَ ٻنهي ۾ ڇپيل هونديون هيون، پر گهٽو وڪرو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اردو چوپڙين جو هوندو هو جو ان وقت تائين ڪانپور لکنو وغيره ۾ اردو جو واحد وڏيڪ هو. چوپڙيءَ جي قيمت هڪ آنو هئي، جنهن مان هر چوپڙيءَ جا ٻه پئسا وڪڻن وارن کي ملندا هئا. صادق علي جي همٿائڻ تي، مون هال ٻاهران فلمي گانن جون چوپڙيون وڪڻڻ شروع ڪيون ۽ روپيو ڏيڍ روزانو آرام سان ڪمائي وٺندو هوس. جيئن ته اهو ڪم شام جو ٿي ڪرڻو هوندو هو. ان ڪري سڄو ڏينهن واندو هوندو هئس.

صادق عليءَ جو هڪ مائٽ هو جيڪو اردوءَ جو مشهور اديب ۽ شاعر هو. هن جو نالو نشور واحدي هو. هڪ ڏينهن صادق عليءَ هن سان منهنجي واقفيت ڪرائيندي، هن کي چيو "هي ڇوڪرو سنڌ مان آيل شرڻارٿي آهي. سنڌي سٺي لکڻ پڙهڻ ڄاڻي. تون هن کي اردو ۽ فارسي سيکار. هن کان ڪاٻه في وغيره نه وٺجانءِ." نشور واحديءَ خوشيءَ سان مون کي پنهنجي شاگردي ۾ ورتو ۽ مان روز صبوح جو ڏهين بجي ٻه ميل پنڌ ڪري، مول گنج ۾ هن جي گهر اردو ۽ فارسي سکڻ ويندو هئس. ڏڪڻا طور ڪڏهن ڪڏهن هن لاءِ ٻيڙين جو بنڊل ۽ ٻه تماڪ وارا پان وٺي ويندو هئس. هن جي بيگم به مون کي پنهنجي اولاد جيان ڀائيندي هئي ۽ هڪ ٻه ڀيرا اسان جي گهر به آئي هئي.

نشور واحديءَ وٽ تعليم حاصل ڪندي، منهنجي اردو خواهه ڪجهه فارسي، خاص طور اردو جي هٿ اکري اهڙي ته صاف سٺري ٿيندي ويئي، جو هو پنهنجا اخباري ڪالم ۽ شاعري مون کان فيئر ڪرائيندو هو. اڳتي هلي شگفته اردو لکڻ پڙهڻ، دهلي ڪاليج ۾ ڊاڪٽر عبادت بريلوي کان سکيم. پر هو ڇهن مهينن اندر ئي دهلي ڪاليج جي پروفيسري ڇڏي پاڪستان هليو ويو.

ڪانپور ۾ رهندي اسان جيئن تيئن ڪري اڌ ڊوءَ ۽ اڌ بک تي چار سال گذاريا. احمد آباد، اجمير، پرتپور، آگرو ۽ هاڻي ڪانپور. ڪٿي به ٿانئيڪا نه پيا ٿي سگهون. مٽ مائٽ به پنهنجي روٽيءَ روزيءَ پويان سرگردان هئا ۽ هتي هتي هٿ پير هڻي رهيا هئا. ڪنهن تي به ڪا ميار نه هئي. راشن محدود هو. ڪمائي محدود هئي. زندگيءَ جون ضرورتون به محدود هئڻ جي باوجود، انهن جي پورتيءَ لاءِ تمام گهڻي جفاڪشي ڪرڻي ٿي پئي. اٺين آني وال واريون بافتي جون ٻه ٽي قميصون هيون، لنڊيون نڪرون هيون، ٽائر جي تري واري هڪ چمپل هئي، جيڪا مان ۽ هاسو واري واري سان پائيندا هئاسين. منهنجي ماءُ ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ دادا کي ياد ڪندي، هنجون هاريندي هئي، پر هاڻي هن جي اکين جا ڳوڙها به سڪي ويا هئا.

ڇئن سالن کان اسين پنهنجي پيءُ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين. اسان جي وچ ۾ ڪاٻه ٽپال يا ٻيو ڪوبه رابطو نه رهيو. منهنجي ڀڄاٽ کي بئنڪ جي نوڪري مان ڪڍيو ويو. ان ڪري منهنجي ڀڄي ۽ هن جو ڪٽنب ڪانپور ڇڏي الهاس نگر هليا ويا. هاڻي هن اجنبي شهر ۾ اسان جو ڪوبه اوهي واهي نه هو. هڪ ڏينهن مون کي اناج منڊي ۾، نوابشاهه جي ڏاسومل حڪيم جو پٽ گڏجي ويو. ٻڌايائين، "مهينو کن اڳ ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوابشاهہ مان تي آيو آهي ۽ اسان جو پيءُ اتان هندوستان لاءِ نڪري چڪو آهي.“ مون ٻوڙندي گهر اچي پاپيءَ کي ٻڌايو. منهنجو پيءُ اسان کي ڳولهڻ سڄو مهينو ڪن هندوستان پٽڪندو رهيو.

ڪانپور جو هڪ وڏو سنڌي سيٺ ’ڪي. جي. ٺاڪر داس اينڊ سنس‘ جو مالڪ هو. هن جو شمار شهر جي امير ترين شخصن ۾ ٿيندو هو. شهر ۾ هن جا ڪيترائي ’ڊپارٽمينٽل اسٽور‘ ۽ سلڪ جي ڪپڙي جا گودام هئا. هن کي پنج پٽ هئا. جن مان سڀ کان ننڍو نارائڻ، مون کي سڃاڻندو هو. هڪ ڏينهن هو مون کي ۽ هاسي کي پنهنجي برهانا روڊ واري اسٽور تي شربت پيارڻ وٺي هليو. اتي مون شيشي مان پريان ڏٺو تہ هڪ شخص سيٺ ٺاڪرداس سان هن جي ڪئبن ۾ ڳالهائي رهيو هو. جيئن ئي هو ڪئبن مان ٻاهر نڪتو تہ مون کي لڳو تہ هيءُ اسان جو دادا آهي، پر هو ايترو تہ ڪمزور لڳي رهيو هو جو مون کي شڪ ٿي ٿيو تہ مان ڪٿي هن کي سڃاڻڻ ۾ پل تہ نہ ڪري رهيو آهيان.

مون هاسي کي چيو. ”هيءُ اسان جو دادا ئي آهي.“ ٻيئي تڪڙا تڪڙا هن جي پويان ٻاهر وياسين. ڪجهہ دير هن ڏانهن نهارڻ لڳس ۽ چيومانس، ”دادا، مان لڇمڻ آهيان ۽ هي هاسو آهي.“ اسان جي پيءُ اسان کي ياڪر ۾ ڀڪوڙي ورتو. هو هفتي کان ڪانپور ۾ اسان جي ڳولها ۾ پٽڪي رهيو هو. ٺاڪرداس وٽ بہ اسان جو ئي ڏس پتو پڇڻ آيو هو.

گهر اچي اسان پاڻ ٻاهران ئي پاپي کي سڏ ڪرڻ لڳاسين. هوءَ بت بڻجي پنهنجي مڙس کي ڏسندي رهي. منهنجون بہ پينر ايشو ۽ ڪمو دادا کي چنبڙي پيون. ۽ ننڍو پاءُ ڏنو هن کي ڏسندو رهيو. دادا کان ڳالهائڻ نٿي اڪليو هو. چپ چاپ هڪ هڪ ٻار کي گود ۾ ويهاري پيار ڪندو رهيو ۽ منهنجي ماءُ اوچنگارون ڏيئي روئي رهي هئي.

مان رنڌڻي مان پيءُ لاءِ پاڻي کڻڻ ويس ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ ڏنو منهنجي پويان آيو. نوابشاهہ مان نڪرڻ وقت هو ٻن سالن جو هو ۽ هينئر ڇهن سالن جو ٿي چڪو هو.

رنڌڻي ۾ اچي ڏنو مون کان آهستي پڇڻ لڳو ”هيءُ ڪير آهي؟“

”ڏنا، هي پنهنجو پيءُ آهي.“

”پيءُ آهي، پر هي ماڻهو رات جو سمهندو ڪٿي؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ارڙهون پنون

وجوديت جي فلسفي موجب انسان کي تہ آزاديءَ سان ڄمڻ جو حق آهي، نہ مرڻ جو رڳو ڄمر ۾ موت جي وچ واري عرصي ۾ ئي هن کي چونڊ ڪرڻ جي ڪجهہ آزادي ميسر ٿي سگهي ٿي ۽ اها بہ ڪن شرطن شروطن سان.

۽ مڪمل آزادي هر ڪنهن کي رڳو غسلخاني ۾ ئي ميسر هوندي آهي، جتي هو باطني طور پنهنجي روح کي ۽ ظاهري طور پنهنجي جسم کي هر ڪنڊ ۽ زوايي کان ڏسي ۽ پرکي سگهي ٿو. جسم جون رڳون تاڻجي وڃڻ تي هن کي بنا ڊپ ڊاوَيا لوڪ لڄا جي، مشت خواهہ انگشت زني ڪرڻ جي بہ مڪمل آزادي آهي.

پر زندگيءَ جي تخفيف، ناپر ۽ فرحت ماڻڻ جي چونڊ ڪرڻ واري عمر جي ان عرصي ۾، گڏيل غسلخانن، اسان کي وقت سر اهڙا موقعا بہ ميسر نہ ڪري ڏنا.

قديم يوناني ڪلچر ۾ مشت زني هڪ تخليقي، قوت بخش ۽ پاڻ موکڻ وارو عمل ليکيو ويندو هو ۽ استاد ارسطو جي مڪتب فڪر موجب، اهو اپرنڌڙ عمر جو فطري عمل آهي. مصري عقيدي واري روشنيءَ جي خدا اوسيرس، هيءَ دنيا مشت زنيءَ ذريعي ئي تخيلق ڪئي هئي. يوناني ديو مالائي ڏند ڪٿا موجب، ديوتا هرمس هٿ رس جا مختلف طريقا سيکارڻ وارو ديوتا آهي، جنهن جو اڳتي هلي يوناني ديوين، وينس ۽ هين سخت ورود ڪيو.

جديد دؤر ۾ بہ صديون اڳ، امريڪا ۾ هٿ رس جي ان عمل کي روڪڻ لاءِ لوهي تارن وارا اهڙا تيوب ايجاد ڪيا ويا، جيڪي مرداني عضوي، عصمتي پٽن (Chastity Belts) ۽ چمڙي جي لنگوٽين تي لڳائڻ لازمي قرار ڏنا ويا تہ اتان جي جوان مردن ۽ عورتن جلوسن ۽ مظاهرن ذريعي، انهن غير فطري قانونن جي سخت مذمت ۽ مخالفت ڪئي. نيٺ آمريڪي حڪومت کي آڻ مڃڻي پئي ۽ هڪ جاچ ڪميشن قائم ڪئي وئي، جنهن جي پيش ڪيل رپورٽ Kinsey Report نالي مشهور آهي.

'ڪنسي رپورٽ' ۾ هٿ رس کي غئبي ۽ باطني طور هڪ فطري عمل قرار ڏيئي، ان جي صحتمند ۽ شفي پهلوءَ کي اجاگر ڪيو ويو. اڳتي هلي Masters and Johnson پنهنجي تحقيقي جائزي هيٺ، جنس، عمر، ذات، پات، مذهب ۽ طبقي جي امتياز کان سواءِ مُشت زنيءَ جي مشق کي عالمي استعمال، دستور، نيم ۽ هير جو حصو قرار ڏنو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويجهڙائيءَ ۾ ٽيهه هزار مردن ۽ عورتن جي عملي زندگيءَ بابت ڪيل اڀياس ۾ واضح ٿي چڪو آهي تہ مشتزني ۾ انگشت زني جي پريڪٽس سان عضون جي ڪئنسر جي روڪٿام ٿي سگهي ٿي. ذاتي سطح تي ان عمل سان جسم جي تاڻجي ويل رڳن ۾ رت جي گرمائش، سڄي جسم ۾ دل ۽ دماغ کي توانائي بخشي ٿي ۽ بي خوابيءَ کي ختم ڪري ٿي. هي عمل جنسي تعليم ۾ سکيا آهي، جو ان سان جوان جسم جي جنسي رد عمل جي ڄاڻ ۾ احساس ٿئي ٿو ۽ لطف جو شعوري خواهہ لاشعوري پهلو اجاگر ٿئي ٿو.

جديد اردو شاعريءَ جو باني ثناءُ الله ڀٽ (ميرا جي) جڏهن دهليءَ ۾ آل انڊيا ريڊيو ۾ اسڪرپٽ رائيٽر هو تہ اسٽوڊيو ۾ نشريات شروع ڪرڻ کان پهرين اسٽوڊيو جو در اندران بند ڪري، پنهنجي جسم جي تاڻيل رڳن کي هٿ سان خارج ڪري، رلئڪس ٿي، پوءِ ئي ڪا نشريات ڪري سگهندو هو. ان موضوع تي هن بہ نظم 'لب جوئباري' ۽ 'رس ڪي انوکي لهرين' بہ لکيا آهن، جي ڪن نقادن اردوءَ جا شاهڪار نظم قرار ڏنا آهن پر گڏوگڏ لب جوئباري سڄي شاعريءَ کي غلاظت جو ڍير سڏي، ترقي پسندن، ميراجيءَ کي ادب کان ٻاهر ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪئي پر ميراجيءَ جي شاعري ۾ جيئڻ تہ زندگيءَ جون سچايون موجود هيون. ان ڪري اڄ بہ هن جي شاعري جي اهميت ۾ بلندي جيئڻ جو تيئڻ برقرار آهي. شيخ اياز پڻ ميراجيءَ کي اردو جديد شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر قرار ڏنو آهي.

'لب جوئباري' نظم جو آغاز هنن سٽن سان ٿئي ٿو.

ايڪ هي پل کي لئي، بيٺ ڪر هم اٹ بيٺي
آنک ني صرف يہ ديکا کي نستہ بت هي
نهي بصارت ڪونہ تهي، تاب ڪہ وه ديک سکي
کيسي تلوار چلي، کيسي زمين کا سينہ
ايڪ لمحي کي ليئي، چشم کي مانند بنا
پرده چشم نہ صرف، ايڪ نستہ بت کو
ذهن کي دائره خاص مين مرکوز کيا

۽ نظم جو آخري بند آهي.

جل پري آئي کهان سي؟ وه اسي بستر پر.

سال 1990ع ۾ جڏهن شيخ اياز بمبئيءَ آيو تہ هڪ شام نند جوهريءَ مون کي ۽ اياز کي پنهنجيءَ ڪار ۾، ڪڏهن ڪولابا مان پوپٽيءَ جي گهر هوٽل روزوڊ ۾ وٺي اچي رهيو هو تہ مرين لائين جي قبرستان وٽان لنگهندي، مون نند کي چيو تہ گاڏي بيهار. مون اياز کي ميراجيءَ جي قبر اڳيان اچي بيهاريو جتي مون ميراجي جي نظم جون هي سٽون بلند آواز ۾ پڙهيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جب نيندون سي جاڳين گي
اور سپنون ڪو تياڳين گي
تب ڪيسي حالت هوگي
بپتا يا راحت هوگي.

۽ گذريل ڊسمبر 2004ع ۾ ڀٽ شاهه تي شيخ اياز جي مزار تي، موتي پرڪاش، سحر امداد ۽ مون اياز جي هيءَ وائي،

ٽڙي پوندا ٽارئين، جڏهن ڳاڙها گل، الا لا!

تڏهن ملنداسين.

گڏجي ڳاتي ته منهنجي همسفر سيني ساٿين جون اکيون پرجي آيون هيون ۽ ٻاهر اچي منهنجي دوست رينو ۽ اُما اوچنگارون ڏيئي رنيون هيون. جيتوڻيڪ هو ٻئي ڪڏهن به اياز سان نه مليون هيون. ائين جيئن اياز ڪڏهن به ميراجيءَ سان نه مليو هو.

اياز جي مزار کان ٻاهر پٽرن نڪرن واري ڪر ڪيڙ رستي تان سحر مون کي هٿ کان جهلي اونده ۾ سڄو رستو پار ڪرايو هو. ادي سحر شل سدائين سک ماڻين.

ميراجيءَ جي دوست اختر الايمان مون کي ٻڌايو هو ته لاهور ۾ ڪاليج جي احاطي ٻاهران، جڏهن هن همٿ ڪري پنهنجيءَ بنگالي محبوبا ميراسين کي بيهاري، اڌ ڪلاڪ تائين پنهنجي عشق جو اظهار ڪيو ته ميراسين بنا هڪ اکر ڳالهائڻ جي، چپ چاپ هن کي ٻڌندي رهي. جڏهن ميراجيءَ پنهنجي سڄي دل هن اڳيان پيتي رکي ته ميراسين هن کان رڳو اهو پڇيو "توهان پنهنجي ڳالهه پوري ڪئي هاڻي مان وڃان؟" ميراجي جي وات مان رڳو هڪ اکر اڪليو. "ها". ۽ ميراسين هن کي خدا حافظ چئي هلي ويئي ۽ ڪجهه ڏينهن اندر ئي لاهور ڇڏي ويئي.

ان ملاقات کان پوءِ ثناءالله ٻٽ پنهنجو ادبي نالو ميراجي رکيو ۽ ميرا جي ياد ۾ پنهنجا ڪيترا نظم هن سکر ۾، سنڌوءَ جي ڪناري تي ويهي تخليق ڪيا. جتي هن جو والد ريلوائيءَ ۾ ملازم هو.

انساني احساسن ۽ چاهتن بابت مٿين تهميد مون ان ڪري ٻڌي آهي، جو ساروڻين جي سلسلي ۾ پنهنجي زندگيءَ جي ان دؤر جا تفصيل تحرير ڪري رهيو آهيان، جنهن وقت مون ۾ جسماني ۽ جذباتي طور هڪ عجيب قسم جي لذت آميز تبديلي اچي رهي هئي. مان سورهن سالن جي سن تي پهچي چڪو هوس. مفت ۾ هر روز هڪ نئين فلم ڏسڻ يا وري ساڳي فلم ڏسڻ سان فلمي اداڪارائن طرف منهنجي ناداني‌ءَ واري دل فريبي، ڏينهن جو منهنجا هٿ آلوده ۽ نمدار ۽ نظر ڏنڏلي ڪندي رهي ۽ راتين جو رس جون انوکيون لهرون منهنجي بستري کي پڇائيندڻيون رهيون.

مان اڳ به لکي آيو آهيان ته مون کان ڏهه ٻارنهن سال وڏيءَ عمر واري ائڪٽريس نور جهان منهنجي پهرين 'ڪرش' هئي، جنهن جون فلمون ڏسڻ لاءِ مان بنا ٽڪيٽ ٽرين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ چڙهي ڪانپور کان لکنؤ پهچي ويندو هئس ۽ هاڻي 'ميلا'، 'آگ' ۽ 'برسات' جهڙيون فلمون ڏسڻ بعد، نرگس منهنجي حواسن تي ڇانئجڻ لڳي هئي. هينئر منهنجي لب جوئباري جي نظر نرگس تي ئي اٽڪيل هئي. ان وقت منهنجي خواب وخيال ۾ به نه هو ته هڪ ڏينهن مان انهيءَ ئي ڪنيز فاطمه (نرگس) سان گڏ به هفتا روس، پولينڊ، هنگري ۽ چيڪوسلواڪيا جهڙن ملڪن جو دورو ڪندس ۽ ماسڪو ۾ لينن گراڊ جي شاهراهن تي اسين ٻيئي رات دير تائين گهمندا رهنداسين ۽ هوٽل جي ڪمري ۾ موتي اچي گڏجي 'ريڊ وائين' پيئنداسين. نرگس بيحد خوشمزاج ۽ چرچائڻ هئي. هن جو ٻڌايل هڪ لطيفو مون کان اڃان تائين نه وسريو آهي. هن کي چيم، "نرگس منهنجا وار اڇا ٿيڻ لڳا آهن." نرگس مون کي اهو چئي تسلي ڏني هئي. "عورتن کي اڪثر اهي مرد پسند ايندا آهن، جن جي وارن ۾ چاندي هجي. ڪيسن ۾ سون ۽ هيٺ ڪٽي 'فولاد' هجي."

هوءَ هر ڪلاڪ کان پوءِ پرس مان دبلي ڪڍي، ڪچو تماڪ کائيندي هئي. جنهن عادت هن کي گلي جي ڪئنسر ۾ مبتلا ڪري، وقت کان اڳ ۾ ئي موت جي منهن ۾ اُڇليو. بهرحال، نرگس جي باري ۾ وڌيڪ دلچسپ احوال اڳتي هلي ساروڻين جي واسطيدار قسطن ۾ ڏيندس.

هيءَ تحرير لکڻ وقت نرگس جي خاوند ۽ مشهور فلمي اداڪار، هدايتڪار ۽ پارتي ڪابينه جي مرڪزي وزير سنيل دت جي انتقال جي خبر آئي آهي. سنيل دت سان مان پهريون ڀيرو سٺ ٻاهٺ ڏاري، بمبئي جي جئه هند ڪاليج ۾ مليو هئس. هو ارجن شاد جي لکيل سنگيت ناٽڪ 'ليلا چنيسر' جي هنديءَ ۾ ڪامينٽري ڪري رهيو هو ۽ وچ وچ ۾ آيل سنڌي لفظن جا صاف اچار ڪري تي سگهيو. اهڙي ڪامياب ۽ جاذب ڪمپيئرنگ لاءِ 'لاڙڪاڻه ڊراميٽڪ ڪلب' جي ڊائريڪٽر داس طالب (گوبند پنجابيءَ جو نياڻو) سنيل دت تي تمام گهڻي محنت ڪئي هئي. هو ننڍيءَ غلطيءَ تي به سنيل دت کي ڇڙٻون ڏيندو هو. جيڪو بلراج (سنيل دت جو اصلي نالو) ڪلنڌي ڪلنڌي برداشت ڪندو هو. چنيسر جو رول ارجن شاد کي ئي ڪرڻو هو پر ارجن فصيح زبان هئڻ باوجود تمام شرميلو هو ان ڪري هيروئن اڳيان رومانوي ڊائلاگ چوندي، هن کي پگهر اچي ويندو هو. بلراج (سنيل) به اسٽيج تي لڳ ڀڳ ارجن شاد جيان هو. باقي پردي پويان هن جو آواز ٻڌندڙن جي روح جي پاتار تائين پهچي ويندو هو.

هتي اسان جي شاعر دوست ارجن شاد بابت هڪ دلچسپ واقعو ياد اچي رهيو آهي. ارجن جوانيءَ ۾ شڪل جو تمام ناهڪو چست ۽ تکن ارڪانن وارو هو. ڪئميرا هن مٿان سدائين مهربان هوندي هئي. هندوستان ۾ ورهاڱي بعد تيار ٿيندڙ پهرين سنڌي فلم 'اباڻا' جي پروڊيوسر بهاري مسند، ارجن شاد کي ان ۾ هيرو جي آڇ ڪئي. هيروئن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيلا راماڻي ۽ سائيڊ هيروئن ساڌنا هئي، جيڪا ان وقت پندرنهن سورنهن سالن جي هئي ۽ اڳتي هلي هندي فلمن جي مشهور هيروئن ٿي.

هڪ ڏينهن ارجن اسان کي 'اباڻا' جي شوٽنگ تي وٺي هليو. اسان سان گڏ گوبند مالهي، موهن ڪلپنا، سگن آهوجا، ايم ڪمل ۽ ڪي ٻيا بہ هئا. ارجن ۽ شيلا راماڻيءَ جي ڪنهن رومانٽڪ سين جو شاٽ هو. شيلا راماڻي بيحد بي باڪيءَ سان پنهنجي عشق جو اظهار ڪري رهي هئي ۽ هيڏانهن اسان جي شاعر دوست جو پگهر نڪري رهيو هو. روماني ڊائلاگ چوندي ۽ هيروئن کي ڀاڪر پائيندي، هن جي زبان ٿيڙ کائي رهي هئي. ٻٽ ٻٽ ڪندي، ڳيتون ڏيندي مڙيو ئي ڊائلاگ پورو ڪيائين. ٻہ چار ڀيرا 'ري ٽيڪ' ٿيڻ کان پوءِ شيلا راماڻيءَ طنزيہ مرڪ سان شاد کي چيو:

"ارجن، هيءَ ڊائلاگ تون پنهنجيءَ محبوبا کي چئي رهيو آهين، يا پنهنجيءَ پيڻ کي؟" ارجن شاد ٻئي ڏينهن کان شوٽنگ تي ئي نہ ويو ۽ اهو رول ارجن ميرا چنداڻيءَ نالي هڪ ٻئي جوان کي نڀاهڻو پيو.

'اباڻا' فلم ايترو تہ ڪمايو جو ٻهاري مسند کي سڄي عمر وري ڪو ڏنڌو ڌاڙي ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ پيئي. پر وقت ڪٿي جو ڪٿي ٿو پهچائي؟ ٻهاريءَ جو هڪ ئي پٽ هن کي پيئنگيو ڪري ڇڏي ويو ۽ شيلا راماڻي ڪن پروڊيوسرن جا فلمن لاءِ ورتل ائڊوانس کائي ڪنهن عرب سان ڀڄي، دنيا جي الائي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ وڃي لڪي. ساڌنا جون اکيون سڄي ويهجي ويون آهن ۽ اڄ ڪلهہ ڪولابا جي ڪنهن ڪلب ۾ صبوح کان سانجهيءَ تائين جوئا ڪندي رهندي آهي ۽ اسان جي فصيح زبان شاعر دوست ارجن شاد جو آواز ئي ٻيهجي ويو آهي. گذريل مهيني مان جڏهن قمر شهباز سان ٻن ڏينهن لاءِ بمبئيءَ ۾ هوس تہ شاد کي فون ڪيم، پر فون تي هن کان 'ها' ۽ 'نہ' کان سواءِ ڪو اکر نٿي اڪليو. هو چچريل آواز ۾ الائي ڇا ڇا چئي رهيو هو. سنيل دت کي سنڌين سان تمام گهڻو لڳاءُ هو جو هو سنڌين جي قائم ڪيل ڪاليج ۾ پڙهيو ۽ ڪاليج جي پرنسپال مستر ٿي. ايم. آڏواڻيءَ هن جي زندگي ٺاهي. هو فلم انڊسٽريءَ جو پهريون فنڪار هو جنهن ڪنهن نموني مارشل لا واري دؤر ۾ ويزا هٿ ڪري، ڪراچيءَ پهچي، محترمہ بينظير ۽ آصف زرداريءَ جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪئي. بمبئيءَ جو جئہ هند ڪاليج، سنڌين جو پهريون ڪاليج هو جيڪو ورهاڱي بعد سنڌين سرمائيدارن ۽ مرين ڊرائيور جهڙي امير ترين (پاش) علائقي ۾ اچي قائم ڪيو هو.

روزي روٽيءَ لاءِ هٿ پير هڻندڙ سنڌي جوانن لاءِ، جئہ هند ڪاليج ۾ صبوح جو ستين کان ڏهين بجي تائين مخصوص ڪلاس شروع ڪيا ويا. جيئن نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون صبح جا ٽي ڪلاڪ ڪاليج جا ڪلاس اٽينڊ ڪري، سڄو ڏينهن نوڪري ڪندي، پنهنجو گذر سفر ڪري سگهن. پر داخلائون محدود هيون ۽ اميدوار تمام گهڻا. بلراج سئو روپئي ماهوار تي، بمبئيءَ جي بس واري ٽرانسپورٽ ڪمپني Best ۾ اسٽور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيپر جي نوڪري ڪندو هو. هن بہ ٻين جيان بطور شرٽارٽي، جڏهن هند ڪاليج جي صبح وارن ڪلاسن ۾ داخلا وٺڻ لاءِ فارم ڀريو تہ ڪاليج جي آفيس سيڪريٽريءَ هن کي داخلائون بند ٿي وڃڻ جو چئي موٽائي ڇڏيو. بلراج نااميد ٿيو. ڪاليج جي ٻاهرين ڏاکڻ تي ويٺو هو تہ پرنسپال آڏواڻي صاحب ڪاليج ايندي، هن کي ملول منهن سان ڏاکڻ تي ويٺل ڏسي، پڇيو "ڪير آهين؟" بلراج پنهنجي ماجرا بيان ڪئي ۽ آڏواڻي هن کي هٿ کان وٺي آفيس سيڪريٽري وٽ وٺي آيو ۽ ڪاليج جي ٻهرين سال ۾ داخلا ڏيارايائيس. سنڌين جي ان ڪاليج مان ئي هن گرئجويشن ڪئي. سنڌين، ناٽڪن ۽ ٻيئن ۾ حصو ورتو جتان کان ئي هن کي ريڊيو سيلون وارن ٻاڻ وٽ ملازم ڪري رکيو.

ماسڪو جي هوٽل روسيا (هي دنيا جي وڏي ۾ وڏي هوٽل آهي، جنهن ۾ ست هزار ڪمرا آهن ۽ پنهنجي ڪمري تائين پهچڻ لاءِ ٻهرين گيٽ نمبر ياد رکڻو پوندو آهي) جي باري ۾ پيوا (Beer) پيئندي، سنيل دت مون کي ٻڌايو تہ تن ڏينهن هو رات جو دير تائين ڪولابا جي بس ڊيپوءَ تان ڊيوٽي ختم ڪري، ڏوبي تلاءَ تي ٻين شرٽارٽين سان گڏ فوٽ پاٿ تي سمهندو هو. جتي صبوح جو سويل سامهون واري سينٽ زيوئر ڪاليج جون ڇوڪريون فٽ پاٿ تان ڪاليج ويندي، هن کي لتاڙينديون ويندديون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ٽڏا بہ هڻنديون ويندديون هيون. ڪيس رات جو پوري ننڊ بہ نصيب نہ ٿيندي هئي. ڪيس رڳو ڪاڏيءَ جا ٻہ وڳا هوندا هئا، جن مان روز هن کي هڪ وڳو ڌوبي تلاو تي ڌوئڻو پوندو هو. هو فلم لائين ۾ ڪيئن آيو ۽ سنڌس نرگس سان شادي ڪيئن ٿي، ان جو تفصيلوار احوال اڳتي هلي، پنهنجي روس جي سال پنجهتر ۾ ڪيل دوري جو ذڪر ڪرڻ وقت درج ڪندس.

مون نرگس کي اتي ٻڌايو تہ ڪانپور ۾ هن جون فلمون ميلا. بابل ۽ انداز ڏسي مان ڪيئن مٿس اکن ڇڪن تي پيو هوس ۽ ٿلهي نور جهان ۽ ڏاند جهڙي منور سلطانہ مون کان وسرنديون ويون. وٽندي ثريا بہ هئي، پر مان هن جي ٻاهر نڪتل ڏندن کان خوف کائيندو هئس.

هڏن جو پيرو ٿي ويل منهنجو پيءُ آهستي آهستي پاڻ سنڀالڻ لڳو هو. عارضي طور اسان جي مالي حالت سڌري ويئي هئي. گهر ۾ روز گوشت ۽ مڇي رڌجڻ لڳي ۽ رنڌڻو ڀريو پاڳيو ٿي پيو. ٺاڪر داس جي اسٽور تان پنجن روپين ۾ وسڪيءَ جي بوتل ايندي هئي. اوڙي پاڙي جا ماڻهو اسان کي گوشت مڇيون ۽ گانگٽ کائيندو ڏسي گاريون ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ هي پاڪستاني مليڇ اڌ مسلمان آهن. هنن جون زالون بہ شراب پيئنديون آهن. اسان جي ديوتائن جي ديش ۾ هي ڪهڙا ڏئيت اچي پهتا آهن. جيڪي اسان جي سچي سماج کي ڀرشٽ (پليت) ڪري ڇڏيندا. هنن پنهنجن ٻارن کي اسان سان ڪوبہ رستو رکڻ کان سخت منع ڪئي. رنين آهرين اسان کي ڏسي پنهنجو منهن ٻچڙو ڪري ڦيري ڇڏيندا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽيءَ پيچ ڊڪ ڪان پوءِ دادا مون کي ۽ هاسي کي ’ائنگلو بنگالي ودياليہ‘ نالي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. اسڪول ۾ اڪثر شاگرد ۽ ماستر بنگالي هئا. ڪلاس ۾ ڇوڪرن کان وڌيڪ ڇوڪريون هيون. ڊگهن وارن واريون سانوريون بنگالڻيون. چڱيون بڪبڪيون، پر بيحد وڻندڙ هيون. مان ڪلاس ۾ پنئين ڊيسڪ تي ويهي، اڳيان ويٺل ڪنهن بنگالي ڇوڪريءَ جي ڊگهن ۽ لسن وارن تي هٿ گهمائيندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن ڪا پٺيان شوڪي نهاريندي هئي، پر وري مرڪي منهن ورائي ڇڏيندي هئي. ڪانئن ئي مون اهو فقرو ٻڌو هو.

”بات بنگالي ڪي سُن، بنگالنون ڪي بال ديک“.

باقي مون کي پئياٽين ڇورين کان ڏاڍو ڊپ لڳندو هو. جو هو ڏاڍيون شڪايتي ۽ چُغل خور هيون.

اسڪول جو ماحول آزاد ۽ فضا فرحت بخش هئي. ٻوليءَ جو مسئلو البت درپيش ايندو هو. مون کي رڳو سنڌي ۽ ٿوري گهڻي انگريزي ايندي هئي ۽ اردو نشور صاحب کان سڻي سکي ويو هئس، پر سنسڪرت گاڏڙ هندي ۽ بنگالي منهنجي مٿان کان لنگهي ويندي هئي. پر جيئن تيئن ڪم ٽپائيندو هئس ۽ باقي اکين ۽ هٿن مان ڪم هلائيندو هئس. انسان جي انهن ٻنهي عضون جي ٻولي مشترڪ آهي. جيتوڻيڪ انساني جسم کي عطا ڪيل عضون مان سڀ کان خطرناڪ عضوو زبان ئي آهي، جيڪا اجان مون لاءِ ايتري نہ کلي هئي.

منهنجو پيءُ پاڻ سان چاليهہ هزارن روپيين کن جا بانڊ کڻي آيو هو. ان وقت اها رقم اڄ جي چاليهن لکن جي برابر هئي. پنجاهہ روپيہ مهيني جي مسواڙ تي ڦول باغ ويجهو ڪشادي جڳهہ ورتي سين. هينئر مان ۽ هاسو بوسڪيءَ جون قميصون پائيندا هئاسين ۽ سئنيما ۾ سوا روپئي واري مٿين ڪلاس ۾ ويهي فلمون ڏسندا هئاسين. اسان ٻنهي ڀائرن جي پتين تي لڳايل پوسٽرن مان اجان بہ ڪي قاتل ڇٽيل پوسٽر چنبڙيل هئا، جن کي ڏسي اسين پنهنجي نصيب تي مرڪندا هئاسين. منهنجي نئين ياءُ ڏني، جنهن مون کان پڇيو هو ”هي ماٺهو رات جو سمهندو ڪٿي؟“ هينئر پنهنجي پيءُ کان پل بہ پاسي نہ ٿيندو هو. سڀ کان ننڍو هئڻ ڪري هو پنهنجي پيءُ جو لاڏلو ٻڄي چڪو هو ان ڪري چڱو ضدي پڻ. اسين هن جو هر ضد پورو ڪندا هئاسين. ڇهن سالن جي عمر ۾ شراب جو سڄو پيگ پي ويندو هو ۽ ڇپ سان چپ چٽيندو هو. منهنجو پيءُ بہ ان پولش ڇوڪريءَ ۾ وشواس رکندو هو. ”جيڪو شراب کان پرهيز ڪري، ان تي ڪڏهن بہ وشواس نہ ڪجي.“ ان ڪري اسان سيني کي پاڻ سان ويهاري چُڪي چکائيندو هو.

منهنجو ياءُ ڏنو تمام صحتمند ۽ سخت جان آهي، پر مون کي ناچاڪ ڏسي روئي پوندو آهي. مون لاءِ پنهنجي جان ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. ’فڊ ڪارپوريشن‘ ۾ مئنيجر هئڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري، هو ڪائڻ پيئڻ جو ڏاڍو شوقين آهي. دهليءَ جي امير علائقي ۾ ڪشادو بنگلو جوڙايو اٿائين، جتي پنهنجي گهر واري، جيڪا پڻ 'فِڊ ڪارپوريشن' ۾ مئنيجر آهي ۽ ٻن ٻارن سان رهندو آهي. گهر جي ڊرائينگ روم جي پٽ تي شاهي پوسٽر لڳل اٿس، جنهن تي لکيل آهي:

"Body Building is a Nation Building" (جسم جي تعمير قوم جي تعمير آهي).

مون وٽ ايندو آهي تہ پهرين سڌو ڪچن ۾ گهڙندو ۽ گوپيءَ کان پڇندو، "لنچ لاءِ ڇاهي؟" جي ويشنو ڪاڏو هوندو تہ سيني کي گاريون ڏيندو. ٿيلهو کڻي ٻاهر نڪري ويندو ۽ گوشت، مڇي، مرغا ۽ الائي ڇا ڇا وٺي ايندو ۽ رنڌڻي ۾ وڃي پاڻ ئي رڌڻ شروع ڪندو. ٻئي ڪنهن کي ڪچن ۾ گهڙڻ ئي نہ ڏيندو. رڌيندي رڌيندي ٻہ چار بيئر جا گلاس بہ ڏوکهي ويندو. ان ڏينهن اسان کي ڇئين بجي کان اڳ منجهند جي ماني نصيب نہ ٿيندي. جڏهن کان بيمار ٿيو آهيان، هر ڇنڇر آرتوار مون وٽ هوندو آهي ۽ گوپيءَ سان ڪاڏي تي ڪٽ پٽ ڪندو رهندو آهي ۽ مانيءَ وقت مون مٿان ڇهڪ کڻي بيهندو آهي تہ هيءَ بہ کا، هو بہ کاءُ.

'ڪاڏي ڪوهہ کٽي ويندا آهن.' اهو احساس ٿيندي، دادا ڪجهہ مهينن کان پوءِ ڪانپور ۾ ڪمائيءَ جو ذريعو ۽ ڪم ڪار ڳولهڻ شروع ڪيو.

هاڻي هن جي صحت چڱي سڌري چڪي هئي ۽ هو پاڻ کي تندرست ۽ توانو محسوس ڪرڻو لڳو هو. هڪ اعليٰ ۽ روشن دماغ شخص هئڻ ڪري، هن جي ذهني صحت ئي سندس وڏو سرمايو هو. ذاتي سطح تي بہ منهنجو پيءُ هڪ صاف دل، درياهہ دل ۽ نيڪ انسان هو ان ڪري هر فڪر کان آجو رهندو هو. نوابشاهہ جي قاضي فيض محمد جي نياڻيءَ ارشاد عباسي مون کي ٻڌايو تہ قاضي صاحب پنهنجي آتم ڪٿا 'منهنجو سفر' ۾ منهنجي پيءُ جي همت ۽ قابليت جو نهايت آبرودار نموني ذڪر ڪيو آهي. ارشاد مون کي اهو ڪتاب تحفو ڪري ڏنو جنهن جي هڪ سئو ستر(170) صفحي تي قاضي صاحب لکي ٿو "انهيءَ وقت انصاف جي ڪرسيءَ جي ڪيڏي عزت هوندي هئي، تنهن جو مثال ڏيان ٿو. ڊيوس صاحب انگريز يهودي سپرنٽينڊنٽ پوليس هوندو هو. هڪ ڏينهن (نوابشاهہ ۾) ياتيا صاحب جي ڪورٽ ۾ وينا هئاسين تہ ياتيا صاحب کي ڊيوس صاحب جي تار پهتي تہ هو هڪ بجي واري گاڏيءَ ۾ نوابشاهہ پهچي ويندو ۽ جيئن تہ سندس شاهدي ياتيا صاحب جي ڪورٽ ۾ هئي. اهو ڪيس هڪ بجي کان پوءِ کنيو وڃي تہ نهايت احسان سمجهيو ويندو. جيئن تار پهچندي وئي، ياتيا صاحب ڳاڙهو ٿيندو ويو. هي نوجوان تہ اڳيئي آزاديءَ جا سپاهي هئا ۽ انگريزن جي غلاميءَ مان عاجز هئا. سو يڪدم ڪيس کنيائين. شاهد جيڪي حاضر هئا، تن جون شاهديون رڪارڊ ڪري، جوابدارن کي آزاد ڪيائين ۽ ڊيوس صاحب تي ڪورٽ جي بي حرمتيءَ جو نوٽيس ڪڍيائين. ڪاپي سيشن جج، ان وقت سيشن جج آغا صاحب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تنهن کي موڪليائين. اهڙو اطلاع چيف ڪورٽ سنڌ کي به موڪليائين. چيف جج ڊيوس صاحب هو. هو صاحب به انگريز يهودي هو.

”چيف جج صاحب، ڊيوس سپرنٽينڊنٽ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ڪيس چيائين ته جج ياڻيا کان معافي وٺي. اهڙي طرح سان لکيل معافي ورتائين ۽ نوٽيس دفتر داخل ٿي ويو. هيءُ اهڙو زمانو هو.“

ڪجهه ڏينهن ۾ دادا ڪانپور جي ڪليڪٽر سان مليو. اتفاق سان اهو ڪليڪٽر لاهور ۾ آءِ. سي. ايس لاءِ تيار ڪندي، نوابشاهه جي ڪليڪٽر مسٽر مسعود کدر پوش جو بئنچ ميٽ رهيو هو. ڪليڪٽر صاحب دادا کي چيو. ”جيڪڏهن مسعود جهڙو تعصبي شخص توهان (هندو) کي پسند ڪري ٿو ته يقينن توهان ۾ ڪا خوبي هوندي “ هن ٽڏي ٽي ئي دادا کي ڊسٽرڪٽ ٽريزري آفيسر جي عهدي جي آڇ ڪئي. پگهار ٽي سئو روپيه، آفيس جي احاطي ۾ سرڪاري بنگلو ۽ هڪ به گهرو ملازم. گهر جي گذران لاءِ ايترو ڪجهه ڪافي هو ۽ دادا اها آڇ قبولي. هفتي ڪن ۾ اچي پنهنجي آفيس سيالي ۾ اسين پريڊ گرائونڊ واري گهر ۾ اچي رهياسين. پر هتي به وڏو مسئلو ٻوليءَ جو هو. يو.پيءَ جي سيني ملازمن کي انگريزي نه ايندي هئي ۽ دادا کي وري هندي نه ايندي هئي. هن کي ’تم ۽ آپ‘ ۾ فرق سمجهه ۾ نه ايندو هو. ان کان سواءِ لوڪل ماڻهن کي دادا جو رهڻ ڪرڻ ۽ ڪپڙي لٽي جو انگريزي طور طريقو به نه وڻندو هو. ان ڪري دادا ان نوڪريءَ مان خاص خوش نه هو. چوندو هو. ”ڪهڙن پوڪن وچ ۾ اچي ڦاٿا آهيون.“

تن ڏينهن پارت سرڪار Transfer Bureau نالي هڪ مرڪزي ادارو دهليءَ ۾ قائم ڪيو هو جيڪو انهن شرڻارٿين، جيڪي پاڪستان کان اڳ اتي سرڪاري ملازم هئا، تن کي هندوستان ۾ برابريءَ واريون ملازمتون ڏيڻ لاءِ درخواستون گهرائي، انهن جا نالا رجسٽرڊ ڪندو هو. سرڪار ڪيترائي نوان کاتا کولي، شرڻارٿي ڪامورا پرتي ڪرڻ شروع ڪيا هئا. سنڌي ڪامورا سرڪاري آرڊر وٺي، جتي جتي وسيل هئا، اتان ٻارن ٻچن کي دهليءَ گهرائيندا رهيا.

’تم‘ ۽ ’آپ‘ جي مونجهاري ۾ دادا دکي ٿي ڪانپور جي نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي قسمت آزمائڻ دهليءَ هليو آيو ۽ اتي سنڌي اڳواڻ جئرامداس دولت رام سان اچي مليو جيڪو ان وقت سرڪار ۾ کاڌ خوراڪ جو مرڪزي وزير هو. جئرامداس دادا کي پنهنجي وزارت ۾ قانوني صلاحڪار جي عهدي تي مقرر ڪيو.

نيون نيون وزارتون ٺهي رهيون هيون. سنڌ ۽ اولهه پنجاب جهڙا پريا پاڳيا زرعي علائقا، پاڪستان جي حصي ۾ آيا ۽ اوير پنجاب جو ان وقت بنجر علائقو هندوستان جي حصي ۾. ڪڻڪ جي سخت اڻاٺ هئي. ٿورو گهڻو فصل يو.پي ۽ بهار ۾ ٿيندو هو. ان ڪري ڪئناڊا ۽ امريڪا مان امدادي مفت ملندڙ ڳاڙهي ڪڻڪ PL-480 هيٺ راشن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ملندي هئي. الائي ڪيترن پوڙهن جا ڳاڙهيون ماني ڇپاڙيندي ڇپاڙيندي ڏند پڃي پيا هوندا.

ان ئي دوران روس جي حڪم تي يوگوسلاوايا هندوستان کي امدادي طور هڪ سئو ٽريڪٽر مفت ۾ ڏيڻا ڪيا. ان جي ائگريمينٽ صحيح ڪرڻ لاءِ ويندڙ وفد ۾ دادا کي بہ يوگوسلاويا وڃڻو پيو. جتي هن کي اتان جي زرعي اپياس لاءِ ٽي مهينا رهڻو پيو.

ڪالهہ صبوح جو بالڪنيءَ ۾ ڪبوترن کي داڻو ڏيڻ وقت ڏينيوءَ ساڄي ڪن ۾ اهڙو چڪ هنيو آهي، جو ڪن وڏي وڃڻو تي پيو آهي. سور ۾ ٻيڻو تي ويو آهيان. بستري تي ليٽي ليٽي پاسراٽيون سور ڪري رهيون آهن. ڏينيوءَ جو ڏنگ عشق جي ڏنگ کان بہ وڌيڪ ايذائيندڙ ثابت ٿيندو آهي.

سور لاهڻ واري گوري وٺي سمهيو هوس، جو سانجهن جو قمر شهباز جو فون آيو. ڳالهائي نہ پيو سگهان. پنهنجي آپدا ٻڌائي مانس تہ ظالم ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. چيائين. ”شڪر ڪر، مقفا (هم قافيہ) هنڌ ٻڃي ويو ائيئي.“

(مون سان سچ پچ احمد آباد ۾ هڪ ڊرامي ۾ رول ڪندي، اهڙي واردات بہ ٿي گذري آهي، پر اها قابل تحرير ناهي.)

چيم، ”چا ڪجي. رقيب هاٿي ٻيو نتا ڪري سگهن تہ ڏينيو گهر موڪلڻ لڳا آهن.“ قمر چيو ”گهر واري ڪئناڊا هلي ويئي آهي. ڏاڍو اڪيلو ۽ اٻاٽڪو ٿي پيو آهيان.“ چيومانس، ”پارلر مان تندرست ڇورين کي گهرائي مساجون ٻساجون ڪراءِ.“ ڪاوڙجي چيائين، ”اهي ڪم وڃي تون ڪر، مان اهڙيون ڪوچڙايون نہ ڪندو آهيان. مان شريف ماڻهو آهيان.“

چيومانس، ”قمر تون شريف آهين تہ مان نوازشريف آهيان. مون کي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن پلي پار ڪان سڏ اچي ويندو. باقي تون پلي وينو خيابان بادبان ۾ اڪيلاين جا عذاب ڀوڳ.“

يوگو سلاوايا وڃڻ کان پهرين منهنجو پيءُ دهليءَ مان ڪانپور آيو ۽ اسان کي اتان جي ٻن وڏن سنڌي بزنيس مين ڀائرن منو مل ۽ ڇمون مل جي برهانا روڊ تي، سنڌن خريد ڪيل شاهي بلڊنگ ۾ رهيل سنڌن ڪٽنبن سان، مٿين منزل تي، ٻن ڪشادن ۽ هوادار ڪمرن ۾، ڪين ڇهن مهينن جي مسوار پيشگي ڏيئي ٽائيڪو ڪري ويو. مان دادا سان گڏ دهليءَ ويس ۽ هن کي صفدر جنگ هوائي اڏي تي جهاز ۾ اماڻي، ٻئي ڏينهن ڪانپور لاءِ روانو ٿيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٺويهون پنو

هنديءَ جي مڌيہ ڪالين Medieval Period ڪوي ڪيشوداس جو هڪ دوهو آهي:

ڪيشو ڪيسن آس ڪرين، ريهين ڪريهن ناءِ
چندر بدن مرگهہ لوچني، 'بابا' ڪهي ڪهي جاءِ

(ڪيشو هنن (اڇن وارن مون سان اهڙو وٿل وهايو آهي، جهڙو جيڪر ڪو دشمن بہ نہ ڪري، جو چنڊ جهڙي چهري ۽ سرير ۾ هرڻيءَ جهڙي اکين واريون سندريون 'بابا-بابا' ڪري ٽيون ڪونين.)

ساڳئي ئي سوچ وري رباني جوش مليح آبادي جي پڻ آهي:

مرضي هو تو سولي پي چڙهانا، يار رب
يا نار جهنم ۾ بنانا، يار رب
معشوق ڪهين، آپ هماري بزرگ
ناچيز ڪو يي دن نہ دکانا، يا رب

هن عمر ۾ هاڻي جڏهن هر ڪا حسينا مون کي 'انڪل، انڪل' ڪري ڪوٺي رهي آهي، تڏهن احساس ٿي رهيو آهي تہ مون کي بہ جيڪر راجا پرتري هريءَ جيان ڪو سنياسي"امر ٿل ڏيئي وجهي ها تہ مان ڪڏهن بہ پرتريءَ جيان وئڪراڳ نہ وٺان ها. ڪنهن جي بي وفائيءَ کي درگذر ڪري 'چراغ رخ زيبا' ڪٽي، خوب کان خوبتر کي ڳولهيندور هان ها. 'شرنگهار شتڪ' کان وئراگ شتڪ تائين، منهنجي سڄي زندگي پرتري هريءَ جي شاعريءَ جو تعاقب ڪندي رهي آهي. راجا پرتري تہ اهو وئراڳي هو جنهن جي واسنا هيڪر سمهي بيهر ڪڏهن بہ نہ جاڳي، پر مون سان منهنجي اندر جي وئراڳيءَ رڳو اهي واعدا ئي ورتا، جيڪي مون کان ڪڏهن بہ وفا نہ ٿيا.

انڪل واري اچي مٿي سان پنهنجو ڪارو اعمال نامو تحرير ڪندي، مون کي احساس ٿي رهيو آهي تہ مان ڪيترو سچ لکي سگهڻ جي جسارت ڪري سگهان ٿو. گهر جي درن، درين پويان پردا ڏيئي، لتا لاهي چڏڻ ۾ تہ ڪابہ جهجهڪ ناهي، پر سڄي جڳ جهان آڏو الف اگهاڙو ٿي بيهڻ لاءِ، جيڪا جرئت گهرجي، مون ۾ اها پيدا ٿي سگهي آهي يا نہ؟ مان جارجيا جو سينٽ فلور ناهيان، تہ اٽليءَ جو راهب (پيرلي) بہ ناهيان. هيمنگوي جو قول آهي:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪڏهن بہ تحريڪ کي اعمالن سان نہ مُنجهايو.“

آچاريہ رجنيش (اوشو) پنهنجي ڪتاب Walking in Zen (سماڌيءَ ۾ پنڌ) ۾ هڪ دلچسپ واقعو بيان ڪري ٿو:

”روم جي مبلغ پيريليءَ پنهنجي پتني ماريا جي موت بعد، دفنائڻ وقت ٻاگها ڦاڙي روئڻ پٽڻ شروع ڪيو. هن جي دانهن ڪوڪن جو اهڙو تہ دل ڏاريندڙ ماتمي منظر وٺي ڪڙو ڪيو جو هن جا دوست ڪيس پنهنجي پتنيءَ جي قبر ۾ ٽپو ڏيئي، ساڻس گڏ دفن ٿيڻ کان ڏاڍي ڏکيائي سان جهلي سگهيا. هن کي زبردستيءَ موٽر ۾ ويهاري، گهر پهچائي آيا. پيريلي گهر جا در دريون بند ڪري، پنهنجي بستري تي ڦهڪو ڪائي وڃي ڪريو. هفتو کن گذري ويو ۽ ڪنهن کي هن جي حالت جي سڌ نہ رهي. هڪ ڏينهن هن جي سرڳواسي زال ماريا جو ڀاءُ سندس سڌ سماءُ لهڻ هن جي گهر ويو. ڏهہ ٻارنهن منٽ در جي گهنٽي وڄائڻ ۽ دستڪ ڏيڻ کان پوءِ هن جو سالو نيٺ گهر جي پوئين پٽ ٽپي اندر داخل ٿيو ۽ هن جي خوابگاهہ ۾ پهچي ويو.

بستري تي الف اگهاڙو پيريلي پنهنجي ملازمہ سان همبستر هو ۽ ڪمري ۾ شراب جون خالي ۽ اڌ ڀريل بوتلون ٽڙيون پکڙيون پيون هيون. مشغول پيروليءَ رڳو ڪنڌ ورائي سالي کي چيو ”مون کي ڪهڙي خبر مان ڇا ڪري رهيو آهيان. مان تہ رڳو پنهنجي ڏک جي دوا ڪري رهيو آهيان.“

مون بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙيون بي شمار بي وفايون ڪيون آهن، جن جي ڪا تلافي ٿي ئي نٿي سگهي. شاهہ سائين جي مدن ڀڳت کي ڏنل سٽ:

’حشر ڏينهن حساب ۾، ڪافر ڪندا ڪيئن؟‘ مون سان لفظ بہ لفظ لاڳو آهي، پر منهنجو ڪوبہ ڏوهہ لڪي نہ سگهيو آهي. عمر جي هن موڙ تي منهنجو هر گناهہ منهنجي نرڙ جي لڪيرن مان ليئا پائي رهيو آهي. جنهن لاءِ مون کي ڪابہ ندامت ناهي، بلڪ مون کي اها تسلي آهي تہ منهنجو هر اعمال ٻهروپ ۽ پاڻڊ کان پاڪ پئي رهيو آهي. حيرت رڳو اها آهي تہ منهنجن ڏوهن ثوابن کي ڳڻائڻ وارا ۽ منهنجي باده خواريءَ کي برو چوڻ وارا اهي انسان آهن، جن جو پشتن کان پيشو مڪاري ۽ رياڪاري ٿي رهيو آهي. ظاهري طور بت شڪنيءَ جي دعويٰ ڪرڻ وارا پاڻ ئي وڏا بت گر هوندا آهن.

ٻوڌين جي مذهبي پيشوا دلائي لاما جي هڪ ويجهي دوست جو چوڻ آهي، جڏهن ٻوڌي مٺ واسي (Monks)، سج لٿي کان پوءِ ورت رکندا آهن، ان وقت لاما لڪي، در بند ڪري، چالڪيٽ ۽ نانختايون کائيندو آهي.

هن جو اهو بہ چوڻ آهي، ’هو جيو هتيا‘ (ساهہ واري کي مارڻ) کي پاپ سمجهندو آهي، پر ڪاڏي ۾ ڳائي گوشت کان سواءِ ٻيو ٻوڙ پسند نہ ڪندو آهي.“ استنبول جي سگارن ۽ سگريٽن جي ڊونهين سان ڀريل ڪارخاني ۾ آخري داءُ هاري، مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ (ڪمال پاشا) ذليل ٿي ٻاهر نڪتو آهي ۽ جوئا خاني جي در جي چائنٺ تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشي ۾ ٽن ٽيو ڪريو پيو آهي. هن جي محبوبا فرزانه هن کي پنهنجي ياڪر ۾ پري، ڪيس گهوڙي گاڏيءَ ۾ ويهاري گهر پهچائي آئي آهي ۽ هوڏانهن ترڪيءَ جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ڪمال پاشا جي پوڙهي ماءُ ۽ جوان ڀيڻ بکون ڪاٽي رهيون آهن. شراب، جوئا ۽ رنڍي بازيءَ جو شوقين، جنهن کي هن جي بايوگرافرن Grey Wolf (تازي بگهڙ) ڪري ڪوٺيو آهي، رات رات ۾ پنهنجي ملڪ ترڪيءَ جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو. خليفا ڪوئن جيان ٻرن ۾ لڪي ويا. ڪٽ ملاءِ مولوي لوهي شيخن پويان جان جي امان گهرڻ لڳا. سرڪاري خرچ تي مفت ۾ حج جي سعادت ماڻڻ وارن سڌڙين جا غوراب ۽ سڄا ٻيڙا ٻار ۾ هيٺ ٻوڙايا ويا ۽ 'پرزو پئدا نه ٿيو تختو منجهان تن'.

رات رات ۾ ترڪيءَ جي حسينائن جا نقاب ۽ برقعا باهه جي ڀنڀٽن ۾ سڙڻ لڳا. برقعو اوڍڻ جي اجازت رڳو بدشڪل عورتن کي ڏني ويئي.

دنيا جي جوان کان جوان، خواهه پوڙهيءَ کان پوڙهي، ڪهڙي عورت چاهيندي ته مان بدصورت تصور ڪئي وڃان؟ سڄي ترڪيءَ جي برقعن کي باهيون لڳايون ويون ۽ نقاب فروشيءَ جا سڀ دوڪان بند ٿي ويا. انهن بدران خوشبوئن ۽ عطر قليل خواهه شوخ پوشاڪن ۽ پهراڻن جون بازاريون کلي ويون. هفتي کن جي ساهيءَ کان پوءِ هيءَ قسط لکي رهيو آهيان. لڳاتار سگريٽ نوشيءَ ڪري مون کي سالن کان سهڪي جي سخت تڪليف پئي رهي آهي. ڊاڪٽر جا ڏهه ڏاڪا چڙهڻ تي منهنجو ساهه لوهار جي ڌنوڻيءَ جيان هيٺ مٿي هلندو رهيو آهي، پر پوءِ به سگريٽ ڇڏي نٿو سگهان.

مهينو کن اڳ منهنجي پياري شاعر دوست شمشيرالحيدري مون کي هڪ ديسي علاج ڏسيو. جنهن جي ڪاڙهي جو هڪ ڪوپ روز پيئڻ لڳو آهيان. شمشير جو نسخو مون لاءِ معجزو ثابت ٿيو آهي ۽ هينئر ويهه ڏاڪا چڙهڻ سان به سهڪو نٿو ٿئي. مان سمجهان ٿو ته منهنجو محسن شمشير هڪ شاعر کان وڌيڪ سٺو حڪيم آهي. مون کي جاڻ ناهي ته پاڻ ڇين سموڪر هوندي، پنهنجو علاج ڪري سگهيو آهي، الائي نه؟

سائين ڪشنچند بيوس بطور هوميوپيٿي ڊاڪٽر، جنهن مرض جي علاج جو ماهر هو ۽ سوين مريضن کي ان مرض مان شفا ڏياري سگهيو خود ان ئي مرض ۾ مبتلا ٿي موت جي منهن ۾ هليو ويو.

دهليءَ جي صفدر جنگ هوائي اڏي تي پنهنجي پيءُ کي الوداع ڪري، ڪائنس به سئو روپيه ڇڏائي، دهلي شهر جي چرخ شماري شروع ڪري ڇڏيم.

دهليءَ جي شهر پناهه کي پنج شاهي دروازا آهن: اجميري گيٽ، ترڪمان گيٽ، دلي گيٽ، ڪشميري گيٽ ۽ لاهوري گيٽ. ان وقت هر گيٽ کان ٻي گيٽ تائين ٽرامون هلنديون هيون. ٻي آني جي ٽرام جي ٽڪيٽ وٺي، سڄي پراڻي دهلي گهمندو رهيس. ٽرام هلندي نه ٿي رڙهندي هئي. ويهي ويهي ٿڪجي پوندو هئس ته ٽرام مان لهي پنڌ هلڻ شروع ڪندو هئس. هلي هلي ٿڪجندو هئس ته وري ڪنهن نه ڪنهن ٽرام ۾ چڙهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو هئس. لعل قلعي کان چڙهي، سچو چانڊني چوڪ گهمندو فتح پور سڪريءَ تائين، اتان صدر بزار، کدڙن جي بستي، لال ڪوٺان، حوض قاضي. سچو شهر چاڪاري، جامع مسجد جي ڏاڪن تي ويهي، ميرٺي ڪبابيءَ کان چئين آني جا ڪباب ۽ نان وٺي کائيندو هئس.

مان اڳين قسط ۾ ميراجيءَ جو ذڪر ڪري آيو آهيان. هو پڻ جامع مسجد جي ڏاڪن تي ويٺي، سامهون واري ڪتب فروش وٽان تيرٿ رام فيروز پوريءَ جا جاسوسي ناول وٺي اچي پڙهڻ ۾ مگن هوندو هو. هن جي هڪ هٿ ۾ ننڍيا چار گولا هوندا هئا، جن تي سگريٽن جي پاڪيٽن جون پنيون چاڙهيندو رهندو هو. هن جا ڪلهن تائين لٽڪندڙ اٽيا وار، ميرا ڪپڙا ۽ وڏيل ڏاڙهيءَ هن جي شڪل کي پيانڪ بنائي ڇڏيو هو.

۽ ان ئي وقت هن جو همعصر جديد اردو شاعريءَ جو وڏو نالو نذر محمد راشد (ن.ميم. راشد) ريڊيو اسٽيشن جي ڊئريڪٽر جي عهدي تي هو.

رات ٿيندي ئي جامع مسجد جي ڏاڪڻين ۽ پير واري قدسيہ پارڪ ۾ وڏا وڏا شودا، ڪاٽڪو، ڳنڍيچوڙ برده فروش، رنڊيباز، اغلام باز ۽ عطر فروش، چرس ۽ گانجو فروخت ڪندڙ ڪن مثليا (سوئيءَ سان ڪنن مان مير ڪڍندڙ) ۽ مالشيا اچي ڪٺا ٿيندا هئا. ڪن جو اهو بہ چوڻ هو تہ گلي قاسم جان (جتي غالب جو گهر هو) ۽ ڦاٽڪ حبش خان ۾ اجان تائين چنڊوخانہ بہ هلندڙ هئا. جن جو هلائيندڙ شهر جو مشهور داداگير دادن ميان هو جنهن کي پوليس کان سواءِ شاهي مسجد جي پيش امام جي پڻ پشت پناهي حاصل هئي. هڪ هال نما ڪمري ۾ چلم ۾ چنڊو پري اٺ ڏهہ چٽا واري واري سان بہ چار ڪش هٽي، فرش تي اٿين ڊهي پوندا هئا. جو ڪين چئڻ ڏينهن کان پوءِ ئي هوش ايندو هو.

دادن ميان جو دهليءَ جي، قمارخانن، قحبہ خانن ۽ شهر جي قطب روڊ خواهہ جي. بي. روڊ جي ٻنهي ڇڪلن مٿان مڪمل قبضو هوندو هو. سال پوءِ دهلي ڪاليج جي شاگرد طور منهنجي هن سان خاصي رسم و راهہ رهي، جنهن جو تفصيلوار ذڪر ايندڙ قسطن ۾ ڪندس. دادن ميان جا مون مٿان وڏا احسان آهن.

پراچين دؤر جي اندر پرست کان مغلن جي شاهجهان آباد تائين دهلي سترنهن پيرا تباهہ ٿي چڪي آهي. پوئين پيري نادر شاهہ دهلي شهر کي اهڙو تہ نيست ونابود ڪيو جو لعل قلعي کان قطب مينار تائين ڪتي بہ ڪو مرد ماڻهو نظر نٿي آيو. ڪي سال پوءِ بہ ويهن ميلن جي مسافت ۾ مهروليءَ تائين خواجہ بختيار ڪاڪيءَ جي هجري تائين، پنڌ ڪندي مرزا غالب کي لاشن وچ مان لنگهڻو پيو هو ۽ هن آهہ ڀريندي چيو هو "سچي شهر ۾ منهنجي جنازي کي ڪو ڪلهو ڏيڻ وارو بہ نہ بچيو آهي."

مغل بادشاهن جي وارثن جي حالت اها اچي ٿي، جو ڪين دهليءَ جي جامع مسجد جهڙي عظيم عمارت، چانڊني چوڪ جي نگر سيٺ لال چڳا مل جوهريءَ کي پنجن هزارن روپين ۾ وڪڻي پئي. ان ئي لالا چڳا مل اڳتي هلي ٻارنهن سون روپين ۾ لاهور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سڄي انار ڪلي بازار خريد ڪئي هئي. اهي سڀ وارداتون هاڻي تاريخ جو حصو بڻجي چڪيون آهن.

اهوئي دهلي شهر ورهاڱي کان پوءِ اهڙو تہ وسجي ويو جو شهر پناھ ۾ پير رکڻ جي جاءِ نہ بچي هئي. پنجابي شرڻارٿين جا ڪٽڪ سڄيءَ دهليءَ کي وڪوڙي ويا. مرزا غالب جي بليمارن جي گلي قاسم جان واري گهر تي، هڪ لاهوريءَ اچي قبضو ڪيو ۽ ان ۾ ڪاٺين جي مڏي ۽ ڪوئلن جو اٽال اچي کوليائين. سالن بعد فلم پروڊيوسر سهراب موديءَ ان لاهوريءَ کي معقول رقم ڏيئي، ڪاٺس اها مڏي خالي ڪرائي، جيڪا هاڻي آرڪيالاجيڪل کاتي وارن قانوني طور پنهنجي قبضي ۾ آڻي، اتي هڪ وڏو Monument قائم ڪيو آهي.

هاڻوڪي پاڪستاني صدر پرويز مشرف جي خانداني نهرو والي حويليءَ تي، هجن پناهگيرن پنجابين اچي قبضو ڪيو انهن اتي مارڪيٽ ٺهرائي ڇڏيا. ان گولا مارڪيٽ ۾ هڪ دوڪان منهنجي دوست، ماڊرن پبلشنگ هائوس ۽ ملير ڪوٽالجي معروف اردو اديب گوپال متل جي پٽ پريم گوپال متل جو آهي. پريم گوپال متل مون کي اهو هنڌ ڏيکاريندو آهي، جتي پرويز مشرف پيدا ٿيو هو. آگري ۾ مشرف صاحب پوئينءَ پريس ڪانفرنس ۾، بيحد سنجيدگيءَ سان چيو "جي مان ڪشمير تان هٿ ٿو کڻان تہ مون لاءِ مناسب اهوئي آهي تہ مان نهرو والي حويليءَ وارو پنهنجو اباڻو گهر واپس خريد ڪري، هتي ٿي وسجي وڃان." اتفاق سان مان بہ اتي هئس ۽ منهنجي من ۾ آيو تہ جنرل صاحب کي چوان تہ جناب پنهنجيءَ ايامڪاريءَ ۾ اهڙو حق جيڪر اسان جي جاتيءَ کي ڏيئي وڃو تہ اسين لڏي ويل سنڌي تا عمر توهان جا ٿورائتا ٿينداسين. باقي ڪشمير جو معاملو وچي پيئي حڪومتون پاڻ ۾ نبيريو.

ڪشميري گيٽ جي جنرل پوسٽ آفيس مان ڪانپور تار موڪلي، مان چار ڏينهن دهليءَ ۾ رهي پيس ۽ نئين خواھ پراڻي دهليءَ ۾ متر گشتي ڪندو رهيس. رات جو فتح پوريءَ جي سنڌي ڌرمشالا ۾، روبئي روز تي ڪمرو وٺي اچي سمهندو هئس. چانڊني چوڪ جي پٺي چيڙي تي، فتح پوري پراڻي دهليءَ جو بيحد پر رونق علائقو هو. قسمين قسمين لذيذ کاڌن پيتن جون هوٽلون هيون. وچ شهر ۾ گهنٽي والا حلوائيءَ جو پن سئو سالن کان هلندڙ پراڻو دڪان هو پر ڌرمشالا جي هيٺان ٿي شڪارپوري سنڌي چٽنارام حلوائيءَ جو دوڪان هو جتي انين آني ۾ پيٽ پري نيرن ڪري شهر ۾ نڪري پوندو هئس.

هڪ شام جو پنجين بجي ڌاري چانڊني چوڪ مان لنگهي رهيو هئس تہ اوچتو سڄي ايراضيءَ ۾ پٿر وسڻ شروع ٿي ويا. پٿرن جي اوچتي اهڙي برسات ڏسي، ماڻهو ڊپ ۽ هراس ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄڻ لڳا. بيحد پيهہ وارو علائقو هئڻ ڪري ياچ پوڻ سان ماڻهو لتاڙجڻ لڳا. اوچتو ڄڻ صور اسرافيل ڦوڪجي وئي. چانڊني چوڪ جي بلند گهنٽا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر جو مٿيون حصو ٽڙڪندو. نانا ڪندو اڇي هيٺ ڪريو ۽ پوءِ ان جو هيٺيون حصو ڇپ ڇپ ٻڌجي هيٺ ڪرندو ويو. پٿرن جي ان بارش قيامت برپا ڪري ڇڏي، ويهارو کن ماٺهو ياري پٿرن ۽ ڳرين ڇپن هيٺيان دٻجي چيپاڻجي ويا. مان گهنٽا گهر کان مشڪل سان ٻه سئو کن قدم اڳتي نڪري آيو هئس.

لڳ ڀڳ اهڙو ئي بچي وڃڻ وارو واقعو منهنجي پٽ لاليءَ سان، نيويارڪ ۾ 9 سيپٽمبر تي ٿي گذريو آهي. لالي، مئنهاٽن ۾، صبوح جو سادي اٺين بجي پنهنجي آفيس ۾ آيو هو جنهن جي بلڊنگ ٽريڊ ٽاور کان رڳو چار بلڊنگون پري آهي. اوچتو ئي ٽريڊ ٽاور تي ٻن هوائي جهازن جو حملو ٿيو. آفيس جي سڄي عملي هراسجي ڀڄڻ شروع ڪيو. اڌ رات جو لاليءَ فون ڪري ٻڌايو ته ان ڏينهن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ هو ٻارهن ميل ڊُڪيو هو. عجيب اتفاق آهن. اولاد پنهنجي والدين جا حادثا ٻه ورثي ۾ ٿو وٺي.

اها سڄي رات مون چانڊني چوڪ ۾، گهنٽا گهر جي ڪرڻ واري دهشتناڪ حادثي جي خوف ۽ حراس ۾ جاڳندي گذاري. ساهه مُٺ ۾ اچي ويو هو. ٻئي ڏينهن صبوح جو ئي مان ڪانپور موٽي وڃڻ لاءِ، پراڻي دهلي اسٽيشن آيس. ڪانپور جي ٽرين سانجهن جو ڇئين وڳي کن ملي. ويٽنگ روم ۾ پنج ڇهه ڪلاڪ گذاري، ڪانپور واري گاڏيءَ ۾ چڙهي پيس. ڪالهه واري حادثي جو حراس اڃان تائين مون مٿان حاوي هو. لڳي رهيو هو ته سنگساريءَ وارو موت، مون مٿان اڃان لامارا ڏيئي رهيو آهي. ٽرين ۾ گهڻو تڻو ڪلڪتي وڃڻ وارا بنگالي هئا. جيڪي پل لاءِ به چپ ڪري نٿي ويٺا. هو سڄو وقت يا ڳالهائي رهيا هئا يا ننڍيون ننڍيون اوٻاريل مڇيون، رس گلا ۽ سنديش کائي رهيا هئا. مردن جا آواز گهگها ۽ زالن جا آواز سريلا هئا.

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ عليڳڙهه اسٽيشن تي اسان واريءَ گاڏي ۾، ويهارو کن مردن ۽ عورتن جي هڪ ٽولي چڙهي آئي، جن کي ڏسڻ سان ئي لڳو پئي ته ڪنهن ناٽڪ منڊليءَ جو طائفو آهي. مرد ۽ عورتن هر عمر، رنگ، شڪل صورت ۽ ناز نخري وارا هئا. ساڻن گڏ سازن سرندن، شرناين، باجن گاجن، هارمونيم، ڏڪڙن ۽ ڍولڪن وغيره جو اٿاهه ساز ۽ سامان هو جن سان هنن سڄو گاڏو سٽي ڇڏيو. منڊليءَ ۾ چوڏهن پندرنهن کن مرد هئا، ڏهاڪو کن عورتون ۽ ٻه چار ٻار هئا. مردن ۾ اڪثر شڪل صورت ۾ پانن جا پڙوا لڳي رهيا هئا. ڪجرن وانگر سنڌن اکين ۾ سرما، ڪنن ۾ واليون، واتن ۾ پانن جون گلوريون ۽ ڪن جي ڳچين ۾ ڳاڙها رومال ۽ ٻانهن ۾ موتئي جي گلن جون ڪنڍيون ويڙهيل هيون. عورتون اڪثر بردبار تي لڳيون. جيتوڻيڪ منجهن ڪي جوانڙيون ڇيڳريون ۽ ڇنال پڻ هيون. عورتن کي ته سري پري ويهڻ جي جاءِ ملي ويئي، پر مردن مان ڪيترائي بيٺا رهيا. سنڌن رويي ۾ ٿوري گهٽي ٽيڳر ضرور هئي، پر داداگيري يا شود پائي نه هئي. ڳالهائڻ ۾ به بيحد فضيلت وارا هئا. بنگالي رنين آهرين ڪين پنهنجي ٻوليءَ ۾ رڳو پاراتا ڏيئي رهيا هئا. پر هنن جي پاٽي مڙيو ئي خير هو. عليڳڙهه مان گاڏي هلندي ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن پاڻ سان آنڌل گوشت ۽ قورمن جا ٽفن باڪس کوليا ۽ هڪ خانصاحب برياني سان ڀريل باڪس جو پڙ مون ڏانهن وڌائي کائڻ جي آڇ ڪئي. شديد بک هوندي به مون حضور شرميءَ کان ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو.

ناٽڪ منڊليءَ جون مرڪنڌڙ منهن واريون عورتون بيحد حسين ۽ سهاڄهيون هيون. سنڌن نائڪا جو نالو انوري بيگم هو ۽ هن جي وڏي ڌيءَ جهانوري ناٽڪن ۾ هيروئن جو ۽ ننڍي ڌيءَ سروري سائيڊ هيروئن جو پارٽ ڪنديون هيون. وڏي جهانوري جو مڙس دلاور نشئي پتئي ۽ نڪمو هو پر ڍولڪ سٺي وڄائيندو هو ان ڪري خان صاحب رفاقت حسين هن کي برداشت ڪندو هو. جيتوڻيڪ هن جي سس انوري بيگم اُٿندي ويهندي مٿس ملامتون وجهندي هئي.

سروري ارڙهن اڻويهن سالن جي نهايت حسين ڇوڪري هئي، جنهن کي ڪنن ۾ ننڍيون واليون ۽ نڪ ۾ وڏي نٿ پيل هئي. (اڳتي هلي مون کي ڄاڻ پيئي ته هنن ڪنوارين ڇوڪرين جون نٿون ڪيئن لهنديون آهن) چلولي سروريءَ جون اکيون سرور ڀريون ۽ ڳٽا مکڻ جا چاڻا هئا. مان چور نگاهن سان سامهون واري سيٽ تي ويٺو هن کي ورائي ورائي ڏسي رهيو هئس ۽ هر ڀيري هن جي نهار سان لڄي ٿي، ڪنڌ ڦيرائي ٿي چڏيم. هن جي اڌيڙ عمر واري ماءُ انوري بيگم به پنهنجيءَ چڙهندڙ عمر جي باوجود چيڪي لڳي رهي هئي. بيگم زور پريندي چيو "بيٽا، ٿوڙا ڪالو سڪل سي ٿي تمهاري لگ رها هئ ڪه تم يوکي هو." مون برياني جا به چار گرهه ڀريا.

ٿيٽر ڪمپنيءَ جا مالڪ به ٻه پاٽر هئا: وڏو رفاقت حسين ۽ ننڍو فرحت حسين. رفاقت حسين ناٽڪن جو ڊائريڪٽر هو ۽ فرحت حسين ميوزڪ ڊائريڪٽر. ٻيئي پنهنجي پنهنجي فن ۾ وڏا ماهر استاد هئا. وڏو رفاقت حسين نواب صاحب سڏجڻ تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. فرحت حسين منهنجي ڀر ۾ ويٺو هو ۽ ٻيءَ برٿ تي نواب صاحب رفاقت حسين، آئيندي ۾ پيش ٿيندڙ ناٽڪ جي هڪ اداڪاره دلشاد بيگم کي ناٽڪ بابت ڪي هدايتون ڏيئي رهيو هو ۽ ڊرامي جا ڊائلاگ ياد ڪرائي رهيو هو. دلشاد کي 'مطلب' لفظ چوڻ نٿي آيو ۽ هوءَ مطبل چئي رهي هئي، جنهن لاءِ ڊئريڪٽر صاحب کي چگو مٿو مارڻو پئي پيو. رفاقت حسين زور زور سان ڪاڪڙو ڪيڏي ڪيس چئي رهيو هو "سلطانه (ڪردار جو نالو) 'مطلب' ـ 'مطلب'.

دلشاد بيگم حسين ۽ بلند قد ۽ قامت واري هئي. ڊائريڪٽر جون رهڙون کائي به هوءَ مون ۾ نهاري مرڪي رهي هئي ۽ نواب صاحب کان پٺڪي ۾ پڇي رهي هئي، "استاد جي، يي لونڊا گهر سي ڀاگ ڪي آيا هئ ڪيا؟ بڙا پيارا اور معصوم هئ." هوءَ ويٺي ويٺي سروري کي اک به پئي رهي هئي.

ميوزڪ ڊائريڪٽر فرحت حسين ۽ انوري بيگم مون سان ڳالهين ۾ لڳي ويا. مون کين اڳئين ڏينهن تي چانڊني چوڪ ۾ گهنٽا گهر ڪري پوڻ وارو واقعو ٻڌايو. هنن به ان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حادثي بابت ٻڌو. هو. انوري بيگم مون کي پاڪر ۾ آٿينڌي چيو، "قربان جائون بچي، خدا کي فضل سي تو بچ گيا." ٻئي مون تي وڏيڪ مهربان ٿي ويا. سامهون ويٺل سروري به رکي رکي مون ڏانهن حسرت ڀرين نگاهن سان نهاري رهي هئي. سفر دوران مون کين لڏپلاڻ ۾ هندستان جي مختلف شهرن ۾ رهڻ جو بيحد دلچسپ ۽ درد ڀرئي پيرايي ۾ داستان ٻڌايو ۽ هو ڏاڍي ڏيان سان منهنجون ڳالهيون ٻڌي رهيا هئا. ڳالهه ٻولهه دوران ٿيٽر جا ٻيا به ڪيترائي ڪلاڪار چوڌاري ويهجي ويا. ڪانپور ۾ نشور واحديءَ جي شاگرديءَ ۾ مون کي سٺي اردو ڳالهائڻ اچي ويئي هئي. ايتري قدر جو دانشور ۽ دانشمند جي وچ ۾ فرق به سمجهڻ لڳو هئس.

ٽرين ۾ رات دير تائين اسين ڳالهيون ڪندا رهياسين. ڪمپني جو ايندڙ پڙاءُ به ڪانپور ٿيو هو جتي پريڊ گرائونڊ جي قناطن واري عارضي طور قائم ڪيل اسٽيج واري ٿيٽر ۾ منڊليءَ کي چار ناٽڪ پيش ڪرڻا هئا. سڀ کان پهرين ڏينهن امانت لکنويءَ جي مثنويءَ تي ٻڌل ناٽڪ 'زهر عشق' هو جيڪو ڪمپنيءَ کي لکنوءَ جي شاعر سلام مڇلي شهريءَ معمولي معاوضي تي لکي ڏنو هو. (سال پوءِ سلام مڇلي شهري، دهليءَ جي ريڊيو اسٽيشن تي پروڊيوسر ٿي آيو ۽ موتي باغ واري گهر ۾ منهنجو پاڙيسري هئڻ ڪري به، اسان جي پاڻ ۾ سٺي دوستي ٿي ويئي.)

ڪمپني وٽ آغا حشر ڪشميريءَ، منشي خنجر، راڌي شيام، ڪٿا واچڪ، امتياز علي تاج وغيره جا مشرقي حور، انارڪلي ۽ اندر سڀا جهڙن ڪيترن ئي ناٽڪن جا مسودا ۽ انهن جا حق واسطا ورتل هئا. ڪمپنيءَ يو. پي ۽ بهار جي ڪيترن ئي ننڍن وڏن شهرن ۾ بيحد ڪامياب ناٽڪ پيش ڪري خوب ناڻو ڪمايو. ڳالهين ڳالهين ۾ مون رفاقت صاحب کي ٻڌايو ته اسڪولي ڏينهن ۾ مان تمام سٺو ۽ لچڪدار ڪٿڪ ڊانسر هئس، جنهن لاءِ تمغا پڻ مليا هئم. منهنجي ڳالهه ٻڌي نواب صاحب ۽ انوري بيگم جا چهرا چمڪي پيا.

سروري پڻ مون کي اکيون ڦاڙي ڏسڻ لڳي. هنن مون کان ٻئي ڏينهن تي ڪانپور جي پريڊ گرائونڊ ۾ سندن خيمي ۾ اچڻ جو واعدو ورتو.

رات جو ٽرين جي رفتار تيز ٿي ويئي هئي. اڌ رات کان پوءِ سڀني کي ننڊ جا گهيرٽ اچڻ لڳا هئا. هر ڪو ڪنهن نه ڪنهن جي ڪلهي تي ڪنڌ لاڙي ڪريو پيو هو.

مان وثوق سان ته چئي نٿو سگهان، پر مون کي لڳي رهيو هو ته اڌ رات جو ٽرين جي لوڏي ۾ پنهنجي جاءِ تان اٿي، منهنجي پير ۾ ويهي، سروري پنهنجو سر منهنجن سٿرن جي وهاڻي تي رکي، پوري اطمينان سان گهري ننڊ ۾ غلطان ٿي ويئي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ويھون پنو

ماڻھو جڏھن عشق ڪندا آھن تہ حيرتناڪ حد تائين بيوقوف نظر ايندا آھن، خاص ڪري جڏھن بيڪار عشق ڪندا ھجن. سندن چھري جو تاثر بيحد احمقاڻو ھوندو آھي. مون کي سمجھہ ۾ نہ ايندو آھي تہ ائين ڪيئن ٿيو ويندو آھي تہ محبت عاشق کي حسين بڻائي ٿي ڇڏي؟ عشق ھڪ اھڙي بيڪار مشغولي آھي، جنھن ۾ مبتلا ٿيل جوڙ اڪيون خالي ۽ مسڪين لڳنديون آھن ۽ سندس ڳل چٽيل پنن وانگر پيلا پئجي ويندا آھن. مان بہ پنھنجي عمر جي ان احمقاڻي دور مان گذري رھيو ھئس، جتي 'عقل، مت، شرم، ٿيئي نينھن نھوڙيا' واري صورتحال ھئي.

ٽرين صبح سويل ڪانپور اسٽيشن تي اچي بيٺي ھئي. گھري ننڊ ۾ غلطان سروريءَ جو ڪنڌ اڃان منھنجن ڪلهن تي ٽڪيل ھو. ھن جو خوبصورت چھرو ننڊ ۾ ٻھڪي رھيو ھو. شايد ھوءَ ڪو خوشنما خواب ڏسي رھي ھئي. ھن جي واڇن مان جيڪا لار ٽپڪي رھي ھئي. مون کي اھا بہ وڻندڙ لڳي رھي ھئي ۽ مون اھا اگھڻ بہ نٿي چاھي. مان بہ ور ور گھيرت ڪائي رھيو ھئس ۽ نيم غنودگيءَ واري حالت ۾ سروريءَ جي گلابي ڳٽن تي آڱريون گھمائي رھيو ھئس. اھي گھڙيون، اھو ھڪ ھڪ پل ھن وقت بہ منھنجي ذھن تي چڱيءَ طرح چٽيل آھي.

اوچتو انور بيگم منھنجي ڪلھي تي ھٿ رکي، مون کي ڏونڏاڙيو. مان نيم خوابيءَ مان ڇرڪ ڀري اٿيس. ھوءَ پنھنجي ڏيءَ کي منھنجن ڪلهن تي ائين سمھيل ڏسي چپ چاپ اسان ڏانھن نھاريندي رھي. مون ششدر ٿي سروريءَ جو مٿو مٿي ڪنيو. ھوءَ بہ اوچتو ننڊ مان سجاڳ ٿي، واڻڙن وانگر ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسندي رھي.

"اٿ چڙيل، اسٽيشن اچي ويئي آھي."

ھن سروريءَ کي چوٽيءَ کان ڇڪي چيو. گروپ جا سڀيئي فنڪار سامان سڙو ٻڌي لھڻ جي تياري ۾ لڳي ويا. ڪلڪتي وڃڻ وارا بنگالي ننڊ ۾ الوٽ ھئا. گروپ جو سامان تمام گھڻو ھو ۽ مان بي سرو سامانيءَ واري حالت ۾ ھئس. سڀ ھيٺ لٿاسين. جيسين ٽرين رواني ٿئي، ڪي بئنچن تي ڪي پٽ ۾ ويھي رھيا. ڪي بيٺا رھيا ۽ ڪي وڃي سامھون واري اسٽال تي چانھہ پيئڻ لڳا. باک ڦٽيءَ مھل اسٽيشن تي اڃان فانوس ٻري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا هئا ۽ منهنجون اکيون اڌ اونداهيءَ ۾ سروريءَ کي ڳولهي رهيون هيون. ڏنم سروري سامهون نلڪي تي منهن ڌوئي رهي هئي. بيگم جي اشاري تي دلاور مون لاءِ چانهه جو ڪوپ آندو. مون اڳيان وڏي اڌ چانهه پليٽ ۾ اوتي سروريءَ کي ڏني. چانهه جون ٻه چار چسڪيون پري، هن پليٽ مون کي موٽائي ڏني. ٽڪل اکين ئي اکين ۾ شڪرانا ادا ڪري رهي آهي.

موسيقار فرحت حسين مون ڏانهن شيطاني اکين سان گهوري رهيو هو. مون کي ان وقت ته ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو پر اڳتي هلي هن جي حوس ڀريءَ نهار ۾ هٽ ڪس جو شڪار ٿيندي ٿيندي بچيو هئس.

صبوح روشن ٿيندي ئي سڀ اسٽيشن کان ٻاهر نڪتاسين. انوري بيگم ٻاهر اچي مون کان پڇيو "پهرين اسان سان گڏ هلندين، يا پنهنجي گهر ويندين؟" چيومانس، "گهر ويندس ۽ سانجهن جو توهان جي رهائشگاهه تي ايندس. "موڪلائڻ وقت ٽي ڄڻا هڪ ٻئي سان نظرون ملائي رهيا هئا. مان ۽ سروريءَ هڪ ٻئي کي ڏسي وري اکيون جهڪائي رهيا هئاسين ۽ فرحت حسين مون ڏانهن ڏسندي گگ ڳاڙي رهيو هو.

سوڀراج نرمل داس فانيءَ جو هڪ شعر آهي:

حديثن ۾ نظر پهرين ته آهي معاف
ٻي جا ناهي اوڇتي، گناهه صاف

۽ اسين ٽي ڄڻا 'صاف گناهه' جا مرتڪب ٿي رهيا هئاسين. فرحت حسين جي نظر مون تي هئي ۽ منهنجي نظر سروريءَ تي.

اسٽيشن کان ٻاهر اچي، ناٽڪ منڊليءَ جا ماڻهو ائن ڏهن اڪن ۾ ويهجي ويا. ڪانپور اسٽيشن ٻاهران تن ڏينهن شهر ڏانهن اڪا هلندا هئا. جيڪي ٽنون هلائيندا هئا. اڪي جي سڌي وڇايل گدي تي ٽي ٽي چار ڄڻا پلٽي ماري ويهندا هئا. ويهڻ سان ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ ماڻهو ڪموڊ تي وينو آهي. اڪي تان لهڻ چڙهڻ ۾ به ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي، ان ڪري مان اهڙيءَ تابوت جهڙي سواري تي اصل نه چڙهندو هئس. اڪا جيئن هلڻ لڳا، مون هٿ لوڏي سيني سان موڪلائي ڪئي. اڪي جي هڪ ڪنڊ مان سروريءَ به هٿ مٿي ڪئي لوڏايو ۽ مان خوشيءَ ۾ لڏندو لمندو اسٽيشن کان ٻاهر نڪري، گهر وڃڻ لاءِ رڪشا ۾ اچي ويٺس.

گهر پهچي ڀاڀيءَ ۽ ڀائرن ڀينرن کي دهليءَ جو ۽ دادا کي هوائي اڏي ڇڏي اچڻ جو سڄو احوال ڏنم. ٻئي ڏينهن منهنجي ماءُ منهنجي گهڻتا گهر واري حادثي مان بچي نڪرڻ ڪري، برهانا روڊ جي گردواري ۾ وڃي ڪڙاهه پرساد ورهايو. دادا جي ڇڏي ويل بيئر جي بوتل ڏوکهي. سڄو ڏينهن ننڊ ڪري، سانجهن جو سنان پاڻي ڪري، نئون ڪڙتو پائجامو پائي، لکنوءَ جو بانڪو ٻڻجي، پريڊ گرائونڊ روانو ٿيس. منهنجن هوشن حواسن تي سروري ئي ڇانيل هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريڊ گرائونڊ ۾ تنبن ۽ قناطن جو هڪ عارضي ٿيٽر جوڙيو ويو هو. ٿئيٽر اندر چار پنج سو ڪرسيون وڇايون ويون هيون. نوڙين سان ناظرين جا ٽي ڪلاس قائم ڪيا ويا هئا. پهرين صف ۾ پنج ڇهه صوفا رکيل هئا. جيڪي ڪانپور جي ڪليڪٽر، پوليس ڪمانيءَ ۽ ٻين عملدارن لاءِ مخصوص ڪيل هئا. ٻي قطار پويان درجه اول (فرسٽ ڪلاس) ۽ درجه دوم (سيڪنڊ ڪلاس) مقرر ڪيو ويو هو. اسٽيج ڪليل، ڪشادي ۽ ڦهليل هئي. وچ ۾ ٽي چار خوبصورت پردا لڳل هئا. جن مان ڪن تي خوبصورت رومانوي تصويرون ۽ ڪن تي قدرتي نظارا چٽيل هئا. ٿئيٽر کان ٻاهر ڪيترائي ننڍا وڏا خيما ۽ ڪجهه رهائشي رائنٽيون کوڙيل هيون. جن ۾ هر سهوليت ۽ آرائش جو سامان ميسر هو. تنبن جي پٽ تي ٿلها گدا ۽ طول وهاڻا وڇايل هئا. چوڌاري رکيل هر شئي ۾ سليقو ۽ نفاست هئي. ڏڪڙ باجا، ڍولڪون چلمون، پاندان، پيڪدان، گلن جي هارن جون ڪنڊيون، عطر گلاب، تيل ڦليل وغيره. ڪمپني جا مالڪ ڀائر پريا ڀاڳيا هٿئڻ سان ڳنڍوڳنڍ شاهه خرچ پئڻ هئا.

هڪ وڏي خيمي ۾ خان صاحب رفاقت حسين ۽ انوري بيگم ٻئي ڏينهن پيش ٿيندڙ ڊرامي 'يوسف زليخان' بابت رٿا جوڙي رهيا هئا. مان خيمي جو پردو کسڪائي اندر آيس. مون کي ڏسندي ئي ٻنهي هڪ ئي آواز ۾ چيو "آئو آئو بچي." بيگم صاحبه هٿ کان وٺي پاسي واري موڙي تي ويهاريو. گهر جو حال احوال ورتي، هنن مون کي ايندڙ رات پيش ٿيندڙ ڊرامي بابت تفصيل سان سڀ ڪجهه ٻڌايو. مان ظاهرن کين ٻڌي رهيو هئس پر منهنجيون نگاهون هيڏانهن هوڏانهن سروريءَ کي ئي ڳولهي رهيون هيون. 'يوسف زليخان' جو اسڪرپٽ خود خان صاحب رفاقت حسين، حافظ محمد اسحاق جي لکيل مثنوي'داستان يوسف' جي آڌار تي تيار ڪيو هو. ناٽڪ ۾ چست ۽ زوردار عاشقاڻا منظوم ڊائلاگ هئا. جن مان ڪيترا مون کي اڄان به ياد رهجي ويا آهن. خان صاحب ۽ انوري بيگم، مون کي پنهنجي ناٽڪ ڪمپنيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو. جو مان کين ترين ۾ ٻڌائي چڪو هئس ته مان ڪٿڪ جو سنو ۽ تربيت يافته رقاص آهيان. جيڪو شايد هو منهنجي ان وقت سنهري ۽ لچڪدار جسم کي ڏسي ڀانپي ويا هئا. ڪباب ڪارائي ۽ چانهه پياري، خان صاحب ۽ بيگم صاحبه مون کي پر واري وڏي خيمي ۾ وٺي آيا. جتي ناٽڪ ڪمپنيءَ جو ڊانس ماسٽر پنڊت بدري پرساد، نو عمر ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڊانس جي ريهرسل ڪرائي رهيو هو.

پنڊت بدري پرساد ڪٿڪ ناچ جو وڏو ماهر هو. ڪلڪتي ۽ ڍاڪا ۾ امانت لکنويءَ جي مشهور ناٽڪ اندر سڀا جا ڪيترائي رقص هن ڪمپوز ڪيا هئا. هن جي آخري فلم 'پاڪيزه' هئي. جنهن ۾ هن مينا ڪماريءَ جهڙي ڊانس کان اڻڄاڻ ائڪٽريس کي ڊانس جي تربيت ڏني، پر جيئن ته 'پاڪيزه' فلم کي تيار ٿيڻ ۾ ويهه سال کن لڳي ويا. هو اها فلم مڪمل نه ڪري سگهيو. فلم شروع ٿيڻ جي ٻن سالن اندر ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو انتقال ٿي ويو. هن جو پٽ پنڊت بيني پرساد پڻ فلمن ۾ آيو پر پيءُ جهڙو ڪامياب نہ ٿي سگهيو. ساڳي حالت فلم ’پاڪيزه‘ جي ميوزڪ ڊئريڪٽر غلام محمد جي پڻ ٿي. هو بہ ٽي چار راڳ ڪمپوز ڪري راهہ رباني وٺي ويو.

ڏهاڙي پنجاهہ پان ۽ اڌ بوتل شراب جي ڏوڪڻ جي ڪري، فلم دوران مينا ڪماري مينهن جيان ٿلهي ٿي ويئي هئي. مون کي عينيءَ (قرت العين حيدر) ٻڌايو تہ هن جي مڙس (فلم جي پروڊيوسر) ڪمال امروهي هن جي ٿولهہ گهٽائڻ لاءِ خاص طور امروها مان بہ بدمعاش بمبئي گهرايا هئا، جن کان روز رات جو مهجبين (مينا ڪماري) کي ڇهبوڪ هٽائيندو هو. اهڙي ڏکڏي ڪم لاءِ عيني ڪيئي ڀيرا ڪمال امروهيءَ کي شرمايو بہ هو. مون پاڻ مينا ڪماري کي بمبئي جي رنگ ڀون جي اسٽيج تي نشي ۾ ٻڏل ڪرندي ڏٺو. دليپ ڪمار هن کي ڀاڪر ۾ ڀري اسٽيج تان ونگ ۾ گهلي ويو. ناظرين ۾ منهنجي ڀر واري نشست تي وحيده رحمان ويٺي هئي، جنهن مون کي چيو. ”هيءَ تماشو پبلڪ ۾ ڇو ٿي ڪري؟ ڀي ڪري ڪِرٽوئي اٿس تہ پنهنجي گهر ۾ وڃي ڪري،“ هي اهي ڏينهن هئا جڏهن ٻئي اداڪارائون گرودت جي ڪامياب فلم ’صاحب، بيوي غلام‘ ۾ گڏجي ڪم ڪري رهيون هيون.

ڊانس ماسٽر بدري پرساد جي آزموديگار اکين پلڪ جهپڪ ۾ ئي مون کي پرکي ورتو. ڊائريڪٽر صاحب هن کي ٻڌايو تہ مان هڪ ٽرينڊ ڊانسر آهيان ۽ سندن ڊرامہ ڪمپني ۾ شامل ٿي رهيو آهيان. جيترو وقت رفاقت حسين پنڊت جيءَ کي مون بابت ٻڌائيندو رهيو هو مون کي مٿي کان پيرن تائين جاچيندو رهيو. ريهرسل ۾ ميوزڪ ماسٽر فرحت حسين پيرن جي باجي تي آڱريون رکي ويٺو هو. مون کي ڏسندي ئي هن جي ڪجل ڀريل اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. ڊانس ماسٽر هن جو ڌيان ڇڪائي، هن کي باجي تي سر ڪڍڻ لاءِ چيو. فرحت حسين پنهنجي سريلي ڏاڪڙ آواز ۾ ڌن تي هي سٽون جهونگاريون.

سرد آهين عشق ۾ هوتي هئين يي
جان عاشق ڪي يونهين کوتي هئين يي
دل ڪسي پر اس ڪا شايد آگيا
ڪوئي صورت نازنين دکلا گيا
خواب ۾ اس ني ڪوئي ديکها ضرور
شيشہءِ دل هوگيا هئہ چور چور.

راڳ تي ڪٿڪ ناچ جا پاوَ ۽ مدرائون ڏيکاريندي، ڊانس ماسٽر چيو تہ رقص تي هي قدم کڻي ڏيکار. مون شايد هڪ اڌ قدم غلط کنيو. هن وري ڪري ڏيکاريو. ٻن چئن پيرن کان پوءِ مان هن جي پسنديءَ تي پورو لٿس. ٻئي ڏينهن مان نورنگ ٿيٽر ڪمپنيءَ جو ٻارنهن روپيہ روز تي ملازم ٿي ويس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر اچي ياپي کي ٻڌايم تہ مون کي ٽي سئو روپيہ مهيني پگهار تي نوڪري ملي آهي. هوءَ واڻڙي ٿي ويئي تہ ايتري ننڍي ڇوڪري کي ٽي سئو روپيہ پگهار ڪير ڏيندو؟ ايتري پگهار تہ مختيارڪار کي بہ نہ ملندي هئي. هوءَ منهنجي ڳالهہ کي چرچو سمجهي ٽاري ويئي. ٻئي ڏينهن هڪ بجي ڏاري جڏهن ماني ڪائي ٿيٽر وڃڻ لڳس تہ پڇيائين، "هن ڊرتتيءَ جو ڪيڏانهن ٿو وڃين؟" (اسڪول جون وئڪيشنون هيون) چيومانس، "نئين نوڪريءَ تي." چيائين: "ڇا سچ پچ نوڪري ملي اٿيئي؟ ڪهڙو ڪم ڪرڻو پوندو؟" هن کي ڪيئن ٻڌايان تہ ناچوءَ جي نوڪري ملي آهي!! ٻڌايانس بہ ها تہ بہ هن کي سمجهہ ۾ نہ اچي ها تہ 'ناچو' جي نوڪري ڪيئن ٿيندي آهي.

ٽاڪ منجهند جي اتت ۾ ٿيٽر جي احاطي ۾ خاموشي ڇانيل هئي. رڳو بہ چار ڄڻا ڪن تنبن ۾ رانئٽين جون رسيون ڇڪي، ڪلن سان ٻڌي رهيا هئا. مان همٿ ڪري انوري بيگم جي خيمي ۾ گهڙي ويس. مانجهاندي کان پوءِ هوءَ ٽلهي گدي، طول وهاڻي تي ڪنڌ رکي سمهي پيئي هئي ۽ سندس پير واري گديءَ تي سروري ليٽيل هئي. هوءَ جاڳي رهي هئي، ۽ مون کي ڏسي اٿي ويٺي. ماءُ کي ڪلهي کان ڏونڌاڙي چيائين، "امان، ٽرين والا لڙڪا آيا هئي." انوري بيگم گهري ننڊ مان سجاڳ ٿي، مون ڏانهن ڏٺو. پڇيائين: "بيٺي کانا کايا هئي؟" مون ڪنڌ سان 'ها' ڪئي تہ چيائين"سامهون واري گدي تي ليٽي ڪلاڪ بہ آرام ڪ دير تائين جاڳڻو آهي." ائين چئي پاسو ورائي سمهي پيئي.

پيٽ پري ماني کائڻ کان پوءِ ننڊ جي خواهش هڪ فطري عمل آهي، پر اهي ٻئي ڪم جڏهن عادت بنجي ٿا پون تہ مٺو وات جو ذائقو بدلائڻ لاءِ پنهنجي خنڪ زبان سان، پنهنجا ئي چپ چٽيندو آهي. سامهون سروريءَ کي سمهيل ڏسي مان بہ پنهنجي وات جو ذائقو بدلائڻ لاءِ پنهنجيءَ ڄڀ سان پنهنجن ئي چپن کي چمي رهيو هئس. سروري چور نگاهن سان مون ڏانهن نهاري، وري پنهنجيون اکيون ٻوٽي ٿي ڇڏيون. سروري منهنجن ساهن ۾ سمائڻ لڳي هئي ۽ منهنجي تاٽيل جسم جي رڳ رڳ ۾ رس جون انوکيون لهرون ايرڻ لڳيون هيون.

مان ٽيهہ سال پيشي ور صحافي ٿي رهيو آهيان. انهن مان ويهہ سال اوس اهڙا هوندا، جن ۾ مون سج کي نہ ايرندي ڏٺو هو نہ لهندي. ها چانڊوڪيون ئي چانڊوڪيون ضرور ڏٺيون ۽ ماڻيون اٿم. اخبار ۾ ڪوڙيون سچيون خبرون پري، رات جو ڪڏهن بہ ٻارهين هڪ کان اڳ گهر نہ موٽيو هوندس. محبت ونڊڻ وارين رنگين راتين جو موقعو رڳو هفتيوار موڪل تي ئي ميسر ٿيندو هو. منهنجي نصيب ۾ ڪم سنيءَ کان ئي اهڙا پيشا واڳيل آهن، جن سان راتين جا اوجاڳا ۾ وابسطا رهيا. مون کان بہ زندگيءَ اونداهين راتين جا ڏکيا اوجاڳا ئي ڪرايا آهن. صحافين، رنڊين، ناٽڪ منڊلين جي ناٽڪن، نائڪائن، نقالن، ڀانڊن، اداڪارن ۽ مجري وارين رقاصائن جو ڏنڏو ڇيڻن جيان رات جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي شروع ٿيندو آهي. ايتري ڪم عمريءَ ۾ مان بہ اهڙن ئي ڏنڊوڙين جي قطارن ۾ شامل ٿي ويو هئس. ڪمپني ڪي ڪانپور ۾ ائن ڏينهن لاءِ ناٽڪن پيش ڪرڻ جو لائسنس مليل هو. انهن ائن راتين ۾ چئن ڊرامن پيش ڪرڻ جو پروگرام رٿيل هو. پهريون ٻہ راتيون حافظ محمد اسحاق جو ناٽڪ 'يوسف زليخان'، ٻيون ٻہ راتيون امانت لکنويءَ ۽ مداري لال جا لکيل ڊراما 'اندر سڀا' نشتر لکنويءَ جو 'حسين بلا' محسر انبالويءَ جو 'دوزخي حور' ۽ آغا حشر ڪاشميريءَ جو 'انگ ڪا نشا' هئا. ان ڪان سواءِ ڪمپنيءَ وٽ ويهارو کن ٻين ناٽڪن جا بہ حق واسطا هئا. جيڪي هوءَ جدا جدا شهرن ۾ پيش ڪندي هئي. ڪمپنيءَ هيلتائين اندر سڀا، مشرقي حور، يهودي ڪي لڙڪي، خون ناحق ۽ ڪن ٻين لوڪ پسند ناٽڪن جا سوين شوز ڪري چڪي هئي.

خان صاحب ان شام مون کي 'يوسف زليخان' جو اسڪرپٽ پڙهڻ لاءِ ڏنو ۽ چيائين تہ اج رات واري شو ۾ تون رڳو رنگ ۾ ڪرسي تي ويٺو هجج ۽ ڌيان سان ناٽڪ ڏسندو رهج. سيني اداڪارن کي پنهنجا پنهنجا ڊائلاگ چڱيءَ طرح ياد آهن. پر پوءِ بہ جي تون ڏسين تہ ڪو منجهي ٿو يا جهوتيون ٿو هڻي تہ سرگوشيءَ ۾ اها ست چئجانءِ. مان ظاهرن تہ خان صاحب جون هدايتون ٻڌي رهيو هئس، پر منهنجون نگاهون سروريءَ کي ئي تلاش ڪري رهيون هيون.

رات جو ناٽڪ، يوسف زليخان شروع ٿيڻ کان اڳ، ڪانپور جي پريڊ گرائونڊ ۾ ڏاڍي چهل پهل هئي. سڄو قناطي هال تماشائين سان ستيل هو. پهرين گهنٽي، ٻي گهنٽي ۽ ٽئين گهنٽيءَ تي اسٽيج تي لڳل ٽن چئن پردن جو پهريون تهہ مٿي کڄيو. پردو کڄندي ئي پس منظر ۾ ڊراما ڊائريڪٽر خان صاحب رفاقت حسين جي گرجدار آواز ۾ راويءَ جون سٽون گونجيون.

"سوتا سنسار جاگتا پروردگار
آنکون سي ديکا نهين
کانون سي سنا هئہ.

شهر ڪنعان ۾ حضرت يعقوب عليہ السلام رهتي هئين اور يهين آپ کي تمام اهل عيال اور مال و منال. يعني هزار پيڙ بڪريان هئن. جن پر آپ کي اور آپ کي تمام خاندان کي گذر اوقات هي. اور آپ ايڪ عمده حالت ۾ هئن. کي ايڪ مبارڪ سال آيا. جس ۾ حضرت يوسف ني مادر راحيل کي بطن سر تولد فرمايا.

"جن ڪا حسن و جمال، جن ڪا حال
دل مغموم پي هو سن کي نهال
اور اچانڪ آڪاس واني هوتي هئہ
ديک اي يعقوب ميري شان تو
هو نہ اپني دل ۾ بس حيران تو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئن هي مالڪ، مئن هي خالق هون تيرا
مئن ني هي ڪونين ڪو پيدا ڪيا
جلوه گر هئہ هر طرف رحمت ميري
هئہ ڪرشمون سي ڀري قدرت ميري“

’يوسف زليخان‘ ناٽڪ ڏسي مان وٺجي ويس. زليخان جي رول ۾ دلشاد چيا تہ عاليشان اداڪاري ڪئي. خاص ڪري هن جي سرتين جي صوف وڏڻ واري سين، جنهن ۾ هن جي ساهيڙين صوف بدران پنهنجيون آڱريون وڏي ڇڏيون هيون ۽ رت سندن آڱوٺن مان ٽيپا ٽيپا ٿي اسٽيج تي ڪري رهيو هو.

زليخان جي ساهيڙين ۾ سروري بہ هئي ۽ جڏهن هن جي آڱر مان مصنوعي رت جو ڦڙو ڪريو تہ مون کي محسوس ٿي رهيو هو تہ اهو رت جو ڦڙو منهنجي دل مان ڪري رهيو هو. اڄ اهو سڀ ياد ڪري مون کان ٽهڪ نڪري ويندو آهي.

ان رات دير تائين ناٽڪ جي توقع کان وڏيڪ ڪاميابيءَ جو جشن ٿيندو رهيو. قسمين قسمين لذيذ طعام دستر خوان تي وڇائجي ويا. ڊئريڪٽر خان صاحب رفاقت حسين ۽ موسيقار فرحت حسين پنهنجا جامن مٿان جام ڀريندا رهيا. يوسف جو پارٽ ادا ڪندڙ خوبصورت جوان زبير پڻ ساڻن هم پيالہ هو. هو آهستي آهستي ترنگ ۾ ايندا ويا. منهنجيون نظرون سروري کي ڳولهينديون ٿي وتيون، پر هوءَ الائي ڇو مون کان پاسو بہ ڪري رهي هئي ۽ خيمي ٻاهران لڪي لڪي مون ڏانهن ڏسي بہ رهي هئي، پر نظرون ملڻ تي اکيون جهڪائي منهن ڦيري ٿي ڇڏيائين. لڪ ڇپ جي راند سڄي جشن دوران هلي رهي هئي. مون کي لڳي رهيو هو تہ انوري بيگم ۽ هن جي وڏي ڏيءَ جهانوري اسان کي تاڙي رهيون هيون. ناٽڪن ۾ اڪثر هيرو جو رول ڪندڙ زبير رول تہ ڏاڍا رومانٽڪ ڪندو هو پر ذاتي طور هو هڪ غير رومانوي قسم جو جوان هو. شباب کان وڌيڪ هو شراب جو شوقين هو. باقي جهانوريءَ جو مجازي خدا دلاور وڏو نظرباز هو. مون اڳتي هلي ٻڌو تہ هڪ ڀيرو سروري هن کي ٻہ چار چنبا بہ هڻي ڪڍيا هئا. ان بعد هو ڪانئس ڪجهہ ٿهي هلندو هو. انوري بيگم جي بہ مٿس ڪرڙي اک هئي. ائين بہ دلاور کان نياڻي کان وڌيڪ ٿهليئي (خادم) جو ئي ڪم ورتو ويندو هو. هو ڪٿان نہ ڪٿان ٻنهي مالڪ ڀائرن لاءِ خاص طور فرحت حسين لاءِ بوتل وغيره جو بندوبست ڪري ايندو هو.

ٻنهي ڀائرن رفاقت ۽ فرحت حسين جي شڪل صورت خواهہ مزاج ۾ ڏينهن رات جو فرق هو. رفاقت جي شخصيت شاهاڻي، سياءُ سانتيڪو ۽ دل درياهہ هئي. هن جي سڄو توجهہ ۽ دلچسپي ناٽڪن جي ڪاميابيءَ تي ئي مرڪوز هو سواءِ رات جو ٻن چئن جامن جي ناو نوش جي، هن ۾ ڪوبہ عيب نہ هو ان ڪري سڀ هن جي بيحد عزت ڪندا هئا. ان جي برعڪس ننڍي فرحت حسين کي ڏسڻ سان ڪا فرحت اچڻ بدران بچان ايندي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. هن جو رنگ ڏامر جهڙو هو. ناٽڪن جي پيشڪش دوران رات جو جڏهن هو پنهنجي منهن تي اڇي ڪريم مکيندو هو تہ لڳندو هو تہ اها بوٽ پالش ۾ بدلجي ويئي آهي ۽ بتين جي روشنيءَ ۾ ڪاري بوٽ تي چمڪاٽ ڪري رهي آهي.

اڌ رات ڌاري جڏهن هر ڪو وڃي پنهنجي پنهنجي خيمي ۾ آرامي ٿيو ۽ مان بہ هڪ ننڍي رانئيٽيءَ ۾ وڇايل ٿلهي گدي تي ليٽئي، سروري جا سپنا ڏسي رهيو هئس تہ اوچتو اهو ڏامر جو دٻو فرحت حسين اندر اچي منهنجي پير ۾ ويٺو. سرگوشي ۾ چيائين، ”اٿ منهنجي تنبوءَ ۾ اچ. هڪ خاص ڌن ڌيان ۾ آئي آهي. جيڪا توکي هينئر ئي سيکارڻي آهي، متان وري وسري وڃي.“ چيومانس، ”استاد. راڳ جي ڌن وڃي ڳائڻ ڳائڻين کي ٻڌاءِ. مون کي ڇو ٿو ٻڌائين؟ چيائين، ”ان راڳ تي ئي تہ توهان جو رقص آهي. ان ڪري تنهنجو ٻڌڻ ضروري آهي. گروپ ۾ توکي ئي سڀني کان اڳيان اڳيان بيهڻو آهي.“

مان چپ چاپ هن سان گڏ سندس خيمي ۾ آيس. چوڌاري ساز تڙيا پکڙيا پيا هئا. پيرن جو باجو کولڻ کان اڳ چيائين تہ هتي اچي منهنجي پير ۾ ويهہ. سندس ويجهو آيس تہ چڪي ڪٽي پنهنجي سٿرن تي ويهاريائين. آهستي آهستي هو منهنجن ڳٽن تي هٿ گهمائڻ لڳو ۽ پوءِ ياڪر ۾ آٽي چميون ڏيڻ لڳو. هن جي وات مان شراب جي تکي بوءِ اچي رهي هئي. مون ڪاوڙ ۾ هن جو هٿ هٽائي پري ڪيو. چيائين، ”جان من. ڪو بہ ڏپ نہ ڪر. هن وقت هتي ڪوبہ نہ ايندو. آهستي آهستي هن ٻئي هٿ سان پنهنجي تنبوءَ جهڙي شلوار جو ريشمي ازار بند کولي ڍلو ڪيو ۽ سلوار هيٺ سرڪائي، ڏپ ۽ حراس ۾ مان روئڻ لڳس. ٻچڪاريندي چيائين: ”بچي، روتي ڪيون هو“؟ پوچنا تو همارا فرض هئہ. آگي تمهاري مرضي.“ خوف، ڏک ۽ شرمساري وچان مان ڳوڙها اگهندو خيمي کان ٻاهر نڪري آيس. پويان سريلي گلي وارو اوباش موسيقار استاد فرحت حسين گهگهي آواز ۾ گف وهائي ڀڻ ڀڻ ڪري رهيو هو. ”اڙي او بدبخت لڙڪي، ڪيون اپني نصيب کو ٺوکر مارکر جا رهي هو؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڪيهون پنو

اسين پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾ هر وقت اداڪاري ڪندا ٿا رهون. شعور بالغ ٿيڻ تي پٽ جي روپ ۾، جسم جوان ٿيڻ تي عاشق جي روپ ۾، ازدواجي زندگيءَ ۾ پيرِ پائڻ تي پيءُ جي روپ ۾. اسان جو هر عمل شعوري خواهہ غير شعوري طور ڪامياب يا ناڪامياب ڪردار ادا ڪندو ٿو رهي ۽ ان ترتيب ۾ بقول سارتر، "هر اهو لفظ جيڪو اسان هڪ ٻئي جي آڏو ادا نہ ڪري سگهياسين، اسان جي هار جو مڪمل اعتراف آهي."

شاسترن موجب ناٽڪ جي فن کي ديوتائن سان منسوب ڪيو ويو آهي. روايت آهي تہ هڪ ڀيري سڀ ديوتائون ۽ رومان جو رنگيلو راجا اندر گڏجي هن جڳ جي جوڙيندڙ برهما وٽ ويا ۽ هن کي وينتي ڪيائون: "اسان کي هڪ اهڙي ڪلا ڏي، جنهن کي ٻڌي ۽ ڏسي اسان جو تن من وڃي ٻيءَ پوي." برهما سندن عرض اگهائي، رگ ويد مان پاٺ (لفظ) سام ويد مان سنگيت (موسيقي) يجرويد مان اينيہ (اداڪاري) ۽ اٿر ويد مان رس (جذبو) ڪٺي، ناٽڪ ڪلا جي تخليق ڪئي ۽ اها پرت منيءَ کي ڏني. اهڙيءَ ريت ناٽڪ وجود ۾ آيو. اندر سڀا ناٽڪ جو ذڪر ايندي اڳتي هلي تفصيل سان لکندس.

نورنگ ٿيٽر ڪمپنيءَ ۾ ڊائريڪٽر رفاقت حسين صاحب منهنجي صحيح تربيت ڪري رهيو هو ۽ مان بہ پوري ذوق شوق سان خان صاحب وٽان اداڪاري ۽ پنڊت بدري پرساد وٽان رقص جون عاشقياڻيون ۽ معشوقاڻيون مدرائون سکي رهيو هئس. 'ڪجل واريون اکيون ڪاريون سڄڻ جون، هزارين رنگ جادوءَ جا هڻن ٿيون.' جهڙي سٽ هاڻي مون کي سمجهہ ۾ اچي ويئي هئي.

منهنجي هن موٽ ڪاڏل عمر ۾ جڏهن رڳو پيٽ ٻاهر نڪري ايندو آهي ۽ جسم جون باقي ٻيون سڀ اندريون اندر هليون ويندڙيون آهن، مان اڃان بہ سهڪي جي بيماريءَ باوجود ڪلاڪ کن رقص ڪري سگهان ٿو. بہ مهينا اڳ منهنجي پياري دوست قمر شهباز جي سڪيلڊي پٽ راجا سرمد جي شادي هئي. جي مان راجا جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيان هان تہ ٻن جامن بعد ڪلاڪ کن پنهنجي ڪٿڪ ناچ جو دلڪش مظاهرو ڪيان هان، پر ان وقت بگڙيل صحت سبب مان ان مبارڪ موقعي کان محروم رهجي ويس. اڄ ٻاهر نڪتل پيٽ ڪري شايد اهو ممڪن نہ ٿي سگهي، پر سترنهن سالن جي ان سن ۾ رقص ڪندي رڳو منهنجا پير ئي نہ ڪڇندا هئا، پر منهنجي سڄي جسم جو انگ انگ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙڪندو ۽ ٿڙڪندو هو. رقص جي ريهرسل وقت چار اکيون مون ڏانهن گهورينديون هيون. موسيقار فرحت حسين جون هوس ڀريون نظرون منهنجي پنڊڙن تي هونديون هيون ۽ سروريءَ جون نگاهون دويدو منهنجين ڪجل وارين ڪارين اکين ڪان هيٺ لهنديون. پهرين وچ تي ۽ پوءِ پيرن تي اچي اٽڪنديون هيون. منهنجو اڳ سروريءَ جي اڳيان هو ۽ پٺ ڏامر جهڙي ڪاري فرحت حسين جي 'فوڪس' ۾ هئي.

ان رات واري واقعي ڪان پوءِ فرحت حسين چڱو خبردار ٿي ويو هو. هو مون ڪان ان ڪري ڪٽڻ ڪائي رهيو هو ته متان مان هن جي ڪڏي ڪم جو ذڪر هن جي ياءَ يا انوري بيگم سان نه ڪري ويهان. جي مان ائين ڪيان ها ته ان جو منفي اثر مون تي پڻ پوي ها. ان ڪري مان مصلحتن چپ رهيس. مون کي پارهن روپيه روز ڪان وڌيڪ پنهنجي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي هئي ۽ ان ڪان وڌيڪ سروريءَ جي سنگت ۽ صحبت ماڻڻ جي جنون جي حد تائين تمنا هئي.

ڪانپور ۾ يوسف زليخان ناٽڪ ڪاميابيءَ سان پيش ٿيڻ بعد خان صاحب 'اندرسڀا' جي ريهرسل شروع ڪرائي ڇڏي هئي. لکنوءَ جي تاجدار واجد علي شاهه ڪان پوءِ اردو ناٽڪ جي تاريخ ۾ جنهن اهم شخصيت جو نالو اچ تائين فخر سان ورتو وڃي ٿو. اهو سيد آغا حسين امانت لکنوي آهي.چيو وڃي ٿو ته 'اندر سڀا' ناٽڪ واجد علي شاهه جي فرمائش تي لکيو ويو هو ۽ هن جي حاضريءَ ۾ قيصر باغ جي بند احاطي ۾ پيش ڪيو ويو هو. واجد علي شاهه جي دربار ۾ هڪ فرانسيسي فنڪار هو. جنهن اوپيرا جو خاڪو تيار ڪيو ۽ ان ئي خاڪي تي 'اندر سڀا' تصنيف ڪئي وئي. امانت لکنويءَ اندر سڀا ناٽڪ جي پهرين منظر ۾ راويءَ واتان چورايو آهي:

"تعريف بادشاهه وقت جي پڻ واجب لازم آهي، جنهن جي عهد ۾ 'اندر سڀا' تصنيف ڪئي وئي." اڳتي هلي امانت چوي ٿو گهر ۾ ويٺي ويٺي دل گائون مائون ٿيڻ ٿي لڳي ته هڪ شام حاجي عابد علي بيگانه ازلي رفيق شفيق، مونس وغم خوار، قديمي جلنثار، شاگرد اول، موزون طبيعت، تخلص، عبادت، عاشق ڪلام امانت، بيحد محبت سان مون کي چيو ته اجايو ويٺي ويٺي وقت وڃائڻ ڪان بهتر آهي ته ڪا شيءِ طبع زاد نظم ڪجي، جو ڪجهه گهڙيون وندري وجن ۽ خلق ۾ شهرت پڻ ملي وڃي ۽ پوءِ هن بندي'اندرسڀا' جهڙو ناٽڪ تحرير ڪري ورتو."

'اندر سڀا' سنگيت، ناچ ۽ دلچسپ داستان جو مشترڪ منظر نامو آهي. ان ۾ منظر ورهايل نه آهن. پر منچ تان ڪردارن جو ناظرين سامهون ڏسندي ڏسندي غائب ٿي وڃڻ ۽ اوچتو ئي ڪنهن نئين ڪردار جو اسٽيج تي ظاهر ٿيڻ، منظر نامي جي بدلجي وڃڻ جو احساس ڏياري ٿو. امانت، ڪردارن ذريعي سندن نالا، حيثيت، درجو ۽ سندن مقام طرف اهي اشارا ڪيا آهن، جيئن ناظرين اڳيان سندن صحيح سڃاڻپ ٿي وڃي. راجا اندر جو هي مڪالمو:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"راجا هون مئن قوم ڪا، اندر ميرا نام
ميرا سنگلديپ ۾ ملڪون ملڪون راج."

شهزادو گلفام پنهنجي مقام ۽ حيثيت طرف هيئن اشارو ٿو ڪري:

"محلون ۾ رهتا هون مئن، عيش هئه ميرا ڪام
شهزاده هون هند ڪا، نام ميرا گلفام."

پکراج پريءَ جي ناچ تي منهنجا ۽ سروريءَ جا پير ٿڙڪڻ تي لڳا:

"گاتي هون مئن اور ناچ سدا ڪام هئه ميرا،

۽ سبز پري هن جي سر ۾ سر ملائي ٿي.

معمور هون مئه شوخي سي، شرارت سي پري هون
ڌاني ميري پوشاڪ هئه، مئن سبز پري هون.

'اندر سڀا' ۾ سنگيت جا سر پنهنجي پوري عروج تي آهن. گيتن ۽ غزلن جي لئه ۽ تال پنهنجو مثال پاڻ آهن. جنهن جي سٽ سٽ تي هڪ رقاص جا پير پاڻمرادو ٿڙڪڻ ٿا لڳن. مان پنهنجي ساڄي پير ۾ جڏهن گهنگهرو ٻڌي، رقص جي ريهرسل ڪندو هئس، ته ائين لڳندو هو ته انهن جي جهنڪار آسماني آواز بڻجي اندر ديوتا جي آڪاڙي مان هيٺ لهندي هئي. منهنجي گهنگهرو ۽ سروري جي پازيب جا سر پاڻ ۾ رل مل ٿي، مڌرتا سان مگڌني، اسان جي سڄي سرير ۾ سياٽا پيدا ڪري ڇڏيندا هئا. اسان جي ڇهري، اکين ۽ ابروئن ۾ رتي ۽ ڪامديو جي ڪمان جا اهي پاڻ چٽنگون بڻجي اڏامڻ لڳندا هئا. جن ۾ محبت ۽ سڪ وڇوڙو ۽ وصال بي وسي ۽ بيقراري، آنسو ۽ آهه زاري، سڀ رل مل ٿي ناظرين جي رڳن ۾ وهندڙ رت کي گرمائيندا هئا. رقص ۽ سنگيت جي لئه، گهنگهروئن جي جهنڪار ۽ گونج، 'اندر سڀا' کي ناٽڪ جي دنيا ۾ اعليٰ رتبو ۽ مقام ڏياريو آهي. اڳتي هلي مون مسعود حسين رضويءَ جي تصنيف اردو ڊرامه اور استيج ۾ 'اندر سڀا' بابت هن جا هي تاثرات پڙهيا:

"اندر سڀا ۾ ناچ به آهن ته گانا به. فڪري تهذيب به آهي ته ادبي شان به. ان جو قصو دلچسپ ۽ گيت سريلا آهن. ناٽڪ ۾ لفظن جي اهميت به نغمن کان گهٽ نه آهي."

ڪيترا سال پوءِ ستر ايڪهتر ڌاري، جڏهن سرڳواسي ڪان موتيهار ۽ ڏيون موتيهار جي تيار ڪيل ڊنن تي، مون تي سنگيت ناٽڪ 'راڻا راڃن ۾ گهٽا' (مومل راڻي جي لوڪ ڪٿا تي)، 'سهڻي ساهڙ سنگ' (سهڻي ميهار جي لوڪ ڪٿا تي) ۽ 'داتا تنهنجي دوار تي' (سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪٿا تي) لکيا هئا ته منهنجي ذهن ۾ 'اندر سڀا' جوئي پس منظر هو. انهن ٽنهي آپيراز جا ڪيترائي دهلي ۽ بمبئيءَ ۾ استيج شو ٿي چڪا آهن. 'سهڻي ساهڙ سنگ' جو سردار انجم جو ڪيل هندي اردو ترجمو پڻ بمبئيءَ ۾ پيش ڪيو ويو. جيڪو ايترو ته ڪامياب ويو جو فلمن جڳ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور موسيقار نوشاد علي صاحب اسٽيج تي اچي ڪان موتهار کي سنگيت لاءِ، جيون گرهمساڻيءَ کي هدايتڪاري لاءِ ۽ مون کي لکڻيءَ لاءِ دل کولي داد ڏنو هو.

اڄ ڪان ۽ جيون هن دنيا ۾ نہ آهن. ٻنهي جي موت سان منهنجن ٽنهي سنگيت ناٽڪن جو پڻ فطري موت ٿي چڪو آهي. انهن مان ٻن ناٽڪن، ’سهڻي ساهڙ سنگ‘ ۽ ’داتا تنهنجي دوار تي‘ جا مسودا تہ شايد هو ٻيئي پاڻ سان ئي منهنجي امانت طور آسمان تي، ديوا جي سيا ۾ پيش ڪرڻ لاءِ کڻي ويا آهن. باقي ٽئين اوپيرا ’راڻا راڄن ۾ گهٽا‘ جو بوسيده مسودو منهنجي ڪنهن پراڻي ڪبٽ جي ڪنڊ ۾ پيو آهي، جتي چوهن سرن تي سرجيل منهنجي سٽ سٽ اڄ ساڻي تي سڏڪا ڀري رهي آهي. رڳو منهنجو پرتيوان سرڳواسي هيم ناگواڻي پنهنجي دستاويزي ڪتاب ’مور نچندا رهن‘ جي پنن ۾ انهن جي احوال کي محفوظ ڪري ويو آهي.

مان هڪ اهو اڀاڳو انسان آهيان، جيڪو ٻن مهينن اندر ئي پنهنجا ٻہ دل گهريا دوست وڃائي وينو. منهنجي ٻنهي سان ٽيهن سالن جي دوستي رهي ۽ ٽيهن سالن جي دوستي تہ ڇا، دشمني بہ ڪنهن کي نصيب نہ ٿيندي آهي. جيئو (جيون گرهساڻي) مون کان اٺ سال وڏو ۽ پورو (هريڪانت) منهنجو هم عمر هو. اسان جي انن سالن جي وٿيءَ وچ ۾ اسان جو ٽيون همسفر هيمون (هيم ناگواڻي) هو.

سنڌ جي تاريخ ۾ ٽالپرن جي دؤر جا، چار يار پنهنجي ليکي تاريخ آهن ۽ دهليءَ جي ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ هتان جا چار يار، جن ۾ سڀ کان وڏو نارائڻ شيام هو. هڪ اهڙي تاريخ جو حصو آهن، جيڪا اڃان لکي ويندي. ان جا ٽي باب مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ چوٿون اڃان اڻپورو آهي، جنهن کي تڪميل تائين پهچائڻ جي مان ڪوشش ڪري رهيو آهيان. تواريخي ڪتابن جي ترتيب اها هوندي آهي، جو اهي لکيا نہ ويندا آهن، پر لکايا ويندا آهن ۽ اڳتي هلي انهن مان جيڪي خوبيون ۽ خاميون ڪيون ويندون آهن، اهي ڪيون نہ پر ڪيايون وينديون آهن. بهرحال سنڌ جي تواريخي پل چڪ جتي سياست کي ڇيهو رسايو اتي دهليءَ جي چئن يارن سياست کان پاڻ بچائي، ساهتڪ ۽ ثقافتي تاريخ کي نئون رخ ڏيڻ جي ادني ڪوشش ڪئي. اهي تواريخي تفصيل وڏا آهن ۽ انهن تي مفصل لکڻ لاءِ مان تمام ننڍو آهيان.

منهنجي اڳيان هڪ تصوير رکي آهي، ويهہ ٻاوهہ سال پراڻي. ان تصوير ۾ جيون، هيم، هريڪانت ۽ مان ڪنهن دعوت ۾ مهمانن کي کارائي پيئاري، هڪ ئي پليٽ مان ڪجهہ بچيل سچيل هڪ ٻئي کي کارائي رهيا آهيون. چئني جي چهري تي سرهائي ۽ منهن تي مرڪ آهي. اڄ انهن مان ٽي مرڪون مون کان موڪلائي، منهنجي منهن تي اها مايوسي ملي ويون آهن، جنهن کي اگهڻ لاءِ مون وٽ ڪو اوڇڻ ئي نہ رهيو آهي.

مان زندگيءَ ۾ چئن چيزن سان بي انتها محبت ڪندو رهيو آهيان: ڪتاب، سنگيت، عورت ۽ دوست. انهن مان پهريون ٽي چيزون مون کي سمجهہ ۾ نہ ايندڙيون آهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ چوٽين مون کي سمجهي نہ سگهندي آهي. ان ڪري چوپاريءَ ۾ مان سدائين بدنام پئي رهيو آهيان. پر هاڻي مون کي احساس ٿي رهيو آهي تہ اها بدنامي، يارن جي وڇوڙي جي بدبختيءَ کان بدرجہ بهتر آهي.

مڃان ٿو تہ دل جو اظهار آهُن دانهن ۾ ڀاڳها ڦاڙي روئڻ سان نہ ٿيندو آهي. دوستين، دشمنين، رفاقتن رقابتن، چاهتن، نفرتن، راحتن ۾ رنجشن جو تجزيو ڪرڻ لاءِ ڳوڙهن جو سهارو وٺي، ٻين کان همدرديءَ جو دان گهرڻ سان ڏک جو اظهار نٿو ٿئي، پر ان ڏک کي لڪائڻ جي اجائي ۾ بيسود ڪوشش ٿي ٿئي. پوءِ بہ دلبر دوستن جي وڇوڙن جا ڏک نہ اظهاري ٿا سگهجن ۽ نہ سانڍي ٿا سگهجن، نہ ئي ادا ڪري ٿا سگهجن، نہ وساري ٿا سگهجن، نہ سنڀاري ٿا سگهجن ۽ نہ ئي لڪائي ٿا سگهجن. انهن سورن کي سيني ۾ سوگهو ڪري، نہ سمهي ٿو سگهجي، نہ جاڳي ٿو سگهجي. نہ جِي ٿو سگهجي ۽ نہ ئي مري ٿو سگهجي. اڪيلاين جا عذاب اڪيلو ئي سهڻا آهن. گونگن لفظن جا لالٽين ٻاري، پنهنجن پنهنجن ٻنين تي لڙڪائي ڇڏڻ سان ڇا ٿيندو؟ هن واچوڙي ۾ اهو انتظار بہ اجايو آهي تہ ڪنهن ڏينهن سرمدي سنگ وڄندي ئي، هو پنهنجي هئڻ جو اعلان ڪندا. پنهنجو پاڇيهي ئي ڪنهن نہ ڪنهن ڪنڌ مان نڪري ظاهر ٿيندا.

اڄ ان چوپاريءَ جو هي چوٿون شخص پاڻ کي رڳو محسوس ڪرڻ جي حد تائين جيئرو آهي ۽ هٿن ٻانهن کي پرن ۾ بدلائي، اڏامي وڃڻ جي انڌي تمنا دل ۾ سانڍي، هڪ ڇاهي وانگر ويڙهجي سيڙهجي، آسمان ڏانهن تڪي رهيو آهي.

ڪانپور ۾ انن ڏينهن جي قيام دوران اسان چار ناٽڪ پيش ڪيا. جن ۾ آغا حشر ڪاشميري، جو زوردار مڪالمن سان ڀريل ناٽڪ 'شهيد ناز' بيحد ڪامياب ويو. ان ناٽڪ ۾ صفدر جنگ ۽ سعيده جا ڪردار نڀائڻ وارن هيرو ۽ هيروئن زبير ۽ دلشاد بيگم جي اداڪاري پنهنجي عروج تي هئي. صفدر جنگ جي رول ۾، زبير وٽ غضب جو استقلال بہ هو تہ ساڳئي وقت هو انساني ڪمزوريءَ کان بہ آجو نہ هو. سلطنت جي معاملن ۾ هن رحم کي نہ، پر انصاف کي ترجيح ٿي ڏني. هن سعيده جي رحم جي درخواست، جيڪا هن پنهنجي پياءُ جميل جي رهائيءَ لاءِ وري وري پئي ڪئي، رد ڪئي ٿي.

سعيده: "اگر آپ اس ڪا گناه معاف ڪرين گي تو ڪيا خدا اور دنيا ڪي مرضي ڪي خلاف ڪرين گي؟"

صفدر: "مگر نهين، ايسا نهين ڪرسڪتا."

سعيده: "اگر آپ چاهين تو ڪر سڪتي هين، اس لئي ڪہ آپ ڪا دل رحم وانصاف ڪا مالڪ هئہ اور آپ اپني دل ڪي مالڪ."

"موت اور زندگي ڪي هم تم شاهہ حڪمران
تم چاهو جس ڪو قتل ڪرو، چاهو دو امان"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفدر: ”لڙڪي، اپني زبان بند ڪر.“

سعيده: ”اگر ميري بدن ڪا ايڪ بال زبان اور هر زبان هزار سال تڪ بولي، تو يي ميري فرياد بند نہ هوگي. دم بند هو ليڪن يي زبان بند نہ هوگي.“

صفدر: ”جا لڙڪي جا. مين قانون ڪي ڪتابون ڪو ڪمهار ڪا کهلونا بنانا نهين چاهتا. جس ڪو جب چاها بنايا، جب چاها بگاڙا.“

’شهيد ناز‘ ناٽڪ ۾ مان جميل جي رول ۾ ڪنير جي جوڙيل رانديڪي جيان بار بار ٻٽجي ۽ بگڙجي رهيو هئس. ڪڏهن پنهنجيءَ ڀيڻ سعيده جو پيغام رسان ٻڻجي، هن جي عاشق صفدر وٽ هن جا نياپا کڻي تي ويس تہ ڪڏهن ڏوهاري ٻڻجي چيلهہ ۾ رسا ٻڌائي، جوابدارن جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاريو پئي ويس. منهنجي هميشيره سعيده جو رول ڪندڙ دلشاد ڪڏهن مون کان پڙوت جو ڪم وٺي رهي هئي، تہ ڪڏهن مون کي چنبڙي ٻاگها ڦاڙي فرياد ڪري رهي هئي. منهنجيءَ جان بخشيءَ لاءِ جهاندار شاهہ (بادشاهہ جو ڪردار) کي ايلاز ڪري رهي هئي. پنهنجيءَ عصمت جي حفاظت لاءِ گوڏا کوڙي امان گهري رهي هئي.

سعيده: ”فرياد فرياد، اي عادل بادشاهہ فرياد.“

جهاندر: ”نيڪ صفدر، يي عورت ڪس ظلم ڪي ستائي هوئي هي جو فرياد ليڪر آئي هئہ؟“

سعيده: ”نهين نهين، مئن اس ايمان فروش سي داد نهين لينا چاهتي، حضور هي سي انصاف چاهتي هو.“

جهاندار: ”اي عورت، تو ڪس ڪو ايمان فروش ڪهتي هي؟“

سعيده: ”اس ڪو اي رحمدل بادشاهہ، اس ڪو.

جس سي بچانا عزت دشوار آج ڪل هي
حرمت ڪا جو ڪہ خواهان بدڪار آج ڪل هي
عصمت ڪا جو دشمن سردار آج ڪل هي.“

جهاندار: ”تو ڪيا تونی عصمت جيسا بيش قيمت موتي کهوديا؟“

سعيده: ”هان مئن ني اپني شريف مان باپ ڪي عزت ڪو ڊبويا. ميري ڀائي ڪو دار پر چڙهايا.“

دار تي چڙهندڙ ان ڀاءُ جميل جو رول مان ادا ڪري رهيو هئس ۽ رحمدل بادشاهہ جهاندار شاهہ جو رول ڪندڙ اختر حسين، جيڪو منڊليءَ جو ميڪ اپ مئن پڻ هو مون کي جميل ۽ شڪيل وغيره سڏي، پائوڊر ڪريم ۽ روج سان منهنجا ڳِٽا مهتيندو هو.

مشهور افسانہ نگار سعادت حسن منٽو چيو هو: ”مان هڪ سٽي ڪهاڻي تہ لکي سگهان ٿو، پر هن آغا حشر ڪاشميري جي ٽيڏي اک سڏي نٽو ڪري سگهان.“ آغا حشر وارين انهن ٽيڏين اکين سان مان سروريءَ کي ڏسندو ڏسندو هڪ منجهيل عاشق



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قابل رقاص ۽ آزموديگار اداڪار ٽيندو ويس ۽ آغا حشر ڪاشميريءَ کي غائبانہ طور پنهنجو مرشد مڃيندو رهيس.

ڪلڪتي جي هوڙا اسٽيشن جي پليٽ فارم تي، دهليءَ ويندڙ ڪالڪا ميل جي اچڻ ۾ اجان ڪيئي ڪلاڪ هئا. آغا صاحب مٿان هڪ نئين ناٽڪ جو نزول ٿيڻ لڳو هو. پليٽ فارم تي پنهنجيءَ ڪاپي تيموري منبڪائيندڙ تنگ سان ڇهل قدمي ڪندي هو پنهنجي منشيءَ محشر انبالويءَ کي نئون ناٽڪ لکائيندو ٿي ويو. اوچتو هن جي ٽيڏي اک ۽ معذور ٽنگ، هن کي دوکو ڏنو. پليٽ فارم جي ڇيڙي تي پهچي، هو هڪ تازيءَ کوٽيل کاهيءَ ۾ ڪري پيو ۽ ان کاهيءَ مان هو وري سنئين لڱين نہ نڪتو. هن جي هڏ گڏ پڳل هيٺي جسم کي لاهور آندو ويو. بستر مرگ تي جنهن وقت پنهنجي ناٽڪن ۽ ستن فلمي ڪهاڻين جو تخليقڪار اردو ناٽڪ نويسيءَ جو شيڪسپيئر، پويان پساهہ کڻي رهيو هو ان وقت بمبئيءَ جي ماهيم علائقي جي هڪ فليٽ ۾ منٽو فلمي اداڪار شيام سان گڏ شراب پيئندي، شايد سوچي رهيو هوندو تہ مان آغا حشر جي ٽيڏي اک سڌي ڇو نہ ڪري سگهيس؟ منٽو، آغا جي انتقال کان ڏهہ سال پوءِ بہ زنده رهيو. پر هو افسوس ڪرڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهيو ۽ ٻئي طرف آغا حشر جي منشيءَ محشر انبالويءَ اڳتي هلي حشر محشر جهڙو دل ڏيهندڙ ناٽڪ لکي، پنهنجي آقا جي نمڪ حلالي جو حق ادا ڪري ڇڏيو.

پنهنجي گهر گهاٽ کي ڇڏي، ماڻهن سان ڪوڙ ڳالهائيندي، ميراثين ۽ ناٽڪ منڊليءَ سا ڀانڊن ۽ ڀٽن سان شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۽ در در جا ڌڪا کائيندي، مان ڪيترائي ڀيرا ذليل ۽ خوار ٿيس. ڪيترن ڪيل ۽ اڻ ڪيل گناهن جون سزائون ڀوڳيم. ڪيترو چوڙيم ماڻيم. ڪڄرين، ڀڙون، دلالن، لونڊيبازن، چٽن ۽ چڳهن، مڱڻين عورتن جون صحبتون ماڻيم. هڪ طرف ڪين جهڙن زن و مرد جا طعنا تنڪا، ڦٽ لعنتون ۽ ٻئي طرف ڇاتيءَ سان لڳائيندڙ حسين عورتن جي گداز جسمن جون ڪوسيون ڪکيون ۽ ڪنڊون، سندن عشق، پيار، شفقت، ممتاز ۽ ڀرپور ڀاڪرن جي گهيرن جو اسير ٿيس.

مان پنهنجن گناهن ۽ ثوابن جي ڳنڍڙي کولي، ان مان ليڙون ليڙون ٻاهر ڪڍي رهيو آهيان. اهي ليڙون منهنجي لٽڪي آيل جسم جو ڪوبہ اگهاڙو انگ ڍڪي نٿيون سگهن. اگهاڙپ جي ڪهڙي ڪهڙي سوراخ کي انهن اگهڙين سان بند ڪري سگهندس. علويءَ جو هڪ شعر آهي:

"سب نمازين بانڌ ڪر، لي جائون گا مئن اپني ساٿ
اور مسجد ڪي لئي، گونگي اذان رک جائون گا."

اها 26 مارچ (سال ڪونہ ڪو) جي هڪ خنڪ رات هئي ۽ منهنجو جنم ڏينهن هو. ان شام انوري بيگم پنهنجي هٿن سان مون کي ڪارڪون ڪارائي، مٿان ملائيءَ سان ڀريل ماهي ڪير جو گلاس پياريو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سروريءَ پنهنجن هٿن سان پرت پريل رومال لڪائي، منهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيو هو. ان رات مون لکنوءَ کان ٽيهه ميل پري، باره بانڪي قبضي جي ميدان تي سينگاريل اسٽيج تي، هزارين ناظرين اڳيان لڇو مهراج جي معيار جهڙي ڪٿڪ ناچ جو مظاهرو ڪيو هو. منهنجي سڄي تن بدن ۾ قيامت جي باهه پڙڪيل هئي ۽ ٽڙڪندڙ ٽڙن جي حرڪت، مون کي پنهنجي ريشمي پهراڻ اندر ئي خارج ڪري ڇڏيو هو.

ان رات مان سهڪي سهڪي ساڻو ٿي، پنهنجي خيمي ۾ ابتو سبتو ٿيو ستو پيو هئس. اڌ رات ڌاري رانئٽيءَ جو پردو سرڪيو. ڪي جوان ۽ پرڪيل جسم منهنجيءَ ابتي ٽيل لوٽ کي سڌو ڪري، پنهنجي ياڪر ۾ پيڪوڙي ڇڏيو. بار- بانڪيءَ جي کليل ميدان ۾ کوڙيل ان خيمي ۾ باقي رهيل رات، پنهنجي گل ڇين اول، سروريءَ ساڻ ٻن الف اگهاڙن جسمن جي پڪوڙيل ياڪرن ۽ جنگهن جي ڪئنچي هٽندي، منهنجو سڄو وجود ونڙجي ويو هو. مون کي لڳي رهيو هو ڄڻ مان سڄي جو سڄو پنهنجي عضوه تناسل ۾ تحليل ٿي ويو آهيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻاويھون پنو

وشواس ۽ اُپاسنا اسان جي مدت موجب استرين (عورتن) جي ٿي فرض شناسيءَ ۾ شامل آهي. مچون وٺيندڙ مرد انهن کان آجا ۽ بالاتر آهن. کين رڳو ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي، پاڻ پوڄارائڻ جو حق حاصل آهي. اهڙا عقيدا ۽ نيم تيم ٻين ڌرمن ۽ مذهبن ۾ به شايد موجود هجن، پر هندومت ۾ انهن جو ڪو ڇيهه ڪونهي.

اڄ صبح جو نيرن تي مکڻ توسٽ سان، ٽن انڊن جو آمليٽ کائي پيٽ ڍلهي هيءَ قسط لکي رهيو آهيان، ۽ منهنجي گهر واري بنا ان جل جي بکئي پيٽ گهر هستيءَ جو ڪاروبار سنڀالي رهي آهي. اڄ ڪڙوا چوٿ جو زنانو ڏڻ آهي. جيڪو ڏياريءَ کان ڏهه ڏينهن اڳ ايندو آهي. ان ڏينهن هر سهاڳڻ هندو عورت، پنهنجي مڙس جي عمر درازيءَ لاءِ دعائون گهرندي آهي. سڄو ڏينهن ورت رکندي آهي، پوڄا پاٺ ڪندي آهي ۽ رات جو آسمان ۾ چنڊ کي ارق ڏيئي، کير جي گلاس سان پنهنجو ورت ڇوڙيندي آهي. رات جو پنهنجي مڙسالوءَ کي ڏِو تي کارائيندي پيئاريندي، ساڻس سمهڻ کان اڳ متڪيءَ يا گهگهي يا پيو ڪونه ڪو نڪر جو ٿانءُ پيچي، ساڻس همبستر ٿيندي آهي. ان رات هر هندو استريءَ جو پنهنجي مڙس سان سنجوڳ (اجماع) ڪرڻ سندس ڌرمي فريضي ۾ شامل آهي. اهو ڪرڻ تي هوءَ پُڇ جي ۽ ان کان انڪار ڪرڻ، تي پاپ جي ڀاڱيدار ٿي ٻڌجي. انڪار رڳو آلودگيءَ واري حالت ۾ ئي جائز آهي. سڄو ڏينهن بک اڄ تي وينل پنهنجي پتنيءَ سان، رات جو همبستريءَ جو حق هر مرد کي آسمان جي ٽنهي ديوتائن وٽان حاصل آهي.

هن ڏڻ تي پنهنجن مڙسن خلاف ڪورٽن ۾ طلاق جون درخواستون وجهندڙ عورتون پڻ اهو ورت رکنديون آهن، خواهه سندن عريضيون اجان فيصلي جون منتظر ئي ڇو کين هجن ۽ اها رات ڪي ڪي ريزڪيءَ ۾ ئي ڪم هلائينديون آهن.

ڪڙوا چوٿ جي هن ڏڻ پويان دلچسپ ديومالائي ڪهاڻيون آهن. انهن ڪٿائن ۾ اهو پيغام پوشيده آهي ته هڪ استري پنهنجي زندگيءَ جي کهڙن به لاهن چاڙهن ۾، جيڪڏهن پنهنجي پتيءَ سان وفادار آهي، ته هوءَ کيس ڪهڙيءَ به آفت کان بچائي سگهي ٿي. هڪ پتيور ناريءَ ۾ ايتري ته شڪتي پيدا ٿي وڃي ٿي، جو هوءَ پنهنجي مڙس کي يمراج (موت جي ديوتا) جي هٿن مان به کسي ٿي سگهي. ان پويان ڪهاڻيون ته ڪيئي آهن، پر به دلچسپ درشٽانت درج ڪيان ٿو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

'ڪڙوا' مگڏيش جي راجڪماري هئي. هڪ ڏينهن پنهنجي پتيءَ سان جگن ناٿ پوريءَ جي ساموندي تڙ تي سنان ڪندي، هن جي پتيءَ کي واڳو گهلي ويو. ڪڙوا پنهنجي ٻل سان واڳوءَ کي سٽ سان ٻڌي ورتو ۽ يمراج کي هدايت ڏني ته ان واڳوءَ کي نرڳ ڏانهن موڪلي، پر يمراج ان کان انڪار ڪيو. ڪڙوا ڪاوڙ ۾ اچي، يمراج کي سراپ ڏيڻ جي ڌمڪي ڏني. هڪ پتي ورتا استريءَ جي سراپ کان ڊڄي، هن هڪدم واڳوءَ کي نرڳ ڏانهن روانو ڪيو. چوڻ تا ته نرڳ مان نڪري، واڳوءَ اتر ۾ هڪ ملڪ جي پنجن دريائن ۾ وڃي پناهه ورتي، جتي هن واڳن جو هڪ وڏو ولر وڃي پيدا ڪيو.

ان ئي پس منظر ۾ هڪ ٻي معروف ڪهاڻي ساوتري ۽ ستيه وان جي آهي. ساوتريءَ جو 'پتي ورت' مثالي ڪري مڃيو ويو آهي. هن جي پتي ستيه وان جو جڏهن نانگ جي ڏنگڻ سان موت ٿيو ته يمراج هن کي پاڻ سان وٺي وڃڻ لاءِ آسمان مان پر گهٽ ٿيو ۽ جيئن ئي ستيه وان جو مرتڪ سرير کڻي وڃڻ لڳو ته ساوتري هن جي پيرن کي پڪڙي ويهي رهي. پنهنجا پير ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ يمراج هن کي گهليندو ويو پر ساوتري هن جي پيرن کي سوگهو جهلي، هن سان گڏ ڪيتري مفاصلي تائين گهلجندي رهي. مضبوطيءَ سان جهليل پيرن جي دٻاءُ هيٺ يمراج لاءِ وڌيڪ پنڌ ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو. نيٺ هن آڻ مڃي ۽ ساوتري کي چيو. "پنهنجي پتيءَ جي حياتيءَ کان سواءِ ٻيو جيڪي به گهرڻو هجيئي، گهر." چتر ساوتريءَ هن کي چيو "مون کي وردان ڏي ته مان ستن پٽن جي ماءُ ٿيان." آئيءَ ۾ آيل يمراج به بنا ڪنهن سوچ ويچار جي تتاستو (ائين ئي ٿيندو) چئي، پنهنجا پير ڇڏايا. ساوتري اٿي کڙي ٿي. چيائيس: "اوير ديوتا، هڪ پتي ورتا ناري پنهنجي پتيءَ کان سواءِ پٽن جي ماءُ ڪيئن ٿي ٿي سگهي؟" يمراج لاءِ هاڻي ستيه وان کي جيئارڻ کانسواءِ ٻي ڪا واهه ئي نه هئي.

يمراج هڪ واڻڙو ديوتا آهي. هو ڪڏهن ڪڏهن هم نام ماڻهن وچ ۾ منجهي پوندو آهي ۽ ساڳئي نالي واري هڪ بدران ٻئي ماڻهوءَ کي ئي پاڻ سان وٺي ويندو آهي ۽ مٿي پهچي جڏهن پاڻ سان آندل ماڻهوءَ جو وهي ڪاتو کوليندو آهي ته کيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيندو آهي، پر بيوسيءَ وچان هو ڪجهه ڪري نه سگهندو آهي. ائين ڪيترائي ويچارا مقرر وقت کان اڳ ئي مٿي پهچي ويندا آهن. انهن معصوم ماڻهن لاءِ غالب جو هي شعر بي معنيٰ بڻجي ويندو آهي:

موت ڪا ايڪ دن معين هي
نيند ڪيون رات ڀر نهين آتي؟

بهرحال مان پنهنجي ذاتي انيو مان اها تصديق ڪري سگهان ٿو ته وڃڻ جو وارو ته منهنجو هوندو آهي، پر يمراج مون بدران منهنجا ڪيئي هم نام ۽ همعصر گهلي ويو آهي. ائين قطارون ٽپي ويندڙ پنهنجن ڪيترن ئي نعم البدل هستين کي، مان حسرت وچان ويندي ڏسندو رهيو آهيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جي پوئين پھر ۾ الائي ڪھڙيءَ مھل سروري منھنجي اگھاڙي جسم مٿان چادر وجھي اٿي ويئي. جنگھن مٿان تاٽ جيان سڪي ويل آلودگيءَ اوچتو مون کان ڇرڪ پرائي اٿاريو. ھڪ عجيب خوشبوءَ ۽ بدبوءَ جي رل مل احساس مون کي خوفزده ڪري ڇڏيو. احتياط سان پاڻ کي پوريءَ طرح ملبوس ڪري اٿي ويٺس. تنبن پويان غسلخانن جي قطار ھئي. ٽڪڙو ٽڪڙو وھنجي سنھنجي، انھن ئي ٽاٽ سان نقش ٽيل ڪپڙن سان ٻاھر اچي، مون ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريم. منھنجن نون وڳن ۽ سامان جي پيٽي انوري بيگم جي تنبوءَ ۾ ئي رکيل ھئي ۽ مان خوف کان وٽس وڃڻ جو ست نٿي ساري سگھيس.

گذريل رات استاد فرحت حسين نشي ۾، تنبن جي نوڙين ۾ اٽڪي، اونداھ ۾ ٿاپو کائي، پنھنجي ٽنگ ڀڃائي ويٺو ھو. سڀ ھن جي تيمارداريءَ ۾ لڳل ھئا ۽ ٻاره ٻانڪي جو ڪو ڪنير ھن جي ٽنگ ڀڳل ھڏيءَ جو علاج ڪري رھيو ھو. انوري بيگم بہ ڪنھن ڪنڊ ۾ ڪنڌ جھڪائي ويٺي ھئي. فرحت حسين جي ھن حادثي تي مان دل ئي دل ۾ خوش ٿي رھيو ھوس. مون کي تنبوءَ کان ٻاھر بيٺو ڏسي، انوري بيگم ٻاھر نڪري آئي ۽ استاد جي رات واري حادثي جي سڄي روئداد ٻڌائي. مون ھن کان پنھنجي پيٽيءَ جون ڪنجيون گھريون ۽ کيس اھو چئي وڃڻ لڳس تہ جلد ئي ڪپڙا مٽائي، مان ڪنھن ڊاڪٽر کي وٺي ٿو اچان. پر بيگم منع ڪندي چيو "ٻاره ٻنڪيءَ جو ھي ڪنير وڏو جراح آھي ۽ ھڏيون ۽ رڳون سڌيون ڪرڻ ۾ ھٿي ھن جو ڪو ثاني ناھي. ڪپڙا مٽائي، ڦٽي ڦوڪارو ڪري، پيٽيءَ کي تالو لڳائي ٻاھر آيس. پنھنجي روزاني ڪمائي جي رقم جي حفاظت لاءِ مان پنھنجي ٽين جي پيٽيءَ کي سدائين مقفل رکندو ھوس.

کيسي ۾ ڪمائيءَ جي سڄي رقم وجھي، بورچيخاني ۾ اچي نان ۽ سوجيءَ جي سيري سان ڏَو تي نيرن ڪائي اٿي رھيو ھوس، جو دلشاد ڪير جو گلاس ڪٽي اچي پھتي ۽ خانسامان کي چيائين، "استاد جي وڏيڪ ڪير نٿو پيئي، ھيءَ رکي ڇڏ". اوچتو مون کي ڏسي مرڪندي چيائين، "وٺ، تون ئي پي ڇڏ. ضرورت محسوس ٿيندي ھوندءِ". منھنجي سڄي ساھ ۾ سياٽو پئجي ويو. ڦڪائيءَ مان چيومانس، "مون کي ھن ڪڙھيل کير جي ضرورت ڇو ٿيندي؟ کلندي چيائين، "گھٽي ھڻ پٽ ٿو ڪرين نہ، ان ڪري" ھوءَ کلندي ٻاھر ھلي ويئي. منھنجو من وھم وگمان ۾ وڪوڙجي ويو. 'تي سگھي ٿو. ھڻ پٽ سان ھن جو مطلب سڄو ڏينھن رقص جي ريھرسل ھجي، پر ڪٿي رات واريءَ واردات جي کيس خبر تہ نہ پئجي ويئي آھي؟'

ناٽڪين ۽ بازيگرن جي ان بستيءَ کان ٻاھر اچي، مان پنڌ ئي پنڌ شھر طرف نڪري پيس. شھر جي رستن تي ھلندي ھلندي، مان سڄي وات سروريءَ جو ئي سوچي رھيو ھوس. ھن جي سامھون ڪيئن ايندس؟ ھن سان نظرون ڪيئن ملائي سگھندس؟ ڪٿي ھن جي ماءُ انوري بيگم يا رفاقت صاحب کي ڪا سڌ پئجي ويئي تہ ھو منھنجو ڪھڙو حشر ڪندا؟ ڪيسا پئسن سان ڀريل آھن. ھتان ئي ڪانپور گھر ڀڄي وڃان! رات



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سروريءَ کي ٻار ٿي پيو هجي ته؟ پر سترنهن سالن جو ڇوڪرو پاڻ کان ڀه ٽي سال وڏيءَ ڇوڪريءَ مان ٻار ڪيئن پيدا ڪري سگهندو؟ ٻڌتر ۾ منهنجي ڀاراٽي ٻڌي ڪجهه به سوچي نٿي سگهي. نقش اڪريل منهنجو پليٽ ٿيل پائجامو به ته منهنجيءَ پيٽي ۾ ٿي پيو هئو.

ٻاره ٻانڪيءَ کان ڪانپور ويندڙ ٽرين رات جو هئي. مون بس اڏي جو رخ ڪيو. ڪانپور ٻن اڍائي ڪلاڪن جو سفر هئو ۽ لکنو اڌ ڪلاڪ جو. بس هلڻ ۾ به اڌ ڪلاڪ کن جي دير هئي. پنهنجي گهبراهٽ تي قابو پائڻ لاءِ، انهن آني ۾ ڪيپسٽن سگريٽن جو پئڪيٽ ورتم ۽ بيٺل بس جي دريءَ وٽ ويهي، تڪڙا تڪڙا سوٽا هڻڻ لڳس. اوچتو ٿي مون دريءَ مان ڏٺو ته نانڪ منڊليءَ جا پردا ڇڪيندڙ ٻه يائر راشد ۽ ارشد بس ۾ گهڙي آيا. مون کي ڏسي حيرانيءَ مان پڇيائون. "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ هي سگريٽ پيئڻ ڪڏهن کان سِکيو آهين؟" ڇيو مان، "ائين ئي ڪڏهن ڪڏهن دل ٿيندي آهي."

"پر هن بس ۾ وڃين ڪيڏانهن ٿو؟"

ڇيو مان، "اڄ رات واري شو ۾ منهنجو پارٽ ڪونهي، اِن ڪري لکنوءَ ڪا فلم ڏسڻ ٿو وڃان."

ڇيائون، "اسان کي به خان صاحب لکنوءَ مان ڪجهه سامان وٺي اچڻ لاءِ ڇيو آهي. وقت مليو ته اسين به توسان فلم ڏسي ايندا سين."

هيلتائين مان پاڻ تي قابو پائي چڪو هوس.

راشد ڇيو "لکنوءَ ۾ خاگينو به کائيندا سين".

پڇيومانس، "خانگينو ڇا هي؟"

ڇيائين، "کائيندين ته خبر پوندءِ."

مان چپ چاپ ساڻن لکنوءَ ۾ لهي پيس. لکنو پهچي اسان پردن جو سامان، پرت پريل ڪرتا، ڪليون، ڪوڪا، ڪانچ جون چوڙيون، پازيب ۽ ميڪ اپ وغيره جو ڪيترو سامان ورتو، هڪ سئنيما هال ۾ انٽرول کان پوءِ جي رهيل دليپ ڪمار ۽ مڌوبالا جي فلم 'ترانا' ڏٺي. نڪاس محلي ۾ اچي جڏهن اسان گهورڙئي کان خاگيني جا ٽي پتا ورتا ته پهرئين لقمي سان ئي منهنجو وات ائين سڙڻ لڳو جڻ ڪنهن ڄڀ تي ٽانڊا رکيا هجن. مرچن جي تک ڪان منهنجيون اکيون ٻاهر نڪري آيون ۽ ڪنن مان دونهان نڪرڻ لڳا. خانگيي جي هڪ پڙي سروري لاءِ ٻڌائي، مان ٻنهي يائرن سان گڏ ٻاره ٻانڪيءَ موٽي آيس.

منڊليءَ جي بستي ۾ پهچي، مان پاڻ کان لڪندو ٿي وتس. سروريءَ جي سامهون اچڻ کان خوف ٿي رهيو هو. ترانا فلم ۾ طلعت محمود جو ڳايل گيت 'سيني ۾ سلگتي هئن ارمان' جون سٽون چپن مان نه، پر دل مان نڪري رهيون هيون. اوچتو سروري خيمي ۾ گهڙي آئي. هن جي چهري تي راتوڪيءَ واردات جي ڪنهن به رد



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمل جا آثار نه هئا. بلڪ هن جي اکين ۾ ٻرندڙ جيان هيانءَ ۾ پيهي ويندڙ چمڪ ۽ ڳلن تي چٽندڙ رت واري لالاڻ هئي. ٻيئي هٿ چيلهه تي رکي پڇيائين، ”صبح کان ڪٿي هئين؟“

”لکنوءَ فلم ڊسٽرِ ٻيو هوس.“ وراڻيم.

”اڪيلو ئي؟“

”ها، اڪيلو ئي ته آهيان.“

وڏيڪ مون ڪابه صفائي نه ڏني ۽ اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون. صفايون يا ڪانئر ڏيندا آهن يا ڏوهاري. ڏوهاري جي هوس به ته ان ڏوهه ۾ مون سان سروري پڻ شامل هئي.

ان رات آغا حشر جو ٻيو ناٽڪ، سفيد خون پيش ٿيڻو هئو. هن ناٽڪ لکڻ تي آغا کي بنارس هندو يونيورسٽي طرفان گولڊ ميڊل ڏنو ويو هو. هو پهرين مسلمان هئو جنهن کي هندو يونيورسٽيءَ طرفان اعزاز حاصل ٿيو هو. ان ناٽڪ ۾ نه منهنجي مطلب جو ڪو رول هو ۽ نه ئي رقص جو ڪو منظر هو. ان ڪري مان ناٽڪ هلندي ناظرين جي پوئين قطار ۾ چپ چاپ وڃي ويهي رهيس. سروري 'سفيد خون' ۾ دل آرا، دلشاد، ماهه پارا جا ڪردار ادا ڪري رهيون هيون. ڊرامي جا ڊائلاگ ۽ اکر اڳيان ايري، جڻ مون مٿان واڳن وانگر وري رهيا هئا.

دل آرا: ”تو ڪيا ايسي دغاباز ڪو سخت سزا ديني چاهيئي؟“

بيرم: ”اگر ميرا باپ نه هوتا ته مئن خود اپني هاٿ سي اسي ڦانسي ديتا.“

دل آرا: ”يهي فرض تمهاري طرف سي هم بجا لائينگي.“

ماهه پارا: ”مين ني نمڪحرام سعدان ڪي گرفتاري ڪي لئه ڪتي ڇوڙ رکي هئين.“

دل آرا: ”تو اب وه بچ نهين سڪتا.“

ماهه پارا: ”اگر وه يهان آيا تو مئن اس ڪي بوٽيان نچوا دونگي.“

دل آرا: ”اور مئن اس ڪي بوٽيان ڪچلوا دون گي.“

ماهه پارا: ”مئن اس ڪي هڏيون ڪو جلا ڪر خاڪ ڪرودن گي.“

دل آرا: ”اور مئن اس خاڪ ڪو اپني نوڪرون سي اڙوادونگي.“

ماهه پارا: ”ذليل، نمڪحرام.“

سعدان: ”شرافت ڪو بدنام نه ڪرو. تمهارا باپ شريف هي اور تمهاري مان ڀي شريف هئي. اس ليئي تم ڀي شريف بنو.“

ماهه پارا: ”تو ڪتي سي ڀي زياده ذليل هي.“

سعدان: ”اس ڪي ڪيا دليل هئه؟“

دل آرا: ”يي ڪه تو دغا باز اور جهوٽا هي.“

اهڙا ٻوائتا ڊائلاگ ٻڌي، مون مٿان هيبت ڇانئجي رهي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وقت بہ مون مٿان هيبت، دهشت ۽ حراس ڇانيل آهي. ڏياريءَ جو ڏڻ آهي ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ عيد اچڻي آهي، پر ڏياري ۽ عيد جي سينگار ۽ آرائش بدران سڄو شهر هڪ ماتم ڪدو ٻڻجي چڪو آهي. مان پنهنجي هجري ۾ در دريون بند ڪري، گوڏا مٿي ڪري، ڏڪويل من ۾ ڏڪندڙ قلم سان هيءَ تحرير لکي رهيو آهيان. بہ ڏينهن اڳ دهشتگردن هٿان، جي ٽن پيهہ وارن علائقن ۾ بم ڦاٽيا آهن. مارڪيٽن جي ٻن ڇهل پهل وارين ايراضين ۾ ڏياري ۽ عيد جي خريداري ڪندڙن، ميون ۽ مٺاين جا ٽوڪرا پرائيندڙن، پنهنجن محبوبن ۽ محبوبائن لاءِ سوکڙيون پاکڙيون ۽ تحفا وٺندڙن ۽ مڱڻن جون منڊيون ٺهرائيندڙن، معصومن جا ڇچريل لاش هتي هتي ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. پنجاسي انسان جا رت ٻڏل لاش مرده گهرن ۾ ۽ ڏيڍ سؤ زخمي انسان اسپتالن جي اسٽريچرن، ورانڊين ۽ پٽن ۾ ڇُڙي ڇيچلائي رهيا آهن. ڪن جا سر ڌڙن کان ڌار ٿيل آهن. ڪن جون ٽنگون ڪٽجي چڪيون آهن تہ ڪن جون ٻانهون اڌامي الائي ڪٿي وڃي ڪريون آهن. دل ڏاريندڙ ۽ مهيب منظر اکين آڏو اوندهہ جا اهي ڪارا ڪڪر ڦهلائي ڇڏيا آهن، جو مون کي پنهنجي قلم جي ڪارنهن بہ ڏسڻ ۾ نٿي اچي.

دهشتگرديءَ ۽ آتنڪواد. اشراف انسانن جي زندگي زهر ۽ جيئڻ جنجال ڪري رکيو آهي. هي ڪهڙا ظالم، وحشي درندا ۽ بدروح آهن، جيڪي ڏياريون ۽ عيدون امرت ۽ آب زم زم بدران، انساني رت سان ڀريل ڪٽورا پيي، لاشن مٿان ننگو ناچ ڪري رهيا آهن؟ وٽن خدا جي خوف نالي واري ڪا شئي ناهي، ڪين شايد رڳو رستن تي وهندڙ رت جو ذائقو پسند آهي. هي لاش، جيڪي لاوارث ناهن، انهن مٿان لهندڙ هي ڳجهون آخير ڪير پالي رهيو آهي.؟ مرده گهرن ٻاهران بيٺل ڪيتريون مائر، ڪيترا پيئر، ڪيتريون ڀينرون ۽ ڀائر ڪيترا پٽي ۽ پٽنيون آسمان طرف ٻاڏائي، اهو پڇي رهيا آهن.

حادثي کان بہ ڏينهن اڳ ٿي منهنجي رفيقہ حيات گوپي، اسان جي ملازمہ سان گڏجي سروجني نگر جي ان سويٽ شاپ تان مٺاين جا پئڪيٽ ٻڌائي رهي هئي. جنهن ٻاهران بمن جي ڦاٽڻ سان خريدارن جون وڍيل ٻانهون ۽ ٽنگون هيڏانهن هوڏانهن اڏاميون. مان وري وري هن جي گداز جسم کي ڇهي بہ رهيو آهيان ۽ کيس ڇاتيءَ سان بہ لڳائي رهيو آهيان. منهنجي سڄي جسم ۾ خوف جون لهرون ايري ۽ لهي رهيون آهن. پئد ۾ پيپن پاسيري رکي، ٻيو سگريٽ دکايو اٿم. سياڻي اسين ٻيئي، ٻن چئن ڏينهن لاءِ، هردوار ۽ رشيڪيش هليا وينداسين ۽ مقدس گنگا جي ڪناري ويهي لهرون ڳڻينداسين. وهسڪيءَ ۾ گنگا جل ملائي پيئڻ سان شايد من کي ڪجهہ سڪون ملي وڃي!

منهنجيون هي ساروڻيون روزنامچو ٻڻجنديون ٿيون وڃن. اهو ان ڪري ٿي رهيو آهي، جو هن عمر ۾ ويسر وڌي ويڃڻ ڪري مٿان روزمره جي زندگيءَ جون ڪيتريون اهم وارداتون يادگيريون تہ منهنجي ذهن ۾ آئيني جي عڪس جيان چٽيون آهن، پر ماضي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قريب يا ويجهڙائي ۾ جيڪي ٿي رهيو آهي. اهو گرفت ۾ آڻڻ لاءِ هاڻي حافظو ساٿ نٿو ڏئي. ڪنڊياري جي ڪوهه ۾ هيٺ لهندڙ ڪنگرين جو تعداد ته چٽي طرح ياد آهي، پر هتي جمنا مٿان ڪيتريون پليون آهن. انهن تان سوين پيرا لنگهڻ ڪان پوءِ به ياد نٿيون اچن. شايد ان ڪري جو انهن ڪنگرين جي سرڪڻ جهلي، ڪوهه ۾ هيٺ لهي ويندو هوس، پر جمنا جي گپ چڪ سان ڀريل پاڻيءَ ۾ پير وجهڻ کان به ٿهندو آهيان.

منجهند جو برصغير جي وڏيءَ ليکڪا امرتا پريتم جي سر تان ٿي آيو آهيان. ڪالهه رات هوءَ ننڊ ۾ ئي فوت ٿي ويئي. گذريل ڪيترن سالن کان هوءَ ذهني ۽ جسماني طور تمام گهٽو پوڳيندي، هڏين جو پڃرو بڻجي چڪي هئي. شمشان گهاٽ تي اڏڪلاڪ اندر ئي، هن جي لوٿ ۽ پرڪندڙ هڏيون رک جي ڍير ۾ بدلجي ويون. جن کي هن جو آشنا امروز گنجيءَ ۽ گوڏ ۾ بيٺو يڪ ٽڪ ڏسي رهيو هو.

ٽيهن سالن کان هن جو پنهنجي همعصر هندي ليکڪا ڪرشنا سوبتيءَ سان عدالت ۾ ڪيس هلي رهيو هو. مقدمي بازيءَ ۽ بيماريءَ ٻنهي ليکڪائن کي مالي خواهه جسماني طور تباهه ڪري ڇڏيو. 'مترو مرجاني' ۽ 'زندگي نامه' جي مصنفه ڪرشنا سوبتيءَ کي مقدمي جي خرچن جي پورائيءَ لاءِ پنهنجو وڏو شاهي گهر وڪڻڻو پيو ۽ هوءَ ڪنهن ڏتڙيل علائقي جي ننڍڙي کولي نما مڪان ۾ رهي پيئي آهي ۽ امرتا پنهنجي سڄي پونجي ڊاڪٽرن بدران وڪيلن مٿان وڃائيندي رهي. ٻنهي پنهنجيون آتم ڪٿائون 'رسيدي ٽڪٽ' ۽ 'زندگي نامه' جي عنوان هيٺ لکيون آهن. امرتا جڏهن خوشنوت سنگهه کان پڇيو ته هوءَ پنهنجيءَ آتم ڪٿا کي ڪهڙو عنوان ڏئي ته خشونت چيس، "تنهنجي جيوٽيءَ ۾ آهي ئي ڇا؟ اها سڄي جي سڄي هڪ 'رسيدي ٽڪٽ'، Revenue Stamp جي پوئين پاسي سمائجي سگهي ٿي." ۽ ائين امرتا پريتم پنهنجيءَ آتم ڪٿا جو سرو "رسيدي ٽڪٽ" رکيو جو ان جو سائيز سدائين ساڳيو آهي. ٻين ٽپالي ٽڪلين جيان ان جي ڊيگهه ويڪر نه وڌندي آهي ۽ نه گهٽبي آهي.

امرتا پريتم تمام وڏي ليکڪا هئي. هن جي آتم ڪٿا 'رسيدي ٽڪيٽ' ادبي معيار کان هڪ شاهڪار تخليق آهي، پر ان ۾ هن پنهنجن همعصر اديبن ۽ اديبائن کي بيحد ذليل ۽ خراب خوار ڪيو آهي. ڪين بدڪردار، دغاباز، خود غرض ۽ ڪميٽو ڪري ڪوٺيو آهي ۽ پاڻ کي ڪير ۾ ڌوتل اڇو اجرو ڪري پيش ڪيو آهي. ساڳيون جوابي ڪارروايون ڪرشنا سوبتيءَ پڻ پنهنجيءَ سوانح ۾ ڪيون آهن. مان سمجهان ٿو ته ائين ڪرڻ سان بطور اديبائن، هنن پنهنجو ادبي درجو ۽ رتبو هيٺ ئي ڪيو آهي.

امرتا جو ساحر لڌيانويءَ سان عشق جو معاملو هڪ وڏو ادبي اسڪينڊل هئو. اهو ڄاڻائيندي به ته ساحر ڪنهن عورت جي قابل ناهي، هوءَ ساڻس والهانه عشق ڪندي رهي ۽ امروز جهڙي اشراف انسان کي پنهنجو وهاريل ڪري استعمال ڪندي رهي. هن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ بہ ڪٿي زباني يا تحريري طور چيو آهي تہ جڏهن منهنجي پٽ مون کان پڇيو "امان، ٻڌاءِ تہ مان پنهنجي پيءُ سردار پريتم سنگهہ جو پٽ آهيان يا ساحر جو؟"

"مون کيس جواب ڏنو تہ تون پنهنجي پيءُ جو ئي پٽ آهين. پر جي تون سچ پچ ساحر جو پٽ هجين ها تہ مون کي توکي اهو ٻڌائڻ ۾ بيحد خوشي ۽ فخر محسوس ٿئي ها."

امرتا ۽ عينيءَ سان منهنجي سالن کان سڃاڻپ رهي آهي. ٻيئي پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ جون اعليٰ اديبائون آهن. پر ٻنهي جي ذاتي ڪردار ۾ زمين آسمان جو فرق رهيو آهي. امرتا زندگيءَ ۾ تمام گهڻا لاها چاڙها ۽ ڏک ڏاکڙا ڏنا آهن. مردن جي ادبي هڪ هٽيءَ واري دنيا ۾ هن سخت محنت ۽ مشقت ڪري، پنهنجو ادبي ۽ اقتصادي وجود ۽ وقار برقرار رکيو. هوءَ پنجويهہ روپيہ ڪمائڻ لاءِ ڏهہ ميل ڏهاڙي سائيڪل تي ريڊيو اسٽيشن جا رستا لتاڙيندي هئي. ڪيترن ئي پبلشرن ۽ فلم پروڊيوسرن هن جو استحصال ڪيو. خود ساحر هن سان اهڙو آبرودار ورتاءُ نہ ڪيو جنهن جي هوءَ مستحق هئي. هوءَ هڪ ئي وقت گلوڪاره سڌا ملهوترا ۽ حيدرآباد (دکن) جي هڪ نوابي ڪٽنب جي شادي شده عورت سان عشق ڪندو هو. ساحر شاعر تہ تمام وڏو هو پر ذاتي طور هڪ ڊڄڻو ۽ ڪانئر قسم جو شخص هو. هن ڊپ وچان ڪڏهن بہ هوائي سفر نہ ڪيو. 'سويٽ لئنڊ نهرو ايوارڊ' وٺڻ لاءِ هو ماسڪو (روس) ان ڪري نہ ويو تہ متان هوائي جهاز ڪري پوي. مون کي هن جي موقعي پرستيءَ جو هڪ واقعو ياد ٿو اچي.

ڊسمبر اڻونجاهہ ۾ بمبئيءَ ۾ 'سنڌي ساهت سميلن' ٿي رهيو هو. رات واري مشاعري لاءِ اسان ساحر، سردار جعفري ۽ ڪيفي اعظميءَ کي بہ گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٽنهي سنڌي مشاعري ۾ خوشيءَ سان شرڪت ڪئي. ساحر کي نينڊ ڏيڻ لاءِ ارجن شاد، موهن ڪلپنا، سگن آهوجا ۽ مان هن جي گهر باندرا وياسين. هن اسان جو چڱو آدر ڀاءُ ڪيو ۽ نوڪر کي چانهہ وغيره آڻڻ لاءِ چيو. ايتري ۾ در جي گهنٽي وڳي. ملازم ساحر کي اچي چيو تہ گلوڪاره گيتادت آئي آهي. ڊرائينگ روم ۾ رکيل ريڊيو مٿان لتا منگيشڪر جو فريم ۾ مڙهيل فوٽو رکيو هو. ساحر سرگوشيءَ ۾ نوڪر کي چيو تہ بہ چار منٽ ترسي وٺي اچينس. ان وچ ۾ هو تڙ تڪڙ ۾ گيتا جو فوٽو ڪڍي آيو ۽ ريڊيو تان لتا جو فوٽو هٽائي، اتي گيتا دت جو فوٽو رکي چيائينس، "هاڻي وٺي اچينس." اسين هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳاسين. گيتادت ساحر کان لکيل فلمي گانو وٺي هلي ويئي ۽ ساحر اسان کي چيو "هيءَ فلم انڊسٽري آهي. هتي ائين ئي سروائيو ڪري سگهبو آهي." ڊگهي قدوقامت، لمبي طوطائي نڪ ۽ سينيئرن جي ڇهري واري ساحر لڌيانويءَ فلمي سنگيت کي هڪ نئون موڙ ڏنو. هن جي اڻ مندائتو موت سچ ديو برمن جهڙي موسيقار کان بہ وري ڪڏهن ساحر جهڙي ڪا تخليق تيار نہ ڪرائي سگهيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سروريءَ کان منهن لڪائي منهنجي پڇي وڃڻ جون ڪوششون ناڪام ٿيڻ تي، مون کي وري ناتڪ منڊليءَ ڏانهن موٽڻو پيو. پوسٽ ڪارڊ تي پنهنجيءَ ملازمت وارين مشغولين جو احوال لکي، پنهنجي گهر ڪانپور موڪلي مان ارشد ۽ راشد سان باره بانڪيءَ جي ميدان تي ڪوڙيل خيمن طرف خوفزده ٿي موٽي آيس. منهنجي مٿان سروريءَ جو، وڏي بيگم جو، خان صاحب جو ۽ سڀ کان وڌيڪ موسيقار فرحت حسين جو خوف طاري هئو. گذريل رات واريءَ واردات (يابدفعلي) جي نتيجي طور ڪٿي ٻڄ ڇتجي ويو هجي ته اهي ماڻهو ته مون کي ڀِترا ڀِترا ڪري، ڳوڻ ۾ بند ڪري، ڪنهن نهر ۾ اڇلائي ڇڏيندا. پر گڏوگڏ اهو سوچي پاڻ کي ٻه تسلي ڏيئي رهيو هوس ته سترنهن سالن جي عمر وارو ڪيئن ڪنهن ڇوڪريءَ کي حامله ڪري سگهندو؟ مان اڃان جڏهن پورو مرد ئي نه ٿيو هوس ته مون ۾ اها مردانگي ڪٿان ايندي؟ هن عمر ۾ ته رڳو 'تناسل' ئي فطري عمل آهي، جيڪو محض شب تاريڪ ۾ خواب آوريءَ واري سبڪدوشيءَ تائين محدود آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيويهون پنو

ڇهه مهينا اڳ دهليءَ جي سنڌي اڪادميءَ ڪي پنجويهن ڪشادن ڪمرن، ڇئن صفن ۽ ٻن دالانن تي مشتمل، انگريزن جي دؤر ۾ تعمير ٿيل، ڏهن هزارن فٽن تي ڦهليل هڪ عمارت الاٽ ٿي آهي. عمارت ڄا هي سڄو ڪامپليڪس (Complex) آهي، جنهن جي اڳيان پويان پٺڀرن ۾ پپر ۽ نم جا گهاٽا وڻ آهن، جن تي ٻولڙا نچندا ٽپندا ۽ قلابازيون ڏيندا رهن ٿا.

گڏوگڏ اڪادميءَ جي ساليانو بجيٽ پنجاسي لکن روپين مان وڌائي ٻه ڪروڙ ڪئي ويئي آهي. ان ڪري هاڻي ڪلئي هٿ سان خرچ ڪري، اڪادميءَ جي ترقيءَ لاءِ نيون رٿائون جوڙي سگهجن ٿيون. انهن رٿائن ۾ سنڌي ميوزيم، ٿيٽر، ڪانفرنس هال ۽ سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ مرڪز رٿجي رهيا آهن. هند سنڌ مان ايندڙ اديبن ۽ ڪلاڪارن لاءِ هيءُ هڪ اهڙو مرڪز بڻجندو، جتي هو پاڻ کي پنهنجي گهر جيان محفوظ محسوس ڪندا. ان اداري ۾ مرڪز تي اسان سيني سنڌين جو برابريءَ جو حق آهي، خواهه هو دنيا جي ڪهڙيءَ به ڪنڊ ۾ رهندا هجن. انهن ٻولڙن جو به حق آهي، جيڪي چوڌاري پکڙيل وڻن جي لامن تي لڏي رهيا آهن، بشرطيڪ هو هٿ کس ۽ ڦرلٽ نه ڪن، ڪنهن تعميري ڪم ۾ خلل نه وجهن ۽ اسان جي قوم جي ترقيءَ ۽ بهبوديءَ جي راهن ۾ رڪاوٽون پيدا نه ڪن.

ان کان اڳ سنڌي اڪادميءَ کي، دهليءَ جي قصاب خاني وٽ ڇئن منزلن واري پنجابي اڪادميءَ جي چوٿين منزل تي به چار اونداها ڪمرا الاٽ ٿيل هئا. جيڪي پنجابي اڪادميءَ جي ڪار پردازن اسان کي خيرات طور ان شرط تي ڏنا هئا ته جڏهن به هو چاهيندا، اسان کان خالي ڪرائي سگهندا ۽ اهڙو احسان هو اڪثر ياد پڻ ڏياريندا رهندا هئا. مان جڏهن سنڌي اڪادميءَ جي آفيس ۾، ستر ڏاڪا چڙهي، چوٿينءَ منزل تي پهچندو هوس ته اُيساهي وٺي ويندي هئي ۽ جڏهن ڪال ڪوٺڙيءَ جهڙي هڪ ڪمري ۾ ويهي، 'سنڌو جوت' لاءِ اداريو لکندو هوس ته ٻڪرن ۽ گهٽين جي ڪسجڻ جا ڪيڪڙاٽ منهنجا ڪن ٻوڙا ۽ هٿن ۾ ڏڪڻي پيدا ڪندا هئا. سندن ڪپيل ڪنڌن مان ڦوهاري جيان ڦهلجندڙ رت جا ڇنڊا منهنجي پيڊ جي پنن تي ڪڙجي ويندا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين ماحول ۾ کليل فضا واريءَ ڦهليل عمارت ۾ 'سنڌي اڪادمي' دهليءَ ۾ 'نيشنل ڪائونسل فار پروموشن آف سنڌي لئنگويج' NCPSL جي ميمبرن جي مشترڪ ميٽنگ ۾ اسان ماهر معمارن کي سنڌين جو هڪ اهڙو مرڪز تعمير ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون آهن. جيڪي عالمي سطح تي پنهنجو مثال پاڻ بڻجي سگهي. اسان کين متاثر ڪيو آهي ته سنڌيت هڪ اهڙو عنوان آهي، جيڪو هن ڌرتيءَ جي سڀ کان مقدس حصي، سنڌو ماٿري جي تهذيب سان واسطو رکندڙ انسان ذات جي طبقي کي حاصل ٿيل آهي. تاريخ کي خدا جي نعمت ڪيل هن خطي جون سرحدون صدين کان ورائي ورائي پئي جوڙيون ۽ بدلايون آهن. جتي هڪ اهڙي جاتيءَ جو ڦهلاءُ ٿيو آهي. جيڪا پنهنجيءَ دانائيءَ ۽ دانشوريءَ سان سڄي عالم کي آباد ڪري رهي آهي، انهن پکين ۽ پرندن جيان، جيڪي پنهنجي ولر کان وڇڙي، وري پنهنجي ولر وٽ موٽي آيا آهن ۽ اهي پرندا ڪنهن به سياسي نظام يا مذهبي ۽ ڌرمي پڃرن جا اسير نه ٿا ٿي سگهن. پر اڄ اسين جنهن دنيا ۾ رهون ٿا ۽ اسان جا ايندڙ نسل اڳتي اچي رهندا ها. ڏينهون ڏينهن سائنس، ٽيڪنالاجي، مواصلات ۽ مسافت جي سهولتن سبب سڪوڙجي، هڪ عالمي ڳوٺڙي جي صورت وٺي رهي آهي، جتي اسين هڪ ٻئي سان جڙجي رهيا آهيون. اهي سڀ سهولتون ۽ ايجادون اسان جي سنڌي ثقافت کي محفوظ رکڻ لاءِ سودمند ثابت ٿينديون.

ويجهڙائيءَ ۾ رٿيل 'ڀارت پاڪ سنڌو مها اُتسو'، ان سلسلي جي پهرين ڪڙي ثابت ٿي آهي، جنهن جي نتيجي طور نه رڳو سڄي هندوستان مان ۽ سنڌ مان، پر سڄيءَ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وسيل سنڌين وٽان اسان وٽ اهڙا اتسو لاءِ پيغام، دعوتون ۽ خط اچي رهيا آهن. جن ۾ نظر، نظريو عمل ۽ عمل جون واٽون واضح ٿي سگهن. انهن سڀني جو پڻ بنياد عالمي سطح تي سنڌي جاتيءَ جي يڪمشتي ۽ ڳانڍاپڻ لاءِ Giant website برپا ڪرڻ، اوائلي قدم قرار ڏنو ويو آهي. جيڪو سموري سنڌي جڳت جو هڪ پاور هائوس بڻجي، سڄي دنيا جي سنڌي جاتيءَ لاءِ روشن مينار ثابت ٿيندو. اهو هڪ اهڙو مرڪز بڻجندو جيڪو هڪ طرف دنيا ۾ اسان جي قوم جي هر فرد کي هڪ ٻئي سان جڙيل رکندو ته ٻئي طرف سنڌ جي ڌرتيءَ تي اسان جي جڙن ۽ پاڙن کي پختو ڪندو رهندو.

ڪالهه تائين ٿيل ٻن ڏينهن جي گڏجاڻي، اسان جي دلين ۾ ولوڙا وجهي ڇڏيا آهن. مان قدامت کان قديم، ذهني مسافت ڪندو نواڻيءَ کان نئين طرف وک کڻندو ڪشميري گيٽ واري اڪادميءَ جي عمارت کان پنڌ ئي پنڌ نڪري پيس. قدسيه باغ لتاڙيندي، چوڌاري اک ورائڻ سان ڪيترائي رومانوي منظر اکين آڏو هئا. وڻن هيٺيان چادرون وڇائي، باغ جي ٻنچن تي نوجوان حسين جوڙا هڪ ٻئي جي گرم آغوش ۾ آسپاس جي ماحول کان ماورا ۽ بيخبر، ڪنهن طلسمي دنيا ۾ گم ٿيل هئا. دهليءَ جي عاليٰ پوليس عملدارن، پنهنجن ماتحتن کي واتي ويٺي هدايتون ڏنيون آهن ته سڄي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن جي نوڪري ۾ هڻ پٽ ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪي جوان جوڙا، جيڪي هوٽلن جا ڪمرا افورڊ نٿا ڪري سگهن، ڪن خلاصين جاين تي وڃي دل وندرائين ته سندن رنگ ۾ اجايو ڀنگ نه وجهو بشرطيڪ هو اتي ڪي غير اخلاقي ۽ غير سماجي حرڪتون نه ڪندا هجن. قدسيه باغ مان لنگهندي، مون کي پنهنجا يونيورسٽيءَ وارا ڏينهن ياد آيا، پر تن ڏينهن اڄان ايتري سماجي آزادي نه اچڻ ڪري، ڪيترائي سرڪاري ۽ غير سرڪاري، ڪارنده، اسان جي اڳيان پويان ڪتن وانگر نوس نوس ڪندا رهندا هئا ۽ اسان کي هڪ چميءَ لاءِ سڪائيندا هئا.

وسيع ايراضيءَ ۾ ڦهليل باغ لتاڙي، مان موري گيٽ واري علائقي ۾، پُري ويل پٿين وچ ۾ بيٺل هڪ پڳل ٽٽل قبر اڳيان اچي بيٺس. چاپوڙا لٽل اندرينءَ پٽ تي آثار قديمه واري ڪاتي جو اردو ۽ انگريزي ۾ ڏنل بورڊ لڳل هئو:

”هيءَ دهليءَ جي غلام گهراڻي جي ملڪ رضيه سلطان جي قبر آهي، جيڪا اٺٽيهن سالن جي عمر ۾ ڪرنال ۽ پٽنڊا جي وچ واري ميدان جنگ ۾ وڙهندي قتل ٿي ويئي.“

شام جا ڇهه وڳا هئا. سياري جو سج آهستي آهستي لهي رهيو هو. قبر تي ڪا قنديل يا ڏيئو ٻارڻ وارو ڪو مجاور يا رکوالو نه هو. پٽ جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ٻلي ٻن پونگڙن سان تڏ ڪان پاڻ کي بچائي ويٺي هئي. قبر اڳيان بيٺي مون اڳيان رضيه سلطانه جي مهروليءَ واري محل جي خوابگاهه جو اهو منظر تري آيو.

’بند گان چهل گاني‘ (چاليهن اميرن تي مشتمل مجلس شوري) سان حڪومت جي انتظام بابت سڄو ڏينهن صلاح مصلحت ڪري، دليءَ جي تخت وتاج جي ملڪ رضيه سلطانه ٿڪجي، خوابگاهه ۾ پنهنجي مخملي بستري تي پاسا ورائي رهي آهي ۽ سوچي رهي آهي ته هوءَ نيٺ ڪهڙي قسم جي عورت آهي؟ جو هڪ ئي وقت ٻن مردن جي عشق ۾ مبتلا ٿي رهي آهي. التونيه ۽ ياقوت. ٻنهي ۾ بي پناهه ڪشش آهي. التونيه ترڪ نسل جو حسين مرد آهي ۽ ياقوت سياهه فارم حبشي غلام آهي، پر پوءِ به منهنجن حواسن تي ايترو ڪيئن ڇانئجي ويو آهي؟ ياقوت سان هوءَ پرندي جيان آزاد رهي سگهي ٿي، پر التونيه ۽ هن وچ ۾ بيحد قربت هوندي به هڪ ديوار اڌ ٻڌجي بيٺي آهي.“

مون کي رفيق ذڪريه جي تحرير ڪيل رضيه سلطانه جي زندگيءَ جو اهو منظر نامو ياد اچي رهيو هو:

هيءَ هڪ قسم جي صبر ۽ ضبط جو احساس هو جنهن سان رضيه کي روحاني سڪون ته ملي سگهيو ٿي، پر هوءَ اها پٽ پچي نٿي سگهي. هن ڄاتو ٿي ته التونيه شايد ياقوت کان بهتر شوهر ثابت ٿي سگهي، پر ياقوت جي سياهه فام شخصيت اهڙي ته دل آويز هئي، جنهن رضيه جي سڄي وجود جي هر ڪنڊ کي روشن ڪري رکيو هو.

”توکي خبر آهي ياقوت، ته سياهه رنگ جي مردن مٿان عورتون ڪيئن فريفته ٿينديون آهن؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخملي سيج تي سڄي رات پاسا ورائيندي ورائيندي، رضيہ گذريل صبح واري اميرن جي مجلس ۾ وزيراعظم نظام الملڪ جي گمراهہ ڪن مشورن بابت سوچيندي رهي.

"محترمہ سلطان، توهان پنهنجي والد بزرگوار التمش جي وقت ۾ اهڙيءَ بي حجابيءَ سان رعيت جي سامهون نہ ايندا هئا. توهان جي رخ مبارڪ تي هڪ سنهو چاريدار نقاب رهندو هو." نظام الملڪ هن کي ياد ڏياريو.

"پر ان وقت مان حڪمران نہ هئس. هاڻي مان پنهنجي ۽ رعايا وچ ۾ ڪا اڏ پيدا ڪرڻ نٿي چاهيان. ڪين اهو احساس ڏيارڻ تي چاهيان تہ هو سڀ هاڻي منهنجيءَ پناهہ ۾ آهن. پنهنجيءَ رعايا لاءِ مان عورت ناهيان ،پر سندن محافظ ۽ پاسبان آهيان."

"ارشاد مبارڪ اکين تي، پر جڏهن عوام جون نگاهون حضرت مٿان ورائي ورائي پونديون تہ هو ڪيئن وساري سگهندا تہ توهان هڪ عورت آهيو." نظام الملڪ وراڻيو.

"نظام الملڪ تون خود گمراهہ آهين ڇا؟ مون کي ڏسي تنهنجي من ۾ اهڙا لعين ويچار اچن ٿا؟"

رضيہ جي ان فقري نظام الملڪ کي لوڏي ڇڏيو. هن پاڻ سنڀاليندي عرض ڪيو "منهنجين نظرن ۾ تہ حضور منهنجيءَ ڌيءَ سمان آهي."

"پنهنجيءَ رعايا لاءِ مان ماءُ سمان آهيان. منهنجي نوعمريءَ سان ڪو فرق نٿو پوي."

"۽ حضرت جا خيال تمام اعليٰ آهن، پر زبان خلق کي ڪيئن ٿو روڪي سگهجي."

"تون، نظام الملڪ، تون؟ مون کي ڇاڻ آهي تہ اها زبان خلق ناهي. اميرن کي ڇئي ڇڏ تہ منهنجو عمل، منهنجي ايمان ۽ عقيدي جو حصو آهي." "توهان اميرن کان بدظن نہ ٿيو. عليا حضرت، هو توهان جا خير خواهہ آهن."

"مان ڄاڻان ٿي." رضيہ طنز ڪندي چيو: "اهوئي ڪارڻ آهي جو هو اڃان تائين پنهنجي ذهن کان آجو نٿا ڪري سگهن تہ مان عورت آهيان." رضيہ جي لهجي ۾ جلال هو.

"مان تہ عورتن جي حق ۾ آهيان. خاتون محترمہ، پر عورتون صنف نازڪ آهن. ڪين مرد جي حفاظت جي ضرورت ٿئي ٿي."

"حفاظت؟ ڪنهن کان حفاظت؟ مردن کان؟ توهين چاهيو ٿا تہ اسين برقعو اوڍي، پردي پويان ڍڪجي ويهون. جڏهن تہ گناهہ اسان جو نہ، پر مردن جي نگاهہ جو آهي. اسان جي چهرن بدران توهان جي اکين تي پردا پوڻ گهرجن." رضيہ بي باڪيءَ سان جواب ڏنو ۽ اڄ دليءَ جي ان بي باڪ حڪمران رضيہ سلطانہ جي جسد خاڪيءَ مٿان ڪا مزار بہ ناهي. پڳل ٿلهه پٿرين اندر هڪ پٽ پيل نالي ماتر قبر آهي. ان قبر هيٺيان هڪ دل نواز شخصيت، هڪ تيز تر ذهانت، هڪ گهري دانشمندي، هڪ متحرڪ طاقت ۽ هڪ آهني عزم ۽ استقلال دفن آهي. جنهن جو خيال خوشگوار يادين جو هڪ روضو آهي.

سياري جي ان شام ۾ مان زوال آفتاب جو هي منظر ڏسي رهيو آهيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باره بانڪيءَ ۾ ستن ڏينهن جي قيام ڪان پوءِ نانڪ منڊليءَ جو بيو پڙاءُ بنارس هو. بنارس شهر جا ٽي نالا آهن: سڀ ڪان پراڻو نالو ڪاشي آهي، جيڪو ستيه وادي هريشچندر طرفان ٻه هزار سال اڳ ٻڌو ويو هو. ستيه وادي هريشچندر ۽ تارامتيءَ جو قصو بيحد دل ڇهندڙ آهي، جيڪو پنهنجي سپتيائيءَ ۽ وچن جي پالنا ڪري، اڄ تائين هر هندو ڪٽنب ۾ سچائيءَ جي حوالي طور ڪنيو ويجي ٿو. هريشچندر جي نالي وارو شمشان گهاٽ اڄ به گنگا جي ڪناري تي قائم آهي، جتي هن ڪي پنهنجي پٽ روهت جي مرده شرير کي ساڙڻ لاءِ، ڏن طور پنهنجي پتني تارا متيءَ کي نگر سيٺ وٽ گروي رکڻو پيو هو. اڄڪلهه سرڪاري طور هن شهر جو نالو وارا ناسي آهي پر سڀ ان کي بنارس ئي سڏيندا آهن. گنگانديءَ جي ڪناري تي ٻڌل هن شهر جو ماحول ڏاڍو مقدس آهي. خاص طور پربيات ويلي، گنگا اشنان، پاٺ پوڄائون، مندرن جون گهنٽيون صبح بنارس ۾ سرڳ جي منظر جو ڏيک ڏينديون آهن. ’صبح بنارس، شام اوڌ‘ هڪ مشهور چوٽي بڻجي چڪي آهي ۽ مان شام اوڌ (باره بانڪي) ڪان صبح بنارس تائين نئون سفر طئه ڪري، هڪ نئين ماحول ۾ ڏڪجي آيو هوس.

سروري مون کي پنهنجين ادائن، اشارن، ايلازن ۽ نصيحتن سان ڏمڪائي، پنهنجي گهر ڪانپور موٽي وڃڻ ڪان باز رکندي رهي. لکنوءَ ڪان بنارس تائين ائن ڪلاڪن جي سفر ۾، اسان جي منڊليءَ جا ماڻهو، جونپور ۽ مليح آباد جي اسٽيشن تان انبن جا ٽوڪرا پرائيندا، سانجهيءَ ڏاري بنارس اچي لٿا. ٽن چئن سون ميلن جي ان مسافت ۾، ٻنهي پاسي رڳو انبن ئي انبن جا باغ هئا. مقامي ماڻهن جو چوڻ هو ته ان پٽيءَ ۾ انبن جون ڏيڍ سو کن مختلف جنسون آهن. مليح آباد تي گاڏي خاصو وقت بيٺي هئي ۽ اتان جي ريلوي ملازمن جو چوڻ هو ته هن شهر جي انبن جا اڌ باغ شاعر انقلاب شبير حسين خان جوش مليح آباديءَ جي خاندان جا آهن. گهڻا سال پوءِ جڏهن مون جوش صاحب کي دهليءَ ۾ ’آج ڪل‘ رسالي جي آفيس ۾ ڏٺو ته مون کي هن جو مٿو ڪدوءَ جهڙو، پر چهرو دسهري انب جهڙو سرخ ڏسڻ ۾ آيو. هو تن ڏينهن آج ڪل جو ايڊيٽر هو ۽ ان گڏجاڻيءَ ۾، هن جو فراق گورکپوريءَ سان، ڪيترن شاعرن ۽ اديبن اڳيان رڳڙو هلي رهيو هو.

جوش: ”زبان سنڀالي ڳالهاءِ فرقوا، خبر اٿيئي مان پناڻ آهيان، پناڻ.“

فراق: ”ڇا جو پناڻ آهين. پناڻ ته خيبر ۾ رهندا آهن، تون ته مليح آباد جو باغائي آهين، باغائي. شاعري ٻاٽري ڇڏ، وڃي انبن جا مقادا ڪڻ، جوشوا.“

جوش: ”تون وري ڪهڙو عالم فاصل آهين؟ مغلن جي دربار ۾ منشيگيري ڪندڙ ڪائستن جي ڪٽنب جو آهين. وڃي منشي رام پرساد بسمل جي شاگردي ڪر. اڄ ڪان وٺي توسان ڳالهه ٻولهه بند.“

فراق: ”ڏاڍو سٺو، توکان سواءِ بيحد مزي ۾ هوندس.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿين چوندي رگهپتي سهاءِ فراق گورکپوري پنهنجي ڦراڦري ٽوپيءَ کي سڌو ڪندو لڪڻ ٽيڪيندو ’آج ڪل‘ جي آفيس مان ٻاهر نڪري ويو ۽ پنيان جوش مليح آبادي چوندو رهيو: ”وڃڻ ڏيوس وڃڻ ڏيوس. پاڻيهي رات واري مشاعري ۾ اچي منهنجي پيرن وٽ ويهندو.“

بنارس جي ڪليڪٽر. ناٽڪ ڪمپنيءَ کي هڪ مهيني لاءِ لائسنس ڏنو. ناٽڪن لاءِ هڪ هال بڪ ڪيو ويو هو ۽ اسان سيني جي رهائش جو بندوبست هڪ سراءِ ۾ ڪيو ويو. سراءِ گنگا ڪناري کان ميل ڪن جي مفاصلي تي هئي. بنارس ۾ گنگا جي ڪناري تي مغل سراءِ تائين، سو ڪن گهاٽ آهن. پر سڀ کان مشهور چهل پهل وارو گهاٽ دشاميش گهاٽ آهي. گهاٽ تي صبح شام هزارين ياتري گنگا اشنان ۽ پاٺ پوڄائون ڪندا رهندا آهن. بنارسي ٺڳن جو وڏي ۾ وڏو اڏو به اهو دشاميش گهاٽ آهي. شام جو گهاٽ جي پرسان بنارسي ساڙهين جي اڏاڻن جا ڪوري، بيحد خوبصورت ۽ رنگبرنگي ساڙهيون بزار جي اڌ اگهه تي پٽڙيون وڇائي اچي وڪڻندا آهن. هنديءَ جي مڏ ۾ ڪال جو سنت ڪوي ڪبير پڻ پنهنجي آڏاڻي ۾ اٽيل ڪتا ڪٽي، دشاميش گهاٽ جي ڪناري تي اچي وڪڻندو هو. هن جي زال جو نالو لوئي هو جنهن کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ چڱو لوئيو آهي ۽ ڪيس’ڪلتا‘ ۽ ڪلڇٽي ڪري ڪوٺيو آهي.

روايت آهي ته هو بنارس جي هڪ سيٺ سان ڪيل وعدو پاڙڻ لاءِ. لوئيءَ کي ڪلهي تي کڻي. سيٺ سان هڪ رات گذارڻ لاءِ وٽس ڇڏي ويو هو. ڪبير کي ڪن مهمان سادو سنتن جي سيوا ڪرڻ لاءِ ڪجهه رقم جي ضرورت اچي پيئي. جنهن لاءِ هو ان سيٺ کان قرض وٺڻ ويو. سيٺ هن مٿان اهو شرط وڌو هئو ته جيڪڏهن هو مقرر ڏينهن تي قرض موٽائي نه سگهيو ته پنهنجي پتني لوئيءَ کي هڪ رات لاءِ سيٺ وٽ ڇڏي ويندو. (دروغ بر گردن راوي)

دشاميش گهاٽ کان ٻاهر نڪرندي ئي سوڙهي وشوناٿ گلي آهي. جنهن جي ڇيڙي تي وشو ناٿ جو مشهور مندر آهي. مندر جو شاهي گنبذ سچو سونو آهي. جنهن جي تعمير لاءِ سچو سون مهاراجا رنجيت سنگهه دان طور ڏنو هو. شايد ان سون جي سموري رقم. هن سنڌ جي ٽالپرن کان ڏن طور وصول ڪئي هئي. صبح شام پوڄا وقت مندر ۾ پيهه ۾ ڳنڊي چوڙن. جيب تراشين ۽ برده فروشن جو پڻ وڏو تعداد موجود هوندو آهي.

جوش مليح آبادي پنهنجي سوانح. ’يادون ڪي برات‘ ۾ وشوناٿ مندر ۾. پنهنجي معاشقي جو هڪ دلچسپ قصو درج ڪيو آهي. دشاميش گهاٽ تي هو روز پرڀات جو هڪ سندر برهمڻ استريءَ کي گنگا ۾ سنان ڪندي ڏسندو هو. ڳچيءَ تائين گنگانديءَ ۾ بيهي، هوءَ ڪلاڪ ڪن جاپ ڪندي هئي ۽ پوءِ ساڙهي بدلائي وشوناٿ مندر ۾ اچي آرتي ڪندي هئي. شاعر انقلاب شبير حسين نرڙ تي وڏو تلڪ لڳائي، ڳچيءَ ۾ جڻيو وجهي، اگهاڙي بدن تي ميٽ ملي، ململ جي اچي ڌوتي ٻڌي، پڪو پنڊت بڻجي، ان سندر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناريءَ جي پير ۾ ويهي، وڏو شرڌالو ٿي، پوڄا پاٺ سان هن کي موهڻ ۽ متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. خبر ناهي تہ اها سندري سندس دام ۾ ڦاٿي الائي نہ. پر اها حقيقت آهي تہ هن جي گهر واري، هن جي اهڙين شوديائين تي ساڻس چڱيون جنيون ڪندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين بہ ٿيندو هو جو جڏهن دهليءَ ۾ پنهنجي ملازمت دوران هو شام جو عطر قليل لڳائي، اڇي اچڪن پائي، ڪنهن محبوبا سان ملڻ لاءِ گهران نڪرندو هو تہ هن جي جوءِ سندس اچڪن ۽ چڪني جي ڪشيده ڪاريءَ واري اڇي لکنوي ڪرتي تي، پان جي پڪن جون پچڪاريون هڻي چوندي هئس.

"هاٽي وڃ ان رن وٽ."

وشوناٿ مندر جي گهٽيءَ جي موڙ واري چوراهي کان 'ڊال ڪي منڊي' وارو علائقو شروع ٿي ٿيو جيڪو ان وقت بنارس جو وڏو چڪلو هو. منڊيءَ جي مک بازار جي ٻنهي پاسي، بہ سو کن گهٽيون هيون، جن ۾ تن ڏينهن اڊائي، ٽي هزار ڪسبياڻين جا ڪوٺا هئا. انهن مان ڪيترن جا سرپرست بنارس جا پنڊا ۽ مندرن جا پوڄاري پڻ ڇيا ويندا هئا. ان وقت ڪلڪتي جي سونا گاڇيءَ کان پوءِ، هيءَ هندوستان جو وڏي ۾ وڏو وئشاليہ هو. هاڻي روزگار بند هئڻ ڪري، اهي سدا سهاڳڻيون آسپاس جي ڳوٺن ۾ ٽڙي پکڙي ويون آهن ۽ ڪيتريون سنياسڻيون بڻجي، اوڙيسا ۽ آسام طرف نڪري ويون آهن.

بنارس ۾ تن ڏينهن مشهور مجري وارين کان سواءِ، وڏيون وڏيون گلوڪارائون، ڳائڻيون ۽ فنڪارائون هونديون هيون. ڪجري ۽ ٺمري ڳائڻ ۾ سڌيشوري ديوي ۽ گرجا ديويءَ جو ڪو ثاني نہ هو. اختري ٻائي فيض آبادي (بيگم اختر) جي گرو مشتري بيگم، رسولن ٻائي، بڙي موتيا ٻائي ۽ ٻيون ٺمري، دادري، غزل، ٽپو ۽ ڪجري ڳائڻ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هيون. منهنجيون ساڻن اڪثر ملاقاتون رهيون. بيگم اختر مون سان منهنجي آل انڊيا ريڊيو جي وابستگيءَ دوران سنڌي غزل ڳائڻ جو واعدو بہ ڪيو. هوءَ ٻئي ڏينهن احمد آباد پروگرام ڏيڻ لاءِ وڃي هئي ۽ اتان موٽي اچڻ تي هن سنڌي غزل رڪارڊ ڪرائڻ جو يقين ڏياريو هو پر هوءَ احمد آباد مان نہ موٽي. پروگرام دوران ئي هن کي اتي دل جو شديد دورو پيو ۽ ڪجهہ گهڙين ۾ ئي هن جو انتقال ٿي ويو. اها سال ٻاهتر ٽيهتر جي ڳالهہ آهي.

بنارس جون هي سڀ فنڪارائون بيحد شان، مان ۽ عزت آبرو سان رهنديون هيون ۽ رڳو ڪن رئيسن ۽ نوابن جي چونڊ محفلن ۾ ڳائينديون هيون. شهنائي نواز استاد بسم الله خان، ڪن ڏڻ وارن تي، وشواناٿ مندر ۾ پنهنجي شهنائيءَ سان ٻڌندڙن کي حواس باختہ ڪري ڇڏيندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن سج لٿي مهل گنگا جي ڪناري تي ويهي، سرسوتي ديويءَ جي اپسنا ڪندو هو ۽ اپسنا وقت هن جي شهنائيءَ جا سر سٽن آسمانن جي سرڳ مان ايندڙ سر پاسندا هئا. تن ڏينهن هو تندرست جوان هو پر اڄ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٺاسي سالن جي عمر ۾ به هن جي شهنائيءَ جا سر ٻڌندڙن جي سڄي جسم جون نسون ڦڙڪائي ڇڏيندا آهن.

بنارس ۾ اسان جو پهريون ناٽڪ ٽن ڏينهن کان پوءِ هو. واندڪائيءَ واري وقت ۾ مان ۽ سروري روز شام جو گهاٽ تي اچي ويهندا هئاسين. ٻه چار ڀيرا ٻيڙين ۾ چڙهي گنگا پار به ٿي آيا هئاسين. گهاٽن تي سوين ٻيڙيون ۽ بتيلا ٻنل هوندا هئا ۽ ملاح چئن آنن ۾ گنگا پار گهمائي ايندا هئا. گنگا جي لهرن تي آڙين جيان ترندڙ بتيلن ۾ سروريءَ سان گهاريل اهي شامون، مون ڪنهن بي بها سرمايي جيان اڄان تائين ساهه سان سانڍي رکيون آهن. اڄ به مان سوچيندو آهيان ته جي مان پنهنجي پياري دوست حميد سنڌيءَ جي شاهڪار ڪهاڻيءَ جي ڪردار جيان، آرهڙ ۾ مئس ته سڪي ويل سنڌوءَ بدران منهنجيون هاٿيون ۽ رک ڪاشيءَ ۾، وچ گنگا تي هلندڙ اهڙيءَ ڪنهن ٻيڙيءَ مان اڇلايون وڃن. جتي مون اڌ صدي اڳ سروريءَ سان سون ورڻيون شامون گذاريون هيون. ان شام مون گهاٽ پرسان لڳايل ڪورين جي بزار مان، پنهنجي ڪمائيءَ مان اٺن روپين ۾ سروريءَ کي سرخ رنگ جي کهنبي ساڙهي خريدي، تحفو ڪري ڏني هئي.

هڪ ڏينهن منجهند ڌاري خان صاحب رفاقت حسين ۽ انوري بيگم مون کي ڊالڪي منڊيءَ جي ڇيڙي تي، سوڙهين اونداهين گهٽين مان گهمائيندا، هڪ پراڻ مڪان تي وٺي آيا. مڪان جي حالت بيحد بوسيده هئي. اسين تنگ و تاريڪ پڳل ڏاڪڻ تان پاڻ سنڀاليندا، لوهه جي سيخن وارو ڇڄو پار ڪندا هڪ ننڍيءَ ٻئنڪ ۽ اونداهي ڪمري واري ڪوٺيءَ تي آياسين. ناٽڪ جيان لڳندڙ هڪ عمر چڙهيل عورت اسان جو بيحد آدر ڀاءُ ڪيو ۽ اسان کي فرش تي وڇايل گدن تي ويهاري ڪنهن کي اندران ڪوٺڻ ويئي. پنجن ستن منٽن ۾ اچي ساڙهي پاتل هڪ ڪرڙوڙ عورت ٻيڪ ۾ آئي. هن خان صاحب جي پيرن تي هٿ رکيا ۽ انوري بيگم سان ڀاڪر پائي ملي. خان صاحب هن سان منهنجو تعارف ڪرائيندي ڪيس ٻڌايو "هي منڊليءَ ۾ نئون پرتي ڪيل ڪلاڪار آهي ۽ تربيت يافته رقاص آهي."

اها عورت ڪنهن وقت جي بيمثال ڳائڻي جانڪي ٻائي بنارس والي هئي، جيڪا سڄي هندوستان ۾ 'ڇپن ڇري' جي نالي سان مشهور هئي. جانڪي ٻائيءَ جا ارڪاڻ تکا ۽ مهانڊو مرڪندڙ هو پر هن جي چهري تي عجيب قسم جا آڏا ابتا ڇُڪهه ۽ نشان هئا. مون کي اڳتي هلي خان صاحب ٻڌايو ته هوءَ بنارس جي مهاراجا مهيندر پرتاب سنگهه جي دربار جي خاص ڳائڻي هئي ۽ جيسين مهاراجا حيات هو تيسين جانڪي ٻائيءَ کان سواءِ هن جي نجي محفلن جي پيو ڪٿي به نه ڳاتو. هن جي آواز ۾ ايتري ته نک ۽ گهرائي هوندي هئي، جو هوءَ گنگا نديءَ جي هڪ ڪناري تي ويهي آلاپ ڏيندي هئي ته اهو آلاپ گنگا جي ٻئي پار چٽو ٻڌي سگهبو هو. بنارس ۾ گنگا جو پيٽ منوميل آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاراجا جي موت کان پوءِ هن پنهنجو بالاخانو اچي وسايو. جتي هوءَ امير گهراڻي جي ڪن خاص شخصن لاءِ ئي ڳائيندي هئي. گراموفون رڪارڊنگ ڪمپنيون هن جي بالاخاني تي اچي هن جا رڪارڊ ڀرينديون هيون. بنارس جي مهاراجا، جانڪي ٻائيءَ کي خوب ورسايو. انوري بيگم ٻڌايو "هڪ ڀيري جانڪي ٻائيءَ مهاراجا جي دربار ۾ رات دير تائين ايترو تہ سريلو ڳايو جو هوءَ پاڻ ئي پنهنجي آواز تي موهت ٿي پيئي هئي. هن جڏهن ڳائي بس ڪيو تہ مهاراجا اڳيان ادب سان ان آسري تي اٿي بيٺي رهي تہ مهاراجا مهيندر پرتاپ سنگهہ اڄ کيس ڪنهن خاص انعام اعزاز سان نوازيندو پر مهاراجا دير تائين رڳو ڪنڌ ڌوڻيندو رهيو. هن نہ پنهنجي ڳچيءَ مان ڪو هيرن جو هار يا موتين جي مالا لاهي هن ڏانهن اڇلائي ۽ نہ ئي ڪجهہ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ڳپل وقت تائين بيٺي بيٺي، جانڪي ٻائيءَ جڏهن مهاراجا کان وڃڻ جي اجازت گهري تہ مهاراجا هن کي ترسڻ لاءِ چيو ۽ پنهنجي ڪارندن کي حڪم ڏنائين تہ جن گدن تي جانڪي ٻائي ويهي ڳائي رهي هئي، اهي سڀ گدا اٿلايا وڃن. گدن هيٺيان ٿهليل سڄي ايراضيءَ ۾ سونا سڪا، سنوت ۾ ترتيب سان وڇايل هئا.

مهاراجا جانڪي ٻائيءَ کي چيو "هي سونا سڪا سدائين هنن گدن هيٺيان وڇايل هوندا آهن. پر اڄ تون انهن جي صحيح حقدار ٿي آهين." صبح جو مهاراجا جا ڪارندا سونين مهرن جون ڀريل ٻہ ڳوٿيون جانڪي ٻائيءَ جي بالا خاني تي پهچائي آيا.

سونن سڪن وارا اهي ڪوهہ الائي ڪيئن ڪٿي ويا؟

جانڪي ٻائيءَ وٽ جونپور جو هڪ نوابزادو هر شام باقاعدي ايندو هو ۽ هن مٿان ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ زور بار آڻيندو رهندو هو پر هوءَ هن کي ٽاريندي رهندي هئي. نوابزاده پنهنجي جونپور جي جائداد وڪڻي، مستقل طور بنارس اچي رهيو هو. هن ڪڏهن بہ جانڪي ٻائيءَ جي در جو پيرو نہ ڇڏيو. ايتري قدر جو هن جي عشق ۾ هوش حواس وڃائي ويٺو.

جانڪي ٻائيءَ پوريان سچو اگر تگر ناس ڪري، ديوانگيءَ واري حالت ۾، اهو نوابزادو پنهنجيءَ شيروانيءَ ۾ تيز ڇري لڪائي، هن جي بالا خاني تي پهتو ۽ هن کي گهري ننڊ مان جاڳائي سندس سڄي جسم ۽ چهري تي ڪنهن جنوني جيان وار مٿان وار ڪندو رهيو ۽ ائين هن جانڪي ٻائي بنارس واليءَ جي سڄي جسم ۽ چهري تي تڪيءَ ڇريءَ جا ڇاونجاهہ وار ڪيا. خان صاحب ٻڌايو تہ اها واردات ڪري، نوابزادي گنگا نديءَ ۾ اچي ٽپو ڏنو ۽ پنهنجو انت آندو. جانڪي ٻائيءَ جا ڇهن اٺن مهينن ۾ سڀ زخم تہ ڀرجي ويا، پر هن جو آواز صفا ختم ٿي ويو. ان ڏينهن کان پوءِ هو 'ڇپن ڇري' جي نالي سان نہ رڳو بنارس، پر سڄي هندستان ۾ مشهور ٿي ويئي.

'ڇپن ڇري' اسان سان هيٺي ۽ هلڪي آواز ۾ ڳالهائي رهي هئي. هن مون کي ٻڌايو تہ سال اڳ هڪ ڀيري هوءَ سنڌ ۾، شڪارپور جي هڪ سيٺ جي سڏايل هوليءَ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهانڊي ۾ پڻ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري آئي هئي ۽ سيٺ صاحب هن جو پهريون آلاپ ٻڌي ئي پنهنجي گديءَ تان لهي، هن کي سوني گني انعام ڏني هئي.

هوليءَ جو مهانڊو سڏائڻ وارا شڪارپور جا هندو سيٺيون راڳ جا وڏا ڄاڻو هئا. هڪ مهانڊي ۾ راڳ جي هلندڙ پريءَ محفل ۾ سيٺ وشنداس جيوٽي ٻائيءَ جهڙيءَ ڳائڻيءَ کي پنهنجي مسند تان مٿان هڪل ڪئي هئي:

”رن، سر کان ٻاهر ٿي نڪرين.!!“

۽ جيوٽي راڳ اڌ ۾ ڇڏي مهانڊي مان نڪري ويئي هئي.

جانڪي ٻائي عرف ڇپن ڇريءَ مون کي ٻڳت ڪنور رام جي ڳايل لوليءَ جو Twin ڪمپني طرفان پريل رڪارڊ ڏيکاريو جيڪو هن ايترا ڀيرا ٻڌو هو جو سڄو رڪارڊ ئي گسي چڪو هو.

ٻه ڪلاڪ کن جانڪي ٻائي بنارس واليءَ سان ڪچهري ڪري اسين مسافر خاني موٽي آياسين. انوري بيگم جي جانڪي ٻائيءَ سان ساهيڙپ هئي ۽ هن جو چوڻ هو ته زخمي حالت دوران هن جانڪي ٻائي جي تمام گهڻي تيمارداري ڪئي هئي. بيگم مون کي جانڪي ٻائي جي زندگيءَ جا بيحد دلچسپ واقعا ٻڌايا. اردوءَ جي مشهور قنوطي شاعر شوڪت علي خان فاني بدايوني جي هن وٽ خاص اچ وڃ هئي. هن جانڪي ٻائيءَ کي اهو تاثر ڏنو هو ته هو مغل شهزادن جي وارثن مان آهي ۽ هن جو حسب نسب دليءَ جي آخري تاجدار بهادر شاهه ظفر جي سلسلي سان جڙيل آهي. چون ٿا ته فاني بدايوني حيدرآباد دکن مان، نظام جي ملازمت دوران، اتان خاص ڪهي جانڪي ٻائيءَ سان ملڻ لاءِ بنارس ايندو هو.

۽ ٻئي ڏينهن صبح جو الائي ڪهڙي جذبي هيٺ مان اڪيلو ئي اڪيلو بنارس جي ’ڏال ڪي منڊي‘ جون سوڙهيون گهٽيون پار ڪندو ’ڇپن ڇري‘ جي بالاخاني تي پهچي ويس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




# ڀاڱو ٻيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوويهون پنو

چيخوف چيو آهي، "ڪنهن ناٽڪ جي پهرئين منظر ۾ توهان کي پٽ تي ٽنگيل پستول نظر اچي ته سمجهو ته ايندڙ منظر ۾ اهو اوس استعمال ٿيندو."

ان شام پٽ تي ٽنگيل اهو پستول مون ڏسي ته ورتو هو پر ان وقت ان کي رڳو سيٽ جي سينگار جو سامان ئي سمجهيو هئم.

جانڪي ٻائي بنارس والي عرف 'ڇپن ڇري' جي بالاخاني جي ڏاڪڻين وٽ بيٺي بيٺي، پاڻ ۾ ڏاڪڻ چڙهڻ جو ست نٿي ساري سگهيس. وائٽرن وانگر هيڏانهن هوڏانهن لوٽا هڻي رهيو هوس، جو گهٽيءَ واري چانهه جي ٻاڪڙي جو منڊو ڇڪي ۾ چانهه جا ٽي چار گلاس کڻي مٿي وڃڻ لڳو. ٻه چار ڏاڪا چڙهي، هو هيٺ لهي آيو. پڇيائين: "ڪنهن وٽ وڃڻو اٿئي؟"

چيومانس، "ڇپن ڇريءَ وٽ."

"ته پوءِ هل، هتي بيٺو ڇو آهين؟"

مان همت ٻڌي هن سان گڏ مٿي چڙهيس. بالاخاني جي بالڪنيءَ تي اچي چپ چاپ بيهي رهيس. چانهه واري ڇوڪري ڪمري ۾ وڃي جانڪي ٻائيءَ کي ٻڌايو ته ڪو ڇوڪرو تو سان گڏجڻ آيو آهي ۽ بالڪنيءَ وٽ بيٺو آهي. جانڪي ٻائي ٻاهر بالڪنيءَ ۾ آئي ۽ مون کي هٿ کان جهلي ديوان خاني جي گديءَ تي اچي ويهاريائين. چانهه جو گلاس مون ڏانهن وڌايائين ۽ پاڻ بيٺي رهي. "صبح صبح ڪيئن اچڻ ٿيو اٿئي؟ اسان وٽ ته ماڻهو سج لٿي کان پوءِ ئي ايندا آهن."

ان شفاف صبح جو 'ڇپن ڇريءَ' جي چهري جا گهاوَ وڌيڪ گهرا لڳي رهيا هئا. اهي گهاوَ هن کي ڪنهن لڳايا؟

مان اڳ ۾ ڪٿي ٻڌائي آيو آهيان ته جانڪي ٻائي بنارس والي، 'ڇپن ڇريءَ' جي نالي سان ڪيئن مشهور ٿي؟

جانڪي ٻائيءَ وٽ جونپور جو هڪ نوابزادو هر شام باقاعدي ايندو رهندو هو ۽ ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ مٿس ڏاڍو زور بار آڻيندو رهيو. پر هوءَ هميشه هن کي ٽاري ڇڏيندي هئي. نوابزادو پنهنجي جونپور جي جائداد وڪڻي مستقل طور بنارس اچي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو. هن ڪڏهن بہ جانڪي باءِ جي در جو پيرو نہ پڳو. ايتري قدر جو هن جي عشق ۾ هوش حواس وڃائي ويٺو.

جانڪي بائيءَ جي پويان سڄو الهہ تلهہ ناس ڪري، ديوانگيءَ واري حالت ۾ هڪ رات نوابزادو پنهنجيءَ شيروانيءَ ۾ تيز ڇري لڪائي، هن جي بالاخاني تي پهتو ۽ ڪيس گهريءَ ننڊ مان جاڳائي، هن جي سڄي جسم ۽ چهري تي ڪنهن جنونيءَ جيان وار مٿان وار ڪندو رهيو. ائين هن جانڪي بائيءَ جي جسم ۽ چهري تي تکي ڇريءَ سان 'ڇاونجاهہ' زخم لڳايا. خانصاحب ٻڌايو هو تہ، "اها واردات ڪري، نوابزادي اڌ رات جو گنگا نديءَ ۾ ٽپو ڏيئي مئو. جانڪي بائيءَ جا ڇهن اٺن مهينن ۾ زخم تہ ڇٽي ويا. پر هن جو آواز صفا ختم ٿي ويو. ان ڏينهن کان پوءِ هوءَ سڄي هندستان ۾ 'ڇپن ڇريءَ' نالي سان مشهور ٿي ويئي.

بنارس جي انگريز پوليس ڪمانيءَ کي ان حادثي بعد ملازمت مان معطل ڪيو ويو. ڇٽن سالن بعد جڏهن مان هيو پيرو بنارس ويس تہ ڄاڻ پيئي تہ 'ڇپن ڇريءَ' جو بيحد مفلسيءَ واريءَ حالت ۾ انتقال ٿيو ۽ هن جو بالاخانو هڪ قحبہ خاني ۾ بدلجي چڪو هو.

چانهہ جو گلاس هٿ ۾ جهلي، مان ڇپن ڇريءَ ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندو رهيس. تيز ٻڌيءَ واري جانڪي بائي، منهنجي ورن ورن ٿيندڙ چهري جا ڀاوَ پڙهندي ۽ پرکيندي رهي. هوءَ سمجهي رهي هئي تہ مان هن جي منهن ۽ جسم جي گهاون جا نشان ڏسي، دل ۾ مٿس رحم کائي رهيو آهيان. مون هٿ ٻڌي هن کان ان حملہ آور نوابزادي بابت ڄاڻ چاهيو.

هيٺيءَ ۽ هلڪي آواز ۾ هن بنا ڪنهن هٻڪ جي سڄيءَ ٽيل ان وارتا جا وچور ٻڌايا. جانڪي بائيءَ کي نوابزادي لاءِ ڪا بہ رنجش نہ هئي، بلڪ مون کي لڳو تہ خودڪشي ڪندڙ حملہ آور لاءِ، هن جي من ۾ ڪنهن حقارت بدران همدردي هئي. ٻئي ڪمري ۾ وچي هوءَ پنهنجي پيتيءَ مان ان جوان جي تصوير ڪڍي آئي، جنهن ۾ هو بيحد معصوم لڳي رهيو هو. ڳالهائيندي ڳالهائيندي جانڪي بائيءَ ماضيءَ جي ڏنڌ ۾ وڪوڙجي ويئي. پشتن کان جاري ساري پنهنجي پيشوارانہ زندگيءَ جا ڪيترائي شيرين ۽ تلخ تجربا هن جي ذهن ۾ تري آيا. مهاراجا مهيندر پرتاب مان هن کي هڪ پٽ هو جيڪو هن جي نظر ۾ ناجائز نہ هو. ناجائز جيڪڏهن ڪو هو تہ اها هوءَ پاڻ هئي، يا مهاراجا. اهو ڇوڪرو بنارس هندو يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري، اڳتي هلي ڪنهن اهم عهدي تي پهتو. مصلحتن ان جو نالو نٿو ڪڍان.

جانڪي بائي مون بابت ڄاڻ لاءِ ڏاڍي آتي هئي. مون هن اڳيان پنهنجو سڄو پس منظر پيش ڪيو. هوءَ ايتري تہ ڌيان سان منهنجيون ڳالهيون ٻڌندي رهي، جو هن کي پيو ڪو ڌيان ئي نہ رهيو. اسان جي لڏپلاڻ واريءَ وارتا جو احوال ۽ اڳتي هلي منهنجو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنارس ۾ هن جي بالاخاني تائين پهچڻ جو سڄو داستان، مان هڪ ماهر قصہ گو جيان هن کي ٻڌائيندو رهيس، ۽ هن جي زخمن واري ڇهري جا تاثرات ۽ هيٺ مٿي ٿيندڙ دک جون ريکائون ڏسندو رهيس.

”ٻچا، ايتريءَ ننڍيءَ چمار ۾ تو ايترو ڪجهہ ڏٺو آهي، جو وقت تو کي ضرورت کان وڌيڪ ذهين بڻائي، تو کان تنهنجي معصوميت کسي ورتي آهي. منهنجي هر ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ. تون هڪ سٺي پڙهيل ڳڙهيل ۽ شريف خاندان جو ڇوڪرو ٿو لڳين. ڪٿي اچي هنن پاندن ۽ پڙون وچ ۾ ڦاٿو آهين. هنن سان ڪجهہ وقت وڌيڪ رهئين تہ تنهنجا پيئي جهان خراب ٿي ويندا. بائسڪوپن (سئنيما) جي اچڻ ڪري، ايندڙ ڪن سالن ۾ هي ناٽڪ منڊليون ۽ تماشا وغيره بند ٿي ويندا ۽ هي ماڻهو نہ گهر جا رهندا، نہ گهاٽ جا. ڪيترو وقت اهڙن رولو ماڻهن سان هتي هُتي رلندو رهندين؟ جنهن ڇوڪريءَ جي عشق ۾ ديوانو ٿي پيو آهين، اها پاڻ سان گڏ تو کي بہ خراب خوار ۽ ذليل ڪندي ۽ هڪ ڏينهن هن جو دلال بڻجي، سندس گراهڪن سان حساب ڪتاب رکڻ جو ڌنڌو ئي تو لاءِ وڃي بچندو. تو کي ڏسي مون کي پنهنجو پٽ ياد اچي رهيو آهي. سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ هو لوڪ لڄا کان پنهنجي ماءُ وٽ نٿو اچي. هن وقت تائين شايد هن کي منهنجي نالي کان بہ نفرت ٿي ويئي هجي. ڄاڻان ٿي تہ هو منهنجو اگني سنسڪار ڪرڻ بہ نہ ايندو. هتي ئي، جتي مان وينِي آهيان، منهنجو لاوارث لاش پيو هوندو ۽ هن ڏال ڪي منڊيءَ جون منهنجيون ڪي هم پيشہ عورتون، مون کي آخري غسل ڏيئي، منهنجي ارٿي هتان جي دلالن جي حوالي ڪنديون، جيڪي آخري سنسڪار لاءِ هريشچندر گهاٽ جي شمشان ۾ ساڙي ايندا. ٻئي ڏينهن نہ اتي وڃي ڪو هائيون ميڙڻ وارو هوندو ۽ نہ ئي ڪو گنگا گهاٽ تي اچي پويون ڪريا ڪرم ڪرڻ وارو. وڃ، تون پنهنجن ماڻتن وٽ موٽي وڃ، ۽ وري هتي مون وٽ بہ ڪڏهن نہ اچجانءِ.“

جانڪي ٻائيءَ ٻيهر ورجايو، ”هاڻي وڃ، پنهنجي ئي گهر موٽي وڃ. تنهنجا پيءُ ماءُ تنهنجي راهہ ڏسندا هوندا.“

منهنجيءَ دل مان سيسرات نڪري ويو.

۽ اڄ اهو سڀ ڪجهہ لکڻ وقت منهنجي سڄي شرير مان سيسرات نڪري رهيا آهن. سيءَ هٽي سڪائي ڇڏيو آهي. ٿي سويٽر ۽ پولڙي واري ٽوپي پائي، ٻن سوڙين اندر سوڙهو ٿي، سروريءَ کي سنياري رهيو آهيان. ۽ ڇاهي وانگر وڪوڙجي سڪوڙجي، آڏين ابتين، ڏنگين ڦڏين سٽن ۾ ساروٽين جي هيءَ قسط لکي رهيو آهيان. ٽڏ ۾ هٿ ڏڪي رهيا آهن ۽ اصلي ڏندن سان گڏ اٺ مصنوعي ڏند پڻ ڪڙڪي رهيا آهن. رات جو بالڪنيءَ ۾ پکين لاءِ پاڻيءَ جي پاٽ پري ٿو رکان تہ صبح تائين ان ۾ پارو ڄمي ٿو وڃي. ڪبوتر ۽ جهرڪيون رڳو ڏاٽو کائي، اُڃايل ئي موٽي ٿا وڃن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ عيدالاضحيٰ آهي. منهنجي گهر جي رستي جي ٻئي طرف، دهليءَ جي مسلمانن جي وڏي ۾ وڏي آباديءَ واري بستي، ’حوض راڻي‘ آهي. اسان جي ڪامپليڪس جو ڪانٽرئڪٽر شاهجهان علي، قربانيءَ جي ڪچي گوشت جو وڏو ڏونگو ڀري ڪٽي آيو آهي. مان هن کي ٻاهر اڀرائي آيو آهيان. حوض راڻيءَ جون ناليون رت سان ڀريون پيون آهن. اوجهرين ۽ ڇيڇڙن تي ڪتا ۽ سرٽيون لامارا ڏيئي رهيا آهن. سڄو منظر منهنجي دل ڪچي ڪري رهيو آهي ۽ شاهجهان علي مون کي چئي رهيو آهي، ”خدانخواسته، جي ان ڏينهن اتفاقن حضرت ابراهيم عليه السلام جي ڇري حضرت اسماعيل عليه السلام مٿان هلي، ڪيس قربان ڪري ڇڏي ها ته اڄ هر سچو مسلمان پنهنجي پٽ جي قرباني ڏيڻ کان نه ڪيٻائي ها.“ مان حيرت وچان هن جو منهن تڪي رهيو آهيان.

پڇيومانس، ”شاهجهان، تون به ڏين ها؟“

چيائين، ”ضرور ڏيان ها.“

چيومانس، ”ان جي نوبت ئي نه اچي ها. شاهجهان الله کي قرباني ته پياري آهي، پر الائي ڪنهن جي؟“ رسي ٻڌل، قربانيءَ جي ٻڪري جيان، جانڪي ٻائيءَ جي بالاخاني کان ذهني طور ذبح ۽ ذليل ٿي ڊال ڪي منديءَ کان هلندو هلندو گنگا ڪناري پهتو آهيان. دير تائين دشاميش گهاٽ جي ڏاڪڻ تي ويٺو رهيس. جيتوڻيڪ من جي حالت مرده گهاٽ تي اچي ويهڻ واري هئي. گنگا جي وشالتا ۽ وهڪرو من تي ٿڌا ڇنڊا وجهي رهيا آهن. ويٺي ويٺي پيهري تي ويئي ۽ مان دل ۾ پڪو فيصلو ڪري چڪو هوس ته هاڻي هتي هڪ ڏينهن به وڌيڪ نه ترسندس. اڄ رات ئي ناٽڪ منڊليءَ کي الوداع ڪري، وري ان طرف ليئو نه پائيندس. جانڪي ٻائيءَ جي چيل هر ست ذهن ۾ ولوڙ وجهي رهي هئي.

گهاٽ جي ڏاڪي تي ويٺي اوچتو ئي پنيءَ تي زور سان ٽڪر لڳو ۽ مان منهن ڀر اونڌو ٿي وڃي ڪريس. گهاٽ جي ڪنهن پنڊي سهارو ڏيئي اچي اٿاريو. منهنجو سڄو هوش حواس گم ٿي ويو. پنيان هڪ گابي اچي زور سان پنيءَ تي ٽونو هنيو هو. منهنجون هٿن جون ترين ۽ ٺونٺيون رهڙجي ويون. تلڪ ڌاري پنڊي چيو ”هيءَ ڪامڌينو ڳانءِ جو گابو آهي. جڏهن به ڪو ماڻهو ابتو سبتو يا غلط سوچيندو آهي ته هو ڪيس ائين ٽونا هڻي، احساس ڏياريندو آهي ته پنهنجي سوچ کي صحيح راهه تي آڻ. تون ته اڃا ننڍو ڇوڪرو آهين. تنهنجي سوچ ته اڃا ٻاراڻي ئي هوندي!!“

مان ان تلڪ ڌاري پنڊي کي ڇا ٻڌايان ته هن دشاميش گهاٽ تي ويهي، مان ڪهڙي ۽ ڪائين گهاٽ جو پاڻي پي رهيو آهيان.

منهنجي پيٽ ۾ ٻاروتڻ کان ئي سنڌوءَ جي گهاٽن جو پاڻي پيل آهي. سنڌوءَ جا اهي گهاٽ، جن تي سچ پچ شينهن ۽ ٻڪري گڏ پاڻي پيئندا هئا. هاڻي ته ڄامشوري جي پل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينان پاڻي وهڻ ئي بند ٿي چڪو آهي. شينهن خواه ٻڪرين ٻيا ٻيا گهر گهاٽ وڃي وسايا آهن. ۽ ٻيئي پنهنجن ٻيلاين جا ٻول ٻڌڻ لاءِ سڪي رهيا آهن.

سال ڪان پوءِ وري پنجويهين جنوري 2006ع تي سنڌ وڃي رهيو آهيان. ڪالهه پاڪ سفارتخاني ۾ ويزا وٺڻ ويو هوس. ويزا ڪائونسلر صاحب بيحد ٽڪل هوندي بہ قربائتي نموني پيش آيو. هڪ ٻن ڏينهن ڪان پوءِ پاڪستان جي مختلف شهرن ۾ ڀارت- پاڪ ڪرڪيٽ مئچ شروع ٿي رهي آهي ۽ سفارتخاني جي عملي کي اٺ هزار ويزائون جاري ڪرڻيون آهن. ڪامورا شاهيءَ جي تنگدليءَ ۽ بي رخيءَ باوجود, ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ ماحول موافق ۽ سازگار ٿي رهيو آهي. هندستان جي رانديگرن کي پاڪستان جي رانديگرن خواه عوام وٽان وڏو آجياڻو ۽ قرب ملي رهيو آهي. هوائي جهاز ٽرينون ۽ بسون سڄي مهيني تائين پرجي ويون آهن. مان ڪراچيءَ واري اڏام ۾ هڪ سيٽ هٿ ڪرڻ لاءِ هر هنڌ اثر رسوخ هلائي رهيو آهيان.

مون کي اٺ ڏهہ سال اڳ وارو واقعو ياد اچي رهيو آهي.

دهليءَ ۾ ڀارت- پاڪ ڪرڪيٽ مئچ ٿي رهي هئي. دلي گيٽ واري شاهي امبيڊڪر اسٽيڊيم کي نئين سر سينگارڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ٿي رهيو هو.

ماڻهو مئچ ڏسڻ لاءِ منتظر ۽ بي تاب هئا. اوچتو هتان جي هڪ بنياد پرست سياسي پارٽيءَ جي ڪنهن ڪين جهڙي ڪٽر ۽ خود ساختہ سربراهہ اخباري بيان ڏنو "اسين هيءَ مئچ ٿيڻ نہ ڏينداسين ۽ پاڪستاني رانديگرن جي ٽيم کي هتي اچڻ نہ ڏينداسين ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ هيءَ مئچ ٿيڻ نہ ڏينداسين. اسان جا پنجاهہ هزار والينٽيئر هريانا جي سرحد تي بيٺا آهن ۽ لک ورڪر يو.پيءَ جي بارڊر تي پهچي چڪا آهن. ايتري مظاهرن وارا ماڻهو پنجاب مان بہ پهچي ويندا. اسين اسٽيڊيم تي حملو ڪنداسين ۽ مئچ واريءَ پچ تي ڪڏون کوٽي ڇڏينداسين. چوڌاري ڪنڊا ۽ ڇهنبدار پٿر وڇائي ڇڏينداسين. وڏا فساد ڪنداسين. وغيره وغيره."

دهليءَ جي سرڪار شايد اهڙن اعلانن کان ڊني ۽ راجستان ۽ ڪڇ جي جوڳين جا ٽولا گهرائي, کين وڏيون رقمون ڏئي, اسٽيڊيم جي اوسي پاسي رهائي ڇڏيائون, جتي هو ڏينهن رات مرليون وڄائيندا رهيا.

مقرر ڏينهن تي پوليس ۽ ٻين حفاظتي دستن جي اعليٰ انتظام ۽ نگرانيءَ ۾ مئچ وقت سر شروع ٿي. اسٽيڊيم ٻاهران ٽڪيٽن لاءِ هشام ماڻهن جا گڏ ٿيل هئا. مئچ جي شائقين جي هڪ وڏي تعداد کي ٽڪيٽون نہ ملڻ ڪري نراس ٿي موٽي وڃي ٿي. ويءَ اڳيان ئي ويهي مئچ ڏسڻي پيئي.

مون کي ياد ناهي تہ اها مئچ ڪنهن کٽي هئي, پر ايترو ياد اٿم تہ اهو لهاڙي ليڊر گيدي گدڙ جيان رات وچ ۾ زير زمين هليو ويو. هن جا خيالي ورڪر ۽ والنٽيئر الائي ڪهڙي اوڙاهہ ۾ هليا ويا ۽ سپ نانگ بلائون شايد ماڻس جي ٻر گهل ۾ ئي گهڙي ويا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامڏينوءَ جي گابي جي ٽوٽي سان گوڏا ۽ ٺونٺون رهڙائي، مان منجهند ڏاري منڊڪائيندو منڊڪائيندو سراءِ تي پهتس. پنهنجي گهر ڪانپور موٽڻ جو پڪو ارادو ڪري ڇڏيم ۽ اهو سوچي رهيو هوس ته پنهنجي سامان سميت، جيڪو رڳو ٽين جي هڪ پيتي ۽ سٽيءَ جي ڳوٿري هئي، سراءِ مان ايترن ماڻهن سامهون ڪيئن ڪسڪي نڪران؟

پهچڻ تي سروري سراءِ جي در تي ئي ملي.

پڇيائين، "ڪٿي هئين. ائين منڊڪائي ڇو ٿو هلين؟"

چيومانس، "ائين گهاٽ تي ڏاڪن تان پير ڪسڪي ويو." هوءَ هٿ کان پڪڙي ڪمري ۾ وني آئي. جلدي جلدي هيڊ ۽ تيل گرم ڪري، منهنجين ٺونٺين ۽ گوڏن تي هٿي چيائين. "هاڻي چپ چاپ سمهي پئه." مون کي هٿن سان گدي تي ليٽائي، مٿان چادر وجهي، ڪمري مان ٻاهر هلي ويئي. بستري تي ليٽي ليٽي ڪسڪي وڃڻ جون ترڪيبون سوچي رهيو هوس جو دلشاد اچي چيو "خان صاحب ۽ بيگم توکي پنهنجي ڪمري ۾ سڏي رهيا آهن."

سروريءَ هنن کي منهنجي رهڻ بابت شايد ڪجهه به نه ٻڌايو هو. مان آهستي آهستي اٿي بيگم جي ڪمري ۾ آيس. خان صاحب، موسيقار فرحت حسين، بيگم ۽ زبير کان سواءِ اتي اڻ ڏٺل تکن نقشن ۽ دلڪش مهانڊن واري هڪ جوان سانوري رنگت واري عورت سندن سامهون ويٺي هئي. بيگم هن جي واقفيت ڏيندي ٻڌايو. "هيءَ فيروزه اسان جي ناٽڪ منڊليءَ جي اڳوٽي فنڪاره آهي، جيڪا ڪجهه عرصي لاءِ پنهنجي گهر ويل هئي. اڄ صبح واريءَ گاڏيءَ ۾ ئي آئي آهي."

فيروزه بيگم مرشد آباد جي بنگالڻ هئي ۽ پاڻ کي نواب سراج الدوله جي خاندان جي حسب نسب منجهان ڄاڻائيندي هئي.

مون آڏو جڏهن نواب سراج الدوله جي درد ناڪ قتل جو منظر ايندو آهي ته سڄي شرير مان سياٽا نڪري ويندا آهن. مرشد آباد ۾ نواب سراج الدوله ۽ ميڪسيڪو ۾ روسي انقلابي ٽراٽسڪيءَ جا پنهنجي ئي ملڪ جي ماڻهن هٿان لوهي مترڪن سان مٿا ڀڃيا ويا هئا ۽ بيحد ظالماڻي نموني ٻنهي کي عذاب ڏيئي، ساڳئي نموني ماريو ويو هو.

مون دلڪش ڇهري واري فيروزه ڏانهن ڏٺو ته مون کان گوڏن ۽ ٻانهن جو سور ئي وسري ويو. هن جون بادامن ڇهڙيون اکيون هيون ۽ ريشم جهڙا ڪارا ڊگها وار هئا. هن جو آواز به هن جي صورت جيان خوبصورت ۽ سريلو هو پر هن جا بنگالي لهجي واري اردوءَ جا اچار کل ڏياريندڙ هئا. ٻئي ڏينهن جي ناٽڪ ۾ هوءَ ئي هيروئن جو ڪردار ادا ڪرڻ واري هئي.

خان صاحب هن کي ريهرسل ڪرائيندي چئي رهيو هو "ٻه چار مهينا بنگال ۾ رهي اچڻ ڪري وري بنگالڻ ٿي موٽي آهين."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سروريءَ کي الوداع ڪندي تہ مان بہ اڌ تي پيو هوس پر بنارس جهڙي بي قدري شهر کي ڇڏيندي، مون کي ڪو بہ افسوس نہ هو. هيءَ اهو شهر هو جتي رهي هندستان جي مهان ليکڪ منشي پريمچند، جنهن ننڍي ڪنڊ جي ادب کي آبرو بخشي، انهيءَ جي چانونجاهہ سالن جي عمر ۾ آخري هڏڪيءَ بعد ڏنپتراءِ منشي پريمچند جي ارٿي ڪٺو، شمشان گهاٽ ڏانهن وڃڻ وارن ۾ رڳا ويهارو کن ماڻهو هئا.

ڪنهن واتهڙوءَ هڪ ڪانڌيءَ کان پڇيو "ڪير مري ويو آهي؟"

"ڪو ماستر هئو." ڪانڌيءَ جواب ڏنو.

آسڪروائيلڊ چيو آهي، "هر معاشقي کي وقت سان شرط پڄاڻي آهي." سالن کان وقت سان شرط پڄائيندي پڄائيندي مان گهڻو اڳتي نڪري آيو آهيان. ۽ پوئتي مڙي نہ نهاريو اٿم. پوئتان الائي ڇا ٿيو هوندو؟ اشرافت ۽ قابليت جو نادر نمونو خانصاحب رفاقت حسين، اغلام باز موسيقار فرحت حسين، مون مٿان مادرانہ محبت جا مينهن وسائيندڙ انوري بيگم، دلشاد، فيروزه، جهانوري، بلانوش زبير ۽ منهنجو پهريون پيار سروري، سڀ الائي ڪٿي هوندا؟

هوندا بہ الائي نہ؟ اڪيلين راتين جي اونداهين ۾ سروري اڃا بہ ڪڏهن ڪڏهن مون لاءِ سوجهري جي ٻاک ٻڻجي ايرندي آهي ۽ مان سوچيندو آهيان، شايد ان ٻاک جي ڪک ۾ ڪٿي منهنجو ڪو ڪرٽو نہ ڦٽيو هجي! پنجابي اديب ڪرتار سنگهہ ڏگال پنهنجي آتم ڪٿا ۾، مشهور ڪهاڻيڪار راجندر سنگهہ بيديءَ بابت هڪ واقعو درج ڪيو آهي.

"لاهور ريڊيو اسٽيشن تي نوڪريءَ دوران، بيدي گهران سائيڪل تي ايندو ويندو هو. هڪ ڏينهن هو آفيس وڃي رهيو هو تہ هن جي سامهون ويندڙ ٽانگي تي هڪ پوربي عورت ويني هئي. اڌڙوٽ عمر جي اها عورت بيديءَ کي بيحد وڻي ويئي. اشارن ئي اشارن ۾ ان عورت بيديءَ کي پنهنجي پويان اچڻ جي ميچ ڏني. ٽانگو ڪجهہ دير ۾ ڌوٻين جي هڪ بستيءَ ۾ اچي بيٺو. عورت بيديءَ کي پنهنجيءَ کوليءَ ۾ وٺي وئي. ٻاهر تڪي اس هئي. سڀ پنهنجين پنهنجين کولين ۾ آرامي هئا. مرد سڀئي ڌوٻي گهاٽ ويل هئا. جهونڙي ڌوٻياڻيءَ بيديءَ کي پاڻيءَ جو گلاس ڏيندي چيو:

"تون تہ اڄان آني مان ڦٽندڙ جوان جماڻ ڇوڪرو آهين. تو کي تہ ڪنهن جوانڙيءَ جي صحبت ماڻڻ گهرجي." بيدي هن جو منهن تڪڻ لڳو. اوچتو اها عورت اٿي ٻاهر ملي ويئي ۽ ٿوريءَ دير ۾ هڪ پريل جوانيءَ واري ڌوٻياڻيءَ کي کوليءَ ۾ ڇڏي، پاڻ کسڪي وئي.

ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن بيدي آفيس مان گهر موٽي رهيو هو تہ اوچتو هن جي ملاقات ان پوربياڻيءَ سان ٿي. هوءَ هن کي وري پنهنجي ڌوٻين واري بستيءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ڪوليءَ ۾ وني ويئي. اندر گھرندي ئي هوءَ بيديءَ کي ڪلنديءَ چوڻ لڳي، ”مبارڪون هجنئي، ڏهه ڏينهن اڳ تنهنجو پٽ پيدا ٿيو آهي. تو کي ڏيڪاريان ٿي.“

۽ هوءَ جلدي جلدي هن کي ڏيڪارڻ لاءِ اهو ٻار ڪٽي اچڻ لاءِ ٻاهر ويئي. جيئن ئي هوءَ سندس اکين کان اوجهل ٿي، راجيندر سنگهه بيدي اتان نڪاءُ ڏنو.

اهو واقعو ياد ڪري بيدي چوندو هو:

”هڪ عظيم افسانہ نگار جو هڪ پٽ ماڻهن جا ڪپڙا ڌوئيندو هوندو.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجويهون پنو

هن پيري سنڌ ۾ سچا سارا ٽي هفتا رهي آيو آهيان. انهن ٽن هفتن دوران منهنجي پوپان منهنجي گهر واري گوپيءَ جي صحت ڏاڍي سڌري چڪي آهي ۽ مان پڻ اتان نوينو ٿي آيو آهيان. جو هن پيري منهنجي من جي سالن کان سانڊيل سڪ پوري ٿي آهي. گذريل پيري رڳو سج لٿي کان پوءِ رات جي اونده ۾ ڪن گهڙين لاءِ پنهنجي ڳوٺ ڪنڊياري جي جهلڪ ڏسي سگهيو هوس ۽ ارجن حاسد جيان پنهنجي گهر تائين پهچي نه سگهيو هوس، پر هن پيري ڏينهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجو گهر ڳولي لڌم. مون سان گڏ سليم ميمڻ، اياز گل، ادل سومرو ۽ ڪنڊياري جي ڪن اديبن ۽ ادب نواز دوستن کان سواءِ اوڙي پاڙي جي ماڻهن جو انبوهه پڻ منهنجي گهر جي ٻاهران گڏ ٿي ويو هو. پرپان ئي پنهنجي گهر جو مک دروازو ڏسي، مون دلڌاريندڙ دانهن ڪئي ۽ سليم ميمڻ کي چيو "سليم، هيءُ ئي منهنجو گهر آهي. هيءُ ئي منهنجي گهر جي در جي چانئٺ آهي. مان جتان جو آهيان، اتي ئي پهچي ويو آهيان."

منهنجي گهر ٻاهران ماڻهن جو ميڙاڪو متل هو. پاڙي جي هڪ معزز شخص منهنجي گهر جي در تي دستڪ ڏني ۽ مان چپ چاپ اکيون ڦاڙي سڀ ڪجهه ڏسندو رهيس. وڏي درجو جهروڪو کولي هڪ نوجوان ٻاهر منهن ڪڍيو. گهر ٻاهران ايترن ماڻهن جو ميڙ ڏسي هو ٿورو دهلجي ويو. هن جي ڪلهي تي ڪئيميرا لٽڪيل هئي جه هو پيشي طور فوٽو گرافر هو. ٻاتاڙجندي پڇيائين، "آپ سب ڪون هئين. ڪس لئي آئي هئن؟" پاڙي جي معزز شخص ۽ سليم ميمڻ هن کي ٻڌايو ته مان ڪير آهيان، ڪٿان آيو آهيان ۽ هتي ڇو آيو آهيان؟ هو سڄي ڳالهه سمجهي ويو ۽ اسان کي ٻاهر ترسڻ لاءِ چئي اندر هليو ويو. شايد گهر جي مستورات کي پوئين در کان ٻاهر اماڻڻو هوس يا ڪين پردو ڪرائڻو هوس.

ٻن ٽن منٽن ۾ نوجوان ٻاهر اچي چيو "اندر اچو پر رڳو پنج ڄڻا ئي اچن. ٻيا سڀ ٻاهر ئي ترسن." سليم، اياز، ادل، جيسر ۽ هڪ ٻن ٻين دوستن سان گڏ مان ان جاءِ تي اچي بيٺس، جتي مون اٺهتر سال اڳ جنم ورتو هو ۽ اهو پلنگ جنهن تي مان ڄائو هوس، پڌر جي هڪ ڪنڊ ۾ اپو ٿيو پاسيرو پيل هو.

منهنجي وڏي گهر کي ويري وجهي ٻه اڌ ڪيل هو. هڪ اڌ ۾ مراد آباد جو مرٽينگ حالت وارو مهاجر وڏيل ڏاڙهي ۽ ميرن ڪپڙن ۾ ملبوس، اندرئين ڪمري ۾ ليٽيو پيو هو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اسان کي ڏسي ٻاهر پڌر ۾ آيو. هن اسان جو چڱو آجياڻو ڪيو پر هن جي چهري تي وقت ۽ وهيءَ وٽيون ۽ گهنج وجهي ڇڏيا هئا. هو نہ خوش ٿي لڳو نہ خوشحال. هن جي مرڪ بہ مصنوعي لڳي رهي هئي. هن ٻڌايو تہ هو ستن اٺن سالن جي عمر ۾ هندستان مان هجرت ڪري هتي آيو هو ۽ هن ئي هنڌ وسجي ويو. عمر جي حساب سان هو مون کان چار سال ننڍو ٿي هوندو پر ڏسڻ ۾ هو منهنجي ڏاڏي جيترو لڳي رهيو هو. مون کي سچ پچ مٿس رحم اچي رهيو هو. هن جيان اسين بہ هتان ڏتڙجي نڪتا هئاسين، پر اسين هڪ وڏي ملڪ ۾ پهچي خوشحال ٿي چڪا آهيون ۽ هي ماڻهو هڪ وڏي ملڪ مان ننڍي ملڪ ۾ اچي، اجا تائين بدحال ڇو آهن؟ شايد ان ڪري جو هنن زوريءَ سنڌين جي گهرن، جاين ۽ جائدادن تي اچي قبضو ڪيو يا شايد اهي مڏيون ڪوڙن ڪليمن هيٺ اچي هڙپ ڪيون آهن ۽ اسان هند ۾ اچي سِر سِر ڪري پنهنجا گهر اڏيا ۽ جايون جوڙيون آهن. قدرت جي قانون موجب پنهنجي ڪرڻي هر ڪنهن کي ڀرڻي ٿي پوندي آهي.

منهنجي وڏن پڻ سِر سِر ڪري هيءَ گهر اڏايو هو. مون وٽ سانڍيل بنديءَ ۾ درج ڪيل خرچ جي حساب موجب، ان زماني ۾ سڄيءَ جاءِ جي جڙڻ تي ڪل سورنهن هزار رپيا خرچ آيو هو. جڏهن سيمنٽ جي ڳوڻ جي قيمت سوا رپيو، سِرن جي سڄي لاري اڍائي رپئي، رازي ۽ اوستي جي ڏهاڙي هڪ رپيو ۽ مزدور جي ڏهاڙي ٻارنهن آنا هئي. ان وقت اسان پنهنجي ٻنين جي ڀلاري فصل جي ڪٽڪ ٻي رپئي مڻ ۽ جوئر يا ٻاجهري سوا رپئي مڻ جي اگهہ تي وڪڻندا هئاسين. ڏاڏو سائين ڳالهہ ڪندو هو "سال پنجن (1905ع) ۾، ملڪ ۾ اهڙو تہ اچي ڏڪر پيو جو چانور رپئي جا پنج سير ٿي ويا هئا ۽ ماڻهن ۾ هاهاڪار مچي ويو. ۽ مان سوچيندو آهيان تہ هڪ ڏينهن منهنجو پوٽو مون کي اچي چوندو "بابا، چانور ڏاڍا سستا ٿي ويا آهن. رپئي ۾ ڊزن داڻا ٿا ملن. ڏهہ ويهہ ڊزن وٺي رک."

ڪنڊياري جو منهنجو گهر تہ مون کان ڇڏائجي ويو هو پر مڪان اتي جو اتي بيٺو هو. نون قابضن جو وس هلي سگهي تہ شايد ان تي ڦيٿا لڳائي، اهو ڪٿي ڪاهي وڃن ها. وچ ۾ ويڙي وڌل ۽ هنداڻي جيان ٻن اڏن ۾ وڙهيل منهنجي گهر جي هڪ اڌ ۾ فرش تي ڊَزَجا ڍير لڳا پيا هئا ۽ اسان جي لڳايل ڪاشيءَ جي فرشي سرن کي اکوڙي، انهن بدران ڀڳل سروتا ۽ ڦوڙهہ ڦهڪايل هئا. گهر جو سڄو ماحول آلودگي ۽ غلاظت سان ڀريل هو. ايپون ٽيل پراڻين ڪتن ۽ ڪتولن مٿان ميريون رليون ۽ ڌوتل ڪپڙا سڪي رهيا هئا، جيڪي ڏوٻڻ کان پوءِ وڌيڪ ميرا لڳي رهيا هئا. گهر جي پٽين جا چاپوڙا لٽل هئا. رنڌڻي جا در دريون ڀڳل هئا ۽ اندر رڳو هڪ چلهہ ڪانسواءِ ٻيو اجايو سجايو سامان سٽيل هو. سڄو گهر ڪبير نگر جي ڪوڏو مل ڪباڙيءَ جو دوڪان لڳي رهيو هو. ورانڊي جي اندرينءَ پٽ سان اپا ٽيل هالن جي جنڊيءَ جي خوبصورت ڪاريگريءَ سان اڪريل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيشم جي ڪاٺ جي اسان جي ڇڏيل پراڻي پلنگ جا فريم ۾ پاوا رکيل هئا. جيڪي ڏرَ سان لٽيل هئڻ باوجود، ڪاريگريءَ جي ڪلا جو هڪ نادر نمونو نظر اچي رهيا هئا. مون مڪدم اهو پلنگ سڃاتو. جيڪو شايد منهنجي پيءُ ماءُ جي شب عروسيءَ لاءِ خاص جوڙايو ويو هوندو ۽ جتي منهنجي وجود جو پهريون سلو اپريو هوندو. اڄ اهو مون جيان بوسيده حالت ۾ بي پاڙو ٿيو منهنجي گهر جي پٽ جي سهاري ائين بيٺو هو جيئن مان ايتري هجوم سان گڏ هوندي به پنهنجي گهر جي چانئٺ تي، پنهي طاقن کي هٿ سان جهلي بيٺو هوس. پڪ ٿي پڪ انهن پلنگن جي اهڙي خوبصورت چنسالي ڏسي، ڪنهن ڪباڙيءَ به اهي خريد ڪرڻ کان ڪيٻايو هوندو. منهنجي من ۾ آيو ته جيڪر مان خوبصورت چنساليءَ وارا اهي فناٽتا فرمي ۾ پلنگ جا پاوا پاڻ سان يادگيريءَ طور تي (هند ۾) کڻي اچان، پر مون ۾ نه انهن جي ڪا قيمت ادا ڪرڻ جي قوت هئي ۽ نه ئي موجوده مالڪن کان گهرڻ جي جرئت تي. هاڻي سوچي رهيو آهيان ته جي دوست سليم ميمڻ اڳيان اها خواهش رکان ها ته هو ڪيئن به اها پوري ڪري ڏئي ها. سنڌ جي هن دوري وقت مون کي اهو وشواس ويهجي ويو هو ته دنيا جو اهڙو ڪو ڪم ناهي، جيڪو سليم ميمڻ جي پهچ کان ٻاهر هجي، يا اهڙي ڪا راهه ناهي، جنهن تائين هن جي رسائي نه ٿيندي هجي.

منهنجي اڏ ٿيل گهر جي وچ ۾ وڏل پٽ جي اڏ وچوتيءَ تي هڪ ننڍڙو دريچو ڪڍيل هو، جنهن جو هڪ طاق پڳل هو ۽ پيو ذري گهٽ ڪرڻ وارو هو. ڪرنڊڙ طاق کي پنهي هٿن سان جهلي، مان پنهنجي گهر جي ان حصي ۾ گهڙيس، جتي ڪمرن ۾ اسان جا سينگاريل پلنگ ۽ ٻاهر پڌر واري حصي ۾ آرام ڪرسيون رکيل هونديون هيون. اها جڳهه گهر جي مردن جي شام جو ڪچهري ڪرڻ ۽ مئه نوشي ڪرڻ وارو حصو هو. ٿهليا ديسي دارونءَ جي زمين دوز دنگن مان جڏهن بوتلون پري ميز تي اچي رکندا هئا ته سڄو ماحول معطر ٿي ويندو هو. گهر جو اهو اڏ حصو به پڙ پانگ ٿيو پيو هو. پٽيون پڳل هيون، فرش اکڙيل هئا ۽ چوڌاري مٽيءَ جا ڍير لڳا پيا هئا. سڄي گهر ۾ گپ چڪ گارو هو ۽ پاسن کان ڪسيون وهي رهيون هيون. مهاجر مالڪ جو چوڻ هو ته گذريل برسات ۾ سڄو گهر ڍهي پيو هو ۽ جنهن شخص کي گهر جو اڏ حصو وڪيو هئائين، ان مڪان جي ڪا به مرمت نه ڪرائي آهي. شايد اهو به ڪنهن ٻئي گراهڪ جي ڳولها ۾ آهي. مان سليم، اياز گل ۽ ادل ڏانهن ڏسي رهيو هوس.

پنهنجي گهر جي عاليشان عمارت جو اهڙو 'آباد کنڊر' ڏسي، منهنجيءَ دل جون ديوارون ڏڏڻ لڳيون هيون. پنهنجي جنم استان کي ائين 'بيت الخلا' ۾ بدلجي ويل ڏسي مون کي لڳي رهيو هو ته هنن ٻاهرين منهنجي گهر کي ته جارج آرويل جي 'جانورن جي واڙي' کان به ويل ڪري ڇڏيو آهي، جتي جيتوڻيڪ سڀ جانور ئي واڙيل هئا، پر انهن ۾ ڪي، ڪن کان برتر هئا. هتي ته سڀ ڪجهه بد کان بدتر ٿي لڳي رهيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجيءَ اخباري ملازمت دوران هڪ ڀيري مان جارج آرويل جي جنم آستان موتيهاريءَ ويو هوس. مرتيهاري هندستان جي بهار صوبي ۾ سنڌ جي ساهتي پرڳڻي جي ڪنڊياري جيترو قصبو آهي. موتيهاريءَ جي بناوت، بزار ۽ گهٽيون به ڪنڊياري جيان آهن. ان ئي ننڍا ڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ صدي اڳ Eric Blair (ايرڪ بليئر) نالي هڪ آئرش نسل جو انگريز ٻار ڄائو هو جيڪو اڳتي هلي جارج آرويل نالي برک اديب طور ڄاتو ويو. Animal Farm (جانورن جو واڙو) ۽ 1948ع جهڙين شاهڪار تخليقن جي مصنف جو هندستان جي اهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ پئدا ٿيڻ، ڪنهن معجزي کان گهٽ نه هو. خود موتيهاريءَ جي رهاڪن مان ڪيترن کي آرويل جي نالي جي ڄاڻ نه هئي. جنهن وقت 'ادبي دنيا' هن جي جنم جو سوَ ساله جشن ملهائي رهي هئي، آرويل جو جنم آستان وارو گهر به منهنجي ڪنڊياري واري گهر جيان ڀڳو ٽٽو پيو هو. آرويل جي ان گهر ۾ جتي هن پنهنجو ٻاروتڻ گذاريو هو برج نندن راءِ نالي هڪ بينگالي اسڪول ماستر رهيل هو. مون سان گڏ آيل صحافي همراهن، جڏهن ان بينگالي ماستر کي اها ڄاڻ ڏني ته هو ڪهڙيءَ نه اهم شخصيت جي گهر ۾ رهيو پيو آهي ته هو ڏاڍيءَ لهر ۾ اچي ويو ۽ پاڻ کي خوشقسمت سمجهڻ لڳو.

اڄ جارج آرويل جي ان گهر کي جمشيد پور جي رهواسين ۽ مداحن پنهنجيءَ تحويل ۾ آڻي، سجائي سينگاري ڇڏيو آهي. هن جي انهن مداحن ۾ جمشيد پور روٽري ڪلب جو گورنر، جمشيد پور وومين ڪاليج جي پرنسپال ۽ برطانوي دانشورن واري ائسوسيئيشن جي ميمبر، محترمه انيتا گپتا ۽ ٻيا ادب نواز شخص شامل آهن. ان گهر ۾ آرويل جي نالي کي زنده رکڻ لاءِ، اتي هن جو مجسمو ۽ هن جي شايع ٿيل ڪتابن جا ڪيترا جلد رکيا ويا آهن ۽ هِتان هُتان جا ڪيترائي اديب، دانشور ۽ صحافي آرويل جي ان گهر کي زيارتگاهه سمجهي، ڪيس سجدو ڪرڻ لاءِ ويندا رهندا آهن.

جارج آرويل جي جڳ پرسڌ ڪتاب Animal Farm کي ٽي. سي. ايليٽ جهڙي اديب ان وقت ٽي پيرا رد ڪيو هو. جڏهن ايلٽ آمريڪا جي هڪ وڏي اشاعتي اداري جو چيف ايڊيٽر هو ۽ جڏهن اڳتي هلي اسپين جي گهرو جنگ (Spanish Civil War) ۾ آرويل پاڻ هٿيار کڻي وڙهيو هو ۽ هن جي ان ڪتاب تي ڀرپور تعريفي تبصرا ٿيا ته ايليٽ جون اکيون کلي ويون.

بهار جو ننڍڙو ڳوٺ موتيهاري، يورپ، آئرلينڊ، اندلس ۽ اسپين جي خانه جنگيءَ ۾ ۽ ڪنڊيارو، نوابشاهه، ڪانپور، دهليءَ ۾ رهائش ۽ ڪوالالپور ۾ ملازمتون، تواريخون ۽ جغرافيون، اسان کي رَمَل جي راند جيان ڪٿي ڪٿي رلائينديون ٿيون رهن؟ ڪنڊياري ۾ منهنجي روحاني ماءُ صفوران جو گهر ته سلامت هو پر ان ۾ به ڪي نوان ماڻهو وسيل هئا. نورو، حسن، مسوُ ولڊ منهنجن ڄاتلن مان ڪير به اتي نه هو. ڄاڙي ڪڏ کي ڀري ان مٿان ٻي ترتيب نموني دڪان، پڙيون ۽ پيچرن نما ڪڙ ڪاٻڙ رستا ٺاهيل هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرتارپور، چمن، بزار، دلپت جو کوهہ، پيتامبر هاسٽل ۽ ريوا چند ناٿاڻيءَ جو قائم ڪيل، پي. هاءِ اسڪول بہ جئن جو تئن سلامت هئا. شهر جي آبادي وڌيڪ ڳتيل ٿي ويئي هئي، پر پريو پاڳيو شهر هاڻي غربت جو شڪار ٿي لڳو. اڳوڻا اڇا اجرا وڳا، ميرن پهراڻن ۾ متيل ٿي لڳا. خوش، خوشحال ۽ مرڪندڙ چهرا پنجاهہ سالن ۾ ٿي ٻن نسلن کان پوءِ وڏي مايوس ۽ اداس بڻجي چڪا هئا. سليم ميمڻ کي هٿ هٿ ۾ ڏيئي، پنهنجي برادريءَ جي پاتين جي سڄي پاڙي ۽ گهٽين ۾ گهمندي، سليم کي هڪ هڪ گهر جو پار پتو ڏيندو ويس. منهنجو حافظو مون سان پورو ساٿ ڏيئي رهيو هو. "سليم، هي ڏيئي ماءُ جو گهر آهي، هي ڍولو مل تپيدار جو گهر آهي، هيءَ نهال چند سپروائيزر جي اوطاق آهي، هيءَ نيڀن داس زميندار جي ماڙي آهي، هيءُ چوٿر مل جي ڳڻن ۽ مينهن جو واڙو آهي. هيءَ پنجوءَ ماءُ جي ڪشادي پڌر واري جاءِ آهي، جتي هوءَ پنهنجي هڪ ئي پٽ پنجوءَ ۽ ستن ڌيئرن سان رهندي هئي. ڪنهن ناقابل معافيءَ شيطانيءَ ڪري، هڪ ڏينهن ستني چورين گڏجي مون کي ماري ماري ٻوٽ ٿي ٻئي پاسي ڪري ڇڏيو هو ۽ منهنجي وڏي ڀقي شامل پنجوءَ ماءُ جي گهر ڏوڪي وڃي کين هن قسم جون پٽون پاراتا ڏيئي آئي هئي: "اڙي نياڳي نيٽي (پنجوءَ ماءُ)، تنهنجيون اهي ستئي چنڊيون چوريون رات پرٽئي ئي رنيون ٿيندءِ ۽ ڀهرين ئي پٽڻ تان گهر موٽنديءِ" (پاتيہ برادريءَ وارا شادين مرادين ۾ دولتپور جي پتڻ تان ٻيڙين ۾ درياهہ اڪاري، دادو، ٽلٽي، ميهڙ، مانجهند ۽ سيوهڻ وغيره ويندا هئا.)

سڄو پاڙو پار ڪري مون سليم، اياز ۽ ادل کي سومر ۽ ٻاڦس رمو حڪيم جي گهر وٽ اچي بيهاريو. پاڙي جو گهر گهر منهنجي فوڪس ۾ هو. گهٽي گهٽي منهنجيءَ اک ۾ هئي. هر گهر مان آواز اچي رهيا هئا، جن آوازن جا روح بہ هئا تہ جسم بہ هئا ۽ مان پنهنجن همراهن سان انهن آوازن جي ٽوهہ وٺندو پنهنجو گهر ۽ پنهنجو پاڙو گهمي رهيو هوس، پر پاڙي وارن کي اها پروڙ نہ هئي تہ مان ڪير آهيان، ڪٿان آيو آهيان ۽ ڇو آيو آهيان؟ مون کي محسوس ٿي رهيو هو تہ اڄ هيءُ منهنجو ٻيو جنم ٿي رهيو آهي. منهنجي ماءُ ٻيهر ويم جا سور ڪائي رهي آهي ۽ صفوران امان مون کي ٻيهر ڄڻائي، منهنجي پتڪڙي لوٽڙي کي اونڌو ابتو ڪري لوڏائي رهي آهي.

اسان جي واڙي ۾ ڪنهن مهاجر جون مينهون ٻڌل هيون. اسان جي خانداني کوهہ جو پاڻي سڪائي، ان مٿان مٽ کوليو ويو هو ۽ کوهہ جي چوڌاري اسان جي ڪارڪن ۽ ڏونڪن جي باغ جا وڻ وڏي، اتي جهوپڙن نما جايون اڏايون ويون هيون.

سليم مون کي اداس ڏسي واپس ڪار ۾ اچي ويهاريو ۽ ڊرائيور کي ڪار نوابشاهہ ڏانهن موڙڻ لاءِ چيو. پنهنجي ڳوڏ ڪي هٿ جوڙي، ان کان موڪلائي آيو آهيان ۽ اڄ ڏهليءَ ۾ ويهي ان کي پنهنجي تصور ۽ تصويرن ۾ ڏسي رهيو آهيان. نوشهري ۽ لکيا پتڻ تائين نہ وڃي سگهڻ جي مجبوريءَ ڪري، پنهنجي ڪاوڙيل دوست جيسر کان معافيون،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معذرتون ۽ ميڙ منٿون ڪري، موڪل وٺي، نوابشاهه ۾ به مون پنهنجو گهر اچي ڳولهي لڌو، جتي مون ورهاڱي جي وقت تائين پنهنجي ٻاروتڻ جا ست سال گذاريا هئا. هيءَ مڪان هڪ پارسي سيٺ فقير جيءَ جو سال 1907ع ۾ ٺهرايل حويلي نما گهر هو جنهن جي هڪ حصي ۾ هن جي ڪاروباري آفيس هئي ۽ ٻئي حصي ۾ اسين مسواڙ تي رهندا هئاسين. هاڻي هن گهر جو مالڪ هڪ ڪاٺياواڙي ميمڻ هو. گهر جي رهائش واري حصي جو مکيه در بند هو. مون ۽ سليم آفيس جي در ٻاهران اچي دستڪ ڏني.

پست قامت هڪ بزرگ ٻاهر آيو. سليم هن سان منهنجو تعارف ڪرائيندي، هن کي منهنجي باري ۾ ٻڌايو ۽ هن کي گهر جو طواف ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو. بزرگ بيحد اشراف انسان لڳو. هو اسان کي پنهنجيءَ آفيس ۾ وٺي آيو. هن اسان جي خاطرداري ڪئي، اسان سان گڏ تصويرون ڪيرايون ۽ پنهنجي جونا ڳڙهه (ڪاٺياواڙ) مان لڏي اچڻ جو احوال ڏنو. هن جي ڪچهري بيحد دلچسپ ۽ معلوماتي هئي. ٻاهر اچي مان پنهنجي رهائشي گهر طرف وڌڻ لڳس.

شيخن جي لوڙهي وٽ هڪ خونخوار چيتي ڪتي ٻڌل هئي، جنهن جي زنجير هڪ خدمتگار مضبوطيءَ سان جهلي بيٺل هو. منهنجي اڳتي وڌڻ تي هن زور سان رڙ ڪئي، ”سائين، هيڏانهن نه اچجو هيءَ چيتي ڪتي اٿوَ چڪيندي ويرم ئي نه ڪندوَ.“ مان اتي جو اتي ئي ڄمي ويس.

ڪتي خونخوار نظرن سان مون ڏانهن گهوري رهي هئي. چڻ پڇندي هجي، ”اڙي ڪافر، تون هتي ڇو آيو آهين؟ هن گهر جو پڌر هاڻي توهان پارن جي ٽپڻ ڪڏڻ لاءِ ناهي، پر اسان جهڙن خونخوار جانورن جو ويڙهو آهي. هتي ايندءِ ته توهان کي چيري ڦاڙي وجهنداسين.“

منهنجو هتان جي چيتن ڪتن ۽ ڪتين سان اڪثر واسطو پئي پيو آهي، پر هند جا ڪتا، ڪتيون ۽ سوئر، گهٽو ٽٽو سراوند، حليم چٽيوان ۽ تربيت پذير پئي رهيا آهن، اهي ڪنهن کي چڪ هڻندا ته پاڻ مري ويندا. پر هن ڪتيءَ جو ڪو ڀروسو نه هو ته پاڻ مري ويندي يا مون کي ماري وجهندي؟

چون ٿا ته ليليٰ جي ڪتي، جڏهن مجنونءَ کي چڪ هنيو ته ڏک کان ليليٰ بيمار ٿي پيئي هئي. عربستان جي جراح حڪيمن جا سڀ علاج ناڪام ثابت ٿيا ۽ هوءَ مهيني کن اندر ئي دماغ جي نس ڦاٽڻ ڪري مري ويئي. ٻئي طرف مجنون ڪنهن ڪنير جي علاج سان ئي نوبنو ٿي ويو. چون ٿا ته ليليٰ جي موت کان پوءِ به مجنون چاليهه سال، ديوانگيءَ جي حالت ۾ ئي سهي، جيئرو رهيو حالانڪ هو ليليٰ کي هر بار اهو ئي چوندو هو ته تو کان سواءِ مان هڪ پل به جي نه سگهندس.

چيتي ڪتيءَ کان خوفزده ٿي، سليم جو هٿ جهلي، گهر کان ٻاهر نڪري آيس ۽ چيومانس ته ”مون کي چڪري بزار وٺي هل“. چڪري پهچي، بازار ۾ منهنجو مٿو چڪر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائڻ لڳو. ويڪري ۽ وسيع چڪري بزار سڪڙجي ايتري سوڙهي ڪيئن ٿي ويئي؟ هندو واپارين ۽ دڪاندارن جي دؤر جو صاف سترو چڪرو، غلاظت جو ڍير لڳي رهيو هو. پنهنجي پياري شهر کي ڏسي منهنجي هيانءَ ۾ وڏ پوڻ لڳا. سليم کي چيم. "هتان هل."

اج هولي آهي. رنگن ۽ پچڪارين جي راند ۽ تماشو ڏسي، پنگ جا ٻه چار گلاس چاڙهي، اڌ ڳاڙهي ۽ اڌ ڪاري منهن ۽ نيرن پيرن سان، پنهنجي ڪمري جو در بند ڪري، هيءَ قسط لکي رهيو آهيان. آئيني ۾ پنهنجي لنگور جهڙي سڪل شڪل ڏسي، پاڻ تي کل اچي رهي آهي. پاڙي جا جوان ۽ حسين ڇوڪرا ڇوڪريون نرڙ تي ڳاڙها سنڌور لڳائي ۽ ڳٽن تي دانگيءَ جهڙي ڪارنهن ملي ويا آهن. سانجهيءَ جو سنان ۾ صابڻ ۽ شئمپوءَ جي اڌ بوتل اوتڻ سان، منهن ۽ جسم جي ڪارنهن ۽ رنگ تہ لهي ويندا، پر اندر اجارڻ لاءِ جنهن صابڻ جي ضرورت آهي، هتي اجا ان جو ڪارخانو قائم ئي نہ ٿيو آهي.

سنڌ ۾ اهو اوس هو. ويهہ سال اڳ منهنجي سنڌ مان آيل اديب دوست ناصر مورائيءَ سان هوليءَ ڏينهن هتان جي ڇوڪرين، ڇوڪرن اهڙي ڪار ڪئي هئي، پر ناصر کين اهو سنڌي ناچ ڏيکاريو، جو سڀ مٿس مفتون ٿي پيا. مرحوم ناصر مورائيءَ جون اهي رقصان تصويرون اجا تائين منهنجي البم ۾ محفوظ آهن.

نوابشاهہ جي موني بزار ۽ منو آباد ۾ ڪيڏجندڙ هولي، هندستان جي هوليءَ کان وڌيڪ آباڻتي، آبرودار ۽ شائستہ هوندي هئي.

هندستان جي صوبي مڌيہ پرديش جو هڪ ڳوٺ آهي، ان ڳوٺ کي 'سوليا' جي نالي سان ٿا سڏيون. ڳوٺ ۾ ارڙهن اڻويهن سالن جو هڪ نوجوان ڇوڪرو آهي، جنهن کي 'مگن' جو نالو ٿا ڏيون. جوانيءَ جي ڇتائيءَ هن جون نسون تاڻي ڇڏيون آهن. هوليءَ کان پهرين شام هو ڳوٺ جي رنگ برنگي پهراڻ پاتل، هرڻيءَ جيان ٽپالون ڏيندڙ هڪ ڇوڪريءَ کي هٿ کان جهلي، پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو آهي. ڪيسي مان پڙيءَ ۾ ٻڌل پان ڪڍي، ڇوڪريءَ جي هٿ تي رکي، ڪيس چئي رهيو آهي، "هيءَ وٺ ۽ منهنجي ٿي وڃ." اهڙيءَ اوچتي ۽ اڻ سونهائيندڙ آڇ تي، هوءَ ڪاوڙجي کڄ کڄ ٿي ڪري

'ڀڳوريا' سڏجڻ واري اها رسم مڌيہ پرديش جي ڳوٺن ۾ هوليءَ کان هفتو اڳ ۾ شروع ٿي ويندي آهي. جيڪڏهن ڇوڪري اهو پانُ قبول ڪري تہ هوءَ ان ڇوڪري سان ڀڄي وڃڻ جو حق رکي ٿي. ائين انهن ڳوٺن ۾ هر سال ڪيترا ڇوڪرا هوليءَ واري هفتي تائين ڇوڪرين کي رڳو پان تي ئي ريجهائي ڀڄائي ويندا آهن. تخميني موجب هر سال هزارين ڇورا ڇوريون مڌيہ پرديش جي، 'ڌار' 'جبوئا'، ڪنبوا'، 'بلاسپور' ۽ 'بدواني' جهڙن علائقن مان غائب ٿيندا رهندا آهن ۽ انهن جا مائٽ فڪرمند ٿيڻ ۽ کين 'ڪاروڪاري' ڪرڻ بدران 'تودي' 'مهوتا' ۽ 'تاڙي' جهڙن نشن سان زالين مردين جشن ملهائيندا آهن.

هندستان جي ڪن جاتين ۾ هوليءَ جي سانگن ۾ هر بيهودگي بہ جائز آهي. جونا ڳڙهہ جي ڪن ڳوٺن ۾ اتان جو ماڻهو چونڊي، سندن منهن ڪارو ڪري، گڏهہ تي ابتو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهاريءِ، ڪيس سڄي ڳوٺ ۾ گهمائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪي رسمون تشدد آميز پڻ ٿي وينديون آهن. خاص ڪري جڏهن عورتن کي، هر انهيءَ عمل جي اجازت ڏني ويندي آهي. جيڪا ٻيءَ طرح کين سڄو سال نہ ملندي آهي. ڪرشن جي نگري متَرا ويجهو نندگانءَ ڳوٺ، جتي ڪرشن راسيون رچائيندو هو، اتان جا مرد هاٽي بہ هوليءَ جي ڏڻ تي، ڪرشن جي محبوبا راڌا جي ڳوٺ برسانا تي ڪاهہ ڪري، راڌڪا جيءَ جي مندر مٿان جهنڊو چاڙهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، ۽ برسانا جون عورتون لٺيون هٿ ۾ جهلي سندن انتظار ڪنديون آهن ۽ مردن جي پهچڻ تي کين لٺين سان اڇي وٺنديون آهن. مرد کين، گوهيون ڏيئي، نيٺ ان مندر ۾ جهنڊو کوڙي ئي ايندا آهن.

اڄ بہ بهار جي شهرن ۽ ڳوٺن جي رستن تي ڀوڄپوري ۽ مٿلي ٻولين ۾ رچيل ڪچين گارين ۽ ٻٽين معنائن جي گانن جا رڪارڊ لائوڊ اسپيڪرن تي وڄي رهيا هوندا. ۽ لالو پرساد يادو 'ڪپڙا ڦاڙ' رسم موجب، پنهنجن مهمانن جا ڪپڙا ڦاڙي، کين پنگ جا لوٽا ڀري پياريندو هوندو.

پر انهن سيني بيهودگين ۽ شوروغل کان پري، نوابي شهر لکنوءَ ۾، نوابي تهذيب جي اخلاق ۽ مرياداڻن جي مدنظر، هولي کيڏيندڙن جو سندن منهن تي سڪو گلال لڳائڻ ۽ گلاب جو شربت پيارڻ سان ئي آجياڻو ڪيو ويندو آهي.

دهليءَ جي همدرد دواخاني ۽ اڳتي هلي همدرد يونيورسٽيءَ جو پايو وجهندڙ حڪيم عبدالحميد صاحب عرصي کان 'هولي ملن' جي جيڪا روايت شروع ڪئي هئي، اها اڄ بہ هن جا وارث جيئن جو تيئن برقرار رکي ويٺا آهن. حميد صاحب هر سال پنهنجي بنگلي تي 'عيد' ۽ 'هولي ملن' جا جشن ملهائيندو رهيو جن ۾ هن جي ويجهن دوستن سان گڏ اندرا گانڌي ۽ راجيو گانڌي پڻ شريڪ ٿيندا هئا. مون پاڻ بہ انهن دعوتن ۾ ٻہ چار ڀيرا شرڪت ڪئي هئي. اهي دعوت ناما مون کي اردوءَ جو مشهور افسانہ نگار منهنجو دوست ڪوثر چاندپوري ڏيندو هو جيڪو پيشي طور همدرد دواخاني جو ميڊيڪل آفيسر هو. ڪوثر چاندپوري، منشي پريمچند ۽ اختر حسين رائپوريءَ جو همعسر اديب هو ۽ پنجاسي سالن جي عمر ۾ انتقال ڪيائين. هن جو چهرو ڳاڙهو ڳٽول رهيو. حڪيم حميد صاحب جي ويجهي عزيز سيد آصف عليءَ کان جڏهن مون پڇيو هو تہ حڪيم صاحب 'هولي ملن' جو جشن ڇو ٿو ملهائي تہ هن جواب ڏنو تہ حڪيم صاحب جي نظر ۾ عيد ۽ هوليءَ ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي. اڄ حميد صاحب هن دنيا ۾ نہ رهيو آهي، پر هن جو سعادتمند اولاد پنهنجي والد جي روايت برقرار رکي ويٺو آهي. ورهاڱي کان اڳ حڪيم حميد صاحب ۽ هن جو ننڍو ڀاءُ حڪيم محمد سعيد گڏجي مدعو مهمانن جي آجيان ڪندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ حڪيم سعيد پاڪستان وڃي همدرد گروپ جو سربراهہ ٿيو جتي ڪجهہ سالن بعد ڪراچيءَ ۾ دهشتگردن هٿان قتل ٿي ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ سنڌ مان موٽئي مون کي پورو مهينو ٿيو آهي. ’همہ ياران بهشت‘ مان نڪري ’همہ ياران دوزخ‘ جي مسافت چوڏاري ڇهنبدار پٿر ۽ ڪنڊائي ڪنڊا پکڙيل آهن. پر پوءِ بہ مان بيحد خوش قسمت آهيان. جو خيرپور جي رسيلن ڪارڪن جو ميناج ۽ پناٺي سونهن جي صحبت. ڪن خوشنصيبتن کي ئي نصيب ٿيندي آهي.

ٻاروتڻ ۾ خيرپوري شراب جي ذائقي ۽ ٻڍاپي ۾ خيرپوري شباب جي هر لمس ۽ لمحي کي ڀرپور ماڻي، سنڌ مان مالا مال ٿي موٽيو آهيان.

’پير مردان شاهہ جي ديواني‘ اسان کي هتي ڪٿان ملندي؟ اي دوست!!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چويهون پنو

ڏٺي وڏو ڪارساز آهي. جو هن عمر ۾ به بنا ڪنهن بيروني امداد جي خودڪفيل آهيون. پر هينئر اها خود ڪفيلي لهندڙ سج جو پويون پاڇو آهي. زندگيءَ جي ايرندڙ سج واري دؤر ۾ سروري مون لاءِ سوجهري جي پهرئين ڪرڻي جيان ڦٽي هئي. هڪ اهڙو ڪرڻو جنهن جيءَ ڪڪ ۾ شايد منهنجو ئي ڪو سائو سلو اپريو آهي.

شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪاشي (بنارس) سان منهنجو جسماني ۽ جذباتي لڳاءُ پئي رهيو آهي ۽ اڄ صدي گذري وڃڻ ڪان پوءِ به، بنارس جي گنگا جي گهاٽن تي پري ڪان ايندڙ ڪنهن ٻيڙيءَ تان، مون کي به جيوَ ٻئي ڪناري تي لهندي نظر ايندا آهن.

بنارس جي گنگا جمني تهذيب ڪو ديو مالائي داستان ناهي، پر هڪ جيئري جاڳندي حقيقت آهي. بنارس ۾ جنم وٺندڙ ۽ ڀارت رتن جو اعزاز حاصل ڪيل استاد بسم الله خان ڪان جڏهن پڇيو ويو ته هن آمريڪا وڃڻ جي آڇ ڇو ٺڪرائي ته هن جواب ڏنو "اتي مان پنهنجي گنگا ڪٿان آڻيان ها."

ڪاشي وشو ناٿ جي جديد لوڪ ڪٿائن ۾، استاد بسم الله خان جو پرڀات ويلي گنگا جي گهاٽ تي ويهي، شهنائيءَ جي 'منگل ڌوني' (مڌر سرن) سان سرسوتي ديويءَ جي اپاسنا، بنارس جي گهر گهر جي ڪهاڻي بڻجي چڪي آهي. هندستان جي هر هندو ڪٽنب ۾، شاديءَ جي مهورتي موقعي تي 'منگل ڌوني' وڄائي وڃي ٿي، جيڪا استاد بسم الله خان جي تخليق ڪيل ڌن آهي. بنارس جا مسلمان ڪوري هتان جي هر هندو گهر جي شاديءَ ۾ غائبانه طور شريڪ ٿيندا آهن، جو هر هندو ڪنوار جي شاديءَ جي نفيس ۽ عمدي ساڙهي تيار ڪندا آهن.

هن ئي شهر ۾ اردو-هنديءَ جي عظيم اديب ڌنپتراءِ (منشي پريمچند) 'عيدگاهه' ڪهاڻيءَ جي معصوم ٻار 'حج اڪبر' ڪهاڻي جي پوڙهيءَ عورت ۽ 'مندر مسجد' ڪهاڻيءَ جي چوڌري عشرت عليءَ جهڙا لازوال مسلم ڪردار خلقيا هئا.

هن ئي بنارس ۾ ان وقت مون کي هڪ تعصبي پنڊت ٻڌايو هو ته ڪيئن اورنگزيب هتان جي ڪاشي وشو ناٿ مندر کي ڍهرائي پٽ ڪرايو هو ته مون کي اورنگزيب ڪان نفرت ٿيڻ لڳي هئي، پر اڳتي هلي جڏهن مون بنارس يونيورسٽيءَ جي ئي هڪ ڪوجنيڪ ۽ تاريخي ماهر بشيشورناٿ پانڊي جو پٽنا جي خدا بخش اورينٽل لائبريري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان، 1987ع ۾ شايع ٿيل مستند تاريخي دستاويزي ڪتاب، 'اسلام ۽ ڀارتي ڪلچر' پڙهيو ته مون کي صحيح حقيقتن جي ڄاڻ پيئي. تواريخدان پانڊي، اورنگزيب جي دؤر حڪومت جي سرڪاري رڪارڊ مان هي حقيقتون ڳولهي لڌيون آهن.

جڏهن اورنگزيب بنگال صوبي ڏانهن ويندي، واراناسي (بنارس) مان لنگهي رهيو هو ته هن جي قافلي ۾ ساٿس شامل هندو راجائن هن کي عرض ڪيو "قافلي کي ڪاشيءَ ۾ هڪ ڏينهن ترسڻ جي اجازت ڏني وڃي، جيئن هنن جون راڻيون تيرٿ آستان تي وشو ناٿ مندر جي درشن ۽ پوڄا لاءِ اتي وڃي سگهن." اورنگزيب هڪدم سندن عرض قبول ڪيو.

مندر پهچي راڻين ڏنو ته منجهن ڪڇ ڀُڄ جي مهاراڻي موجود نه هئي. اورنگزيب کي جڏهن اها ڄاڻ پيئي ته هن مهاراڻيءَ جي ڳولها جو حڪم جاري ڪيو. سڀي مندر جي پٿين چٽين ۽ ڀُرن جي تلاش ڪان پوءِ ڏٺو ويو ته مندر جي هڪ پٽ تي بيهاريل گڻيش ديوتا جي مورتي متحرڪ هئي، جيڪا سولائيءَ سان سرڪائي سگهجندڙ هئي. جڏهن اها مورتي سرڪائي ويئي ته ڳولهيندڙن کي ته خاني ڏانهن ويندڙ ڪجهه ڏاڪا نظر آيا. ته خاني جي فرش تي غائب ٿيل ڪڇ جي مهاراڻيءَ جو الف اگهاڙو جسم بي آبرو ٿيو پيو هو. تهخانو وشو ناٿ ديوتا جي آسڻ جي بنهه هيٺان هو.

راجائن ڏوهارين خلاف ڪارروائيءَ جي زوردار تقاضا ڪئي. اورنگزيب حڪم ڪيو "جيئن ته هڪ مقدس آستان کي پليت ڪيو ويو آهي، ان ڪري وشوناٿ ديوتا جي مورتي کي اتان هٽائي، ڪنهن ٻئي هنڌ نيو وڃي. مندر کي ڊاهي پٽ ڪيو وڃي ۽ مندر جي مهنت کي گرفتار ڪري ڪيس سخت سزا ڏني وڃي."

ڪاشيءَ جي پنج گنگا گهاٽ تي، اورنگزيب جي تعمير ڪرايل مسجد کي، 'بيني ماڌوَ ڪا ديرا' پڻ سڏيو ويندو آهي. پنچ گنگا کي هنديءَ جي مها ڪوي سنت ڪبير سان وابسته ڪيو وڃي ٿو جيڪو هندو-مسلم اتحاد جي علامت هو. ڪبير جي واڻيءَ جا پنج سوَ کان به وڌيڪ دوها، سکن جي ڌرمي گرنٿ گرو گرنٿ صاحب ۾ درج ٿيل آهن.

ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري اورنگزيب (عالمگير) جي وفات کان ڪجهه سال پوءِ، اسلامي دنيا جي ان دؤر جي وڏي دانشور حضرت شاهه ولي الله محدث دهلويءَ کان فتويٰ طلب ڪئي ويئي ته اسلام جو هندستان طرف ڪهڙو رخ هئڻ گهرجي؟ ڇاڪاڻ ته اهو مسلماني نقطئه نظر کان نه 'دارالاسلام' (اسلامي رياست) آهي ۽ نه ئي 'دارالحرب' (جتي مڪمل اسلامي آزادي نه هجي) جيئن ته سڄي هندستان ۾ نظام مصطفيٰ ۽ اسلامي قانون لاڳو نه آهن، ان ڪري منطقي طور سڄي هندستان کي 'دارالحرب' ۾ شامل ڪيو وڃي. ٻيو دنيا جا اهي ملڪ جيڪي اسلامي مملڪت خداداد جي دائري ۾ اچن ٿا، اهي ئي 'دارالاسلام' ۾ شماريا وڃن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندن جي تيرٿ استان بنارس جي پنج گنگا گهاٽ جي عالمگيري مسجد تان بلند آواز ۾ آذان ڏني ويئي. ”هندستان ۾ مدرسن مٿان ڪي پابنديون ناهن. نماز مٿان ڪي بندشو ناهن. جمعي جي عبادت تي ڪا جهل پل ناهي. برقعو اوڍڻ. سونهاري رکڻ ۽ اسلامي ٽوپي پائڻ جي مڪمل آزادي آهي.“ شاهه ولي الله جي فتويٰ سان سڄي عالم اسلام ۾ هندستان بابت اهو مخصوص رايو قائم ٿيو ته. ”هندستان کي ڪنهن به قبيل يا مذهبي مت جي خاني ۾ رکي نٿو سگهجي. ان جو هڪ ڏار وجود ۽ وقار آهي. ڇاڪاڻ جو هند_’هَنود‘ آهي. اهو ئي پيغام دنيا جي هر اسلامي مملڪت تائين پهچايو ويو. مسلمان، يهودي ۽ ڪرستان ’اهل ڪتاب‘ آهن. پر هندستان ’اهل هنود‘ آهن.

سترهن سالن جي ان عمر ۾ بنارس جي برهمڻن. مسلمان ڪاريگرن ۽ ڪورين. ’ڏال ڪي منديءَ‘ جي ڳائڻين ۽ رقاصائن جي صحبت ۾. مون کي شاهه ولي الله جي ’اهل هنود‘ واري نظريي تي خوشي ۽ فخر جو احساس ٿي رهيو هو. پر اڳتي هلي ’اهل هنود‘ ۽ ’اهل ڪتاب‘ جي ڪارنامن ۽ ڪرتوتن منهنجي من ۾ بيحد ڪوڙاڻ ۽ تلخي پيري. مون کي مذهب. ڌرم. غلط عقيدن ۽ انڌ وشواسن کان بدظن ڪري ڇڏيو. بهرحال. ڪاشي ۽ هردوار جي گنگا اڄ به مون لاءِ ايتري مقدس آهي. جيتري ’سنڌو‘. گنگا اڃا سڪي ناهي ۽ نه ئي ان کي سڪائڻ جون ڪي سازشون ٿي رهيون آهن. پر سنڌوءَ جو سڪل پيٽ ته مان اڃا ڪي مهينا اڳ ئي اکين سان ڏسي آيو آهيان. سنڌوءَ ۾ اڪا وڇهندڙ ۽ پلئه پائيندڙ عورتون ۽ زنده پير تي درياهه شاهه جي پوڄا ڪندڙ نر ناريون اتان لڏي نه اچن ها ته شايد سنڌو ڪڏهن نه سڪي ها.

جانڪي ٻائي ڇپن ڇريءَ جي چانئٽ کي چمي. مون وارانسي اسٽيشن جو رخ ڪيو. منهنجي کيسي ۾ پارنهن سون رپين جي وڏي رقم هئي. ساڙهين جي وڏي دڪان تان پنهنجي ماءُ لاءِ سو رپين واري اُڇي بنارسي ساڙهي ورتم. ڀنهي ڀائرن لاءِ قميص ۽ نڪرون ۽ ڀينرن لاءِ سلڪ جا قيمتي وڳا ورتم. مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته پنهنجي پيءُ لاءِ ڇا وٺان؟ دادا ڪپڙي لتي کان وڌيڪ ڪاڏي پيتي جو شوقين هو. اوچتو ٻاروتڻ جون ڪي يادگيريون تري آيون.

نوابشاهه ۾ دادا کي اڇين ۽ قيمتي انڊيپنن (فائونٽين پينن) گڏ ڪرڻ جو بيحد شوق هو. هو ڪراچي ۽ بمبئي کان پارڪر. پليڪان. شيفرس. ايور شارپ ۽ واٽرمئن جهڙيون قيمتي انڊپينون گهرائيندو رهندو هو. مان هن جون ڪيتريون ئي پينون نڳائي. ڪجهه ڏينهن ابتو سبتو لکڻ کان پوءِ. اهي يا ته وڃائي ويهندو هوس يا انهن جا نِبَ پچي ڇڏيندو هوس. تن ڏينهن انهن اڇين آمريڪي ۽ جرمن پينن جي قيمت اٺ_ڏهه رپيا هئي. هينئر مان پنهنجي پيءُ جي لاءِ اهڙيون سوَ پينون خريد ڪري سگهڻ جي حيثيت ۾ هوس. مون اسٽيشنريءَ جي ٻن ٽن وڏن دڪانن تان پيءُ لاءِ هڪ پارڪر ۽ هڪ واٽرمئن پين ۽ ٻه ’ڪونڪ‘ جون مس ڪپڙيون خريد ڪيون. مون کي محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن ڪن گناهن جي تلافي ڪري رهيو آهيان. گذريل سال آمريڪا کان موٽندي، ٻئي ايئرپورٽ جي ڊيوٽي فري شاپ تان، جنهن وقت مون ڏيڍ سوَ ڊالرن ۾ واٽرمئن جو پين سيٽ خريد ڪيو ته جهاز ۾ بار بار ڪيسي مان اهو ڪڍي ان ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندو رهيس، جڻ منهنجو پيءُ ان ٻين سان منهنجي نصيب جو قلم ڪپاڙيءَ وهائي ويو هو.

منهنجا ننڍا ڀائر ڀينر ۽ ويجها مٽ مائٽ مون کي چوندا آهن، ”تون هوبهو دادا جهڙو آهين. سواءِ تنهنجي رنگ جي.“ منهنجي پيءُ جو رنگ سنڌ جي شربتي جنس واريءَ ڪٽڪ جهڙو هو ۽ منهنجو رنگ ٻاجهريءَ جهڙو آهي. منهنجي بيڊروم جي ڀت تي منهنجي پيءُ جي هڪ وڏي تصوير آويزان آهي، جنهن کي ڏسي سڀ ان کي منهنجو فوٽو سمجهندا آهن. تاجل بيوس جڏهن پنهنجي گهر واريءَ منڻ خاتون سان ان ڪمري ۾ رهيو هو ته ٻئي ڏينهن صبح جو مون کي چيائين، ”تو هن فوٽي ۾ پراڻي فيشن جو ڪوٽ ۽ ٽاءِ ڇو پاتي آهي؟“

چيو مانس، ”هيءَ منهنجي پيءُ جي تصوير آهي.“ اهو ڏسي ۽ ٻڌي هو واٽڙو ٿي، مون ڏانهن ۽ پوءِ ان تصوير ڏانهن ڏسندو رهيو.

ڏسڻ ۾ هوبهو پنهنجي پيءُ جهڙو هوندي به مان سڀاءُ، عادتن، اعمالن ۽ عملي زندگيءَ ۾ هن جي بلڪل برعڪس آهيان. ائين جيئن منهنجي پٽ لاليءَ ۾ مون وارو هڪ به لڇڻ ڪونهي. هو گذريل ڏهن سالن کان آمريڪا ۾ رهيل آهي، پر سگريٽ، شراب نوشي ۽ نظربازي وغيره جهڙين علتن کان آجو پئي رهيو آهي. هينئر ته شايد ويشنو به بڻجي ويو آهي. پنهنجي اهڙي پرهيزگار پٽ کي، سو به هڪ آزاد ماحول ۾ ائين ڏسي مون کي سخت حيرت ٿيندي آهي، پر هو مون لاءِ اتي هر گهربل شيءِ ميسر ڪندو آهي. پٽسبرگ ۾ جڏهن هو اڃا يونيورسٽيءَ ۾ شاگرد هو، هڪ رات دير تائين اتان موٽندي ۽ مون کي اڪيلو اداس ويٺو ڏسي پڇيائين، ”ڇو هن وقت ائين بنا گلاس جي اڪيلو ويٺو آهين؟“ چيومانس، ”وسڪي ختم ٿي ويئي آهي ۽ پاڻي ڇڱوئي پي چڪو آهيان. هينئر بالڪونيءَ ۾ ويهي تارن کي تڪي رهيو آهيان.“ هو بنا ڪجهه چوڻ جي تڪڙو ٻاهر نڪري ويو. مون بالڪونيءَ مان هن کي ڪار اسٽارٽ ڪندي ڏٺو. ڪلاڪ کن کان پوءِ ٽيهه ميل پريان ڪنهن اسٽور تان وسڪيءَ جي بوتل وٺي آيو. پٽسبرگ يونيورسٽيءَ تائون هٽڻ ڪري، اتي سڀ وائين شاپ بند ٿي چڪا هئا.

پنهنجي پٽ طرفان پنهنجي اهڙي پرداخت ڏسي منهنجيون اکيون پرجي آيون. مون کي سٺ واري ڏهاڪي وارا پنهنجا اهي ڏينهن ياد آيا، جن ڏينهن دهليءَ ۾ سرڪاري طور جمعي جو ڏينهن، ’خشڪ ڏينهن‘ هوندو هو ۽ اتفاق سان ان ڏينهن دادا جي داروءَ جو اسٽاڪ ختم ٿي ويندو هو ته مان ڪنات پليس جي مرينا هوٽل ٻاهران، سک ٽئڪسي ڊرائيورن کان بليڪ ۾ بوتل لڪائي وٺي ايندو هوس ۽ منهنجو پيءُ اکين ئي اکين ۾ منهنجو احسان مڃيندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڏينهن پٽسبرگ ۾ مان بہ پنهنجي پٽ ڏانهن اهڙين احسانمند نگاهن سان نهاري رهيو هوس. لالي اسان کان هزارين ميل پري رهندي بہ منهنجو ۽ گوپيءَ جو ايترو خيال رکندو آهي، جيترو شايد مان پنهنجي پيءُ سان گڏ رهندي بہ ذريعن جي محدودگيءَ ڪري رکي نہ سگهيو هوس. رڳو پنهنجي شاديءَ جي فيصلي ۾ هن مون کي ان وقت خاصو مايوس ڪيو هو پر پوءِ بہ منهنجيءَ اجازت ملڻ تائين هو ترسيو رهيو.

مون هميشه اهو ٿي چاهيو هو تہ منهنجو پٽ ڪنهن سنڌياڻيءَ سان ئي شادي ڪري، خواهہ اها عامِلياڻي هجي، ڀائيٽياڻي هجي، واياڻي هجي، سيدياڻي هجي، اُمتياڻي هجي، ٻروچياڻي هجي، آرياڻي هجي، خواه ٻاگڙياڻي هجي، پر سنڌياڻي اوس هجي. پر هن وچي ايڊنبرگ جي اسڪاٽياڻيءَ سان لائون لڌيون. چار سال اڳ دل تي پٿر رکي، ايڊنبرگ وڃي صبوح جو اتان جي گردواري ۽ شام جو اتان جي ڪرسٽ منڊليءَ واري ڪليسا ۾، شادي ۽ اسڪاٽ پئلس ۾ وليمي واري مجلس سان، هن جي اسڪاٽليند جي وڏي اديب سروالٽر اسڪاٽ جي ڪٽنب جي ڇوڪري، نڪولا سان شادي ڪرائي آيس. ڪٿان جا ميل ڪٿي ٿا ٿين؟ ڪٿي ڏيڙي ۽ ڪنڌياري جي سيٺ ڏامي مل جو ٽڙ پوٽو ۽ ڪٿي اسڪاٽليند جي اديب سروالٽر اسڪاٽ جي پڙپوٽي ـ ٽڙپوٽي؟ هينئر ڪين ٻن سالن جو پٽ آهي، جنهن جو نالو 'راهي' رکيو اٿائون. ۽ مان فون تي بہ پنهجي پوٽي راهيءَ کي سنڌي اکر سيکاريندو آهيان.

هڪ رات ٻي اڍائي بجي گهر جي گهنٽي وڳي. گوپيءَ مون کي ننڊ مان اٿاري چيو "هن وقت ڪير هوندو پڇي ڳاڇي در کولجانءِ." اکيون مهٽيندي در کولي ڏٺم سامهون لالي بيٺو مرڪي رهيو هو.

"لالي تون؟" سمجهيم ڪو سپنو ڏسي رهيو آهيان. پر يقين آيم جو ڏٺم تہ پٽ تي هن جو سوٽ ڪيس رکيو هو ۽ هٿ ۾ ڊيوٽي فري شاپ تان ورتل وسڪيءَ جي بوتلن جو بئگ هئس. گوپي بہ اکيون ڦاڙي پنهنجي پٽ کي ڏسندي رهي. اندر اچي چيومانس، "اڃا تہ ڏينهن اڳ نيويارڪ مان فون تي ڳالهايو اٿيئي. اوچتو ڪيئن آيو آهين؟" کلي چيائين، "توهان کي سرپرائيز ڏيڻ ٿي چاهيم. ٻيو سڀ خير آهي." مون لاءِ اها نئين ڳالهہ نہ هئي، جو ڪڏهن منهنجو پاءُ هاسو بہ دنيا جي ڪنهن ملڪ مان اوچتو اڌ رات جو اچي پهچندو آهي.

لالي ڏاڍو ٿڪل لڳي رهيو هو. جلد ئي هن کي هنڌ تي سمهاري چيومانس، "بہ چار ڪلاڪ آرام ڪر. وڌيڪ حال احوال صبح جو ڪنداسين."

صبح جو منهنجي اک کلي تہ پاسي واري ڪمري مان ماءُ پٽ وچ ۾ سرگوشيءَ ۾ ڪي ڳالهيون ٿي رهيون هيون. مون کي رڳو ايترو سمجهہ ۾ آيو تہ ٻنهي وچ ۾ ڪا اهم ڳالهہ ٻولهہ ٿي رهي آهي. مون کي ڄاڻ هئي تہ هو ماءُ کي مون کان لڪائي هزارين ڊالر وغيره ڏيندو رهندو آهي ۽ هن سان ئي پنهنجي ڪنهن معاشقي جا قصا ڪٿيندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. سوچيم، ماڻٽن جي سڪ لڳي هوندس ۽ مان بنا ڪنهن توجهه جي پاسو ورائي سمهي پيس.

صبح جو چانهه پيئندي پڇيائين، ”هتي ڪناٽ سرڪس ۾ ’دهلي دربار‘ نالي هڪ ريسٽارنٽ هوندي هئي، جنهن جو ڪاڌو ڏاڍو سوادي هوندو هو. اها اڃا آهي؟“ چيومانس، ”ها آهي، هلڻو اٿئي؟“ چيائين، ”اڄ اتي هلي ٿا لنچ ڪريون.“ چيومانس، ”پٽ، رات اڃا آيو آهين. اڄ گهر آرام ڪر، ڪڏهن اتي به هلنداسين. ڪيترن ڏينهن لاءِ آيو آهين؟“ چيائين، ”رڳو هفتي جي موڪل وٺي آيو آهيان. اڄ ئي دهلي دربار هلون.“ چيومانس، ”هرو پرو ايتري ئي دل اٿيئي ته هڪ بجي ڌاري هلون ٿا. گوپيءَ کي به چئو ته تيار ٿئي.“ چيائين، ”نه ڊيڊي، اڄ مميءَ کي نه ٿا وٺي هلون. اسين ٻئي ئي ٿا هلون.“ چيومانس، ”پر هوءَ اڪيلي گهر ۾ ويهي ڇا ڪندي؟ گوپي به هلي.“ زور پريندي چيائين، ”اڄ مميءَ کي گهر ۾ آرام ڪرڻ ڏيو. رڳو اسين ٻئي ٿا هلون.“ مون کي هن جي اهڙي اسرار تي حيرت ته لڳي رهي هئي، چيو مانس، ”چڱو لالي پاڻ ئي ٿا هلون.“

دهلي دربار ۾ مون لاءِ ٿڌي بيئر جو آرڊر ڏيئي، لالي منهنجي چهري جا ڀاوَ ڏسندو رهيو. مون کي لڳي رهيو هو ته هو ڪجهه چوڻ ٿو چاهي، جنهن لاءِ پاڻ کي تيار ڪري رهيو آهي. هو هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو ”ڊيڊي، طبيعت ڪيئن اٿيئي؟ اڄ ڪلهه ڇا پڙهي لکي رهيو آهين؟ ڪهڙا نوان ڪتاب ورتا اٿيئي؟ ڪهڙي نئين فلم ڏٺي اٿيئي؟ تنهنجو دوست ڪرشن راهي ڪيئن آهي؟ هتي جي موسم ڪيئن آهي؟“ چيومانس، ”پٽ، تون مون کان موسم جو حال ۽ منهنجيءَ صحت بابت ڄاڻڻ لاءِ ڇا خاص انڊيا آيو آهين ۽ پهچڻ تي ئي مون کي گهر کان ايترو پري هن هوٽل ۾ وٺي آيو آهين؟ تنهنجي من ۾ ڪا خاص ڳالهه هجي ته صاف چئي ڏي“ ٻاتاڙيل لهجي ۾ آهستي آهستي هن پنهنجي اسڪاٽلينڊ جي ڇوڪريءَ سان هلندڙ ’افيئر‘، جي ڳالهه شروع ڪئي. هو نيوزيلينڊ ۾ هڪ دوست جي شاديءَ جي موقعي تي ڪيئن مليا، ڪيئن سندن دوستي شروع ٿي ۽ ڪيئن اڳتي هلي اها عشق ۾ بدلجي ويئي وغيره. هاڻي هو ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي، جنهن لاءِ پنهنجيءَ ماءُ جي منظوري ته صبح جو ئي وٺي چڪو. رڳو منهنجي اجازت وٺڻ لاءِ مون کي هتي اڪيلو وٺي آيو آهي.

اوچتو هن جي وات تي جڻ تالو لڳي ويو ۽ ان تالي جي چاٻي ڪٿي گم ٿي ويئي. هو چپ چاپ منهنجي منهن ڏانهن تڪيندو غور سان منهنجي چهري جي لڪيرن جا لاها چاڙها ڏسندو رهيو. هڪ ئي ڍڪ سان سڄو گلاس خالي ڪري، ڊگهو ساهه کڻندي پڇيومانس، ”لالي، مون کان اجازت وٺڻ آيو آهين، يا رڳو اسان کي پنهنجي شاديءَ جو اطلاع ڏيڻ آيو آهين؟“ چيائين، ”ڊيڊي، اطلاع ته مان توهان کي فون تي به ڏيئي ٿي سگهيس. هفتي ۾ ٽي چار ڀيرا توهان کي فون ڪندو رهندو آهيان. توهان کي ڇڙو اطلاع ڏيڻ لاءِ ئي ته آفيس مان موڪل وٺي ۽ چار پنج هزار ڊالر خرچ ڪري هتي نه آيو آهيان.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاليءَ جي ان ديانتداريءَ مون کي متاثر تہ ڪيو پر مان ذهني طور ان لاءِ تيار نہ هوس. ملول منهن سان چيومانس، ”پٽ، مان سوچ واري ساهتيڪ برادريءَ سان واڳيل آهيان، ان جي ڪنهن بہ فرد هيڏي وڏي ملڪ ۾ لڏي اچڻ ڪان پوءِ بہ، ڪنهن غير سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي نہ ڪئي آهي، جو اسان پنهنجو نسل ۽ ورثو وڃائڻ نہ ٿا چاهيون. اسان جي سنڌ جي ادبي لڏي جا ڪي دوست مهاجراڻيون، پنجاپياڻون ۽ پٺاڻيون بہ پرڻيو وينا آهن، پر هتي اسان مان ڪنهن بہ اديب ائين نہ ڪيو آهي. ان لحاظ ڪان هند جو ادبي لڏو سنڌ وارن ڪان بهتر سنڌي آهي.“

چيائين، ”ائين برابر هجي، پر توهان جو ايندڙ نسل گلوبل ليول (عالمي سطح) تي سوچيندو.“ پڇيومانس، ”پٽ، سمجهو تہ مان تو کي ان شاديءَ جي منظوري نٿو ڏيان. پوءِ بہ ڪندين؟“ چيائين، ”نہ ڪندس. پر پيءَ ڪنهن سان بہ نہ ڪندس. ۽ اهو سڀ آءٌ پختائي ۽ سنجيدگيءَ سان چئي رهيو آهيان.“ مون لاءِ پنهنجي بالغ ۽ سمجهو پٽ جي فيصلي کي قبول ڪرڻ ڪان سواءِ ٻي ڪا واهہ نہ هئي. پنهنجيءَ تسلي لاءِ چيومانس، ”پٽ، انگريزياڻيءَ سان شادي ڪرڻ ڪان پوءِ تون تہ صفا بدلجي ويندين.“ چيائين، ”منهنجو توهان سان وعدو آهي، تہ جهڙو آهيان، اهڙو ئي رهندس. منهنجي سعادتمندي ۽ فرمانبرداريءَ ۾ ڪابہ ڪوتاهي نہ ٿيندي.“

پيءُ پٽ کي بنا ڪنهن رنجش جي گڏ گهر ايندو ڏسي، گوپيءَ سامتيءَ جو ساهہ کنيو. هن اهي ٽي چار ڪلاڪ بيحد بي چينيءَ ۽ بيقراريءَ ۾ گذاريا. ڪيس اهو ئي خوف کائي رهيو هو تہ پيءُ پٽ وچ ۾ اڄ ڪان اٽڪٽت ۽ اختلافن جو سلسلو نہ شروع ٿي وڃي ۽ ٻنهي وچ ۾ مان نہ پيسجندي رهان! ”سڀ رهجي آئي“، سوچي، هن پنهنجي قطب شاهہ مرشد کي ياد ڪري، هن جي تصوير اڳيان وڃي سجدي ۾ ڪنڌ نوايو.

عظيم چيڪ اديب فرنسز ڪافڪا پنهنجي زندگيءَ جو پويون خط پنهنجي پيءُ ڏانهن لکيو هو جنهن ۾ هن پيءُ کي لکيو، ”تو مون مٿان اهڙي تہ دهشت ويهاري ڇڏي آهي، جو تنهنجي سامهون اچڻ سان ئي منهنجي سڄي شرير ۾ سياٽو پئجي ٿو وڃي. تنهنجي خوف ڪان منهنجو سڄو منهن پيلو ٿي ٿو وڃي. منهنجيون ٽنگون ۽ هٿ پير ڏڪڻ ٿا لڳن. منهنجي وات مان اکر نٿو اڪلي. مان تنهنجن غلط سوالن جا تو کي کهڙا صحيح جواب ڏيان؟“ جرمني ۽ چيڪوسلاواڪيا ۾ جنهن سال ڪوئلن جي سخت نافت ٿي هئي، ان وقت سخت سياري ۽ پوهہ جي پاري جي هڪ رات، ان ظالم پيءُ پنهنجي سلهہ جي مريض پٽ فرانسز کي اڌ رات جو گهران ڪيڏي، ڪٿان بہ ڪوئلا هٿ ڪري اچڻ جو حڪم صادر ڪيو. هو هڪ رحمدل پوڙهيءَ راهبہ ڪان ڪيئن ٿورا ڪوئلا هٿ ڪري آيو هو ان واقعي کي ڪٿي ڪافڪا هڪ غير معروف پرشاهڪار ڪهاڻي ”بڪيٽ رائيڊر“ (بالٽي سوار) لکي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان بيحد خوشنيب آهيان، جو پراگ جي ان پَبَ ۾، جتي ڪافڪا پنهنجا ادبي شهپارا تخليق ڪيا هوندا، يا انهن بابت سوچيو هوندو اتي مان پنهنجيون ڪجهه شامون گذاري آيو آهيان. جنهن ڪرسيءَ تي ڪافڪا اچي ويهندو هو ان جي چوڌاري ريشمي نوارن جو حصار جوڙي، اها ڪرسي پبَ جي انتظاميه سنڀالي رکي آهي. مون کي ان ڪرسيءَ تي ويهڻ جي اجازت ته نه ملي، پر مان پب جي دخل (بار ڪائونٽر) تان ڪافڪا جي ڪرسيءَ ڏانهن ڏسندو ئي رهيس ۽ هڪ جام هن جي نالي ۾ پيتو هئم. ڪافڪا ٻائيتاليهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي ۽ جنهن وقت مان ان پب ۾ ويٺو هوس، منهنجيءَ عمر جو به ٻائيتاليهون سال شروع ٿيو هو.

1924ع ۾ چيڪ اديب فرانسز ڪافڪا پويان پساهه کنيا ۽ عظيم انقلابي روسي شاعر ولاديمير مايا ڪووسڪيءَ ماسڪو ۾ پنهنجو آخري نظم 'اٹ' (هن لفظن جو ترجمو نٿو ٿي سگهي) مڪمل ڪري، ميز جي خاني مان روالور ڪڍي، پنهنجي لوندڙي تي رکي ان جي گهوڙو دٻايو.

چاليهه سال گذري وڃڻ کان پوءِ به مان پنهنجي پيءُ کي شدت سان ياد ڪندو رهندو آهيان. ان وقت منهنجي عمر به ايتري ئي هئي، جيتري اڄ منهنجي پٽ لاليءَ جي آهي. ان وچ ۾ ٻيا به نسل پيدا ٿي چڪا آهن، پر اها مرڪ ۽ مٺيا اسان جي الائي ڪهڙي نسل کي نصيب ٿيندي؟

منهنجي شاعر دوست ندا فاضليءَ مون کي هڪ واقعو ٻڌايو هو. هن اٽليءَ جي راڄڌاني روم ۾، گڏيل ٻولين جي هڪ مشاعري ۾، پنهنجي پيءُ جي موت تي هڪ دل ڇهندڙ نظم پڙهيو. نظم جو لب لباب هيءُ هو. "مان تنهنجيءَ قبر تي فاتحا پڙهڻ نه آيس جو مون کي پڪ هئي ته تون مئو ناهين، پر تون مون ۾ ئي زنده آهين ۽ زنده رهندين. جنهن شخص مون کي تنهنجي موت جي سچي خبر به ڏني آهي، اهو شخص ڪوڙو آهي. جي تون دفن به آهين ته منهنجي دل ۾ ئي دفن آهين. ان ڪري مان تنهنجيءَ قبر تي فاتحا پڙهڻ نه آيس." نظم ٻڌي هڪ اطالوي ڇوڪريءَ ندا کان پڇيو.

"تنهنجي پيءُ کي فوت ٿئي گهڻا سال ٿيا آهن؟"

"ويهه سال." هن جواب ڏنو.

"۽ ايترن سالن گذرڻ باوجود پوءِ به تون اڃا پنهنجي مرحوم پيءُ کي ايترو ياد ڪري رهيو آهين؟"

"ڪيئن نه ڪندس؟ منهنجو ته هڪ ئي پيءُ هو."

۽ مان پنهنجي هڪ ئي پيءُ لاءِ پنهنجيءَ 'ڪمر جي ڪمائيءَ' مان بنارس مان پارڪر ۽ واٽر مئن انڊيپينون خريد ڪري، هن وٽ ڪانپور هليو آيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ستاويهون پنو

منگهٽن ۾ مڇرن جي شهر ڪانپور اسان کي بيحال ڪري ڇڏيو هو. سڄي شهر جي چوڌاري، چمڙي جي ڪارخانن ۾ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾، سوداگر اِن چرب جي گودامن جي ڌپ اسان کي چمڙيءَ جي بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو. ڪنهي ڪنهي جسمن جون ڪلون لهي ويون هيون. نواڙ جي کٽن وچ ۾ ڏينهن جو لڪيل منگهڻ رات جي اونده ۾ نواڙن مان نڪري نروار ٿي، سڄي رات اسان جو ماس پٽيندا هئا ۽ اسان جا پوٽ ۽ ٽنگون ٻانهون سڄي ٽوٽرجي پيا هئا. سڄي سڄي رات جي اوجاڳن ۾ سڄي سرير تي ڦهليل ڦٽن ڦرڙين، اسان کي ڦٽي اڌ مئو ڪري ڇڏيو هو. بقول غالب، ”زخم پرجڻ تائين اسان جا نهن به ته وڌي ٿي ويا.“ اهڙي دوزخ مان نڪرڻ لاءِ اسين ڏاڍا آتا هئاسين. دادا پڇندو هو، ”ايترو عرصو توهان هن دوزخي شهر ۾ رهيا ڪيئن پيا هئا؟“

جٺرامداس دولترام جي مهربانيءَ سان دادا کي پهرين کاڌ خوراڪ واري وزارت ۾ ۽ پوءِ سينٽرل ٽريڪٽرس آرگنائيزيشن (سي ٽي او) ۾ آبرودار عهدو مليو ويو ۽ اسان جي مالي حالت راتو رات سڌري ويئي. اسان جو ڪٽنب ان احسان لاءِ هميشه هن جو ٿورائتو رهندو. سرڳواسي جٺرامداس سان اڳتي هلي، جيڪي لپيءَ جي سوال تي خواه ٻيا نظرياتي اختلاف پيدا ٿيا، اهي پنهنجي جاءِ تي، پر انهن ۾ ذاتيات جو ڪو دخل نه هو. هو منهنجي پيءُ جي پڳڙين تي سيني کان پهرين پهتو هو جيڪا هن جي مهانتا هئي ۽ جڏهن هن جي ڪم عمر نياڻيءَ جو بي وقت قضيو ٿيو هو ته هن جا سڀ مخالف به ڪتان ڪتان اعزا پرسيءَ لاءِ هن جي تغلق روڊ واري بنگلي تي اچي ڪٺا ٿيا هئا. هن پنهنجي پويان ناياب ڪتابن جو هڪ وڏو ذخيرو ڇڏيو هو پر هن جي هڪ ئي پٽ ۾ اهي سانڍي رکڻ جو ڪو ليچڻ ۽ سوجهه ٻوجهه نه هئي. ٻڌڻ ۾ آيو ته هن جي نوڪر اهي سڀ قيمتي ڪتاب جامع مسجد جي ڪٻاڙين وٽ وڃي رديءَ جي اگهه ۾ وڪيا. سال پوءِ هڪ آرتوار تي دريا گنج جي فٽ پاٿ تي، پراڻن ڪتابن جي ڪٻاڙين جي پڙيءَ تان مون کي ٻڙودا مان نماڻي فقير جو شايع ڪرايل سچل سرمست جي ڪلام جو بيحد خوبصورت جلد ٻن رپين ۾ ملي ويو. جنهن جي پهرئين صفحي تي جٺرامداس جي پنهنجي هٿ اکري ۾ هن جو نالو لکيل هو. جٺرامداس جا ڪجهه بچي ويل ڪتاب هن جي پاڻتيءَ اُشا عالمچنداڻيءَ مون کي تحفي طور به ڏنا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جنهن دهلي ڪاليج ۾ پڙهندو هوس اتي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي سربراهه هرومل سدارنگاڻي خادم پنهنجن ڪن سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي مدد سان عاليشان سنڌي لائبرري قائم ڪئي هئي. سالن بعد جڏهن ان ڪاليج جو سنڌي شعبو بند ڪيو ويو ۽ سنڌي شاگرد گهٽجي ويا ته ڪاليج جي انتظاميه هزارين سنڌي ڪتاب ڪيٽن مان ڪڍي، لائبرريءَ جي ڪنهن ڏورانهينءَ ڪنڊ ۾ ڍير ڪري لاوارث رکي ڇڏيا. جئرامداس جي ياڻي اُشا عالمچنداڻي ان ڪاليج ۾ پوليٽيڪل سائنس جي ليڪچرار مقرر ٿي. مون کي ڄاڻ ناهي ته اُشا کي سنڌي لکڻ پڙهڻ ايندي هئي يا نه. پر هوءَ پنهنجيءَ ماءُ لاءِ هفتي ۾ ٻه چار سنڌي ناول ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب گهر کڻي ايندي هئي ۽ ائين هڪ هڪ ڪري هن دهلي ڪاليج جي ذري گهٽ سڄي سنڌي لائبرري پنهنجي گهر ۾ آڻي گڏ ڪئي، جيڪا هن جي ماءُ ڏينهن رات پڙهي پوري ڪئي.

بدقسمتيءَ سان اُشا عالمچنداڻي هڪ ٽنگ کان معذور آهي، ان ڪري هوءَ شاديءَ کان محروم رهي آهي. هن جو ٻه پيٽيويو پيٽريو سري واڌواڻي، جيڪي پڻ مون سان ۽ گوپيءَ سان دهلي ڪاليج ۾ پڙهندا هئا، منهنجا گهرا دوست هئا. تن ڏينهن اسين هر آرتوار تي اُشا جي پڳت سنگهه مارڪيٽ واريءَ فليٽ ۾ سڄو سڄو ڏينهن رهي ۽ چور پوليس پتن واري جوئا ڪندا هئاسين. سري واڌواڻي وڏو پتي باز هو ۽ اڪثر سيني کي سڄو ڪري ڇڏيندو هو پر پنهنجن کٽيلن پئسن مان هو شام جو وسڪي ۽ اُچي ڪاڌي پيتي تي پنهنجي سڄي ميڙيل رقم خرچ ڪندو هو. پاسي واريءَ فليٽ ۾ حشوڪيولراماڻي رهندو هو. هو اسان جي پتي بازيءَ واريءَ محفل ۾ ته شريڪ نه ٿيندو هو پر شام واريءَ شراب جي محفل ۾ اچي شامل ٿيندو هو. ٻه چار پيگ پيئڻ کان پوءِ هو انٽرنيشنل سياست تي وڏيون وڏيون تقريرون ڪرڻ شروع ڪندو هو. هن جي چوڻ موجب اندرا گانڌي پنهنجي انگلينڊ جي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ واري شاگرديءَ واري زماني ۾ هن جي والنٽيئرز طور هن جو هر حڪم مڃيندي هئي.

هڪ شام اُشا مون کي چيو "هن نئينءَ فليٽ ۾ ايترن ڪتابن رکڻ جي جاءِ ناهي. ڪاليج وارا ڪتاب واپس وٺڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن. تون هي سڀ ڪتاب پاڻ سان کڻي وڃ." مون کي ڄڻ ڪو قارون جو خزانو ملي ويو. ٻئي ڏينهن ٿي صبح سان ٽئڪسي ڪري دهلي ڪاليج جي لائبرريءَ جا سڀ سنڌي ڪتاب گهر کڻي آيس، جيڪي اڄ تائين ته مون وٽ محفوظ آهن. پر مون کان پوءِ يقينن اهي منهنجي ٻه ڪنهن ملازم معرفت جامع مسجد ۽ درياگنج جي ڪباڙين جي لڳايل فٽ پاٿن تي پهچي ويندا.

هينئر حشو هن دنيا ۾ ناهي، ڪملا ٻه نه رهي آهي. اُشا خبر ناهي ڪٿي آهي، ۽ سري واڌواڻي ڪڏهن ڪنٽري ڪلب جي بار ۾ اڪيلو گڏجي ويندو آهي، جتي ٻه چار پيگ پي، هڪ ٻئي کان موڪلائيندا آهيون ۽ وري ڪڏهن سال ٻئي ائين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو ڪنهن ڪلب جي بار ۾ ملي ويندا آهيون. تاس جا ٻاونجهاهه پتا ڌڙي پڪڙي ويا آهن. رڳو ٽيونجاهون پتو هيڏانهن هوڏانهن پٽڪندو رهندو آهي.

سياسي ۽ سماجي سوجهه ٻوجهه ۽ عالمي سياست جو گهرو شعور رکندڙ مشهور انگريزي اخبار جو مقبول ڪالم نويس حشو ڪيولراماڻيءَ پنهنجن پوين ڏينهن ۾ مفلسيءَ جو ڀيانڪ روپ ڏٺو. گذر سفر لاءِ هو پنهنجا ناياب ڪتاب ڀڳڙن مٺ تي وڪڻڻ لاءِ دوستن کي گهر گهرائيندو هو ۽ ڪانئن زبردستيءَ پنهنجا ڪتاب خريد ڪرائيندو هو. ڪتابن کان پوءِ هن پنهنجي گهر واريءَ کان لڪائي گهر سامان سڙو ٻه سستو وڪڻڻ شروع ڪيو جنهن تان ٻنهي وچ ۾ سدائين جهيڙو رهندو هو. هن جي گهر واري هن کي صبح جو ٻه رپيا هٿ ۾ ڏيئي گهر مان ڪڍي ڇڏيندي هئي. ۽ هو سڄو ڏينهن هِتي هُتي پٽڪندي، رات جو دير سان گهر موٽندو هو. سگريٽن بدران پن جون ٻيڙيون پيئڻ لڳو ۽ فوجيءَ ڪئنٽين جي سستي رم تي گذران ڪرڻ لڳو. هن زندگيءَ جا پويان ڏينهن الهاسر نگر جي جهوپڙ پٽيءَ ۾ گذاريا. جتي ئي هن جي لاوارث لاش جو ميونسپالٽيءَ وارن مساڻ ۾ آخري اگني سنسڪار ڪري ڇڏيو هو.

هڪ رات مان بمبئيءَ ۾ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي گهر ويٺو هوس. اسان اڃان پهريون پيگ ئي ٺاهيو هو جو در جي گهنٽي وڳي. ڪيرت جي زال سوتيا در کوليو ته حشو اندر گهڙي آيو. ڦاٽل ميري قميص ۽ ڪتل پئنٽ، مهيني کن جي وڌيل اڇي ڏاڙهي، مٿي تي ڪاري رنگ جي پراڻي ڇپي ٽيل فليٽ هئٽ. گهنجيل چهرو ۽ ڏرا ڏيئي آيل اکيون. ”اڙي لڇمڻ، تون؟“ ۽ مون کي ڀاڪر پائي چپ چاپ صوفا تي ويهي رهيو. ڪيرت بي نيازيءَ مان هن لاءِ پيگ ٺاهيو. هو سڄو گلاس ڳيت ڏيئي پي ويو. ٿڪل، اداس ۽ ڳاڙهين اکين سان مون ڏانهن گهوريندي پڇيائين، ”ٻڌاءِ لڇمڻ، حشو اڃا تائين پاڻ ۾ هڪ مڪمل انسٽيٽيوشن (ادارو) آهي يا نه؟“ منهنجي جواب لاءِ ترسڻ کان سواءِ ئي چوڻ لڳو ”تو کي خبر آهي ته روس جو صدر خروشيف اهم ترين عالمي مسئلن تي مون سان ئي مشورو ڪندو هو ۽ منهنجي صلاح کان سواءِ ڪوبه فيصلو نه وٺندو هو. تو کي ڄاڻ آهي ته اڄ اڌ دنيا سوشلزم طرف وڌي رهي آهي. ۽ سنڌن سوچ جو رخ موڙڻ ۾ حشوءَ جو ڪيترو نه وڏو ڪردار رهيو آهي. آمريڪي صدر جو انڪشاف پڙهيو اٿيئي؟“، انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو.

ڪيرت مون کي اتان اٿاري اندر ڪمري ۾ وٺي آيو. چيائين، ”هي هتان سولي جند نه ڇڏيندو ۽ ماني کائڻ کان سواءِ نه ويندو. سوتيا بيمار آهي، ان ڪري ماني ٻاهران گهرائڻي پوندي. تون هن کي پنج رپيا ڏيئي ڪانئس جان ڇڏاءِ. مان ته ڏيئي ڏيئي ٿڪجي پيو آهيان. پئسا ملندي ئي هو هڪدم هليو ويندو.“ آلين اکين سان مون حشوءَ کي صوفا تان اڇي اٿاريو. هو هيڏانهن نهاري بوتل ڳولهي رهيو هو. جيڪا ڪيرت الماڙيءَ ۾ رکي ڇڏي هئي. مون کيسي مان ڏهين جو نوٽ ڪڍي، چپ چاپ حشوءَ جي تري تي رکي، هن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مٺ پيڪوڙي چڙهي. پئسا ملنديئي ٿي حشو ٽڪڙو ٽڪڙو در ڪوليءَ ٻاهر نڪري ويو. در جي چانئٺ تي، بيٺي بيٺي مان سنڌ جي هن عظيم دانشور، اعليٰ مفڪر، انگريزي صحافت جي دنيا ۾ آبرودار رتبو ماڻيندڙ حشو ڪيولراماڻيءَ کي آخري ڀيرو وڏيون وڏيون ٻرانگهون ڀريندو اونده ۾ غائب ٿيندي ڏسندي رهيس. اندر اچي ڪيرت کي چيم، "ڪيرت، ماني نه گهرائجانءِ، اڄ مون کان گره به نه اڪلندو." ٻاهر اچي مون مرين لائينس وڃڻ لاءِ ٽئڪسي ڪئي. ٽئڪسيءَ ۾ درين کان ٻنهي پاسي رستي جي روشنين ۾ هن کي ڳولهيندو رهيس، متان ڪٿي هو نظر اچي وڃي، پر دل ٿي دل ۾ سوچي رهيو هوس ته نه ملي ته سٺو. ڪٿي سچ پچ ملي ويو ته مان هن کي رات ڪٿي وٺي ويندس؟ پنهنجي ساهيڙيءَ جي گهر ۾ هن کي رات ڪيئن رهائيندس؟ بهتر آهي ته نه ملي. ۽ حشو مون کي زندگيءَ ۾ وري ڪڏهن نه مليو.

سال ٿيهه جي سياري ۾ جڏهن شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي دهليءَ آيا هئا ته حشوءَ ڪين پنهنجي ڀڳت سنگهه مارڪيٽ واريءَ فليٽ ۾ مانيءَ تي گهرايو هو. هن ڪنهن فوجيءَ کان سستي رم جي بوتل هٿ ڪئي هئي ۽ مون کي، سترام همدرد، هريڪانت ۽ شام ڀاڳيا کي قوڙي ڪري ڪبابن ۽ مانيءَ جو انتظام ڪرڻ لاءِ چيو هو. هريڪانت مون کي چيو، "چا به ٿئي، اڄ اياز لاءِ گهر ڀاري ڏياري ڪرڻي آهي. پر في الحال گهر تو کي ڀارڻو آهي. پهرين تاريخ تنهنجو قرض لاهيندس."

شام ڀاڳيا پنهنجي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وڏن وڏن ليڊرن ۽ پنهنجي ڀاڙيسري، پنجابي اديبه امرتا پريتم ۽ امروز کي پڻ مدعو ڪيو هو. امرتا پريتم پنهنجي هٿ سان اياز کي پيگ ناهي ڏيئي رهي هئي ۽ اياز جي سگريٽ جوااڌ پئڪيٽ پي ويئي هئي.

اياز جو جگري دوست سترام همدرد پنهنجي سالي جي هوٽل تان لذيذ طعام تيار ڪرائي آيو هو. حشوءَ جي گهر رم جا ٻه چار پيگ پيئڻ کان پوءِ اياز ڏاڍو جذباتي ٿي ويو. هو وڪيلن وانگر جڻ عدالت ۾ اٿي بيٺو. هڪ سٽ ڳالهائي هيٺ جهڪي حشوءَ جا پير پڪڙڻ لڳو. وري اٿي بيهي انگريزيءَ ۾ تقرير ڪرڻ لڳو. I owe half my excistance to Hashu. (منهنجو اڌ وجود حشوءَ جي ڪري آهي) ۽ حشو ورائي ورائي اياز کي چوڻ لڳو.Why half Ayaz, Why not full (اڌ ڇو اياز سڄو ڇو نه؟)

"سڄو نه حشو رڳو اڌ، رڳو اڌ!"

"سڄو ڇو نه؟" حشوءَ رم جو وڏو ڍڪ ڀريندي چيو.

"ڏس حشو." اياز جو آواز ٻاتاڙجڻ لڳو هو. "تون ڪراچيءَ ۾ مون کي فليٽ ۾ اڪيلو ڇڏي هليو وئين. ان بعد مان جيڪي ڪجهه آهيان، پنهنجي قابليت ۽ محنت سان بڻيو آهيان. تو ته وڃي انگلينڊ وسائي ۽ مان وڪالت جي سند وٺڻ لاءِ پنج سو رپيا هٿ ڪرڻ لاءِ هِتي هُتي ڀٽڪڻ لڳس. ڪراچي ڪارپوريشن ۾ ڪلارڪيءَ جي نوڪري ڪيم. مون تنهنجي...."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

همدرد ڏاڍو پلو شاعر هو. هن لاءِ اياز لکيو هو ”جي زندگي هن سان وفا ڪري ها تہ اڳتي هلي هو مون کان بهتر شاعر ثابت ٿئي ها.“ هندستان جي جن بہ سنڌي مشاعرن ۾ هو پنهنجا غزل پڙهندو هو تہ پاڻ سان گڏ سڄي مشاعري جو تنبو ئي اکاڙي ويندو هو. ان ڪري سنڌيءَ جا اڪثر شاعر چاهيندا هئا تہ همدرد کي شعر پڙهڻ لاءِ سڀني کان پڇاڙيءَ ۾ سڏايو وڃي. پر حيرت آهي تہ هن جي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ هن جي ذاتي مفلسي ۽ بي سرو ساماني جو ذڪر ناهي. هن جي سڄي شاعري خالص رومانوي شاعري هئي، جنهن ۾ هن جو انداز عاشقاڻو بہ هو تہ معشوقاڻو بہ.

شيخ مبارڪ اياز سان گڏ مئٽرڪ پاس ڪري (جنهن ۾ هن جي چوڻ موجب هو سڄي تر ۾ پهريون نمبر آيو هو ۽ اياز جي پوزيشن هن کان گهڻو هيٺ هئي) سترام همدرد، سکر وڃي ڪنهن اسڪول ۾ ماستري ڪئي. ورهاڱي بعد دهليءَ ۾ هن کي سينٽرل بئنڪ جي چاندني چوڪ برانچ ۾ نوڪري ملي ويئي. هتي ئي اچي هن شادي ڪئي ۽ ٻن ٻارن جو پيءُ ٿيو. هو سبزي منڊيءَ ويجهو هڪ جهوپڙ پٽيءَ واري علائقي آريہ پورا ۾، پنهنجي ننڍي ڪٽنب سان رهندو هو ۽ مون کي چوندو هو ”لڇمڻ، هڪ ڏينهن مان پنهنجي لاءِ هڪ عاليشان محل نما گهر اڏائيندس ۽ پنهنجي ماءُ، زال ۽ ٻارن کي راڻين ۽ شهزادن جيان رهائيندس.“

اڳتي هلي هن پنهنجن ٻن سالن سان ڀاڱيداريءَ ۾ درياگنج ۾ ربي ريسٽارنٽ کولي، جتي هو شام جو بئنڪ جي ملازمت کان فارغ ٿي، رات جو نوين بجي تائين دخل تي اچي ويهندو هو ۽ سڄي ڏينهن جي آمدني سنڀاليندو هو. تن ڏينهن منهنجي اخبار جي آفيس دريا گنج ۾ هئي. ۽ مان بہ ايندي ويندي هن جي هوٽل مان چانهہ پيئندو ويندو هوس. ۽ ڪڏهن رات جو نوين کان پوءِ اسٽيل جي گلاسن ۾ دارون بہ پيئندا هئاسين. ٻاهران ايندڙ اديب دوست بہ ربي ريسٽارنٽ ۾ ايندا ويندا رهندا هئا. اردوءَ جي شاعر نريش ڪمار شاد ۽ گيتڪار آنند بخشي، جنهن اڳتي هلي فلمن ۾ وڏو نالو ۽ ناڻو ڪمايو. پڻ همدرد جي هوٽل جا مستقل گراهڪ هوندا هئا. آنند بخشي چئين آني جي چانهہ لاءِ بہ سترام وٽ اوڌر رکندو هو ۽ نريش ڪمار شاد تہ هن کي بل جا پئسا ئي نہ ڏيندو هو.

سترام همدرد جي زندگيءَ جو هڪ ئي مقصد وڃي رهيو هو. گهٽي ۾ گهٽي دولت ڪمائي پنهنجيءَ مفلسيءَ کان بدلو وٺڻ ۽ جهوپڙيءَ مان منتقل ٿي محل ۾ رهڻ. ان مقصد پوريان هن شاعري ڇڏي ڏني. مشاعرن ۾ وڃڻ ڇڏي ڏنو. دوستن سان ملڻ جلڻ ڇڏي ڏنو. ادبي ڪلاسن ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو. ساؤٿ دهليءَ جي ڪنهن امير ترين علائقن ۾ محل تعمير ڪرڻ لاءِ زمين جي ڳولها ۾ سرگردان رهيو.

اڃيءَ شرٽ ۽ پئنٽ جي کيسن ۾ ربي ريسٽارنٽ مان ڪمايل پنهنجي حصي جي پتيءَ جا پئسا ميڙي، سترام همدرد نئين دهليءَ جي رستن تي رلندو رهيو. هن جو سڄو ڌيان رڳو ڏکڻ دهليءَ ۾ تعمير ٿيندڙ اميرن جي بستين ۽ ڪالونين تي مرڪوز رهيو. نيٺ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن هن کي گريٽر ڪئلاش واري علائقن ۾ پنج سو والن جو هڪ ڪارنر پلاٽ دهليءَ جي مشهور اسٽيٽ ايجنٽ وٽان هٿ اچي ويو. هو مون کي ۽ هيمر کي پلاٽ ڏيکارڻ وٺي هليو. پلاٽ جي سامهون وڏو شاپنگ ڪامپليڪس، ٿئيٽر، هوٽلون وغيره تعمير ڪرڻ جون رٿائون تيار ٿي رهيون هيون، جن جا ٻاهران نقشا لڳل هئا. ايجنٽ جي آفيس ۾ ائڊوانس ڏيئي، هو پلاٽ جي مالڪيءَ واري دستاويز جي رسيد وٺي آيو. ربي ريسٽارنٽ ۾ اچي هن اسان کي ڊِوَ تي ڪارايو. مون هن کان اڳ ڪڏهن به سترام جي چهري تي اهڙي خوشي نه ڏٺي هئي.

مهيني کن اندر پلاٽ جو قبضو وٺي سترام ان تي وڏي پئماني تي پومي پوڄا ڪرائي، جنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هن سو کن دوستن ۽ مٽن مائٽن کي دعوت ڏني ۽ پوڄا کان پوءِ مانجهاندي جي مجلس ڪئي. پومي پوڄا جي هَونَ ۾ نارايڻ شيام، هيمر، جيون، هريڪانت ۽ مون سچي گيهه ۽ جون جون ڪيوبون پري وڌيون. هريڪانت ته ڪيسي مان ڪيوڙي جي ديسي دارونءَ جي پنٽ ڪڍي، هونَ جي باهه ۾ به چار چمچا وجهي چڙيا. بمبئيءَ مان اسان جو شاعر دوست، ايشور آنچل به اتفاق سان دهليءَ آيل هو ۽ سترام وٽ رهيل هو. هو دهريي قسم جو پوڪرٽو چاٽڪ برهمڻ هو پر پوءِ به هن کي پيءُ ماءُ جا سيڪاريل ڪجهه سلوڪ ۽ منتر برزبان ياد هئا. جيڪي پڙهي هن تڏي بيئر سان اچي پنهنجو گلو آلو ڪيو. سترام جي سيني خير خواهن دوستن هن کي دل کولي مبارڪون ڏنيون ۽ ڪن سرنديءَ وارن هن کي مالي مدد ڏيڻ جا وعدا پڻ ڪيا. سترام جي سالن کان سانديل خواهش پوري ٿي رهي هئي.

بنگلي جي اڏاوت جي ڪم ۾ سترام همدرد ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي ملازمت واري بئنڪ کان وڏ ۾ وڏ قرض ورتو. پنهنجي جمع ٿيل پراويڊنٽ فنڊ جي سڄي رقم ڪڍائي، گرئجوٽيءَ مان ائڊوانس ورتو. پنهنجن مٽن مائٽن ۽ يارن دوستن کان اوڌر ورتي، وياج خورن واڻين کان وياج تي رقمون ورتيون ۽ ڪنڏا ڪنيا. پنهنجي جهوپڙ پٽيءَ واري جاءِ گروي رکي، پنهنجي گهر واريءَ جا سڀ ڳهه ڳنا وڪيا. ربي ريسٽارنٽ جي پنهنجن ڀائيوارن سالن کان پنهنجو حصو پٽي وٺي. ان جي مالڪي کي وڪڻي ڏني. ڪن عزيزن ۽ دوستن کان قرض وٺڻ لاءِ ڀوپال، ناگپور ۽ جبلپور تائين ويو. پئسن هٿ ڪرڻ جو ڪو به وسيلو ۽ واهڻ هن هٿان وڃڻ نه ڏنو. هن ڇئن پنجن معمارن کان پنهنجي اڏجندڙ بنگلي جا مختلف نقشا تيار ڪرايا. راتين جون راتيون انهن نقشن کي ڏسندو رهندو هو ۽ انهن تي ڳاڙها ساوا نشان ڪندو رهندو هو. هن جو بنگلي تعمير ڪرائڻ جو شوق جنون جي حد تائين پهچي چڪو هو.

لڳاتار ڏيڍ سال تائين تڪي اس، گرمين سردين ۽ برساتن ۾ اڀي پير بيٺي بيٺي همدرد پنهنجي جاءِ جوڙائيندو رهيو. فرشن لاءِ اڇو سنگمرمر وٺڻ هو پاڻ ڪشن ڳڙهه ويندو هو. هن قيمتي ۾ قيمتي ڪوٽا ۽ جسلمير جو ماربل استعمال ڪيو. ڊرائنگ روم ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيڊ رومن جي درن ۽ ديوارن تي شفاف آئينا لڳرايا. پٿين تي اڇي ۽ اڇا رنگ روغن ڪرايا. الموا مان قيمتي ۽ قيمتي شيشم جو ڪاٺ گهرائي، سڄي گهر جو اعليٰ فرنيچر تيار ڪرايو. غسلخانن ۾ رنگين باٿ ٽب ۽ ڦوهارا لڳرايا. پٿين تي چمڪدار بتيون ۽ ڇتين تي خوبصورت فانوس لڳايا. هو پنهنجي جهوپڙ پٽيءَ واري غربت کان پرپور بدلو وٺي رهيو هو.

ڏيڍ ٻن سالن جي ديوانگيءَ واري دور ۾ سترام همدرد الائي ڪٿان ڪٿان گذريو. هن پنهنجو سک، چين، ننڊ آرام ڦٽائي ڇڏيو ۽ پنهنجي صحت بگاڙي ڇڏي هئي. هن جو پناٽڪو خوبصورت چهرو ڪاراٽجي ۽ گهنججي ويو پر پوءِ بہ هو بيحد خوش هو. هن جو بنگلو جڙي راس ٿي چڪو هو. هن جو سالن جو سانڍيل سپنو ساڪار ٿي چڪو هو. هو اڌ اڌ رات جو اٿي پنهنجي بنگلي ٻاهران وڃي ويهندو هو. هن جي دل کي تسڪين ۽ اکين ۾ خماري اچي چڪي هئي. هو اسان کي چوندو هو. ”هاڻي اسان کي پنهنجي هفتيوار ادبي ڪلاسن لاءِ هِتي هُتي هنڌ ڳولهڻا نہ پوندا. هاڻي اهي ادبي ڪلاس هر آرتوار تي منهنجي نئين گهر ۾ هلندا.“

۽ اهو آرتوار جو ڏينهن هو جڏهن سترام پنهنجي نئين بنگلي جي گرهہ پرويش (هائوس وارمنگ) واري جشن جي وڏي پئماني تي دعوت رکي. سٽي ۾ سٽي پرنٽنگ پريس مان هن خوبصورت دعوتي ڪارڊ ڇپارايا، جن جي پوئين ڪورتي هڪ آرٽسٽ کان تيار ڪرايل هن جي بنگلي جي تصوير ڇپيل هئي. ڇنڇر تي صبح جو سويل ئي هو پنهنجن دوستن کي هٿون هٿ ڪارڊ ڏيڻ لاءِ گهران نڪتو. سڄو ڏينهن دهليءَ جي دوستن ۾ دعوتي ڪارڊ ورهائيندو رهيو. سانجهين جو پنجين بجي ڏاري مون وٽ آيو چيائين، ”سياڻي تون جلدي پهچي وڃجانءِ. ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. جلد ئي گهر وڃي آرام ڪرڻ ٿو چاهيان. سياڻي بہ سڄو ڏينهن هڻ پٽ هوندي“ هو مون کان موڪلائي ٽائيمس بلڊنگ مان نڪري، دريا گنج، ’ربي ريسٽارنٽ‘ ڏانهن پنڌ نڪري پيو.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ دريا گنج علائقي جي پرويز مشرف جي جاءِ پيدائش واري نهر والي گلي جي موڙ تي، سترام ڪلياڻي همدرد جو بي جان جسم پٽ تي پيو هو. هن جي هئنڊ بئنگ ۾ سندس بنگلي جي گرهہ پرويش جي جشن جا ڪجهہ اڻ ورهايل ڪارڊ ۽ بئنڪ جو شناختي ڪارڊ پيل هو. هو ٻائيتاليهن سالن جو هو. بي پناهہ خوشيءَ، بي تابيءَ ۽ ٿڪاوٽ ڪري هن کي دل جو شديد دورو پيو هو.

ڪن پل ۾ ئي سنڌي شاعريءَ جو اهو آواز پولارن ۾ کوئجي ويو، جنهن لاءِ شيخ اياز لکيو ”جي زندگي هن سان بي وفائي نہ ڪري ها تہ هو مون کان وڏو شاعر هجي ها.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٺاويهون پنو

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن طوطي يا مئنا ڪي پنهنجي پڃري سان ايترو تہ پيار ٿي ويندو آهي، جو سندن اڏامڻ جي تمنا ئي مري ويندي آهي. هو سوچيندا آهن. هاڻي هي پڃرو ئي اسان جو آرام گاهہ آهي. هتي بنا ڪنهن هڻ پٽ جي مٺو زيتون بہ ملي ٿو. ڪٿي انبڙي بہ ملي ٿي، تکو سائو مرچ بہ ملي ٿو ۽ ٿڌي پاڻيءَ جو وٽو بہ ملي ٿو.

گڏو گڏ متن اهو خوف بہ حاوي هوندو آهي تہ ٻاهر نڪرڻ سان متان ڪنهن ڏاڪ ٻلي جي ور نہ چڙهي وڃون؟ ڪنهن جو پيار قبول ڪرڻ آهي تہ هتي پڃري اندر ئي ويهي ٿي پيرا 'قبول، قبول، قبول' چئي، غائبانہ طور ان سان لائون لهي ٿا ڇڏيون.

آتمڪ طور اجا بہ پڃري جا اهي پکي، مون سان ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ جڙيل ۽ جڪڙيل آهن.

سروريءَ کي الوداع چئي، ڪانپور پهچي، پنهنجيءَ ڪمر جي ڪمائيءَ مان خريد ڪيل پارڪر ۽ واٽر مئن فائونٽين پينون مون پنهنجي پيءُ کي تحفي طور اچي ڏنيون ۽ چيومانس، "دادا، توهان جي ڏنل تحفن جي تہ مان ڪا موٽ نہ ڏيئي سگهندس، پر پنهنجيءَ پهرين ڪمائيءَ مان هي پهريون تحفو توهان لاءِ آهي. اجا تہ زندگي شروع ٿي آهي. اڳتي هلي مان توهان جي هر پسنديءَ، ناپسنديءَ جو پورو خيال بہ رکندس ۽ احترام پڻ ڪندس." منهنجي پيءُ مون کان اهو نہ پڇيو تہ تنهنجي اها پهرين ڪمائي، ڪهڙي ۽ ڪٿان جي آهي؟ هن کي اها ڄاڻ نہ هئي تہ هن جو مربي پٽ پنهنجي آبرودار خاندان جو ننگ ناموس ٻوڙي، طائفي وارن ڪيرن جي ناٽڪ منڊليءَ ۾، شهر شهر ۽ قصبي قصبي ۾ پنهنجا ٺڙا ٺڙڪائي، هڪ ناچوءَ واري نفري ڪندو رهيو آهي. هفتي کن ڪان پوءِ دادا مون کي پاڻ سان گڏ دهليءَ وٺي آيو. ٻاپي ۽ ٻيا ٻار ڪانپور ۾ ئي رهيا. مون پريل دل سان ان شهر کان هميشہ لاءِ موڪلايو.

چمڙي جي ڪارخانن واري ۽ هن ڳتيل شهر مون کي پنهنجي زندگيءَ جو پهريون پيار ڏنو هو. هتي ئي مان ٻاروتڻ مان ٻاهر اچي جوان ٿيو هوس ۽ هتي ئي مون کي اهو احساس ٿيو هو تہ جوان جسمن جي لذت ڪهڙي ٿيندي آهي. تنزلِ تناسل ۾ ۽ تناسل تنزل ۾ ڪيئن تبديل ٿيندو رهندو آهي، خراج ڪيئن اخراج ۾ بدلجندو آهي ۽ ڪمال تي پهچي ڪيئن زوال پذير ٿيو آهي. سروريءَ کان پاڻ ڇڏائي، بنارس مان ڀڳو هوس، هن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏ دهليءَ کان ڪانپور تائين ڦيريون سفر ۾ پوءِ لکنو باره بانڪي ۾ بنارس تائين سفر مدام سفر. سفر اندر سفر. سروري ئي سروري، سروري ئي سروري، سونهن ئي سونهن ۾ سرهاڻ ئي سرهاڻ هئي. رائنٽيءَ ۾ سروريءَ جي ياڪر ۾ گهاريل اها رات مان يا تہ سچو جسم ئي جسم هوس يا سچو روح ئي روح. هاڻي مان پنهنجي جسم کي تہ ڏوئي پوئي اڇو اجرو ڪري پاڻ سان کڻي آيو هوس، پر سروريءَ سان پنهنجي روح جا اهي رشتا جوڙي آيو هوس، جيڪي زندگيءَ جا ايندڙ ڪيئي سال تيز تر شعلن جيان مون کي لهسائيندا. اهي ڪجهہ سال رشنيت ڪمار جي غزل جي ان بند جيان هئا.

تو ڪوئي ريل سي گذرتي هئہ
مئن ڪوئي پُل سا ٿر ٿراتا هون.

اڄ سروري الائي ڪٿي هوندي؟ جيئري هوندي بہ الائي نہ؟ مون جيان پوڙهي ٻانڀ ٿي ويئي هوندي. مون کان تہ هن جا مهانڊا بہ وسري ويا آهن. هينئر مان نہ ڪا لڏندڙ پل آهيان ۾ نہ ئي منهنجي مٿان ڪا ريل ٿي لنگهي.

سروريءَ جي يادن جون سڀ پليون پار ڪندي، ريل ڪانپور کان دهليءَ اچي رهي هئي. دادا ٽڪ سبب گهريءَ ننڊ ۾ هو ۽ مان رات جي اونده ۾ دريءَ کان ٻاهر نهاريندو ڏڙڪندڙ دل سان گنگا ۽ جمنا مٿان ٿڙڪندڙ پليون پار ڪندي، سروريءَ کان سدائين لاءِ پري ٿيندو پئي ويس. زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو وجود بہ وسري ويندو آهي، پر ڦيرٿين پيار جا پويان پل ڪڏهن بہ نہ وسرندا آهن. پلي ڪو پنهنجي ئي پئدا ڪيل پڃري ۾ پوريءَ ريت محفوظ هجي.

پراڻي دهلي اسٽيشن تي، دادا جي آفيس جو پٽيوالو اسان کي وٺڻ آيو. هو اسان لاءِ دهليءَ کان ٿيهہ ڪن ميل پري، نريلا نالي ڳوٺ ۾ اسان لاءِ پراڻي طرز جي هڪ ڪشادي مسواڙي جاءِ ڳولهي آيو هو ۽ جڳهہ جي چاٻي پڻ ساڻ آندي هئائين. ڪلاڪ ڪن کان پوءِ دهليءَ کان نريلا لاءِ ٽرين هئي، جيڪا اڳ ۾ ئي پليٽ فارم تي بيٺي هئي. مان اڌ خالي گاڏيءَ جي دريءَ وٽ ويهي رهيس ۽ دادا نريلا جون ٽڪيٽون ۽ ڪاڏي پيتي جو ڪجهہ سامان وٺڻ لاءِ پٽيوالي سان گڏ ويو.

اوچتو گاڏي ۾ منهنجي سامهون واريءَ بئنچ تي، گيڙو رنگ جي ڪپڙن ۾ ملبوس هڪ تيجوسي ڇهري وارو سنياسي اچي وينو ۽ مون ڏانهن يڪ ٽڪ نهاريندو رهيو. مان هن جي نظرن جو تاب نہ سهي دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳس. اوچتو منهنجو هٿ پڪڙي پڇيائين، ڪٿان آيو آهين؟ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تو سان گڏ ٻيو ڪير آهي؟" سڀ ڪجهہ ٻڌايو مانس. چيائين، "تو کي تنهنجو سنڌ وارو جنم جو گهر هتي ڏيکاريان؟" مان وائڙو ٿي ويس تہ هي ساڌو مون کي هتي منهنجو سنڌ وارو گهر ڪيئن ڏيکاريندو؟ پر سوچيم نئون نئون اچي وسايل هي عجيب ملڪ آهي، جتي ان کان بہ وڌيڪ عجيب و غريب مخلوق رهندي آهي. هتان جا ساڌو سنياسي، پير فقير، ٻاوا ٻانيڻ، جادوگر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جادوگرائٽيون ملڪان ملڪ مشهور آهن. هي ٻہ ڪو جادو ٽوڻو جاٽندڙ ساڌو يا تانترڪ آهي، پر گڏوگڏ مان هن طرف ڇڪجي ٻہ رهيو هوس. موهہ وس ٿي چيومانس، ”ها، ڏيکار.“ هن پنهنجي ٻڳهي چوغي جي کيسي مان هڪ وڏي ڏاتوءَ جي منڊي ڪڍي، جنهن ۾ آر پار نظر ايندڙ شيشي جو هڪ ٿلهو ننگ جڙيل هو. منڊيءَ جو شيشو منهنجيءَ ساڄيءَ اک وٽ جهلي چيائين، ”يڪ ٽڪ نهار هن ۾ تون پنهنجو سنڌ ۾ جمڻ هنڌ وارو گهر ڏسي سگهندين.“

منڊيءَ جي شيشي ۾ ڳاڙها، ساوا، نيرا، پيلا رنگ ڦرڻ لڳا ۽ پوءِ اڇو رنگ ظاهر ٿيو. مان سچ پچ ڏسي حيران ٿي ويس تہ منهنجي ڪنڊياري واري گهر جا پهرين در درين ۽ پوءِ پڌر ۾ اتي رکيل آرام ڪرسيون ڏسڻ ۾ آيون. منهنجيون نظرون اتي ئي ڄمي ويون. ڪنن جا ڪنڊل لوڏائيندي سنياسيءَ پڇيو، ”پنهنجو گهر ڏسڻ اچئي ٿو؟“ مون ڪنڌ لوڏي ها ڪئي. پڇيائين، ”پنهنجي گهر هلندين؟“ چيومانس، ’ها.‘ چيائين، ”منهنجي پويان پويان هليو اچ. - ايئن چئي هو گاڏي مان لهي ويو. مان الائي ڪهڙي طلسم هيٺ هن جي پويان هلڻ لڳس. مان اکيون مهٽي مهٽي ڏسي رهيو هوس. هيءُ ڪو خواب نہ هو جيئري جاڳندي حقيقت هئي ۽ مان ڪنهن جادوئي اثر هيٺ ڇڻ وڃي ويو هوس.

پراڻي دهلي ريلوي اسٽيشن هندستان جي وڏي ۾ وڏي اسٽيشن آهي، جنهن کي ان وقت اناويهہ پليٽ فارم هئا. پنج ڇهہ ڏاڪڻيون لتاڙيندا، اسين اسٽيشن کان ٻاهر آياسين. اسٽيشن سامهون پنجابي ۽ سک شرڻار ٿين جو قائم ڪيل چانهہ ۽ مانيءَ جي ڍاٻن جون قطارون هيون. سنياسي چانهہ جي هڪ ٻاڪڙي تي اچي ويٺو ۽ مون کي سامهون واريءَ بئنچ تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيائين. مان ڪنهن مقناطيسي اثر هيٺ هن جي وس ۾ اچي ويهي رهيس.

ٻاڪڙي جو سک مالڪ اسان ٻنهي کي جاچي رهيو هو. هو ڪائونٽر تان اٿي، پاڻ اسان لاءِ چانهہ جا ٻہ گلاس کڻي آيو ۽ مون کي گلاس ڏيندي وقت منهنجيءَ ٻانهن ۾ هٿ وڌائين. هن جي مضبوط هٿ جو دٻاءُ منهنجيءَ سنهڙيءَ ٻانهن کي ڄڻ چيڀاٽي رهيو هو ۽ سندس ٻانهن ۾ پيل لوهہ جو ٿلهو ڪڙو مون کي چيڀي رهيو هو. مون کي سلڪ جي نئين قميص، نڪر ۽ پيرن ۾ نئين چمڪندڙ بوٽ ۽ پيرن ۾ جوراب پيل هئا. هوٽل وارو لاهوري سک سمجهي ويو تہ مان هن ساڌوءَ جي قبيلي مان نہ آهيان. اوچتو هو مون کي ڇڪي ٻاهر وٺي آيو ۽ مون کان پڇيائين، ”تون تہ ڪنهن سٺي گهر جو ٿو لڳين. هن تانترڪ جي صحبت ۾ ڪيئن آيو آهين؟“ چيومانس، ”هي سچو سنياسي آهي. هن پنهنجي اڇي هيري ۾ مون کي پنهنجو گهر ڏيکاريو آهي.“ سک چيو ”هي ڪي سنياسي نہ پر فريبي قسم جا تانترڪ آهن. جيڪي معصوم ٻارن کي پنهنجيءَ تانترڪ وديا ۾ سان ڦاسائي، پنهنجيءَ نيات ۾ شامل ڪندا آهن ۽ ڪين سڄي ملڪ ۾ رلائيندا رهندا آهن.“ مون کي سک جي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي آئي ۽ مان واڻڙن وانگر ان سنياسيءَ طرف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسندو رهيس. اوچتو سک زور زور سان منهنجا هيئي ڪن مروڙڻ لڳو ۽ مان سور کان ڦٿڪڻ لڳس. آهستي آهستي منهنجا حواس درست ٿيڻ لڳا. سک ٻانهن کان جهلي، مون کي پنهنجي ڏاهپي ۾ وٺي آيو ۽ سنياسيءَ کي چيائين، "ان منڊيءَ ۾ مون کي به پنهنجو لاهور وارو گهر ڏيکار." ساڌوءَ پنهنجي نراڙ تي هٿ گهمائيندي چيس، "تون نه ڏسي سگهندين."

"ڇو نه ڏسي سگهندس؟"

"تون خونخوار قاتل آهين. تنهنجيءَ چيلهه ۾ ڪرپان ٻڌل آهي، جنهن سان تون ڪنهن جو به قتل ڪري سگهين ٿو."

"تنهنجو به ڪري سگهان ٿو. اسين سک پنٿ جا پوئلڳ آهيون. توهان جهڙن پاکنڊين کي چڱيءَ ريت پرکيو وٺون. ان کان اڳ جو مان هيءَ ڪرپان ٻاهر ڪڍان، تون هتان هليو وڃ" ائين چئي سک پنهنجي ڪرپان جي ڳن تي هٿ رکيو.

سنياسيءَ جي اکين ۾ عجيب قسم جو تيج هو. هو مرڪندڙ منهن سان سردار جيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. پوءِ چپ چاپ اٿي هلڻ لڳو. وڃڻ وقت هن مون کان به موڪلايو. تلوار جي ڏار جهڙي اها تکي مرڪ مان پنجاهه سالن کان پوءِ به وساري نه سگهيو آهيان.

اڳتي هلي مون تانترڪ سنياسين جي زندگيءَ بابت گهرو اڀياس ڪيو آهي. انهن جي مٿن ۽ مڙهين ۾ به رهيو آهيان ۽ ويجهڙائيءَ کان سندن ساڌنائون، جپ تپ، پاٺ پوڄائون، ساڌيون ۽ انتر ڏيان، گانجي ۽ سلفين وارا نشا پتا، سندن رولاڪپٽي واري زندگي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندن ٿي هٿان ڪن لاعلاج مرض جي شفايابي ۽ سندن تخليقي خواهه تخريبي عمل جا ڪئين نمونا ڏٺا آهن. انهن تانترڪ سنياسين ۽ ساڌن جو حسب نسب اڄين جي گرو گورکناٿ سان وڃي ٿو ملي. انهن جو هڪ الڳ پنٿ آهي، جيڪو اڄين کان وٺي هندستان جي وچين علائقن واري نربدانديءَ جي منهن واري علائقي امرڪنٽڪ تائين ڦهليل آهي. سندن نيات جي هڪ شاخ ۽ ٻانهيتي اوپر بينگال (هاڻي بنگلاديش) جي چٽگانگ جي جبلن واري ايراضيءَ ۾ پڻ وسيل آهي. چٽگانگ جا تانترڪ سنياسي، هنگلاج ديويءَ جا پوڄاري آهن ۽ ڪنهن زماني ۾ اهي اتان پيرين پنڌ ڏورانهين ماڳ تي بلوچستان ۾ هنگلاج ديويءَ جي مندر تائين رتن ڪندا رهندا هئا.

اڄين جي گرو گورکناٿ جي غفائن اندر، غفائن ۽ سرنگهن اندر سرنگهن ۾ مون پاڻ ڪيترن سنياسين کي ساڌنائون ڪندي ڏٺو آهي، جن لاءِ چيو وڃي ٿو ته سالن جي ساڌنا ۽ تپسيائن کان پوءِ ڪين اهو گيان حاصل ٿئي ٿو جنهن سان هو پنهنجيءَ آتما کي به وس ۾ ڪري سگهندا آهن. هماليه ۾ رشيڪيش کان بدري ناٿ ۽ ڪيدار ناٿ وارن رستن تي، گنگوتري، جمنو تري ۽ جوشي مٺ وارين جابلو غفائن ۾، مون اهڙا سنياسي به ڏٺا آهن، جيڪي سالن کان پنهنجو ساهه روڪي، پنهنجي دماغ ۾ محفوظ ڪيو ويٺا آهن، باقي سندن بي جان جسم مرده ٿيو سماڌيءَ ۾ ويٺو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدري ناٿ جو تيرٿ ٻارنهن هزار فوٽن جي اوچائيءَ تي آهي، جتي سال جا ڇهه مهينا برف هوندي آهي. ان عرصي دوران سڄو وسيلُ شهر هيٺ لهي، ديو پرياڳ يا جوشي مٺ هليو ايندو آهي. پر هڪ مهنت هيٺ نه لهندو آهي. هو ڪاٺ جي پيٽيءَ ۾ سڏو تي سمهي رهندو آهي ۽ مندر جا شيوا ڏاري ان پيٽيءَ کي قفل ڏيئي، چاٻي پاڻ سان کڻي ويندا آهن. ڇهن مهينن کان پوءِ اونهاري اچڻ تي موٽي جڏهن ان پيٽيءَ جو تالو کوليندا آهن ته مهنت آهستي آهستي پنهنجو ساهه سرير ۾ لاهي، پهرين چر پر ڪرڻ ۽ پوءِ روزمره جي زندگيءَ ۾ موٽي ايندو آهي. چون ٿا ته ان مهنت جي عمر ڏيڍ سوَ سالن کان به وڌيڪ آهي.

ان سنياسيءَ جي ڇهري ۾ اکين جو تيج اجا تائين به منهنجي ذهن ۾ شعاع پئدا ڪندو رهندو آهي. مان سمجهان ٿو ته هيءَ اندر جي ٻوجهه (Intutional) ۾ ساڏونا وارو هڪ اهڙو علم يا وديا آهي، جنهن جو ڪنهن ڌرم، مذهب يا مت سان ڪو واسطو ناهي ۽ نه ئي ان جي معرفت يا ماتحت حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڪاليداس جي نگريءَ اجين جو گرو گورڪناٿ به ان جو پيروڪار تي سگهي ٿو ته بينگال جو لالڻ فقير پڻ. مون کي ڪڏهن ڪڏهن پاڻ تي ارمان ٿيندو آهي ته ناٽڪن، طائفن، ٿئيٽرن ۽ ميراثين جي دنيا کان پاڻ کي بچائي، جڏهن اتان صحيح سلامت نڪري آيو هوس ته ان ڏينهن مان ان سنياسيءَ جو گيڙو پلاند پڪڙي، پنهنجا سڀ سپنا تياڳي، هن سان ڪنهن اجاتي سفر تي نڪري ڇو نه پيس؟ شايد هو مون کي به اهڙي ڪا شفاف منڊي ڏيئي وڃي ها. جيڪا منڊي مون کي پنهنجي آرپار نه رڳو مون کي پنهنجو هن جنم وارو گهر ڏيکاري ها، پر شايد مون کي پنهنجو ايندڙ جنم ڏيکاري ڇڏي ها. پاڻ کي تسلي ڏيڻ لاءِ مان ائين به سوچيندو آهيان ته مون کي هن دنيا کي تجي ۽ تياڳي ڇا ملي ها ته گڏوگڏ ان سڏ جو پڙاڏو پڻ گونجندو آهي ته هن دنيا ۾ رهي به مون کي ڇا هڙ حاصل ٿيو آهي؟ هو سنياسي وڏ ۾ وڏ انتر ڏيان ٿيڻ ۾ ايڪا گر چت يا محويت وارو مقام حاصل ڪرائڻ لاءِ، مون کي گانجي ۽ سلفيءَ تي هيري ها. پر هن دنيا ۾ رهندي ته الائي ڪهڙيون ڪهڙيون علتون، عيب ۽ گناهه منهنجي نرڙ جي ليڪن مان ليڪا پائي رهيا آهن؟ شراب جو چشڪو ته پنجن سالن جي عمر کان ئي پئجي ويو هو پر پنهنجي شاگرديءَ واري دؤر ۾ ئي پيئڻ جي پت لڳي ويئي. شراب اچڻ لڳو ته هوش وڃڻ لڳو. نشي ۾ انسان جو جيڪو وراٽ روپ نکرڻ لڳندو آهي، اهو اڳتي هلي نکرڻ بدران ونڙڻ لڳندو آهي. ۽ ونڙجي وڃڻ کان پوءِ گناهن ۽ ثوابن جا سلا ڦٽڻ ۽ سلسلا جڙڻ شروع ٿيڻ لڳندا آهن.

هماليه جي دامن ۾ ڪانگرا پرڳڻو آهي. ان جي راجڌانيءَ ۾ هڪ مهاتما پڌرايو. سڄي نگر ۾ هل مچي ويو ته هو هڪ اهڙو مهان يوگي مهاتما آهي، جنهن کي دنيا جي ڪابه طمع ڏتاري نٿي سگهي. ڪانگرا جي جوان ۽ حسين راڻي، اهڙي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاتما کي آزمائڻ لاءِ هڪ رات هن جي آشرم ۾ اڪيلي وڃي پهتي. هوءَ پاڻ سان گڏ پڳل گوشت جو وڏو وٽو ۽ شراب جي صراحي لڪائي ڪٽي ويئي. مهاتما جو تپسوي تيج ڏسي راڻيءَ جي من ۾ ڪام واسنا پڙڪي اٿي. مهاتما جي اپديش مٿس ڪوبہ اثر نہ ڪيو. اڌ رات ڌاري هن مهاتما کي ساڻس سنڀوڳ (جماع) ڪرڻ لاءِ هر طرح جا طريقا آزمايا. پر مهاتما صاف انڪار ڪيو. نيٺ راڻيءَ هن کي ڌمڪي ڏيندي ٽن ڳالهين مان ڪا بہ هڪ ڳالهہ مڃڻ لاءِ مٿس زور پريو "يا تہ منهنجو آندل گوشت جو سڄو وٽو کاءُ. شراب جي سڄي سراحي ختم ڪر يا مون سان مباشرت ڪر. ٻيءَ حالت ۾ مان توتي بدڪاري ۽ زناڪاريءَ جو الزام هڻي، راجا کي چئي، تو کي بند ۾ وجهائيندس."

مهاتما سوچ ۾ پئجي ويو. شڏ برهمڻ هئڻ ڪري هن لاءِ گوشت کي هٿ لائڻ بہ پاپ هو. ڪنهن ڌاري/ پرائي استريءَ سان سنڀوڳ ڪرڻ تہ مها پاپ آهي. باقي سوم رس (شراب) کان تہ ڌرم ۾ بہ منع ٿيل ناهي. اهو سوچي مهاتما شراب جي صراحي هٿ ۾ ڪنئي.

نشي ۾ مدمست ٿيڻ کان پوءِ مهاتما گوشت جو ڪٽورو بہ خالي ڪري ڇڏيو ۽ راڻيءَ سان سنڀوڳ جو سک بہ ماڻيو.

شراب نوشي برابر هر بڇڙائيءَ طرف ويندڙ در دريون ۽ دريچا کولي ڇڏيندي آهي، پر گڏوگڏ انسان جو اندر اجاري بہ ڇڏيندي آهي. شايد ان ڪري ئي شراب ديوتائن ۽ ديوتائن لاءِ عمل جون الڳ الڳ راهون هموار ڪندو آهي. ٻيئي پنهنجا پنهنجا ڪرم ڪندا آهن ۽ ڦل جي آس نہ رکندا آهن. مون کي پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ اهڙا ڪيئي انيئو ۽ مشاهدا ٿيا آهن، جيڪي مون ڪنهن وجداني ڪيفيت هيٺ ڏٺا، محسوس ڪيا ۽ ماڻيا آهن، ۽ اڳتي هلي انهن کان ٻاهر نڪري، خارجي طور جڏهن انهن تي سوچيندو آهيان تہ ان جي پوريان ڪڏهن نہ ڪڏهن، ڪٿي نہ ڪٿي ڪانہ ڪا واردات يا ٿيڻي ٿي چڪي آهي يا ٿيڻ واري هوندي آهي. ائين بہ تہ هيءَ سڄي ڪائنات ٿي پئہ ۽ ٿي پيئي واري منطق تي بيٺي آهي.

سال 1994ع جي مئي مهيني جي چوٿين يا پنجين تاريخ هئي. مان پي. آئي. اي جي فلائيٽ ۾ آمريڪا مان دهليءَ موٽندي، ٻاهتر ڪلاڪن جي ٽرنزٽ ويزا تي ڪراچيءَ جي مڊوي هائوس هوٽل ۾ رهيل هوس. شيخ اياز يوسف شاهين جي اخبار 'برسات' جو ايڊيٽر هو. ان صبوح جو اياز فون تي مون کي چيو، مون وٽ پرنس ڪامپليڪس ۾ هليو اچ، لنچ ڪري برسات جي آفيس ۾ گڏ هلنداسين. مون وٽ منهنجو پريتوان دوست نورالدين سرڪي پنهنجو ڪو اهم ڪيس ملتوي ڪرائي، مون سان ملڻ لاءِ اچڻو هو. مون اياز کي چيو، سانجهن جو تو سان برسات جي آفيس ۾ ملندس. يوسف شاهين کي چئج تہ ڪار موڪلي ڏئي. ٿوريءَ دير ۾ ئي يوسف فون ڪري چيو تہ هو مون کي شام جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجين بجي ڪار موڪلي ڏيندو. شام جا ست ٿي ويا، پر ڪار نہ آئي. ڪجھ وقت ڪان پوءِ اياز فون ڪئي تہ يوسف ڪنهن گهرو مسئلي ۾ ونڃي ويو آهي. مان پنهنجو ڊرائيور موڪليانءِ ٿو. مدوي هائوس جو ڊيوٽي مئنيجر منهنجي شهر نوابشاهہ جو هو. مان هن سان ڪچهري ڪري رهيو هوس جو اياز جو ڊرائيور اچي پهتو.

برسات جي آفيس ۾ ماٺ جو ماحول ڇانيل هو. اياز ان وچ ۾ پنهنجو ايڊيٽوريل لکي ورتو هو جيڪو هن مون کي پڙهڻ لاءِ ڏنو ۽ گڏوگڏ گذريل رات پنهنجو لکيل نئون نظم بہ ڏنائين. جيڪو پڙهيم پئي تہ اوچتو يوسف شاهين آفيس ۾ آيو ۽ مون سان ڀاڪر پائي مليو پر هن جي ڀاڪر ۾ ڪا گرمجوشي نہ هئي. هو چپ چاپ اياز جي ميز سامهون منهنجي پر واري ڪرسيءَ تي اچي ويهي رهيو. هن جي چهري تي چنتائن جون لڪيرون لهي چڙهي رهيون هيون. اوچتو اياز پڇيس، "يوسف، ڪجھ خبر پيئي؟" هن ڪنڌ ڌوڻي نہ ڪئي.

"پوليس ۾ رپورٽ ڪئي اٿوَ؟"

"نہ، ڪجھ وقت اجا ڳولهيون ٿا." يوسف پريشانيءَ وچان چيو.

مون يوسف شاهين کان پڇيو "سائين، ڇا ٿيو آهي؟" يوسف کو بہ جواب نہ ڏيئي اياز ڏانهن ڏٺو. اياز چيس، "ٻڌائيندس، هي هوشيار ماڻهو اٿيئي، متان ڪو نقطو ڪڍي نروار ڪري." يوسف ٻڌايو تہ، "هن جي پيءُ جو ڇهن سالن جو پٽ اڄا اسڪول مان نہ موٽيو آهي. اسڪول ٻي بجي بند ٿي ويندو آهي ۽ هينئر شام جا ست اچي لڳا آهن. ڊپ آهي تہ ڪٿي ٻار اغوا نہ ٿي ويو هجي. ڳولهي ڳولهي ٿڪجي پيا آهيون. منهنجي پيءُ بيحال آهي. سڄي گهر ۾ ماتم متل آهي." ايترو چئي يوسف شاهين ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو. مان سڄي ڳالهہ ٻڌي ڏڪي ويس ۽ چپ چاپ برسات جي آفيس کان ٻاهر نڪري، سگريٽ دکائي، ڪٿي ڪنڊ پاسيرو ويهي رهيس. ڪجھ وقت کان پوءِ برسات جو هڪ سب ايڊيٽر (مون کان نالو وسري ويو آهي) جيڪو ڪجھ عرصو اڳ آريسر سان گڏجي دهليءَ ۾ منهنجي گهران ٿي ويو هو مون وٽ آيو ۽ چيائين، "اياز صاحب چيو آهي تہ برسات لاءِ توهان جو انٽرويو وٺان." چيومانس، "يار انٽرويو وغيره ڇڏ. ڪجھ وقت لاءِ مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي."

لڳاتار ٽي چار سگريٽ پيئڻ کان پوءِ مون اندر اچي صرف شاهين کي چيو "توهان هڪدم گهر وڃو. ٻار گهر ۾ ئي ملي ويندو." يوسف حيرت وچان مون ڏانهن ڏسندو رهيو. اياز مرڪي چيو "ڪهڙو رمل هنيو اٿيئي؟" مون اياز کي ڪو جواب نہ ڏيئي، يوسف کي چيو "دير نہ ڪيو يڪدم گهر وڃو." يوسف پنهنجي ڊرائيور کي سڏ ڪيو. اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ يوسف شاهين وٽان فون آيو "ڇوڪرو ملي ويو آهي، گهر ۾ ئي هو مان اچان ٿو."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوسف شاهين اڇي احوال ڏنو "ٻار اسڪول مان گهر اچي سڌو ڪتابن رکڻ واري ڪمري ۾ هليو ويو ۽ پلنگ پويان هيٺ ڪارپيٽ تي ئي سمهي رهيو ۽ اتي ئي هن کي گهري ننڊ اچي ويئي. ڪنهن به هن کي گهر ۾ ايندو نه ڏٺو. پر تو کي ڪهڙي غيب مان اها جاڻ پيئي؟" چيومانس. "سائين ڪا به غئبي طاقت نه هئي. اڪيلائيءَ ۾ مون کي پنهنجو ٻاروتڻ جو هڪ واقعو ياد آيو:

"ان وقت منهنجي عمر چار کن سال هئي. اسين سال لاءِ ٺٽي ۾ اچي رهيا هئاسين. هڪ رات منهنجو ڏاڏو مون کي ۽ اسان جي گهر جي نوڪر ٽانور کي، ٺٽي جي پڳتن جي اوطاق تي وٺي آيو. پوڙهن جون ڪچهريون ۽ چلمون دير تائين هلنديون رهيون. ٽانور جهوٽا کائيندو گهر هليو آيو ۽ مان وڏي پڳت جي نواڙ جي کٽ هيٺان چپڙي ڪري وڃي سمهي پيس. اتي ئي گهري ننڊ اچي ويئي. دير سان رات جو ڏاڏي اهو سمجهيو ته مون کي ٽانور وٺي ويو هوندو. اڪيلو گهر پهتو ۽ اچي پنهنجي ڪمري ۾ سمهي پيو. دادا گشت تي سجاول پاسي ويل هو. اوچتو اڌ رات جو منهنجي ماءُ جاڳي بابا کان اچي پڇيو نينگر ڪٿي آهي؟ ڏاڏا واڻزو تي ويو. ٽانور کي اٿاري به چار چماٽون هٽي ڇيائين، ڇوڪر کي ڪٿي ڇڏي آئين؟ ڇوڪر ته توهان سان گڏ اوطاق تي هو. ٽانور روئندي چيو. اونده ۾ لالٽين کڻي ٻيئي ڄڻا اوطاق تي آيا.

پڳتن جو نوڪر جڏهن اوطاق بند ڪرڻ کان اڳ بتيون وسائڻ آيو ته کٽ هيٺان اون، اون جو آواز ٻڌائين. سمجهيائين کٽ هيٺان ڪا ٻلي يا پونگڙو ويٺو آهي. لڙڪندڙ چادر مٿي کڻي مون کي سمهيل ڏٺائين ۽ مون کي ڪڇ ۾ کڻي اسان جي گهر آيو. مان گهر پهچي ويو هوس ۽ ڏاڏو ۽ ٽانور مون کي اوطاق ۾ ڳولهي رهيا هئا."

مون ٻنهي کي پيءُ ماءُ کان ٻڌل ننڍپڻ جي ان واقعي جي يادگيري ڏني، جنهن مون کان يوسف شاهين جي پاٽيجي جي ڳولها وارو رمل هٿايو.

ان رات برسات جي آفيس ۾ يوسف شاهين، اياز ۽ مون کي اسٽيل جي گلاسن ۾ لڪائي بليڪ ليبل پياري. اياز پيئڻ ڇڏي ڏنو هو پر ان ڏينهن هن به يوسف جي چوڻ تي چڪي چاڙهي. ٻه پيگ پيئڻ کان پوءِ مون اياز کي چيو ته "برسات جي اڄ واري ايڊيشن جي فرنٽ پيج جو لي آئوٽ مان ڪندس. مون کي اڄ جي اهم خبرن جي لسٽ ڏيار." مون پنهنجي ٽائيمس آف انڊيا جي اخباري آزمودي جو پورو استعمال ڪيو. پنهنجي سڄي ٽيڪنيڪي ڄاڻ ۽ حربا آزمايا. فرسٽ ليڊ، سيڪنڊ ليڊ، مڊل، ائنڪر هيڊ لائينس، سب هيڊنگس، تصويرون، اسڪيچ. سڀ ڪجهه لکندو ۽ پيسٽ ڪندو اياز کي ڏيندو ويس. اياز مرڪندو سڀ ڏسندو ۽ پڙهندو ويو. اڌ، مني ڪلاڪ ۾ 'فرنٽ پيج' جي رٿا ڪري يوسف کي چيم، "هڪ ٻيو پٽيالا پيگ ٺاهي ڏي." يوسف پيگ اوتيندي چيو "دلبر، تون دهليءَ ۾ ڇا ويٺو ڪرين؟ هتي اچي برسات جا وساڪارا ڪر. معاوضي جي چيڪ تي رقم پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڀرج."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر مون کي شايد زندگيءَ جو صحيح معاوضو ارڙهن سالن واريءَ عمر جي ان ڏينهن ئي مليو ها، جنهن ڏينهن مان ان سنياسيءَ سان، سڀ ڪجهه تياڳي، رڳو پنهنجا سپنا سميٽي، سانس ڪنهن اڄاتي سفر تي نڪري پوان ها.

مون کي اڄ بہ احساس آهي تہ هو تريناڪ تانترڪ نہ، پر سچو سنياسي هو جيڪو مون کي ڪوڙ ڪپٽ جي هن دنيا ۾ ڇڏي، ان ڪري رمندو رهيو هو جو اسان ٻنهي جي وچ ۾ لاهوري سڪ جو اپو تيل اگهاڙو ڪرپان ڪتل هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٺٽيهون پنو

منهنجي گهر جي پٺين ۾ درن جي طاقن تي اٺ گهڙيال ٽنگيل آهن، پر اهي الڳ الڳ وقت ڏيکاريندا آهن. ان ڪري خبر ئي نہ پوندي آهي تہ ڪهڙو وقت صحيح آهي، ۽ ڪهڙو غلط؟ شايد اهو ئي ڪارڻ آهي، جو هن دؤر ۾ وقت مهانگو ۽ گهڙيال سستا ٿي ويا آهن.

منهنجي سڄي زندگي بہ منهنجي گهر ۾ ٽنگيل انهن اٺن گهڙيالن جيان رهي آهي، جن جا ڪانٽا ڪڏهن بہ صحيح وقت نہ ڏيکاري سگهيا. انهن ڪانٽن جي ننڍين وڏين سُين وانگر منهنجي سڄي زندگي بہ سيلن جي سرائيءَ تي گهمندي، منهنجي ڪردار جي جدا جدا ڪانٽن جيان ڦرندي رهي آهي. اهو بهروپ نہ، پر منهنجي زندگيءَ جا اهي روپ آهن، جن جدا وقتن ۾ موڙن تي مون کان نيڪي ۽ بديءَ جي راهن تي مختلف مسافتون ڪرايون آهن. کير جي گلاس ۾ مک پئجي ويندي آهي تہ سڄو کير هاري ڇڏبو آهي، پر شراب ۾ مک پئجي وڃي تہ ان کي رڳو آڱر سان ڪڍي ڦٽو ڪري ڇڏبو آهي. مون پنهنجيءَ کير پيئڻ واريءَ عمر ۾ کير جو سڄو گلاس هاري ڇڏيو ۽ شراب پيئڻ واريءَ عمر ۾ رڳوان مان مک ڪڍي ڦٽي ڪئي.

هٿ ۾ کير جو گلاس جهلي، ان صبح جو جيڪڏهن مان ان سنياسيءَ سان ڪنهن اَڄاتي سفر تي نڪري پوان ها تہ منهنجي هيءَ عمر اجائي نہ وڃي ها. اها گمناميءَ واري زندگي ڪنهن نيڪ ناميءَ يا بدناميءَ واريءَ زندگيءَ کان بهتر ۽ پرسڪون هجي ها. پر نيڪي ۽ بدي انسان سان ائين گڏ گڏ هلندي آهي، جيئن دل جي ٽئين خاني ۾ صاف ۽ گندو رت گڏ گڏ سرڪيولٽ ٿيندو آهي. مون چاهيو پئي تہ ڊوڙون پائي سنياسيءَ پويان وڃي هن کي ڪٽي ڳولهي لهان، پر سست قدمن سان مان پراٽي دهلي اسٽيشن جي پليٽ فارم تي ئي موٽي آيس.

منهنجو پيءُ پريشانيءَ واريءَ حالت ۾، اسٽيشن ماسٽر جي آفيس ۾ وينو هو ۽ هن کي منهنجي گمشدگيءَ جي رپورٽ لکائي، لائوڊ اسپيڪر تي اناؤنسمينٽ ڪرائي رهيو هو. هن جو پٽيوالو مون کي هر پليٽ فارم تي تلاش ڪري رهيو هو. لائوڊ اسپيڪر تي پنهنجو نالو ٻڌي، مان اسٽيشن ماسٽر جي ڪمري ۾ هليو آيس. دادا مون کي ڏک



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿڻ لاءِ پنهنجي ٻانهن متي ڪئي، پر پوءِ انهيءَ ئي ٻانهن سان مون کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ڇڏيو. ماءُ جي پيار ۾ ڪتي ڪتي سطحي جذباتيت به هوندي آهي، پر پيءُ جو پيار تمام گهري ۽ بلوغت وارو هوندو آهي. مان پنهنجي پيءُ جي ڇهري جي جذبن مان سمجهي سگهيس ٿي ته انهن ڪجهه ڪلاڪن ۾ هن ڪيتري نه پيڙا ڀوڳي هوندي. دادا جي خاموش ۽ سنجيده طبيعت پيءُ به الائي ڇو اسان ٽنهي ڀائرن کي ڇڙواڳ ڪري ڇڏيو. شايد اهو ڪنهن عمل جو ردعمل ئي هوندو.

پنهنجي پيءُ جي سخت رويي خلاف منهنجي ڀيرين ڪليل بغاوت ۽ نافرمانيءَ پويان به اسان ٻنهي جا جذبا صادق هئا. مان ٻاويهن سالن جو جوان جماڻ ٿي چڪو هوس. ڊسمبر 1958ع ۾ بمبئيءَ ۾ ڀهريون "اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن" ٿي رهيو هو. ان کان سال اڳ، دهليءَ ۾ اسان سنڌي ڪنوينشن ڪوٺايو هو جنهن ۾ سنڌ مان پيرزادي عبدالستار ۽ اي. ڪي. بروهي صاحب مکيه مهمانن طور شرڪت ڪئي هئي. ان ئي ڪنوينشن ۾ منهنجي پهريون پيرو ڪرشن راهيءَ سان ملاقات ٿي، جيڪا ايندڙ سالن ۾ گهري دوستيءَ ۽ ڀائپيءَ ۾ بدلجي ويئي. اڳتي هلي ڪرشن راهي منهنجي گهر جو ڀاتي بڻجي ويو. منهنجي ماءُ هن کي پنهنجي سڳي پٽ جيان پيار ڪندي هئي. ٻاپيءَ جو راهيءَ ۾ ايترو ته وشواس ٻڌجي ويو هو، جو سڀ چوندا هئا ته "منهنجي ماءُ کي پنهنجي پٽ لڇمڻ جو قسم ڏجي ته شايد نه به مڃي، پر راهيءَ جو قسم ڏجيس ته هڪدم ها ڪري ڇڏيندي" ٻاپيءَ جو راهيءَ ۾ ايترو ته ڀروسو ڄمي چڪو هو جو هوءَ پنهنجين ڌيئرن جي متيءَ ماٽيءَ بابت به راهيءَ سان ئي صلاح مشورو ڪندي هئي. مان سمجهان ٿو ته اسان جي ڪٽنبي رشتن جو اهو سلسلو ايندڙ نسلن تائين به برقرار رهندو، جو منهنجي پٽ لاليءَ پنهنجي پٽ (منهجي پوٽي) جو نالو به 'راهي' رکيو آهي.

ٻاپيءَ جي ديهانت کان ڪجهه هفتا اڳ ئي راهي ۽ مايا هن سان دهليءَ ملڻ آيا هئا. بستر مرگ تي منهنجيءَ ماءُ جو سڪڙيل وجود پيو هو. هن جي بي نور اکين پوءِ به پنهنجي هٿ جي ڇُهاءَ سان راهيءَ کي سڃاتو. الائي ڪيئن هن ۾ ڳالهائڻ جي قوت پئدا ٿي ويئي ۽ هوءَ ڪلاڪ ٻن تائين راهيءَ ۽ مايا سان ڪجهه پنهنجي دل جو حال اوريندي رهي ته ڪجهه سندن دل جو حال ونندي رهي. پريل دل سان ٻنهي هڪ ٻئي کان پويون پيرو موڪلايو.

راهيءَ ۽ ڪيرت مون کي لکيو ته بمبئي سميلن شاهي پئماني تي رٿيو ويو آهي ۽ ان ۾ ضرور اچجانءِ. مون اڳ ۾ ڪڏهن بمبئي نه ڏٺي هئي ۽ سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ جي به تمام گهڻي آترويلا هئي، ان ڪري بمبئيءَ وڃڻ جو پڪو فيصلو ڪيم. شام جو سڀ دوست جنتا ڪافي هائوس ۾ مليا سين ۽ دير تائين بمبئي سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ جو پروگرام رٿڻ لڳاسين. نارايڻ شيام، سترام همدرد، هريڪانت، هيمر ناگواڻي، شيام ڀاڳيا، گوپي آڏواڻي، نانڪ مدناڻي ۽ ڪن ٻين دوستن هلڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هريڪانت تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مبئي جون ٽڪيٽون بڪ ڪرائڻ جو ذمو رکيوسين. تن ڏينهن دهلي کان بمبئي جي جنتا ميل ۾ ٽڪيٽ ڇويهه رپيا هئي ۽ پهچڻ ۾ ٽيهه ڪلاڪ وٺندي هئي. هاڻي مون لاءِ ڳو مسئلو دادا کان بمبئي وڃڻ جي اجازت ۽ خرچ پکو وٺڻ جو هو.

مان پنهنجي پيءُ سان گڏ ويهي وسڪي نہ پيئندو هوس (اهو اسان جي ڪٽنب جو براڻو رواج هو) پر پيءُ طرح هن جو بيحد احترام ڪندو هوس ۽ جيسين هو مون کي پاڻ يهڻ لاءِ نہ چوندو هو، تيسين هن اڳيان بيٺو رهندو هوس.

هئي ڏينهن همٿ ٻڌي، مون دادا کان بمبئي سميلن لاءِ وڃڻ جي اجازت ۽ سو رپيا گهريا. هن کي متاثر ڪرڻ لاءِ ٻڌايم تہ سڄي هندستان مان هزارين ڊيليگيٽ ان ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن. ان ڏينهن منهنجي پيءُ جو موڊ الائي ڪهڙي ڪارڻ بگڙيل هئو ۽ ن مون کي بمبئي وڃڻ جي اجازت خواهہ پئسا ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيو.

مون کي پليءَ پٽ چاڻ هئي تہ منهنجي سخت جان پيءُ ديوان چيلا رام ولد سيٺ جاڙو مل، سابق فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ، جنهن مسعود جهڙي سخت گير ڪليڪٽر جي نظربندي تہ قبول ڪئي، پر هن جي چوڻ تي ڪنهن بي ڏوهيءَ کي سزا ـ ڏيڻ جو فيصلو نہ بدلايو. هن جيڪڏهن هڪ ڀيرو 'نہ'. ڪئي تہ ان کي 'ها'. ۾ بدلائڻ مشڪل نہ، پر ناممڪن هو. مان چپ چاپ ڪمري مان ٻاهر نڪري آيس. گهر جي بالڪونيءَ ۾ پنهنجيءَ ڪاوڙ تي قابو پائڻ لا اچي بيٺس تہ هيٺ هريڪانت سيٽيون وڄائي رهيو هو ۽ مون کي هيٺ لهي اچڻ لاءِ اشارا ڪري رهيو هو. اسين ٻيئي سڌو سميوءَ جي گٽي تي هليا آياسين. سروجني نگر جي هڪ پنجابي دڪاندار وٽ يهن رپين ۾ پنهنجي واچ گروي رکي، ان ڏينهن مون ۽ پوري (هريڪانت) مالٽي جي سڄي بوتل ڏوگهي ڇڏي.

منهنجي ننڍي ڀاءُ هاسي کي ڪجهہ مهينا اڳ 'دهلي ڪلاٿ مل' ۾ فرنيس آپريٽر جي نوڪري ملي هئي. هن کي ڪپڙي جي مل ۾ رات جو ڏهين کان صبح جو پنجين بجي تائين فرنيس (ڪوري) جي ٽيمپريچر جي سُين کي هيٺ مٿي ڪري، ڪوري جي گهربل گرميءَ جي پد کي سيٽ ڪرڻو پوندو هو. هو ڏينهن جو ڪي. ايم. ڪاليج ۾ بي. ايس. سي. جي آخري سال ۾ پڙهندو هو ۽ رات جو دهلي ڪلاٿ ملس جو ڪورو سنڀاليندو هو. هڪ رات هن کي ميٽرن جون سُيون چڪاسيندي ئي گهري ننڊ اچي ويئي ۽ ميٽر جي سُئي ايترو مٿي اچي ويئي، جو فرنيس جو بائلر ڦاٽي پيو. جاچ پڙتال ۾ هاسي کي ئي ان حادثي لاءِ سزاوار سمجهيو ويو ۽ هن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو. ڪيس معاوضي طور اٺ سو رپيا مليا. ان سڄيءَ واردات جي مون کان ۽ هاسي کان سواءِ ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ هئي. مون هاسي کان ٻہ سو رپيا ورتا ۽ دوستن سان گڏجي بمبئي سميلن ۾ پنهجي پيءُ جي مرضيءَ خلاف شريڪ ٿيڻ هليو ويس. اهو زندگيءَ ۾ پهريون ۽ پويون ڀيرو هو، مون پنهنجي پيءُ جي نافرماني ڪئي هئي. ٽرين ۾ مون پنهنجن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوستن جي آنڌل مانيءَ تي گذران ڪيو. سترام همدرد پنهنجي رُبي ريسٽارنٽ مان ڪيترائي طعام تيار ڪرائي ڪٺي آيو هو. پيءُ جو ڇيو موٽائڻ جي ڪري منهنجو من ڏاڍو ملول هو ۽ بمبئي وڃڻ جي خوشي اڻ پوري پئي لڳي.

بمبئي سينٽرل اسٽيشن تان سيئي ساٿي پنهنجن پنهنجن مٽن مائٽن وٽ هليا ويا ۽ مان پنهنجيءَ وڏيءَ سوٽ پاريءَ وٽ ڪرلا ۾. هن جي گهر جو پتو پڇائيندو وڃي پهتس. پاريءَ جو مون ۾ ننڍپڻ کان ئي گهڻو موهه هو. هوءَ لاڙڪاڻي ۾ پرڻيل هئي. بمبئيءَ اچي هن جي گهر واري ڪشن کي ريلوي ۾ نوڪري ملي ويئي ۽ هو پنهنجن ٻن ٻارن سان ڪرلا جي ريلوي ڪوارٽرن ۾ رهندا هئا. پاري مون کي اوچتو ڏسي ڏاڍي خوش به ٿي ۽ حيران به. ڪجهه ئي ڏينهن اڳ هن جي ڀاءُ ۽ منهنجي سوٽ گهنشي جو الهاس نگر ۾ ڪو ڪيميائي تجربو ڪندي حادثاتي موت ٿيو هو. ان ڪري هوءَ ڏاڍي اداس هئي ۽ ڪيتريءَ دير تائين منهنجي ڪلهي تي ڪنڌ رکي روئندي رهي. (گهنشي جو ذڪر مان پنهنجي ٻاروتڻ واري ڪنڊياري جي گهوڙي سواريءَ واري پني ۾ ڪري آيو آهيان) پاري مون کان گهر جو حال احوال وٺندي رهي. مون هن کي نه ٻڌايو ته مان دادا کي بنا ٻڌائڻ جي ناراض ڪري آيو آهيان. شام جو منهنجو ڀيٽيويو ڪشن آيو. ڏاڍيءَ سڪ سان مليو ۽ پرسان ئي ڪنهن ريسٽارنٽ ۾ چانهه پيارڻ وٺي هليو. تن ڏينهن ۾ ٻائي مو رار جي ڊيسائيءَ جي حڪومت ڪري بمبئيءَ ۾ سخت نشابندي هئي. بمبئيءَ سميلن ٿي ڏينهن هليو ۽ بيحد ڪامياب رهيو. ان جو تفصيل وار احوال اينڊڙ پنن ۾ لکندس. ڪرشن راهيءَ سان به خاص گڏجاڻيءَ نه ٿي سگهي. جو هو الهاس نگر واري پروگرام جو انتظام سنڀالڻ ۾ رڌل هو. مايا راهيءَ سان به منهنجي اتي ئي پهريون ڀيرو ملاقات ٿي. ننڍي عمر جي باوجود، مايا لالا ۾ ادبي ذوق، علمي قوتون ۽ صلاحيتون اڀري چڪيون هيون. ڪرشن راهي ان وقت ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان مڱيل هو ۽ ٻنهي جي خواب خيال ۾ به نه هو ته اڳتي هلي ڪنهن ڏينهن مايا لالا، مايا راهي بڻجي ويندي ۽ ادب ۾ پنهنجو الڳ مقام ماڻيندي. مان بمبئيءَ هفتو رهيس ۽ اداسيءَ سان سڄي بمبئي گهمندو رهيس. گهر موٽي پنهنجي پيءُ اڳيان اچڻ جي مون ۾ همت نه پئي ٿي.

منهنجو ڀيٽيويو ڪشن مڃيل مکي چوس آهي، پر منهنجي وٽس رهڻ جي ٻن ٽئن ڏينهن کان پوءِ اوچتو هو مون لاءِ سخي حاتم بڻجي ويو. وري وري مون کان پڇڻ لڳو "پئسا کپني؟" منهنجي انڪار ڪرڻ تي وڏيڪ زور پرڻ لڳو. هڪ ڏينهن صبح جو زبردستيءَ پنج سو رپيا منهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. جيڪا تن ڏينهن ۾ وڏي رقم هئي. مان هن جي ان بدلاءِ سبب حواس باخته هوس. مون هن کي پئسا موٽائڻ جي تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، پر هن نه وٺي نه ورتا. الٽو چوڻ لڳو ته ٻيا به گهرجني ته وٺجانءِ. مان سمجهان ٿو ته ان وقت ڪشن جي سڄي مهيني جي پگهار به ايتري نه هوندي، جيتري رقم هو مون کي زوريءَ ڏيئي رهيو هو. ڪشن آفيس ويو ته مون پاريءَ کان پڇيو. "هيءُ تنهنجو مڙس اوچتو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو حاتم طائي ڪيئن تي ويو آهي؟" هوءَ کلڻ لڳي ۽ ٻڌايائين، "ڪاڪا (هوءَ منهنجي پيءُ کي ڪاڪا چوندي هئي) هن کي پهرين تار ۽ پوءِ خط لکيو آهي تہ لڇمڻ، بمبئيءَ کيسي خالي آيو آهي، هن جو ڪنهن بہ حالت ۾ اتي هٿ تنگ نہ ٿيڻ گهرجي. هو خرچيلي سڀاءَ جو آهي. تون هن کي اتي جهجهي رقم منهنجي پاران ڏجانءِ ۽ خاص خيال رکجانءِ تہ کيس بمبئيءَ جهڙي اجنبي شهر ۾ ڪا بہ تڪليف يا مسئلو نہ درپيش اچي. هو اتي لوڪل ٽرينن ۾ بسين ۾ نہ پر ٽئڪسيءَ ۾ ئي هر هنڌ اچي وڃي."

پراڻي دهليءَ جي اسٽيشن تي منهنجو پيءُ مون کي پنهنجي ڀاڪر ۾ پيري، مون ڏانهن ٻڪ تڪ ڏسندو رهيو. مان هن جو مربي پٽ، هن کي سالن کان پوءِ مليو هوس ۽ ملڻ کان پوءِ بہ ڀاڄوڪڙ واري زندگي گذاري رهيو هوس. هو دهليءَ ۾ پنهنجيءَ ملازمت ۾ مشغول هو ۽ مان ناٽڪ منڊلين ۽ بازيگرن جي بستين ۾ رلي رهيو هوس. مون هن کي ٻارهن سالن جي عمر ۾ ڇڏيو هو ۽ هاڻي مان ارڙهين اٺويهين سالن جو نوجوان هوس. اسان ٻنهي جي بوٽ جي ساڳي سائيز هئي. هينئر مان پنهنجي پيءُ جي پيار جي گهرائي محسوس ڪري تي سگهيس.

نريلا لاءِ ٽرين ٻن ڪلاڪن کان پوءِ هئي. اسين ٻيئي اسٽيشن جي رفريشمينٽ روم ۾ اچي ويناسين. مون دادا کي سنياسيءَ واري ملاقات جي سڄي ڳالهہ ٻڌائي. هو چپ چاپ ٻڌندو رهيو. مون چاهيو پئي تہ مان هن کي سروريءَ جي باري ۾ بہ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيان. اسين شايد زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايتري وقت تائين، ائين اڪيلا هڪ ٻئي جي آمهون سامهون، ٻن دوستن جيان وينا هئاسين. اسان جي وچ وارو چاليهن سالن جي عمر جو سنڌو متجي ويو هو پر پوءِ بہ مان پنهنجي پيءُ اڳيان پنهنجي پهرئين پيار جو اظهار ڪرڻ جو پاڻ ۾ ست ساري نہ سگهيس. سروريءَ جو خيال ايندي ئي مون کي ڪڏهن ڪڏهن بيحد خوف پڻ ٿيڻ لڳندو هو. ائين لڳندو هو جڻ اهو ڪنهن ناٽرٻم جي 'ڪبڙي عاشق' قاسميدوءَ جو جپسي حسينا ايمرالڊ سان ناڪام عشق جيان هو.

نريلا ۾ اسان جي چاليهہ رپيا مهيني واري مسواڙي جاءِ چڱي ڪشادي هئي. پراڻي طرز جا اوچين ڇتين وارا وڏا صفحا ۽ وسيع ورانڊا هئا. لوهي شيخن واريون بہ ڇتيون ميون. سڄو گهر ڪنهن سراءِ جيان لڳي رهيو هو.

قصبي نام هي شهر سڄو روهيلا جاٽن جو هو، جنهن ۾ سونارن جا گهڻي ۾ گهڻا دڪان هئا. هي شهر ارڙهين صديءَ جي وچ ڌاري غلام قادر روهيلي ٻڌايو هو، جيڪو مغل تاجدار شاهہ عالم جو لونڊو هو. نادر شاهہ جي دهليءَ ۾ ڪرايل قتل عام کان پوءِ دهلي ۽ ان جي آسپاس وارن شهرن ۾ ڳوٺن تي روهيلا جاٽن قبضو ڪري ورتو هو. شهر جي امير طبقي پنهنجو معيار زندگي برقرار رکڻ لاءِ، نين بستين ۾ پنهنجي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ دهلي لڳ ڀڳ ويران ٿي ويئي. اردو شاعر سودا، دهليءَ جي ويرانيءَ تي لکيل پنهنجي مرثيي ۾ چيو، "هتي ڪو بہ اهڙو گهر نہ بچيو آهي، جتان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گدڙن جي اونائڻ جو آواز نٿو اچي. مندرن ۽ مسجدن ۾ ڪو اچي شام جو روشني ڪرڻ وارو به نه رهيو آهي. خوبصورت باغيچن ۾ هاٿي جهنگلي گاهه گوڏن تائين ايري آيو آهي. جتي ڪنهن وقت فانوسن جون روشنيون ڀڪنديون هيون، اتي هاٿي کي ٽِڪر جو ڏيئو ٻارڻ وارو به نه بچيو آهي. City of Djinns (جنتاي شهر) جو مصنف وليم ڊالرئمپيل (William Dalrymple) لکي ٿو:

"قلعه معليٰ جي ويرانيءَ اندر پوڙهو شهنشاهه شاهه عالم اداسيءَ واري ماحول ۾ ويٺو آهي. هو هڪ بهادر، آبرودار ۽ ذهين بزرگ آهي. هن جي ڪاري رنگ جي ڇهري تي ڪتريل اڇي ڏاڙهي آهي. هو چار زبانون روانيءَ سان ڳالهائيندو آهي. هن وٽ پنج سوَ حسين عورتن جو حرم آهي ۽ ڪجهه لسڙات ۽ سهڻا ڇوڪرا الڳ. پر هو انهن سيني کي ڏسڻ کان محروم آهي. هو نابينا آهي. سال اڳ هن جي پاليل افغان مفعول غلام قادر روهيلي لوهه جي گرم گرم سيخن سان هن جون اکيون ڪڍيون هيون ۽ هاڻي هي انڌو بادشاهه پنهنجي ويران ٿي ويل محلات مان، هن سڄ مٿان پنهنجي حڪومت هلائي رهيو آهي."

۽ اسين ان ئي افغاني احسان فراموش غلام قادر روهيلي جي ٻڌايل شهر ۾ اچي رهيا هئاسين.

نريلا ۾ سوَ کن سنڌين جا گهر هئا. جيڪي گهٽو ٽٽو سيڌي پاڏي جا هٽ ۽ ڪپڙي جا دڪان کولي ويٺا هئا ۽ جاٽن ۽ گوجرن مان خاصو ناڻو ڪمائي رهيا هئا. اتر سنڌ جي ڪن گهوراڙو واٽين، آسپاس جي ننڍن ڳوٺن ۾ وڃي ڦيريءَ جو ڪم شروع ڪيو. هو دهليءَ جي ڪناري بزار ۽ چاندني چونڪ مان شيشي جون چوڙيون، زالن جي پڙن تي لڳندڙ ريشمي ربينون، ڳوٽيون، ڪناريون، خوشبودار صابڻ، سرها تيل، عطر عنبير، سرما ۽ ڪاجل، چمڪندڙ ڪاون ۽ ستارن جون پرت پريل ڪوتيون ۽ بلائوزر ۽ ٻيو ڪيترو سينگار جو سامان سستي اگهه تي وٺي، بجڪا ڀري، ڳوٺاٽين، امير جاتياٽين ۽ گوجراٽين کي ليائيندا ۽ ڦريندا هئا. سنڌن ٻانهن ۾ چوڙيون پائيندا هئا. ڪن ته لڪائي جوانڙين لاءِ بريزيئر پڻ آڻڻ شروع ڪيو جن جو جاتياٽين اڳ ۾ ڪڏهن به استعمال نه ڪيو هو. سنڌي واٽيا انهن جاتياٽين جي گهرن ۾ ان وقت گهڙندا هئا، جنهن وقت سندن مرد يا ته ٻنين تي ويل هوندا هئا يا ڳوٺ جي چوپال تي آرام ڪرسيون ۽ نواڙن جون کٽون وجهي حقا پيئندا ۽ چوپڙ کيڏندا رهندا هئا. جاٽ عورتون تمام تندرست، قداور ۽ رشٽ پشٽ هيون ۽ مردن جي چوڻ موجب جماع ۾ بيحد لطف ڏينديون هيون. نريلا هينئر ته دهليءَ جو حصو بڻجي چڪو آهي، پر تن ڏينهن قصبو هو. گهرن ۾ پاڻيءَ جي نلڪن جو رواج نه هئو. هر ٻن ٽن سو قدمن تي مٺي پاڻيءَ جا کوهه هئا. جن تي جاتياٽيون پتل ۽ تامي جون چار پنج پريل گهاگهريون ۽ گوجراٽيون ٽي چار ٽِڪر جا پريل مٽڪا مٿن تي کڻي، ڏاڍيءَ لوڏ سان ايندڀون ويندڀون رهنديون هيون. هو بيحد بهادر ۽ صحتمند هئڻ جي باوجود، پنهنجي مردن کان ڏاڍو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪنديون هيون ۽ سندن هر حڪم جي اکيون ٻوٽي بجا آوري ڪنديون هيون. هريانوي جاٽن بابت هيءُ پهاڪو مشهور آهي:

"اجاٽ ڪهي سُڻ جاٽڻي، توهي گائون ۾ رهڻو
اونٽ بلئيان لي گئي، تان هان جي هان جي ڪهڻو.

(جاٽ چئي ٿو تہ اي جاٽڻي، تو کي ڳوٺ ۾ رهڻو آهي. جي مان چوان تہ اسان جي اٺ کي ٻلي کڻي ويئي تہ تو کي بہ 'هان جي، هان جي' چوڻو آهي.)

مان صبح شام گهر جي پرواري کوهہ تي انهن سگهارين جاٽياڻين کي کوهہ جي چرخين تي نوڙيون ڇڪيندي ڏسندو هوس. گهاگهرين ۾ پاڻي اوتيندي جهڪڻ وقت، هنن جو رنگبرنگي گهاگهرن جي چولين مان سندن سڊول ۽ سٽيا سينا صاف ليئا پائيندا هئا. جيڪي ان عمر ۾ بہ مون لاءِ 'پرينءَ جي پُستان جو ڦاڪوئي فرحت' جيان هئا. هو سڀ مون کان هريانوي ٻوليءَ ۾ هڪ ئي سوال پڇنديون هيون "اي ڇوري، تو ڪيس ڪا سي؟" (اي ڇوڪر، تون ڪنهن جو آهين؟) مون کي ان سوال جو مطلب ئي سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. مان کين هندستاني ۾ اهو ئي جواب ڏيندو هوس، "ڇوريون، مان پنهنجي پيءُ ماءُ جو آهيان، بيو ڪنهن جو آهيان؟" منهنجو جواب ٻڌي هو ٽهہ ٽهہ ڪري کِلنديون هيون ۽ منهنجن لسن ڳلن تي هٿ ڦيرينديون. گهاگريون مٿن تي رکي لڏنديون لمنديون پنهنجن گهرن جو رخ ڪنديون هيون.

نريلا ۾ سنڌين جي پنچايت هئي. ان جو مکي ڳڙهي ياسين جو سيٺ سيتلداس هو. هن جي ئي ڳوٺ جو پارو ڪدڙو پنچايت جو ٿهليو هو ۽ سنڌس ئي سيٺ عطر مل ان جو سيڪريٽري خواهہ خزانچي هو. پنچايت جا ٻيا ڪارڪن بہ هن گهڻو ڪري پنهنجي سکر ضلعي جا ئي چونڊيا هئا. مکيءَ جي ان ڪنبہ پروريءَ واري رويي سبب پنچايت جي ميمبرن ۾ اڪثر تاءُ رهندو هو. ساهتي، دادو ۽ خيرپور جي ميمبرن مکيءَ جو سخت وروڌ ڪيو ۽ هن مٿان پنچايت جي پئسن ۾ گهوٻيون هڻڻ وغيره جهڙا الزام لڳائي، هن کان الڳ ٿي ويا. ڏسندي ڏسندي نريلا جهڙي ننڍڙي سؤ سنڌي گهرن واري شهر ۾ سنڌين جون چار پنچايتون ٺهي ويون. سکر وارن جون، لاڙڪاڻي وارن جون، ساهتيءَ وارن جون، دادوءَ وارن جون. جوئارجي اتي وانگر سڀ سنڌي ڪٽو ڪٽو ٿي ويا.

مون کي حيرت لڳندي آهي تہ سنڌ ڇڏڻ کان پوءِ پهرين ويهن پنجويهن سالن تائين لڏي آيل سنڌين ۾ علاقائي تعصب تمام زور تي رهيو. مٿين ماٺين، نوڪرين چاڪرين، ڏنڌي ڌاڙين، يا ٻين ڪٽنبي گڏجاڻين ۾، ساهتي پرڳڻي جا سنڌي پنهنجي ئي ٽر جي ماڻهن ۾ مٽيون ماٽيون يا اٿ ويهہ ڪندا هئا تہ حيدرآبادي پنهنجو پاڻ ۾. لاڙڪاڻي وارا پاڻ ۾ تہ سکر روهڙيءَ وارا بہ پنهنجا پاڻ ۾. پنهنجن ڏيئڻ پٽن جي سڱابندي ڪرڻ وقت بہ وچ واري کان پهريون سوال اهو پڇندا تہ ڇوڪرو يا ڇوڪري ڪٿان جا آهن؟ جي پنهنجي ٽر جا هوندا تہ ڳالهہ اڳتي وڌائيندا ورنہ اتي ئي ختم ڪري ڇڏيندا. حيدرآبادي عامل ۽ لاڙڪاڻي وارا تہ ان معاملي ۾ وڌيڪ ڪٽر هئا. مان پاڻ ان تعصب جو شڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو آهيان، جنهن جو تفصيل وار بيان ايندڙ پنن ۾ ڪندس. اڄ جو نسل بهرحال، اهڙي سوچ ۽ عمل کان آجو آهي، پر پنهنجن وڏن کان ٻڌل پنهنجي شهر جو نالو کين اتان جو هئڻ تي اڃا ٻه فخر جو احساس ڏياريندو آهي.

نريلا جي مکيہ بزار ۾ سکر جي ٻن سونارن پنهنجا دڪان کوليا. هڪ سون ۽ ٻئي چانديءَ جي زيورن جو ڪم شروع ڪيو. هو امر تسر مان اتي سمگل ٿي آيل سون ۽ چاندي سستي اگهہ تي خريد ڪري، ڳهہ ڳٺا ۽ مٽيا منديون ٺاهي، ٻيڻ ٽيڻ اگهن تي جاٽياڻين کي وڪڻڻ لڳا. هو دهلي، بمبئي ۽ احمد آباد مان زيورن جي نين نين ڊزائينن جا ڪئٽلاگ گهرائيندا هئا. نريلا ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي شاهوڪار جاٽ زميندارن جون زالون، زيورن جون نيون نيون ڊزائينون ڏسي ديوانيون ٿي ويندڙيون هيون ۽ پنهنجن مردن جو زمينداريءَ مان ڪمايل ۽ پتين ۾ پوريل ناڻو ڪڍي اچي سنڌي سونارن کان نوان نوان ڳهڻا تيار ڪرائيندڙيون هيون. گوجرن جي زالن جو وري چانديءَ جي زيورن تي مارو هو. ٻنهي سنڌي سونارن، جاٽياڻين ۽ گوجراڻين کي صفا چِٽو ڪري ڇڏيو. سڀو ڏينهن سندن دڪانن تي جوان جاٽياڻين جي پيهہ لڳي پيئي هوندي هئي. هو ٻہ کين ڄاڻي واڻي سوَ سوَ بهانا ڪري، جهڙوڪ: تنهنجو سونو سيٽ دهليءَ جڙڻ ويو آهي. تنهنجو هار لکنوءَ تار ٽيڻ لاءِ موڪليو اٿم. ڪڏهن تہ ائين ٻہ چوندا هئن تہ "تنهنجا فلاڻا زيور خاص سکر نهڻ لاءِ هٿيڪي ماڻهوءَ هٿان موڪليا اٿم. ويچاريون اڻ پڙهيل جاٽياڻيون سندن وعدن تي ڀنيلجي، روز پيون وٽن اچ وڃ ڪنديون ۽ ڏوکڙ لٽائيندڙيون هيون. اهي سڀ ڪم هو پنهنجن نشئي پتئي مردن کان لڪچوريءَ ۾ ڪنديون هيون. سونارن لاءِ مشهور آهي تہ هو پنهنجيءَ ماءُ جي نٿ مان ٻہ نہ مڙندا آهن ۽ پنهنجن گرهاڪن کي رلائي رلائي، سندن لاهہ ڪڍي ڇڏيندا آهن. اسان جي ڪنڊياري ۾ ڏالو سونارو مشهور هو ۽ جنهن لاءِ چيو ويندو هو تہ هن ڪڏهن ٻہ وقت تي ڪنهن کي ڪجهہ تيار ڪري نہ ڏنو. شاديون مراديون ڏڻ وار هڪ ٻئي مٿان لنگهي ويندا هئا، پر هن وٽ رڳو دلاسا هوندا هئا. ڏالوءَ بابت هڪ روايت مشهور هئي:

ڳوٺ جي سيٺ جي ڌيءَ جي شادي هئي ۽ شاديءَ جي مقرر تاريخ کان ٻہ مهينا اڳ ڏالوءَ کي ڪنوار جا زيور نهڻ لاءِ ڏنا ويا. اڄ نہ سڀاڻي ڪندي ڪندي شاديءَ جي تاريخ ٻہ اچي پهتي، پر ڏالومل وٽ رڳو دلاسائي دلاسا هئا. ڇوڪريءَ جي شادي ٻہ ٿي ويئي، پر ڏالو اڃا زيور تيار ڪري رهيو هو. ڏينهن گذرندي ڇوڪريءَ کي ڌيءَ ٻہ ڄائي ۽ ڏسندي ڏسندي اها ٻہ اچي شاديءَ لائق ٿي ۽ هن جي شاديءَ جي تاريخ ٻہ اچي پيئي. ڇوڪريءَ جي ماءُ ڏالوءَ سوناري کي اچي چيو "منهنجي شاديءَ تائين تہ ڳهہ نہ ٺاهي ڏنئہ، هاڻي منهنجي نياڻيءَ جي شاديءَ تائين تہ ٺاهي ڏي."

پرڻين گديءَ تي ڏالوءَ جو جهور پوڙهو پيءُ وينو ٻڌي رهيو هو ۽ اتان ئي هڪل ڪري پٽ کي چيائين، "اڙي ڏالو اهڙين هچائن جا ڪم ڪٽين ڇو ٿو جيڪي ائين ٻاهہ ٻاري ٿا ڏيني؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽيهون پنو

منهنجو اسڪالر دوست ڊاڪٽر ستيش روهڙا مون کي چوندو آهي، ”تون هن عمر ۾ لکڻ مان ٿي لست وٺي رهيو آهين.“ مان هن کي چوندو آهيان، تنهنجي خشڪ ساليءَ توکي زندگي ۾ ادب ۾ ته خشڪ بڻايو ٿي آهي، پر زنده رهڻ لاءِ به توکي روزانو ڇوڏنهن گوريون کائڻيون ٿيون پون. تون پنهنجي وان پرستيءَ واري ’تنها‘ جي تخليق کي پوڄيندو رهه ۽ منهنجيءَ طبيعت کي بنا ڪنهن طبي امداد جي هر لفظ، سٽ ۽ جملي جو لطف ماڻڻ ڏي دلبر. پنهنجي حياتيءَ جي ايتري ورهاست ۾ واڪائيءَ هوندي به، هن عمر ۾ منهنجيءَ دل جون چارئي دريون کليل آهن ۽ تون بنا ڪنهن کي دل ڏيڻ وٺڻ جي ۾ دوائن جي سهاري سان به دل جو درد پالي وينو آهين. ٻڌاءِ، زندگيءَ جي تارازيءَ ۾ ڪنهن جو پڙ هيٺ آهي، ڪنهن جو مٿي؟“

مليل مختصر حياتيءَ ۾ راتيون گذارڻ جا پنهنجا پنهنجا طور طريقا آهن. راتين کي رنگين بڻائڻ يا انهن کي شب تاريڪ ۾ تبديل ڪرڻ وارو عمل ونساولي يا نسب نامي جي لڪيرن ۾ جمڻ واري ڏينهن ٿي ڪند ٿيل هوندو آهي. ”ننڊ ۽ جاڳ جو روز وشب جو سلسلو به اسان جي زندگيءَ جي ڏنگن، ونگن ۾ ورن سان واريل هوندو آهي.“

سنت ڪوي روي داس جو هڪ سلوڪ آهي،

پهلا پهر هر ڪوئي جاڳي، دوجا پوڳي هوءِ،
تيجها پهر تسڪر جاڳي، چوٿا جوڳي هوءِ،
لڳيءَ بن رين نه جاڳي ڪوءِ.

(رات جو پهريون پهر هر ڪوئي جاڳندو آهي. ٻيو پهر گهر گهرست ۽ صحبت داري ڪرڻ وارا. ٽيون پهر چور چڪار جست هڻڻ وارو يار رساگير جاڳندو آهي. ۽ چوٿون پهر ڏٺيءَ جي بندگي ۽ جپ تپ ڪرڻ وارو جوڳي ئي جاڳندو آهي. بنا ڪنهن لڳن ۽ لڳيءَ جي ڪوبه رات نٿو جاڳي.)

لڳيءَ تي لعنتون هڻڻ وارن کي ڪير سمجهائي ته جبلن تي ڪا جوالا مکي نه ڦاٽي آهي ته ائين نه سمجهن ته شهر سڄا ويران ۽ دلين جون بستيون پڙ پانگ ٿي ويون آهن. جي ڪا هڪ رات گهر جي ڇت تي چنڊ نه چمڪيو آهي ته باقي بچيل سڀ راتيون اونده ٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوندھ آھي. اوندھ تہ رڳو ماڻھوءَ جي من ۾ ھوندي آھي، جنھن ڪان ھو سدائين ڇرڪندو رھندو آھي، ورنہ دنيا جي اھڙي کھڙي عورت آھي، جيڪا ڪنھن مرد جي آغوش ۾ اچڻ جي خواھان نہ ھجي، يا جنھن جي من ۾ ماءُ ٿيڻ جي خواھش جنمر نہ ورتندي ھجي ۽ دنيا جو اھڙو کھڙو مرد آھي، جيڪو ڪنھن عورت جي ڪوسيءَ ڪُک ۾ پناھہ نہ ڳوليندو ھجي.

مون بہ پنھنجي زندگيءَ ۾ سدائين ڪوسين ڪکين ۾ ئي پناھہ ڳولھي آھي. ماءُ جي ڪُک ڪان وٺي محبوبائن جي گرمر گداز ڀاڪرن ۾ ڀريل ڀرپور زندگيءَ مون ڪان ايترو ڪجھہ ورتو ناھي، جيترو مون کي ڏنو آھي. محرومين ۽ مفلسيءَ سان منھان منھن ٿيڻ ۽ انھن جا ڀيانڪ روپ ڏسڻ ڪان پوءِ بہ مون کي زندگيءَ سان ڪڏھن ڪا شڪايت نہ رھي آھي. پئدائشي سک درسي ھئڻ ڪري، مون تہ ھر دک درد مان بہ لطف حاصل ڪرڻ ۽ مزو ماڻڻ جا جتن ڪيا آھن. ستيش روھڙا جيان منھنجن ڀين بہ ڪيترن دوستن (منھنجو ڪو دشمن ڪونھي. جو مون جھڙو انسان سواءِ ھڪ سٺي دوست جي ٻيو ڪجھہ ٿي ئي نٿو سگھي). منھنجي ھن ’وھي کاتي جا پنا‘ پڙھڻ ڪان پوءِ مون کي اھي ئي ميارون ڏنيون آھن تہ تو پنھنجي پنن ۾ عشق بازيءَ جا اھي داستان ويھي درج ڪيا آھن، جيڪي حقيقت ڪان پري ٿا لڳن. مون کي انھن الزامن لاءِ ڪا صفائي پيش ڪرڻ جي ضرورت ناھي. صفايون يا تہ ڏوھاري ڏيندا آھن يا ڪائنر. لکڻ تي تہ مان بخارا جي خواجہ نصرالدين جيان پنھنجي جانبازيءَ جا داستان بہ رقم ڪري سگھان ھا. پر منھنجي جانبازي جسمن تائين ئي محدود رھي آھي. مون لاءِ جسم، روح ڪان وڌيڪ مقدس ۽ شرير آتما کا وڌيڪ پوبتر ئي رھيو آھي. پنھنجا اھي ئي احساس مان پنھنجن پنن ۾ پيش ڪري رھيو آھيان. شيخ سعدي پنھنجي شاھڪار ڪتاب، گلستان ۾ لکي ٿو:

”۽ مون ھن کي چيو خدا جي خلقيل ھن ڌرتيءَ تي پاڻ سان گڏ زندگي بسر ڪرڻ وارن جي خوشيءَ لاءِ مان ڪتاب لکندس. ڪاش زماني جون گھميل ھوائون ان جي ورقن کي آلو نہ ڪن. ڪاش منھنجي شاعريءَ تي خوشگوار بھار بدران پن ڇڻ واري موسم نہ ڇانئجي وڃي. اڄوڏسو باغ ۾ گلاب جون پنکڙيون اڄا ڪومايون ناھن. مان اڄا بہ بنا ڪنھن لٺ جي ھلان ٿو ۽ منھنجو ڪتاب ’گلستان‘ مڪمل ٿي ويو آھي، ۽ اھو توھان جي ھٿن ۾ آھي.“

منھنجيءَ ٽيھن سالن جي عمر ۾ اھو پھريون ڪتاب ھو جيڪو منھنجي پيءُ مون کي پاڙھيو ھو. سعديءَ جي ٻئي ڪتاب ’بوستان‘، تائين پھچڻ ڪان پھريون ئي مون کي پاڪستان ۾ پنھنجي پيءُ کي بہ ڇڏڻو پيو تہ ڪتاب کي بہ.

مان شيخ سعديءَ جيان ڪو شاھڪار ڇڏي وڃڻ جي دعوي نٿو ڪريان. مون جھڙو واڻڪو وھي کاتو لکڻ وارو جيتامڙو تہ رڳو پاڻ کي جيئرو رکڻ لاءِ پنھنجون ھي ساروڻيون، ڪنھن بنديءَ ۾ درج ڪري رھيو آھي، تہ جيئن اڳتي ھلي جڏھن منھنجو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حافظو منهنجو ساٿ نہ ڏئي، تہ مون کان ڪو حساب ڪتاب وٺڻ وارو هن بنديءَ کي ثبوت ۾ سند طور پيش ڪري سگهي. غالب جو شعر آهي:

مري تعمير مين مضمر هئہ اڪ صورت خرابي ڪي،
هيولا برقِ خرمن ڪا، هئہ خونِ گرم دهقان ڪا.

(منهنجو وجود ئي منهنجي فنا جو دليل آهي جو ان ۾ فنا ٿيڻ جي قابليت قدرت پوشيده رکي آهي).

صحتمند زندگي گذارڻ لاءِ ڪونہ ڪو روڳ پالڻ پڻ ضروري آهي، جو رڳو سٺيءَ صحت جي سهاري تي بہ زندگي نٿي گذاري سگهجي. ساڳيءَ ريت ادب ۾ ۽ خاص طور آتم ڪٿائي ادب ۾ بہ رڳو ٺلهين حقيقتن (Facts) تي ئي آتم ڪٿائون نٿيون بيهاري سگهجن. محض خشڪ حقيقتون ۽ سڪٽيون سچايون اخباري رپورٽ وانگر درج ڪجن تہ اهي بيحد خشڪ، بي رس ۽ ورچيندڙ بڻجي وينديون. تحرير ۾ رسُ چسُ آڻڻ لاءِ ڪٿي ڪٿي فڪشن جو سهارو وٺڻو ئي پوي ٿو. بشرطيڪ ۽ هڪ جام تصور جو هجي تہ بہ جام حقيقت جا هجن. سچ مجروح نہ ٿئي. پر اهو اهڙي فنائتي عبارت ۾ پيش ٿئي، جو تلخ هوندي بہ ان ۾ ڪوڙاڻ جو احساس نہ ٿئي.

جوانيءَ واري دور ۾ منهنجي پنهنجيءَ آفيس جي هڪ ڇوڪريءَ سان چڱي اٿ ويهہ بلڪ آشنائي هئي. ڪافي هائوس ۾ هڪ شام ڪافي پيئندي، مون ڪنهن جذبي وچان هن کي چيو "مان سچ پچ تنهنجو ٿورائتو آهيان، جو تو مون کي گهڻو ڪجهہ ڏيئي منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ وڏو خال پريو آهي." هن جواب ڏنو "مون پاڻ تو کي ڪجهہ نہ ڏنو آهي، تو مون کان سڀ ڪجهہ ورتو آهي." مون کيس چيو "جان من، مصريءَ جي تڙ تون پاڻ کائين يا ڪير تنهنجي وات ۾ وجهي، مٺي ہتہ لڳندي ئي." چئي نٿو سگهان تہ منهنجي ان فقري بازيءَ هن جو وات مٺو ڪيو يا هن جي وات ۾ ڪوڙاڻ پري ڇڏي. پر هن وٽان گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري مان تہ اڳتي وڌي آيس ۽ هوءَ اتي ئي بيٺي رهي.

پنهنجن ساروڻين ۾ بہ مان پنهنجين سيني چڱاين ۽ لڱاين سان اڳتي وڌي رهيو آهيان ۽ اهي پريتوان اجا بہ آهن، جن کان سواءِ زندگي ڪنجي نٿي ۽ پهر گذريو ٿا وڃن.

منهنجا خير خواهہ دوست منهنجين ساروڻين بابت اها بہ شڪايت ڪري رهيا آهن تہ اهي قلمبند ڪرڻ وقت مون پاڻ کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو آهي ۽ منهنجا ڪي بيان پورنوگرافيءَ جي حدن کي ڇهي رهيا آهن. عالمي ادب ۾ اڪيچار آتم ڪٿائون ۽ سوانحي ناول لکيا ويا آهن، جن ۾ ڪام سوتر، پنڊت ڪوڪا جو ڪوڪ شاستر ۽ عربستاني اديب شيخ نيفزاويءَ جو سورهين صديءَ ۾ لکيل هُڳاءَ پريو باغ، (Perfumed garden) اڄ بہ ادبي شاهڪار ڪري مڃيا وڃن ٿا. اهي ڪتاب ڪي Sex Manual (جنسياتي رسالا) ناهن، پر انهن ۾ دل ۽ دماغ کي معطر ڪندڙ سوانحي عنصر موجود آهن. انهن شاهڪارن جي هر مصنف جا پنهنجا پنهنجا ڪي ذاتي انيو آزمودا ۽ تجربا پئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا آهن. ڪوڪ شاستر جي رچيندڙ پنڊت ڪوڪا جي ڪهاڻي هن جي زندگيءَ جي اهڙي ئي هڪ آزمودي جو ردعمل آهي، جنهن هن کي ڪوڪ شاستر جهڙي تخليق تيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو.

انين صديءَ جي ڪشمير جو مها راجا وڏو ودوان هو ۽ پنهنجي دربار ۾ پربيڻ پنڊتن ۽ شاسترين کي دعوتون ڏيئي، ساٽن گرنٿ، ڌرم شاسترن ۽ نيتي شاسترن تي گفتگو ۽ بحث مباحثا ڪندو هو. انهن بحثن ۾ هن جي جوان ۽ بيحد حسين ڌيءَ پڻ شامل ٿيندي هئي، پر راجمڪاري درٻار ۾ الف اگهاڙي ٿي ايندي هئي. مهاراجا هن کان جڏهن ائين اگهاڙي ٿي اچڻ جو ڪارڻ پڇندو هو ته هوءَ هن کي جواب ڏيندي هئي، "مهاراج، توهان جي هن سڄيءَ درٻار ۾ مون کي هڪ به مرد نظر نٿو اچي ته پوءِ مان ڪنهن کان لڄ، حياءُ يا شرم ڪريان؟"

هڪ ڏينهن مهاراجا جي درٻار ۾ ڪشمير جي ڪنهن دور دراز علائقي جو هڪ وڏو ودوان ۽ پربيڻ پنڊت 'ڪوڪا' نالي پڌرايو. هن جي درٻار ۾ پير رکندي ئي راجڪماريءَ جي مٿس نظر پيئي ۽ هوءَ هڪدم پنهنجين پنهي اکين تي هٿ رکي دربار مان ڊوڙ پائي محل اندر پهچي ويئي ۽ اتان پنهنجي پيءُ کي نياپو موڪليائين، "مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪو مرد ڏٺو آهي، سياڻي کان مان دربار ۾ پاڻ کي پوريءَ ريت ڍڪي ئي ايندس." پنڊت ڪوڪا ۽ راجڪماريءَ وچ ۾ مرد ۽ عورت جي جنسي رشتن بابت ٿيل گفتگو بحثن مباحثن ۽ عملي آزمودن جي نتيجي طور 'ڪوڪ شاستر' جهڙو شاهڪار وجود ۾ آيو. ڪن اتهاسڪارن جو رايو آهي، "پنڊت ڪوڪا جو حسب نسب سنڌ جي راجا چچ سان ملي ٿو."

شيخ عمر بن محمد ال نيفزاوي پنهنجي ڪتاب، "هڳاءَ ڀريو باغ" ۾ هيءَ گفتگو درج ڪئي آهي.

"اڙي او ڏاها وزير (تو مٿان ڌڻيءَ جون رحمتون هجن) جماع جي آتش پئدا ڪرڻ جا ڪل ڇهه ڪارڻ آهن: عشق جي ڀڙڪندڙ باهه، مردانگيءَ جي جاندار جيوڙن جي سبز سالي، معشوق تائين رسائي، هن جي چهري جي تازگي، هن جي هٿ جا تيار ڪيل لذيذ طعام ۽ سندس جسم جي گرمائش."

مان ڪن پڳهاردار تاريخ نويسن جيان اڌوهي ٻڌجي هي پنا چٽي نه رهيو آهيان، پر عمر جي هن پوئين پهر ۾ هنن پنن ۾ پنهنجا سڀ اعتراف ۽ اعمال درج ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. لکندي لکندي ذهن آڏو زندگي سڄي ماضيءَ کي جهنجهوڙي رهي آهي، ان ڪري منهنجيءَ تحرير ۾ تاريخ نويسي به اچيو ٿي وڃي، سوانح به اچي ٿي وڃي، ناول نويسي به شامل ٿيو وڃي ته پنهنجيءَ پيشوارانه صحافت جا عنصر به اچيو ٿا وڃن ۽ انشاءَ پرداريءَ جو انگ به. هنديءَ جي وڏي ساهتڪار اگيم چيو آهي "ڪنهن ناول ۾ ڪوڙ لکڻ ايترو ئي ڏکيو آهي، جيترو آتم ڪٿا ۾ سچ لکڻ." مان به



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجيءَ هن آتم ڪٿا ۾ سمورو سچ لکڻ ۾ ڏکيائي تہ ضرور محسوس ڪر رهيو آهيان، پر گڏوگڏ پاڻ سان جنگ جوتي سچ جو پلئہ پڪڙي بيٺو آهيان. جيڪي نٿو لکي سگهان، نٿو لکان! اعليٰ اديبن جي آتم ڪٿائن ۾ رڪارڊ ڪيل بي باڪيءَ جي بيانن، سچاڻ پڙهندڙن جي سوچ کي رڳو جنسي لذتن ماڻڻ تائين ئي محدود نہ رکيو آهي، پر سندن ذهنن ۾ ولوڙ وڌا آهن. بشرطيڪ اهي ڪنهن آزاد ۽ ادار دل سماجي ماحول ۾ پرورش پائيندڙ هجن. آمريڪي اديب ادلائي اسٽيونس جو چوڻ آهي، "آزاد سماج اها جڳهہ آهي، جتي نا مقبوليت ئي ماڻهوءَ کي محفوظ رکي سگهي ٿي."

عالمي ادب جي ہہ هزار سال اڳ جي مجيل جپاني شاهڪار آتم ڪٿائي ناول 'گينجي جي ڪهاڻي' جي ليڪڪا خود محلاتي سازشن جو شڪار ٿيل شهزادي آهي ۽ هن راتين جي اونداهين ۾، محلاتن جي غلام گردشن اندر ٿيندڙ جنسي ڪرمن جا حيرت انگيز قصا بيان ڪيا آهن. ساڳئي ئي جپاني سماج جي پوين پساهن تي پيل 'ڪيوتو گيشائن' جي اداري جي نمائندگي ڪندڙ گشيا سايوريءَ جا آرٿر گولڊن اڳيان ڪيل اعتراف، جن ۾ هن اهو چوڻ کان بہ نہ ڪيٻايو آهي، "مون سائيز کان وڌيڪ سختيءَ کي اوليت ڏني آهي." رڳو جپان ئي نہ پر دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ادبي مقام ماڻي چڪا آهن.

اڄ کان ٽي سوَ سال اڳ (1712ع) ۾ جنيوا جي هڪ گهڙي ساز اسحاق روسو کي هڪ ڏہرو پٽ پئدا ٿيو. جيڪو اڳتي هلي 'جين جيڪس روسو' جي نالي سان ڄاتو ويو. اٺين تہ هو ڇاهٺ سالن تائين جيئرو رهيو. پر هن پنهنجي زندگيءَ جي پهرين ٽيونجاهہ سالن جي عمر تائين پنهنجا اعتراف درج ڪيا آهن. جيڪي هن جي وفات (1768ع) جي ٽن سالن بعد شايع ٿيا. ڪيترين حيران ڪن حقيقتن کان سواءِ هن جا رڪارڊ ڪيل جنسي آزمودا جيتوڻيڪ شهوتي ناهن تہ بہ هن قبول ڪيو آهي، "هو پنهنجن معاشقن ۾ بيحد ناڪام ئي پئي رهيو آهي." روسو ڇٽيهن سالن جي عمر ۾ ئي نامرد ٿي ويو. پر ان عمر تائين هو پنهنجين نوڪراڻين کي پنج حرامي ٻار ڏيئي چڪو هو جيڪي هو چپ چاپ ويم گهرن ۾ لاوارث ٻارن طور رات جي اونداهين ۾، ڪارن ڪپڙن ۾ ويڙهي ڇڏي ايندو هو.

روسو پنهنجن ڪنفيشنس جي شروعات ڪندي لکي ٿو، "مون هڪ اهڙو تحريري جوکم کڻڻ جو عهد ڪيو آهي، جنهن جو هن کان اڳ ڪوبہ مثال يا ڪا روايت نہ رهي آهي. ۽ اهو جڏهن مڪمل ٿي ويو تہ ان جو ڪو پيروڪار بہ نہ هوندو. ان مهم پويان منهنجو مقصد هڪ اهڙي تصوير پيش ڪرڻ آهي، جيڪا پنهنجيءَ فطرت جي فريم ۾ ڦهڪيل هوندي، ۽ اها تصوير منهنجي پنهنجي هوندي. مون جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي، ان جو هر رنگ هن تصوير ۾ چٽيل آهي ۽ جيڪڏهن ڪٿي مون اجائي آرائش ۽ ٺاهہ ٺوهہ يا سينگار کان ڪم ورتو آهي تہ اهو رڳو پنهنجي حافظي جي ڪوتاهيءَ ڪري خال پريا اٿم."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روسو جي انهن اعترافن کي عالمي ادب جو ڪلاسڪ ڪري قبول ڪيو ويو آهي جنهن پوءِ آيل پيڙهين جي ادبي تخليقن تي هڪ گهري ڇاپ ڇڏي آهي. پرائوسٽ، گوئٽي ۽ ٽالسٽاءِ جهڙا عظيم اديب پڻ انهن اعترافن جي اثر کان آجا نہ ٿي سگهيا.

منهنجيون هي سارونٽيون بہ مون کان ڪٽي ڪٽي منهنجي حافظي جي ساٿ نہ ڏيئي سگهڻ سبب انگن اکرن، تاريخي تٿين، مهينن ۽ سالن يا سن جون غلطيون تہ ڪرائي سگهن ٿيون پر انهن ۾ درج ٿيل هر واقعو يا واردات حقيقتن کان ماورا ناهي. ائين بہ مون وٽ ڪي سال نہ، ڪي مهينا نہ، شايد ڪي هفتا بہ نہ رڳو ڪي ڏينهن وچ بچيا آهن ۽ مان جيڪي ڪجهہ لکيو آهي. پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي شايع ڪرائي رهيو آهيان. روسو پنهنجن ڪنفيشنس کان پاڻ ڊڄي ويو هو ۽ اهي پنهنجي موت کان پوءِ ئي شايع ڪرائڻ جون هدايتون ڪري ويو. پنهنجي زندگيءَ ۾ انهن جا رڳو ڪي ٽڪرا هو پنهنجن ويجهن وشواسي دوستن کي پڙهي ٻڌايا هئا. پر گڏوگڏ هن اهو بہ لکيو "مون کان پوءِ منهنجن ڪن حيات همعصرن مان، جيڪڏهن ڪو منهنجين درج ڪيل حقيقتن جي ترديد ڪري يا انهن جي نفي ڪري تہ هن کي قابل اعتبار نہ سمجهيو وڃي."

اسان جا سنڌي ساهتڪار تہ سيڪس جي اظهار ۾ گهٽو سهميل آهن. خاص ڪري آتم ڪٿائن جي معاملي ۾ تہ پاڻ کي اشراف، اڇو اجرو ۽ کير ۾ ڌوتل ڪري پيش ڪندا. 'ڪجهہ ٻڌايم، ڪجهہ لڪايم' جي پردي پويان پاڻ کي لڪائي ڇڏيندا. مجاز ٿو تہ سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ وڏو جگر کپي، پر پنهنجا اهي اعمال ۽ آزمودا، جن سان جيڪڏهن معاشرو يا سماج آلودهہ، ناپاڪ يا پليت نہ ٿئي تہ انهن کي بيباڪيءَ سان درج ڪري رهيو آهيان تہ اڳتي هلي جي عمر مون کي ساٿ ڏنو تہ ان سن تي پهچي پنهنجو ڪچو چٺو مان پاڻ پنهنجن پڙهندڙن آڏو پيش ڪندس. اچا تہ هن آتم ڪٿا ۾ مان پنهنجي ٻاروتڻ کان هاڻ ٻاهر نڪتو آهيان.

عالمي خواهہ علائقائي ادب ۾ اڄ آتم ڪٿائون يا سوانحي ناول، ادب جي اعليٰ شاخ ڪري مڃيون ٿيون وڃن ۽ شاعري رڳو شاعر جي ذات تائين محدود رهجي ويئي آهي. مان هتي الڳ طور ميڪسيڪو جي نوبل انعام يافتہ اديب، گبرائيل گارشيا مارڪويز جي آتم ڪٿائي ناول، 'منهنجي ملول ڪسبياڻين جون يادداشتون' جو ئي ذڪر نٿو ڪريان، پر اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ هن ننڍي کنڊ جي ادبي انڊسٽريءَ ۾ پڻ ويجهڙائيءَ ۾ ڪن اهڙين آتم ڪٿائن جي افراطي پئداوار ٿي آهي، جن ۾ ليکڪن کان وڌيڪ ليکڪائن بي باڪيءَ سان پنهنجا جنسي آزمودا بيان ڪيا آهن. بنگلاديش جي اديبہ تسليما نسرين، جنهن هتي ڪلڪتي ۾ اچي سياسي پناهہ ورتي آهي، پنهنجيءَ آتم ڪٿا جي ٻئي (جوانيءَ واري) جلد Wild Winds (وحشي هوائون) ۾ پنهنجي زندگيءَ جي پهرين گل چيني واريءَ رات جي هڪ هڪ 'جهٽڪي' جو منظرنامو پيش ڪيو آهي. ان آزمودي کان پوءِ جو احوال پيش ڪندي هوءَ چوي ٿي:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"جنهن مرد Rudra (ردرا) مون سان زندگيءَ ۾ پهريون جماع ڪيو، ان ئي مون کي باد فرنگ جو مرض ڏنو. ان مرض کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي ڇا ڇا نہ ڪرڻو پيو؟ مان پنهنجا روڳ ۾ ثقيل پائجاما ۾ پيٽيڪوٽ ڏوئندي ڏوئندي روئندي رهندي هيس ۽ منهنجي ماءُ مون کان بار بار اهي بدلائڻ جو ڪارڻ پڇندي رهندي هئي. مان پاڻ پيشور ڊاڪٽرياڻي هئڻ جي باوجود پنهنجو علاج نٿي ڪري سگهيس."

هندستان جي مشهور صحافي ۽ اديب مبشر جاويد اڪبر (ايم. جي. اڪبر) جي هن جي سترهن سالن جي عمر تائين ئي پهتل آتو بايوگرافي Blood Brothers (رتاوان پائر) شايع ٿي آهي، جنهن ۾ هن ڪن اهڙن واقعن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جيڪي نہ رڳو اگهاڙپ جي دائري اندر اچيو وڃن، پر پوشيده انساني عضون جو بہ اهڙو کليو اظهار ڪيو آهي جو شايد ڪي لغت نويس بہ پنهنجين لغتن ۾ شامل ڪرڻ کان ڪيٻائن. پنهنجي ڪاليج جي ڏينهن جو ذڪر ڪندي اڪبر لکي ٿو:

"مان جڏهن ڪلڪتي جي پريزيڊنسي ڪاليج جي پهرئين سال ۾ هوس تہ هڪ شام پنهنجي پروفيسر جي گهر، هن کان صبح واري ڪلاس جا نوٽس وٺڻ ويس. مون در ٻاهران بہ چار ڀيرا گهنٽي وڄائي پر دروازو نہ کليو. مون دريءَ جي چير مان لڪي اندر نهاريو تہ ڏٺم تہ ڊرائنگ روم جي پٽ سان لڳو پروفيسر صاحب الف اگهاڙو بيٺو هو ۽ هن جي زال هيٺ جهڪي هن جا زيرناف لاهي رهي هئي."

بهرحال، انگريزيءَ ۾ تہ اها تحرير فحش ناهي، پر اها ساڳي عبارت جڏهن سنڌيءَ ۾ آڻبي تہ فحاشي ليکبي.

مون جڏهن ساروڻين جي پهرئين ڪنهن پني ۾ مشت زني ۽ انگشت زني جو ذڪر ڪيو تہ منهنجيءَ گهر واريءَ سميت، منهنجن ڪيترن دوستن مون مٿان ملامتون وڌيون هيون. مون کي حيرت ٿي رهي آهي تہ انهن فطري عمل خلاف اسان جي ادب ۽ معاشري ۾ ايترو احتجاج ۽ مزاحمت ڇو ٿي رهي آهي؟ منهنجي هڪ پريتوان دوست ڇوڪريءَ مون کي پنهنجي شاگرديءَ واري دؤر جو هڪ دلچسپ واقعو ٻڌايو: "هوءَ جڏهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندي هئي ۽ يونيورسٽيءَ جي گرلس هاسٽل ۾ رهندي هئي تہ ڪيئي گهوڙيا وٽن روز مرهہ جون شيون وڪڻڻ ايندا رهندا هئا. هڪ گهوڙيو ڪين فروٽ بہ ڏيڻ ايندو هو. هڪ ڏينهن ڇوڪرين ميوي واري کي شڪايت ڪندي چيو "مُٺا، ڪالهہ هي ڪهڙا نرم ۽ ڳريل سڙيل ڪيلا ڏيئي ويو آهين؟" ميوي واري ورائيو "ڇوريون، ڪڏهن تہ ڪائيندءون بہ ڪيو."

ٽر جي رهاڪو ۽ وڏي عهدي تي پهتل هڪ نامور اديب مون کي ٻڌايو هو تہ هن جي زندگيءَ جو پهريون جنسي مهاڏو ٿر ۾ پئدا ٿيندڙ هڪ خاص قسم جي وڻ جي ٿُڙ سان ٿيو. هن جي چواڻيءَ هو چاقوءَ سان ان وڻ جي ڪچڙي ٿڙ تي عورت جي عضوي جهڙي ڊزائين ٺاهي، وڻ کي ياڪر پائي بيهندو هو ۽ جنسي آسودگي ماڻيندو هو. باقي فطري ۽ غير فطري اعمال جو فيصلو هر ڪنهن جو پنهنجو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان منوشاستر جي رچيندڙ منو مهراج کان اڳ، آزادي سيني لاءِ (Free for all) واري سماجي ڍانچي يا اسلام کان اڳ واري 'دور جهالت' واري جنسي ڇڙواڳيءَ جو بنهه قائل ناهيان. مان حلف نامي تي اهو چئي سگهان ٿو تہ مون زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ عورت جي مرضيءَ ۽ منظوريءَ بنا ڪڏهن هن جي آڱر کي بہ نہ ڇهيو.

پر مان پنهنجيءَ مجازي محبوبا کي سندس تن پيرن جي 'قبوليت' سان، پنهنجي 'منڪوحہ' تہ ڪري سگهان ٿو، پر مان اهو قاضي ڪٿان آڻيان، جيڪو اسان جي نڪاح نامي تي پنهنجي منظوريءَ جي مهر هڻي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڪٽيهون پنو

نريلا جي ساڪرو سونارن وٽ وڃي مون ميناڪاريءَ جو ڪم سکڻ شروع ڪيو. پر سڳني سوناري مون کي سڀ کان پهرين ٽانڊن مٿان ڌنوڻي هلائڻ جو ڪم ڏنو. پخال واري ڌنوڻي هلائيندي، اڳرن جون چٽنگون منهن ۾ پيون پونديون هيون ۽ مان سوچيندو هوس تہ سوناري جي سؤ ڌڪن بدران ڪنهن لوهار وٽ وڃي هڪ ئي ڌڪ هڻڻ سکان. سڳنو مل مون کي بہ ربيا ڏهاڙي ۽ گهران آيل منجهند جي ماني کارائيندو هو. چئين آني سير بصر پٽاٽا ۽ ربئي سير تيوڻ (گوشت) واري ان زماني ۾، روز بہ ربيا مون لاءِ وڏي عياشي هئي. پر منهنجي اصلي عياشي دڪان تي ايندڙ ويندڙ حسين جاٽياڻين جي ديدار بازي ۽ ساڻن چرچو گهبو هو. سڳني مل جي ڪرڙي اک سدائين مون مٿان رهندي هئي ۽ مان جوان جاٽياڻين جي اک ڪان وڌيڪ سڳني جي اک جو اشارو سمجهي ويندو هوس.

نريلا جي هندي ميڊيم واري هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺڻ جي ڀن ڏينهن اندر ئي مان ۽ هاسو اتان ڀڄي آياسين. ماسترن جي هريانوي هندي اسان کي سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي ۽ جاٽن جا ڇورا شرٽارٽي ڇوڪرن کي نفرت جي نگاهہ سان ڏسندا هئا. هر ڳالهہ تي اسان تي کلندا ۽ ٽوڪبازي ڪندا هئا. هو وڏا ويڙهاڪ هئا ۽ اسين ساڻن پڄي نہ سگهندا هئاسين. هڪ ڏينهن هڪ ڍگهي بيهودي جاٽ ڇوڪري منهنجي ڳُتي تي چهنڊي هڻندي چيو "بيٽا، ڪڌرسي آياسي؟" مون بہ پوسرجي چيو "سالا، بيٽا ڪيون ڪهتا هئہ؟ باپ ڪيون نهين بولتا هئہ؟" ۽ هن مون کي ڳِچڙ کان جهلي، بہ چار ٽونشا وهائي ڪڍيا. پريان هاسو مون کي مار کائيندو ڏسي روئڻ لڳو. ٻئي ڏنهن کان اسان اسڪول وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو.

مون سڳني مل سوناري وٽ وڃي سون ڳارڻ واري ڌنوڻي هلائڻ شروع ڪئي ۽ هاسو ڪباڙيءَ جي دڪان تان پراڻا رسالا ۽ ڪتاب هٿ ڪري ايندو هو جيڪي ٻيئي پڙهندا هئاسين. ڌنو اڃا جاٽن جي ڇورن سان گهٽين ۾ ڇدن واري راند ڪندو رهندو هو. پاپي ۽ منهنجيون ڀيئي پينر گهر جي ڪم ڪار کان پوءِ واندڪائيءَ واري وقت ڌر ٽوپو ۽ سراين تي سويٽر اُڻنديون هيون.

دهليءَ ۾ دادا جي ملازمت، سرڪاري زراعت واري کاتي طرفان نئين قائم ڪيل 'سينٽرل ٽرئڪٽر آرگنائيزيشن'، جنهن کي سي. ٽي. او سڏيندا هئا، ۾ هئي. آفيس ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورڪشاپ دهليءَ کان ڪيترا ميل پري Pusa Institute واري علائقي ۾ هئي، جيڪا هريانوي مسلمانن جي ڇڏي ويل ٻنين کي قومي تحويل ۾ آڻي قائم ڪئي وئي هئي. اداري جي هڪ ٻي وڏي ورڪشاپ، ڀوپال ويجهو، ٻئراڳڙهه واري علائقي ۾ قائم ڪئي وئي هئي. اڄ ٻئراڳڙهه هندستان ۾ سنڌين جي الهاس نگر کان پوءِ ٻيو نمبر وڏي ۾ وڏي وستي آهي. ٿنڌي آدم جي سنت هردارام اتي محلاتن جهڙيون ڌرمشالائون، آشرم ۽ رهائشي جايون ٺهرايون آهن، جن ۾ ڪاڏو پيٽو پڻ مفت ملندو آهي. هاڻي ٻئراڳڙهه جو نالو بدلائي 'سنت هردا رام نگر' رکيو ويو آهي. 'سنت هردا رام' جي تمام گهڻي مڃتا آهي. سنڌين ۾ هن کي وڏو پهتل شخص ڪري مڃيو ويندو آهي. هو ڪڇيون ڪڇيون گاريون به ڏيندو آهي ۽ جڏهن ڪنهن سواليءَ مٿان گارين جو ڏوڙيو وساڻيائين ته ان سواليءَ جي نصيب جو ٿاڪ جڻ کلي ويو ۽ هو خوش ٿي گهر موٽندو.

هن ڀيري ساهت سڀا جا اسان جا ڪجهه اديب دوست، ٻئراڳڙهه جي اديب جهمون ڇڳاڻيءَ کي ساڻ وٺي، سنت وٽ سوالي ٿي وياسون ته پنهنجي محل نما آشرم ۾ اسان کي ٽن ڏينهن جو ساهتڪ سيمينار ڪرڻ جي اجازت ڏئي. جهمون اديبن جي وفد کي (سندن نالا نٿو ڪڍان، جو اهي وڏا معتبر اديب آهن) ٻاهر ويهاري، سنت وٽ وڃي اڃا ڪجهه چوڻ شروع ڪيائين ته سنت ٻاهر ويٺلن کي ڏسي واڪو ڪري چيو

"هي وري ڪهڙا ڀيڻ جا... آيا آهن؟"

"سائين آهستي ڳالهايو. هي وڏا اديب ۽ شاعر آهن. جيڪي توهان سان ملڻ آيا آهن." جهمونءَ چيو.

"اها رن... وري ڪهڙي مخلوق ٿيندي آهي؟"

"سائين، هي سنڌي ساهتڪار آهن. جيڪي اسان جي سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي وڏي شيوا ڪري رهيا آهن ۽ سنڌي ساهت ۽ تعليم کي بچائڻ لاءِ وڏيون قربانيون ڏيئي رهيا آهن."

"ته پوءِ هي (هڪ ٻي اگهاڙي گار) ٻاهر ڇو ويٺا آهن؟ اندر وٺي اچين." سنت چيو.

(سنت اڳيان ڪير ڪجي؟ جهمون سيني کي مهاپرش سان ملائڻ وٺي آيو.)

سنت هردا رام جي آسيس سان بيحد ڪامياب سيمينار ٿيو ۽ سنت ساهتڪارن ۽ ساهت پريمين جي مهمان نوازيءَ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي. مان سنتن، مهاتمائن، پيرن فقيرن ۽ مذهبي ماڻهن کان سدائين پاسو ڪندو آهيان، پر مون کي ان حقيقت کان انڪار ناهي ته سنڌي جاتيءَ کي ڌرم ۽ مذهب جي نالي ۾ ٿي سهي، هڪ ڏور ۾ ٻڌي هڪ هنڌ يڪجا ڪرڻ ۽ اهڙين گڏجاڻين ۽ ميلن ميلاپن کي ثقافتي رنگ ڏيڻ ۾، سنڌي سنتن، پيرن ۽ مذهبي پيشوائن جو هڪ اهم رول پئي رهيو آهي. سنڌي هندو ٻيءَ طرح تمام ڪفايتي ۽ ڪٽي ڪنجوس پڻ رهيو آهي، پر پيچ ڪٽڻ جي لالچ ۾ يا سياويڪ طور هو ڌرم ڪرم ۽ ڌرمائو ڪارجن ۾ دل کولي خرچ ڪندو رهيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندستان ۾ اچڻ بعد هتان جي مختلف شهرن ۾ سنڌين جون اٽڪل چار هزار ڌرمشالائون، آشرم، سڪن، عيسائن جون مانڊڻيون، ڏينهن رات جا پنڌار، مفت علاج ڪندڙ ڌرمائو اسپتالون، مفت رهائشي ڪمرا، ڪتيائون، درٻاريون، جانورن جي چارن ۽ پاڻي پيئڻ جا حوض تعمير ڪرائڻ جهڙا ڪيترائي سڪارت ڪرڻ لاءِ سنڌي سيٺين وٽ ڌرم ڪاتا کليل آهن. ان جي برعڪس سنڌ جو مسلمان پاءُ ڪڏهن بہ خرچ ۾ ڪنجوسائي نہ ڪندو. ان معاملي ۾ هن جو عمل هن جي ذات تائين محدود آهي. هو واٽي کان قرض وٺي بہ عياشي ڪندو. ڪٿي ڪا خيرات ڪرٽي بہ پيس تہ مجبوريءَ ۾ مذهبي فريضو سمجهي ڪندو. شايد اهو ان ڪري آهي، جو هنن جي تربيت ۾ اوکيءَ ويل لاءِ بچت جو تصور ئي ناهي.

ڏاڏو سائين پنهنجين ڀنين جي ٻيلين کي چوندو هو ”اڙي چٽ، پٽڪي ۾ روپيو ڇا ٻڌل اٿيئي، سڄي متي ۾ خارش ٿي پيئي اٿئي، جيسين هڪ ٻيو بہ رپيو قرض وٺي خرچ نہ ڪندين، متي جي اها خارش نہ لهندئي. وٽ هي رپيو وڃي پنهنجي خارش لاهي، پٽڪو چنڊي اچ.“

پٽڪن جي خارش لاهڻ وارا واٽيا سنڌ مان هتي هليا آيا آهن. انهن جي جاءِ جن اچي ڀري آهي، اهي سپاجهن سنڌين کي ڪجهہ ڏيڻ بدران کائڻ سڀ ڪجهہ وٺي رهيا آهن. چالاڪ واٽيو پنهنجي بنديءَ ۾ وياج در وياج چاڙهي، ڏهوڻيون وصوليون تہ ڪندو هو پر ڏڪئي وقت ڏيندو ضرور هو. هو مهل نہ منجهائيندو هو. هي ڏاريا تہ ٻنهي پاسي مهل جا چور آهن.

يوگوسلاويا کان آيل پنجاهہ ڪن امدادي ٽرئڪٽرن مان، اڌ کان وڌيڪ ٻئرا ڳڙهہ جي ورڪشاپ ڏانهن موڪليا ويا ۽ باقي دهليءَ جي سي. ٽي. او ۾ زراعت لاءِ رکيا ويا. دادا کي انتظامي ڪمن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻئرا ڳڙهہ بہ وڃڻو پوندو هو.

پوسا انسٽيٽيوٽ ۾ قائم ڪيل دادا جي آفيس، شهر کان گهٽو پري هئي. هاڻي اهو علائقو دهليءَ جي هڪ امير رهائشي ايراضي اندر اچي ويو آهي، پر تڏهين اتي چوڌاري زرعي فارم ۽ پارڪ ئي هئا. دادا کي نريلا کان پنهنجي آفيس پهچڻ لاءِ هڪ پاسي چار ڪلاڪ لڳي ويندا هئا. پهرين نريلا اسٽين تائين ٽانگي ۾ ۽ پوءِ دهلي ريلوي اسٽيشن کان بہ بسيون مٽائي، سي. ٽي. او تائين پهچڻ ۾، ان ڪري دادا رڳو هر ڇنڇر ڏينهن نريلا ايندو هو ۽ سومر صبوح جو سويل ئي هليو ويندو هو. هن سرڪاري بنگلي جي الاٽمينٽ لاءِ اسٽيٽ آفيس ڏانهن فارم ڀري موڪليا هئا. پر سرڪاري ملازمن جي مڪانن جي الاٽمينٽ لاءِ هڪ اڻ کٽندڙ قطار هئي ۽ داد پنهنجو ڪو بہ اثر رسوخ هلائڻ نہ پئي چاهيو ۽ هو پنهنجي واري جو انتظار ڪندو رهيو.

دهليءَ جي فتح پوريءَ جي سنڌي ڌرمشالا ۾، هن کي ٽن رپين روز جي حساب سان هڪ ڪشادو ڪمرو ملي ويو. ڌرمشالا دهلي ريلوي اسٽيشن کان پنجن منٽن جي پنڌ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هئي. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اسان جو هڪ ڏور جو مائٽ بہ هن سان گڏ اتي اچي رهڻ لڳو. دادا جو هن تي پورو وشواس هو ان ڪري هو ڪانئس گڏيل خرچ جو ڪو بہ حساب ڪتاب نہ وٺندو هو ۽ هو جيڪي دادا کان گهرندو هو هو، ڪيس بنا هٻڪ ڏيئي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن دادا کي آفيس مان سنڌ کان هندستان اچڻ وڃڻ جي خرچ پکي وغيره بلي ادائي هزار رپيا مليا. (ڀارت سرڪار سيني شرڻارٿي سرڪاري ملازمن کي پنهنجي ملڪ مان لڏي اچڻ عيوض ڀاڙا ڀتا ڏنا هئا) سانجهن جو فتح پوريءَ پهچي دادا مائٽ کي ويهہ رپيا ڏيئي چيو، "موٽڻ داس جي وائين شاپ تان اسڪاچ جي بوتل ۽ ڪباب وغيره وٺي اچ." 'موٽڻ داس ائنڊ سنس' ڪراچيءَ جا وڏا وائين مرچنٽ هئا ۽ هتي بہ اچي ڪلال ڪو ڌنڌو شروع ڪيو هئائون. شراب جي ٻڌي واپار ۾ هو ڪروڙپتي ٿي پيا هئا. ڌرمشالا ۾ دارون پيئڻ تي پابندي هئي، پر ان شام اتفاقن ٺاروشاهہ جو سيٺ گوبند رام ڀميومل دادا سان ملڻ آيو هو ۽ جيئن تہ هو ڌرمشالا جو ٽرسٽي هو ۽ پيئڻ جو ڏاڍو شوقين هو هن مئنيجر کي سڏائي هدايت ڏني تہ ڪنهن کي بہ ان ڪمري ۾ اچڻ نہ ڏئي.

سيٺ گوبند رام ڀميو مل هڪ اعليٰ شخصيت وارو سيٺ هو. هو اسان جي سدا حيات اديب گوبند مالهيءَ جو سنڌيو هو. هن کي دهليءَ جو Banana King (ڪيلن جو بادشاهہ) ڪري سڏيندا هئا. هر روز هن جون ڪيلن جون مال گاڏيون رائپور ۽ جلگائون کان اينديون هيون، جيڪي هو صبوح جو ٻن ڪلاڪن اندر ئي وڪڻي، ڏهاڙي ڏهہ هزار رپيا ڪمائيندو هو. تن ڏينهن، ڏهاڙي ڏهہ هزار تمام وڏي رقم هئي. پر هن جا پويان ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا. سٽي بازيءَ هن جو الهہ تلهہ ناس ڪري ڇڏيو ۽ زندگيءَ جي پوين ڏينهن ۾ هن جي ڪٽنب لاءِ بہ ويلا ڏکيا ٿي پيا. سيٺ گوبند رام بابت تفصيل وار احوال اڳتي هلي لکندس، جو مون کي هن جي صحبت مان گهڻو ڪجهہ حاصل ٿيو آهي.

ان رات دادا ۽ سيٺ گوبند رام سڄي بوتل خلاص ڪئي ۽ اسان وارو مائٽ پنهنجيءَ اشرافت جو ڍونگ رچيندي، پاڻ کي پرهيزگار ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو. اڌ رات ڌاري سيٺ گهر هليو ويو ۽ دادا گهريءَ ننڊ ۾ غلطان ٿي ويو. صبح جو دادا جي اک کلي تہ اهو مائٽ دادا کي آفيس مان مليل ادائي هزارن واري لفافي سميت غائب هو جيڪو دادا رات جو وهاڻي هيٺان رکي سمهيو هو.

اسان جو اهو مائٽ اڃا حال حيات آهي ۽ هتي دهليءَ ۾ ئي رهندو آهي. سالن بعد شايد وويڪ جا وڍ پوڻ ڪري، هن اسان جي گهر اچي پنهنجي چوريءَ جو اعتراف ڪيو ۽ دادا کان نہ رڳو ڏاڍيون معافيون ورتيون، پر پاڻ سان پنج هزار پڻ کڻي آيو جيڪي تلافيءَ طور دادا کي ڏيڻ لاءِ منٿون ايلاز ڪرڻ لڳو. پر دادا اهي نہ وٺي نہ ورتا، بلڪ ساڻس ساڳيو ئي ياٽيءَ وارو ورتاءُ ڪندو رهيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو پيءُ ديوان چيلا رام ياتيه نه رڳو اشراف ۽ ايماندار هو پر بيحد خوددار شخص پڻ هو. باقي هو شراب ڪباب جو بيحد شوقين هو. گوشت ڪانسواءِ ماني نه کائيندو هو. منگل ڏينهن جڏهن تازو گوشت نه ملندو هوس ته هو ڊبل روٽي ۽ کير تي ئي گذران ڪندو هو. شايد جوانيءَ ۾ شباب طرف پڻ جهڪاءُ رهيو هجيس. جو مون هن جي ڪن معاشقن بابت ننڍپڻ ۾ ڪي قصا ٻڌا هئا. پر سوچيندو هوس ته عشق ڪرڻ ۾ ڪهڙو ڏوهه آهي؟ بهرحال، پنهنجي پيءُ جي رومانوي زندگيءَ بابت ڪجهه تحرير ڪرڻ هڪ سعادتمند پٽ لاءِ نامناسب به آهي، ته مريادائن جي حدن کان ٻاهر نڪرڻ پڻ. ايترو اوس آهي ته رومانوي طبيعت هئڻ ڪري، هو ايترو ته نرم دل ۽ دريا دل هو جو منهنجي ڪنهن عشق جو قصو به دلچسپيءَ سان ٻڌندو هو. مان جڏهن ڪاليج جي پوئين سال ۾ هوس، ته پاڙي جي هڪ چغلخور شخص دادا کي اچي دانهن ڏني، ته تنهنجو پٽ ڪاليج جا ڪلاس گسائي، روهڙيءَ جي فلاڻي ديوانَ جي پنهنجي هم ڪلاسي ڌيءَ سان گهمندو ٿو وتي ۽ سئنيمائن ۽ هوٽلن جا چڪر ڏيندو ٿو وتي. (تن ڏينهن هتي آيل سنڌين جي سڃاڻپ سندن شهر جي نالي سان ٿيندي هئي.) هئي ڏينهن دادا مون کي پاڻ وٽ سڏي سمجهايو "پٽ، تون پنهنجيءَ تعليم طرف ڌيان ڏي ۽ ڇوڪرين سان رلڻ پنڻ ڇڏي ڏي. تو کي هن عمر ۾ پنهنجي ڪئريئر ٺاهڻو آهي. اپر سنڌ جون ڇوڪرويون ڏاڍيون چالاڪ آهن. جيڪي شريف گهرن جي ڇوڪرن کي ڦاسائي، اڳتي هلي انهن جي ٻيڙي ٻوڙينديون آهن." چيومانس، "دادا، اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. هوءَ ڏاڍي اشراف ڇوڪري آهي." منهنجي پيءُ چيو، "جي اهڙي اشراف آهي ته پوءِ تو سان ڪيئن ٿي گهمي؟"، چئي هو پاڻ ئي کلڻ لڳو.

ڪن ڪن ڪٽنبن ۾ پيءُ پٽن جا رشتا بيحد گنجريل ۽ پيچيدا ٿيندا آهن، پر منهنجو پيءُ منهنجو همراز دوست به هو. ته گڏوگڏ هن مون کي ادب ۾ مريادائن جي مفاصلي تي پڻ رکيو. اسين ٻئي گڏ ويهي پيئندا به هئاسين، پر گڏوگڏ اهو به هو ته هو جڏهن مون کي پاڻ وٽ سڏيندو هو ته مان هن اڳيان ايستائين بيٺو هوندو هوس جيسين هو مون کي پاڻ ويهڻ لاءِ نه چوندو هو. پر ڪافڪا جيان پنهنجي پيءُ اڳيان ايندي منهنجيون ٽنگون ڪڏهن به نه ڏڪيون. هن هميشه مانسڪ ٻل وڌايو ۽ هن جي ڪنهن ڊمڪيءَ ۾ به نصيحت لڪل هوندي هئي.

منهنجي هڪ ويجهي دوست جي پيءُ کي پڇاڙيءَ واري وقت ۾ اڏ رنگ ٿي پيو. هن جي جسم جو ساڄو پاسو سڄو ونجي ويو. هن ٻئي علاج سان گڏ پيءُ لاءِ هڪ به مساج (مالش) ڪرڻ واريون تندرست عورتون پڻ رکيون، پر ان مان ڪو خاص فائدو نه پيو. نيٺ هن جوان ملباري (ڪيرالا) پيشور نرس کي معقول معاوضو ڏيئي، هن کي هدايتون ڏنيون ته تون وڏيءَ ڪٽ واري هڪ اهڙي يونيفارم تيار ڪراءِ، جنهن سان جهڪڻ وقت تنهنجو اڏ کان وڌيڪ ڇاتيون کليل ڏسجن. بابي کي دوا پيارڻ وقت يا مساج ڪرڻ وقت، تون ايترو هيٺ جهڪجانءِ جو منهنجو پوڙهيو پيءُ تنهنجين ڇاتين کي ڇهڻ لاءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو هٿ متي کڻي اٿڻ جي ڪوشش ڪري. ڏينهن ۾ ٻه چار ڀيرا ائين ڪرڻ سان هو جسماني خواهه لاشعوري طور پنهنجي ٽڏي جسم اندر گرمائش محسوس ڪندو. ۽ سچ پچ اهو علاج بيحد ئي ڪارگر ثابت ٿيو.

مون کي پنهنجي پيءُ جي صحت ۽ خوشيءَ لاءِ، هن کي اهڙي صحبت ميسر ڪري ڏيڻ ۾ ڪا به هچڪ نه ٿئي ها. بلڪ مون لاءِ هن جي خدمت ئي منهنجي عبادت ۽ زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي بندگي هئي. مان هن جو مربي پٽ هوس، جيڪو هن جي انتيهن سالن جي عمر ۾ هن جي گهر ۾ پيدا ٿيو هئس. ڪاش، هو پنهنجن انتيهن گڻن مان رڳو پنهنجا اٺ گڻ ئي مون کي ڏيئي وڃي ها.

پنهنجي ساروڻين جو هي پنو مان هن کي پيش ڪري رهيو آهيان.

انهن ئي ڏينهن ۾ هندستاني حڪومت، پاڪستان مان لڏي آيل شرڻارٿين لاءِ ورسائڻ واري وزارت (Rehabilitation Ministry) قائم ڪئي هئي. دهليءَ جي چئني پاسي پنجاهه کن رفيوجي ڪالونيون اڏائڻ شروع ڪيون. اخبارن ۽ ريڊيو تي اعلان جاري ڪيا ويا ته جيڪي شرڻارٿي پاڪستان ۾ پنهنجيون غير متروڪ جائدادون ڇڏي آيا آهن، اهي پنهنجا پنهنجا ڪليم داخل ڪن، جن جي عيوض ورسائڻ واري کاتي طرفان کين نيون تعمير ٿيندڙ جايون ۽ ڪوارٽر الاٽ ڪيا ويندا. ڪليم فارم ڀرڻ سان گڏ، ثبوتي دستاويزن کان سواءِ، ڪن بيئلن ماڻهن، جهڙوڪ: سياستدانن، سرڪاري گزيٽيڊ آفيسرن يا ڪن تسليم شده سماجي ڪارڪنن جا سرٽيفڪيٽ شامل ڪرڻ جو شرط پڻ شامل هو. گڏوگڏ ان شهر جا ٻه شاهد پڻ حلف نامي تي تصديق ڪن ته برابر عرضدار دعويٰ ڪيل جائداد جو اصلي مالڪ هو.

اعلان پڌندي ئي، درخواستن جا فائيل هٿ ۾ جهليل دعويدارن جون اڻ ڪٽندڙ قطارون لڳي ويون. ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ پڙهندڙ ڇوڪرا شاهجهان روڊ جي ڪليم آفيس ٻاهران اچي انگريزي نه ڄاڻندڙ واڻين جون ريڙهي ٻن ۾ درخواستون ۽ فارم ڀرڻ لڳا ۽ پنجاهه سٺ رپيا روزانو ڪمائڻ لڳا (تن ڏينهن سرڪاري لڪپڙهه لاءِ اڃا هندي شروع نه ٿي هئي.) ڪليم ماءُ جي نالي، پيءُ جي نالي، اڻ پرڻيل ڀيڻ جي نالي، نابالغ پٽ جي نالي، سرڳواس ٿيل سس سهري جي نالي، ڪٿي ڪٿي ته مري ويل ۽ گمشده ماڻهن جي نالي، ڪليمن جي ڪاڳرن جا انبار لڳي ويا. سوين ماڻهو سرڪاري خواهه خانگي طور ان ڪم ۾ رنبجي ويا ۽ ڪليم آفيس ٻاهران رونقون لڳي ويون. وڏو وٺل انهن ويچارن سان ٿيو جن جيئن تيئن ڪري پراڻي قلعي يا اننت پربت جهڙين ڪئمپن ۾ رهڻ لاءِ، هڪ ٻن ڪمرن جيتري جاءِ مس حاصل ڪئي هئي، جو دهليءَ کان ٻاهران آيل سندن اورين پرين ماڻهن جي لوڏ اچي پنهنجا ڪليم ڀرڻ لاءِ وٽن رهڻ لڳي.

اناج جي کوٽ هئي. آمريڪا ۽ ڪئناڊا کان آيل ڳاڙهي ڪڻڪ، جيڪا اتي گهوڙن کي کارائيندا هئا يا بچي پوڻ جي حالت ۾ سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏيندا هئا، اها دان ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امپورٽ تي 480 Public laws تحت پنهي ورهايل ملڪن ڏانهن موڪلي ويندي هئي. ۽ اها ڪڻڪ بہ مخصوص مقدار ۾ راشن تي ئي ملندي هئي. هاڻي لڏي آيل ويچارا پاڻ ڪائين يا مهمانن کي ڪارائين؟ آيلن جا انبوهہ هئا ۽ اناج اڻ پورو هو. ڊبل روٽيءَ لاءِ بہ مفتي ۾ هڪ ڪوپن ملندو هو. ڳاڙهي آمريڪي ڪڻڪ کائي ماڻهن کي ڦٽ ڦرڙيون ۽ ڏڍ جهڙيون چمڙيءَ جون بيماريون ٿي پيون. آمريڪا ۽ ڪئناڊا جهڙن ملڪن ان صورتحال جو پورو فائدو پئي ورتو ۽ هن ننڍي کنڊ جي ويڇهڙائيءَ ۾ ئي ورهايل ٻنهي ملڪن جو پورو پورو استحصال ڪيو.

ڪميونسٽ ليڊر طارق عليءَ پنهنجي ڪتاب Pakistan crisis (پاڪستاني بحران) ۾ هڪ ڏڏڪو ڏيارينڊڙ واقعو بيان ڪيو آهي:

”آمريڪا جي سرمائيدارن، پنهنجن ايجنٽن ۽ خفيہ ايجنسين ذريعي پاڪستان جي پنجاب ۽ سنڌ جي جاگيردارن ۽ زميندارن کي وڏيون رقمون ۽ رشوتون ڏيئي، اتي ڪڻڪ ۽ ڪپهہ جا فصل تباهہ ڪرائي ڇڏيا ۽ اناج جو هٿرادو قحط پيدا ڪرايو.

گڏوگڏ پاڪستاني ڊڪٽيٽر ايوب خان کي اها آڇ ڪئي تہ آمريڪا پنهنجي ملڪ مان بہ ملين ٽن ڪڻڪ امداد طور موڪلي ڏيندي، بلڪ ان جي روانگي ۽ باربرداريءَ جو خرچ پڻ پاڻ تي هموار ڪندي، پر گڏوگڏ اهو شرط پڻ هو تہ جنهن وقت ڪڻڪ جا ڀريل سامونڊي ڪارگو جهاز ڪراچيءَ جي ڪياماڙي بندر تي لهي، اناج جي ڳوٽين کي گودامن ڏانهن، جن اٺ گاڏين تي چاڙهي موڪليندا، تہ انهن اٺن جي ڳچين ۾ تختيون لٽڪيل هونديون، جن تي وڏن ۽ چٽن لفظن ۾ (آمريڪا زنده باد) تحرير ٿيل هوندو ۽ اهي اٺ گاڏيون ڪراچيءَ جي رستن سان هلايون وينون. غريب ۽ ضرورتمند ملڪن کي اهڙيءَ ريت ذليل ڪرڻ جو ان کان وڌيڪ بيهودو مثال ٿي نٿو سگهي.“

هندستان جا ماڻهو تہ جوئر ۽ مڪئيءَ جي مانيءَ تي هريل هئا، پر سنڌي ڪڻڪ، جوئر يا ٻاجهريءَ کان سواءِ ٻيو ڪو اناج کائي نٿي سگهيا. ديره دون جا مهانگا باسمتيءَ چانور کائڻ سندن وس کان ٻاهر هو ۽ لاڙڪاڻي جي گهاڙ واهہ جي سگداسي چانورن تي هريل سنڌين لاءِ، تلها مدراسي سيلا چانور نڙگهٽ ۾ اٽڪي پوڻ جهڙا هئا. هندستان جا ماڻهو اسان تي ٺٺوليون ڪندا هئا تہ هي جوئر ٻاجهري کائڻ وارا سنڌي آهن. راجستان مان ريئي سير جي اگهہ تي جوئر ۽ ٻاجهري گهرائي، سنڌين پنهنجا ويلا ٽاريا. پر نهروءَ راجستاني اٺن جي ڳچين ۾، آمريڪا زنده باد جون تختيون ٻڌڻ نہ ڏنيون. هگورجن جو گلاب اجواڻي ڪليمس آفيسر مقرر ٿيو هو ۽ طعب (لاڙڪاڻي ضلعي) جو ديوان نانڪرام جئسنگهاڻي سيٽلمينٽ ڪمشنر جي عهدي تي پهتو. ٻيئي دادا جا دوست هئا. گلاب تہ ڪجهہ عرصو نوابشاهہ ۾ دادا جو سرشتيدار بہ ٿي رهيو هو ان ڪري دادا جي بيحد عزت ڪندو هو. باقي طعب جو ديوان ڳري ڪاٺ هو. ڪنهن سنڌي اخبار هن لاءِ ڏيڪ اچليو هو ”ديوان جي دفتر ۾ هڪ ئي اصول هلندو آهي، ڏنو پٽ ڇٽي جو.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رياستي اشراف ۽ ايماندار عملدار گلاب اجواڻيءَ، سنڌين سان ڏاڍا ڀال ڀلايا. هن جي ٿي رحمدليءَ سان سنڌين کي لجپت نگر، راجيندر نگر، پٽيل نگر، ڪالڪا جي ۽ مالويہ نگر، جهڙن ڪالونين ۾ ورسڻ جا وجهہ مليا. اڳتي هلي سنڌين انهن جاين مٿان پنهنجا محل ۽ ماڙيون اڏيون. جيڪي اڄ ڪروڙن جون جائيداداون آهن. گلاب رڳو پاڻ کي نہ ورسايو.

گلاب دادا مٿان تمام زور ڀريو تہ سنڌ ۾ ايتري ڇڏي آيل مڪاني جائيداد ۾ زرعي زمينن جو ڪليم داخل ڪيو پر منهنجو پيءُ هن ڪان ڪليم فارم وٺي، ميز جي خاني ۾ رکي ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن مون گلاب ۽ دادا وچ ۾ هيءَ گفتگو ٻڌي:

”ديوان صاحب، توهان جون ڪنڊياري ۾ بہ جايون هيون، جيڪو تعلقو هو ان ڪري توهان کي وڏيڪ معاوضو ملندو. ڊيڙي جي اڌ بزار جا دڪان ۽ مٿيون ماڙيون توهان ٽن ڀائرن جي گڏيل ملڪيت جو حصو آهن، ان ڪري انهن جو جدا ڪليم وجهو.“ گلاب چيو.

دادا وراڻيو ”گلاب مان پنهنجن ڀائرن سان ڪهڙا ويهي ليکا چوکا ۽ حساب ڪتاب ڪندس. مان ٻنهي کي هتي گهرايان ٿو تہ اچي پنهنجا ڪليم ڀرين.“

”۽ توهان جو حصو؟“

”مان پنهنجو حصو بہ ٻنهي کي ورهائي ٿو ڏيان.“

”گڏيل ملڪيت هئڻ ڪري توهان جو ڪليم تہ پوئين ڪئٽگريءَ ۾ بحال ٿيندو.“ گلاب چيو.

”پهرين ڪئٽگري ڪهڙي آهي؟“

”وڏوائون ۽ يتيم. جن جا پيءُ ماءُ مري چڪا آهن.“

”تہ پوءِ اسان ٽنهي ڀائرن جي پيءُ ماءُ کي مئي بہ ٽيهہ سال ٿي ويا آهن. اسان کي بہ ڇو نہ ٿا ان ڪئٽگريءَ ۾ وجهو؟“

گلاب اجواڻي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. ڪيتريءَ ڪوشش باوجود هو منهنجي پيءُ کي ڪليم ڀرڻ لاءِ آماده نہ ڪري سگهيو. ۽ نارايڻ پارتيءَ جي ڪهاڻي، ’ڪليم‘ جي ڪردار ۽ سنڌيءَ جي نر شاعر ليکراج عزيز جي شعر جيان ان اصول تي قائم رهيو.

”منهنجي املاڪ سڄي سنڌ آهي ۽ منهنجو ڪو ڪليم آهي تہ اهو سڄيءَ سنڌ تي آهي.“

مون کي منهنجي اولاد جي سوچ جي ڄاڻ ناهي، پر مون پنهنجي پيءُ جي ان ورثي کي سانڍي رکيو آهي.

مان پنهنجيءَ محبوبہ سنڌ کي ۽ سنڌ ۾ رهندڙ منهنجي محبوبہ مون کي هر پيري اهو يقين ڏاريندي آهي.

”تون ئي منهنجي محفوظ ۽ پختي پناهہ گاهہ آهين، پيارا.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنڌرهون پنو

آتم ڪٿا ڪو عدالتي بيان ناهي، جنهن ۾ ڪي سلسلا جوڙي سگهجن ۽ ترتيبوار واقعا ۽ وارداتون درج ڪجن. سلسلوار سوانحيون رڳو ڪي سرڪاري ڪامورا يا فوجي جرنل ئي لکي سگهندا آهن، جيڪي پنهنجي پيشوارانه زندگيءَ جو باقاعدي رڪارڊ رکندا آهن، تہ فلاڻي تاريخ حضور منشيءَ مان هيڊ منشي ٿيس ۽ فلاڻي تاريخ هيڊ منشيءَ مان مختيارڪار ٿيس. گهوڙي تي گشت ڪندي آباد ۽ غير آباد زمينن جي ڍلن جون معافيون ڪيئن ڏيندو هوس، لاپو ونڊ تپيدارن کي ڪيئن جهليندو هوس ۽ پنهنجن سرشتيدارن مٿان ڪيئن ڪرڙي اک رکندو هوس. اهڙين آتم ڪٿائن ۾ ڪو بہ رَسُ چَسُ نہ هوندو آهي ۽ پڙهڻ ۾ بنهہ ڪسيون لڳنديون آهن.

ساڳيءَ ريت فوجي جنرل پڻ پنهنجين آتم ڪٿائن ۾ پنهنجي فوجي زندگيءَ جو احوال لکي، رڳو پاڻ کي پڌائيندا آهن تہ مون ڪهڙا ڪهڙا جانبازيءَ وارا ڪارناما ڪيا ۽ ڪيئن دشمن جي چونڪين تي راتاها ڏيئي، هن جا پير اکيڙي ڇڏيم، وغيره.

ويجهڙائيءَ ۾ پاڪستان جي صدر جنرل پرويز مشرف جي شايع ٿيل آٽوبايوگرافيءَ ۾ پڻ رڳو هن جي فوجي ۽ سياسي زندگيءَ جون حقيقتون ۽ انگ اکر خشڪ نموني درج ٿيل آهن، جن ۾ ڪا بہ ادبي چاشني ڪانهي. جڳ جهان کي ڄاڻ آهي تہ دهليءَ ۾ پيدا ٿيل ۽ ترڪيءَ ۾ تربيت ورتل پرويز مشرف هڪ رومانوي رويو ۽ طبيعت رکندڙ ادار دل شخص آهي، پر پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ هن پنهنجي رومانوي زندگيءَ جي رڳو هڪ هلڪي جهلڪ ڏيئي، وري پنهنجي خشڪ ساليءَ واري قواعدي زندگيءَ ڏانهن موٽي آيو آهي. آٽو بايوگرافي پڙهندي لڳي ٿو تہ هن پنهنجي ذاتي زندگيءَ بابت ٻڌايو گهٽ، لڪايو وڌيڪ آهي. شايد هن جي فوجي زندگيءَ جي انتظام هن کي محتاط رکيو آهي، ورنہ مون هن کي آگري ۾ ڏٺو هو تہ هن جي باڊي لئنگويج اکين جي اشارن ۽ معنيٰ خيز مرڪ مان ئي پرکي ورتو هو تہ هو ڪيترو رومانوي شخص آهي. بهرحال ترڪيءَ جي ڪمال اتا ترڪ کي پنهنجو آدرش مڃيندڙ پرويز مشرف صاحب، اتاترڪ جي ڪردار جي ڪنهن تہ پهلوءَ سان پاڻ کي هم آهنگ ڪري ها!

ترتيبوار رڪارڊ ڪيل آتم ڪٿائن سان اها ئي ويڌن هوندي آهي، ورنہ ڪي فوجي جرنيل اهڙا بہ رومانوي هوندا آهن، جو جنهن وقت ڍاڪا مٿان بم وسي رهيا هئا تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عتاب هيٺ آيل فوجي ڪمانڊر ’بي نيازي‘ سان پنهنجي ڪمري جا در بند ڪري، هڪ حسين خاتون جرنلسٽ کي انٽرويو ڏيئي رهيو هو.

مان بہ پنهنجن يادگيرين جي آلبم مان ڪي پراڻيون تصويرون ڪڍي، چنڊي ڦوڪي رهيو آهيان، جيڪي منهنجي زندگيءَ جي آلبم ۾ بي ترتيب ٽڙيون پکڙيون پيون آهن.

اڄ 8 نومبر جي ڏينهن هيءَ قسط لکندي ياد آيو تہ اڄ منهنجي پريتوان امر جليل جو جنم ڏينهن آهي، پر مان هن کي مبارڪون نٿو موڪليان. اڄ هن جي زندگيءَ جو هڪ سال گهٽيو آهي. اسين ٻيئي ساڳي ئي سال پيدا ٿيا آهيون. ساڳي ئي سال ۾ پنهنجيون پنهنجيون وصيتون لکي، پنهنجين پنهنجين محبوبائن سان، مون هُن ڪُنڊ جي باهہ جي چواڌري ست ڦيرا پاتا هئا ۽ هن، پاڻ قاضي هوندي بہ، ٻئي ڪنهن قاضيءَ اڳيان نڪاح نامي تي ٻن شاهدن جي موجودگيءَ ۾ صحيح وڌي هئي. زندگيءَ ۾ اڳتي هلي ٻنهي ساڳيو ئي صحافت وارو پيشو اختيار ڪيو جنهن مان، مان مڪمل طور رٽائر ٿي چڪو آهيان ۽ هو اڃا بہ پنهنجي صحافتي قلم کي پختو پڪڙي ويٺو آهي. حياتيءَ ۾ اسين ٻيئي گڏ گڏ هليا آهيون. فرق رڳو اهو آهي جو هو هڪ پرهيزگار انسان ٿي رهيو آهي ۽ مان گناهگار. بهرحال هو پنهنجي ايمان سان خوش آهي ۽ مان پنهنجي ڪُفر سان خوشحال.

مون کي امر جي ڪنهن ويجهي دوست ٻڌايو تہ جوانيءَ ۾ هن جو آواز ڏاڍو سريلو هو ۽ جڏهن هو ڪنهن محفل ۾ ڪو درد ڀريو گيت ڳائيندو هو تہ الائي ڪيتريون جوانڙيون راتين جو امر جا ڳاتل درديلا گيت جهونگاري، پنهنجا وهاڻا آلا ڪنديون هيون. زندگيءَ جي هن موڙ تي پهچي بہ امر اڃا پنهنجي قلم تي تہ قائم آهي، باقي هن سريلا گيت ڳائڻ ۽ ڏاڙهي لاهڻ ڇڏي ڏني آهي. اڄ شام مان هڪ جام هن جي نالي پيئندس.

منهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ امر جليل جو اڪثر ذڪر ان ڪري اچي رهيو آهي، جو هو منهنجي آتم جو حصو بڻجي چڪو آهي. باقي ڪٿا هن جي پنهنجي آهي.

نريلا ۾ اسين مسواڙي جاءِ ۾ رهيا پيا هئاسين. حويليءَ جي سيني مسواڙين کان وصولي ڪرڻ شهر جو هڪ دهشتگر جاٽ، جنهن کي سڀ تائوجي (وڏو چاچو) ڪري سڏيندا هئا. هر مهيني جي پهرين تاريخ اچي پهچندو هو. هن سان گڏ چار پنج پهلوان قسم جا جاٽ ۽ هڪ بہ حقو ڪٽي هلندڙ هوندا هئا. هو حويليءَ جي مکيہ دروازي تي ڪرسي رکي ويهندو هو ۽ حويليءَ جا اٺ ڏهہ سنڌي ۽ پنجابي شرڻارٿي مسواڙي هيٺ اچي هن جي منشيءَ کي مسواڙ ڏيئي ويندا هئا. موٽ ۾ هو هر مسواڙيءَ کي ڳڙ جي ٻهن جيڏن لڏن جي پيٽي ڏيندو هو. مان مسواڙ ڏيڻ وقت هن جي حقي مان بہ چار ڪش بہ هڻي ايندو هوس، جيڪو ڏسي هو ٺهڪ ڏيئي کلندو هو. هن راءِ رشيد جي خانداني حويليءَ تي زبردستيءَ قبضو ڪري پٽواريءَ کي ڪجهہ ڏيئي وٺي، پنهنجي نالي ڪرائي ورتو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راءِ رشيد جو خاندان هرياڻه جو هڪ معزز خاندان هو. پاڪستان هجرت ڪري وڃڻ بعد راءِ رشيد پاڪستاني پنجاب جي پوليس جو سربراهه بڻيو ۽ پُٺي صاحب جي دَور ۾ لاهور ۾ ڊائريڪٽر جنرل پوليس جي عهدي تي رسيو. مون کي هن جي گهر مان سندس ڪتنب جي هڪ پراڻي تصوير هٿ آئي هئي، جيڪا مون سالن تائين پاڻ وٽ سنڀالي رکي هئي. سال 1980ع ۾ مان جڏهن پهريون ڀيرو لاهور ويو هوس ته اها تصوير مون لاهور جي مشهور رسالي ’نقوش‘ جي مالڪ ۽ ايڊيٽر محمد طفيل هٿ، هن ڏانهن موڪلي هئي. خبر ناهي ته اها تصوير هن کي ملي الائي نه؟ جو ان وقت هو ضياءِ مارشل لا جي عتاب هيٺ آيل هو.

نريلا ۾ شاهپور چاڪر جي هڪ واڻئي پوهومل سيٺي پاڙي جو دڪان ڪوليو جتي سڄو ڏينهن جاٽن جي پيهه لڳي پيئي هوندي هئي. ڏينهون ڏينهن هن جي آمدني ايتري ته وڌندي وئي، جو هن لاڳيتا ٻه ٽي ٻيا دڪان ٻه ٽائن (جاٽن) کان خريد ڪري ورتا ۽ پٽيون پيچائي ڊپارٽمينٽل اسٽور ڪري ڇڏيائين. اٿين سنڌي سائين پوهو مل جو ننڍو دڪان شهر جو وڏي ۾ وڏو اسٽور ۽ گودام بڻجي ويو. پوهو مل سيٺ کي چار پٽ هئا. خانو ڏرمون، پرسو ۽ جمعيت. خانو ۽ جمعيت پيءُ جي پيٽ پيل هئا ۽ سڄو ڏينهن محنت سان دڪان سنڀاليندا هئا. باقي ڏرمون ۽ پرسو دڪانن جي مراديءَ مان روز ٻه چار رپيا چورائي، دهليءَ تائين رلندا وتندا هئا. هو ٻيئي ڀائر منهنجا ۽ منهنجي ڀاءُ هاسي جا پڪا دوست بڻجي ويا. دادا هفتي جا پنج ڏينهن دهليءَ ۾ رهندو هو ۽ اسان ٻنهي ڀائرن کي ڪنهن جي ڪا جهل پل نه هئي. ڏرمون ۽ پرسي جي دڪان تان چورايل پئسن مان اسان ٻيئي ڀائر پڻ عيش ڪندا رهياسين. اٿين مفت جي مال تي روز بروز اسان ٻنهي جي صحت ته سڌرندي رهي، پر صحبت بگڙجندي رهي.

نريلا ۾ ريلوي لائين جي ٻيءَ پر ٽين جي ڇتين وارو سينيما گهر هو. چوڏاري ٽنبن ۽ قناتن واريون پٽيون ۽ ٽي پردن وارا در هئا. جتان هال ۾ اندر وڃڻ لاءِ پنج آنا، ڏهه آنا ۽ هڪ رپئي وارا ٽي ڪلاس هئا. هڪ ئي گيٽ ڪيپر واري واري سان ٽنهي ڪلاسن جي درن تي ويهندو هو. مهيني کن کان سينيما گهر ۾ (جنهن کي جاٽ بائيسڪوپ چوندا هئا) ڏکڻ هندستان (مدراس) ۾ تيار ڪيل پهرين هندي فلم ’چندر ليکا‘ هلي رهي هئي. تامل ائڪٽريس راجڪماريءَ جي ناچن ڪري، هن فلم سڄي هندستان ۾ ڏاڍو نالو ڪڍيو. خاص ڪري فلم جي نغارا ناچ، جنهن ۾ راجڪماريءَ پنهنجن هڪ سوَ ناچڻين سان سوَ وڏن نغارن تي ويهي زبردست ناچ ڏيکاريو هو. نغارن اندر راجڪماريءَ جي پيءُ (پير واري ملڪ جو راجا) جا لڪائي وهاريل سوَ سپاهي هئا. جن ناچ ختم ٿيندي ئي نغارن مان ٻاهر نڪري دشمن تي حملو ڪيو. ناچ جا منظر ۽ سوَ هٿياربند سپاهين جي حملي جو نظارو ايترو ته دهشتناڪ هو جو چون ٿا ته پاڳل تانا شاهه راجا جو رول ڪندڙ اداڪار رنجن، فلم جي شوٽنگ دوران سچ پچ چريو ٿي پيو ۽ ڪيترو عرصو مدراس جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڳل خاني ۾ داخل رهيو. مان، هاسو ڏرمون ۽ پرسو روز اوندهہ ٿيندي ئي سينيما جي پٺئين پاسي وارين تناطن جي چيرن مان لڪي لڪي ويهي اها ’چندر ليکا‘ فلم ڏسندا هئاسين. خاص ڪري نغارا ناچ واري سين تہ اسان سوين ڀيرا ڏٺي. ڪڏهن ڪڏهن سينيما جو ڪو ملازم اسان مان ڪنهن کي اوچتو اچي ڪن کان جهليندو هو ۽ اسين ڪانئس جيئن تيئن پاڻ ڇڏائي ڀڄي ويندا هئاسين. اٿين بريءَ سنگت ۾ سڄو ڏينهن رلڻ ۽ هٽ هٽ ڏڪا کائڻ ڪري، اسين نڪما، رولو ۽ لوفر بڻجي وياسين ۽ اسان کي ڪو جهلڻ پلڻ وارو نہ هو.

هڪ ڏينهن هميشه جيان سينيما جي ٻاهران جوڪائيءَ جا چڪر ڏيندي، اسان جي نظر پر واري ننڍي ڪمري تي وڃي پيئي. پرسي اندر ليٽو پائي ڏٺو تہ هڪ ميز تي سينيما جي ٽڪيٽ جا ڳاڙها ساوا بنڊل رکيا هئا. جن ۾ ڏهين آني ۽ رپئي وارين ٽڪيٽون ٻڌيون پيون هيون. پرسي چيو اچو تہ ٽڪيٽن جو هڪ هڪ بنڊل کڻون ۽ گيٽ تي اهي ٽڪيٽون ڏيئي، مفت ۾ فلمون ڏسنداسين. اسان کي ان وقت ايتري سمجهہ نہ هئي تہ هر ٽڪيٽ مٿان تاريخ جي مهر لڳندي آهي. مون ۽ هاسي ائين ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو تہ پرسي ۽ ڏرمونءَ چيو تہ توهان ڀيئي ٻاهر ويهي نظرداري ڪيو ۽ اسين وڃي اندران ٽڪيٽون ٽپائي ٿا اچون. اسين ڀيئي پائر ٻاهر چوڪسي ڪرڻ لڳاسين ۽ هنن ٻنهي ٽڪيٽن جا چار بنڊل ٽپائي، ٻاهر اچي هڪ هڪ بنڊل اسان کي ڏنو.

ٻئي ڏينهن اسين چارئي چيڪا وڳا پائي، فلم جي رپئي واري اپر ڪلاس جي ٽڪيٽ کيسي ۾ وجهي، شام وارو شو ڏسڻ سينيما هال ۾ پهچي وياسين. سينيما جو گيٽ ڪيپر اسان کي روز اتي رلندي پنندي پيو ڏسندو هو سو اسان جيئن ئي هن کي اندر وڃڻ لاءِ ٽڪيٽون ڏنيون تہ هو اسان ڏانهن شڪي نگاهن سان نهارڻ لڳو. اسان کي اتي ئي ويهاري، هو وڃي مئنيجر کي وٺي آيو.

ديو قامت پنجابي مئنيجر ايندي ئي اسان کي ٻانهن کان اچي جهليو ۽ پرسي کي ٻہ ٽي ٿڦون وهائي ڪڍيون. مان ۽ هاسو ڀڄڻ لڳاسين تہ ٻنهي کي سينيما جي ٻن ملازمن اچي جهليو. ايتري ۾ سينيما جو سک مالڪ ۽ ٻيا ٻہ ڪي ملازم اچي گڏ ٿيا. جيڪي اسان چئني کي گهليندا، ڌڪا ڏيندا مئنيجر جي آفيس ۾ وٺي آيا. اسان چئني جون قميصون لهرائي قطار ۾ ويهارياءون ۽ چئني جي هٿن ۾ ٺلها رَسا ٻڌائون ۽ ماٺهو موڪلي ٽاٽيدار کي گهرايائون. ٿوريءَ دير ۾ ٽاٽيدار ۽ ٻہ پوليس وارا ٻہ اچي پهتا ۽ رسن ٻڌل هٿن سان مون، هاسي، ڏرمونءَ ۽ پرسي کي ٽاٽي تي وٺي آيا. سپني کان هڪ ئي سوال پڇندا رهيا، ”چوري، تو ڪيس ڪا سي؟“ (چورا، تون ڪنهن جو آهين؟)

اسان پائرن جو پيءُ دهليءَ ۾ هو ۽ ٽاٽيدار ماٺهو موڪلي ڏرمون ۽ پرسي جي پيءُ پوهومل کي ٽاٽي تي گهرايو. دڪان تي سڄي ڳالهہ ٻڌي سيٺ پوهومل جا ڀيڊر ڀرا تي ويا. هو ۽ سندس دڪان تي ويٺل ڀيئي وڏا پٽ خانو ۽ جمعيت بدحواس ٿي، چڱا نوٽ کيسن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ وجهي ٿاڻي تي پهچندا آيا. ٿاڻي تي اسان چئني ٽڪيٽون چورائڻ جو سچو بيان رڪارڊ ڪرايو. جيڪو ٿاڻي جو محرر اردوءَ ۾ هڪ اڇي پني تي لکندو ويو. (تن ڏينهن ٿاڻن ۽ عدالتن جو سچو ڪاروبار اردوءَ ۾ هلندو هو). پوهو مل جو دڪان جيئن ته تمام گهڻو هلندو هو ان ڪري شهر ۾ هن جي چڱي هلندي پهچندي هئي ۽ هر ڪو هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو ۽ هن جي عزت ڪندو هو. هو ٿاڻيدار کي پاسي واري ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ ڏهن منٽن اندر ئي ڪجهه ڏي وٺ ڪري، اسان کي ٿاڻي مان ڇڏائي آيو. ٻئي ڏينهن اسان جي گهر اچي، هن پاپيءَ کي گذريل شام واري سڄي واردات ٻڌائي ۽ پنهنجن ٻنهي پٽن کي چڱا موچڙا هنيا. سڳني مل سوناري مون کي ٻه ٽي چنبا هڻي چيو ته وري منهنجي دڪان تي پير نه پائجانءِ.

پنهنجن پٽن جي بداخلاقيءَ واري اهڙي هلت پاپيءَ کي ڏاڍو ڏک رسايو. هن مون سان ۽ هاسي سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو ۽ اسين پائر پاڙي ۾ ڪنهن کي منهن ڏيکارڻ جهڙا نه رهياسين. اسان گهر کان ٻاهر نڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو. ٻن ڏينهن کان پوءِ دادا جڏهن دهليءَ کان آيو ته پاپيءَ سچو سامان ٻڌڻ شروع ڪيو ۽ دهليءَ هلڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي. دادا هن کي ڪيترو ئي سمجهايو ته هفتي ڪن اندر دهليءَ ۾ ڪا مسواڙي جاءِ ڳولهي، اسان سڀني کي وٺي هلندو، پر پاپيءَ هن جي هڪ به نه ٻڌي. هن جلد از جلد نريلا مان نڪرڻ پئي چاهيو. پوهومل دڪاندار وٽان جڏهن دادا کي پنهنجن پٽن جي ڪرتوتن جي ڄاڻ پيئي ته هو سن ٿي ويو پر هن ڪجهه به نه ڪڇيو. مان ۽ هاسو سچو وقت ڦٿڪندا رهياسين ته اسان جو پيءُ اسان کي سزا ڇو نه ٿو ڏئي؟ پر هن جي مڪمل ماٺ اسان لاءِ ناقابل برداشت سزا هئي. اسين هن سان اک ئي نه ملائي سگهياسين. مان جڏهن پيءُ جي اها خاموشي وڌيڪ برداشت نه ڪري سگهيس ته مون پنهنجي پڇتاءَ ۽ گناهه بخشائڻ وارو معافي نامو لکي، چپ چاپ دادا جي ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. خط کيسي ۾ وجهڻ کانپوءِ مون کي لڳو ڄڻ منهنجي من تان وڏو بوجهه لهي ويو آهي.

دهليءَ جي فتح پوري ڌرمشالا ۾ سيٺ گوبندرام جي سفارش تي اسان کي الڳ ڪمرو ملي ويو. ڌرمشالا کان هيٺ لهندي ئي ڪاڏي پيتي جون هوٽلون ئي هوٽلون، هر قسم جا دڪان ئي دڪان. رات تائين رونق ئي رونق هئي. ڪاهي پاسي کان چانڊني چوڪ تي شروع ٿيو ته ساڄي پاسي کان صدر بزار. دل چئي رهي هئي ته هميشه لاءِ هتي ئي رهي پئجي. هفتي ڪن ۾ دادا دهليءَ جي ڪرول باغ واري علائقي ۾ ٻن ڪمن واري مسواڙي جاءِ هٿ ڪئي.

اها اڌ صدي اڳ جي ڳالهه آهي، تڏهن کان هن شهر ۾ وسيل آهيان. جتي ٻاروتڻ کان جوانيءَ ۽ جوانيءَ کان ٻڍاپي تائين زندگيءَ جا سڀ ڏک سک، خوشگوار ۽ ناگوار آزمودا، شيرين ۽ تلخ تجربا، گناهه ثواب، اميري ۽ غريبي، سود ۽ زيان، رومانس ۽ رنگين راتيون، پيشورانه زندگيءَ، گهر گهرستيءَ جو ڪاربار ۽ ٻه ٽيون پيڙهيون پيدا ڪيون اٿم.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان دوران گهڻو ڪجهه ناهيو ۽ ڍاهيو اٿم. پر پوءِ به صافي نفعي ۾ رهيو آهيان ۽ اڄ هر ذميواريءَ کان آجو ٿي، پنهنجي رفيقہ حيات سان پرسڪون زندگيءَ گذاري رهيو آهيان. صحت ۽ صحبت صحيح آهن. ماني ۽ دارون، پيئي ۽وَ ٽي آهن. بقول مرزا غالب:
”ڪنهن ڏينهن شراب نہ پيتو هجيم تہ ڪافر، ڪنهن ڏينهن نماز پڙهي هجيم تہ گناهگار.“

بهرحال، روز قيامت جي تہ ڪا ڄاڻ ڪانهيم ۽ نہ ئي صور اسرافيل وڄڻ جي ڪا پڪ اٿم. پر ايترو يقين اوس اٿم تہ اسان لاءِ جنت هن ڌرتيءَ تي ئي محفوظ ٿي چڪي آهي.

دهليءَ ۾ سنڌي ماڌيم وارا ٻہ اسڪول برپا ٿي چڪا هئا. هڪ لوڌي روڊ ۽ ٻيو راجيندر نگر ۾. اڳتي هلي لجپت نگر ۾ بابا نيبراج سنڌي اڪاڊميءَ جي انتظام هيٺ ٽيون سنڌي ماڌيم وارو اسڪول پڻ قائم ڪيو ويو. سنڌي اسڪولن جي تعليم جو معيار تمام مٿاهون هو. سنڌ جا تمام هوشيار ۽ قابل استاد، ٻنهي اسڪولن ۾ ماستر مقرر ٿيا. لوڌي روڊ وارو سنڌي اسڪول دهلي سرڪار جي تحويل هيٺ هئڻ ڪري، هڪ پڪيءَ بلڊنگ ۾ قائم ٿيو. پر راجيندر نگر وارو سنڌي اسڪول خانگي ٽرسٽ هلائڻ لڳي. پنهنجي بلڊنگ نہ هئڻ ڪري اسڪول تنبن ۾ هلندو هو. ماسترن لاءِ محدود ميزون ڪرسيون هيون، ان ڪري هو سڄو وقت بيٺي پير پاڙهيندا هئا. ڪين ڪڏهن تہ بليڪ بورڊ تي لکڻ وارا چاڪ بہ ميسر نہ ٿيندا هئا، پر هو سڀ آدرشي قسم جا استاد هئا ۽ پنهنجيءَ تڪليف جي ڪا بہ پرواهہ نہ ڪري، دل لڳائي شاگردن کي تعليم ڏيندا هئا. ڪين ڪيترا مهينا پگهارون بہ نہ ملنديون هيون. جو اسڪول پنچائت جي چندن چيرن تي ئي هلندو هو. اسڪول ۾ اسان شاگردن جي ويهڻ جا ڊيسڪ (Desks) بہ نہ هئا ۽ اسين پٽ تي وڇايل فراسن تي ويهندا هئاسين. ڪنهن ڪنهن ڪلاس ۾ تہ فراس بہ نہ هوندا هئا ۽ شاگرد پٽ تي وڇائڻ لاءِ پنهنجي گهران ٽپڙيون يا خالي ڳوڻ ڪڻي ايندا هئا. مينهن وسندو هوَ تہ اسڪول مان موڪل ملندي هئي، جو غالب جي گهر وانگر مينهن ڪلاڪ وسندو هو تہ تنبن جي ڇت ٻن ڪلاڪن تائين پيئي ٽمندي هئي. پٽ تي وڇايل فراسن ۽ گهران ڪڻي آيل ٽپڙين کي سڪڻ ۾ سڄو ڏينهن لڳي ويندو هو. مينهن بند ٿيڻ کان پوءِ بہ اسان کي آلن فراسن تي اوڪڙو ٿي وهڻو پوندو هو. اهڙين ناسازگار حالتن هيٺ بہ قابل ۽ آدرشي استادن جي تربيت ۽ محنت سان سنڌي اسڪولن جا شاگرد امتحانن ۾ تمام مٿاهيون پوزيشنون ۽ درجا حاصل ڪندا هئا. ساليانن امتحانن ۾ ڪو شاگرد اگر سيڪنڊ ڊويزن ۾ پاس ٿيندو هو تہ سندس ڪلاس ٽيچر جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويندو هو. منهنجو هڪ هم ڪلاسي ۽ ڪنڊياري جو ڳوٺائي لوڪو گيهاڻي، مئٽرڪ جي امتحان ۾ سڄي دهلي بورڊ جي يارهن هزار اميدوارن ۾ ٻيو نمبر آيو. لوڪو گيهاڻيءَ وٽ هڪ بہ ڦاٽل قميصون هيون ۽ پيرن ۾ پائڻ لاءِ پورو چمپل بہ نہ هوندو هو. هن پنهنجي سڄي پڙهائي ميونسپالٽيءَ جي ٻتين هيٺان بيهي ئي ڪئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. اڳتي هلي اهو لوڪو گيهاڻي هندستان جي هڪ وڏي ڪمپنيءَ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي عهدي تي پهتو.

راجيندر نگر جي سنڌي هاءِ اسڪول ۾ دادا منهنجي نائين درجي ۾ ۽ هاسي جي پنجين درجي ۾ داخلا ڪرائي. ڪنڊياري جي پِي. هاءِ اسڪول جو ماستر عينشي رام منهنجو ڪلاس ٽيچر هو. دادا جو دوست هئڻ ڪري هن منهنجي پڙهڻ لکڻ طرف خاص ڌيان ڏنو. عينشي رام وڏو قصئہ گو استاد هو ۽ درسي تعليم کان سواءِ هو اسان شاگردن کي دنيا جي ادبي شاهڪارن مان دلچسپ آکاڻيون ۽ قصا ٻڌائيندو هو. شيڪسپيئر جي سيني ناٽڪن جون ڪهاڻيون هو ڊائلاگن سان ناٽڪي انداز ۾ ٻڌائيندو هو. هن جي پڙهائڻ جي انداز ڪلا جي سيني ڇوڪرن ڇوڪرين کي تمام هوشيار ڪري ڇڏيو. ڪلاس ۾ ڪو شاگرد پڙهڻ ۾ صفا جڏو رهجي ويو تہ اهو هن جو پنهنجو پٽ چندر ئي هو جنهن مئٽرڪ ۾ پنج ڀيرا ناپاس ٿيڻ کان پوءِ پڙهڻ جي پچر ئي ڇڏي ڏني. ڪلاسن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تعداد لڳ ڀڳ هڪ جيترو هو پر ڇوڪريون پڙهڻ ۾ وڌيڪ تيز هيون. هڪ ڏينهن سائين عينشي رام هڪ ڇوڪريءَ کان پڇيو "پٽ، توهان اصل ڪٿان جا آهيو." ڇوڪريءَ جواب ڏنو. "اٽليءَ جا". ماستر وائڙو ٿي پڇيس "اٽليءَ جا ڪيئن آهيو. آهين تہ سنڌياڻي." ڇوڪري ٺلٽيءَ جي ٺهلياڻي ڪٽنب جي هئي پر هن کي ٺلٽي چوڻ نٿي آيو ۽ هوءَ ٺلٽيءَ کي 'اِٽلي' چئي رهي هئي. ان ڏينهن کان ان ڇوڪريءَ تي نالو ئي اٽلي پئجي ويو. اوڙي پاڙي ۾ بہ سڀ هن کي 'اٽلي' سڏڻ لڳا. هاڻي هوءَ منهنجي هڪ گهري دوست جي گهر واري آهي ۽ مان اڄا بہ هن کي اٽلي سڏيندو آهيان. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ هن پنهنجي پٽ جو نالو 'روم' ۽ ڌيءَ جو نالو 'وينس' رکيو آهي.

مئٽرڪ واري ڪلاس ۾ جيڪي ڇوڪريون سائنس کڻڻ نہ چاهينديون هيونم انهن کي هوم سائنس جو ڪورس کڻڻو پوندو هو ۽ ڇوڪرين اڪثريت ۾ خوشيءَ سان اهو ڪورس کڻنديون هيون. هوم سائنس واري ڪلاس ۾ ڇوڪرين کي رڌ پچاءُ ۽ ٻيا گهرو هنر سيکاريا ويندا هئا، پر گهڻو زور طعام تيار ڪرڻ تي هوندو هو. اهي ڪلاس اسڪول بند ٿيڻ کان پوءِ بہ هلندا رهندا هئا، جنهن لاءِ اسڪول جي ٽرسٽ راجيندر نگر ۾ هڪ ڪوارٽر مسواڙ تي ورتو هو. ڇوڪريون ڏاڍا لذيذ کاڌا تيار ڪنديون هيون ۽ ڪلاس جي ٻن ٽئن سمارٽ ڇوڪرن کي پاڻ وٽ سڏي خوب کارائينديون پيارينديون هيون. ٻن ٽئن سهڻين ڇوڪرين جي مون تي خاص نظر عنايت هئي. هو بيحد سوادي کاڌا تيار ڪري، مون کي پنهنجن نازڪ هٿن سان نہ رڳو کارائينديون هيون، پر ڪڏهن ڪڏهن پئڪ ڪري بہ ڏينديون هيون. موٽ ۾ مان کين خوب دلچسپ قصا ڪهاڻيون ٻڌائيندو هوس. مون کين نئپولن جو اهو قول هئين سان هنڊائڻ تي آماده ڪيوم "مرد جي دل ڏانهن ويندڙ رستو هن جي پيٽ واري پاسي کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي.“ اڳتي هلي انهن ڇوڪرين يقينن اهو نسخو پنهنجن مردن مٿان آزمائي سندن دل جيتي هوندي.

هڪ ڏينهن هاسي جو پنهنجي ڪلاس جي ڪنهن ڇوڪري سان وڏو جهيڙو ٿي پيو. ٻنهي هٿي هڪ ٻئي جا بوٽ سُڄائي ڇڏيا. ڪلاس ٽيچر ٻنهي ڇوڪرن کي سزا طور سڄو ڏينهن تنبوءَ ٻاهران اڀي پير بيهاري. ڪين ڇيو تہ ٻئي ڏينهن پنهنجن پنهنجن پيئرن کي اسڪول وٺي اچن. ورنہ ڪلاس ۾ گهڙڻ نہ ڏيندي. گهر موٽندي هاسو اڇي روئڻ لڳو. منهنجي پڇڻ تي سڄي ڳالهہ ٻڌايائين.

ڇيومانس دادا سان جهيڙي جي ڳالهہ نہ ڪر ۽ مان پاڻيهي سڀ سنڀالي وٺندس. ٻئي ڏينهن اسڪول شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هاسي کي هڪ درجو مٿي ڇهين ڪلاس واري تنبوءَ ۾ اچي ويهاريم ۽ هيڊ ماستر نيڻون مل بابلاڻيءَ کي ڇيم تہ هيءَ ڇوڪرو پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار آهي ۽ سنڌ مان پهريون انگريزي (پنجو درجو) پاس ڪري آيو آهي، ان ڪري هن کي ڇهين ڪلاس ۾ داخلا ڏيو. مون بابلاڻي صاحب کي نوابشاهہ جي ولس هاءِ اسڪول جي هيڊ ماستر آسن داس هيمراجاڻيءَ جو حوالو ڏنو. هيمراجاڻي ان وقت دهلي تعليمي بورڊ ۾ سيڪريٽريءَ جي عهدي تي هو ۽ پڪو ڪانگريسي هئڻ جي ناتي وزير تعليم مولانا آزاد سان هن جا ويجها تعلقات هئا. هميراجاڻيءَ جو نالو ٻڌي، بابلاڻيءَ هڪدم هاسي کي ڇهين ڪلاس ۾ داخل ڪيو. هم ڪلاسيءَ سان جهيڙو هاسي لاءِ غنيمت ثابت ٿيو ۽ هو هڪ درجو مفت ۾ مٿي ٽپي ويو. اڳتي هلي تعليمي محاذ تي هاسي کي هميشه امتيازي حيثيت حاصل ٿيندي رهي ۽ هو آمريڪي يونيورسٽين مان بہ اعزاز سان ڊگريون حاصل ڪري اتي وڏن عهدن تي رسيو آهي.

سنڌ جي ماسترن اسان واري نسل جي شاگردن جي تربيت ۽ تعليم جون پاڙون تمام پختيون ڪيون. اسان جا اهي آدرشوادي استاد نہ رڳو اسان جي تعليم ۾ دلچسپي وٺندا هئا، پر هڪ هڪ شاگرد ۾ ذاتي دلچسپي وٺي، هن جي اخلاق ۽ ڪردار کي سنوارڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا هئا. ڪمزور شاگردن کي ڪلاس پوري ٿيڻ کان پوءِ بہ بنا ڪنهن اجوري جي الڳ ويهاري محنت ڪندا هئا. سنڌ جي انهن استادن جي اها پيڙهي هاڻي يا تہ پوري ٿي چڪي آهي، يا گهٽي جهوني ٿي چڪي آهي.

مون کي اهو درج ڪندي بيحد افسوس ٿي رهيو آهي تہ اسان واري دؤر جي انهن آدرشي استادن بعد آيل ماسترن واري نسل وٽ نہ اهو علم آهي ۽ نہ اخلاق!

اڳتي اسان جي تنبن واري سنڌي اسڪول کي سڀ سرڪاري سهولتون ۽ پڪيون عمارتون تہ مليون، پر ان ئي اسڪول جو هڪ دوزخي ماستر پنهنجي ڪلاس جي پندرهن سالن جي هڪ معصوم نياڻيءَ کي ريبي ريبي ڪيڏانهن ڀڄائي هليو ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽيٽيهون پنو

ورهاڱي کان پوءِ دهليءَ ۾ اينگلو عربڪ ڪاليج پهريون ٽي ڪاليج هو جنهن ۾ سنڌي باقاعدي هڪ سبجيڪٽ طور شروع ڪئي ويئي. اڳتي هلي ديش ٻنڌو ڪاليج ۾ پڻ صبح خواهه شام وارن ڪلاسن ۾ سنڌي سبجيڪٽ شروع ڪيو ويو جيڪو اڃا تائين جاري آهي. ان کان اڳ بمبئيءَ ۾ سنڌين جي قائم ڪيل ٽرسٽن طرفان ڪجهه ڪاليج برپا ڪيا ويا. جن ۾ سنڌي تعليم کي خاص اهميت ڏني ويئي. هندستان جي هر مکيه شهر ۾ جتي جتي سنڌي خاص تعداد ۾ وسڻ لڳا هئا، اتي سنڌي اسڪول ۽ ٻيا تعليمي ادارا باقاعده برپا ڪيا ويا ۽ سنڌي شاگردن جو هڪ خاص تعداد تعليم به پرائڻ لڳو ۽ گڏوگڏ روزي روٽي به ڪمائڻ لڳو. اسان کي هاڻي رهڻو ته هندستان ۾ ٿي هو پر سنڌي ٿي ٿي رهڻو هو.

مئٽرڪ پاس ڪري، مون اينگلو عربڪ ڪاليج ۾ داخلا ورتي، جنهن جو انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ نالو بدلائي 'دهلي ڪاليج' رکيو ويو هو ۽ اڳتي هلي هندستان جي سابق صدر ڊاڪٽر ذاڪر حسين جي وفات کان پوءِ، ان جو نالو 'ڊاڪٽر ذاڪر حسين ڪاليج' ڪيو ويو آهي.

دهلي ڪاليج اورنگزيب جي دور ۾ مدرسي طور پراڻي دهليءَ جي اجميري گيٽ واري علائقي ۾ ٻارهن ايڪڙن جي ايراضيءَ ۾ تعمير ڪيو ويو. چون ٿا ته مدرسي جي هڪ مدرس کي اورنگ زيب، پشتو شاعر خوشحال خان خٽڪ جي شاعري پڙهائڻ تي قتل ڪرائي ڇڏيو. پڇتاءَ طور عالمگير کي مرڻ وقت چوڻو پيو، "مان ٿي هن فساد جي جڙ آهيان."

چئي نٿو سگهجي ته اورنگزيب جي حڪومت ۾ ان مدرسي ۾ اسلامي تعليم کان سواءِ ٻي ڪهڙي تعليم ڏني ويندي هئي، پر انگريزن جي تحويل ۾ اچڻ کان پوءِ اينگلو عربڪ ڪاليج هڪ اعليٰ تعليمي اداري جي حيثيت حاصل ڪري ورتي. مرزا غالب جي فاقه ڪشيءَ واري دور ۾ دهليءَ جي مفتي صدر الدين پنهنجو اثر رسوخ هلائي، غالب کي ان ڪاليج ۾ پرشن جي استاد طور ملازمت ڏياري هئي. تنگدستيءَ واري حالت ۾ به مرزا غالب بليماران جي گلي قاسم جان کان پالڪيءَ ۾ چڙهي، اينگلو عربڪ ڪاليج جي صدر دروازي تائين پهتو. پالڪيءَ جو پردو هٽائي، غالب هيڏانهن هوڏانهن نهاريو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجن ستن منٽن جي انتظار کان پوءِ مرزا نوشا ڪهارن کي چيو. "پالڪي واپس ڪٺي هلو." شام جو مفتيءَ غالب سان چوپڙ کيڏندي جڏهن هن کان پڇيو. "تون ملازمت لاءِ چو نہ وئين؟" مرزا نوشاد ڏارو اچليندي جواب ڏنو. "هن انگريز پرنسپال وٽ ايترو لحاظ ۽ مروت ناهي، جو ڪنهن وڏي شاعر کي ڪاليج جي ٻاهرئين دروازي تي خوش آمديد چوڻ اچي."

۽ مفتيءَ غالب جوئي شعر ورجايو

ڪرتي ڪس منھ سي هو غربت ڪي شڪايت غالب
شهر ڪو بهي مهرئِ يارانِ وطن ياد نهين.

قرض جي مڻ پيئڻ واري مرزا غالب پنهنجي پندار جي شڪست قبول نہ ڪئي، پر پنهنجن عزيزن، دوستن ۽ مهاجن کان اوڌر وٺڻ ۾ ڪو عار محسوس نہ ڪيو. اڄ هندستان جون قومي خواھ خانگي بئنڪون ۽ مالي ادارا عوام کي قرض وٺڻ لاءِ هر طريقي سان لالچائي رهيا آهن ۽ ادائگيءَ لاءِ هر قسم جون سهوليتون ڏيئي رهيا آهن. مرزا نوشاد جي ڏينهن ۾ اهڙيون بئنڪون هجن ها تہ مرزا جو شايد ئي ڪنهن بئنڪ ۾ کاتو نہ هجي ها.

مان بيحد خوشنصيب آهيان جو منهنجيون هڪ اهڙيءَ شخصيت سان ملاقاتون ۽ ڪچهريون رهيون آهن. جيڪو نہ رڳو مرزا اسدا لله خان غالب جهڙي عظيم شاعر سان مليو هو پر هن جي گلي قاسم جان واري گهر ۾ سندس اچڻ وڃڻ پڻ هو. اڳتي هلي ان جو احوال لکندس.

دهلي ڪاليج جو پرنسپال مرزا محمد بيگ دانشور بہ هو تہ دانشمند پڻ. سنڌين لاءِ هن کي خاص رغبت هئي. هن پرشن ۽ سنڌيءَ جي اسڪالر ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي خادم کي، دهلي ڪاليج ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ شروع ڪرڻ ۽ ان جو سربراھ ٿيڻ جي آڇ ڪئي. ڊاڪٽر سدا رنگاڻي خادم آل انڊيا ريڊيو جي پرشن يونٽ جو سپروائيزر هو. بيگ صاحب هن کي ريڊيو ۽ ڪاليج وچ ۾ وقت جي ورڇ ڪرڻ جي هر سهوليت ميسر ڪئي. بيگ صاحب سنڌي شرڻارٿي شاگردن کي هڪ اهڙي رعايت پڻ ڏني، جيڪا تعليم جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جي شروعات هئي. سنڌ مان لڏي آيل اهڙا شاگرد. جيڪي اتي مئٽرڪ جي امتحان ۾ ورهاڱي جي ناسازگار حالتن سبب ويهي نہ سگهيا هئا، يا اهي جن جا لڏپلاڻ سبب مئٽرڪ جا سرٽيفڪيٽ هيٺ مٿي ٿي ويا هئا، يا جن جي مئٽرڪ امتحان جا نتيجا ظاهر نہ ٿيا هئا. انهن سيني کي اهڙو حلف نامو پيش ڪرڻ تي ڪاليج جي پهرئين سال ۾ داخلا ملي ٿي سگهي. بيگ صاحب ان فيصلي لاءِ دهلي يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن وٽان ۽ ان وقت جي تعليمي وزير مولانا عبدالڪلام آزاد کان خاص اجازت ورتي هئي. تعليمي وزارت جو سيڪريٽري معبدن صاحب. جيڪو مشهور اديب خواجہ احمد عباس جو ڀاءُ هو. جو پڻ شرڻارٿين طرف همدرداڻو رخ هو. هو اها حقيقت پڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تسليم ڪندو هو تہ سڄي هندستان ۾ فارسي زبان جو وڏي ۾ وڏو اسڪالر ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي خادم آهي.

انهن ئي ڏينهن ۾ جڏهن ايران جو شاهہ ۽ ملڪہ فرحہ ديبا، هندستان جي دوري تي آيا تہ ڀارتي حڪومت طرفان ڊاڪٽر سدا رنگاڻيءَ کي ئي انهن جو انٽر پريٽر مقرر ڪيو ويو. خادم صاحب مون کي ٻڌايو تہ شاهہ ۽ ملڪہ هن کان ايترو تہ متاثر ٿيا، جو خادم کي ايران جي تهران يونيورسٽيءَ ۾ جديد فارسي ادب تي تحقيقاتي ڪم ڪرڻ لاءِ دعوت ڏنائون. سدا رنگاڻي ٽي سال تهران يونيورسٽيءَ ۾ ايراني شاگردن کي جديد فارسي ادب جي تعليم ڏيندو رهيو. ٽن سالن بعد ڊاڪٽر علامہ عمر دائودپوٽي جو سعادتمند شاگرد، ڊاڪٽر هرومل ايسرداس سدارنگاڻي خادم، جديد فارسي ادب ۾ ڊاڪٽر آف لٽريچر (D.litt) جي ڊگري وٺي موٽيو. دهلي يونيورسٽيءَ جي پرشن ڊپارٽمينٽ جو سربراهہ پروفيسر موسوي بہ پنهنجي ليڪچر جا نوٽس سدا رنگاڻيءَ جي صلاح سان تيار ڪندو هو.

دهلي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ لاءِ سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين جا انبوهہ گڏ ٿي ويا. جن وٽ مئٽرڪ جا سرٽيفڪيٽ هئا، انهن کي تہ سڌو داخلا مليو ٿي وئي. باقي حلف نامن تي داخلائون وٺندڙ شاگردن جو انٽرويو ورتو ويندو هو. انٽرويو بورڊ تي پرنسپال بيگ صاحب، ڊاڪٽر سدا رنگاڻي ۽ اردو ڊپارٽمينٽ جو سربراهہ ڊاڪٽر عبادت بريلوي صاحب هئا. جعلي حلف ناما پيش ڪندڙ شاگرد بيگ صاحب جي عقابي اکين کان بچي نہ سگهندا هئا. بيگ صاحب داخلا وٺندڙن کان تعليمي نوعيت جا سوال پڇندو هو. سدارنگاڻي کانئن سندن ڪٽنبي پس منظر، سنڌ ۾ آبائي شهر يا ڳوٺ ۽ وڏڙن جو پيشو وغيره ۽ ڪجهہ سنڌي ساهتڪ قسم جا سوال ڪندو هو ۽ ڊاڪٽر عبادت بريلوي چپ چاپ مرڪندو رهندو هو. هن جو گهڻو ڌيان سنڌي عامليائين جي سهڻين صورتن ۽ سينگار طرف هوندو هو. هو اردو ادب جو مڃيل نقاد هو ۽ هن جون ناقد نگاهون لڏي آيل شاگردن ۽ شاگردياڻين جي چهرن ۾ اهو ڳولهينديون رهنديون هيون، تہ هي لٽجي ڦرجي آيل انسان، پنهنجن چهرن تي اهڙي تازگي ۽ توانائي ڪيئن برقرار رکي سگهيا آهن؟ ڪٽل هوندي بہ خانن جيان ڪيئن ڪنڌ اوچو رکي سگهيا آهن؟ بهرحال، ڊاڪٽر عبادت بريلوي صاحب ڪجهہ عرصي اندر ئي پاڪستان هجرت ڪري ويو. جو هو پنهنجي هڪ ڪاليجي معاشقي جي زوردار مخالفت جو بار برداشت ڪري نہ سگهيو. ڊاڪٽر عبادت جا مون مٿان وڏا احسان آهن. هن مون کي اردو ادب سان نہ رڳو روشناس ڪرايو پر مون ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ کي پرکڻ جو شعور بہ پئدا ڪيو ۽ ان طرف ناقدانہ نظريو پڻ. پرنسپال بيگ جي اسرار ۽ ايلازن باوجود، ڊاڪٽر عبادت بريلويءَ پنهنجو فيصلو نہ بدلايو ۽ هو پاڪستان هجرت ڪري ويو. اڳتي هلي هن پنهنجي فيصلي تي چڱو پڇتايو جنهن جو ذڪر هن تحريري طور پڻ ڪيو آهي. خبر ناهي تہ ڊاڪٽر عبادت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب اجا هال حيات آهي يا نہ. پر هو پنهنجن قابل شاگردن جو هڪ وڏو انگ هتي ڇڏي ويو آهي، جن مان هڪ اختر الايمان پڻ هو جنهن ڪجهہ مهينن لاءِ ڪاليج ۾ ڊاڪٽر عبادت جي جاءِ پري، پر جلد ئي هو بہ فلمن ۾ ڊائلاگ ۽ گيت لکڻ جي آڇ تي بمبئيءَ هليو ويو جتي هن فلمي دنيا ۾ وڏو نالو ۽ ناڻو ڪمايو.

دهلي ڪاليج جي چار سؤ کن شاگردن مان ڇٽجي، هاڻي ڏيڍ سو کن سنڌي شاگرد وڃي رهيا هئا. جن ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تعداد لڳ ڀڳ هڪ جيترو ئي هو. ٻئي نمبر تي اڪثريت سيدن جي ٻارن جي هئي، جن ۾ ڊزن کن سيدياڻيون پڻ هيون، جيڪي ڪاليج جي گيٽ تائين برقعن ۾ ايندڙيون هيون، پر گيٽ تي ئي برقعا لاهي، پنهنجين ڳوٺرين جيڏن پرسن ۾ وجهي ڇڏينديون هيون ۽ ڪلاسن ۾ عطر جي خوشبوءِ ڦهلائي ڇڏينديون هيون. پرنسپال بيگ صاحب جيتوڻيڪ پاڻ اجا پنجاهہ سالن جي عمر تائين غير شادي شده هو پر هو نسواني تعليم جو زبردست حامي هو ان ڪري ڪيترن مسلمان وڏ گهراڻن. بيگ صاحب جي پروسي پنهنجين ڇوڪرين کي ڪاليجي تعليم ڏيارڻ شروع ڪئي. اڳتي هلي سنڌي عامليانڻين جي صحبت ۾ مسلمان ڇوڪريون، خاص طور شيعا فرقي جون ڇوڪريون چڱيون باهمت ۽ دلير ثابت ٿيون. هنن پنهنجا برقعا ۽ نقاب لاهي ڦٽا ڪيا ۽ کلي عام پنهنجن هم ڪلاسين سان سينيمائن ۽ هوٽلن ۾ پڻ اچڻ وڃڻ لڳيون. هارون خاندان جي هڪ ڇوڪري سلميٰ، نئين دهليءَ جي ڪناٽ پليس جي سڄي مرنيا بلاڪ ۽ شاهي فائيو اسٽار هوٽل مرينا جي مالڪياڻي هئي، جيڪا اسان کي اتي وٺي هلي خوب ڪارائيندي پيارينديون هئي. ڪاليج جي سيني شاگردن سان خوشگوار تعلقات هوندي، ڪاليج جي سنڌي شاگردن ۽ پوءِ بہ پنهنجو الڳ دائرو ۽ دوستيون رکيون،جنهن ۾ اسان غيرسنڌين کي شامل نہ ڪندا هئاسين.

ڊاڪٽر سدا رنگاڻي وڏو قابل استاد هو. هو ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پرشين جو ليڪچرار رهي چڪو هو جتي شيخ اياز شيخ راز ۽ نارايڻ شام جهڙا شاعر هن جا شاگرد رهي چڪا هئا. اياز جو چوڻ هو تہ جديد فارسي ادب ۾ خادم جي ڄاڻ ۽ علم سندس استاد علامہ عمر دائود پوٽي کان بہ وسيع آهي. سال 1963ع ۾ اياز جڏهن دهليءَ آيو تہ هو خادم صاحب کي پيرن تي هٿ رکي مليو ۽ شام واري ڪچهريءَ ۾ اياز تيسين پنهنجو شعر نہ پڙهيو جيسين خادم هن جي مٿي تي هٿ رکي کيس اجازت نہ ڏني.

دهلي ڪاليج ۾ پروفيسر مقررٿيڻ وقت، خادم چاليهن کن سالن جو هو ۽ ڪنوارو هو. هن پنهنجي بيوه ڀيڻ جي ٻارهن ٻارن جي پالنا لاءِ سڄي عمر شادي نہ ڪئي ۽ هڪ برهمچاريءَ واري زندگي گذاري، هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ شراب، تماڪ، گوشت خواهہ ٻي ڪنهن اهڙي شيءِ کي هٿ نہ لاتو ۽ پاڪيزگيءَ واري زندگي گذاري. سنڌ جي مشهور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعر نياز همايونيءَ پنهنجي شاهه لطيف جي منظوم فارسي ترجمي جو سدا رنگاڻيءَ کان ئي اصلاح ڪرائي. نياز ان اصلاح مان بيحد خوش هو. خبر ناهي ته نياز همايونيءَ جو اهو فارسي ترجمو سنڌ ۾ شايع ٿيو آهي يا نه. پر نياز هرومل سدا رنگاڻي خادم جو اهو احسان ڪڏهن به نه وساريو.

دهلي ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيڻ جي سال اندر ئي ڊاڪٽر سدا رنگاڻيءَ ڪاليج جي سنڌي لٽرري سوسائٽي برپا ڪئي، جنهن جون هر ڇنڇر تي ساهتڪ ۽ ثقافتي گڏجاڻيون رکيون وينديون هيون. انهن گڏجاڻين ۾ ٻين ڪاليجن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پڻ سڏايو ويندو هو. انهن گڏجاڻين ۾ نارائڻ شيام، پرڀو وفا، سترام همدرد ۽ تيرٿ وسنت جهڙن شاعرن ۽ ساهتڪارن ڪانسواءِ، ڪان ۽ ڏيون موتيهار جهڙا ڪلاڪار پڻ شريڪ ٿيندا هئا. هري دلگير تن ڏينهن ۾ اجا سنڌ ۾ ئي هو. هو مهيني کن جي موڪل تي هندستان آيل هو ۽ هن دگري ڪاليج جي ادبي گڏجاڻيءَ ۾ شاگردن کي پنهنجيءَ شاعريءَ جو رس وٺايو. هن جو نارايڻ شام سان گڏيل شاعريءَ جو مجموعو 'ماڪ ڦڙا' به ان ئي وقت شايع ٿيو. جيڪو دهلي يونيورسٽيءَ جي ڪورس ۾ درسي ڪتاب طور رکيو ويو. سنڌي لوڪ گيتن جي ذخيري هٿ ڪرڻ لاءِ، بمبئيءَ کان نارايڻ ڀارتي پڻ لوڪ گيتن تي معلوماتي ليڪچر ڏيڻ آيو. ديويندر ستيارٿيءَ سنڌي شاگردن کي اهو احساس ڏياريو هو ته سنڌي لوڪ ساهتيہ ڪيترو نه جاذب ۽ مالا مال آهي. اهڙين ادبي ۽ ثقافتي مشغولين سنڌي شاگردن کي نه رڳو پنهنجي ساهتيہ ۽ ثقافت سان روشناس ڪرايو پر انهن ۾ چڱي چستي پڻ پئدا ڪئي.

مرزا محمد بيگ ۽ سدا رنگاڻيءَ جي ساٿ سان ڪاليج جون ثقافتي سرگرميون زور وٺنديون رهيون. سينيئر شاگردن، جيون گرهساڻي، هيمر ناگواڻي، موهن اجواڻي ۽ موتي ماڙيوالا ۽ ٻين جلد ئي سنڌي ڊراما سرڪل قائم ڪري ورتو جنهن ۾ ٻهرئين سال جي جونيئر شاگرد طور مون کي پڻ شامل ڪيو ويو. ناٽڪ نويس جي. اين. ناگراڻيءَ (ارجن شاد جو سهرو) پندرهن ڏينهن اندر هڪ تفصلو (ٽري ائڪٽ) ناٽڪ لکي ورتو. ۽ ائين ورهاڱي بعد هندستان ۾ پهريون فل لينٿ سنڌي ڊراما پيش ڪرڻ جو شرف دهلي ڪاليج جي شاگردن کي ئي حاصل آهي. جلد ئي بمبئي ۽ احمد آباد، ناگپور وغيره شهرن ۾ پڻ سنڌي ناٽڪن جو سلسلو شروع ٿي ويو. پر شروعات دهليءَ مان ئي ٿي. ڪاليج جي سالياني مخزن ۾ سنڌي سيڪشن پڻ شامل ڪيو ويو ۽ مون کي ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو.

دهلي ڪاليج ۾ اسٽيج ٿيندڙ سنڌي ناٽڪ عوام ۾ ايترو ته مقبول ٿيڻ لڳا. جو ناٽڪ جي تاريخ جو اعلان ٿيندي ئي، ٻن ڏينهن اندر سڀ ٽڪيٽون وڪامجي وينديون هيون ۽ هال جي ٻاهران ماڻهن جي وڏي پيهه گڏ ٿي ويندي هئي. ان ڪري اسان کي ساڳيو ناٽڪ تي چار ڏينهن ورائي ڪرڻو پوندو هو. دهليءَ جي سنڌي جوانن ۾ جوانڙين جي چڻ اتي فئشن پريڊ ٿيڻ لڳي. پٽيل نگر جي هڪ ليڊيز ٽيلر جي دڪان تي به سنڌي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪريون، ٽيلر ماستر کي چئي رهيون هيون، "اسان کي هي ٻريسون فلاڻي تاريخ اندر ڪيئن بہ تيار ڪري ڏي، دهلي ڪاليج جي پروگرام تي پائي وڃڻيون آهن."

وئڪيشن وارا بہ مهينا اسين سڄو وقت ڪاليج جي هال ۾، ڊرامن ۽ ميوزڪ جي پروگرامن جي ريهرسل ڪندا رهندا هئاسين. ٽڪيٽن جي وڪري مان خاص اپت ٿيندي هئي، ان ڪري خرچ بہ دل کولي ڪنداهئاسين. سگريٽ نوشي ۽ شام جو بيئر پيئڻ جون عادتون اسان کي اتي ئي پيون. رومانس جا ڪيترا سلسلا بہ اتان ئي شروع ٿيا. منهنجي بہ ان چوڪريءَ سان اتي ئي دوستي ٿي، جيڪا هاڻي منهنجن ٻارن جي ماءُ آهي. اهو تفصيلوار احوال ايندڙ پنن ۾ پيش ڪندس.

مان اها ڳالهہ پوري وشواس سان چئي رهيو آهيان تہ هند-سنڌ جي سنڌي جاتيءَ ۾ جيون گرهساڻيءَ جهڙو ڊراما ڊئريڪٽر ۽ هيم ناگواڻيءَ جهڙو اسٽيج اداڪار پيدا نہ ٿيو آهي. آديپور جي سنڌالاجيءَ کي آفرين آهي، جو ان جيون گرهساڻيءَ جي نالي کي زنده رکڻ لاءِ، اتي هن جي نالي ڊراما هال تعمير ڪيو آهي. هيم جڏهن اسٽيج تي ظاهر ٿيندو هو تہ ايئن محسوس ٿيندو هو تہ پنهنجي آس پاس وارا سڀ ڪردار بہ هو ئي نباهي رهيو آهي ۽ ٻيا سڀ ڪردار رڳو هن جي اڳيان پويان اچ وڃ ڪري رهيا آهن. جيون ۽ هيم هندستان جي سنڌي اسٽيج کي ڏيڍ سؤ کان بہ وڌيڪ ناٽڪ ڏنا. هنن جي زندگيءَ جو پويون نُکر ناٽڪ 'جلوس' هو جنهن ۾ ناٽ جي خاتمي تائين سڀ ناظرين پڻ ناٽڪ جو حصو بڻجي ويا. پنهنجا سڀ ناٽڪ پنهنجن ناظرين کي امانت طور سونپي، جيون ۽ هيم هن دنيا جي اسٽيج ڇڏي، آسمانن ۾ پنهنجي 'اندرسيا' وڃي وسائي آهي، جتي اپسرائون سندن آجياڻي لاءِ هٿن ۾ هار جهلي کين پارائينديون هونديون. جيون ۽ هيم جي زندگيءَ ۾ وڏي ۾ وڏي خواهش اها هئي تہ هو هڪ پيرو سنڌ وڃي پنهنجو ڪو هڪ ناٽڪ ئي پيش ڪري اچن، پر زندگيءَ کين اهڙي خواهش جي پورتيءَ جي مهلت نہ ڏني. سنڌ جي ناموار قانوندان اي ڪي. بروهيءَ جڏهن سندن ناٽڪ 'هي پياسو من منهنجو' ڏٺو تہ هيم کي ڀاڪر پائي چيائين، "مون سڄي ڄمار ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ جو اهڙو ڊراما ۽ اهڙي اداڪاري نہ ڏٺي آهي." جيون جي عرض ڪرڻ تي تہ هو هڪ پيرو اسان کي سنڌ ۾ سڏائڻ جو انتظام ڪري تہ بروهي صاحب اهڙو واعدو اوس ڪيو پر اهو وفا نہ ڪيو.

مان بيحد خوشنصيب آهيان، جو مون کي اهڙن عظيم فنڪارن جي صحبت ۾ ساٿ نصيب ٿيو. اڳتي هلي مون ۾ هريڪانت، جيون ۽ هيم جي رهنمائيءَ ۾ ڪيترائي ناٽڪ لکيا. پر منهنجي وڏي ۾ وڏي حاصلات اهي تي فل لينٿ سنگيت ناٽڪ آهن، جيڪي مون جيون ۽ ڪان موتيهار جي رهنمائيءَ ۽ هدايتڪاريءَ هيٺ لکيا. انهن ٽنهي ناٽڪن جي سٽ سٽ سنگيت جي سرن تي رچيل آهي. دهلي ۽ بمبئيءَ ۾ انهن سنگيت ناٽڪن جا الائي ڪيترا ڏيکاءَ ٿيا. منهنجو تہ رڳو قلم هو، بشارت سڄي سندن هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن جي هلئي وڃڻ بعد مون اهي مسودا بہ الائي ڪهڙيءَ ڪنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيا آهن. منهنجي ڪاليجي زندگيءَ جا اهي دوست، منهنجي سفر جا ساٿي، هڪ هڪ ٿي هليا ويا آهن. سڀني آهوجا جي غزل جو مطلع آهي:

هئوسين اوڙنو جن سان، هليا ويا منتظر ٿي ٿي،
رچائن هاڻ ڇا جا سانگ ٿا، هي چشم تر ٿي ٿي.

چار پنج سال دهلي ڪاليج جون اهي رونقون برقرار رهيون. ادبي محفلون، ثقافتي پروگرام، ناٽڪن ۽ سنگيت جا سلسلا، سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين جون حوض خاص، قطب مينار ۽ اوکلا جي جمنا جي ڪنارن پڪنڪون، جن ۾ اسين ڇوڪرا، سائيڪلين تي پويان ڇوڪرين کي ويهاري، ڪڏهن ڪڏهن ڇاٽي ڀڄهي سائيڪليون ڪيرائي ڇڏيندا هئاسين. ڇوڪريون پنهنجا ڪپڙا ڇنڊيندي اٿنديون هيون ۽ ڏاڍو ڏمر جنديون هيون، پر پوءِ جڏهن جمنا جي ڪناري ڇپر تي چادرون وڇائي وهندا هئاسين تہ سندن سڄي ڪاوڙ ڪافور ٿي ويندي هئي ۽ اهي ئي دوستيون ۽ قرب قائم ٿي ويندا هئا. اهو ئي ڳائڻ وڄائڻ، شعر و شاعري، پروليون ۽ ڳجهارتون، سوادي طعام ۽ بيئر جون بوتلون، پر انهن سڀني مشغولين باوجود سنڌي شاگردن ۽ شاگردياڻين پنهنجي تعليم جو معيار بلند رکندي، يونيورسٽيءَ جي امتحانن ۾ امتيازي حيثيتون حاصل ڪيون ۽ اڳتي هلي وڏا عهدا ماڻيا.

جلد ئي مرزا محمد بيگ ڪاليج مان رٽائر ڪري، ڪشمير يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿي، سرينگر هليو ويو جتي هن پاڻ کان ٽيهہ سال ننڍي عمر جي ڪشميري پنڊتياڻيءَ سان شادي ڪئي. هن ان پنڊتياڻيءَ کي مشرف بالاسلام تہ ڪيو پر چڙهيل عمر ۾ پنهنجي امت نہ وڌائي سگهيو.

ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻي خادم اسڪالر شپ تي ڊاڪٽر آف لٽريچر جي ڊگري وٺڻ ايران هليو ويو، جتي هن تهران يونيورسٽيءَ ۾ ايرانين کي فارسي تہ پاڙهي، پر انهن مان اڪثر شاگرد فارسي پڙهي بہ تيل وڪڻندا رهيا. ايران مان موٽي اچي خادم صاحب ريڊيو اسٽيشن جو پرشين يونٽ سنڀاليو ۽ ڪاليج ۾ پنهنجيءَ جاءِ تي پنهنجي ڀاڻيجي کي سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ڪرايو جنهن پنهنجي 'قابليت' سان ٻن ٽِنِ سالن ۾ ئي سنڌي ڊپارٽمينٽ کي تالا لڳرائي ڇڏيا. هاڻي سنڌي رڳو ديش بنڌو ڪاليج ۾ رهجي ويئي، جنهن کي ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي پنهنجي دانشمنديءَ سان سنڀاليندو رهيو.

پراڻي دهلي شهر کي پنج دروازا آهن، جن مان اجميري گيٽ کان لاهوري گيٽ تائين ميل کن سڌو رستو آهي. ان رستي جو نالو جي. بي. روڊ آهي. اها دهليءَ جي بدنام بازار حسن واري ايراضي آهي. دهلي ڪاليج جي ڪاٻي پاسي چوڪ پار ڪندي، سو قدمن تي اها ڳاڙهي بستيءَ واري ايراضي شروع ٿئي ٿي. جيڪا لاهوري گيٽ جي صدر بزار تي وڃي پوري ٿئي ٿي. سڄي جي. بي. روڊ تي هڪ ئي طرز جون ٽماڙ بلڊنگون آهن،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن ۾ هيٺ موٽرن جي پرزن ۽ آٽو موبائيل جا دڪان آهن ۽ مٿين ٻن ماڙن تي سدا سهاڳڻين جا ڪوٺا آهن. پنين گهٽين ۾ دلالن ۽ پڙون جا اڏا آهن. سڄي جي. بي. روڊ تي اٽڪل ٽي سؤ ڪوٺا آهن. جن ۾ هندستان جي هر صوبي سميت نيپال، سري لنڪا ۽ بنگلاديش کان پڇايل ڪيترين ئي ڪم عمر ۽ ڪمسن ڇوڪرين ڏنڌي سان لڳل آهن. ڪجهه عورتون منگوليا ۽ تاجڪستان مان پڻ آيل آهن.

غليظ پڃرن نما ڪمرن ۾ ڏهه ڏهه ڇوڪريون سٿيل آهن. جن کي آزموديگار ۽ ڪٽڻيل نائڪائون سنڀاليندڙيون آهن. رات جو ناچ گاني جي نالي ۾ اتي هر قسم جو ڪاروبار هلندو آهي. اسان جي ڪاليج واري وقت ۾ اجا 'امرل ٽرئفڪ ائڪٽ' لاڳو نه ٿيو هو. ڪاليج جي ڪن شاگردن جي ڏينهن جو ڪن خاص ڪسبياڻين وٽ اچ وڃ هوندي هئي. ڇڪلي جو دادا دادن ميان وڏيءَ دهشت وارو شخص هو. منٽو مجاز، ميراجي، ڪرشن چندر ۽ اپيندرناٿ اشڪ جهڙن اديبن جي به دادن ميان سان چاڻ سڃاڻ هئي. اڳتي هلي منهنجي به هن سان سني سڃاڻپ ٿي ويئي. بهرحال، پنهنجن ڇڪلائي آزمودن جو احوال مان پنهنجن ايندڙ پنن ۾ پيش ڪندس.

دهلي ڪاليج واري چوراهي جي ساڄي طرف. حوض قاضي ۽ لال ڪنوان وارو علائقو هو جتي هيجڙن جي وڏي بستي هئي. سڄي هندستان ۽ آسي پاسي جي ملڪن مان آيل هيجڙا لال ڪنوان واريءَ بستيءَ ۾ اڪثر ايندا ويندا رهندا هئا ۽ اجميري گيٽ تان اسان جي ڪاليج وٽان لنگهندي، جوان شاگردن ۽ شاگردياڻين ڏانهن حسرت ڀرين نگاهن سان نهاريندا ويندا هئا. ڪاليج ٻاهران لنگهندي، مون هڪ پيري ڪدڙن جي هڪ گروهه کي پاڻ ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو ٻڌو. اشتياق وچان اڳتي هلي مون ان ٽين جنس بابت معقول معلومات پڻ هٿ ڪئي.

ان بدنصيب جنس بابت تحرير ٿيل رپورٽ Invisible ڏسڻ ۾ نه ايندڙ گهٽيون مستند حقيقتون درج ٿيل آهن ۽ سال 1843ع ۾ جڏهن چارلس نيپئر سنڌ فتح ڪئي ته هن کي اهو ڏسي حيرت ٿي ته سندس فوجي غير فطري طرز عمل جي ڇڪلن ۾ خراب خوار ٿي رهيا آهن. رچرڊ برٽن جي هن کي موڪليل رپورٽ موجب "ٻن هزارن جي آباديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۾ جيڪو اسان جي ڪئمپ کان رڳو ميل جي مفاصلي تي هو ٽن قسمن جا ڇڪلا هئا. عورتن جو، لونڊن جو ۽ هيجڙن جو. ڇورن جو اگهه عورت کان به وڌيڪ هو جيئن ته مان ئي رڳو سنڌي ڄاڻندڙ انگريز عملدار هوس، ان ڪري مون مٿان ذميداري رکي ويئي ته مان اڻ سڌيءَ طرح انهن ڇڪلن بابت تفصيل هٿ ڪري ڪيس موڪلي ڏيان. مون هڪ شرط تي اهو ڪم پنهنجي ذمي کڻڻ قبول ڪيو ته منهنجي موڪليل تفصيلي رپورٽ بمبئي حڪومت ڏانهن نه موڪلي ويندي"

"شيراز جي منشي مرزا محمد حسين ۽ بصره جي سوداگر ۽ مرزا عبدالله کي ساڻ ڪري، مون انهن ڇڪلن ۾ ڪيئي شامون گذاريون ۽ تفصيل تيار ڪري سرڪاري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوٽيهون پنو

دهليءَ جي سيءَ هٽي سڪائي وڏو آهي. هن جناتي شهر کي پنهنجو ڪجهه ڪونهي. هتي سڀ ڪجهه ڌاريو آهي. ويندي آبهوا به پنهنجي ناهي. شملي ۽ مسوريءَ جي پهاڙن ۾ برف باري ٿي ته هيءُ شهر به ڏنڊ ۾ وڪوڙجي ويندو. راجستان جي بيابانن ۾ تپت ٿي ته هتي اُلا وسڻ لڳندا ۽ اس اکيون ڪيڻ لڳندي. ديره دون جي جهنگلن ۾ برسات پيئي ته وڏ ڦڙو هتي وسڻ لڳندو.

سوا ڪروڙ جي آباديءَ واري هن شهر ۾ اصلوڪا رهاڪو پنج سيڪڙو به نه رهيا آهن. باقي پنجانوي سيڪڙو ٻاهران اچي وسيا آهن. ٻه سئو سال اڳ نادرشاهه جي قتل عام وقت جيڪي بيٺل ۽ امير ماڻهو هتان جان بچائي ڀڄي ويا. اهي وري هن شهر ۾ موٽي نه آيا. ورهاڱي بعد اڌ شهر پنجابي شرڻارٿين جي قبضي ۾ اچي ويو ۽ باقي اڌ ۾ نه رڳو سڄي هندستان جي ڪُتِ خلق اچي پهتي، پر پاڙيسري ملڪن، نيپال، بنگلاديش، برما، سريلنڪا ۽ آفريڪي ملڪن جي تڙ جي آيل انهن باشندن اچي وسايو آهي، جن شهر جي اشراف انسانن جي زندگي زهر ۽ جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. اٺ ڏهه قتل، ٻڙن کن اغوا، ڦريون، ڌاڙا، جيب تراشيون، حادثا، خودڪشيون ۽ زنا بالجبر جون وارداتون، روز مرهه جو معمول بڻجي چڪيون آهن ۽ برده فروشيءَ جون بزاريون برپا ٿي ويون آهن، جن جي سيلاٻ به گهٽو ٽٽو ٻاهران اچي رهي آهي.

هن شهر سان قاعدا قانون به ٻاهريان لاڳو آهن. پنجاب ايڪسائيز ائڪٽ (جيئن دهليءَ سان لاڳو) هن ائڪٽ هيٺ جيڪڏهن منهنجي گهر مان بيئر جون تيرهن بوتلون برآمد ٿيون ته قانوني حد اندر آهن، پر جي چوڏهن بوتلون مليون ته ٽي مهينا جيل جي سزا آهي. وسڪيءَ جون ڇهه بوتلون برامد ٿيون ته بي ڏوهي آهيان، پر جي ست بوتلون نڪتيون ته ڇهه مهينا اندر هوندس (بوتلن جي سائيز بهرحال، مقرر ٿيل ناهي) ساڳيءَ ريت بامبي اپارٽمينٽ ائڪٽ (دهليءَ سان لاڳو) آهي. هن ائڪٽ هيٺ گهر منهنجو آهي، پر زمين ۽ ڇت منهنجي ناهي. رڳو چار ڀتيون منهنجيءَ مالڪيءَ واريون آهن. شراب پي ڪار ڊرائيو ڪرڻ ڏوهه آهي، پر ڊرائيو ڪندي پيئڻ ڏوهه ناهي. ان ڪري مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڊرائيو ڪرڻ نه سگهيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهلي هاڻي هڪ شهر ناهي، پر نئشنل ڪئپيٽل ريجن (قومي تختگاهي خطو) آهي. جنهن ۾ اتر پرديش ۽ هرياڻه جون دنگئي ڪالونيون به شامل ڪيون ويون آهن. اسان جي وسڻ واري وقت ۾، جمنا پار سڄو جهنگ ئي جهنگ هو جنهن ۾ جهنگلي جانور آزاديءَ سان گهمندا وتندا هئا. پر هاڻي جمنا پار هڪ ٻي ايرندڙ دهلي آباد آهي، جتي پيشيور ڌوهارين ۽ غير قانوني طور رهيل باشندن جون بستيون ۽ اڏا قائم ٿي ويا آهن. ورهاڱي کان اڳ جمنا پار وڃڻ لاءِ رڳو هڪ لوهي پل هئي ۽ ڪيئي ٻيڙيون هيون، ۽ هاڻي پليون ئي پليون آهن. پر پاڻي سڪي ويو آهي ۽ جمنا رڳو گندو نالو رهجي ويو آهي، جنهن ۾ ڍور ڍڳا ترڳي رهيا آهن ۽ مئلن جانورن جي لاشن تي ڳجهيون لامارا ڏينديون رهنديون آهن.

اڄ جهڙي ئي هڪ سياري جي رات دهليءَ جو بادشاهه محمد شاهه رنگيلو لال قلعي ۾ پنهنجي خوابگاهه ۾ سڄي رات پاسا ورائيندو رهيو. جمنا پار کان ايندڙ عجيب آوازن هن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي هئي. صبح جو هن پنهنجي وزير کي سڏائي پڇيو ”هي سڄي رات ڪهڙا ڪون ڪون جا آواز اچي رهيا هئا؟“ وزير جواب ڏنس، ”بادشاهه سلامت، اهي جمنا پار جي جهنگ کان گدڙن جون اوناڙيون هيون، جيڪي سيءَ کان ڏڪندي اهڙا ڪوڪاٽ ڪري رهيا هئا.“

رنگيلي پڇيس،

”اهڙا ڪيترا گدڙ هوندا؟“

”پنجاهه کن ٿيندا. جهان پناهه.“

”سياڻي شاهي خزاني مان پئسا وٺي، چاندني چوڪ مان پنجاهه گرم ڪمبل خريد ڪري، انهن گدڙن کي ڏياريا وڃن.“

ڏند ڪڙڪائيندڙ پرهه جي هن پاري ۾ ڪمبلن جي ته جاءِ ناهي، پنهنجي مٿان ٻه رضايون وجهي، پشميني جا اوني سويٽر پائي، ڳچيءَ ۾ ٿلهو مفلر ويڙهي ۽ مٿي تي پولڙي واري ٽوپي پائي، هيءَ قسط لکي رهيو آهيان. قلم تي هٿ ئي نٿو ڄمي، هر ٻن منٽن کان پوءِ عينڪ جي شيشن تي ڏندڻ ڄمي ٿو وڃي ۽ عينڪ لاهي شيشا اگهڻا ٿا پون. برئنبدي به ڪا گرمائش نٽي ڏئي ۽ ٻيءَ گرمائش جي عمر چڙهي چڪي آهي.

مرزا محمد بيگ ۽ ڊاڪٽر هرومل سدا رنگاڻيءَ جي وڃڻ بعد دهليءَ ڪاليج جي سنڌي شاگردن جي سرگرمين ۾ به ماٺائي اچي ويئي. مهيني - ٻئي ڪي محفلون ٿينديون هيون، پر انهن ۾ اها رونق نه هئي. ڪي ٻه چار چوڪرا ڇوڪرين ڪي گيت ڳائيندا هئا. ڪي پنهنجي ڪچي ڦڪي شاعري پڙهندا هئا. ڪي چرچن ۽ کل ٻوڳ وارا وندرائيندڙ قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائيندا هئا ۽ باقي سڄو زور ڪائڻ پيئڻ نچڻ ٽپڻ ۽ ٻڪنڪن تي هو. هڪ هڪ تي سنڌي شاگرد ۽ شاگردياڻيون ڊگريون وٺندا. وڃي ڪن ملازمتن ۽ پنهنجن ڏنڌن ڌاڙين تي لڳا ۽ ڪي پاڻ ۾ شاديون ڪري گهر گهرستيءَ جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاروبار سنڀالڻ لڳا. مان اچا ڪاليج ۾ ٿي هوس ۽ جونيئر ڪلاسن مان ٽپي سينيئر ڪلاسن ۾ پهتو هوس.

امتحانن کان اڳ پويون مهينو پنهنجي پاڙي جي هڪ لاڙڪاڻي جي هم ڪلاسڻ نرملا جي گهر وڃي، سنجيدگيءَ سان پڙهڻ لکڻ جو سلسلو جاري رکي، ٻيئي ڄڻا امتيازي ته نه پر آبرودار حيثيت سان امتحان پاس ڪري وٺندا هئاسين. اسان جي ڪلاس ۾ هڪ حيدرآباد عاملياڻي ڇوڪري پڙهڻ ۾ بيحد هوشيار هئي. هميشه پهرين پوزيشن ڇڻ هن لاءِ مخصوص ٿيل هئي. هوءَ بيحد محنت ۽ قابليت سان پنهنجا نوٽس وغيره تيار ڪندي هئي. مان ڪڏهن هن سان پنهنجي چرب زبانيءَ سان، ته ڪڏهن ايلازن سان، هن کان اهي نوٽس وٺي پاڻ وٽ اتاريندو هوس ۽ نرملا کي به پڙهائيندو هوس. ان هوشيار حيدرآبادي هم ڪلاسڻ جي باري ۾ ايندڙ پنن ۾ تفصيل سان لکندس.

امتحان جي تيارين وارين موڪلن ۾، مان روز منجهند جي مانيءَ کان پوءِ نرملا جي گهر درسي ڪتاب ۽ ڪاپيون کڻي پهچي ويندو هوس. هڪ ڏينهن هن جي گهر ۾ گهڙيس ته ٻاهر پڌر ۾ نرملا جو پيءُ ديوان روپچند پنهنجن ڪن دوستن سان رمي کيڏي رهيو هو. مون ٿورو هٽڪندي هن کان پڇيو "نرملا آهي؟"

تيز نگاهن سان گهوريندي پڇيائين، "ڇو نرملا ۾ ڪهڙو ڪم اٿيئي؟"

"اسين ٻيئي ڪاليج ۾ گڏ پڙهندا آهيون ۽ گڏجي امتحان جي تياري ڪندا آهيون."

"ته تون روز هتي منهنجي ڌيءَ سان ملڻ ايندو آهين. مان سمجهيو پئي ته تون منهنجي پٽ هيري جو دوست آهي."

"نه، مان توهان جي ڌيءَ نرملا جو دوست آهيان."

"سنڌ ۾ ڪٿان جا آهيو؟"

"ساهتيءَ جا."

"ڪنهن جو پٽ آهين؟"

"ديوان چيلا رام ٻاٽيه جو."

"جيڪو نوابشاهه جو سٽي مئجسٽريٽ هو؟"

"ها."

"ديوان ته بيحد اشراف ماڻهو آهي."

"مان به سائين اهڙو ئي اشراف آهيان."

مرڪندي چيائين: "ڪٿي رهندا آهيو؟"

"هتي ئي ڪرول باغ ۾."

"ديوان صاحب هاڻي ڪهڙي کاتي ۾ آهي؟"

"سي ٽي او ۾ ڪنهن عهدي تي آهي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"منهنجا سلام ڏجانس. ڪڏهن هن سان ملڻ ايندس. چڱو هاڻي ڀلي اندر وڃ. پڙهڻ تي ڌيان ڏجو. ٻي ڪا ڪيچل نہ ڪجو." پوءِ پنهنجي گهر واريءَ کي سڏ ڪري چيائين، "تاڪري، هن ڇوڪري کي ماني ٽڪي کارائيندي رهجانءِ" مون گهر اندر ويندي ويندي ٻڌو تہ هو پنهنجن دوستن کي چئي رهيو هو "بس سائين ڇا ڪجي زمانو ڦري ويو آهي. جوان ڇوڪرا ڇوڪريون پاڻ ۾ دوستيون رکڻ لڳا آهن. اسان جي ڏينهن ۾ تہ اهڙيون ڳالهيون سوچي ئي نہ سگهبيون هيون."

نئين آزاد ٿيل جمهوري ملڪ ۾ ان وقت 26 جنوريءَ جو ريپبلڪ ڏاڍي جوش و خروش سان ملهايو ويندو هو. فوجي پريڊ. فوجي بئنڊ. هوائي جهازن جا ماڊل، ريلن جي انجڻين ۽ گاڏن جا قالب، ٽئنڪون ۽ ملڪ ۾ تيار ٿيندڙ آٽو موبائيل ۽ ٻيا ڪل پرزا، ٻري ۽ بحري جنگي جهاز وغيره. نمائش طور جلوس ۾ گهمايا ويندا هئا، پر سڀ کان پرڪشش هندستاني ڪلچر جي هر صوبي جون اهي جهلڪيون هونديون هيون، جن ۾ سيني صوبن جي مڪاني ماڻهن جون پوشاڪون، سندن روزمره جي زندگيءَ جون جهلڪون، ڪاڌا پيتا، ثقافتي پس منظر، لوڪ گيت، لوڪ ناچ ۽ ٻيا رنگبرنگي اسم شامل هوندا هئا. اهو سڀ ڏسندي سچ پچ اهو احساس ٿيڻ لڳندو هو تہ اسين هڪ شاهوڪار ۽ ثقافتي ملڪ ۾ رهيا پيا آهيون. اهو جمهوري جشن نئين دهليءَ جي راشٽريہ پتي ڀون (ايوان صدر) کان شروع ٿيندو هو ۽ انڊيا گيٽ ۽ ڪنات پئلس مان گهمندو ستن ميلن جي مسافت طئي ڪري، لال قلعي تي وڃي ختم ٿيندو هو. جشن ڏسڻ لاءِ نہ رڳو سڄي دهليءَ جا ماڻهو رستن جي ٻنهي پاسي پلٽجي پوندا هئا، پر پروارن خواهہ ڏورانهن علائقن مان بہ تماشبين پهچي ويندا هئا. سڄي شهر ۾ رونقون ٿي وينديون هيون. رنگ برنگي بزاريون کلي وينديون هيون. تن ڏينهن اجا ڪيسي تراش پئدا نہ ٿيا هئا، جو ماڻهن جا ڪيسا خالي هئا ۽ هر مرد عورت سڄو رستو پنڊ ٿي پنڌ لتاڙيندو هو. سڄي واٽ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون والنٽيئرن جا فرض نڀائيندا هئا ۽ ڪُٽِ خلق کي ضبط ۾ رکندا هئا.

ان ئي دوران هڪ سال واري جمهوري جشن ۾ روس جو صدر خروشيف ۽ اتان جي حڪمران پارٽيءَ جو سربراهہ بلگانين، جواهر لعل نهروءَ جي دعوت تي خاص مهمان طور شريڪ ٿيا. ڪين خوش آمديد ڪرڻ لاءِ ان سال واريءَ پريڊ ۾، سڄي هندستان مان آيل ماڻهن جو سمنڊ اٿلي پيو. ڇهن گهوڙن واريءَ هڪ عاليشان بگيءَ جي مٿئين حصي تي خوبصورت پليٽ فارم تعمير ڪيو ويو جنهن تي هڪ پاسي خروشيف ۽ جواهر لعل نهرو ۽ ٻئي پاسي بلگانين ۽ ڀارت جو صدر ڊاڪٽر راجيندر پرساد ويٺا هئا ۽ رستي جي ٻنهي پاسي بيٺل حشام ماڻهن کي مرڪي ڪيڪاري رهيا هئا. سندن پويان ايندڙ جلوس ٽن ميلن تائين ڦهليل هو جيڪو ستن ميلن جو سفر طئي ڪري، پنجن ڇهن ڪلاڪن ۾ لال قلعي اندر پهتو. مون پنهنجي سڄيءَ ڄمار ۾ اهڙو شاندار جلوس يا جشن نہ ڏٺو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. صدر طرفان ڏنل ان رات واريءَ دعوت ۾ ڊنر کان پوءِ خروشيف کي بنارسي پان پيش ڪيو ويو. پان کائيندي جڏهن خروشيف جي واڇن مان ڳاڙهي لار وهڻ لڳي ته نهروءَ پڇيس، "توهان کي هندستاني پان ڪيئن لڳو؟" خروشيف وراڻيو "ان ڪري وٺيو جو کائڻ سان وات ۽ واڇون ڳاڙها ٿي ٿا وڃن."

26 جنوريءَ واري ان خروشيف ۽ بلگانين جي شرڪت واري جلوس، ڏينهن صبوح جو سويل ٿي مان نرملا جي گهر ويس ۽ هن جي پيءُ ماءُ کي چيم ته اسان ٻنهيءَ کي جشن ڏسڻ لاءِ ڪنات پليس وڃڻ جي اجازت ڏيو. نرملا جي ماءُ هڪدم ها ڪئي، پر پٽس چڱي آنا ڪاني ڪرڻ لڳو. چوڻ لڳو "ايتري پيهه ۾ ڪيئن ويندءِ. ماڻهو هڪ ٻئي مٿان اچي چيپاتجي پوندا آهن." پر مون هن کي يقين ڏياريو ته مان سندن ڌيءَ کي تمام سنڀالي وٺي ويندس ۽ پوريءَ حفاظت سان منجهند تائين گهر پهچائي ويندس. نيٺ ديوان صاحب عرض اگهايو. نرملا جي ماءُ سئنڊوچن ۽ ڪاڏي پيتي جي پين شين جو لنچ باڪس پري ڏنو ۽ تاڪيد ڪئي، "سانجهن کان اڳ اچي وڃجو."

مان ۽ نرملا پنڌ ٿي پنڌ برلا مندر وارو رستو وٺي، ڪنات پليس وڃڻ لڳاسين. رستن تي مردن، عورتن ۽ ٻارن جا انبوهه اسان سان گڏ گڏ هلي رهيا هئا. سينيءَ جي چهرن تي چمڪ ۽ سرهائي هئي. رومانوي ماحول ۾ مان نرملا جو هٿ جهلي هلي رهيو هوس ۽ دل چئي رهي هئي ته هي رستو ڪٿي به نه کٽي، ڪنهن منزل تي نه پهچي. برلا مندر وٽ پهچي نرملا چيو "اچا ته جلوس راشٽريه پتي پون مان ٿي نه نڪتو هوندو. اچ ته ڪجهه دير برلا مندر ۾ راڌا ۽ ڪرشن جي مورتين اڳيان مٿو ٽيڪيون هلون." مان مندرن ۽ تڪاٽن ۾ وڃڻ کان ڪيٻائيندو آهيان. پر ان گهڙيءَ راڌا ڪرشن جون سفيد سنگ مرمر جون مورتيون منهنجي من کي موهي رهيون هيون. ٻنهيءَ جو رومانوي روپ مون ۾ امنگ ۽ احساس پئدا ڪري رهيو هو. ٻاهر نڪري مون نرملا کي چيو "هل ته پر ۾ بينگالين جي قائم ڪيل ڪالي ٻاڙي مندر ۾ ڪاليءَ جي مورتيءَ اڳيان به مٿو ٽيڪيندا هلون." ڪالي ديويءَ جي دهشتناڪ بت اڳيان بيٺي بيٺي نرملا خوفزده ٿي رهي هئي. هن جي ڳچيءَ ۾ انساني کوپرين جي مالها پيل هئي ۽ ڇهن هٿن ۾ پشاچن جون وڍيل منڍيون هيون. جن مان پينٽ ٿيل رت ٽمي رهيو هو ۽ رت ۾ لت پت هن جي ڏگهي ڇپ ٻاهر لڙڪيل هئي. مون ويجهو وڃي ڪالي ديويءَ کي ڇهڻ چاهيو ته نرملا حراس ۾ منهنجو هٿ پڪڙي، مون کي مندر کان ٻاهر وٺي آئي.

ڪالي ديوي درگا ديويءَ جو ٻيو روپ آهي. هن کي مهاديوي پڻ مڃيو ويو آهي. هندو ڌرم موجب هن ڌرتيءَ تي چار يگ (دور) اچڻا آهن. ست يگ، تريتا يگ، ڪل يگ ۽ پاتال يگ. موجوده دور ٽيون يگ، ڪل يگ يعني ڪاليءَ جو يگ آهي. ذڪرڻ هندستان ۾ ڪاليءَ کي پراشڪتي (سڀ کان طاقتور) چيو ويندو آهي ۽ ان جي هڪ ڪالي مندر ۾، ڪالي ديويءَ کي روز رات جو رت جا ٻارنهن ڪٽورا پياريا ويندا آهن. بينگالي برهمڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو عقيدو آهي تہ رت جو پرساد چاڙهڻ سان، ڪالي ديوي پنهنجن پوڄارين کي پشاچن (دئيتن) کان محفوظ رکندي آهي. گذريل صديءَ ۾ ڪلڪتي جي ڪاليءَ جي مندر ۾ هڪ بينگالي مهاراجا پنهنجن پنجويهن جوان ٻانهن ۽ ٻانهين کي قتل ڪرائي، سندن رت سان ڪالي ديويءَ جي اڃ اجهائي هئي ۽ ان بعد هر جمعي ڏينهن هڪ جوان ڇوڪري جي ٻلي چڙهائي ويندي هئي. ڪيرالا جي ڪالي مندرن ۾ اڄ پراشڪتي ديوي (ڪاليءَ جو ٻيو نالو) کي روز رات جو نوين بجي ٻارنهن رت جا ڪٽورا، جن ۾ ڪڪڙن، ٻڪرين ۽ رڍن جو رت پريو ويندو آهي، پياري ڏہ ڪرائي، سنگيت جي محفل مچائي ويندي آهي، جن ۾ ڍولڪون وڄايون وينديون آهن. ڪن مندرن ۾ بهرحال، ، لامتي طور ليمي جي پاڻيءَ ۾، هيڊ ۽ ڳاڙهي رنگ جا شربت وغيره ملائي، رتائون رنگ ڏاهيو ويندو آهي. خبر ناهي تہ پراشڪتي ديويءَ کي ان مان ساڳيو سواد ايندو آهي يا نہ پر هوءَ پي ضرور ويندي آهي.

دهليءَ جي ڪالي مندر مان ٻاهر نڪري، مون هراسجي ويل نرملا جي ڏڪندر هٿن کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ سامهون واري چانهہ جي دڪان ٻاهران پيل بينچ تي ويهي بہ چانهيون گهرايم. ڪجهہ ئي ڏينهن اڳ ۾ مون ’جڻ يواني‘ نالي گرنٿ ۾ مها ڪاليءَ بابت هڪ درشتانت (باب) پڙهيو هو، جيڪو نرملا جو ڊپ لاهڻ لاءِ هن کي ڪٿات پليس ڏانهن هلندي هلندي ٻڌائڻ لڳس. (راجستان جا هندو مسلمان ڏاڙيل بہ يوانيءَ جا پوڄاري آهن.)

يوانيءَ (ڪاليءَ جو هڪ ٻيو روپ) جو پوڄاري هڪ نوجوان ۽ خوبصورت برهمڻ پوڄا لاءِ مندر ويندي، گهاٽي جهنگ مان لنگهي رهيو هو. واٽ تي هڪ يڪشيءَ (ڪامڻ گور) جي هن مٿان نظر پئجي ويئي ۽ هوءَ مٿس مفتون ٿي پيئي، ۽ سندر راجڪماريءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿي. هوءَ برهمڻ سان جهنگل جي رستي تي ساڻس گڏ گڏ هلڻ لڳي ۽ هن سان دلفريب ڳالهيون ڪرڻ لڳي. رستي تي هلندي هلندي، ڳالهين ڳالهين ۾ رات پئجي ويئي. يڪشيءَ جي اها ئي خواهش هئي تہ جي هوءَ برهمڻ جوان کي پاڻ سان رات گذرڻ لاءِ راضي ڪري سگهي تہ هوءَ هن کي رات رات ۾ سڄي جو سڄو ڀڙڪائي ويندي. وچ جهنگل ۾ هڪ رشيءَ جي ڪٽيا ڏسي برهمڻ اتي رات رهڻ جو فيصلو ڪيو. هن پنهنجي حسين همسفر کي پڻ رشيءَ جي ڪٽيا ۾ اچڻ ۽ ڦل ڦول کائڻ جي آڇ ڪئي، پر يڪشيءَ ان کان انڪار ڪيو ۽ ٻاهر وڻن جي چوگرد ڦيرا پائڻ لڳي. رشيءَ پنهنجي آتمڪ شڪتيءَ سان ان يڪشيءَ کي سڃاڻي ورتو هو. رشيءَ برهمڻ کي ڳاڙهي ڪپڙي جو هڪ ٽڪر ڏنو ۽ هدايت ڪيائيس تہ پنڌين در کان ٽڪرو ٽڪرو ٻاهر نڪري. يوانيءَ جي مندر تائين پهچي وڃي ۽ اتي پهچي ديويءَ جي. مورتيءَ مٿان ڪپڙي جو هيءَ ٽڪر چاڙهي ڇڏي تہ هو يڪشيءَ کان بچي ويندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برهمڻ رشيءَ جي آشرم مان نڪري ڊوڙندو ڪالي مندر طرف وڃڻ لڳو. يڪشيءَ مٿان اها حقيقت واضح ٿي ته رشيءَ هن کي سچائي ورتو آهي ته هوءَ سندر ڪنيا وارو ٻهروپ لاهي، پنهنجي اصلوڪي روپ ۾ آئي. هوءَ برهمڻ جي ڪڍ لڳي ۽ جيئن ئي هو ڪاليءَ جي مورتيءَ تائين پهتو يڪشيءَ هن کي ٽنگن کان اچي جهليو پر تيستائين برهمڻ ڳاڙهو ڪپڙو مورتيءَ کي پارائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ڳاڙهو ڪپڙو پوڻ سان ئي ڪاليءَ جي مورتيءَ ۾ جان اچي ويئي. پنهنجو پوڄاريءَ کي ان سنڪٽ ۾ ڏسي، ڪالي ديويءَ پنهنجي تلوار ڪڍي يڪشيءَ جي ڪنڌ تي وهائي ۽ هن جو وهندڙ رت پيئڻ شروع ڪيو. يڪشيءَ جي جسم مان ايترو ته رت وهڻ لڳو جو مندر جي ٻاهران رت جو سڄو تلاءُ ٺهجي ويو. چون ٿا ته اڄ تائين ان مندر جي تلاءَ جو پاڻي ڳاڙهسرو آهي. ڪاليءَ جي پوڄارين، جن ۾ اسان ڀاٽين جي قوم به شامل آهي، جو چوڻ آهي ته ان واقعي کان پوءِ ڪالي ديويءَ جي وات کي رت جو اهڙو چشڪو لڳي ويو جو رت پيئڻ هن جي اڻ ٽر عادت ٺهجي ويئي. هاڻي هوءَ ان کان سواءِ رهي نٿي سگهي. ان رات جي آهوتيءَ عيوض ڪالي ديوي ڪل يگ ۾ پنهنجن پرتيوان پوڄارين کي هر آپدا کان بچائيندي رهندي آهي.

جڏهن ڀوانيءَ جو اهو احوال ٻڌي، نرملا رستي تي هلندڙ انبوهه جو ڪو خيال نه ڪندي، مون سان چنبڙي پيئي. سياري جي موسم ۾ به هن جي ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل منهن تي ماڪ ڦڙن جيان پگهر نمودار ٿي ويو. هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي، مون رومال سان هن جي نرڙ تان اهي ڦڙا اگهيا. گول مارڪيٽ جي ڪاريدار جي ٿنڀي وٽ ويهندي، نرملا مشڪوڪ نگاهن سان مون ڏانهن نهاريندي، مون کان پڇيو "تون ته ڪاليءَ جو مڃيندڙ ناهين؟" چيومانس، "اسان جي ڀاٽيه قوم صدين کان ڪاليءَ جي پوڄارڻ رهي آهي، پر مان ڪاليءَ جو نه، پر هن جي سندر روپ درگا جو مداح آهيان. مون لاءِ درگا ديوي ئي مهاشڪتي آهي. منهنجيءَ من مستيءَ مون کي سدائين سونهن ۽ سندرتا طرف ڇڪيو آهي. اڄ هن سهاڻي صبوح جو مان تنهنجيءَ سندرتا جو ساٿ ماڻي، تو سان گڏ گڏ هلي رهيو آهيان، ڪي سونهن ڀريا منظر ڏسڻ لاءِ. مان چاهيان ٿو ته اسان جو هي رشتو هن رستي جيان سدائين اسان سان گڏ گڏ هلندو هلي." نرملا ڪوبه جواب نه ڏيئي، آهستي پنهنجي هٿ سان منهنجو هٿ دٻايو ۽ مون فيلصو ڪري ورتو ته اڄ ديوان کان هيءَ هٿ گهري، هميشه لاءِ پاڻ وٽ سوگهو ڪري رکندس.

گول مارڪيٽ کان ڪناٽ پليس جو ميل ڪن مفاصلو مون لاءِ چٽ چريو ڪندڙ من جو اهو سفر هو جيڪو سفر مدام سفر ٺهجي، منهنجيون راهون روشن ڪندو رهيو آهي. ڪڏهن مون کي نرملا کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه ياد ايندو آهي ۽ ڪڏهن نرملا کان سواءِ باقي ڪجهه به ياد نه ايندو آهي.

ڪناٽ سرڪس ۾ ماڻهوءَ مٿان ماڻهو چڙهيل هو. محمود ۽ اياز هڪ ئي مصلي تي هڪ ٻئي مٿان پير رکي بيٺا هئا. اجنبي مرد ۽ عورتون هڪ ٻئي سان ڇهتيل هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهن گهوڙن واري بگيءَ ۾ شاهاڻي شخصيت وارو بلگانين ساڄي ڪاپي پنهنجا جوڙيل هٿ خلق ڏانهن گهمائي رهيو هو ۽ ٺوڙهو خروشيف ٻئي هٿ مٿي ڪري لوڏائي رهيو هو ۽ ٻنهيءَ جي وچ ۾ پنڊت جواهر لعل نهرو پنهنجي دلڪش مرڪ سان موجود هو. پلن گهوڙن تي فوجي دستا، هاٿين جي هودن تي پيلوان، بڪتربند گاڏيون، ٽئنڪون، جهازن جا ماڊل، جيپون ۽ الائي ڪهڙين ڪهڙين فوجي مشينن جي جناتي ماڊلن جو اڻ کٽندڙ سلسلو هو. مان نرملا جو هٿ مضبوطيءَ سان جهلي، ڪڏهن پريڊ ته ڪڏهن هن ڏانهن ڏسندو ٿي رهيس. منهنجي ان قسم جي فوجي نمائش ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي. منهنجي پسنديءَ وارا اسم اڃا اچڻا هئا. اهي هئا هندستان جي هر پرڳڻي جون تهذيبي ۽ ثقافتي جهلڪيون. الف بي جي ترتيبوار سلسلي سان آسام صوبي جي پهرين جهلڪي شروع ٿي. آنڌرا پرديس، بهار، بينگال، دهلي، گجرات، مڌيہ پرديس، مهاراشٽريہ، پنجاب ۽ هر علائقي جون رنگين پوشاڪون، رواج، ريتون رسمون، ناچ ۽ سنگيت، ساز سازندا، رنگ منچ، اپسرائن جهڙيون سينگاريل عورتون. هڪ طلسمي دنيا جو منظر اکين آڏو آهستي آهستي هلي رهيو هو ۽ مان سوچي رهيو هوس ته هنن ۾ اسان جي سنڌي ثقافت جي جهلڪ ڪٿي آهي؟ ورهاڱي جو شڪار ٿيل پنجاب بہ هتي آهي، بينگال بہ آهي، پر اسان جي سنڌ ڪٿي رهجي ويئي؟ اسان پنهنجي ثقافت ۽ ٻوليءَ جون هتي بہ پاڙون پختيون ڪنداسين. اسين هندستاني حڪومت کان پنهنجا حق حاصل ڪري شاهہ، سچل، سامي ۽ زنده پير جي صوفي روايتن کي، جمهوريت جي هن جشن سان هم آهنگ ڪنداسين. اسين پنهنجي اباڻي ٻوليءَ کي هن ملڪ جي بہ قومي زبان جو درجو ڏياريندا سين.

ويچارن جي وهڪري ۾ وهندو مان الائي ڪٿان جو ڪٿي پهچي ويس. پوئين جهلڪي ڪهڙيءَ مهل پوري ٿي ويئي، مون کي ڪا بہ سمڪ نہ رهي. اوچتو عوام جو ڇڙ سيلاب اٿلي پيو. ياچ ۾ زالين مردين ماڻهو هڪ ٻئي هيٺان لتاڙجڻ لڳا. خلق ۾ تاڪوڙو پئجي ويو ۽ مون کي سڌ نہ رهي ته ڪڏهن ۽ ڪيئن منهنجو هٿ نرملا جي هٿن مان ڇڏائجي ويو. ڪير ڪنهن کي ڏسڻ ۾ نٿي آيو. رڳو انساني جسم هڪ ٻئي سان چنبڙي ۽ چيپاٽجي رهيا هئا. مان نرملا کي ڪٿي ڳوليان؟

ٻہ اڍائي ڪلاڪ پٽڪڻ کان پوءِ بہ نرملا مون کي ڪٿي نظر نہ آئي. منهنجين اکين ۾ منهنجيون تاٽيل رڳون رستن تي ڦهلجي ويون هيون. نيٺ نراس ٿي مون نرملا جي گهر جو رخ ڪيو.

سياري جي سج لٿي مهل نرملا جو پيءُ ديوان روپچند گهرجي پڌر ۾ بي چينيءَ وچان اچ وڃ ڪري رهيو هو. گهر جي گيٽ تي پهچي مون ڏڪندي ڏڪندي هن کان پڇيو "نمون گهر پهتي؟"

"ڇا گهر پهتي؟ هوءَ تہ تو سان گڏ هئي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها، پر پيهه ۾ الائي ڪٿي الڳ ٿي وياسين. مون هن کي ڪيترو ڳولهيو پر...“

”چپ ڪري بيوقوف.“ ديوان رڙ ڪندي چيو ”هڪ ڏينهن لاءِ تہ منهنجي ڌيءَ کي سنڀالي نٿو سگهين. سڄي عمر هن کي ڌوڙ سنڀاليندين؟ هاڻي وڃ هتان ڪيئن بہ هن کي ڳولهي وٺي اچ ۽ ٻڌ، وري نہ هن گهر ۾ ڪڏهن پير پائجانءِ ۽ نہ منهنجي ڌيءَ سان ملجانءِ. سمجهيئہ هاڻي وڃ وڃي نمونءَ کي ڳولهي آءُ. واٽ ائن اديٺ.“

ڀڙڪيل آواز ۾ چوندو هو گهر کان ٻاهر نڪري آيو. سست قدمن سان جڏهن مان پنهنجي گهر پهتس تہ اتي نرملا منهنجو ٻي چئنيءَ سان انتظار ڪري رهي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجٽيھون پنو

اڄ وري الائي ڇو سياري جي سرد راتين ۾ سلان ڪان پوءِ سروريءَ جي سار جون سوٽون اُڀري رهيون آهن؟ منهنجو ڪمسنيءَ وارو پهريون پيار الائي ڪهڙي ڪوٺي تي، ڳهنگهرن جي جهنڪار ڪندي ڪندي، سهڪي سهڪي ڪنهن غليظ بدبودار ڪمري جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ساهُه ٽي سمهيو پيو هوندو! مون لکنؤ ۽ بنارس جي نخاس ۽ ڊال منڊيءَ جي گهٽين ۾ اڌ صدي هن کي ڳوليو آهي، پر اڃا تائين هن جو گهر ڳولهي نه سگهيو آهيان.

ايراني شاعر انوريءَ جو هڪ قطعو آهي،

هربلائي ڪ از آسمان مي آيد
گرچ بر ديگران قضا باشد
برزمين نارسيده، مي پرسد
خانۂ انوري ڪجا باشد؟

انوريءَ جي آخري مصرعه مون لاءِ، "خانۂ سروري ڪجا باشد؟" بڻجي، مون کي هميشه هن جي تلاش ۾ پٽڪائيندي رهي آهي. هوءَ مون کان به چار سال وڏي هئي، ان ڪري هن جي هئڻ ۽ نه هئڻ جو وهم منهنجي من کي وڪوڙي ويو آهي. شل هجي! هن جي صحبت ماڻڻ وقت مان هن کي اهو ئي احساس ڏياريندو هوس، "جيڪڏهن تون هڪ محروم ٿيل تندرست عورت آهين ته ڪنهن مرد سان جنسي صحبت ماڻڻ تنهنجو بنيادي حق آهي." باقي ان محروميءَ جو درد هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو آهي، اتي يا ته هر درد کي ڪا معنيٰ آهي، يا ڪنهن به درد کي ڪا معنيٰ ناهي.

نرملا کان جدا ٿيڻ جو سانحو مون لاءِ هڪ اهڙو درد بڻجي آيو جنهن کي سچ پچ ڪا معنيٰ هئي. هيءَ منهنجي زندگيءَ ۾ ٻيو پيار هو جيڪو سروريءَ واري پهرئين پيار کان وڌيڪ سامايل، رسيل ۽ بالغ هو. پر منهنجي اندر جو گيديپڻو مون کي ديوان جي ڪرڙيءَ اک کان خوفزده ڪندو، مون کي پنهنجي پيار کان پري ڪندو ويو ۽ مان ڪاليج ۾ به نرملا کان ڪنڌون پاسا ونندو رهيس. ڪڏهن ڪڏهن سامهون پوڻ تي به مان سڌو هن جي منهن ۾ نهارڻ بدران هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهندو هوس. اهو اسان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪاليج ۾ پويون سال هو. ۽ نرملا جي پيءُ هن لاءِ پنهنجي تر (لاڙڪاڻي) جا ڇوڪرا ڏسڻ شروع ڪري ڇڏيا. ڪاليج جي ڪنهن ڪنڊ پاسيرو بيهاري، هوءَ مون کي سڀ ڪجهه ٻڌائيندي هئي ۽ مان چپ چاپ ٻڌندو رهندو هوس. منهنجي تاثر کان خالي چهري کي ڏسي، ڪڏهن ڪڏهن هن جون اکيون پرجي وينديون هيون. ماڻهوءَ جي ٻاروتڻ وارا پيار اهڙا پختا ته نه هوندا آهن. پر اهي فرد جي زندگيءَ ۾ اهڙا اَمٽ نشان ڇڏي ويندا آهن جن کي وسارڻ ڪنهن جي وس ۾ نه هوندو آهي. ٽي سال اڳ منهنجو دوست قمرشهباز جڏهن پهريون ڀيرو اسان جي رٽيل سيمينار ۾، وفد جي سربراهه طور شرڪت ڪرڻ هندستان آيو ته هن پنهنجي صدارتي خطبي ۾ چيو هو "مان هتي پنهنجي پهرئين پيار رتنا کي ڳولهڻ آيو اهيان ۽ هن جي ننڍي ڀيڻ جانڪي، جيڪا ڇوڪرن واري قميص ۽ نڪر پائي مون سان ڪشتي وڙهندي هئي، ان کي ڏسڻ آيو آهيان." قمر شهباز هتي هندستان ۾ چار ڀيرا اچي به رتنا ۽ جانڪيءَ کي ڳولهي نه سگهيو ۽ مايوس ٿي موٽي ويو ۽ هو ڪين ڪٿي ڳولهي ها؟

گذريل هفتي ممبئيءَ امر جليل سان ملڻ ويس ته الهاس نگر مان آيل رتنا جي مائٽ اديب دوست ٻڌايو ته رتنا ڪي سال اڳ ڀوپال ۾ گئس قاتڻ واري حادثي جو شڪار ٿي ويئي ۽ اٺ مهينا اڳ جانو (جانڪي) جي دماغ جي نس ڦاٽڻ ڪري موت ٿي ويو. قمر جو پهريون پيار رتنا نه رهي آهي. هن جي دوست جانو به ٻي جان ٿي چڪي آهي. مون کي سروريءَ جي ڪا سڌ ناهي. نرملا ڪي سال اڳ ڪلڪتي ۾ ملي هئي. هينئر هوءَ به آهي، الائي نه؟ شل هجي!

زندگيءَ ۾ اڳتي هلي ڪيئي جذباتي لڳاوَ ۽ رشتا جڙيا. جن مان ڪي ياد آهن، ڪي وسري چڪا آهن. جن جي ياد رهجي ويئي آهي، انهن جي سار ڪڏهن ڪنهن هوا جي جهوٽي جيان اچي، منهنجي تصور جا جهروڪا ته کولي ويندي آهي، پر ڪجهه لمحن ۾ ئي اهي تصويرون جهڪيون ٿي ويندي‌ون آهن. عمر جي هن پوئين پهر ۾، هاڻي رڳو ان ڏينهن کان ڏڪي رهيو آهيان ته جنهن پختي پيار سان گذريل چاليهن سالن کان خوشي ۽ خوشحاليءَ واري زندگي گذاري رهي آهي، ان ۾ اسان ٻنهي مان هڪ هليو ويو ته منهنجي يا هن جي باقي بچيل اڪيلائيءَ واري عمر ڪيئن گذرندي؟ اڄ اسين هڪ ٻئي جي لٺ آهيون. اها ٻي ڳالهه آهي ته سڄي زندگي ان لٺ جو استعمال ۽ سهارو مون ئي ٻئي ورتو آهي.

ڊاڪٽر سدا رنگاڻي خادم، ايران ۾ ٽن سالن جو ٽرم پورو ڪري، اتان ڊاڪٽر آف لٽريچر جي ڊگري وٺي موٽي آيو. تهران کان دهليءَ ايندي، هن کي ڪراچيءَ ۾ جهاز مٽائڻو هو جنهن لاءِ هن کي ڪراچيءَ ۾ ڇهه ست ڪلاڪ ترسڻو هو. ايران مان روانو ٿيڻ کان اڳ هن پير علي محمد راشديءَ کي ڪراچي پهچڻ جو اطلاع موڪليو ۽ هوائي اڏي تي هن سان گڏجڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. راشدي صاحب ان وقت شايد



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان جي مرڪزي يا صوبائي حڪومت ۾ ڪنهن اهم عهدي تي هو. هو صاحب خادم جي آجياڻي لاءِ ڪراچي ايئرپورٽ تي آيو. هن کي پنهنجي گهر وٺي وڃڻ لاءِ کيس ٻاهر وٺي اچڻ لڳو. ايئرپورٽ جي اميگريشن ڪائونٽر تي ڪو مهاجر آفيسر هو. جيڪو بنا ويزا جي خادم کي شهر ۾ داخلا لاءِ ٻنهه تيار نه هو. علي محمد راشديءَ ان مهاجر آفيسر کي رهڙ ڏيندي چيو "ميان. تو کي خبر ناهي ته هي (خام) ڪير آهي؟ ياد رک ته هن شخص کي هن ملڪ جي ڌرتيءَ تي توکان وڌيڪ ۽ ڀيريون حق آهي. تون ٻاهريون ڪير آهين. هن کي پنهنجي ئي شهر ۾ وڃڻ کان جهلڻ وارو؟" ايئن چوندي راشدي صاحب سدا رنگاڻيءَ جو هٿ جهلي، هن کي پاڻ سان ٻاهر وٺي آيو. مهاجر آفيسر واٽڙو ٿي ڏسندو رهيو.

ايران مان موٽي ڊاڪٽر سدا رنگاڻي ڪل وقتي طور ته ريڊيو جي پرشن يونٽ سان وابسته ٿي ويو. پر اعزازي طور هن دهلي ڪاليج ۾ سنڌي ڪلاس وٺڻ به شروع ڪيا. هاڻي ٿانئيڪو ٿيڻ تي سنڌي شاگردن ۾ اهو جوش ۽ جذبو نه رهيو هو. سنڌن دلچسپي رڳو ادبي ۽ ثقافتي گڏجاڻين تائين محدود رهي. انهن ڏينهن محترمه حميده کهڙو دهليءَ آيل هئي، ۽ اسان ڪاليج ۾ هن سان وڏي پئماني تي گڏجاڻي رکي، جنهن ۾ سيني ڪاليجن جي سنڌي شاگردن ۽ پروفيسرن کي گهرايو ويو.

حميده کهڙو ان وقت اڃا ڊاڪٽر حميده نه ٿي هئي. مان هن کي سندس رهائشي جاءِ تان وٺڻ ويس. هن سان ملڻ تي يقين ئي نٿي آيو ته هوءَ پاڪستان جي ٻچاءَ واري وزير محمد ايوب کهڙي صاحب جي نياڻي هئي. قدبت ۾سنهي ۽ لچڪيدار. صاف سادو پهراڻ اوڍيل ۽ اکين تي سنهي فريم واري عينڪ سان. هوءَ يونيورسٽيءَ جي اسڪالر قسم جي شاگردياڻي لڳي رهي هئي.

حميده کي وٺي ڪاليج پهتس ته گيٽ تي ئي سيني شاگردن ۽ شاگرديائڻين هن جي پرجوش آجيان ڪئي. ٻن ادائي ڪلاڪن جي ڪچهريءَ ۾، هن سيني کي بيحد متاثر ڪيو. هن جي ڳالهائڻ جو انداز پيارو ۽ آواز سريلو هو.

هندن جي هليو وڃڻ کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي حالتون ۽ خال پيدا ٿيو هو. ان بابت هن تفصيل سان ڳالهايو. هن شايد (ان وقت) اها اميد به ڏيکاري ته هڪ ڏينهن اسان سنڌ موٽي ايندا اسين. گفتگو دوران هوءَ پنهنجي والد کهڙي صاحب جي تعريف به ڪندي ٿي رهي، جنهن وقت حميده صاحبه اهو چيو "ابو توهان (هندن) کي ڏاڍو ياد ڪري رهيو آهي،" ته ان وقت نارايڻ شيام پنهنجي سانتيڪي سڀاوَ سان طنزيه مرڪي رهيو هو. پر تيرٿ پنهنجي پڙڪيلي طبيعت کي، سدا رنگاڻيءَ جي اکين جي اشارن سان قابوءَ ۾ رکي رهيو هو. حميده صاحبه کي ان وقت شايد اها ڄاڻ نه هئي ته هن جي والد صاحب ئي هڪ عام جلسي ۾ چيو هو "مان اهو ڏينهن ڏسڻ ٿو چاهيان، جنهن ڏينهن مسلمان هارين جي زالن جيان هندن جون زالون به پنهنجي مردن لاءِ ڀنين تي پنهنجين پوتين ۾ مانيون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌي ۽ مٿي تي ڏڏ جون چاڏيون ڪٽي وينديون نظر ايندي‌ون.“ حميده صاحبہ کي شايد اهو احساس نہ هو تہ هندن جي لڏپلاڻ لاءِ ڪنهن حد تائين کهڙي صاحب جي اهڙي پڙڪائيندڙ بيان پڻ باهہ تي تيل جو ڪم ڪيو هو.

سال 1961ع ۾ جڏهن انگليند جي راڻي ايلزبيٿ هندستان جي دوري تي آئي هئي تہ ڀارتي صدر ڊاڪٽر راجيندر پرساد هن کي ٻن هزار صفحن جي پنهنجي آٽوبايوگرافيءَ جا پنج جلد تحفي طور ڏنا هئا. راڻيءَ انهن جلدن کي هٿن تي توريندي، هن کان پڇيو تہ توهان کي ايترا وڏا ڪتاب لکڻ جو وقت ڪيئن ٿو ملي؟ راجيندر بابو ڪجھہ سيڪنڊن لاءِ راڻيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو پوءِ هن کي چيائين،

”توهان جي والد صاحب (جارج ڇهون) جي مهربانيءَ ڪري.“

”منهنجي والد جي مهربانيءَ ڪري؟“ راڻيءَ حيران ٿي هن کان پڇيو.

”ها، مون کي چوڏانهن سال جيلن ۾ رکڻ ڪري.“

راڻي ايلزبيٿ شڪجي چپ ٿي ويئي ۽ شهزادي فلپ وڏو ٺهڪ ڏنو. حميده کهڙو صاحبہ کي دهلي ڪاليج واري اها پنجاهہ سال اڳ واري ڪچهري ياد هجي الائي نہ، پر سالن کان پوءِ هن مون کي ياد ڪري، پنهنجي والد صاحب تي لکليل بايوگرافيءَ تي پنهنجيءَ خوبصورت هٿ اکريءَ ۾ نيڪ جذبن واريون چار سٽون لکي، مون کي تحفي طور موڪلي آهي، جيڪا مون دلچسپيءَ سان پڙهي سانڍي رکي آهي.

سنڌي ساهت جي اشاعت جي دهليءَ ۾ شروعات اسان جي ڪاليج جي مخزن جي سنڌي سيڪشن سان ٿي، جنهن جي ادارت جي ذميداري ڊاڪٽر سدا رنگاڻي ايران وڃڻ وقت مون کي سونپي ويو ۽ مون ڪوشش ڪري ڪري ان کي خالص ادبي رنگ ڏنو پر ان جا چار سيڪشن هئا. انگريزي، هندي، اردو ۽ سنڌي. مڪمل طور ڀريون سنڌي ادبي رسالو ڪتابي صورت ۾ موتي لال جوتواڻي ۽ آنندڪيماڻيءَ جي گڏيل ادارت هيٺ ’راڄڌانيءَ جا ساهتڪار‘ سري سان شايع ٿيو. جيڪو دهليءَ ۾ ساهتڪ سرگرمين جي پيڙهہ جو پهريون پٿر هو. ان کان اڳ سنڌ جي مشهور ادبي رسالي ’سنڌو‘ جي مالڪ ۽ ايڊيٽر سرڳواسي ٻولچند راجپال آگري مان ’سنڌو‘ رسالو نئين سر جاري ڪيو. اجمير مان شميو جئسنگهاڻي ناز ماهوار ’ڪلاڪار‘ ۽ سشيلا لالواڻيءَ ’راجفلمستان‘ پوني مان، تيج قابل ’نرگس‘ ۽ هندستان جي ٻين شهرن مان ڪيترائي ادبي ۽ سماجي رسالا ۽ اخبارون شايع ٿيڻ شروع ٿيون. خوشگوار ادبي ماحول پڙهندڙن جو هڪ وسيع حلقو پيدا ڪري ورتو ۽ سڄاڻ پاٺڪ تنگدستيءَ باوجود رسالا خريد ڪري پڙهڻ لڳا.

ڪاليج جي تعليم پوري ڪري، ساهتيہ ۾ دلچسپي رکندڙ دوستن، سدا رنگاڻي ۽ نارايڻ شيام جي ساٿ ۽ رهنمائيءَ هيٺ ساهتڪ سرگرمين کي زور وٺايو ۽ نئين وسيل ڪالوني لجپت نگر ۾، هر هفتي ادبي ڪلاس شروع ڪري ڇڏيا. خادم، شيام، پريو وفا، سانول چيلاڻي، سترام همدرد ۽ ٻيا ڪي تہ سنڌ ۾ ئي لکندڙ هئا ۽ هتي اچي بالغ ٿيل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين ٿهيءَ ۾ ڪي ايس ٻالاڻي، آنند ڪيماڻي، موتي جوتواڻي، نانڪ مدناڻي، پرم ابيچنداڻي، هيمر ناگواڻي، جيون گرسهاڻي ۽ ٻيا ڪيترائي دوست ساهت سرجڻ ۾ جُنجي ويا. ان ئي دوران بولچند راجپال پنهنجو 'سنڌو' رسالو آگري مان دهليءَ کڻي آيو ۽ پنهنجي پريس اچيَ قائم ڪئي. راجپال جو ڇاپخانو اسان جي ساهتڪ سرگرمين لاءِ وڏو سهارو ثابت ٿيو.

اجمير مان تيرٿ وسنت ۽ هريڪانت پڻ اچي دهلي وسائي. اجمير ۾ رهڻ تائين هريڪانت هري غريب جي نالي سان لغڙ ڪاتا ۽ ٽنگر پئسو جهڙيون روايتي ڪهاڻيون لکندو هو ۽ اهي شايع ڪرائڻ لاءِ اجمير جي رسالي ڪلاڪار جي ايڊيٽر شمپو جئسنگهاڻي 'ناز' جي آفيس جا چڪر ڪاٽيندو هو. شمپو ناز پنهنجيءَ آفيس ٻاهران هڪ ڪاٺ جو بڪسو رکي ڇڏيو هو ۽ پاڻ آفيس جي آرام ڪرسيءَ تي ويهي، ميز تي ٽنگون رکي سگريٽ جا سوٽا هڻندو هو. ڪو اديب هن جي آفيس ۾ پنهنجي ڪا ڪهاڻي يا شعر اشاعت لاءِ کڻي ايندو هو ته هن کي ڪرسيءَ تي ليٽئي ليٽئي ئي هڪل ڪري چوندو "بابا پنهنجا اهي پنا ٻاهر پڌر ۾ رکيل بڪسي ۾ وجهي وڃ. فرصت سان ڏسنداسين. ايندڙ مهيني جي پرچي ۾ ڇپيل نه ڏسين ته ان ئي بڪسي مان اچي پنهنجا پنا موٽائي کڻي وڃج. اسان سان اجايا حيلا حجتون نه هلائجانءِ."

ڪجهه ئي سالن ۾ شمپو ناز به 'ڪلاڪار' رسالو سميٽي، ناز وارو تخلص ڦٽو ڪري، دهليءَ کان اجمير مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ لاءِ آيل بهشتي حُور جهڙيءَ هڪ ڪم عمر ڇوڪريءَ کي، پنهنجي عشق جي ڏور ۾ وڪوڙي دهليءَ وٺي آيو ۽ ساڻس شادي ڪري هڪ سنڌي سرمايادار جي اشتهاري ايجنسيءَ ۾ ملازمت هٿ ڪري، ٿانئيڪو ٿي، گهر گرهستيءَ جو ڪاروبار سنڀالڻ لڳو ۽ ڪلاڪار وارو قلم ڪن تي رکي ڇڏيو. بدقسمتيءَ سان اها ڪمسنيءَ واري شادي گهڻو وقت جٽاءَ نه ڪري سگهي. ٻنهي جدا جدا وڃي پنهنجا پنهنجا نئين سر گهر وسايا ۽ الحمدالله ٻيئي هڪ ٻئي کان سواءِ ڏاڍي مزي ۾ آهن. دهليءَ جي ساهتڪ ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ شمپو اڄا به اڳي کان اڳرو آهي ۽ اسي سالن جي عمر تي پهچي ۽ ٻه ڀيرا دل جو آپريشن ڪرائڻ کان پوءِ به، هو جوان ڪارڪنن کي پنهنجي اڳيان پاڻي ڀرائيندي نظر ايندو آهي.

اسان جا ادبي ڪلاس هرهفتي باقاعدگيءَ سان هلندا رهيا. هر ساهتڪار ڪانه ڪا رچنا پنهنجي ڪيسي ۾ ضرور وجهي ايندو هو. ڪيترن ساهت پريمين پڻ ساهتڪارن جي فهرست ۾ پنهنجو نالو شمار ڪرائڻ لاءِ، پنهنجي ڪا نه ڪا تڪبنديءَ واري ڪوتا يا ڪو نه قصو گهڙي ايندا هئا. جن ۾ ڪجهه ڪڙا هئا، اهي ته اپري اچڻ لڳا، باقي جن ۾ ڪي ڪٽيون نه هيون، اهي رڳو سنگتو ساهتڪار ئي رهجي ويا ۽ نااميد ٿي ڪن تان قلم لاهي ڇڏيائون، پر سڀ سنگت ۾ اٿندا ويهندا اوس هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته اهي ادبي محفلون سڄي سڄي رات ۾ به هلنديون هيون. جذبن جي شدت ڏينهون ڏينهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙڪندي تي رهي. سپ ڦڪڙ هئاسين. چار اٺ آنا چندو ڪري چانهيون گهرائيندا هئاسين. ڪيسن ۾ بس جي ڀاڙي جيترا پئسا نہ هوندا هئا. چانهہ جو ڪوپ اڌ اڌ ڪري پيئندا هئاسين. سگريٽ جا واري وٽيءَ سان سوٽا هڻندا هئاسين. ڪنهن بہ سوٽا وڏيڪ هنيا تہ پاڻ ۾ وڙهي بہ پوندا هئاسين. هڪ رات مان ۽ هريڪانت سخت سرديءَ واريءَ موسم ۾، لال قلعي مان مشاعرو ٻڌي، مالويہ نگر تائين سڄي رات پنجويهہ ميل پنڌ ڪندا صبوح تائين گهر پهتا هئاسين. جو ڀاڙي تي سائيڪل وٺڻ جيترا بہ پئسا نہ هئا، پر جذبا صادق هئا.

ڪي ادبي رقابتون ۽ رنجشون نہ هيون. پنهنجي همعصر جو ڪو سٺو شعر يا سٺي ڪهاڻي ٻڌي دل کولي داد ڏيندا هئاسين. هڪ ٻئي کي لکڻ لاءِ همٿائيندا هئاسين. اهو سڀ ان ڪري هو جو اسان اجا دنيا داريءَ جي چڪرويو ۾ نہ ڦاٿا هئاسين. نہ ڪي اڪادميون هيون، نہ ڪي سرڪاري ادبي ادارا هئا، نہ ڪي انعام اڪرام ۽ ايوارڊ هئا ۽ نہ مالي مددون هيون. نہ سرڳواسي ٽيل پيءُ ماءُ جي نالن ۾ ڪن دانوبرن ۽ سيٺين طرفان اعلان ڪيل نقد رقمون هيون. ڪريٽ ڪرڻ واري، لب لالچون ڏيڻ واري، ڏتارڻ واري اجا ڪا اهڙي مشينري پئدا نہ ٿي هئي. ڪا اهڙي ادبي انڊسٽري قائم نہ ٿي هئي، جنهن ۾ آرڊر تي ادبي مال مينيو فئڪچر ٿيندو هجي. تڏهن اجا ادب براءِ تجارت وارو تصور پئدا نہ ٿيو هو. ساهت سرجڻ هڪ لگن هئي، اندر جو اڌمو هو هڪ مشن هئي. خواهہ ان هيٺ کهڙو بہ ڪچو پڪو مال تيار ٿيندو هجي، جيڪو بنا ڪنهن خوبصورت ۽ دلڪش پئڪنگ جي جيئن جو تيئن پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو ويندو هو.

اسان کي جي ڪنهن جو خوف ٿيندو هو تہ پنهنجن ڪن سينيئر مهارتي اديبن ۽ جلاد نقادن جو. اهي جغادري اديب نون لکندڙن جي رچنائن جون بصر جيان کلون لاهيندا هئا. بمبئيءَ جي ادبي ڪلاسن ۾ جتي ايم يو ملڪاڻي صاحب، هر نئين ساهتڪار کي همٿائيندو هو تہ اتي ليکراج عزيز جهڙو نر شاعر هر نئين پراڻي شاعر جي شاعريءَ کي بازاري شاعري ڪري ڪوٺيندو هو ۽ کين ڊي مارلائيز ڪرڻ لاءِ گل و خار جهڙا تنقيدي ڪتاب لکندو هو.

هتي دهليءَ جي ادبي ڪلاسن ۾ جتي نارايڻ شيام ۽ پريو وفا جهڙا نهنا شاعر ساهتڪارن جو حوصلو وڌائيندا هئا، اتي تيرٿ و سنت جهڙو ٽانڊيءَ ٽپڻو نقاد اسان تي ملامتون وجهندي چوندو هو:

”اڙي، ڇا جا ليکڪ ۽ شاعر آهيو؟ جاهل آهيو جاهل! پر ان کان جو وچي سئنيمائن ۽ هوٽلن تي ڏرم جا ڏڪا کائو، اوڙي ڀاڙي جون نياٽيون وينا ٽڪيو، ۽ ٻيون لوفر پايون ڪيو، تنهن کان چڱو آهي تہ ڪجهہ لکڻ پڙهڻ ۾ ٿي ريڏا رهو. باقي آهيو تہ صفا جاهل.“

اسان جاهلن اهڙين تنقيدن جا ڪي لفظي جواب ۽ جواز پيش نہ ڪيا، پر عملي طور جوابي ڪارروائي ڪندي، موتي جوتواڻي ۽ آنند کيماڻيءَ راجڌانيءَ جا ساهتڪار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙو معياري مجموعو ترتيب ڏيئي، نون ساهتڪارن جي لڄ پت قائم رکي. ٿوري ئي عرصي بعد ستر ام همدرد ۾ مون چونڊ غزلن جو ڳٽڪو 'غزل' عنوان سان بولچند راجپال جي پريس مان شايع ڪرايو. جنهن جو سدا رنگائي خادم عالماڻو مهاڳ لکيو. آهستي آهستي اهڙن تنقيد نگارن کي اسان جي صلاحيتن جو احساس ٿيڻ لڳو ۽ هنن درياهه دليءَ سان سينيءَ کي پنهنجي پر ۾ ٻيهاريو. پر بولچند راجپال پوءِ به پنهنجي 'سنڌو' رسالي ۾ نون ساهتڪارن جون رچنائون شايع ڪرڻ کان ڪيٻائيندو هو. هو ويني ويني ڪونگهرا هڻڻ لڳندو هو ۽ اسان ان جي غنودگيءَ جو فائدو وٺي، هن جي فائيل ۾ چپ چاپ پنهنجي ڪا رچنا رکي ايندا هئاسين.

ادبي ڪلاسن ۾ هڪ خوبصورت جوان ڪهاڻيڪار ڪي ايس ٻالاڻي باقاعدي شريڪ ٿيندو هو. پيشي طور هو هڪ مسڪين ڊرائنگ ٽيچر هو پر سنڌي ڪهاڻيءَ جي فن ۾ هو پنهنجوُ مثال پاڻ هو. ڪم عمريءَ ۾ ئي هن اعليٰ معيار جون ڪهاڻيون سنڌي ساهت کي ڏنيون. هڪ ادبي ڪلاس ۾ هن پنهنجي ڪهاڻي "پريا ۽ ڪرانتي" پڙهي. ڪهاڻي ٻڌي اسينَ سڀ وڌي وياسين. مان وشواس سان چئي سگهان ٿو ته ان کان اڳ سنڌيءَ ۾ اهڙي معيار جي ڪهاڻي نه لکي ويئي هئي. هو بيحد شرميلو ۽ خاموش طبيعت وارو جوان هو پر سينيءَ جي زور ڀرڻ تي هن پنهنجي اها ڪهاڻي بمبئيءَ مان شايع ٿيندڙ هفتيوار هندواسيءَ جي ساليانِي ڪهاڻي چٽا ڀيٽيءَ لاءِ موڪلي ڏني. ان وقت جي وڏن وڏن ڪهاڻيڪارن جي مقابلي ۾ "پريا ۽ ڪرانتي" ڪهاڻيءَ پهريون انعام حاصل ڪيو. ايئن هن دهليءَ جي ادبي برادريءَ جو منهن مٺانهون ڪيو. ان کان پوءِ هن باقاعده ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. جيڪي هو محبوب طبيعت ڪري شايع ڪرائڻ بدران پاڻ وٽ سانديندو رهيو.

ٻالاڻيءَ جو هڪ پاڙيسري ڪجهه ڏينهن لاءِ شهر کان ٻاهر تي ويو. هن پنهنجو اسڪوٽر حفاظتي طور هن جي گهر جي پڌر ۾ رکي، چابي هن کي ڏيئي، کيس چئي ويو ته پلي اچ وڃ لاءِ استعمال ڪندو رهجانءِ. هڪ شام ٻالاڻي ان اسڪوٽر تي سوار ٿي دهلي رليوي اسٽيشن ڪنهن ڪم سانگي ويو. ڪم پورو ڪري موٽندي دهلي گيٽ ٻاهران هڪ تيز رفتار بس اسڪوٽر مٿان چڙهي ويئي. سامهون واري ارون اسپتال ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جو سهڻو تخليقڪار انيتاليهه ڪلاڪ موت سان جنگ جوٽيندو رهيو ۽ ٽئين ڏينهن هن جو لاش لڄپت نگر جي ان گهر ۾ آندو ويو جتي ڪڏهن ڪڏهن اسين ادبي ٻٺڪون ڪندا هئاسين. هو اجا ٽيهارو سالن جو مس هو ۽ اهڙي ڪم سنيءَ ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڏهاڳ ڏيئي ويو. هتي منتشر ٿيل هن جون ڪي ڪهاڻيون مليون، ڪي نه مليون. اڳتي هلي ڪجهه ڪهاڻيون مجموعي جي صورت ۾ شايع به ٿيون. پر اڪثر انهن جا پنا هيڏانهن هوڏانهن پکڙجي ويا. ٻالاڻيءَ سان منهنجو دلي لڳاءُ هو. هن منهنجي ٻال ساهتيه جي انعام مسودي "هڪڙو هئو راجا"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ٻارنهن خوبصورت رنگين تصويرون تيار ڪيون هيون، جيڪي مون اڃا تائين سانڍي رکيون آهن.

عيش پسند ۽ خرچيلي طبيعت ڪري مون کي گھر مان ملندڙ ماهوار پاڪيٽ مني پهرئين ئي هفتي ۾ پوري ٿي ويندي هئي ۽ باقي ٽي هفتا جوڪائيءَ ۾ گذرندا هئا. ماءُ کان ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن نه ڪنهن بهاني ڪجهه رقم ڇڏائيندو رهندو هوس، پر پيءُ کان گهرڻ ۾ خوف به ٿيندو هو ته حجاب به. سنگتين سان ته چئين آني واري جنتا ڪافي هائوس ۽ چندوءَ جي ڪاڪڙي ۾ شام گذاري ڇڏبي هئي، پر ڪنهن سنگتياڻيءَ کي ڪناٽ پليس جي گيلاردش ۽ نرولاز جهڙين آبرودار رٽارنٽس ۾ وٺي وڃڻو پوندو هو. محبوبائن کان بل ڀرائڻ به مرداني شان وٽان نه هو پر سهڻي سنگ ۾ گذاريل اها شام کيسي جا لاهه ڪڍي ڇڏيندي هئي ۽ هفتي جو حساب برابر ٿي ويندو هو. هتان هتان پٽ سٽ کان بيزار ٿي، احساس ٿيڻ لڳو ته هاڻي مالي طور ڪجهه پاڻ پيرو ٿيڻ ۾ ئي چڱائي آهي.

هڪ شام ڪافي هائوس ۾ ڪاليج جو هم ڪلاسي سليمان ملي ويو. ڪاليج ۾ يادگيرين سان گڏ حال احوال ڪندي ٻڌايائين ته هو تازو ئي شروع ٿيل روزاني انگريزي اخبار 'ايڪسپريس' جي ائڊورٽائيزنگ ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ مئنيجر جي عهدي تي آهي. چيومانس، "سليمان، مون کي به اتي ڪا ملازمت وٺي ڏي" چيائين، "مون وٽ بل ڪليڪٽر جي جاب آهي، قبول هجيئي ته سڀاڻي ئي موري گيٽ واري آفيس ۾ هليو اچ." سوچيم اڳيان بل لفظ ڪٽي ڪٽي ڇڏيندس ته ڪليڪٽر جو آهي. ريلوي جو ٽڪيٽ ڪليڪٽر به آهي ته ڪليڪٽر به ۽ ٻئي ڏينهن مان سليمان وٽ انڊين ايڪسپريس آفيس ۾ پهچي ويس. جنرل مئنيجر سان ڏهن پندرهن منٽن جي انٽرويو بعد مون کي انڊين ايڪسپريس اخبار جي اشتهاري کاتي ۾ بل ڪليڪٽر جي نوڪري ملي ويئي. پگهار پوڻا به سو رپيا ۽ پنج رپيا ڏهاڙي ٽرانسپورٽ الائونس (ڀاڙو ڀتو).

پراڻي دهليءَ جي لال عنوان علائقي ۾ بازار حسن جي گهٽين پويان، پنجن منٽن جي پنڌ تي همدرد دواخاني جو وسيع احاطو هو. ان جي سامهون بليماران جي موڙ وٽ مشهور 'خانداني شفاخانه' هو. جنهن جو مالڪ لاهوري حڪيم هرڪشن لال ٻي. اي هو. هن پنهنجي دهشتناڪ چهري تي وڏين وڏين ڳانگٽي مڇن ۽ ڊگهي ٽُري واري پناٽڪي پٽڪي سان، پنهنجي ڊگهي ڪوٽ تي پندرهن ويهه ٻلا (ميڊل) لڳائي، پنهنجا آدم قدم فوٽ ڪڍائي، سڄي دهلي شهر جي هر چونڪ، چوراهي، سينيما گهرن جي پٺين تي لڳائي ڇڏيا هئا. سڄي شهر ۾ هن جا ماڻهو اشتهار پڙ ورهائيندا هئا. جن ۾ هو هر مرداني پوشيده مرض جي علاج جو ماهر هئڻ جي دعوي ڪندو هو. ان ڏنڌي مان هو لکين رپيا ڪمائيندو هو. پنهنجي پٽيل نگر واري وسيع ڪوٺيءَ جي ڇت مٿان هن پنهنجي پٽڪي ۽ مڇن واري آدم قدم هورڊن لڳائي رکي هئي، جيڪا هر ڪنهن کي هوائي جهاز



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هيٺ لهندي به نظر ايندي رهندي هئي. سينيما گهرن ۾ انٽرول ۾ هن جون اشتهاري فلمون هلنديون هيون. جن ۾ حڪيم هرڪشن لال آمريڪا، يورپ ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن ملڪن مان سندس نالي آيل ڊالرن ۽ پائونڊن جا چيڪ ۽ ڊرافٽ ڳڻيندو نظر ايندو هو ۽ سهاڳ رات جي بستري تي ڪاوڙيل ڪنوار همبستريءَ بعد چمڪندڙ چهري سان کلندي نظر ايندي هئي. دهليءَ جي هر اخبار ۽ رسالي جي پوئين پيج تي خانداني شفاخاني جو اڌ صفحو اشتهار شايع ٿيل هوندو هو جن جي ٽن حصن تي حڪيم صاحب جي وڏين مڇين واري تصوير چيڪيل هوندي هئي ۽ باقي حصي ۾ انهن ڳجهين مردانين بيمارين جا نالا هوندا هئا، جن مان حڪيم صاحب هزارين مردن کي شفاياب ڪري چڪو هو. هن کي بهرحال بل اوڳاڙيندڙن کان سخت نفرت هوندي هئي. هڪ ڀيپهريءَ جو مان انڊين ايڪسپريس اخبار جي سندس اشتهارن جو ٻن هزارن جو بل کڻي خانداني شفاخاني پهچي ويس. حڪيم هرڪشن لال ڊگهيءَ ڪرسيءَ تي ڪوٽ تي ٻلا لٽڪائي ويٺو هو ۽ مون کي ويهڻ لاءِ چيائين. مون ڏانهن چتائي نهاريندي، هن پردو لڳل پاسي واري ڪمري مان پنهنجي ٽيڏي ڪمپائونڊر کي سڏ ڪيو. ڪمپائونڊر مون کي اندر ڪمري ۾ وٺي ويو. بلن وارو بريف ڪيس کڻي اندر ويس ڪمري ۾ پهچي، پردو سرڪائيندي ڪمپائونڊر مون کي چيو

"پئنٽ لاهه."

"پئنٽ ڇو لاهيان؟"

"چڪاس ڪرڻي آهي."

"ڇا جي چڪاس؟" مون واڪو ڪري چيو.

واڪو ٻڌي حڪيم صاحب اندر گهڙي آيو. چيائين، "هڪ ته هن عمر ۾ اهڙا غلط ڪم ٿا ڪريو. وري چڪاس به نٿا ڪرايو. بيٽا، پئنٽ لاهه ورنه علاج ڪيئن ڪندس؟"

"ڇا جو علاج؟"

"ته باقي آيو ڇا لاءِ آهين؟"

ڪاوڙ ۾ پردو هٽائي ٻاهر اچي اشتهارن جا بل حڪيم صاحب جي ميز تي رکي، مان خانداني شفاخاني کان ٻاهر نڪري آيس.

ٻئي ڏينهن مون بل ڪليڪٽر جي نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏياري موڪلي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چئيهون پنو

يونيورسٽيءَ جي قاعدن موجب ڪلاسن ۾ پنجهتر سيڪڙو حاضري نہ هئڻ ڪري، دهلي يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار مون کي بي ڪام جي فائينل امتحان ۾ وهڻ کان هفتو اڳ تحرير منع نامو موڪلي ڏنو. مون سڄو مهينو محنت سان امتحان جي مڪمل تياري ڪئي هئي. سخت مايوسيءَ واريءَ حالت ۾ مون پرنسپال بيگ صاحب جي گهر ويجي، هن کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، "ڪلاس گسائڻ جو ڪارڻ منهنجي آواره گردي نہ، پر ڪاليج جي مخزن جي ايڊيٽريءَ کي وقت ڏيڻ هو." بيگ صاحب ڪنهن حد تائين منهنجن دليلن کان متاثر تہ ٿيو پر هن وٽ يونيورسٽيءَ جي قانونن جي انحرافيءَ جي اختياري نہ هئي. هن مون کي، بهرحال، اهڙو يقين اوس ڏياريو تہ هو "يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار کي زوردار سفارش ڪندو تہ مون کي امتحان ۾ ويهڻ جي اجازت ڏئي. خاص ڪري ان حالت ۾ منهنجي ڪلاسن جي حاضري رڳو ٻہ سيڪڙو ئي گهٽ آهي. پر ڪاميابيءَ جي گهٽي اميد نہ رکجانءِ!" پڻ بنيادي سڪ درسي Optimist هئڻ ڪري مون اڃا بہ اميد نہ لاٿي. ٻہ مون کي پڪ هئي تہ منهنجي محنت سجائي ٿيندي.

پراڻيءَ دهليءَ جي گلي قاسم جان مان، پرنسپال بيگ صاحب جي گهران نڪري، مون جامع مسجد جي سامهون اردو بازار جو رخ ڪيو ۽ مڪتبہ جامعہ ويجي نوان آيل ڪتاب ڏسڻ جو سوچيم. بيگ صاحب جي حويلي نما گهر کان پنج ڇهہ گهر ڇڏي ڪوئلن جو ٽال ۽ ڪاٺين جي مڏي هئي، هيءَ اها جاءِ هئي جتي مرزا غالب پنهنجي زندگيءَ جا پويان ويهہ سال گذاريا. هاڻي ان جاءِ تي لاهور کان آيل هڪ پنجابيءَ مال غنيمت سمجهي زوريءَ قبضو ڪري، ڪاٺين ۽ ڪوئلن جي مڏي کولي هئي. غالب جي گهر ٻاهران بيٺي بيٺي مون کي لڳي رهيو هو، مون مرزا نوشا کي سڏ ڏنو آهي ۽ هن جي ٻاتي ملازمہ 'وفادار' مون کي ٻاهر اچي چئي رهي آهي:

"ملجا چاب گهل پل نئہ هئہ، مهلولي دئي هين."

(مرزا صاحب گهر پر نهين هئن. مهرولي گئي هئين.)

هن وقت غالب جي ان گهر کي دهلي سرڪار سينگاري، هڪ سمارڪ ڪري ڇڏيو آهي، پر اڄ بہ اهو احساس ٿيندو آهي تہ اڃهو مرزا جي ٻاتي ملازمہ وفادار 'تون هئہ تون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئ؟' (ڪون هئ. ڪون هئ) چوندي گهر جو دروازو اچي کوليندي آهي ۽ مرزا جو ملازم ڪلو (ڪلن ميان) منڊڪائيندو مهمان لاءِ حقو تيار ڪري ايندو آهي.

غالب جي زال امراءُ بيگم جڏهن گلي قاسم جان جو هيءُ مسواڙي گهر ڏسي آئي ته مرزا پڇيس:

"بيگم، مڪان پسند آئيه؟"

"ها، مڪان ته سٺو آهي، پر ان ۾ هلي رهڻو ناهي."

"چو امراءُ؟ سٺو مڪان آهي ته پوءِ رهڻو چو ناهي؟"

"چون ٿا ته ان مڪان ۾ ڀوتن جو واسو آهي."

"اڙي بيگم، سالن کان هيڏي وڏي ڀوت سان رهيو پيو آهيان ته باقي ڪنهن غيبي ڀوت سان نه رهي سگهندس. سياڻي ٿي سوڻي ڏيئي مڪان پڪو ڪري ٿو اچان."

غالب کي ڄاڻ نه هئي ته سوَ سالن کان پوءِ سچ پچ ڪو ڀوت نما شخص، هن گهر تي اچي قبضو ڪندو ۽ هڪ جمهوري حڪومت کي اهو قبضو ڇڏائڻ لاءِ ڏهه سال عدالتن ۾ مقدمو وڙهڻو پوندو. بهرحال، مان بيٺو بيٺو ڪوئلن جي دلاليءَ مان پنهنجا هٿ به ڪارا ۽ منهن به ڪارو ڪندڙ ٻاهر دڪي تي ويٺل ان شخص کي ڏسي رهيو هوس، جنهن کي ڄاڻ نه هئي ته هو ڪهڙي وڏي شاعر جي حويليءَ ۾ حددخلي ڪري، اتي ڪوئلن جو ڪاروبار ڪري رهيو آهي. ٻاهر نه ڪا ٻاتي وفادار آئي ۽ نه منڊڪ منڊڪ ڪندڙ ڪو ڪلن ميان آيو.

منهنجي ٽوريءَ لاپرواهيءَ ڪري، منهنجي سڄي سال جي محنت رائگان ٿي رهي هئي. گرئجويشن جو آخري سال اجايو وڃي رهيو هئم. منهنجو سڄو مستقبل متاثر ٿي رهيو هو. گرئجويشن کان سواءِ ته مون کي ڪٿي ڪا ڪلارڪي به نه ملندي ۽ ٻي ڪا نوڪري منهنجيءَ طبيعت ۾ ئي نه هئي. سست قدمن سان گلي قاسم جان کان ٻاهر اچي، ڪريم جي نعمت ڪدي ٻاهران رکيل بينچ تي ٻي جان جسم سان ويهي رهيس ۽ پنڻ لالي جي ٻاڪڙي تان پست جي ڏوڏي پيل ڪڙڪ چانهه جو گلاس وٺي، ڊڪ ڊڪ ڪري پيئڻ لڳس. ماڻتن کي ٻڌائڻ کان خوف ٿي رهيو هو ۽ سدا رنگاٽيءَ وٽ وڃڻ جي همٿ نه پئي ٿي. 'ڪريم ڪا نعمت ڪده' جو مالڪ افضل پشاوري منهنجو ٽورو گهڻو واقف هو. منهنجو شاعر دوست نريش ڪمار شاد مون کي افضل جي ان نعمت ڪدي (هوٽل) ۾ ٻه چار ڀيرا وٺي آيو هو. افضل پشاوريءَ کي ست زالون ۽ ڇٽيهه ٻار هئا، جيڪي هن جي 'نعمت ڪندي' مٿان تعمير ٿيل پنجن ڇهن ڪمرن واري گهر ۾ گڏ رهندا هئا. افضل جو چوڻ هو ته، "هن جون ست ئي زالون، جن مان ننڍيون به هن جي پهرين پنجن زالن جي پٽن ۽ ڌيئن کان به ننڍيون هيون، پاڻ ۾ سڳين ڀينرن وانگر سلوڪت ۽ مٺ محبت سان رهنديون هيون. هر زال سان هن جو وارو ۽ وقت ٻڌل هوندو هو." ۽ افضل جو پنهنجو وقت وري همدرد دواخاني جي حڪيم جناب ڪوثر چاند پوريءَ سان ٻڌل هوندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. ڪوثر صاحب اردوءَ جو مشهور افسانہ نگار هو ۽ افضل پشاوري شاعر هو. ٻيئي 'بيسوين صدي'، 'شمع' ۽ 'روبي' رسالن ۾ گڏگڏ ڇپجندا هئا. افضل بيحد خوش مزاج شخص هو. هڪ ڀيري ٺهڪ ڏيندي اسان کي ٻڌائڻ لڳو تہ "منهنجن ٻارن جي اسڪول ۾ هڪ ڏينهن انسپيڪٽر جڏهن معائنو ڪرڻ آيو تہ شاگردن جو رجسٽر ڏسندي پرنسپال کي چيائين، هي ڪهڙو عجيب اسڪول آهي، جنهن ۾ اسڪول جي هر ٽئين ٻار جي پيءُ جو نالو افضل پشاوري آهي؟"

افضل مون کي ٻاهر بينچ تي اڪيلو ويٺل ڏسي واٽڙو تي ويو ۽ هٿ کان جهلي مون کي پنهنجي نعمت ڪدي ۾ وٺي آيو. هن اتي پنهنجي لاءِ هڪ خاص ڪارنر مخصوص ڪري رکي هئي، جتي صوفن تي ويهي، هو پنهنجن ڪن خاص دوستن کي پنهنجا شعر بہ ٻڌائيندو هو ۽ نعمت ڪدي جي لذيذ برياني پڻ کارائيندو هو. مان جيتوڻيڪ هن جي خاص دوستن مان نہ هوس، پوءِ بہ مون کي ملول ڏسي، هن مون کي ان ڪارنر ۾ اچي ويهاريو ۽ ڪيسي مان هڪ پنو ڪڍي، پنهنجو نئون نظم ٻڌائڻ شروع ڪيو. ٿورو گهڻو داد حاصل ڪري، هن مون کان احوال ورتو. مون ٿورن لفظن ۾ هن کي ٻڌايو تہ مان ڪهڙي ڪم لاءِ بيگ صاحب سان هن جي گهر ملڻ آيو هوس.
افضل چيو تہ "بيگ صاحب مون کي سخت ناپسند ڪندو آهي، ان ڪري جي مون هن کي ڪجهہ چيو تہ ٿيڻو ڪم بہ ڊهي پوندو. باقي اختر الايمان (اردوءَ جو مشهور شاعر) منهنجو دوست آهي ۽ بيگ صاحب هن جي ڪا بہ ڳالهہ نہ ٽاريندو آهي. اچ ٿي مان اختر سان ڳالهہ ڪندس." بيحد اداسيءَ واريءَ حالت ۾ بہ مون افضل کي کلندي چيو "بيگ صاحب ان ڪري تہ تو کي ناپسند نہ ڪندو آهي، جو تو کي ست جوڀون آهن ۽ هو پاڻ اڃا ڪنوارو آهي." افضل وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ ويٽر کي سڏي اسپيشل بريانيءَ جو آرڊر ڏنو. افضل کان موڪلائي مان مڪتبہ جامعہ جي ڪتب خاني تي آيس.

تن ڏينهن هندستان ۾ ترقي پسند تحريڪ زور تي هئي ۽ اردو شاعريءَ ۾ تہ ان جو بول بالا هو. ڪجهہ ڏينهن اڳ مشهور ترقي پسند شاعر سردار جعفريءَ جي نظمن جو نئون مجموعو 'پيراهن شرر' مارڪيٽ ۾ آيو هو. ان کان اڳ سردار جي شاعريءَ جا مجموعا، 'پٿرون ڪي ديوارين'، 'نئي دنيا ڪو سلام' ۽ 'ايشيا جاگ اٺا' بيحد مقبول ٿي چڪا هئا. دهلي ڪاليج جي مشاعرن ۾ جڏهن سردار جعفري پنهنجو نظم، 'پٿرون ڪي ديوارين' ۽ 'ميرا سفر' جهڙا نظم پڙهندو هو تہ ٻڌندڙن جون دليون ڌڙڪڻ لڳنديون هيون ۽ سندن رت جو دورو تيز ٿي ويندو هو. هن کي پنهنجا سڀ نظم برزبان ياد هوندا هئا. اسٽيج تي شعر پڙهڻ وقت هو هڪ هٿ سان مائيڪ جهليندو هو ۽ ٻئي هٿ سان منهن تي ڪرنڊڙ وڏا وار مٿي ڪندو رهندو هو. ڪاليج جون ڇوڪريون هن تان گهور گهور وينديون هيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي هلي علي سردار جعفريءَ سان منهنجي تمام سٺي ڄاڻ سڃاڻ ٿي ويئي. هو جڏهن بہ دهليءَ ايندو هو تہ مون سان ڪيئن بہ وقت ڪڍي ملندو هو. اقبال شتابدي Centenery جي موقعي تي، پارٽي حڪومت طرفان انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل ۽ هن جي ايڊٽ ڪيل يادگار پرچي لاءِ سردار مون کان بہ هڪ مضمون 'اقبال ائنڊ عزيز' (سنڌي شاعر ليکراج عزيز) لکارايو هو. هو ڪٽر ڪميونسٽ هو پر گڏوگڏ ڪٽر شيعو پڻ هو. هونءَ هن جي هر شام مئہ نوشيءَ ۾ گذرندي هئي پر محرم وارا ڏهہ ڏينهن هو شراب کي ڇهندو بہ نہ هو ۽ ڏهہ ئي ڏينهن ماتمين وارا ڪارا ڪپڙا پائيندو هو. انهن ڏهن ڏينهن ۾ هن جي بيگم سلطانہ هن جو خاص خيال رکندي هئي ۽ هن کي گهر کان ٻاهر نڪرڻ نہ ڏيندي هئي. هن پنهنجي هڪ طويل نظم 'ميرا سفر' جو اختتام هن سٽ سان ڪيو آهي،

"هر عاشق هئہ سردار يهان، هر معشوقہ سلطانہ هئہ."

سردار جعفري جڏهن پهريون ڀيرو پاڪستان ويو تہ هڪ هلڪڙي قسم جي شخص هن کان پڇيو، "توهان پاڪستان هجرت ڇو نٿا ڪريو اچو؟" سردار پنهنجي منفرد مرڪ سان هن کي جواب ڏنو "ڏس ڀائي مان اتر پرديش جي گونده ضلعي جو رهندڙ آهيان، ان ڪري مون کي مانيءَ تي روز ماڻهہ جي دال ضرور گهرجي ۽ گونده جهڙي لذيذ ماڻهہ جي دال پاڪستان ۾ پئدا نہ ٿيندي آهي."

سردار جعفريءَ جي شاعريءَ جو نئون مجموعو 'پيراهن شرر'، خريد ڪري مان جامع مسجد جي ڏاڪن تي اچي ويٺس. مارچ جو جهڙالو ڏينهن هو. سامهون سرمد شهيد جي مزار هئي. مون 'پيراهنِ شرر' جو پهريون نظم پڙهڻ شروع ڪيو:

ڪڙا هئہ ڪون يہ پيراهن شرر پهني؟
بدن هئہ چور تو ماٿي سي خون جاري هئہ
يہ ڪون ديرانا هئہ جو ليتا هئہ سچ ڪا نام اب تڪ
فريب و مڪر ڪو ڪرتا نهين سلام ابتڪ.

يقين ۽ گمان جي لهرن ۾ لڙهندي، مان پنڌ ئي پنڌ روز ڪاليج ايندو رهيس، ان اميد سان تہ شايد ڪنهن ڏينهن بيگ صاحب جي سفارش تي رجسترار وٽان امتحان ۾ ويهڻ جو اجازت نامو اچي وڃي. بيگ صاحب کي ڄاڻ هئي تہ مان هڪ هوشيار شاگرد آهيان، ڪاليج جي مخزن جو قابل ايڊيٽر آهيان. مون ۽ هيمر ناگواڻيءَ گڏجي، ڏينهن رات جي محنت سان، دهلي ڪاليج جي لائبريريءَ جو سنڌي سيڪشن ترتيب ڏنو جنهن ۾ اسان هند سنڌ جا ٽي هزار کن ڪتاب گڏ ڪيا، انهن جون ترتيبوار فهرستون تيار ڪيون. ڪاليج جي ڪيترين ادبي ۽ ثقافتي ڪار گذارين جون ڪامياب رٿائون جوڙيون، ۽ انهن ۾ چست ڀرو ورتو آهي. پر سڀ کان وڏيڪ مان پنهنجي ملڪ مان جلاوطن ٿي آيو آهيان ۽ مون کي هن نئين ملڪ ۾ پنهنجا پير کوڙڻا آهن. يونيورسٽي اختياريءَ وٽ بيگ صاحب جي ناموس ۽ مان مرتبو مثالي هو. يقينن هو هن جو چوڻ نہ موٽائيندا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نراس ڪان وڏيڪ آس جي اجالي ۾ مان روز ڪاليج جي لائبريريءَ ۾ اچي ويهندو هوس. لائبريرين مسٽر انصاريءَ سان منهنجا بيحد خوشگوار تعلقات هئا ۽ هو مون کي لائبريريءَ ۾ آيل هر نئون ڪتاب ڏيکاريندو هو. تن ڏينهن اڃا هندستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ٽپال ۽ ڪتابن وغيره جي اچ وڃ جو سلسلو جاري هو ان ڪري پاڪستاني رسالا پڻ باقاعدي دهلي ڪاليج جي لائبريريءَ ۾ ايندا رهندا هئا.

امتحان شروع ٿيڻ ۾ باقي پنج ڏينهن وڃي رهيا هئا. مان روز ڪاليج جي لائبريريءَ ۾ ويٺو اردو شاعريءَ جا مجموعا ۽ ترقي پسند تحريڪ جا ترجمان رسالا شاهراهه، شاعر، فنڪار، افڪار، ادب لطيف ۽ بيسوين صدي وغيره پڙهندو رهندو هوس. هڪ ڏينهن لائبريرين انصاري صاحب مون کي لاهور مان شايع ٿيل ضخيم پرچي نقوش جو غزل نمبر ڏنو. وڏي سائيز جي پنج ڇهه سو صفحن تي ڦهليل، ان غزل نمبر ۾ ٻه اڍائي سو شاعرن جي بهترين غزلن جي چونڊ هئي، جيڪا نقوش جي ايڊيٽر محمد طفيل جي قابليت جو نادر نمونو هئي. ولي دکنيءَ کان سلام مڇلي شهريءَ تائين. هندو پاڪ جا سڀ معتبر غزل گو شاعر ان ۾ شامل هئا. جيتوڻيڪ نقوش جي ان نمبر ۾ نوح ناروي جهڙن بزرگ شاعرن جا هي شعر پڻ درج ٿيل هئا:

ناري سي چلي نوح تو آري پنهنچي
آري سي چلي نوح تو ناري پنهنچي

اردو غزل جو اهو به هڪ رنگ روپ آهي.

حقيقت ۾ غزل جي صحيح رنگ ۽ صنف ۾ اردوءَ جو پهريون غزل ڪبير جو ٺهيل آهي.

”همن هئه عشق مستاني، همن کو هوشياري ڪيا.“

پر ’ائنتالاجيون‘ ترتيب ڏيندڙ اردوءَ غزل جي شروعات ’ولي دکني‘ يا ’قلي قطب شاهه‘ سان ڪندا آهن. بهرحال، مان لائبريريءَ ۾ صبح شام، نقوش ۾ شايع ٿيل غزل پڙهندو رهيس. مون کان وسري ويو ته امتحان نالي به ڪا بلا ٿيندي آهي.

ڪيترا سال پوءِ نومبر 1980ع ۾ مان جڏهن لاهور ۾ طفيل صاحب جي گهر هن جو مهمان هوس ته ان وقت هو ’مير تقي مير‘ تي نقوش جو نمبر شايع ڪري رهيو هو. اداريو لکندي لکندي مون کان اوچتو پڇيائين:

”مير جو ڪو جاذب شعر ٻڌاءِ؟“ منهنجي وات مان نڪري ويو هو:

”ابتدا ۾ هي مرگئي سب يار
عشق کي کون انتها لايا؟“

۽ طفيل صاحب مرڪي مون ڏانهن نهاريو هو.

مير تقي مير تمام وڏو شاعر آهي، جنهن نوي سال شاعري ڪئي، پر ڪٿي ڪٿي هن جي شاعري سطحي ۽ غير معياري به آهي، ”اسي عطار کي لونڊي سي دوا ليتي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئن“ يا ”نہ ڇيڙ نہ ڇيڙ ميري پنڊليون ڪو“ جهڙي شاعري بہ هن ڪئي آهي. مون کي لکنوءَ ۾ اهو ڏسي افسوس ٿيندو آهي تہ ايتري وڏي شاعر جي مزار مٿان اڄ لکنوءَ جي ريلوي اسٽيشن جا پليٽفارم آهن ۽ هر روز هزارين ماڻهو ان کي لتاڙي رهيا آهن.

محمد طفيل مرداني حسن جو مثالي نمونو هو. هن جي مرڪ اجا بہ وڏيڪ دلڪش هئي. هو شڪل صورت، رنگ روپ، قدبت ۽ ارڪانن ۾ هوبهو اسان جي نر سنڌي شاعر ليکراج عزيز جيان لڳندو هو ۽ مان عجب کائيندو هوس تہ ساڳيءَ عمر جا بہ شخص ايتريءَ حد تائين هم شڪل ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ اڄ ٻيئي هن دنيا ۾ ناهن. پر مٿي موت جا فرشتا ٻنهي کي جاڙا ڀائر سمجهندا هوندا.

عزيز جي برعڪس طفيل صاحب سخت مذهبي ماڻهو هو ۽ ’ٻہ قومن واري نظريي‘ Two Nation Theory جو پڪو حمايتي هو. هو ان وقت جي فوجي ڊڪٽيٽر ضياالحق جو پڻ وڏو حامي هو. مون کي ٻڌايائين، ”لاهور ۾ جڏهن هڪ مسجد جي تعمير جي پيڙهہ جو پٿر پئجي رهيو هو تہ ضياءَ صاحب ان پٿر مٿان منهنجي رسالي نقوش جو هڪ پرچو رکيو ۽ اهو ڏسي منهنجيون اکيون پرجي آيون. مان ضياءُ الحق صاحب کي ان وقت کان اسلام جو وڏو مبلغ ۽ هڪ عظيم انسان ڪري مڃيندو آهيان.“

بهرحال، آمر ضياءُ الحق اسلام جو ڪيترو وڏو مبلغ هو يا نہ؟ اها ڄاڻ ناهي، باقي هو ڪيڏو عظيم شخص هو. اهو مون هن سال فيبروري چوراسيءَ ۾ اجمير شريف ۾ ٿيل ملاقات وقت ئي ڄاتي ورتو هو. ضياءُ صاحب سان ٿيل ان گڏجاڻيءَ جو دلچسپ احوال اڳتي هلي لکندس. پنجن دريائن جو پاٽي پيتل ماڻهو ايترو سخت گير ڇو ٿيندا آهن، مون کي اجا تائين سمجهہ ۾ نہ آيو آهي.

پاڪستان جي سابق وزيراعظم ميان نواز شريف پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو آهي، ”مون مٿان هلايل مقدمي جو فيصلو ڪندڙ جج جيئن تہ هڪ سنڌي هو، ان ڪري هن مون کي رڳو عمر قيد جي سزا ڏني، جنهن جي نتيجي طور مان اڄا جيئرو آهيان. پر ان جي جڳهہ تي جي ڪو پنجابي جج هجي ها تہ مون کي يقينن ڦاسيءَ جي سزا ڏئي ها.“

لائبريريءَ ۾ وينو مان نقوش ۾ شايع ٿيل غزلن جا چونڊ شعر نوٽبڪ ۾ لکندو رهندو هوس ۽ زبان جو چشڪو وٺڻ لاءِ مير، نظير اڪبر آبادي، استاد داغ دهلوي ۽ شاد عارفيءَ جي شاعري ورائي ورائي پڙهندو هوس. داغ جو شعر آهي:

هوش و حواس تاب و توان داغ جا چڪي،
اب هم ڀي جاني والي هئن سامان تو گيا.

ان وقت منهنجي من جي حالت جي ترجماني ڪري رهيو هو. استاد داغ جي شاگرد بيخود دهلويءَ سان اڳتي هلي منهنجيون ڪيترئين ئي ڪچهريون ٿيون ۽ مان نارايڻ شيام کي پڻ ڪڏهن ڪڏهن هن جي ترڪمان گيٽ واريءَ بيٺڪ تي وٺي ويندو هوس. هو ان وقت لڳ ڀڳ ستانوي اٺانوي سالن جو هوندو ۽ ويچارو اکين کان وينل هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍپڻ ۾ هن جو غالب وٽ بہ اچڻ وڃڻ هو ۽ هن جي چوڻ موجب هن ڪيترا پيرا پنهنجي استاد داغ جي چوڻ تي غالب جي حقي جون ٽوپيون پڻ سايون ڪيون.

امتحان شروع ٿيڻ واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ پرنسپال بيگ صاحب جو خاص پٽيوالو ڪيت. جنهن کي سڀ ڪيتو ڪري سڏيندا هئا. مون کي ڳولهيندو لائبريريءَ ۾ اچي پهتو. مون کي اتي نہ ڏسي، ڪاليج جي ڪئنٽين ۾ ڳولهڻ آيو جتي مان سچو مهينو اوڌر تي کائيندو پيئندو هوس. ڪيتوءَ سهڪندي سهڪندي ڪئنٽين ۾ پهچي، مون کي اچي چيو "جلدي هل، بيگ صاحب تہ کي تڪڙو گهرايو آهي ۽ چيو اٿائين تہ جي ڪاليج ۾ نہ مليئي تہ گهران وڃي وٺي اچينس." مان ڪاڏي جي پليٽ پري ڪري جلدي بيگ صاحب جي آفيس ۾ آيس. ڪيتو ٻڪندو پهرين ئي وڃي اتي پهتو هو.

ڪيتو ٿر جي شهر مٺيءَ جو رهاڪو هو. هو ڪراچيءَ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ پٽيوالو هو. هتي دهلي ڪاليج ۾ سدا رنگاڻيءَ جي سفارش تي بيگ صاحب هن کي نہ رڳو ڪاليج ۾ نوڪري ڏني، پر پنهنجو ذاتي خدمتگار ڪري رکيو. هو بيگ صاحب جو چڱ وڏيو مريد هو ۽ هن وٽ ايندڙ هر ملاقاتيءَ کي چڱيءَ ريت سڃاڻيندو هو ۽ سندس روز مره جي ڪار گذاريءَ، عادتن ۽ ضرورتن جو خيال رکندو هو. بيگ صاحب کهڙي وقت چانهہ پيئندو، کهڙي وقت ماني کائيندو ۽ چا چا کائيندو.

کهڙي وقت هن کي بلڊ پريشر جون گوريون ڏيڻيون آهن ۽ کهڙي وقت وٽامن جا ڪئپسول ڏيڻا آهن. ڪيتوءَ وٽ سڄو ٽائيم ٽيبل هو. ايتري قدر جو اڄ بيگ صاحب کي کهڙا فائيل ۽ ڪاغذ گهر کڻي وڃڻا آهن، اهي بہ هن جي بريف ڪيس ۾ وجهي رکندو هو. ان کان سواءِ هن کي ڪاليج جي هر سنڌي شاگرد شاگرديائيءَ جي حسب نسب جي ڄاڻ هئي. ڪير ڪٿي رهندو آهي؟ ڪنهن جي ڪنهن سان دوستي آهي؟ ڪنهن جو ڪنهن سان معاشقو هلي رهيو آهي، هو سڄي خبر رکندو هو. هن کي سوين ٿري لوڪ گيت ياد هئا. هزارين ڳجهارتون ۽ پروليون ياد هيون، جيڪي اسين سنڌي شاگرد ۽ شاگرديائيون ڪلاسن کان پوءِ هن کي پنهنجي وچ ۾ ويهاري ٻڌندا هئاسين. ڪاليج جون ڇوڪريون ڪيتوءَ کي پنهنجي گرلس ڪامن روم ۾، جتي ڪنهن بہ شاگرد، بلڪ پروفيسرن کي بہ وڃڻ جي اجازت نہ هئي، ڪيتو آزاديءَ سان چانهہ جون ڪيتليون کڻي اتي ايندو ويندو هو. هو ايترو تہ دلچسپ ڪئريڪٽر هو جو هن بابت تفصيل سان لکڻ ويهان تہ الائي ڪيترا صفحا پرجي وڃن.

ڌڙڪندڙ دل سان بيگ صاحب جي ڪمري ۾ گهڙي مون چوڌاري نهاريو. ڊاڪٽر سدا رنگاڻي، ڊاڪٽر فاروقي، ڪاليج جو برسر ڊاڪٽر موسوي، اختر الايمان ۽ هندي ٻوليءَ جو مشهور ليکڪ ڀشم ساهني (فلم اداڪار بلراج ساهنيءَ جو ننڍو ڀاءُ) جيڪو اسان جو انگريزيءَ جو پروفيسر هو. بيگ صاحب جي وسيع ڪمري ۾ هن جي سامهون ڪرسين تي ويٺا هئا. مون کي در تي بيٺل ڏسي بيگ صاحب سريلي آواز ۾ چيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”آ جائو آ جائو.“ ۽ مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيئي. ڪيتوءَ کي چانهه جو بيو ڪوپ آڻڻ لاءِ چيائين. مان ساهه روڪي ڪجهه ٻڌڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. بيگ صاحب ميز جي خاني مان يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار وٽان آيل لفافو ڪڍيو ۽ مون کي ڏيندي چيائين، ”وٺ تنهنجو امتحان ۾ ويهڻ جو اجازتنامو اچ ئي آيو آهي. سپاٽي کان وٺي تنهنجا امتحان شروع آهن. هڪدم يونيورسٽيءَ وڃي امتحان جي داخلا جو ڪارڊ وٺي اچ ۽ جيتري تياري ڪري سگهين ڪر. مون کي خبر آهي ته تون هڪ هوشيار ۽ قابل شاگرد آهين. هڪ به پيرو نظرثانيءَ سان ئي گرئجويشن جي ڊگري حاصل ڪري سگهندين. مون کي اها به ڄاڻ آهي ته تون ڪاليج ۾ ڇوڪرين مٿان سنگترن جا ڇلڪا اڇليندو آهين، پر تنهنجيءَ قابليت ڪري مون تنهنجيءَ هر حرڪت تي چشم پوشي پئي ڪئي آهي.“

بيگ صاحب جو اپديش ٻڌي مون کان وڌيڪ ڊاڪٽر سدارنگاڻي شرم کان ڳاڙهو ٿيندو پئي ويو. اختر الايمان ۽ يشم ساهني زير لب مرڪندا رهيا. يونيورسٽيءَ وڃي امتحان جي داخلا جو ڪارڊ وٺي، مان ڪناٽ پليس جي پلازا سينيما ۾ مارلن مانرو جي فلم Seven year itch (ستن سالن واري خارش) ڏسڻ هليو ويس.

اڳتي هلي مون مارلن مانرو جي زندگيءَ بابت تمام گهڻي ڄاڻ حاصل ڪئي. هن جو اصلي نالو نارما جين Norma Jeen هو. هن ڇٽيهن سالن جي عمر ۾ سال 1962ع ۾ ننڊ جي گورين جي سڄي شيشي ڦڪي خودڪشي ڪئي. پنهنجيءَ ماءُ جي پاڳل خاني ۾ پرتي ٿيڻ بعد، هوءَ تيرهن سالن جي عمر تائين يتيم خانن ۾ پلجندي رهي ۽ ٻن سڪل ڊبل روٽين کي پاٽيءَ ۾ پسائي ويلا ٽاريندي رهي. سورهن سالن جي عمر ۾ هن پنجاهه ڊالرن جي معاوضي تي ڪئلينڊرن لاءِ عريان تصويرون ڪڍايون، پر جڏهن هن کي آڇ ڪئي ويئي ته فلاڻو بيمار مليه نيئر Millionëer (جنهن لاءِ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته ڇهن مهينن کان وڌيڪ نه جيئندو) تو سان شادي ڪرڻ ٿو چاهي ۽ وصيت ۾ به ملين ڊالر تنهنجي نالي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، ته نارما جين (مارلن مانرو) ان کان انڪار ڪري ڇڏيو.

خودڪشيءَ کان ڪجهه وقت اڳ هن پنهنجيءَ اعتماد جوڳيءَ ساهيڙيءَ کي چيو هو: ”مون زندگيءَ ۾ پنجاهه کن مردن سان همبستري ڪئي آهي، پر ڪنهن به مرد مون کي جنسي تڪميل libid تائين نه پهچايو آهي.“ مون جڏهن هن جي اٽ ۾ ڇڏيل آتم ڪٿا My Story ’منهنجي ڪهاڻي‘ پڙهي هئي ته مان ڪيترين راتيون ننڊ نه ڪري سگهيو هوس.

سئنيما هال کان ٻاهر اچي مون گذريل سڄي هفتي جي ذهني ڇڪتاڻ کان فراغت ۽ آسائش محسوس ڪئي ۽ پنواڙيءَ جي مانڊڻيءَ تان زندگيءَ جو پهريون سگريٽ وٺي پيتو. ويهن سالن جي عمر ۾ ڪيل پنهنجيءَ ان غلطيءَ جي سزا اڄ تائين ڀوڳي رهيو آهيان. پنجاهه سالن کان هڪ علتي چيڪو Smoker هئڻ ڪري، مون پنهنجيءَ صحت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ستيا ناس ڪري ڇڏيو آهي. ڦڦڙن مٿان ڊونهين جا تهہ ڄمي ويا آهن، جيڪي هينئر ڪاريءَ سليٽ جيان سخت ٿي چڪا آهن.

ان رات مون ٻئي صبح جو شروع ٿيندڙ بي. ڪام فائينل (آنرس) جي امتحان لاءِ ڪا بہ تياري نہ ڪئي. منهنجو من ايڪانامڪس، ڪامرس، فنانس، ٽريڊ ۽ مرڪنٽائيل لا جهڙن خشڪ موضوعن طرف مائل ئي نہ هو پر پنهنجي پيءُ جي صلاح تي مون ڪاليج ۾ اهي موضوع ان ڪري کنيا هئا، جو هن نئين صنعتي واڌاري ڪندڙ ملڪ ۾ انهن جي ڊگري حاصل ڪندڙن لاءِ روشن مستقبل هو. ان جي برعڪس سائنس ۽ انجنيئرنگ وغيره واري لائين منهنجي وس کان ٻاهر هئي، جي ڪڏهن اتفاق سان ڪنهن سان سائنس ۾ نوانوي سيڪڙو شاگرد بہ پاس ٿي وڃن ها تہ مان ان هڪ سيڪڙي ناپاس ٿيل شاگردن مان ئي هجان ها. ٻئي ڏينهن صبح جو امتحان لاءِ روانو ٿيڻ وقت منهنجي پيءُ منهنجي مٿي تي هٿ رکي آسيس ڪئي ۽ منهنجيءَ ماءُ منهنجيءَ ساڄيءَ ٻانهن ۾ درازن جي درويشن وٽان حاصل ڪيل ڪارو ڌاڳو ٻڌي، دعائن سان مون کي رخصت ڪيو.

يونيورسٽيءَ جي ڪامرس فئڪلٽيءَ جي هال ۾، ڪاڌيءَ جو ڪرتو پائجامو پائي، مان پنهنجي پيءُ جي ڏنل پارڪر پين سان، ڏهن ڏينهن جي امتحان دوران ست پيپر لکي پورا ڪيا. هندستان جو هاڻوڪو وزيراعظم ڊاڪٽر من موهن سنگهہ تنهن وقت دهلي اسڪول آف ايڪانامڪس ۾ نئون نئون ليڪچرار (يا ريڊر) مقرر ٿيو هو ۽ ٿن پيپرن وقت اسان جي امتحان جو انويجيليٽر هو. هال ۾ اچ وڃ ڪندي، منهنجي ڊيسڪ وٽان لنگهندي، هو مون ڏانهن مرڪي نهاريندو هو. تراشيل ڪاري ڏاڙهي ۽ مڇن وچ ۾ هن جي گوري چهري واري مرڪ بيحد دلڪش ۽ همتائيندڙ هوندي هئي. مون کي لڳندو هو ڄڻ هو مون کي لکڻ وقت اتساهہ ڏياري رهيو آهي. امتحان جو پيپر پورو ڪري مان هن کان هٿ ملائي موڪلائيندو هوس ۽ چاهيندو هوس تہ هر روز اسان واري هال ۾ ئي هن جي ڊيوٽي لڳي.

پوئين پيپر پورو ڪري، مان دهلي اسڪول آف ايڪانامڪس ۾ هن کان موڪلائڻ ويس. هن مون کان مختصر ۾ حال احوال ورتو. سنڌ جو بئڪگرائونڊ پڇيائين ۽ ڪجهہ پنهنجي اولهہ پنجاب (پاڪستان پنجاب) جي پئدائشي ڳوٺ 'گوهہ' بابت ٻڌايائين ۽ نيڪ خواهشن سان رخصت ڪيائين.

امتحان جو نتيجو ٽن مهينن کان پوءِ ظاهر ٿيڻو هو. مون کي سخت حيرت ان وقت ٿي، جڏهن اخبار ۾ منهنجو نالو فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ٿيل شاگردن واريءَ فهرست ۾ شايع ٿيل هو.

هينئر مان هڪ آزاد پکي هوس ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ ئي منهنجي اها آزادي ڇڙواڳيءَ ۾ بدلجي ويئي. ڪناٽ پليس ۽ گول مارڪيٽ ۾ آواره گردي، هر فلم جي پهرئين ڏينهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پهريون شو سڄي سڄي شام دير تائين نرملا ڪيفي ۾ چندوءَ جي هوٽل ۾ دوستن سان ڪچهريون، ڪڏهن ڪڏهن دادن ميان جهڙن داداگيرن جي اڏي تي وڃي، هنن جا جانبازي، خونخواري ۽ قاتلانہ زندگيءَ جا خوفزده ڪندڙ قصا ۽ سندن معرفت پيشي ۾ لڳايل نيون نيون هٽ ڪيل شرنارٿي ۽ پنجاب جي الڳ الڳ شهرن ۾ ڳوٺن مان اغوا ڪيل ڇوڪرين جون صحبتون، سندن قياس جوڳي روز مره جي زندگيءَ جون ڏکوئيندڙ حالتون، ان وقت مون کي رڳو اهو اطمينان ٿيندو هو تہ سڄي بازارِ حسن ۾ هڪ بہ ڪسبياڻي سنڌياڻي نہ آهي.

گڏوگڏ زحمت ۾ رحمت وارو هڪ بيو اتفاق اهڙو به ٿيو جنهن ۾ ان کان وڌيڪ ڪيئي جانيون بچي به ويون.

ڪراچيءَ جو هڪ مهاجر ٽيلر ماسٽر پنهنجن مائٽن سان ملڻ لاءِ هندستان آيل هو ته مهينو کن رهڻ کان پوءِ ان ئي بدنصيب ٽرين ۾ ڪراچيءَ واپس وڃي رهيو هو. ڪلئي عام ميسر ٿيندڙ هن ملڪ ۾ پنهنجي پوئين ڏينهن وسڪيءَ جي پوري بوتل چاڙهي، هو رات جو لاهور ويندڙ سمجهوتا ايڪسپريس جي هڪ گاڏي ۾ چڙهي پيو. مسافرن سان ڀٽيل گاڏي ۾ هو هتي هتي ٿڙڪندو رهيو. گاڏي ۾ سوار مسافرن هن مٿان ٽڪ لعنت وجهي، ڪيس گاڏي مان لاهي ڇڏيو ۽ هو ٿڙندو ٿاٻڙندو هڪ ٻئي گاڏيءَ ۾ چڙهي پيو. ڪٿي به ويهڻ جي جاءِ نه ملڻ ڪري هو ٽرين جي فرش تي ئي سمجهي پيو. ٽرين هلڻ لڳي.

هيٺين برٿ هيٺان هٿوراڙيون هڻندي، اوچتو هن جو هٿ سيٽ هيٺان رکيل سوٽ ڪيس تي وڃي پيو. هن آهستي آهستي کسڪائي اهو سوٽ ڪيس کوليو. سوٽ ڪيس ۾ ٽائيم بم رکيل هئا ۽ بمن جي ٻن پاسن کان تيزاب جون به بوتلون رکيون هيون. نشي ۾ ٻٽ ٽيل درزيءَ کي اهي ٽائيم بم ۽ انهن سان جڙيل تارون ته سمجهه ۾ نه آيون. هن کي رڳو ايترو سمجهه ۾ آيو ته تيزاب جون اهي به بوتلون وسڪيءَ جون بوتلون آهن. سوٽ ڪيس مان ٻئي بوتلون ٻاهر ڪيدي، هن چپ چاپ پنهنجي ٿيلهي ۾ لڪائي ڇڏيون ۽ بمن وارو سوٽ ڪيس هلندڙ ٽرين مان اڇلائي ڇڏيو.

پوليس جي پڇا ڳاڇا ۾ جڏهن سچي حقيقت ظاهر ٿي ته حڪومت هن کي سچي گاڏي جي ماڻهن جي جان بچائڻ لاءِ آفر نامي سان گڏ انعام اڪرام پڻ ڏنا. 'زحمت ۾ رحمت' جا اهڙا ڪيئي تجربا مون کي پنهنجي زندگيءَ ۾ حاصل ٿيا آهن.

ڪارلائل چيو آهي، "سڄي زندگي گذارڻ ۽ سڀي آتم ڪٿا لکڻ، دنيا جا اوکي ۾ اوکا ڪم آهن." جيڪڏهن منهنجيءَ عمر مون سان وفا ڪئي ته ان اوکي ۾ اوکي ڪم کي مان تڪميل تائين ضرور پهچائي ويندس ۽ سارتر وانگر اڌ ۾ هٿ مٿي کڻي اهو نه چوندس ته، ايماندارانه آتم ڪٿا لکڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي."

هو چڪين غالب بلائين سب تمام
ايڪ مرگ ناگهاني اور هئه

وارو وقت اچي چڪو آهي.

مان زندگيءَ ۾ باقائده تي پيرا چڪلي ويو آهيان. پهريون پيرو ناراڻ شيا دهليءَ ۾، ٻيو پيرو ستر ام همدرد سان، ناگپور ۾ ۽ ٽيون ۽ آخري پيرو پنهنجي آن دوست سان، جيڪو ڏٽيءَ جي ڪرم سان اڃا 'بقيهِ حيات' آهي ۽ پنهنجن اخلاقي قدرن سان پاڻ کي محفوظ رکڻ ٿو چاهي.

مان هن جي ان 'اميج' جو قدر ٿو ڪريان، حالانڪ اسان مان ڪنهن به ڪڏهن اتي ڪو ڪڏو ڪم نه ڪيو. باقي سير سپاٽي جي خيال کان مان پئرس، 'ائمسٽرڊم'



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ 'ونڊسر' کان وٺي ٿائلينڊ، هانگ ڪانگ ۽ منيلا وغيره جي، بازار حسن ۽ مساج پارلرز (Parlours) جا سڀ پڙدا پار ڪري آيو آهيان. منهنجي ذاتي آزمودي موجب دهليءَ جون مجري واريون شائستگي، تهذيب، ادب آداب ۽ فن ۾ ان وقت آگري، لکنو بنارس، ميرٺ ۽ سهارنپور جي طوائفن کان وڌيڪ دلڪش هيون. (اڄ انهن ڪوٺن تي چڀرن ۽ چمڙن جو واسو آهي.) هو لکنوءَ جي ديريدار بسوائن کان بہ شگفتہ اردو ڳالهائيندڙيون هيون ۽ پنهنجن آشنائن جو بيحد احترام ۽ عزت ڪنديون هيون. دهليءَ جي ڪيترن ئي شاعرن ۽ اديبن جي وٽن اڪثر اچ وڃ هوندي هئي ۽ منجهائن ڪي ڪن جون نور نظر بہ هونديون هيون. بازار جو حسابچي دادن ميان ڏيوڍيءَ جي هر طوائف خواهہ ڪسبياڻيءَ جو خاص خيال رکندو هو. ڪنهن جي بہ حق تلفي نہ ڪندو هو. ذاتي سطح تي دادن ميان سخت پرهيزگار ۽ اشراف انسان هو. هو مجري وقت ڪوٺي تي ڪنهن کي شراب پيئڻ جي اجازت نہ ڏيندو هو ۽ اوباش قسم جي تماشبينن تي ڪرڙي اک رکندو هو. موٽ ۾ مايون بہ هن جي عزت ۽ ادب ڪنديون هيون. هن جي هڪ همراهہ مون کي ٻڌايو هو تہ هتي اچڻ کان اڳ هو هڪ سنڌي پير سائين مسڪين شاهہ جو مريد هو ۽ ڪجهہ وقت پير جي درگاهہ جو متولي پڻ رهيو.

سائين مسڪين شاهہ سنڌ جي ڳوٺ متياري مان پنڌ ئي پنڌ بهار پرڳڻي جي شهر رانچيءَ ويجهو ڪالو بگان نالي باغ ۾ اچي سال اٺويهہ سو ويهہ ڌاري پنهنجو تڪيو قائم ڪيو. چوڏهن سال ان تڪيي تي رهندي، هن جا لکين هندو ۽ مسلمان مريد ٿي ويا. چون ٿا تہ اهڙو ڪو بہ سوالي نہ هو. جيڪو هن جي در تان خالي هٿين موٽيو هجي. سال اٺويهہ سو چوٽيهن (1934ع) ۾ مسڪين شاهہ جو وصال ٿيو. ۽ ان ئي سال هن جي مريدن ان جاءِ تي وسيع درگاهہ تعمير ڪرائي، جنهن لاءِ ان وقت جي انگريز سرڪار پڻ دل کولي مالي ۽ ٻي مدد ڪئي.

مان وقت کان ڪجهہ اڳتي وڌي ٿو وڃان.

سال ٻياسيءَ ڌاري مان سنڌ جي شاعر نياز همايونيءَ کي پٽنا مان رانچيءَ وٺي آيو هوس، ۽ نياز اتي جيڪا دعا گهري، سندس اها دعا حيرتناڪ حد تائين قبول پيئي.

نياز همايون، سائين غلام مصطفي قاسمي ۽ يعقوب مغل، پٽنا جي هڪ ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ آيا هئا، جنهن ۾ مون کي پڻ پيپر پڙهڻو هو. اتي ئي اسان جي واقفيت گهري دوستيءَ جو روپ ورتو. دهليءَ اچي نياز ۽ مغل تہ همدرد ٽرسٽ جي هاسٽل ۾ رهيا، پر سائين قاسمي منهنجي گهر رهيو. منهنجو پٽ لالي ان وقت يارهن سالن جو هو. هو روز اسڪول مان موٽي سڌو قاسمي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو. هن کي پيرن تي زور ڏيندو هو هن کي هنداڻي جون قارون ڪٽي ڪارائيندو هو. ۽ شربتن جا گلاس ٺاهي ڏيندو هو. لالي، سائين غلام مصطفيٰ قاسميءَ کي ياد ڪندو آهي ۽ هن جي وفات جو ٻڌي زارو زار رنو هو. ڊاڪٽر سدارنگاڻي رٽاير ٿيڻ کان پوءِ گهر کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر نہ نڪرندو هو پر سائين قاسميءَ سان خاص ملڻ لاءِ منهنجي گهر آيو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ساڻس ڪچهريون ڪيائين. خادم نياز همايونيءَ ڪي شاهہ لطيف جي بيتن جي فارسي ترجمي ۾ پڻ معقول اصلاح ڪري ڏنو.

شاعر نياز همايوني پيشي طور حڪيم هو. هن دهليءَ جي ڪيترن ئي حڪيمن ۽ وئدن جا در پيتيا. خاص طور دريا گنج جي مشهور وئد شيتل پرشاد کان ڪيئي نسخا ۽ معجونون ونئي، پڙيون ٻڌائي، پاڻ سان سنڌ کڻي ويو. گوپيءَ ۽ ٻارن قاسمي صاحب ۽ نياز کي ڪجهہ ڏينهن هتي وڌيڪ رهي پوڻ لاءِ زور ڀريو. پر نياز گوپيءَ کي چيو "ادي، هتان وڃڻ تي دل تہ اصل نٿي ڪري، پر حيدرآباد وڃي ٻئي هفتي شادي ڪرڻي اٿم. منهنجي گهر واري اسان کي پنهنجو ڪو اولاد نہ هئڻ ڪري منهنجي ٻي شادي ڪرائي رهي آهي. مَن پاڻ ئي مون لاءِ هڪ ويهن سالن جي هارياڻي ڳولهي، ساڻس منهنجو مڱڻو ڪرايو آهي، ۽ شادي بہ پاڻ ئي پنهنجن هٿن سان ڪرائي رهي آهي. ادي، دعا ڪريو تہ هن عمر ۾ اولاد جو سک ڏسان." ان وقت نياز جي عمر ڇاونجاهہ سال هئي. گوپي حيرت وچان هن جي نوڙهي مٿي ۽ مٿڪي جهڙي ٻاهر نڪتل پيٽ ڏانهن ڏسي رهي هئي. نياز کلندي گوپيءَ کي چيو "ڪومل کي مون سان گڏ هلڻ جي اجازت ڏي تہ ڪنهن جوان ۽ حسين هارياڻيءَ سان هن جو نڪاح ڪرائي ڇڏيان." گوپيءَ چيس، "ڀلي وٺي وڃينس، پر ٻنهي کي هتي موٽائي موڪلجو گهر جي ڪم ڪار ۾ مون کي ڏاڍي سهوليت ٿي پوندي، اڄ ڪلهہ سنيون ڪم واريون مايون ملن ئي نٿيون."

نياز همايونيءَ سنڌ وڃي ويهن سالن جي جوان هارياڻيءَ سان شادي ڪئي. سال کا کان پوءِ مون کي فون ڪيائين، "ڪومل، مون کي پٽڙو ڄائو آهي." مون ۽ گوپيءَ هن کي واڌايون ڏنيون. ٻئي سال نياز کي پٽ ڄائو آهي". ڇئي نٿو سگهان تہ نياز همايوني جي سندس سالن کان سانديل سک کي اولاد جي نعمت سان نوازڻ ۾ سائين مسڪين شاهہ جون دعائون شامل هيون يا دهليءَ جي وئد شيتل پرشاد جي ڪشتن جو ڪرشمو هو. نياز مون کي چوندو هو تہ عمر جي آخري دؤر ۾ مان بہ هندستان اچي پنهنجو ڪو تڪيو قائم ڪندس ۽ تو کي پنهنجو متولي مقرر ڪري ويندس. اڄ سنڌي شاعريءَ جو فردوسي نياز همايون هن دنيا ۾ ناهي. وفات کان هفتو اڳ هن مون کي شايد پنهنجي زندگيءَ جو پويون خط لکيو هو جنهن ۾ لکيو هئائين، "ڪومل اڪيلايين ۾ اکين جا ڳوڙها شاهد آهن تہ مان تو کي ڪيترو نہ ياد ڪري رهيو آهيان." نہ هو سائين مسڪين شاهہ جيان هتي پنهنجو ڪو تڪيو قائم ڪري سگهيو ۽ نہ ئي مان هن جو متولي يا مجاور ٿي سگهيس.

بهار پرڳڻي جي پٽنا، رانچي، جمشيد پور ۽ ٻين وڏن شهرن جي پاسپورٽ آفيسن ٻاهران چڪر ڏيندڙ ايجنٽن ۽ دلالن جو سائين مسڪين شاهہ ڏنڊو ئي بند ڪري ڇڏيو آهي. هر جمعي ڏينهن هزارين جوان مرد عورتون مزار اندر سٽل سائين مسڪين شاهہ جي درگاهہ تي ڏاڳا ٻڌڻ ۽ چادرون چاڙهڻ سان گڏ پنهنجا پاسپورٽ ۽ ويزائون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي ٻاهرين ملڪن ۾ معقول ملازمتون حاصل ڪرڻ جون دعائون گهري رهيا آهن ۽ دعائون گهري واپس ورڻ وقت پنهنجن پاسپورٽن جون زيراڪس ڪاپيون مزار مٿان ڇانو ڪندڙ پپر جي وڻ جي ٽارين ۾ پنن سان چنبڙائي اچي رهيا آهن. مزار جي مريدن ۽ متولين جو چوڻ آهي ته صوفي درويش ڪڏهن به ڪنهن کي مايوس نه ڪيو آهي، ايجنٽن ۽ دلالن مٿان پئسو ۽ وقت وڃائڻ بدران، درويش جي مزار تي وڃي دعا گهرڻ سان، سيني جي من جون مرادون پوريون ٿين ٿيون ۽ هر مراد وند کي مناسب ملازمت ملي ٿي وڃي. مٿيارين جي سنڌي درويش سائين مسڪين شاهه. ذات پات ۽ ڌرم مذهب جا سڀ سنڌا مٽائي ڇڏيا آهن. سڄي ملڪ مان هزارين هندو، مسلمان ۽ سک روزانو مزار تي حاضري ڀري رهيا آهن. خاص ڪري جمعي ڏينهن اتي تر ڇنڻ جيتري جاءِ به نه هوندي آهي.

درگاهه جي موجوده متولي پير محمد جو چوڻ آهي ته پنهنجن پاسپورٽن جون زيراڪس ڪاپيون اتي رکي وڃڻ بعد، مرادوند پختي يقين سان موٽندا آهن ته سائين مسڪين شاهه جو ايراني نار ۽ عرب ملڪن مٿان حڪم هلندو آهي. هو اڌ رات جو سيني رکيل پاسپورٽن جي ڪاپين مٿان دعا جو هٿ گهمائيندو آهي ۽ ڪنهن به سواليءَ کي هٿين خالي نه موٽائيندو آهي. هاڻي ته ڪيترا عقيدتمند شادين مرادين جا ڪارڊ به سائين مسڪين شاهه جي درگاهه تي رکي، پوءِ اچي اڳني (ٻاهه) اڳيان ست ڦيرا ٿا ڏين يا مولويءَ کان نڪاح جا ٻه ٻول ٿا پڙهائن.

دهليءَ جي بازارِ حسن واري بااختيار اداري جو سربراهه دادن ميان مٿان به شايد مسڪين شاهه جي مهر هئي. هڪ شام منهن اونداهيءَ مهل دادن ميان مڏو بني ريشم جي پهراڻ ۽ گوڏ ۾ سهي سنيري، ڪن ۾ لکنوي عطر جو ڦهو وجهي، مون کي ۽ نارايڻ شيام کي ممتاز جي بالاخاني تي، پنهنجو خاص مهمان ڪري وٺي هليو. مون کي سخت حيرت لڳي جو شيام جهڙو درويش صفت شخص بنا ڪنهن هٻڪ ۽ حجاب جي مرڪندو مون سان گڏ بالاخاني جون ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳو. شاعر نارايڻ شيام جي زندگيءَ جو هي پهريون موقعو هو جو هن بازار حسن جو ٻنيو لتاڙيو هو. ڪراچيءَ ۾ ٻڍي جي. سنڌ ڪاليج جي شاگرديءَ واري زماني ۾ هڪ رات دير سان شيخ اياز، شيام کي ننڍ مان اٿاري، نيپئر روڊ جي چڪلي ۾ وٺي ويو هو. پر شيام رڳو بئنڪ جي ٻاهرئين حصي ۾ ڪرسي تي ويٺو اياز جي ٻاهر اچڻ جي لاءِ چپ چاپ ويٺو رهيو. شاگرديءَ واري وقت ۾ به شيام شادي شده هو ۽ هڪ ٻن ٻارن جو پيءُ هو. هي پهريون هو جو شيام انهن ٻارن جو پيءُ هئڻ کان پوءِ، مون سان گڏ دهليءَ جي ڪوٺي جون ڏاڪڻيون چڙهيو هو. دادن ميان نارايڻ شيام کي غور سان ڏسي رهيو هو ۽ جڏهن مون هن کي ٻڌايو ته هي سنڌي زبان جو تمام وڏو شاعر آهي ته دادن ميان مون کي چيو ته اڄ مان هن کي ممتاز جي ڪوٺي تي هڪ ٻئي وڏي شاعر سان ملائيندس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نارايڻ شيام تن ڏينهن ان علائقي جي پندرهن منٽن جي پنڌ تي، پريس روڊ جي سرڪاري بنگلي ۾ رهندو هو. جيڪو بنگلو هن جي والد ديوان گوڪلداس ناگواڻيءَ کي هڪ سرڪاري آفيسر جي حيثيت ۾ مليل هو. هو پاڻ ۾ ڀيارنهن ڀائر ڀينر هئا. جن ۾ شيام وڏي ۾ وڏو پٽ هو. هن جي ڪٽنب مٿان قدرت جو الائي ڪهڙو ڀاراتو ڀيل هو جو پنجن ڀائرن ۾ ڇهن ڀينرن ۾ ٻه ڀائر ۽ ٻه ڀينر ڄائي ڄم کان گونگا ۽ ٻوڙا هئا. نارايڻ شيام ۽ هن کان اٺ سال ننڍو ڀاءُ هيم ناگواڻي قابليت ۽ ذهانت ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئا. جيئن سنڌي شاعريءَ ۾ نارايڻ شيام جهڙو شاعر پئدا نه ٿيو آهي، تيئن هيم به پنهنجي شعبي ۾ يڪتا هو. هو جڏهن اسٽيج تي قدم رکندو هو ته ٻيا سڀ ڪردار رڳو هن جي اڳيان پوپيان چرندا پرندا نظر ايندا هئا. سنڌي ناٽڪ ڪلا تي تحرير ڪيل هيم جو ڪتاب، ’مور نچندا رهن‘ هڪ شاهڪار تصنيف آهي. هن کي اڃا ان ڪتاب جا ٻه ٻيا جلد به مڪمل ڪرڻا هئا، پر زندگيءَ هن سان وفا نه ڪئي. هو پنهنجي ڀاءُ نارايڻ شيام کان اٺ سال ننڍو هو پر شيام کي ٿي هن جي ارٿيءَ کي ڪلهو ڏيڻو پيو. مان ان وقت آمريڪا ۾ هوس. ايئن الائي ڇو ٿيو آهي، جو مان پنهنجن ٻن پيارن دوستن هيم ۽ هريڪانت جي وڇوڙي وقت ڪائنٽن هزارين ميل پري، آمريڪا جي دوري تي رهيو آهيان، جتي ٿي مون کي ٻيئي ڀيرا دماغ جا دورا پيا. زندگيءَ جا ان کان وڌيڪ ڪهڙا عذاب ڏسجن؟

پريس روڊ جي ڇئن وڏن ڪمرن ۽ ويڪري پڌر واري ان سرڪاري بنگلي ۾ نارايڻ شيام جا والدين ۽ ڏهن ڀائرن ڀينرن ڪان سواءِ شيام جا سوٽ سوٽيون ۽ انهن جا ٻار ٻچا ملائي ڪل ٻٽيهن ڀاتين جو شاهي ڪٽنب رهندو هو. روز رات جي مانيءَ کان اڳ گهر جي سيني ڀاتين کي پڌر ۾ گڏ ٿي، اڌ منو ڪلاڪ بلند آواز ۾ رام ڌن (ڀڳوان رام جي ساراهه ۾ رچيل گيت) ڳائڻي پوندي هئي. شيام پاڻ ڪرشن ڀڳت هو پر گهر جي سيني ڀاتين سان گڏجي هو به هلڪي آواز ۾ رام ڌن اچاريندو هو. رات جي مانيءَ وقت سڀ ڀاتي قطار ۾ ويهندا هئا ۽ هر ڪنهن کي مانيءَ جو ڀهريون گرهه گئو ماتا کي کارائڻ لاءِ الڳ ڪڍڻو پوندو هو. ڪٽنب جي ان ماحول تي سنڌيءَ جي برک اديب تيرٿ وسنت هڪ دلچسپ ڪهاڻي ’فرنيچر‘ عنوان سان لکي آهي. شيام کي پنهنجي گهر جي گوڙ شور ۾ ڪڏهن به شاعريءَ لاءِ وقت ۽ موقعا ميسر نه ٿيا. هن جي اڪثر شاعري، هن جي اولڊ سيڪريٽريٽ واريءَ آفيس پويان وهندڙ جمنا نديءَ جي ڪناري تي پسار ڪندي، يا آفيس کان گهر تائين پنڌ ڪندي ڪندي تخليق ٿي آهي. شيخ اياز ۽ نارايڻ شيام اسان جي شاعريءَ جا ٻه وڏا نالا آهن. ٻنهي جي شاعريءَ جو رخ ۽ رويو جدا جدا هوندي به ٻنهي ۾ مشترڪ ڳالهه اها آهي ته ٻنهي کي اٺ اٺ ٻار هئا، حالانڪ اياز کي اهي اٺ ٻار ٻن گهر وارين مان آهن ۽ شيام کي هڪ ئي گهر واريءَ مان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيام ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڏڻ وار تي هر ڪانت ۾ مون سان گلاس بدران پتل جي لوٽي ۾ پنگ پيئندو هو. پر ٻيءَ طرح هو پڪو پرهيزگار انسان هو. هن ڪڏهن به شراب، گوشت ۽ مڇيءَ کي هٿ نه لاتو. (شاگرديءَ واري دؤر ۾ هن پنهنجي گهري دوست شيخ عبدالرزاق سان هڪ ڀيرو گوشت کاڌو هو) هو هفتي ۾ ٻه ڏينهن ورت رکندو هو ۽ ايئن ڪندي هن پاڻ کي بکن تي گهڻو هيرائي ڇڏيو هو. هن کي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن حادثي، واقعي يا ٿيڻيءَ تي ڪا حيرت نه لڳندي هئي. ڏاڍيءَ هن کي صبر جي بي پناهه قوت سان نوازيو هو.

پنهنجي سانتيڪي سياءَ جهڙي اهڙي ئي هڪ سانتيڪي چانڊوڪيءَ رات ۾ نارايڻ شيام مون سان ۽ دادن سان بنا ڪنهن خوف و خطر، هيڪ ۾ شڪجڻ جي ممتاز بيگم جي بالاخاني جي فرش تي وڇايل گدن جي طول وهاڻن تي ٽيڪ ڏيئي، چپ چاپ ويهي رهيو ۽ ماحول جو سعائنو ڪندو رهيو. اها مهيني جي پهرين تاريخ هئي ۽ هن جي کيسي ۾ پگهار جا پئسا پيل هئا. ممتاز بيگم نون آيل مهمان جو آڌر ڀاءُ ڪيو.

سامهون گدي تي هڪ نابينا جهور پوڙهو ويٺو هو ۽ ممتاز جي عمر چڙهيل ماءُ (نائڪا) پنهنجن هٿن سان پاندان مان پان جون گلوريون ناهي، بيحد پيار مان ان نابينا پوڙهي جي وات ۾ وجهي رهي هئي.

دادن ميان اسان کي ممتاز وٽ تانئيڪو ڪري هليو ويو. ممتاز سان منهنجي دادن ميان معرفت ذاتي دوستي هئي. مان ڪاليج وارن ڏينهن ۾ اجميري گيٽ وارو چوراهو پار ڪري، ڪڏهن ڪڏهن ڏينهن ڏٺي جو هن جي بالاخاني تي، هن سان ڪچهري ڪرڻ ٺيو ويندو هوس. سواءِ دوستيءَ جي اسان وچ ۾ ڪا به هٿ ڪس نه هئي. هن جي ماءُ دلباغ بيگم کي اسان جي دوستيءَ تي ڪو اعتراض نه هوندو هو. بلڪ هوءَ اسان لاءِ چانهه ۽ ڪيڪ پيسٽريون گهرائيندي هئي. ممتاز مون کان اٺ ڏهه سال وڏي هئي. پر اسان عمر جي فرق کي ڪڏهن به محسوس نه ڪيو. هن جو ڪٽنب يوپيءَ جي بلند شهر جو ويٺل هو جتان جي هڪ جاگيردار جي داشته مان ممتاز جنم ورتو. انتقال کان اڳ هوءَ ممتاز جي ٻانهن دلباغ بيگم کي سونپي ويئي. بلند شهر کان دهليءَ جي بالاخاني تائين واري مسافت هن ڪيئن طئي ڪئي، هن پنهنجي اها سچي ڪهاڻي مون کي ٻڌائي هئي. هن مون کي اهو به ٻڌايو ته هن جو 'گل چين اول' ڪير هو؟ جيئن ته هو ان دؤر جو هڪ ممتاز اديب هو. ان ڪري نالو ظاهر نٿو ڪيان.

ممتاز جي مجري دوران مان نارايڻ شيام جي پنيان هڪ ڪنڊ ۾ پلٿي ماري چپ چاپ ويٺو هوس. هن پنهنجي سريلي آواز ۾ سيماب اڪبر آباديءَ جو غزل شروع ڪيو.

تمهين جس رنگ ۾ سننا هو سن لو داستان ميري

محفل ۾ ڏهه ٻارهن شائق ويٺل هئا ۽ مون کي ڏسي عجب کائي رهيا هئا. هو ممتاز جي هر مصرع تي کيس داد ڏيئي رهيا هئا. غزل پورو ٿيندي ئي ان نابين جهور پوڙهي واڪو ڪري چيو:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اس سالي سيماب ڪو غزل ڪهني هي نهين آتا. مطلع هي لغو هئہ صحيح مصرع هوني چائيي.

تمهين جس رنگ ۾ سنني هو سن لو داستان ميري. يي سالي اڪبر آبادي (آگري جو اصلوڪو نالو اڪبر آباد هو) شاعر نهين پانڊ هئن پانڊ."

پوڙهو سخت ڪاوڙ ۾ اچي اردو شاعرن کي مادر زاد گاريون ڏيڻ لڳو "يي ڪل ڪي لونڊي سالي، مترنم شاعر هئن يا موتري ڪي شاعر؟ سالي جاهلون ڪو گره لگاني تڪ تو آتي نهين اور مشاعرون ۾ جاڪر هيجڙون جيسي بي سري آواز ۾ پان پان ڪرڪي پئسي بٽورتي رهتي هئن."

(وڏيڪ گاريون قابل اشاعت ناهن.)

پوڙهي جي واڇن مان گگ وهي رهي هئي. دلباغ آهستي آهستي هن کي گدي تي ليٽائي، مٿي تي ٿڦڪيون هڻي، هن کي سمهاري ڇڏيو.

ممتاز لاءِ ڇڻ اها ڪا نئين ڳالهہ نہ هئي. آيل سڀ تماشبين پاندان ۾ ڪجهہ رپيا رکندا، هڪ هڪ تي ڏاڪڻ لهندا ويا. نارايڻ شيام پگهار جي پئسن مان هڪ ڏهين جو نوٽ ڪڍي گدي تي ئي رکي ڇڏيو. منهنجي کيسي ۾ رڳو اڌ رات جو گهر موٽڻ لاءِ ڀاڙي جيترا پئسا هئا. ان ڪري بنا ڪجهہ نذر ڪرڻ جي مان اٿڻ لڳس تہ ممتاز مون کي هٿ کان جهلي ويهاري ڇڏيو ۽ شيام کي بہ ويهڻ جو اشارو ڪيائين ۽ شربت جا ٻہ گلاس ٺاهيائين.

دلباغ بيگم اسان کي ان نابينا پوڙهي جي باري ۾ سربستو احوال ڏيڻ شروع ڪيو "هي اردوءَ جو ڪهنہ مشق شاعر بيخود دهلوي آهي. پنيان ئي ترڪمان گيٽ واري گهر ۾ رهندو آهي. هن جي هن وقت عمر ستانوي اٺانوي سال آهي. هو سالن کان بلا ناغي، هر شام مون وٽ ايندو رهندو آهي. تڏهن کان جڏهن کان هن جو نور سلامت هو. مون سان هن جو گهرو جذباتي لڳاءُ آهي ۽ آءٌ بہ ڪيس ان جي مڪمل موٽ ڏيندي رهي آهيان. ناچاڪائي جي حالت ۾ آءٌ ڪڏهن ڪڏهن هن جي تيمارداريءَ لاءِ سندس گهر بہ هلي ويندي آهيان. هن جو هڪ وڏو ڪٽنب آهي، جنهن ۾ هن جا ڪيترا پوٽا ۽ پڙ پوٽا رهندا آهن. هن جي سيني پٽن ۽ نهرن جو بہ انتقال ٿي چڪو آهي. هن جي ٽئين يا چوٿين نسل هن کي گهر جي دوڇتيءَ تي وڏو ڪمرو ۽ هڪ ملازم ڏيئي ڇڏيو آهي. گهر جا سڀ ڀاتي هن جو چڱو خيال رکندا آهن ۽ وقت سر هن کي ڪاڏو پيتو پهچائيندا رهندا آهن. هي استاد داغ دهلويءَ جو نور نظر شاگرد رهيو آهي ۽ ٻاروتڻ ۾ استاد داغ سان گڏ هو مرزا غالب وٽ بہ ايندو ويندو رهندو هو ۽ مرزا کي حقو ٺاهي ڏيندو هو. پنهنجو ڪو اولاد نہ هئڻ ڪري، مرزا غالب جي بيگم امراءُ هن کي پنهنجي اولاد جيان پاليندي هئي. هي هڪ امير شخص آهي. 'ڪوچئہ داغ دهلوي' ۾ هن کي پنهنجا ٻہ ٽي مڪان بہ آهن. بيخود صاحب شريف النفس انسان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. رڳو هن ۾ هڪ ڪمزوري اها آهي، جو هو پاڻ جهڙو شاعر ڪنهن کي ٻـ نـ مڃيندو آهي.“

بيخود دهلويءَ کي ننڊ ۾ بيخود ڇڏي، مان ۽ شيام رات جو ڏيڍ بجي اجميري گيٽ تان ٽانگو ڪري، مان شيام کي پنهنجي گهر ڪرولباغ وٺي آيس. صبوح جو مون دادا کي چيو تـ اڄ رات جو اسين هڪ مشاعري تان موٽيا هئاسين. شيام جي پگهار جا پئسا سلامت هئا. هو رڳو ڪير جو گلاس پي پريس روڊ لاءِ روانو ٿي ويو.

هڪ شام مان آصف علي روڊ تي پنهنجي دوست جيون گرسا اٽيءَ جي آفيس مان ٻاهر اچي، ترڪمان گيٽ وٽان لنگهي رهيو هوس تـ گيٽ جي ٻاهرئين پارڪ جي بينچ تي بيخود صاحب پنهنجي لٺ جهلي ويٺي ويٺي ڪبوترن کي داڻو ڏيئي رهيو هو. مان چپ چاپ وڃي سندس پير ۾ ويهي رهيس. مون هن کي ممتاز جي مجري واري گڏجاڻيءَ جي ياد ڏياري، هو ڏاڍي سِڪ سان مليو ۽ ترڪمان گيٽ پويان ٿي هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ پنهنجي گهر واري بئنڪ ۾ وٺي هليو. هن پنهنجي ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جا قصا ٻڌائڻ شروع ڪيا. ان بعد مان هن وٽ اڪثر ايندو ويندو رهيس ۽ ٻـ ٽي ڀيرا شيام کي بـ هن جي بئنڪ ۾ وٺي ويس.

بيخود صاحب جو نابينائي ۽ وڏي عمر جي باوجود حافظو ڏاڍو تيز هو. هو بلا جو قصـ گو هو. هن استاد داغ دهلويءَ جي ذاتي زندگي ۽ معاشقن جي باري ۾ بيحد دلچسپ قصا ٻڌايا. گلي قاسم جان ۾ مرزا غالب جي گهر جو بنا روڪ ٽوڪ ايندو ويندو هو. هو مرزا کي پيرن تي پيٽون بـ ڏيندو هو. هن کي حقي ۾ خوشبودار تماڪ بـ وجهي ڏيندو هو. هن جي چوڻ موجب ازبيڪ نسل جو مرزا غالب بيحد قداور ۽ خوبصورت شخص هو. هن جي ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل ڇهري تي خاص چمڪ رهندي هئي، پر هن جا اڳيان ۽ مٿيان ڏند پڳل هئڻ ڪري کلڻ وقت هن جو چهرو بدزيبو ٿي پوندو هو ان ڪري هو کلڻ بدران رڳو مرڪندو هو. هن جي مرڪ ڏاڍي موهيندڙ هوندي هئي. بيخود جي بيان موجب مرزا نوشا هڪ نئين چاول ٻار جيان معصوم هو. مان ۽ نارايڻ شيام هن جا قصا ۽ داستان ڏاڍي دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئاسين.

پنهنجن همعصر شاعرن لاءِ بيخود ڏاڍيون سريليون گاريون ڪڍندو هو. هن جو گوهر فشانيءَ جو خاص نشانو هن جو همعصر شاعر سائل دهلوي هو. جنهن کي هو ’جاهل‘ دهلوي ڪري ڪوٺيندو هو. ٻنهي جي هڪ ٻئي سان ايتري تـ رقابت هئي، جو جنهن مشاعر ۾ هڪ هوندو هو تـ ٻيو ان مشاعري جو بهشڪار ڪندو هو.

دهليءَ جي اهڙي ئي هڪ مشاعري ۾ هڪ نوجوان شاعر پنهنجو خوبصورت غزل پڙهيو. بيخود دهلوي ان نوجوان کي شاباسي ڏيندي، هن کي چيو هو تـ:

”برخوردار، ڏاڍو عمدو غزل چيو اٿيئي، ڪنهن کان اصلاح وٺندو آهين؟“

”پنهنجي والد صاحب کان.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪنهن جو فرزند آهين؟“

”سائل دهلويءَ جو.“

بيخود دهلويءَ جا پيرون تاڙجي ويا. نوجوان شاعر کي سرگوشيءَ ۾ چيائين:

”پٽ، آئينده مون کان اصلاح وٺندو ڪر. ٿوري وقت ۾ پنهنجي پيءُ کان بہ سٺو لکڻ لڳندين.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڻٽيهون پنو

سال ڇانوجاهہ عيسوي (1956ع) جي ڊسمبر ۾، دهليءَ ۾ پهرين ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. افتتاح پارت جي ان وقت جي وزيراعظم پنڊت جواهر لعل نهروءَ ڪيو ۽ خاص مهمان ان وقت جو پاڪستاني سفير، اي ڪي. بروهي صاحب هو. صدارتي خطبي وقت پسرو هائوس جي اسٽيج جي لڳايل روشنين کان وڌيڪ، پنڊت نهروءَ جي چهري مان شعاءَ نڪري رهيا هئا. اسٽيج تي هن سان گڏ ويٺل نوبل انعام يافته اديب پئبلو نيرودا يڪ تڪ ٻڌي، نهروءَ ڏانهن نهاري رهيو هو. اڳتي هلي هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو، "ان عمر ۾ بہ هن (نهروءَ) جي چهري تي ڪيترو نہ جلوو ۽ جلال بکي رهيو هو." اڳتي هلي پئبلو نيرودا سان منهنجيون ڪجهہ ملاقاتون هندستان جي مشهور اديب ۽ اسٽيج فنڪار بلونت گارگيءَ معرفت ٿيون، جنهن جو احوال اڳتي هلي لکندس.

نهروءَ پنهنجي صدارتي خطبي ۾، ايشيائي ادب تي ايتري تہ تفصيلي ۽ عالماڻي نوع ۾ ڳالهايو، جو هال ۾ موجود دانشور ۽ دانشمند ہاتاڙيل ڏسجي رهيا هئا. مون ان تاريخي ۽ يادگار خطبي جو متن حاصل ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر مون کي اهو ميسر نہ ٿي سگهيو آهي. ۽ مان وقت جي وٿين مان وهندڙ پنهنجي حافظي مان، ان کي اڌورو ۽ اڻ پورو درج ڪرڻ نٿو چاهيان، ورنہ پنجاهہ سال اڳ پيش ڪيل جواهر لعل نهروءَ جي دليلن کي ادب ۾ اڄ بہ ايتروئي وزن ۽ وقعت آهي.

ورهاڱي جي نون سالن کان پوءِ نهرو ۽ بروهي صاحبن جي ڪوششن سان، پاڪستان جي ويهارو کن اديبن ۽ شاعرن جو پهريون وفد سرڪاري سطح تي پارت جي راڄڌانيءَ ۾ ڪوٺايل ڪنهن ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ آيو. پاڪستان ۾ اڃا مارشل لا نہ لڳي هئي، ۽ نہ ئي اتي ڪنهن ان جو نالو ٻڌو هو پر فيض احمد فيض شايد ڪنهن ناڪرده گناهہ هيٺ نظربند هو. ڪامورا شاهيءَ جي حڪومت هئي. ملڪ جو سربراهہ اڌ رنگ ۾ ورتل ۽ ڪاپيءَ تنگ کان معذور هڪ ڪامورو هو. هن جي فرنگي سيڪريٽرياڻي ملڪ جي اڇي ڪاري جي مالڪياڻي هئي.

پاڪستاني قلم ڪارن جي وفد جي اڳواڻي سنڌ جي خيرپور رياست جي ميرن جي دربار مان تڙجي نڪتل شاعر ۽ پاڪستان جو تازو ئي ٿاڦيل قومي شاعر ۽ شاهنامہ اسلام



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو خلقيندڙ ابولاثر حفيظ جالندري ڪري رهيو هو. سنڌي موسيقار احمد چاڳلا جي تيار ڪيل ڌن تي حفيظ جالندريءَ جي لکيل اڌ فارسي ۽ اڌ اردو پاڪستاني قومي تراني ڪان ڪجهه سال اڳ، جڏهن اجا پاڪستان قائم نه ٿيو هو ۽ تحريڪ پاڪستان پوري زور شور تي هئي ته اردوءَ جي ترقي پسند شاعر اسرار الحق مجاز پنهنجي پارٽيءَ جي هدايتن تي، پاڪستان جو قومي ترانو لکيو. ورهاڱي بعد اڳتي هلي مجاز جي ان تراني ۾ گهربل بدل سدل ڪري، عليگڙهه مسلم يونيورسٽيءَ جي تراني ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ ائين پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ ڪان تي سال اڳ ئي ان ملڪ جو قومي ترانو تخليق ٿي چڪو هو.

پاڪستاني وفد ۾ سڀ اردو ۽ پنجابيءَ جا شاعر ۽ اديب هئا، پر هڪ به سنڌي ساهتڪار نه هو. باوجود ان حقيقت جي ته بروهي صاحب جا شيخ اياز سان ايترا ته ويجها تعلقات هئا، جو اياز هتي مون کي ٻڌايو هو ته بروهي صاحب رڳو هن کي ئي پنهنجي گهر جي ياتين سان گڏ مانيءَ جي ميز تي ويهاريندو آهي. ڊاڪٽر سدارنگاڻي ۽ نارائڻ شام جڏهن بروهي صاحب کان شيخ اياز جي نه اچڻ جو ڪارڻ پڇيو ته هو اهو چئي ڳالهه ٽاري ويو ته اياز پنهنجي نئين نئين وڪالت ڪري بيحد مشغول آهي. حالانڪ حقيقت اها هئي ته اياز جو وفد ۾ نالو ئي شامل نه ڪيو ويو هو. شايد ان ڪري جو پاڪستاني حڪومت هن کي هندستان موڪلڻ جو جوکم کڻڻ لاءِ تيار نه هئي. اوير پاڪستان مان رڳو ڪوي جسيم الدين کي هندستان اچڻ جي اجازت ڏني ويئي.

تن ڏينهن اڃا ٻنهي ملڪن جي حڪومت وچ ۾ اچ وڃ ڪرڻ وارن کي ڪن ڳاڻ ڳڻين شهرن جون ويزائون ڏيڻ وارو قانون شروع نه ٿيو هو. ويزا سڄي ملڪ لاءِ هوندي هئي. مان سمجهان ٿو ته دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ ويزائن جي سرشتي جو اهڙو احمقاڻو قاعدو قانون ڪونهي، جهڙو هن برصغير جي ورهايل ٻن ملڪن جي وچ ۾ آهي.

"دهليءَ وڃ، آگري نه وڃ. ڪراچيءَ وڃ حيدرآباد نه وڃ. بمبئيءَ وڃ، الهاس نگر نه وڃ. سکر وڃ، روهڙيءَ نه وڃ."

"تفو برتو اي چرخ گردن تفو."

ايشيائي ادبي ڪانفرنس جي اردو نشستن ۾ پاڪستاني سفارت جي هڪ مخصوص بينڪ جي سربراهي بابائي اردو ڊاڪٽر مولوي عبدالحق ڪري رهيو هو ۽ هندستاني وفد جي سربراهي اردو شاعر ۽ الله آباد هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس آنند نرائڻ ملا ڪري رهيو هو. جسٽس ملا جي هڪ land mark دؤر آفرين فتويٰ آهي.

The most organized gang of criminals is Indian police.

(ڏوهارين جو وڏي ۾ وڏو منظم ٽولو هندستاني پوليس ۾ آهي.)

پنهنجي خطبي ۾ جسٽس ملا سياستدانن ۽ ڪامورا شاهيءَ جي رويي تي ڏاڍا چوهه چنڊيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابائي اردو مولوي عبدالحق هڪ شاهاڻي شخصيت جو مالڪ هو. مون کي هو انسان جي صورت ۾ هڪ فرشتو نظر آيو. هو ويجهڙائيءَ ۾ ئي اورنگ آباد مان هجرت ڪري پاڪستان هليو ويو هو. هو ڪهڙين حالتن هيٺ هندستان مان پنهنجي مرتب ڪيل انگريزي اردو لغت جو روائيزڊ ۽ اپ ڊيٽ ڪيل مسودو پاڻ سان کڻي پاڪستان هليو ويو، ان جو تفصيلوار احوال مولوي صاحب جي عقيدتمند پاڪستاني اديب مشفق خواجه پنهنجيءَ ڪنهن تحرير ۾ درج ڪيو آهي.

يقينن جيسين اردو زبان زنده رهندي، مولوي صاحب جو نالو زنده جاويد رهندو، پر هن پنهنجي زندگيءَ جا پويان ڏينهن بيحد ڪسمپرسيءَ ۽ تنگ دستيءَ ۾ گذاريا. هجرت ڪرڻ جي ٿورن سالن اندر ئي آگسٽ 1961ع ۾، هن عظيم دانشور جو بيحد مفلسيءَ وارين حالتن ۾ انتقال ٿيو ۽ لغات جي نون ڇاپن جو ڪم مهمليءَ ۾ هليو ويو.

فيلڊ مارشل ايوب خان جي مارشل لا واري ابتدائي دؤر ۾، هن جي سيڪريٽري قدرت الله شهاب، ايوب خان کي عرض ڪندي چيو، "بابائي اردو جي حالت تمام سقيم آهي، توهان مهرباني ڪري هن لاءِ ڪجهه ڪريو." ايوب خان وراڻيس، "توهان چئو ٿا ته ضرور ڪبو پر پهرين اهو ٻڌايو ته هي بابائي اردو آهي ڇا؟ ڪو شخص آهي، ڪو ادارو آهي يا ڪو ڪتاب آهي؟" خبر ناهي ته فيلڊ مارشل مولوي صاحب لاءِ ڪجهه ڪيو يا نه؟ پر جي ڪيو به هوندائين ته هن جي فيصلي تي عمل ٿيڻ تائين مولوي صاحب راهه عدم ڏانهن روانو ٿي چڪو هو.

ڄمون رياست جو قدرت الله شهاب، انهن ٿورن انڊين سول سروس جي ذهين عملدارن مان هو، جنهن جي عملداريءَ جو اڪثر حصو هندستان جي اوڙيسا صوبي جي گورنر (۽ اڳتي هلي بمبئيءَ جي گورنر) هريڪشن مهتاب جي سرپرستيءَ هيٺ گذريو. ورهاڱي بعد هن پاڪستان ۾ وڏا عهدا ماڻيا. هو سياسي ۽ ادبي شطرنج جو وڏو رانديگر هو ۽ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو پهريون سيڪريٽري. هن جي آتم ڪٿا، 'شهاب نامه' تعصب ۽ دروغ گوئيءَ جي اڏيل ڪوتڻن جي باوجود، اردو سوانح نگاريءَ جو هڪ شاهڪار ڪري مڃيو ويجي ٿو. ابو لاثر حفيظ جالندريءَ پنهنجي هڪ غزل جي ٻن سٽن ۾ هن جي سچي ڪردار جي صحيح وضاحت ڪئي آهي.

جب کهين انقلاب هوتا هئه
قدرت الله شهاب هوتا هئه

پاڪستاني وفد ۾ آيل سڀ اديب ۽ شاعر بيحد سنجيدگيءَ سان، پنهنجن همعصر هندستاني قلمڪارن سان خوشگوار ماحول ۾، ادبي گفتگو بحث مباحثه، قرارداد ۽ پڌرايون پيش ڪري رهيا هئا. پر وفد جو جالندري سربراهه هر نقطه نظر، قرارداد جي هر جملي، هر سٽ ۽ لفظ لفظ تي پنهنجي ڪراڪري ٽوپي لاهي، مٿو کنهي ۽ پيڏيءَ تائين پاتل پائجامي کي گوڏن تائين چڪي، شاطراڻي مرڪ مرڪندي، مکڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان وار ڪڍي رهيو هو. گول ميز جي ٻنهي پاسي پارت. پاڪ اديبن جا مباحثا هلي رهيا هئا. بحث ۾ دلچسپي وننڌڙ ٻين ٻولين جا ساهتڪار ۽ ساهت پريمي پوين قطارن ۾ پيل ڪرسين تي مبصر طور ويٺل هئا. پوئينءَ قطار ۾ مان ٻڌي رهيو هوس حفيظ جالندري، ملا صاحب کي ڪنهن نهراءَ بابت بحث دوران چئي رهيو هو: "جناب بهت چوٽا آدمي هون، اور ڇوٽي بات ڪرتاهون، مگر يي ڇوٽي باتين ٻي تو مئن ني اس ملڪ ۾ آڪر سيکيں هئن."

ڪانفرنس وڏي ميز جي آمهون سامهون ڪرسين تي 'چهر ٻه چهرا روبرو' اردوءَ جا اڪثر ترقي پسند اديب ۽ شاعر ويٺا هئا. علي سردار جعفري، ساحر لڌيانوي، مخدوم محي الدين، سليمان اديب، ڪيفي اعظمي، اختر الايمان، ڪرشن چندر، سلميٰ صديقي، راجندر سنگهه بيدي، جان نثار اختر، مجروح سلطانپوري، خواجه احمد عباس، فراق گورکپوري ۽ معين احسن جذبي وغيره. جوش مليح آبادي تازو ئي نهروءَ کي ناراض ڪري پاڪستان هليو ويو هو ۽ فيض ۽ سجاد ظهير پاڪستاني جيل ۾ هئا. پونئينءَ قطار ۾ ويٺل امرتا پريتم کي ساحر هٿ کان وٺي پاڻ سان گڏ اڳيان آڻي ويهاريو.

سڄي ماحول تي خاموشي ڇانئجي وئي. ابولاثر حفيظ جالندريءَ ترقي پسندن جو سخت مخالف هو ۽ هو اهو ڏسي سامهون ويٺل ترقي پسندن جي سڄي گروهه کي هٽي رهيو هو. خود پاڪستاني وفد جا ڪيترا اديب حفيظ جالندريءَ جي اهڙي رويي تي ڏٺا ٿي رهيا هئا. مزاحيه شاعر مجيد لاهوريءَ ڳالهه مذاق ۾ ٽارڻ جي ڪوشش ڪئي، پر فراق ڪاوڙ ۾ حفيظ کان پڇيو: "ابو حضرت، يي ڇوٽي پن ڪي بات آپ اپني قدوقامت ڪي باري ۾ ڪر رهي هئن يا اپني شاعري ڪي باري مين؟"

(حفيظ جالندري قد جو ٻندرو هو) فراق سگريٽ دکائي، لڪڻ ڪٽي، ٺڪ ٺڪ ڪندو ڪانفرنس هال کان ٻاهر وڃڻ لڳو.

لاهور مان آيل شاعرن صوفي تبسم ۽ احسان دانش، فراق جي پويان وڃي پرچائي، هن کي هال ۾ واپس وٺي آيا. گڏيل نشست جي سنجيدگي ختم ٿي چڪي هئي، ٻنهي طرف ڦڪٽ وارو ماحول ڇانئيل هو.

ڇڪتاڻ کي لنوائڻ لاءِ هندستاني ۽ پاڪستاني اديبن وچ ۾ ذاتي قسم جون هتان هتان جون ڳالهيون ۽ چرچا گهٻا ٿيڻ لڳا. لنچ جي وقفي دوران ڳوري جسم وارو مجيد لاهوري اهڙا اهڙا اگهاڙا لطيفا ٻڌائڻ لڳو جو سڄو ماحول ٻيهر خوشگوار ٿي ويو.

چيملسفورڊ ڪلب جي رات واري مشاعري ۾ مشهور فلمي ، ڊيسر ڊائريڪٽر ۽ اداڪار سهراب موديءَ جي صدارت ۾ حفيظ صاحب، جهومندي، ناٽڪي انداز ۾ پنهنجو اهو ئي مشهور (يا بدنام) نظم رقاصه پڙهيو جنهن لاءِ چون ٿا ته اهو نظم هن خيرپور رياست جي مير جي محبوبا باليءَ کي مخاطب ٿي لکيو هو ۽ مير صاحب ڪاوڙجي هن کي پنهنجيءَ درٻار مان جوتا هٽي، هٿ پير جهوري نيڪالي ڏني هئي. نظم پڙهندي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حفيظ جون نگاهون سامهون وينل فلمي اداڪاره مينا ڪماريءَ تي ٿي هيون ۽ هن جي مڙس ڪمال امروهيءَ جي ڪاوڙيل اک حفيظ تي هئي.

ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن ڀارتي وزيراعظم جواهر لعل نهروءَ پرائيم منسٽر هائوس ۾ پاڪستاني وفد ۾ آيل مهمانن کي رات جي مانيءَ تي مدعو ڪيو. جوش مليح آباديءَ جي غير حاضريءَ ڪري نهرو خاصو بي مزو هو پر جلد ئي پاڻ تي ضبط رکي، هن پاڪستاني اديبن ۽ شاعرن جو مرڪي آجياڻو ڪيو. نهروءَ جي مرڪ ۾ ملائڪن واري ڪشش هوندي هئي. هو اردو شاعريءَ جو وڏو دلداده هو ۽ شاعر هن وٽ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اچي وڃي سگهندا هئا. جوش سان هن جو پريتوانن وارو رستو هو ۽ هن جي پاڪستان هجرت ڪري وڃڻ واري فيصلي نهروءَ کي ڏاڍو ڏک رسايو هو.

پاڪستان مان آيل نوجوان شاعر حمايت علي شاعر کي الائي ڪهڙيءَ ڪتيءَ ڪنيو جو هن پنهنجي شاعريءَ جو مجموعو عقيدتمنديءَ جي تحرير ڪيل ڪن سٽن سان نهروءَ کي هٿ ۾ ڏنو. نهروءَ ڪتاب جي ٿوري ورق گرداني ڪندي، ڪتاب پنهنجي پاسي ۾ رکي ڇڏيو ۽ حمايت جي مٿي تي هٿ رکي چيائين، ”مان پوريءَ توجهه سان تنهنجي شاعري پڙهندس.“

دعوت ۾ حاضر پاڪستاني سفير خونخوار نظرن سان حمايت علي شاعر ڏانهن نهاري رهيو هو.

انهيءَ سال هندستان ۾ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو ادبي ادارو ساهتيه اڪادمي برپا ڪيو ويو جنهن جو صدر جواهر لعل نهرو هو ۽ سيڪريٽري سنڌي اسڪالر ڪرشن ڪرپالاڻي مقرر ڪيو ويو. نهروءَ ان گڏجاڻيءَ ۾ اعلان ڪيو ته اڪادميءَ جي اشاعتن ۾ پاڪستاني اديبن جون ادبي تخليقون پڻ شامل ڪيون وينديون.

حمايت علي شاعر کي، سڌو هٿون هٿ نهروءَ کي پنهنجو شاعريءَ جو مجموعو ڏيڻ جي جسارت جو وڏو تاوڻ ڏيڻو پيو. پاڪستاني سفير هن جي خلاف پنهنجي حڪومت کي شڪايت لکي موڪلي ته هن پروٽوڪال جي ڀڃڪڙي ڪندي، پنهنجي ملڪ جي سفير کي نظر انداز ڪري، پنهنجو ڪتاب سڌو ڀارتي وزيراعظم کي ڏنو آهي. جڏهن ته هن کي اهو منهنجي معرفت ڏيڻ گهربو هو. گڏوگڏ هن پاڪستان حڪومت کي زوردار سفارش ڪئي ته حمايت علي شاعر مٿان هميشه لاءِ هندستان اچڻ تي بندش وڌي وڃي.

پاڪستان حڪومت پنهنجي سفير جي سفارش قبول ڪندي، حمايت مٿان اهڙي پابندي وجهي ڇڏي، جيڪا پنجويهن سالن جي طويل عرصي بعد هٽائي ويئي.

حمايت علي شاعر منهنجو دوست آهي. منهنجي هن سان ملاقات سال پنجاسي (1985ع) ڌاري اورنگ آباد ۾ منعقد ٿيل شاهه سراج اورنگ آبادي جي ٽي سؤ ساله جشن ۾ ٿي، جتي سيمينار ۾ مون کي پڻ شاهه لطيف ڀٽائي ۽ شاهه سراج اورنگ آبادي جي شاعريءَ ۾ هم آهنگي واري موضوع تي مفصل پيپر پيش ڪرڻو هو. ان سلسلي ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيمينار جي سيڪريٽري قاضي سليم مون ڏانهن هڪ دلچسپ خط لکيو هو جيڪو مون اجا تائين سانڍي رکيو آهي.

قاضي سليم لکوي، ”محترم لڪشمن پاتيہ صاحب اميد هئہ ڪ آپ ني شاهہ سراج اورنگ آبادي اور شاهہ عبداللطيف پاتيہ ڪي صوفيانہ شاعري پر اپنا مقالہ مڪمل ڪر ليا هوگا. وغيره.“

شاهہ سراج اورنگ آبادي شاهہ لطيف کان ويهہ سال ننڍو هو پر هن چوويهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي مرشد جي حڪم تي شاعري ترڪ ڪري ڇڏي ۽ ٽيهن سالن جي عمر ۾ راهہ عدم ڏانهن روانو ٿي ويو. پوءِ بہ هن پنج سو کن صفحن جي ڪليات پويان ڇڏي آهي، جنهن ۾ هن جي غزل جي هڪ مصرع ”جو رهي سو بي خبري رهي.“ سان گڏ هي الهامي بند پڻ شامل آهي:

وه عجب گهڙي ٿي ڪ جس گهڙي ليا درس عشق سراج ني
وه ڪتابِ عقل جو طاق پر ٿي، ڌري رهي سو ڌري رهي.

اسان جي لطيف سائينءَ جيان شاهہ سراج جي مزار مٿان ڪو روزو يا ڪا درگاهہ تعمير ٿيل ناهي. مزار جي چوڌاري ڪنڌر نما پريل پٿيون آهن، جن جي ٻاهران ڪيئي چرسي، موالي، آفيمي ۽ ڀنگوڙي ويٺا پنڪيون ڪائيندا آهن. شاهہ سراج جشن دوران مشهور شاهہ بانو ڪيس ۾ شاهہ بانوءَ جي حق ۾ عدالتي فيصلي هئڻ ڪري، سڄي اورنگ آباد شهر جي ڀتين خواهہ دڙن ديوارن تي حڪومت ۽ عدالت خلاف سخت اشتعال انگيز نعرا لکيل هئا. اديبن شاعرن ۽ دانشورن، جن شاهہ بانو جي حمايت ۾ ان کي هڪ انساني مسئلو سمجهي، بيان ڏنا هئا، انهن خلاف مُلن ۽ سنڌن هوارين طرفان سڄي ملڪ ۾ زبردست مظاهرا ٿي رهيا هئا. ڪانفرنس هال ۾ شاهہ سراج جي تصوف ۽ مذهبي رواداريءَ تي مقالا پڙهجي رهيا هئا ۽ ٻاهر پوليس مُلن ۽ شهر جي لچن لوفرن کي ڇڙ وڇڙ ڪري رهي هئي. جنهن وقت علي سردار جعفري پنهنجي تقرير ڪري رهيو هو تہ اوچتو دُن تائين ڦهليل ڏاڙهيءَ وارو هڪ مُلو پنهنجن ڪن لوٺين سان اوچتو ڏوڪي اندر گهڙي آيو ۽ سردار جي ڳچيءَ ۾ پراڻن جوتن جو هار وجهي، هال مان تڪڙو ڀڄي ويو ۽ هو ڏانهن ڪجهہ قدمن تي عالمگير اورنگ زيب پنهنجيءَ قبر ۾ مرڪي رهيو هو.

اورنگ آباد ۾ منهنجيون حمايت علي شاعر سان يادگار شامون گذريون. هن جو سڄو ڪٽنب اورنگ آباد ۽ ان جي ويجهي شهر نادير ۾ وسيل آهي. رڳو هو اڪيلو ئي پاڪستان هجرت ڪري هليو ويو. هن جا ڇهہ ست ڀائر هندستان ۾ چڱن عهدن تي آهن. هڪ ڀاءُ تہ پونا يونيورسٽيءَ مان ’هندستان ۾ جماعت اسلاميءَ جو رول‘ جهڙي موضوع تي ڊاڪٽوريٽ ڪئي آهي ۽ ڪنهن ڪاليج ۾ اسلاميات جو پروفيسر آهي. شيخ اياز جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو تہ هن حمايت کي ريڊيو پاڪستان جي ملازمت کان آجو ڪري، يونيورسٽيءَ ۾ آبرودار عهدو ڏنو جنهن لاءِ هو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدائين اياز جو ٿورائتو رهيو، ۽ هن جو حق ادا ڪرڻ لاءِ شيخ اياز تي اردوءَ ۾ سڄو ڪتاب لکي ورتو جيڪو هن مون کي اورنگ آباد ۾ تحفي طور ڏنو هو. مان سمجهان ٿو ته جديد اردو شاعرن ۾ حمايت علي شاعر پهرين ٿي شاعر آهي، جنهن پنهنجي منظوم آتم ڪٿا لکي آهي. چست بحر ۽ وزن استعمال ڪرڻ ڪري، ان منظوم سوانح ۾ خاص رواني ته اچي ويئي آهي، باقي اهڙي شاعريءَ ۾ معنيٰ جا درياءَ موجزن ڪرڻ لاءِ جيڪا اندرين سوجهه ٻوجهه کپي، ان تائين شاعر جي رسائي نه ٿي سگهي آهي.

رات واريءَ محفل ۾ حمايت پيئڻ کان ان ڪري پرهيز ڪئي ته متان گهر پهچڻ تي هن جي والده کي سندس وات مان اهڙي ڪا سرهاڻ نه اچي وڃي. خبر ناهي حمايت علي شاعر اڄ ڪلهه ڪٿي آهي. سال اڳ هو مون کي پويون ڀيرو دريا گنج جي ريڪس هوٽل جي ٻوساٽيل ڪمري ۾ مليو هو.

مان هي سڀ تفصيل ان ڪري درج ڪري رهيو آهيان، جو مون کان پوءِ ايندڙ پيڙهيءَ کي اسان جي وقت جي ماحول، حالتن، شخصيتن، سندن ڪردار ۽ زندگيءَ جي قدرن خواهه طور طريقن بابت ڄاڻ پوي ته هو پنهنجين خوبين ۽ خامين سان ڪين ورثي ۾ ڇا ڇا ڏيئي ويا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ احمد آباد مر ڪرشن راهيءَ تي ٿيل سيمينار ۾ پڻ مون فراق جي هڪ شعر جي حوالي سان لکيو هو ته، ”اسان جو ايندڙ نسل سچ پچ اسان تي رشڪ ڪندو ته اسان ڪرشن راهيءَ جهڙي قداور شاعر ۽ عظيم شخص کي نه رڳو ڏٺو هو پر هن سان گڏ گڏ اٿياسين، ويناسين، گڏ گڏ هلياسين. ساهتڪار سيمينارن ۽ سنگتن ۽ ڪچهرين ۾ هن سان گوڏو گڏي ويناسين. محفلن ۽ مشاعرن ۾ هن جا شعر ٻڌاسين ۽ ساڳئي ئي منچ تي هن جا لکيل مضمون، مقالا، هن جون تحريرون ۽ تقريرون، ادبي تجزيا ۽ تنقيدون ٻڌيون سين. ساهتڪ بحثن مباحثن ۾ هن جي روبرو به رهياسين ۽ هن سان دوبدو به ٿياسين. ۽ اڄ لڳي رهيو آهي ته ڪرشن راهيءَ تي ٿيندڙهن سيمينار ۾ هو هتي ئي ڪٿي اسان جي پر ۾ ويٺو آهي ۽ پنهنجي شاعريءَ تي ٿيندڙ اوک ڊوک خاموشيءَ سان ٻڌي رهيو آهي.“

اسان جي پيڙهي ان ڪري خوشنصيب آهي، جو اسان اياز دلگير، شيام، تنوير، نياز سڄن، شاد ۽ راهيءَ جهڙن شاعرن سان گڏگڏ رهياسين ۽ اٿيا ويناسين. اسان کان اڳ هڪ پيڙهي ان ڪري خوشنصيب هئي، جو ان مرزا قليچ بيگ، ڪشنچند بيوس، حيدربخش جتوئي، عزيز ۽ نواز علي نياز جهڙن شاعرن سان گڏ اٿي ويٺي ۽ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جا همعصر ته الائي ڪهڙا ڀاڳوان هوندا، جن اهڙن درويش صفت شاعرن کي اکئين ڏٺو هوندو ۽ سندن صحبت ماڻي هوندي. هو پنهنجي عجز ۾ نهنائيءَ ڪري پاڻ بابت گهڻو ڪجهه نه ڳالهائيندا هئا ۽ نه لکندا هئا. سندن پاڻ بابت ڏنل ايتري ئي ڄاڻ اسان کي ميسر ٿي سگهي آهي.

”مان جيڪي به آهيان، پنهنجي شاعريءَ مان ظاهر آهيان.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جڏهن نارائڻ شيام کي پنهنجي آتم ڪٿا يا ساروڻيون لکڻ جو مشورو ڏيندو هوس تہ هو مرڪي پنهنجو هي شعر ورجائيندو هو:

هجي جا ڪاڻ خوبين جي ۽ عيبن ڪان بنهہ آجي
نہ پنهنجي زندگي اهڙي نہ پنهنجي شاعري اهڙي

شيخ اياز بهرحال شاعر جي ان قسم جي عجز کي شاعريءَ جي روح جو ڪوڙهہ ڪوٺيندو هو.

ايشيائي ليکڪ ڪانفرنس ۾ بمبئيءَ جي لڳ ڀڳ سيني سنڌي ليکڪن شرڪت ڪئي. سندن وفد پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ دهليءَ پهتو. سندن رهائش جو انتظام ڪرول باغ جي ديونگر علائقي ۾ هڪ اسڪول ۾ ڪيو ويو. اسڪول منهنجي گهر کان پنجن منٽن جي پنڌ تي هو ان ڪري منهنجيون ۽ نارائڻ شيام جون اڪثر شامون، ساٿس ٽيندڙ ڪچهرين ۾ گذرنديون هيون. تن ڏينهن اجا هوٽلن، ڪافي هائوسن ۽ بيئر بارس ۾ ويهڻ جو رواج نہ پيو هو ۽ نہ ئي خالي کيسن وارن ليکڪن وٽ اهڙين جڳهين تي ويهڻ جي حيثيت ئي هئي. اسڪول جي پٽ تي وڇايل گديلن تي اسين ڪانيون ڪڏي ويهي ڪچهريون ڪندا هئاسين. ان لڏي ۾ پرسرام ضيا، اتم ۽ سندري، موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش، موهن ڪلپنا، ارجن شاد، ڪرشن راهي، موهن گيهاڻي ۽ ڪلياڻ جا ڪيترائي ليکڪ شامل هئا. پرسرام ضيا سان منهنجي نواب شاهہ کان وٺي ئي واقفيت هئي، جنهن جو ذڪر مان ساروڻين جي پهرين بابن ۾ ڪري چڪو آهيان. ضيا صاحب نماڻائي ۽ مسڪينيءَ جي مجسم تصوير هو. جيڪا هن جي شاعريءَ جي پهرئين مجموعي 'تصوير احساس' ۾ واضح طور نمايان آهي. هن مون کي چيو هو "ڪاش، هن وقت منهنجي کيسي ۾ رڳو پنج رپيا هجن. جو ڪلياڻ موٽڻ وقت پنهنجن ٻارن لاءِ ڪجهہ مٺائي يا ٽول وٺي وڃي سگهان."

سخت سياري وارا ڏينهن هئا. بمبئيءَ جي ڪنهن ساهتڪار وٽ ڪو سگهو گرم ڪپڙو بہ نہ هو. اتم ۽ سندري سوڙ مٿان وجهي، اڏاري گرم مفلر سان منهن ويڙهي ويهندا هئا. موتي پرڪاش ۽ ڪلا جي نئين نئين شادي ٿي هئي ۽ هو هڪ ئي رضائيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ پري وينا هوندا هئا. موهن ڪلپنا، راهي، موهن گيهاڻي، هري پنڪج ۽ ٻيا سڀ اجا ڪنوارا هئا ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجن حقيقي خواهہ خيالي عشقن جا قصا ٻڌائي، هڪ ٻئي کي گرمائش پهچائيندا رهندا هئا. تن ڏينهن موهن ڪلپنا تازو ئي هندي ساهتڪار آگيہ جو آتم ڪٿائي ناول، 'تشيکرا ـ ڪ جيوني' پڙهيو هو ۽ هو ان ڪتاب کي گيتا جيان پاڻ سان سانڍي رکندو هو. ڪانفرنس ۾ بہ هو سڄو وقت اگيہ جي اڳيان پٺيان گهمندو هو ۽ هن کان ان ڪتاب جي سنڌي ترجمي جي اجازت وٺڻ لاءِ اگيہ کي ايلاز ڪندو هو. خبر ناهي تہ اگيہ موهن کي پنهنجي ڪتاب جي ترجمي جي اجازت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏني الائي نہ. پر موهن اڳتي هلي اهو اعلان اوس ڪيو تہ هي آتم ڪٿائي ڪتاب منهنجيءَ سمجهہ کان مٿي آهي.

مون سيني آيل اديبن جي هڪ ڏينهن پنهنجي گهر مهماني ڪئي. منهنجي پيءُ ماءُ سيني جو گهڻو آڌر ڪيو. پرسرام ضيا جڏهن دادا سان ياڪر پائي مليو تہ ٻنهي جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. مون کي ياد آيو تہ نوابشاهہ ۾ ضيا هڪ ڏينهن صبوح سويل اسان جي موني بزار واري گهر آيو هو ۽ دادا کي چيائين، "پيئرن کي ڏياريءَ جو ڏڻ موڪلڻو آهي، ان لاءِ کنڊ جي پنجن سيرن جي پرمٽ گهرجي."

(سنڌ ۾ ان وقت آفيم تہ هر پساريءَ جي دڪان تي ملي سگهندو هو پر کنڊ تي راشن هئڻ ڪري سرڪاري پرمٽ وٺڻي پوندي هئي.)

دادا هن کي ہہ چار بلئنڪ پرمٽون صحي ڪري ڏنيون. مانيءَ کان پوءِ بہ ضيا دادا وٽ دير تائين ويٺو رهيو ۽ هن جي خواهش تي دادا هن لاءِ خاص مانيءَ ۾ دارون گهرايو ۽ پيئي دير تائين پيئندا ۽ نوابشاهہ جون ڳالهيون ڪندا رهيا.

ڪانفرنس جي آخري شام سپرو هائوس ۾ سيني ٻولين جو گڏيل مشاعرو رکيو ويو جنهن ۾ پئبلو نرودا کي خاص مهمان ڪري اسٽيج تي ويهاريو ويو. هن کي ايشيائي شاعرن جي شاعري سمجهہ ۾ اچي رهي هئي الائي نہ. پر هو هر ڪنهن جي شاعريءَ تي ڪنڌ ڏوڻيندو ٿي رهيو. مشاعري لاءِ هر هڪ ٻوليءَ جي هڪ شاعر کي پنهنجو نظم انگريزي يا هندي ترجمي سان پيش ڪرڻو هو. بانيڪارن سندري اتمچنداڻيءَ کي چيو تہ سنڌيءَ جي ڪنهن نمائنده شاعر جو نالو تجويز ڪري. سندري، اتم جي هدايت تي پنهنجي ترقي پسند برادريءَ جي شاعر موتي پرڪاش جو نالو ڏيئي آئي. پرسرام ضيا ۽ نارائڻ شيام جي موجودگيءَ ۾ جونيئر شاعر موتي پرڪاش جو نالو تجويز ڪرڻ تي سيني سنڌي ساهتڪارن جي نراڙ ۾ گهنج پئجي ويا. موهن ڪلپنا تہ شايد احتجاج طور اٿي بہ بيٺو پر سيني هن کي ٻين اڳيان سنڌي ساهتڪارن کي اجايو ڏنو ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. خاص طور نارايڻ شيام هن کي پنهنجيءَ قاتل مرڪ سان ماٺ ڪرائي ڇڏي. اڳتي هلي سڳن آهوجا 'ڪونج' رسالي ۾ ان واردات تي طنزيہ ڪالم لکيو. مان سمجهان ٿو تہ موتي پرڪاش جهڙي شرميلي ۽ شريف النفس شاعر کي بہ اها ڳالهہ نہ وڻي هئي. پر منچ تي سڏ ٿيڻ تي هو ڪجهہ ڪچي نہ سگهيو. ان ڪانفرنس کان پوءِ، اسان جي دوستين جا سلسلا شروع ٿيا. جيڪي اڳتي هلي ڪيترين رقابتن ۾ بہ بدلجندا رهيا. اڄ اسين هڪ ٻئي کي نيچو نوائڻ لاءِ ڪوبہ وجهہ هٿان نٿا وڃايون. مالي خوشحاليءَ اڄ اسان لاءِ ڪيترو نہ ذهني ڪنگالپڻو آندو آهي؟

پئبلو نرودا سان ان ڪانفرنس ۾ منهنجي پهرين ملاقات ٿي هئي. اڳتي هلي مشهور ڊرامہ نگار بلونت گارگيءَ جي ڪرزن روڊ واري گهر ۾، منهنجيون نرودا ۽ امرتا پريتم سان دلچسپ گڏجاڻيون رهيون. پئبلو نرودا ڪجهہ عرصو سري لنڪا (اڳوڻي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيلون) ۾ رهڻ بعد ايشيائي ليڪ ڪانفرنس ۾ نهروءَ جي خاص دعوت تي شريڪ ٿيڻ لاءِ دهليءَ آيو هو.

سري لنڪا جي هڪ هوٽل جي ڪمري ۾ صفائي ڪندڙ جوان سيلاني ڇوڪريءَ کي ڏسي نرودا جون اکيون ڦاٽي ويون. هن کي سياهه جسم واري جوان ڇوڪري وينس جي ديويءَ جيان لڳي رهي هئي.

۽ جنهن وقت هو وينس جي ان ديويءَ کي الف اگهاڙو ڪري، سندس سڄي سرير تي هٿ گهمائي رهيو هو ته هوءَ وينگس حيرت وچان هن کي تڪيندي ۽ سوچيندي رهي ته، ”اهڙو شاهاڻو شخص هي ڪري ڇا رهيو آهي؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٺيتاليهون پنو

هڪ ڀيرن جو منهنجي پرپٽ ٽپالي گهر پنجويهين رپين جو مني آرڊر ڪٽي آيو. منهنجيءَ ماءُ رسيد تي سنڌيءَ ۾ صحي ڪري پئسا ورتا. تن ڏينهن مان نوڪريءَ جي تلاش ۾ دفترن ۾ ڌڪا کائيندو وتندو هوس. سانجهيءَ جو گهر اچڻ تي ماءُ مون کي پئسا ڏيندي پڇيو "پٽ، تو وٽ هي ڪڏهن ڪڏهن پئسن جا مني آرڊر ڇا جا ايندا آهن؟" (تن ڏينهن اڃا چيڪن ۾ ڊرافٽن جو رواج نہ پيو هو جو ماڻهن وٽ بئنڪ اڪائونٽ ئي نہ هئا)

چيومانس، "ياپي، مان اخبارن، رسالن ۽ ريڊيو لاءِ ڪڏهن ڪڏهن جيڪي ليک لکندو آهيان، هي انهن لکڻين جو معاوضو ملندو آهي."

منهنجيءَ ماءُ کي سمجهہ ۾ آيو الائي نہ. هوءَ چپ ڪري وڃي گهر جي ڪم ڪار کي لڳي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هڪ ڏينهن مان پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽئي ليٽئي ڪو ڪتاب پڙهي رهيو هوس تہ منهنجي ماءُ چپ چاپ پلنگ جي پيرانديءَ وٽ اچي ويٺي ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي پڇيائينديءِ، "پٽ، ڇا وينو ڪرين؟" چيومانس، "ياپي ڪو رومانوي ڪتاب وينو پڙهان." منهنجي ماءُ کي رومانوي لفظ جو تہ مطلب سمجهہ ۾ نہ آيو پر آهستي چيائين، "پٽ، هي اجايا سجايا ڪتاب پڙهي پنهنجو وقت ڇو وينو وڃائين؟ تنهن کان اٽي ڪجهہ لکين ڇو نہ ٿو؟"

منهنجيءَ معصوم ماءُ کي اها ڄاڻ نہ هئي، لکڻ جو پڙهڻ سان ڪهڙو ۽ ڪيترو واسطو آهي. هن لاءِ لکڻ جو تعلق رڳو مني آرڊر سان ئي واسطو رکندڙ هو.

تن ڏينهن اڃا اديبن ۽ شاعرن کي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن وٽان ڳپيا ملڻ شروع نہ ٿيا هئا. انعامن ۽ ايوارڊن جو تہ ڪنهن ساهتڪار وٽ تصور ئي نہ هو. اشتراڪي اديب اتم اڪيلي سر 'نئين دنيا' رسالي جون واڳون وني پٽ سٽ ۽ پن سن سان پورائي ڪرڻ جي باوجود، 'نئين دنيا' ۾ شايع ٿيندڙ هر رچنا لاءِ پنج رپيا معاوضو ڏيڻ شروع ڪيو. پر هو معاوضي جي رقم ڪنهن کي مني آرڊر ڪري نہ موڪليندو هو. ڪڏهن ڪٿي منهان منهن ملڻ تي ليکڪن سان اڳيون پويون حساب چڪتو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو هو ۽ ان رقم مان بہ رسالي جي ساليانی چندي جا پئسا ڪٽي، پاڇي رقم ليکڪ کي ڏيئي، ايراني هوٽل جي چانهن بسڪوٽن جو بل ان ليکڪ کان پرائيندو هو ۽ هر پرچي ۾ شدمد سان اعلان ڪندو هو تہ هو سنڌي ساهتيہ جي هڪ ادبي رسالي جو پهريون ايڊيٽر آهي، جيڪو ليکڪن کي پنهنجي رسالي ۾ شايع ٿيل رچنائن لاءِ معقول معاوضو ڏيئي رهيو آهي.

اتم ۽ هري موٽواڻيءَ جي ادبي رقابت، هريءَ کي ادبي رسالو شروع ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. هري موٽواڻيءَ کي پنهنجي منائيءَ جي دڪان تان خاص آمدني ٿيڻ لڳي هئي، ان ڪري ادبي رسالي ۾ پئسا سيڙائڻ هن لاءِ ڪو مسئلو نہ هو. ۽ جيئن تہ هو پاڻ اچا ادب جي دنيا جو پانڌيئڙو ئي هو ان ڪري هن سنڌي ساهتيہ جي چئن مهارٿين، سڳن آهوجا، موهن ڪلپنا، گني سامتاڻي ۽ راجن چاولا جو گڏيل ايڊيٽوريل بورڊ قائم ڪيو ۽ هر پرچي جو واري واري سان انهن مان هڪ هڪ ايڊيٽر مقرر ڪيو. پرچي جو نالو 'ڪونج' رکيو ويو ۽ ان جي پاليسي 'نئين دنيا' جي ترقي پسنديءَ واري پاليسي، ادب براءِ زندگي جي برعڪس، جديديت واري پاليسي، ادب براءِ ادب، طئي ڪئي ويئي، جنهن ۾ ترقي پسند ادب جي مخالفت، ادبي نعري بازيءَ کان نفرت، اتم، ڪيرت ۽ مالهيءَ جي ٺمورتيءَ جي ادب براءِ سياست جي مذمت ۽ ڪن دانوبرن سرمايہ دارن جي ادب براءِ تجارت جي حمايت، مغربي لاڙن جي رفاقت ۽ سوشلسٽ ساهتيہ جي رقابت وارو رخ، رويا، نظريا شعوري خواهہ لاشعوري طور ادارين ۽ ٻين ادبي ڪاوشن لاءِ ڪتب اچڻ لڳا.

اتم جو رسالو نيچو نوائڻ لاءِ هري موٽواڻيءَ ڪونج ۾ لکندڙن کي 'نئين دنيا' جي ڀيٽ ۾ ٻيڻو ٽيڻو معاوضو ڏيڻ شروع ڪيو. ڏهہ رپيا شعر لاءِ، پندرهن رپيا ڪهاڻيءَ لاءِ. ان ڪانسواءِ هن هند سنڌ ڪهاڻي ڪوتا چٽا ڀيٽيون پڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ ائين اديبن جو معاوضي وارو متو اتم ۽ هريءَ جي ادبي ويڙهہ جي فيض مند حاصلات بڻجي ويئي. اتم شاعرن خلاف خاص طور پڙڪندو هو، "انهن نڙڪائو تہ سٽن، چار سٽن، اٺ سٽن ۽ چوڏهن سٽن شاعرن تہ اسان جي ڪري ريڊبين، ٿي وين ۽ مشاعرن مان جاوا ڪيا آهن ۽ اسين ڪهاڻي نويس، مضمون نويس ۽ نقاد سپ سڪي جا سڪا رهجي وياسين." ساهتڪ سوڪ ۽ خشڪي اتم سان، باوجود هن جي ايمانداري ۽ ادبي ديانتداريءَ جي، تاعمر گڏ گڏ هلندي رهي.

منهنجو محسن ۽ اسڪولي دؤر جو استاد ترقي پسند اديب ڪيرت ٻاٻاڻي، جيئن تہ سنڌي ادبي انقلاب ۽ سنڌيت جي تحريڪ جي پوري تاريخ لکي رهيو آهي، ان ڪري مان وڌيڪ تفصيل ۾ نہ وڃي رڳو اهي جهلڪون ۽ ڪي اهم واردداتون درج ڪري رهيو آهيان، جيڪي منهنجي ذهن کي ڪٿي ڪنهن شعاءَ ۾ ڪٽي اڪ ڦڙن جيان ترو تازه ڪري رهيون آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرانسسي فلاسافر دريدا هڪ هنڌ لکيو آهي، ”شايد مان پوڙهو ٿي رهيو آهيان، جو مان آهستي آهستي پنهنجي موروثي يهودي ورثي طرف وري رهيو آهيان.“ مان سمجهان ٿو تہ دريدا جي ڊي ڪنسٽرڪشن (تعمير شڪن) واري سڄي ٿيئري ئي پنهنجين پاڙن (روٽس) ڏانهن موٽي وڃڻ جو لاشعوري يا تحت الشعوري جذبو يا جنون آهي.

پنهنجين پاڙن کان ڇنجي آيل جوان جسمن جو اهڙڪا ڏيندڙ رت، وري پنهنجي دانگيءَ تي ورڻ لڳو. سنڌي ساهتيہ، سنڌي رنگ منچ، سنڌي ثقافت، سنڌي سماج، سنڌي سوسائٽيون، سنڌي ٽڪاٽا، شوالا، درٻاريون ۽ ڪتيائون، سنڌي ڏڻ وار، سنڌي ريتون رسمون ۽ روايتون پنجن ڇهن سالن جي عرصي اندر ئي سيني کي ٻہ ويلا دال ماني ملڻ تي ۽ ڪن ڪٽنبن کي مڇي ماني ملڻ تي ڪر موڙڻ لڳيون. ڪي مالي امدادون ۽ معاوضا نہ هئا، هر ڪو پنهنجي هڙان وڙان پٽ سٽ ڪري يا پاڻ پرو ٻڌجي پورائو ڪرڻ لڳو. هر وڏي شهر ۾ ساهتڪ سڀائون ۽ ناٽڪ منڊليون برپا ٿي ويون.

بهاري جي سنڌي فلم ’اباڻا‘ جي اميدن کان وڌيڪ ڪاميابيءَ اسان جي ادبي لڏي جي ڪن اديبن کي سنڌي فلمون ناهڻ تي آماده ڪيو. گوبند مالهيءَ جهڙي ڦڪڙ اديب اڏارا ورتل پنج سو رپين سان پنهنجي فلم ’سنڌوءَ جي ڪناري‘ جو مهورت ڪيو. صبوح جو سويل پنهنجي ڪانديوليءَ واري ٻئرڪ نما گهر مان نڪرندو هو ۽ ڏوبي تلاءَ جي هڪ ايراني هوٽل جي ڪنڊ واري ٽيبل ڪرسيءَ تي اچي ديرو ڄمائيندو هو. هوٽل جا ٻئرا هن لاءِ هر ڪلاڪ ۾ بنا آرڊر جي چانهن کڻي ايندا هئا ۽ ايئن هو چانهہ جي ڏهن ٻارهن ڪوپن ۽ پن جي ٻيڙين جي پڙيءَ تي، سڄو ڏينهن گذاري، رات جو ان وقت گهر پهچندو هو جڏهن هن جي گهر واري ۽ ٻيئي ڏيئر گهريءَ ننڊ ۾ الوٽ هونديون هيون.

ايراني هوٽل ۾ گوبند مالهيءَ سان ملڻ ايندڙ هر شخص پنهنجيءَ چانهہ ۽ ڪارن بسڪوٽن جو بل ڪائونٽر تي ڀريندو ويندو هو. مان ممبئيءَ ۾ مالهيءَ سان اڪثر اتي ئي ملندو رهندو هوس. مالهي پنهنجي آتم ڪهاڻي، ’ادب ۽ اديب‘ ۾ پنهنجي زندگيءَ جي ان اهم پهلوءَ کان لنوائي ويو آهي. ڏوبي تلاوَ جي ان ايراني هوٽل جو نالو ئي مالهيءَ وارو هوٽل پئجي ويو. بمبئيءَ ۾ ڪنهن کي هڪ ٻئي سان گڏجڻو هوندو هو تہ چوندا هئاسين، ”فلاڻي وقت مالهيءَ جي هوٽل تي ملنداسين.“ هڪ ڀيري مون هن جي وروڏي اديب داس طالب کي چيو ”سڀاڻي مالهيءَ جي هوٽل تي ملنداسين.“ اهو ٻڌي هو ڏاڍو پڙڪي ويو ۽ مٺيون ڀيڪوڙي ڪاڪڙو ڪيدي چيائين، ”مالهيءَ جي پيءُ جو هوٽل آهي؟“

گوبند مالهيءَ جي ٻکون ڏکون ڪاتي قرض کڻي تيار ڪيل فلم ’سنڌوءَ جي ڪناري‘، هن کي اڄ واري سنڌوءَ جيان سڪائي، ڇڏيو. راجن چاوال ۽ گووردن ڀارتيءَ جي ڀاڳيداريءَ ۾ تيار ڪيل، هري موٽواڻيءَ جي فلم ’هو جمالو‘ هن کي پنهنجي گهر واريءَ جا ڳهہ ڳِنا وڪڻڻ ۽ پنهنجو پريو ڀاڳيو مٺائيءَ جو دڪان گروي رکڻ تي مجبور ڪيو. هريءَ مٿان قرضن جا ڪوٽ چڙهي ويا. هڪ شام گووردن ڀارتي اجمير مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻمبئي اچي، نئون سبايل فل سوٽ پائي، جڏهن هريءَ جي دڪان تي هن سان ملڻ ويو تہ مري ڳوڙها ڳاڙيندي گورڌن کي چيو

"يار گورڌن، تون پاڻ تہ نوان فل سوٽ پائي ٿو گهمين، پر منهنجا تہ لٽا ئي لاهرائي ڇڏيئہ."

اڄ (31 جولاءِ 2007) تي پنهنجي ڪمري جو دربند ڪري، جنهن وقت هي سٽون لکي رهيو آهيان، گوپي هال ۾ ويٺي تي. وي ڏسي رهي آهي. اوچتو هوءَ مون کي سڏ ڪري چوي ٿي، ٻاهر اچي ٿي. ويءَ تي پنهنجي دوست کي ڏس. مان ڏسان ٿو تہ ممبئيءَ جي قائم ڪيل مخصوص عدالت ۾ جج ڪٿهڙي ۾ بيٺل فلمي اداڪار سنجي دت کي ڇهن سالن جي قيد بامشقت جي سزا ٻڌائي رهيو آهي. سنجي دت کي ڪهڙي ڏوهہ لاءِ سزا ڏني ويئي آهي، ان باري ۾ جڳ جهان کي ڄاڻ آهي، ان ڪري ان جا تفصيل نٿو لکان، پر سنجوءَ بابت اهو احوال ان ڪري تحرير ڪري رهيو آهيان، جو هن سان ۽ هن جي ڪٽنب سان منهنجا تعلقات گذريل ٽيهن سالن کان آهن. ۽ وچ ۾ سالن جا سال پيل وٿيءَ جي باوجود، برقرار پئي رهيا آهن. اڄ کان ٻارنهن سال اڳ جڏهن هو سورنهن مهينن لاءِ ممبئيءَ جي آرٿر جيل ۾ مجرم طور واڙيل هو تہ مان، هري موٽوا ڻيءَ کي ساڻ وٺي، هن سان ملڻ ويو هوس. مون کي ان وقت ٽائيمس آف انڊيا اخبار ۾ آبرودار حيثيت هئي ۽ ان رسوخ ڪري، مون کي هن سان جيل ۾ اڌ ڪلاڪ ملاقات جي اجازت ملي هئي. هو اٺ ضربيان ڇهہ فٽن واري بنديخاني جي ڪوليءَ ۾ هڪ پٿر تي ويٺو هو ۽ مون کي ڏسي هن کي حيرت لڳي هئي، تہ ان وقت هو راجگوپال آچاريہ جي انگريزيءَ ۾ لکيل 'گيتا' جو سار پڙهي رهيو هو. اڌ ڪلاڪ ۾ اسان هڪ ٻئي سان اٺ ڏهہ جملا مس ڳالهايا جو هري موٽوا ڻيءَ اسان ٻنهي مان ڪنهن کي ڳالهائڻ جو وارو ئي نٿي ڏنو. ٻاهر اچي مون کي هريءَ کي، پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ تي ڏاڍي ندامت ٿي.

سال 1975ع جي جون ۾ مون کي روس جي انقلابي شاعر ولاديمر ماياڪو وسڪي جي زندگيءَ ۽ شاعريءَ ۽ هن جي چاليهن نظمن جي منظوم سنڌي ترجمي تي 'سوويٽ لئنڊ نهرو اوارڊ' مليو جيڪو مون کي سرڳواسي اتم جي زوردار سفارش تي ڏنو ويو. اتم اوارڊ ڪميٽيءَ جو واحد جج هو. هن مهينو اڳ ۾ مون کي مايا ڪووسڪيءَ جي زندگي ۽ شاعريءَ تي دهليءَ ۾ ٽي چار ڪتاب ڏنا ۽ مون کان وعدو ورتائين تہ مان ٻن هفتن ۾ مايا ڪووسڪيءَ تي سؤ کن صفحن جو مسودو تيار ڪري، هن ڏانهن موڪليان. شرط اهو ٻہ وڌائين تہ مايا ڪو وسڪيءَ جي شاعريءَ جو ترجمو منظوم ئي ڪرڻو آهي. مون ٻارهن کان پندرهن ڪلاڪ روز سخت محنت ڪري، مسودو مڪمل ڪري اتم ڏانهن ڏياري موڪليو جيڪو هن هفتي ۾ شايع ڪرائي، اوارڊ ڪميٽيءَ اڳيان اوارڊ لاءِ زوردار سفارش ڪندي پيش ڪيو. ڪميٽيءَ جي چيئرمين خواجہ احمد عباس وچ وچ مان ٻہ نظم ٻڌي اوارڊ جو فيصلو ڪيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوارڊ جي رقم تہ خاص نہ هئي، پر ان سان گڏ ٻن هفتن جو سڄي روس جو دورو هو. انهن ٻن هفتن ۾ مون ۽ اسان جي وفد ماسڪو لينن گراڊ، تاشقند، سمرقند، بخارا، ازبيڪستان، آزربائي جان، جارجيا ۽ آرمينيا (ڪوهہ قاف) وغيره جو سئر سفر ڪيو. ان وقت متحد روس پنهنجي عروج تي هو. روس جي ان ياترا جو تفصيلوار احوال مان اڳتي هلي تحرير ڪندس، هتي رڳو سنجو بابا (سنجي دت) سان واسطو رکندڙ ڪي سارونٽيون درج ڪري رهيو آهيان.

اوارڊ حاصل ڪندڙن واري وفد ۾ هنديءَ جو برک ڪوي ۽ ساهتڪار شو منگل سنگهہ سمن، جيڪو ان وقت ڪاليداس جي نگري اجين جي وڪرم يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ۽ وفد جو سربراهہ هو. اردوءَ جو مشهور شاعر ۽ فلمي گيتڪار جان نثار اختر، بنگاليءَ جو برک ناول نويس ۽ ڪهاڻيڪار پرميڏار متر، جنهن کي بنگالي ساهت ۾ شرت چندر کان پوءِ ٻئي نمبر تي مڃيو ويندو آهي. (هن جي بنگالي ڪهاڻين جي مجموعي جو انگريزي ترجمو مون ڪجهہ مهينا اڳ، ولي رام ولڀ ڏانهن موڪليو آهي.) مرائيءَ جي ليکڪا ۽ سوشل ورڪر شريمتي دلشاد چاري (مشهور ڪميونسٽ ليڊر ۽ وڪيل اي ايس. چاريءَ جي گهر واري) ۽ مشهور فلمي اداڪاره نرگس دت ۽ هن سان گڏ هن جو پٽ سنجي دت (سنجو بابا) شامل هئا. شاعر عبدالحئي ساحر لڌيانوي اسان سان گڏ ان ڪري نہ هليو جو هن کي هوائي سفر کان خوف ٿي رهيو هو ۽ دهليءَ کان ماسڪو تائين ڪا ٽرين نہ هئي. (ساحر لڌيانوي سڄي زندگي جهاز ڪري پورٽ جي ڊپ کان هوائي سفر نہ ڪيو.)

دهليءَ جي ماولنڪر هال ۾ اوارڊ فنڪشن تي فلمي اداڪاره نرگس، منهنجي پر واري نشت تي ويٺي هئي. هن کي خواجہ احمد عباس جي فلم، 'پرديسيءَ' ۾ ڪيل اداڪاريءَ لاءِ اوارڊ ڏنو ويو هو.

سنڌ ۾ ارجن جي وزيراڻي خاندان جو شمار بدين جي وڏن زميندارن ۾ هو. هن جو هڪ چاچو نهچل داس وزيراڻي سنڌ حڪومت ۾ وزير پڻ رهي چڪو هو. بدين ۾ ارجن منهنجي شاعر دوست شمشيرالحيدريءَ جو هم ڪلاس ۽ دوست هئو. هن جي والد واڌو مل وزيراڻيءَ کي پڻ پنجٽيهن سالن جي عمر ۾، بدين جي کوهہ ٻاهران زميندار ي رقابت ڪري قتل ڪيو ويو هو.

وزيراڻين جي خاندان کي الائي ڪهڙو پاراتو لڳل آهي، جو ان جا اڪثر مرد جوانيءَ ۾ ئي يا قتل ڪيا ويا هئا يا ڪن حادثن جو شڪار ٿيا. منهنجي سوٻيا وان ۽ سانت سياوءَ واري پيڻ ٽيهن سالن جي عمر ۾ ئي وڌوا ٿي وئي.

پارٽي صدر فخر علي احمد هٿان اوارڊ وٺي، مون ۽ ڪنيز فاطمہ (نرگس جو اصلي نالو) هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون ۽ فنڪشن پوري ٿيڻ بعد مون هال ۾ نرگس کي نارايڻ شيام، هيم ۽ هريڪانت سان ملايو. هيم جڏهن نرگس کي مون سان پيش آيل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الميي بابت ٻڌايو تہ هن مون سان دلي همدردي ڪئي. ڇهن مهينن کان پوءِ اسين دهلي ايئرپورٽ تي گڏياسين، جتي هن مون کي پنهنجي پٽ سنجو بابا سان ملايو. ان وفد ۾ مان سڀ کان گهٽ عمر هوس، ان ڪري سفر دوران سنجي دت مون سان خاصو هري مري ويو.

مون روس جي ان ياترا جا باقاعده ڊائريءَ ۾ ڪي نوٽس نہ ورتا آهن. پر پنهنجي حافظي مان ٿي نرگس ۽ سنجو (سنجي دت) سان گهاريل ڪي گهڙيون ۽ يادداشتون درج ڪري رهيو آهيان. سڄيءَ ياترا جو تفصيلوار احوال اڳتي هلي سلسلي سان لکندس.

سنجو بابا ان وقت سورنهن سالن جو تمام سهڻو ۽ سنهڙو ڇوڪر هو. اسين دهلي ايئرپورٽ تي ويٺا هئاسين. ماسڪو ويندڙ ايئرو فلوٽ جي جهاز جي اڏام ۾ اجا ٻہ ڪلاڪ هئا. نرگس سامهون واري ٽيليفون بوٿ ۾ پنهنجي مڙس سنيل دت سان بمبئيءَ ڳالهائي رهي هئي ۽ مان ۽ سنجو ايئرپورٽ جي ڪافي بار ۾ ڪافي پيئڻ وياسين. جان نثار اختر ۽ سمن ويٺي ويٺي هڪ ٻئي سگريٽ مان واري واري سان سوٽا هڻي رهيا هئا.

محترمہ دلشاد چاري نڪ موڙي هٿ سان دونهون هٽائيندي ٿي رهي.

(تن ڏينهن ايئرپورٽ تي سموڪنگ متان بندش نہ هئي.)

اهو 22 جون اڻويهہ سو پنجهتر جي ٻپهريءَ جي سخت گرميءَ وارو ڏينهن هو. مون ۽ سنجيوَ اجا ڪافيءَ جو پهريون ڍڪ ئي پريو هو جو ايئرپورٽ جو هڪ پوليس وارو منهنجو نالو پڇائيندو ڪافي بار ۾ ڏوڪي اچي پهتو ۽ چيائين،

"آپ ڪا نام لڪشمن هئہ؟"

"جي هان."

"آپ ڪهان جا رهي هئن؟"

"ماسڪو."

"آپ ڪو اميگريشن ڪي افسر صاحب بلا رهي هين."

"وهان سي تو ميرا ڪلئرنس هوچڪا هئہ."

"ڦرسي چليئي آپ ڪي خلاف وارنٽ هئہ."

"وارنٽ؟"

"جي هان، آپ حراست ۾ هئين. چليئي ميري سات."

منهجا هٿ پير ڏڪڻ لڳا ۽ سنجيوَ ڊوڙندو نرگس، جان نثار اختر ۽ سمن کي سڏي آيو.

اميگريشن ڪائونٽرن پويان ايئرپورٽ جي ايس. پيءَ جو ڪمرو هو. ڪرسيءَ تي هرياڻي جوجاٽ پوليس آفيسر آڪڙ سان ويٺو هو. هن منهنجي ڇهري ۽ سڄي جسم تي ائين نظر ڦيري ڄڻ ڪا مشين گن هلائيندو هجي.

"آپ ڪا نام؟"

"لڪشمن ڀاٽيہ."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"آپ نے انيس تاريخ کي رات کو ناگپور ۾ کوئي قتل کيا هئا؟"

"جناب، هم قتل هو تو سکتي هئن کر نهين سکتي."

مون سامت جو ساهه کڻي پاڻ سنڀاليندي چيو. هو منهنجي جواب تي ٺورو مرکيو.

"آپ لڪشمن کي نام تو قتل کي الزام ۾ وارنٽ هئي. آپ ناگپور ۾ ايک عورت کا قتل کر کي فرار هوئي هئن."

"جناب پهلي بات تو يہ هئہ ک مئن زندگي ۾ ايک هي بار آج سي سترہ سال پهلي ناگپور 'سنڌي ساهت سميلن' ۾ شريک هوني گيا ٿا. اور دوسري بات يہ ک هندستان ۾ کم سي کم بيس لاک لوگ هونگي جن کا نام لڪشمن هئي."

"اپ کيا کام کرتي هئن؟"

"ٽائيمس آف انڊيا اخبار ۾ سب ايڊيٽر هون."

"آپ گري لال جين کو جانتي هئن؟"

(ان وقت گري لال ٽائيمس آف انڊيا جو چيف ايڊيٽر هو ۽ هن ئي مون کي اپائنٽ کيو هو)

"وہ تو هماري ايڊيٽر صاحب هئن. وہ هي مجهي اس پيشي ۾ لائي هئن."

"گري کو فون ملائو اور مجهہ سي بات کرائو. وہ ميري هي گائون کي هئن اور بچپن ۾ هم ساٿ کيلي هئن." هن فون سرڪائيندي چيو.

مون پنهنجي ايڊيٽر گري لال جين کي فون تي سڄي ڳالهہ ٻڌائي تہ هو ڪلڻ لڳو. پوليس ايس. پيءَ اٿي بيهي مون کي عزت سان رخصت ڪيو.

منهنجي هريانوي ٻوليءَ ۾ ٻئي هڪ ٻئي تي، اها گوهر فشاني ڪندا رهيا، جيڪا تحرير ۾ نٿي آڻي سگهجي.

ايئروفلوٽ جهاز جي سوڙهين سيٽن تي نرگس، سنجيوءَ مان هڪ ٻئي سان ڇهنيا وينا هئاسين. اڌيڙ عمر جي گهنجيل چهري واري روسي ايئر هوسٽيس ڊبل روٽي، چيز، ٿڌي بيف (وڏو گوشت) جو ٽڪرو چاڪليٽ ۽ گرم ڪافيءَ جو پيريل پلاسٽڪ جو مگو ڏنو. نرگس چيو، "گهرڻ تي وودڪا ۽ آرميني وائين گهرايو. سورهن سالن جو سنجيوِ اسان کي حسرت سان ڏسي رهيو هو ۽ رڳو چاڪليٽ کائيندو رهيو.

اڍائي ڪلاڪن جي اڏام بعد اسان جو پهريون پڙاءُ تاشقند هو جتي ٻہ ڪلاڪ ترسڻو هو. تاشقند هوائي اڏي تي اسان جو هنداٽي جي ڳاڙهي شربت سان سواگت ڪيو ويو. وي آءِ پي لائونج ۾ ويٺي ويٺي جان نثار اختر، پنهنجي ۽ پنهنجي چاچي رياض خير آباديءَ جي شاعري ٻڌائيندو رهيو. ۽ شو منگل سنگهہ سمن پنهنجي ڊگهي ڪوتا 'هٽلر کا ماسڪو' پر حملا. 'ماسڪو ايڀي دور هئہ' ٻڌائي، جيڪا ٻن هفتن جي سڄي سفر دوران هو هر محفل ۾ گڏجاڻيءَ ۾ روسين کي ٻڌائيندو رهيو. ان سڄي سفر جو دلچسپ ۽ معلوماتي احوال اڳتي هلي تفصيل سان لکندس. اسان جي ان دوري دوران (25 جون) هندستان ۾ جيڪا امرجنسي لاڳو ڪئي وئي، ان بابت پڻ مفصل احوال لکندس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماسڪو ۾ اسان ڪي هوٽل روسيا ۾ رهايو ويو جنهن لاءِ چيو يو تہ دنيا جي وڏي ۾ وڏي هوٽل آهي ۽ ان ۾ ست هزار ڪمرا آهن. پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ لاءِ پهرين هوٽل جو گيٽ نمبر ياد رکڻو پوندو آهي ۽ پوءِ فلور نمبر. هوٽل نہ هو پورو شهر هو. هر فلور تي سجايل ٻرروسڪي شاپس هئا، جن ۾ آمريڪي ڊالرن يا برٽش پائونڊن ۾ ئي خريداري ڪري سگهبي هئي.

مون وٽ اسي ڊالر هئا، جيڪي مون سوگها ڪري رکيا هئا. ان وقت ڊالر جي قيمت ساڍا ست هندستاني رپيا هئي ۽ روسي ڊالر جي يارنهن رپيا، پر کلئي بلئڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر جا ٽي روبيل ملي رهيا هئا.

هوٽل روسيا ۾ منهنجو نرگس ۽ سنجيوَ جا ڪمرا لاڳيتا هئا. مان اجا هوٽل ۾ پنهنجي ڪمري ۾ سامان رکي ئي نہ سگهيو هئس تہ هڪ خوبصورت جوان روسي ڇوڪرو بنا اطلاع منهنجي ڪمري ۾ گهڙي آيو. هن جي ٻنهي هٿن ۾ هئنگرن ۾ لٽڪندڙ اٺ ڏهہ اڇيون قميصون هيون ۽ هو هر قميص جو هڪ ڊالر گهري رهيو هو. پهرين تہ هڪ ڊالر ۾ اهڙي خوبصورت قميص خريد ڪرڻ لاءِ منهنجي دل للچائڻ لڳي، پر پوءِ مون ڪجهہ سوچي، هن کي انڪار ڪيو. هو مايوس ٿي موٽي ويو.

ان شام بيحد ٿڪل هئڻ ڪري مان وفد جي آجياٽي ۾ ڏنل ڊنر ۽ ڪاڪ ٽيل ۾ شامل نہ ٿيس ۽ پنهنجي ڪمري ۾ لڳل مني بار مان ووڊڪا جا ٽي چار پيگ چاڙهي سمهي پيس.

اوچتو اڌ رات ڌاري در تي هلڪي ٺڪ ٺڪ ٿي. مون اکيون مهٽيندي در کوليو تہ سنجيو بيٺو هو. چيائين، "انڪل، مان اندر اچان؟" ۽ مون کي مرڪندو ڏسي بي تڪليفيءَ سان اندر اچي صوفي تي ويهي رهيو. پوءِ بنا حجاب جي بار ڏانهن نهاريندي چيائين، "انڪل، مان پيوا جو ڪئن کڻان؟" (روسيءَ ۾ پيوا بيئر کي چوندا آهن.) هو اٿيو بيئر جو هڪ ڪئن کولي، وڏو ڍڪ ڀريائين ۽ پوءِ پئنٽ جو ساڄو پاڇو مٿي ڪري جورابن وچ مان ٻن هل سگريٽن جو پئڪيٽ ۽ لائيٽر ڪڍي، هڪ پاڻ دکايائين ۽ ٻيو مون کي ڏنائين. بيئر جا ٻہ ڪئن ۽ ٽي چار سگريٽ پي، سگريٽن جو پئڪيٽ مون وٽ امانت طور رکي، هو دير رات جو پنهنجي ڪمري ڏانهن ويو.

انهن ٻن هفتن ۾ سورهن سالن جي سنجيہ دت سان منهنجي دوستي وڌندي ويجهندي رهي. اسين رات جو ٻين ٽين بجي تائين 'گوم سوم' جهڙن شاپنگ سينٽرن ۽ 'ريڊ اسڪرائر' جي رستن تي گهمندا رهياسين. منهنجي ڪمري ۾ ويهي بيئر، ووڊڪا ۽ وائين پيئندا ۽ چين سموڪنگ ڪندا هئاسين. لينن‌گراڊ، آرمينيا، ڪوهہ قاف، سمرقند، بخارا، جارجيا، باڪو ۽ هر شهر ۾ منهنجو ۽ سنجيو جو ساٿ رهيو. مان، بشرط زندگي، ان ۽ ان بعد هن جي سرهي ساٿ جون سڀ سارو‌ٽيون پنهنجيءَ هن آتم ڪهاڻيءَ ۾ اوس تفصيل سان تحرير ڪندس. سنجيو کي لڳل پنهنجيءَ ماءُ (نرگس) جي ان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چماٽ جو پڻ ذڪر ڪندس. جيڪا هن کي ماءُ پنجتيهن روپيلن روپيلن جو ڏهه روپيل مون کان اڌارا وٺي، خريد ڪرڻ تي هڻئي هئي.

اڄ منهنجو پريتوان سنجيوِ دت پوني جي يوردا جيل ۾ ڇهن سالن جي قيد بامشقت هيٺ واڊڪو ڪم ڪري رهيو آهي. هو ڪاٺ جي ڪرسين تي نيٺ ۽ سوتليءَ جو سيٽون اُٽي رهيو آهي. انگريزيءَ ۾ مان هن کي جيل جو چيئرمين چئي سگهان ٿو. ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ ننڊون ڪرڻ جو عادي سنجيوِ اڄ بنا پنکي واري وارڊ ۾ واڙيل آهي ۽ سڄي رات مڇرن ۽ منگهڻن سان جنگ جوٽي رهيو آهي. ڏهن قيدين لاءِ هڪ ئي بيت الخلا آهي.

هيءُ اهو ئي يرودا جيل آهي، جتي مولانا آزاد پنهنجو شاهڪار 'غبار خاطر' صبوح جو چانهه جون چشڪيون پريندي لکيو هو ۽ رڳو نيلگري چانهه جي ذائقي تي سڄا سارا اٺ صفحا لکيا. مهاتما گانڌيءَ جا، سچ سان تجربا ۽ نهروءَ جي 'ڊسڪوري آف انڊيا' جا اڪثر باب ان ئي جيل ۾ تحرير ٿيل آهن. مان جلد ئي پوني جي ان زندان ۾ سنجيوَ سان ملڻ ويندس ۽ کيس فرصت ۾ پنهنجو. زندگي نامو لکڻ لاءِ آماده ڪندس. هتي مان رڳو هن جي زندگيءَ جي، زندان جو 31 جولاءِ 2007ع وارو فتويٰ صادر ڪندڙ اهو عدالتي پنو پيش ڪري رهيو آهيان، جتان هو پنهنجي زندان نامي جو پهريون باب شروع ڪري سگهي ٿو.

دهشتگرديءَ جي الزام هيٺ هلندڙ مقدمن لاءِ قائم ڪيل ممبئيءَ جي خاص عدالت جي جج، جڏهن سڃي دت کي ڇهن سالن جي سزا جو فيصلو ٻڌايو ته ڪٺهڙي ۾ بيٺل سنجيوِ روئڻ ۾ اچي ڇٽڪيو. هيانءَ هلڪو ٿيڻ تي هن پير ۾ بيٺل پوليس واري کان جج سان ڪجهه ڳالهائڻ جي اجازت گهري، اجازت ملڻ تي ٻنهي وچ ۾ هيءَ گفتگو ٿي:

سنجي دت: "سر، مهرباني ڪري پوليس کي هدايت ڪئي وڃي ته مون کي گهيرو ڪري، ڪنهن ڏوهاريءَ جيان نه وٺي وڃن."

جج پوليس وارن کي (مرهٽيءَ ۾) چيو "هن کان پري ٿي هلجو."

"سر، هڪ ٻيو عرض آهي ته مون کي پيش پوڻ لاءِ ڪجهه مهلت ڏني وڃي. مان ٻن ڏينهن ۾ هتي موٽي ايندس. مون کي ڪي فئمليءَ جا مسئلا حل ڪرڻا آهن ۽ منهنجي پيڻ پڻ حامله آهي."

"قانون ۾ اهڙي رعايت ڏيڻ جي گنجائش نه آهي." جج چيو.

سنجيوِ چيو. "سر، مان پنهنجي ڏيءَ سان آمريڪا فون تي ڳالهائي سگهان ٿو؟"

"ها، فون ڪري سگهين ٿو."

سنجيوِ چيو. "سر گذريل چوڏهن سالن ۾ توهان مون کي منهنجي ڪٽنب جي ياتين کان به وڌيڪ سڃاڻي سگهيا آهيو. مهرباني ڪري مون کي ڪجهه رعايت ڏيو."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جج چيو "مان پنهنجو فرض پالي رهيو آهيان. هڪ ڀيرو سزا جي اعلان ٿيڻ بعد، وڏيڪ ڪنهن رعايت جي گنجائش نه ٿي رهي. تون مون کان غيرقانوني ڪم ڪرائڻ ٿو چاهين؟"

"سر، مان رڳو عرض ڪري رهيو آهيان. توهان وس وارا آهيو."

جج وراڻيو "مان تو کي ڏهن سالن کان رعايت ڏيندو رهيو آهيان، پر هاڻي نه."

"چڱو سر، مون کي ۽ منهنجي دوست يوسف نالوالا (جنهن کي پڻ ايتري سزا ٻڌائي ويئي) کي هڪ ئي جيل ۾ رکو."

جج چيو "ٻنهي کي ايندڙ فيصلي تائين هڪ ئي جيل ۾ رکيو ويندو. مان مڃان ٿو ته تون دهشتگرد ناهين. پر تون ڄاڻين ٿو ته تو ڇا ڪيو آهي؟ مان ٿو چاهيان ته تون پاڻ مان وشواس وڃائين."

"سر، مان ڏاڍو ٿڪل آهيان."

"ها، مان ڄاڻان ٿو پر وشواس نه وڃاءِ. تون پنهنجيءَ فيلڊ ۾ سڀني کان مٿي آهين. گذريل ڏهن سالن جي مقدمي دوران، تون اشرافت سان هليو آهين. تو کي مئڪناس گولڊ واري اداڪار جيان ٿيڻ گهرجي. ڇا هو هن جو نالو؟"

"سر، گريگري پيڪ."

"ها گريگري پيڪ جيان. تنهنجي والد ڪهڙي پوئينءَ فلم ۾ ڪم ڪيو هو. (قوفو) ها منا ڀائي، ان ۾ هو تو کان بهتر لڳي رهيو هو."

(سنجوءَ هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.)

جج، "جيئن تنهنجو پيءُ (سنيل دت) پڇاڙيءَ تائين ڪم ڪندو رهيو تيئن تون به ڪندو رهج. مون تو کي رڳو ڇهن سالن جي سزا ڏني آهي، جن مان ٻه سال تون ڪاٽي چڪو آهين. باقي چار سال به ڪاٽي ڇڙهندين. تون مٿئين عدالت ۾ اپيل لاءِ به آزاد آهين."

(جج اٿي ڪڙو ٿيو سنجيو دت هن کي سلام ڪري ڪٺهڙيءَ کان هيٺ لٿو ۽ سڀني کان موڪلائي، ٻن پوليس وارن جي حراست ۾ آرٿر روڊ جيل ڏانهن ويندڙ وئن ۾ اچي ويٺو.)

مان ٿي. ويءَ تي هن کي وئن ۾ ويندو ڏسي رهيو هوس ۽ مون آڏو سورهن سالن جي سنجيوَ جي معصوم صورت ايري رهي هئي، جڏهن هو ماسڪو جي هوٽل روسيا ۾ ماءُ جي سمهي پوڻ تي، اڌ رات جو منهنجي ڪمري ۾ اچي چوندو هو "انڪل، هڪ ڪئن پيوا جو پيئان؟"

هڪ جمهوري ۽ سڌريل سماجي نظام واري ملڪ جي قانون ۾، جرم ۽ سزا وچ ۾ ميزان رکڻ، ڪنهن فيصلي جو بنيادي نقطو هئڻ گهرجي. قانون ڀلي انڌو هجي، پر مون قانون جي ڪنهن ڪتاب ۾ اهو به پڙهيو آهي:

"ڪن مخصوص حالتن هيٺ بخشي ڇڏڻ سان پڻ قانون جون تقاضائون پوريون ٿين ٿيون، بشرطيڪ ڏوهاريءَ وٽ پڇتاءَ ۽ پشيمانيءَ جو پورو احساس هجي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چاليهون پنو

اخبار انڊين ايڪسپريس جي بل ڪليڪٽر جي نوڪريءَ مان فارغ ٿي، مان وري نئين ۽ پراڻي دهليءَ جا گس ۽ گهيڙ لتاڙيندو رهيس. ڳجهن مردانن مرضن، آتشڪ، سوزاڪ، باد فرنگ ۽ نامرديءَ جهڙين بيمارين جو شرطيہ علاج ڪندڙ حڪيم هرڪشن لال، بل جي رقم ادا ڪرڻ بدران منهنجي پئنٽ لاهڻ تي بضد هو ۽ مون کي پنهنجي ڪمائيءَ مان پئنٽ پاڻُي هئي، لاهڻي نہ هئي! ناآزمودگار نوجوانن ۽ جنسياتي طور ڪمزور شادي شده مردن کي ڪنهن اڄاتي خوف ۾ مبتلا ڪري، هن شاطريءَ سان مريضن کان لکين ڪروڙين رپيا ڪنا ڪيا. هن پنهنجن ٻن جوان پٽن کي پڻ پنهنجي ان ڌنڌي سان لڳايو ۽ ڪين ڪمزور ۽ ڏٻل مردن کي بيوقوف بڻائڻ جو هنر سيکاريو. ايئن هن جو ڪٽنب نئين دهليءَ ۾ بنگلن مٿان بنگلا جوڙائيندو ويو.

پنهنجي وڏي پٽ کي پاڻ جهڙو قابل بڻائي، ڪنهن وڏ گهراڻي گهر جي بيحد خوبصورت ڇوڪريءَ سان هن جي شادي ڪرائي. پهرئيتي پٽ جي شاديءَ ۾ هن کهڙا ڪهڙا جشن ڪيا، ان جا تفصيل ڏيڻ هت ضروري ناهن. پر اهو ٻڌائڻو اٿم تہ هن پنهنجي پٽ ۽ ننهن جي هني مون لاءِ خاص هيليڪاپٽر ڀاڙي تي ورتو ۽ کين پهرين ڪنهن پهاڙ تي ڌرمي استان ۾ آشيرواد وٺڻ لاءِ موڪليو. هيليڪاپٽر ڪنهن مٿانهين پهاڙ سان ٽڪرائجي ڇهين ڇيهون ٿي ويو ۽ حڪيم صاحب جي نوجوان پٽ ۽ هيرن جواهرن سان سجيل سهڻي ننهن جا لاش بہ جابلو ڪاهين ۾ ڪٿي لاپتا ٿي ويا.

پنهنجي وسيع بنگلي جي ڦهليل ڇپر تي، حڪيم هرڪشن لال، پوشيده مرضن جي علاج جي ماهر، هوليءَ جي ڏائڻ جهڙو باهہ جو وڏو مچ ٻارايو. شاديءَ ۾ مليل ننهن جو سڄو ڏاج، پٽ کي مليل ڪپڙا لٽا، ساز و سامان، سوڪڙيون پاڪڙيون، پلنگ پٿرٽيون، سوين ساڙهيون ۽ سوٽ، پاڻ باهہ جي ڀنيٺ اڳيان بيهي، هڪ هڪ ڪري ان ۾ اڇليندو ويو. ڇون ٿا ايترو تہ سامان هو جو صبح کان شام تائين اهو سڙندو رهيو ۽ اڌ رات تائين ان مان الا نڪرندا رهيا. حڪيم صاحب جي اک ۾ هڪ ڳوڙهو بہ نہ هو ۽ مهيني اندر حڪيم هرڪشن لال پنهنجي پٽ ۽ ننهن جي ڳولها ۾ اتي وڃي پهتو جتان اڄ تائين ڪو بہ نہ موٽيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پنهنجو پاڻ سان اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ مان زندگيءَ ۾ گذر سفر لاءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪندس، ضرورت پيئي تہ هندي ليکڪ اپيندر ناٿ اشڪ جيان گاڏي تي ٽماٽا ۽ بصر پٽاٽا وڪڻندس يا رتاير ٿي، فراق گورکپوريءَ وانگر الله آباد جي ڪتري ۾ آچار، مربن ۽ چٽڻين جو دڪان کوليندس، پر سرڪاري يا نيم سرڪاري نوڪري نہ ڪندس. منهنجو ڪاليج جو پيارو دوست جيون گرسهاڻي، جيڪو اڳتي هلي سنڌي رنگ منچ جو مثالي هدايتڪار ٿيو، ڪلڪتي ۾ چانهہ جي ڪمپني بروڪ بانڊ ۾ سيلسمين جي نوڪري ڪرڻ لڳو. هو سڄو ڏينهن شهر پيتڪنديءَ، چورنگيءَ جي پنواڙين جي مانڊڻين تي هڪ هڪ آني واريون چانهہ جون پڙيون وڪڻندو هو. ۽ اهي خريد ڪرڻ لاءِ بهاري پنواڙين کي ايلاز ڪندو هو. ڪلڪتي جا پنواڙي هن کان چانهہ جون پڙيون وٺي، ڪيس ڪڏهن پئسن بدران ڪئپسٽن سگريٽن جو پئڪيٽ ڏيندا هئا. منهنجو عياش دوست جيون پنهنجي خرچ جي پورائيءَ لاءِ ڪلڪتي جي ڪابلي وارن لالن (پٺاڻن) کان وڏي وياج تي قرض وٺندو هو. اهي لالا هن کان مور جي رقم وٺڻ کان تہ ڪيٻائيندا هئا، پر جي وياج جي قسط ڏيڻ ۾ ڪجهہ دير ٿيندي هئي تہ جيون کي سيني سامهون ڳنڊڙ کان اچي جهليندا هئا. هڪ ڏينهن جيون گرهساڻي جيئن تيئن پٺاڻ لالن جو قرض چڪتو ڪري دهليءَ پهچي آيو.

بي روزگاريءَ دوران جيون، هيم ۽ مان هتي هُتي جوڪائيءَ وارا چڪر هڻندا وتندا هئاسين، پر ڪنڌل هوندي بہ خان بڻجي هلندا هئاسين. جيون ۽ مان خالي گرئجوئيٽ هائسين، پر هيم ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ اڏيپور جي ٽيچرس ٽيننگ ڪاليج مان بي. ايڊ جي ڊگري وٺي آيو هو، پر پوءِ بہ هن کي ماستري نٿي ملي. دهليءَ ۾ تي سنڌي اسڪول هئا، پر سنڌ مان آيل آزموديگار ماسترن جي هڪ وڏي کيپ اڳ ۾ئي تنهي اسڪولن ۾ کپچي ويئي هئي ۽ انهن مان اجا بہ ڪي بيروزگار ويٺا هئا.

مينهن هجي، واچوڙو هجي، آنڌي هجي، طوفان هجي. اسين ٽيئي دوست هر شام گڏ هوندا هئاسين. چانهہ جي هڪ ڪوپ جا ٽي حصا ڪري پيئندا هئاسين. ڪئپسٽن جي هڪ سگريٽ مان واري واري سان سوٽو هڻندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن فلم ڏسڻ جيترا پئسا هٿ اچي ويندا هئا تہ ايئن بہ ڪيوسين جو انٽرول تائين اڌ فلم هڪ ڏسندو ۽ پويون اڌ ٻيو ڏسي فلم جا باقي ڪهاڻي اچي ٻڌائيندو. پوءِ بہ زندگي بي فڪريءَ سان گذري رهي هئي.

نئين دهليءَ جي نئين وسيل ڪالوني لجپت نگر جا سنڌي ڪٽنب، گرو پرپ (گرو نانڪ جو جنم ڏينهن) ڏاڍي ڌام ڌوم سان ملهائيندا هئا. سڄو ڏينهن لنگر جاري رهندو هو ۽ سڄي رات ڀڄن ڀاءَ ۽ سنگيت جا پروگرام ٿيندا ۽ چانهہ پاڻيءَ جا ڍرم ڀرجندا رهندا هئا. نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون ڏينهن جو لنگر ۾ شيوا ڪندا هئا. ڇوڪريون ۽ عورتون رڌڻ پچائڻ ۽ ڇوڪرا ونڊڻ ورهائڻ ۾ رڌل رهندا هئا. رات جو اهي ئي شيواڌاري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪرا ڇوڪريون، ڇمڪندڙ ويس وڳا اوڍي جڏهن ڪنهن فنڪشن پريڊ ۾ اچي ڀرو ونندا هئا. آمهون سامهون اکين جا اشارا، نظربازي، لچارا ڳاڙها ڳل ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪنڊ پاسي لڪل ملاقاتون، وري ملڻ جا وعدا ۽ وچن ۽ گروءَ جي مورتيءَ اڳيان اچي گڏجي مٿا ٽيڪڻ ۽ اڳتي جون آسيسون وٺڻ. ڏور نياڻين جا مائٽ به اندر ۾ خوش هوندا هئا ته من گروءَ جي مهر سان سندن نياڻين جو اڪلاءَ ٿي وڃي.

نوابشاهه جي ٽڪاڻي جو ڀائي نهچلداس سنڌيءَ گاڏڙ هنديءَ ۾ پروچن ڪندو هو: "گرو ڪا در سب ڪا کلا هئه. تين دن تڪ ڪوئي ڀي اپني گهر ۾ آگ نهين لڳائي. اور هر ڪوئي گرو ڪي در پر آڪي کائي. لنگر ڪي چلهه ۾ هرندڙ بندي وسامڻ نهين چاهيئي. ماتائون اربهنون سي ڀي وينتي هئه ڪ روز صبح سوير آڪي مندر ۾ جهاڙو ڦيري اور باسڻ برتڻ ملين."

ڀائي نهچلداس جو وياکياڻ ٻڌي جوان ڇوڪريون وات ۾ روا وجهي کلنديون هيون ۽ ڇورا سيٽيون وڄائيندا هئا. گروپرب جي لنگر ۾ بابا 'نيپراج سنڌي مڊل اسڪول' جو انتظام هلائيندڙ 'سنڌي ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ' جو ٽرسٽي پريداس چانڊواڻي، نارايڻ شيام کي گڏجي ويو ۽ چيائينس ته "اسڪول جو هيڊ ماستر سرڪاري سول سروس ۾ سليڪٽ ٿي ويو آهي ۽ استعيفيٰ موڪلي اٿائين. ڪو لائق ۽ ڪواليفائيڊ سنڌي نظر ۾ هجيئي ته نالو تجويز ڪر." مان سامهون صندل تي لڏن جون پيٽيون پري رهيو هوس. شيام مون کي سڏ ڪري پڇيو "هيمر ڪٿي آهي؟" چيومانس، "سامهون نامي نوتاڻيءَ جي گهر جيون سان گڏ تاس وينو کيڏي" (نامو نوتاڻي اسان جو ڪاليج جو دوست هو. هڪ دلچسپ ڪئريڪٽر هو. اڄ ڪلهه لنڊن ۾ آهي ۽ آئرلينڊ جي انگريزياڻيءَ سان شادي ڪري خوب ترقي ڪئي اٿائين. پنهنجو ڪو اولاد نه هئڻ ڪري اتي هڪ نيگرو ٻار گود ورتو اٿائين. مان سامهون نامي جي گهران هيمر کي سڏي آيس. چانڊواڻيءَ هن کي ٻئي ڏينهن اسڪول ۾ اچڻ لاءِ چيو ۽ ٽئين ڏينهن هيمر اڍائي سو رپيا ماهوار پگهار تي نيپراج سنڌي مڊل اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ٿي ويو.

نئين نئين برپا ٿيل سنڌي اسڪول جو انتظام سنڀالڻ ۾ هيمر کي خاص ڏکيائي ٿي رهي هئي. هو فنڪار ته تمام وڏو هو پر هن ۾ انتظامي صلاحيتون خير ڪي هيون. اڍائي ٽي سؤ شاگرد شاگرديائڻيون ۽ ويهارو کن ماستريائڻيون، هن جي ضابطي کان ٻاهر هئا. ڪين گهربل سهوليتون ڏيڻ ۽ سندن رقابتن جا نبيرا ڪرڻ هيمر جهڙي شريف النفس شخص جي وس کان ٻاهر هئا. ان کان سواءِ سگريٽ جي ٻاڙ مارڻ لاءِ هر ڪلاڪ ٻن کان پوءِ هيمر کي اسڪول جي احاطي کان ٻاهر اچڻو ٿي پيو ۽ ايندڙ ويندڙ شاگردن کان لڪي، پٽ ۾ منهن وجهي، ٽڪڙا ٽڪڙا سوٽا هڻڻا ٿي پيا. هن جو ڇتيهن ڀاتين جو ڪٽنب هو ۽ هو هڪ سعاتمند پٽ جيان سڄي پگهار پنهنجي پيءُ جي ترڻيءَ تي اچي رکندو هو. ان ڪري روزگار سان لڳل هيمر ۽ ٻي روزگار آئون ۽ جيون جي مالي حالتن ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو خاص فرق نہ هو. هيم ڇهن مهينن اندر ئي تنگ ٿي اسڪول جي هيڊ ماستري ڇڏي آيو جو 'تنگ آيد بہ جنگ آيد' هن جي فطرت ۾ ئي نہ هو.

هيم اسان ٽنهي دوستن ۾ وڌيڪ ڪواليفائيڊ. ايم. ايم. بي. ايڊ کان سواءِ هو سنڌ ۾ 'سڪرنڊ ائگريڪلچر ڪاليج' مان زراعت جي ڊگري وٺي آيو هو. جيڪا لڏپلاڻ وقت هن کان هيٺ مٽي ٿي ويئي هئي. نارايڻ شام جي نوابشاهہ جي ڪنهن دوست جي مدد سان سڪرنڊ ڪاليج جو سرٽيفڪيٽ ٽپال رستي هيم کي ملي ويو ۽ مهيني کن اندر ئي هن کي 'انڊين ڪائونسل آف ائگريڪلچر ريسرچ' (آءِ سي اي آر) ۾ معقول ملازمت ملي ويئي. ڪائونسل طرفان 'يوجنا' نالي ماهوار انگريزي رسالو شايع ٿيندو هو. جنهن جو ايڊيٽر مشهور انگريزي صحافي ۽ اديب خوشونت سنگهہ. رسالي ۾ شايع ٿيندڙ پنهنجا ايڊيٽوريل ۽ ٻيون آرٽيڪلس هيم کي نظرثانيءَ لاءِ ڏيندو هو ۽ هن جون ڪيل درستيون بنا جهجهڪ قبول ڪندو هو.

هيم شام جو آفيس مان نڪري, پنڌ ئي پنڌ سڌو ڪناٽ پليس جي جنتا ڪافي هائوس ۾ ايندو هو. جتي مان ۽ جيون هن جو انتظار ڪندا رهندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن سترام همدرد, موتي جوتواڻي, آنند ڪيماڻي, شيام پاڳيا ۽ ٻيا دوست بہ اتي ملندا هئاسين, پر جلد ئي جوتواڻيءَ کي راجڪوٽ جي ريڊيو اسٽيشن تي نوڪري ملي ويئي. آنند ڪيماڻي گواليار جي ڪنهن ڪاليج ۾ ليڪچرار وڃي لڳو. شيام پاڳيا پنهنجي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪم ۾ سجاد ظهير سان ملڪ جا دورا ڪرڻ لڳو. سترام همدرد شام جو پنهنجي ربي ريسٽارنٽ جو دخل سنڀالڻ لڳو. هريڪانت اجان اجمير ۾ ناڪي منشيءَ جي نوڪري ۽ ڀنگوڙي دوستن سان ريڌو رهيو. باقي اسان ٽنهي ڄڻن ڪڏهن بہ پيرو نہ ڇڳو. ڪافيءَ جو بل ڀرڻ بعد اسان جا کيسا خالي هوندا هئا ۽ اسين ٽيئي پنڌ ئي پنڌ پنهنجي گهرن ڏانهن موٽندا هئاسين. هيم پنج ميل پنڌ ڪري آزاد مارڪيٽ, جيون چار ميل پنڌ ڪري لوڌي روڊ ۽ مان ڇهہ ميل پري موتي باغ ايندو هوس. ڪافي هائوس ۾ منهنجو اردوءَ جو شاعر دوست نريش ڪمار شاد بہ اڪثر ايندو هو. هو موتي باغ ۾ منهنجو پاڙيسري هو ۽ اسين ٻيئي گڏ پنڌ پوندا هئاسين. شاد جي شاعري ٻڌندي, پنجن ڇهن ميلن جو پنڌ لڪائيندو ئي نہ هو. هو اڪثر نشي ۾ ٽڙندو ٿاٻڙندو هلندو هو.

نريش ڪمار شاد اردوءَ جو بيحد پلوڙ نوجوان شاعر هو. ورهاڱي کان اڳ لاهور جي اردو ادبي حلقن ۾ وڏا وڏا جڳادري شاعر ايتري ڪم عمريءَ ۾ هن جي اهڙي پختي ۽ گهري شاعري ٻڌي حيران ٿيندا هئا. لاهور ڇڏي هن ڪانپور مان اردوءَ جو ادبي رسالو شروع ڪيو پر شراب جي پٽ هن جو الهہ تلهہ ناس ڪري ڇڏيو. دهليءَ ۾ هن کي هوا پاڻي واري کاتي ۾ ڪلارڪيءَ جي نوڪري ملي, پر هو پاڻيءَ بدران شراب جا ڍڪ پي آفيس ۾ نشي جي حالت ۾ پهچندو هو ۽ سرڪاري فائيلن تي شعر لکندو هو. ان ڪري آفيس وارا هن کي ڪو بہ ڪم نہ ڏيندا هئا ۽ هو بنا ڪنهن مداخلت جي ڪنڊ پاسيرو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهي شاعري ڪندو رهندو هو. شراب جو پئوو هميشه هن جي کيسي ۾ رهندو هو. برداشت کان ٻاهر مئي نوشيءَ ڪري، هو دريا گنج جي نالن ۾ گٽرن ۾ ڪريو پيو هوندو هو. جتان ڪيترا ڀيرا پوليس وارا هن کي جهلي، ٿاڻي ۾ وجهي لاڪ اپ ۾ وجهندا هئا ۽ ٻئي صبح جو ضمانت وٺي کيس ڇڏي ڏيندا هئا. ڪيئي ڀيرا مان ۽ سترام همدرد هن کي دريا گنج ٿاڻي مان ضمانت ڏيئي ڇڏائي آيا هئاسين. نيٺ پوليس بہ هن کي خدا جو بخشيل روح سمجهي، ايئن ئي ڇڏي ڏيندي هئي. هڪ ڏينهن سترام جي غير حاضريءَ ۾ شاد نشي ۾ ٻٽ ٿي، سترام جي ربي ريسٽارنٽ ۾ وڃي وڏو هنگامو ڪيو. ۽ سترام جي ٻن سالن، جيڪي هوٽل ۾ هن جا پائيوار هئا. نريش ڪمار شاد کي سخت مار ڏيئي هوٽل مان ڌڪي ڪڍيو.

گڏجڻ تي سترام هن کي ڪو بہ ڏوراپو نہ ڏنو ۽ شاد شرمساريءَ وچان وري هن جي هوٽل ۾ نہ ويو.

شاعري ۽ شراب نريش ڪمار شاد کي تباهہ ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن صبح جو منهن اونداهيءَ نشي ۾ ڌت ٿي، هن جمنا نديءَ ۾ ٽپو ڏيئي آپگهات ڪيو. ٻئي ڏينهن جمنا جي پل جي ٿنڀن ۾ اٽڪيل هن جو لاش مليو. هو ايڪتاليهن سالن جو هو. هن جي وڏوا ورشا سامت جو ساٿ ڪنيو. مشهور شاعر قتيل شفائي ورشا سان اعزا پرسي ڪرڻ لاءِ خاص لاهور مان ڪهي آيو. ٻنهي جي لاهور وارن ڏينهن کان گهري دوستي هئي.

مان ۽ جيون جوڪائيءَ جا چڪر هڻندي، سڄو ڏينهن گذاري ڇڏيندا هئاسين. هيم کي زرعي کاتي ۾ محفوظ ملازمت ملي چڪي هئي.

مان پنهنجيءَ ماءُ کان روزانو هڪ بہ رپيا وٺي گهران نڪري ويندو هوس. منهنجو پيءُ پنهنجي آفيس مان موٽي، پنهنجي ڪمري ۾ پاڻ کي بند ڪري، هر شيءِ کان بي نياز ٿي ويندو هو. شام جو اٺين بجي منهنجي ماءُ هن اڳيان بوتل ۽ گلاس آڻي رکندي هئي. ان مهل گهر ۾ ڪو مهمان ايندو تہ دادا چوندو هوس يا تہ گلاس گهرائي گڏجي ويهي پيگ پيءُ يا وري خدا حافظا پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلو پيگ پيئڻ کان پوءِ، هن جي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ دلچسپي نہ رهندي هئي. ڪير ڪيڏانهن ويو آهي؟ ڪير ڪهڙيءَ مهل گهر ۾ اچي ٿو وڃي ٿو هن ڪڏهن بہ ڄاڻڻ جي زحمت نہ ورتي ۽ نہ ڪڏهن ڪنهن جي ڪنهن ڪم ۾ دست اندازي ڪئي. ذاتي طور هو هڪ ادار دل، صاف گو ۽ رحمدل شخص هو. انگريزي ۽ فارسي ادب جو وڏو اپياسي هو.

جيون جا والدين هن جي ٻاروتڻ ۾ ئي گذاري ويا هئا. هن جي ماسڙ جيڪو ڪلڪتي ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي هو ۽ بي اولاد هو. جيون کي پٽ ڪري پاليو هو. هو هر مهيني هن کي خرچ پکي لاءِ ڪجهہ رقم موڪليندو هو. جيون، لوڌي ڪالونيءَ جي سرڪاري ڪوارٽرن جي برساتيءَ ۾ اڪيلو رهندو هو. هن جي ان مسواڙي برساتيءَ سان اسان جا ڪيئي رومانوي قصا جڙيل آهن. سوا ڇهہ فٽي قداور جيون کي، عشق جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معاملي ۾ اسان کان برتري حاصل هئي. هڪ دفعو ڪائي حسينہ هن جي لهہ وچڙ ۾ آئي تہ هن جي گرويده ٿي ويندي هئي. هو عشق جي اٽڪل بازين جو وڏو جادوگر هو پر ڪڏهن بہ ڪنهن معصومہ جو استحصال نہ ڪيائين.

’زر بسيار عشق ٺهہ پهہ‘ واري محاوري کي جيون غلط ثابت ڪيو ۽ زر نيست جي باوجود عشق هن وٽ. آرائينءَ جيان جهول پري ايندو رهيو. ڪجهہ ڏينهن ۾ جيون کي رنگ روغن ۽ وارنش ٺاهڻ واري ڪمپني ڪلر ڪيم ۾ سيلسمئن جي نوڪري ملي ويئي. هو دهلي، هريانہ ۽ ننڍن شهرن جي ڊيلرن وٽ وڃي رنگ ۽ پينٽ جي دڪن جا آرڊر وٺي ايندو هو. پگهار کان وڌيڪ هن جو مسافري پتو ٺهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن مان بہ هن سان گڏ ميرٺ، ڪرنال، امبالا، پاٽيپت وغيره ويندو هوس.

مان هيءَ سڄي بيان بازي ان لاءِ ڪري رهيو آهيان، جو رڪارڊ تي رکڻ ٿو چاهيان تہ پنهنجي ڌرتيءَ کان پير اکوڙجڻ کان پوءِ اها ان وقت جي اسان جي سماجي ۽ ثقافتي زندگي هئي، پر پوءِ بہ اسين پنهنجي وطن کان ڪٽي آيل پنهنجين روايتن ۽ ريتن رسمن کي سوگهو جهلي بيٺا هئاسين.

منهنجي پاڙي ۾ مسٽر ڪپور نالي هڪ پنجابي رهندو هو. ڪپور ٽلا رياست ۽ پشاور جي ڪتري ذات جا ڪپور گهراڻي جا مرد ۽ عورتون صورت شڪل جا سهڻا ۽ ٺاهوڪا ٿيندا آهن. مسٽر ڪپور پاڻ بہ شاهاڻي شڪل جو هو ۽ هن جي ڪٽنب جا ڀاتي بہ سهڻين صورتن وارا هئا. هن کي ٽي ڏيئر هيون، جيڪي حسن جو نادر نمونو هيون. مان جڏهن ڪا نئين فلم ڏسي ايندو هوس تہ ڪجهہ ڏينهن تائين ان فلم جا گانا جهونگاريندو رهندو هوس ۽ هن جي وڏيءَ ڌيءَ شاردا کي فلم جي ڪهاڻي ۽ گانا ٻڌائيندو هوس. هڪ ڏينهن شام جو هن جي گهر جي ٿلهي تي ويهي، مان شاردا کي مڪيش جو گانو ’هم آج ڪهين دل کو بٺني‘ ڳائي ٻڌائي رهيو هوس، جو ڪپور صاحب آفيس مان موٽندي، اسان کي گڏ ويٺي ۽ مون کي گانو ڳائيندو ڏسي، ڪاوڙجي شاردا کي گهر اندر سڏ ڪيو ۽ سنان پاڻي ڪري، ڪپڙا مٽي، سڌو اسان جي گهر اچي منهنجي پيءُ کي چيائين، ”توهان جو پٽ، منهنجي ڌيءَ کي ڏسي بيهودا فلمي گانا ٿو ڳائي. هن کي مهرباني ڪري جهلي ڇڏيو تہ منهنجي ڌيءَ اڳيان اهڙا فلمي گانا نہ ڳائي.“ دادا کي ڪل اچي ويئي ۽ مرڪي چيائينس، ”ڪپور صاحب، منهنجو ڇوڪرو جي فلمي گانن بدران غير فلمي گانا ڳائي تہ پوءِ تہ توهان کي ڪو اعتراض نہ ٿيندو.“

ڪپور صاحب کي بہ کل اچي ويئي. دادا هن کي ٻرنڪ ٺاهي ڏني ۽ چيائين، ”ڪپور صاحب، جوان ٻار آهن، ٿوري وقت لاءِ دوستيءَ ۾ دل وندرائڻ ۾ ڪا اعتراض جوڳي ڳالهہ نہ هئڻ گهرجي، پوءِ بہ مان پٽ کي تنبيهہ ڪندس ۽ توهان بہ پنهنجي ڇوڪريءَ کي فلمي گانا ٻڌڻ کان منع ڪري ڇڏيو.“ اڳتي هلي ٻنهي جي وچ ۾ دوستي قائم ٿي ويئي، پر سنڌن ٻارن سان منهنجي دوستي ختم ٿي ويئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ شام جو ڪپور صاحب ڪرول باغ جي اسٽور ۾ خريداري ڪندي ملي ويو. نيٽ پنجابيءَ ۾ پڇيائين، ”اي منڊيا، ڪجهه ڪندو به آهين يا رڳو فلمون ڏسي فلمي گانا ڳائيندو وتندو آهين؟“ چيومانس، ”گريجوئيشن ڪري نوڪري ڳولهي رهيو آهيان.“ چيائين، ”سڀاڻي صبح جو منهنجيءَ آفيس ۾ اچي مون سان ملجانءِ. هي منهنجو ڪارڊ سنڀالي رک.“

مسٽر ڪپور ڪشميري گيٽ تي ’رايل سپريم برئنڊ‘ نالي سائيڪلون تيار ڪندڙ هڪ وڏي ڪمپنيءَ ’پرل سائيڪل انڊسٽريز‘ ۾ مئنيجر هو. ڪمپنيءَ جي فئڪٽري ويهه ميل پري نخجف ڳڙهه ۾ هئي، جتي روزانو به هزار سائيڪلون تيار ٿينديون هيون. سڄي اتر هندستان ۾ گواليار ۽ جهانسيءَ تائين ان ڪمپنيءَ جا ڊيلر هئا. ڪمپنيءَ ۾ ڏهه ٻارنهن سيلسمين هئا. جيڪي جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي سائيڪلن جا آرڊر وٺي ايندا هئا ۽ مهيني کان پوءِ ڊيلرن وٽان وڪري جون وصوليون ڪري ايندا هئا. ٻئي ڏينهن ڪشميري گيٽ واري هيڊ آفيس ۾ پهچڻ تي، ڪپور صاحب مون کي ڪمپنيءَ جي سيلس مئنيجر سان ملايو. جيڪو جيڪب آباد جو سنڌي مسٽر دولت دلواڻي هو. دلواڻيءَ مون کان به چار هتان هتان جا سوال پڇي، مون کي ’پرل سائيڪلز انڊسٽريز‘ ۾ سيلز ريپريزينٽو جي نوڪريءَ ۾ رکيو. پگهار اڍائي سو. ٻاهر ٽوئر تي ريل جو سيڪنڊ ڪلاس ڀاڙو ۽ ٻارهن رپيا روزانو ڀتو.

رنگ روغن تيار ڪندڙ ۽ سائيڪليون ٺاهيندڙ ڪمپنين جا سيلسمين ٻڌجي، جيئن ۽ مان دهليءَ جي آسپاس جي شهرن، قصبن ۽ ڳوٺن ۾ پنهنجن پنهنجن بريف ڪيسن ۾ آرڊر بڪ ۽ رسيدي چوپڙيون وجهي، ڪٿي ٽانگن، ڪٿي سائيڪل رڪشائن ۽ ڪٿي پيرين پنڌ گهمندا هئاسين ۽ آرڊر بڪ ڪندا هئاسين ۽ مقرر معياد بعد وصوليون ڪندا هئاسين. ڪوشش ڪري اسين ٻاهرين ٽوئر جي رٿابندي ايئن ڪندا هئاسين، جيئن هڪ وقت هڪ ئي شهر يا ڳوٺ ۾ گڏ هجون. ميرٺ، سهارنپور، مظفر نگر، ڪرنال، پاڻيپت، مترا، آگري ۽ گواليار تائين اسان جي ڊيلرن جون حدون مقرر ٿيل هيون، جتي مون کي هڪ سائيڪل وڪڻ تي جيتري ڪميشن ملندي هئي، اتي جيئون کي پنجاهه ڊبا وڪڻ تي ايتري رقم ملندي هئي. پوءِ به هو مون کان وڌيڪ ڪمائيندو هو. هو جيترو قابل ڊراما نگار هو ايترو ئي ڪامياب سيلسمين به هو. ڪن قصبن ۽ ڳوٺن ۾ اسان کي مسافر خانن، مهمان سراين ۽ ريلوي پليٽ فارمن ۽ بس اڏن تي به راتيون گذارڻيون پونديون هيون. ميرٺ، مظفر نگر ۽ سهارنپور جي مجري وارين جي ڪوٺن تي رات جا ٻارنهن ته ايئن ٿي ويندا هئا.

ميرٺ ۽ سهارنپور جي مجرن ۾ هردوار جا پنڊا ۽ پنڊت به ايندا هئا ته ديوبندي، بريلوي ۽ وهابي به ايندا هئا. ميرٺ جي آدرش هندو هوٽل ۾ مون ۽ جيئون رات جو هندو ۽ مسلمانن فسادين کي پاڻ ۾ پئسا ورهائيندي به ڏٺو ته شراب پيئندي به ڏٺو ۽ مسجد ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي ۽ هن اهو امر ڦل سئس ڏانهن ڏياري موڪليو. طنبيلي جي ان سئس جو پيار وري اجين جي هڪ وئشيا سان هو ۽ هن اهو ڦل وچي پنهنجيءَ پريتما کي ڏنو.

ادار دل ڪامڻي وئشيا سوچيو مان تہ سماج جي نوڪرن ۾ ويٺل هڪ حقير وئشيا آهيان، مون کي ڇا هڙ حاصل ٿيندو؟ ڇو نہ مان اهڙو لافاني امر ڦل پنهنجي ديش جي دلاري راجا کي وڃي ڏيان، جيڪو پنهنجي سڄيءَ پرجا جي پرگهور لهي رهيو آهي. هوءَ اهو امر ڦل راجا ڀرتريءَ وٽ کڻي آئي. راجا جو روح رڙڪري اُٿيو.

راجا ڀرتري هري راج پاٽ ڇڏي، وئراڳي ٿي ويو ۽ ان وئراڳ ورتيءَ ۾ هن پنهنجي شاهڪار گرنٿ ’وئراڳ شتڪ‘ جي رچنا ڪئي.

اسان جي ’عظيم شاعر‘ شيخ اياز جون اهي دعائون ’وئراڳ شتڪ‘ جي انهن شلوڪن جو الٿو آهن.

هرياڻي ۽ يو.پيءَ جي شهرن جا ڊيلر ۽ دڪاندار صبح صبح اسان جي شڪل ڏسڻ پسند نہ ڪندا هئا، ان ڪري مان ۽ جيون منجهند کان پوءِ ئي سندن دڪانن تي چڙهندا هئاسين. ڪي جيون جي ڪمپنيءَ جي تيار ڪيل رنگن، روغنن مان وڏون ڪيندا هئا، تہ ڪي مون کي رايل سپريم سائيڪل جا ڦيٿا ۽ هئنڊل ڇپا ڪري ڏيکاريندا هئا ۽ ايئن بلن جا پئسا ڏيڻ کان نٽائيندا هئا. اسان ٻنهي کي پنهنجن پنهنجن ڊيلرن هٿان ڪيئي ڀيرا ذليل ۽ خوار ٿيڻو پوندو هو.

هڪ ڏينهن ڪمپنيءَ جي سيلس مئنيجر دولت دلواڻيءَ مون کي چيو ”تون سياڻي ئي آگري هليو وڃ. اتان جو فلاڻو ڊيلر گذريل ڇهن مهينن کان صرف موڪليل مال جون ٻلٽيون ٿو ڇڏائي ۽ نہ سال کن کان وڪري جي رقم ٿو موڪلي. هن ڏانهن ڏهن ٻارهن هزارن جي بقايا ٿي ويئي آهي. تون وڃي هن سان حساب چڪتو ڪري اچ ۽ ڪيس ڌمڪي ڏيئي اچ تہ جيڪڏهن هفتي اندر نئين مال جي ڊلويري نہ روڪي ۽ بقايا رقم نہ موڪليندو تہ تو مٿان قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، ۽ ها، ڪجهہ سختيءَ کان ڪم وٺج.“ ٻئي ڏينهن مان آگري اچي، ڪناري بزار جي ان ڊيلر وٽ پهچي ويس. سڄو دڪان سائيڪلن جي ڪوڪن، ٽائرن، ٽيوبن، هئنڊلن ۽ پئنڊلن سان سٿيو پيو هو. دڪان جو مالڪ شڪل مان ئي شودو لڳي رهيو هو. هن کي ڏسي ئي مون کي هيبت وٺي وئي. نرمائيءَ مان چيومانس، ”مان دهليءَ کان ڪمپنيءَ جو فلاڻو سيلسمئن آهيان ۽ توهان ڏانهن هيتري بقايا رهيل آهي، جيڪا هفتي اندر چڪتو ڪريو ۽ موڪليل مال جون ٻلٽيون ڇڏايو.“ مون حساب ڪتاب جي ڪاپي هن ڏانهن وڌائي.

مون کي ڏسي هن جو هيانءُ ئي سڙي ويو. خونخوار نظرن سان مون ڏانهن ڏسي، اترادي سنڌيءَ ۾ نوڪر کي هڪل ڪندي چيائين، ”اڙي ڇورا، وڃي ڪو استول پستول کڻي اچ، هيءُ جو پڙوو ايجنٽ دليءَ کان آيو آهي، اهو ڇا منهنجي... ٽي ويهندو؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي اگهاڙي گار ٻڌي منهنجو پگهر نڪري ويو. حساب ڪتاب جي ڪاپي اتي ئي ڦٽي ڪري، دڪان کان ٻاهر نڪري آيس ۽ پهرين گاڏي پڪڙي دهليءَ موٽي آيس.

اسٽيشن تان سڌو سهڪندو ڪشميري گيٽ آفيس پهچي، سيلس مئنيجر کي چيم، ”دولت دلواڻي، تنهنجي هن سنڌي ڊيلر ته مون کي الائي ڇا ڇا تي پئي ويهاريو. وٺ رکي اٿيئي تنهنجي هيءَ نوڪري“

الائي منهنجي نوڪريءَ واري نصيب ۾ ڇا هو جو پهرين نوڪريءَ ۾ حڪيم هرڪشن لال مون کان پئنٽ پئي لاهرائي ته ٻي نوڪريءَ ۾ ٻُڍڙهي ياسين جو وٺن ڪوٺو واڻيو مون کي پنهنجي واهولي تي وهارڻ پيو چاهي. هڪ پيرو وري مان رستن تي رلڻ لڳس ۽ سوچيندو رهيس ته اجا مون کي زندگيءَ ۾ ڪيترو ذليل ٿيڻو آهي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڪيتاليهون پنو

ڪالهه (21 آگسٽ) عيني (قرت العين حيدر) جي تدفين تان واپسيءَ تي، هيءَ قسط آلين اکين، پريل دل ۽ ڏڪندڙهٿن سان لکي رهيو آهيان.
نائيوڊا جي قبرستان ۾ جڏهن منهنجي عيني ديديءَ جو لاش لحد ۾ لاهي رهيا هئا، ان مهل مون کي محسوس ٿي رهيو هو تہ جي ڪانڌي مون کي نہ سڃاڻن ها تہ مان بہ ڪوٽيل کاهيءَ ۾ ٽپو ڏيئي، ساڻس گڏ دفن ٿي وڃان ها. مان ڏسي رهيو هوس تہ هن جي 'آگ ڪا دريا' جا ڪردار چمپا، گوتم نيلامبر ۽ منصور ڪمال پنهنجيءَ تخليقڪار کان وداع ٿي رهيا هئا.
گروڪل جو گوتم نيلامبر، پنهنجي گروڪل جي انهن سيني وديارٿي چوڪرن چوڪرين سان اتي حاضر هو جيڪي گيان حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏيہ نرواڻ جون راهون روشن ڪرڻ لاءِ عينيءَ جي لاش ۾ پنهنجو پنر جنم ڏسي رهيا هئا. عراقي سيلاني منصور ڪمال بنارس جي چمپا سان گڏ بيٺو سوچي رهيو هو "مان ئي عينيءَ جو خلقيل اهو ڪردار آهيان، جيڪو ان قبرستان ۾ بيٺو آهي، جتي مان ئي لاش آهيان، مان ئي قابرو آهيان، ۽ مان ئي ماتم ڪندڙ ۽ عيني اسان کي امرتا بخشي پاڻ بہ لازوال ٿي ويئي آهي."
عينيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات مشهور ڪهاڻيڪار جوگيندر پال جي پتني ڪرشنا پال، پنجويهہ سال اڳ ڪرائي هئي. هوءَ ذاڪر باغ جي هڪ مسواڙي فلئٽ ۾ رهندي هئي. انهيءَ ئي بلڊنگ ۾ منهنجو دوست حسيني بہ رهندو هو. جيڪو پاڪستان جي مشهور اخبار جنگ جو نمائندو هو ۽ دکن جو مهاجر هوندي بہ صاف سنڌي ڳالهائيندو هو. ساڳئي ئي پيشي ۾ هوندي، اسين پيئي هم نوالا ۽ هم پيالا هوندا هئاسين. (حاجي ٿيڻ بعد هو سونهاري رکائي سخت مذهبي ۽ پڪو پرهيزگار ٿي ويو آهي.)
ريشمي بنارسي ساڙهيءَ ۾ ملبوس، ميندي لڳل، باب ڪٽ سرخ سيٽ ٿيل وارن ۽ ٿلهي فريم واري عينڪ ۾ چمڪندر چهري واري عينيءَ پاڻ اچي در کوليو ۽ پنهنجيءَ مخصوص مسڪراهٽ سان، ڪرشنا پال ۽ منهنجي آجيان ڪئي. اسان کي ڊرائنگ روم ۾ صوفا تي ويهاري، هوءَ سامهون ٽائنيڪي تي ويني. ڪرشنا هن سان منهنجي واقفيت ڪرائيندي کيس چيو. "هيءَ ٽائيمس آف انڊيا اخبار ۾ سب ايڊيٽر آهي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيءَ جو ساهتڪار آهي. هن تنهنجا سڀ ڪتاب پڙهيا آهن. ۽ عرصي کان تو سان ملاقات جي تمنا رکيو ويٺو آهي.“ عينيءَ مٺڙر مرڪ سان مون ڏانهن نهاريو. ۽ مان سچ پچ وٺجي ويس.

پنهنجيءَ ملازمہ ريحانہ کي چانهن ۽ ڪيڪ بسڪوٽ وغيره آڻڻ جو چئي، هوءَ مون کان هند سنڌ جي سنڌي ادب بابت احوال وٺڻ لڳي. اوچتو مون همٿ ٻڌي هن کي چيو ”ديدي، تو پنهنجي شاهڪار ’آگ ڪا دريا‘ ۾ هڪ تاريخي ۽ جاگرافيائي غلطي ڪئي آهي.“ هوءَ وائڙي ٿي مون ڏانهن ڏسڻ لڳي. چيائين، ”مان ان جو انگريزي ترجمو پاڻ ڪرڻ جو سوچي رهي آهيان. جي سچ پچ ڪا اهڙي غلطي ٿي ويئي آهي، ٻڌاءِ تہ سڌاري ڇڏيان.“ چيومانس ”ديدي، تو سنڌ جي سورمي مارئيءَ جو ملڪ ڪراچيءَ جي پر وارو ڳوٺ ملير ٻڌايو آهي، پر مارئيءَ وارو ملير ٿر علائقي جي ڏورانهين هنڌ آهي، جتان عمر بادشاهہ هن کي کوهہ تان کنيو هئو.“ کلي چيائين. ”مان تہ هندستان جي شهر نتهور (نجيب آباد) ضلعو بجنور جي آهيان. مون کي توهان جي سنڌ جي جاگرافيءَ جي ڪهڙي خبر؟ مون تہ مارئي ۾ ملير جو نالو ٻڌو هو تہ سمجهيم اهو ئي ڪراچيءَ وارو ملير هوندو.“

”ديدي، ٻي ڳالهہ اها تہ توهان پنهنجي سوانحي ڪتاب، ’ڪارِ جهان دراز هئہ‘ ۾ لکيو آهي، ”اڪبر جي دربار جي نورتنن ۾ ابو الفضل ۽ فيضي برادران ضلعي بجنور جا رهندڙ هئا. پر حقيقت اها آهي تہ هو ٻيئي سيوهڻ جا سنڌي هئا.“

”پر ٻنهي جون قبرون تہ بجنور ۾ آهن.“

”ٿي سگهي ٿو تہ جهانگير ابو الفضل کي قتل ڪرائي اتي دفنارايو هجي ۽ فيضيءَ کي بہ ڀاءُ جي پر ۾ دفنارايو ويو هجي، پر اڪبر نامي موجب هو سيوستان (سيوهڻ) جا رهندڙ هئا. تواريخ نويس عبدالقادر بدايونيءَ پڻ اها تصديق ڪئي آهي. اڪبر جي دربار ۾ عرصي تائين رهڻ واري ٻوڏي راهب اڪوا ديوا پڻ ٻنهي ڀائرن کي سنڌي عالم سڏيو آهي. ايتري قدر جو ايران جي بادشاهہ چيو هو تہ ”مان اڪبر جي تلوار کان ايترو نٿو ڊڃان، جيترو فيضيءَ جي قلم کان.“

عينيءَ ان وقت ئي اتي نوٽبڪ ۾ ٻيئي درستيون درج ڪري ڇڏيون. ڳالهيون دوران اوچتو عينيءَ پڇيو ”شيخ اياز اڄ ڪلهہ ڪٿي آهي؟ هن هڪ ڀيرو سکر ۾ منهنجي ۽ علي احمد بروهيءَ جي دعوت ڪئي هئي.“

چيومانس، ”ديدي، اڄ ڪلهہ وڪالت ڇڏي، ڪراچيءَ جي پرنس ڪامپليڪس ۾ پرسڪون زندگي گذاري رهيو آهي.“ چيائين. ”ٻڌو اٿم تہ پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ هن منهنجي باري ۾ لکيو آهي تہ ڪراچيءَ ۾ فلاڻي شخص نشي جي حالت ۾ عيني عيني عيني ڪندي چوٽينءَ ماڙ تان ٽپو ڏيئي خودڪشي ڪئي هئي.“

اياز جي ڪتاب، ”ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ ۾ مون برابر اهو پڙهيو هو ۽ مون کي چڱيءَ طرح ياد هو پر مان چپ رهيس. عينيءَ جي چهري جا ڀاوَ بدلجي ويا ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مصلحت پرستي ماڻهوءَ کي مذهب جي اوٽ وٺڻ کان به باز نٿي آڻي.

هڪ صبوح جو مون همٿ پڌي عينيءَ کي فون ڪيو ۽ ساڻس گڏجڻ جي خواهش ظاهر ڪيم. چيائين، ”اڄ شام جو ئي هليو اچ.“ ۽ مون ان سانجهيءَ جو ڇهين بجي عينيءَ جي ذاڪر باغ واري ٻئين ماڙي جي فلئٽ تي پهچي، ڏڪندڙ هٿن سان در جي گهنٽي وڄائي. ملازمہ ريحانہ در کوليو. عيني اسٽول تي ويهي مٿئين شيلف تان ڪو ڪتاب ڳولهي رهي هئي. اتان ئي چيائين، ”آجائو آجائو.“ هيٺ لهي چيائين، ”تنهنجي لاءِ هن ڪتاب جي ڪاپي ڳولهي رهي هيس.“ سو ڪن صفحن جو انگريزي ناوليٽ هو جيڪو لکنوءَ جي ڪنهن طوائف جي زندگيءَ بابت هو ۽ عينيءَ جي چوڻ موجب اهو اردوءَ جو پهريون طبعزاد ناول هو جيڪو مرزا رسوا جي ’امراؤ جان ادا‘ کان به گهڻو اڳ ڪنهن نوابزادي جو لکيل آهي. ان جو اوڌهي کاڌل بوسيده مسودو هن کي بجنور جي ڪنهن درزيءَ جي دڪان تان هٿ آيو هو ۽ هن اهو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري شايع ڪرايو آهي. (مون کي ان ڪتاب جو نالو ته ياد ناهي، پر ايترو ياد اٿم ته مون اهو ڪنهن هٿ شيخ اياز ڏانهن موڪليو هو جيڪو هن کي مليو الائي نه؟)

عينيءَ جي ملازمہ ريحانہ گرم گرم پڪوڙن ۽ شامي ڪبابن جي پليٽ کڻي آئي. عيني دلچسپ ڳالهيون به ڪندي رهي ۽ مون کي کائڻ لاءِ زور به پريندي رهي. ان شام مان تي ڪلاڪ عينيءَ وٽ ويٺو رهيس. ان وچ ۾ هوءَ ٽي ڀيرا اٿي نئين سر لپسٽڪ لڳائي، وار ٺاهي، وري اچي تي ويٺي. مون وقت ڏسي هن کان موڪلايو جيتوڻيڪ هن چاهيو پئي ته مان اجا به ويٺو ئي رهان. هن جي خلوص ۽ مهمان نوازيءَ مون کي بيحد متاثر ڪيو. ذاڪر باغ جي ٻاهرينءَ گيٽ تي جنگ جو خاطو حسيني صاحب گڏجي ويو. پڇيائين، ”هن وقت ڪٿان پيو اچين؟“ چيومانس، ”عينيءَ وٽان.“ چيائين، ”ان پوڙهيءَ وٽ وڃي ڇا ٿو ڪرين؟“ چيومانس، ”تو ڏاڙهيل مُلي وٽ اچي ڇا ڪيان؟“

ايئن منهنجو عينيءَ وٽ اچ وڃ جو سلسلو شروع ٿي ويو. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي دوست صغريٰ مهدي به ايندي هئي. هوءَ جامعہ مليہ ۾ ليڪچرار هئي ۽ عينيءَ جيان غيرشادي شده هئي. عيني پنهنجي اردوءَ واري ادبي لڏي کان ڇڳل رهندي هئي ۽ وچ ۾ واجب وڇوٽي رکندي هئي، ان ڪري نہ هوءَ ڪنهن کي پنهنجي گهر گهرائيندي هئي ۽ نہ ئي ڪو بنا اجازت جي سڌو سنڌس گهر اچڻ جي جرئت ئي ڪري سگهندو هو. هوءَ گهر ۾ جينس، ۽ ٽاپ پائي ويهندي هئي. پر جي وٽس ڪو اڄڻو هوندو هو يا هن کي ڪٿي ٻاهر وڃڻو هوندو هو ته قيمتي بنارسي ساڙهي پائيندي هئي. مون هن کي ڪڏهن به سلوار قميص يا مسلم ڪلچر جي روايتي وڳي ۾ نہ ڏٺو. پابند شيعا هئڻ ڪري محرم وارا ڏهہ ڏينهن نہ هوءَ ڪٿي ٻاهر نڪرندي هئي ۽ نہ ڪنهن سان ملندي هئي. هن جي پرواري ميز تي مير انيس ۽ دبير جي مرثين جا مجموعا رکيل هوندا هئا. پر مون کي جيتري قدر ڄاڻ آهي، هن ڪڏهن به پاڻ وٽ ڪا مجلس يا سوز خواني نہ ڪرائي. هڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيري مون عينيءَ کي چيو ”ديدي، مون کي دبير جا مرثيا مير انيس جي مرثين کان وڌيڪ ڇهندا آهن.“ چيائين، ”تون انيس ۽ دبير کي به پڙهندو آهين ڇا؟“ چيومانس، ”ها ديدي، تمام جذبي سان پڙهندو آهيان. اسان جي سنڌي شاعر سيد ثابت علي شاهه جا لکيل مرثيا به سنڌ ۾ بيحد مقبول آهن، پر هن جا مرثيا پڙهي ايئن لڳندو آهي، ڄڻ ڪربلا جو واقعو ڪوفي ۾ نه پر، ميرپورخاص ۾ ٿيو هو.“

ڏينهون ڏينهن عينيءَ سان منهنجا لاڳاپا وڌيڪ ويجها ٿيندا رهيا. مان ڪڏهن ڪڏهن هن لاءِ ڪو سٺو انگريزي ڪتاب کڻي ويندو هوس. هن جي پڙهڻ جي رفتار ايتري ته تيز هئي، جو هوءَ ٽن چئن سون صفحن جو ڪتاب چئن ڏينهن ۾ پڙهي پورو ڪندي هئي. هڪ ڏينهن مون هن کي آرٿر ڪوئسلر جو آخري ڪتاب Thirteenth tribe (تيرهون قبيلو) جيڪو ڪوئسلر خودڪشي ڪرڻ کان مهينو اڳ لکي پورو ڪيو هو ۽ هنجي موت بعد آمريڪا ۾ شايع ٿيو هو، ڪيس پيش ڪيو. (ڪوئسلر جي آپگهات جي ٻن ڏينهن کان پوءِ هن جي وائيف پڻ هن سان وڃي ملي هئي.) عيني ڪتاب پڙهي وٺي ويئي. مون کي چيائين، ”مان ڪڏهن ڪنهن کان ڪجهه گهرندي ناهيان، پر هيءَ ڪتاب مان پاڻ وٽ رکڻ ٿي چاهيان، ان جي عيوض مان تو کي پنڊت رتن لال سرشار جي، ’فسانئه آزاد‘ جا هزار هزار صفحن جا ڇهه جلد ٿي ڏيان. جيڪي هاڻي ناياب آهن. چئه سودو منظور اٿيئي؟“

عينيءَ جو ڏنل، وڏيءَ سائيز جي ڇهن جلدن وارو پنج ڇهه هزار صفحن جو ’فسانئه آزاد‘ مون سنڀالي ته رکيو آهي، پر ايترن سالن ۾ به سڄو پڙهي نه سگهيو آهيان.

’فسانئه آزاد‘ اردو نثر جو هڪ اهڙو نادر نمونو آهي، جنهن جي سٺ سٺ شاعريءَ جي حدن کي ڇهي ٿي. منشي پريمچند چيو هو ”ڪاش، مان ڪڏهن سرشار جهڙو نثر لکي سگهان!“ اهڙو روانيءَ وارو نثر مون انگريزيءَ ۾ ڪارلائل ۽ اردوءَ ۾ هڪ غير معروف اديب محمد علي رودولويءَ جو ئي پڙهيو آهي.

بي تڪلف ٿيڻ کان پوءِ عينيءَ جو Sense of humour (مزاح وارو حس) اڀري ايندو هو. هڪ شام مان هن وٽ ويٺو هوس جو وٽس ترقي پسند اديب ظ. انصاريءَ جو فون آيو. هو ٻه ٽي سال ماسڪو ۾ رهي، اتي خاصو عيش ڪري آيو هو ۽ روسي ڪتابن جي اردو ترجمن مان خوب ناڻو ڪمائي آيو هو. عينيءَ چيس، ”لالا، روسين جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي آئين؟“ هن طرفان الائي ڪهڙو جواب آيو، پر هوءَ مون کي ظ. انصاريءَ جو پنهنجيءَ هڪ برهمڻ مرهٽياڻي شاگردياڻيءَ سان ٻي شاديءَ جو مزي مزي سان قصو ٻڌائڻ لڳي. هن جي قصه گوئي بيحد دلچسپ هئي.

سعوديءَ جي جده شهر ۾ جشن جميل الدين عاليءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ، عينيءَ کي دعوت آئي. عاليءَ جي زور ڀرڻ تي هوءَ پنهنجو مقالو لکي جده پهچي ته ويئي، پر جڏهن پڙهڻ لاءِ اسٽيج تي چڙهڻ لڳي ته اسٽيج سيڪريٽريءَ روڪيندي چيس، ”هتي زال ذات



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواسٽيج تي اچي ڪلٺي منهن مقالو پڙهڻ ممنوع آهي.“ پوءِ عينيءَ ڪي خواتين وچ ۾ هڪ وڏي مچرداني‌ءَ اندر وجي ويهڻ لاءِ چيائين. ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي هوءَ ان مچرداني‌ءَ اندر وڃي ويني ته هڪ ڏهن ٻارهن سالن جو ٻار هن جي هٿ ۾ ڪارڊليس مائيڪ ڏيئي ويو. عينيءَ ڪي اهو مقالو مچرداني‌ءَ اندر ويهي پڙهڻو پيو. هن اڳتي لاءِ اهڙن ملڪن ۾ وڃڻ کان بان ڪري ڇڏي.

اهڙيون ڪيتريون ئي مزيدار ڳالهيون هوءَ مون کي موڊ ۾ اچي ٻڌائيندي رهندي هئي. هن هڪ ڀيري ته مون سان امرد پرستيءَ جي موضوع تي به استاد ارسطوءَ جي يوناني مڪتبِ فڪر کان فراق گورکپوريءَ جي اغلام بازيءَ تائين. اهڙيون ڳالهيون ڪيون، جيڪي ٻڌي مان حيران ٿي ويس.

مون عينيءَ کي چيو. ”ديدي، مان تو وٽ الائي ڪيترا ڀيرا آيو آهيان، پر تون ڪڏهن به منهنجي گهر نه آئي آهين.“ چيائين. ”ها، مون کي پريس اينڪليو ۾ انور عظيم وٽ به اچڻو آهي. هن جي بيگم زيديءَ سان عليگڙهه وارن ڏينهن کان دوستي آهي. ٻيئي اچڻ لاءِ زور ڀريندا رهيا آهن، پر ڇا ڪريان؟ وقت به نه ٿو ملي ۽ مون وٽ موٽر به ڪونهي. ايندڙ آرتوار تي اچجانءِ. هتي لنچ ڪري گڏجي توهان ٻنهي وٽ هلي هلنديس.“

انور عظيم اردوءَ جو مشهو ترقي پسند افسانه نگار هو ۽ منهنجي پر واري گرائونڊ فلور فليٽ ۾ مسواڙ تي رهندو هو. هن جي خوبصورت دختر نيلما عظيم اعليٰ پائي جي ڊانسر هئي. نليما جو مشهور اسٽيج ۽ ٽي وي فنڪار پنڪج ڪپور سان افيئر هو. مان آفيس ويندي وات تي ڪڏهن ڪڏهن نيلما کي منڊي هائوس، سندس ڊانسنگ اسڪول ۾ ڇڏيندو ويندو هوس. هن مون کي پنڪج سان پنهنجي پيار جو سچو داستان ٻڌايو ۽ اطلاع ڏنو ته ايندڙ مهيني هو شادي ڪري رهيا آهن.

جيئن ته نيلما ۽ پنڪج جي شادي اسلام ۽ ڪفر وچ ۾ هئي، ان ڪري ڪنهن مولويءَ کي گهرائي نڪاح جا ٻه ٻول پڙهائڻ جي به ضرورت نه هئي ۽ نه وري ڪنهن پنڊت کان باهه جي چوڌاري ست ڦيرا پارائي، سنسڪرت جا ڪي سلوڪ ۽ منتر پڙهائڻ جي (ڪنڊت مهراج مرٽي پرٽي ساڳيا ئي رٽيل منتر پڙهندا آهن. شايد ڪين احساس آهي ته شادي به موت جو نعم البدل آهي) شادين جي رجسٽرار وٽ سول مئريج ٿيڻي هئي. ان ڪري ٻنهي جي فارمن تي فرسٽ ڪلاس گزيٽيڊ آفيسر جي دستخط لازمي هئي. نيلما ۽ پنڪج منهنجي گهر اچي گوپيءَ کان فارمن تي صحيحون ڪرائيندا رهيا. ۽ مان ۽ انور عظيم پيگ پاڻ ۾ لڳا رهياسين. (گوپي ان وقت پارت سرڪاري جي وزارت داخلا ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي هئي.) ٻئي ڏينهن انور عظيم ڪانسٽيٽيوشن ڪلب ۾ پنجاهه سٺ دوستن جي ريسيپشن ڪئي، جنهن ۾ عيني به آئي. واپس موٽندي عينيءَ مون کي ڪار ۾ چيو ”هيءَ شادي گهڻو عرصو جٽاءُ نه ڪندي“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيومانس، ”ديدي، ٻنهي وچ ۾ والهاڻو عشق آهي، شادي ڇو نہ ٿا ڪندي؟“ چيائين، ”اڄ جي تاريخ ۾ مون واري اڳڪٿي ڊائريءَ تي نوٽ ڪري ڇڏجانءِ.“

سال کن ۾ نيلما ۽ پنڪج کي بيحد خوبصورت پٽ ڄائو. سڀ گڏجي انور عظيم جي گهر گڏيل ڪٽنب جيان رهندا هئا. منهنجو پٽ لالي ان وقت اٺن سالن کن جو هو. هو شام جو نيلما جي ٻار کي گود ۾ کڻي گهمائيندو هو. ٽن سالن اندر سچ پچ نيلما ۽ پنڪج وچ ۾ طلاق ٿي ويئي. پنڪج ممبئيءَ ۾ فلم ايڪٽر نصير الدين شاهہ جي سالي سپريا پاٺڪ سان ٻي شادي ڪئي. ڪجهہ مهينن اندر نيلما بہ راجيش نالي ٿي. وي آرٽسٽ سان ٻي شادي ڪئي. ۽ ٻہ سال اڳ نيلما ممبئيءَ جي هڪ مسجد جي پيش امام سان ٽين شادي ڪئي آهي. پٽ پريس انيڪلو ۾ ناني انور عظيم وٽ وڏو ٿيندو رهيو. نانيءَ کي تنگ ڪندي اسان جي گهر اچي لڪندو هو. ۽ ٽورو وڏو ٿي لاليءَ سان رانديون ڪندو هو ۽ هاڻي جوان ٿي ممبئيءَ جي فلم انڊسٽريءَ ۾ شاهد ڪپور جي نالي سان فلمي هيرو ٿي ويو آهي. ۽ ٽانڊو برٿنڊ هيروئن ڪرينا ڪپور سان عشق جا پيچ لڙائي رهيو آهي.

(تازي آيل احوال موجب هن وقت ڪرينا جو هڪ هٿ شاهد جي هٿ ۾ آهي تہ ٻيو هٿ ڇوٽي نواب سيف علي خان جي هٿ ۾ آهي، جيڪو بہ ڇوريون اڳ ۾ ٺي امهائي چڪو آهي.)

عينيءَ کي هن جي ڪهاڻين جي مجموعي ’پت جهڙ ڪي آواز‘ تي ڪجهہ سال اڳ ساهتيہ اڪادمي اوارڊ مليو هو. اڪادميءَ اهو مجموعو چوڏهن ٻارتي ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي رهي هئي. انهن ڏينهن ۾ منهنجو عينيءَ وٽ اچ وڃ جو سلسلو نہ رڳو باقاعده جاري هو پر اسان جي دوستي وڌيڪ ويجهي ۽ پختي ٿيندي رهي. هوءَ دهليءَ ۾ هوندي هئي تہ مان هر هفتي هن وٽ ويندو هوس ۽ جي دهليءَ کان ٻاهر ويٺو هوندو هوس تہ مون کي فون تي پنهنجو پروگرام ٻڌائيندي هئي ۽ پرڏيهي سفر بابت صلاح مصلحت ڪندي هئي. (هوءَ هر سال لنڊن ضرور ويندي هئي. لنڊن سان هن جون ڪيتريون يادون وابستہ هيون، جو هوءَ پاڪستان مان هندستان بہ وايا لنڊن آئي هئي، جتي هن بي. بي. سي ۾ ڪيترو عرصو اردو سروس سنڀالي هئي.

ساهتيہ اڪادميءَ وٽان آيل ليٽر مون کي ڏيکاريندي چيائين، ’پت جهڙ ڪي آواز‘ جو سنڌي ترجمو تون ڪندين؟“ چيومانس، ”ديدي ڇو نہ ڪندس.“ ٻئي ڏينهن ئي هن اڪادميءَ جي سيڪريٽريءَ کي فون ڪري چيو. ”ڪتاب جي سنڌي ترجمي جي اسائينمينٽ لڇمڻ ڪومل ڏانهن اماڻي وڃي.“ هفتي اندر ئي اڪادميءَ مون کي ڪتاب جي ڪاپي ۽ سٺن هزارن جو ترجمي جو معاوضي جو ڪانٽرئڪٽ موڪلي ڏنو.

’پت جهڙ ڪي آواز‘ مجموعي ۾ اٺ ڪهاڻيون شامل آهن. ڪا بہ ڪهاڻي پنجاهہ سٺ صفحن کان گهٽ ناهي. پوئين ڪهاڻي ’هائوسنگ سوسائٽي‘ تہ هڪ سو ويهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحن تي ڦهليل ناوليٽ آهي. مون پڻ ڏينهن کان ئي ترجمي جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. مجموعي جي عنوان واري ڪهاڻي 'پٽ جهڙ ڪي آواز' ضمير متڪلم ۾ لکيل عينيءَ جي آتم ڪٿائي ڪهاڻي آهي، جيڪا مون سڀ کان پهرين 'پن ڇڻ جو پڙلاءُ' سري سان ترجمو ڪئي.

هڪ هڪ ڪهاڻيءَ جو ترجمو مڪمل ڪري، مان عينيءَ کي فون ڪندو هوس. ڪهاڻي (ترجمو) ٻڌائڻ لاءِ ڪڏهن مان هن وٽ ويندو هوس ۽ ڪڏهن هوءَ منهنجي گهر ايندي هئي، پر گهڻو تڻو مان ئي وٽس ويندو هوس. ان شام جو هوءَ اڇي سهڻي ساڙهي پائي سينگارجي وهندي هئي. عينيءَ جي وارڊ روب ۾ قيمتي بنارسي ساڙهين جو وڏو ذخيرو هو. مون ڪڏهن ٻـ هن کي ساڳي ساڙهي ٻيهر پائيندو نـ ڏٺو. صوفا تي هن جي پير ۾ ويهي، مان سندس ڪهاڻين جو سنڌي ترجمو سر سان پڙهڻ شروع ڪندو هوس ۽ هوءَ ڌاڌي ڌيان سان سنڌيءَ جي سٽن جي رواني، لهجي ۽ لئـ جو لطف وٺندي هئي. ڪهاڻي پوري ٿيڻ تي ڪن منٽن جي ماٺ کان پوءِ پڇندي هئي، "تون منهنجين ڪهاڻين جو ڇا منظوم ترجمو ڪري رهيو آهين؟"

"ديدي، اسان جي سچي ٻولي ئي شاعري آهي. لفظن جو اهڙو سريلو سنڌءُ شايد ئي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ هجي."

مجموعي جي هڪ ڪهاڻي، 'يادون ڪي اڪ ڌنڪ جلي' جو ترجمو ڪندي 'ڌنڪ' لفظ لاءِ مون کي 'اندلٺ' کان سواءِ ٻيو ڪو لفظ ئي نٿي هٿ آيو. مون ان ڪهاڻيءَ جو ترجمو 'يادن جي هڪ اندلٺ جلي' ڪيو. ٻڌي چيائين، "يي اندلٺ ڪيا هئـ؟" چيومانس، "ديدي، اردو هنديءَ ۾ rainbow لاءِ گهڻئي لفظ آهن.

ڌنڪ، قوس قزح، اندر ڌنش، پچ رنگا، رنگين ڪمان وغيره پر سنڌيءَ ۾ اندلٺ کانسواءِ ڪو ٻيو اکر ئي نٿو ملي. "ڪهڪشان" لاءِ تـ اسان وٽ کير ڌارا جهڙو خوبصورت لفظ آهي، پر اندلٺ جو ڪو ٻيو نعم البدل ناهي." چيائين، "مجهي تمهارا يي اندلٺ اڇها نهي لگتا، بڙا لٺ مار لفظ هئـ. هٽائو اپني اس اندلٺ ڪو." بهرحال، 'پٽ جهڙڪي آواز' مجموعي جو سنڌي ترجمو خوبصورت نموني شايع ٿيو ۽ ساهتيہ اڪادميءَ جي ان انعام يافتہ ڪتاب جي ترجمي تي مون کي 'ٽرانسليشن اوارڊ' مليو ۽ اتفاق سان ان اوارڊ فنڪشن جي صدارت بـ عينيءَ ڪئي.

هڪ صبوح جو يارهين بجي ڌاري عينيءَ جو فون آيو. روئڻهارڪي آواز ۾ چوڻ لڳي، "پئيا، ڪيا بتائون؟ ڪل سي اپني ٽانگ تڙواڪي بئٺي هون. پلستر ۾ لپٽي هوئي هون. وقت ملي تو آجانا." چيومانس، "ديدي، هينئر ئي ٿو پهچان."

مان ٻارهين بجي کان پوءِ ئي آفيس لاءِ گهران نڪرندو هوس. ڊرائيور اقبال کي هدايتون هيون تـ ٻارهين بجي کان اڳ نـ ايندو ڪري. مان تڪڙو تڪڙو تيار ٿي اقبال جو انتظار ڪرڻ لڳس. تيز رفتار گاڏي هلرائي، تڪڙيون ڏاڪڻيون چڙهندو عينيءَ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلئٽ ۾ گهڙيس. هن جي مٽي ڪيل ساڄي ٽنگ پلسٽر ۾ لوهي گهوڙي سان ٻڌل هئي. صالحہ ۽ صغري پلنگ جي ٻنهي پاسي ويٺيون هيون. عيني آهستي گهٽيل آواز ۾ ٻڌائيندي رهي تہ ٻہ ڏينهن اڳ ڪيئن اونده ۾ باٿ روم ۾ هن جو پير ترڪي ويو ۽ ساڄيءَ ٽنگ ۾ فرئڪچر ٿي پيا اٿس. پوءِ مرڪندي صغري کي چيائين، "سڄي ڳالهہ ٽيپ ڪري ڇڏ ۽ جيڪو بہ اچي ان اڳيان اها ٽيپ هلائجانءِ." اڳتي هلي بہ عينيءَ سان غسل خانن ۾ پير کسڪي وڃڻ جا ڪيئي حادثا ٿيندا رهيا ۽ ڪڏهن هن جي ٽنگ تہ ڪڏهن ڪا ٻانهن ضربجي، پلسٽر ۾ ٻڌجندي رهي. غسلخانن جي فرش جو عينيءَ سان الائي ڪهڙو ازلي وير هو.

عينيءَ جي مزاج جي تلخيءَ سبب ڪيترا هن کان ڪوُ ڪائيندا هئا. سندس اڪثر واقفڪار هن کي خبطي eccentric سمجهندا هئا. ڪڏهن بہ ڪنهن کي هن کان ڪو ذاتي سوال پڇڻ جي يا هن سان گهرو پوڻ ۽ گستاخ ٿيڻ جي جرئت نہ ٿيندي هئي. ڪڏهن بہ ڪنهن کي اها جسارت نہ ٿي، جو هن کان پڇي سگهي تہ عيني، تو شادي ڇو نہ ڪئي؟ ڏينهون ڏينهن ايترو ويجهو اچڻ جي باوجود مان بہ پاڻ ۾ هن کان اهو پڇڻ جو ست ساري نہ سگهيس، پر هڪ ڏينهن، ياد ناهي ڪهڙي حوالي ۾، ڳالهين ٿي ڳالهين ۾ هن چئي ڏنو تہ مون کي شاديءَ کان ڏاڍو ڊپ ويٺل هو.

منهنجي هڪ ويجهي اديب دوست، جيڪو يقينن معتبر راوي آهي، مون کي عينيءَ جي خبط بابت هڪ حيرت انگيز واقعو ٻڌايو.

عيني جڏهن بمبئيءَ ۾ 'ٽائيمس آف انڊيا' جي مشهور رسالي 'السٽريٽيڊ ويڪلي آف انڊيا' ۾ نائب ايڊيٽر هئي (ايڊيٽر خشونت سنگهہ هو) تہ انهن ڏينهن ۾ اتي رهندڙ اردوءَ جي ترقي پسندن جي لڏي، جنهن ۾ ڪرشنچندر، سردار جعفري، خواجہ احمد عباس، ساحر لڌيانوي، جان نثار اختر، ڪيفي اعظمي ۽ ڪي ٻيا شامل هئا. انهن عينيءَ کي خواجہ احمد عباس سان نڪاح ڪرڻ تي آماده ڪيو. عباس صاحب فلم ساز بہ هو انگريزيءَ جو اديب بہ هو ۽ مشهور هفتيوار انگريزي اخبار بلز ۾ پوين صفحو 'لاسٽ پيج' ڪالم بہ لکندو هو. هو ان وقت ترقي پسندن جو مهندار هو. عباس جي گهر واري فوت ٿي چڪي هئي. عباس ۽ عينيءَ جي شاديءَ جي تہ عمر چڙهي چڪي هئي، پر اهو رشتو چڙهيل عمر ۾ سنگ ساٿ واري انتظام جيان هو. ڪجهہ عرصو اڳ اهڙي ٿي انتظام هيٺ ڪرشن چندر سلميٰ صديقيءَ سان شادي ڪئي هئي.

ترقي پسندن طرف عينيءَ جو رخ ۽ رويو سدائين ٽڏو رهيو. هن سترهن سالن جي عمر ۾ هڪ ڪهاڻي 'ايڪ شام' لکي هئي، جنهن ۾ هن ترقي پسندن جي موقعي پرستيءَ واري رويي جي چڱي چنڊچري لاٿي هئي. ترقي پسندن جي امام سجاد ظهير لاءِ هن هڪ پيرو چيو هو "اڪثر ترقي پسند جهوپڙين ۾ رهندي محلن جا خواب ڏسندا آهن، پر ٻني پائي محلن ۾ رهندي جهوپڙين جا خواب ڏسندو آهي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عينيءَ ڪڏهن به اسٽئبلشمينٽ سان سمجهوتو نه ڪيو. والٽيئر جيان اظهار ۾ عمل جي آزاديءَ کي هن سدائين هڪ اديب جو بنيادي حق ڪري مڃيو. قدرت الله شهاب پنهنجي سوانحي ڪتاب. "شهاب نامه" ۾ هڪ واقعو درج ڪيو آهي: "آڪٽوبر 1958ع ۾ جڏهن پاڪستان ۾ ايوب خان مارشل لا نافذ ڪئي ته ٻئي ڏينهن صبوح ساڻ عيني (ان وقت هوءَ پاڪستاني شهري هئي) پريشان حال، وتڙيل وارن ۾ ملول منهن ساڻ هن وٽ ويئي ۽ پڇيائين، "ڇا، هاڻي اسان جي يونڪڻ تي به پابندي هوندي؟"

"سا ته هوندي" شهاب جواب ڏنس. سال کن کان پوءِ جڏهن هن جو شاهڪار ناول، 'آگ ڪا دريا' شايع ٿيو ته پاڪستان جي ڪامورا شاهي ۾ بنياد پرست عناصرن هن خلاف بيهودي سينسرشپ ۾ مهم شروع ڪري ڇڏي، جنهن کان بدظن ٿي عيني پهرين لنڊن ۽ پوءِ هندستان اچي ٽانئيڪي ٿي. حالانڪ هن جو سڄو ڪٽنب اڃا تائين پاڪستان ۾ خوشحال زندگي گذاري رهيو آهي ۽ انهن اتي وڏا عهدا ماڻيا آهن.

نڪاح جي تاريخ، ڏينهن، وقت 7 وڳي جڳهه وغيره طئي ڪيا ويا.

(جڳهه شايد ڪرشن چندر ۽ سلميٰ جو انڌيريءَ وارو گهر هو) نڪاح پڙهائيندڙ مولوي صاحب جو بندوبست ڪيو ويو. مقرر ڏينهن تي صبح جو مولوي ۽ مدعو ڪيل مهمان ۽ مناين جا پئڪيٽ وغيره پهچي ويا. ڪلاڪ گذريو ته ڪلاڪ گذريا، ٽي گذريا، پر عيني نه پهتي. الطاف حسين حاليءَ جو ڏوهٽو خواجه احمد عباس ڪاوڙجي اٿڻ وارو ٿي هو جو سردار جعفري، جيڪو عينيءَ جي گهر ويجهو ٿي رهندو هو، ساحر سان گڏجي عينيءَ جي واردن روڊ واري فلئٽ تي اچي پهتو ۽ عيني بيبي پنهنجيءَ فلئٽ تي تالو چاڙهي، صبح سويل ئي پوني هلي ويئي. نڪاح نه ٿيو جو بقول شخصي، عينيءَ کي شاديءَ کان ڏاڍو دپ ويهجي ويو هو.

شايد عينيءَ جي زندگيءَ جا ڪي اهڙا تجربا ۽ خوف هئا، جنهن هن کي هڪ طرف خبطي ڪري ڇڏيو ته ٻئي طرف پير پرستيءَ ڏانهن مائل ڪري ڇڏيو. ذاڪر باغ جي مسواڙي جاءِ ڇڏڻ کان پوءِ، جمنا پار نائيوڊا جهڙي دور دراز علائقي ۾ رٽايرڊ زندگي گذارڻ واريءَ عمر جي پوئين پهر ۾، هوءَ ڏينهون ڏينهن پير پرستيءَ ۾ وڌيڪ وچڙندي رهي. هوءَ باره بانڪيءَ جي درگاهه شريف جي پير حضرت سيد سلطان محمد عارف علي شاهه جونولا عمر صوفي بزرگ جي مڪمل طور معتقد ٿي ويئي. هوءَ مون سان به اڪثر پير صاحب جي ڪشف ۽ ڪرامتن جا قصا ورجائيندي رهندي هئي. تن ڏينهن هن کي هندستان جو وڏي ۾ وڏو ادبي انعام 'گيان پيٺ اوارڊ' مليو ۽ عيني ان اوارڊ جي حاصلات کي پڻ پير صاحب سان منسوب ڪرڻ لڳي. هن جو ان دؤر جو ناول 'گردش رنگِ چمن' پڻ ان پير پرستيءَ جو پرتو آهي.

هڪ ڏينهن عينيءَ مون کي پاڪستان جي مشهور اديبه مرحومه جميله هاشميءَ جو لکيل هڪ خط ڏيکاريو. جميله عينيءَ کي لکيو هو، "توهان ماڻهو بيوقوف آهيو جو انديا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ٿا رهو. جي هتي رهيل هجو ها تہ پنهنجي حسب نسب جي حساب سان بادشاهن واري زندگي بسر ڪيو ها. ڇو جو هيءُ پير پرستن جو ملڪ آهي.“

شايد پير پرستيءَ جي اثر هيٺ، هن پنهنجي پنر جنم واري سچي سوچ کي نفي negate ڪري ڇڏيو جو هوءَ پنهنجي پهرئين تخليقي شهہ پاري، ’آگ ڪا دريا‘ (جنهن ۾ جنم جمناتر جو فلسفو سمايل آهي) جي ذڪر تي ئي چڙي پوندي هئي. مون همٿ ٻڌي هڪ ڀيري هن کان ان ڪاوڙ جو ڪارڻ پڇيو تہ هن چيو ”ڏس، اهو ناول اڄ کان ٽيهہ سال اڳ جو لکيل آهي. ڇا، مون انهن ٽيهن سالن ۾ بيو ڪجهہ نہ لکيو آهي؟ ڇا، مون ان ناول کان پوءِ هيترا سال ڪتر هنئي آهي؟“ (مئن ني اتني سال ڪيا گهاس ڪاٽي هئہ؟) ڇيومانس، ”نہ ديدي، تو ان دوران گهڻو ڪي لکيو بہ آهي ۽ تمام معياري بہ لکيو آهي. پر پوءِ بہ ايترو گاهہ تہ هو جو ٽيهہ پنجٽيهہ سال ڪاٽڻ کان پوءِ بہ اجا ايترو ايريل ۽ سرسبز آهي.“ اهو ٻڌي هن وڏو ٺهڪ ڏنو.

اڄ اهو ايريل ۽ سرسبز ٺهڪ هن جي آخري تصنيف ”شاهراهہ حرير“ Silk Route تائين پهلجي ويو آهي.

هڪ شمع هئي، جيڪا سچي شاهراهہ تي روشني ٻڌجي ڦهلجي ويئي آهي. ڇون ٿا تہ جڏهن عربي فيلسوف ابن رشد جو بي جان جسم دفنائڻ لاءِ هن جي شهر نيو پئي ويو تہ اهو خچر جي پنيءَ تي هڪ پاسي رکيو ويو ۽ ٻئي پاسي توازن قائم ڪرڻ لاءِ هن جا تخليق ڪيل ڪتاب رکيا ويا هئا.

ڪم سن فرزند ابن عربي اهو ڏسي سوچيندو رهيو. ”خچر جي پنيءَ جي ڪُهڙي پاسي وڌيڪ قيمتي املاڪ آهي؟ هن جو جسم يا هن جون تخليقون؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻائيتاليھون پنو

منھنجو ننڍو مامو تيجومل شاھپور چاڪر ۾ آبدار ھو ۽ وڏو مامو مورند مل ويجھڙي ڳوٺ ٽنڊي مستي خان ۾ ڊڪ منشي ھو. تيجومل پنھنجيءَ قابليت، رلٽي ملٽي سياءَ ۽ ايمانداري ڪري، ھندو ۽ مسلمان زميندارن ۾ ھر دلعزيز ھو. ٻنين کي ملندڙ پاڻي جي ورڇ ۾ ھو ڪا بہ پاسخاطري نہ ڪندو ھو ۽ ڳڙنگ وڏيري ڪان وٺي ننڍي زميندار يا مقاطيدار تائين، ھر ڪنھن کي پنھنجي حصي جي حساب سان پاڻي ورھائي ڏيندو ھو. ھن کي سرڪاري طور پلو گھوڙو، طبيلو ۽ ڪشادو گھر مليل ھو. تيجو مل جي شخصيت جي خاص خوبي اھا ھئي، جو ھن جو منھن مردانو ۽ آواز زنانو ھو. وڏو مامو مورند مل موالي قسم جو ماڻھو ھو. رڳو چار درجا سنڌي پڙھيل ھو پر ھٽ واڻڪا اکر لکي پڙھي ڄاڻندو ھو. پياءُ جي چئہ چواءِ تي ھن کي ٽنڊي مستي خان ۾ ڊڪ منشي جي نوڪري ملي ويئي، جتي ھن جي دوستي ڳوٺ جي ڳڙنگ موالين سان ھئي. ھو ورلو ڀور ڊڪ ۾ ھڏي، وڃي موالين جي اڏي تي واڻ جي کٽن تي ويھندو ھو ۽ ساڻن سچو ڏينھن پنگ پيئندو ۽ پتو کٽيندو ھو. ھن جي زال ۽ ٻار پنھنجي ڳوٺ راڻيپور رياست ۾ رھندا ھئا، ان ڪري ھو ٽنڊو مستي خان ۾ ڇڙي ڇانڊ واري زندگي گذاريندو ھو. ھفتي ٻين ننڍي پياءُ وٽ شاھپور چاڪر ايندو ويندو ھو.

ھڪ ڏينھن ھميشہ جيان رولو ڀور ڊڪ ۾ واڙيو، ھو اچي دوستن سان پتو کٽڻ ويٺو تہ پويان مال جا مالڪ ڊڪ خالي ڏسي، بنا ڏل ڏيڻ جي پنھنجا ڍڳا ڍڳيون ڪاھي ھليا ويا ۽ واڙي جو در بہ پٽي پاڻ سان کنيو ويا. تعلقي جي سخت مختياڪار مورند مل کي نوڪريءَ کان موقوف ڪري ڇڏيو ۽ ھو پنھنجي ڳوٺ راڻيپور موٽي اچي، پنھنجي پرئين سالي سيٺ سانول داس ۽ راڻيپور جي نگر سيٺ ھيرانند جي انبن، توتن ۽ ڪجين جي باغن جي سار سنڀال لھڻ لڳو.

ھندستان ۾ اچي مامي مورند مل بڙودي جي رفيوجي ڪئمپ ۾ بيحد غربت ۽ مفلسي ۾ پنھنجا پويان ڏينھن گذاريا. ڪئمپ وارن جو چوڻ ھو تہ رستي تان وسايل بيڙين جا اڌڙ ٽوٽا کٽي پيئندو ھو ھو ڪٽي ۽ ڪڏھن گذاري ويو ڪيترا سال ڪنھن کي خبر نہ پئي. ھن وقت ھن جي پٽ ٽولي کي بڙودي ۽ آسپاس جي ڪن شھرن ۾ فوٽو گرافي جا ڪيترا دڪان ۽ اسٽوڊيا آھن ۽ ھن جو ڪروڙن جو ڪاروبار آھي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اڳئين ڪنهن پني ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان، ته منهنجي ماءُ جي ڪٽنب ۾ هو ٻارهن ڀيڻ ڀائر هئا. پر مون پنهنجي سانيڙ ۾ رڳو پنج ئي ڏٺا. سندن آبائي گهر جيتوڻيڪ راڌڻپور ۾ هو پر ٻن ٽن ڀائرن گڏجي شهدادپور ۾ هڪ وڏي ڪشادي جاءِ جوڙائي هئي، جو هڪ مامو گهنشامداس شهدادپور جي اسڪول ۾ هيڊ ماستر هو.

اسڪول جي وئڪيشن ۾ هر سال اسين پنهنجي ناناڻي شهدادپور وڃي رهندا هئاسين. ماما، ماسيون مون کي ڏاڍو ڀائيندڙيون هيون. منهنجو ننڍو ڀاءُ هاسو سن چاليهن ۾ شهدادپور ۾ ڄائو. مون کي چٽيءَ طرح ياد آهي، ته سياري جي اڌ رات جو مامي تيجومل مون کي گهري ننڊ مان اٿاري چيو "اٿ، اٿ، ڀاءُ ڄائو اٿيئي." مان اکيون مهٽيندو ويم واري ڪمري ۾ وڃي هاسي کي ڏسڻ لڳس. هن جو منهن ويڪرو ۽ روش وٽندڙ ۽ نقش تکا هئا. هاسو هن وقت آذربائيجان جي راڄڌاني باڪوءَ ۾ ورلڊ بئنڪ جي پروگرام تحت اتي پاور پراجيڪٽ جي رٿا تيار ڪري رهيو آهي. هفتي کن ۾ مان وٽس باڪوءَ وڃڻو آهيان، جتان اسين سمرقند، بخارا ۽ تاشقند سير سفر لاءِ ويندا سين. هاسي مون کي کهڙا کهڙا سير ۽ عيش ڪرايا آهن، انهن جو سر بستو احوال اڳتي هلي لکندس.

هڪ ڀيري جڏهن اسين وئڪيشن ۾ شهدادپور رهيل هئاسين، ته منهنجي مامي تيجومل منهنجي ماءُ کي چيو "راڌان، مان هن ڀيري امان (منهنجي ناني ڪيول) سان گڏ لڇمڻ کي ٻه مهيني کن لاءِ شاهپور چاڪر وٺي ٿو وڃان. تون ٻه هن جي شيطانين کان چٽل هوندينءَ ۽ منهنجو ۽ امان جو ٻه هن سان من ريڌو رهندو." (تيجومل کي اڃا ڪو ٻار ٻچو نه هو پر اڳتي هلي هن کي سنڌ ۽ هند ۾ هڪ ٻئي پويان ست پٽ ڄاوا. هو ڏيءَ ڄمڻ جي آس ۾ هر سال ٻار پيدا ڪندو هو پر نياڻي نصيب نه ٿيس. هڪ ڏينهن مون هن کي چيو "ماما، هاڻي ٻارن کان بس ڪٽي ڪر." وراڻيائين. "ڀاڻيجا، بس ڀڳوان جي مرضي آهي، منهنجي هٿ ۾ ڪونهي." چيومانس "ماما، رات جو ڳالهه مامي سان ڀڳوان اچي ٿو سمهي ڇا؟" اهو چئي مان وٺي ڀڳس ۽ مامو مون کي الائي ڪهڙا ڪهڙا حرف پٽيندو رهيو.

مامي تيجومل شهدادپور کان شاهپور چاڪر تائين پلي اٺ ڪجائي جو انتظام ڪيو. مان پنهنجي ناني ۽ ڇُٽيءَ نالي هڪ نوڪرياڻيءَ سان ڪجائي ۾ ويٺس ۽ اڳيان مامو پنهنجي پلي گهوڙي تي سوار ٿيو. رستي ۾ ڪٿي مانجهاندي مهل مان ڪجائي مان لهي، مامي جو پويان گهوڙي تي ويهندو ۽ لهندو چڙهندو رهيس. واٽ تي ڪن ننڍن وڏن زميندارن جي اوطاقن تي ۽ زنانخانن ۾، مامي ۽ ناني سان گڏ منهنجي به تمام گهڻي خاطرداري ٿيندي رهي. زميداري زنانخانن ۾ وڏيرن جي زالن ۽ جوان ڏيئرن مون کي پنهنجي هنجن ۾ ويهي وهاريو ۽ لسن ڳٽن تي هٿ پئي گهمايا. وڏيريون ٻلهار پئي ويون ۽ هٿن سان ڳٽيون ٺاهي ڪارائيندڙيون رهيون. ٻاروتڻ کان ئي منهنجو صنف نازڪ سان گهاٽو ئي لڳاءُ پئي رهيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهپور چاڪر هن وقت الائي ڪيئن آهي؟ ڳوٺ مان وڏو شهر ٿي ويو هوندو. ان وقت اتي هندن جون ڏاڍيون ڀليون زمينون هونديون هيون، جن مان اڪثر اڄ ڪلهه پنجابين ۽ مهاجرن جي مالڪي ۾ آهن. منهنجي لاهور جي هڪ پنجابي دوست احمد علي مون کي جڏهن اتي چيو ته "منهنجون شاهپور چاڪر ۾ ٻنيون آهن، هل ته هلي گهمائي اچانءِ" مون حيرت وچان هن کان پڇيو "علي صاحب، توهان لاهور مان شاهپور چاڪر ڪيئن وڃي پهتئو؟" چيائين، "منهنجي پوليس آفيسر پٽ ڪنهن نموني اتي زمينون هٿ ڪري ورتيون." مان سوچڻ لڳس، ته هندستان ۾ اچي اسان ڪنهن به سنڌيءَ ڪنهن جي چڏي ويل ٻنيءَ ۾ ڪڏهن اک نه وڌي، ڪنهن جي ڇڏي ويل جاءِ جڳهه پنهنجي نالي الاٽ نه ڪرائي، سيني سِرَ سِرَ ڪري پنهنجا پنهنجا گهر گهاٽ جوڙيا آهن، ۽ هُتي!!

شاهپور چاڪر ۾ مامي جو ڪشادو گهر هو. گهر جي ٻاهران اوطاق هئي، گهر ۾ اسين چار ڄڻا، مامو، مامي، ناني ۽ مان هئاسين ۽ ٻه نوڪرياڻيون هيون. اوطاق ئي مامي جي آفس هئي، جتي سڄو ڏينهن ننڍين وڏن زميندارن، ڪمدارن ۽ ڳوٺ جي واڻين جي اچ وڃ هوندي هئي. سڄو وقت فصل، ٻنين ۽ پاڻيءَ جي ورهاست جون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ مون کي سمجهه ۾ نه ايندو هو ته پاڻي ڪيئن ورهائبو آهي. گهر جي سامهون شوالو هو. ان جو پاڻو به ماما وٽ ايندو هو. ۽ مون لاءِ شيون ۽ ٽول ڪٽي ايندو هو. هو شام جو آرتي کان پوءِ سيسا ورهائيندو هو ۽ اوڙي پاڙي جا هندو مسلمان ڇوڪرا پتاشا، نقل ۽ ڪنڍ ڀڳڙا ورهائڻ وقت اتي اکيون پوري وڃي وهندا هئاسين. شوالي ۾ ئي ڪيترا اوڙي پاڙي جا ٻار سنگتي ٿي ويا. پاڙي جون هندو ڇوڪريون پتاشا وٺي، پوتين سان مٿو منهن ڍڪي، هڪدم ڀڄي ويندي‌ون هيون.

هڪ منجهند جو ماني کائي، مان پاڙي جي ٻارن سان اتي ڏکر راند ڪري رهيو هوس، جو هڪ واڻيو گڏهه تي چڙهيو گهر ٻاهران اچي لنگهيو ۽ مامي وٽ اڪثر ايندو هو ان ڪري مان به هن کي ماما چوندو هئس. هن کي گڏهه تي چڙهي ويندو ڏسي، مان به ماما ماما ڪندو هن جي ڪڍ لڳس. واڻيو گڏهه تي ٻيلهه چاڙهي مون کي پنهنجن ٻنين ڏانهن وٺي ويو.

سانجهن جو ننڍ مان اٿي ناني ۽ مامي مون کي ڳولهينديون رهيون. ناني ۽ نوڪرياڻي ڀڄڙي ماءُ، مون کي شاهپور چاڪر جي گهٽين ۾، سوالي ۾، دڪانن تي، کوهه تي ۽ وڻن وٽاڻن تي تلاش ڪنديون رهيون.

مامو ڪنهن ويجهي ٻهراڙيءَ ۾ واٽر ڪورس جو پاڻي ماپڻ ويو هو. اوطاق جي ٽهلئي کي مامي ڏانهن موڪليئن، مان بيحد مزي ۾ بي پرواهيءَ سان واڻئي جي گدرن ۽ هنداڻن جي ٻنين ۾ گهمندو ٿي وتيس ۽ واڻيو پنهنجن هارين نارين سان حساب ڪتاب ۾ رڌل هو. سج لٿي کان پوءِ واڻيو پنهنجي ڪم مان واندو ٿيو. ٻه وڏا گدرا جهولي ۾ رکيائين ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي گڏھ تي ٻيلھ چاڙهي ڳوٺ موٽيو. مامو اچا واھ تان نہ موٽيو هو. گھر ٻاهران ٿلهي تي ناني، مامي، اوڙي پاڙي جون مايون ۽ ڪي مرد. شوالي جو ٻائو پريشانيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ۽ اچ وڃ ڪري رهيا هئا.

اوچتو ٻائي مون کي پريان گڏھ تي واٽئي پويان ويٺل ايندي ڏٺو. ڊڪ پائي اچي گڏھ تان لاٿائين ۽ پوءِ سڀ زالين مردين اچي واٽئي تي وسيا.

نانيءَ ان اشراف شخص جي ڇڳي لاڪ لاٿي. واٽيو معافيون بہ پيو وٺي ۽ کلي بہ پيو. چيائين، "امان، چوڪر اچي ڪڍ لڳو. تہ مان ڪيئن جهليانس؟" واٽيو جهوليءَ مان بہ وڏا گدرا ڪڍي، مون کي اوطاق ۾ وٺي آيو ۽ اهي کٽ تي رکي وٺي ٻڳو. مامي گھر اچي سڄي ڳالھ ٻڌي تہ امان کي چيائين، "هي بدمعاش اسان کان سنڀاليو نہ ويندو. سياٽي ئي هن کي شهدادپور راڏان وٽ ڇڏي تو اچان." پر ٻئي ڏينهن ئي امان تڏي تي ويئي، پر منجهند جي مانيءَ کان پوءِ مون کي پيٽ ڏانهن منهن ڪرائي، پاڻ سان سمهاريندي، وچٽو لوڏي ننڊ ڪرائيندي هئي.

مان ننڍپڻ کان ئي اوڙي پاڙي لاءِ آزار ۽ ماٽتن لاءِ مصيبت بڻجندو رهيو آهيان، جنهن کي انگريزيءَ ۾ "پرابلم چائيلڊ" چوندا آهن.

منهنجو پيءُ ٽنڊي آدم جي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ آيل هو. مان شهدادپور ناناٽي رهيل هوس. منهنجي عمر ست اٺ سال هئي. ناناٽي گھر جي مٿئين ماڙيءَ جي اڏاوت جو ڪم هلي رهيو هو. روز اٺ ڏھ گڏھ سرن، سيمينٽ ۽ گاري جي ڪچي مٽيءَ سان لڏجي، گھر ٻاهران اچي بيهندا هئا. اوستا ۽ رازا مٿي ڪم ۾ رڌل رهندا هئا.

هڪ صبوح جو سويل بنا ڪڙڪي هڪ دايي جي گڏھ تي چڙهي، شهدادپور جون گهٽيون گهمندو رهيس. ماما، ماروٽ ۽ گم تي ويل گڏھ جو دايو مالڪ. مون کي ۽ گڏھ کي ڳولهيندا رهيا.

منجهند ڏاري ڳنو چوسيندو اچي گھر پهتس. پهچڻ تي منهنجيءَ ماءُ انهيءَ ئي ڳني جي لٺ سان هٽي مون کي سٽي وڌو. ڪنهن طرح پاڻ ڇڏائي، قميص، نڪر، چمپل ۽ کيسي ۾ پيل پائليءَ سان ڀڄندو اچي شهدادپور اسٽيشن تي پهتس.

شهدادپور کان ٽنڊو آدم سڪ ئي اسٽيشن هئي ۽ ٽرين جو ڀاڙو بہ آنا هو. اڌ ٽڪيٽ آني ۾ هئي. اڌ ٽڪيٽ وٺي ٽرين آئي تہ چڙهي پيس. ٽنڊي آدم ۾ پڇائيندو پڇائيندو اچي ڪورٽ ۾ پهتس. ڪورٽ سڄي وڪيلن، اصيلن، منشين، ۽ هٽ ڪڙيون لڳل ڏوهارين سان سٽيل هئي. مٿي منهنجو پيءُ ڪنهن ڪيس جي ڪارروائي هلائي رهيو هو. مون سڌو ئي مٿي چڙهي ٻاڳھا ڦاڙي رنڀڻ شروع ڪيو "دادا، ياپيءَ مون کي هيترو ماريو آهي، مامي ڪن پٽيا آهن ۽ ماميءَ مڪون هنيون آهن."

منهنجو پيءُ مون کي ڏسي واٺڙو ٿي ويو. ڪورٽ ۾ ٽهڪڙو مچي ويو. هٿ ڪڙيون پيل چور چڪار بہ کلڻ لڳا. دادا ڏاڍو ککو وکو ٿيو. ڪورٽ جي ڪلارڪ کي سڏ ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين، ”ڇوڪري کي ٻاهر وٺي وڃ. هٺ منهن ڏٺاري ڪجهہ ڪارائينس. مان هيءَ شنوائي پوري ڪري اچان ٿو.“

منهنجو ننڍو چاچو آسرداس ٽنڊي آدم جي ريلوي اسپتال ۾ ڊاڪٽر هو. ڊاڪٽر جا ڦو نيم حڪيم هو. مريض هڪ پيرو وٺس آيو تہ هن جي جيئري جند نہ ڇڏيندو. هن وٽ هر مرض جو علاج ڪونين جون گوريون ڏيندو هو ۽ ٽنگ پڳل باقي علاج وڃي ڪنهن ڪنپر کان ڪرائيندو هو. هن جي حيدرآباد جي هڪ سٺي گهر مان شادي ٿي هئي، پر ڪيس ڪو اولاد نہ ٿيو. اسپتال جي احاطي اندر هن کي بنگلو مليل هو. ٽنڊي آدم جو هر دڪاندار هن کي هر شيءِ مفت موڪليندو هو. ڌوٻي هن جا ڪپڙا مفت ڌوئيندا هئا، حجام هن جا وار مفت گهر اچي لاهيندا هئا. موچي هن جا جوتا مفت سبندا هئا ۽ ٽنڊي آدم جي فٽ پاٿن تي رانون پچائيندڙ واري واري سان هن ڏانهن روز رات هڪ ران موڪليندا هئا. ورهاڱي وقت هن پنهنجيءَ زال کي سندس مائٽن سان گڏ جوڌ پور موڪلي ڇڏيو ۽ پاڻ ٽنڊي آدم ۾ اڪيلو رهيو پيو هو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هو حيدرآباد مان اٺويهن ويهن سالن جي هڪ پناڻ ڇوڪري دهليءَ پڄائي وٺي آيو (يا شايد خريد ڪري آيو) منهنجي چاچيءَ جوڌپور مان اچي آسرداس کي دهليءَ ۾ ڳولهي لڌو ۽ ان پڄايل پناڻ ڇوڪريءَ جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو. چاچيءَ جو نالو تہ شانتي هو پر هوءَ وڏواتي ۽ وڙواد هئي. چاچيءَ ۽ متن مائٽن جي ڦٽ لعنت تي چاچي لاچار ٿي، مون کي منٿ ڪئي تہ مان ان ڇوڪريءَ کي مارواڙ اسٽيشن تان حيدآباد جي گاڏيءَ ۾ چاڙهي اچان. مان ان وقت ويهن ايڪيهن سالن جو هوس. مون ان پناڻيءَ کي ڪيئن سرحد پار ڪرائي پنهنجي وطن واپس موڪليو، اڳتي هلي لکندس.

سنڌ جي هندو جاتيءَ ۾ پاٺيا، خودا آبادي عامل ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي طعب جا زميندار پين واٺين کان برتريءَ وارا، وڏيڪ دلير، پڙهيل ڳڙهيل ۽ مالدار هئا. ڪن ٿورن کي ئي اها ڄاڻ هوندي تہ سنڌ جو دهشتناڪ ڏاڙيل رحيم هنگورو، جنهن کان سنڌ جي انگريز حڪومت بہ ڳوُ ڪائيندي هئي، خدا آباد جي هڪ عامل ديوان جو پٽ هو ۽ ڪراچيءَ جي ڊي جي سنڌ ڪاليج جو مئٿميٽڪس جو اعليٰ دماغ ۽ قابل ترين پروفيسر اي اي شيخ مانجهند جي هڪ پاٺيہ سيٺ جو اولاد هو. راڻيپور جي حڪيم ڪيشو ٺڪر جي داشتائن جو اولاد اڄ بہ رياست ۾ رلي رهيو آهي. سوات يا ٻنون جي ملهہ ڇڪايل ان ٿانڊي جهڙي ڇوڪريءَ کي منهنجو ڊاڪٽر چاچو پنهنجي مسيحائي يا علم جفر جي زور تي ريهي ريبي حيدرآباد مان هندستان وٺي آيو ۽ ڇهن مهينن اندر ئي مون ان معصومہ کي مارواڙ اسٽيشن تان موٽائي، پنهنجي ملڪ موڪلي ڏنو. مظلوم عورتن جون آهون اجايون نہ وينديون آهن ۽ چاچو بہ ڪڏهن ٽرِتاڻ نہ ٿيو.

شاهپور چاڪر جي آبدار مامي تيجومل کي هندستان ۾ اولهہ اتر پرديش جي شهر امروها ۾ ايڪسائيز انسپيڪٽر جي ملازمت ملي ويئي. امروها ضلعي ۾ تماڪ جي تمام



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽي پوک ٿيندي هئي. اتان جا زميندار ۽ ڪاشتڪار غيرقانوني طور سرڪار طرفان مقرر ٿيل پوک جي ڪوٽا کان وڌيڪ تماڪ پوکيندا هئا ۽ ان پئداوار تي لڳايل محصول (ايڪسائيز) جي چوري ڪندا هئا. رات جي اونده ۾ فصل لٽي، ان جا وڏا ڍڳ ٺاهي، ٻاهران ڇيٽي جا ٽبا ۽ لانئيون لڳائي، اندر تماڪ پوري ڇڏيندا هئا ۽ رات رات ۾ ان جون ترڪون ڀرائي، دلالن کي وڏي اگهه تي نيڪال ڪندا هئا. جيڪي ناس ۽ چرس جي فئڪٽرين وارن کي پهچائي ٻيڻو ٽيڻو نفعو ڪمائيندا هئا. وٽن ڪيترا خوني ۽ رهزن پاليل هئا. گانجي ۽ ڀنگ جي پئداوار تي سرڪار طرفان گهٽي پابندي نه هئي ۽ ان تي محصول به معمولي هو. امروها ۾ ڀنگ ۽ گانجي جا سرڪاري طور تسليم شده دڪان هئا. زميندار ۽ همٿ وارا ايڪسائيز انسپيڪٽر اڪثر تماڪ جي ڪاشتڪارن تي راتاها هڻندا هئا ۽ پنهنجي سرڪاري فرض ادائيءَ ۾ ڪيترا انسپيڪٽر ۽ داروغا مارجي به ويندا هئا.

امروها علائقي جا اڪثر رهاڪو جهيڙاڪ، ڏاڍا مڙس ۽ ظالم آهن. دنگا فساد ڪرائڻ سندن پراڻو پيشو پئي رهيو آهي. ان شهر ۾ اردو اديبن ۽ شاعرن جي وڏي کيپ آهي، پر سندن ادب ۽ شاعريءَ ۾ به وحشت جو عنصر نمايان آهي. مشهور فلمي اداڪاره ميناڪماريءَ جي بايوگرافر موهن ديپ جو بيان آهي ته "ميناڪماريءَ جو مڙس ڪمال امروهي جڏهن هن کي ماري ماري ٽڪجي پوندو هو ته مينا ڪماريءَ کي پنهنجي سيڪريٽري باقر عليءَ کان مارون ڏياريندو هو. پر جيئن ته هوءَ روزانو ويهه کن تکي تماڪ ڀريل پان کائيندي هئي ۽ اڌ بوتل شراب جي پيئندي هئي، ان ڪري مٿس مار جو ايترو اثر نه ٿيندو هو." اها بهرحال، ٻي ڳالهه آهي ته مهجبين (مينا ڪماريءَ جو اصلي نالو) جي انهي ٺي سنڌي بايوگرافر، جيڪو ڪن ڏينهن سنڌيءَ جو جديد ڪهاڻيڪار به رهيو آهي، مينا ڪماريءَ جي اهڙي ڪنهن به همعصر فلمي هيرو کي نه بخشيو آهي، جنهن سان هن مينا ڪماريءَ کي همبستر نه ڪيو هجي. مون کي هڪ پيري عينيءَ پڻ ٻڌايو هو ته ڪمال امروهيءَ، امروها مان کي اهڙا غنڊا گهرائي به پاڻ وٽ پاليا هئا. جن کان مينا ڪماريءَ کي ڇهبوڪ هڻائيندو هو ۽ عينيءَ اهڙي وحشياڻي عمل لاءِ ڪمال مٿان ملامتون وڌيون هيون. بمبئيءَ ۾ قيام دوران عينيءَ چيو ته ميناڪماريءَ جا مرڻ وقت هٿ پير ۽ ٽنگون سجيل هئا. پيٽ ڦاٽ ڪائڻ جي حد تائين ڦوڪيل هو. ڦڦڙ پاڻيءَ سان ڀريل هئا ۽ سندس گردن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو. وات مان ڳگ ۽ ناسن مان رت وهي رهيو هوس ۽ هوءَ سور کان ٿڪي رهي هئي. لکين ڪروڙين ڪمائيندڙ عظيم اداڪاره جي ڪاتي ۾ مرڻ کان پوءِ رڳو ساڍا ٽي هزار رپيا بچيل هئا.

هن امروها جي قبرستان ۾ سيدن ۽ سيداڻين جي ڀر ۾ دفن ٿيڻ جي خواهش ڪئي هئي، پر مينا ڪماريءَ جي سني پيڪن ۽ شيعا ساهرن وچ ۾ تڪرار ڪري، هن کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحمت باغ جي خانداني شيعا قبرستان ۾ دفنايو ويو. هن جي بايوگرافر جو چوڻ آهي تہ ”جڏهن هن جو نعش جنازي تي رکي رهيا هئا، تہ ڪي شخص هن جي مرده جسم تي پا۾ سونن زيورن ۽ هيرن جي منڊين جي تلاش لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. خبر ناهي ڪنهن کي ڇا ڇا هٿ آيو؟“ پرسان بينل اداڪار سنجيو ڪمار پڻ پڻ ڪئي، 'ڳجهون'. ميناڪماريءَ جي بايوگرافر رڪارڊ ڪيو آهي.

امروها ۾ پارليامينٽ جي ميمبر جي جڳهہ خالي ٿيڻ تي چونڊون ٿي رهيون هيون. ڪانگريس اميدوار حافظ محمد ابراهيم هو. ۽ هن جي مخالفت ۾ سنڌي اڳواڻ آچاريہ ڪرپالاڻي سوشلسٽ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي بيٺو. آچاريہ جيوترام ڪرپالاڻي سڄي عمر ڪانگريسي رهيو ۽ ورهاڱي تائين آل انڊيا ڪانگريس پارٽيءَ جو پريزيڊنٽ رهي چڪو هو. ورهاڱي بعد جواهر لعل نهروءَ سان اختلاف ٿيڻ ڪري، هو ڪانگريس ڇڏي رام منوهر لوهيا جي سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ وڃي شامل ٿيو ۽ امروها مان ڪانگريس اميدوار خلاف پارليامينٽري چونڊون لڙي رهيو هو. ڪرپالاڻيءَ جو وڏو ڀاءُ (شيخ عبدالمجيد سنڌي) سنڌ ۾ مشرف بہ اسلام ٿي، سنڌ جي ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو سرگرم رڪن ٿي ويو هو ۽ چون ٿا تہ هن حيدرآباد جي ڪيترن هندو عاملن کي بہ پاڻ سان گڏ اسلام ۾ داخل ڪيو.

امروها دهليءَ کان ڏيڍ سو ڪن ميلن جي مفاصلي تي آهي. مامو اتان اڪثر اسان وٽ دهليءَ ايندو ويندو رهندو هو. هن مون کي چيو. ”هتي بيڪاريءَ ۾ واندو ويٺو وقت وڃائين، تنهن کان مون سان امروها هليو هل ۽ پنهنجي سنڌي اڳواڻ جي چونڊن لاءِ هلي ڪم ڪر.“ مامي جي مشوري ۽ زور ڀرڻ تي مان امروها هليو آيس.

شهر ۾ وڏا وڏا ڪاتڪو رهزن ۽ رساگير هئا. جيڪي حافظ جا حمايتي هئا. آگري، ڪانپور ۽ لکنوءَ جا لونڊا، امين آباد جا بانڪا، حافظ جا حمايتي ۽ اتان جا سنڌي ڪرپالاڻيءَ جا ورڪر ٻئجي امروها پهچي ويا. ڪرپالاڻيءَ جي بنگالي زال سچيتا اتر پرديس جي گورنر هئي، جنهن پڻ پنهنجا ڪيترا ڪارڪن موڪلي ڏنا. امروها ۾ ڏاڍي ڇهل پهل متل هئي. آچاريہ ڪرپالاڻي ڏسڻ ۾ ٿي ٻيءَ جو مريض، واٽڙو ۽ ڪارٽون لڳندو هو. هن جو طوطي جهڙو نڪ ۽ موتڻ ڀڳت جيان لڙڪندڙ وڏا وار هئا. هو بهار جي شهر چمپارن ۾، ڪنهن ڪاليج ۾ الائي ڪيئن ايترا سال انگريزيءَ جو پروفيسر ٿي رهيو. حالانڪ هو سنڌ ۾ مئٽرڪ ۾ ست ڀيرا ناپاس ٿيو هو. هو تقرير ڪندو هو تہ ماڻهو کلندا هئا ۽ هن جون اهلون ڪندا هئا. سنڌين کي هو سدائين اهو مشورو ڏيندو هو تہ. ”سنڌي ۽ سنڌيت وساري ڇڏيو ۽ هتان جي ماڻهن ۾ ضم ٿي وڃو.“ چونڊن جو نتيجو ظاهر ٿيو تہ حافظ محمد ابراهيم وڏيءَ اڪثريت سان کٽيو ۽ آچاريہ ڪرپالاڻيءَ دهليءَ جي هڪ سرڪاري بنگلي ۾ گوشہ نشينيءَ واري زندگي گذارڻ لڳو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امروها جي چوندن ۾ جيئن تہ مامي، حافظ ابراهيم جي مخالفت ۾ ڪم ڪيو هو ان ڪري اتان جي انتظاميہ هن کي اتي سک سان ساهہ کڻڻ نہ ڏنو ۽ هو پنهنجي بدلي ڪرائي، بجنور ضلعي جي شهر نجيب آباد هليو آيو. جيڪو عيني (قرت العين حيدر) جو آبائي شهر آهي. نجيب آباد نوابي شهر آهي. امير ترين هندو مسلمان هن شهر ۾ ساز سلوڪت سان رهندا آهن ۽ وڻج واپار ۾ پڻ هڪ ٻئي سان ڏي وٺ ۾ هوندا آهن. هندن جو امير طبقو جين مت جو آهي، جيڪي ساهو سڏائيندا آهن. هندستان جي وڏي ۾ وڏي اخبار ۽ اشاعتي ادارو ٽائيمس آف انڊيا گروپ، جتي مون پنجتيهہ سال ملامت ڪئي، نجيب آباد جي ساهو جين ڪٽنب جو آهي. علائقي جي انڊسٽري تي نجيب آباد جي جينين جي هڪ هٿي رهي آهي. شهر ۾ اڪثريت مسلمان نوابن جي آهي، جن جون رامپور رياست جي نوابن سان مٽيون مائٽيون آهن. هو شهر جي حويلين ۽ شهر کان ٻاهر وسيع زمينن جا مالڪ آهن. نوابزاديون ۽ جينياڻيون بيحد حسين، سون ورني صورت واريون ۽ پيار ۾ پختيون آهن.

هڪ ويساکي تي مامو دهليءَ مان منهنجي ماءُ ۽ مون کي هردوار تيرٿ تي وٺي هليو. گهر ۾ واندو ويهي وقت وڃائڻ ۽ ڪافي هائوسن ۾ ويهي ڪچهريون ڪرڻ کان ڪجهہ ڏينهن ٻاهران وڃي، سير سپاٽو ڪرڻ جو سوچي، مان بہ ساڻن گڏ نڪري پيس. هردوار کان نجيب آباد پنجاهہ ڪن ميلن جي مفاصلي تي آهي ۽ اسين هردوار ۽ رشيڪيش مان ٿيندا، نجيب آباد هليا وياسين. ڀاڀي هفتو کن رهي موٽي آئي ۽ مان مامي جي زور ڀرڻ تي وٽس نجيب آباد ۾ ئي رهي پيس. مامو ان وقت تائين ترقي ڪري ايڪسائيز سپرنٽنڊنٽ جي عهدي تي پهتو هو، ان ڪري ضلعي ۾ هن جو اثر رسوخ خاصو وڏي چڪو هو. هن مون تي زور ڀريو تہ اتر پرديش جي ايڪسائيز کاتي ۾ انسپيڪٽر جي نوڪريءَ لاءِ هن کي درخواست لکي ڏيان ۽ هو ڪليڪٽر کي چئي، مون کي اها ملازمت وٺي ڏيندو پر مون کيس صاف چئي ڏنو تہ "ماما، مان ٻيو ڪجهہ بہ ڪندس، پر سرڪاري نوڪري ڪڏهن نہ ڪندس." مامو چئي چپ تي ويو پر منهنجو تمام گهڻو خيال رکندو هو.

مامي کي هڪ ٻئي پويان ست پٽ پيدا ٿيا. هو نياڻيءَ لاءِ سڪندو رهيو. هن جو پختو عقيدو هو تہ جيسين گهر ۾ لڪشمي (نياڻي) جو واسو ناهي، تيسين گهر ۾ خوشي خوشحالي پير نہ رکندي. ستين ڇوڪري کان پوءِ هن ٻار پيدا ڪرڻ بند ڪيا ۽ پنهنجي وڏيءَ ڀاڄيءَ چندا کي گود ورتو. هن چندا کي پٽن کان وڌيڪ پيار ڏنو. هن کي بجنور جي گرلس ڪاليج ۾ پهرئين سال ۾ داخل ڪرايائين ۽ هن جي ڪاليج ۾ اچ وڃ لاءِ موٽر رکيائين. (ايڪسائيز کاتي ۾ سينئر عهدي تي هئڻ ڪري مامو هڏامن فضل ربي سان خاصو نوازيل هو.)

منهجي ماروٽ چندا ڏاڍي چنچل سياو واري ڪلمڪ ڇوڪري آهي، (هن وقت هوءِ نيروز آباد جي گرلس ڪاليج جي پرنسپال آهي. آزاد ۽ خود مختياريءَ واري زندگي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذارڻ لاءِ هن شادي نہ ڪئي. سڄو وقت ٿهڪ ڏيئي ڪنڻ ڪري، هن جي ٿولهہ وڌي ويئي آهي ۽ منهن گول مٽول ٿي ويو اٿس. مامي ۽ مامي جي گذاري وڃڻ کان پوءِ، فيروز آباد ۾ اڪيلي آيائن سان، بي فڪري واري زندگي گذاري رهي آهي. مامي جا ست ئي نالائق ۽ نيم پڙهيل پٽ اتر پرديش جي ڪن ننڍن وڏن شهرن ۾ مجارڪا ۽ پسارڪا دڪان کولي ويٺا آهن.

ڪاليج ۾ چندا جي ساهيڙپ نجيب آباد جي هڪ وڏي نوابي خاندان جي هم ڪلاسڻ ڇوڪريءَ صبا سان ٿي. ٻنهي جي ساهيڙپ ڏينهون ڏينهن ايتري تہ گهري ٿيندي ويئي، جو هو مامي واري موٽر ۾ نہ رڳو ڪاليج گڏجي اچڻ وڃڻ لڳيون، پر ڪاليج مان موٽڻ بعد صبا اسان جي گهر بہ ايندي هئي ۽ مانجهاندي کان پوءِ چندا ئي هن کي سندس گهر ڇڏي ايندي هئي، جيڪو سڏ پنڌ تي هو. ڪڏهن ڪڏهن مان بہ چندا سان گڏ صبا کي اپرائڻ ويندو هوس.

مامو صبح جوئي ڏوَ تي نيرن ڪري، وردي پائي ۽ چيلهہ ۾ پستول لٽڪائي، نٿهور ۽ ٻين علائقن طرف بگيءَ ۾ چڙهي گشت تي هليو ويندو هو. جتان سانجهن جو موٽي، سنان پاڻي ڪري، بئنڪ ۾ پنهنجي دوست سان بوتل کولي ويهندو هو. مامي پنهنجي پٽن کي پالڻ پوسڻ ۽ پاٺ پوڄا ۾ رڌل رهندي هئي. بہ ملازمائون ۽ بورچياڻيون پاڻ ۾ ڄندا پٽ ۽ هڪ ٻئي جي يارن جا نالا ڳنڍائڻ ۾ لڳيون رهنديون هيون. مان ماروٽن سان لوڏي راند ۾ يا پنهنجي ڪمري ۾ دربند ڪري، ڪتابن ۽ رسالن ۾ ريڌو رهندو هوس. (نجيب آباد ۾ اردو جا ڪيترائي رسالا ۽ ڪتاب ملندا هئا) منجهند ڏاري منهنجي ماروٽ چندا ۽ صبا ڪاليج مان موٽنديون هيون، تہ ماني کائي اسين ٺيئي ڇت تي ٺهيل وڏي ڪمري ۾ وڃي تاس راند ڪندا هئاسين. مامي پٽن کي چنبا هڻي، اڪين ۾ ڊپ وجهي سمهاري، پاڻ بہ وڃي گهريءَ ننڊ ۾ غلطان ٿيندي هئي.

سترهن سالن جي صبا جو حسن بي مثال هو. هڪ پنجابي لوڪ گيت وانگر هن جو جسم سلفيءَ جي اپرندڙ ۽ وٽ ڪائيندڙ لاٽ جيان هو. شڪل شبيهہ مان بہ هوءَ پر وقار ۽ خانداني لڳندي هئي. پر هن جي ڇهري تي سدائين ڪا عجيب اداسي، مايوسي ۽ ڪو سوداءُ نظر ايندو هو. لڳندو هو هوءَ دل هول جو شڪار آهي. هوءَ چندا جيان ڪڏهن بہ ٿهڪ نہ ڏيندي هئي. تاس جي بازي کٽڻ تي يا ڪنهن لطيفي تي وڌ ۾ وڌ هلڪو مرڪندي هئي. ڏينهون ڏينهن ويجهو اچڻ ۽ گوڏو گڏي ويهڻ جي باوجود مون کي صبا کان سندس اداسي ۽ ملول رهڻ جو ڪارڻ پڇڻ جي همت نہ ٿي. چندا کان پڇندو هوس تہ هوءَ بہ لنوائي ويندي هئي. صبا جي چاهت ۾ منهنجا ڏينهن بي آرامي ۾ ۽ راتيون اوجاڳن ۾ ڪٽجڻ لڳيون. آرتوار جي موڪل وارو ڏينهن هن جي نہ اچڻ ڪري عذاب بڻجي ايندو هو. هڪ آرتوار شام مان ۽ چندا شهر آيل سرڪس ڏسڻ وياسين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن تہ اسان هندن ۾ سوتين، ماساتين، ماروتين، پڦتاين ۽ ٻين ويجهن مائٽاڻين وچ ۾ شاديون خواهہ عشق اڏرم ۽ ناجائز آهي، ان ڪري مائٽن طرفان گڏ گهمڻ ڦرڻ جي مڪمل آزادي آهي، (اسان جي لاڙڪاڻي جي هڪ حال حيات هندو شاعر پنهنجي ڏاڏي پوٽي سان عشق جي شادي ڪئي تہ چاچي جيل ۾ وجهايس.)

سرڪس کان موٽندي مون چندا مٿان زور بار آڻي، هن کان صبا جي دک ۽ اداسي جو ڪارڻ پڇيو. چندا مون کي هن بابت سڀ ڪجهہ ٻڌايو. صبا جي، زندگيءَ جي ڪهاڻي ايتري تہ افسوسناڪ هئي، جو مان هتي سڄي لکڻ ويهان تہ پورو ڪتاب ٿي ويندو. مون ڪيئي ڀيرا اها ناول جي صورت ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر منهنجو قلم ڪڏهن بہ جسارت ڪري نہ سگهيو آهي، مختصر ۾ اهو هو تہ هن جي والد نواب ... جي اوچتي (شايد ڪنهن حادثي ۾) انتقال کان پوءِ هن جي والده ڪنهن ڏورانهين مائٽ سان نڪاح ڪري، هن کي چاچي چاچيءَ جي رحم ڪرم تي ڇڏي، پاڪستان هلي وئي ۽ هن جو ماٽيلو چاچو ۽ چاچيءَ هن جي حصي جي سڄي جائداد ڦٻائي، هن سان غير انساني سلوڪ ڪري رهيا آهن.

ظاهري طور صبا جي ڪهاڻي ڪنهن فلمي ڪهاڻي جيان لڳي رهي هئي، پر تفصيل ٻڌڻ کان پوءِ منهنجو بہ هيانءُ جهجهڻ لڳو. حقيقتون ڪهاڻين جيان نہ هونديون آهن.

مان هتي نجيب آباد جي ان نواب خاندان جو نالو نٿو لکان، جو صبا جو هڪ تمام ويجهو مائٽ پاڪستان هجرت ڪري وڃڻ تي، اڳتي هلي ڪنهن دور ۾ اتان جي حڪومت ۾ وفاقي وزير جي عهدي تي رسيو ۽ منهنجي ڄاڻ موجب اڃا بقيد حيات آهي. ٻئي ڏينهن مون دلي مائٽن کي خط لکيو تہ مان اڃا نجيب آباد ۾ ڪجهہ عرصي لاءِ رهندس ۽ منهنجو پيءُ اهو سوچي مطمعن ٿي ويو تہ مامي شايد ڪنهن نوڪريءَ تي يا ڪنهن ڏنڌي ڌاڙي تي لڳايو اٿس.

آهستي آهستي مون صبا کي اردو محاوري موجب شيشي ۾ لاهڻ شروع ڪيو. مان سچ پچ صبا کي دل ۽ جان چاهڻ لڳو هوس ۽ هن کان هڪ پل جي جدائي بہ مون لاءِ برداشت کان ٻاهر ٿي هئي. هڪ چتر چالاڪ ڪيڏاڙي جيان تاس جي پتن اندر خواهہ ٻاهر مون هر چال آزمائي. هن سان هر نموني جي همدردي، سنيهہ، پيار پرداخت، پرواهہ پرگهور، سنڀال ۽ هن جي حفاظت جا واعده وچن، ميلا محبتون ۽ يقين ڏهانيون ڪندو رهيس. ان دودرنا مون چندا جو وشواس حاصل ڪري ورتو. هوءَ پهرين ڪجهہ چرڪي، پر نيٺ منهنجي ايلازن هٽي هنڌ ڪيو ۽ هوءَ مون کي هر مدد ۽ سات ڏيڻ تي راضي ٿي وئي. مون کي اهو احساس ٿيو تہ هڪ معصوم ۽ گڏوگڏ مظلوم ڇوڪريءَ کي وس ۾ آڻڻ لاءِ ڪا فرهاد واري قوت ڪوهہ ڪني يا تيشہ گري گهربل ناهي. مون من ۾ صبا کي دهلي يا بمبئي پڄائي وني وڃي، هن سان شادي ڪرڻ جو پڪو فيصلو ڪري ورتو. بمبئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتان تمام پري هئي ۽ اتي وڃڻ لاءِ هڙ ۾ وڏي رقم هئڻ ضروري هئي. ان ڪري اسان پنهنجي مائٽن وٽ دهليءَ اچڻ جو فيصلو ڪيو. صبا کي ٽي پيپرا 'قبول' ڪرائڻ ۾ مون کي وڌيڪ وقت نه لڳو.

مون کي اپريل (سال ڪونه ڪو) جو اهو صبح چٽي طرح ياد آهي، جنهن ڏينهن صبا ڪاليج لاءِ گهران نڪتي هئي ۽ منهنجي ماروٽ چندا پنهنجي موٽر ۾ هن کي بجنور جي بس اڏي تي برقعو پارائي پهچايو. پهرين بس ديره دون وڃي رهي هئي، منهنجي کيسي ۾ ڏيڍ سو رپيا هئا، پر صبا پنهنجي ٿيلهي ۾ ٻن ٽن وڳن کان سواءِ پنهي جي موت جو سامان به ساڻ کنيو هو.

هوءَ ايئن نه ڪري ها، ته اڄ شايد منهنجي ٻارن جي ماءُ هجي ها!!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽيتاليھون پنو

هيءَ قسط بئنگڪاڪ جي هوٽل جي ڪمري مان لکي رهيو آهيان. ڏينهون ڏينهن بگڙجندڙ صحت سڌارڻ لاءِ ٿائيليند جي راڄڌاني بئنگڪاڪ ۽ ساموندي تٽ واري خوبصورت شهر پٽايا ۾ پنهنجي جسم ۽ هيانءَ کي هلڪو ڪرڻ لاءِ هفتي کان رهيو پيو آهيان. جتي ٽن شفٽن ۾ ٽي شغل برقرار آهن. منجهند جو مساجون، شام جو شراب ۽ رات جو دير تائين ڪتاب. مساجون ڏيندڙ ٿائي حسيناٺن جا گداز جسم مکڻ جيان ملائم ۽ ملائيءَ جهڙا مٺا آهن. جن جون ڪچهريون لطف ۽ لذت جو انوکو احساس ڏياريندڙ آهن.

هن وقت مون کي چار بيماريون لڳل آهن. ورٽيگو جيڪا مٿي کي ڦيرواٽي ڏياري رهي آهي. استما، جنهن ساهه ۾ سهڪو آڻي ڇڏيو آهي. السر، جنهن آنڊي ۾ ڦٽ ڦوڙي ڇڏيو آهي، ۽ چوٿين بيماري مان پاڻ آهيان. انهن چئني بيمارين جو ڪو علاج ڪونهي، جو اهي مارينديون گهٽ پر سهڪائينديون ۽ ڦٿڪائينديون وڌيڪ آهن. بهرحال، انهن کان فراريت حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ٽيهه سال اڳ جڏهن مليشيا جي ڪنهن ادبي ڪانفرنس کان موٽندي، بئنگڪاڪ آيو هوس، تڏهن اهو مساجي نسل اجا ابري ۽ ساماڻجي رهيو هو. حسين ڇوڪريون شيشن جي شوڪيسن ۾ پنهنجين ڇاتين تي نمبرن جون تختيون اٽڪائي ۽ فئنسي اشتهاري ريڊي ميڊ سوٽن ۽ ڊريسن جيان ڊسپلي ٿيل هيون ۽ شوڪيسن ٻاهران انهن نمبرن جا بٽڻ لڳل هئا. جنهن مان ڪو به دٻائڻ سان ان نمبر واري ڇوڪري اسپرنگ جيان اسٽول تان اٿي، ٻاهر اچي گراهڪ کي هٿ کان جهلي، ڪنهن ڪئبن نما ڪمري ۾ وٺي ٿي ويئي. ڪنهن به سوديبازي يا ملهه چڪائڻ جي ضرورت نه هئي. نمبر سان گڏ هر هڪ جو اگهه مقرر ٿيل هو. ٽيهن سالن بعد اڄ انهن عورتن جون ڏيٽر ساڳين ڏنڊن سان آهن. اهي پنهنجين مائرن کان وڌيڪ چست ۽ چالاڪ آهن ناوجود ان جي سندن ملهه ڪپڙي جي وال جي قيمت کان به سستو آهي. گذريل صديءَ جي ستر واري ڏهاڪي ۾ ويٽنام جي ناڪام جنگ ۾ هارائي، اتان ذليل ۽ خراب خوار ٿي واپس ورندڙ آمريڪي فوجين رات تي ٿائيليند جهڙي غريب ملڪ کي، پنهنجن ڊالرن جي زور تي، هڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بين الاقوامي ڇڪلو ٻٽائي ڇڏيو. ويٽنامي مجاهد ڀڳڙن جي لپ تي لڙائيءَ ۾ پنهنجيءَ جان جي آهوتي ڏيندا رهيا ۽ هيڏانهن هٿياربند آمريڪي سولجر جنگ جي محاذ تي وڃڻ کان اڳ ڪيڪ پيسٽرين ۽ چاڪيليٽن جي دٻن ۾ بيئر جي بوتلن جون تقاضائون ڪندا هئا. پر پوءِ بہ جنگ ۾ پنهنجن اچن منهن تي ڪارنهن ملي. موٽندي غريب ٿائي قوم کي عفونت، ڀرشٽاچار ۽ جسم فروشيءَ ۾ مبتلا ڪندا آيا. اڄ ٿائيلينڊ جي هر وڏي ننڍي شهر ۾، بستي ۽ بازار هر ٻيو دڪان مساج پارلر آهي، جتي مساج جي نالي ۾ سڀ ڪجهہ ٿيندو آهي ۽ نائيٽ ڪلبن ۾ انفرادي خواه اجتماعي مباشرت جا منظر ناما مانيءَ جي هڪ ويلي جي اگهہ تي ناظرين اڳيان پيش ڪيا ويندا آهن. ملڪ تہ مهانگو آهي، پر سستي ۾ سستي جنس انساني جسم آهي.

ڪوالالمپور جي ايشيائي رائيٽرس ڪانفرنس ۾ مليشا جي جديد شاعره رقيده ڪمد نوح، جنهن کي Malay ٻوليءَ جي عورت زاد جي نمائنده شاعره مڃيو ويجي ٿو. شيخ اياز ۽ ڪرشن راهيءَ جي ڪن شعرن جو ملي ٻوليءَ ۾ ترجمو پيش ڪندي (مون هن کي اهي سنڌي نظم انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنا هئا.) پڇاڙيءَ ۾ هن پنهنجو نظم پڙهيو. ”مان تو کي وڌيڪ ڇا ٿي ڏيئي سگهان؟ سواءِ ٻرندڙ سگريءَ ۾ هڪ نئين ڪوئلي جي. تو سڀ گرپ پنهنجن ڊالرن سان پيري ڇڏيا آهن. پنهنجي وي ڊي سان پيري ڇڏيا آهن، تو منهنجي سڄي جسم ۾ روڳ جا اهي جيوڙا پيري ڇڏيا آهن، جيڪي هاڻي مان خسيس عياشن ۾ ورهائيندي ٿي وتان ۽ روڳي نسل ۾ واڌ آڻڻ لاءِ گهٽين ۾ گهمندي ٿي وتان.“

هوٽل هلٽن جي ڪال گرل واڪا ڪرڻ لڳي آهي. ”هي جو گيمي يور ڊالر، ناٽ يور نيپام، ناٽ يور گنوريا.“

۽ ستم ظريفي اها آهي تہ پنهنجي ملڪ موٽي اچڻ تي هارائي آيل فوجين کي ڪي نوان عهدا، معاوضا، ڀتا ۽ جائدادون ملنديون آهن ۽ سندن ستم جو شڪار ٿيل هڪ نئون حرامي نسل در ٻدڪي، جسم فروشي، ڀڙوت يا جرائم پيشي ۾ مبتلا ۽ ملوث ٿي ويندو آهي.

ملڪ جي روزمره جو اسي سيڪڙو ڪاروبار عورتون سنڀالي رهيون آهن ۽ پندرهن کان پنجويهن ورهين جي عمر تائين اڪثريت انهن پيشور عورتن جي آهي، جيڪي ڏهن ٻارهن سالن جي عرصي ۾ وڏ ۾ وڏ ڪمائي، پنهنجي پيريءَ جو توشو ناهي ٿيون رکن ۽ باقي عمر ڏنڏي مان رٽاير ٿي، گهر گرهستيءَ جو ڪاروبار ۽ ننڍو وڏو ڏنڌو ڌاڙي ڪنديون ٿيون رهن. هن ملڪ جي سياست برصغير جي سياست کان بہ وڌيڪ گهوماڻيل ۽ منجهيل آهي، جو فوج اتان جو اهم ادارو آهي. آئيني طور تہ ملڪ ۾ سلطنت شاهي آهي ۽ بادشاهہ يوميبول کي خدا ڪري پوڄيو تو وڃي، پر پوءِ بہ هو ملڪ جي سياست کان ڪناره ڪشي ڪري، عوام جي عبادت سان ئي پاڻ کي مطمئن رکيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وينو آهي. ملڪ ۾ ڪڏهن ڪا فوجي چڪتاڻ ٿيڻ تي، هو پنهنجي سلطانيءَ جو اثر هلائي، ملڪ ۾ مڪمل امن امان قائم ڪرائي وٺندو آهي. پندرهن سال کن اڳ جڏهن ملڪ ۾ فوجي دست اندازي ۽ ڏاڍائيءَ خلاف عوامي مظاهرا ٿيا، ته فوجين عوام مٿان گوليون هلايون.

جڏهن بادشاهه تائين فوجين جي ڏاڍ ۽ ظالماڻي رويي جون خبرون پهتيون، ته هن فوجي جرنيلن کي پاڻ وٽ سڏائي، کين مهڻا ۽ ميارون ڏنيون. جرنيل هڪ هڪ ٿي، بادشاهه اڳيان گوڏن ڀر جهڪندا، ڪيڙن ماڪوڙن وانگر چرندا چيچلائيندا پيش پوندا رهيا ۽ اهو سڄو منظر ٿائيلينڊ جي ٽيليوزن تي عوام اڳيان ڏيکاريو ويو. عوام فوجي جرنيلن کي ايئن ذليل ٿيندو ڏسي، سامت جو ساهه کنيو. فوجي توبهه تائب ٿيا. ملڪ ۾ مڪمل طور عوامي جمهوريت بحال ٿي ويئي ۽ ٿائي فوج ٻيهر ڪڏهن عوامي اقتدار ۾ ڪا دست اندازي نه ڪئي. ايتري قدر جو وڏندڙ جنسي ڇڙواڳيءَ طرف پڻ ملڪ جي فوج ۽ پوليس چسم پوشي ڪندي رهي آهي، بشرطيڪ ان ۾ ٻيو ڪو اخلاقي ڏوهه شامل نه هجي. ڇڙواڳيءَ جي اهڙيءَ فضا ٿائي لئنڊ کي صحيح معنيٰ ۾ ٽڙن ۽ سٽرن جو ملڪ ڪري ڇڏيو آهي.

ڊبل شفٽ جي ٿائي مساجن ۽ فراغت ۾ پٽايا جي سامونڊي ڪنارن sea beaches تي وڇايل آرام ڪرسين تي، پوري فرحت ۽ آسائش وٺي، تازو توانو ٿي گهر موٽيو آهيان. ملائيءَ جهڙو ملايم ٿي ويل بدن، دهليءَ جي سيءَ ۾ سڪڻ لڳو آهي. سڄو سرير سوڙ ۾ ويڙهي، گوڏن تي پئڊ رکي، رات جو ٻارهين کان پوءِ اڳتي لکڻ شروع ڪيو اٿم. لکڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿي رهي آهي. سخت سردي ۽ چوڏاري ڇانيل ڪوهيڙي ڪري عينڪ جي شيشن مٿان لڙات لڳي ٿي وڃي. پنج ڏهه سٽون لکڻ بعد رَمَ ۾ رومال پوڙي، عينڪ اگهي، ڊنڊ صاف ڪرڻو ٿو پوي. سوچ جو سلسلو ۽ من وري ماضيءَ ڏانهن موٽي آيو آهي. اڌ صدي گذري وڃڻ تي به هر پل جو پرلاءُ چٽو ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي ۽ هر منظر اکين آڏو ڪٿي سرهي سار ۽ ڪٿي پيڙا ۽ پڇتاءَ جو پڙاڏو بڻجي منهنجي ڪميڻگيءَ ۽ ڪانئرتا تي مون مٿان ملامتون وجهي رهيو آهي. زندگيءَ جي ٽالهه تي هڪ هڪ واردات ۽ واقعو ورائي ورائي وڄندو، مون کان منهنجن گناهن جي تلافيءَ جون تقاضائون ڪري رهيو آهي.

قديم گنگا جي پاڪ پاڻيءَ جي ڪناري، بجنور کان ديره دون ويندڙ بس ۾، صبا اڳين زنانين نشستن تي پنهنجي ٽيلهي کي سوگهو جهلي ويٺي هئي ۽ مان پوئينءَ سيٽ تي خوف ۽ هراس ۾، چنجهين اکين ۽ چور نگاهن سان ور ور دريءَ کان ٻاهر نهاري ۽ وري هيڏانهن هوڏانهن ڏسي رهيو هوس. نجيب آباد کان پوءِ گنگا نديءَ جي پل پار ڪري، هر :وار واري علائقي ۾ پهچڻ تي صبا پنهنجو برقعو لاهي ٽيلهي ۾ وجهي ڇڏيو. ديره دون کان سو ميلن کن جي مسافت جو اڌ پنڌ طئي ڪري، هردوار جي ”هرڪي پوڙي“ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوئين پاسي ڊرائيور ساهي پٽڻ ۾ چانهه پاڻيءَ لاءِ بس بيهاري. هيٺ لهي مون سڄي سفر ۾ پهريون ڀيرو صبا جي ڪليل چهري ڏانهن ڏٺو. ڌپ ڪان ڳاڙهو ٿيل هن جو منهن گلاب جيان لڳي رهيو هو. هن برقعي ۾ هٿ وڌو. تہ مون هن جو هٿ جهلي ورتو. چيومانس: ”صبا، هن وقت اسين هريءَ جي دوار وٽ گنگا جي ڪناري بيٺا آهيون. اسان ڪو پاپ نہ ڪيو آهي ۽ جي ٿي بہ ويو آهي تہ پويتر گنگا اهو پاڻ سان پرواهہ ڪري ڇڏيندي. ”صبا حيرت مان منهنجين سٽن ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. ڪاش! هو ان وقت منهنجين سٽن ڪي سمجهڻ بدران مون ڪي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ها.

هردوار ڪان ويهہ ميل اڳتي رشيڪيش هو. اتان اڳتي ٽيهہ ميلن تائين ٻنهي پاسي ديره دون جا گهاٽا جهنگل ها. وچ واريءَ شاهراهہ تي پولڙن ۾ لنگورن جا ٽولن جا ٽولا بس جي سفر ۾ اسان ڏانهن گهوري رهيا هئا. هنيئر مان صبا سان گڏ ساڳيءَ سيٽ تي ويٺو هوس. رومانوي ماحول جي سرهاڻ پرئي سفر اسان جي دلين مان سپ ڌپ ڌاءِ ڪڍي ڇڏيا هئا. لڳي رهيو هو اسين ڄڻ سرڳ جي ياترا ڪري رهيا آهيون. صبا جو پنهنجي گهر کان ٻاهر هيءُ پهريون سفر هو.

ديره دون جي ڊالن والا علائقي جي هڪ پراڻي گيسٽ هائوس ۾ ڏهہ رپيا روز جي ڀاڙي تي اسان کي هڪ سوڙهو ڪمرو ملي ويو. گيسٽ هائوس جي رجسٽر ۾ مون پنهنجو صحيح نالو ۽ ائڊريس ۽ صبا جو سنيتا نالو درج ڪيو ۽ پنجن ڏينهن جا پنجاهہ رپيا ائڊوانس طور جمع ڪرايا.

اطمينان سان ڪمري ۾ پهچي، مون صبا کي پهريون ڀيار ڀريو ڀرپور ڀاڪر پاتو.

سمنڊ جي سطح ڪان ٻن هزار فوٽن جي مٿاهينءَ تي ديره دون جو خوبصورت شهر گهاٽن جهنگلن وچ ۾ فطرت جي سونهن جو هڪ نادر نمونو آهي. چوڏهن ميلن جي چاڙهيءَ تي هندستان جي حسين ترين هل اسٽيشن مسوري آهي، جنهن کي انگريز Queen of Hills (پهاڙن جي راڻي) ڪري ڪوٺيندا هئا.

رات جي وقت مسوريءَ جي روشنين سان ديره دون جو شهر پڻ ٻهڪي پوندو آهي. ۽ هماليہ جي پهاڙين تي جنت جهڙو منظر ۽ ماحول ڇانئجي ويندو آهي. اردو اديبہ قرت العين حيدر (عيني) جي والد سجا حيدر يلدرم جو پڻ ديره دون جي ڊالن والا علائقي ۾ بنگلو هو. عينيءَ پنهنجي ٻاروتڻ جو چڱو عرصو ديره دون جي ان بنگلي ۾ گذاريو آهي. هن پنهنجين ڪيترين ڪهاڻي ۽ مضمونن ۾ ان بنگلي سان وابستہ پنهنجيون ساروڻيون قلمبند ڪيون آهن. هن جي هڪ ڪهاڻيءَ جو سرو ئي ”ڊالن والا“ آهي. هن وقت بہ عينيءَ جي خاندان جا ڪي فرد اتي رهائش پذير آهن. انگريز حڪومت هندستان جي پهرين ملٽري ائڪيڊمي ديرو دون ۾ ئي برپا ڪئي هئي. هتي هندستان خواه پاڪستان جا ڪيترائي فوجي جرنيل تربيت وٺي چڪا آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ اڳتي هلي اختيارين ملندي ئي انهن مان ڪيترا تانا شاهہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثابت ٿيا ۽ پنهنجي ملڪ جي حفاظت ڪرڻ بدران ان کي فتح ڪري، پنهنجي شرطي جاگير جيان هلائڻ لڳا.

ديره دون مر هڪ ٻي اهم ۽ عظيم انقلابي شخصيت رهائش پذير هئي، جنهن جو نالو منادبندرا ناٿ راءِ هو ۽ دنيا هن کي ايم اين راءِ جي نالي سان سڃاڻندي هئي. پر اهو ٻہ هن جو اڳتي هلي مصلحتن 'اڊڀاپٽ' ڪيل نالو هو جو هن چاهيو تہ هو پنهنجي ماضيءَ جي پراڻن بابن کي بند ڪري، زندگيءَ جي هڪ نئين باب جو آغاز ڪري. هن جو ڪٽنبي نالو نريندرا ناٿ ڀٽا چاريہ هو. اڳتي هلي روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تانا شاهي طور طريقن کان بدظن ٿي ايم اين راءِ اڌ ّلاب جو هڪ نئون نظريو پيش ڪيو، جنهن کي هن Radical Humanism (پختين پاڙن واري انسان پرستي) وارو متو ڪري ڪوٺيو.

منهنجي ۽ صبا جي ديره دون اچڻ کان ٿي چار سال اڳ ئي ايم اين راءِ گذاري ويو هو. هن جو موهني روڊ واري بنگلي ۾، ان وقت هن جي بيوه ايلن راءِ اڪيلي رهي پئي هئي. مون هن جي پروسہ جوڳي پهاڙي ملازم معرفت ايلن راءِ کان مختصر ملاقات جي منظوري ورتي. هڪ صبح مان ۽ صبا هن جي 13 موهني روڊ واري بنگلي جي ٻاهرئين باغيچي ۾ ملياسين. اڌ ڪلاڪ جي ڪچهريءَ ۾ مون هن کي ملڪ جي ورهاڱي، اٿل پٿل، لڏپلاڻ ۽ جلاوطنيءَ بابت ۽ مختصر ۾ صبا ۽ پنهنجي رشتي بابت ٻڌايو. هن چانهہ سان اسان جي تواضع ڪئي ۽ اسان کي آئينده جي خوشحال زندگيءَ جون دعائن ڏيئي گيٽ تائين اماڻڻ آئي. هوءَ هڪ باوقار عورت هئي. اٺ ڏهہ سال پوءِ ديره دون جي انهيءَ ئي موهني روڊ واري بنگلي ۾ مسز ايلن راءِ جو اهو پروسي جوڳو نوڪر هن کي قتل ڪري، ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويو. خبر ناهي تہ اهو قاتل پڪڙيو ويو يا نہ؟

هتي مان پنهنجيءَ آتم ڪٿا کي اڌ ۾ روڪي، پنهنجي ايندڙ زندگيءَ جي انساني آدرش (آئيڊيل) ايم اين راءِ بابت تفصيل سان ڪجهہ لکڻ چاهيندس.

مون کي انگريزي جرنلزم (صحافت) جي پيشي سان وابستہ ڪرائڻ وارو منهنجو محسن ٽائيمس آف انڊيا اخبار جو ايڊيٽر آنجهاني گري لال جين هو. هو ايم اين راءِ جو پڪو پوئلڳ ۽ پيروڪار هو. ان وقت هندستان ۾ Royist جو هڪ مضبوط ۽ پڪو پختو گروپ هو، جنهن جا اڪثر پيروڪار ادب، صحافت، ميڊيا، تعليم، سياست ۽ قانون وغيره جهڙن پيشن سان وابستہ هئا ۽ آبرودار عهدن تي هئا. گري لال مون کي قلم هٿ ۾ جهلائي، اخباري آرٽيڪل ۽ رپورٽون لکڻ سيکاريون. هن کي ڄاڻ هئي، تہ مان راڻا جنگ بهادر جهڙي آزموديڪار صحافيءَ جو شاگرد رهيو آهيان ۽ اسڪول آف جرنلزم مان امتيازي حيثيت حاصل ڪري نڪتو آهيان. گري لال جي ڪمري جي شيلف ۽ ٽيبل تي ايم اين راءِ جي ڪتابن جو سيٽ رکيل هوندو هو. هڪ ڏينهن مون همٿ ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪان راءِ جو ڪتاب Reason, Romanticism and Revolution (دليل، رومانيت ۽ انقلاب) پڙهڻ لاءِ گهريو. گري منهنجي منهن ۾ مجنونءَ جهڙن بي ترتيب جهنڊولن وڏن وارن ڏانهن ڏسڻ لڳو. پڇيائين، تون ايم اين راءِ کي پڙهندين؟ چيومانس، گري (جرنلزم جي لائين ۾ هڪ ٻئي کي پهرئين نالي سان سڏيو ويندو آهي.) مان ڪارل مارڪس جو داس ڪئپيٽل پڻ پڙهي چڪو آهيان. گريءَ ڪتاب ڏيندي چيو "هي پهريون ڀاڱو وٺ، پڙهي جلدي موٽائجان ۽ پوءِ ٻيو ڀاڱو وٺجانءِ." (ان ڪتاب جو پهريون ڀاڱو ايم اين راءِ جي زندگيءَ ۾ سال 1953ع ۾ شايع ٿيو هو ۽ ٻيو ڀاڱو هن جي انتقال کان پوءِ شايع ٿيو آهي.) ڪتاب پڙهي مان ونجي ويس ۽ هن جو ٻيو ڪتاب اسلام جو تاريخي ڪردار خريد ڪري آيس.

دهليءَ جي ڪملا نگر ۾ هڪ اشاعتي ادارو آهي، جيڪو رڳو ايم اين راءِ جا ۽ هن جي فلسفي "رئڊيڪل هيومنزم" سان واسطو رکندڙ موضوعن تي هن جي هم سفرن ۽ پيروڪارن جا ڪتاب شايع ڪندو آهي. سال 1992ع ۾ مان جڏهن پي آءِ اي ۾ آمريڪا ويندي، ڀاهتر ڪلاڪن جي ٽرنزٽ ويزا تي ڪراچيءَ ترسيو هوس، تہ محترم محمد ابراهيم جويو صاحب مون ڏانهن ايم اين راءِ جي ڊزن کن ڪتابن جي لسٽ موڪلي، تہ مان هن لاءِ اهي ڪيئن بہ وٺي اچان. مون کي ان اداري مان ست اٺ ڪتاب ملي سگهيا، جيڪي مان جويو صاحب لاءِ کڻي آيس. جويو صاحب ڪراچيءَ ۾ منهنجو انتظار ڪندو رهيو، پر فلائيٽ اٺ ڏهہ ڪلاڪ ليٽ ٿي وڃڻ ڪري هو حيدرآباد هليو ويو ۽ هوٽل ۾ مون لاءِ خط ۽ ڪجهہ ڪتاب ڇڏي ويو. مان ڪراچي ۾ شام جو پهچڻ بدران ٻئي ڏينهن سوير صبح جو پهتس. جيئن تہ مون کي ٽرنزٽ ويزا ۾ حيدرآباد وڃڻ جي اجازت نہ هئي، ان ڪري مدوي هوٽل مان جويي صاحب کي فون ڪيم. جويي صاحب چيو تہ ڪتاب شيخ اياز وٽ امانت رکي ويجانءِ. شام جو تاجل بيوس ۽ رکيل مورائي شيخ اياز جي پرنس ڪامپليڪس واري گهر وٺي هليا.

الائي ڇو منهنجا سنڌ دوست، شيخ اياز مٿان مهمان نوازيءَ کان عاري هئڻ جو الزام هڻندا آهن. مان جڏهن بہ اڪيلو يا ڪن دوستن سان گڏ هن جي گهر ويو آهيان تہ هن نہ رڳو منهنجي تمام گهڻي خاطر داري پئي ڪئي آهي، پر بيحد خوب ۽ پيار سان پاڻ سان گڏ وٺي ويهاريو آهي ۽ وڌيڪ وقت ڏيڻ لاءِ زور پريندو رهيو آهي.

اياز ايم اين راءِ جو هڪ هڪ ڪتاب هٿ ۾ جهلي، لالچي نگاهن سان انهن ڏانهن ڏسندو رهيو. چيومانس، "هي جويو صاحب جي امانت آهن. توهان پڙهي پوءِ کين پهچائجو." اياز جي چهري تي ناراضگيءَ جا نشان ڦهلجي ويا. چيائين، "جويي لاءِ آندا اٿئي، مون لاءِ تہ نہ آندا اٿيئي؟" چيومانس، "اياز سائين، حڪم ڪيو ها تہ توهان لاءِ بہ سجو سيٽ وٺي اچان ها." اڳتي هلي مان تلافيءَ طور شيخ اياز کي ڪيترائي ڪتاب هندستان مان خواه آمريڪا مان موڪليندو رهيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال اڻويهہ سو چئيهن ۾ (جنهن سال مان ڄائو هوس) ايم اين راءِ کي ساڍن پنجن سالن جي قيد کان پوءِ ديره دون جيل مان آزاد ڪيو ويو. جيل جي ڦاٽڪ تي ڪيترن ئي قومي اڳواڻن هن جي مرحبا ڪئي. آزاديءَ تي هن کي ديره دون ميونسپالٽيءَ جي چيئرمين ۽ مشهور ڪانگريسي اڳواڻ جي بنگلي تي آندو ويو. جتي هن کي جواهر لعل نهروءَ جو نياپو مليو تہ بريليءَ جي صوبائي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري ۽ اتان الله آباد اچي نهروءَ جي آبائي گهر آنند ڀون ۾ آرام ڪري. پنهنجي صحت سڌاري. آنند ڀون ۾ پنهنجي اسيريءَ جي انيوَ جو احوال ڏيندي راءِ لکيو آهي:

”ڇهن سالن جي ڊگهي عرصي واري اسيريءَ بعد مون کي هندستاني عوام سان ڳالهائيندي بيحد خوشي ٿي رهي آهي. سامراج جي شڪار پنهنجن هم وطنين کي مون کي رڳو ايترو چوڻ آهي تہ توهان کي هڪ باهمت فوج جيان جمهوري آزاديءَ لاءِ جنگ جوٽڻي آهي. ان مقصد کي ماڻڻ لاءِ اسان وٽ نہ رڳو ڪو واضح تصور هئڻ لازمي آهي، پر ان لاءِ ڇتو عمل ۽ عمل جي واٽ ڳولهڻ پڻ ضروري آهي. مان آزاديءَ لاءِ سازگار حالتون پئدا ڪرڻ جي جدوجهد ڪندس. هن وقت سوشلزم يا ڪميونزم (جيڪي هم معنيٰ آهن) وقت جو اهم مسئلو ناهن. جيڪي شخص سچا سوشلسٽ يا ڪميونسٽ آهن، انهن کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ جيڪڏهن هو هندستاني عوام جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ شريڪ ٿيڻ ٿا چاهين، تہ قومي آزادي سندن پهريون مقصد هئڻ گهرجي. جنهن جو مطلب عوام جي ۽ عوام طرفان قائم ڪيل حڪومت آهي.“

دنيا جي عظيم انقلابي شخصيتن لينن، ٽراٽسڪي ۽ اسٽالن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو شرف حاصل ڪندڙ ايم اين راءِ جي شخصيت هڪ غير تڪراري پيغامبر جهڙي رهي آهي. پندرهن سالن تائين ميڪسيڪو، جرمني، روس، چين، جپان ۽ ڪن ٻين ملڪن ۾ انقلابي جدوجهد واري زندگي گذارڻ بعد جڏهن هو هندستان موٽيو تہ ڪن ٿورن جان نثارن ساٿين کان سواءِ هن جو ڪو بہ يارومددگار نہ هو ۽ برطانوي حڪومت جي سڄي مشنيري هن جي خلاف لڳل هئي. گڏوگڏ ڪيس ساڄي ۽ کاٻيءَ ڌر وارن جي مخالفت کي بہ منهن ڏيڻو ٿي پيو. ان وچ ۾ ٻي جنگ عظيم بہ شروع ٿي ويئي، جنهن نہ رڳو قومي ۽ عالمي سياست ۾ بلڪ سوچ جي سلسلن ۾ بہ ڊرامائي انقلاب آڻي ڇڏيو. پنهنجي ٻارتوڻ ۾ ئي مناديندراناٿ بي حد بيڊپو نينگر هو. هو بينگال جي باغن ۽ جهنگلن جهرن ۾، جهنگلي جانورن کان بي خوف ٿي، اڪيلو ئي اڪيلو ميلن جا ميل گهمندو وتندو هو. هن جي بي چئن طبيعت اونداهين راتين ۾ ڀوتن ۽ پريتن جي تلاش ۾ مرگهٽن، مساڻن ۽ قبرستانن ۾ بي خوف و خطر سڄي سڄي رات ڪپال ڪنڊلا جهڙن ڪردارن جو پيڇو ڪندو رهندو هو. هو بيلور هٽ جي رام ڪرشن پرمهنس جي آشرم ۾ يوگا ۽ لٺ بازيءَ ۾ مشق ڪرڻ بہ ويندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترڪيءَ جي خلافت تحريڪ دوران، هندستان جي ديني عالمن جون فتوائن تي ٽيهه هزار مجاهدن، جن ۾ ڪيترا معصوم سنڌي مسلمان پڻ شامل هئا. تن بي يار و مددگار ماڻهن ترڪيءَ طرف ڪوچ ڪيو جن مان ڪيترن کي ڪابل ۾ ئي جهليو ويو ۽ ڪن کي ترڪماني باغين گرفتار ڪري، ساڻن غير انساني سلوڪ ڪيو. ايم اين راءِ ان وقت بخارا ۾ هو جيئن ئي هن تائين اهي خبرون پهتيون، هن هڪدم سرخ فوج Red Army جو هڪ دستو انهن کي ڇڏائڻ لاءِ موڪليو. پنجاهه ڪن مجاهدن کي آزاد ڪرائي بخارا آندو ويو، جتي راءِ ساڻن تفصيلوار ڳالهيون ٻولهيون ڪيون. انهن ۾ جيڪي مذهبي جوش سان ٽمٽار هئا ۽ ترڪيءَ پهچڻ لاءِ بيتاب هئا، اهي فوجي تربيت حاصل ڪرڻ راءِ سان گڏ تاشقند لاءِ روانا ٿيا. جتي راءِ هنن لاءِ انڊيا هائوس ۾ رهڻ جو انتظام ڪيو.

هتي مان اهو واضح ڪرڻ ٿو چاهيان، ته اسان جا ڪيترائي سنڌي مسلمان پائر مذهبي جنون ۾ گمراهه ٿي، پنهنجا گهر گهاٽ ڀڳڙن مٺ تي وڪڻي، ان تحريڪ ۾ شامل ته ٿيا، پر موٽي اچي، باقي سڄي عمر مفلسيءَ ۽ محتاجيءَ ۾ گذاري. سنڌن اڳواڻن شوڪت عثماني، اڪبر شاهه، فيروز الدين منصور ۽ عبدالمجيد سنڌيءَ کي هندستان پهچندي ئي گرفتار ڪيو ويو.

سڀ ڪجهه ڇاڻندي به راءِ پنهنجي وطن ورڻ جو پڪو فيصلو ڪيو ۽ ڊسمبر 1930ع جي وچ ڌاري جعلي پاسپورٽ تي، ساموندي جهاز ذريعي، هو ڪراچيءَ پهتو ۽ اتان بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيو. ڪجهه ڏينهن بعد هن وري ڪراچيءَ واري ڪانگريس اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، جتي سباش چندر بوس سان مليو. مشهور ڪراچي قرارداد جي بنيادي نقطن تي هن جواهر لعل نهروءَ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هن نهروءَ مٿان زور آندو ته ڪانگريس وٽ ڪو پختو اقتصادي پروگرام اوس هئڻ گهرجي. ڪانپور ۽ بريليءَ جي قيدخانن جي سخت گرميءَ راءِ جي فولادي جسم ۽ صحت جي ستياناس ڪري ڇڏي. اتان جي طبيلن جهڙن قيد خانن ۾ خطري جي حد تائين بيمار ٿي پوڻ ڪري، هن کي ديره دون جي جيل ۾ منتقل ڪيو ويو، جتان هن کي ساڍن پنجن سالن کان پوءِ رِها ڪيو ويو.

مان اجا تائين ديره دون اڪثر ايندو ويندو رهندو آهيان ۽ راءِ جي قيد واري اها ڪوٺڙي پڻ ڏسي آيو آهيان. موهني روڊ جي ان پڙپانگ بنگلي اڳيان اڪثر بيهي رهندو آهيان.

ايم اين راءِ هاڻي ديره دون ۾ مستقل رهائش اختيار ڪري، پنهنجي لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ لڳي ويو.

موهني روڊ تي هڪ پراڻو بنگلو هو جنهن جي وسيع احاطي ۾ وڏا وڏا وڻ ۽ گلن جا ٻوٽا هئا. اتي هڪ وڏو باغ لڳايو ويو. ٻڙ جي هڪ وڏي وڻ هيٺان هڪ گول ميز ۾ ڇهه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڻي طرز جون ڪرسيون وچايل هيون. ايم اين راءِ جي ووا ايلن راءِ اڏ ڪلاڪ کن اتي ويهي، مون سان ۽ صبا سان ڪچهري ڪئي ۽ مون کي دار جلنگ جي خوشبوءِ دار چانهن ۽ صبا کي نارنگيءَ جي رس پياري. هن اسان کي ايم اين راءِ جي فليٽ هٿٽ سان هڪ تصوير پڻ ڏيکاري، جنهن ۾ هو هڪ دانشور لڳي رهيو هو. ديره دون جي ان بنگلي جي باغ واري ٻڙ جي وڻ هيٺان آرام ڪرسيءَ تي ويهي، پنهنجيءَ فليٽ هٽٽ کي هيٺ مٿي ڪندي، ايم اين راءِ ڪراچيءَ جي انگريزي اخبار سنڌ آبزرور جي ايڊيٽر کي انٽرويو ڏيندي چيو:

”مان هر صبح جو جڏهن اخبار ٿو کوليان، ته ڏڪي ٿو وڃان. مون کي ماده پرست فرانس يا برطانيا سان ڪو لڳاءُ ڪونهي، پر مان يورپ جي فاشي ٿي وڃڻ جي تصور کان خوف کائي رهيو آهيان. جيڪڏهن فاشزم سڄي يورپ مٿان ڇانئجي ويئي ته اسان کي انقلاب ۽ هندستان جي آزادي پنهي کان هٿ ڌوئڻا پوندا.“

نيو هيومنزم (نئين انسان دوستي) جي بنياد تي ”ٻاويهن ٿيسز Twenty Two Theses جو مصنف نابيندرا ناٿ راءِ چڙهندڙ عمر ۾ ڍهندڙ صحت سبب سياست کان ڪنارو ڪري، ديره دون ۾ رهائش اختيار ڪري، پنهنجو بچيل وقت اڀياس ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ گذارڻ چاهيو پر سياست هن جو پيڇو نہ ڇڏيو. سال 1947ع ۾ آزادي ملڻ بعد بہ رئڊيڪل ڊيمو ڪرٽڪ پارٽيءَ جي ڪار گذارين هن کي سياست کان ڪنارو ڪرڻ نہ ڏنو. پر هن جي تحرير ۽ رئڊيڪل هيومنزم جي تعميري ڪم هن کي ٿڪائي ڇڏيو. هو مڪمل اڪيلائي ۽ آرام لاءِ مسوريءَ هليو آيو. هن سان گڏ هن جي گهر واري ايلن هئي. مسوريءَ جي پهاڙي پيچري تي صبح ساڻ چهل قدمي ڪندي، هن جو پير ڪنهن وڏي پٿر سان ٽڪرائجي ويو ۽ هو پهاڙ تان گهرڪندو پنجاهہ کن فوٽ هيٺ اچي ڪريو. هن جو سڄو جسم چلجي ويو. 25 جنوري اڻويهہ سو چوونجاهہ جي اڌ رات جو هن عظيم انقلابي ۽ ديو قامت دانشور جو روح پرواز ڪري ويو. ايم اين راءِ جي رحلت هڪ فرد جي نہ پر هڪ پوري دور ۽ هڪ اداري جي پڄاڻي هئي.

مان سياسي ماڻهو ناهيان، ۽ نہ ئي هتي منهنجي مراد ڪنهن سياستدان جي سوانح درج ڪرڻ آهي، پر پوءِ بہ مون وٽ جيڪا توري گهڻي سياسي سوجهہ ۽ سوچ رهي آهي، اها راءِ جي رئڊيڪل هيومنزم واري سوچ جي سلسلي جي ئي ڪڙي آهي. مان جيڪڏهن ڪجهہ سال اڳ پئدا ٿيان ها، تہ شايد هن جي نظريي جو قائل ۽ هن جي موقف طرف مائل ٿيل هجان ها. راءِ جي پيروڪارن ۾ اسان جي سنڌي دانشورن محترم ابراهيم جويو، شيخ اياز ۽ حشو ڪيولراماڻي (ڪي ٻيا بہ هوندا، جن بابت مون کي ڄاڻ نہ آهي) انهن مان شايد حشو ئي هو، جيڪو هن سان انگليند ۾ ڪٿي مليو هو ۽ راءِ کان بہ وڌيڪ رئڊيڪل ٿيڻ جي ڪوشش ۾، پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺو. سائين ابراهيم جويو اڄ بہ پڪو پختو رائسٽ آهي ۽ پوري ديانتداريءَ سان هن جي ڏسيل هيومنزم جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصول ۽ آدرش جو پختن پيرن سان پيروڪار آهي. شيخ اياز ڪنهن غيبي خوف جي پاڇي ۾، پنهنجي زندگيءَ جي پوين پهرن ۾ پنهنجي سنگيت مئہ ۾ انقلابي شاعري ترڪ ڪري، مذهبي مناجاتن ۽ دعائن ۾ فراريت جون راهون تلاش ڪندو رهيو. نتيجي طور هن جي آخري عمر جي ٻاڏايل دعائن جي شايع ٿيل چوپڙين ۽ هن جي ئي شهر شڪارپور جي ڪوي ڀهلاج جي ڀڄنن جي چوپڙين ۾ ڪو خاص فرق نہ رهيو. هيءَ اهو ئي شاعر شيخ اياز هو جيڪو ايم اين راءِ جو مداح هئڻ واري وقت ۾ چوندو هو "عجز شاعر جي شاعريءَ جي روح جو ڪوڙهہ آهي." پر ڪنهن پراسرار هستيءَ اڳيان ايئن ٻاڏائڻ عاجزي ناهي تہ ڇاهي؟

ديره دون جي ڏالن والا جي گيسٽ هائوس جي تاريڪ ڪمري ۾ صبا جي ڪوسيءَ ڪڪ ۽ ڀرپور ڀاڪر ۾ منهنجي زندگيءَ جو رئڊيڪل پهلو بہ شامل هو تہ هيومنسٽ پڻ. ان وقت تائين مون کي نہ ان نظريي جي ڄاڻ هئي ۽ نہ ئي مون وٽ ڪو اهڙي ماڊل جي سياسي سوچ هئي. مون کي رڳو ايترو علم هہ تہ صبا صبہ جي هير هوندي آهي، جنهن ۾ منيءَ ننڊ جو خمار هوندو آهي. ايم اين راءِ جو نالو مون رڳو ڪاليج جي شاگرديءَ واري زماني ۾ نارايڻ شيام ۽ ڊاڪٽر عبادت بريلويءَ کان ٻڌو هو پر هن جي ڪا بہ تحرير پڙهي نہ هئي. مسز ايلن راءِ سان ملڻ وقت بہ وٽس اهو سوچي ويو هوس تہ مان هڪ عظيم شخصيت جي رفيقہ حيات کي ڏسڻ ٿو وڃان.

منهنجي ڪيسي ۾ رڳو سٺ ستر رپيا وڃي بچيا هئا. جيڪي هفتو بہ نہ هلڻا هئا. گيسٽ هائوس ۾ چانهہ چئين آني ۾ ڏيندا هئا، پر مان ٻاهران سردار جي ٻاڪڙي تان ٻين آني ۾ چانهہ جو گلاس وٺي ايندو هوس. صبا چانهہ نہ پيئندي هئي. هن لاءِ ٽين آني ۾ کير جو گلاس وٺي ايندو هوس. گيسٽ هائوس جو ائنگلو انڊين مئنيجر اسان ڏانهن شڪي نگاهن سان نهاريندو هو. خاص ڪري جڏهن اسين سڄو سڄو ڏينهن ڪمري کان ٻاهر نہ نڪرندا هئاسين. سواءِ منهنجي بہ پيرا ٻاهران ماني وٺي اچڻ جي. مئنيجر ايئن اشراف ماڻهو هو ۽ هن اسان کان سواءِ شڪي نگاهہ جي ٻي ڪا ڪوٺ ڪوٺ نہ ڪئي.

هڪ شام ڦيريون ڀيرو گيسٽ هائوس کان ٻاهر اچي، اسين بلراج ساهني ۽ نوتن جي فلم ڏسڻ نڪتاسين. موٽڻ تي مون بلراج ساهنيءَ جي سپتئي ڪاردار کان متاثر ٿي، صبا اڳيان پنهنجي تنگدستي، گمشدگيءَ تي ماڻتن جي فڪرمندي ۽ آئينده جي انديشن بابت سڄو احوال اوريو "اڳتي ڇا ٿيندو صبا؟ هفتي بعد اسين رستي تي هونداسين. تنهنجي نابالغ عمر ڪري اسين قانوني طور ڪٿي ڪنهن ڪورٽ ڪچهريءَ ۾ شادي بہ نہ ڪري سگهنداسين. ان لاءِ اڃا سال ڏيڍ ترسڻو پوندو. منهنجا ماءُ پيءُ هي گلا جو گهانگهو ڪيئن ڪٽندا؟ جوش ۾ اسان ڪجهہ نہ سوچيو پر هاڻي هوش ۾ حقيقتن سان منهان منهن آهيون." مان جذباتي ٿي ويس ۽ اکيون ڀرجي آيون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبا آهستي اٿي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ منهنجو منهن جهليو. چپن تي آڱر رکي، هن رومال سان منهنجيون اکيون اگهيون ۽ ڪاٺ جي ڪٻٽ ۾ رکيل پنهنجو ٿيلهو کڻي آئي. ٿيلهي جي تري مان بخمل جو ويڪرو بڪسو ڪڍي ۽ مان هڪ هڪ سو نو زيور ڪڍندي ويئي. پراڻيءَ طرز ۽ فيشن جا مسلم مينا ڪاريءَ وارا ڳرا ڳهڻا هئا. ڳچيءَ جا هار ٽلها ڪنگڻ، منڊيون، جهومڪا، ڪنن جا والا، نڪ جون ڦليون، پازيب، ڇلا، الائي ڇا ڇا هئو! مان اکيون ڦاڙي ڏسندو رهيس ۽ صبا چوندي رهي. ”هڪ هڪ ڪري وڪڻي چڱا ڏينهن آرام سان رهي سگهنداسين.“

”صبا تو هي ڇا ڪيو آهي؟“ مون ڏڪندي هن کان پڇيو. حراس ۾ منهنجا حواس ونجي ويا.

”ڇو هي سڀ زيور مون کي منهنجيءَ ماءُ جا ڏنل آهن ۽ منهنجي ئي ملڪيت آهن. مون کان سواءِ انهن تي ٻئي ڪنهن جو به حق ناهي. هاڻي هي اسان ٻنهي جا آهن ۽ جيسين تو کي ڪو ڪم ڪار ملي، تيسين انهن مان گذارو ڪنداسين.“

مان حواس باخته ٿي بيٺو رهيس ۽ صبا مون کي اهي سڀ قبول ڪرڻ لاءِ قائل ڪندي رهي. هوءَ ذهني طور مون کي ٿي ٻيرا قبول ڪري چڪي هئي، پر مان ان کان اڳتي ڪجهه به قبول ڪرڻ لاءِ آماده نه هوس.

ان وقت تائين مون کي اهو انديشو اوس هو ته مان ڪڏهن اغوا جي ڏوهه ۾ جهلجي پوندس، پر هاڻي مون کي پڪ ٿي ويئي ته مان ان کان وڏيڪ ڏاڙي جي الزام ۾ به ٻڌو ويندس.

مون ان وقت تائين اڃا ضمانت قبل از گرفتاري وارو قانوني فقرو نه ٻڌو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوئيتاليهون پنو

ان رات گهر گرهست ڪري مان دير سان سمهيو هوس. صبح جو ڇهين بجي مون کي ٽائيمس آف انڊيا جي ايڊيٽر گري لال جين جي فون آئي. "اڄ صبوح جو سويل ڀٽي صاحب کي راولپنڊي جيل ۾ ڦاسي ڏني وئي آهي. ٽائيمس جي ڇهن صفحن جي اسپيشل سپليمينٽ ڪڍڻي آهي. تون آفيس جيترو جلد ٿي سگهئي اچي وڃ. تو کي ڀٽو صاحب تي Obit (شرڌانجلي) لکڻي آهي. ۽ بيورو چيف دليپ مکرجيءَ کي ليڊر (پهريون ايڊيٽوريل) لکڻو آهي. ۽ فرنٽ پيج آرٽيڪل مان لکي رهيو آهيان."

ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ جي خبر سڀ کان پهرين آل انڊيا ريڊيو جي مارننگ بليٽن ۾ نشر ڪئي ويئي هئي. ان الميي جو انديشو اڳ ۾ ئي هو پر اڄ اهو ٿي گذريو. ٽڏو ساهه ڀري آءٌ صوفا تي ويهي رهيس ۽ گوپيءَ کي سڏ ڪيم. هوءَ پڻ خبر ٻڌي سن ٿي ويئي. منهنجيءَ ماءُ روئڻ لڳي.

منهنجي ذمي رڳو اخبار جي بزنيس سيڪشن جا چار صفحا هئا پر "پاڪستان افيئرس" بابت گري لال مون کي وشواس ۾ وٺندو هو جو هن کي ڄاڻ هئي ته پاڪستان ۽ خاص طور سنڌ جي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ساهتڪ منظرنامي بابت مون وٽ جوڳي معلومات آهي.

گري لال صبوح جو نوين بجي ايڊيٽوريل عملي جي هنگامي ميٽنگ سڏائي. ان کان اڳ هو پنهنجن ڪن هم پيشي دوستن کي اسلام آباد ۽ ڪراچيءَ ٽيليفون ڪري خاصي معلومات حاصل ڪري چڪو هو. گري لال ٽي سال ٽائيمس آف انڊيا جو پاڪستان ۾ نمائندو رهي چڪو هو. ۽ هن جا اتي ڪيترائي ڄاتل سڃاتل صحافي دوست هئا. سخت مارشل لا جي خوف سبب ڪن ڪجهه ٻڌايو ته ڪي لنوائي ويا. بهرحال، پنهنجن ذريعن معرفت گري لال ۽ بيورو چيف دليپ مکرجي جيڪا ڪجهه معلومات حاصل ڪري سگهيا ۽ اسان جي اسلام آباد جي نامه نگار وي ٽي جوشيءَ وٽان جيڪي ٽيليڪس پهتا، انهن جي آڌار تي اسان 4 اپريل 1979ع جي منجهند جو ٻارهين بجي ٽائين، ڀٽي صاحب تي ڇهن صفحن جي اسپيشل سپليمينٽ شايع ڪئي.

مون پنج سوَ لفظن جي Obit لکي. گري لال بئنر هيڊ لائين واري فرنٽ پيج آرٽيڪل لکي، دليپ مکرجيءَ ليڊر ۽ ايڊيٽوريل ۽ oped page تي ڇهن ڪالمن جي سيڪنڊ ليڊ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکي. دليپ مکرجي ڀٽي صاحب جو ذاتي دوست هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ هفتو کن هن جو مهمان ٿي رهيو هو ۽ ڀٽي صاحب جي ڪردار کي تمام ويجهڙائي کان جاچيو ۽ پرکيو هئائين. هن ڀٽي صاحب جي شخصيت ۽ انتظامي صلاحيتن خواهه طور طريقن تي دلچسپ ڪتاب لکيو آهي. جيڪو پيلو مودي جي ڪتاب Bhutto my friend (ڀٽو منهنجو دوست) کان بنهه مختلف آهي. سپليمينٽ جون ٻه لک ڪاپيون شايع ڪيون ويون. جن مان شام تائين شايد ئي مواد ۾ ڪن رڪارڊ ڪاپين جي ڪا ڪاپي بچي.

سپليمينٽ جي فرنٽ پيج تي اندر ملهوترا جي لکيل anchor (ڇهن ڪالمن واري باڪس) مٿان وچ وارن چئن ڪالمن ۾ مشهور ڪارٽونسٽ رنگاراجن جو ڀٽي صاحب تي نڪتل ڪارٽون ڦهليل هو جيڪو رنگا، شملا ڪانفرنس وقت ڀٽي جي سامهون ٺي تيار ڪري، هن کي تحفي طور ڏنو هو. ڀٽو ڪجهه وقت تائين پنهنجو ڪارٽون ڏسندو رهيو ۽ پوءِ کيسي مان قلم ڪڍي ان تي هيءَ سٽ لکي رنگا کي ڪارٽون موٽائي ڏنو هو.

good cartoon but I have more hair on my head and else where

(سٺو ڪارٽون آهي، پر منهنجي مٿي تي خواه ٻئي ڪنهن هنڌ وڌيڪ وار آهن.)

ڀٽي صاحب جي هم ڪلاسي ۽ ننڍپڻ جي دوست پيلو موديءَ پنهنجي آرٽيڪل ۾ هڪ واقعو لکيو جيڪو گري لال صحافت جي مرياداائين جي مدنظر خارج ڪري ڇڏيو. پيلوءَ جي بيان موجب ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن بمبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ پڙهندو هو تہ اتي ڪنهن پنڊت يا جوتشيءَ هن جو هٿ ڏسي کيس چيو هو ” تون اڳتي هلي وڏا عهدا ماڻيندين. تنهنجو دنيا ۾ وڏو نالو ۽ ناماچار ٿيندو. پر تنهنجو موت ڪنهن... هٿان ٿيڻو آهي.“ مان اهو لفظ نٿو لکان جو اهو صحافت جي زمري کان ٻاهر آهي.

ٽيهه سال اڳ ڀٽي صاحب جي ڦاسيءَ وقت سڄي هندستان جي سنڌين جي گهرن ۾ ماتم ڇانئجي ويو هو. منهنجيءَ ماءُ اهو سڄو ڏينهن ماني نہ کاڌي ۽ سڄو ڏينهن روئندي رهي هئي. ان وقت اڃا لاڙڪاڻي، طعب، رتيديري، نئين ديري ۽ آسپاس جي شهرن جا اهي ديوان ۽ زميندار حيات هئا، جن جا ڀٽي جي خاندان سان پراڻا تعلقات هئا ۽ مئي 1964ع ۾ جواهر لعل نهروءَ جي وفات وقت، جڏهن ڀٽو صاحب پاڪستان جي وزير خارجہ جي حيثيت ۾ اعزا پرسيءَ لاءِ دهليءَ آيو هو تہ پروٽوڪال وغيره بعد لاڙڪاڻي وارا هن سان خاص ملڻ ويا هئا ۽ ڀٽو صاحب ساڻن ملي بيحد جذباتي ٿي ويو هو.

ڀٽي کي ڦاسيءَ تي سڄي سنڌ هيسيل هئي. سڀ سنڌي گهرن جي درن جي طاقن تي ڪنڊا هڻي ۽ دربن تي پردا چاڙهي، خوف ۽ هراس ۾ پنهنجيون دانهون دٻائي ويٺا رهيا. ٻئي طرف هتان جي ادبي لڏي ريڊيو ۽ اخبارن ذريعي اهڙي وحشيانہ عمل جي سخت مذمت ڪئي. سنڌيءَ جي ترقي پسند اديب ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ريڊيو نشريات ۾ چيو ”سڄيءَ دنيا جي سنڌي قوم جو فخر کان ڪنڌ مٿي کڄيل هو. جو اسان جو هڪ سنڌي اڳواڻ، اسان جي پاڙيسريءَ ملڪ جو وزيراعظم هو. پر اڄ اسان اهو ڪنڌ ڪپيو ويو آهي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هريش واسواڻيءَ جو "ڪونج" ۾ شايع ٿيل مضمون، "پتي ڪي قاسي." ڪرشن راهي ۾ منهنجا ان الميي تي لکيل نظم ۽ منهنجي ٽائيمس ۾ لکيل Obit (شرڌانجلي) اسان سنڌي ساهتڪارن جي غم ۽ غصي جو فوري رد عمل هئا. بدقسمتيءَ سان ان وقت هن ملڪ جو وزيراعظم هڪ بخيل، رذيل، شوم ۽ موذي قسم جو ماڻهو هو جنهن هتان جي پارليامينٽ ۾ ڪو مذمت جو ٺهراءُ، اهو جواز پيش ڪري، بحال ٿيڻ نه ڏنو ته اهو ڪنهن ملڪ جو اندروني معاملو آهي. معتبر مرڪزن مان اسان کي اها ڄاڻ واس پيئي ته سابق وزيراعظم اندرا گانڌيءَ اهو سڄو ڏينهن گونگا گوڙها ڳاڙيا هئا ۽ پنهنجي ڪمري مان سڄو ڏينهن ٻاهر نه نڪتي هئي. مهيني کن کان پوءِ هڪ ڏينهن ٽائيمس جي لائبريريءَ ۾ لنچ جي وقفي دوران، غير دستوري گڏجاڻيءَ وقت هوءَ پنهنجن ويجهن واقفڪارن وچ ۾ چئي رهي هئي، "اها پتي صاحب جي بدنصيبي هئي جو مان اقتدار کان ٻاهر هئس."

ٽيهن سالن کان پوءِ تاريخ وري هڪ ٿي ڪتنب جي قتل جي ڪارنامي کي ورجايو آهي. هي وحشياڻو قتل به منهنجيءَ ٻي ترتيب آتم ڪٿا جو اهو حصو آهن. جن کي مان ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ۽ وقت جي عدالت ۾ هڪ چشم ديده گواهه جيان هر واردات کي حلف نامي هيٺ، اسان جي اينڊڙ نسل لاءِ رڪارڊ ڪري رهيو آهيان. خاص ڪري جڏهن هيءَ هڪ اهڙي عدالت آهي، جتي منصف به منافق آهن ته وڪيل به وڪاڻيل.

مان پنهنجيءَ هن آتم ڪٿا ۾ پاڻ کي سياست ۾ وچڙائڻ يا ملوث ڪرڻ نٿو چاهيان، پر جڏهن سياست انساني رتوڇاڻ کي پنهنجو محور ۽ مرڪز بڻائي، انساني حقن ۽ حياتين کي پائمال ڪري ته اها هر فرد جي حياتيءَ جو حصو بڻجي پوندي آهي.

اڄ هيءَ قسط لکڻ وقت daughter of destiny (نصيب جي نياڻي) بينظير جي وحشياڻي قتل کي پورو مهينو ٿيو آهي. ڪالهه جئپور ۾ هلندڙ عالمي ادبي ڪانفرنس کي بينظير جي ڀائٽي فاطمه ڀٽو خطاب ڪندي چئي رهي هئي، "مون کي محترمه بينظير ڀٽو بابت لکيل پنهنجين تنقيدي تحريرن لاءِ ڪو ارمان ۽ افسوس ناهي، پر مون کي پنهجي ڦڦيءَ جي هن قسم جي غير فطري ۽ وحشياڻي قتل تي گهرو صدمو پهتو آهي."

پيءُ ڌيءُ جي الميي وچ ۾ ٽن ڏهاڪن جي وٿي آهي. ان عرصي دوران هند سنڌ ۾ هڪ نئون نسل اُسريو آهي. مون کي سنڌ جي نئين اُڀري آيل نسل جي سوچ بابت گهڻي ڄاڻ ناهي، پر هند ۾ ڄاول نئين سنڌي نسل لاءِ بينظير پاڪستان جي اهم سياسي سربراهه هئي. ان جي برعڪس اسان واري نسل لاءِ هن جو والد ذوالفقار ڀٽو اسان جي سنڌ جو سنڌي اڳواڻ پهرين ۽ ڪنهن ملڪ جو وزيراعظم پوءِ هو. لال ڪرشن آڏواڻيءَ جي گهر سنڌي سواد واري ماني کائيندي، بينظير اردوءَ ۾ چئي رهي هئي، "مان سنڌي سمجهي ته سگهان ٿي، پر ڳالهائي نٿي سگهان."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽي صاحب جي قتل وقت هتان جي هر سنڌيءَ جي گهر ۾ ماتم هو. ۽ بينظير جي قتل وقت ڏک ۽ افسوس جو اظهار هو. پيڙهي در پيڙهي ۽ نسل در نسل سوچ جا سلسلا ايئن آهستي آهستي بدلجندا آهن.

مون پنڪيءَ کي پهريون ڀيرو شملا ڪانفرنس وقت ڏٺو هو. ان وقت هوءَ اٺويهن سالن جي هئي ۽ مُرنَ تائين ڳاڙهو فراڪ ۽ وڏي ڪڙيءَ وارا اڇا سئنڊل پائي، اندرا گانڌيءَ جي ننڍي پٽ سنجيه سان شملي جي مال روڊ ۽ لڪڙ بزار جي گفٽ شاپس تان پنهنجن دوستن ۽ ساهيڙين لاءِ سوکڙيون خريد ڪندي رهندي هئي. شامن جو هوءَ سنجيه سان گڏ هما چلي حسينائن جا لوڪ ناچ ۽ سندن پهاڙي ويس وڳا (ڪاسٽيوم) ۽ انهن مٿان ٿيل گلڪاري ۽ گلن ٻوٽن جي اٽت کي دلچسپي ۽ حيرت سان ڏسندي هئي. شملا مذاڪرات وقت پل پل بدلجندڙ خبرن جي رپورٽن کان سواءِ، صحافي پنهنجين "سائيڊ لائين اسٽوريز" ۾ سنجيه ۽ پنڪيءَ جي سيرن سپاٽن جون دلچسپ ڪهاڻيون به لکندا هئا. ڪٿي به ڪي اسڪئنڊل پيدا نه ڪيا ويا، پر ٻن 'دشمن' ملڪن جي پرائيم منسٽرن جي اولاد جي معصوم دوستي ۽ خلوص ڪيترن ئي رومانوي قصن ۽ ڏندڪٿائن کي جنم ڏنو ۽ "پيلي صحافت" Yellow journalism وارن جي چڙ ٻيگهي مچي ويئي.

ان وقت مان ٽائيمس آف انڊيا جي Business Desk بزنيس ڊيسڪ تي جونيئر سب ايڊيٽر هوس. اخباري لائين ۾ بزنيس ۽ اسپورٽس ڊيسڪن تي سب ايڊيٽرن کي رپورٽر جي فيلڊ جاب به ڪرڻي پوندي آهي. پنهنجي ٽيهن سالن جي صحافتي پيشي جي آزمودن جو مفصل احوال ايندڙ پنن ۾ پيش ڪندس.

شملا ڪانفرنس جي ڪوريج لاءِ اخبار جي چيف آف بيورو دليپ مڪرجيءَ کي ويڃٽو هو. هن جا ٻه ٻانهن ٻيلي چيف رپورٽر محمد شميم ڪاپي ايڊيٽر ۽ مون کي هن جو سب ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. ايڊيٽر گري لال مشورو ڏنو ته اسين ڪانفرنس کان هڪ ڏينهن اڳ ئي چنڊيگڙهه پهچي وڃون، جتان پٽي صاحب ۽ هن جي وفد کي هيليڪاپٽرن رستي شملا پهچائڻ جو انتظام ٿيل هو. دليپ، شميم ۽ مان صبوح جو ڪار رستي چنڊيگڙهه لاءِ روانا ٿياسين. دهليءَ کان چنڊيگڙهه ٻه سو ڪلوميٽر آهي ۽ اتان شملا جو نوي ڪلوميٽر پهاڙي مفاصلو آهي.

سرڪاري پروٽوڪال پابنديءَ سان ترتيب ٿيل هئا. پٽي صاحب جي وفد کي سڌو چنڊيگڙهه هوائي اڏي تي لهڻو هو ۽ اتان ئي ٻينل هيليڪاپٽرن ۾ شملا جي هما چل ڀون (وائسراءِ لاج) ڪل پهچڻو هو. اخبار نويسن ۽ ٽي وي وارن کي سڌو شملا پهچڻ جون هدايتون ڏنل هيون. هماچل ڀون ۾ ڪار مان لهندي پٽو صاحب دليپ مڪرجيءَ سان هٿ ملايو. مون پڙ پڙ ڪري سنڌيءَ ۾ چيو، "سائين، سپ سٽائي ٿيندي" پٽي صاحب مرڪي مون ڏانهن نهاريو. ان دوران اخباري نمائندا ۽ ٽي ويءَ وارا پٽي صاحب کي ورائي ويا، جن کي هو هٿ سان پري ڪندو، اندرا گانڌيءَ کي هٿ ڏيئي، نشست واري هال ڏانهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ويو. هن جي پويان بينظير هئي. اندرا گانڌي هن جي مٿي تي هٿ رکي پيءُ ڌيءُ سان گڏ گڏ هلڻ لڳي. سيڪيورٽيءَ وارا هنن سان لڳي هلي رهيا هئا.

پيٽي صاحب سان آيل وفد ۾ منهنجي شهر نوابشاهه جو صحت مند وڏيرو وزير غلام مصطفيٰ جتوئي، سخت چهري وارو وزير خارجه عزيز احمد ۽ ٻيا اٺ ڏهه سويلين ۽ ڪجهه نوجي عملدار ساڻ هئا. سنڌ مان اسان کي خبرون آيون هيون ته پيٽو صاحب پنهنجي شملي واري وفد ۾ شيخ اياز کي پڻ شامل ڪري رهيو آهي. مون اياز کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو نظر نه آيو. شايد ڪنهن مصلحت هيٺ اياز کي آندو نه ويو. ڪجهه سالن کان پوءِ هندستان جي ۽ هڪ لنڊن جي اخبار ۾ اها خبر پڻ شايع ٿي ته شيخ اياز ڀارت ۾ پاڪستان جو سفير ٿي اچي رهيو آهي. منهنجي ٽائيمس آف انڊيا جي هڪ رپورٽر محمد اسلم جنهن هٿ مون اياز کي حيدرآباد ۾ وائيس چانسلريءَ وقت پنهنجو ڪتاب موڪليو هو ان پڻ تصديق ڪئي ته شيخ اياز جلد ئي انڊيا ۾ پاڪستان جي ائمبيسڊر جي عهدي تي اچي رهيو آهي، پر پوءِ آيل خبرن موجب اهو فيصلو ان ڪري رد ڪيو ويو جو اياز جي ڪن خير خواهن حڪومت کي اهو تاثر ڏنو ته شيخ اياز جا انڊيا ۾ ڪيترائي ادبي ۽ ذاتي دوست آهن ۽ هن جو هندن ۽ هندستان طرف خاصو جهڪاءُ آهي.

شملا ڪانفرنس دوران ڀٽو صاحب ڏاڍو ورتل هو. هن ڪنهن به خاطر خواهه نيصلي کان سواءِ واپس وڃڻ نه ٿي چاهيو.

مون پيٽي صاحب کي پهريون ڀيرو مئي1964ع ۾ ڏٺو هو. جڏهن هو پاڪستان جي وزير خارجه جي حيثيت ۾ڀارتي وزيراعظم جواهر لال نهروءَ جي انتقال وقت دهليءَ عذر خواهيءَ لاءِ آيو هو ۽ پروٽوڪال وغيره کان پوءِ ٻئي ڏينهن هتان جي ڪن لاڙڪاڻي وارن سنڌين سان غير دستوري گڏجاڻي ڪئي هئي. هن جي جوان چهري تي تڏهن تازگي هئي، پر شملا ۾ هن جي منهن تي ڇڪتاڻ جا نشان نمودار هئا.

شملا مذاڪرات جي ڪوريج جو انتظام هن ريت هو: ٽائيمس جي نمائندي طور مذاڪرات ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت رڳو دليپ مکرجيءَ کي هئي، جيڪو بريف (گفتگو جا اهم نقطا) تيار ڪري موڪليندو هو. ٻاهر نيوز روم ۾ چيف رپورٽر محمد شميم اسٽوري _ (تفصيلي اخباري رپورٽ) تيار ڪندو هو ۽ مان ٽيلي پرنٽر روم آپريٽر سان گڏ ويهي رپورٽ جي پيرا فريزنگ (جملن جي ترتيب) ڪري آپريٽر کي ٽيلي ٽائيپ ڪرائيندو ويندو هوس. مذاڪرات جي پهرئين ڏينهن رڳو تعارف، ڪيڪار ۽ پليڪار جي ڏي وٺ ٿيندي رهي. جيئن ته اسان کي ڪانفرنس واري ڪمري ۾ وڃڻ جي اجازت نه هئي، ان ڪري چئي نٿو سگهان ته انهن خوش خير آفيتن جي نوعيت ڪهڙي هئي؟

سانجهن جو بينظير ۽ سنجيه هماچل يون جي پهرينءَ منزل تان گڏجي لهندي نظر آيا ۽ ٻاهر بيٺلن کي مرڪي ڪيڪاري، در وٽ پارڪ ٿيل اڇي ائمبيسڊر موٽر ۾ روانا ٿي ويا. بينظير جو چوڻ آهي ته هن جي والد پيٽي صاحب کيس آگاهه ڪيو هو ته،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مذاڪرات جو خواهہ ڪھڙو بہ نتيجو نڪري، پر اهو پاڪستان جي تاريخ ۾ هڪ نئون موڙ آڻيندو." ڀٽي صاحب شملا جي سفر دوران پنھنجيءَ هونهار دختر کي مشورو ڏنو هو "تو کي نہ اجايو مرڪڻو آهي ۽ نہ ئي ملول رهڻو آهي، جيئن تون نہ خوش نظر اچين ۽ نہ اداس." پر سنجيہ گانڌيءَ سان ڏاڪڻ لهندي، مون هن جي منهن تي معنيٰ ڀري مرڪ ۽ گلاب جھڙي تازگي ڏٺي.

شملا مذاڪرات بابت گھڻو ئي ڪجھہ لکيو ويو آهي. ان ڪري مان انهن وچورن ۾ نہ ويندس ۽ نہ ئي اهي منهنجيءَ هن آتم ڪٿا جو حصو آهن. مان هتي رڳو اهو ڪجھہ درج ڪري رهيو آهيان، جنهن بابت اڳ ۾ ڪو احوال نہ ڏنو ويو آهي ۽ جنهن منظرنامي جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان.

هر نشست وقت مان ٽيليپرنٽر روم ۾ آپريٽر سان گڏ ويٺي نيوز روم مان شميم جي ايندڙ رپورٽ جو يا دليپ جي بريف جو انتظار ڪندو رهندو هئس. جون مهيني جي سخت گرميءَ ۾ بہ شملي جي شامن جي خوشگوار موسم دل ۽ دماغ ۾ خنڪي پيدا ڪندي رهندي هئي. ايئن بہ موسمون بہ ٽيندئون آهن: هڪ موسم دل جي اندر هوندي آهي ۽ ٻي موسم دل کان ٻاهر ٽيندي آهي. ان وقت اسين دل کان ٻاهر واري مونجهاري جي موسم محسوس ڪري رهيا هئاسين. سياستدان ۽ ڪامورا شاهي پنھنجا پنھنجا هڙئيئي حربا آزمائي رهيا هئا. شوخي، ضد، حرفت، هوڏ، عجز نماٽائي، نرمي، سختي، دنز ۽ ٻيو ڇا ڇا؟ ٻنهي طرفن کان هر قسم جي اداڪاري، نهندڙ ۽ ڍهندڙ ڊرافٽن جي نوڪ پلڪ سنوارڻ کان سواءِ ڪاما، فل اسٽاپ، ڪولن ۽ سيمي ڪولن وغيره تي ٽيندڙ ويڙهہ ۽ جملن جي گھڙت ۽ بناوت تي اختلاف ۽ بحث هر نشست جو 'اٽوٽ انگ' بڻجي رهيا هئا. پارٽي وزيراعظم جو ڪشميري سياسي صلاحڪار پراڻ ناٿ هڪسر P. N. Haksar قرارداد جي مسودي جي هر جملي کي هيٺ مٿي ڪري رهيو هو ۽ سخت چھري وارو پاڪستاني وزير خارجہ عزيز احمد انهن کي خارج ڪري رهيو هو. ٻئي پنھنجن پنھنجن موقفن تي حوا جي نصير الدين بخارا واري جي جا بيان اڙيا بيٺا هئا. هڪسر سياست جو هنرمند ۽ هوشيار کيڏاري هو ۽ عزيز احمد بہ گھٽ نہ هو."

هڪسر جي هٿن ۾ شيوا جيءَ وارو واگھہ نک لڪل هو ۽ عزيز احمد جي هٿن ۾ ايو ٽيل آبدار خنجر هو. ٻئي جڻا اندرا ۽ ڀٽي جي هر نبيري واري سجھاءَ کي ٺبوتاز ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. زشست جي شروعات ۾ ڪاميابيءَ ۽ ناهہ جا آثار نظر تي آيا تہ برخواست ٽيڻ تائين انگريزي محاوري موجب "چورس ڏانهن موٽي" back to square one تي آيا. هر لمحي ناهہ جي ڳالهہ تي ليپو پوندو رهيو. هر آس پويان نراس نظر ايندي رهي. جتوئي صاحب سنڌي سيانٽپ سان بينظير کي هڪ 'ڪوڊ' سمجھائي ڇڏيو هو. "جي ڳالهيون ڪامياب ويون تہ تو کي چوندس، پٽ چائو ۽ جي ناڪام ٿيون تہ، چوندس، ڏيءَ ڄائي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڏي جي ميز تي اندرا گانڌي بينظير مان اک ئي نہ ڪيندي هئي. وڏي اشتياق ۽ شفقت وچان هوءَ لڳاتار پنڪيءَ ڏانهن ڏسندي رهندي هئي ۽ پنڪيءَ جو چهرو وڌيڪ گلابي ٿي ويندو هو. هماچل جون حسينائون ۽ شملي جا سجيلا جوان پنڪيءَ جي هڪ جهلڪ پسڻ لاءِ هن جي پويان پويان هوندا هئا. سنجيءَ ۽ پنڪي هماچل ڀون کان ٻاهر نڪرندا ئي هئا تہ رستن جي ٻنهي پاسي ماڻهن جون قطارون لڳي وينديون هيون. ڪين ڪيڪاريندڙ عوام سندن اڳيان پويان هلندو هو. مال جي ڪافي هائوس مان ماڻهو ٻاهر نڪري ايندا هئا ۽ مال روڊ جي آمد و رفت بي قابو ٿي ويندي هئي. دستڪاريءَ جي دڪانن جا دڪاندار پنڪيءَ کان پئسا نہ وٺندا هئا. تبت جون ڇوڪريون هن کي سويٽرن، شالن ۽ هٿ سان مڙهيل دوشالن جا تحفا ڏينديون هيون. شملي جا رهاڪو بينظير جي "خوش آمديد" جا بئنر جهلي بيهندا هئا. صحافين ۽ نشرياتي ادارن جي نمائندن جي هن جا انٽرويو وٺڻ تي ويڙهہ ٿيندي هئي. آل انڊيا ريڊيو جي هر نشرياتي پروگرام ۾ پنڪيءَ جو ذڪر هوندو هو. پيٽي صاحب کي اپيلون ٿيڻ لڳيون تہ بينظير کي پارٽ جو ائمبيسڊر مقرر ڪري. اخبارن جي فرنٽ پيجن تي بينظير جون عوام وچ ۾ گهيريل تصويرون ڏسي، پيٽي صاحب ڌيءَ کي چيو "پنڪي، ڪجهہ احتياط رک. تون تصويرن ۾ مسولنيءَ جيان لڳي رهي آهين."

ڪانفرنس جي ڪمري ۾ آس نراس، اميد ۽ نااميد جا سلسلا ٺهندا ۽ ڊهندا رهيا. ٻنهي ڌرين جا ڪي عناصر ڊيڊپائيءَ تي سندرو ٻڌي بيٺا هئا. پارٽي وفد سيني ڳالهين جي هڪ ئي وقت لبيري جو پئڪيج طئي ڪرڻ تي چاهيو تہ پاڪستان وفد هڪ هڪ اسم جو الڳ الڳ ۽ وقفہ بہ وقفہ حل ڪرڻ جي تقاضا ڪري رهيو هو. مذاڪرات ۾ آڏ اچي ويئي، ڳالهين کي ٻنجو اچي ويو ۽ اوچتو ٻنهي ملڪن جون ٽيليفون لائينون ڪٽجي ويون. آمد و رفت جون سڀ وهي واتون بند ٿي ويون. پاڪستاني وفد جي نمائندن پنهنجو پنهنجو سامان سهيڙڻ شروع ڪري ڇڏيو.

مان ۽ شميم نيوز روم ۾ سگريٽن مٿان سگريٽ ساڙي رهيا هئاسين. ٽيليفون بي جان هئا. ٽيلي پرنٽرن جي ٽڪ ٽڪ بند هئي. هما چل ڀون ۾ قبرستان جهڙي خاموشي ڇانيل هئي. دليپ اچي چيو "ڪانفرنس پوري ٿي وئي. مذاڪرات ناڪام ويا. سيني پنهنجا فائيل ۽ بئگون بند ڪري ڇڏيون آهن. ڊرائيور کي چئو تہ پيٽرول جي ٽانڪي پرائي ڇڏي. سياڻي صبح جو سويل ئي نڪري هلنداسين. اڄ رات پاڪستاني وفد طرفان الوداعي ڊنر آهي." اوچتو جتوئي صاحب ۽ هن سان گڏ هڪ ٻيو پاڪستاني عملدار ٻاهر آيا. چيومانس، "سائين، ڪارن ڪڪرن وچ ۾ ڪٿي ڪا چانديءَ جي ليڪ ڳولهي لهو." جتوئي صاحب ٽاٽيل آواز ۾ چيو "بس دعا گهرو ۽ هو سست قدمن سان ڏاڪڻ جي ريلنگ تي هٿ ڏيئي مٿي چڙهڻ لڳو. سڄي ماحول کي ڄڻ سپ سنگهي ويو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهاڙن تي سج جلد ئي لهڻ لڳندو آهي، پر ان ڏينهن اونهاري جي اُس چڱي تکي هئي. مان هماچل ڀون جي گيٽ تي شميم جو انتظار ڪري رهيو هوس. لڪڙ بزار ۾ ڪجهه خريداريءَ لاءِ وڃڻو هو. شميم چاليهن سالن جي عمر تائين اڃا ڪنوارو هو. مون کي گوپي ۽ ٻارن لاءِ ڪجهه هماچلي ڊريسون وٺڻيون هيون. اوچتو اندرا گانڌيءَ جو چيف سيڪريٽري آفيسر گنگا پرشاد بدحواس تي پڄندو آيو. هن جي پويان اٺ ڏهه سيڪيورٽيءَ جا ماڻهو لاٿين لڳائي بيهي رهيا. ميٽائين رنگ جي فل سوٽ ۾ ملبوس پاڪستان جو وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو ۽ فيروزي رنگ واري بنارسي سلڪ جي ساڙهيءَ مٿان منڪ ڪوٽ پاتل ڀارتي وزيراعظم شريمتي اندرا پريہ درشني گانڌي گڏوگڏ ڀون کان ٻهر نڪتا. ٻاهر اچي اندرا گانڌيءَ گنگا پرشاد کي آهستي ڪجهه چيو ۽ پوءِ هوءَ ۽ ڀٽو صاحب اڳتي وڌي ويا. ان وقت سانجهن جا چار ڪن وڳا هئا ۽ اهو سال اٺويهہ سو ٻاهتر جو ٻين جولاءِ وارو ڏينهن هو.

پهاڙي پيچرن تي پنڌ ڪندي ڏلفي ۽ اندرا چڱو اڳتي نڪري ويا. گنگا پرشاد کي سخت هدايت هئي تہ ڪو بہ سيڪيورٽيءَ وارو سندن پيڇو نہ ڪري. فوجي سيڪريٽريءَ، سيڪيورٽيءَ وارن کي لنوائي، هڪدم هزار کن فٽن جي فاصلي تي هڪ هيليڪاپٽر فضا ۾ اڏائي دوربين سان ڪين دور دور تائين ويندي ۽ موٽندي ڏسندو رهيو.

قياس آرائيون اهي هين تہ ڀٽو صاحب اندرا کي ائپروچ ڪري رهيو هو ”تون فاتح ملڪ جي سربراهہ آهين ۽ مان مفتوح ملڪ جو... ان ڪري تو کي ئي پنهنجي درياهہ دلي ڏيکاري، ڪو ناهہ ڪرڻو پوندو ورنہ خالي هٿين مان ڪهڙي منهن سان پنهنجي ملڪ موٽندس؟“ ۽ اندرا گانڌي پگهرجي ويئي. ٿوري گهٽي خريداري ڪري مان ۽ شميم مال روڊ تي انڊيا ڪافي هائوس ۾ اچي ويٺاسين. سڄو ڪافي هائوس ڪنڌ ڪڙڇ کان آيل هندستاني ۽ پاڪستاني اخبار نويسن ۽ ميڊيا جي مختلف ماڻهن سان سٿيل هو. سيني جا منهن ملول ۽ مرجهايل هئا. ناهہ جون ڳالهيون ٺهندي ٺهندي ڊهي ويون. هر ڪو پنهنجا انومان، انديشا ۽ قياس آرائيون ڪري رهيو هو. پاڪستاني صحافي هندستاني وفد جي ضد ۽ تيسي کي ننديءَ رهيا هئا ۽ هندستاني صحافي پاڪستان جي نمائندن مٿان ڏوهہ مڙهي رهيا هئا، پر پوءِ بہ مهمان نوازيءَ جا فرض ڀارتي ميزبان نڀاهي رهيا هئا. سندن پيشورانہ رشتن ۾ ڪي ڏارون نہ پيون هيون.

اوچتو اسان جو ڊرائيور مون کي ۽ شميم کي ڳولهيندو ڪافي هائوس ۾ اچي نڪتو. چيائين، ”هڪدم هلو دليپ صاحب جلدي سڏايو اٿوَ.“ ايتري ۾ هماچل ڀون جا ڪي ملازم بہ ڪافي هائوس ۾ ويٺل سيني صحافين کي سڏڻ لاءِ اچي پهتا. ڪافي هائوس ۾ هلچل مچي ويئي. هر ڪو هماچل ڀون ڏانهن ڀڄڻ لڳو.

نيوز روم ۾ ڀارتي پرائيم منسٽر جو پريس سيڪريٽري شارڏا پرشاد بريفنگ لاءِ ويٺو هو ”مذاڪرات نئين سر شروع ٿي رهيا آهن. ٽيليفونن ۽ ٽيلي پرنٽرن جون سڀ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائينون چالو ڪيون ويون آهن. توهان کي وقت بوقت نتيجن کان آگاهه ڪيو ويندو.“ شارڏا پرشاد هڪ ئي جملو چئي ڪانفرنس هال ڏانهن هليو ويو. ان وقت سانجهيءَ جا ست ڪن وڳا هئا. صحافين جي پيڳ پاٽيءَ جو وقت شروع ٿيو هو پر سيني کان سڀ ڪجهه وسري ويو. بند ٿي ويل بريف ڪيس وري کلڻ لڳا. بينظير (شابد پهريون ڀيرو پاتل) پنهنجي ساڙهيءَ جو پلئه جهلي، آهستي مٿان ڏاڪو ڏاڪو هيٺ لهي رهي هئي. هيٺ سنجيه گانڌي کاڌيءَ جي اڇي ڪڙتي پئجامي ۾ بيٺو هو. بئي بليئرڊ روم ۾ وڃي وينا ۽ ويٽر ڪافيءَ جون ٽريز ڪٽي سندن پوئتان ايندا ويندا رهيا.

دليپ مڪرجي نيوز روم مان شميم کي ساڻ ڪري، مذاڪرات واري هال جي ٻاهرينءَ بينڪ طرف ويو ۽ مون کي چيائين، ”هڪدم ٽيلي پرنٽر روم ۾ وڃي گريءَ کي فلئش موڪل.“ منهنجي ذهن ۾ به ستون فلئش بلب جيان ٻريون، جيڪي مون نوٽنگ پئڊ تي رهڙي ورتيون.

Summit today to save summit story follows.

3 جولاءِ 1972ع جي ٽائيمس آف انڊيا جي سيني ايڊيشنن ۾ شايع ٿيل بئنر هيڊ لائين banner headline اڄ به رڪارڊ ۾ موجود آهي.

رات جي هڪ لڳي ويهن منٽن تي ”شملا قرارداد“ واري تاريخي دستاويز تي، ننڍي کنڊ جي ٻن وچڙندڙ پاڙيسري ملڪن جي پرائيم منسٽرن صحيحون ڪري، پنهنجا پنهنجا قلم هڪ ٻئي کي تحفي طور ڏنا. ٻنهي سهڻين ۽ شاهاڻين شخصيتن هڪ ٻئي کي ڀاڪر ڀري ڪيو. ٻنهي طرفن جي نمائندن هڪ ٻئي کي ڀاڪرن ۾ ڀريو. عزيز احمد ۽ هڪسر هٿ لوڏايا. پنڪيءَ جو ”پٽ چمڻ، تي گلابي جهرو خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيو هو. هوءَ وڏي واڪ اعلان ڪري رهي هئي، ”پٽ جائو جائو“ ۽ سنجيه ڏانهس نهاري مرڪي رهيو هو. اندرا پنڪيءَ جو هٿ جهلي هيٺ لٿي. اها جشن جي رات هئي ۽ شملي جون سڀ بارس سڄي رات کليل رهيون. شملا جي هيليپيڊ تي ٽين جولاءِ جي روشن صبح جو ڪيڪار ۽ الوداعي هٿ لوڏ ڪندڙ اٺويهن سالن جي گلابي رنگت واري پنڪيءَ کي مان بلندين تي چڙهندي ڏسندو رهيس.

مون کي لکٽو بينظير تي هو پر مٿيان تفصيل ان ڪري درج ڪري رهيو آهيان، جو اهي بينظير جي سياسي ۽ مدبرانه تربيت جو اهم ۽ اعليٰ حصو آهن.

محترمه بينظير سان منهنجي ٻين مختصر ملاقات ٽيهن سالن کان پوءِ، چار سال اڳ دبئيءَ ۾ ٿي. مان ڍاڪا کان بنگلاديش ايئر لائين ۾ نيويارڪ وڃي رهيو هوس. پهريون پڙاءُ دبئي هوائي اڏو هو. ٽن چئن ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ به جڏهن دبئي ايئرپورٽ تان جهاز جي اڏام نه ٿي ته بنگلاديشين هائيدوس مچائي ڏنو. جهاز جي ڊيزل ٽئنڪ ڦاٽي پيئي هئي. ڍاڪا کان ٻيو جهاز اچڻ ۾ الائي ڪيترو عرصو لڳي!! بنگلاديشي پلين جي پائلٽ ۽ ٻئي عملي مٿان مارڪٽ لاءِ ٻانهون ڪنجڻ لڳا. نيٺ دبئيءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ هوٽل (مون ڪان هوٽل جو نالو وسري ويو آهي.) ۾ سيني ڪي رهائش جو انتظام ڪيو ويو. اتفاق سان اها هوٽل هڪ پاڪستانيءَ جي هئي ۽ ان جو مئنيجر اسان جي ساٿيءَ جو سنڌي هو. جلد ئي ٻيئي هڪ ٻئي جا دوست ٿي وياسين. ڪچهريءَ دوران هن ٻڌايو ته بينظير اڄ ڪلهه هتي دبئيءَ ۾ ئي آهي ۽ هن وٽ سنڌس اڄ وڃ آهي. منهنجي زورڀار ۽ ايلازن تي حميد (مئنيجر جو نالو) مون کي هن وٽان ڏهن منٽن جو وقت وٺي ڏنو.

مهمانن جي ملاقاتي ڪمري ۾ منهنجي بينظير سان رڳو ڏهن منٽن جي گڏجاڻي ٿي سگهي. مون هن کي شملا وارو وقت ياد ڏياريو ۽ هوءَ ڪجهه لمحن لاءِ ماضيءَ ۾ موٽي ويئي. موڪلائڻ مهل مون پويون پيرو هن جي چهري ڏانهن چتائي نهاريو. ٽيهن سالن جي ڏکهي عرصي ۾ هوءَ رسيدگيءَ جي متاهين مقام ۽ منزل تي پهچي چڪي هئي ۽ مان هن جي منهن ۾ شملي واري پنڪيءَ کي ڳولهي رهيو هوس. هن جو ڏکهو منهن گول ٿي ويو هو ۽ سندس ساڄي ڪن ۾ ڪپهه جو وڏو ڦڙو ڦهڪيل هو.

منهنجو پريتوان ۽ دلبر دوست سليمان شيخ، ڪرنل قذافيءَ جي ملڪ لبيا جو سفرنامو لکي، ليکڪن جي فهرست ۾ پنهنجو شمار ان ڪري ڪرائي سگهيو آهي، جو منهنجيءَ نظر ۾ اهو صداقت ۽ ادبي ديانتداريءَ سان قلمبند ڪيل سفرنامو آهي. شيخ صاحب ڀارت جا ٻه ٽي چار سفر ڪيا آهن، جن بابت لکڻ جو هو مون سان واعدو ڪري چڪو آهي. مون هن سان گڏجي هندستان جي ڪن شهرن جو بسين ۽ ريلن ۾ سفر ڪيو آهي، پر بينگال جي خوبصورت پهاڙي شهر hill station دار جلنگ وارين هن جي صحبت ۾ گذاريل ڏينهن راتيون منهنجين يادن سان جڙيل آهن.

دار جلنگ جي هوٽل جي بالڪونيءَ ۾ چوطرف خوبصورت نظارا ڏسندي، مان سليمان شيخ کي چئي رهيو هوس، ”شيخ صاحب، هتي هڪ چانهه جو باغ خريد ڪري، باقي زندگي خوشبودار ۽ پرسڪون ماحول ۾ اچي گذاريو. سوکن سهڻين پهاڙي سندرين کي ملازمت به ملي پوندي ۽ توهان جي سٺي سار سنڀال به ٿيندي رهندي. باقي حڪمت (ڊاڪٽري) ۽ سياست توهان جهڙي اشراف انسان جي وس کان ٻاهر آهي.“ شيخ صاحب مرڪي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏي ڪجهه چوڻ چاهيو ته هن جي موبائيل جي گهنٽي وڳي. فون تي محترمه بينظير ڀٽو دبئيءَ مان ڳالهائي رهي هئي. سليمان شيخ سان هن کي ڪنهن اهم مسئلي تي مشورو ڪرڻو هو جنهن لاءِ هوءَ هن کي جلد از جلد دبئيءَ پهچڻ لاءِ چئي رهي هئي. شيخ صاحب آهستي آهستي چوڻ شروع ڪيو ”مان سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن جي وفد سان ٻن هفتن جي هندستان جي دوري تي آهيان. هن وقت دار جلنگ جي هل اسٽيشن تي رهيل آهيون. هتان ڪلڪتي، دهليءَ، آگري، جئپور ۽ اجمير شريف ۾ رٿيل پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻو آهي. وفد جي سربراهه طور منهنجو گروپ سان گڏ هئڻ لازمي آهي. وڌيڪ جيئن توهان چئو!“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




# پاڳوٽيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجيتاليهون پنو

گذريل مهيني منهنجو پٽ لالي چوڏهن سال آمريڪا ۾ رهي، مستقل طور انڊيا موٽي آيو آهي. هو گهر جو سڄو سازو سامان اُتي ڦٽو ڪري، پاڻ سان ويهه ڪوڪا ڪتابن ۽ ڪئسٽن جا پراڻي ڪٽي آيو آهي. انهن چوڏهن سالن ۾ هو آمريڪا ۾ به سنڌي ٿي رهيو ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي شاعريءَ جو مطالعو ڪندو رهيو. ان عرصي دوران لاليءَ، پيءُ ماءُ جي اجازت سان سر والٽر اسڪاٽ جي خاندان جي اسڪاٽ ڇوڪري نڪولا سان شادي ڪئي، جنهن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ اسان جو سڄو ڪٽنب هفتي لاءِ ايڊنبرگ ۽ گلاسڪو رهيو هو.

شاديءَ وارن ڇهن سالن دوران لالي ٻن پٽن 'راهي' ۽ 'ساحر' جو پيءُ ٿيو آهي. ڇهن سالن جي راهيءَ کي هن سنڌي بيت سيکاريا آهن. ننڍو ساحر اڃا نون مهينن جو آهي، جنهن کي ماءُ بشرط زندگي، سنڌي تهذيب ۽ ثقافت جي سحر سان واري ويندس.

چوڏهن سالن جي عرصي ۾ اعليٰ تعليم ۽ اهم عهدا ماڻي، سٺي صحت ۽ صحبت سان لالي اسان وٽ ان ڪري موٽي آيو آهي، جو هو پنهنجي پيءُ ماءُ جي عمر جي پوين پهرن ۾، سندن پاسي ۾ هئڻ ٿو چاهي. مان حيرت وچان پنهنجي هن سعادتمند ۽ ڇئيوان پٽ کي ڏسي رهيو آهيان، جنهن علم، ادب، رتبو ذهانت ۽ اشرافت جهڙيون وصفون ته پنهنجي پيءُ کان گهٽو مٿانهون ماڻيون آهن، پر هن جي هڪ به عادت، عيب ۽ علت نه پراڻي آهي. سگريٽ جي دونهين ۾ هن جو دم گهٽجڻ لڳندو آهي، شراب کان پري ڀڄندو آهي. گوشت کائڻ کي گناهه سمجهندو آهي ۽ هر اهڙيءَ شيءِ کان پرهيز ڪندو آهي، جيڪا هن جي پيءُ لاءِ لذت آميز ۽ چشڪيدار هوندي آهي. جوان پيءُ جي پوڙهي پٽ کي مان عبرت وچان ڏسندو رهندو آهيان.

چوندا آهن، ته خوشحال ۽ آسودي زندگي گذارڻ لاءِ آمريڪي آمدني هجي، جاپاني مڪان هجي ۽ ايشيائي عورت هجي. (سنڌي هجي ته جنت جا در کلي پوندا) پوين ٻن نعمتن سان ته لاليءَ جو لاڳاپو نه ٿيو، پر پهرينءَ نعمت سان هن پنهنجن والدين کي به پريو پاڳيو ۽ مالدار ڪري ڇڏيو آهي. سافٽ ويئر انجنيئر طور اڄ هو اڌ رات تائين جاڳي، نيويارڪ ۾ پنهنجو علم پکيڙي رهيو آهي. (هتان جون راتيون آمريڪا جا ڏينهن آهن) ۽ مان هن جو پيءُ هن عمر ۾، هن جي ڪمائيءَ سان جوان ۽ تندرست نسواني نازڪ هٿن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان مساجون ڪرائي، ٻڍاپي جي گهنجن کي سڌو ڪرائيندي، پنهنجي جسم کي مکڻ ملائيءَ جيان ملائم رکڻ جا جتن ڪري رهيو آهيان.

آتم ڪٿا جي هيءَ قسط لکندي سوچي رهيو آهيان، زندگي انسان کي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچائي ٿي ڇڏي ۽ ان وچ واري وقت ۾ ڇا ڇا نٽي ڏيکاري؟ غربت ۽ افلاس جو ڀيانڪ ڪان ڀيانڪ روپ. هن وقت منهنجين اکين آڏو ايئن ڇٽو آهي، جڻ عمر جا ڪالهه ڪالهوٽا پل هجن. هڪ پاءُ پٽاٽن مان گهر جا پنج ڀاتي ويلو ٽاريندا رهيا. ڊبل روٽيءَ جي ٻن سلائيزن تي لوڻ مرچ ٻُرڪي، مٿان پاڻيءَ جو گلاس پي پيٽ جي باهه ٽاريندا رهيا. ٽائر جي هڪ چڳل چمپل تي ٻه ڀائر وارو وٽندا رهيا. هڪ قميص تي ٽوپا مٽي هڪ پاءُ ٻاهر ـڪرندو هو ته پيو گنجيءَ سان گهر ويٺي رهندو هو. ڀاڄيءَ لاءِ سڪندڙ شڪل ماني، سائي مرچ يا بصر جي ڀُڳندي سان پاڻيءَ ۾ ٻوڙي، ڪاڪڙي مان ڪيڏڻ وقت، اکين ۾ ڳوڙها اٽڪي پوندا هئا. پراڻي سبزي منڊيءَ ۾ شام جو اڇلايل سڙيل گوبيءَ جي ڇلڪن ۽ ڏانڊين کي پاڻيءَ جهڙيءَ رس ۾ ملائي، مانيءَ ۾ ٻوڙي کائڻ وارو، ڇتيون لڳل قميص، ٽائر جي ڦاٽل ۽ ڪٽل چمپل ۾ ڦٽيل پيرن سان رستي تي پنڌ ڪرڻ وارو هيءُ ڇوڪرو اڄ پوڙهائپ ۾ پنهنجن پيرن جا ننهن لاهرائڻ لاءِ، بيوٽي پالر جي ڪنهن جوانڙيءَ کان گرم پاڻيءَ جي پاٽ ۾ پير رڇهارائي، ڏٺارائي، ترڪش ٽوالن سان گهارائي، سندن گوڏن تي رکي نازڪ هٿن سان پيرن جي ڏهن آڱرين جا وڌيل ننهن ڪترجندا ڏسي، ان احساس سان جيئندو آهي، ته هو پنهنجي پوڳيل مفلسي ۽ محرومين کان ڪيئن بدلو وٺي رهيو آهي؟ ۽ اڄ اڌ ڪلاڪ جي ان عياشيءَ لاءِ هو ايترو ڪجهه خرچ ڪري سگهي ٿو، جيترو ٻن مهينن جي محنت مان ٻه نه ڪمائي سگهندو هو. پيرن طرف جهڪيل ڪنڌ مٿي ڪڻڻ واريءَ ڪن پل ۾ لڳندو آهي، جڻ ان پل ۾ سهسين صديون گذري ويون آهن ۽ منهنجي عمر جي انگي حساب جا انگ بدلجي 71 مان 17 ٿي ويا آهن.

سنسڪرت جو هڪ سلوڪ آهي: ”جي تنهنجو پٽ سپاتر آهي، ته سڀ ڪجهه ٻارڻ ٺاهيندو ۽ جي ڪپاتر آهي، ته تنهنجو ڏنل سڀ ڪجهه پينگ ڪري ڇڏيندو. ان ڪري ٻنهي حالتن ۾ هن لاءِ ڪجهه نه ڇڏ.“ مان پنهنجي پٽ جي گهڻ گهري پيءُ جي ڀاتي، پنهنجي ڪيسي جو پوپون روپيو ٻه پاڻ تي خرچ ڪري ويندس.

مان يعقوب ناهيان جو يوسف جي ياد ۾ روئي روئي انڌو ٿي وڃان. مان پنهنجي زندگيءَ جا سڀ سال پنهنجين زليخائن سان مطمئن ۽ ڀرپور گذاريندو رهيو آهيان ۽ ڀالي پنهنجيءَ زليخا سان گهرو مسرت ماڻي رهيو آهي. هو پنهنجن ماءُ پيءُ لاءِ هڪ امير ملڪ ۾ سڀ ڪجهه ڇڏي آيو آهي، اسان جي سک آرام جو پورو خيال رکي رهيو آهي، سان لاءِ هر شيءِ حاضر ڪري رهيو آهي. پاڻ پرهيزگار هوندي به مون لاءِ اعليٰ قسم جو مشروب ميسر ڪري رهيو آهي. مان فطرتي طور هڪ ناستڪ، دهريو بي دين، بي پيرو ۽ بي پاڙو ٻراڻي آهيان. مون دنيا جا اڪثر ڌرمي، ديني، مذهبي، آسماني ۽ آفاقي ڪتاب،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گرنٿ ۾ گيان جا پاٺ ۽ پستڪ ۾ انهن جون تشريحون ۽ ٽيڪائون توجهه سان پڙهيون آهن، پوءِ بہ مون کي ڪو ڪتاب يا صحيفو ۾ دين ڌرم طرف مائل نہ ڪري سگهيو آهي. مندرن ٽڪاڻن، گردوارن ۽ مسجدن ۾ وڃي سجدا ڪرڻ کي مان وقت جو زيان ۽ پنهنجي خوديءَ کي ضرر رسائڻ وارو عمل سمجهندو آهيان. پر پوءِ بہ مون ڪڏهن انهن جي سماجي اهميت کان انڪار نہ ڪيو آهي. سماجي ۽ انتظامي ڍانچي کي مضبوطيءَ سان جڪڙي رکڻ ۽ عوام کي ڪن پرمن ۾ پلائي انتظام هيٺ آڻڻ ۾، انهن ادارن هڪ اهم رول ادا ڪيو آهي. ورهاڱي بعد هڪ وسيع ملڪ ۾ وسيل سنڌي جاتيءَ کي، مندرن ٽڪاڻن، پڳتين ۽ بهراڻن، ميلن ۽ ملاڪڙن سان هڪ محاذ تي گڏ ڪرڻ ۾، ڀاون ڀائيڻ جو هڪ اهم رول رهيو آهي.

خالي انساني ذهن شيطان جو گهر ٿيندو آهي ۽ اهو ذهن جي واندو ويهي ڪي فتنا فساد، خرافاتون ۽ سازشون ڪرڻ لاءِ گهات گهڙي يا ٻيا ڪي ڪڌا ڪم ۾ شودپايون ڪرڻ شروع ڪري، تنهن کان بهتر آهي، تہ انهن ڌرمي ۾ مذهبي مقامن تي متا ٽيڪي ۽ جبينون جهڪائي پاڻ کي ريڊو رکندو رهي. خود ادب ۾ شاعريءَ جي معاملي ۾ بہ مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن شاعر سماج جي اک آهي، تہ اهو خود سماج جي فائدي وٽان آهي، تہ اها اک کليل ئي رهي.

سال اٽويهہ سو ايڪٽهر جي اٺاويهن (28) فيبروريءَ جي آرتوارجي اها شام هئي، جنهن وقت لاليءَ هن دنيا ۾ اکيون کوليون. تن ڏينهن هندوستان ۾ ٽيليويزن اڃا نئين نئين آئي هئي، جنهن ۾ هر آرتوار شام جو ڇهين بجي کان ڪا مقبول انڊين فلم ڏيکاريندا هئا. بلئڪ ائنڊ وائيٽ ٽي وي ڪن ڳاڻ ڳٽين گهرن ۾ ئي هوندي هئي، ان ڪري هر آرتوار سانجهيءَ جو اوڙي پاڙي جا ٻار ۽ مايون ميڙاڪو ڪري پنهنجن گهرن مان ٽپڙيون کڻي وڃائي، اچي منهنجي گهر جي ننڍي ڊرائينگ روم ۾ چيپاٽجي ويهندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ٺونٺيون هڻي اڳيان جاءِ ڪندي فلم ڏسڻ ويهندا هئا. جڳهہ پرجي وڃڻ تي گهر جا دربند ڪرڻ ڪري، جن شيطان ڇورن کي اندر اچڻ نہ ڏبو هئو، تہ اهي گهر ٻاهران ٻيهي پٿر هڻي درن دريئن جا شيشا ڀڃي ڇڏيندا هئا. منهنجو ملتاني مڪان مالڪ مسواڙ وٺڻ سان گڏ انهن ڀڳلن شيشن جي قيمت بہ پرائي وٺندو هو. ٻہ چار پيرا اهي اڇلايل پٿر گهرجي پاتين ۾ آيل مهمانن جا بہ متا ڦاڙي چڪا هئا. ٽي وي ۽ ٽيليفون اسان لاءِ وڏو آزار هو. انهن جي استعمال جي انڪار اوڙي پاڙي ۾ اسان جي دشمنن جي تعداد ۾ اضافو آڻي ڇڏيو هو.

پاڙي جي هڪ بنگالڻ پوڊ ڪتو پاليو هو جيڪو سڄي رات ڀونڪي، نہ ننڊ ڪرڻ ڏيندو هو ۽ نہ مون کي لکڻ پڙهڻ. هڪ ڏينهن وڃي چيومانس، جانِ من، تنهنجو ڪتو ڏاڍو پيارو آهي، اهو مون کي وڪڻي تون ڪو نئون پپي (Puppy) پال. مائيءَ تن سون ۾ سودو طئي ڪيو. ڪتو خريد ڪري، ٻئي ڏينهن ميونسپالٽيءَ وارن کي فون ڪري، ڪتن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڪڙڻ واري ڳاڙهي گهرائي اماڻي ڏنم. ٽن سون روپين ۾ سڪون خريد ڪرڻ سياٽپ پريو سودو هو.

هٿ تنگ ۽ دل سخي واري زندگيءَ جي ان دور جي ان آرتوار جي شام اجا ٿي ويءَ ٿي فلم شروع ٿي ته منهنجي گهرواريءَ کي اوچتو سور شروع ٿي ويا. گوپيءَ کي ٻئي ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽائي، خواجا غريب نواز اجميريءَ کي ياد ڪيو. منهنجيءَ ماءُ ڪان سواءِ ٻي ڪابه مائي هلندڙ فلم اڌ ۾ ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئي. ٽئڪسي گهرائي مان ۽ منهنجي ماءُ هن کي هڪدم ويجهي سرڪاري اسپتال وٺي وياسين. واٽ تي پنهنجي ويجهي دوست هيمر ناگواڻيءَ ڏانهن پڻ نياپو ڪيم ته جلد ئي اسپتال پهچي.

ليبر روم ۾ منهنجي ماءُ به گوپيءَ سان گڏ گڏ ويئي. نرسيون هٽي هٽي بيٺيون پر هوءَ ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. وارڊ بواءِ کي ڊاڪٽرياڻيءَ جي ڪواٽر ڏانهن هن کي ڪوٺڻ لاءِ موڪليو ويو. آرتوار هن جي موڪل وارو ڏينهن هو ۽ مالوبه نگر جي ننڍيءَ اسپتال جو اڌ عملو مس آيل هو. مليالي ڊاڪٽرياڻي اطمينان سان پنهنجي گهر ۾ هندي فلم ڏسي رهي هئي. اسپتال مان ايمرجنسي سڏ ايندي ئي سڙي پڇي ويئي. پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙ پڙ ڪندي، پڇرندي، ليبرروم ۾ پهتي ۽ چوڻ لڳي، "تم لوگ سنڌي ڪو بچا جنتا هئه. همارا فلم خراب ڪرتا هئه." پاپيءَ کي ليبر روم ۾ ڏسي، ڪاوڙ ۾ ڪوئلو ٽيندي نرسين کي چيائين: "*اس بڈھی عورت کو باہر نکالو*". منهنجي ماءُ پلنگ جي لوهي شيخن کي مضبوطيءَ سان جهلي بيٺي رهي. ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان نرسيون هن جا هٿ ڇڏائي ڪيس ٻاهر وٺي آيون.

پاپي وري ويم گهر جو ڀيڪڙيل در کولي اندر وڃڻ لڳي ۽ نرسيون هر ڀيري هن کي ٻاهر ڌڪينديون ٿي رهيون. نيٺ ڊاڪٽرياڻيءَ جڏهن ڌمڪي ڏني ته هوءَ ڊليوري ڇڏي هلي ويندي، تڏهن وڃي مس مس منهنجي ماءُ ٻاهر ٿي بيٺي. ڊاڪٽرياڻيءَ زور سان در اندران بند ڪري بولٽ لڳائي ڇڏيو.

ٻار جي اوئان اوئان جو آواز ايندي ئي منهنجي ماءُ در کي مُڪون هڻڻ لڳي. "ٻڌايو. ڇا ڄائو آهي؟ ڇا ڄائو آهي؟" ٿوريءَ دير ۾ هڪ نرس ٻار کي ڪپڙي ۾ ويڙهي ٻاهر نڪتي. پاپي هن جي ڪڍ لڳي: "ٻڌاءِ ڇوري، ٻڌائين ڇو نٿي؟" نرس نيٺ مرڪي چيس: "*ماں جی جو آپ چاہتیں تھیں*." منهنجي ماءُ اسپتال ۾ ئي سڄي عملي اڳيان جهمر هڻڻ لڳي. هن جو هوش حواس ئي گم ٿي ويو. پرس مان پئسا ڪڍي منهنجي ۽ هيمر مٿان گهوري گهوري اڇلائيندي رهي. هڪ هڪ نرس کي بنا ڳڻڻ جي نوٽ ڪڍي ڏيندي رهي. ڊاڪٽرياڻيءَ سان ڪيس اُچي ۾ اُچي ساڙهي وٺي ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. فلم ڏسڻ کان وانجهيل ۽ ڪاوڙيل مليالي ڊاڪٽرياڻيءَ جي ڪاراٽيل منهن تي به مرڪ اچي ويئي.

ڪڏهن هيمر سان ڪڏهن نرسين سان اسپتال جي احاطي ۾ نچندي نچندي، منهنجيءَ ماءُ سڄو پرس خالي ڪري ڇڏيو. خوشي ۽ خروش هن جي سڄي شڪل ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدلائي ڇڏي. مان بدحواس ٿي هن کي ڏسي رهيو هوس. اسان ٻئي جيئن تيئن هن کي سنڀالي پرائيويٽ وارڊ جي ورتل ڪمري تائين وٺي وياسين، جتي هن کي ٻئي پلنگ تي ليٽائي ڇڏيوسين. هڪ نرس کي ڪيئن به مڃائي، مون پنهنجيءَ ماءُ کي مارفيا جي انجيڪشن ڏياري سمهاري ڇڏيو. مون کي خوف ٿي رهيو هو ته خوشيءَ وچان ڪٿي منهنجي ماءُ پنهنجو دماغي توازن نه وڃائي ويهي.

هن جو دماغي توازن ته برقرار رهيو پر هوءَ پنهنجي سڪيلڏي پوٽي کي ڪنهن کي به هٿ لڳائڻ نه ڏيندي هئي. هن کي بخملي وڳن ۾ ويڙهي، ڪڇ ۾ ڪٽي، هر اينڊڙ مٽ مائٽ ۽ مهمان کي پريان ڏيکاريندي هئي. ڪنهن کي به لاليءَ کي ڇهڻ جي اجازت نه هئي. اڄ منهنجيءَ ماءُ جيئري هجي ها، ته پنهنجي جوان ٿي ويل پوٽي کي پڻ هٿ سان ڳتيون ٺاهي ڪارائي ها.

هيءَ مان پنهنجي آتم ڪٿا لکي رهيو آهيان. پنهنجي پٽ جي نه، پر هر پيءَ پنهنجي پٽ ۾ پيڙهي در پيڙهي جيئندو آهي ۽ مون کي احساس آهي، ته مان مرڻ کان پوءِ به پنهنجي پٽ ۾ زندهه رهندس، جيڪو پنهنجين جَڙن کي پاڻ سان پختو جهلي ويهندو.

پر پيڙهي در پيڙهي ۽ نسل در نسل پڻ واري وٺي ٿيندي رهندي آهي. منهنجي پيءُ منهنجو نالو ليڇمڻ رکيو پر ورثي ۾ پنهنجو ڪو به لڇڻ مون ۾ نه اوتي سگهيو ۽ نه ئي مون کي پنهنجي اشرافت ۽ علم جي رنگ ۾ رڱي سگهيو. ان جي برعڪس مون پنهنجي ڏاڏي سيٺ جاڙي مل واريون سڀ عادتون ۽ علتون ئي گرهڻ ڪيون. پنجن سالن جي عمر ۾ مون کي تکو خيرپوري پيارڻ جو هن وٽ جواز اهو هو ته مان پنهنجي پوٽي کي هر چڱي لڳيءَ چيز جي هير ان ڪري وجهي رهيو آهيان ته جيئن اڳتي هلي هو علتي يا ٻاڙي نه ٿئي ۽ هر سٺي بري عادت هن جي ذهني ۽ جسماني سرشتي سان رچجي، ان ۾ جذب ٿي وڃي. مان سمجهان ٿو ته جاڙي مل جي اها جاڙي سوچ صحيح هئي.

مان لڳ ڀڳ لاليءَ جي عمر جو هوس، جو ڪوهه قاف علائقي ۾ وسيل آرمينيا (Armenia) رياست جي ييريوان (Yerevan) هڪ وفد سان گڏ ويس. ڪوهه قاف پرين جو ديس آهي. مون پنهنجي سڄي ڄمار ۾ آرمينيا جي عورتن جهڙو حسن ۽ يونان جي مردن جهڙي وجاهت نه ڏٺي آهي. ييريوان جي هوٽل ۾ رهندي، ڪوهه قاف جي ڪن پري پيڪرن سان پهرين منهنجي واقفيت، پوءِ دوستي ۽ جلد ئي صحبت وارا مائل به ڪرم رشتا قائم ٿي ويا. جيڪا پري وش منهنجي ڪمري جو بسترو سجائڻ ايندي هئي، ان کي ساڻ ڪري، ڪڏهن جي مان دهليءَ جي ڪناٽ پيلس يا ڪراچيءَ جي ڪلفٽن تي ڇهل قدمي ڪريان ته شايد ميونسپالٽيءَ وارن کي رستن تي بيهوش ٿيل ماڻهو کڻڻ لاءِ ٽرڪون ڇڏڻيون پون.

ڪوهه قاف جي پرستان ۾ اڌ رات تائين هوٽل آرمينيا جي ڊانسگ فلور (Dancing Floor) تي سو سوا جوڙن جي ڇنبڙايل ڇاتين واري ٽرڪندڙ رقص جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منظر. اکين جي ماڻڪين مان لهندو منهنجي سڄي جسم ۾ قيامت جي باهه ڀڙڪائيندو رهيو. مون سان گڏ ميز تي نرگس، دلشاد چاري ۽ جان نثار اختر ويٺا هئا. نند جا گهيرٽ کائيندي، نرگس اٿي وڃڻ لڳي، جو اوچتو آرڪيسٽرا جي سازن تي سنڌي لوڪ گيت 'هو جمالو' جي ڌن شروع ٿي ويئي. واڇڙپ ۾ مون نرگس کي هٿ کان وٺي ويهاري ڇڏيو. چيومانس "نرگس هيءَ اسان جي سنڌي لوڪ سُر جي خالص ڌن آهي. ٻڌندي تون به وجد ۾ اچي ويندينءَ." نرگس دت ويهي رهي.

'هو جمالو' جي ڌن تي جوان جوڙن جو ڪلاڪ کن رقص جاري رهيو. رقص ۾ موسيقيت کان وڌيڪ وحشانت هئي، خماري هئي، ڀرپور پاڪرن جو پيچجڻ هو. بوسه وَ ڪنار هو. چُمر چَٽ هئي. مان حواس باخته ٿي ٿرڪندڙن جسمن جي هر حرڪت ڏسندو رهيس ۽ هر حرڪت ۾ پوشيده برڪت جو تصور ڪندو رهيس. ڌن هوبهو 'هو جمالو' جي هئي، پر سنڌي نفاست ۽ نزاڪت بدران ان ۾ نفسانيت ۽ شهوت وڌيڪ هئي. مون نرگس کي چيو: "هيءَ ته اسان جو خالص سنڌي لوڪ ناچ آهي." "ته پوءِ تون فلور تي وڃي ناچ ۾ شامل ڇو نٿو ٿين؟" نرگس جواب ڏنو. چيومانس: "هيءَ ته سڀ جوڙا آهن. مان اڪيلو ڪنهن سان نچان؟ تون گڏ هل." "مان ائڪٽريس آهيان، سا به سابقه ڊانسر ناهيان." نرگس جواب ڏنو. "پر 'آواره' فلم ۾ ته تو ناهوڪو رقص ڪيو هو." "ها، پر اڌ ڪلاڪ جي ان رقص لاءِ ڊانس ماسٽر کي مون تي مهينو مٿو هڻڻو پيو هو ۽ شوٽنگ وقت ڊزن پيرا 'ري ٽيڪ' سان سو فٽ ريل ضايع ٿيا هئا. ڊائريڪٽر (راج ڪپور) صبوح کان شام تائين هڪ مٿي تي رکي، ٻئي هٿ سان سگريٽ مٿان سگريٽ ساڙي رهيو هو. ان ڏينهن کان مون پاڻ نچڻ کان بان پري ڇڏي ۽ ٻين کي نچائيندي هئس." نرگس کلندي چيو. مان اسان جي ازبيڪ گائيڊ تمارا (Tamara) جو هٿ جهلي ڊانس فلور تي آيس.

سال پنجهتر جي جون (June) جي ان رات، مون پنهنجي زندگيءَ جو بهترين رقص ڪيو هو. ٻاروتڻ ۾ اسڪول واري وقت جي ورتل ناچ جي تربيت مون کي جوانيءَ ۾ به ڪم اچي رهي هئي. فرق اهو هو جو هن وقت مان به ٿي جام ووڊڪا جا چاڙهي چڪو هوس. مان تمارا ۽ ڪوهه قاف جي پرين سان گذاريل رنگين راتين جا تفصيل اڳتي هلي درج ڪندس.

رات جو ٻئن بجي ڏاري ناچ پورو ٿيندي ئي تمارا کي ساڻ وٺي، مان آرڪيسٽرا جي ڪنڊڪٽر کان هو جمالو جي آرمينيائي سُر ۽ لئه تال جي پس منظر ۾ بڻ بنياد بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ لڳس. جيڪا تمارا آرمينيائي ٻوليءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندي مون کي ٻڌائيندي رهي. موسيقار جو چوڻ هو ته اها آرمينيا جي اصلوڪي ۽ آڳاٽي لوڪ ڌن آهي ۽ صدين کان ڪوهه قاف واري خطي ۾ مروج آهي. مان سوچيندو رهيس ته اها لوڪ ڌن ۽ ناچ آرمينيا مان سنڌ ڪيئن پهتا؟ يا سنڌ مان ڪوهه قاف ڪيئن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهتا؟ ان سوال جو جواب سالن کان پوءِ مون کي پڳوان گدواڻيءَ جي شاهڪار تاريخي ناول (Return of the Aryans) (آرين جي واپسي) ۾ مليو. رامايڻ ۾ به اهو سراغ ملي ٿو ته رام جي ماٽيلي ماءُ ڪيڪئي ڪوهه قاف جي رهندڙ آرمينيائي هئي ۽ مهاڀارت ۾ ڪورون جو پيٽيوو جئدرٿ سنڌديش جو راجا ٻڌايل آهي. جيڪو ڪورو ڪيتر جي لڙائيءَ ۾ پانڊون خلاف وڙهيو هو. سنڌ ۽ ڪوهه قاف جا رشتا ۽ رابطا پراڻا ۽ پراچين پئي رهيا آهن.

پئي ڏينهن يريوان جي آرڪائيوز ۾، آرمينيائي زبان جا شيشن ۾ محفوظ ڪيل چوٿين صديءَ جا ڏيگي جي کلن تي خطاطي ٿيل اڻ متجندڙ مس سان لکيل ڪتاب حيرت سان ڏسي رهيو هوس ته وڏيڪ حيرت اهو ڏسي ٿي آرمينيائي ٻوليءَ جو پهريون پرنٽ ٿيل ڪتاب، هندوستان جي مدراس (هاڻي چنائي) شهر ۾ سال سترهن سو ٻيانوي (1792) ۾ شايع ٿيل هو. موٽي اچي ڪجهه مهينن کان پوءِ مون مدراس جي آرمينين اسٽريٽ ۾ آرڪيالاجيءَ جي ماهرن کان اها تصديق ڪئي. اها به ڄاڻ پيم ته ڪلڪتي ۾ آرميائي نسل جي باشندن جا پورا پاڙا آهن. ڪلڪتي جي مشهور ڳائڻي گوهر جان پڻ آرمينيائي حسب نسب مان هئي.

اسان جي وڏن جا ٻڌايل سنڌي واپارين جي خچرن تي ڪوهه قاف تائين وڃڻ وارا قصا ڪوڙا ناهن ۽ نه ئي الف ليلائي داستان هرويرو فڪشن يا فرضي آهن.

ڪوهه قاف ۽ آرات جبلن وچ ۾ وسيل هن آرمينيائي واديءَ جو وڏو حصو ان وقت سويت يونين سان واڳيل هو ۽ ان جو ٽيون حصو ترڪيءَ جي سلطنت هيٺ هو. آرمينيا جو اهو ورهاڱو برصغير هند- پاڪ جي ورهاڱي جيان رقابتن ۽ نفرتن جي بنياد تي بيٺل نه هو ۽ نه ان خطي ۾ دهشتگرديءَ وارو ماحول هو. اتاترڪ ڪمال پاشا جي وقت کان وٺي ئي ٻنهي ملڪن جي آرميني عوام کي غيردستوري طور ملاقاتن جا موقعا ميسر ٿيندا رهيا. ترڪيءَ ۾ وسيل پري پيڪر حسينائن ۽ آرميني عاشقن کي چانڊوڪين راتين ۾، لڪ چپ ۾ سرحدن تي اچي هم آغوش ٿيڻ جي حڪومتي اجازت نه هئڻ جي باوجود. سرحدن جي رکوالن طرفان اک ٻوٽ عاشقن کي ڪنهن به خوف خطري کان آجو ۽ محفوظ رکندي رهي. پنهنجي فوجي نفريءَ دوران ڪمال پاشا سرحدن جي وچ واري گلاٽا پُل (Galata Bridge) پار ڪري، آرمينيائي ڪسبياڻين سان راتيون گذاريون. انهن علائقن ۾ هليو ايندو هو جتي پتي بازن، رنڊيبازن، لونڊي بازن، ڀڙون ۽ برده فروشن جون "ڪفِ گل چين" بستيون قائم ٿيل هيون. پنهنجي فوجي ذميداريءَ کان بي خبر ۽ بي نياز ٿي، پنگلدي (Pangaldi) جي حسين عورت ليونتائين جي گهر ۾، هو هفتن جا هفتا نشي ۾ ڌت پيو هوندو هو ۽ هن جون ترڪي محبوبائون برقعن ۾ سرحدي پوليس کان پاڻ بچائيندءون، آرمينيا جي انهن علائقن ۾ هن کي ڳولهينديون وتنديون هيون. ڪمال پاشا ٽيسين اهو سڀ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه ڪندو رهيو. جيسين هن جي پريتوان لطيفه اچي، هن جي زندگيءَ ۾ ڪجهه ناپرچ ۽ نهراءُ آندو.

ڪوهه قاف جي ڏاکڻي سرحد تي آذربائيجان رياست جي شهر باڪوءَ (Baku) ۾ اڄ به شڪارپوري سنڌين جا وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽور آهن. آئيني طور اسلامي ملڪ نه هوندي به اڪثريت اسلام جي پيروڪارن جي آهي. پر ملڪ جو سڄو واپار واڻين جي هٿ ۾ آهي. سڄي ملڪ ۾ ڪنهن به سنڌي مسلمان جو ڏنڊو يا دوڪان ناهي. حيرت اها آهي، ته اڄ به اسلامي ملڪن جي تجارت تي قبضو هندن ۽ بينامي طور يهودين جو آهي. باڪوءَ جو مشهور گلوڪار رشيد اڄ به پنهنجن پروگرامن ۾ هندستاني فلمن جا گانا ڳائي رهيو آهي. گذريل اٺن مهينن کان منهنجو ياءُ هاسو باڪوءَ ۾ رهيل آهي. هو عالمي بئنڪ طرفان آذربائيجان ۾ جديد طرز جا پاور پراجيڪٽ لڳائڻ جون رٿائون تيار ڪري رهيو آهي. هن جي چوڻ موجب سپ آذر پيٽرول جي پئسي تي عياشيءَ واري زندگي گذاري رهيا آهن ۽ ملڪ ۾ مهانگائي پاور پراجيڪٽن جي تاورن تائين پهچي رهي آهي.

ييريوان (Yerevan) هوٽل جي ڊانسگ هال ۾ اڌ رات تائين سو سوا حسين جوڙن جو هو جمالوئي ناچ ڏسندي، اڌ ڪلاڪ ازبيڪ حسينه تمارا سان پنهنجي رقاصانه فن جو مظاهرو ڪندي، منهنجو سڄو جسم تڙڪڻ لڳو هو. نرگس تي ريڊوائين (Red wine) جا به گلاس پيئڻ بعد غنودگي طاري ٿيڻ لڳي هئي. هوءَ اسان کي شب بخير چئي تمارا سان پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. مرهٽي ليکڪا دلشاد چاري نرگس اڳيان اهميت نه ملڻ سبب، حسد جي باهه ۾ پڙڪندي تي رهي ۽ هوءَ مثل محفل ڇڏي هلي ويئي. بينگالي ليکڪ پرميندر متر ۽ يگنيش راءِ ووڊڪا جي سڄي بوتل ڏوگهي، روشنين سان رم جهم ٿيل شهر جي رستن تي نڪري پيا.

هوٽل جي آخري ڇيڙي جي غلام گردش ۾ آتش ڪده (مون کان ان جو آرمينيائي نالو وسري ويو آهي) سڄي رات کليل هو. آتش ڪده واري وسيع هال جي وچ تي وڏي ميز پيل هئي ۽ چوڌاري قطارن ۾ فولادي نشستون رکيل هيون، جيڪي هڪ ٻئي سان زنجيرن ۾ جڪڙيل هيون. هر نشست اڳيان ميز تي آرمينيائي ڪونيئڪ (Conac) جون ڀريل برنين نما بوتلون رکيل هيون. گڏوگڏ مگن جيڏا وڏا گلاس هئا ۽ هر بوتل جي پر ۾ باهه جي مُڇن جا گولا رکيل هئا، جيڪي لڳاتار پڙڪي رهيا هئا. اسان جو آرمينيائي دوست چنگيز جان نثار اختر، سمن ۽ مون کي اڌ رات جو ان آتش ڪدي ۾ وٺي آيو. سيني ويڻلن اسان کي آرمينيائي انداز ۾ کيڪاريو ۽ ٽن نشستن تي ويهاريو. آبدار اسان لاءِ ڪونيئڪ جا اڌ اڌ گلاس ڀريا.

آرميني ڪونيئڪ تکي ۾ تکو شراب آهي ۽ فرينچ ڪونيئڪ کان بيٺو اثر رکي ٿو. ونسن چرچل لاءِ چيو ويندو هو ته هو هر روز اڌ بوتل آرميني ڪونيئڪ ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهه ڪيوبن (Cuban) سگار پيئندو هو. (پوءِ بہ ڇورانوي سالن تائين بيحد ڦڙت ۽ صحتمند رهيو.)

آتش ڪدي ۾ پنجاهہ کن مرد ۽ عورتون ميز جي چوڌاري ويٺل هيون. ڪونيئڪ سان ڀريل گلاسن ۾ پر ۾ رکيل باهہ جا ڀرندڙ گولا وجهي، هو هڪ ئي ڍُڪ سان گلاس خالي ڪري رهيا هئا. مان اکيون ڦاڙي کين ڏسي رهيو هوس.

اقبال جي شاعريءَ ۾ مان 'شعلہ آ شام' جي ترڪيب پڙهي چڪو هوس، پر مون کي اها سمجهہ ۾ نہ آئي هئي. مون جان نثار کان پڇيو: "ڇا، هيءَ ئي فارسي شاعريءَ جو "شعلہ آشام" وارو تصور آهي؟" هن تصديق ڪندي چيو تہ 'شعلہ آ شام' جو مفهوم شعلو پيئي وڃڻ آهي. ايران، سمرقند، بخارا ۽ آرمينيا جا رند، خراباتي جام ۾ تکو شيرازي شراب ڀريو ان ۾ باهہ جا شعلا وجهي، هڪ ئي ڍُڪ ۾ پيئي ويندا آهن. جان نثار گلاس خالي ڪندي چيو.

تکي آرمينيائي ڪونيئڪ جي منيءَ ڀريل گلاس ۾ سڄو شعلي جو مُڇ وجهي مان ڍُڪ ڏيئي ويس.

'شعلہ آ شام' منهنجي ڳچيءَ کي چيريندو منهنجا چپ، زبان، ڪاڪڙو ۽ آنڊا ساڙيندو منهنجي هيانءَ ۽ سڄي جسم ۾ دوزخ جي باهہ ٻاريندو هيٺ لهي ويو.

مان دنيا جو ڪوبہ هنر پرائڻ لاءِ تيار آهيان، پر 'شعلہ آ شام' جو هنر منهنجيءَ قوتِ برداشت کان ٻاهر آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇائيتاليهون پنو

عينيءَ جي آبائي شهر جي آبرودار نوابي خاندان جي نوابزادي صبا مون کان هر دک سک ۾ سائنس ساٿ نباهڻ جا واعدا ۽ وچن ونئي. پاڻ کي منهنجين مضبوط ٻانهن ۾ محفوظ ۽ مطمئن محسوس ڪري رهي هئي. هن مون لاءِ سڄيون سڄيون راتيون جاڳي، پنهنجا سڀ سپنا قربان ڪيا هئا. صبا جي بي خوابي هر رات منهنجي نيم خوابيءَ سان هم آهنگ ٿي، بيحد اطمينان سان منهنجي سيني تي پنهنجو سر رکي، اکيون ٻوتي هڪ نئون آشيانو اڏڻ جي تصور ۽ تخيل سان واسجي ويندي هئي ۽ مان هن جي ريشمي وارن کي هٿن سان لساريندو، اڏ ڪليل اکين سان آئيندي جي اوني ۽ حال جي فڪرمنديءَ ۾ مبتلا ٿي ويندو هوس. مون کي لڳندو هو ته صبا پنهنجو ڪنڌ منهنجي ڇاتيءَ تي نه پر ڪنهن اڏيءَ تي رکي رهي آهي. ان کان اڳ جو مان هن کي نشانيءَ طور ٿي سندس ڳچيءَ ۾ ٻانهن جي هار سان گڏ سون جو پاٽي چڙهيل پتل جو ئي ڪو زيور پارايان، هن پنهنجن سونن زيورن جي سڄي صندوق ئي منهنجي اڳيان اچي رکي. غيرت، خودداري ۽ خودبينيءَ جي احساس سان گڏ خوفن ۽ خطرن سان ويڙهجي، مان سڄي سڄي رات صبا جي ڀرپور ياڪر ۾ به اوجاڳا ڪندو رهيس.

ڊالن والا جي گيسٽ هائوس ۾ هفتي کان وڌيڪ رهڻ جي اجازت نه هئي. ائين ڏينهن ڪمرو خالي ڪرڻ مهل منهنجي کيسي ۾ پويان پنج روپيا ۽ صبا جي پرس ۾ ڏهه روپيا هئا. پنجاهه روپيا مهمان خاني جو بل ڀقايا هو نه ڏيڻ جي حالت ۾ اسان ٻنهيءَ کي بورچيخاني ۾ هفتو ڏهه ڏينهن جوٺا باسڻ ملٽا پون ها. صبا ٽيلهي مان ٻن تولن جي وزن جو جڙائو ڪنگڻ ڪڍي، منهنجي هٿ ۾ ڏيائيندي چيو "وڃ، وڃي وڪڻي اچ. نه ويندين ته مان پاڻ هلي ويندس."

ديره دون جي صرافا بازار ۾ صبا جو ٻن تولن جو مينا ڪاري ڪيل ڪنگڻ ڏيڍ سو روپين ۾ وڪڻي، مون هڪ وڏو جوکم کنيو هو. زيور چوريءَ جو نه، پر ياريءَ جو هو ۽ ان قسم جي ياري چوريءَ کان به عظيم گناهه هو.

گيسٽ هائوس جو حساب چڪتو ڪري، ديره دون جي بس اڏي تي هڪ ڍاٻي تان ماني کائي، لڪندا ڇپندا، اسين ميرٹ واريءَ بس ۾ اچي ويٺاسين. دهليءَ جي آخري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس نڪري چڪي هئي، ميرٺ جي بس اڏي جي مسافرخاني ۾ صبا زنانخاني ۾ وڃي ويٺي ۽ مان مردانخاني جي هڪ ڪنڊ ۾ سڄي رات ڏيپ وچان ڪروندڙو ٿي ويٺو رهيس. ان وقت منهنجن ملائڪن به نٿي ڄاتو ته هڪ ڏينهن هن ئي شهر جي پسگردائيءَ ۾ مان هڪ ڦهليل فارم هائوس جو مالڪ هوندس. چوڌاري انبن جا وڻ هوندا. ڪاٽيج جي بار (Bar) ۾ قسمين قسمين مشروب ۽ جام سجايل هوندا. ميرٺ. مظفرنگر ۽ سهارنپور جون سهڻيون ۽ سريليون مجري واريون هتي مون لاءِ راتين جون رنگين محفلون سجائينديون.

دهليءَ جي ڪشمير گيٽ جي بس اڏي کان ٻاهر نڪرندي ئي هڪ وسيع ڪامپليڪس وارو احاطو هو. هن وقت اتي دهليءَ جي صوبائي سرڪار طرفان قائم ڪيل اردو اڪيڊميءَ ۽ سنڌي اڪيڊميءَ جون آفيسون آهن. احاطي جي ٻئي طرف مقامي ڪورٽون ۽ وڪيلن جون ڳُتيل ڪئبن نما آفيسون هيون، جتي وڪيلن جا منشي، آس پاس جي ڳوٺن جا نيم خوانده انگريزي ۽ اردو ٽائيپسٽ پنهنجن ٽائيپ رائيٽرن تي ٽڪ ٽڪ سان هڪ شورو غل وارو ماحول پيدا ڪري رهيا هئا. هندي اڃا عدالتن جي سرڪاري زبان تسليم ٿيل نه هئي. ٽاٽيدار ڏوهن جا ايف آءِ آر به اردوءَ ۾ لکندا هئا. سينمائن جا پوسٽر ۽ انٽرول ۾ وڪامجندڙ فلمي گانن جون چوپڙيون پڻ اردوءَ ۾ هونديون هيون. ڪورٽن ٻاهران سرٽين جيان گوبن تي لامارا ڏيندڙ وڪيلن جا دلال (ٽائوٽس) شگفته رامپوري ۽ لکنوي اردوءَ ۾ زبانداني (ڪٿي ڪٿي زبان درازي) ڪندا هئا. ٻي ڏوهي اصيلن کي به ڪنهن اڻ ڪيل گناهه جو خوف ڏياري، ڪين ڏوهاري هئڻ جو احساس ڏياريندا هئا.

اڪيڊمين جي موجوده آفيسن سامهون ميوا هوٽل هئي، جتي وڃڻ لاءِ ڪورٽن جي احاطي مان لنگهڻو پوندو هو. مئي مهيني جي گرميءَ جي تکي اُس ڄڻ نيزي جي نوڪ تي نئون سج اُڀاري رهي هئي. مان ۽ صبا بس اڏي تان منجهند جي ننڍڻ ۾ هٿ ۾ ننڍي بئگ ۽ قيمتي زيورن سان ڀريل ٿيلهو کڻي، ڪورٽ ڪامپليڪس وارو احاطو لتاڙيندا، سامهون قدسيه باغ جي هڪ بينچ تي اچي ويهي رهياسين. قدسيه باغ ڏانهن ايندي، رتز سينما وٽان لنگهندي، مون ميوا هوٽل وارو بورڊ پڙهي ورتو هو. اس تکي ٿيڻ لڳي هئي، وڻن جي ڇانو هيٺان پڻ ڪوسي هوا ٿانبدا وسائي رهي هئي، باغ ۾ قبرستان جهڙي خاموشي هئي ۽ پکي پرندا پڻ پنهنجن پنهنجن آکيرن ۾ آرامي هئا. اوچتو مون ڏٺو ته باغ جي گيٽ ٻاهران ڪو اجنبي شخص اسان ڏانهن تڪي رهيو هو. هن کي ميرسرو اڇو ڪرتو پائجامو پيل هو ۽ منهن تي ماتا جا داغ هئا. مون صبا کان پڇيو: "هن ماڻهوءَ کي سڃاڻين ٿين؟ ڪٿي تنهنجي شهر جو ته ناهي؟" صبا چيو: مون ته هن کي ڪٿي به نه ڏٺو آهي. باغ ۾ وڌيڪ ويهڻ مناسب نه سمجهي، اسين ميوا هوٽل جي ڪائونٽر واري هال ۾ هليا آياسين. •



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوٽل جي گرائونڊ فلور تي ننڍا ننڍا ڪُتيل ڪبوترخانن جهڙا ڪمرا هئا، جن مان ڪي اٺن روپين ۽ ڪي ٻارهن روپين جي مسواڙ وارا هئا. ٻارهن روپين وارن ڪمرن ۾ لڳل غسلخانو هو. ڪنڊ وارو اهڙو ڪمرو وٺي اندر اچي مون گهٻراهٽ ۾ ڪمري جو در بند ڪري ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. ڪمري ۾ هڪ پلنگ، ٻه ڪرسيون هڪ ننڍي ٽپائي رکيل هئي، جنهن تي پاڻيءَ جي جگ رکيل هئي. ٻه گلاس پاڻيءَ جا ڀي مان ڪرسيءَ تي آهلي پيس ۽ صبا الماڙيءَ ۾ سامان ٽانيڪو ڪرڻ لڳي. اسان وٽ سو سوا سؤ روپيا نقد ۽ هزارين روپين جا قيمت وارا مٽيا هئا.

ميوا هوٽل جو ماحول مشڪوڪ هو. هڪ پاسي ڪورٽن جي قطارن ۽ ٻاهران وڪيلن جي ڪئبنن جو وڏو چار ڦهليل هو جن جي ٻاهران وڏا وڏا ڍوهاري، ڪاٽڪو لچ لوفر، شنوائين تي ايندڙ ملزم ۽ سزا يافته مجرمن طرفان ضمانتن جون درخواستون پيش ڪندڙ وڪيل ۽ سندن منشي، عدالتن جي ٻنيي ٻاهران سندن دلالن جون عقابن جهڙيون تجربيڪار نظرون اصيلن جي تاڪ ۾ جهوتون هٽنديون وتنديون هيون ۽ ايئن ڪيترا ابوجهه سندن چرب زبانيءَ جي چار ۾ ڦاسي پوندا هئا. مان ۽ صبا اهو احاطو پار ڪرڻ وقت الائي ڪهڙن ڪهڙن تڪيندڙن جي اک ۾ هئاسين.

ڪشميري گيٽ جي پرندڙ پتين ڪان ٻاهر نڪرڻ سان، سول لائين وارو خوبصورت علائقو شروع ٿئي ٿو. انگريزن جي دور ۾ هي سڄو علائقو هندوستانين لاءِ ممنوع قرار ڏنل هو. انگريزن جون پنهنجيون گٽريسن، ڪلبون، ٽينس ڪورٽون ۽ ميريڊين (Meridian) ۽ سِوس (Swiss) جهڙيون عاليشان پنج ستاري هوٽلون ۽ ريڊيو اسٽيشن وغيره اُتي قائم ڪيل هيون. رڳو اتي ڪم ڪندڙ هندوستاني ملازمن کي شناختي ڪارڊ ڏنا ويندا هئا. چاليهن ڏاري جڏهن هڪ سنڌي حيدرآبادي عامل مسٽر آڏواڻي دهليءَ جي ريڊيو اسٽيشن جو پهريون هندوستاني اسٽيشن ڊائريڪٽر ٿي آيو ته هن انگريز گورنر سان ٽڪر کائي، ريڊيو جي ملازمن لاءِ اهڙو پرمٽ سسٽم ختم ڪرايو. اهڙي سهوليت ڊائريڪٽر جنرل بخاري صاحب به ڏياري نه سگهيو هو. انگريزي، اردو ۽ هنديءَ جا برک اديب سعادت حسن منٽو، ڪرشن چندر، راجيندر سنگهه بيدي، اپيندر ناٿ اشڪ ۽ نذر محمد راشد (ن ــ م راشد) ان وقت آڏواڻيءَ جا ماتحت ريڊيو ملازم هئا. انگريزيءَ جو وڏو ليکڪ نراد چوڌري، جيڪو اڳتي هلي ڪئمبرج ۾ انگريز شاگردن کي انگريزي پڙهائيندو هو پڻ آڏواڻيءَ جو زيردست رهي چڪو هو.

ساڙ سڙيو اپيندڙ ناٿ اشڪ جڏهن منٽو خلاف آڏواڻيءَ جي ڪمري ۾ وڃي، هن جا ڪن ڀرڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته آڏواڻي پهرين چغلي ٻڌڻ سان ئي منٽو کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏائي، هن لاءِ چانهه بسڪوٽن جو آرڊر ڏيندو هو ۽ اشڪ بيچڙو منهن ڪري ڪمري مان هليو ويندو هو. آڏواڻيءَ کان پوءِ راشد صاحب اسٽيشن ڊائريڪٽر جو عهدو سنڀاليو ۽ ورهاڱي وقت بخاري صاحب سان گڏ پاڪستان هليو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو. گهڻا سال پوءِ مون اپندر ناٿ اشڪ کي هتي گل موهن پارڪ ۾ هاهران گاڏيءَ تي ٺماٺا وڪڻندو ڏٺو آهي.

سول لائين وارو علائقو ختم ٿيندي ئي دهلي يونيورسٽيءَ جي ايراضي هئي، جنهن ۾ آرٽس ۽ سائنس فئڪلٽين کان پوءِ ٽيرهن ڪاليج هئا. جن ۾ هڪ ڪاليج مرنڊا هائوس ۾ اندر پرست گرلس ڪاليج هئا ۽ ٻيا گڏيل تعليم وارا هئا. پاڪستان جي موجوده صدر پرويز مشرف جي والده شايد پهرين مسلمان شاگرديائڻي هئي، جنهن مرنڊا هائوس مان انگريزي ادب ۾ ايم اي ڪئي هئي. ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ جا وڏا گهراڻا فارورڊ قسم جا ڇوڪرا ڇوڪريون هن تن ڪلاڪن لاءِ ميوا هوٽل جا ڪمرا مسواڙ تي وٺندا هئا. ان ڪري اها هوٽل هڪ عياشيءَ جي اڏي طور خاصي نانءَ چڙهي هئي. هوٽل جو مالڪ علائقي جو مشهور دادا غني خان هو. جيڪو پيشي طور ماهر ٽيلرماسٽر هو ۽ رڳو وڏن ماڻهن جون شيرواڻيون پاڻ ڊزائين ڪندو هو. چون ٿا ته هن منٽوءَ کي 'هتڪ' ڪهاڻي لکڻ تي سنڌس سوٽ جي سلائيءَ جا پئسا معاف ڪري ڇڏيا هئا. نه ته هو ڪنهن کي به ڳتر کان جهلي پئسا وصول ڪري سگهندو هو.

غني خان پنهنجيءَ هوٽل ۾ هيءَ هر قسم جي عياشيءَ تي اکيوٽ ڪندو هو پر ڪڏهن شراب پيئڻ جي اجازت نه ڏيندو هو. هوٽل جي مئنيجر ۽ ويٽرن کي هن جون اهڙيون سخت هدايتون هيون. دارون پي دنگو ڪرڻ وارن کان غنيءَ کي سخت نفرت هئي.

ڪشميري گيٽ جي چوڏاري رنگ روڊ جي ٻئي پاسي جمنا نديءَ تي جوڙايل ڪيئي گهاٽ هئا. جن تي ڏرم ڪرم ڪرڻ وارا ڪيئي مرد عورتون صبوح جو سنان ڪندي سورج نمسڪار ڪندا هئا ۽ پنڊن کان پاٺ پوڄائون ڪرائيندا هئا. سج لٿي کان پوءِ جمنا جي ڪناري، انهن ئي گهاٽن تي لچ لوفر ۽ دارون باز اچي ديرو ڄمائيندا هئا. ڏرمي آستان هئڻ ڪري پوليس به اتي اچڻ کان ڪيٻائيندي هئي.

جمنا سان گڏوگڏ تعمير ٿيل سول لائين ۾ پراڻي سيڪريٽريٽ جو وسيع احاطو هو جنهن ۾ دهلي سرڪار جا سڀ دفتر، آفيسون ۽ ٻيا انتظامي ادارا هئا. نارائڻ شيام جي آڊٽ آفيس به اتي هئي. هن جي ڪمري سامهون سرڪاري اردو رسالي 'آج ڪل' جي آفيس هئي، جنهن جي سينگاريل ڪمري ۾ ايڊيٽر جوش مليح آبادي ويهندو هو ۽ پاسي واري ڪمري ۾ هن جا اسسٽنٽ ايڊيٽر جگن ناٿ آزاد ۽ عرش مليساني ويهندا هئا. جوش جي ڪمري ۾ سڄو ڏينهن اردو شاعرن جو ميڙو متو پيو هوندو هو. جوش مليح آبادي شاعر طور وڏو زباندان هو پر ذاتي طور وڏو زبان دراز هو. هو چوندو هو ته پنجابي زبان ان ڪري ٿو سکان، جو مون کي اها دوزخ ۾ ڪم ايندي. هو نهروءَ کي ناراض ڪري، پاڪستان هليو ويو ۽ ان فيصلي لاءِ سڄي عمر پاڻ مٿان ملامتون وجهندو رهيو.

ميوا هوٽل جي ڪمري ۾ مانجهادو ڪري، صبا کي ٽانئيڪو ڪندي، دلداري ڏيئي، اندران در بند ڪري ويهڻ جي سخت تاڪيد ڪندي، مان نارائڻ شيام سان ملڻ هن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيس ڏانهن پنڌ پيس. جيڪا اتان ڏهن سنٽن جي مفاصلي تي هئي. هوٽل جي گيٽ سامهون اهو ئي ميرن ڪپڙن وارو مشڪوڪ ماڻهو بيٺو هو جنهن اسان جو قدسيه باغ تائين پيڇو ڪيو هو. مان هن کي ڏسي ٿورو ڇرڪي ويس. پر جلدي ئي پاڻ سنڀالي، هن کي لنوائي سول لائين طرف وڌي ويس. هو ڪجهه قدمن تائين ڪڍ لڳو پر جلد ئي موٽي ويو. مون کي اهو اطمينان اوس هو ته ڪنهن لوفئي کي غني خان جي هوٽل ۾ گهڙڻ جي جرئت نه ٿيندي.

اونهاري جي ٽيپهريءَ ۾ مون کي ايئن اوچتو آيل ڏسي، شيام پهرين واڻڙو ٿي ويو پر پوءِ ڀاڪر پائي مليو. پڇيائين: "ايترا ڏينهن ڪٿي هئين؟" چيومانس: "ناناڻن ۾ نجيب آباد ويو هوس." پڇيائين: "ڪا نوڪري چاڪري ملي اٿيئي؟" چيومانس "مامي يوپيءَ جي ڪنهن شهر ۾ انسپيڪٽري وٺي ٿي ڏني، پر مون کي سرڪاري ملازمت ڪرڻي ناهي، پر هن وقت مان توهان سان هڪ بيحد ضروري ۽ مخفي ڳالهه ڪرڻ آيو آهيان." چيائين: "ٻي ڏڙڪ ڇڏ." چيومانس: "هتي آفيس ۾ نه. ڪٿي ٻاهر هل. توسان اڪيلو دل جو حال اورڻو آهي."

ان وقت نما شام جا چار کن ٿيا هئا. آفيسون بند ٿيڻ ۾ ڪلاڪ کن اجا هو. چيومانس: "شام آفيس مان جلد نڪري سگهين ته ڪٿي ٻاهر هلون." هو ان وقت پنهنجو ڪو نئون غزل نوٽ بڪ ۾ اتاري رهيو هو. نوٽ بڪ بند ڪري ڪبٽ جي خاني ۾ رکي چيائين: "هل ته هلون." وٽن جي ڇانو واري 'ٺنڍي سڙڪ' تان خيبر پاس تائين پنڌ ڪندي اسين جمنا ڪناري مجنونءَ جي ٽيلي تي اچي ويٺاسين.

وڻڪار سان ڀريل دهليءَ جي سول لائينس واري شاهراهه جي موڙ ۾ مال روڊ کان مڙندڙ يونيورسٽي احاطي وچ ۾، جمنا جي ڪناري ايڪڙن ۾ ڦهليل ڪيئي ٽيلا (دڙا) آهن، جن ۾ 'مجنون ڪا ٽيلا' وڏي ۾ وڏو دڙو آهي. روهڙيءَ جي درويشن سائين وسڻ شاهه جنهن کي 'وسڻ گهوٽ' به سڏيندا آهن ۽ سائين پارو شاهه ۽ ان ئي سلسلي جي درويشن بابا نيڀراج جهنڊي واري جي هڪ وڏي عقيدتمند بابا گوپالداس 'طالب' ان مجنونءَ جي ٽيلي جي هڪ گُڦا ۾ اچي پنهنجو عبادتگاهه قائم ڪيو. ڏسندي ڏسندي ان عبادت گاهه جي چوڌاري دهليءَ جي سنڌين، خاص طور سکر، روهڙي، گهوٽڪي ۽ پني عاقل جي سنڌين جا ميڙا مچڻ لڳا. مرشد بابا گوپالداس طالب هڪ سنت فقير ۽ ڪاني ڪرامتن جو مالڪ هو. هن جي قائم ڪيل جمنا جي ان ٽيلي تي سچ ايرئي ٿي مرادوندون ۽ عقيدت مندن جا انبوهه گڏ ٿيڻ لڳا. خاص طور آرتوار يا ٻئي ڪنهن ڏڻ وار واري ڏينهن سنڌي ديوان، سرڪاري ملازم، واپاري، فنڪار، ڳائڻا، ڀڳت، ڀهراڻن وارا، ڇيڄون وجهندڙ ناچو، مرد عورتون ٻار ٻيڙا، هڪ هجوم ٽڪجي اتي پهچڻ لڳا. سنڌي دانويرن بابا گوپالداس طالب اڳيان پنهنجن ڏرماڻو ڪاتن جي ميڙي چوندي جون تجوڙيون کولي ڇڏيون. ڪجهه ئي عرصي ۾ سڄي هندوستان جي سنڌين وٽان پئسو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهچڻ لڳو ۽ اڳتي هلي سينگاپور، هانگ ڪانگ، جاوا ۽ سوماترا، آمريڪا ۽ انگلينڊ جا سيٺيون ناٽي جون ٿيلهيون ڀري اتي اچي ميلا مچائڻ لڳا.

هاڻي هر سال روهڙيءَ جي بابا نيڀراج جي ورسي ملهائڻ لاءِ مئي جي مهيني ۾ سڄو هفتو سڄي سڄي رات سنڌي ثقافت ۽ عبادت کي عروج ڏيڻ لاءِ هند ـ سنڌ جا ڀڳت اچي اتي ڀڳتيون وجهڻ لڳا. مجنونءَ جي ٽيلي تي رهائشي ڪمرا تعمير ٿيڻ لڳا. ورسيءَ وارن ڏينهن ۾ ٽيلي جي چوڌاري ننڍا وڏا خيما کوڙجي ويا. بورچي خانه ۽ ڀنڊارا کلي ويا، جتي هر قسم جي اناج ۽ چانورن جي اڇين جنسن جو ڳوٽيون ڀاڄڪا ۽ داڳينا، ڀاڄيون ڀتيون، گيهن جا دٻا، مصالحن جا مرتبان ۽ کاڌ خوراڪ جو ٻيو سامان گاڏا ڀرجي اچڻ لڳو.

ستن ڏينهن جي ورسيءَ واري ميلي ۾، ڪيترائي ڪٽنب پنهنجا ٻڌگون بسترا ٻڌي، مجنونءَ جي ٽيلي تي اچي ڪمرا ۽ تنبو والاريندا هئا. ڪونڙين جي هڪ قطار ٻاهران آيل ڀڳتن، سندن سازندن ۽ ٻولڙين لاءِ مخصوص ٿيل هئي. مون موٽڻ ڀڳت، نارو ڀڳت، ڏيپي ڀڳت، رانجهي ڀڳت ۽ شمن گُڏيءَ کي ٻهريون ڀيرو اتي ئي محفلون مچائيندي ڏٺو هو. ماستر چندر ۽ چپ وڊيل ماستر مکڻ جون ٻونڪيون ڏٺيون. بابا گوپالداس ڀن جي ٻيڙيءَ جا سونا هٽندو، ٻڪون پائيندو هلندو هو ۽ ڀڳت وقت رات جون ننڍ ڪنڊڙن کي لتون هڻندو هو.

اڳتي هلي درويشن جي ان آستان تي سياست پنهنجو مڪروه منهن اچي ڪڍيو. ڪروڙن جي جائيداد، ان جي آمدني ۽ اقتدار ۾ بابا جي ڪن مريدن جون اکيون اچي اٽڪيون. نتيجي طور ڏينهون ڏينهن صادقن جو صدق گهٽجڻ لڳو. ميلا ته لڳندا رهيا، پر اها موج نه رهي، پراڻا پيشور ڀڳت ۽ فنڪار هڪ هڪ ٿي راهه عدم وٺندا رهيا. انهن پنهنجي پويان پنهنجن پيروڪارن جو نئون نسل تيار نه ڪيو.

۽ هڪ ڏينهن اوچتو خبر ملي ته گذريل رات مجنونءَ جي ٽيلي جي درويشن آستان جي متولي بابا گوپالداس جي ڪفنيءَ کي سندس ٻرندڙ ٻيڙيءَ مان اوچتو باهه اچي لڳي ۽ بابا طالب ان باهه جو ٻڪ ٿي ويو. اڳتي هلي اهي افواهه ڦهليا ته اها باهه لڳي نه پر لڳائي وئي هئي. (سچ ڪوڙ خدا جي ڪاتي ۾ آهي.)

هن وقت درويشن جي ان آستان جي مجاور ۽ مرشد لاڙڪاڻي جي ديوانن جي هڪ درويشياڻي ’ڪملا امان‘ آهي. هيءَ پڙهيل ڳڙهيل محترمه ڪن ڏينهين دهليءَ جي مرڪزي حڪومت ۾ ڪنهن چڱي عهدي تي هئي ۽ هاڻي ويراڳ وٺي، درويشي در تي سجده گو ٿي آهي. هن درويشياڻيءَ جي مريدن ۽ مريدياڻين جو اڄ به چڱو چوکو تعداد آهي، جيڪي ڪڏهن به هن جي در جو پيرو نه ڇڏيندا آهن. دهليءَ جي فروٽ منڊيءَ جا امير ترين سنڌي واپاري هر موسم جي ميون جا ٽوڪرا درويشي آستان تي برابر پهچائيندا رهندا آهن، جيڪي پرساد (تبرڪ) طور مراد وندن ۾ ورهايا ويندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرشن ڀڳوان گيتا جو گيان ڏيندي چيو آهي، ”ڪرم ڪريو ۽ ڦل جي آڇا نه رکو.“ ڪرشن مهراج دورانديش هو. هن کي ڄاڻ هئي ته هڪ ڏينهن هندوستان ۾ ڦلَ (ميوو) ڏاڍو مهانگو ٿي ويندو. هن جي اڳڪٿي صحيح ثابت ٿي آهي ۽ سندس ڏنل هدايتن هيٺ اسان ڦل جي اڇا ڇڏي ڏني آهي، جو اڄ صوف سو روپئي ڪلو ۽ سنگترا پنجاهه روپئي درجن ٿي ويا آهن.

شهنشاهه بابا جهنڊي واري جي درويش آستان مجنونءَ جي ٽيلي، تي جمنا ڪناري هڪ وڏي پٿر تي نارائڻ شيام ۽ مان اچي ويناسين. ٽن ڏينهن کان پوءِ ميلو شروع ٿيڻ وارو هو. ان ڪري شيوا ڌارين جي اڄ وڃ جاري هئي. ڀڳتن جي رهائش واري وسيع احاطي ۾ پخالي پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪري رهيا هئا. ٿهليا زائرين جا ڪمرا ڌوئي صاف ڪري رهيا هئا. زالون ۽ ڇوڪريون رنڌڻا ۽ پنڊارا پيري رهيون هيون. پنگي پنگياڻيون غسل خانن ۽ بيت الخلائن ۾ ٻهارا گهمائي رهيا هئا. گلمن غاليچن، ڪناتن، اسٽيل جي باسڻن، ديڳين ديڳڙن، تامي ۽ جست جي ٿالهن، پتل جي لوٽن، ڏنڊڻن جي ڳوٽين جون ٽرڪون ۽ اناج، دالين ۽ ڀاڄين جون گاڏيون پيرجي اچي وڃي رهيون هيون. بابا گوپالداس طالب پاڻ تيز رفتاريءَ سان هلندو هر انتظام مٿان نظر رکي رهيو هو. هن جا مريد هڪ ٻئي مٿان ڀيڙيون دڪائيندا مرشد کي ڏيندا ٿي ويا.

هن قسط لکڻ جي ڏهن ڏينهن کان پوءِ (22 مئي کان 26 مئي تائين) روهڙيءَ جي شهنشاهه بابا نيپراج صاحب (جهنڊي واري) جي اٺهنين (59) ورسيءَ وارو ميلو آهي، جنهن ۾ ڀڳتين ۽ بابا طالب جي روحاني ڪلام کان پوءِ ڀهراٽا ۽ پوئين ڏينهن هن جي گادي نشين امان ڪملا پلئه پارائيندي.

ڌرمي يا مذهبي مقصدن کان درڪنار ۽ عقيدن جي برطرف اسان جي سنڌ جي درويشن، پيرن فقيرن، سنتن ساڌن، ٻاون ۽ ٻانيٽن ۽ ڪاني ڪرامتن جي مالڪن نه رڳو هند- سنڌ سنڌي قوم کي يڪجاءِ ڪيو آهي، پر هند سنڌ جي سنڌي عوام کي پڻ روحاني طور هڪ ٻئي سان هم آهنگ ڪيو آهي. سچل سرمست جا مجوتي ۽ مريد جيترا هند ۾ آهن، ايترا شايد سنڌ ۾ به نه آهن. انهن درويشن ڏکئي وقت اسان کي پاڻ وٽ پناهه به ڏني آهي، ته انهن مان ڪن پنهنجن ڪڪرمن ڪري پنهنجن مريدن ۽ پوئلڳن کان وقتي پناهه گهري پڻ آهي.

مجنونءَ جي ٽيلي جي پٿر تي ويهي مون نارائڻ شيام کي صبا جي سچي ڪهاڻي ۽ پنهنجي عشق جو داستان ٻڌايو. هن کي هتي تائين ونئي اچڻ واريءَ واردات جا تفصيل پنهنجي فرد جرم جو اعتراف ڪيو. شيام پنهنجي سانتيڪي سڀاوَ سان سڀ ڪجهه خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. هن مون کان ڪوبه سوال نه ڪيو. رڳو وچ وچ ۾ ڪا سوالي نگاهه مون تي وجهندو رهيو. جمنا جي پاڻيءَ تي لهندڙ سج جا پوپان پاڇا پئجي رهيا هئا. مان نارائڻ شيام کي هوٽل جي ڪمري ۾ ونئي آيس ۽ هن کي صبا سان ملايم. صبا شيام



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ادب سان اٿي سلام ڪيو ۽ شيام پنهنجيءَ مخصوص مرڪ سان هن جي مٿي تي پنهنجيءَ آسيس وارو هٿ رکيو. شيام ڪلاڪ کن ويٺو رهيو. صبا شربت جو گلاس ڏاهي هن کي ڏنو. شيام جي نگاهن ۾ صبا لاءِ امٽ سنيهه ۽ دعا جا نقش نمايان هئا.

ٻاهر اچي شيام مون کي چيو: ”جيترو جلد ٿي سگهي ڇوڪريءَ کي مائٽن وٽ موٽائي وڃي وڃ.“ چيومانس: ”شيام، وني ته وڃان، پر هو هن کي ماري ڇڏيندا ۽ گڏوگڏ مون کي به قتل ڪرائي ڇڏيندا. مان پاڻ مرڻ لاءِ تيار آهيان. پر هن معصوم کي ڪيئن مارايان؟ اسين ٻيئي شادي ڪنداسين ته پوءِ ڪير به اسان کي ڪجهه نه ڪري سگهندو. ”شادي ڪيئن ڪري سگهندا، تنهنجي چوڻ موجب ڇوڪري اڃا نابالغ آهي. سال ڏيڍ تائين ڪٿي لڪندا وتندا؟

”ملڪ ڪان ڪٿي ٻاهر هليا ويندا سين.“

(گذريل رات جڏهن صبا گهريءَ ننڊ ۾ هئي ته مان رٿائون جوڙي رهيو هوس. هڪ ٻه ٻيو زيور وڪڻي ڏکڻ هندستان جي راميشور شهر پهچي، ٻيڙيءَ رستي سيلون هليا ويندا سين (ان وقت تائين سيلون اڃان سريلنڪا نه ٿئي هئي ۽ هندوستانين جي اتي اچ وڃ تي ڪابه پابندي نه هئي. اتي سنڌ ورڪين جا ڪيترا وڏا دوڪان ۽ ٻيا ڌنڌا ڌاڙيون آهن. مون کي اتي ڪانه ڪا ملازمت سولائيءَ سان ملي سگهندي. اسين ان ڪنڊائتي ۽ سستي ملڪ ۾ خوشحال ۽ محفوظ زندگي گذاريندا سين. مان جاڳ ۾ اهي سپنا سرجي رهيو هوس، شايد صبا به ڪي سپنا ڏسي رهي هئي.

ڪشميري گيٽ جي بس اسٽاپ تي بس ۾ چڙهڻ کان اڳ شيام مون کي هدايت ڪئي هئي ته جلد ٿي هن پوساٽيندڙ ماحول مان ٻاهر نڪرو. سياڻي صبوح ساڻ ٿي ڇوڪريءَ کي پنهنجي گهر وني وڃ ۽ پنهنجي مامي کي هٿي گهرائي صبا جي ٻانهن هن کي سونپي ڏي. مان سياڻي آفيس کان پوءِ ديوان صاحب (دادا) سان ملڻ ايندس. ڏٺي ڪندو سڀ خير ٿي ويندو. مون ميوا هوٽل جي غليظ ماحول مان نڪري وڃڻ جو پڪو فيصلو ته ڪري ورتو، پر صبا کي پنهنجي گهر وني وڃڻ کان ڪيٻائي رهيو هوس. شيام سان پنهنجائي هوندي به ساڻس هڪ لحاظ وارو ادبائتو رشتو هو. هن جو احترام هوندي به ڪانئس ڪنهن وقت خوف ڪائيندو هوس. منهنجن هم عمر گهرن دوستن مان هريڪانت اجمير مان اچي، پنهنجي وڏي ڀاءُ سان ڪنهن مسواڙي ڪمري ۾ رهندو هو. جيون ڪلڪتي ۾ بروڪ بانڊ ڪمپنيءَ جو سيلزميون هو. هيم نوڪريءَ جي تلاش ۾ بمبئيءَ ۾ ڀٽڪي رهيو هو. سترام همدرد پنهنجن ٻارن ٻچن سان روشن آرا روڊ جي جهوپڙ پٽيءَ ۾ رهندو هو. ٻين ادبي دوستن سان رڳو ادبي ڪلاس واري دعا سلام هئي. تيرٿ وسنت اڪيلو لوڌي روڊ جي ڪوارٽرن جي برساتيءَ ۾ رهندو هو. پر صبا کي هن وٽ وني وڃان ها، ته هو لعنتون هڻي، ذليل ڪري ٻاهر ڪڍي ها. ٻي ڪا جُوءِ نظر نٿي آئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن صبوح جو مان زيورن جو ٿيلهو کڻي سترام همدرد وٽ چانڊني چوڪ سينٽرل بئنڪ ويس. هن کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڪيس زيور بئنڪ جي لاڪر ۾ رکڻ لاءِ چيم. هن بہ صاف انڪار ڪندي، اهو مشورو ڏنو تہ ڇوڪريءَ کي زيورن سميت ماڻهن تائين پهچائي اچ. همدرد سوَ جو نوٽ منهنجي ڪيسي ۾ کسڪائي ڇڏيو. ڊپ ۽ نراسائيءَ ۾ مان هوٽل بدران قرول باغ پنهنجي گهر هليو آيس.

سڄي گهر ۾ ڪهرام متل هو. منهنجو مامو اڌ رات جو صبا جي چاچي نواب ۽ هن جي هڪ قوي هيڪل ماڻٿ سان اسان جي گهر پهچي ويو هو. نواب منهنجي خون جو پياسو هو. منهنجي ماءُ ۽ ڀيڻي ڀينر روئي رهيون هيون ۽ منهنجو پيءُ مامي کي پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويهاري، هن کي ٺارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. نواب ۽ هن جو ماڻٿ خوفناڪ چيتن جيان ٻاهرئين اڱڻ ۾ اچ وڃ ڪري رهيا هئا، ۽ چوطرف خونخوار نظرن سان نهاري رهيا هئا.

منهنجي گهر ۾ گهڙڻ سان ئي مامي مون کي ٻہ چار چماٽون وهائي ڪڍيون. ٻاپي وچ ۾ اچي ٻاءَ سان اٽڪي پيئي: "خبردار تيجو- جي منهنجي پٽ کي هٿ لڳايو اٿيئي." مامو نہ مڙيو. هن اڳيئن ڪيسي مان پستول ڪڍيو: "نالائق، بي حيا، سڄي ضلعي ۾ منهنجي پت وڃائي اٿيئي. مون کي ڪٿي منهن ڏيکارڻ جهڙو نہ رکيو اٿيئي. ٻڌاءِ ڇوڪري ڪٿي آهي؟" هو مون تي پستول تاڻي بيهي رهيو.

پريل پستول ڏسي منهنجو پيءُ بہ هراسجي ويو ۽ هن مامي کي پوليس گهرائڻ جي ڌمڪي ڏني. دادا مامي کي چيو: "تون ٿوري دير ٻاهر وڃ، مان سڀ ڄاڻڻ کان پوءِ توکي سڏ ٿو ڪريان ۽ نوابن کي چئہ تہ چپ چاپ ٻاهر پارڪ ۾ وڃي ويهن." پگهر ۾ شل ٿيل مامو ٻاهر اچي، ٽڏي بيئر جي بوتل وات تي لڳائي ڍِڳ ڍِڳ ڪري پيئڻ لڳو.

ڪمري جو در بند ڪري، منهنجي نياءَ ڪاري پيءُ مون کي شيشي ۾ لاهڻ شروع ڪيو. هن مون مٿان پنهنجو هر حربو استعمال ڪيو. هڪ تجربيڪار قانون دان جيان پهرين هن هڪ مهربان پيءُ وارو شفقت ۽ رتائين رشتي جو واسطو وڌو. ڪٽنب جي عزت ۽ ناموس جو احساس ڏياريو. پيار سان پرچايو ۽ سمجهايو ۽ آخر ۾ لٺ چٽ ۽ لب لالچ وارو طور طريقو استعمال ڪيو. پنهنجي خانداني رتبي، ٻائرن ڀينرن جي مستقبل ۽ مٿين ماڻٿين بابت اون ۽ انديشن ۽ خوف ۽ خطرن کان مون کي آگاهہ ڪيو. نصيحت ۾ پوشيده ڌمڪيون ڏنيون. پر مان آلين اڪين سان پاڻ تي پورو ضبط رکي، پنهنجي ان فيصلي تي محڪم رهيس تہ مون کي صبا سان ئي سڄي عمر رهڻو آهي. "مان هن کي ڇڏي نہ سگهندس." مون دادا کي پختگيءَ سان چيو.

"پر هوءَ اجا بالغ ناهي، ان ڪري ساڻس شاديءَ جو سوال ئي نٿو اٿي." دادا قانوني نقطو اٿاريندو چيو.

"مان سال سوا ترسندس."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تيسين هوءَ ڪٿي رهندي؟“

”هتي ئي- اسان جي گهر ۾.“

”بنا ڪنهن قانوني ۽ اخلاقي رشتي جي اسان جي گهر ۾ ڪهڙيءَ حيثيت ۾ رهندي؟“

”دادا، توهان قابل قانوندان ٿي رهيا آهيو توهان ئي ڪو قانوني نقطو يا ان جو حل ڳولهي سگهندا.“

”قانوني مسئلي کي ته مان منهن ڏيئي ويندس، پر جي نتيجي طور ڪو فرقيوارانه فتنو فساد ٿي پيو ته ان کي ڪير منهن ڏيندو؟ ڇاڪاڻ ته هي رامپوري ڇاڪڻ سان رانديون ڪندڙ نوابي خاندان جا ماڻهو ڪيترا نه سنگدل ۽ رسوخ وارا آهن.“

”اسان ٻيئي هي ملڪ ڇڏي ٻئي ڪنهن هنڌ هليا ويندا سين.“

منهنجي پيءُ جون تجربيڪار نگاهون سڀ جاچي رهيون هيون. هن مون کي چيو: ”وڃ، ڇوڪريءَ کي هتي گهر وٺي اچ. ان وچ ۾ مان ڪو حل ڳولهي وٺندس.“ مون پيءُ کي چيو: ”دادا، وچن ڏيو ته اسان کي الڳ ٿيڻ نه ڏيندا.“ دادا ڪنڌ ڌوڻي ’ها‘ ڪئي.

زيورن جي صندوق گهر رکي، مان ۽ مامو ٽئڪسي ڪري هوٽل آيا سين. صبا سنان ڪري واسينگن جهڙا وار سڪائي رهي هئي. مامي هن جي معصوم ڇهري ڏانهن ڦهري نگاهن سان نهاريو. سڄو سامان ويڙهي، هوٽل جو بل چڪائي، اسين ٽيئي ان ئي ٽئڪسيءَ ۾ گهر آيا سين.

گهر جي پنئين لنگهه وٽ ٽئڪسي بيهاري، مان صبا کي پوئين در کان اندر وٺي آيس. مامو ٽئڪسي واري سردار سان ياڙي تي ريڙهه پيڙهه ڪري رهيو هو. صبا جي سونهن ڏسي پاپي ۽ پينر دنگ رهجي ويون. مان صبا کي سڌو دادا جي ڪمري ۾ وٺي آيس. هوءَ داد کي (جيئن مون هن کي سمجهايو هو) هٿ جوڙي نمستي ڪري، چپ چاپ بيٺي رهي. دادا هن کي دعائون ڪندي، ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. مون صبا کي چوڻ شروع ڪيو ”منهنجي والد صاحب مون سان واعدو ڪيو آهي، ته هو اسان کي ڪڏهن به جدا ٿيڻ.... مون اجا سٽ پوري ئي نه ڪئي، ته نواب ڇاڇو واڇوڙي جيان ڪمري ۾ گهري آيو. ايندي ئي هن صبا جي ڪليل وارن ۾ هٿ وڌو ۽ منهن تي به چار زوردار ڏڪ وهائي ڪڍيا. دادا اٿي بيٺو مامو ٽئڪسيءَ واري کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو اندر آيو ته ڪمري ۾ نواب جو آواز ٻڌي پڇندو آيو. هن هڪ هٿ نواب جي ٻانهن ۾ وڌو ۽ ٻيو هٿ پنهنجي چيلهه سان ٻڌل پستول ڏانهن وڌايو. مامي نواب ۽ هن جي ناسن ڦاٽل مائٽ کي پوليس گهرائڻ جي ڌمڪي ڏني. منهنجي ماءُ ۽ پينر روئڻ لڳيون. صبا چپ چاپ چوٽ کائي بيٺي رهي. هن جي هرٽيءَ جهڙين اکين ۾ ڪو ڳوڙهو نه هو.

مون مامي کي چيو: ”مان صبا کي ڪيڏانهن وڃڻ نه ڏيندس. هيءَ هاڻي هتي ئي رهندي، ايندڙ سال ڏيڍ ۾ اسين شادي ڪنداسين.“ مامي مون ڏانهن اکيون ڦوتاري ڏٺو ۽ چيو: ”ٻيئي قتل ٿي ويندءَ. هي ماڻهو پنهنجي ڇوڪريءَ کي ڪيئن به وٺي ئي ويندا. اڄ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هليا ويا تہ سياڻي پنهنجي شهر جا سوَ ماڻهو وٺي ايندا. دنگا فساد ڪرائيندا. تون صغير چوڪريءَ جي اغوا جي ڏوهہ ۾ گرفتار ٿي ويندين. ڪو جج ضامن ئي نہ ڪٽندءِ. تو سان گڏ پڪهين ماڻهين بہ پڇاڻل چوڪريءَ کي پناهہ ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ قانون جي گرفت ۾ اچي ويندا.“ مامو گستاخيءَ تي لهي آيو. ”مان تہ بجنور مان پنهنجي بدلي ڪرائي ٻئي ضلعي ۾ هليو ويندس. پر هي توکي جيئرو نہ ڇڏيندا. ماڻ ميٽ ۾ چوڪريءَ کي پنهنجن ماڻهن سان وڃڻ ڏي“ مامي ڌمڪي جاري رکندي چيو. صبا ڏنل هرڻيءَ جيان ڏڪي رهي هئي. پر پوءِ بہ پنهنجي اک آلي ٿيڻ نہ ڏني.

مون حسرت وچان پنهنجي پيءُ ڏانهن ڏٺو. دادا چيو: ”پٽ. هن وقت چوڪريءَ کي وڃڻ ڏي. مان قانوني ۽ سماجي طور توهان ٻنهيءَ کي هڪ ٻئي سان ملائيندس.“

مون صبا ڏانهن ڏٺو. هن جي اکين ۾ التجا هئي. ڇڻ هوءَ مون کان جيئدان گهري رهي هجي. دادا زيورن جو ٿيلهو هنن ڏانهن وڌائيندي چيو: ”نواب صاحب. پنهنجيون ٻيئي امانتون وٺي وڃو. اڳتي، جيڪي هنن جي نصيب ۾ هوندو.“

نواب صبا کي رهڙ ڏيندي چيو: ”چلو.“

صبا ڪنڌ مٿي ڪري مون ڏانهن ڏٺو. چيائين: ”ڇا مان وڃان؟“

چيومانس: ”ها- في الحال وڃ. منهنجي والد مون سان..... مان ٻت ٻت ڪرڻ لڳس. هڪ ڦهري نگاهہ مون مٿان وجهي، صبا پنهنجي چاچي جو زور سان هٿ جهلي، هن کي چيو: ”چچا جان- چليئي.“

ويندي ويندي هن هيڪر بہ مون ڏانهن مُڙي نہ نهاريو پر مان هن جي اندر مان اٿندڙ اها ’آهہ‘ اوس ٻڌي رهيو هوس.

”وڃ دوزخي! مون توکي تنهنجيون سڀ بي وفايون معاف ڪري ڇڏيون.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ستيتاليهون پنو

آتم ڪيتا لکڻ وڏو عذاب آهي. هر ست لکڻ مهل ان لمحي، پَل ۽ گهڙيءَ مان نه رڳو گذرڻو ٿو پوي، پر ان کي نئين سر جيئڻو، ماڻڻو ۽ ڀوڳڻو ٿو پوي. ست ست سان ساڻ هلڻو ٿو پوي. روز و شب جي سلسلي جي هر واردات، هر آزمودي، هر تجربي، هر الميي، هر خدشي ۽ هر انديشي سان نئين سر منهان منهن ٿيڻو ٿو پوي. وري وري جيئڻو به ٿو پوي، ته وري وري مرڻو به ٿو پوي ۽ گڏوگڏ پيار جي پلن جي هر خوشي، واعدا ۽ وچن ۽ اقرار، روحاني خواهه جسماني آسودگي ۽ نا آسودگي، سنيوڳ جا سک خواهه سرير جي ترپتيءَ جا اهي لمحا به نئين سر ري لِو (Re- live) ڪرڻا ٿا پون.

اڄ به منهنجين اکين اڳيان صبا جي بيوسي، بيقراري ۽ بردباريءَ وارو معصوم چهرو چٽو آهي. منهنجن پيءُ ماءُ جي پنهنجي مربي پٽ لاءِ فڪرمندي ۽ چهري تي چنتائن جون لڪيرون اڄ به مون کي چٽيون نظر اچي رهيون آهن. مامي جو تاٽيل پستول منهنجين اکين اڳيان آهي. نواب جون خونخوار نگاهون اڄ به جڻ مون کي چيري ڦاڙي رهيون آهن. صبا جي ريشمي وارن ۾ پنهنجو هاٿڪ هٿ وجهي، هن کي گهلڻ وارو دردناڪ منظر اڃا به منهنجي 'فوڪس' ۾ آهي ۽ صبا جو ڪنڌ مٿي ڪٽي معصوميت ۽ عاجزيءَ سان زيرِلب مون کان سوال ڪرڻ: "چا ـ مان ويچان؟" اڄ به مون کي وويڪ جا وَڍ وجهي رهيو آهي.

مون کي ڄاڻ آهي، ته صبا حال حيات آهي. مون کي اها به خبر آهي، ته هوءَ ڪٿي رهندي آهي، پر مون ان شهر ۾ ڪيترا ڀيرا وڃي به ڪڏهن هن کي ڳولهڻ يا هن سان ڪو رابطو رکڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. منهنجي ان عمل ۾ ڪجهه خوف ۽ ڪجهه ضمير جي ملامتن جو دخل آهي. مان نٿو ڄاڻان ته هوءَ ڪنهن جي منڪوحه آهي يا نه؟ جي آهي، ته هن جي ازدواجي زندگي ڪهڙي ۽ ڪيئن رهي آهي؟ هن جي ڪوسيءَ ڪُکَ مان ڪنهن جنم ورتو آهي يا نه؟

هينئر مون جيان هن جي چهري تي به وهيءَ پنهنجا 'وهي کاتا' لکي ڇڏيا هوندا، پر منهنجيءَ اک جي مٽڪي ۾ هوءَ اڃا به اها ئي چنڊ جهڙي چهري واري صبا آهي ۽ مان هن جي چهري جا گهنج ڏسڻ نٿو چاهيان. نه ته هن تائين پهچڻ مون لاءِ اڄ به ناممڪن ناهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ڄاڻ ملي تہ جلد ئي صبا جا سنياليندڙ هن کي ساڻ ڪري، هن ملڪ مان هجرت ڪري هليا ويا. انهن مان، جيڪي هتي رهيل مِٽ مائٽ ملڪيتن تي قبضو ڪري ويٺا، اهي مقدمي بازين ۾ ئي پنهنجو اگرتگر وڃائي ويٺا آهن. هاڻي نہ اهي نواب رهيا آهن ۽ نہ ئي انهن جي نوابي، جو بقول جواهر لعل نهرو:

”هن جمهوري ملڪ ۾ مهاراجائن، نوابن، نانگن ۽ ساڌن جا ڏينهن پورا ٿي چڪا آهن.“

رامپور رياست جي نوابي خاندان جا فرد ڏاڍا ڏکيا ۽ ڏنگا ماڻهو آهن. خسيس کان خسيس ڳالهہ تي ڪنهن کي قتل ڪرائي ڇڏڻ، هنن لاءِ مڇر مارڻ جهڙو معمولي ڪم آهي. پوليس بہ هنن جي پنهنجي آهي، تہ عدالتن ۽ ڪچهرين جا مشير، منشي ۽ محرر خواهہ سرڪاري وڪيل بہ سندن آهن، جيڪي جوابدار کان پهرين فريادي کي اڳي پڌندا آهن. نوابن جي جاگيرداريءَ کان پوءِ ٻئين نمبر تي چاقو ڇريون ۽ ڪپ ڪئنچيون ناهڻ وارا ڪارخانيدار ۽ ڪاريگر آهن. سڄي هندوستان ۾ رامپوري چاقو ۽ عليگڙهہ جا ڪُلف (قفل) ڪنجيون ئي وڪامندا آهن، جيڪي ورهائجي پاڪستان بہ پهچي ويا آهن.

زوال پذير نوابي معاشري، پنهي هٿن سان پنهنجو مال ملڪيتون لٽائي ۽ باقي بچيل سرمايو مقدمي بازين ۾ برباد ڪري، پاڻ کي ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي. منجهائن ڪي رياست کان ٻاهر نڪري، اعليٰ تعليم حاصل ڪري، وڏن عهدن تي پڻ رسيا ۽ هندوستان پاڪستان جي مرڪزي حڪومتن ۾ وزارتون ماڻيائون. ان خاندان جي هڪ خوبصورت ڇوڪري ٽائيمس آف انڊيا ۾ منهنجي ڪليگ هئي، جيڪا بيحد ذهين ۽ قابل رپورٽر هئي ۽ هن وقت هتان جي انگريزي صحافت ۾ هن جو وڏو نالو آهي، اڌ ڊزن ڪتابن جي مصنفہ آهي. هن جا اڄ بہ مون سان دوستاڻا تعلقات آهن. صبا جي ويجهي مائٽياڻي هئڻ ڪري هن جو نالو نٿو لکان.

ويهہ سال کن اڳ مان پنهنجيءَ ان صحافي رفيقہ سان، سندس صلاح تي رامپور جي نوابن جي شاهي لائبريري ڏسڻ ويو هوس. اتان جي شاعر شاد عارفيءَ مون کي ناياب ڪتابن ۽ مسودن جي سڄي لائبريري گهمائي، ان الماڙيءَ وٽ وٺي آيو جنهن ۾ شيشن اندر مرزا غالب جي هٿ اکريءَ ۾، هن جو مڪمل ديوان رکيو هو. غالب پنهنجيءَ وصيت ۾ پنهنجي اردو ڪلام جو اڌ کان بہ وڌيڪ حصو 'ڊِس اون' خارج ڪري ويو آهي، ان ڪري هن جي اشاعت هيٺ آيل ديوان ۾، هن جي پنهنجي انتخابي شاعريءَ جو اڌ کان بہ گهٽ ڪلام شامل آهي، پر رامپور جي نوابن جي ذاتي لائبريريءَ ۾ غالب جي سڄي شاعريءَ جو هن جو ئي تحرير ڪيل مڪمل نسخو موجود آهي، جيڪو شاد عارفيءَ مالڪن جي خاص اجازت سان، مون کي شيشي جي ڪٻٽ مان ڪڍي ڏيکاريو. مون اتي ڪي ڪلاڪ ويهي غالب جا يارنهن سوَ غزل ئي نظر مان ڪڍيا. مون کي ان نسخي مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه به نقل ڪرڻ جي اجازت نه هئي ۽ لائبريري جا ملازم مون مٿان ڪرڙي اک رکي رهيا هئا.

عارفيءَ مون کي ٻڌايو ته مرزا غالب ڪلڪتي مان موٽندي، رامپور جي نوابن جي دربار ۾ حاضري ڀري هئي ۽ نواب ان نسخي عيوض هن کي معقول رقم وظيفي طور ڏني هئي. هو ان سڄي رقم مان شراب جي بوتلن جو خچر ڀرائي، جڏهن پنهنجي گهر گلي قاسم جان پهتو ته هن جي اهليه امراءُ بيگم ٻيئي هٿ مٿي تي هڻندي چيو: "مرزا - گهر ۾ کائڻ لاءِ داڻو ڪونهي ۽ تون ايترن پئسن جون شراب جي خچرن جون خرزينون ڀرائي آيو آهين؟" مرزا کلندي چيس، "بيگم، اهو ته ٻڌو هوندءِ ته رزق خدا ڏيندو آهي، پر ڪڏهن اهو ٻڌو اٿيئي، ته شراب به خدا ڏيندو آهي."

مرزا غالب ڪلڪتي ۾ جڏهن ڦهريون ڀيرو سمنڊ ڏٺو ته هن کي سمجهه ۾ آيو ته ڪيئن مُٺِ جيترا انگريز ڪروڙين هندوستانين مٿان حڪومت ڪري رهيا آهن. رامپور رياست جي ئي نوابي نسل جي نجيب آباد (بجنور) ۾ ڦهليل خاندان جي منهنجي زندگيءَ ۾ صبوح جي هير جيان آيل صبا جو چهرو غالب جي خوبصورت هٿ اکريءَ ۾ لکيل هن شعر جيان جهلڪي رهيو هو:

"غنچہ پھر کلنے لگا آج ہم نے اپنا دل
خون کیا ہوا دیکھا، گم کیا ہوا پایا"

صبا کي ايتري ننڍيءَ عمر ۾ ئي غالب جا ڪيترا شعر ازبر هوندا هئا. جيڪي هوءَ جذباتي ٿي ويڄڻ وقت اڪثر ورجائيندي رهندي هئي ۽ مان عبدالرحمان بجنوريءَ جي ان قول جو قائل ٿيڻ لڳو هوس، ته برصغير جي ٻن مقدس ڪتابن مان هڪ "ديوان غالب" ئي آهي.

غالب جي زندگيءَ کي ناول جي رنگ ۾ رڱيندي، قاضي عبدالستار هن جي رامپور رياست واري رهائشي وقت جو هڪ واقعو بيان ڪندي لکي ٿو ته دهليءَ تي حملو ڪندڙ مرهٽن جي فوج جي جوان. مرگ ايراني رسالدار جي ڪم سن بيوهه شاعره ترڪ بيگم پناهه وٺڻ لاءِ رامپور پهچي، جڏهن پردي اندر ويهي غالب کي پنهنجا غزل ٻڌائي رهي هئي، ته غالب هن کي چئي رهيو هو:

"بيگم، تنهنجيءَ تحرير جا دائرا محبوبن جي زلفن جي پيچن جيان قاتل ۽ سندن چال وانگر ترڇا ٿي ويندا ۽ شعرن جي زمين مان درد جي خوشبو اچڻ لڳندي، جي تون پردي کان ٻاهر نڪرندينءَ." غالب چوندو رهيو: "بيگم، توکي ته جاڻ آهي، ته هندوستان جي مسلمان عورتن ۾ ڪابه شاعره ميرا ٻائيءَ جو مرتبو حاصل نه ڪري سگهي آهي، ڇو جو ڪنهن به مسلمان عورت ميرا ٻائيءَ جيان گروءَ جي چرڻن ۾ ويهي وديا نه سکي. شاعريءَ جي نزاڪت رڳو زبان ئي ظاهر نه ڪندي آهي، پر اکين جي چرپر، ابروئن جي جنبش ۽ لهجي جي لاهه چاڙهه جو به ان ۾ حصو هوندو آهي. تون جيڪو هي پردو ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي آهين، اهو اسلامي پردو ناهي، هي پردو هندوستان جي هندن جو پردو آهي، جيڪو هنن مسلمانن حملہ آورن کان پنهنجي ناموس بچائڻ لاءِ، مجبوريءَ ۾ پنهنجي مٿان چاڙهي ڇڏيو آهي، ترڪ بيگم.“

غالب جو جيئرو جاڳندو جاندار آواز ترڪ بيگم جي هڏين مان لهندو خوداعتماديءَ سان ڏڙڪندو رهيو ۽ غالب چوندو رهيو:

”بيگم، توکي ڄاڻ آهي، تہ اسان دين جي عالمن جي حرمت لاءِ پنهنجن بادشاهن جا تاج لاهي ڇڏيا، پر دنيا جي عالمن کي ڪِکر جي اوجهري رڏي ڪاڻ وارن کان بہ حقير ڪري سمجهيو. نتيجو اهو نڪتو جو دنيا جو علم اسان جي هٿن مان ڪسڪندو ويو ۽ ايئن دنيا، تہ اسان جي هٿن مان نڪري ئي ويئي، پر دين بہ اسان جي گرفت ۾ نہ رهيو.“

۽ صبا جي وينديءَ ويندي مون کي بہ محسوس ٿي رهيو هو تہ ’مان دين کان بہ ويس، تہ دنيا کان بہ.‘ هاڻي جيئڻ منهنجي مجبوري هئي، پر مون اهو عزم اوس ڪيو تہ مان ڪيئن بہ، ڪٿي بہ صبا کي هٿ ڪري هن سان لائون لهندس.

سالن کان پوءِ جڏهن مون کي هن جا پار پتا مليا آهن، تہ مان ٽن ٻارن جو پيءُ آهيان ۽ پنهنجيءَ رفيقہ حيات سان بيحد خوش، خوشحال ۽ مطمئن زندگي گذاري رهيو آهيان. هن جي شهر ۾ ڪيترا ڀيرا وڃي بہ مون هن کي ڳولهڻ جي ڪا ڪوشش نہ ڪئي آهي. مان پنهنجي زندگيءَ جي آئيني جي پُٺ واري ڪارنهن ڏسڻ نٿو چاهيان.

پنهنجي آتم ڪٿا لکندي، ڪٿي ڪٿي منهنجي گاڏي پٽن تان لهي ٿي وڃي، پر پوءِ احساس ٿيندو اٿم، تہ ڇا منهنجي زندگيءَ جي گاڏيءَ کي ڪي پٽا هئا بہ يا نہ؟ ڪنهن پراڻي يارڊ ۾ ’شنٽ‘ ٿيل ڪنهن خالي گاڏي جيان منهنجي زندگي اوچتو ايئن بيهجي ويئي هئي. ان گاڏيءَ تي نئين سر رنگ روغن ڪري، ان کي چمڪائي، اڃو اجرو ڪري، منهنجي رفيقہ حيات گوپيءَ ان کي مين لائين وارن پٽن تي آڻي بيهاريو ۽ زندگيءَ جي تيز رفتار گاڏيءَ سان جوڙي ڇڏيو. گذريل پنجيتاليهن سالن کان هن مون کي بيحد پيار شفقت، سار ۽ سنڀال سان منهنجي زندگيءَ جي مسافت کي آسان، آسودو ۽ آسائشي ڪري رکيو آهي. پنهنجن وهي کاتي جي پوين پنن ۾ مان هن جي سرهي ساٿ بابت تفصيل سان لکندس.

گوپي منهنجن هنن ’وهي کاتي جي پنن‘ جي هر قسط ڪڏهن شايع ٿيڻ کان اڳ ۽ ڪڏهن شايع ٿيڻ تي بيحد توجهہ ۽ سنجيدگيءَ سان پڙهندي آهي ۽ مان ان وقت هن جي سامهون ويهي سندس چهري جا ياوَ ۽ ان تي لهندڙ چڙهندڙ لڪيرون غور سان ڏسندو رهندو آهيان. پهريون پنجاهہ کن قسطون ۽ ڪتاب جا بہ ڀاڱا پڙهي، هوءَ مون کي چئي رهي آهي، تہ تو مون کي هڪ اهڙو مڪمل دستاويزي ثبوت ميسر ڪري ڏنو آهي، جنهن جي بنياد تي مان توکان قانوني خواهہ اخلاقي طور ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهان ٿي، پر اهو سوچي پاڻ کي باز رکندي ٿي اچان، تہ تون مون کان سواءِ جالي نہ سگهندين ۽ مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي چوندو آهيان ته، ”مان توکان سواءِ جالي ته ڇا- جِي ئي نه سگهندس راڻي.“ (تڪلف بر طرف)

اڄ سروري- نرملا- صبا- بوئي گل- نالهءِ دل- دودِ چراغ محفل ۽ پيو به گهڻو ئي ڪجهه منهنجيءَ رفيقه حيات گوپيءَ جي شاهاڻي شخصيت، ذهانت ۽ اعليٰ ڪردار ۾ ضم ٿي چڪا آهن. اڄ منهنجيون اهي محبتون غالب جي هن شعر جيان:

”یاد تھیں ہم کو بہ رنگا رنگ بزم آرائیاں
لیکن اب نقش و نگار طاقِ نسیاں ہو گئیں۔“

ڪنهن طاق تي رکيون آهن. جن مٿان ماضيءَ جي دز چڙهي چڪي آهي.

مون اڳ ۾ ڪٿي سنسڪرت ساهتيه جي ڪنهن گرنٿ جو ذڪر ڪيو آهي. جنهن ۾ چيل آهي ته ”جنهن مرد جي زندگيءَ ۾ ٻيءَ ڪنهن عورت يا عورتن جو عمل دخل رهيو آهي، ان جي پنهنجي پتنيءَ جي ڄمار وڌي ٿيندي آهي.“ مون به پنهنجي پتنيءَ جي عمر درازيءَ جون دعائون پئي گهريون آهن. جو مان چاهيان ٿو ته منهنجي مرڻ کان پوءِ هوءَ منهنجيءَ هن آتم ڪٿا جي پنن کي پاسيرو ڪري، يا مون سان گڏ انهن جو به اگني سنسڪار ڪري، مون سان گهاريل گهڙين ۽ ماهه وسال جا سک ڏک، خوشيون خوشحاليون ۽ اسان جي ازدواجي زندگيءَ جي هر واقعي ۽ واردات جي يادداشتن کي يڪجا ڪري، منهنجي جيوٽي (بايوگرافي) لکي ۽ جڳ جهان اڳيان تحريري طور واضح ڪري، ته مان ڪيترو ۽ ڪهڙو سنو يا برو پتي، پيءُ ۽ پُٽ هوس. منهنجيءَ آتم ڪٿا کان هن جي آزاديءَ سان لکيل پنهنجي آنجهاني شوهر جي ’ڪٿا‘ وڌيڪ معقول ۽ مستند هوندي.

نامور ترقي پسند اديب اختر حسين رائيپوريءَ جي سوانح ’گرد راهه‘ بيحد ديانتداريءَ ۽ سپٽيائيءَ سان لکيل آتم ڪٿا آهي، جيڪا هڪ ادبي شاهڪار آهي، پر ان ۾ جذبن جي شدت کان وڌيڪ هن جي نظرين جي شدت آهي. هن پنهنجيءَ ملازمت، سرڪاري عهدن، ادبي ۽ سياسي تحريڪن ۽ روين خواهه زندگيءَ جي اعليٰ اصولن ۽ قدرن، ڪاميابين ۽ ڪامرانين جو هڪ اهڙو تاريخي دستاويز تحرير ڪيو آهي، جيڪو ادبي هئڻ سان گڏ سياسي ۽ سماجي شعوري اهميت پڻ رکي ٿو. زندگيءَ جي آخري دور ۾، هن جي نابينائي ۽ بيوسيءَ وارا آتم ڪٿا جا پويان باب بهرحال، رقت انگيزي ۽ دلسوزيءَ سان پُر آهن. پر هن جي انتقال کان پوءِ هن جي رفيقه حيات حميده اختر ’هم سفر‘ سري سان، جيڪا پنهنجي شوهر جي بايوگرافي لکي آهي، اها هڪ مثالي تحرير مڃي ويئي آهي. بيگم حميده پنهنجي هم سفر سان گذاريل وقت جي رُوداد اهڙيءَ ريت بيان ڪئي آهي، جو اها ’ڪٿا‘ هڪ ئي وقت ’گرد راهه‘ جي (Extention) به آهي، ته ليکڪا جي پنهنجي آپ بيتي پڻ. جذبن ۽ احساسن جي گهرائيءَ سان تحرير ٿيل حميده بيگم جي هيءَ ’ڪٿا‘ هن جي برک اديب شوهر جي ’آتم ڪٿا‘ کان به گهڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي وڌي ذهن ۾ ولوڙ تي وجهي ۽ پڙهندي احساس ٿئي ٿو تہ اختر حسين جي ’گردِ راهہ‘ دماغ کي ڇهي ٿي ۽ حميده اختر جي ’هم سفر‘ دل کي ڇهي ٿي.

ان جي برعڪس رشيءَ جو رتبو ماٽيندڙ عالمي اديب ليو ٽالسٽاءِ جي زال صوفيہ پنهنجي ذاتي ڊائريءَ ۾ لکيو آهي تہ:

”منهنجي آسپاس جيڪي ماڻهو آهن، اُهي مون سان سنو ورتاءُ ڪري رهيا آهن ۽ اهي عام انسان آهن. پر منهنجي مڙس جي ظالماڻي ورتاءَ منهنجي اندر جي سچي محبت کي رڳو ڪمزور ئي نہ ڪيو آهي، سُڪائي بہ ڇڏيو آهي. مان بہ بي رحم ۽ تيسر بڻجي ويئي آهيان. مان هن عظيم ليکڪ جي خواهشن موجب سورنهن ٻيرا گرڀوتي ٿي آهيان. تيرهن زنده ۽ ٽن مئلن ٻارن کي جنم ڏنو اٿم. هو انسان ناهي، جانور آهي، هو پنهنجين لکتين ۾ سڄيءَ دنيا کي محبت جي تعليم ۽ پيغام ڏئي ٿو پر مون کي تڪليفن ۽ عذابن جي سمنڊ ۾ ڌڪيندو رهيو آهي. ڏٺي مون کي هن خفتي انسان کان ڇوٽڪارو ڏيڻ ۽ هن جي چريائيءَ جي خواهشن کان نجات ڏيارڻ ۾ منهنجي مدد ڪري“

گوپيءَ جي ’ڪتا‘ ۾ مان نہ اختر حسين رائپوري هوندس ۽ نہ ٽالسٽاءِ بلڪ پنهنجين سڀني خوبين خامين ۽ چڱاين لڱاين سان ڪجھ ٻيو ئي هوندس، جتي منهنجو وهي ڪاتو ڪنهن ڪليل ڪتاب جيان هوندو. ڏٺي ڪري منهنجي جيون ساٿڻ پنهنجي مجازي خدا جي اها آخري خواهش پوري ڪري.

هينئر مان ماضيءَ ۾ موٽي، پنهنجي آتم ڪٿا کي اتان اڳتي ٿو وڌايان، جتي پوين پنن ۾ پهتو هوس.

هيءَ پنجن دروازن واري دهلي هئي، جتي اسان کي هاڻي مستقل طور قيام ڪرڻو هو. هتي ئي پنهنجو نئون آشيانو اڏڻو هو. ڪتان ڪتان جي ڪُٽ خلق اچي، هن شهر ۾ وسي هئي، جنهن هڪ دهليءَ کي جمنا جي ٻنهي پاسي، ڇئن شهرن ۾ ورهائي ڇڏيو هو ۽ جتي رهڻ لاءِ بقول مير:

”پگڑی اپنی سنبھالیئے گا میر
اور بستی نہیں، یہ دل ہے۔“

هيءَ اهو تختگاهہ وارو شهر هو جتي ملڪ جي فرمانروا مغل شهنشاهہ شاهہ عالم کي انڌو ڪري، هن جي بيگمن ۽ شهزادين کي غلام قادر روهيلي جهڙي احسان فراموش ٻانهي لعل قلعي جي ديوان خاص ۾ ننگو ڪري نچايو هو ۽ هاڻي انهيءَ ئي قلعي جي مُمبر تي هندوستان جو وزيراعظم جواهر لعل نهرو هر سال جشن آزاديءَ واري صبوح جو عوام کي خطاب ڪندي، ڪين سندن مساواتي ۽ جمهوري حقن ۽ اظهار جي مڪمل آزاديءَ جو احساس ڏياريندو هو. هن جي ئي هدايتن تي هندوستاني حڪومت هڪ نئون قانون (Displaced Peoples Act) ڊسپليسڊ پيپلس ائڪٽ ”جلاوطن عوام وارو قانون“ لاڳو ڪيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻن ورهايل ملڪن ۾ لاڳو ڪيل ٻه نوان قانون هڪ ٻئي جي ٻنهه برعڪس هئا. جتي هندستاني قانون "ڊسپليسڊ پيپلس ائڪٽ" تحت پاڪستان مان لڏي آيل باشندن کي آزاد حڪومت سرڪاري طور قائم ڪيل وسائڻ واري ڪاتي طرفان نيون بستيون ۾ جايون جوڙائي ڏيڻ جون وسيع پئماني تي رٿائون رٿي، هڪدم تعميراتي ڪم شروع ڪري ڇڏيو ۾ ڪنهن به خالي ڪري ويل جاءِ جائداد تي، ڪنهن کي به شخصي طور قبضو ڪرڻ جو حق نه ڏنو ويو. اهڙيون سڀ متروڪ جائدادون هيريٽيج (Heritage) ڊڪليئر ڪري، سرڪاري تحويل هيٺ آنديون ويون ۾ جن به ڏاڍا مڙسپي ڪري انهن تي قبضو ڪيو، اهي ڪانئن قانوني طور غالب جي (مسواڙي) گهر جيان ڇڏايون ويون.

ان جي برعڪس پاڪستان سرڪار جي لاڳو ڪيل متروڪ ملڪيتن جي ايڪٽ (Evacuee Property Act) هيٺ، هندستان مان هجرت ڪري ويل مهاجرن کي ڇيڪ ڇڏيو ويو ته هو ڪنهن به خالي ٿي ويل مڪان ۾ جائداد تي زوريءَ قبضو ڪن ۾ اڳتي هلي ٻن سچن ڪوڙن شاهدن جي شاهديءَ تي، انهن جائدادن جا مالڪاڻا حق حاصل ڪن. هندستان ۾ ايئن ٻنهه نه ٿيو. ايترو اوس ٿيو جو ٻنهي ملڪن جي لڏپلاڻ وقت ڪراچيءَ جي ڪن هندن، بمبئيءَ جي مسلمانن سان باهمي متاستا ۾ جاين جا ملهه چڪائي مالڪاڻا حق ورتا ۾ سرڪاري طور پنهنجن نالن ۾ رجسٽريون ڪرايون، پر اهڙا مثال تمام گهٽ هئا.

منهنجي والد کي وزارت وٺان ليٽر آيو ته نئين ورسائڻ واري ڪاتي طرفان سائوٿ (ڏکڻ) دهليءَ ۾، لجپت نگر نالي نئين بستي وسائڻ جي رٿا تيار ٿي رهي آهي، جنهن ۾ ٻن ٽن ۾ چئن ڪمرن وارا مڪان تعمير ڪيا ويندا. چئن ڪمرن واري مڪان جي قيمت چار هزار چار سو آهي، جنهن مان پارنهن سو روپيا فارم سان گڏ جمع ڪرايا ويندا ۾ بقايا رقم ڪليمن مان ائڊجسٽ ڪئي ويندي جن جا ڪليم ناهن، انهن کان بقايا رقم مڪان جو قبضو ملڻ بعد قسطن ۾ وصول ڪئي ويندي.

ٻئي ڏينهن دادا مون کي پنهنجو صحيح ڪيل فارم ۾ پارنهن سوَ روپيا ڏيئي چيو ته فارم پري پارهن سون جو بئنڪ ڊرافٽ نهرائي شاهه جهان روڊ واري (Treasury) خزاني آفيس ۾ داخل ڪرائي اچ. مان ۾ هاسو فارم ۾ ڊرافٽ داخل ڪرائي، رسيد وٺي، مزي سان ڪنات پيلس جي پلازا سينما ۾ فلم ڏسي، ان اطمينان سان گهر موٽياسين، ته هاڻي هن نئين ملڪ ۾ اسان کي پنهنجو گهر هوندو.

ڀارت سرڪار شرڻارٿين لاءِ وڏي پئماني تي جاين جوڙائڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو. نئين دهليءَ جي چئني طرفن چاليهه پنجاهه نيون بستيون وسائي، ڏيڍ ٻه لک ننڍا وڏا مڪان تعمير ٿيڻ لڳا. ڪيترا سنڌي انجنيئر ۾ تعميراتي ماهر ملازمتن سان لڳي ويا. جن بيحد قابليت ۾ تيز رفتاريءَ سان ڏينهن رات محنت ڪري، مقرر مدي کان اڳ ئي ڪيترو ڪم مڪمل ڪري ڏنو. منهنجو سهرو ديوان موتيرام جڳتياڻي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنسٽرڪشن واري اداري جو ايگزيڪيوٽو انجنيئر هو. هن سال ٽيهن ڌاري پونا جي انجنيئرنگ ڪاليج مان اعليٰ ڊگري حاصل ڪئي هئي. هو هڪ مثالي سول انجنيئر ٿي گذريو آهي. مترائي، ٻجلاڻي، ريجهراڻي ۽ ڪيسواڻي وغيره جهڙا ڪيترا قابل سنڌي انجنيئر، هندوستان جي ڪن صوبن جا چيف انجنيئر ٿي رهيا آهن. هندوستان جي ڀهرئين وسيع پئماني واريءَ رٿا دامودر وئلي پراجيڪٽ (Damodar Valley Project) جو معمار چيف انجنيئر اسان جي ساٿيءَ جو موهن مترائي هو. هندوستان جي سِوِل (Civil) ۽ اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ جي فيلڊ ۾ سنڌين وڏو نالو ۽ ناموس ڪمائي آهي.

لجپت نگر جي مڪان لاءِ فارم ۽ گهربل رقم داخل ڪرائڻ جي مهيني اندر ئي اسان کي ان ڪالونيءَ جي "اي" بلاڪ ۾ اڍائي والن تي نهيل ڇئن ڪمرن وارو ڪنڊائتو مڪان الاٽ ٿي ويو. تعميري ڪم زورشور سان چالو هو. زمين جي کوٽائي ڪندي مزورن کي ڪيترين انساني کوپڙين ۽ هڏاوان پڃرا ملندا هئا. جيڪي هو زمين مان کوٽي ڪڍي ٻاهر رستن جي پاسي اڇلي ڇڏيندا هئا ۽ هر ڪو ايندڙ ويندڙ اهي ڏسندو رهندو هو. دهليءَ جي جهان پناهه شهر کان ميلن جي مفاصلي تي انهن بنجر زمينن اندر ڪيئي بستيون قبرستان ٻڻجي چڪيون هيون، جن جي باشندن جون کوپڙيون ۽ هڏيون هن نئين لڏي آيل نسل کي خوفزده ڪري رهيون هيون ۽ کين ڏوراپو ڏيئي رهيون هيون، تہ توهان اسان جن مرده جسمن مٿان پنهنجا نوان گهر اڏي رهيا آهيو.

هڪ آرتوار تي دادا اهو الاٽ ٿيل مڪان ڏسڻ ويو. ٽئڪسي ۾ بس رڳو لوڌي ڪالونيءَ تائين وڃي ٿي سگهيون (آٽو رڪشا اڃا ايجاد نہ ٿيا هئا) لوڌي ڪالونيءَ کان لجپت نگر ٻن ميلن جي مفاصلي تي هو جيڪو پنڌ ئي پنڌ طئي ڪرڻو پوندو هو. وچ ۾ ٿرلانگن ۾ ڦهليل وڏي ڪاهي هئي. اڄڪلهه ان ڪاهيءَ مٿان نئين دهليءَ جي سڀ کان 'پاش' ۽ مهانگي ۾ مهانگي رهائشي بنگلن واري ڊفينس ڪالوني آهي، جنهن جي ڪنهن بہ بنگلي لاءِ ڪو بہ خريدار بلئنڪ چيڪ ڏيارڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

دادا کي پنهنجي تعمير ٿيندڙ گهر تائين پهچڻ لاءِ بہ ميل پنڌ ۽ بہ فرلانگ گپ چڪ واريون کڏون ۽ ڪاهيون پار ڪرڻيون پيون. چڪڻ ۾ پير ترڪي پوڻ ڪري منهنجي پنجونجاهہ سالن جي پيءُ کي ٽنگن ٻانهن تي گهريون رهنديون آيون ۽ ٽونٽيون رتو رت ٿي ويون. هو جيئن تيئن ڪري رڙهندو اٿي بيٺو. آسپاس کڏون پريندڙ مزورن هن کي سهارو ڏيئي، ٽئڪسيءَ ۾ ويهاري گهر موڪليو. هن جا زخم پرچڻ ۾ بہ هفتا کن لڳي ويا. مون گهر مان نڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ سڄو وقت پيءُ جي تيمارداريءَ ۾ لڳو رهيس. هن جي زخمن تي ملم لڳائيندو رهيس، هن جي اٺش تري صاف ڪندو هئس. شام جو پنهنجن هٿن سان هن کي پيگ پاٽي ٺاهي ڏيندو هئس. هن لاءِ ڪتاب ۽ رسالا وني ايندو هوس. مهيني کن ۾ دادا نوبنو ٿي آفيس وڃڻ شروع ڪيو. هن جو ملازمت ۾ من نہ لڳندو هو پر اڃا هن کي ٽي سال نوڪري ڪرڻي هئي. (تن ڏينهين رٽائر ٿيڻ جي عمر اٺونجاهہ سال هئي.)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن دادا مون کي چيو ”هي ليٽر وٺ ۽ سياڻي ٿي لجپت نگر واري مڪان جي الاٽمينٽ واپس ڪري، پيارپل رقم واپس وٺي اچ. اهڙي ڏورانهين بر پٽ ۾ ڪير وڃي رهندو؟“ مون ۾ ياپيءَ دادا کي ڏاڍو سمجهايو ته پنهنجو گهر وري پنهنجو گهر آهي. هي سرڪاري مڪان ڪجهه سالن ۾ خالي ڪرڻو پوندو پوءِ ڪيڏانهن ويندا سين؟ سڄي عمر مسواڙي مڪانن ۾ ڌڪا کاڌا پوندا. ٽن چئن سالن ۾ اهو پاسو خاصو وسي ويندو وغيره. پردادا نه مڃي نه مڃيو. چيائين، ”ڪنهن وسيل ايراضيءَ ۾ پنهنجو وڏو پلاٽ وٺي پنهنجي جاءِ جوڙائيندا سين. اهي سرڪار جا ٺهرايل ڪبوتر خانه نه گهرجن.“ ٻئي ڏينهن مان واسطيدار دفتر ۾ وڃي، الاٽمينٽ ليٽر واپس ڪري، جمع ڪيل رقم واپس وٺي آيس. آفيس وارن ويهه سيڪڙو ڪاٽي رڳو نو سو روپيا موٽايا. اسان واريءَ لين ۾ لاڳيتو مڪان منهنجن پڦاتن کي الاٽ ٿيو هو. هو ان وقت اسان جي ان فيصلي تي ڏاڍا ڪاوڙيا هئا. هن وقت اهو علائقو هڪ ڦهليل ڪمرشل ڪامپليڪس آهي. ٻه سال اڳ پڦائٽن ٻن ڪروڙن ۾ اهو مڪان وڪيو آهي. ڪنڊائتي جڳهه هئڻ ڪري اسان وارو مڪان اڍائي ڪروڙن کان گهٽ نه لهي ها.

ڇهن مهينن کن ۾ دادا شاديپور علائقي ۾ (جيڪو هاڻي رنجيت نگر سڏبو آهي ۽ وچ شهر ۾ آهي) هڪ جاٽ زميندار کان پنج سوَ والن جو پلاٽ پنجن هزارن ۾ خريد ڪيو. دادا پلاٽ جي وڪري جا دستاويز وٺي پاڻ وٽ ڪٿي رکي ڇڏيا. سستيءَ ڪري اهي زميني جائيدادن جي رجسٽرار وٽ رجسٽر ئي نه ڪرايا. هن سوچيو هو ته رٽائرمينٽ وقت جيڪا رقم ملندي، ان مان جاءِ جوڙائڻ جي ڪم ۾ هٿ وجهبو. (ٽن ڏينهن بئنڪن وٽان ڪي هائوسنگ قرض نه ملندا هئا.)

گهر جو گاڏو آرام ۽ اطمينان سان هلندو هو. هاسي کي نوڪري ملي چڪي هئي، دادا کي اضافو ملي چڪو هو ۽ مان اڃا ڏينهن جو نئين نوڪري ڳولهي رهيو هوس ۽ شامون دوستن سان ڪافي هائوس ۾ گذاريندو هوس. دادا جي رٽائرمينٽ تائين مون کي به ٽائيمس آف انڊيا ۾ نوڪري ملي چڪي هئي. ٽن ڄڻن جي آمدنيءَ مان زندگي خوشحال ته ٿي ويئي، پر منهنجي خرچيلي سڀاءَ واري پيءُ وٽ بچت وغيره جو ڪو تصور يا عمل نه هو. هو ماني ۽ شراب اُچي ۾ اُچو کائيندو پيئندو هو. پرهيزگارن ۾ پنڊتن سان هن جي نه پوندي هئي.

دادا جي رٽائر ٿيڻ تي جڏهن جاءِ جوڙائڻ جو وقت آيو ته منهنجي بي پرواهه پيءُ کان پلاٽ جا دستاويز ئي ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويا. سڄو گهر ڳولهي ڳولهي ٿڪاسين پر دستاويز نه ملي نه مليا. رجسٽري ٿيل هجي ها، ته انهن جا نقل هٿ ڪري سگهجن ها. تائو جي (زمين جو زميندار مالڪ) مري چڪو هو ۽ هن جو حرامي پٽ پلاٽ ڏيڻ کان صفا پڙ ڪيدي بيٺو هو. جو مالڪيءَ حق ۽ جائداد جا وصيت نامه هن وٽ ئي هئا. اسان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺ پلاٽ جي خريديءَ جو ڪو ڪاغذ يا ثبوت نہ هو. اسان جو خريد ڪيل سامان تہ سلامت هو پر رسيدون وڃائجي ويون هيون. اڄ ان پلاٽ تي ڪنهن سرمايادار سردار جي چار منزلي عمارت اڏيل آهي.

نيڪيءَ جي پُتلي منهنجي پيءُ دنياداريءَ جي جنهن ڪم ۾ هٿ وڌو ان ۾ گهاٽو ئي گهاٽو پاتو ۽ جيڪو فيصلو ورتو ان ۾ هن کي هميشہ نفعي بدران نقصان ئي نصيب ٿيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انيتاليھون پنو

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي سابق منصف اعليٰ وجيهہ الدين احمد صاحب, صوبائي خودمختياريءَ جي اهميت بابت پنهنجي هڪ خطاب ۾ رٽ ڏني آهي, تہ ورهاڱي وقت سنڌ مان لڏي ويل سنڌي هندن مان جيڪي پنهنجي ملڪ موٽي اچڻ ٿا چاهين, انهن کي ورسائڻ لاءِ سنڌ ۾ پورٽ قاسم ويجهو هڪ نئون شهر آباد ڪرڻ گهرجي. وجيهہ الدين صاحب جي ان سجهاوَ هندوستان ۾ وسيل سنڌي جاتيءَ جي فردن, خاص ڪري ان اڏير ۽ چڙهيل عمر وارن, جن جا ورهاڱي جا گهاوَ اجا ڀريا نہ آهن, جي دلين ۾ آسُن ۽ اميدن جا نوان ڏيئا ٻاريا آهن.

مون کي چاڻ ناهي, تہ نياءَ ڪاري وجيهہ الدين صاحب ظاهري طور ڪيترو وجيهہ ۽ شڪيل آهي, پر باطني ۽ روحاني طور هن جي وجاهت واري ان رخ ۽ رويي جلاوطن ٿيل سنڌي قوم کي سندن وڙائتو ۽ گرويده ڪري ڇڏيو آهي. مون کي يقين آهي, تہ وجيهہ الدين صاحب جهڙا دانشور ۽ دانشمند رڳو سنڌ ۾ ئي نہ, پر هتي هند ۾ بہ هوندا, جن جي سوچ جا سلسلا هڪ ٻئي سان جڙيل ۽ لاڳاپيل هوندا.

قومن جي تاريخ ۾ اڌ صدي ڪا اهميت نہ رکندي آهي, تاريخن جا سلسلا صدين تي مشتمل ۽ ڦهليل هوندا آهن. پنهنجين پاڙن سان جڙيل ۽ جڪڙيل جاتيون هزار سالن کان پوءِ بہ ڏارين ڌرتين تي بي پاڙن جيان ڀٽڪي ڀٽڪي, پاڻ کي پنهنجين پاڙن ۾ اچي پيوست ڪنديون آهن. پوءِ چاهي اهي اهلِ يهود هجن, اهلِ هُنود هجن, اهلِ حبش هجن يا اهلِ اندلس.

برطانيا ۽ جرمنيءَ جي جنگ جي خاتمي بعد, تباهہ ٿي ويل ٻنهي ملڪن جي جنگي سپاهين جي انساني جذبن جو پس منظر پيش ڪندي, اعليٰ اديب سر هال ڪين (Hall Kain) پنهنجي ڪتاب (Last Journey) (آخرين سفر) ۾ لکي ٿو:

"هينئر منهنجو پٽ لوڙهي کان ٻاهر آزاد آهي- ۽ مان پيءُ لوڙهي اندر بند آهيان. هينئر شايد سيني قيدين سان گڏ مون کي قطار ۾ وٺي, جهاز ۾ چاڙهي, جرمنيءَ ڏانهن اُماٽيندا. جتي هاٽي منهنجو نہ ڪو مائٽ آهي, نہ يار دوست. اهو ڪم منهنجي پٽ جي هٿان ئي ٿيندو جنهن کي ڪنهن ڏينهن مان ٻڌيءَ تي چاڙهي نچائيندو ٽپائيندو هوس."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هال ڪين اڳتي هلي چئي تو: ”لڙائي پلي ڪجي، پر جڏهن اها ختم ٿئي، ته اسان کي سڀ ڪجهه وساري ڇڏڻ گهرجي. هڪ ڏينهن مون هڪ جرمن سپاهيءَ کي هڪ ڪڏ ۾ ڪريل ڏٺو. هو پوين پساهن تي هو پر هن جي سمجهه پچاڙيءَ تائين سالم هئي. هن چيو: ’ڪرنل، ڪهڙي نه عجيب ڳالهه آهي؟ جيڪڏهن اسين ٻئي هن ڪاهيءَ کان ٻاهر گڏجون ها، ته تون مون کي پنهنجي ملڪ خاطر خون ڪرڻ چاهين ها ۽ مان پنهنجي وطن خاطر تنهنجو سر اڏائڻ چاهيان ها. پر هتي ڪاهيءَ ۾ تون مون کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين - ڇو؟‘

”۽ جڏهن هن پڇاڙيءَ جو ساهه کنيو ته هن جو ڪنڌ منهنجي گوڏي تي هو.

۽ توهان کي اهو ٻڌائيندي مون کي ذرو به شرم محسوس نٿو ٿئي، ته مان هن جي نرڙ تي پوئين چمي ڏيڻ کان پاڻ کي روڪي نه سگهيس.“

سرهال ڪين جي هوندي ئي ٻن جنگجُو ملڪن، جرمني ۽ برطانيا جون رفاقتون ۽ دشمنيون دفع تي چڪيون هيون. هينئر ٻنهي ملڪن وچ ۾ ساڳيو ئي سڪو رائج آهي، جنهن سان سندن وچ ۾ وڻج واپار به وڌيو آهي، ته عوام وچ ۾ آزاديءَ سان اچ وڃ به جاري آهي.

سٺ سال اڳ هن ننڍي کند جي ورهايل ٻن ملڪن وچ ۾ ٽي جنگين بعد هاڻي ڏينهون ڏينهن رقابتون رفع دفع تي رهيون آهن. ٻنهي ملڪن ۾ سائين وجيهه الدين احمد جهڙا انسان پرست، پنهنجيءَ قوم جي بهبوديءَ، ڀلائيءَ ۽ ڀائيچاري لاءِ ڪوشان آهن. اسان سنڌ ڇاون کان اڃا سنڌ نه وسري آهي. سڳن آهوجا جو شعر آهي:

”وڏن کان ڪين تا وسرن وڏا پنهنجا،
تڪين تا سنڌ جا شمشان حيراني.“

اسان جي وڏن جون سنڌ ۾ ڪي قبرون ته ناهن، بلڪ اسان جي ڇڏيل شمشانن مٿان به ڌارين قبضا ڪري، پنهنجا مڪان ۽ دوڪان ٺهرائي ڇڏيا آهن، پوءِ به اسين پنهنجي ان ڌرتيءَ کان ڌار نه آهيون.

هر قوم جو هڪ اهڙو (Floating Population) (تلندڙ تلڪندڙ عوامي طبقو) به هوندو آهي، جيڪو عمر جا سڀ ليکا چوکا لاهي، پنهنجا سڀ ڪٽنبي ۽ دنيوي فرض پورا ڪري، سيني ذميدارين کان آجو ٿي، آرام ۽ آسائش واري زندگي گذاريندو آهي (مان ۽ اسان جو اڪثر ادبي لڏو ان طبقي جا فرد آهيون.) سٺ کان مٿي ڄڙهيل سنڌين جو اهڙو طبقو اڃا به هتي لکن جي تعداد ۾ آهي ۽ ڪين جيڪڏهن جان ۽ مال جو مڪمل تحفظ ملي، ته انهن مان اڌ يا شايد اڌ کان به وڌيڪ سنڌي ڪٽنب، سنڌ موٽي وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. منهنجي ماءُ منهنجن سنڌ مان آيل دوستن کي چوندي هئي، ”جي اسان کي سنڌ مان نه ڪڍيو ها، ته اسين پنهنجي ڌرتيءَ کان جيترو وٺون ها، ان کان ڌهوڻو ان کي ڏيون ها.“ (اسان کي ڪڍيو ويو يا اسين پاڻ ئي اتان نڪتاسين،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان تي هاڻي بحث اجايو آهي، پر اهو اوس آهي، تہ سڄي سازش سياستدانن جي ٿي هئي.) بقول ڪرشن راهي:

"ڏکيو تون جي آهين، سُکيو مان بہ ناهيان،
ميان ڪنهن جون ڪنهن تي ميارون ميارون."

مون کي آمريڪا، يورپ ۽ ذڪر اوير وارن ملڪن ۾ وسيل ڪيترن سنڌي سرمايادارن چيو آهي، تہ هو سنڌ ۾ پنهنجي سيڙپ ڪرڻ لاءِ تيار آهن، بشرطيڪ کين سرڪاري سلامتيءَ جي ضمانت ملي. سنڌي هندن جو سمجهو ۽ پڙهيو ڳاڙهيو طبقو سنڌ موٽي آيو تہ سنڌ وري خوش ۽ خوشحال ٿي ويندي ۽ شايد سنڌوءَ جو وهڪرو اڳ جيان وري پنهنجن ڪپرن کي ڇهندو نظر ايندو.

مان جنهن ملڪ ۾ رهان ٿو يا ڪنهن ٻاهرئين ملڪ ۾ ويو آهيان، تہ اتان جي قانون جو بيحد احترام ڪندو آهيان. مون ڪان زندگيءَ ۾ ڪڏهن اڻڄاڻائيءَ ۾ يا غيرشعوري طور ڪي غير سماجي، يا ڪٿي ڪي غيراخلاقي عمل ٿي ويا هجن، پر ڪڏهن بہ ڪو غيرقانوني ڪم نہ ٿيو آهي. اڄ مون کي قانوني طور جي اها اجازت ملي، تہ مان پنهنجي ڳوٺ ڪنڊياري وارو جنم جو گهر، جنهن کي موجوده رهاڪن پيچي پورا ڪري، ڪنڊر بڻائي رکيو آهي، ٻيهر ڪانئن ڪنهن بہ قيمت تي خريد ڪري، ان کي نئين سر اڏي وسايان ۽ زندگيءَ جا باقي بچيل ڏينهن گوپيءَ سان گڏ اتي اچي گهاريان. پنهنجي رک تي ويل جسم ۾ هڏين کي دولتپور جي پتڻ تي، سنڌوءَ ۾ پرواهہ ڪرڻ جي وصيت ڪري وڃان، هن وقت مان پنهنجيون سموريون سماجي ۽ ڪٽنبي ذميداريون بخوبي نباهي، پوريون ڪري چڪو آهيان. پنهنجو وصيت نامو تيار ڪري دفتر داخل ڪرائي چڪو آهيان ۽ واسطيدار لاڀڪارين (Beneficiaries) وٽ ان جا نقل محفوظ ڪري چڪو آهيان. هينئر مون مٿان نہ ڪا سماجي ذميداري ۽ نہ ڪنهن جو ڏيڻو وٺڻو آهي. پنهنجيءَ پونجيءَ جو پويون پئسو بہ پاڻ تي ئي خرچ ڪري وڃڻو آهيان ۽ پويان پنهنجي ڪفن دفن لاءِ بہ (اول خير) ڪيترو ئي ڪجهہ ڇڏي ويندس، جيئن پنهنجي زندگيءَ جو سڄو ليکو چوکو لاهي، هر ڪنهن سان حساب چُڪتو ڪري وڃان.

پر پنهنجي جنم واري ملڪ جي موجوده قاعدن قانونن هيٺ، مون کي اهو سڀ ڪرڻ جي اجازت ملندي الائي نہ؟ ڪنهن سرڪار وٽ منهنجي عرضي اگهامندي الائي نہ؟ دنيا جي ڪا عدالت منهنجي اها درخواست داخل ڪندي الائي نہ؟ ڪنهن ڪورٽ ڪچهريءَ ۾ منهنجي شنوائي ٿيندي الائي نہ؟ سنڌ جو شهري هئڻ جي ثبوت طور ڪنڊياري جي پي (P) (پيتامبر) هاءِ اسڪول جي پراڻن رجسٽرن ۾ اڃا بہ منهنجو نالو رڪارڊ تي هوندو. منهنجي پاسپورٽ تي بہ منهنجي جنم جو هنڌ 'ڪنڊيارو' درج ٿيل آهي. ڇا مون کي پنهنجو ئي پيدائشي گهر ڳنهي موٽائي وٺڻ جو حق نٿو پهچي؟ باقي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڪتنب جون هزارين ايڪڙ ٻنيون پلي جيڪو ڪيڙي سو ڪائي ۽ اسان جي ڏيري وارين ماڙين مٿان پلي ڪي مولون اچي پنهنجا ڪاڪ محل اڏين.

ڪاش! هن ڌرتيءَ تي ڪا اهڙي نياءُ ڪندڙ عدالت قائم ٿي سگهي، جيڪا پنهنجي گهر گهاٽ کان هر ڌڪاڙل کي 'ضمير جو قيدي' قرار ڏئي ۽ هن کي پنهنجن حقن کان وانجهي نه سگهي.

منهنجي پيءُ جو ملازمت ۾ ٻنهه من نه لڳندو هو. هو ڪي حيلا بهانا ڳولهي آفيس وڃڻ کان نٽائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته آفيس لاءِ تيار ٿي نڪرندو هو پر 'موڊ' نه هئڻ تي اڌ رستي تان ئي گهر موٽي ايندو هو. ڪڏهن ته ڪنهن پارڪ جي بينچ تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي رهندو هو. هر موسم ۾ آفيس ڪوٽ پائي ويندو هو ۽ هن جي ڪوٽ جي هڪ کيسي ۾ سگريٽن جو پئڪيٽ ۽ ٻئي کيسي ۾ ڪو ڪتاب هوندو هو. هو پاڻ کي هن نئين ملڪ جي ڌرتيءَ تي اڪيل اڪيل محسوس ڪندو هو. دادا ورهاڱي کان پوءِ به نوابشاهه ۾. منو آباد ۾، چانهين جي لڏيندڙ سيٺين کان، الائي ڇا سوچي هڪ وڏي جاءِ خريد ڪئي هئي ۽ نوابشاهه ڇڏڻ وقت پنهنجي دل گهرئي دوست لالي شيخ وٽ ان گهر جون چابيون امانت طور رکي آيو هو. منو آباد وارو علائقو چانهين جي سيٺ منوءَ آباد ڪرايو هو ۽ اتي شهر جو پهريون پاور هائوس (بجلي گهر) تعمير ڪرايو هو. هن معقول معاوضن تي اتي قابل انجنيئر رکيا ۽ ڪيترن هندو مسلمان ڪاريگرن کي ملازمتون ڏنيون. نوابشاهه ۾ ڪڏهن به ان ڏينهين بجليءَ جي ڪوٽ نه ٿيندي هئي ۽ نه ڪڏهن گهرن ۾ رستن جون بتيون وسامنديون هيون. هندو سيٺيون پنهنجن شهرن سان بيحد پيار ڪندا هئا ۽ انهن کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيندا هئا. ڪاڪو تلوڪچند روز شام جو چئين بجي کان سڄي موني بازار ۾ ڇڻڪار ڪرائيندو هو. ٻاهرين اچي نه رڳو شهر جو رنگ روپ بدلائي ڇڏيو آهي، پر اتي دوزخ جهڙي اُتت آڻي ڇڏي آهي. شيخ صاحب ٻڌايو ته اونهاري ۾ نوابشاهه جو درجہ حرارت (ٽيمپريچر) پنجاهه ڊگرين تائين پهچي ويندو آهي.

هڪ ذميدار گهر ڌڻيءَ جيان دادا هر پهرين تاريخ پنهنجي سڄي پگهار منهنجيءَ ماءُ جي هٿ تي اچي رکندو هو. (تن ڏينهن اجا چيڪن جو رواج نه هو ۽ پگهارون نقد روپين ۾ ملنديون هيون.) پاپي هن کي هر هفتي پنجويهه روپيا ڏيندي هئي، جيڪي هو ڪتابن، رسالن، وسڪيءَ ۽ سگريٽن تي خرچ ڪندو هو. هٿ جو ڪليو هئڻ باوجود هن لاءِ مهيني جا سو روپيا ڪوڙ هئا. (تن ڏينهن گوشت هڪ روپئي سير، سڄو گيهه چئين روپئي سير، ڪئپسٽن سگريٽن جو پئڪيٽ اٺين آني ۽ وسڪيءَ جي بوتل اٺين روپئي ۽ بيئر جي بوتل ٻارهين آني ملندي هئي.) اڄوڪو نسل ذرا ڌيان سان پڙهي.

دادا ڏينهون ڏينهن دنياداريءَ کان دور ٿيندو ويو. هن جو نه ڪو دوست هو نه دشمن. آهستي آهستي هن گهر ٻار مان به موهه ڪڍي ڇڏيو. هن جي رٽائرمينٽ ۾ اجا ٻه سال



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. پر ذهني طور هن پاڻ کي هر ڳالهه کان رٽائر ڪري ڇڏيو. آفيس مان ڪچيون پڪيون سڀ موڪلون پوريون ڪرڻ کان پوءِ، هن گٽ پگهار واريون موڪلون وٺڻ شروع ڪيون. ڪڏهن ڪڏهن تہ مهيني جي پهرين تاريخ پگهار واري ڏينهن مون کي اٿارٽي ليٽر لکي ڏيندو هو، مان هن جي آفيس وڃي پگهار وٺي ايندو هوس. هو سڄو سڄو ڏينهن پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نہ نڪرندو هو ۽ ليٽئي ليٽئي ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون پڙهندو هو ۽ حاشين ۾ ڳاڙهيءَ پين سان پنهنجا ريماڪس يا ترديدي جملا تحرير ڪندو رهندو هو. سانجهن جو پاپي هن کي پيگ پاٽي ناهي ڏيندي هئي ۽ اتفاق سان ان وقت مان گهر ۾ هوندو هئس، تہ مون کي بہ پاڻ سان گڏ ويهاري پنهنجو پيگ ٺاهڻ لاءِ چوندو هو. پيئڻ پيارڻ ۾ مان پنهنجي پيءُ جو سٺي ۾ سٺو ساٿاري هوس.

رٽائرمينٽ کان پوءِ منهنجو پيءُ ڇهہ سال حيات رهيو ۽ انهن ڇهن سالن ۾ هو رڳو ٻہ ڀيرا گهر کان ٻاهر نڪتو. هڪ ڀيرو پنهنجيءَ هڪ ئي ڀيڻ مينگهيءَ جي موت تي، هن جو منهن ڏسڻ ۽ ٻيو ڀيرو منهنجي شاديءَ تي، پيءُ جون رسمون نباهڻ. ٻنهي موقعن تي هو ڪلاڪ کان وڌيڪ نہ ترسيو ۽ هن پنهنجي لاءِ الڳ اوٽ موٽ جي ٽئڪسي بيهاري رکي. اڪيلائي هن کي عجيب سڪون ڏيندي هئي. مان سمجهان ٿو تہ هن دل کولي پنهنجي ڪمري ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهري رڳو هڪ ڀيرو شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽيءَ سان انتقال کان ٻہ سال اڳ ڪئي هئي.

بيروزگاريءَ مون کي خاصو مايوس ۽ دلشڪستو ڪري ڇڏيو هو. سرڪاري نوڪري نہ ڪرڻ جي فيصلي تي مان بضد هوس ۽ بي ڪا ڍنگ جي خانگي نوڪري نظر نٿي آئي. وڌيڪ پڙهڻ بہ پڳو ئي نٿي. يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي (ايڪنامڪس) ۾ داخلا وٺي آيو هوس، پر اقتصاديات جهڙي خشڪ موضوع ۾ منهنجو من نہ هو. ڪلاس گسائڻ ڪري ٽن مهينن اندر رول تان نالو ئي ڪٽجي ويو. گهران فيءَ جا پئسا وٺي، يونيورسٽيءَ جي ڪافي هائوس ۾ وڃي ويهندو هوس يا لائبريريءَ ۾ وينو ادبي رسالا پڙهندو هوس. انهن جڳهين تي وقت تہ گذري ويندو هو، پر اڪيلائيءَ ۾ صبا جي سار ستائيندي رهندي هئي. مون کي هميشہ اهو خوف رهندو هو، تہ هن جي درندہ صفت چاچن، مامن يا ڪن مائٽن هن کي ماري نہ ڇڏيو هجي. هن جي شهر ۾ وڃڻ جي همت نٿي ٿي. اوٽ موٽ دهريو (ناستڪ) هوندي بہ راتين جي اڪيلاين ۾ ڪنهن اڻ ڏٺل، اڻ ڇاتل تصوراتي هستيءَ آڏو هٿ جوڙي، هن لاءِ پرارٿنائون ڪندو هوس. گهڻا سال پوءِ جڏهن مون کي هن جي حيات هئڻ جي پڪي پختي ڄاڻ ملي، تہ ان وقت تائين مان لڳ ڀڳ زندگيءَ جي ان باب کي بند ڪري، هميشہ لاءِ وساري ويٺو هوس.

دادا جي رٽائر ٿيڻ کان اڳ ۾ مون کي ڪيٺن بہ ڪا آبرودار ملازمت هٿ ڪرٽي هئي. ان دوران منهنجي ننڍي ڀاءُ هاسي کي دهلي ڪلاٿ پيلس جهڙي وڏيءَ ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ملي ويئي. هو رات جو ڏهين کان صبوح ڇهين بجي تائين بائلر (Boiler) مشين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي فرنيس جو ٽيمپريچر جاچيندو ۽ هيٺ مٿي ڪندو هو ۽ ڏينهن جو ڪروڙي مل ڪاليج ۾ (B. Sc) آنرس جي فائينل سال جا ڪلاس اٽيند ڪندو هو. ساڳئي ڪاليج ۾ (B. Sc) جي پهرئين سال ۾ اميتاڀ بچن به پڙهندو هو. پر پڙهڻ کان وڌيڪ هو ڪاليج جي ڊرئميٽڪ ڪلب جي سرگرمين ۾ ڀرو وٺندو هو. هن جو والد هري ونش راءِ بچن مشهور هندي ڪوي هو ۽ اسڪولن ڪاليجن جي درسي ڪتابن ۾ هن جون ڪوبتائون پڙهايون ويندڙيون هيون. هتي جاڻ به ڏيندو هلان. ته اميتاب بچن جا سِک ناناڻا سنڌ جي ڏگهڙي ڳوٺ ۾ وڏا زميندار هئا ۽ پاروتڻ ۾ اميتاب ۽ هن جو ڀاءُ اجيتاب وئڪيشن وارو عرصو اڪثر ڏگهڙيءَ ۾ اچي رهندا هئا. شايد ان ڪري ئي اميتاب بچن کي سنڌ ۽ سنڌين سان خاصو لڳاءُ آهي. هن جي ڀاءُ اجيتاب جي زال حيدرآباد جي عامليائڻي آهي.

بيڪاريءَ مون کي ذهني خواهه جسماني طور جڻ مفلوج ڪري ڇڏيو خاص طور ننڍي ڀاءُ کي ڏينهن رات محنت ڪندو ڏسي، مون کي شرمساريءَ جو احساس ٿيندو هو ۽ وويڪ جا وَڌ مون کي وڍيندا رهندا هئا. هن عمر ۾ پٽ پيئرن کي ڏيندا آهن، ڪانئن وٺندا ناهن. هفتن جا هفتا مان پنهنجي پيءُ جي منهن تي ئي نه چڙهندو هوس. گهر جي ڇت تي صبوح جو ڏهين تائين سمهيو پيو هوندو هئس ۽ دادا جي آفيس وڃڻ کان پوءِ ئي هيٺ لهندو هوس. راتين جو به دير سان گهر موٽندو هوس ۽ رنڌڻي ۾ ڍڪي رکيل ٿڌي ٿي ويل ماني ڪڍهن کائيندو هوس. ته ڪڏهن بنا کائڻ جي ئي سمهي پوندو هوس.

هڪ ڏينهن شام جو مان پنهنجي ڳوناٽي ۽ ڪاليجي دوست اتم بيلاٽيءَ جي بجليءَ جي سامان جي دوڪان "ڪراچي اليڪٽرڪ ڪمپني" تي ويٺو هوس. اتي هن جي وڏي ڀاءُ نارائڻ بيلاٽيءَ جو هڪ ملتاني دوست به ويٺو هو. هو هندوستان جي وڏي ۾ وڏي اشاعتي اداري (Bennett Coleman and Co) "بينٽ ڪالمن ائنڊ ڪمپني" ۾ چيف اڪائونٽنٽ هو. ڳالهين ڳالهين ۾ هن چيو ته مون کي ڪنهن نوجوان ڪامرس گرئجويٽ جي آڊٽ اسسٽنٽ جي جڳهه لاءِ ضرورت آهي. ڪو اميدوار نظر ۾ هجيئي، ته ٻڌائج. اتم بيلاٽيءَ هڪدم مون ڏانهن اشارو ڪندو چيس: "هي منهنجو ڪنڊياري جو ڳوناٽي به آهي ۽ ڪاليج جو هم ڪلاسي دوست پڻ. فرسٽ ڊويزن ۾ بي ڪام آهي." مون کان به چار سوال پڇي، هن مون کي ٻئي ڏينهن دريا گنج پنهنجيءَ آفيس ۾ اچڻ لاءِ چيو. ٻئي ڏينهن وٽس پهچڻ سان هو مون کي ڪمپنيءَ جي ائنگلو انڊين مئنيجر جوزف مائيڪل ڊسوزا جي ڪمري ۾ وٺي ويو. مان پاڻ سان درخواست لکي ڪٽي ويو هوس. ڊسوزا صاحب منهنجي درخواست پڙهي پڇيو: "هي پاڻ لکي اٿيئي؟" چيومانس، "ها". چيائين انگريزي به سٺي اٿيئي ۽ هئنڊرائٽنگ به خوبصورت اٿيئي، ڏسڻ پسڻ ۾ به سٺو آهين (تن ڏينهن مان قنديل ڳتن وارو چڪنو هوس) ڪتان جو ويٺل آهين؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيومانس: ”سنڌ جو“ ”اوهه- تہ سنڌي آهين، پر پاتيا تہ پنجابي ٿيندا آهن.“ ڪلي چپائين: ”اڄ کان ٿي اچي، پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهہ. سنڌي هئڻ ٿي تنهنجي وڏي ۾ وڏي ڪواليفڪيشن آهي.“(سڄي گفتگو انگريزيءَ ۾ هلي رهي هئي.)

هن پنهنجي سيڪريٽريءَ کي سڏ ڪري منهنجو اپائيٽمينٽ ليٽر تيار ڪرڻ لاءِ چيو ۽ چانهہ جو آرڊر ڏنو. مون کي پاڻ سان وٺي آيل ملتاني مسٽر مترا حيرت وچان اسان ٻنهيءَ کي ڏسندو رهيو.

چانهہ دوران مسٽر ڊسوزا ٻڌائڻ شروع ڪيو. تہ هن پنهنجي آبائي شهر مئنگلور مان اچي، پنهنجي ملازمت جي شروعات ڪراچيءَ جي انگريزي اخبار ”سنڌ آبزرور“ ۾ رپورٽر جي جاب سان ڪئي ۽ ايڊيٽر مسٽر پُنيا (Punia) هن کي هڪ پيرو قائداعظم محمد علي جناح جي انٽرويو وٺڻ لاءِ موڪليو هو. پنيا هن کي سيٺ ڊالميا لاءِ سفارشي خط ڏنو ۽ هينئر هو هن جي ڪمپنيءَ جو مئنيجر آهي (هن جو داستان خاصو طويل هو.) موڪلائڻ مهل هن مون کي يقين ڏياريو تہ هن اخبار جي ڪمپنيءَ ۾ منهنجو مستقبل روشن آهي. (Bennett Coleman and Co) ٻن انگريزن مسٽر بينٽ ۽ مسٽر ڪالمئن ڀاڱيداريءَ ۾ سال 1838ع ۾، بمبئيءَ ۾، وڪٽوريا ٽرمينس ريلوي اسٽيشن جي سامهون هڪ شاهي بلڊنگ ۾ شروع ڪئي. هندوستان جي پهرين ٽرين پڻ بمبئيءَ جي ان اسٽيشن تان چاليهہ ميل ٿاڻا اسٽيشن تائين هلائي وئي. ڪمپنيءَ ان عمارت مان پهرين روزاني اخبار ”ٽائيمس آف انڊيا“ جاري ڪئي، جيڪا اڄ هندوستان جي وڏي ۾ وڏي انگريزي روزاني اخبار آهي ۽ ملڪ جي ڏهن شهرن مان شايع ٿيندي آهي. اڳتي هلي ان ڪمپنيءَ روزاني اخبار کان سواءِ هفتيوار ۽ ماهوار رسالا پڻ شايع ڪرڻ شروع ڪيا. جن ۾ السٽريٽيڊ ويڪلي آف انڊيا، فلم فيئر، فيمينا وغيره مقبول هفتيوار رسالا هئا. ملڪ جي ورهاڱي وقت جڏهن انگريزي ڪمپنيون هندوستان مان لڏو پٽڻ لڳيون، تہ انهن پنهنجا ڪيترا تجارتي ادارا سستي اگهہ ۾ هندوستاني سرمايادارن کي وڪڻڻ شروع ڪيا. بينٽ ڪالمئن ڪمپنيءَ جي موجوده انگريز مالڪن، ٽائيمس آف انڊيا اخبار هندوستان جي وڏن سرمايادارن مان هڪ مارواڙي سيٺ نند لال ڊالميا کي وڪڻڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري، جنهن لاءِ سيٺ ڊالميا مالڪن کي ڪورو (Blank) چيڪ صحي ڪري ڏنو. بلئنڪ چيڪ تي مالڪن ٻہ ڪروڙ روپيا پريا ۽ وڪري جي دستاويزن ۾ درج ڪيو ويو تہ انهن ٻن ڪروڙن ۾ هڪ ڪروڙ ڪمپنيءَ جي سڄي بلڊنگ، پلانٽ ۽ مشينري ۽ ٻي قائم مقام جائداد ۽ وسيلن جي قيمت آهي ۽ هڪ ڪروڙ رپيا ڪمپنيءَ جي نالي ”بينٽ ڪالمئن ائنڊ ڪمپني“ جي Good will (ناموس ۽ ناماچار) جي قيمت آهي، جيڪا نوان مالڪ رڳو ايندڙ پنجويهہ سالن تائين ئي استعمال ڪري سگهندا ۽ ان مقرر معياد کان پوءِ خريدار ڪمپني اهو نالو ڪتب نہ آڻي سگهندي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمپنيءَ جي خريديءَ جي پنجن ڇهن سالن اندر سيٺ نندلال ڊالميا کي جعلسازيءَ جي ڪيس ۾ ست سال ٽيپ اچي ويئي. هن جهاز رانيءَ جي هڪ جعلي ڪمپني رجسٽر ڪرائي. بنا ڪو جهاز خريد ڪرڻ جي اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ لکين روپين جا ڪوڙا شيئر وڪيا ۽ سڄي رقم هڙپ ڪري ويو. هن جي ملڪ جي وزيراعظم محمدعلي جناح سان ذاتي دوستي هئي. نئين دهليءَ جي اورنگزيب روڊ تي ڊالميا ۽ جناح جا رهائشي بنگلا گڏيل هئا ۽ ڊالميا پڪو وشنو هوندي به جناح سان گڏ ويهي ماني کائيندو هو. جناح صاحب جي ئي سجهاءَ تي، هن ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ ۾ ڊرگ روڊ تي هندوستان جو پهريون سيمينٽ جو ڪارخانو کوليو هو. مون کي ڄاڻ ناهي، ته سيمينٽ جو اهو ڪارخانو ڪراچيءَ ۾ اڃا آهي الائي نه؟

سيٺ نندلال ڊالميا کي نوَ (9) زالون هيون. جيڪي هندوستان جي هر صوبي جون رهاڪو هيون. انهن مان هڪ وڏ گهراڻي مسلمان سيدياڻي پڻ هئي. هن نئين دهليءَ جي امير ترين علائقن ۾ هر زال لاءِ ٻن ايڪڙن ۾ ڦهليل وسيع بنگلا خريد ڪري، کين انهن جا مالڪاڻا حق ڏيئي ڇڏيا هئا. ڊالميا تمام پستہ قد ۽ سنهڙو سيپڪڙو شخص هو. هن جي چهري جو رنگ ڏامر جهڙو هو. هن لاءِ چيو ويندو هو، ته جي هو پنهنجي منهن تي 'سنو وائيٽ' جي ڪريم مکي، ته اها به بوٽ پالش ۾ بدلجي ويندي.

پنهنجيءَ اسيريءَ دوران ڊالميا "ٽائيمس آف انڊيا" واري ڪمپنيءَ جون واڳون پنهنجي وڏيءَ نياڻيءَ (پهرينءَ زال جي ڌيءَ رماجين جي خاوند) نجيب آباد جي ساهو شانتي پرساد جين جي هٿ ۾ ڏيئي ويو. رهائيءَ بعد سيٺ ڊالميا نهايت ئي اداسائي ۽ ملولائيءَ وارين حالتن ۾ جلد ئي وفات ڪئي. هينئر ڪمپني ساهو جين ڪٽنب جي ٽين پيڙهيءَ جي هٿ ۾ آهي ۽ رڳو ان جي بمبئيءَ واري بلڊنگ لاءِ امباڻي گروپ بلئنڪ چيڪ ڏيڻ لاءِ تيار آهي. ڊالميا جي امانتدار ڌيءَ رماجين جي ساهتيہ ۽ ساهتڪ سرگرمين ۾ بيحد دلچسپي هئي. هن هندوستان جو وڏي ۾ وڏو ساهتڪ ايوارڊ "ڀارتيہ گيان پيٺ ايوارڊ" نالي جاري ڪيو جيڪو اڄ تائين ڀارت جي چاليهہ کن ليکڪن ليکڪائن کي ملي چڪو آهي. اردو اديبہ قرت العين حيدر (عيني) ۽ امرتا پريتم اهو ايوارڊ حاصل ڪري چڪيون آهن. جنهن سال سنڌي ساهتيہ جو اهو ايوارڊ سداحيات نارائڻ شيام کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو، ته ايوارڊ ڪميٽيءَ جي اسان جي ئي هڪ ويجهڙائيءَ ۾ فوت ٿيل اسڪالر ميمبر ان خلاف احتجاجي (Dissent) نوٽ لکي، ان کي تارپيڊو ڪري ڇڏيو ۽ ايئن سنڌي ساهتيہ لاءِ آبرودار ايوارڊ ملندي ملندي رهجي ويو ۽ حقدار هليا ويا.

هن ننڍي کنڊ جا وڏا صنعتڪار پنهنجن بنيادي صنعتي ادارن ۽ تجارت کان سواءِ پنهنجي هٿ ۾ هڪ عوامي هٿيار پڻ رکڻ چاهيندا آهن ۽ اهو هٿيار اخبار جي صورت ۾ هوندو آهي. خاص ڪري جمهوري نظام ۾، جتي اخبار (News Paper) هڪ موثر ۽ زوردار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرياتي ڦهلاءَ وارو آواز هوندو آهي. پنهنجي ضابطي هيٺ آندل اخبارن کي هو پنهنجن اقتصادي خواهه سياسي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مذهبي ۽ ڌرمي پاليسين جي پرچار جو واهڻ ڪري استعمال ڪندا آهن. هندوستان ۾ جرنلزم (اخبار نويسي) پهرين هڪ (Mission) ”ڪار خدمت“ جي مقصد طور شروع ڪئي ويئي، ان بعد اها وڏندي وڏندي تجارتي ڪاروبار بڻجي ويئي ۽ اڄڪلهه اها مڪمل انڊسٽري (صنعتڪاري) آهي. هڪ اهڙي صنعتڪاري، جنهن ۾ ڪچو مال (Raw Matcrial) صحافين ۽ تخليقڪارن جو ذهني ۽ دماغي پورهيو آهي. سرمايادار ۽ سياستدان ۽ ڪي مذهبي پيشوا ڪن ويڪائو صحافين جي ذهنن ۽ ضميرن کي، ڪڏهن سستي ۽ ڪڏهن مهانگي اگهه تي خريد ڪري وٺندا آهن ۽ ضمير فروش صحافي وقت جي فرمانروائن ۽ مالڪن جا نمڪ خوار بڻجي، سندن پُڇ لٽڪائو بڻجي ويندا آهن. ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب خواهه اخبار نويسيءَ ۾ اهڙن چُٽن جي کوٽ نه رهي آهي، جن کي چٽ ڏيئي ڪڏهن به ڪاٺ ڪلهي تي کڻائي سگهجي ٿو.

نامور اديب مشفق خواجه پنهنجيءَ ڪنهن تحرير ۾ هڪ دلچسپ واقعو بيان ڪيو آهي:

سال 1969ع ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان جڏهن ملڪ مان مارشل لا هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ته ان جي اعلان لاءِ هن اڳيئين شام ايوان صدر ۾ پريس ڪانفرنس ڪوٺائي. ڪانفرنس دوران هڪ اردو اخبار جي چاپلوس ايڊيٽر ايوب خان کي چيو: ”حضور آپ ني مارشل لا اٺاني ۾ ڪڇ جلدي ڪردي، حالانڪ اس ملڪ ڪو اور دس سال مارشل لا ڪي ضرورت تهي.“ ايوب خان وراڻيس: ”آپ يهي بات ڪل اپني اخبار ۾ لک ديجئي پرسون مئن ڦرسي مارشل لا لگا ديتا هون.“

فرنگي حڪومت جي سرپرستيءَ هيٺ سندن خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪ جي ان وقت جي وڏن سرمايادارن ۽ صنعتڪارن، انگريزي روزانيون اخبارون جاري ڪيون. ڪلڪتي جي سڻيءَ (Jute) جي ڪارخانن جي مالڪ سيٺ گهنشيامداس برلا، جيڪو ان وقت (Jute King) سڻيءَ جو بادشاهه سڏيو ويندو هو، دهليءَ مان هندوستان ٽائيمس (Hindustan Times) جاري ڪئي، جنهن جو پهريون ايڊيٽر سنڌي اڳواڻ آنجهاني جٺرام داس دولت رام هو. (منهنجن صحافت وارن ڏينهن ۾ ان اخبار جو ايڊيٽر مهاتما گانڌيءَ جو وڏو پٽ ديوداس گانڌي هو، جيڪو اعمالن پنهنجي پيءُ جي بنهه برعڪس هو.) جهاز رانيءَ ۽ فولاد جي صنعتن جي مالڪ (Steel King) مسٽر جي آر ڊي ٽاٽا (JRD Tata) انگريزن کان (Statesman) اخبار خريد ڪئي، جنهن جو پهريون ايڊيٽر مسٽر ايرانيءَ کي مقرر ڪيائين. سيمينٽ ڪنگ نند لال ڊالميا ٽائيمس آف انڊيا خريد ڪئي، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان. ٽيڪسٽائيل ڪنگ (Textile King) سيٺ رام مانٽ گوئنڪا ”انڊين ايڪسپريس“ (Indian Express) اخبار شروع ڪئي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو پهريون ايڊيٽر چيلاپتي راؤ (Chellapati Rao) مقرر ڪيو ۽ اڳتي هلي ڪراچيءَ جو شگر ڪنگ (Suger King) سيٺ عبدالله هارون پڻ سرمايادارن جي گروهه ۾ اچي شامل ٿيو ۽ ڪراچي ۽ دهليءَ مان روزاني (Dawn) اخبار جاري ڪئي. ورهاڱي تائين ڊان جي دهلي ايڊيشن جو ايڊيٽر مسٽر الطاف گوهر رهيو جيڪو اڳتي هلي فيلڊ مارشل ايوب خان جو انفرميشن سيڪريٽري مقرر ٿيو.

جمهوري ۽ سيڪيولر هندوستان ۾ جرنلزم کي (Fourth State) (چوٿين رياست) واري حيثيت حاصل آهي، جتي نو هزار روزانيون اخبارون شايع ٿينديون آهن، جن ۾ اڍائي هزار انگريزي روزانيون آهن. منهنجي ٽائيمس آف انڊيا ۾ ملازمت، ته آڊٽ اسسٽنٽ طور شروع ٿي، پر مون کي پنهنجي پيشورانه زندگيءَ کي موڙ ڏيئي، صحافت جي لائين اختيار ڪري، قلم جي ڪمائيءَ کي پنهنجو ذريعه روزگار بڻائڻو هو.

دهلي اسڪول آف جرنلزم طرفان يونيورسٽيءَ ۾ شام واري شفٽ ۾ جرنلزم جو ڪورس شروع ڪيو ويو هو جنهن ۾ داخلا لاءِ سخت تحريري امتحان هوندو هو. ٻن اڍائي هزارن اميدوارن مان رڳو پهريون هڪ سو داخلائون ڏنيون وينديون هيون. امتحان ۾ منهنجو ٻارهين نمبر تي نالو آيو. ٻن سالن ۾ جرنلزم جو ڪورس ڪري، فرسٽ ڊويزن ۾ ڊگري ورتي، ٽائيمس آف انڊيا ۾ پهريون سال تربيت پذير (Trainee) سب ايڊيٽر ڪم رپورٽر طور مون پنهنجي صحافتي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. ڪورس دوران ٽائيمس جي سابق ايڊيٽر راڻا جنگ بهادر سنگهه ۽ تربيت دوران ايڊيٽر گري لال جين مون سان ڏاڍا ڀال ڀلايا. گري لال نه رڳو تربيتي مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ئي منهنجي عهدي کي پڪو ڪيو، پر معقول اضافو پڻ ڏنو. پنهنجي صحافتي زندگيءَ جا آزمودا اڳتي هلي بيان ڪندس.

ٽائيمس آف انڊيا جي آفيس مان، آڊٽ اسسٽنٽ جي ملازمت وارن پهرين ويهن ڏينهن جي مليل پگهار جي هڪ سو سٽر روپين جي رقم کيسي ۾ وجهي، مان سڌو ڪناٽ پيلس پهتس. هڪ وڏي اسٽور تان مون پنهنجي پيءُ لاءِ ٻارهن روپين ۾ پارڪر جي فائونٽين پين خريد ڪئي. نرولا وائين شاپ تان سورهن روپين ۾ دادا لاءِ اسڪاچ جي بوتل ورتي، سليم ڪبابيءَ جي دوڪان تان شامي ۽ شيخ ڪباب ورتا ۽ ٽئڪسي ڪري سڌو گهر آيس. سڀ شيون ۽ پهرينءَ پگهار جي بچيل رقم پنهنجي پيءُ جي پلنگ تي اچي رکيم. دادا ڏسي وائڙو ٿي ويو. پڇيائين:

"هي سڀ ڪٿان آندو اٿيئي؟"

"پنهنجيءَ پهرينءَ پگهار مان."

"پگهار۔ ڇا ڪا نوڪري ملي اٿيئي؟"

"ها."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪٿي؟“

”ٽائيمس آف انڊيا اخبار ۾ـ آڊٽ اسسٽنٽ جي جاب ملي اٿم. اڄ ٻهرين ويهن ڏينهن جي پگهار ملي اٿم.“ منهنجو پيءُ وڏيڪ حيرت وچان مون ڏانهن ڏسڻ لڳو.

”پر توکي ٽائيمس آف انڊيا جهڙي وڏيءَ اخبار ۾ نوڪري ڏني ڪنهن؟“

”جنهن ڏني آهي، تنهن ضرور مون ۾ ٻه ڪٽيون ڏٺيون هونديون.“ مون ڪنڌ جهڪائي چيو. دادا پلنگ تان اٿي پيريل اکين سان مون کي پاڪر پاتو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٺونجاهون پنو

ڏاڍي ڏچي ۾ آهيون. ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه ڪلاڪ بجلي هلي ٿي وڃي. بجلي بند ٿيڻ سان رهائشي ڪامپليڪس جي پاڻيءَ جي مشين به بيهجي ٿي وڃي. صبوح جو اٿي منرل واٽر جي بسليريءَ جي بوتل سان منهن ۾ ترو ڏوئڻو پيو آهي. بسليريءَ جي هڪ لٽر جي بوتل ٻارهن روپين ۾ وڪامجي رهي آهي. صبوح جو سوچ ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي بدران ٽشو پيپر استعمال ڪرڻو ٿو پوي.

آمريڪي صدر ٽرومن جڏهن انگلينڊ جي وزيراعظم چرچل کي چيو: "گهڻي ئي سال حڪومت ڪئي اٿوَ هاڻي هندوستانين کي آزادي ڏيو." ته هن وراڻيو: "مان هنن کي آزادي ته ڏيان, پر هيءَ هڪ اهڙي مخلوق آهي, جيڪا آزادي ملڻ سان پنهنجي (Ganges) (گنگا ندي) جو پاڻي به وڪڻي ڇڏيندا."

چرچل جي اڳڪٿي صحيح ثابت ٿي آهي. اڄ گنگا جل جي هڪ لٽر جي بوتل ويهين روپئي ۾ ۽ 'گنگا' نالي منرل واٽر جي بوتل, جنهن ۾ گنگا نديءَ جو نه, پر ميونسپالٽيءَ جي نلڪن جو پاڻي ڪاڙهي ۽ ٺاري, بوتلن ۾ پيري, بي شرميءَ سان دوڪان ۽ پنوارين وٽ ٻارهين روپئي ۽ هوٽلن ۾ پنجاهه روپئي في بوتل وڪامجي رهيو آهي.

اڄ رات هيءَ قسط لکڻ وقت گهر جي نلڪن ۾ پاڻيءَ جو ڦڙو ڪونهي, فرج ۾ رکيل ٿڌي پاڻيءَ جي هڪ به بوتل ناوَ نوشيءَ ۾ پوري ٿي ويئي. بيئر جي بوتل ڪڍي, منهن ڌوئي, رات جو ٻارهين بجي هي سٽون لکي رهيو آهيان.

هيءَ عجيب ملڪ آهي, جتي شراب پاڻيءَ کان وڌيڪ ميسر آهي. دهليءَ جي جمنا سُڪي ويئي آهي ۽ پرواري صوبي جي متاري مينهن جهڙي سربراهه راجڌانيءَ واري شهر کي گنگا جو پاڻي ڏيڻ کان انڪار ڪري رهي آهي ۽ هتان جي محترمه وزيراعليٰ ان ترڳندڙ مينهن ۽ مينهن جي اندر ديوتا کي پاڻي ورسائڻ لاءِ ايلاز ڪري رهي آهي.

ملڪ ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي ويئي آهي. نيوٽن جو سائنسي نقطو ته "جيڪا شيءِ مٿي چڙهي ٿي, اها لازمي طور هيٺ لهي ٿي." روزمره جي ضرورتن جي اڳهن سان لاڳو نٿو ٿئي. هيڪر چڙهڻ واري چيز چڙهندي چڙهندي قطب مينار کي به هيٺ ڪري ڇڏيو آهي, پر ماڻهو آهن جو مُڙن ئي نٿا. اڄ به مندرن ۾ ٽڪاڻن ۾ گهنڊ گهڙيال وڄائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا آهن. مورتين ۾ ٻُتن مٿان سچي گيهه جون لوٽيون، ڪير جون دکيون ۾ چانورن جا ڍُڪ پيري وجهي رهيا آهن. جڏهن تہ ديسي گيهه ڏيڍ سو روپئي ڪلو ڪير ويهين روپئي لٽر ۾ باسمتي چانور چاليهين روپئي ۾ مدراسي سيلا جنس ٻاويهين روپئي ڪلو تي اچي پهتي آهي.

ماٺهو پاڻ بکون ڪڍي، ورت رکي بہ مٽن جي مقدار ۾ مٿانئن گيهن جون دکيون ۾ کيرن جا دلا چاڙهي رهيا آهن. پر پوءِ بہ ديوِيون ديوتائون راضي نٿا ٿين. ڪالهہ موسلادار مينهن ۾ شروع نو راترا جي ڏڻ تي نئنا ديويءَ جي پهاڙي مندر ۾ پيهہ جي پلتجي پوڻ ڪري ڏيڍ سو ماڻهو موت جو بک ٿي ويا ۽ ٽن سون کان وڌيڪ سخت زخمي ٿي پيا آهن. ايترين پوڄائن. پرارٿنائن ۽ پرستش جي باوجود ديوي ماتا کين بچائي نہ سگهي. ياج ۾ چيٽارجي وڃڻ وارن ۾ اڪثريت عورتن ۽ معصوم ٻارن جي آهي. گذريل ٽن سالن ۾ مندرن ۾ ٺڪاڻن ۾ ٿيل اهو سترهون حادثو آهي، جن ۾ هيل تائين پنج سوَ کان بہ وڌيڪ ماڻهو مري چڪا آهن. اسان جي سنڌي ليکڪا ڪملا گوڪلاڻيءَ جي والد جو مرتيو بہ هردوار جي ڪنڀ ۾، هڪ اهڙي ئي پيل پاڄ ۾ چيٽاڙجي وڃڻ واري حادثي ۾ ٿيو. اهڙي ئي مذهبي ديوانگي پر واري ڏار ٿي ويل ملڪ ۾ آهي. اسان اجا ڪڏهن سڌرنداسين؟

ٻہ هفتا اڳ ڪراچيءَ مان موٽيو آهيان. سنڌ ۾ شين جون قيمتون ۽ ٻيءَ هر شيءِ جا چوٽ چڙهيل اگهہ ڏسي اکيون چرخ ٿي ويون. چانور سوا سوَ روپئي، اٽو ٽيهين روپئي، گوشت ٽي سو روپيا ڪلو ۽ ڪڪڙ جو آنو پنجين روپئي ٻڌي حيراني وٺي ويئي. (ڪجهہ ئي عرصو اڳ پنجين روپئي ۾ سچي ڪڪڙ ملندي هئي.) پوءِ بہ دوستن دل کولي دعوتون ڪيون، مانيون جهليون. جلسا جشن ڪيا ۽ محبتون مان ۽ عزتون ڏيئي اکين تي ويهاريو. ايتري مهانگائي بہ سندن مهمان نوازيءَ ۾ مخل نہ ٿي سگهي.

مون گذريل ويهن پنجويهن سالن کان سنڌ جي سوين دلبر دوستن جون مهمانيون ماڻيون آهن. سيني پرتيوانن مون کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. منهنجا سڀ انگل آرا سنا آهن. منهنجيون سڀ فرمائشون ۽ طلبون پوريون ڪيون آهن. مان پنهنجن انهن سيني دل گهرين جي احسانن جا تفصيل وقت وقت ۽ جاءِ جاءِ تي تحرير ڪندو رهندس، پر انهن کان اول مون کي سال اسيءَ جي سخت مارشل لائي دور واري سنڌ جي پهرئين دوري جي انيون ۽ آزمودن جو تفصيلي احوال ايندڙ پنن ۾ لکڻو آهي، جن جي هر پني جي هر سٽ جا حق واسطا هاڻي مان پنهنجي دل گهرئي دوست سليم ميمڻ وٽ محفوظ ڪري آيو آهيان. سليم سائينءَ پويان ٻيئي پيرا منهنجو جهڙو ۽ جيترو خيال رکيو آهي ۽ جا سهوليت مون لاءِ ميسر ڪئي آهي، اها پنهنجن سان ڪي ليکا نہ هئڻ هوندي بہ ڪڏهن وساري نہ سگهندس ۽ اهي منهنجي 'وهي ڪاتي جي بنديءَ' جي ساڄي صفحي (Credit Page) تي چٽن انگن اکرن ۾ درج ٿيل آهي. هو مون مٿان بس آخري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احسان اهو ڪري، تہ مون کي منهنجي ڳوٺ واري اها جاءِ، جتي مون جنم ورتو هو، ڪيئن بہ واپس ولرائي ڏئي، جيئن مان ڪڏهن ڪجهہ وقت اتي اجازت ملڻ جي مُدي تائين اچي رهي سگهان. پنهنجي ئي ان گهر جي موتايل مالڪيءَ لاءِ مان ڪيتري بہ قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.

منهنجيون سنڌ جي دوستن سان اهڙيون حجتون شايد ان ڪري آهن، جو گذريل ٽيهن چاليهن سالن کان منهنجا سنڌ مان ايندڙ دوست، دهليءَ ۾ سڀ کان پهرين مون سان ئي ملندا رهيا آهن. تن ڏينهن اسان وٽ نہ وڏا گهر هئا ۽ نہ ايتري مالي آسودگي هئي، پر دليون ڪشاديون هيون. تن ڏينهن ايندڙ دوست اڄ جيان نہ هوٽلن ۾ رهڻ جا خرچ برداشت ڪري سگهندا هئا ۽ نہ ئي هو ايترا سهوليت پسند هئا. هو اسان جن سوڙهن سڪوڙن ٻن ادائي ڪمرن وارن گهرن ۾، گهر جي ڀاتين جيان سمائجي ويندا هئا. طارق اشرف، عمر قاضي، نوراحمد ميمڻ، ناصر مورائي، تنوير عباسي، تاجل بيوس، رڪيل مورائي ۽ جام ساقي وغيره جهڙا پيارا دوست اسان جي گهرن ۾ ڪڏهن مهينا، ڪڏهن هفتا، تہ ڪڏهن ڏينهن جا ڏينهن اچي رهندا هئا. اسان جون اهي محفلون ۽ سنڌن آجياڻي ۾ ڪيل ڪچهريون ۽ رنداڻيون رونق ڀريون دعوتون اڄ يادگار بڻجي چڪيون آهن. ناصر ۽ تنوير جهڙا دلبر اسان جي گهر جا ڀاتي بڻجي چڪا هئا، منهنجي ماءُ کين پنهنجن پٽن جيان پيار ڏيندي هئي. تن ڏينهين نہ سنڌي اڪادميون هيون ۽ نہ سنڌيءَ جون قومي ڪائونسلون هيون ۽ نہ انهن جون ڪروڙن جون بجيٽون هيون، جيڪي سنڌ جي دوستن کي ادبي سيمينارن لاءِ دعوتون موڪلي گهرائن ۽ کين هوٽلن ۾ رهائي هوائي جهازن ۾ هندوستان جا دورا ڪرائن. اڄ حالتون بدليل آهن. اڄ ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن ۾، ۽ اتي اعلان ٿيندڙ ايوارڊن ۽ انعامن اڪرامن ۾، اسين پنهنجن سنڌ جي سڄڻن کي ٻڙ شامل ڪري رهيا آهيون، هو هاڻي اسان جو حصو بڻجي چڪا آهن ۽ سالن جون ساهتڪ ۽ ثقافتي سرحدون هاڻي ٻي معنيٰ بڻجي چڪيون آهن. اول خير! اهي اڳتي هلي ڊهي، سڌو پٽ تي وينديون.

هاڻي هِتي ۽ هُتي اسان جا اڪثر آديسي اتي ويا آهن، پر سنڌن ساروڻيون اسان رهجي ويل امانتدارن جي سينن ۾ اجا بہ سانڍيل آهن. اسان کي اڄ بہ سنڌ وارا دوست ايتري ئي سڪ ڏيئي رهيا آهن، ڪي رنا آهن، تہ ڪڏهن پرچي بہ پوندا، ڊنا آهن، تہ ٺهي بہ پوندا، پر اسان پنهنجيءَ ٻَر ۾ سواءِ سٽن ۽ گهٽگهرن دوستن جي ٻيو ڪجهہ تي ئي نتا سگهون.

"ٽائيمس آف انڊيا" جي ملازمت ۾ ٽائنيڪو تي ويهڻ سان ڏينهن ڏاڍا خوش ۽ خوشحال گذرڻ لڳا. ٻن سالن اندر ئي اڪائونٽنس ۽ آڊٽ جي انگن اکرن ۾ الجهندي الجهندي، انهن کان پاڻ ڇڏائي ٻاهر نڪري آيس ۽ پنهنجي من پسند پيشي جرنلزم ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهني تازگي ۽ توانائيءَ سان پاڻ کي هم آهنگ ڪري ورتم. ڪامرس گرئجويٽ هئڻ ڪري مون کي اخبار جي ڪامرس ڊيسڪ تي رکيو ويو.

روزاني اخبار ۾ ڊيسڪ ۽ رپورٽنگ ٻه الڳ شعبا هوندا آهن. لوڪل پيج، جنهن کي ميٽرو پيج به چيو ويندو آهي، اهو مقامي رپورٽن جي حوالي هوندو آهي، جنهن ۾ هڪ چيف رپورٽر ۽ سندس ماتحت اٺ ڏهه (يا وڌيڪ) اسٽاف رپورٽر هوندا آهن. هر رپورٽر کي پنهنجي پنهنجي (Beat)، جهڙوڪ: جرم ۽ پوليس (Crime Reporting)، ڪورٽ ڪچهري، آگ زني، ڌاڙ زني، جلسا جلوس، گناهه جا اڏا، چڪلا ۽ جسم فروشي، آرٽ ڪلچر ۽ لٽريچر، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي سرگرميون، فلمون ۽ ٿيئٽر ۽ ٻيو به ڪيترو ئي ڪجهه شامل هوندو آهي. ان کان سواءِ نيوز بيورو (News Bureau) هوندو آهي، جنهن جو سربراهه چيف آف بيورو ۽ همراهه خصوصي نمائنده ۽ نامه نگار هوندا آهن ۽ اهي خبر رسان ايجنسين سان رابطي ۾ هوندا آهن. ايڊٽ پيج تي ايڊيٽر کان سواءِ اداريه لکڻ وارا اسسٽنٽ ايڊيٽر هوندا آهن، جن کي صبوح واريءَ ميٽنگ ۾ لکڻ لاءِ موضوع ڏنو ويندو آهي. هتي اهو واضح ڪرڻ ٿو چاهيان، ته روزاني اخبار ۾ چيف ايڊيٽر جو عهدو ايڊيٽر کان گهٽ هوندو آهي.

ڪامرس ۽ اسپورٽس به اهڙا ڊيسڪ آهن، جن ۾ سب ايڊيٽر کي ايڊيٽنگ سان گڏوگڏ رپورٽنگ پڻ ڪرڻي پوندي آهي. مان ٽائيمس آف انڊيا جهڙيءَ مشهور اخبار ۾ سب ايڊيٽر ڪم رپورٽر جي سينيئر گريڊ تي مقرر ٿي ويس. گهمڻ جو گهمڻ هو لکڻ جو لکڻ هو ٻئي ڪم منهنجيءَ دل وٽان هئا.

رنڊي ۽ جرنلسٽ جو ڏنڊو سچ لڻي کان پوءِ ئي شروع ٿيندو آهي ۽ ان پيشي ۾ پختو ڪرڻ لاءِ نئين رنگروٽ کي، مهيني ٻن لاءِ، هر ڊيسڪ ۽ فيلڊ ۾ تربيت ڏني ويندي آهي، جيئن هنگامي حالتن هيٺ هن کان ڪنهي به ڪم وٺي سگهجي. سڀ کان ڏکيو ۽ ذميواري وارو ڪم ميٽرو پيج جي رپورٽنگ (اسٽوري) هوندي آهي. پهرئين ئي هفتي، مون کي نائيٽ شفٽ ۾ پيج ٽري (ميٽرو) تي رکيو ويو. ان صفحي ۾ مڪاني خبرن ۽ وارداتن کان سواءِ رات جو ٻارهين بجي ايڊيشن بند ڪرڻ کان اڳ ۾ فائر برگيڊ کي فون ڪري پڇڻو پوندو هو ته شهر ۾ ڪٿي ڪا باهه ٻاهه ته نه لڳي آهي؟ جي لڳي هوندي، ته فون تي ئي رپورٽ لکي وٺبي هئي.

ڊيوٽيءَ جي پهرينءَ ئي رات مون فائر برگيڊ اسٽيشن کي ٻارهين بجي فون ڪري ذرا رعب سان چيو: "ديکو! مئن ٽائيمس آف انڊيا سي بول رها هون.... فون ڪٽنڌڙ شايد ننڊ ۾ جهونٽا کائي رهيو هو. ننڊ ڦٽڻ تي گهبرٽن واري ڪاوڙيل آواز ۾ چيائين. "مادر_ (ماءُ تي گار) ٽائيمس آف انڊيا سي بول رها هئه تي تيرا ڊبل___ هئه ڪيا؟ ڪوئي آگ واگ نهين لگي- يي پترڪار ٻين...." چئي ڌڪ سان فون رکي ڇڏيائين. مون پگهر اگهي پيج پريس ۾ موڪلي ڏنو. اخباري پيشي ۾ اهو منهنجو پهريون آزمودو هو. ٻئي ڏينهن جڏهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ايڊيٽر کي رات وارو واقعو ٻڌايم. ته ٺهڪ ڏيئي چوڻ لڳو: ”بيٽا اڃا ته شروعات اٿيئي. ڪڏهن فسادن واريون وارداتون ڪَوَر ڪنديـ ته ساهه مُٺ ۾ هوندءِ.“

ڪرسمس (Eve) جي ڏينهن چيف رپورٽر چيو: ”اڄ رات ڪناٽ پليس وچ ۾ ڪرسمس جي چهل پهل واريءَ رات، جي دلچسپ اسٽوري اچي فائيل ڪر.“ مون نرملا بار مان بيئر جون ٻه بوتلون چاڙهي، ڪناٽ پليس ۽ جن پٿ (Janpath) جا چڪر ڏيڻ شروع ڪيا. ڇورا ڇوريون ڇتا لڳا پيا هئا. رستن ۽ پارڪن ۾ ياڪرن ۾ ٻوس و ڪنار جا دلڪش ۽ آتش فشان منظر هئا. هر منظر بهشت جو ڏيک ڏيئي رهيو هو. مون پڻ ٽن جوڙن سان ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي، پر هو پنهنجيءَ ئي هستي مستيءَ ۾ مگن هئا. جوڪائيءَ جا چڪر ڏيئي، ٻارهين بجي ڌاري مون پنهنجي ڊيسڪ تي اچي اسٽوري لکڻ شروع ڪئي. اهڙيون رونقون ڏسڻ کان پوءِ تصور ۾ تصويرون قلم جو ساٿ ئي نه پيون ڏين. هڪ منظر ٻئي سان وچڙجي پئي پيو. جيئن تيئن ڪري هزار کن لفظن جي اسٽوري تيار ڪري، پنجابي چيف رپورٽر بالي صاحب کي ڏنم. اسٽوري پڙهي باليءَ ٺيٺ پنجابيءَ ۾ چيو: ”ڪاڪا، تو مئن تون پنجابي وچ سمجها ڪه تو لکيا ڪي هئه. تي سٽوري مئن لک ديا گان.“ غالب جو شعر ياد اچي ويو:

”سينۂ شمشير سي باهر هئه دم شمشير ڪا.“

صحافت جي سيني (Beats) تي پنهنجو تربيتي مدو پورو ڪري مان پڪيءَ طرح اخبار جي ڪامرس ڊيسڪ تي ٿانئيڪو ٿي ويٺس. ٽن شفٽن ۾ پنج ايڊيشن شايع ٿيندا هئا ۽ مون کي واري واري سان هڪ هڪ شفٽ ۾ ڪم ڪرڻو پوندو هو. جن ۾ هڪ نائيٽ شفٽ شام جو ستين کان رات جو ٻارهين تائين ٻه ڪرٽي پوندي هئي. ڊيسڪ انچارج چيف سب ايڊيٽر کان سواءِ چار سب ايڊيٽر هئاسين، جن ۾ مان سينيءَ ۾ جونيئر هوس.

ٽن ڏينهن هندوستان اسٽئنڊرڊ اخبار لاءِ حشو ڪيولراماڻي هفتيوار ڪالم (Pakistan X- rayed) لکندو هو. حشوءَ جي انگريزي تمام چٽي هئي ۽ هن جو اهو ڪالم تمام مقبول هو. مان حشوءَ جو اهو ڪالم بيحد دلچسپيءَ سان پڙهندو هوس ۽ اسان ٻيئي اڪثر ان بابت بحث مباحثو ڪندا هئاسين. حشوءَ جي ان ڪالم مون کي پاڪستان جي سياسي، سماجي ۽ ساهتڪ ماحول سان روشناس ڪرايو ۽ مان پاڪستان افيئرس تي شايع ٿيندڙ سڀ ڪتاب ۽ رسالا يا خريد ڪندو هئس ۽ جي خريد نه ڪري سگهندو هوس، ته لائبريريءَ مان وٺندو هوس. طارق علي ۽ هن جي والد مظهر علي خان جون لکڻيون مون کي بيحد متاثر ڪنديون هيون.

انهن ئي ڏينهن ۾ سنڌ جو اديب طارق اشرف دهليءَ آيو ۽ پاڻ سان ’سهڻي‘ رسالي جا ڪجهه پرچا کڻي آيو. نارائڻ شيام وٽ حميد سنڌيءَ جا شايع ٿيل ’روح رهاڻ‘ جا ڪجهه پرچا پڻ پهچندا هئا، جيڪي هو مون کي پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. ’روح رهاڻ‘ ۾ شايع



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽينڊڙ شاعري، ڪهاڻيون ۽ حميد سنڌيءَ جا ايڊيٽوريل اسان جي جذباتي دلين ۽ ذهنن ۾ باهه پڙڪائيندا هئا. حميد جي هڪ اداريي ۾ منهنجي سنڌ بابت لکيل هڪ نظم جون سٽون ڪوٽ ڪيل هيون. 'روح رهاڻ' اسان لاءِ رڳو ادبي رسالو نه هو. پر سڄيءَ سنڌ ۽ سنڌيت جي علامت ۽ باطني بصيرت هئي. جنهن اسان جي هيانءَ ۾ ٻرڇيون ٽي هنيون. جلاوطنيءَ جا گهاوَ اڃا تازا هئا ۽ روح رهاڻ هند جي اديبن لاءِ اهو پيغام ٻڌجي آئي. جو اڪثر ساهتڪار خاص طور ترقي پسند شاعر پاڻ کي سنڌ جي ساهتيه جو هڪ هن پاسي ڪنجي آيل ادبي انگ سمجهڻ لڳا. روح رهاڻ ۾ شايع ٿيل اياز ۽ نياز همايونيءَ جي ڪن شعرن جي موٽ ۾، نارائڻ شيام هڪ غزل لکي، هتي جي ادبي ڪلاس ۾ پڙهي ٻڌايو جنهن جو هڪ بند هو:

"الائي ڪهڙيءَ گهڙيءَ شيام ان مان نڪتاسين،
وطن ورڻ ته ڇا سرحد ڏسڻ نصيب نه ٿي."

ذاتي سطح تي طارق اشرف بيحد اشراف ۽ سخت پرهيزگار شخص هو. هو شراب، سگريٽ نوشي ۽ ٻين اهڙين علتن کان ٻنهه آجو هو. شايد گوشت به نه کائيندو هو. تن ڏينهين اسان جو سڄو ادبي لڏو (جيڪو ڇڳو وڏو هو) سواءِ نارائڻ شيام ۽ آنند کيماڻيءَ جي، شراب، ڀنگ ۽ سگريٽ نوشيءَ جو ڪثرت سان استعمال ڪندو هو پر طارق کي هندوستاني فلمن جي لت لڳل هئي. هو ڏينهن ۾ ٽي ٽي فلمون ڏسندو هو ۽ هڪ سينيما هال مان نڪري ٻئي ۾ ايندو ويندو هو. دليپ ڪمار ۽ وجئنتي مالا جي فلم 'گنگا جمنا' ڇهه ڀيرا ڏسڻ کان پوءِ به هن جي دل نه ڀري هئي. خبرناهي هو ايترين فلمون ڏسڻ جا پئسا ڪٿان آڻيندو هو؟ هو ڪٿي رهندو هو ڪيئي ڀيرا پڇڻ کان پوءِ به اها ڳالهه لڪائيندو هو.

هر شام جيان هڪ شام اسين سڀ طارق سان گڏ جنتا ڪافي هائوس ۾ ويٺا هئاسين. ڪناٽ پيلس جو جنتا ڪافي هائوس هڪ وسيع احاطي ۾ ٽين ۽ ڳچ جي ڇتين سان قائم ڪيل هو. اڄڪلهه اتي ڇئن منزلن واري انڊر گرائونڊ پاليڪا بزار آهي، جيڪا سڄي ايئرڪنڊشنڊ آهي. ان ڪافي هائوس کي 'ڇئين آني وارو' ڪافي هائوس پڻ چوندا هئا. جو اتي ڇئين آني ۾ ڪافيءَ جو ڪوپ ۽ ڇئين آني ۾ ٻن وڏن دال وڙن جي پليٽ ملندي هئي. اتي ڪيترو به وقت ويهڻ جي ڪا جهل پل نه هئي. هر پيشي جي ماڻهن جا الڳ الڳ ڪارنر نهيل هئا. جن ۾ انشورنس ايجنٽ، ڪمپنين جا سيلزمين، بيروزگار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، وڪيل ۽ سندن ٽائوٽ، اديب ۽ شاعر، صحافي ۽ فري لانس رپورٽر، ميڊيڪل ريپريزينٽيٽو ٿئيٽرن ۽ ڊرامن جا ڪلاڪار ڪاليجن جا ڇوڪرا ڇوڪريون، پريمي پريمڪائون، مفت جا نظر باز ۽ ديدار باز، ڪال گرلس ۽ اسٽريٽ واڪرس ۽ انهن جا دلال وغيره. هر پيشي جا فرد پنهنجيون پنهنجيون ڪارنرس سنڀالي، ڪافيءَ جي هڪ ڪوپ تي سڄو سڄو ڏينهن ويٺا هوندا هئا. وڏ ۾ وڏ هر ٻين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تين ڪلاڪين هڪ ڪافي ۾ ڪٽليٽن جو آرڊر ڏيندا هئا. ڪيترن، ته اتي پنهنجيون دائمي آفيسون ۾ اڏا قائم ڪري ڇڏيا هئا. انگريزيءَ جا اديب، اردوءَ جا اديب، پنجابي اديب، سنڌي ساهتڪار سيني جون پنهنجيون پنهنجيون ڪنڊون ۾ ڪرسيون مقرر ۽ محفوظ ٿيل هيون. اهو 'ڪافي هائوس ڪلچر' ان دور جو هڪ اهم ادارو بڻجي چڪو هو جتي ڪو پيد ياءُ نه هو اچڻ وڃڻ تي ڪا روڪ نه هئي. اسان سان اتي ڀارت جي مستقبل جا وزيراعظم اندر ڪمار گجرال به گڏ ويهندا هئا. ته راجيو گانڌي به.

اسان سنڌي ساهتڪارن ۾ ڪلاڪارن جي هڪ مخصوص ڪارنر هئي ۽ هر ٻاهران آيل دوست سان ملڻ جي اها ئي جڳهه مقرر ٿيل هئي. بل هرڪو پنهنجو پنهنجو ڀريندو هو.

جنتا ڪافي هائوس ۾ اسين سڀ طارق اشرف کي ورائي ويٺا هئاسين ۽ هن کان سنڌ ۾ سنڌي ساهتيه بابت احوال وٺي رهيا هئاسين. هو ورهاڱي بعد سنڌ مان آيل پهريون ئي اديب هو جيڪو بمبئي ۾ دهليءَ اسان وٽ آيو هو. حشو ڪيولراماڻي فوجي رَمَ جو پئوو چاڙهي ويٺو هو ۾ هن طارق کي چيو ته سياڻي توکان پنهنجيءَ اخبار (هندوستان اسٽئنڊرڊ) لاءِ انٽرويو وٺندس. طارق چيس: "مان انٽرويو نه ڏيندس." "ڇو؟" حشوءَ پڇيس: "مان بنا ويزا جي دهليءَ آيو آهيان. ويزا رڳو بمبئيءَ جي اٿم." طارق چيو: حشو باهڙجي ويو. هو جيترو ذهين هو اوترو بخيل به هو. "تون بنا ويزا جي هتي ڇو آيو آهين؟ تو ملڪ جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي، تو غلط ڪم ڪيو آهي. مان حيدر بخش جتوئيءَ کي تنهنجي شڪايت ڪندس. مان بروهيءَ سان ڳالهائيندس. مان پيرزادي عبدالستار سان... حشو وقلڻ لڳو. طارق اشرف جي اکين ۾ ڳوڙها لهي آيا. مان، هيم ۾ هريڪانت هن کي ٻاهر وٺي آياسين. هاڻي اسان کي سمجهه ۾ آيو ته طارق ڇو اسان کي پنهنجي رهائشي هنڌ جو پتو ڏيڻ کان لهرائيندو هو. مانَ طارق کي پنهنجي گهر وٺي آيس. منهنجن ماڻٽن هن جو چڱو آڌرياءُ ڪيو. ٻئي ڏينهن مان طارق کي بمبئيءَ جي ٽرين ۾ چاڙهي آيس، جتي موهن ڪلپنا، هري موٽواڻي ۾ ٻين دوستن هن جو خاصو خيال رکيو ۾ هن کي بمبئيءَ ۾ شادي به ڪرائي.

ٽائيمس جي ڪامرس ڊيسڪ تي شروع شروع ۾ مون کي عجيب قسم جا عطيه (Assignments) ملندا رهيا. دهليءَ جي چانڊني چوڪ جي صرافا بازار ۾ وڃي سون ۾ چانديءَ جا لهندڙ چڙهندڙ اگهه ۾ انهن جي لهڻ چڙهڻ جا ڪارڻ معلوم ڪري رپورٽ تيار ڪرڻي پوندي هئي. ڪيترو سون ۾ چاندي سمگلنگ تي اچڻ ڪري، اگهن ۾ ڪيتري ڪتر آئي آهي. هولي، اشٽمي، دسهڙي ۾ ڏياريءَ جي ڏڻن جي خريداريءَ سان اگهن ۾ ڪيتري واڌ آئي آهي، اهو سڀ ڄاڻڻ لاءِ سون چانديءَ جي واپارين ۾ سمگلرن سان دوستي رکڻي پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن نيا بازار جي اناج جي واپارين وٽ وڃي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽڪ، چانورن، دالين ۽ ٻين (Coarse Grains)، جهڙوڪ: جَوَ ٻاجهري مڪائي، مڱن ۽ چڻن وغيره جا اگهہ پار پڇي، شام جو اچي رپورٽ لکڻي پوندي هئي. تيل ۽ تيلي ٻجن (Oilseeds) جي مارڪيٽن ۾ وڃي تيل جي گهاڻن جي ٻنين وٽ ويهي تيل جي 'ڊمانڊ' ۽ 'سپلاءِ' جا تفصيل لکڻا پوندا هئا. ان وقت اهو محاورو 'پڙهي فارسي - ٻيچي تيل' مون سان ٺهہ ٺهڪي ايندو هو.

اتر هندوستان جي اناج جي وڏي ۾ وڏي منڊي اتر پرديش جي 'هاپڙ' (Hapur) شهر ۾ هئي. کنڊ جي وڏي منڊي مظفرنگر ۾ هئي ۽ تيل جي ڪرنال ۽ پاڻيپت ۾. مون کي هفتين ٻين انهن شهرن ۾ وڃي، اتان جي نيلام گهرن ۾ ٽينڊر سڄي ڪارروائيءَ جون رپورٽون لکڻيون پونديون هيون. هندوستان، پاڪستان جي بارڊرن وچ ۾ اڃا لوڙها نہ لڳا هئا. فيروزپور ۽ سري گنگا نگر واري سرحد جي ٻنهي پاسي ٻنيون هيون، رات جي اونداهين ۾ ٻنهي ملڪن جا تسڪر (Smuggler) رڳو لنگوٽيون پائي، اگهاڙن جسمن تي ڇانيي جو تيل مکي، ٻيڙين، پان جي پتن، لونگن ۽ ڦوٽن، چانهہ ۽ ديسي دارونءَ دنگن، چرس ۽ گانجي، آفيم وغيره جي تسڪري ڪندا هئا. سون چانديءَ جي سمگلرن جا ڌنڌا متيئن وڏي پئماني تي هوندا هئا، جن ۾ ٻنهي ملڪن جا ڪي منسٽر بہ ملوث هئا. اها هئي منهنجي جنرلزم جي پيشي جي شروعات.

آمريڪا جي فورڊس موٽرس جي ڪمپنيءَ جو مالڪ هينري فورڊ، پنهنجن پٽن کي پنهنجيءَ ڪمپنيءَ ۾ سڀ کان پهرين فٽر (Fitter) جي نوڪري ڏيندو هو ۽ هو نيري يونيفارم پائي، موٽرن جي هيٺان سمهي موٽرن جا پرزا فٽ ڪندا هئا ۽ عام مزورن سان گڏ ٿي فئڪٽريءَ جي ڪامن ڪئنٽين ۾ ماني کائيندا هئا. مان ڪو هينري فورڊ جو پٽ نہ هوس، جو اڳتي هلي مالڪيءَ جا خواب ڏسان. نالي ۾ "ٽائيمس آف انڊيا" جهڙي ملڪ جي وڏي ۾ وڏي اخبار جو سب ايڊيٽر ڪم رپورٽر هوس، پر ڪم تيلين، سونارن ۽ پلاڻن سان پوندو هو.

ماهواري پگهار کان سواءِ هر تجارتي رپورٽ لکڻ جا ساڍا ست روپيا ملندا هئا، جيڪا ان وقت هڪ آمريڪي ڊالر جي قيمت هئي. هفتي ۾ اهڙيون ٽي چار رپورٽون ٿي ويندي هيون، پر نالي بدران (By A Staff Reporter) جي 'باءِ لائين' ڏيڻي پوندي هئي. رپورٽون لکندي منهنجي انگريزي تہ سڌرندي ويئي، پر عبارت ۽ ٻولي خالص تجارتي انگريزي (Commercial English) نوعيت واري ٿيندي ويئي. ڪامرس ۽ ايڪنامڪس وارا پڙهيل ڪاليجي درسي لفظ، جملا، ٿيئريون ۽ مفهوم رپورٽنگ ۾ چڱا ڪارائتا ٿيڻ لڳا. ڊيسڪ انچارج هر رپورٽ جي چڱي تعريف ڪندو رهيو ۽ ان ۾ ڪا درستي نہ ڪندو هو. شام جو بل تي رپورٽ جي ڪٽنگ چنبڙائي، ڪيشئر کان ساڍا ست روپيا وٺي، سانجهن جو ڪناٽ پيلس جي نرولا بار ۾ پنهنجن جگري وستن هيم ۽ جيون کي دعوت ڏيندو هئس. گولڊن ايگل بيئر جون ٽي ٿڌيون بوتلون ۽ ٽي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پليٽون ڪبابن جون، ڪُل بل پنج روپيا ۽ اٺ آنا ويٽر جي ٽپ (Tip) ٻه روپيا پوءِ ٻه بچيل هوندا هئا.

هڪ ڏينهن منهنجيءَ ماءُ پڇيو: ”پٽ، اهڙي ڪهڙي نوڪري اٿيئي جو روز رات جو ايترو دير سان گهر ٿو اچين؟“ چيومانس، ”يا پي، رپورٽر جي نوڪري آهي.“

ماءُ ڪاوڙجي چيو: ”شرم نٿو اچيئي، هڪ وڏي گهر جو ٿي ’پورٽر‘ جي نوڪري ٿو ڪرين، پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ ڪٽنب جو نالو ٿو ٻوڙين.“

سمجهايومانس تہ ”يا پي، هيءَ ڪا دِڪي تي يا اسٽيشن تي پورٽر يا حمال واري مزوري ناهي، هيءَ اخبار ۾ خبرون لکڻ واري ’رپورٽر‘ جي نوڪري آهي.“

منجهيل من سان منهنجيءَ ماءُ ميز تي ماني آڻي رکي ۽ منهنجن صاف سُٿرن ڪپڙن کي ڏسڻ لڳي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجاھون پنو

مهيني جي هر پهرين تاريخ پنهنجي پيءُ جي هٿ تي پگهار جا پئسا رکي، مون کي اطمينان ٿيندو هو ۽ مان سپاتر ۽ سعادتمند اولاد جو فرض ۽ ذميداري نباهي رهيو آهيان. رپورٽنگ (Reporting) جي روزاني آمدني ڪيسي خرچ لاءِ ڪوڙ هئي. دادا پگهار مان پنجاهه روپيا الڳ ڏيندو هو، جيڪي مان ڪتابن ۽ پريس ڪلب جي خرچ لاءِ رکندو هوس. هاڻي اسان جي ادبي لڏي جا اڪثر دوست برسر روزگار هئا ۽ پڪين پختين ملازمتن تي هئا. مان وڌيڪ خوشنصيب هوس، جو مون کي پگهار کان سواءِ رپورٽنگ جي زائد آمدني به هئي. ڪڏهن به رپورٽون لکندو هوس، ته پئسا پڻ ٻيڻا ملندا هئا. ڀهراڙيءَ جي ڄٽ جيان مون وٽ بچت يا ڪفايت جو ڪو تصور ئي نه هو. پريس ڪلب جي دائمي ميمبرشپ ملڻ ڪري هاڻي دوستن کي اتي دعوتون ڏيندو هوس ۽ ٻي ڏڙڪ ٻلن تي صحيحون ڪندو ويندو هوس. اوڌر تي ملندڙ شراب ٻاڙي ڪري ڇڏيو. مهيني جو بل ايندو هو ته توبهه ڪندو هوس، پر پريس ڪلب جي بار جي دخل تي 'شراب توبهه شڪن ۽ توبهه شراب شڪن' وارو اهوئي عمل جاري وساري رهندو رهيو.

هڪ ڏينهن نيوز ايڊيٽر مون کي سڏي چيو: "فلاڻو رپورٽر شام تائين ئي پنهنجي رپورٽ فائيل ڪري فارغ ٿي ٿو وڃي، پر تون پنهنجيون رپورٽون ايترو دير سان ڇو ٿو فائيل ڪرين؟" چيومانس: "جناب هو پهرين رپورٽ فائيل ڪري پوءِ 'بار' ۾ ويندو آهي ۽ مان پهرين بار ۾ وڃي پوءِ اچي رپورٽ فائيل ڪندو آهيان. ذرا هن جي رپورٽ به ڏسو ۽ منهنجي به ڏسو. ڪنهن جي تي 'ري رائيٽنگ' وڌيڪ ٿئي؟" نيوز ايڊيٽر ڪن تي هٿ رکي ڇڏيو.

ان ئي سال ڊسمبر ۾ ناگپور ۾ ٻيون اکل ڀارت سنڌي ساهت سملين سڏايو ويو جنهن جي صدارت پروفيسر نارائڻ داس رتنمل ملڪاڻيءَ کي ڪرڻي هئي. ملڪاڻي صاحب جي سنڌي نثر نويسي پنهنجو مثال پاڻ هئي. هن جي تصنيف "انارداڻه" ۾ تحرير ٿيل مضمون سنڌي نثر جو نادر نمونو آهن. پر نوجوان ادبي لڏو هن جي نظرين جو سخت مخالف هو. هو سدائين اهي صلاحون ڏيندو هو ته 'سنڌيت' کي وساري، مقامي ماڻهن ۽ ڪلچر ۾ ضم ٿي وڃو. رڳو 'سنڌ- سنڌ' پيا ڪندؤ ته ملڪ جي (Main Stream) کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتجي ويندؤ. هو صاحب ديوناگري لپيءَ جو زبردست حامي هو حالانڪ هن کي ديوناگريءَ جو 'د' بہ لکڻ نہ ايندو هو. ان وقت عربي ديوناگري لپيءَ جو وادو واد پوري زور شور تي هو. پراڻا ڪانگريسي ۽ ٻيا ليڊر ديوناگري لپيءَ جا حامي هئا ۽ ٻئي طرف لڳ ڀڳ سڄي ادبي برادري، سنڌ مان آندل عربي لپيءَ جي زوردار حمايت ڪري رهي هئي ۽ حلف نامن تي بيان ڏيئي رهي هئي، تہ اسين پنهنجي ڪابہ رچنا ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ٿيڻ نہ ڏينداسين ۽ ڪنهن بہ ناشر اسان جي اجازت يا ڄاڻ کان سواءِ اسان جي ڪابہ ادبي تخليق ديوناگريءَ ۾ شايع ڪئي، تہ ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪنداسين. ناگپور سميلن ٻنهي ڌرين وچ ۾ 'راهون جدا جدا' ثابت ٿيو.

ناميارو سنڌي وڪيل رام جيٺملاڻي بمبئيءَ ۾ وڪالت ۾ اچا پنهنجا پير ڪپائي رهيو هو. ترقي پسند اديبن جي ٽولي ڪيرت، اتم، مالهيءَ ۽ ٻين رام کي عرض ڪيو تہ بمبئيءَ جي هڪ سنڌي اسڪول ۾، ٻارن کي سندن مائٽن جي مرضيءَ خلاف ديوناگري لپيءَ ۾ پاڙهي رهيا آهن. رام جيٺملاڻي پاڻ عربي لپيءَ جو پڪو حمايتي هو ۽ وڪيل طور هن جي ذهانت ۽ قابليت مثالي هئي. هن اٺويهين سالن جي عمر ۾ ڪراچي لاڪاليج مان (Master of Laws) جي ڊگري حاصل ڪئي هئي ۽ اي. ڪي بروهيءَ جي ڀاڱيداريءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي. بروهي صاحب پنهنجن اهم ڪيسن جا بريف رام کان تيار ڪرائيندو هو. بمبئيءَ ۾ ڪجهہ عرصي اندر ئي هن فائيو اسٽار تاج محل هوٽل ۾ پنهنجي آفيس قائم ڪئي.

رام جيٺملاڻيءَ هڪدم لپيءَ جو ڪيس کنيو ۽ ديوناگريءَ ۾ تعليم ڏيندڙ ان اسڪول جي شاگردن جي مائٽن کان بمبئي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرايو تہ منهنجي ٻار کي مائٽن جي مرضي ۽ اجازت بنا ديوناگري لپيءَ ۾ پڙهايو ٿو وڃي. ڪيس ۾ هڪ ڌر سنڌي ساهتڪار ۽ ڪي تعليمدان هئا ۽ ٻي ڌر ڪجهہ ڪانگريسي ۽ جن سنگهي سياستدان هئا. رام هيءُ ڪيس بنا فيءَ وٺڻ جي هلايو ورنہ وڪيل طور هو زبان کولينديو ئي هو، تہ هن جي في شروع ٿي ويندي هئي. رام فيءَ طور رڳو اها گهر ڪئي، تہ مون کي ڀارتي آئين (Indian Constitution) جو هڪ جلد خريد ڪري ڏيو. ساهتڪارن ۽ ساهت پريمين ٿوري ٿوري ڪري پنجويهن روپين جو قانوني ڪتاب رام کي ڀَنهي ڏنو. ٻن ٽن شنواين ۾ ئي رام ڪيس کٽيو ۽ بمبئيءَ جي اسڪولن ۾ عربي لپي ٿي برقرار رهي، جيڪا سنڌي لپي سڏجڻ لڳي.

ناگپور سميلن ۾ سڄي هندوستان جا ساهتڪار، تعليمدان، فنڪار ۽ سياسي خواهہ سماجي مدبر شامل ٿيا ۽ اتي ئي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جو پايو پيو. هن سڀا جو هندوستان ۾ هڪ تاريخي رول رهيو آهي. گذريل سال سڀا جو پنجاهہ ساليانو (گولڊن جوبلي) جشن ملهايو ويو جنهن ۾ سنڌ جي نامور شاعر شمشير الحيدري ۽ فنڪار صادق فقير کي پڻ ايوارڊن سان مانائتو ڪيو ويو. سڀا جي پنجاهہ سالن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارڪردگيءَ جا مڪمل تفصيل ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا آهن. ان ڪري سيا بابت وڌيڪ احوال نٿو لکان. بهرحال، اهو درج ڪرڻ لازمي ٿو سمجهان، ته گذريل پنجن سالن کان سيا جي سالياني ايوارڊن ۾، سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي، جو گذريل ڇهن سٽن سالن کان هند. سنڌ جي اديبن ۽ ڪلاڪارن جي اچ وڃ جا سلسلا جاري ٿي ويا آهن.

ناگپور سميلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دهليءَ مان سترام همدرد، نارائڻ شيام، ايشور گرمڪاڻي، گوپي آڏواڻي، شيام ياڳيا ۽ مان تيار ٿياسين. هريڪانت ڪنهن ڦڏي ۾ ڦاسڻ ڪري هلي نـ سگهيو.

شيام ياڳيا سنڌيت جو وڏو شيدائي ۽ چست ڪارڪن هو. هو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪارڊ هولڊر هو ۽ هن پارٽيءَ جي پرچار ۽ دهريت جي نظرئي واريون ڪجهه ڪهاڻيون لکيون، جيڪي نعري بازيءَ سان پُرهڻ ڪري گهڻو جٽاءُ نـ ڪري سگهيون، پر هن جون ڪهاڻيون وقت جي تقاضائن جي پورتي ڪري رهيون هيون، ان ڪري ادبي ڪلاسن ۾ هن جون ڪهاڻيون توجهه سان ٻڌيون وينديون هيون ۽ انهن تي رائزني ڪئي ويندي هئي. شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽيءَ کي سجاد ظهير، سرجيت ۽ جوشيءَ جهڙن ڪميونسٽ ليڊرن سان دهليءَ ۾ شيام ياڳيائي ملائيندو رهيو. شيام ياڳيا جي نياڻي سنڌو ياڳيا، هن وقت سنڌي اڪادمي دهليءَ جي سيڪريٽري آهي ۽ پنهنجي والد جيان ئي پنهنجي فرض طرف ارپيل آهي.

سنڌو ياڳيا ڪٿڪ ناچ جي مڃيل ۽ معروف ڪلاڪاره آهي. هن ۽ پاڪستان جي فنڪاره شيما ڪرماڻيءَ هڪ ئي گروءَ وٽان نرتيہ جي ڪلا حاصل ڪئي آهي. سنڌوءَ پنهنجي رقص جا ڪيترائي سولو (Solo) پروگرام هندوستان جي ڪيترن شهرن ۾ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيا آهن ۽ ڪيترا اعزاز ۽ ايوارڊ حاصل ڪيا آهن.

ان شام سنڌوءَ جو دهليءَ جي ڪنهن مشهور آڊيٽوريم ۾ رقص جو سولو پروگرام هو ۽ ان جي اڳيئن رات هن جي والد شيام ياڳيا دل جي شديد ؛وري پوڻ ڪري آخري ساهه ڪنيا. صبوح جو گهر جي پڌر ۾ شيام ياڳيا جو مرتڪ سرير رکيو هو ۽ شام جو سنڌوءَ کي سوين ناظرين اڳيان رقص ڪرڻو هو.

دل تي پٿر رکي، ڳوڙها ڳهندي سنڌوءَ منتظيمن کي چيو "مان پروگرام پيش ڪنديس. 'Show Must Go on' "

ناگپور سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ مان، سترام همدرد، شيام ياڳيا ۽ هن جي گهرواري ديوي ناگپور هڪ ڏينهن پهرين ئي پهچي وياسين. ناگپور ۾ ديويءَ جو پيڪاڻو گهر هو. شيام ۽ ديويءَ مون کي ۽ سترام کي گهڻو ئي زور پريو تہ اسين سندن گهر هلون ۽ ٻئي ڏينهن سميلن واري جاءِ رهائش تي سيني سان گڏ وڃي رهون، پر اسان سندن ڳالهه نـ مڃي، سڌو اتي آياسين جتي سيني ڊيليگيٽن جي رهائش جو بندوست ڪيو ويو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهري پنڪا علائقي جي سنڌي هاءِ اسڪول ۾ سينيءَ جي رهائش جو انتظام ٿيل هو. اسڪول جو ڪُجهه حصو اڃا زير تعمير هو. مون ۽ همدرد جي اتي پهچڻ تي ئي والنٽيئر ورائي ويا: ”مهمان اچي ويا آهن. مهمان اچي ويا آهن.“ چئني پاسي شور مچي ويو. ميزبان نهايت نهنا ۽ نشڪام شيواڌاري هئا. هنن اسان جو بيحد سڪ ۽ صدق سان آجياڻو ڪيو ۽ اسان ٻنهيءَ کي پاڪرن ۾ پريندا رهيا. مقرر ٿيل آفيس واري هال ۾ اسان لاءِ چانهه بسڪوٽ شربت وغيره اچي ويا. اسين پهريان ٻه ڊيليگيٽ هئاسين. جيڪي دهليءَ مان اتي پهتا هئاسين. سميلن جو مهورت ٻئي ڏينهن شام جو هو. ان ڪري سيني شهرن جا ڊيليگيٽ ٻئي ڏينهن ئي پهچڻا هئا. مهاراسٽربه جو صوبو هئڻ ڪري ان وقت اتي دارونءَ تي سخت بندش پيل هئي، پر سترام همدرد پنهنجي سُٽيءَ جو سمر ساڻ کڻي آيو هو.

اسڪول جي ويهارو کن ڪلاس رومن ۾ فراس وڇايل هئا ۽ هر فراس تي ٻه ٽي وهاڻا ۽ گرم ڪمبل رکيل هئا. اسڪول جي احاطي پويان ڪاڪوسن جون قطارون هيون، جن مان ڪيترن جا در پڳل هئا. هر ڪاڪوس ۾ پاڻيءَ جون اڌ ڀريل بالٽيون ۽ ٽين جا ڏبا رکيل هئا. ٻاهر پڌر ۾ هڪ شاميانو لڳايو ويو هو جتي پخالي پٽ تي پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪري رهيا هئا. پويان هڪ تنبوءَ ۾ بورچيخانو قائم ڪيو ويو هو. مون ۽ همدرد سيني ڪلاس رومن جو معائنو ڪري، ويجهي ۾ ويجهو ڪمرو اچي والاريو ۽ مٿن وٽ پنهنجيون بئگون رکي آهلي پياسين. ان وقت ڊسمبر جي منجهند جا ٽي کن ٿيا هئا.

اسان جي اڳوات اچڻ جو ٻڌي، منهنجي نوابشاهه جي ولس هاءِ اسڪول جا ٻه استاد سائين روچيرام ٽاواڻي ۽ ديو ناٿاڻي ۽ منهنجو هم ڪلاسي اسير ڪلياڻي پهچي ويا.

منهنجا محسن سائين روچيرام ٽاواڻي ۽ ديو ناٿاڻي منهنجا اهي قابل استاد ٿي رهيا آهن، جن کي مان تا عمر وساري نه سگهندس. منهنجي ڏهن ٻارهن سالن جي ڪچڙي وهيءَ ۾ سندن تربيت سداتئين مون سان گڏ گڏ پئي هلي آهي، ايترن سالن بعد به هو مون کي جڏهن جڏهن، جتي جتي مليا آهن، مون کي اهوئي قرب ۽ آسيسون پئي ڏنيون آهن. سائين روچيرام ٽاواڻي نوي سالن جي عمر پار ڪري چڪو آهي ۽ ديو ناٿاڻي به اسيءَ کان مٿي آهي، پراڃا تائين سندن ذهن سجاڳ ۽ جسم چست آهي. سندن جوانيءَ واري دور ۾ سڄيءَ نوابشاهه ۾ روچيرام ٽاواڻيءَ جهڙو خوبصورت ۽ ديو ناٿاڻيءَ جهڙو قدآور شخص شايد ئي ڪو هو. گذريل سال اکل ڀارت سيا جي گولڊن جوبلي جشن ۾ ديوناٿاڻي جڏهن دهليءَ ۾ ايوارڊ وٺڻ آيو هو. ته منهنجي گهرواري گوپيءَ کي چئي رهيو هو: ”مون کي پنهنجي پنجاهه سالن جي تعليمي پيشي ۾ تنهنجي مڙس جهڙو ’شارپ‘ شاگرد نه مليو آهي.“ ۽ گوپي اچرج وچان مون ڏانهن ايئن ڏسڻ لڳي جڻ مون کي پهريون ڀيرو ڏسندي هجي.

ڊسمبر جي سج لٿي کان پوءِ اسڪول جي احاطي ۾ ويرانيءَ جو واسو ٿي ويو. ائين ٻجي ٿي چوڌاري اونده ٿي ويئي هئي. رسويا رنڌڻي جو تنبو بند ڪري هليا ويا هئا ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيواڏاري بہ گهرن ۾ وڃي ستا هئا. پنهنجو آنڊل پئوو پورو ڪري سترام همدرد چيو ته هل ته هلي شهر گهمي اچون. اسين پنڌ ڪندي شهر جي چوراهي تي اچي پهتاسين. چوراهي جي هڪ پاسي ٽانگن جو اسٽان هو. هڪ ڦڙت ٽانگي وارو گهوڙي کي مالش ڪري رهيو هو. پڇيومانس، "ميان، هن شهر ۾ گهمڻ جون خاص ڪهڙيون جايون آهن؟" چيائين: "حضور، خريداري ڪرڻي اٿو ته سيتا بلدي بازار اٿوَ. باقي دل بهلائڻي اٿو ته گنگا، جمنا وٺي هلانوَ." پڇيومانس، "گنگا، جمنا ڇا ڪي نديون آهن؟" چيائين "سائين نديون بہ آهن۔ نالا بہ آهن، لهرون بہ آهن. ته آبشار بہ آهن. جيڪي توهان پسند ڪيو." هن شرارتي مرڪ سان چيو. سترام مون ڏانهن معنيٰ ڀري نظر سان نهاري هلڻ جي ميچ ڏني.

ٽانگي ۾ سوار ٿي سترام همدرد ۽ مان 'گنگا، جمنا' نالي سڏجندڙ بازار حسن ۾ پهچي وياسين. ٽانگي واري چيو "حضور، چئو مان توهان جو انتظار ڪريان يا ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ اچان؟" چيومانس، "نہ اسين پاڻيهي پهچي ويندا سين." بہ روپيا وٺي ٽانگي وارو هليو ويو. گنگا، جمنا پر رونق علائقو هو هيٺ گل فروشن ۽ پنوارين جا دوڪان هئا ۽ مٿي بہ منزلہ ڪوٺا هئا. دوڪانن تي دلال ۽ عقابي اکين سان گراهڪن کي تاڙي رهيا هئا. هڪ سنهڙو سيپڪڙو ڪولهاٽي دلال وڏي آيو. چيائين: "حضور گانو ٻڌندا يا ــ...؟ چيومانس: "ها، رڳو گانو ئي ٻڌنداسين. ڪنهن سهڻي ۽ سريلي ڳائڻي وٽ وٺي هل." مون پنجين جو نوٽ هن جي هٿ تي رکندي چيو. هو گهٽيون گهمائيندو اسان کي هڪ بہ منزل مڪان تي وٺي آيو جيڪو ٻين ماڙين کان ڪجهه بهتر حالت ۾ هو. مجري واري ڪمري ۾ اهران مان پنهنجي چمپل ۽ سترام گهيتلو لاهي اندر گهرياسين.

ارڙهن اڻويهن سالن جي سن جون ستارا صوبي جون بہ بيحد سهڻيون ڇوڪريون، جيڪي جاڙيون ڀينر لڳي رهيون هيون. مراني لهجي ۾ ڪنهن غزل جو واري واري سان بند ڳائي رهيون هيون. ٻنهي جو سريلو آواز ۽ سونهن سوپيا هوش و حواس گم ڪندڙ هئا. سترام همدرد جون وڏيون خوبصورت اکيون اجا وڏيون ٿي ويون ۽ منهنجيون اکيون سندن ڇهري جا ٽري روش ڏسي چنجهيون ٿي ويون. وينل اٿ ڏهہ تماشبين اڪثر ڳُٽ هئا. سترام ۽ مان هڪ ڪنڊ وٺي ويهي رهياسين. ڳائڻ کان وڌيڪ مان سندن صورتن ڏانهن ڏسي رهيو هوس ۽ هو مُرڪ ڀري موٽ ڏيئي رهيون هيون. مون کي لڳي رهيو هو ته سندن حسب نسب جو اسان جي ڏرتيءَ سان ڪو ڳانڍاپو اوس آهي. گهڻا سال پوءِ امراوتي ڪاليج جي پروفيسر محترمہ سانڌيا پانڊي جي ڪيل تحقيقات، منهنجي ان وقت جي اندر جي آواز کي سچو ثابت ڪيو.

ارڙهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري سنڌ جي ٿرپارڪر جي اوڀر واري علائقي ۽ ڊنگئي علائقن پار ميڙ بيڪانير ۽ بنديل کنڊ وغيره وارين ايراضين ۾ سخت ڏڪر پوڻ تي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتان جي ڪولهي قوم جا خانہ بدوش گڏهن تي پنهنجا سامان ۽ سٽ ڊوئيندا، زالين مردين پيرين پنڌ رلندا ڀٽڪندا. اولهہ مرانا وارا جي راڄگڙهہ ايراضيءَ وارن ڳوٺن ۾ اچي وسجي ويا. هنن پنهنجو روزگار بازيگري ۽ نٽ پٽي وارن کيلن تماشن ذريعي شروع ڪندي، اڳتي هلي ناچ گاني وارو وڏيڪ لاياٺتو پيشو اختيار ڪيو ۽ هو اتي ڪولهاتي سڏجڻ لڳا.

خانہ بدوشن (Nomadic) قوم جي ان ڪولهاتي قوم جي حسين عورتن کي نچڻ ڳائڻ جي تربيت ڏني ويندي هئي ۽ کين مردن کي ريجهائڻ ۽ خوش ڪري ڪمائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو هو. هنن جا مرد يا، تہ گهرن ۾ نڪما ويهي سندن ڪمائيءَ تي نشاپتا ۽ عيش ڪندا هئا يا سندن تماشن ۾ ڍولڪون ۽ ڏڪڙ باجا وڄائيندا هئا. منجهائن ڪي پنهنجين ڀينرن ۽ ڌيئرن جي ڀڙوت بہ ڪندا هئا، پر پنهنجين جوين کي ان ڌنڌي کان محفوظ رکندا هئا.

ڪولهاتي قوم جا مرد پنهنجي جاتيءَ جي ڇوڪرين سان شاديون نہ ڪندا هئا. هو اوسي پاسي وارن ڳوٺن ۾ گهمندا وتندا هئا ۽ ڪٿي ڪا سهڻي ڇوڪري ڏسي، ان کي اغوا ڪري ايندا هئا ۽ ڪن سانن سڱنن سان ان ڇوڪريءَ کي پنهنجي ڪولهاتي قوم ۾ شامل ڪندا هئا. ڇوڪريءَ کي قبوليت طور هڪ ٻڪري تحفي ۾ ڏيندا هئا. ان ڇوڪريءَ سان شادي تڏهن ڪندا، جڏهن هوءَ ڦيريون ٻار ڄڻيندي هئي، جو کين سدائين خطرو رهندو هو تہ هوءَ ڪيڏانهن ڀڄي نہ وڃي.

امراوتي ڪاليج جي پروفيسر سانڌيا پانڌي جي تحقيقات موجب ڪولهاتي قوم جون عورتون سخت زندگي گذاريندڙيون آهن. ساماڄڻ تي ٺي سندن ڪنوارپڻي کي وڪيو ويندو آهي ۽ گرپ ٽيڻ تي کين ڇڏي ڏنو ويندو آهي. ڪولهاتي قوم جا ٻار ان ڪري ٺي پنهنجي نالي سان پنهنجيءَ ماءُ جو نالو جوڙيندا آهن، جو کين پنهنجي پيءُ جي باري ۾ ڪا ڄاڻ نہ هوندي آهي.

ان ڪولهاتي قوم جي هڪ اهڙي ٻار بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪري، پنهنجي علائقي ۾ خيراتي اسپتال کولي آهي، جتي هو ضرورتمندن جو مفت علاج ڪندو آهي. ’ڪشور شانتا بائي ڪالي‘ نالي مرائيءَ جي ان ناماياري اديب ۽ ڊاڪٽر پنهنجي ماٺيلي پيءُ جي هن جي ماءُ شانتا بائيءَ سان ڪيل ظلمن جو دل ڏاريندڙ داستان درج ڪيو آهي. مون کي مرهٺي تہ نہ ايندي آهي، پر مون هن جي تحرير جا ڪجهہ ٽڪرا انگريزي ترجمي ۾ پڙهيا آهن، جيڪي ڇرڪائيندڙ آهن. مان سمجهان ٿو تہ ناجائز اهي ٻار نہ پر ناجائز انهن جا اهي پيدا ڪندڙ آهن، جيڪي اهڙيءَ اولاد کي بدپيشي طرف رجوع ڪندا آهن.

ناگپور جي گنگا، جمنا واري علائقي جي بازار حسن ۾ مان ۽ سترام ٻن ڪولهاتي ڀينرن جو مرائي لوڪ گيت لاوڻي ٻڌي رهيا هئاسين، جنهن ۾ سُرتال سان گڏ سندن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين، ابروئن ۽ هٿن جا اشارا ۽ ناز نزاڪتون پڻ ليائيندڙ هئا. گيت سان گڏ چير جو چمڪو بہ هو تہ نگاهن ۾ واسنا جا ونگ پڻ هئا. سيئي جهومي رهيا هئا.

اوچتو ڪوٺي تي واڪو واڪاڻ ۽ وٺ پڪڙ تي ويئي، بہ ٽي پڙوا پڇندا آيا. "هي سڀ بند ڪريو ۽ هر ڪو هتان پڇي وڃي، پر واري ڪوٺيءَ جي بائيءَ جو خون ٿي ويو آهي. جلد ئي پوليس پهچي ويندي شڪ ۾ سيني کي جهليو ويندو. پڄو جلدي پڄو." ويٺلن ۾ ٺاڪوڙو پئجي ويو. چوڪريون اٿي اندرين ڪمرن ڏانهن ويون، سازيندڙ ساز سميٽي پاسيرا ڪري ٻاهر نڪري آيا. مان ۽ سترام تڪڙو تڪڙو ڏاڪا لهي ٻاهر نڪري آياسين. پر واري ڪوٺي ٻاهران دوڪاندار ۽ ڪي ٻيا ماڻهو رت ٻڏل چاقو جهليل قاتل کي پختو جهلي بيٺا هئا. اسين ٻيئي هراس ۾ احاطي کان ٻاهر رستي تي نڪري آياسين. اسان سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي پڄ ڊڪ ۾ هئا.

اوچتو سترام جي نظر منهنجن اگهاڙن پيرن تي پيئي. مان ڊپ ۾ چمپل اتي ئي ڇڏي پيرن اگهاڙو ڀڳو هوس. سترام مون کي ٻانهن کان جهلي چيو: "بيوقوف، هي ڇا ڪيو اٿيئي؟ پوليس جا ناسون هٽندڙ ڪتا تنهنجي چمپل جا پادر سنگهي پيرو کڻي اچي اسان تائين پهچندا. هو اسان کي پاتار مان بہ ڳولهي ڪيندا. وڃ، پڄي وڃي چمپل پائي اچ. سترام سخت ڪاوڙيل ۽ فڪرمند هو. مان همٿ ٻڌي اوندهہ ۾ لڪندو ڪوٺي طرف ويس. در ٻاهران چمپل پنهنجيءَ جڳهہ تان غائب هئي. مون بند دروازي تي آهستي کڙڪو ڪيو ۽ اوچتو پوليس جي جيپن جا سائرن وڄڻ لڳا.

دروازي جي چير مان مون کي ڏسي، ڳائڻ واري چوڪريءَ گهبرائجي آهستي در کولي مون کي ٻانهن کان جهلي زور سان اندر ڇڪي ورتو ۽ اندران دروازي کي ڪنڊو ڏيئي ڇڏيو. چپن تي آڱر رکي هن مون کي چپ رهڻ جو اشارو ڏنو. بہ ڪاڪڙا ڪارائي ۽ پاڻيءَ جو گلاس پياري، اندرئين ڪمري پويان هڪ بحري نما اونداهي ڪوٺيءَ ۾ فراسي ۽ وهاڻو وڇائي، هن ڪولهاٽي چوڪريءَ مون کي سمهاري ڇڏيو. پنج ڏهہ منٽ مٿن وٽ ويهي، منهنجي مٿي تي آهستي آهستي ٿڦڪيون هڻي سرهاڻن ۾ چيائين: "هاڻي سمهي پئہ. صبوح سويل توکي ڪوئي ٻاهر تائين اماڻي ايندو." هوءَ ڪوٺڙيءَ کي ٻاهران تالو ڏيئي ويئي. سڄي رات ڪوٺڙيءَ ۾ ڪوئا ۽ ڪرڙيون ڊڪي ڊوڙي رهيا هئا، پر پوءِ بہ جهپڪي اچي ويئي.

صبوح جو سج چڱو چڙهي وڃڻ تي، هن ڪوٺڙيءَ جو در کوليو. غسلخاني ۾ هٿ منهن ڌوئاري، چانهہ جو گلاس پياري، ٻنهي پيرن پاڪر پائي مون کي رخصت ڪيو. مون پنهنجو چمپل سنڀاليو ۽ هن ڏانهن ڏهين جو نوٽ وڌايو جيڪو هن وٺي وري منهنجي کيسي ۾ واپس وجهي ڇڏيو. هڪ اڌير عورت مون کي گنگا جمنا جي علائقي مان آڻي، ٻاهر رستي تي بيٺل هڪ سائيڪل رڪشا ۾ اچي ويهاريو.

سميلن جي رهائشي اسڪول جي گيٽ تي سترام همدرد اوير ايرئي کان اڳ ئي منهنجي انتظار ۾ اچ وڃ ڪري رهيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڪونجاهون پنو

ڪولهاتي ڪلاڪار چوڪريءَ مون کي سڄي رات ڪوٺن ۾ ڪاڪروچن واري اونداهي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري، صبوح جو حفاظت سان گنگا جمنا جي بازار حسن واري علائقي مان ٻاهر اماڻيو. سترام همدرد ڏاڍو هيسيل هو. اسڪول جي احاطي ٻاهران هو مون کي پنهنجين ڏگهين ٻانهن ۾ پيري، اسڪول جي رهائشي ڪمري ۾ وڇايل فراس تي سمهاري، مٿان بلئنڪيٽ وجهي، در بند ڪري ٻاهر نڪري ويو. منجهند ڌاري ڪنهن اچي بلئنڪيٽ لاهي، مون کي ڪنڌ کان جهلي اٿاري ويهاريو ۽ منهنجن ڪنن ۾ توتاريون وڄائڻ لڳو. هو گوڏو عرف گورڌن محبوباڻي پارتي هو جنهن کي مدارسئنيٽوريم ۾ رهائش دوران نرسيون ۽ ڊاڪٽرياڻيون 'محبوب جاني' چونديون هيون ۽ سڀ ساهتڪار دوست ڪيس 'تاس جو ٽيونجاهون پتو' سڏيندا هئا.

منهنجو دلبر دوست گورڌن محبوباڻي پارتي، خدا جي فضل سان اڃا بقيد حيات آهي ۽ پنهنجي پهاڙيءَ تي تعمير ٿيل گهر ۾ اڪيلائيءَ واري زندگي گذاري رهيو آهي. پنجاهه سال اڳ هن جو ناڪاره ٿي ويل هڪ ڦڦڙ (Lung) آپريشن ڪري ڪٽي ڦٽو ڪيو ويو هو ۽ تڏهن کان هو هڪ ئي ڦڦڙ سان ساهه کڻي رهيو آهي. هن جي خوش مزاج، چرچائي ۽ مسخري پڻي واري زندگي، هن کي اڄ اسي سالن جي عمر تائين زنده رکي ويٺي آهي.

گورڌن هڪ ئي وقت شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نويس، گيتڪار، سنگيتڪار، ڳائڻو، ناچو ۽ رنگ منچ جو هدايتڪار ۽ ڪلاڪار آهي. سال ٽيهٺ ۾ شيخ اياز سان ملڻ لاءِ هو دهليءَ ۾ تيستائين رهيو پيو هو جيسين اياز ۽ پتي هتي هئا. هن اياز جي ڪن گيتن جون سريليون ڌنون تيار ڪري، سريلن ڳائيندڙن کان هن کي ٻڌايون هيون، تہ اياز بيحد خوش ٿيو هو ۽ هڪ ڪچهريءَ ۾ چيائين تہ "اسان وٽ (سنڌ ۾) گورڌن جهڙو هڪ بہ ڀهڳڻو آرٽسٽ هجي، تہ اسان جو فن بلوغت تي رسي بلندين کي ڇهڻ لڳي."

هڪ ڀيري گورڌن جڏهن منهنجي گهر رهيل هو تہ هن منهنجن ڀائرن ڀينرن کي ٻال سنگيت جا اهي سُر ۽ تال ٻڌايا، جو اندرئين ڪمري ۾ منهنجي پيءُ اهي ٻڌي، مون کان پڇيو: "تنهنجو هي دوست بئنڊ ماستر تہ ڪونهي؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ئي گورڌن محبوباڻيءَ اندر ۾، جيڪي پيڙائون پوڳيون آهن ۽ اڪيلائن جا عذاب سٺا آهن، سڀ پنهنجي آتم ڪٿائي ناول ’سور جون سو صورتون‘ ۾ تحرير ڪيا آهن. هن جو طويل نظم ’سئنيٽوريم جي هڪ رات‘ سنڌي شاعريءَ جو شاهڪار مڃيو ويو آهي. نقادن جو رايو آهي، تہ سنڌي ساهتيہ ۾ نئين نظم جو سفر گورڌن جي نظم ’سئنيٽوريم جي هڪ رات‘ سان ئي شروع ٿئي ٿو.

اسڪول جي هال ۾ وڇايل فراس تي، ڏينهن چڙهئي تائين مون کي گهريءَ ننڊ ۾ ڏسي، گورڌن عرف گوڌوءَ منهنجي ڪن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو: ’جو سوتا هئہ وو کوتا هئہ ـ کوتا هئہ پائي کوتا هئہ.‘ منهنجي آڱر پڪڙي پنهنجين سنهين ليڪائي مُڇن، جنهن کي اسين ’بلبل جي هڏي‘ مڇون چوندا هئاسين، تي گهمائڻ لڳو. مان ڇرڪ پري ننڊ مان اٿي ويٺس. چيائين: ”دليءَ جا دئوس، اسان کي اوجاڳا ڪرائي پاڻ سج اڀرئي تائين ستو پيو آهين؟“

منهن ڏوئي احاطي کان ٻاهر اچي ڏٺم. بمبئيءَ ۽ ٻين شهر جا دوست هڪ هڪ تي رڪشائن مان لهي رهيا هئا. سڀڻ آهوجا، موتي پرڪاش، اتم، سندري، ڪرشن راهي ۽ مايا، موهن ڪلپنا، ڪرشن کٽواڻي، ڪيرت، مالهي، سندر راجن، گيتا راج، پوپٽي ۽ ٻيا ڪيترائي سنڌي ساهتيہ جي آسمان جا چمڪندڙ ٽمڪندڙ سيپيئي ستارا، سنگيتڪار، موسيقار، گلوڪار، مقرر، تعليمدان، سياستدان ۽ سندن سنگتو پالتو ۽ فالتو فتني باز خواهہ چوڪر چاڪر، هڪ هجوم گڏ ٿيل هو. منهنجي پياري دوست سڀڻ آهوجا مون کي پاڪر ۾ پري ورتو. ڪرشن راهي ۽ مايا لالا مليا. هڪ سال اندر گڏريل سميلن کان راهي ۽ مايا جو معاملو ’فٽ‘ تي ويو هو.

پڇيومانس: ”يار راهي، ڪهڙا حساب ڪتاب آهن؟“

چيائين ”مان ۽ مايا مڱڻ وارا آهيون.“

چيومانس: ”لمبو تون تہ مڱيل آهين.“

چيائين ”آهيان نہ، هوس مڱڻو ٽٽي ويو.“

پڇيومانس: ”ڪيئن؟“

چيائين ”ڇڏ يار پيءِ ڪهاڻي ڦر سهي.“

موتي پرڪاش رڪشا مان اڪيلو لٿو. واٽڙو واٽڙو تي لڳو.

پڇيومانس: ”موتي، ڪلا ڪٿي آهي؟ چيائين پٽ (شريڪانت) پنجن مهينن جو آهي. ڪلا نہ هن کي ڇڏي ٿي سگهي، نہ ڪٺي اچي ٿي سگهي.“

رات واري حادثي جي ڏڪڻي مون مٿان اچا ڇانيل هئي. مان ۽ سترام هڪ ٻئي سان اکين اکين ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين ۽ هو اشارن ئي اشارن ۾ مون کي دلداري ڏيئي رهيو هو. پر منهنجي من ۾ ان ڪولهاڻي رقاصہ جي صورت سمايل هئي. دل چاهي رهي هئي، تہ ڪسڪي هن وٽ هليو وڃان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊسمبر جي خوشگوار سونَ ورنيءَ اُس ۾، سڄي هندوستان جي سنڌي ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن، وچڙيل دوستن، پيارن ۽ پريتوانن جا پيار پريا ياڪر هئا. سنڌي ساهتيہ جي رنگ منچ جو اهڙو منظر مون، تہ سنڌ ۾ بہ ڪڏهن نہ ڏٺو هو ۽ نہ ئي ان بابت ڪٿي ٻڌو يا پڙهيو هو. مان سوچي رهيو هوس، تہ ڇا پنهنجي وطن کان وڇڙجي، هتي اچي اسين هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجها اچي ويا آهيون، يا اهو اسان جو نئين ملڪ ۾ غير سلامتي ۽ انديش ناڪيءَ جو احساس آهي، جيڪو اسان کي ايئن هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي رهيو آهي.

سيا طرفان شايع ٿيل دستاويزي ڪتاب "سنڌيت جو سفر" ۾ سيني سميلين جي ڪارروائين جا تفصيل درج ڪيا ويا آهن. ان ڪري هتي مان رڳو ڪجهہ اهڙيون ڪنڊائٽيون (Sidelines) دلچسپ وارداتون ۽ لمحا تحرير ڪري رهيو آهيان، جيڪي دستوري طور ڪٿي بہ رڪارڊ ڪرڻ بدران، رڳو يادگيرين طور لطف وٺڻ جوڳيون آهن ۽ وقت پئي وسري وڃڻ واريون آهين.

هر سنڌي ساهت سميلن سڪ وارو ماحول ڦهلائي ڇڏيندو هو. ادبي بحثن مباحثن، لطيفي بازي، فقري بازي ۽ ڇيڙڇاڙ سان گڏوگڏ، ادبي ۽ ذاتي ڇڪتاڻ پڻ ان ماحول جو حصو بڻجي ويندا هئا. ڪانفرنس هال ۾ سياستدان پڻ پنهنجا پنهنجا دوڪان چمڪائڻ لاءِ تقريرون ڪندا هئا ۽ سياسي داوَ پيچ هلائيندا هئا، تہ ساهتڪار پنهنجن ڪتابن جا مهورت ڪِ ائيندا هئا. اخبار نويس پنهنجين اخبارن جا ٿها جهلي ورهائيندا وتندا هئا. ڪتب فروش پنهنجا اسٽال کولي ويهندا هئا. جيڪي ڊيليگيٽ ڪتاب خريد ڪرڻ جو ست ساري سگهندا هئا، اهي خريد ڪندا هئا ۽ ٻيا اسٽالن تي بيٺي بيٺي ئي پنا اٿلائيندي اٿلائيندي ڪتاب پڙهي پورو ڪري ڇڏيندا هئا، ۽ ميسٽا تي ڪتاب واپس رکي ڇڏيندا هئا:

ٻن بزرگ اديبن لال سنگهہ اجواڻي ۽ منوهر داس ڪوڙو مل جو ڪجهہ عرصي کان جهيڙو هلي رهيو هو. لال سنگهہ اجواڻيءَ انگريزيءَ ۾ (History of Sindhi Literature) "سنڌي اب جي تاريخ" لکي وڏو نالو ڪمايو. هو صاحب انگريزيءَ جو وڏو اسڪالر هو ۽ تازو قائم ڪيل مرڪزي ساهت اڪادميءَ جو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ڪنوينر هو. جيتوڻيڪ سنڌي ٻولي اڃا آئين ۾ قومي ٻولي تسليم نہ ٿي هئي، پر ساهت اڪادميءَ ان کي ٻين قومي ٻولين جيان برابريءَ وارو درجو ڏنو هو.

لال سنگهہ اجواڻي بمبئيءَ ۾ ۽ منوهر داس دهليءَ ۾ رهندا هئا ۽ ٻنهي وچ ۾ ذاتي نوعيت جي ڪا خط و ڪتابت هلندڙ هئي، جيڪا هڪ ٻئي خلاف الزام تراشين سان پُر هئي. ذاتي جهيڙي نيٺ اهو روپ اختيار ڪيو جو منوهر داس، اجواڻيءَ جي هن کي لکيل اعترافاتي خطن جو مجموعو "مخفي خطن جو خاڪو" نالي سان شايع ڪرايو. جنهن جون سوَ کن ڪاپيون هو پاڻ سان ناگپور سميلن ۾ ورهائڻ لاءِ کڻي آيو. انهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خطن ۾ وڏين وڏين شخصيتن جا پتڪا لاٿا ويا هئا ۽ ڪن جي ذاتي ڪردار تي پڻ چنبا هنيا ويا هئا.

ٻئي طرف منوهر داس ڪوڙو مل سنڌي ساهتڪارن جي ادبي خدمتن ۽ سندن لکيل ڪتابن تي تيل سندس تبصرن تي، هڪ ڪتابچو پڻ شايع ڪرايو هو. هو اهو ڪتابچو ٻن روپين ۾، سميلن ۾ فروخت ڪري رهيو هو ۽ خريد ڪرڻ واري کي 'مخفي خطن جو خاڪو' جي ڪاپي ڪامپليمينٽري ڪري ڏيئي رهيو هو. بهرحال، ان خط و ڪتابت ۾ 'خط' اجواڻي صاحب جا هئا ۽ "ڪتابت" منوهر داس ڪوڙي مل جي هئي.

پنهنجي تيل پڌل ميري ٽوپي هيٺ مٿي ڪندي منوهر داس مونکي 'پنهنجو ادبي شاهڪار" ٻن روپين ۾ خريد ڪرڻ لاءِ چيو ۽ گڏوگڏ 'مخفي خطن جو خاڪو' اعزازي ڪاپي طور ڏنو. چيائين: "لڇمڻ، هن ڪتاب ۾ غزل گو شاعرن جي فهرست ۾ تنهنجو نالو 'بولڊ' اکرن ۾ آهي، ان ڪري توکي هي ڪتاب خريد ڪري محفوظ ڪرڻ گهرجي." سڄي ڪتاب جي ٻه ٽي پيرا ورق گرداني ڪندي به مون کي پنهنجو نالو ڪٿي نظر نه آيو. چيومانس: "سائين، منهنجو نالو ته ڪٿي به ڪونهي." چيائين: "ايئن ڪيئن هوندو؟ وري ڏس." وري ڏسي چيم: "سائين ڪونهي." ڪکو وکو ٿي چيائين: "ان نياڻي ڪمپازيٽر کان رهجي ويو هوندو. ڪائي ڳالهه ڪانهي." پنهنجي صدريءَ مان پراڻي انڊ پين ڪڍي 'ايل' واري صفحي تي سٽن وچ ۾ هٿ سان منهنجو نالو لکي چيائين: "وٺ، ٻه روپيا ڏي." ٻئي ڏينهن منهنجي ادبي دوست سرڳواسي نانڪ مدناڻيءَ پڻ ٻڌايو ته ڪانئس به ٻه روپيا وٺي انڊ پين سان هن جو نالو ڪتاب وچ ۾ هٿ سان لکي ڏنائينس.

سنڌيت جي سفر ۾ جتي هند جي سنڌي ساهتڪارن نيڪ جذبن سان جنون جي حد تائين محنت ڪري، ڪشالا ڪڍي، قربانيون ڏيئي، سنڌيت جي قافلي کي روان دوان رکيو. اديبن جون ادبي تخليقون، فنڪارن ۽ ڪلاڪارن جون ثقافتي سرگرميون، سنگيتڪارن جا سنڌي لوڪ سُر ۽ سنگيت ۾ نوان نوان تجربا ۽ نين ڌُنن جي ايجاد، سنڌي رنگ منچ کي اوج تي رسائي، ناٽڪن ۾ نوان نوان تمثيلي ۽ تجرباتي ناٽڪ، شهر شهر ۾ برپا ڪيل ناٽڪ منڊليون، ڪُل ڀارت سطح تي ڊراما چٽاڀيٽيون، جن ۾ پندرهن ويهن شهرن جا ناٽڪ ڪار هدايتڪار ۽ ڪلاڪار شرڪت ڪندا رهيا. اهي سڀ نوجوان سنڌي ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن جا شدت سان اُبري آيل، ديوانگيءَ جي حد تائين پهتل جنوني جذبا هئا.

پر نيڪ نيتيءَ سان وڌندڙ اديبن ۽ ڪلاڪارن جي ان قافلي جي راهه ۾ ڪنڊا وڇائيندڙن جي به ڪمي نه هئي. چنهبدار پٿر وسائڻ وارن، ان ڪاروان کي روڪڻ لاءِ پڻ پنهنجي وسان نٿي گهٽايو پر سچي ادبي لڏي لاءِ غالب جي هن شعر جو مفهوم روشن راهه جيان هو:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سخت حمايتي هئڻ ڪري، هو پنهنجيءَ اخبار جي هر پرچي ۾ نوجوان اديبن مٿان الزام تراشين جو ڏوڙيو وسائيندو هو ۽ عربي لپيءَ جي هر حاميءَ کي هن ملڪ ۽ پنهنجيءَ قوم جو غدار ڪري ڪوٺيندو هو. سنڌ کي ياد ڪرڻ ۽ ڪنهن به لکڻيءَ ۾ سنڌ جي سارونڀين جو ذڪر ڪرڻ وارو هر ساهتڪار هن جي نظرن ۾ ديش دروهي هو.

سال 1965ع ۾ ڀارت، پاڪ جنگ دوران، سنڌيءَ جي نامور ڪهاڻيڪار موهن ڪلپنا هڪ ڪهاڻي لکي، جنهن ۾ هن لکيو: "جنهن وقت ڪراچيءَ مٿان هندوستاني جهاز بم ڪيرائي رهيا هئا، ان وقت مون کي لڳي رهيو هو ته اهي بم منهنجيءَ ڇاتيءَ مٿان وسي رهيا آهن." ڪهاڻيءَ جو لب ولهجو جنگ خلاف نفرت ۽ احتجاج جو اظهار هو ۽ 'ڪراچيءَ ۾ ڪلپنا جي ڇاتي' کي علامتي طور پيش ڪيو ويو هو. پر اهڙيون علامتون گاجرا جهڙي ڪُند ذهن جي سمجهه کان بالاتر هيون ۽ هن گنتر واسيءَ ۾ باهه جا اُلا وسائڻ شروع ڪيا. هن بيحد زهريلو اداريو لکي، ڀارتي حڪومت کان تقاضا ڪئي، ته موهن ڪلپنا تي ملڪ سان غداريءَ جي الزام هيٺ قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ هن کي يا سخت ۾ سخت سزا ڏني وڃي يا ڪيس پاڪستان جي جهاز ۾ چاڙهي ڪراچيءَ اُماڻيو وڃي ۽ هن جي ڇاتيءَ مٿان بم ڪيرايا وڃن. هن صاحب ۾ ايتري ذهانت يا شعور نه هو جو ڪهاڻيءَ جو بين السطور مفهوم سمجهي سگهي.

ترقي پسند اديبن طرفان شايع ٿيندڙ 'سنڌو ڌارا' جي مهورتي پرچي ۾ ارجن شاد جو نظم:

"سرحد جي پار منهنجي نظر کي اُڏڻ ڏيو.
اصلي وطن جي پيي ته زمين کي ڏسڻ ڏيو.

هن روح جي ڪڙيءَ کي نه ورثي کان ڪاٽجو.
ڦٽڪي رهي آ قوم، انهيءَ کي جيئڻ ڏيو. (الخ)

ته جناب گاجرا جوالا مکيءَ جيان ڦاٽي پيو. پنهنجي اخبار جي سٽ سٽ ۾ ارجن شاد ۽ سنڌو ڌارا جي ايڊيٽوريل بورڊ مٿان هن جي گوهر فشاني هئي ۽ مٿن مقدما هلائڻ جون اپيلون هيون.

سنڌيءَ جي آبرودار ليکڪا پوپٽي هيرانندڻيءَ لاءِ هن پنهنجي 'گنترواسي' ۾ لکيو: "پوپٽي هڪ اها ليکڪا آهي، جيڪا مهاڀارت جي ڪردار دروپديءَ جو اڄوڪو روپ آهي. جيئن دروپديءَ جا پنج پانڊو مڙس هئا، تيئن سنڌي ساهتيہ ۾ هن جا به پنج مڙس آهن. انهن پنجن مڙسن جا نالا هن هي ڳڻايا هئا: ڪيرت، اتم، مالهي، شاد ۽ راهي. جڏهن پوپٽي ۽ ٻي هڪ ليکڪا شيلا لالواڻي گاجرا بابت اهي پول ناگپور ۽ بئنگلور سميلن جي اسٽيج تي هزارين ناظرين اڳيان پڌرا ڪيا، ته هن مٿان ملامتن جو وسڪارو ٿي ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪول جي احاطي ۾ ويان عارضي طور اڏاوت ڪيل ڪاڪوسن جي قطار ٻاهران گاجرا صاحب گف وهائي رهيو هو: ڪاڪوسن ۾ پاڻيءَ جو بندوبست ڪونهي. ماڻهو صفائي ڪيئن ڪندا؟ هي ڪهڙو انتظام آهي؟ هنن ترقي پسندن جا سڀ اهڙا ئي ڪاڪوسي ڪم آهن. وغيره. مان هن جي پر ۾ پنهنجي وارِي لاءِ بيٺو هوس. چيومانس: "سائين. توهان پنهنجي 'پارت واسي' اخبار جا ايترا بنڊل جو ڪٽي آيا آهيو اهي آخر ڪهڙي وقت ڪم ايندا؟ هر ڪاڪوس ٻاهران هڪ هڪ بنڊل رکي ڇڏيو. توهان جي 'ڳٽر واسي' ڪڏهن تہ ڪم اچي." منهنجي پر ۾ ڪهاڻيڪار دوست هري همٿاڻي بيٺو هو جنهن جي هٿ ۾ هڪ پرچو هو. مون هن کان اهو پرچو وٺي هڪ ڪاڪوس ٻاهران رکي ڇڏيو. ٻلديو گاجرا صاحب مون سان گڏ منهنجي سرڳواسي پيءُ ماءُ کي بہ گاريون ڏيڻ لڳو. (جيڪي ان وقت حيات هئا.)

هي سڀ منهنجيءَ آتم ڪٿا جي آسپاس جي ماحول، وارداتن ۽ ساعتن جي سنجيده خواهہ هلڪي ڦلڪي سفر جو حصو آهن. جن جون ڪي ڪندون (Side lincs) مان رڪارڊ تي رکڻ ٿو چاهيان. ناگپور سميلن جي ڪلچرل پروگرام ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ڪويل ڀڳوتي ناواڻيءَ ڪرشن راهيءَ جا تازو لکيل بيت 'سنڌ ۽ سنڌي' سنگيت جي سُرن ۾ سموئي پيش ڪيا. هال ۾ ويٺل سنڌو اٿلجي پيئي. اڌيڙ عمر وارا مرد ۽ عورتون سنڌ جي ياد جي سڏڪن ۾ هئا. جوان ۽ جوانڙيون جذباتي ٿي ويا. جڏهن ڀڳوتيءَ ۽ سترام روهڙا پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائي رهيا هئا:

"وطن جي لئہ جان گهوري، پوءِ بہ ٿوري،
سنڌين جان نہ گهوري، وطن گهوري آيا.
وطن گهوري آيا، هاڻي رت روئن.
پنهنجا وري پسڻ لاءِ، تن جا نيڻ سڪن.
ٻيريون، ڪپڙ، ڪچيون، هٿ ڳولهيندي نہ ملن.
ماڻهو هٿ بہ تين، پر اسان جا ڪي ٻيا هئا."

درشڪن جا درياهہ اٿلي پيا. هر پروگرام ۾ ڀڳوتي ۽ سترام مٿان 'سنڌ ۽ سنڌي' ڳائڻ جون فرمائشون ٿيڻ لڳيون. ڀڳوتيءَ جو ڳائي ڳائي گلو ٻيهجي ويو. پر پوءِ بہ هوءَ پنهنجي ڳچيءَ جي چوڌاري اچي پٽي ٻڌي ڳائيندي رهي. گوبند مالهي درشڪن کي وڏيڪ فرمائش کان باز اچڻ لاءِ ايلاز ڪندو رهيو. ناگپور سميلن ۾ ڪرشن راهي، بطور شاعر ۽ ڀڳوتي ناواڻي بطور گلوڪاره هڪ خاص مقام ماڻي ورتو.

ناگپور واري ان سميلن کان پوءِ اکل ڀارت ساهت سميلن جي نوعيت ئي بدلجي ويئي. ان جو رنگ روپ ئي نئون ٿي ويو. هينئر اهي سميلن ساهت ۽ ساهتڪارن جي دائري کان ٻاهر نڪري، ڦهلجي، سنڌيت جي هڪ لهر بڻجي، شاهي ميلي جي صورت وٺڻ لڳا. گانڌيڌام، ڀوپال، جئپور، لکنو، بئنگلور، الور. هر شهر ۾ ٽيندڙ سنڌي ساهت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميلن ڪٽي ڪُر ڪيتر، تہ ڪٽي ميدان جنگ بڻجندو ويو ۽ جنگ جي انهن ميدانن ۾ اسان جي سنڌي جاتيءَ هڪ وڏي فتح اها حاصل ڪئي، جو هندوستان جي آئين ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي طور تسليم ڪرائي، ان کي ٻين قومي ٻولين جي برابريءَ وارو درجو ۽ رتبو ڏياري سگهي.

پر سنڌيت جو ڪاروان روان دوان هو
جنگ اڃا جاري هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پاونجاهون پنو

ڪالهه شام (13 سيپٽمبر) مان ڪڪيءَ واري ٽوڪري کڻي، گريٽر ڪيلاش علائقي جي چترنجن پارڪ واري بنگالين جي شاهي مڇي مارڪيٽ ۾ پلو وٺڻ لاءِ نڪتس پئي، جو گوپيءَ بالڪنيءَ مان مٿي سڏ ڪيو. پلو جنهن کي بينگالي بابو هلسا (Hilsa) مڇي چوندا آهن، اهو يا ته سنڌ ۾ سنڌوءَ ۾ ٿيندو آهي، يا بنگلاديش جي پدما ۽ مينگهنا ندين ۾. پر سڀ کان سوادي، پلو مون ڪئناڊا جي شهر ونڊسر (Windsor) ويجهو مٿاهين وهندڙ نديءَ مان پڪڙيل هڪ چيني دوڪان وارو ڪاڍو آهي. سُڪي ويل سنڌوءَ جي پلي ۾ هاڻي اهو ساءُ نه رهيو آهي ۽ هينئر ان جو سواد سڪل پادر جهڙو وڃي رهيو آهي، پدما جا پلا اڃا به لذيذ آهن. جيڪي دهليءَ جا بينگالي خاص بنگلاديش مان امپورٽ ڪندا آهن.

مٿي آيس، ته گوپيءَ هٿ ۾ مڇيءَ جي ٽوڪري ڏسي چيو: ”اڄ مڇي پلو يا گوشت گهر نه آڻج. سياڻي پاپيءَ (منهنجي ماءُ) جو شراڌ آهي. مهراجڻ کي گهر گهرائي، پوڄا پاٺ ڪرائي، ڪيس شراڌ جا سِيرا پوريون ۽ کيرٽيون ڪارائيون آهن ۽ ڏکڻا ڏيڻي آهي، ان ڪري گهر ۾ گوشت مڇي نه ايندو.“ چيومانس: ”گوپي، پاپي ته مڇي پلي جي ڏاڍي شوقين هئي. برهمڻيءَ کي اها ڪارائي منهنجيءَ ماءُ تائين پهچاءِ.“ گوپيءَ رهڻ ڏيئي چپ ڪرائي ڇڏيو ۽ ٽوڪري ڪسي واپس رکي ڇڏي.

مون کي انهن مفت خورن، ڏاما ڪائيندڙن ٻانيڻن، ٻانيٽيائين ۽ ٻاون کان سخت چڙ آهي. پر پنهنجي پيءُ ماءُ جي رتائين رشتي ۾ ماٺهو ياوڪ ۽ رقت انگيز ٿي ٿو وڃي.

ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ مان ڊرائنگ روم ۾ پهريون پيگ ٺاهي، ٽي وي ڏسي رهيو هوس، جو اوچتو ٽي ويءَ تي بمن جي ڌماڪن جون هر نيوز چينل تي لڳاتار خبرون اچڻ لڳيون. دهلي شهر جي چئن پيهه وارن علائقن ۾، پندرهن منٽن اندر پنج زوردار بم ڦاٽا هئا. جن ۾ هڪ مارڪيٽ اهو پڻ هو جتي مان به ڪلاڪ اڳ پلو وٺڻ لاءِ وڃڻ وارو هئس. قرو لباغ جو غفار مارڪيٽ، ڪنات پيلس جي پاليڪا بزار، بارا کميا روڊ جي گوپال ٽاور ۽ گريٽر ڪيلاش جو اهو علائقو. سچو منظرنامو روز قيامت جو ڏيک ڏيئي رهيو هو. مري ويلن جا لاش ايمبولينس ۾ ڍوئجي رهيا هئا. زخمين جون ٽنگون ڪٽجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الڳ ٽيون پيون هيون، ٻانهون بہ اڌ ٽيل هيون، منهن ڦٽيل هئا، جسمن مان رت ڦوهارن وانگر وهي رهيو هو. ڌرتيءَ تي انساني گوشت ۽ رت جا داغ ۽ ڏُٻا سُڪندي سڪندي ڄمي رهيا هئا ۽ انهن جا گول، چورس ۽ ٽڪندا دائرا نهي ويا هئا. گهر جي ٻاتين، مٿن ماڻٽن ۾ روڄ راڙو متل هو. اوسي پاسي جي اسپتالن ۾، مرده ۽ زخمي جسم اسٽريچرن تي قطار در قطار اچي رهيا هئا. اهڙو ڀوائتو منظر ڏسي مون تي وي بند ڪري ڇڏي ۽ ڪمري ۾ پلنگ تي اچي ساڻو ٿي سمهي رهيس.

اسين هي ڪهڙي دهشت گرديءَ جي دور مان گذري رهيا آهيون، جنهن ۾ هيءَ محض منهنجي آتم ڪٿا ناهي، پر سڄي دور جي آتم ڪٿا آهي، جنهن ۾ هي رڳو مون اڪيلي جو ماتم ناهي، پر سڄي دور جو ماتم آهي. مذهبي ۽ ڌرمي ديوانگيءَ انسانذات کي ڪهڙي اڌ رنگ ۾ ورچائي، ذهني ۽ جسماني طور اپاهج بڻائي ڇڏيو آهي. هندوستان جهڙي جمهوري ۽ سيڪيولر ملڪ ۾، گذريل سال سرسري طور هر روز ست انسان دهشتگيرن هٿان قتل ڪيا ويا آهن. عراق ۽ افغانستان کان پوءِ هندوستان دهشتگرديءَ جو وڏي ۾ وڏو محاذ رهيو آهي، جتي رڳو سال بہ هزار ست ۾، ٽيويهہ هزار ماڻهو دهشتگرديءَ جو شڪار ٿي چڪا آهن. عراق ۾ تيرهن هزار ۽ افغانستان ۾ پنج هزار انسان دهشتگردن هٿان مارجي چڪا آهن. پاڪستان جا انگ اکر مون وٽ ميسر نہ آهن، پر اتي بہ غريب ۽ ابوجهہ عوام خوف جي پاڇي ۾ ساهہ کڻي رهيا آهن ۽ کين سدائين اهو احساس رهندو آهي، تہ موت مسلسل اسان جو پيڇو ڪندو ٿو رهي. منهنجي هڪ دوست ڪراچيءَ ۾ مون کي چيو، تہ صبوح جو گهران نڪرڻ وقت اسان کي اها پڪ نہ هوندي آهي، تہ اسين شام جو گهر موٽي بہ ايندا اسين_ الائي نہ؟

جنهن ملڪ ۾ مان رهان ٿو اتي بہ لڳ ڀڳ اهي ئي حالتون آهن. شهر جا شاطر ماڻهو رستن تي نڪري آيا آهن، تہ باقي بچي ويل اشراف انسانن جي زندگي زهر ۽ جيئڻ جنجال ڪيئن ڪجي؟ اهڙا شيطان صفت شخص پيهہ ۽ گپا گيهہ وارن علائقن ۾ بم پلانٽ ڪرڻ کان پهرين بي شرمائيءَ سان انڊيا گيٽ جي تفريحي پارڪن ۾ ويهي آئيس ڪريمون کائيندا آهن. شايد مٿن اهو خوف پڻ حاوي هوندو آهي، تہ مٿان بم ڌماڪي ۾ اسين بہ نہ اڏامي وڃون، ان ڪري مرون تہ آئيس ڪريم کائي ڇو نہ مرون؟ اهي آتم هتيائي بامبرس ديوانگيءَ جي حدتائين لڳت لڳل جناتي جيوڙا آهن، جيڪي اصل ۾ ابوالحؤل جو اولاد آهن.

مان پنهنجيءَ هن آتم ڪٿا ۾ پاڻ کي سياسي ۽ مذهبي معاملن ۾ وچڙائڻ نٿو چاهيان، پر جڏهن انساني رت رستن تي وهڻ ٿو لڳي، تہ انسانذات مان اعتقاد نڪري ٿو وڃي، جنهن ۾ سڀ کان سفاڪاڻو ڪردار ڌرم ۽ مذهب جو آهي، جنهن هن برصغير جي عوام جو وهڻ وهہ ڪري رکيو آهي. بهرحال، مون کي اهو اطمينان اوس آهي، تہ پنهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاسي اسان جي سنڌي قوم جو ڪوبہ فرد اهڙن موتمار ۽ انسان سوز ڪارروواين ۾ ملوث ناهي. اسان جي امن پسند قوم کي امن ۽ اطمينان سان جيئڻ ڏنو وڃي.

مان پندرهن سورهن سال ماضيءَ ۾ موٽي ٿو وڃان. اها ڇهين (06) ڊسمبر 1992ع جي شام هئي. مان پنهنجن همر پيشي دوستن سان پريس ڪلب ۾ وينو هوس، جو ٽي ويءَ تي سرخيون اچڻ لڳيون، تہ ايوڌيا ۾ ڪرسيوڪن جو هڪ وڏو انبوهہ متحرڪ، ڪوڏرن ۽ ڪهاڙين سان بابري مسجد جي گنبذ تي چڙهي چڪو آهي ۽ ان کي ڊاهي پٽ ڪري رهيو آهي. سڀ صحافي پنهنجين پنهنجين اخباري آفيسن ڏانهن ڀڄڻ لڳا. منهنجي جيتوٽيڪ اها بيٽ (Beat) نہ هئي، پوءِ بہ مان ٻاهر اچي، پنهنجي ڊرائيور اقبال کي ڳولهڻ لڳس، جيڪو الائي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو هو. منهنجي ٽائيمس جون بہ رپورٽر ڇوڪريون ٻابل مهتا ۽ سيما مصطفيٰ پنهنجيءَ ڪار ۾ مون کي پاڻ سان گڏ وٺي آيون. سيما جون اکيون آليون هيون. آفيس پهچي مون نيوز ڊيسڪ تي ايجنسين وٽان ٽيليڪس ٽيل پرنٽ آئوٽ پڙهڻ شروع ڪيا. منجهيل من ۽ ذهني ڇڪتاڻ واري ماحول ۾، مان آفيس جي ريفرنس روم ۾ وڃي ويٺس. ڪجهہ هوش سنڀالي مون بابري مسجد جو تواريخي پس منظر وارو فائيل ڪڍي پڙهڻ شروع ڪيو.

هندوستان جي ٻهرئين مغل بادشاهہ ظهيرالدين بابر جي حڪم تي، مير محمد باقيءَ سال 1528ع ۾ هيءَ مسجد تعمير ڪرائي هئي. جيتوٽيڪ بابر پاڻ ڪڏهن بہ ان طرف نہ ويو هو. هو تہ شايد دهليءَ جي پراڻي قلعي ۽ ان کان اسي ميل پري پاڻي پت جي ميدان کان سواءِ ٻئي ڪنهن پاسي نڪتو ئي نہ هو. پنهنجي سوانحي روزنامچي 'بابر نامي' ۾ هن رڄ هندوستان واري ان علائقي کي زبون ۽ گهٽ پوسات وارو علائقو ڪري ڪوٺيو آهي ۽ اتان جي موسم ۽ آبهوا کي دوزخ جي لُڪن ۽ اُتت سان تشبيهہ ڏني. بابر جيئن تہ پنهنجيءَ وصيت ۾ انتقال کان پوءِ، هندوستان ۾ دفن ٿيڻ کان منع ڪئي هئي، ان ڪري مَن جو نعش دفن ٿيڻ لاءِ ڪابل موڪليو ويو.

ورهاڱي بعد ڪن هندو ڌرمي پرچارڪن دعويٰ ڪئي، تہ اها مسجد هڪ اهو مندر ڊاهي، ان مٿان تعمير ڪئي ويئي آهي، جتي هندن جي اوتار رامچندر جنم ورتو هو ۽ ايوڌيا هن جي راڄڌاني هئي. اها ڇڪتاڻ هڪ ڏيڍ صديءَ کان هلندڙ هئي، پر ان اڳا اهڙي فرقيوارانہ فسادي شڪل نہ ورتي هئي. اها واد وواد هندو پرچارڪ اخبارن ۽ رسالن تائين ئي محدود رهي. اٺويهين صديءَ جي وچ ڌاري سُني مسلمانن جي هڪ گروهہ مسجد جي پير ۾ قائم ٿيل هنومان مندر مٿان حملو ڪيو. مندر جي پوڄارين ۽ شرڌالن جوابي حملو ڪري فسادين کي پڇائي ڪڍيو.

سال 1857ع جي آزاديءَ واري جنگ وقت هنومان مندر جي مهنت، مسجد جي کليل پڌر جي هڪ حصي تي قبضو ڪري، اتي هڪ وڏو ٿلهو ٺهرائي، اها دعويٰ ڪئي، تہ هيءَ جاءِ ڀڳوان شري رامچندر جو جنم آستان آهي. ويهن پنجويهن سالن بعد مندر جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهنت انگريز سرڪار کان اها گهر ڪئي، تہ ان وسيع ٿلهي مٿان رام مندر اڏائڻ جي اجازت ڏني وڃي، پر انگريز حڪومت اها گهر نامنظور ڪري ڇڏي. اينڊڙ پنجاهہ سٺ سالن تائين اتي ڪابہ جهڙپ نہ ٿي ۽ صلح سانت رهيو.

سال اڻويهہ سوَ چوٽيهن ۾ ان متنازه علائقي ۾ فرقيوارانہ فسادن وري منهن ڪڍيو ۽ مسجد جي گنبذ کي مسمار ڪيو ويو پر وقت جي حڪومت بروقت ٿي ان کي نئين سر تعمير ڪرائي ڇڏيو. پندرهن سال امن امان رهيو. هندوستان جي آزادي ۽ ملڪ جي ورهاڱي جي ٻن سالن کان پوءِ ڊسمبر 1949ع جي هڪ اڌ رات مهنتن جي چرچ تي ڪن بنياد پرستن مسجد کي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ زوريءَ اندر گهري لِڪ ڇپ ۾ اوتار رامچندر جي هڪ ننڍي مورتي رکي ڇڏي. ان واردات کي هندن هڪ معجزو ڪري سمجهيو ۽ مسلمانن مذهبي بي حرمتي.

مسجد ۾ اوتار رامچندر جي مورتيءَ جي اوچتي استاپنا جي خبر ٻڌي، هزارين رام ڀڳت ڀڄن ۽ رامائڻ جون چوپايون ڳائيندا، جهانجهون وڄائيندا، ۽ جئہ ڪار جا نعرا هڻندا، ايوڌيا پهچي ويا. ڀارتي حڪومت جنهن سرڪاري عملدار کي اتان مورتي هٽائڻ جو حڪم ڏنو هن اهو مڃڻ کان انڪار ڪري انڪار ڪيو. جو هن جي گهرواريءَ رام چوٽ مانس جو اکنڊ پاٺ رکايو هو. معاملو عدالت تائين ويو ۽ عدالت فيصلو ڏنو تہ مورتي پنهنجيءَ جاءِ تي رهڻ ڏني وڃي، پر ٻئي فرقا ان ايراضيءَ کي مندر خواهہ مسجد طور استعمال نٿا ڪري سگهن ۽ ڪوبہ اتي پوجا پاٺ يا عبادت نٿو ڪري سگهي. بابري مسجد کي وڏو عليگڙهي تالو هڻي، ٻاهران پهريدار ويهاريا ويا.

ٽيهن سالن جي ماٺائي کان پوءِ بنياد پرستن جون ڍليون ٿي ويل رڳون وري ڦڙڪڻ لڳيون. سال چوراسيءَ ۾ وشو هندو پريشد (VHP) هڪ قرارداد منظور ڪري، ايوڌيا ۾ رام جنم ڀوميءَ کي مسجد جي قبضي مان آزاد ڪرائي، شُڌي وڌيءَ سان مورتيءَ کي پويتر ڪري، اتي رام مندر جوڙڻ جي گهر ڪئي. ان گهر کي عملي جامو پارائڻ لاءِ پريشد پنهنجو هڪ جنگي جٿو بجرنگ دل جي نالي سان قائم ڪيو جنهن اڳتي هلي سال ٻيانوي ۾ بابري مسجد کي مسمار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

اهو ڇهين ڊسمبر اڻويهہ سو ٻيانوي واري سياري جو صبوح هو. جڏهن مان ۽ منهنجا صحافي دوست پريس ڪلب آف انڊيا جي وسيع هالَ ۾ ويٺا جا مڳا هٿن ۾ جهلي، ٽيليويزن تي بابري مسجد جي پيچ ڊاهہ وارو هيبتناڪ منظر ڏسي رهيا هئاسين. هڪ تخميني موجب ٽي لک ماڻهو ايوڌيا ۾ گڏ ٿي چڪا هئا. ڌرمي ديوانگيءَ جي ان ماحول ۾ جناتي قسم جي ڪرسيو ڪن جا جنوني جٿا پوليس جي ناڪي بندين وارا ٻڙيئڙ پچي، هٿن ۾ هٿوڙا، ڪوڏريون، ڪهاڙيون، لوهي ٻلم، واهولا، ڪرپا ۽ ٻيلچا کڻي، مسجد جي گنبذ تي پولڙن جيان چڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. هيٺ ڪسڪي پوڻ تي وري وري هٿ پير هڻي رهيا هئا. اهو غاصباڻو عمل پنج ڪلاڪ جاري رهيو ۽ هيٺ بيٺل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي اڳواڻ ڪين پڙڪائڻ ۽ جوش ڏيارڻ واريون هڪلون هڻي رهيا هئا. جيڪي اڳتي هلي عدالتن ۾ پنهنجي ان عمل کان صاف الي ويا.

شام تائين مسجد جي ملبي مٿان رام مندر جي اڏاوت جو ڪم شروع ٿي ويو. ننڍي کنڊ جي ٻنهي ملڪن جي ڪيترن شهرن ۾ فساد شروع ٿي ويا. هندوستان ۾ سترهن سوَ ماڻهن کي موت جي منهن ۾ اُڇليو ويو ۽ زخمين جو تعداد پنجن هزارن تائين پهچي ويو.

بابري مسجد جو مسمار ٿيڻ سيڪيولرزم جي دعويٰ ڪندڙ هن ملڪ جو وڏو ۾ وڏو سانحو آهي، جنهن جو ردعمل اسين گذريل پندرهن سالن کان ڏسي ۽ ڀوڳي رهيا آهيون. گوڌرا، احمد آباد، بمبئي، جئپور، حيدرآباد، سورت، ماليگانو بڙودا، بنارس ۽ دهلي ۽ ٻين ڪن شهرن ۾ لڳاتار ٿيندڙ بم ڌماڪا. جن ۾ سوين جانيون جان بحق ۽ هزارين انسان اپاهج ٿي چڪا آهن ۽ اڳتي الائي ڇا ڇا ٿيڻو آهي، معصوم شريف شهرين مٿان خوف ۽ ڌهڪاءَ جو ماحول طاري ڪري رکيو آهي. چار ڏينهن اڳ منهنجي رهائشي ڪامپليڪس پريس انيڪليو (Press Enclave) ۾، سانجهيءَ وقت ڪو دهشتگير ٻن وهاڻن وچ ۾ ٽائيم بم ڳوٿريءَ ۾ رکي، سيڪيورٽي ايجنسيءَ جي نفريءَ وارن ٻارهن چوڪيدارن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، ماٺ ميٺ ۾ هڪ واٿهڙوءَ جيان نڪري ويو. وقت سر اهو ننڍو بم فيوز نہ ڪيو وڃي ها، تہ اڄ مان شايد هي سٽون لکڻ لاءِ حيات نہ هجان ها.

ڏوهہ ڪنهن جو بہ هجي؟ ڀهرين گولي ڪنهن بہ هلائي هجي؟ ڀهريون هٿوڙو ڪنهن بہ هنيو هجي، پر مرن معصوم ۽ بيگناهہ انسان ٿا. لولا لنگڙا ابهم ٻار ٿين ٿا، اپاهج جوان ۽ جوانڙيون ٿين ٿيون. معذور صحتمند ۽ سگهارا مرد ٿين ٿا.

بابري مسجد واري سانحي سان جمهوريت ۽ سيڪيولرزم جي ٿنڀن تي ٻيٺل هندوستاني حڪومت جا ٿنڀا لڏڻ لڳا. بنياد پرست ۽ تعصبي ڌرمي سنستائن ۽ جماعتن ۽ ڪن جنوني شخصن کي ڇڏي، اڪثر پارٽي هندو مسلم عوام اهڙي ڪُڌي ڪم جي سخت مذمت ڪئي ۽ انهن تخريبي ڪرسيو ڪن مٿان ملامتون وڌيون. هڪ مشهور پارٽي رسالي، اڏاوتي ماهرن ۽ معمارن کي اپيل ڪئي، تہ ان متنازع ايراضيءَ کي ڪيئن نئين سر تعمير ڪري، اتي ڪو اهڙو تسلي بخش ادارو قائم ڪيو وڃي، جيڪو ٻنهي فرقن لاءِ عبادت گاهہ ٻڻجي سگهي ۽ ڪٿي بہ ڪنهن اختلاف يا دنگي فساد جي گنجائش نہ رهي. هڪ فنڪار اهڙو نقشو تيار ڪيو. جنهن ۾ مندر ۽ مسجد هڪ ٻئي جي آمهون سامهون تعمير ٿين ۽ انهن جي چوڌاري ڪجين جا وڻ ۽ گوئٽن جي گلن جا ٻارا هجن.

حڪومت وٽ عجيب و غريب سجهاوَ ۽ مشورا اچڻ لڳا. عدالتن ۾ پڙڪائيندڙ اڳواڻن مٿان مقدما داخل ٿيا. تخريبڪارن کي قيد ڪري وري ضمانت تي ڇڏيو ويو ۽ کي قبل از گرفتاري ضمانتون وٺي زير زمين هليا ويا. ملڪ جو ان وقت جو ڪُميءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شڪل جهڙو وزيراعظم هڪ چسو وائڙو راشي ۽ رُڏ قسم جو شخص هو. جيڪو رڳو پنهنجي ئي ڪنبه پروريءَ ۾ پورو هو ۽ پنهنجن پٽن پوٽن کي ورسائي رهيو هو. بابري مسجد جي ڀڃ ڊاهه واري ڏينهن هو بخار جو بهانو ڪري، پنهنجي پرائيم منسٽر هائوس ۾ سوڙ پائي ستو پيو هو ۽ هيڏانهن حڪومتي پارٽيءَ جا مخالف پنهنجي من ماني ڪري رهيا هئا.

سڀ کان سمجهداريءَ وارو سجهاءُ هڪ اڻ پڙهيل ۽ اشراف آٽو رڪشا ڊرائيور وٽان آيو جنهن چيو ته ان جڳهه تي 'رام- رحيم' نالي وڏي اسپتال تعمير ڪئي وڃي، جيڪا ٻنهي فرقن جي فردن خواهه چڱن لڳن لاءِ عام هجي. ان ڊرائيور جو هي گفتو جيڪو هن هڪ صحافي ۽ ليکڪ امتياز ڪمار کي چيو مون کان اڄ به نٿو وسري. "سر- ان جهيڙي واريءَ جاءِ تي هڪ وڏي اسپتال کولايو جنهن ۾ هر غريب غربي هندو- مسلمان جو مفت علاج ڪيو وڃي ۽ جي ڪو ان کي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪري، ته اسين ان حراميءَ جون ٽنگون ٻانهون ڀڃي ڇڏينداسين. پوءِ ڀلي اڳتي هلي ان ئي اسپتال ۾ هن جو علاج پڻ ٿيندو رهي."

بابري مسجد جي الميي جو تفصيلوار احوال ڀاڳلپور جي هڪ بهاري برهمڻ ساهتڪار ۽ صحافي امتياز ڪمار پنهنجي ڪتاب Husband of a Fanatic (هڪ جنونيءَ جو خاوند) ۾ درج ڪيو آهي. امتياز آمريڪا ۾ رهندي هڪ پاڪستاني مسلمان ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي ۽ رواداريءَ جو علمبردار آهي.

ان الميي بعد گذريل سورهن سالن ۾ الائي ڪيترن بي قصور انسانن جون ٽنگون ٻانهون ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪيون آهن. بدلي جون ڀاونائون ڀڙڪي اٿيون آهن. انساني رت رستن تي هارجي چڪو آهي ۽ ننڍي کنڊ جو عوام خوف جي ڀاڇي ۾ ساهه کڻي رهيو آهي.

حيدرآبادي عامل سنڌي سياسي اڳواڻ لال ولد ڪشنچند آڏواڻي، جيڪو هن ملڪ جو نائب وزيراعظم ۽ وزيرداخلا رهي چڪو آهي ۽ پاڻ کي سنڌي اڳواڻ کان وڌيڪ قومي ليڊر سڏائڻ پسند ڪندو آهي. ان کي ست سو سال اڳ محمود غزنويءَ جي سومنات مندر جي بت شڪني، جنهن ۾ غزنويءَ هندو ديوتائن جي بتن ۾ جڙيل اکين جا هيرا جواهر پڻ ڦوڙي ڪڍيا هئا ۽ سون چاندي ۽ ماڻڪ موتين جا هڪ سو ستر اٺ پرائي غزنيءَ کڻي ويو هو جي اوچتو ياد اچي ويئي ۽ هن سومنات کان پنهنجي رٿ ياترا شروع ڪئي، جيڪا سڄي ڀارت مان لنگهندي، بينگال تائين پهچڻي هئي. ان رٿ جي ٻاهرين صورت اهڙي جوڙي ويئي هئي، جنهن ۾ ڪر ڪيتر جي مهاڀارت واري لڙائيءَ وقت ارجن ويهي ڪورون مٿان تير اندازي ڪري رهيو هو ۽ هن جو ڪوچوان ڀڳوان ڪرشن مهراج هو. پر حقيقت ۾ اهو رٿ هندوستان جي مشهور موٽرون تيار ڪندڙ ڪمپنيءَ جي وئن (DCM. Toyota) هئي، جنهن کي ٻاهران مهاڀارت جي رٿ جيان سينگاريو ويو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رٿ متان 'اوم' جو نشان علامتي طور ڊزائين ڪيو ويو هو ۽ آڏواڻي صاحب جي سياسي پارٽي بي جي پي جو انتخابي نشان (Symbol) انڻ پٽن وارو ڪنول جو گل لڳل هو. رٿ جي چوڌاري نوجوان ڇوڪرن جو وڏو ميڙاڪو رام ڀڳت هنومان جي ورون (باندر) سئنا جي علامت طور ويٺل هو. رٿ واري ڊيزل تي هلندڙ وئن جي ڇٽني پاسي لائوڊ اسپيڪر ٽهڪايل هئا، جن تي هندتوا جي اڳواڻن جي تقريرن جون رڪارڊنگس ۽ ڏرمي جذبو ۽ جوش ڏياريندڙ رزميہ شاعري، گيتن جا رڪارڊ وڄي رهيا هئا.

ڪرسٽوفر جئفرلاٽ پنهنجي ڪتاب 'هندوستان ۾ هندو تحريڪ' ۾ لکي ٿو: "مذهبي جنون ۽ دهشتگرديءَ هڪ ٻئي سان رل مل ٿي، هڪ اگرو روپ اختيار ڪيو آهي."

جنهن جنهن شهر مان، ڳوٺ مان، وستي ۽ واهڻ مان ٽيوٽا جيپ ۾ سينگاريل ايئرڪنڊيشنڊ رٿ جي ياترا لنگهڻ لڳي، اتي حشام ماڻهن جا هٿ جوڙي قطارن ۾ بيٺا رهيا ۽ رٿ متان گلن، اگربتين ۽ ناريلن جي ورڪا ڪندا رهيا. راجڪوٽ جي ڪن جوانن، آڏواڻيءَ کي پنهنجي جسم جي رت سان ڀريل برٽيون پيش ڪيون. ڪن شهرن جي مردن ۽ عورتن پنهنجي رت ۾ آڱريون ٻوڙي هن جي نرڙ تي تلڪ لڳايا. ڏرمي ديوانگيءَ جو ان کان مٿي ڦريو مثال مذهبن جي تاريخ ۾ ڪٿي بہ نٿو ملي. سابق پارٽي وزيراعظم اٽل بهاري باجپائي لاهور جي مينار پاڪستان پهچي ان کي ڇهي ٿو تہ جماعت اسلاميءَ جا مذهبي مُلا هڪ ڪافر جي ڇهيل جاءِ کي ڌوئڻ تا لڳن. تہ ان جي جوابي ڪارروائيءَ طور جڏهن پاڪستان جو سابق صدر پرويز مشرف مهاتما گانڌيءَ جي سماڌيءَ تي گلن جي ورڪا ڪري ٿو تہ شيوسينا جا سينڪ ان جڳهہ کي گنگا جل سان ڌوئي پوتير ڪرڻ ٿا چاهين. ڀارت ـ پاڪ امن فورم واريءَ ڪانفرنس وقت واڳها بارڊر تي جڏهن هڪ پاڪستاني صحافيءَ مون کان سوال ڪيو تہ: "ٻنهي ملڪن جي بنياد پرستن کي توهان ڪيئن بدلائي سگهندا؟" تہ مون هن کي جواب ڏنو: "اسين ڪين بدلائي نہ سگهنداسين، پر کين ختم ڪري سگهنداسين."

(We won’t change them, but we shall finish them)

مذهبي عدم رواداري (Intolerance) جا ڀيانڪ نتيجا بابري مسجد جي مسمار ٿيڻ، گوڌار اسٽيشن تي وشو هندو پريشد جي ٻاهٺ سيوڪن سان ڀريل گاڏيءَ کي باهہ ڏيئي، کين جيئري جلائڻ، بمبئيءَ جي انتقامي فسادن، گجرات جي قتل عام، لوڪل ٽرينن ۾ ٽيل بم ڌماڪن، دهليءَ جي مارڪيٽن ۾ ٽائيم بم رکي معصومن کي مارڻ ۽ جسماني طور معذور ۽ اپاهج ڪرڻ جهڙا ابليسي عمل، شريف شهرين جي ڇاتين ۾ دهڪا ڪري رهيا آهن. اشوڪ سنگهل، ساڌوي رتمبرا، اوما ڀارتي ۽ ٻين تعصبن جا ڀڙڪائيندڙ پاشڻ ۽ ٻئي طرف عطاءُ الله ڪاظمي ۽ عبدالله شاهہ بخاريءَ جهڙن بنيادن پرستن جون اشتعال انگيز تقريرون ۽ سندن تقريرن جون غيرقانوني طور وڪامجندڙ ڪئسيٽون، ڀڙڪيل باهہ ۾ تيل جو ڪم ڏيئي رهيون آهن. هي 'صورت مومن، ڪرتوت، ڪافران'



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙن سماج دشمن عناصرن جي زبانن کي بند ڪرڻ يا قلم ڪرڻ کان سواءِ هاڻي ٻي ڪا بہ واهہ نظر نٿي اچي.

ست سال اڳ آزاد ٿيل برصغير جا ھي بہ ملڪ آزاديءَ کان گهٽ اڳتي وڌي، هاڻي ڇڙواڳيءَ جون بہ سڀ حدون پار ڪري چڪا آهن. هاڻي هنن ٻنهي ملڪن جا رولس (Roles) رورس (Reverse) ٿيڻ گهرجن. ڇهن ڏهاڪن جي ڏاڍائيءَ بعد هاڻي پاڪستان ۾ مڪمل جمهوريت قائم ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي ۽ ان جي برعڪس هندوستان ۾ تجرباتي طور گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سالن تائين ڊڪٽيٽرشپ قائم ٿي وڃي، جيئن ان عرصي دوران وڏندڙ بنياد پرستيءَ جي مسئلي کي منهن ڏيڻ ممڪن ٿي سگهي ۽ عام شهري سک جو ساهہ کڻي سگهي. ڪمال اتاترڪ جي تُرڪيءَ جيان ڪيئي تجربا معجزن جي حد تائين ڪامياب ٿي سگهندا.

نيويارڪ جي ڇهل پل واري مئنهٽن (Manhattan) علائقي ۾ نائين سيپٽمبر، جيڪو اڄ سڄيءَ دنيا ۾ 9/11 (نائين اليون) نالي سڏيو وڃي ٿو ورلڊ ٽريڊ سينٽر (WTC) مٿان صبوح جو سوائين نوين ۽ پوڻين ڏهين بجي، دهشتگردن هڪ ٻئي پويان بہ هوائي جهاز ڪيرايا. ان حملي ۾ ٽي هزار انسان موت جو بک بڻيا ۽ اپاهج ٿيلن جو تعداد اڻڳڻيو هو. ان ڏينهن منهنجو پٽ لالي ورلڊ ٽريڊ سينٽر کان رڳو پنج بلڊنگون پري اڌ ڪلاڪ اڳ پنهنجيءَ آفيس ۾ پهتو هو ۽ پنهنجي ڪم ۾ مشغول هو. اوچتو هوائي ڌماڪا ٻڌي سيني آفيسن ۽ عمارتن ۽ گهرن جا ماڻهو ٻاهر نڪري آيا. چوڌاري باهہ جا آسمان ڇهندڙ شعلا هئا. چئني طرف قيامت جو ڏهڪاءُ پريو منظر هو. لوڪل ٽرينون، بسيون، ٽئڪسيون ۽ آمدورفت جا سڀ واهڻ ۽ وسيلا بند ٿي ويا. چوڌاري هاهاڪار هئو.

هراس ۾ مردن زالن، ٻڍن ۽ ٻارن اتر طرف تيز رفتاريءَ سان ڊوڙڻ شروع ڪيو. اڳيان ماڻهو ڊوڙي رهيا هئا ۽ پويان ڦهلجندڙ باهہ جا ڀنيٽ هئا ۽ انسانن جي ڇيخ و پڪار هئي، هر ڪو پنهنجي جان بچائڻ لاءِ محفوظ جاءِ طرف ڀڄي رهيو هو.

'نائين اليون' جي ان صبوح جو منهنجو پٽ لالي فلشنگ (Flushing) ۾ پنهنجي گهر پهچڻ لاءِ، سورهن ميلن تائين بنا ساهہ پٽڻ جي ڊوڙندو رهيو ڊوڙندو رهيو ڊوڙندو رهيو ۽ اسين بہ سالن کان دهشتگرديءَ کان بچڻ لاءِ، بنا ساهي پٽڻ جي ڊوڙي رهيا آهيون، ڊوڙي رهيا آهيون!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيونجاهون پنو

هڪ چيني چوڻي آهي تہ ”جڏهن خانسامان ۽ خادمہ پاڻ ۾ وڙهي پوندا آهن، تڏهن ئي وڃي چاڻ پوندي آهي، تہ مکڻ ڪيڏانهن ويو؟“

۽ ٺيڪ ايئن آهي، جو مکڻ سياستدان، سياسي ليڊر، مُلا ۽ پنڊت کائي ويندا آهن، پر جهيڙو ملازمن ۽ ملازمائن وچ ۾ جاري رهندو آهي.

بنياد پرست جماعتن ۽ پريوارن جي ڪارڪنن جا ڪُڌا ڪارناما تڏهن ئي منظرعام اڳيان ظاهر ٿي بيهندا آهن، جڏهن سندن وچ ۾ اقتدار لاءِ هٿ ڪس ۽ ويڙهہ شروع ٿي ويندي آهي. اڄ تائين عوام اڳيان اهوئي تاثر ڏنو ويو هو، تہ دهشتگرديءَ جي ديوانگي رڳو هڪ فرقي جي بنياد پرستن ۽ جنونين تائين محدود رهي آهي ۽ ٻيو فرقو رڳو جلسا جلوس، رٿ ياترائون، پوڄا پاٺ ڪرتالون، جهانجهون ۽ واڄا وڄائي، پنهنجو ڌرمي پرچار ڪري سگهندو آهي، جو آتم هتيائي بم بلاسٽ، بارود بندوقون ۽ توبون تفنگ سندن خمير ۾ ئي شامل ناهن. وچين دور جي تاريخ ۾ بہ توپن ۽ بارود جو استعمال پهريون ڀيرو پاڻيپت جي جنگ ۾، مغل بادشاهہ بابر ڪيو هو ۽ ان بابر جي حڪم تي تعمير ڪرايل بابري مسجد پنج سو سالن کان پوءِ هن ملڪ سان وڏا ويل وهايا آهن. ان جو مفصل ذڪر مان پنهنجي پوئين پني ۾ ڪري آيو آهيان.

منافق ۽ مڪريلن مُلن جون ڏاڙهيون لڏنديون رهنديون آهن ۽ ٻهروپي ۽ پاکنڊي ساڌن سنياسين جا مٿا ڪوڙيل هوندا آهن، پر جيڪي چِل ڪپٽ واريون دولابي ساڌويون ۽ سنياسڻيون هونديون آهن، انهن جون جٽائون سندن مٿن تي نہ، پر هيٺ ڪٽي هونديون آهن. هيل تائين ڪن ساڌوين ۽ سنياسڻين رڳو پاڻ کي پڙڪائيندڙ پاشڻن تائين محدود رکيو هو ۽ لڪ چوريءَ انهن جون ڪٿسيٺون ورهائجنديون رهيون، پر هن ملڪ جي ماڻهن جا وات تڏهن ڦاٽا، جڏهن ملڪ جي اڪثريتي فرقي جي هڪ بنياد پرست ڌرمي سنستا جي هڪ پڙهيل ڳڙهيل، هسٽريءَ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ جي ڊگري حاصل ڪيل، چوٽيهن سالن جي هڪ ساڌوي، اقليتي فرقي جي اڪثريت واري شهر ۾ بم ڌماڪا ڪرائڻ جو منصوبو تيار ڪيو. سڄيءَ سازش جي ان ساڌوي سرغنيءَ انهن جنوني شخصن جي ذهني تربيت ڪئي، جنهن هيٺ هو بم ناهڻ جا ڪُل پُرزا هٿ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ، بم تيار ڪرڻ، انهن جي ڦاٽڻ جو وقت مقرر ڪرڻ ۽ پيهه وارن علائقن ۾ انهن کي پلانٽ ڪرڻ، جيئن گهڻي ۾ گهڻيون جانيون ضايع ٿي سگهن وغيره جي تربيت ڏيڻ جي رٿا تيار ڪئي. صحيح سراغ ملڻ تي هوءَ مائي جهلجي پيئي ۽ هن وقت پنهنجن سازشي ساٿارين سان قانوني گرفت ۾ آهي. هن جي انهن مليتن ۾ رٽائرڊ فوجي ميجر، خفيه ايجنسين جا سابق عملدار، وڪيل، دوڪاندار، مڪئنڪ، مستري ۽ اسڪول جا پٽيوالا پڻ شامل آهن ۽ تازين خبرن موجب ڪن مَنن جا مهنت، جيڪي پاڻ کي شنڪر آچاريه جا وارث ۽ امانتدار سڏائڻ جي دعويٰ ڪري رهيا آهن، پڻ سازباز آهن.

آتنڪواد ۽ دهشتگرديءَ جو ڪو ڌرم، مذهب يا ايمان نه هوندو آهي، انهن جو مذهب رڳو تخريبڪاري آهي. هڪ سيڪيولر ملڪ ۾ تخريبڪاري ۽ فرقيوارانه سوچ ۽ عمل کي ڪافي حد تائين بنجو ڏيڻ لاءِ عملي حل اهوئي آهي، ته مختلف مذهبن ۽ ڌرمن جو موجوده نوجوان نسل ۽ ايندڙ پيڙهي هڪ ٻئي سان ازدواجي رشتن ۾ جڙجي وڃي، مختلف مذهبن جي فردن وچ ۾ ٿيل اهڙيون شاديون خانه آباديون، خاص طور هندو مسلم ڇوڪرن ڇوڪرين وچ ۾ پيدا ٿيل پيار جا رشتا شادين ۾ بدلجڻ بعد گهڻو تڻو ڪامياب ٿي رهيا آهن ۽ انهن جو اولاد سيڪيولر سوچ جو هڪ مثالي نمونو ثابت ٿيو آهي. مان هتي اهڙا سوين مثال پيش ڪري سگهان ٿو پر ان موضوع تي ٽيسز لکڻ منهنجيءَ هن آتم ڪٿا جي دائري کان ٻاهر آهي.

ڪالهه ڏياري سک سان گذري ويئي. ڪو اڻ وڻندڙ واقعو نه ٿيو پر عوام ۾ ڪو جوش خروش نه هئو ايئن به انساني تباهيءَ جا ڪي جشن نه ٿيندا آهن. ماٺهو ڏک ڏک ۾ بازارين ۽ مارڪيٽن کان پري پري پئي رهيا. مٺان ڪٿي ڪنهن پيهه واريءَ جاءِ تي ڪو بم نه ڦاٽي، ڦٽاڪن جا دوڪان بند لڳا پيا هئا. حڪومت ڦٽاڪن ۽ آتشبازيءَ جي دوڪانن کي احتياطن لائنسس ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. منابن جي دوڪانن تي، هن پيري هميشه جيان لڳندڙ لائينون نه هيون. خريدارن تڙتڪڙ ۾ منابن جا پئڪيٽ ۽ ڊبا ورتي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي گهرن جو رخ پئي ڪيو. شراب جا گُتا بند هئا. ڪاري ڏياري ته نه هئي، پر روشن به نه هئي.

اڄ (30 آڪٽوبر) منهنجي پنجيتاليهن مئريج ائنورسري (شاديءَ جي سالگره) آهي. سال 1936ع جي اڄوڪي تاريخ مون پنهنجي آزاديءَ جو پروانو پنهنجي شريڪ حيات گوپيءَ جي هٿ ۾ ڏيئي، سهاڳ رات هن کي غالب جي هيءَ سٽ ٻڌائي هئي:

”قيد و حيات و بند غم، اصل ميں دونوں ايک ہيں“

(غالب صاحب، حقيقت ۾ 'دونون' بدران 'چارون' ايڪ هيٺ هئڻ گهرجي.) ۽ گوپيءَ کان اڄا تائين وسريو ناهي، ته شاديءَ واري ان شام به مان وينگرس هوٽل ۾ تيار ڪيل شاديءَ جي منڊپ ۾، مقرر وقت کان به ڪلاڪ دير سان پهتو هوس. دير ڇو ڪيم ان جا تفصيل اڳتي هلي لکندس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجن ٽن ٻارن جي ماءُ منهنجي گهرواري گوپي اها عظيم عورت آهي، جنهن مون سان شاديءَ کان اڳ آبرودار دوستيءَ وارا ڇهه سال ۽ شاديءَ بعد پورا پنجيتاليهه سال گذاريا آهن. ان ازدواجي زندگيءَ ۾ هن منهنجي هر آرام ۽ آسائش، هر سک ۽ سهوليت جو پورو پورو خيال رکيو آهي. ڪالهه رات ڏياريءَ جي پوڄا وقت پٽ تي گلم وڇائي جڏهن مان هن سان گوڏو گڏي ويٺو هئس ۽ هوءَ لڪشمي ديويءَ اڳيان پوڄا جي ٿالهي سجائي، هڪ هٿ ۾ پاڻ جهلي، ٻئي هٿ سان مون کي جهلائي، آرتي ڪري رهي هئي، تہ مان لڪشميءَ جي مورتيءَ بدران هن جي خوبصورت وڏين اکين ڏانهن عقيدت وچان ڏسي رهيو هوس ۽ هن جي چهري ۾ لڪشميءَ ۽ سرسوتيءَ جو رل مل سروپ پسي رهيو هوس. پوڄا پوري ٿيڻ تي جڏهن مون هن جي ويڪري نراڙ تي تلڪ ڏيئي، سينڌ ۾ سنڌور پريو، تہ منهنجي سڄي روح ۾ لرزشون ۽ لهرون پيدا ٿي رهيون هيون، ۽ سڄو جسم خنڪ ٿي ويو هو. مان عمر جي جنهن آخري موڙ تي آهيان، اتي مون لاءِ هاڻي خدا جو خوف بہ ختم ٿي ويو آهي، رڳو ان ڏينهن کان ڏکي رهيو آهيان، جڏهن اسان ٻنهي مان هڪ اڪيلو رهجي ويندو. ڪاش! پهرين سڏ مون کي اچي!

پنجيتاليهن سالن جي گرهستي جيون ۾، گوپيءَ ادار دلي، صاف دلي ۽ رحم دليءَ سان منهنجي هر حرامڪاريءَ تي چشم پوشي ڪئي آهي، منهنجي هر بيوفائيءَ کي بخش ڪيو آهي، منهنجي هر چڙواڳيءَ ۽ چيڙاگرائيءَ کي برداشت ڪيو آهي. منهنجي هر اٽاسائي ۽ نٽرتا کي نظرانداز ڪيو آهي. جڳ جهان اڳيان منهنجو هر ڍڪ ڍڪيو آهي، اڌ اڌ رات جو نشي ۾ ڌت ٿي، پٽ ۾ ڪريل پنهنجي مجازي خدا کي ياڪرن ۾ پري ڪٽ تي سمهاريو آهي. مون کي آرام جي ننڊ ڪرائڻ لاءِ سڄي رات پنهنجيون ننڊون ڦٽايون آهن. هن مون سان ڪهڙا ڪهڙا نہ پال پلايا آهن. تحرير ڪرڻ لاءِ مون کي پنهنجيءَ آتم ڪٿا جا الائي ڪيترا باب لکڻا پوندا. هڪ بااختيار سرڪاري عهدي تي رهندي بہ نهٺائي هن جي اعليٰ ڪردار جو اهم پهلو ٿي رهيو آهي. ازدواجي زندگيءَ ۾ شايد ئي مون جهڙو ڪو خوشنصيب شخص رهيو هجي.

مان ۽ گوپي دهلي ڪاليج ۾ هم ڪلاسي هئاسين. ٻنهيءَ جا جدا جدا تعليمي موضوع هوندي بہ اسان جا ايڪانامڪس ۽ سنڌيءَ جا ڪلاس گڏيل هوندا هئا. مان ڪاليج مخزن جي سنڌي سيڪشن جو ايڊيٽر هوس. سنڌي شاگرد پنهنجا شعر ۽ ڪهاڻيون مخزن ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ مون کي ڏيندا هئا. منهنجي اتساهہ ڏيارڻ تي گوپي هڪ ڪهاڻي لکي آئي. ڪهاڻيءَ ۾ حيدرآبادي عاملن جي سماجي زندگيءَ جي هڪ جاذب جهلڪ پيش ڪيل هئي. مون ڪهاڻي سائين سدارنگاڻيءَ کي پڙهڻ لاءِ ڏني. خود خدا آبادي عامل هئڻ ڪري، سدارنگاڻي پاڻ بہ ڪهاڻيءَ کان بيحد متاثر ٿيو. ساهتيہ ۾ دلچسپي هئڻ ڪري اسين هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجهو آياسين. جيئن تہ گوپيءَ جو گهر ڪاليج کان سڏ پنڌ تي هو، تہ مان هن جي گهر بہ اچڻ وڃڻ لڳس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوپيءَ جو والد ديوان موتيرام جڳتياڻي هڪ ماهر ايگزيڪيوٽو انجنيئر هو. هُو پوني جي انجنيئرنگ ڪاليج جو صف اول جو شاگرد رهيو هو. سکر بئراج جي تعمير ۾ رٿا ۾ هن جو وڏو رول رهيو آهي. اسان جو شاعر انجنيئر هري دلگير چڱو عرصو هن جو ماتحت ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ آبپاشيءَ بابت هن جي ڄاڻ ۽ مهارت مثالي هئي. جڳتياڻي صاحب (جيڪو اڳتي هلي منهنجو سهرو ٿيو) سنڌ جي براجن واهن ۽ واٽر ڪورسن جي وهڪرن جون دلچسپ ڪهاڻيون ٻڌائيندو هو ۽ ڳالهيون ڪندي هو هڪ سگريٽ مان ٻيو دکائيندو ويندو هو. هو ڏينهن ۾ ڏهه پئڪيٽ ختم ڪندو هو.

گوپيءَ جي ماءُ به پڙهيل ڳڙهيل ۽ موهيندڙ مهاندي واري خاتون هئي. جنهن جي منهن تي سدائين مرڪ هوندي هئي. گوپيءَ جي ننڍي ڀيڻ ڪملا اجا مئٽرڪ ۾ هئي ۽ ٻئي سال هن به دهلي ڪاليج ۾ داخلا ورتي. ٽيئي ڀاتين جو اهو جڳتياڻي ڪٽنب پيار سان پُر هڪ مثالي ڪٽنب هو جنهن جو اڳتي هلي مان به پنجون ڀاتي بڻجي ويس.

دهلي ڪاليج ۾ ٿيندڙ سنڌ ۽ ساهتڪ گڏجاڻين ۽ سنڌي ناٽڪن جي معيار ۽ مقبوليت جو ذڪر مان پنهنجن پهرين پنن ۾ تفصيلن سان ڪري چڪو آهيان. ڪاليجي زندگيءَ جي ٽيئن سالن دوران، منهنجي ۽ گوپيءَ جي دوستي ڏينهون ڏينهن پختي ٿيندي ويئي ۽ ڪاليج جي تعليم پوري ٿيڻ کان پوءِ به اسان جو يڪطرفو اچ وڃ جو سلسلو جاري رهيو. يڪ طرفو ان ڪري ٿو چوان جو موڪلن وارن ڏينهن ۾ مان ئي هن جي گهر پنهنجيون شامون گذارڻ هليو ويندو هوس، هوءَ ڪڏهن منهنجي گهر نه آئي ۽ نه ئي مون مٿس اهڙو زور آندو.

جڳيتاڻي ڪٽنب ٽنڊي جهانيان جي قطب شاهه خاندان جو پڪو پختو مريد رهيو آهي. گوپيءَ جي والد وٽ سائين قطب علي شاهه، سائين هادي علي شاهه، سائين روشن علي شاهه ۽ موجوده گادي نشين سائين نور حسين شاهه جي درگاهه جي سچي شجري جا تفصيل ۽ سائين روشن علي شاهه جو سچو صوفياڻو ڪلام جڳتياڻي صاحب کي ازبر هو. گوپيءَ جي ماسات، بمبئيءَ جي ڪولابا ۾ سائين نور حسين شاهه لاءِ هڪ خاص رهائشي اپارٽمينٽ سينگاري رکيو آهي، جتي سائين جن جا سوين هندو سنڌي مريد سندن سجدي ۾ هوندا آهن. اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

ضياءُالحق جي مارشل لا واري دور ۾، نور سائين جن مجبورن برطانوي شهريت حاصل ڪري، اڪثر عرصو لنڊن ۾ رهندا هئا. ان ڪري ايندي ويندي برطانوي پاسپورٽ هئڻ ڪري سائين جن لاءِ انڊيا اچڻ وڃڻ ڪو مسئلو نه هو. بمبئي ۽ دهليءَ جا سنڌي، خاص طور حيدرآبادي عامل پنهنجي مرشد لاءِ غاليچي جيان وڇائجي ويندا هئا.

ٽنڊي جهانيان جي قطب شاهه درگاهه جي گادي نشين سائين نور حسين شاهه جهڙي مرشد جي مهر حيا، اجازت ۽ آسيسن سان ديوان موتيرام جڳيتاڻيءَ مون کي پنهنجيءَ فرزنديءَ ۾ آندو ۽ پنهنجي سلڇڻي ۽ سوڀياوان نياڻيءَ جو هٿ مون جهڙي لاپرواهه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص جي هٿ ۾ ڏيڻ لاءِ حامي ڀري. پر ان وچ ۾ منهنجي ياڻيه ٻهه ذات گهراڻي ۾ منهنجيءَ ماءُ ۽ مٽن مائٽن طرفان اسان جي شاديءَ خلاف مخالفتن، مزاحمتن ۽ احتجاجن جا جيڪي رنگ روپ ظاهر ٿيا، انهن جو احوال اڳتي هلي درج ڪندس.

گهر ۾ هلندڙ گهمسان دوران منهنجي ننڍي چاچي جو الهاس نگر ۾ اوچتو انتقال ٿي ويو. منهنجو پيءُ جيئن، تہ رٽائرمينٽ کان پوءِ گهر کان ٻاهر تہ ڇا، پنهنجي ڪمري کان بہ ٻاهر نہ نڪرندو هو. ان ڪري مون کي ۽ منهنجي ماءُ کي انهيءَ ئي ڏينهن بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيڻو پيو. چاچي جي پڳڙين تائين مان ۽ ياپي الهاس نگر پهچي وياسين. مون کي جيئن، تہ نئين نوڪريءَ ۾ لڳئي سال مس ٿيو هو ان ڪري ڏکيائيءَ سان وڏيڪ موڪل ملي سگهي. ايئن بہ صحافت جي پيشي ۾ سڀ کان وڏو مسئلو موڪلون ملڻ هوندو آهي، پر ڪٽنب ۾ قضيي ٿيڻ جي حالت ۾ هفتي جي موڪل مس ملي سگهي. مان چار پنج ڏينهن رهي دهليءَ موٽي آيس، منهنجي وڏوا چاچيءَ جي زور ڀرڻ تي، منهنجي ماءُ کي مهينو کن بمبئيءَ ۾ رهڻو پيو.

مان ۽ منهنجو ياءُ هاسو نوڪرين تي ويندا هئاسين. ٻيئي ڀينر اسڪول ۽ ڪاليج هليون وينديون هيون ۽ ننڍو ياءُ ڏنو سڄو ڏينهن پاڙي جي ڇورن سان ڇڊن راند ڪندو رهندو هو ۽ شام جو لغڙ اڏائيندو هو. منهنجو پيءُ پنهنجن ڪتابن ۽ پيگ پاڻيءَ ۾ آرام ۽ اطمينان واري زندگي گذاريندو هو. هن جي گهر جي ڪنهن ڳالهہ ۾ ڪا دلچسپي نہ هئي. مهيني جي پهرين تاريخ مان هن جي پينشن جا پئسا ڪڍائي ۽ اسين ٻيئي ياءُر پنهنجيون پنهنجيون پگهارون ماءُ کي اچي ڏيندا هئاسين. گهر ۾ آسودگي اچي چڪي هئي ۽ منهنجي پيءُ سنڌ ۾ ڇڏي آيل جاين جائدادن جي ڪليمن جا ڪاغذ ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏيا هئا.

اهو آرتوار جو ڏينهن هو جو تار وارو صبوح جو ارجنٽ ٽيليگرام گهر کڻي آيو. تن ڏينهن اوچتو ارجنٽ ٽيليگرام جو اچڻ، ڪنهن خراب خبر جو اهڃاڻ ڪري سمجهيو ويندو هو ۽ رسيد تي صحي ڪندي هٿ ڏڪندا هئا. مون بہ هراسجي تار وارو لفافو ورتو. ٽيليگرام بمبئيءَ کان آيل هئي، جيڪا منهنجي پڦات موڪلي هئي. ٻن سٽن واري تار جو ترجمو هيءُ هو:

”لڇمڻ جي مڱڻيءَ جون مبارڪون. مامي اڄ شام واري فرنٽيئر ميل ۾ پهچي رهي آهي. نيئن دهلي اسٽيشن تي ڪيس وٺڻ ويندا ـ موهن.“

تار پڙهي منهنجا تاڪ لڳي ويا. هاءِ هاءِ، هيءُ منهنجي ماءُ مون سان ڪهڙو ناحق ڪري ڇڏيو؟ دادا جي ڪمري جو در ڪڙڪائي مون چپ چاپ ٽيليگرام هن جي هٿ ۾ ڏني ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس. موڪل جو ڏينهن هئڻ ڪري هاسو ڪنهن فلم جو مارننگ شو ڏسڻ ويو هو. ڏنو پاڙي جي ڇورن سان ڇڊا چُنڻي رهيو هو منهنجيون ڀينر ايشو ۽ ڪمو ٽيليگرام پڙهي خوش ٿي رهيون هيون ۽ منهنجي پيءُ کي ماٺ جي مهر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي ويئي، منهنجيءَ ماءُ جي ان نادر شاهي رويي ڪري هو مٿس سخت ناراض هو. مان چپ ڪري پنهنجي ڪمري ۾ وهاڻي ۾ منهن وجهي وجهي ليٽي پيس. ايشوءَ اچي چيو "دادا سڏيئي ٿو." منهن اُگهي مان پيءُ جي آرام ڪرسيءَ اڳيان اچي ويهي رهيس. مان دادا اڳيان تيسين ويٺو هوندو هوس، جيسين هو پاڻ مون کي ويهڻ لاءِ نہ چوندو هو ۽ هن جي سامهون تڏهن ويڃڻ جو اتفاق ٿيندو هو جڏهن هو مون کي پيگ پاڻيءَ لاءِ پاڻ سان گڏ ويهاريندو هو.

دادا چيو: "تنهنجي مرضي ۽ قبوليت کان سواءِ تنهنجيءَ ماءُ جو اهو جذباتي قدم سياڻپ پريو ناهي، پر جيسين هن وٽان سڄو احوال ۽ تفصيل ملن، تيسين تون بردباريءَ کان ڪم وٺي، پاڻ تي ضبط رک. مان توسان ڪا ناانصافي ٿيڻ نہ ڏيندس. هن شايد اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تہ منهنجا پٽ منهنجي چئي کان ٻاهر نہ آهن ۽ منهنجي هر حڪم جي پوئواري ڪندا آهن. شام جو تون ۽ هاسو هن کي وٺڻ ويڃجو. ماڻهين تہ اسان کي ايتري مهلت بہ نہ ڏني، جو هن کان فون ڪري ئي ڪجھ پڇي سگهجي. هن وقت تہ هوءَ ٽرين ۾ هوندي، هاسو ڪٿي آهي؟" چيم: "ڪا فلم ڏسڻ ويو آهي." چيائين: "اچي تہ مون وٽ موڪلجانس."

مان پنهنجي پيءُ جي چهري تي بي چيني ۽ پريشانيءَ جا پاڇا صاف ڏسي رهيو هوس. هو ڪنهن ڪتاب ۾ منهن لڪائي ليٽيو رهيو ۽ مان پڻ گهر کان ٻاهر اچي ويجهو ئي پٽيل نگر ۾ رهندڙ پنهنجي شاعر دوست پريو وفا جي گهر هليو ويس. (تن ڏينهن پريو وفا دهليءَ ۾ رهندو هو) ملول منهن سان مان ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ هاسو ڀاڀيءَ کي اسٽيشن تي وٺڻ وياسين. ويندي وقت رستي ۾ هاسو مون کي ڏڍ ڏيئي رهيو هو: "تون بي فڪر رهج. تنهنجي مرضيءَ کان سواءِ نہ ڪو مڱڻو ٿيندو، نہ ڪا شادي. ڀاڀيءَ شايد پنهنجي پهرئين پٽ مٿان پنهنجي اڌڪار جو استعمال ڪندي، پاڻ کي سرخرو ڪرڻ چاهيو آهي ۽ ياتيہ برادريءَ ۾ پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري ڏيکارڻ چاهيو آهي، تہ هوءَ پنهنجي چيئوان اولاد جي زندگيءَ جا ڪهڙا بہ اهم فيصلا پاڻ مرادو پڻ ڪري سگهندي آهي."

ٽرين مان لهڻ تي ٻئي پاٿر پنهنجي ماءُ کي پيرين پيئي ملياسين، ڀاڀيءَ جي منهن تي مادري فاتحانہ ۽ فخر واري مرڪ هئي ۽ مان هن کان نظرون بچائي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهيو هوس. ڀاڀيءَ چيو "سامان لاهرايو پر گهٽ ۾ گهٽ تي ڪولي گهرائج، هڪ مان ڪم نہ هلندو." نئين دهلي اسٽيشن تي لڳ ڀڳ سڄو ڳاڏو خالي ٿي ويو پر اڃا اڌ سامان سان پريل هو. سوٽ ڪيس، ٽين جون ٽرنڪون سڪل ۽ آلن ميون ۽ مٺاين جا ٽوڪرا، ٿيلهيون، ڳوٿريون، هئنڊ بيگ ۽ ٻيو بہ آلتو فالتو سامان منهنجي ماءُ اڪيلي سر کڻي آئي هئي.

منهنجو (ٿي سگهي ها) سهرو جيڪو اسان جو ڏورانهن مائٽ پڻ هو ۽ دادا جو واقف هو (سنڌ جي سڄي ياتيہ برادري واڻ جي ڪٽ وانگر هڪ ٻئي سان واڳيل هئي) ڪنهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي محڪمي سان جڙيل هو جتي ’هذا من فضل ربي‘ جي مهر جا مينهن وسندڙ هئا. منهنجي ياوي مگ هن جي اڪيلي نياڻي هئي. مڱڻيءَ جي رسم طور منهنجيءَ ماءُ جيڪي آندو هو اهو تہ اجا ڪنهن داستان جو ديباچو هو.

گهر پهچي مان پنهنجي ڪمري ۾ اونڌي منهن پلنگ تي اچي سمهي پيس ۽ ياپي دادا ڪي رات دير تائين حال احوال ڏيندي رهي. دادا لاڙڪاڻي جي ان ديوان ڪي سنڌ ڪان ئي سڃاڻندو هو. منهنجو پيءُ منهنجيءَ ماءُ تي اهڙي پاڻ هرتڙي فيصلي ڪري سخت ڪاوڙيل هو. هن ڪي احساس هو تہ هن جي مربي پٽ مٿان سندس مرضيءَ خلاف مڙهيل زندگيءَ جو اهڙو اهم فيصلو ساڻس نسوري نا انصافي هئي.

ٻئي ڏينهن دادا مون ڪي پاڻ وٽ سڏائي چيو: ”تون رڳو هڪ ڀيرو وڃي ڇوڪري ڏسي اچ. پسند اچيئي تہ ’ها‘ ڪر. نہ تہ صاف انڪار ڪري ڇڏج. مان تنهنجي ڪنهن بہ فيصلي سان پوري ريت ٻڌل رهندس. مان رڳو مريادائن جي مدنظر اهوئي چاهيان ٿو تہ تون هڪ ڀيرو ڇوڪري ڏسي ضرور اچ.“ چيومانس: ”دادا، جيڪا ڇوڪري مون ڪي ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ ڪان سواءِ ئي سڄي زندگيءَ جو رستو قبول تي ڪري، ان سان تہ مان بہ شادي نہ ڪري سگهندس. مون لاءِ اهو جواز ئي بس آهي. ان ڪري منهنجو هن سان گڏجڻ جو سوال ئي نٿو اٿي. توهان جي زور بار هيٺ هن سان ملڻ بہ ويس، تہ بہ هي رشتو مون ڪي قبول ناهي، ان ڪري پسندي يا ناپسنديءَ جو سوال ئي نٿو اٿي.“ دادا وڌيڪ ڪو دليل پيش نہ ڪيو.

ڇوڪريءَ جي ڪٽنب جو دائمي گهر تہ بمبئيءَ ۾ هو، پر ديوان صاحب جي پوسٽنگ ان وقت گجرات صوبي جي بڙودي شهر ۾ ٿيل هئي. هو ايڪسائيز يا ڪسٽم ڪاتي ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي هو.

هندوستان جي اناويهن صوبن مان هڪ گجرات ئي اهڙو صوبو آهي، جتي قانوني طور نشابندي لاڳو آهي، پر غيرقانوني طور مال گهر پهچايو ويندو آهي. راشي ڪامورا ۽ مڪاني پوليس ان ڪري ئي اتي نشابندي ختم ڪرڻ جي حق ۾ نہ آهي، جو ظاهري ڪارڻ اهو ٻڌايو ويندو آهي، تہ مهاتما گانڌيءَ جي جنم استان سبب اتي ڪنهن بہ نشيدار شيءِ جو واهپو نہ رهندو. اهو هڪ عجيب اتفاق آهي، تہ جنهن سان ’قرض جي مئہ پيئڻ‘ واري بلا نوش مراز غالب دهليءَ ۾ پويان پساهہ کنيا، ان ئي سال گجرات جي پوربندر ۾ نشابنديءَ جو پرچارڪ مهاتما گانڌي پيدا ٿيو.

لاڙڪاڻي جي ديوان وٽ بي نامي جائداد ۽ نقد ناڻي جي فراواني هئي. هن مڱڻيءَ جي مصريءَ وقت ايتري مال متاع ڪان سواءِ ڏهہ سونيون گنيون پڻ ڏنيون هيون. مان پنهنجيءَ ماءُ جي ان يڪطرفي قدم سبب سخت ذهني ۽ جسماني ڇڪتاڻ ۾ ورتل هوس ۽ گهر مان ٻڇي وڃڻ جون واهون ڳولهي رهيو هوس. منهنجي ڳوٺائي ۽ ڪاليجي دوست اُتم بيلاڻيءَ جا گهروارا ڪجهہ ڏينهن لاءِ ٻاهر ويل هئا ۽ اتم گهر ۾ اڪيلو رهيل هو مون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي اعتماد ۾ آندو ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ هن جي گهر رهڻ هليو آيس. جيتوڻيڪ اتم جو پڻ رايو هو. تہ مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو بڙوده وڃي ڇوڪريءَ سان ملاقات ضرور ڪري اچان، پر هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ جي ان قسم جي غائبانہ قبوليت، منهنجي من ۾ هن لاءِ ڪو سٺو تاثر پيدا نہ ڪيو هو. منهنجو پيءُ خاموشيءَ سان اڪيلائيءَ ۾ سڀ ڪجهه برداشت ڪري رهيو هو. هن کي احساس هو تہ منهنجي ماءُ ۽ پاءُ هاسي مون لاءِ منهنجي هڪ هڪ دوست وٽان پڇائون ڪنديو. نيٺ ٽن ڏينهن کان پوءِ مون کي اتم بيلاڻيءَ جي گهر اچي ڳولهي لڌو. ماءُ جي نيزارين ۽ وعدن تي مان هن سان گڏ گهر هليو آيس. دادا مون کي ڪجهه بہ نہ چيو ۽ منهنجي منٿ تي پاپيءَ کان مون کي گنيون واپس وٺي ڏنيون ۽ ٻئي مڱڻي جي مليل سامان جي قيمت جو تخمينو لڳائي، سڄي رقم ڊرافٽ ذريعي ديوان کي موڪلي ڏيڻ جو مون کي يقين ڏياريو. مون انهن گنين جو انشوئرڊ پارسل تيار ڪرائي، ديوان ڏانهن لکيل مختصر خط شامل ڪري، هن ڏانهن بڙودي موڪلي ڏنو. خط جي سڄي تحرير، تہ مون کي ياد ناهي، پر ان جو حاصل مطلب اهو هو تہ جيئن تہ مان اڳ ۾ ٿي هڪ حيدرآبادي عامل (غير ڀاٽيا) ڇوڪريءَ سان انجامي آهيان، ان ڪري توهان جي ڀاٽيءَ سان مڱڻي واري رٿ قبول نٿو ڪري سگهان وغيره. اڳتي هلي مون ان خط ۾ پنهنجي پاران خواهہ پنهنجيءَ ماءُ پاران معذرت ۽ معافين جا دفتر کولي ڇڏيا. حالانڪ انهن کي ڪا معنيٰ نہ هئي. ديوان صاحب اهو خط دادا ڏانهن موڪلي ڏنو. بهرحال، حقيقت اها هئي، تہ ان وقت تائين منهنجي ڪنهن بہ عامليائي يا واياڻيءَ سان ڪابہ وعده پيمائي يا ڪو افيئر وغيره ڪجهه بہ نہ هو. گوپيءَ سان رڳو ويجهي دوستي هئي، جنهن ۾ شادي وغيره جو ڪوبہ تصور نہ هو.

سالن بعد جڏهن مان ٻارن ٻچن وارو ٿي ويو هوس، منهنجي سابق مڱيتر سان بمبئيءَ ۾ ناڪر چاولا جي سيتا سنڌو پون واري هڪ فنڪشن ۾ ملاقات ٿي. هوءَ منهنجي شاعر دوست ارجن شاد جي جئہ هند ڪاليج ۾ شاگردياڻي هئي ۽ ٻئي لاڙڪاڻي جا هئڻ ڪري هڪ ٻئي جي چڱو ويجهو هئا. ارجن شاد ٻنهيءَ جو تعارف ڪرايو. هوءَ منهنجي هڪ ويجهي مائٽ سان پرڻيل آهي ۽ ٻن ٻارن جي ماءُ آهي. پنهنجي باري ۾ تفصيل ڏيندي، گذشتہ يادداشتن اسان ٻنهيءَ جي منهن تي مرڪ آڻي ڇڏي هوءَ مرڪندڙ مهانڊي واري ٺاهوڪي شڪل صورت جي مالڪڻ هئي ۽ ارجن شاد جي چوڻ موجب، هن جي ذهين ترين شاگردياڻين مان هئي- ضرور هوندي. شل سدائين پنهنجي گهر وَر سان خوش ۽ خوشحال رهي، پر مون لاءِ منهنجي گهرواري گوپي دنيا جي حسين ترين ۽ ذهين ترين 'وومين' آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوونجاهون پنو

زندگي عجيب اتفاقن سان پري پئي آهي ۽ ڪڏهن ويساهہ ۾ نہ اچڻ جهڙا معجزا ٿي گذرندا آهن. منهنجي مڱڻي ٽوڙڻ تي منهنجي ماءُ سڄي پاڙيہ برادريءَ ۾ ٿيل پنهنجي رسوائيءَ کان وڏيڪ وهم ۾ مبتلا ٿي ويئي.

منهنجي ماءُ راڻيپور رياست جي هئي ۽ هن سان شاديءَ کان اڳ منهنجو پيءُ پنهنجي ٿي ڳوٺ جي هڪ ڇوڪريءَ سان مڱيل هو. ان دوران دادا کي ڪنهن ڪم سان ٻہ سال گهر کان ٻاهر رهڻو پيو. ڇوڪريءَ جو پيءُ دادا سان لکپڙهہ ڪري، هن کي جلد ڳوٺ اچي شادي ڪرڻ لاءِ زور بار آڻڻ لڳو پر دادا وٽان ڪيس ڪوبہ جواب نہ پئي آيو. مون کي ڄاڻ ناهي، تہ منهنجو پيءُ ڪنهن مجبوري وچان اهو ڪري رهيو هو يا دانستہ طور شاديءَ کان لنوائي رهيو هو.

هڪ ڏينهن دادا جي مڱيتر ڇوڪريءَ جي پيءُ، منهنجي ڏاڏي جي اوطاق ۾ اچي، هن سان سخت جهيڙو ڪيو ۽ ڳوٺ جي راڄ مڙسن اڳيان دادا مٿان ڪي الزام مڙهي ڇڏيا ويو تہ مان پنهنجي ڌيءَ جي ماڻهن توهان جهڙن ڏاڍ مڙسن جي گهر سان نوڙيان ٿو. هن منهنجي ڏاڏي کي چيو: "سيٺ جاڙا مل، وڏو زميندار هوندين تہ پنهنجي گهر تائين هوندين، اسين بہ ڪي سچا سڪٽا ناهيون. اڄ کان اسان جو سيٽپو ختم. پنهنجي ٽيگر ڪاڏي پٽ کي نياپو موڪلي ڏج. منهنجي نياڻيءَ لاءِ بيٺل گهرن جي کوٽ ناهي." وغيره. ايئن چوندو هو شخص اسان جي خاندان کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو اوطاق مان نڪري ويو.

تن ڏينهن ماڻهن ڪري، اهڙي نموني پيچڻ، خاص ڪري پاڙيہ برادريءَ ۾ وڏو عيب ڪري ليکبو هو. ڇوڪريءَ جي مائٽن تہ وري بہ جيئن تيئن ٿي ويندي هئي، جو ڇوڪرين جو تعداد گهٽ هوندو هو پر مڱڻي ٽٽل ڇوڪري کي سڄي تر ۾ ڪو ٻانهن نہ ڏيندو هو ان ڪري انهن کي ٻئي ڪنهن ڳوٺ يا شهر وڃي، پرڻجڻو پوندو هو. سڄي ڪنڊياري جي هندو جاتيءَ ۾ تفرقو مچي ويو. چوڏاري چوپچو ٿيڻ لڳي، تہ سيٺ جاڙي مل زميندار جي مربي پٽ جي ٻن سالن جي مڱيل مائٽي ٽٽي پيئي آهي. ڏيري جي سيدن، خاص ڪري سيد الهندي شاهہ پڻ بابا کي ميار ڏني، حالانڪ ڏاڏي سائينءَ جو ان ۾ ڪوبہ ڏوهہ نہ هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياتين جي دلپت مُکيءَ پنچائت جو ميڙ سڏايو ۽ ڇوڪريءَ جي پيءُ کي اتي سڏائي سندس جواب طلبي ڪئي ويئي. مکي دلپتراءِ پڇيس: "فلاڻا مل- تو پنهنجيءَ ڌيءُ جي ماڻتي ڇو ڀڳي آهي؟" هن جواب ڏنو: "مون جاڙي مل جي پٽ سان ڌيءَ جي ماڻتي ڪڏهن ڪئي ئي نه هئي، ته پيڇڻ جو ڪو سوال ئي نٿو ٿي." پنچن چيس: "گنگا جل هٿن ۾ جهلي قسم کائي چئه ته تو ماڻتي نه ڪئي آهي." پنچائت جو ٺهليو خانو گنگا جل جو لوٽو کڻي آيو، ياتيءَ گنگا جل ٻڪ ۾ جهلي ڪوڙو قسم کاڌو ته اها ماڻتي ٿي ئي ناهي.

گنگا جل جي ٻُڪ پاڻيءَ تي ڪوڙو قسم کائي، گهر پهچڻ جي ڪلاڪ اندر ئي هن کي دل جو اهڙو سخت دورو پيو جو هو ان رات ئي راهه رباني وٺي ويو. جڏهن مان وڏو ٿيس ۽ منهنجي پيءُ جي پڦيءَ موتل مون کي اها ڳالهه ٻڌائي، ته مون کي ويساهه ئي نه ٿي آيو پر پوءِ ان واردات جي تصديق منهنجن انهن سيني مٿن ماڻتن ڪئي هئي، جيڪي ان جا اکين ڏٺا شاهد هئا.

اڳتي هلي ان ڇوڪريءَ جي شادي اسان جي ڪنڊياري جي ٻي هاءِ اسڪول جي انگريزي ٽيچر ڏيپچند ياٽيه سان ٿي. اها مائي مون کي ڏاڍو پيائيندي هئي ۽ چوندي هئي، ته مان تنهنجي ماسي آهيان. پاڙي ۾ هئڻ ڪري هوءَ بي حجاب اسان جي گهر ايندي ويندي هئي ۽ منهنجيءَ ماءُ سان سچ پچ وڏيءَ ڀيڻ وارو ورتاءُ ڪندي هئي. دادا سان به هوءَ سڏيون اکيون ڪري ڳالهائيندي هئي.

ماستر ڏيپچند ياٽيه ڪٽر ڪانگريسي هو. انگريزي پڙهائيندي به هو انگريز حڪومت جو وڏو وروڌي هو. هو پنيرڪي جو اتي ڪنڊياري جي چمن بازار مان پريات ڦيريون ڪيندو هو ۽ ڳچيءَ ۾ هارمونيم لٽڪائي، قومي ترانا ڳائي جلوس جي اڳواڻي ڪندو هو. هو پريات ڦيري هن گيت سان شروع ڪندو هو.

"جاڳو جوانو، جاڳڻ جو هي وقت آ،
تُنو پارت ماتا جو هي تخت آ."

(وڌيڪ سٽون ياد نٿيون اچن.)

ڪنڊياري ۾ ڪانگريس جو چڱو زور هو. شام جو پيتامبر هاسٽل جي ميدان ۾ راشتريه سيوا دل جون شاخائون به لڳنديون هيون. اسان جي شاعر دوست ارجن حاسد مون کي ٻڌايو ته هو به انهن شاخائن ۾ شامل ٿيندو هو ۽ سائين روچيرام ٽاواڻيءَ جي رهبريءَ هيٺ سيوا دل جي ڪئمپن ۾ پڻ شريڪ ٿيندو هو. ڪنڊياري ۾ مسلم ليگ جي اڃا ڪا شاخ قائم نه ٿي هئي. جو ڪنڊياري جا هندو ۽ مسلمان هڪ ٻئي سان ڀائرن جيان رهندا هئا. ڪين سياسي مسئلن ۽ نظريه پاڪستان بابت اڃا ڪو سياسي شعور نه هو. اسان جا مسلمان بيلي، هاري ۽ ڪمدار اسان لاءِ جان ڏيئي سگهندا هئا.

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي، ته ڪانگريس جي سيوا دل جو سڀ کان سرگرم ڪارڪن هڪ مسلمان ڇوڪرو مقبول احمد هو جيڪو پاسي واري ڪنهن ڳوٺ مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيل هوءِ ڪنڊياري جي پيتامبر هاسٽل ۾ رهندو هو. هو ڪجهيءَ جي وڻ جيان تمام ڏگهو ۽ سنهو هو هن جي هاسٽل جي ڪمري ۾ چوڌاري پيتن تي مهاتما گانڌي، جواهر لعل نهرو، سڀاش چندر بوس ۽ مولانا آزاد جون تصويرون ٽنگيل هونديون هيون. هو هڪ 'ڪمٽيڊ' ڪانگريسي هو ۽ اڪثر سنجيده رهندو هو پر ڪڏهن موڊ ۾ اچي ڏاڍا يوڳ بہ ڪندو هو. مان هن وٽ اڪثر ايندو ويندو هوس. هن مون کي ٻڌايو تہ هن جو والد فلاڻي ڳوٺ ۾ ڪاسائڪو ڪم ڪندو آهي. چيومانس: "مقبول، تو پاڻ ڪڏهن ڇيلو ڪٺو آهي؟" چيائين، "ها". جڏهن وئڪيشن ۾ ڳوٺ ويندو آهيان، تہ بابو هڪ بہ ڇيلو مون کان بہ ذبح ڪرائيندو آهي. پڇيومانس: "ڪيئن ڪهندو آهين؟" چيائين: "سڌو ليٽ تہ پيٽ تي لت رکي ذبح ڪري ڏيکاريانءِ" چئي کلي ڏنائين. کلڻ وقت مقبول ڏاڍو پيارو لڳندو هو. چيائين: "توهان واٽين جي ڏاڍي سنت آهي. ڪُهڻ جو پاپ اسين ڪريون، حلال ڪرڻ جو ڪلمو اسين پڙهون ۽ پيٽ توهان جا پرجن." مون کي مقبول ڏاڍو ياد ايندو آهي. هو ڪڏهن ڪڏهن آرتوار ڏينهن منهنجي گهر بہ ايندو هو ۽ اسان سيني سان گڏ ويهي ماني کائيندو هو. هي اهو وقت هو جڏهن ريلوي اسٽيشن جي پليٽ فارمن تي ڏول ۽ تين جا گلاس هٿ ۾ جهليل گهومو سڏ ٻڌبا هئا.

"هندو پاڻي- مسلمان پاڻي- هندو پاڻي- مسلمان پاڻي." مان سمجهان ٿو تہ اهو 'هندو پاڻي' ۽ 'مسلمان پاڻي' ئي پاڪستان ٺهڻ جو بُڻ بنياد آهي.

ان ڏينهن جڏهن حميد سنڌيءَ جي واڌو واهہ واري گهر ۾، منجهند جي مانيءَ تي طرح طرح جي طعامن ۽ ترڻيل پلي جي پيٽاري جو سواد وٺي رهيو هوس، تہ حميد وچ وچ ۾ دال جي پليٽ اڳيان واڌي چئي رهيو هو: "لڇمڻ، هيءَ پُڳل دال کائي ڏس، ڏاڍي لذيذ اٿيئي." چيومانس: "يار حميد جي هتي حيدرآباد سنڌ ۾ بہ دال ئي کارائڻي اٿوَ تہ پوءِ پاڪستان ڇو ٺاهيو؟ دال تہ اسين دهليءَ ۾ بہ روز پيا کائون. باوجود ان جي، تہ هندوستان ۾ ڇيلي جو گوشت ڏيڍ سو روپئي ڪلو آهي ۽ پاڪستان ۾ ٽين سو روپئي ڪلو.

منهنجي مڱڻي ٽوڙڻ تي منهنجي ماءُ کي، منهنجي پيءُ جي مڱڻي ٽٽڻ وارو واقعو ياد اچي ويو. هوءَ وهم ۾ اَجاتي خوف ۾ مبتلا ٿي ويئي. مون کي ايلاز ڪرڻ لڳي: "پٽ، ڪيئن بہ منهنجي پت رک ۽ مڱڻو نہ ٽوڙ. ڪٿي اسان جي گهر کي ان نياڻيءَ جو پاراتو نہ لڳي وڃي؟" دهليءَ ۾ رهندڙ دادا جو هڪ ماروٽ هڪ ڏينهن وچ جيان اسان جي گهر اچي ڪڙڪيو ۽ منهنجي پيءُ کي ڪاوڙجي چيائين: "ڇيلا، اهڙي ناخلف پٽ کي گهر نيڪالي ڏيئي ڇڏ." دادا سانتيڪي آواز ۾ چيس: "نيين، ڪڏهن ڪنهن پٽن کي بہ گهر نيڪالي ڏني آهي؟ خطاءِ ار هو ناهي، هن جي ماءُ جي ئي اُبهرائي آهي."

اسان جي ياتيہ قوم جون عورتون سهٽيون ۽ سياٽيون تہ ٿينديون آهن. پر بيحد تنديءَ ڪاڏيون ۽ مهٽي خور بہ هونديون آهن. متياٽين ماٽناٽين منهنجيءَ ماءُ جو وهڻ وِهہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڏنو. "اڙي راڌان، پهريئتي پٽ جي ماٽتي ڪري ئي ڦري وئينءَ. تنهنجي گهر ڪهڙا ياتيہ ٻانهن ڏيندا؟ اجا، تہ ٻيا بہ پٽ ۽ بہ ڏيئر وينيون اٿيئي. پهريون پيٽ ئي ڪريل نڪتئي، تہ ٻين جا وري ڪهڙا لڇڻ هوندا؟ تنهنجي گهر، تہ ڪير لڙي ليئو نہ پائيندو وغيره. منهنجي ماءُ متن ماٽتن جي مرٽي پرٽي واري ڪنهن بہ ميڙ ۾ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو. هن جي اهم ۾ خودداريءَ کي سخت چوٽ پهتي هئي.

ان ئي سال ڏيڍ اندر منهنجن دوستن جي چوياري، جيون گرهساڻي، هيم ناگواڻي ۽ هريڪانت جو مڱڻو بہ ٿي ويو ۽ شاديون بہ ٿي ويون. جيون جي ليلا سان پيار جي شادي هئي، هيم بئنگلور مان آيل ڪرشن راهيءَ جي سوٽ نندنيءَ ڏانهن پنج منٽ نهاري، ڏهن منٽن ۾ ئي 'ها' ڪري ڇڏي ۽ ٻئي ڏينهن مڱڻو ۽ هفتي اندر شادي ڪري ورتي. هريڪانت راجڪوٽ جي ڇوڪري راڌا کي بہ چار ڏينهن دهلي درشن ڪرائي، ڪجھ پنهنجن، ڪجھ اڌارن پئسن سان وڏين هوٽلن ۾ لنچون ۽ ڊنرون ڪارائي، مڱڻو ڪري، مهيني اندر شادي ڪري ڇڏي، ساهرن هن کي پريو ياڳيو ڪري ڇڏيو. ٽنهي جون گهرواريون خوش خصلتن واريون خاتون ثابت ٿيون. جن پنهنجن خاوندن جي زندگيءَ ۾ نهراءُ آڻي ڇڏيو ورنہ ان وقت تائين سنڌي جاتيءَ ۾ افراتفريءَ وارو اهو دور پڙ شروع ٿي چڪو هو جنهن ۾ گهرن کي سرڳ بڻائڻ واريون اڪثر عورتون سرڳواس ٿي چڪيون هيون ۽ انهن جي جاءِ بورجوا ڪلاس جي جوانن ۽ جوانڙين اچي پيري هئي. ڏاج ڏيوڻ ۽ ڏيتي ليتيءَ جا اگهہ مقرر ٿيڻ لڳا هئا. مئٽرڪ ناپاس ڇورن جا مائٽ بہ هزارن جون ٿيلهيون ۽ مٽيا منديون الڳ طلبڻ لڳا هئا ۽ ڇوڪريون مائٽيءَ لاءِ 'ها' ڪرڻ کان پهرين ڇوڪرن جي اکين ۾ چتائي ڏسنديون هيون، تہ سندن اکين ۾ ڪيتري شرارت آهي، ڪيتري شهوت آهي ۽ ڪيتري شرافت؟

گهر گرهست وڃي وسائڻ وارن گهرن دوستن کان لڳ ڀڳ ڪٽنجي وڃڻ ڪري، هاڻي ڪافي هائوسن جون ڪچهريون بہ ڪُجسيون لڳڻ لڳيون. اتي هاڻي انهن ئي واقفڪارن سان ويهڻو پوندو هو جن سان من ميل ئي نہ ڪائيندو هو. جيون، هيم ۽ هريڪانت آفيسن مان نڪرندي ئي پهرين بس پڪڙي گهر پهچندا هئا ۽ مان ڪافي هائوس ۾ ڪن چڙن چاندبن سان وينو ڻابا ڪائيندو هوس. رپورٽنگ (Reporting) جا ساڍا ست روپيا ڪيسي ۾ هوندا هئا، خرچ ڪرڻ جو وسيلو نہ هو ۽ اهي ساڍا ست روپيا سُين وانگر چيڻ لڳندا هئا.

منهنجي ماءُ منهنجي مڱڻي ٽوڙڻ جو ڏک سهسائي ويئي هئي. هاڻي هوءَ مائٽين وارن مهراجن ۽ ٻانيٽن کي مون لاءِ ساهتيءَ جي ڪنهن آبرودار آکهہ (ياتيہ) جي ڇوڪريءَ ڳولهڻ لاءِ زور پريندي هئي. موتي باغ جو چتو ٻانيڻ لڳ ڀڳ روز ڪانہ ڪا ماٽتي ۽ ڳڏوڳڏ ڪنهن ڪنواري ڪنيا جي تصوير ياييءَ کي ڏيئي ويندو هو جيڪا منهنجي ماءُ مون کي رات جو ڊِوَ تي ماني تڪي ڪارائي 'سويٽ ڊش' طور منهنجي اڳيان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪندي هئي. مان انهن تصويرن طرف چتائي ڏسندو هوس، ڪي وٽنديون هيون، ڪي نہ وٽنديون هيون، ڪي رواجي لڳنديون هيون، ڪي غيررواجي، پر منهنجو شاديءَ جو ڪو ارادو نہ هو. مان پنهنجي بي ربط ۽ ڇڙواڳ زندگيءَ مان بيحد مطمئن هئس. دادا جي ڪنهن ڳالهہ ۾ دلچسپي نہ هئي، پر ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ماءُ کان پڇندو هو: ”منوءَ کي شاديءَ لاءِ ڇو نٿي مڃائين؟“ پر گڏوگڏ ڪيس اهو چتاءُ پڻ ڏيندو هو تہ هن پيري اهڙي ڪا حماقت نہ ڪج جو پٽ ئي هٿن مان وڃائي ويهين.

مان جوانيءَ ۾ تندرست، ڦڙت ۽ حاضر جواب ۽ ڳالهين ۾ رَسُ ۽ چَسُ پيريندڙ چرب زبان ضرور هئس، پر اهڙو ڪو يوسف ثاني نہ هئس، جو ڪا ڇوڪري پاڻمرادو مون تي مرڻ لڳي، پر مون ۾ سنگتياڻيون ناهڻ جي هنرمندي اوس اچي ويئي هئي، ان ڪري جوانيءَ ۾ مون وٽ ڪڏهن بہ صنفِ نازڪ جي ساٿ سنگت ۽ صحبت جي کوٽ نہ رهي هئي، پر اها ڪڏهن بہ دوستيءَ کان اڳتي نہ وڌي.

هڪ ڏينهن ماءُ جي تمام گهڻي زور ڀرڻ ۽ پنهنجي مامتا جا واسطا وجهڻ تي، مان هن جي دل رکڻ لاءِ روهڙيءَ جي هڪ ياٺيہ ڪٽنب جي ڇوڪري ڏسڻ هليو ويس. هو پاڻ ۾ ڇهہ ڀينر هيون، جن مان پنج پرڻيل هيون ۽ هيءَ پوئين ڏيءَ پيءُ ماءُ جي لاڏلي هئڻ ڪري خاصي ڻُنديءَ ڪاڏي هئي. هن جي پيءُ جو چانڊني چوڪ جي ڪنهن ڪٽري ۾ ڪپڙي جو ٻڌو ڪاروبار هو. پوئينءَ ڏيءَ لاءِ هن کي ڪنهن بيئل ياٺيہ ڪٽنب جي پڙهيل ڳڙهيل نياڻي جي ڳولها هئي. هو دادا کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو ۽ بيحد عزت ڪندو هو جيتوڻيڪ هندوستان ۾ اچڻ کان پوءِ هو ڪڏهن بہ پاڻ مليا نہ هئا، جو دادا ڪٿي بہ ايندو ويندو نہ هو.

تن ڏينهين مون کي ڪارا گهاٽا وار ۽ وڏيون وٽيل مُڇون هيون. وار ايترا گهاٽا هئا، جو سينڊ ڪيندي ڪڏهن ڦٽوتا ئي پچي پوندا هئا. مان اينئن ئي جهڙو تهڙو هٽ منهن ڌوئي، جهنڊولن وارن ۽ وٽ ڪاڏل مُڇن سان، پٽيل نگر ڇوڪري ڏسڻ هليو آيس. سکر روهڙيءَ واري لهجي ۾ ڇوڪريءَ جي پيءُ ماءُ منهنجو تمام گهڻو آجياڻو ڪيو. سندن هر سٽ اڳيان پويان، 'مَن- دَل' وغيره وارا آڏريائي اکر هئا. ڇوڪري آئي، تہ هو اسان کي ڪمري ۾ ڳالهہ ٻولهہ لاءِ اڪيلو ڇڏي اٿي هليا ويا. هوءَ منهنجي سامهون صوفا تي ويٺي هئي ۽ چلولائيءَ جي حدتائين ڦڙت ۽ حاضر جواب هئي. هوءَ رکي رکي ڪنڌ مٿي کڻي گول گول اکيون ڦيرائي، مون کي مٿي کان پيرن تائين جاچي رهي هئي. ڪڏهن هوءَ منهنجن بي ترتيب جهنڊولن وارن ڏانهن، تہ ڪڏهن چندر شيکر آزاد جهڙين وٽيل مڇن ڏانهن ڏسي رهي هئي ۽ مُرڪي رهي هئي. هن جي مُرڪ ۾ شرارت بہ هئي، طنز بہ هئي، ٺٺولي بہ هئي، تہ پنهنجي اميريءَ وارو غرور بہ هو.

ڪجهہ دير جي ساهہ منجهائيندڙ خاموشيءَ کان پوءِ مون هن کي چيو: ”توکي ڪجهہ پڇڻو آهي؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اسان کي اهڙي آزادي ڪٿي آهي؟" هن طنزيه مرڪ سان جواب ڏنو: "منهنجي طرفان توکي پوري آزادي آهي." مون هن کي چيو.

"اهي سڀ چوڻ جون ڳالهيون آهن. اسان جي سوسائٽيءَ ۾ ڪهڙي مرد عورت کي آزادي ڏني آهي؟"

"مان انهن مردن مان ناهيان."

"چا، توهان وري ڪا ٽين جنس آهيو ڇا؟" هن جي اکين ۾ مزاح ڪان وڌيڪ ميار هئي.

مون کان چرڪ نڪري ويو. مون کي يقين ٿي ويو ته هن مون کي نه رڳو پسند نه ڪيو آهي، پر منهنجي مردانگيءَ مٿان وار ڪري، ان کي ڪاري ضرب لڳائي آهي. منهنجو انڪاري فيصلو ته اڳ ۾ ئي ٿيل هو پر هينئر اهو پختو ٿي ويو. پر مون هڪدم اتان اٿي وڃڻ مناسب نه سمجهي، پاڻ تي پورو ضبط رکيو. هينئر مان وقت گذارڻ لاءِ هن سان رسمي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لڳس. پڇيومانس: "ساهت ۾ دلچسپي اٿيئي؟"

"سنڌي ساهتيه ته نه پڙهندي آهيان، پر ڪڏهن ڪو سٺو انگريزي ڪتاب پڙهندي آهيان. سو به رڳو وقت جي وندر لاءِ."

(مان سوچڻ لڳس، ته باقي سڄو وقت گهر ۾ ويهي ڇا ڪندي آهي؟)

هينئر مان هيٺئين روايتي سطح تي لهي آيس. پڇيومانس:

"ڪجهه سبڻ- پرڻ ايندو اٿيئي؟"

"ڇو؟ دهليءَ جا سڀ درزي مري ويا آهن ڇا؟"

(هڪ ٻيو ڌڪ)

"ڪجهه رڌڻ پچائڻ ايندو اٿيئي؟"

"توهان کي زال کپي يا رڌڻ واري مائي؟"

(منهنجو هيانءُ ئي سڙي ويو.)

چيومانس: "من- کپي، ته بورچياڻي- پر ڪڏهن ڪڏهن جوءِ جو فرض به نڀائي."

حواس باخته ٿڃي، هوءَ مون ڏانهن ڏسندي رهي.

اهڙي سٽيي آسامي هٿن مان ويندي ڏسي، منهنجيءَ ماءُ ٻئي هٿ ڪٽي مٿي تي رکيا.

دوست گهر گرهستيءَ جي ڪاروبار کي لڳي ويا. ته مون ڇڙي ڇانڊ ڪتابن ۽ ادبي محفلن ۾ پناهه ڳولهڻ شروع ڪئي ۽ مجنونءَ جي ٽيلي تي حاضري ڀري، ڀڳتيون ڀاوَ ڏسندي، روحاني سڪون حاصل ڪرڻ لڳس. ڪڏهن ڪڏهن ته سڄيون سڄيون راتيون مجنون ٽيلي تي، روهڙيءَ جي سنت سائين گوپالداس جهنڊي واري جي آستاني تي جبينون جهڪائيندو رهيس. (امر جليل- تون به ته روهڙيءَ جو درويش آهين!)

مان اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان، ته مجنون ٽيلي تي سنت سائين سترام داس ۽ بابا نيپراج جون ورسيون هر سال ڌام ڌوم سان ملهايون وينديون هيون، جنهن ۾ ست



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏينهن سڄي سڄي رات ڀڳتيون پونديون هيون. سڄي هندوستان جا ناميارا ڀڳت ۽ سائينءَ جا شرڌالو اچي، ان ميلي ۾ شريڪ ٿيندا هئا. حيدرآبادي عامل، ديوان، سيٺيون، ڀائيبند، ڀاٽيا، واڻيا وڪال، جيسلمير جا لنگها، مسلمان ڳائڻا وغيره پنهنجا سڀ طبقاتي تفرقا مٽائي، ان ميلي ۾ شرڌالو بڻجي گوڏا گڏي ويهندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي وت آهر سيوائون ڪندا رهندا هئا. جمنا جي ڪناري، چاندوڪين راتين جو هي ماحول سرڳ جو ڏيک ڏيندو هو. مون ان ميلي ۾ موٽڻ ڀڳت، نارو ڀڳت، ڏيپي ڀڳت، چيتو ڀڳت، پريتي ڀڳت وغيره کي سڄي سڄي رات ڳائيندي ۽ نچندي ڏٺو هو. موٽڻ ڀڳت جو آواز سائين ڪنور رام جيان سنهو ۽ سريلو هو هن سنگيت جي سکيا سنت ڪنور رام جي چرنن ۾ ويهي ورتي هئي. موٽڻ جي چوڻ موجب سائين ڪنور رام کي هن جي سريلي آواز ۾ پنهنجي ئي آواز جو عڪس ڏسڻ ايندو هو. هن جو آلاپ بہ ڪنور رام جي آلاپ جو پرتو هو. سڄي سنڌي قوم ۽ اسان جو ايندڙ نسل دوست قاسم ماڪا جو سدائين ٿورائتو رهندو جو هن سائين ڪنور رام، ڀڳت جاڙا رام، موٽڻ ڀڳت، ماسٽر چندر، يوسف ۽ مائي ڀاڳيءَ جهڙن سريلن آوازن کي محفوظ ڪري، ڪين امرتا بخشي ڇڏي آهي ۽ اسان جي سنڌي جاتيءَ سان وڏا وڙ ڪيا آهن. سڄي دنيا جا سنڌي اڄ بہ سندن سرن مان روحاني تسڪين حاصل ڪندا ٿا رهن.

مجنون ٿيلي جي ميلي ڪان سواءِ بہ موٽڻ ڀڳت اڪثر دهليءَ ايندو ويندو رهندو هو هو امراوتيءَ ۾ سنت ڪنور رام جي ڪُٽيا ۾ رهندو هو جيڪا ڪنور رام جي پٽ پيسو رام هڪ شاهي ايراضيءَ ۾ تعمير ڪرائي هئي. پيسو رام ۾ پنهنجي پيءُ ڪنور رام واري مٺيا نہ هئي، پر صداقت تمام گهڻي هئي. مون پوپال سميلن وقت هن جي چونڪي ٻڌي هئي. هن جي شڪل هوبهو سنت ڪنور رام جهڙي هئي، پر قدرت هن کي پيءُ جهڙو سريلو آواز عطا نہ ڪيو هو ۽ نہ ئي هن جي گائڪيءَ ۾ ڪو رسُ چس هو. ڪنور جي ڪٽيا موٽڻ ڀڳت جي ئي ذات ۽ ذانءَ سان ڦلجندي ڦولجندي ۽ ڦهلجندي رهي. اڄ امراوتيءَ جي ڪنور ڪٽيا هڪ وسيع ۽ ڦهليل ادارو آهي، جتي هر ياتريءَ جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو جوڳو انتظام آهي ۽ غريب غربي لاءِ ٿيئي ويلا مفت لنگر لڳندو آهي.

ڇتيسگڙهہ رياست جي راڄڌاني رائپور ۾ پڻ ان دربار جي وڏي شاخ ڦهليل آهي، جيڪا سنڌ جي مانجهند واريءَ دربار جون سڪون لاهيندي آهي. هندوستان ۾ رڳو ڪنور رام جي نالي جون ئي اڍائي هزار سنڌي ڌرم شالائون ۽ درٻاريون آهن.

دهليءَ ۾ موٽڻ ڀڳت گهڻو تڻو دادي گنگا جڳتياڻيءَ جي روهتڪ روڊ واري گهر ۾ ٽڪي پيو رهندو هو. دادي گنگا ڀارت جي سابق نائب وزيراعظم ۽ وزيرداخلا لال ڪرشن آڏواڻيءَ جي سس هئي. هوءَ هر مهيني پنهنجي گهر ۾ سڄي رات چونڪي ڪرائيندي هئي، جنهن ۾ مڪاني خواهہ ٻاهريان سنڌي ڳائڻا شرڪت ڪندا هئا. ان چونڪيءَ ۾ ماسٽر چندر ۽ هن جو شاگرد پرمانند ساگر پڻ ايندو رهندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن مان دادي گنگا جي گھر موٽڻ ۾ ڀڳت سان ملڻ ويس. ڀڳت صاحب سنان تي ويو هو. اڌ ڪلاڪ کن ڪان پوءِ اوچتو ڀڳت صاحب غسلخاني مان واڪا ڪندو ٻاهر نڪتو. ڀڳت کي هيٺ انگوڇو ٻڌل هو ۽ هن جو سڄو سرير تيزاب جي ٻوءِ واري گجيءَ سان ڀريل هو. هن جون اکيون بند هيون. دادي گنگا ڊوڙندي آئي، ”ڀڳت صاحب ڇا ٿيو؟ ڇاٿيو؟“ پر موٽڻ ڀڳت جي رڙهيٺ رڙ مٿي هئي.

غسلخاني ۾ ڊيٽال (Dettol) جي شيشي رکيل هئي. ڀڳت موٽڻ ان ڊيٽال کي سرنهن جو تيل سمجهي سڄي بدن تي مکڻ شروع ڪري ڏنو. وڏن لتڪندڙ وارن واري مٿي تي، منهن تي، بدن تي، ٽنگن ٻانهن تي، آڱر اکين ۾، آڱر ڪنن ۾، آڱر ناسن ۾، آڱر ڏُن ۾، آڱر هيٺ، سڄو جسم ڊيٽال ئي ڊيٽال ۾ مکيل هو جنهن سان ڀڳت صاحب جو سڄو سرير پوسرائڻ لڳو.

ڀڳت صاحب رڙيون ڪندو رهيو: ”گنگا هي ڪهڙو تيل رکيو اٿيئي؟ سڄو بدن سڙي رهيو آهي.“ داديءَ جو نوڪر ڀڳت صاحب کي غسلخاني ۾ وٺي ويو ۽ مٿانئس ٿڌي پاڻيءَ جون بالٽيون ڀري وجهندو رهيو. ڪلاڪ ڏيڍ جي ٿڌاڻ کان پوءِ وڃي ڀڳت موٽڻ سامت ۾ آيو پر پوءِ ٻہ ٽي ڏينهن پنهنجي ڀريل پڙڪيل بدن کي کنهندو رهيو.

اسان جا ويچارا معصوم ۽ ڀُوناٽا ڪلاڪار ۽ فنڪار نئين ملڪ جي نئين شهري تهذيب جي ذلالتن ڀري زندگيءَ ۾ اڙجي سرنهن ۽ جانيي جي ’ائگريڪلچر‘ بدران ڊيٽال جهڙي پوسرائيندڙ ’ڪلچر‘ جو شڪار ٿي رهيا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پنجونجاھون پنو

اڄ ھيءَ قسط لکڻ مھل راڄ راڻي بينظير جي شھادت کي پورو ھڪ سال ٿيو آھي.
مان صبوح کان ئي ٽي ويءَ تي ڳڙھي خدا بخش ۾، ھن جي مزار تي سجدو ڪرڻ لاءِ حشام ماڻھن جا ايندي ڏسي رھيو ھئس. سنڌ جا معصوم ۽ ابوجھ ڳوٺاڻا، جن ۾ عورتن جي اڪثريت شامل ھئي، محترمہ جي مزار کي درگاھہ جو درجو ڏيندي، نہ رڳو اتي سلام ۽ سجدا ڪري رھيا ھئا، پر متولين ۽ مجاورن کان تعويذ، ڌاڳا ۽ امام ضامن پنھنجين ٻانھن ۾ ٻڌرائي رھيا ھئا. مون کي انديشو آھي، تہ ايندڙ ڪن سالن بعد سنڌ جي الھامي شاعر شاھہ لطيف جيان، جنھن ڀٽ شاھہ تي، ھن جي شاعريءَ جي عقيدتمندن کان وڌيڪ من جون مرادون حاصل ڪرڻ وارا مرادوند ۽ چادرون چاڙھڻ وارا سوالي سجدن ۾ ھوندا آھن، تيئن راڄ راڻي بينظير جي مزار پڻ درگاھہ وارو درجو نہ حاصل ڪري ويھي. سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز پڻ پنھنجي باري ۾ اھڙو انديشو ظاھر ڪندي، زندگيءَ جي پوين پھرن ۾ لکيل ھڪ نظم چيو ھو:

"تون متان ھن گنھگار کي
ڪنھن وڏي پير سان ڀيٽئين
شاعري ريٽئين."

مون ھتي دھليءَ ۾ امير خسرو ۽ مرزا غالب جي مزارن تي ايئن ٿيندي ڏٺو آھي، تہ اورنگ آباد ۾ اورنگزيب عالمگير جي ڪنڊر نما قبر تي چرسين ۽ موالين جي سلفيءَ جي ڪشن تي ڪتن واري ويڙھہ ٿيندي بہ ڏٺي آھي. تاريخ ڪنھن کي بہ بخشيندي ناھي. اھا شھادت جو جام پيئندڙن کي سونئن حرفن ۾ قلمبند ڪندي آھي ۽ دھشتگرديءَ کي چار دار ڪتھڙن ۾ آڻي بيھاريندي آھي.

گذريل جولاءِ ۾ جڏھن مان سنڌ آيو ھئس، منھنجي دوست سائين سليمان شيخ، مون کي 'نصيب جي نياڻي' بينظير جي مزار تي، ڳڙھي خدا بخش وٺي ھلڻ چاھيو ھو پر لاڙڪاڻي جي ويزا نہ ھئڻ ڪري مان اتي نہ وڃي سگھيس. دوستن صلاح ڏني، تہ ڏينھن ڏٺي جو وڃي ٿي اچ. ايئن بہ تون ڏسڻ ۾ پاڪستاني وڌيڪ ٿو لڳين، پر قانون جو احترام ڪندڙ شخص جي ناتي، مون ڪوبہ جوکم کڻڻ نٿي چاھيو. بھرحال، محترمہ سان ٿيل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شملا ۾ دبئيءَ جي ٻن ملاقاتن جون ساروڻيون منهنجي زندگيءَ جو اهو بي بها سرمايو آهن، جن کي مون سدائين ساهه سان سانڍي رکيو آهي. ان باري ۾ مان تفصيل سان اڳين پنن ۾ لکي چڪو آهيان. هن جي شهادت جو اچوڪو ڏينهن اسان جي سنڌي قوم لاءِ سياپي ڪرڻ کان وڌيڪ سانت ۾ ٽي شوڪ منائڻ وارو ڏينهن آهي.

دهشتگردي خواهه اها رياست جي پشت پناهيءَ هيٺ هجي، خواهه مذهب ۾ ڌرم جي ناليءَ ۾ هجي، خواهه جماعتي جُٽ بنديءَ واري جنوني ڪارروائي ڪرڻ وارن وٽان هجي، ان جو تاثر تباهيءَ کان سواءِ ڪجهه به نٿو ٿئي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو قتل رياست دهشتگرديءَ وارو آمراڻو عمل هو. اندرا گانڌيءَ جو خون مذهبي ديوانگيءَ وارو وير وٺو عمل هو. راڄ راڻي بينظير جو سفاڪاڻو قتل ڪنهن جماعتي سازش جو نتيجو هو پر اڀوجهه ۾ بي ڏوهي عوام جي نسل ڪُشي هڪ انسانيت سوز ڪارروائيءَ وارو غاصباڻو عمل آهي، جنهن ۾ بيگناهه معصومن جو رت رستن تي وهندو آهي ۽ اهو رت نه هندوستاني هوندو آهي، نه پاڪستاني، نه فلسطيني ۽ نه عراقي، اهو رڳو انساني رت ٿي هوندو آهي.

صدين جي تاريخ ساک تي شاهد آهي، ته دهشتگردي ڪڏهن به، ڪٿي به ۽ ڪنهن به ملڪ ۾، ڪنهن به دور ۾ ڪامياب نه ويئي آهي. ڏيڍ سو سالن جي دهشتگرديءَ کان پوءِ به آئرلينڊ جي دهشتگردن هٿيار ڦٽا ڪري برطانيا سان ناهه ڪيو ۽ آئرلينڊ جي اسي سيڪڙو عوام ان ناهه جي حق ۾ فيصلو ڏنو. زنزيبار جا دهشتگرد پندرهن منٽن اندر ملڪ جي انتظاميه اڳيان اچي پيش پيا هئا. سريلنڪا جا تامل ٽائيگر دهشتگرد اڄ جافنا جي جهنگلن ۾ ڪوئن جيان ٻرن ۾ لڪندا ٿا وتن.

خود برصغير جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ ڀڳت سنگهه، راجگرو يا سياش چندر بوس جي انڊين نيشنل آرميءَ جي هنسا (تشدد) واري اصول ۾ عمل کان وڌيڪ گانڌيءَ جي اهنسا (عدم تشدد) واري متي هيٺ ئي آزادي حاصل ٿي سگهي. اها ٻي ڳالهه آهي، ته هڪ ئي گرڀ مان ڄاول، آزاديءَ جي عمل طور ورهايل ٻه ملڪ هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو هوندي به هڪ ٻئي کان ڪيترو پري آهن. جذباتي ۽ ثقافتي طور هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندي به ٻنهي ملڪن جا عوام هڪ ٻئي کان ڪيترو ڪٽيل آهن. ذاتي سطح تي هڪ ٻئي جي مهمان نوازيءَ ۾ پلئون پل هوندي به، سياسي سطح تي هڪ ٻئي سان شرط پڇاڻي رهيا آهن، هڪ ٻئي کي شڪ ۽ گمان جي نظرن سان ڏسي رهيا آهن، پيار ۽ نفرت هٿ هٿ ۾ ڏيئي هلي رهيون آهن. ٻاهرين ملڪن ۾ ملڻ تي غير سنڌي هندو يا مسلمان کان سنڌي هندو ۽ سنڌي مسلمان هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجهو اچي وساري ويهندا آهن، ته هو هندوستاني يا پاڪستاني آهن.

سياسي ۽ مذهبي سرگرميون ۽ ڪارگذاريون منهنجيءَ آتم ڪٿا جو حصو نه آهن، پر منهنجي آس پاس ۽ ارد گرد جيڪي بيهودگيون ۽ بڇڙايون ٿي رهيون آهن، انهن کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اڪيلو ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ مان به اڄ جي هن سماج جي چڱاين ۽ لڳاين وچ ۾ رهان ٿو ۽ تاريخ جي ان دور ۾ رهان ٿو جنهن دور ۾ دهشتگردي ديوانگيءَ جو روپ ڌاري چڪي آهي.

عام طور چيو ويجي ٿو ته دهشتگرديءَ جو ڪو مذهب ناهي، پر حقيقت ان جي برعڪس آهي. مذهبن جي ماهر تاريخ دان اسٽيون وينبرگ (Steven Weinberg) جو چوڻ آهي: ”ڌرم ۽ مذهب بنا توهان کي سٺا ماڻهو سٺا ڪم ڪندي نظر ايندا ۽ شيطان صفت ماڻهو شيطاني ڪارروايون ڪندا نظر ايندا، پر سٺن ماڻهن لاءِ بڇڙايون ۽ ڪڌا ڪم ڪرڻ لاءِ ڪين ڌرم يا مذهب جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.“

هن برصغير ۾ اسان ڪجهه سال اڳ سک دهشتگردي ڏسي چڪا آهيون، اسلامي دهشتگردي ڏسي چڪا آهيون، هاڻي هندو دهشتگردي ڏسي رهيا آهيون ۽ گذريل صديءَ نائين آئرلينڊ ۾ ڪرستان دهشتگردي ڏسي چڪا آهيون. اهڙيءَ ريت هر دهشتگردي ڌرمي ۽ مذهبي جنون جي زمين جي پاڙن ۾ ئي پوکيل سلو آهي. مذهب جي بنياد تي بري ۽ بحري ورهاڱو نه هجي، ته ملڪن وچ ۾ سرحدون به نه هجن ۽ سرحدون نه هجن، ته ڪير اهي اورانگهي ڪنهن تي حملو آور به نه ٿئي.

اسان جي سنڌي قوم هڪ امن پسند قوم آهي. اسان جو دهشتگرديءَ سان دور جو به واسطو ناهي، جيتوڻيڪ اسين دهشتگرديءَ جو شڪار اوس رهيا آهيون. قائم مقام پاڪستاني صدر آصف زرداريءَ جو اهو چوڻ صحيح آهي، ته موجوده دهشتگرديءَ جو وڏي ۾ وڏو بکُ (Victim) مان ۽ منهنجو ڪٽنب رهيو آهي. هندوستان جي هڪ مشهور اخبار جي ويڊيو ڪانفرنس کي خطاب ڪندي زرداري صاحب چئي رهيو هو: ”مون کي هميشه اهو احساس رهيو آهي، ته هر هندوستانيءَ جي اندر ڪجهه حصو پاڪستاني به آهي، ته ساڳيءَ ريت هر پاڪستانيءَ جي اندر جو ڪجهه حصو هندوستاني به آهي. خود مان پاڻ کي هندوستانيءَ جو هڪ حصو سمجهندو آهيان.“

آصف زرداري صاحب جي اهڙي بيان تي هندوستاني عوام هن کي تمام گهڻي آفرين ڏني. مان آصف زرداري صاحب سان ته ڪڏهن نه مليو آهيان، پر هو منهنجي ئي شهر نوابشاهه جو آهي ۽ هن جو والد صاحب حاڪم علي زرداري ۽ منهنجي والد ديوان چيلا رام ياتيه جا دوستاڻا تعلقات رهيا آهن. ڪنهن زماني ۾ اسان جي ڪٽنب جون زردارين سان ڪجهه دنگئي زمينون به هيون، جيڪي منهنجي ڏاڏي جاڙي مل جتوئين سان پنهنجي ڳوٺ ۾ ادلي بدلي ڪيون هيون. آصف صاحب ورهاڱي کان پوءِ ڄائو آهي، ان ڪري هن جي ذهن ۾ ورهاڱي ۽ ان جي نتيجي ۾ ٽيل لڏپلاڻ واري تلخي ۽ الميي جو احساس نه هوندو. جيڪا پنهنجي ليکي ئي هڪ اطمينان بخش حقيقت آهي.

عملي طريقي دهشتگرديءَ جو مظاهرو ڪندڙ رنگروٽ اصلي آتنڪ وادي ناهن ۽ نه ئي هو ڪنهن ڌرمي مذهبي عقيدي يا متي سان واڳيل يا ڪميٽيڊ آهن. ڪين لب لالچون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ يا 'برين واش' ڪرڻ وارا اهي شاطر بازيگر آهن. جيڪي ڪين پنهنجين ٽوپين مان خرگوش جيان ٻاهر ڪڍندا آهن. معصوم نوجوانن کان سندن معصوميت کسڻ وارن انهن ابليسن وٽ حقيقت ۾ 'خدا جو خوف' نالي واري به ڪا به شيءِ ناهي. نه ته هو ڪنهن کي راهه ويندڙ بي قصور ماڻهن کي مارڻ جون هدايتون. جيڪي ڪنهن به مذهب يا ڌرم ۾ جائز ناهن. نه ڏين. انهن قاتلن ۽ سازشين کي انساني رت وهائڻ جي چوس پئجي چڪي آهي ۽ هو پاڻ پس پرده رهي، اهڙا قاتلانه ڪم ڪن معصومن هٿان سندن ذهنن ۾ زهر پري ڪرائي رهيا آهن.

بمبئي حملي ۾ جهليل ايڪيهن سالن جي نوجوان، جنهن اڪيلي سر ٿي وي ٽي اسٽيشن جي پيهه واري پليٽ فارم تي، پنهنجيءَ مشين گن سان ٽيونجاهه ماڻهو جن ۾ سٽتيهه مرد زالون ۽ ٻار هن جا پنهنجا ٿي هم مذهب هئا. ماريا آهن. پنهنجن تفتيش ڪندڙن کي چئي رهيو آهي، ته "جيڪڏهن مشهور فلمي اداڪار اميتاب بچن کي پُڇيا ڳاچا لاءِ آٽيندؤ ته مان هن کي سڀ ڪجهه سچ سچ ٻڌائيندس."

هن جي اهڙي طفلانه تقاضا ڏيکاري ٿي، ته دهشتگرديءَ جي پيروڪارن پويان ڪا معصوميت واري دل پڻ پوشيده آهي.

موجوده حالتن مان ڏاڍو مايوس ڪري ڇڏيو آهي، جن جو منفي تاثر منهنجيءَ هن آتم ڪٿا تي پڻ پئجي رهيو آهي. زندگيءَ جي روزمره جي وارداتن کان ڪيئن ٿو لنوائي سگهجي؟ اوچتو آيل ڪنهن بحران کي منهن ڏيئي، ان جو حل ڳولهي لهڻ هرويرو ايترو اوکو ناهي، پر روزمره جي ڏينهن رات وارن ڏکوئيندڙ وارداتن سان منهان منهن ٽيڻ پل پل جي پيڙا آهي. آزاديءَ جا اپاسڪ اسان کي آزادي ڏياري، پاڻ ته اطمينان سان پنهنجو وقت پورو ڪري راهه عدم ڏانهن روانا ٿي ويا. پر سندن آزاد ڪرايل ڌرتيءَ سندن جهڙي ٻي ڪا پيرتي نه ڪئي. خود مذهب جي نالي ۾ هڪ نئون ملڪ حاصل ڪندڙ پاڻ هڪ سيڪيولر سربراهه هو.

مان وري به ورجائي رهيو آهيان، ته مان پاڻ کي سياست ۾ وچڙائڻ نٿو چاهيان، پر منهنجي سياسي سوچ مون کي قائل ڪري رهي آهي، ته هن برصغير جو سڀ کان داناءُ ۽ سمجهو سياستدان قائداعظم هو جنهن شعوري طور سيڪيولر سوچ جي علامت بڻجي، پنهنجي قوم جي ڪنهن به فرد جي رت جو هڪ ڦڙو وهائڻ کان سواءِ ئي ستن اٺن سالن اندر هڪ نئون ملڪ حاصل ڪري ورتو. جڏهن ته نهروءَ جهڙي دانشور اڳواڻ کي به آزاديءَ جي جدوجهد ۾ جيل به ڀوڳڻا پيا ۽ فرنگي سرڪار جون لٺيون ڪائي مٽي ۾ ڦاڙ وجهائڻا پيا.

اها ٻي ڳالهه آهي، ته نتيجي طور صدين کان ٻائرن جيان هڪ ٻئي سان مٺ محبت ۾ گڏ رهندڙ ٻن قومن مان، هڪ قوم جا فرد ٽن ملڪن ۾ ورهائجي ويا. جيڪڏهن هو هڪ ئي ملڪ ۾ گڏجي رهن ها، ته گڏيل ملڪ جي آباديءَ جي ٽئين حصي کان به



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ هجن ها ۽ ايتري وڏي آبادي پنهنجي ليکي ئي هڪ وڏي طاقت ۽ قوت هجي ها. مشترڪ ملڪ جا سڀ ذريعا تباهه ڪن بارودن بدران، عوام جي اقتصادي خوشحاليءَ ۽ خواندگيءَ مٿان خرچ ٿيندا رهن ها. پر تواريخ ۾ نظريا رڳو نظريا ئي رهجي ويندا آهن. اهي ڪڏهن حقيقتن جي شڪل صورت وٺي نه سگهندا آهن.

مشهور انگريزي اديب چارلس ڊڪنس پنهنجي جڳ پرسڌ ڪتاب "ٻن شهرن جي ڪهاڻي" جي شروعات هنن سٽن سان ڪري ٿو:

"اهو هڪ بهترين دور هو
اهو هڪ بدترين دور هو!
اهو ڏاهپ وارو جُڳ هو
اهو احمقاڻو جڳ هو!
اها يقينيءَ واري اوسٿا هئي،
اها بي اعتقاديءَ واري اوسٿا هئي!
اها روشنيءَ جي موسم هئي،
اها انڌڪار جي موسم هئي!
اها اميد جي بهار هئي،
اها سياري جي نراسائي هئي!
اسان اڳيان سڀ ڪجهه هو
اسان اڳيان ڪجهه به نه هو!

چارلس ڊڪنس اڳيان فرانسيسي انقلاب کان متاثر ٿيل ٻن شهرن لنڊن ۽ پئرس جي ڪهاڻي هئي ۽ اسان اڳيان ورهاڱي کان متاثر ٿيل ننڍي کنڊ جي لاڳاپيل ڪنارن تي وسيل ٻن شهرن بمبئي ۽ ڪراچيءَ جي ڪهاڻي آهي. لنڊن ۽ پئرس وچ ۾ انگلش چئنل حائل آهي ۽ مون انگلش چئنل مٿان هلندڙ هئڊروشپ ذريعي ٻنهي شهرن وچ ۾ ڪيئي ڀيرا اچ وڃ ڪئي آهي. هئڊروشپ پاڻيءَ جي سطح کان ڇهه انچ مٿي تي وچ ۾ ڀيل وٺيءَ جي هوائي زور تي لڳ ڀڳ اڏامندو آهي ۽ سفر ڪندڙ هئڊرو جهاز جي ڊيڪ تي ويهي، فرينچ وائين پيئندي، پنهنجن جسمن تي ڇولين جا ڇهاءَ محسوس ڪندا آهن. پر اسان اڌ صدي اڳ ڪراچيءَ کان بمبئي جل درگا جهڙن جهونن جهازن ۾ پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌڪجي، رڍن ٻڪرين جيان ڊوئبا ويا هئاسين.

ورهاڱي کان اڳ بمبئي ۽ ڪراچيءَ جو هڪ ئي ڪلچر، هڪ ئي ڍانچو هو جيئن دهليءَ جو چانڊني چوڪ ۽ لاهور جي انارڪلي. پر اڄ بمبئي ۽ ڪراچيءَ جي سامونڊي ڪنارن تي، سرڪاري آمدورفت ۽ جهاز رانيءَ کي ختم ڪري، دهشتگرديءَ لاءِ اچ وڃ جون ڳجهيون راهون هموار ڪيون ويون آهن. ڇا هي دهشتگرديون اسان جي ئي نسل جي نصيب ۾ اچڻيون هيون؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريل آرتوار تي دهليءَ جي ”نيشنل اسڪول آف ڊراما“طرفان منعقد ٿيل ڊراما فيسٽيول ۾ لاهور جي مشهور ٿيٽر ڪمپني ’اجو ڪا گروپ‘ طرفان پيش ڪيل هڪ جاذب متنازعہ ڊرامو ’هوٽل موهن جو دڙو‘ ڏسڻ ويس. پاڪستان ۾ هي ناٽڪ تمام تڪراري ۽ واد وواد ۾ گهيريل رهيو آهي. پردي کڄڻ کان پهرين ناٽڪ جي ڊائريڪٽر شاهد نديم اسٽيج تي اچي ناظرين سان مخاطب ٿيندي چيو: ”اها هڪ مڃيل حقيقت آهي، تہ ڪڏهن ڪي عظيم تخليقڪار پيغمبرانہ پيشنگوئي ڪري ويندا آهن. سندن افسانوي اڳڪٿيون اڳتي هلي سچيون ثابت ٿينديون آهن. باوجود ان حقيقت جي تہ اهي ڪنهن منطقي يا سائنسي فارمولائن جي بنيادن تي ٻيڻل نہ هونديون آهن، پر پوءِ بہ اهي پيشنگويون سائنسدانن جي تجربن کان وڌيڪ تُز هونديون آهن. اردو اديب غلام عباس اهڙن ئي تخليقڪارن مان هو.“

”هوٽل موهن جو دڙو“ جو موضوع ڪجهہ هن ريت آهي:

سن اٺويهہ سو اٺهتر- پاڪستان پهريون ئي ملڪ آهي، جنهن جا آڪاسي نروار سڀ کان پهرين چنڊ تي چڙهائي ڪن ٿا. ٻاهرين ملڪن جي سفارتخانن جا سفير ”هوٽل موهن جو دڙو“ ۾ هڪ وڏي جشن ۾ شريڪ ٿي، پاڪستان جي سربراهن کي اهڙي وڏي ڪارنامي لاءِ مبارڪون ڏين ٿا. هڪ مذهبي مُلو فتوي ڏئي ٿو تہ پاڪستان هاڻي اسلام وروڌي ملڪ بڻجي ويو آهي ۽ ايئن مذهب پرستيءَ جو دور شروع ٿي وڃي ٿو. فقہ واري ان مملڪت خداداد ۾ موسيقي، رقص، اداڪاري، ٿيٽر ۽ تماشو وغيره ۽ انگريزيءَ ۾ گفتگو سخت ممنوع آهي. عورتن کي اڪيلو ڪٿي اچڻ وڃڻ جي آزادي ناهي، بي پردگي عظيم گناهہ آهي، تعليم نسوان مٿان بندش آهي، وغيره.

مذهبي پيشوائن وچ ۾ ويڙهہ شروع ٿي وڃي ٿي ۽ نتيجي طور هڪ ڌاري طاقت ملڪ مٿان ڪاهي ٿي اچي. خاتمي بعد آثار قديمہ جا ماهر کوجنائون ڪندي اچي ڏسن ٿا تہ هڪ عظيم تهذيب موهن جي دڙي ۾ دفن ٿي ويئي آهي ۽ هڪ سڄي ثقافت تاريخ جي پنن ۾ پورجي ويئي آهي.

گذريل صديءَ جي سٺ واري ڏهاڪي ۾، جڏهن اهو افسانو لکيو ويو هو تہ ان کي غيرمنطقي ۽ عقل کان بعيد ڪري قرار ڏنو ويو پر جيئن ڊائريڪٽر شاهد نديم چئي رهيو هو: ”اهو آئينده جا اهڃاڻ ڏيندڙ هڪ بشارت هئي.“ ناٽڪ هلندي، پس پرده منظرن ۽ مڪالمن ۾ موجوده حالتن جو جائزو پڻ جاري هو. افغانستان ۾ طالبان طرفان بنيادپرستيءَ وارا لاڳو ڪيل قانون، ايران ۽ پاڪستان ۾ مذهبي ڪٽرپڻو ۽ فتوائون وغيره. غلام عباس جي افساني ۾ بمبئيءَ ۾ ويجهڙائيءَ ۾ دهشتگيرن طرفان ٿيل حملي کي مثالي ۽ اشتقاقي طور جوڙيو ويو آهي. شاهد نديم جي بيان موجب، ”جتي افساني جي بنيادي موضوع ۽ وارداتن کي برقرار رکيو ويو آهي، اتي غلام عباس صاحب جي افسانوي پيشنگوئيءَ کي پختگي ڏيڻ لاءِ ان ۾ موجوده مثال شامل ڪيا ويا آهن.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناٽڪ جاري هوندي، اوچتو سڀ بتيون وسامي ويون. هال اندر خواهہ ٻاهر سول ڊريس ۾ وينل سيڪيورٽيءَ وارا هراس ۾ اٿي هيڏانهن هوڏانهن ڊسڻ لڳا. سندن هٿ پاڻ مرادو پنهنجن کيسن ۾ لڪل ريوالورن ڏانهن وڌي ويا. پر ڪو دهشتگيرن جو حملو نہ هو. پنجن منٽن لاءِ رڳو پاور هلي ويو هو.

”حڪومتون بدلجنديون رهنديون آهن. سياسي، سماجي ۽ اقتصادي نوع ۽ نظريا بدلجندا رهندا آهن. دل اندر ۽ دل کان ٻاهر سڀ اميدون بدلجنديون رهنديون آهن. پر جڏهن انساني وير ورود وڌندا آهن، تہ سڀ اميدون مٽيءَ ۾ ملي وينديون آهن. شاهد نديم ۽ مديحا گوهر جهڙا فنڪار هندوستان جي عوام لاءِ اهوئي پيغام کڻي آيا آهن. ڀائيچاري ۽ انسانيت جا علمبردار هي فنڪار ٻنهي ملڪن جي عوام جي علامت بڻجي، گذريل پنجويهن سالن کان اجوڪا ٿيٽر کي پنهنجو پيغام رسان بڻائي، هڪ پڪي پختي پل جوڙي رهيا آهن. سندن چواڻيءَ اهوئي سندن زندگيءَ جو موقف ۽ مقصد آهي، هو ان وقت بہ هندوستان ايندا رهيا، جڏهن ٻنهي ملڪن وچ ۾ اچ وڃ جا سڏا واهڻ بندش هيٺ هئا ۽ کين ڳاتي پڳا خرچ ڪري، ڀيٽو ٽيٽو وقت وڃائي، هن ملڪ ۾ اچڻو پوندو هو پر پوءِ بہ هنن فنڪارن ان ڪارج کي سجايو ڪري سمجهيو هو. ٻنهي ملڪن جي عوام وٽان ملندڙ آفرينن ئي سندن وڏي ۾ وڏو اعزاز ۽ اجورو آهي.

هي لکندي مون کي پاڪستاني مصور فهيد حامد عليءَ جا هي لفظ ياد اچي رهيا آهن: ”ثقافتي ڏي وٺ جيڪي پُليون جوڙي ٿي، اهي سياست ڪڏهن بہ تعمير نہ ڪري سگهندي. فنڪارن کي مسافت سان ئي پنهنجيءَ دنيا کي نئين دنيا سان سڃاڻپ ڪرائي جوڙڻو آهي.“

هن وقت اسين ديوانگيءَ جي ڏاڍي ڏکئي دور مان گذري رهيا آهيون. هنن بنياد پرستن اسان جون ننڊون حرام ڪري رکيون آهن. هاڻي هنن اسان جي ادب ۽ آرٽ مٿان بہ راتاها هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. هي اڌ چريا انسان، بمبئيءَ جي ڪتاب گهرن ۽ ڪتبخانن مان پاڪستاني اديبن جا تحرير ڪيل ڪتاب ڪڍي اڇلائي رهيا آهن. پاڪستاني فنڪارن کي پارٽي ٽيليويزن ۽ فلمن ۾ اداڪاري ڪرڻ کان روڪي رهيا آهن. اهڙا نيچتا وارا ڪُڌا ڪم ظاهري جنگ کان بہ وڌيڪ ايذاءَ رسائيندڙ آهن. ڪنهن اديب جي آواز کي گهٽڻ، سڄي سڌريل سماج کي گهٽا ڏيڻ ۽ سماج ورودي عناصر کي شهہ ڏيڻ آهي. انهن جاهلن ۽ نيم خواندن کي اها ڄاڻ ناهي، تہ خود پاڪستان جو باشعور ادبي طبقو اهڙي بنياد پرستيءَ جو سخت ورود ڪري رهيو آهي. خواهہ ان غيرشريفانہ عمل جا نفي اثر بمبئي ۽ دهليءَ ۾ ٿيندڙ تخريبڪاريءَ تي پوندا هجن، يا لاهور ۽ ڪراچي تي. هندوستان ۾ رهندڙ شهري ڪيئن ڄاڻي سگهندو تہ هڪ پاڪستاني اديب بہ بنياد پرستيءَ خلاف جاري مهم ۾ اسان سان ٻانهن ٻيلي آهي. هو اهو ڪيئن ڄاڻي سگهندو تہ بمبئيءَ جي حملي ۾ مارجي ويلن جي روح کي، امان ۽ آسودگي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخشڻ لاءِ خود پاڪستان جي سيڪيولر ۽ روادار حلقن ۾ پرارٿنائن ۽ دعائن جو هڪ سلسلو جڙيل هو.

طالبان رڳو سوات جي واديءَ ۾ ناهن. پر انهن جا سوٽ ماسات هتي مئنگور ۾ به آهن. ٻئي هڪ ٻئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. اُتي عورتن جي تعليم تي پابندي پيل آهي، ته هتي هوانهن مٿان Pubs (مئه خانن) ۾ وڃڻ تي پابندي وجهي رهيا آهن. هو پاڻ کي ڀڳوان راجا رامچندر جي سئنا جا ساٿاري سڏي رهيا آهن. هڪ پاسي لشڪر آهي، ته ٻئي پاسي سئنا آهي، ٻيئي هڪ ٻئي جا جُٽ آهن. جن اسان جي جسماني ۽ ذهني آزاديءَ مٿان پهرا لڳائي ڇڏيا آهن.

پاڪستان جي انساني حقن واري ڪميشن جي علمبردار محترمه مسرت هلالي هتي هندوستان ۾ اچي اسان کي ٻڌائي رهي آهي:

"سوات واديءَ جي خوني چوڪ ۾ هو هر روز هڪ ڪنڌ ڪپيل جسم کي ابتو ٽنگي، اهو ڪپيل ڪنڌ سندن پيرن وچ ۾ پڌي ڦهڪائي، عوام کي نافرمانيءَ جي عبرتناڪ انجام جو نظارو ڏيکاري رهيا آهن. اهڙن منظرن اسان کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو آهي. اتي آتم گهاتي بامبرس جون فئڪٽريون کلي ويون آهن. اڀوجهه عوام کي ڏتارڻ لاءِ ڪين اهوئي لب ڏنو ٿو وڃي ته "جڏهن توهان اٽيتالهين سيڪنڊن ۾ جنت ۾ پهچي سگهو ٿا، ته پوءِ هن ڌرتيءَ تي غربت ۽ ڏُک ۾ پاهه ٽيڻ لاءِ توهان وٽ جيئڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟"

سياست ۾ ساهت ۾ ڪي دائمي دوستيون ۽ دشمنيون نه ٿينديون آهن. ڪالهه جا رقيب اڄ جا رفيق ٿي سگهندا آهن ۽ ان مٿي جا ماتحت ٻنهي ملڪن جو باشعور طبقو اڃا مايوس ناهي ٿيو. هو امن ۽ ڀائيچاري ۾ جيئڻ جون واٽون ڳولهي رهيو آهي، باوجود ان حقيقت جي ته اسان کي ڪي سياستدان ٻنهي ملڪن وچ ۾ رشتا ناتا ڇنڻ ڦاڙڻ جو مشورو ڏيئي رهيا آهن.

پر ضروري ته ناهي ته جيڪي سياستدان چاهين، اهوئي سڌريل سماج به چاهي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇاونجاهون پنو

اخباري ملازمت ۾ مون کي اڪثر آرتوار ڏينهن بہ آفيس وڃڻو پوندو هو. تن ڏينهن ٽائيمس آف انڊيا جي ايڊيٽوريل آفيس ۽ پريس پراڻي دهليءَ جي دريا گنج واري علائقي ۾ هئي. دريا گنج جو علائقو پراڻي شهر پناهہ جي دهلي دروازي کان شروع ٿي، لعل قلعي، جامع مسجد، چانڊني چوڪ ۽ ڪشميري دروازي طرف ويندو هو. دهلي دروازي کان ٻاهر ٿوري مفاصلي تي هيبتناڪ خوني دروازو آهي، جنهن جي ديوارن تي فرنگي حڪومت جنگ آزاديءَ دوران پوئين مغل تاجدار بهادر شاهہ ظفر جي ٻن پٽن کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو هو ۽ انهن جا لاش هفتي تائين اتي لٽڪندا رهيا. ان عمارت کي 'خوني دروازو' سڏيو ويندو آهي. عمارت سامهون مولانا آزاد ميڊيڪل ڪاليج جو وسيع احاطو آهي. هاڻي ان شاهي رستي جو نالو بهادر شاهہ ظفر مارگ آهي، جتي دهليءَ جي ڪيترين روزانين، هفتيوار ۽ ماهوار اخبارن ۽ رسالن ۽ خبر رسان ايجنسين جا دفتر ۽ پريسون آهن ۽ اتان ئي ديش وديش جون خبرون 'مئنيوفئڪچر' ٿي جاري ٿينديون آهن.

جنهن وقت 'ٽائيمس آف انڊيا' جي آفيس پراڻي دهليءَ جي دريا گنج علائقي مان بهادر شاهہ ظفر مارگ تي نئين بلڊنگ ۾ منتقل ٿي رهي هئي، ان وقت مان پنهنجي شادي خانہ آباديءَ جي موڪل تي هوس. مهيني جي موڪل تان موٽي وسيع نئين عمارت ۾ مون کي پنهنجي نشست واري ڪئبن هٿ ڪري ٽائيڪو ٽيڪ ۾ هفتو کن لڳي ويو ۽ اهو هفتو مان پنهنجي شاديءَ جي ماڻيل 'هني مون' جي رنگين راتين جا ڏينهن ڏٺي جو بہ سپنا ئي ڏسندو رهيس ۽ سپنا ساڪار ڪرڻ لاءِ سج لٿي کان پهرين ئي گهر پهچي ويندو هئس. ايڊيٽر گري لال مون کي ڪجهہ عرصي لاءِ نائيٽ ڊيوٽيءَ کان آجو ڪري ڇڏيو هو.

مون ۽ گوپيءَ پنهنجو هني مون وارو هفتو ڪاجو راهو جي مندرن وچ ۾، هڪ 'ٽن اسٽاري' هوٽل ۾ گذاريو جو ان وقت تائين اتي ڪا پنج اسٽاري هوٽل کلي نہ هئي. هجي ها تہ قرض کڻي بہ ان ۾ رهون ها. اڳتي هلي پنهنجي شادي ۽ ازدواجي زندگيءَ بابت تفصيلوار احوال لکندس. اها ٽيهہ آڪٽوبر سال اڻويهہ سو ٽيهٺ واري شام هئي، جنهن منهنجي ڇڙواڳ زندگيءَ ۾ ڪنهن حدتائين نظم و ضبط آڻي، مون کي احساس ڏياريو تہ هاڻي منهنجيون مَن مستيون پوريون ٿيون ۽ اڳتي مون کي ڪنهن سماجي ۽ اخلاقي انتظام ۾ ڇابڪدستيءَ هيٺ رهڻو پوندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر آرتوار تي دهلي گيٽ کان لعل قلعي تائين، درياگنج جي فٽ پاٿ تي پراڻن ناياب ڪتابن جي ڦهليل 'بڪ بازار' لڳندي آهي. جيڪا ميلن تائين پکڙيل هوندي آهي. پراڻن ڪتابن جو اهو سڄو ڪاروبار ميان ڀائين جي هٿ هيٺ آهي. جن مان اڪثر اڻ پڙهيل هوندي به انگريزي، هندي، اردو خواهه ٻين ٻولين جي ڪتابن جي عنوانن، موضوعن ۽ مصنفن جي نالن کان پوريءَ ريت واقف هوندا آهن ۽ هو خريدار جي شڪل ڏسي ئي سچاڻي ويندا آهن. ته هو ان مخصوص ڪتاب لاءِ ڪيتري قيمت ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. مان ان 'سنڌي ٻڪ بازار' مان الائي ڪيترا ناياب ۽ ڪماڻتا ڪتاب ڳنهي چڪو آهيان. اتان ئي مون ٻڙودا جي نماڻي فقير جو آرٽ پيپر تي خوبصورت مرتب ڪيل 'سچل سرمست جو ڪلام' ٻن روپين ۾ خريد ڪيو هو.

هميشه جيان هڪ آرتوار صبوح جو آفيس ويندي مان ان 'سنڌي بڪ بازار' مان فٽ پاٿ تي ڦهليل ڪتابن مٿان نظر اڇليندو لنگهي رهيو هئس، جو منهنجي اک ڪنڊ ۾ رکيل ڳاڙهي جلد واري ڪتاب تي وڃي پيئي. پڪي جلد واري ڪتاب مٿان ڪو نالو لکيل نه هو ته به مون ۾ الائي ڇو اهو ڪتاب کڻي ڏسڻ جو تجسس پيدا ٿي ويو. اڌائي سوَ کن صفحن جي ڪتاب جو جلد اٿلائي ڏٺم. اردوءَ جي تنقيدي مضمونن جي مجموعي جو عنوان هو 'اندازي' مصنف فراق گورکپوري.

منهنجي ذهن کي جهٽڪو آيو.

ڪجهه عرصو اڳ مون اردوءَ جي مشهور رسالي 'بيسوين صدي' ۾ مشهور شاعر فراق گورکپوريءَ طرفان شايع ڪيل اپيل پڙهي هئي:

"منهنجي تنقيدي مقالن جو مجموعو 'اندازي' اڄ کان ڪجهه سال اڳ شايع ٿي چڪو آهي. هن وقت اهو ڪتاب ناياب آهي، مون وٽ پنهنجي ان ڪتاب جي ڪابه ڪاپي موجود ناهي ۽ نه ئي انهن شايع ٿيل مقالن جا نقل ئي موجود آهن. جيڪڏهن ڪنهن صاحب وٽ مذڪوره ڪتاب جي ڪا ڪاپي ميسر هجي، ته براءِ ڪرم اها مون کي يا تحفي طور ڏئي، منهنجيون دعائون حاصل ڪري، يا مون کي فروخت ڪري، جنهن لاءِ مان ڪابه قيمت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مان تاعمر ان صاحب جو قدردان ۽ احسان مند رهندس." فراق گورکپوري

مون ڪتاب کڻي ڇاتيءَ تي رکي، ٻنهي هٿن سان دٻائي ڇڏيو. اڇي ڏاڙهيءَ واري بزرگ ڪتب فروش مون ڏانهن نهاريو. چيومانس: "ميان جي، هن ڪتاب جي قيمت ڪيتري آهي؟" هن مون ڏانهن چتائي نهاريو ۽ هيڪندي چيائين: 'ٽيهه رپيا' (تن ڏينهن فٽ پاٿي ڪتاب لاءِ ٽيهه روپيا غير رواجي رقم هئي.) مون هڪدم پرس مان ٽيهه روپيا ڪڍيا، هن کي ڏنا ۽ ڪتاب سنڀالي ٽڪڙو ٽڪڙو اتان هلڻ لڳس. اڃا ٿورين وک ئي کنئي هئم، ته ميان صاحب سڏي ڪري چيو: "جناب، ايڪ بات ڪهون، بُرا تو نهين مانوگي؟" چيومانس: نهين ميان جي- بُرا ڪيون مانو گا؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"بیٹی آپ کو کتاب خریدنی نہیں آتی." مون هن ڏانهن حيرت وچان نهاريو. چيائين: "آپ اگر اس کتاب کے دس روپے بھی کہتی تو میں آپ کو دے دیتا۔ میں یہی بات آپ کو اس لئے کہ رہا ہوں کہ آپ اور دکانوں پر احتیاط رکھیں۔"

مرڪي چيومانس: "میاں جی ایک بات میں بھی کہوں آپ کو کتاب بیچنے نہیں آتی، آپ اگر اس کتاب کے سو روپے بھی مانگتے تو میں فوراً دے دیتا."

مياں صاحب هيئنئين چپ کي ڏندن سان پڪوڙي مون ڏانهن ڏسندو رهيو.

رات رات ۾ مون 'اندازے' پڙهي پورو ڪيو. مجموعي ۾ شامل مضمون تحقيقي ۽ تخليقي تنقيد جو نادر نمونو هئا. هيئنر مون لاءِ مسئلو ڪتاب فراق گورکپوريءَ تائين پهچائڻ هو. هو الهه آباد ۾ رهندو هو. اردوءَ جو عظيم شاعر ۽ اديب پروفيسر رگهو پتي سهاءِ فراق گورکپوري الهه آباد يونيورسٽيءَ ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو.

الهه آباد جو ويدڪ دور جو نالو پرياگ راج آهي. جيڪو هندن جو هڪ اهم تيرٿ آستان آهي. هتي گنگا، جمنا ۽ سرسوتي ندين جو سنگم (ميلاپ) ٿئي ٿو جنهن ۾ سرسوتي ندي، تہ تهن ۾ ڪٿي ضم ٿي ويئي آهي، باقي گنگا جو شفاف ۽ جمنا جو لڙاٽيل پاڻي رل مل ٿي، سطح تي صاف وهندو آهي. هر ٻارهين سال ان سنگم تي دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڪنڀ جو ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ هڪ تخميني موجب ويهہ لک ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن. ان ميلي ۾ اڪثر ٻار پنهنجن مائٽن کان وڇڙي ويندا آهن ۽ ننڍا ڀائر ڀينر هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويندا آهن. جنهن موضوع تي هندوستان ۾ اڪيچار فلمن جون ڪهاڻيون جوڙيون ويون آهن. جواهر لعل نهرو ۽ هندوستاني فلمن جي مشهور اداڪار اميتاب بچن جو جنم پڻ الهه آباد ۾ ٿيو هو. جتي اميتاب جو والد هنديءَ جو نامور ڪوي هرونش راءِ سريواستوا بچن بہ فراق گورکپوريءَ سان گڏ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. عجيب اتفاق آهي، تہ اميتاب بچن ڪڏهن ڪنڀ جي ميلي ۾ نہ، پر ڇئن سالن جي عمر ۾ الهه آباد کان ڏکڙيءَ پنهنجي ناناڻي گهر ايندي، لاهور اسٽيشن تي پنهنجن والدين کان وڇڙي ويو هو.

مان اڳ الهه آباد ڪڏهن نہ ويو هئس. فراق گورکپوريءَ جي ڪتاب "اندازے" جي اتفاقي هٿ اچڻ بعد مان فراق سان منها منهن ملي، هن کي هٿون هٿ ڪتاب ڏيڻ لاءِ بيقرار ٿي رهيو هئس ۽ الهه آباد وڃڻ جا وجهہ ڳولهيندو رهيس. مون فراق گور کپوريءَ بابت ڪيئي ڌڪائيندڙ قصا ٻڌا هئا. هن جي هم جنس پرستيءَ وارن فعلن جون ڪيئي ڪهاڻيون مشهور هيون. خود عيني (قرت العين حيدر) جيڪا ڪڏهن بہ ڪا هلڪي يا گٽي گفتگو نہ ڪندي هئي، مون سان فراق گورکپوريءَ جي امرد پرستيءَ جون مزو ماڻيندي ڳالهيون ڪندي هئي. فراق جي ويجهن دوستن جو چوڻ آهي، تہ هو هم جنس پرستيءَ جي موضوع تي معقول دليل پيش ڪندي، اڳلي کي قائل ڪري ڇڏيندو هو. تہ اهو هڪ فطرتي عمل آهي ۽ بقول شخصي علم عروض جي "مفعول فاعلات، مفاعيل فاعلن" واري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بحروزن جو بنياد بہ اهوئي آهي. بحر خفيف جي ان وزن تي هو هڪ ئي لهر ۾ ستر پنجهتر بندن جو غزل ايئن چئي ويندو هو جيئن عربيءَ جو الهامي شاعر امراءُ القيس هڪ ئي ويهڪ ۾ ٻن سو بندن جي مثنوي چئي ويندو هو پرامراءَ ۾ جنات جو واسو هو فراق وٽ الائي ڪهڙي جنات هئي. مان سمجهان ٿو تہ فراق گريڪ لٽريچر جو وڏو اسڪالر هئڻ ڪري استاد ارسطو اسڪول (Aristotle School of Thought) جو پوئلڳ ٿيو هوندو. جتي عملي طور اها ريت رسم ۽ مشق مروج هئي.

فراق گورکپوريءَ جي همعصر شاعرِ انقلاب جوش مليح آباديءَ پنهنجي سوانح ’يادون ڪي برات‘ ۾ فرق جي باري ۾ ڪيترا بدزوقيءَ وارا من گهڙت قصا ۽ لطيفا درج ڪيا آهن. جن ۾ الهہ آباد جي چوڪ ۾ هاٿيءَ جي پيچ مٿي کٽي ٻيهڻ وارو فاحش چرچو پڻ شامل آهي. حالانڪ جوش اهو اوس مڃيو آهي، تہ بطور شاعر ۽ دانشور هن جو جيترو قدر ٿيڻ گهربو هو ايترو هندوستاني حڪومت نہ ڪيو آهي. پيئي پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي تمام وڏا شاعر هئا. فراق خيال جي سطح تي پاڻ کي عظيم شاعر سمجهندو هو ۽ جوش ڊڪشن جي سطح تي پاڻ کي تمام وڏو شاعر مڃيندو هو. جوش جو چوڻ هو تہ هو شاعريءَ ۾ ’ماسٽر آف ڊڪشن‘ آهي، پر فراق هن کي ’ماسٽر آف ڊڪشنري‘ ڪري ڪوٺيندو هو. ٻنهيءَ جي ڪٽ پٽ هميشہ هلندي رهي.

دهليءَ جي هڪ انڊو پاڪ مشاعري ۾، جڏهن جوش مليح آبادي پنهنجو شعر پڙهي رهيو هو تہ اسٽيج تي فراق پير ۾ ويٺل هڪ شاعر سان سُس پُس ڪري رهيو هو. جوش وچ ۾ پنهنجو شعر پڙهڻ بند ڪري ڪاوڙجي چيس: ”فراق صاحب- ميں اپنی نظم پڑھ رہا ہوں اور آپ ہیں کہ کی کی کر رہیں ہیں“ حاضر جوابيءَ جي استاد فراق وراڻيس: ”جوش صاحب مشاعرہ میں آپ جس وقت شعر پڑھتے ہیں تو میں اس وقفے کو مشاعرہ کا انٹرول سمجھتا ہوں“.

حاضرين کلي کيرا ٿي رهيا هئا ۽ جوش پنهنجو نظم ”کيا گلبدني، گلبدني، گلبدني ہے....“ بہ آواز بلند پڙهندي پڙهندي بدظن ٿي ويهي رهيو. ٻنهي وچ ۾ اهڙا ڪيئي معاملا ٿيندا رهيا. پر اهو عجيب اتفاق آهي، تہ جنهن شام فراق گورکپوريءَ الهہ آباد ۾ بستري تي ليٽي ليٽي لاهور ۾ ٿيل جوش جي انتقال جي آل انڊيا ريڊيو تي خبر ٻڌي، تہ هن سرد آهہ ڀريندي چيو: ”جوش- تم بھی چلے گئے- اب ہمارا بھی چل چلاو ہے دوست“ ۽ انيتاليهن ڪلاڪن اندر فراق گور کپوري بہ پنهنجي رقيب ڏانهن راهہ عدم روانو ٿي ويو.

ايمرسن جو قول آهي: ”مون کي جڏهن بہ جديد ادب کي سمجهڻو هوندو آهي، تہ مان اهو سمجهڻ لاءِ پهرين ڪلاسيڪي ادب پڙهندو آهيان.“ فراق جي ’انداز ے‘ ۾ شامل سڀ تنقيدي مضمون ڪلاسيڪي ۽ جديد ادب جو الهہ آبادي سنگم ۽ هن جي علم اپياس ۽ ذهانت جو مثالي نمونو آهن. مون اهو مجموعو سانڍي رکڻ ٿي چاهيو. پر مون فراق جهڙي عظيم اديب ۽ شاعر جي امانت ۾ خيانت ڪرڻ نٿي چاهي. تن ڏينهين زيراڪس وغيره جون سهوليتون نہ هيون، ورنہ ان ڪتاب جي فوٽو ڪاپي ڪرائي رکان ها. فراق جو ڪو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ولي وارث نہ هو (سواءِ هن جي معمولي پڙهيل پرٽيل ڌيءَ جي) خبرناهي هن جي ان سڄي دبي سرمايي جو ڪهڙو حشر ٿيو؟

هڪ شام اسان جي روزمره جي اڏي ڪنات پيلس جي جنتا ڪافي هائوس ۾ نريش ڪمار شاد ٻڌايو تہ هو ٻن ڏينهن کان پوءِ الهہ آباد يونيورسٽيءَ جي مشاعري ۾ شرڪت ڪرڻ وڃي رهيو آهي. مون هن کي 'انداز ے' جي موصوليءَ جي سڄي حقيقت ٻڌائي ڇيو تہ مان بہ توسان الهہ آباد هلي، فراق سان ملڻ ٿو چاهيان. شاد مرڪي چيو "هل پلي پر پنهنجي جوکم تي هلڻو پوندءِ." مون کي هن جو شرارت ڀريو جملو سمجهہ ۾ تہ اچي ويو پر چيومانس، "فراق صاحب کي هن جو گهربل ڪتاب تحفو ڪري ڏيڻ لاءِ مان ڪوبہ جوکم کڻڻ لاءِ تيار آهيان." ٻن ڏينهن کان پوءِ مان ۽ نريش ڪمار شاد الهہ آباد لاءِ روانا ٿياسين ۽ ان ئي شام هن جي بئنڪ روڊ واري گهر پهچي وياسين، جتي هو پنهنجي ملازم جادوءَ سان اڪيلو رهندو هو ان وقت هو هنديءَ جي نامور ڪوي نرالا سان ناوَ نوش ۾ مشغول هو سوريہ ڪانت ترپاٺي 'نرالا' هنديءَ جو وڏو ڪوي هو ڏينهن جو الهہ آباد جي آڪاڙن ۾ ڪشتي ڪندو هو ۽ رات جو شاعري. ڪشتي بازن جي صولن جي برعڪس هو بي تهاشا شراب پيئندو هو.

مان هٽڪندو هٽڪندو شاد جي پويان بينو هوس. فراق هن سان پاڪر پائي مليو ۽ جادوءَ کي هڪ گلاس آڻڻ لاءِ چيو. شاد فراق سان منهنجو تعارف ڪرايو پر هن مون طرف ڪا توجهہ نہ ڏني. رڳو دستوري طور چيائين، "تشريف رکيئي". حيرت جي ڳالهہ ها آهي، تہ پنهنجي ئي شهر الهہ آباد ۾ ۽ پنهنجي ئي يونيورسٽيءَ ۾ منعقد ٿيندڙ آل انڊيا مشاعري ۾ فراق گورکپوريءَ کي شرڪت ڪرڻ جي نينڊ نہ هئي. شاد چيس: "فراق صاحب، مون تہ ٻڌو آهي تہ توهان پيئڻ کان پرهيز ڪري ڇڏي آهي." چيائين: "پيارا، پرهيز بہ پنهنجي مرضيءَ سان ڪئي هئم، شروع بہ پنهنجي ئي مرضيءَ سان ڪيو اٿم. نوبهہ شڪني ۽ شراب شڪني گڏوگڏ هلنديون آهن. بواسير (موڪن) جي بيماريءَ ڪري بوتل کان پري ٿيڻو پيو. پر پوءِ غالب جو اهو شعر آڏو آيو: 'رگون ۾ دوڙتي ڦرني کي هم نهين قائل، جو سي هي نہ ٽپڪا تو ڦر لهو ڪيا هئہ؟'

ٿيئي شاعر ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳا ۽ مان پنهنجي ساهہ ۾ سُسندو پئي ويس. هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، ڏڪندي ڏڪندي اٿي بيهي مون پنهنجي بريف ڪيس مان درياگنج جي فٽ پاٿ تان خريد ڪيل، پڪي ڳاڙهي جلد وارو ناياب ڪتاب 'انداز ے' فراق ڏانهن وڌايو ۽ چيومانس، تہ بيسوين صدي رسالي ۾ توهان جي اپيل پڙهي، خاص دهليءَ مان توهان کي توهان جو هي ڪتاب تحفي طور ڏيڻ آيو آهيان. مون هن کي نہ ٻڌايو تہ مون هي ڪتاب ڪٿان ۽ ڪيئن خريد ڪيو آهي؟ فراق گورکپوريءَ جون گول گول اکيون چمڪي اٿيون. هن پلنگ تان اٿي مون کي پنهنجين ٻانهن جي گهيري ۾ آندو ۽ نراڙ تي هڪ چمي ڏني، هن جادوءَ کي هڪ ٻيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلاس آٽڻ لاءِ چئي، مون کي چيو: "بیٹے بولو کیا خدمت کروں۔ میں اس کتاب کا کچھ بھی معاوضا دینے کو تیار ہوں" چيومانس: "فراق صاحب اور کچھ نہیں بس اپنی تازہ غزل یا نظم سنا دیجئے" فراق بيٺي ئي اچ وچ ڪندي، پنهنجي مخصوص انداز ۾ گيت غزل جا هي بند چوڻ شروع ڪيا. (هن جي پڙهڻ جو انداز ڊرامائي هو.)

"آج اجالی پھر برہ کے ریں سکی
میری ہی آگند میں آئے بھاگ جلی!
بجھی بجھی ہہۂ اسکی پریم کے چنگاری
بھڑک اٹھی جو ساری جگ میں آگ لگی" الخ

هي گيت نما غزل اٽڪل پنجاهه سٺ بندن جو آهي، هڪ هڪ بند سنگم جي لهرن جيان لهي چڙهي رهيو هو. هن جو حافظو غضب جو هو ۽ ادائگيءَ جو انداز فنڪارانه هو. مارچ جي دلڪش ماحول واري اها شام منهنجي زندگيءَ جي يادگار شام آهي.

زور بار باوجود جڏهن مون فراق گور کپوريءَ کان ڪجهه به نه ورتو ته هن چيو: "جوان۔ پلا دهليءَ کان اچ وچ جو ڀاڙو ته وٺ." ۽ منهنجي انڪار ڪرڻ کان اڳ ئي پلنگ جي وهاڻي هيٺان رکيل بوسيده قسم جي ڳوٿريءَ مان سوَ جو نوٽ ڪڍي مون ڏانهن وڌايائين. مون وٺڻ کان انڪار ڪيو نرالا مون ڏانهن نهاري چيو: "وٺينس، ضرور وٺينس، اهڙي ڪنجوس مکيچوس وٽان ڪجهه به وصول ٿي وڃي، ته غنيمت آهي. (تن ڏينهين دهليءَ کان الهه آباد جو ڀاڙو ويهه روپيا ڪن مس هو.) فراق هن ڏانهن ٿڦري نگاهن سان نهاريو نريش ڪمار شاد زيرِ لب مرڪڻ لڳو.

هتي مان فراق گورکپوريءَ جي جيوٽي لکڻ نه ويٺو آهيان، پر علامتي طور هڪ عظيم شاعر جي زندگيءَ جي ذلالتن جو هڪ پهلو پيش ڪري رهيو آهيان.

اهو عالَم آشڪار آهي، ته فراق گورکپوريءَ کي ٽاپي جي ٽونڪر هئي. هو فطرتن (Misogynist) زال ذات جو ڇوتي هو پر هن جي ان ٽيڙ ڪاڏل (Pervert) اعمالن لاءِ هن جي زندگيءَ جا حادثا ۽ حالتون جوابدار هيون. حسن جي رسيا شاعر کي اهڙي بدشڪل شريڪ حيات ملي، جنهن لاءِ هن جي بيان موجب جي ڪو تازو چاول معصوم بار به ان عورت کي ڏسي، ته جيڪر ڊپ وچان رنيات ڪري. هن کي پنهنجي گهرواريءَ کان ايتري. ته نفرت هئي جو هن کي ڪڏهن پنهنجي سامهون اچڻ به نه ڏيندو هو ۽ هوءَ بي قصور عورت ڪڏهن در جي اوٽ لڪي ليئو به پائيندي هئي، ته هو مٿس چيخڻ لڳندو هو. هڪ لاچار بي زبان ۽ معصوم عورت، جيڪا پنهنجو بچاءُ ڪرڻ جي حالت ۾ نه هئي، ان لاءِ تحريري ۽ تقريري طور ناشائسته گفتا چوڻ هڪ وڏي شاعر جي شايانِ شان نه هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فراق جي جنسي بي راهه روي (Perversity) جو اهو عالم هو جو يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي انگريزيءَ جي ڪلاسن ۾ هو ڇوڪرين کي اڳين نشستن تي ويهڻ نه ڏيندو هو ۽ شاگردن کي آئرلينڊ جي اديب آسڪر وائيلڊ جون تحريرون مزو وٺندي پاڙهيندو هو.

ڪن ڪمزور ڪنن ۾ انسان جون جسماني تقاضائون هن کي بي قابو ڪري ڇڏينديون آهن. پنهنجيءَ زال کان نفرت ۽ ڪراهت باوجود هن کي منجهائس ٻه ٻار ٿيا. جن مان پٽ جوانيءَ ۾ ئي پاڻ کي سنگم ۾ ٻوڙي ماريو ۽ ڌيءَ شادي ڪري پتنا ۾ پنهنجو گهر وڃي وسايو. جوان پٽ جي آپگهات جو ڪارڻ پيءُ جي اها شرمناڪ حرڪت هئي، جيڪا قابلِ تحرير ناهي.

فراق گورکپوريءَ جي عملي ۽ ادبي زندگيءَ ۾ انساني فطرت جو عجيب تضاد رل مل ٿي، هڪ نئين رنگ روپ ۾ هن جي شاعريءَ جي 'روپ' نالي وارين رباعين ۾ ظاهر ٿيل آهي. مان هتي حوالن کي پاسيرو رکي رڳو اهو چوڻ ٿو چاهيان، ته 'روپ' ۾ شامل رباعين ۾ هڪ پتورتا هندو ناريءَ جي سونهن ۽ سوڀيا. پرهه جي پهر ۾ سنان ڪري آيل آلن وارن مان ماڪ جي ڦڙن جيان بوند بوند ٽپڪندڙ تلسيءَ جي ٻوٽي کي گنگا جل جي ڪلش واري لوٽي چاڙهڻ وارو سهاوڻو ۽ دلڪش منظر. نئين جاول ٻار کي ڇڳڙون ڏيارڻ وارو ڏيک ۽ هن کي پينگهي ۾ لوڏي لولي ڏيڻ واري درشيه کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سموئڻ حيرت ٿو ڏياري ته 'روپ' جهڙي رس گيان واري (Aesthetical) شاعريءَ جو رچيندڙ هڪ ناريءَ کان ايتري نفرت ڪندڙ آهي ۽ ان جي ردعمل طور هو امرد پرستي جهڙي ٻڇان ڏيندڙ غير فطري فعل ڏانهن مائل ٿي سگهي ٿو.

فراق زبردستيءَ سوَ جو نوٽ منهنجي ساڄي هٿ ۾ رکي، منهنجي مُٺ پيڪوڙي ڇڏي ۽ پنهنجين گول گول اکين جا تارا ڦيرائيندي چيو:

"بچے تم نہیں سمجھوگے کہ تم نے مجھے کتنا نایاب تحفہ دیا ہے"

وڏيڪ اتي ترسي سندن ناوَ نوشيءَ ۾ مخل ٿيڻ مناسب نه سمجهي، مان هن کان موڪلائي ٻاهر نڪري آيس. شاد وٽس ويٺو ئي رهيو. ٻاهر اچي مون اهو نوٽ هن جي نوڪر جادوءَ کي ڏيئي موٽائي ڏيڻ لاءِ چيو. خبر ناهي جادوءَ سوَ جو اهو نوٽ مالڪ کي وڃي ڏنو يا پاڻ وٽ ئي رکي ڇڏيو.

مون کي پليءَ پٽ چاڻ هئي، ته يونيورسٽيءَ مان رٽائر ٿيڻ بعد فراق گورکپوريءَ جي مالي حالت پوٽي پيل هئي. بي تحاشا شراب نوشي، چين سموڪنگ ۽ بيبن فضول خرچين ۽ ڪن سڄڻن جي ساٽس ڪيل نگين ۽ دولابن هن کي ڪنگال ڪري ڇڏيو هو. ڪنهن دوست جي دلبي تي لڳي، هن ساٽس ڀاڱيداريءَ ۾ الهه آباد جي ڪٽري بازار ۾ آچار مربن ۽ شربتن جو دوڪان کوليو. جيئن ته هو پاڻ دوڪان تي نه ويهندو هو. هن جي ان دغاباز دوست راتو رات سڄو مال وڪٽي، فراق جي سڄي ميڙي چونڊي هڙپ ڪري ڪيڏانهن هليو ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفلسيءَ ڪي منهن ڏيڻ لاءِ فراق پنهنجي سخت بيمار هجڻ جون ڪوڙيون خبرون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ان ارادي سان شايع ڪرائڻ شروع ڪيون، جيئن اتر پرديش جي صوبائي حڪومت ۽ مرڪزي سرڪار وٽان هن کي مالي امداد ۽ وظيفا ملي سگهن. پيءُ جي بيماريءَ جي هڪ اهڙي خبر پڙهي، هن جي ڌيءَ پشپا پريشانيءَ ۾ پٽنا مان هن وٽ الهه آباد پهچي ويئي. آرام ڪرسيءَ تي پيءُ کي پيگ پائيءَ ۾ رڌل ڏسي، هن سامت جو ساهه کنيو ۽ پنهنجي اوچتي ايئن اچڻ جو ڪارڻ ٻڌايائين. ڪاوڙ ۾ پنهنجيءَ ڌيءَ کي رهڙ ڏيندي چيائين: "بيوقوف ڇوڪري، جي مان اهڙو بيمار هجان، ته توکي ٻن روپين جي تار موڪلي گهرائي نٿو سگهان؟ سياڻي ٿي گهر موٽي وڃ."

اوچتو فراق جي مالي حالت ۾ سڌار اچي ويو جڏهن ڪجهه سالن بعد هن کي هندوستان جو وڏي ۾ وڏو ادبي انعام 'ڀارتيه گيان پيٺ ايوارڊ' مليو. ايوارڊ جي رقم ڏيڍ لک رپيا هئي، جيڪا تن ڏينهن تمام وڏي رقم هئي.

وگيان ڀون ۾ وسيع پيماني تي ٿيندڙ گيان پيٺ ايوارڊ واري ان جشن ۾، جنهن وقت ان وقت جي ڀارتي وزيراعظم اندرا گانڌي فراق گورکپوريءَ جي شاعريءَ جي تعريف ۾ هزارين ناظرين اڳيان تقرير ڪري رهي هئي، ته ان وقت منچ تي فراق پنهنجي صدريءَ جي اندرئين کيسي ۾ ڏيڍ لک جو ڊرافٽ حفاظت سان رکي، سڄو وقت بي آراميءَ ۾ صدريءَ مٿان پنهنجو ساڄو هٿ رکي ويٺو رهيو ۽ ٻر ۾ ويٺل ڪشميري يوراج ڪرڻ سنگهه کي ٻڻ ٻڻ ڪري چئي رهيو هو:

"بھاڑ میں گیا فراق گورکپوری اور اس کی شاعری مجھے تو بس بھنگ جانے دو"

فراق جي ملازم جادوءَ جو بيان آهي، ته ايتري رقم ملڻ تي، هن پنهنجي شاعري لڳ ڀڳ ڇڏي ڏني ۽ سڄو وقت پئسن جي حساب ڪتاب ۾ وچڙيل رهندو هو. هو جادوءَ کي روز پاس بُڪن ۾ اندراج ڪرائڻ لاءِ بئنڪن ۾ موڪليندو رهندو هو. نه ته هن کي پنهنجي شاعريءَ تي وڏو ايمان هو. گيان پيٺ ايوارڊ ملڻ وقت آل انڊيا ريڊيو جي اردو سروس لاءِ زبير رضويءَ کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ هو چئي رهيو هو:

"سياست ۾ ڪنهن ملڪي سربراهه جي ڪرسي رڳو هفتي لاءِ ئي خالي رهجي ويندي آهي، ته ملڪ ۾ سياسي بحران پيدا ٿي ويندو آهي. پر شاعريءَ ۾ ان ڪرسيءَ کي ڀرجڻ لاءِ صدين تائين انتظار ڪرڻو پوندو آهي. غالب بعد فراق گورکپوريءَ جهڙي شاعر کي اچڻ ۾ صدي لڳي ويندي آهي."

مان سمجهان ٿو ته فراق گورکپوريءَ جو اهو پاڻ پڌائڻ وارو بيان، هن جهڙي برک شاعر جي شايانِ شان ناهي. ها! سنڌي شاعريءَ کي البته شاهه سائينءَ کان شيخ اياز تائين پهچڻ ۾ لڳ ڀڳ ٻه صديون اوس لڳي ويون.

سالن کان پوءِ منهنجي فراق گورکپوريءَ سان دهليءَ ۾ ملاقات ٿي. انڊو- پاڪ مشاعري ۾ پاڪستان جي ڪيترن شاعرن سان گڏ فيض احمد فيض پڻ آيل هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشاعري جي بئي ڏينهن منهنجي دوست فڪر تونسويءَ، جنهن جي فيض صاحب سان امرتسر وارن ڏينهن کان دوستي هئي، مون کي چيو تہ فيض صاحب ڪجهہ دوستن سان انڊيا انٽرنيشنل سينٽر ۾، پنهنجي جاءِ رهائش تي گڏجاڻي رکي آهي. تون بہ مون سان گڏ هل. اسين ٻيئي فيض صاحب سان ملڻ وياسين. هن جي چوڌاري اديبن ۽ شاعرن جو ميڙاڪو متل هو. فيض بيحد خوشگوار موڊ ۾ هو ۽ هڪ مٿان ٻيو سگريٽ دکائي رهيو هو. اوچتو ٻاهران ڪن ٻن ڄڻن جي وڙهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. مون ٻاهر اچي ڏٺو تہ فراق گورکپوري پنهنجي لڪڻ سان ٻاهر سجايل گلن جون ڪونڊيون پري اڇلائيندو فيض جي ڪمري ڏانهن اچي رهيو هو ۽ سينٽر جو مالهي هن سان ٻاسي واري پڪي رستي تان وچڻ لاءِ جهيڙو ڪري رهيو هو. مان هن کي هٿ کان وٺي اندر آيس، هو اندر گهڙندي ئي فيض صاحب مٿان ڏاڪا ٻڌي چڙهي ويو:

. ”فیضو! تمہاری یہ ہمت تم اس لونڈے جعفر وا کی حمایت میں میرے خلاف بیان بازی کر رہے ہو۔“ وغيره

۽ فيض صاحب ڪنڌ جهڪائي ”هون فراق صاحب“، ”هان- فراق صاحب“ ڪندو رهيو ۽ چپ ڪري هن جا ٻول ٻڌندو رهيو. فيض مٿان ڏوڙيو وسائيندو فراق پنهنجو لڪڻ لوڏيندو ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو ۽ سڀ ڏسندا ئي رهجي ويا. خاموشيءَ کي توڙيندي ڪنهن (شايد ساغر نظاميءَ) فيض کي چيو:

”فیض صاحب آپ خاموشی سے اتنا کچھ سنتے رہیں، کوئی جواب نہیں دیا“

فيض سگريٽ جو سوٽو هڻندي جواب ڏنو:

”اس زباندان سے کوئی جیت سکتا ہے“

محفل وري رنگ ۾ اچي ويئي.

حقيقت اها هئي جو تن ڏينهين ترقي پسندن جي مشهور رسالي ’شاهراهہ‘ ۾ علي سردار جعفري ۽ فراق گور کپوريءَ وچ ۾ وڏو مباحثو هلي رهيو هو ۽ فيض صاحب سردار جعفريءَ جي حمايت ۾ ترقي پسند ادب بابت پنهنجا پختا رايا پيش ڪيا هئا. مون آهي، پرچا سنڀالي رکيا آهن ۽ مان ان رايي جو آهيان، تہ جڏهن بہ ذهين شخص ڪنهن نظرياتي نقطي تي بحث ۾ الجهن، تہ ٻيئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن.

ٻاهر اچي مون ڏٺو تہ فراق گورکپوري آهستي آهستي لڪڻ سان ٺِڪ ٺِڪ ڪندو سينٽر جي بار طرف وڃي رهيو هو. مون ٽڪڙو ٽڪڙو وڏي وکي هن جو اڳ جهليو. هن جي پيرن تي هٿ رکڻ لاءِ جهڪيس، هو مون ڏانهن نهاريندو رهيو. مون هن کي الهہ آباد واري ملاقات ۽ سندس ڪتاب ڏيڻ وارو واقعو ياد ڏياريو ۽ هو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

ياد ايندي ئي هن پنهنجين گول گول اکين جا مٽڪا ڦيرائيندي چيو: ”پر جوان حيرت آهي، تہ ان ڏينهن تون بچي ڪيئن وئين؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ستونجاهون پنو

اڄ وئلنٽائين ڊي (Valentine Day) آهي. اسان تہ ان رومانوي ڏينهن جو نالو ئي ان وقت ٻڌو آهي، جڏهن عمر جون اهي حدون پار ڪري آيا آهيون. جتي اسان وٽ وئلنٽائين جو تصور ئي محض ذهني لذت ماڻڻ وچي رهيو آهي. جي جوانيءَ ۾ ان ڏينهن جي اهميت ۽ پس منظر جي ڄاڻ پوي ها، تہ ان وقت الائي ڇا ڪري گذرون هان! هينئر تہ رڳو حسرت سان هن رومانوي ڏينهن کي ڏسندا ۽ تڏا ساهہ کڻندا تا رهون.

پوءِ بہ مون کي پورو احساس ۽ اطمينان آهي، تہ جيڪي ڪجهہ اسان جي حصي ۾ نہ آيو هو خوشنصيبيءَ سان اهو اسان جي اڄوڪي پيڙهيءَ کي حاصل ٿيو آهي. تہ اسان جون اکيون ٺڏيون. اسين پنهنجي نئين نسل ۾ ئي زنده رهنداسين ۽ کين زندگيءَ جو هر لطف ۽ مزو ماڻڻ جو حق ۽ آزادي ڏينداسين. ٻن جوان جسمن جو پاڪر برهما جي سوڪيم رچنا آهي ۽ ٻن ڦڙڪندڙ چپن جي چُمي ڪرشن ۽ راڌا جي راس ليلا جو رس ڀريو رومانس آهي.

چون ٿا تہ وئلنٽائين هڪ وڏو سنت هو جنهن انسانذات کي پيار محبت جو درس ڏنو ۽ پنهنجي پوبان ڪامديو ۽ رتي (هندو شاسترن موجب عشق ۽ سيڪس جا ديوتا ۽ ديوي) جي پيار ۽ واسنا جي پوري روايت ڇڏي ويو. مان سمجهان ٿو تہ شاهہ سائينءَ جي هن سٽ: 'رتيءَ جي رهاڻ، جيءُ اڙايو جَت سان.' جو لاڳاپو يا تصور ۽ مفهوم پڻ رتيءَ ۽ ڪامديو جي پويتر پيار سان ڪنهن ريت جُڙيل آهي. حالانڪ 'رتيءَ جي رهاڻ' جهڙيءَ لازوال سٽ جون پيون بہ ڪي معنائون، مفهوم ۽ مطلب اسان جي ذهن کي جهنجهوڙي سگهن ٿا. جت سان رتيءَ جي رهاڻ ان وقت جي 'وئلنٽائين ڊي' جو رڇچي ويل رتل پُل آهي.

منهنجي زندگيءَ جون ڪيئي 'وئلنٽائون'، وقت سان وڏي ويل وهڪرن ۾ گم ٿي ويل قافلن سان پنهنجين پنهنجين منزلن کي ماٽي، اطمينان ۽ آسائش واريون يا وئرٿ زندگيون گذاري رهيون هونديون. انهن ۾ ڪي هونديون ڪي نہ هونديون. پر مان ابنِ فاطمہ جي مسافت جيان منزلون ماٽيندو ان ڪوهہ قاف تي پهچي ويس، جتي مون کي پنهنجي اها وئلنٽائين ملي ويئي، جنهن منهنجي زندگيءَ ۾ ٺهراءُ آڻي، ان کي نئون رخ، رويو ۽ موڙ ڏنو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي رفيق حيات، منهنجي شريڪ زندگي، منهنجي ارڌ انگني، منهنجن ٽن ٻارن جي ماءُ گوپي، دهلي ڪاليج ۾ منهنجي هم ڪلاسي هئي. هوءَ ڪاليج جي هر امتحان ۾ امتيازي حيثيت حاصل ڪرڻ واري اها سنجيده شاگرديائي هئي، جنهن جي ذهانت ۽ محنت مثالي هئي. هوءَ ڪلاسن ۾ هر ليڪچر جا مڪمل نوٽس تيار ڪندي هئي، هن جي سونهن سوڀيا ۽ شخصيت هن کي ڪلاس جي ٻين ڇوڪرين کان Distinct ڪري بيهارينديِ هئي.

مان اڳ ڪٿي لکي چڪو آهيان، ته دهلي ڪاليج ۾ سنڌي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو خاصو تعداد هو لڳ ڀڳ هڪ جيترو ڊاڪٽر سدارنگاڻي خادم جي رهبريءَ ۾ ڪاليج جي سنڌي لٽرري سوسائٽيءَ طرفان هر هفتي ساهتڪ گڏجاڻيون رکيون وينديون هيون، جنهن ۾ سڀيئي سنڌي شاگرد ۽ شاگرديائيون شريڪ ٿينداهئا. ڪاليج جي مسيلينيءَ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾، مون گوپيءَ کان به ٽي ڪهاڻيون پڻ لکايون، جيڪي مون ادبي سيڪشن جي پهرين صفحن تي پنهنجي ادارتي نوٽ سان شايع ڪيون. مون کان اڳ مخزن جو ايڊيٽر هيم ناگواڻي هو جنهن پڻ گوپيءَ کان هڪ به مضمون لکرايا هئا ۽ ڊرامن ۾ هن کي اهم رول ڏنو هو. مان جيئن ته درسي ڪتابن ۽ پروفيسرن جي ليڪچرن طرف لاغرض هئس، ان ڪري امتحانن کان ڪجهه ڏينهن اڳ گوپيءَ جي تيار ڪيل نوٽس کي طوطي جيان رٽي، امتحان ۾ امتيازي ته نه، پر ثانوي درجو حاصل ڪري وٺندو هئس. قدرت مون کي تيز فهم ۽ تکي حافظي سان ان وقت به نوازيو هو ۽ اڄ تائين به نوازيندي رهي آهي. بهرحال، نواز ٽيڻ هڪڙي ڳالهه آهي ۽ شريف ٽيڻ ٻي ڳالهه آهي.

ڪاليج جي ڪلاس ۾ مون پهريون ڀيرو گوپيءَ کي ڏٺو ته مون کي ڪي لرزشون (Vibrations) ٿيڻ لڳيون. واهه! ڇا ته شخصيت آهي؟ ڇا ته سوڀيا آهي؟ پيريڊ پورو ٿيندي ئي ٻاهر اچي مون هن کان نالو پڇيو "گوپي جڳتياڻي ولد ديوان موتي رام جڳتياڻي." اها سڄي رات مون پاسا ورائيندي گذاري. نظربازي ته مون اسڪول واري وقت ۾ ئي شروع ڪري ڇڏي هئي، پر هيءَ نظر بازي نه هئي. هي ته پورو نظريو هو جڻ ڪو روح جو رشتو هو جيڪو جسماني دلڪشيءَ سان رلي ملي روح سان راس رچائي رهيو هو پر اول وري به جسم هو. خوبصورت چهرو هو، مٺيادار منهن هو، هرڻيءَ جهڙيون گهائيندڙ اکيون هيون، گلاب جهڙو نرم تروتازه مکڙو هو ۽ ٻيو به الائي ڇا ڇا!! مان ۽ گوپي ڪاليج ڪورس پورا ڪري، الوداعي پارٽين ۽ گڏجاڻين ۾ گڏيل تصويرون ڪڍرائي، يونيورسٽيءَ جي ڪنووڪيشن واري فنڪشن ۾ گائون پائي، پنهنجيون پنهنجيون ڊگريون حاصل ڪري، دهلي ڪاليج کي الوداع ڪندي، اڳتي وڌيڪ ڊگريون هٿ ڪرڻ لاءِ يونيورسٽيءَ جي وسيع احاطي تائين پهتاسين. گوپي ڪاليج ۾ هميشه (Topper) رهي ۽ مان درسي تعليم طرف بي پرواهه رهندي به فرسٽ ڊويزن حاصل ڪندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيس. جنهن تي خود مون کي حيرت ٿيندي هئي. گويا ايڪانامڪس آنرس ۾ اول نمبر حاصل ڪري يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي (ايڪانامڪس) ۾ داخلا ورتي ۽ مان ڊاڪٽر دلدار حسين موسويءَ وٽ پرشين (فارسي) پڙهڻ لڳس. منهنجو محسن ڊاڪٽر عبادت بريلوي پاڪستان هليو ويو ۽ ڊاڪٽر سدارنگاڻي خادم پيهر ايران هليو ويو.

ڊاڪٽر موسوي سخت گير قسم جو شخص هو. يونيورسٽيءَ جي ڪنهن شاگرديائيءَ ڏانهن اُچاٽ نظر سان به نهاريندو هئس. ته ڏاڍي چينپ ڪيندو هو. پرشين ڪلاس ۾ اٺ ڇوڪرا ۽ ٻه ڇوڪريون هيون. هڪ سهڻي شيخياڻي آمنہ شيخ هئي ۽ ٻي ڪا شيءَ (بنارس) جي برهمڻي اُرملا مشرا هئي. هڪ پڪي پنڊتياڻيءَ جو پرشين پڙهڻ مون کي سمجهه ۾ نه ايندو هو. هوءَ بنارس هندو يونيورسٽيءَ جي سنسڪرت جي پروفيسر جي ڌيءَ هئي ۽ پنڊت جيءَ الائي ڪهڙي ڪارڻ پنهنجي هڪ ئي ڌيءَ کي بنارس مان دهلي يونيورسٽيءَ پرشن ۾ ڊگري وٺڻ لاءِ موڪليو هو! اُرملا ۾ پنڊتياڻيءَ وارو ڪو اهڃاڻ نه هو. يونيورسٽيءَ جي گرلس هاسٽل ۾ هوءَ ۽ هن جون بينگالي ساهيڙيون رات جو لڪ چوريءَ چوڪيدار هٿان ووڊڪا ۽ جن جون ٻاٽليون گهرائيندڻيون هيون (ووڊڪا ۽ جن پاڻيءَ جيان شفاف هئڻ ۽ ڪا سرهاڻ نه هئڻ ڪري. يونيورسٽي هاسٽل جون ڇوڪريون ان کي محفوظ مشروب سمجهنديون آهن.)

ارملا جو ڏاڏو پنڊت برج نارائڻ چڪبست اردوءَ جو نامور شاعر ۽ وڪيل هو. شيخ اياز چڪبست کي وڏو شاعر ڪري مڃيندو هو. زندگيءَ چڪبست سان وفا نہ ڪئي. هو چوئيتاليهن سالن جي عمر ۾ انقلابي اشفاق احمد جي ڪيس جي پيرويءَ لاءِ لکنوءَ ويو. ته لکنوءَ جي ريلوي پليٽ فارم تي. هن کي دل جو شديد دورو پيو ۽ اسپتال پهچڻ کان اڳ ئي هن جو انتقال ٿي ويو. مان اڳ ۾ ڪتي لکي چڪو آهيان. ته عظيم شاعر مير تقي مير جي مزار مٿان ئي فرنگي حڪومت لکنؤ اسٽيشن جو پليٽفارم تعمير ڪرايو هو جنهن کي اڄ لکين ماڻهو لتاڙي رهيا آهن.

گذريل رات شوڪت شوري ۽ اسحاق سميجي جو فون آيو سخت سيءَ ۾ به سوڙيون وجهي. يوسف شاهين جو تاريخي پس منظر ۾ لکيل انگريزي ڪتاب Rise and fall of) Gods) 'خدائن جو اُڀار ۽ زوال' پڙهي رهيو هئس. جيڪو مون کي بئنگلور مان ڪنهن گمنام ماڻهوءَ موڪليو آهي. پبلشر جو نالو "سمبارا پبليڪيشن" آهي. جنهن جو ڪو سرنامو ڏنل ناهي. ان ڪري ڪتاب جي پهچ نہ ڏيئي سگهيو آهيان. ڪتاب (Socrates) سقراط جي نالي منسوب ڪيل آهي. پهرئين صفحي تي سقراط جو اهو قول درج ٿيل آهي. جيڪو 399 قبل از مسيح اٿينس (Athens) جي نام نهاد جمهوري حڪومت طرفان ڏنل فتوي:

"سقراط عوامي گنهگار آهي. جو هو انهن خدائن کي نٿو مڃي. جن کي حڪومت تسليم ڪري رهي آهي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جواب ۾ سقراط جواب ڏنو هو ۽ اهو قبول نہ ڪندي، هن کي قاتل زهر پياريو ويو هو.

مان سمجهان ٿو ته ڪنهن بنياد پرست ڌرمي يا مذهبي ملڪ ۾ يوسف شاهين جو هي ڪتاب وڏو بغاغو مچائي سگهي ٿو.

مان ڪتاب جو دلچسپ ۽ معلوماتي باب (Gods and Goddesses worshipped in India) 'هندستان ۾ پوڄجندڙ ديوتائون ۽ ديويون' پڙهي رهيو هئس، جو شوڪت اسحاق سميجي کي فون ڏنو. پيار محبت، حيلن حجتن ۽ ڏنن ڏوراپن کان پوءِ دلبريءَ وارا داستان شروع ڪندي اسحاق سميجي چيو: "پنهنجيءَ آتم ڪٿا جا ايندڙ سلسلا 'سارنگا' لاءِ جوڙڻ شروع ڪر." چيومانس، "جاني، هفتو ڪن اڳ منهنجي پريتوان نصير مرزا جو محرم پورو ٿيڻ تي فون آيو هو. ته پنهنجي وهي ڪاتي جي ڏارا 'امرتا' لاءِ وهائڻ شروع ڪر. چيومانس، "پيارا، شوڪت سان اڳ ۾ ئي 'سارنگا' لاءِ وچن ڪري وينو آهيان ۽ سارنگا لاءِ خاصو وقفو ۽ فرصت بہ ملي سگهندي." چيائين، 'سارنگا' بہ پنهنجي آهي، پلي ان لاءِ ئي لک."

اسحاق جي حڪم تي ڏهن مهينن ڪانپوءِ اڄ اڌ ۾ ڇڏيل هيءَ قسط لکڻ شروع ڪئي اٿم. پندرهن روز 'عبرت' سان ٻارهن قسطن کان پوءِ پڇي نہ سگهيس. پنجونجاهہ پنا لکڻ کان پوءِ مون نٿي سمجهيو ته عمر مون کي اڳتي لکڻ جي مهلت ڏيندي، پر لڳي ٿو ته يوسف شاهين جي ديو مالائي ديوتائن ۽ ديوين مون کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي هيءَ آتم ڪٿا مڪمل ڪرڻ جي مهلت ڏيئي ڇڏي آهي.

وهي ڪاتي جو هي پنو گذريل سال وٺلنتائين واري ڏينهن لکڻ شروع ڪيو هئم. آتم ڪٿا جي ان حصي تي پهچڻ تائين مان اڃا ڪنوارو هئس (منهنجو مطلب غير شادي شده هئس) عمر جي هن پوئين پهر ۾ احساس ٿي رهيو آهي، ته هڪ سُگهڙ ۽ شانائتي گهرواريءَ جو گهوٽ ۽ ٽن ٻارن جو پيءُ ٿيڻ تي پنهنجي سوانح ۾ اڳتي هلي اشرافت ۽ مان مريادا سان قلم هلائڻو پوندو. صبوح جو ئي گوپيءَ کي پاڻ وٽ سڏ ڪري، سامهون وهاريم ۽ چيومانس، ته ڏهن مهينن جي وقفي ڪانپوءِ، دوستن جي تقاضائن تي نئين سر پنهنجو وهي ڪاتو کولي رهيو آهيان. ڏاڍي سان ويڙهيل خانداني ڳاڙهي بندي ڪٽي اڄ. چيائين: "جيڪي وڻيئي سو لک، پر تنهنجا پهريان پنا پڙهڻ ڪانپوءِ مان وڏيڪ پڙهڻ جو ست ساري نہ سگهنديس." هوءَ اٿي هلي ويئي.

وقت جي وٿين ۾ مون سان گذاريل پنجيتاليهن سالن هن جي ڀڪندڙ ڇهري تي، جيڪي ليڪون ۽ مٿي تي چانديءَ جون تارون وجهي ڇڏيون آهن، اهي مون کي ليڪي کان ٻاهر ڪيڏي رهيون آهن. پوهہ جي هن پاري پوندڙ موسم ۾، انن ڏهن استالين (سهڪي جون گوريون) ۽ ڏينهن ۾ پيرا نيبيولائيزر (نڪ تي ساهہ کڻڻ واري مشين جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڪيل ماسڪ) وانگر ڪانپوءِ، لکندي هٿ ڏکي رهيو آهي، پوءِ به گوڏن تي بندي رکي لکي رهيو آهيان.

هڪ مشهور نقاد کان ڪنهن پڇيو: "تنقيد ڪيئن لکجي؟"

چيائين: "اشرافت سان."

"ڪيتري اشرافت؟"

"ڏس يائي، به ۽ به چار ٿيندا آهن نه. پر جي ڪو ليڪ لکي، ته به ۽ به پنج هوندا آهن، ته سمجهڻ گهرجي، ته اهو لڳ ڀڳ صحيح آهي." ۽ مان به پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ ڪٿي ٻن واڌو ٻن کي ساڍا چار ڪري لکان، ته ان کي به لڳ ڀڳ صحيح ڪري سمجهجي. آتم ڪٿا جي عمارت جوڙڻ وقت مان سِرون صحيح ۽ پڪيون پختيون ڪتب آڻيندس، باقي سرن وچ ۾ چنبڙايل سيمينٽ ۽ گارو جي منهنجي تخيل ۽ تصور جو هجي، ته اهو هر آتم ڪٿا لکندڙ جو بنيادي حق آهي.

ڊاڪٽر جي مشوري هيٺ مهيني کن کان پيئڻ لڳ ڀڳ بند آهي، ان ڪري راتيون اوجاڳن ۾ ٿيون گذرن. اڄ رات به ٽرائيڪا (ننڊ جون گوريون) وانگر سان به ننڊ نه آئي، ته اڌ رات جو ٽين بجي اٿي لکڻ لڳو آهيان. ڏهن مهينن جي وڇوٽي، سردي ۽ ڪنهن سرور جي علم موجودگيءَ ڪري هٿ ٺي ٺٺو هلي. شهر سڄو ڪوهيڙي ۾ وڪوڙجي ويو آهي. هر منٽ ڏيڍ کان پوءِ عينڪ جا شيشا اگهڻا ٿا پون. ناستڪ هوندي به سمهڻ واري پلنگ سامهون پٽ تي گرو نانڪ جي وڏي تصوير فريم ۾ جوڙائي لڳائي اٿم. مان نانڪ کي پنهنجو آدرش ان ڪري مڃيندو آهيان، جو مون جن به سنتن مهاتمائن، پيرن درويشن جي زندگيءَ جا قصا ڪهاڻيون پڙهيون آهن. انهن جي ماضيءَ ۾ ڪي نه ڪي داغدار وارداتون ۽ گهڙيون ٿي گذريون آهن. پر چوٽي آهي، ته 'هر سنت کي ماضي هوندو آهي ۽ هر گنهگار کي مستقبل' هڪ نانڪ ٿي آهي، جنهن جي زندگي بي داغ ۽ اڇي اجري پئي رهي آهي. نانڪ تُرڪي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو پهرئين مغل بادشاهه ظهيرالدين بابر ترڪي زبان ۾ لکيل پنهنجي سوانح 'بابر نامي' ۾ پنهنجي ترڪي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو آهي. تواريخ نويسن بادشاهه بابر ۽ گرو نانڪ جي ملاقات جو اڪثر ذڪر پئي ڪيو آهي، تواريخي ثبوتن مان ثابت به ٿيو آهي، ته بابري مسجد جو بابر سان ڪو واسطو نه هو. اها ٻي ڳالهه آهي، ته بابر کي ٽاهي جي ٽونڪر هئي، جنهن جو هن بابر نامي ۾ پاڻ ئي اعتراف ڪيو آهي.

گرونانڪ جي آسيس ڪندڙ ڪچيل هٿ ۽ ڪروٽا (نماٽائي) پريل اکين ۾ ايڪاگر ٿي نهاريندي، مان هن کان سياري جي اڌ رات جو پنهنجا گناهه بخشائي رهيو آهيان ۽ لکي سگهڻ جي سگهه گهري رهيو آهيان.

هن وقت شوڪت شورو هتي آيل آهي، هن کي جئپور ۾ 'ورلڊ لٽرري فورم' جي هڪ نشست ۾ سنڌي ساهت بابت (Presentation) ڪرڻي آهي. سنڌ مان دعوت امر جليل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي بہ هئي، پر هوا چي نہ سگهيو آهي. مان هن سيءَ ۾ بگڙيل صحت سبب جئپور تائين بہ نٿو وڃي سگهان. هيءَ قسط هن ڪي هٿون هٿ ڏيٽي آهي، ان ڪري بي ترتيبيءَ سان لکي رهيو آهيان. ايتري وقفي بعد ٿي سگهي ٿو، تہ مان پاڻ ڪي ورجائيندو هجان. ايئن بہ هن عمر ۾ جڏهن اندر جي خواهہ ٻاهر جي موسم بحال نہ هجي، تہ حافظو بہ ساٿ نٿو ڏئي.

گذريل سال مارچ جي پڇاڙيءَ ۾ هندوستان جي وڏي ۾ وڏي ادبي اداري مرڪزي ساهتيہ اڪادمي طرفان، سنڌ جي چوڏهن اديبن ۽ شاعرن جي ڪتابن ۽ لکڻين تي بمبئيءَ ۾ سيمينار سڏايو ويو جنهن ۾ هند جي چوڏهن ليکڪن کي انهن تي پنهنجا پنهنجا پيپر پيش ڪرڻا هئا. سنڌيءَ جي ڪنوينر ۽ برک شاعر واسديو موهيءَ مون کي سنڌ جي چوڏهن ئي اديبن جا نالا ٻڌائي، مون کي چونڊ جو حق ڏنو. پڇيائين: "ڪومل، تون سنڌ جي ڪهڙي شاعر تي مقالو لکندين؟" امداد حسينيءَ جي مجموعي "هوا جي سامهون ۽ هن جي متفرقہ شاعريءَ تي." موهيءَ چيو "چوڏهن پيپر آهن ان ڪري ڏهن منٽن کان وڌيڪ وقت نہ ملندءِ." چيومانس: "موهي، ڏهن منٽن ۾، تہ مان هن جي ڏهن شعرن تي بہ نہ ڳالهائي سگهندس. هن جي گهرواري سحر هن تي ستر صفحا لکي سگهي ٿي ۽ مان هن جي گهر مان سترهن طعامن واري نيرن کائي آيو آهيان، مون کي سترهن صفحا تہ ڏي ڪجهہ نمڪ حلاليءَ جو حق ادا ڪرڻ تہ ڏي." موهيءَ چيو "مجبوري آهي" ۽ مون مجبوريءَ هيٺ رڳو ڏهہ صفحا ئي لکيا. سيميار ۾ موهيءَ منهنجو مقالو "مخالف هوا جي سامهون اڏول امداد" سڀ کان پڇاڙيءَ ۾ رکيو ۽ مون کي پنهنجي پوئين پيپر سان سيمينار جو تنبو اکوڙڻو پيو. مان، اول خير، ايندڙ پنن ۾ پنهنجي جهندولي دوست امداد جي ڪردار تي تفصيل سان لکندس.

سنڌ (پاڪستان) جي ساهتڪارن تي رٿيل سيمينار جي خبر شايع ٿيندي ئي، بمبئيءَ جي هڪ بنياد پرست سنستا گوڙ مچائڻ لڳي. اڪادميءَ جي سيڪريٽريءَ کي ڌمڪيون ملڻ لڳيون، تہ اسين پاڪستانين تي سيمينار ٿيڻ نہ ڏينداسين ۽ هال جي ٻاهران مظاهرا ڪنداسين، سيمينار ڦٽائينداسين وغيره. موهيءَ پنهنجي شاعراڻي ظرافت سان نہ رڳو انهن آتنڪوادين جي اڳواڻن کي سمجهائي ماٺ ڪرايو پر کين قائل ڪيو، تہ قوميت، عقيدا ۽ سياست جدا جذبا آهن ۽ ساهت ۽ ادب الڳ احساس آهن. هُو پيلو منهن ڪري موٽي ويا. سيمينار جا مقالا 'سارنگا' ۾ شايع ٿي، سنڌ جي پڙهندڙن تائين پهتا آهن.

بمبئيءَ کان موٽي هڪ رات واندڪائيءَ ۾ ويهي، مون هيءَ قسط لکڻ شروع ڪئي، مارچ اپريل جي مهينن ۾ بهار تہ ايندي، پر پاڻ سان گڏ وڻن ۽ ٻوٽن ۾ Pollen (گلن جو آلائشي تخم) پڻ کڻي ايندي آهي (جيئن مان پاڻ بهار جي مند ۾ جائو آهيان ۽ پاڻ سان پولين جا جزا کڻي آيو آهيان.)

اوچتو ئي اوچتو هٿن مان قلم ڪري پيو پريل گلاس ڪري پيو، گوڏن تان نوٽبڪ ڪري پيو ۽ ساهہ کڄڻ بند ٿي ويو. اها ستين اپريل جي تاريخ هئي. گوپي ڊرائنگ روم ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽي وي تي ڪو سيريل ڏسي رهي هئي. گلاس ڪرڻ جو آواز ٻڌنديءَ پچندي آئي. ڇاتيءَ کي، ٻُنيءَ کي مهٽڻ ڪانپوءِ به پنهنجو ساهه هيٺ مٿي نه ٿيو ته هن گهر ويجهو واري (Super Max) هاسپيٽل کي فون ڪري ايمبولينس گهرائي. ميڪس هاسپيٽل منهنجي گهر پريس اينڪلو ڪان پنجن منٽن جي پنڌ تي آهي ۽ اينڪليو ۽ اسپتال وچ ۾ هڪ وسيع قديم قبرستان آهي، جتي منهنجي گهر سامهون واري بستي حوض راڻيءَ جا ڇوڪرا ڪرڪيٽ راند ڪندا آهن. پر راند جو رنس (Runs) جوڙڻ بدران ٻئٽن سان هڪ ٻئي جا مٿا ڦاڙيندا آهن. قبرستان جي ٻاهران ڦٽ پاٿ تي گاڏولي لوهارن پنهنجيون جهڳيون جوڙيون آهن ۽ سندن جهيڙي ۾ ڪڏهن انهن لوهارن جا مترڪا به استعمال ٿيندا آهن.

Max هاسپيٽل ۾ مون کي ايمرجنسيءَ ۾ آڪسيجن تي رکيو ويو. صبوح جو هوش اچڻ تي هڪ بيحد خوبصورت ڊاڪٽرياڻيءَ منهنجو معائنو ڪري، مون کي ڪمري ۾ شفٽ ڪرايو. ٽيهتر سالن جي عمر ۾ منهنجو هاسپيٽلائيزيشن جو پهريون آزمودو هو. مهانگي ۾ مهانگي ماڊرن هاسپيٽل هئڻ ڪري، ان ۾ پنج اسٽاري هوٽل واريون سهوليتون هيون. منهنجي سنيال لهندڙ ڊاڪٽرياڻي نه رڳو بيحد قابل ۽ پنهنجي ڊاڪٽريءَ واري پيشي ۾ ماهر هئي، پر پنهنجي سونهن ۽ موهيندڙ مرڪ ۾ مثالي ڊاڪٽرياڻي هئي. نوينو ٽيڻ ڪان پوءِ به منهنجو اسپتال جو ڪمرو ڇڏڻ جو من نه پيو ڪري. هاسپيٽل جي احاطي ۾ ڪافي هائوس هو، بڪ شاپ هو، مني ٿئيٽر هو بس رڳو بار نه هئي.

لالي صبوح واري فلائيٽ ۾ ٿي ٻئنگلور مان اچي پهتو. منهنجو دوست نند جويري بمبئيءَ مان ملڻ آيو پر سڀ ڪان وڌيڪ خوشي ۽ حيرت اها ٿي، ته سنڌ مان آيل منهنجو دلبر دوست ولي رام ولڀ پنهنجي گهرواري ۽ پٽ ڪمليش سوڌو مون وٽ اسپتال ۾ اچي پهتا. مان تاعمر سندن اهو سڪ وارو سڌ وساري نه سگهندس. مون گوپيءَ کي گهر فون ڪري، پنهنجيءَ ملازمه کي اسپتال گهرايو. جيڪا کين منهنجي گهر گوپيءَ سان ملائڻ وٺي آئي. وليرام جون آندل روهڙيءَ جون ڪارڪون مان اجا به هڪ هڪ ڪري کائيندو آهيان.

ڳرداريءِ سوٽ سٽيين ڇاتين وارين سانورين ملباري نرسين ۽ حسين ڊاڪٽرياڻين جي سنيال سان منهنجا ساهه وري موٽي آيا، ۽ سهڪو بند ٿي ويو. مان اڳ جيان هلڻ چلڻ جهڙو ٿي ويس، پر منهنجي من ۾ مستقل خوف پيدا ٿي ويو آهي، ته وري ڪڏهن به استما (دم) جو حملو ٿي سگهي ٿو. مون هن نگري بيماريءَ ۾ پنهنجي ڏاڏي سيٺ جاڙي مل جي اڌ ڇڪي آهي، جنهن جو حملو بنا ڪنهن اپائنٽمينٽ رکڻ جي اوچتو اچي ٿيندو آهي ۽ اڪثر اڌ رات جو ٿيندو آهي. هيءَ بيماري مارينديءَ گهٽ، پوڳائيندي وڌيڪ آهي. هن مرض جو ڪو دائمي علاج ناهي، پر دوائن ۽ پرهيز سان ان مٿان ضابطو رکي رهيو آهيان. هيءَ حسين ۽ قابل ڊاڪٽرياڻي هاڻي منهنجي دوست ۽ چاره گر ٿي چڪي آهي. شهر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ٻاهر هوندي بہ هر طبي مسئلي جو هن ڪان ئي فون تي حل پڇندو آهيان. هن مون کي روزانو ٻن ننڍن پيگن جي اجازت ڏيئي ڇڏي آهي ۽ سگريٽ جي سخت منع ڪئي آهي. مئڪشي تہ ڇڏي ڏني اٿم، پر چڪڻ ننو ڇڏي سگهان. مان سمجهان ٿو تہ مون کي مونيڪا مهاجن جي دلڪش مرڪ ئي چاڪ چوبند ڪري رکيو آهي.

مان گوپيءَ کي چوندو آهيان، تہ گهر ۾ ڪا بہ ملازم يا ڪم ڪار واري رکين، تہ ان جي لياقتن ۽ معاوضي وغيره جي باري ۾ تون ئي فيصلو ڪر. پر ڪا بدشڪل پوڙ جهڙي ڪا عورت گهر ۾ نہ آڻ. ڪا اپر چپر پري پيڪر پلي نہ هجي، پر ڏسڻ وائسڻ ۾ اهڙي اوس هجي، جو صبوح جو ننڊ مان اٿاري، جڏهن چانهہ جو پهريون ڪوپ اچي هٿ ۾ ڏئي، تہ منهنجو سڄو ڏينهن سٺائو گذري.

گوپيءَ جي منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ کان اڳ سروري، نرملا ۽ صبا اچي چڪيون هيون. سروريءَ جي باري ۾ مون کي ڄاڻ ڪانهي تہ ڪٿي آهي؟ نرملا سان ڪڏهن ڪڏهن ڪلڪتي ۾ گڏجاڻي ٿي ويندي آهي. هوءَ پنهنجي گهر ٻار سان خوش ۽ خوشحال آهي، ملندا آهيون، تہ ننڍپڻ جون ساروڻيون نئين سر سرور ڏياري ڇڏينديون آهن. صبا جي بہ ڄاڻ اٿم، تہ ڪٿي آهي. هاڻي هوءَ بيگم صاحبہ آهي. مان هن جي شهر ۾ ڪيئن پيرا ويو آهيان. هن جو فون نمبر بہ ملي ويو پر پوءِ بہ هن کي ڪڏهن فون نہ ڪيم. هن جو گهر وارو الائي ڪير هجي؟ ڪهڙو هجي؟ ڪيئن هجي؟ چاهيندي بہ مون اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي، تہ هوءَ ڪيئن آهي؟ ڪيئن ٿي رهي، جنهن سان هوندي، مون کان بهتر شخص ئي هوندو.

گوپيءَ مون کي منهنجا سڀ پراڻا نوان پيار سميتي ڏنا آهن. هن منهنجي هر گناهہ کي بخش ڪيو آهي، منهنجي هر بيوفائيءَ کي درياهہ دليءَ سان برداشت ڪيو آهي. منهنجي هر عيب کي ڍڪيو آهي. منهنجي هر ارڏائيءَ کي نظرانداز ڪيو آهي. هر دک سک ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي آهي. راتين جون راتيون هن مون لاءِ اوجاڳا ڪڍيا آهن. پنهنجي لائقيءَ سان هن منهنجين نالائقين تي پرده پوشي پئي ڪئي آهي. پنهنجيءَ رفيقہ حيات سان ڪي ليکا تہ ناهن، پر مان هن سان هن عمر ۾ پنهنجن اعمالن جو حساب ڪيئن چڪتو ڪري سگهندس؟ رڳو ان ڏينهن کان ڏڪي رهيو آهيان، جڏهن پنهي مان هڪ هليو ويندو.

ڪالهہ رات 'امرتا' ۾ ارشاد قمر جي قمر شهباز کي ڏنل پيتا 'مان جو آهيان' پڙهندي اکيون پرجي آيون. قمر شهباز منهنجي ئي گهر ۾ منهنجي ئي سامهون گوپيءَ کي چوندو هو: 'مان سڄي زندگي One Women Man' ٿي رهيو آهيان ۽ رڳو پنهنجيءَ گهرواريءَ سان ئي پهريون ۽ پويون عشق ڪيم اٿم. تون پنهنجي هن نتوئين سياءَ واري مڙس جي رومانسن کي ڪيئن ٿي برداشت ڪرين؟" ۽ گوپيءَ مرڪي چوندي هئس: "سائين قلندر شهباز- تون مون کي اجايو امپريس ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪر. هتي اچي تون پنهنجيءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرئين ئي پيشڪش ۾ چيو ته: ”مان هتي پنهنجي پهرئين پيار رتنا کي ڳولهڻ آيو آهيان.“ قمر ڪنڌ جهڪائي چوندو هو: ”اهو منهنجو پاروتڻ وارو الهڙپڻو هو ادي“

ان رات مان اسپتال ۾ هئس جڏهن گوپيءَ فون ڪري قمر شهباز جي وڇوڙي جي دل ڏاريندڙ خبر ڏني. مون کي اهڙيءَ ’ڪوڙي‘ خبر تي وشواس نه آيو پر خبر ’سچي‘ هئي. اسپتال اچڻ کان به ڏينهن اڳ قمر مون سان فون تي ڳالهايو هو. پنهنجي ڊاڪٽر آواز ۾ پنهنجو تڪيه ڪلام ورجائيندي چوندو رهيو: ”ڇورا – ڪجهه سڏر.“ ۽ منهنجي سڏرڻ کان اڳ ۾ ئي هو هليو ويو. مان ته پنهنجي صحت سڌاري پنهنجي گهر هليو آيس، پر هو راهه عدم ڏانهن روانو ٿي ويو. منهنجو نوابشاهي يار قمر مون کان به سال ننڍو هو. ان ڪري ويڇڻ جو وارو منهنجو هو پر هو مون کان اڳ ئي وارو وٺي ويو. هن مون کي ڪراچيءَ ۾ ڪراس (Cross) جي سوني رنگ واري بال پين تحفي ۾ ڏني هئي. ان قلم سان ئي هي سٽون لکي رهيو آهيان.

قمر مون کي هميشه چوندو هو ته اسان کي راجا ۽ لاليءَ کي پاڻ ۾ ملائي، سندن دوستي ڪرائڻ گهرجي. جيئن اسان جي وچڻ ڪانپوءِ به اسين پنهنجيءَ اولاد ۾ جيئندا رهون. مون کي يقين آهي، ته ڪڏهن نه ڪڏهن، ڪٿي نه ڪٿي راجا ۽ لالي هڪ ٻئي سان پاڪر پري ملندا ۽ مان ۽ قمر مرڪندي، ڪين مٿان ڏسنداسين. ڪجهه مهينا اڳ پاڃائي ارشاد مون کي فون ڪئي، ته قمر شهباز تي ڪتاب شايع ٿي رهيو آهي، تون ڪجهه لکي موڪل. ان وقت مان لکڻ جي حالت ۾ نه هئس ۽ لکي به ڇا ٿي سگهيس؟ قمر، ارشاد ۽ مون دراجلنگ کان ۽ ڪلڪتي کان دهليءَ تائين. راجڌاني ترين ۾ ويهه ڪلاڪ هڪ ئي ڪوپي ۾ گڏجي سفر ڪيو آهي. ارشاد سامهون واري برٿ تي ليٽي ليٽي قمر ۽ منهنجا لطيفا به پڌندي رهي ۽ جهڙپون به ڏسندي رهي. مون اڃا قمر جي وڇوڙي جو ڏڪ سهسايو ناهي، سامت ۾ اچي مان گهٽ ۾ گهٽ دراجلنگ، ڪلڪتي ۽ دهلي ۽ اجمير واري اسان جي سرهي ساٿ واري سفر جو احوال اوس لکندس.

پنهنجيءَ هن بي ترتيب آتم ڪٿا ۾ ڪي سلسلا ئي نٿو جوڙي سگهان. ڪٿي ڪٿي پنهنجي حياتيءَ جا ڪي حاشيه پري رهيو آهيان ۽ ڪٿي حاشين مان ٻاهر نڪري سڌن صفحن تي ڦهلجي رهيو آهيان. حال ۽ ماضي هڪ ٻئي سان رلي ملي اڳيان پويان ٿي رهيا آهن ۽ مستقبل رهيو ناهي. وري ماضيءَ ۾ موٽي ٿو وڃان. زندگيءَ جي ٽيپ رڪارڊ تي ’فاسٽ فارورڊ‘ ۽ ’ري وائينڊ‘ جو سلسلو هلندو ئي ٿو رهي.

شروعاتي پنن ۾ چٽي چڪو آهيان، ته گوپيءَ سان منهنجي ملاقات دهلي ڪاليج ۾ ٿي هئي. اسان جا اڀياسي موضوع، ته الڳ الڳ هئا، پر ايڪانامڪس ۽ سنڌيءَ جا ڪلاس گڏيل هئا. ساهتڪ سوسائٽيءَ ۾ هر هفتي شامون گڏ گذرنديون هيون. گڏجي ڊرامن ۾ حصو وٺندا هئاسين. اسان جو پنهنجو خاص گروپ هو جنهن ۾ جيون، هيم، موهن، موتي، مان ۽ ٻيا ڪيئي دوست هئا ۽ ڇوڪرين جي گروپ ۾ گوپي، لڪشمي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانڪي، مينڪا، گياني ۽ ٻين ڇوڪرين جو ٽولو هو. جدا نه هو يا ته سڀ ڇوڪرا هئاسين يا سڀ ڇوڪريون، يا سڀ روح هئاسين يا جسم- پنهنجي سنڌي برادري هئي، جنهن ۾ ڪنهن ڏاڙئي جو ڪو دخل نه هو. ڳالهين ٻولهين جي ۽ هڪ ٻئي جي گهرن ۾ اچڻ وڃڻ جي مڪمل آزادي هئي. ڊرامن ۾ رومانوي مڪالمه ادا ڪرڻ ۾ ڪو عار نه هو. ڪاليج ڇڏڻ کانپوءِ به ڪي دوستيون ۽ رشتا ناتا برقرار رهيا.

ايم اي جي پوئين سال ۾ امتحان کان اڳ ۾ ٽي گوپي CSS (سينٽرل سيڪريٽريٽ سروس) جي آل انڊيا امتحان ۾ امتيازي پوزيشن حاصل ڪري، هوم افيئرس وزارت ۾ ڪنهن عهدي تي مقرر ٿي ويئي ۽ مان هتي هتي ملازمت هٿ ڪرڻ لاءِ رلندو رهيس. جيڪي ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيم ۽ ڪٿي ڪيترو ذليل ۽ خوار ٿيس، ان جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيو آهيان. بيروزگاريءَ دوران ڪڏهن ڪڏهن موڪل واري ڏينهن شام جو گوپيءَ جي گهر به هليو ويندو هوس. گوپيءَ جو والد ديوان موتيرام جڳتياڻي ۽ امي ڪلاونتي منهنجو چڱو آدرڀاءُ ڪندا هئا. گوپيءَ جي ننڍي ڀيڻ به مون سان پنهنجائي وارو ورتاءُ ڪندي هئي. هينئر ٿيئي هن دنيا ۾ ناهن ۽ گوپيءَ جو ٻيو ڪو پيڪو مٽ مائٽ به نه رهيو آهي، باقي سندس ساهرو لڏو ڏينهون ڏينهن وڏي ويجهي رهيو آهي ۽ هوءَ سيني سان خوش خصلتيءَ سان نباهي رهي آهي. منهنجي ماءُ کان پوءِ منهنجا ڀيئي ڀائر هاسوءِ ڏنو هن کي ٿي ماءُ ڪري مڃيندا آهن.

منهنجي گوپيءَ سان دوستي ڏينهون ڏينهن پختي ٿيندي ويئي. اسين ڪڏهن ڪڏهن ٿئيٽر ۽ فلمن تي به وڃڻ لڳاسين. ڪڏهن ڪنهن شام جو ڪافي هائوس ۾ هليا ويندا هئاسين. پر پوءِ به اسان وچ ۾ آبرودار فاصلو رهيو. مون کي ٽائيمس آف انڊيا ۾ ملازمت ملي ويئي ۽ مان به مالي طور خودڪفيل ٿي چڪو هوس. اسين ٻيئي ڪاراٿتا ڪتاب خريد ڪري پڙهندا هئاسين ۽ انهن تي تبصرا ۽ تڪرار به ڪندا هئاسين. نارائڻ شيام ۽ منهنجو جگري دوست هيم پڻ گوپيءَ کي ڀائيندا هئا. سدارنگاڻي خادم جي ته هوءَ شاگردياڻي رهي هئي. ٻيئي خدا آبادي عامل هئا، ان ڪري وڌيڪ ويجهو هئا. تن ڏينهن عامل پاڻ کي مٿاهون سمجهندا هئا ۽ مان ساهتيءَ جو هئس، پر گوپيءَ سان منهنجي دوستيءَ ۾ رومانس کان وڌيڪ لطف هو.

هڪ ڏينهن گوپيءَ آفيس ۾ مون کي فون ڪئي: "سياڻي سانجهن جو فرصت مليئي، ته گهر اچجانءِ."

پڇيومانس: "خير ته آهي؟ ڪٿي ڪو رشتو پڪو ٿيو اٿيئي ڇا؟"

چيائين: "نه، اهڙي ڪا ڳالهه ڪانهي، گهر ايندين، ته ٻڌائيندي سانءِ، ماني به کائجانءِ." شام جو ڪافي هائوس ۾ هيم کي چيم: "گوپيءَ فون ڪري سياڻي گهر سڏايو آهي. هوءَ ايئن فون ڪري گهرائڻ واري آهي ته ڪانه."

هيم چيو: "ڪو ڪم هوندس، هليو وڃجانءِ."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيءَ شام جو مان هن جي گهر ويس، ته هوءَ آفيس مان ايندي ڊاڪٽر ڏي گڏجي ويئي. ڇيومانس: ”ڇو گهرايو اٿيئي؟“ چيائين: ”مٿي هلي آرام سان ويهه. ته سائنهن سٽيءَ سان ٻڌايانءِ ٿي.“ هوءَ ٻئي ڪمري ۾ آفيس وارو وڳو مٽڻ ويئي. امي چانهن ڪٽي آئي ۽ ديوان صاحب اکيون ٻوٽي سگريٽ مٿان سگريٽ ساڙي رهيو هو. هو چين سموڪر هو ۽ ڏينهن ۾ ڏهه پئڪيٽ ڪئپسٽن جا پيئندو هو. هو ٺنڍي جهانيان جي درگاهه جو پڪو ۽ پابند مريد هو ۽ پنهنجي سامهون سائين قطب علي شاهه جي تصوير رکندو هو ۽ سائين روشن علي شاهه جو ڪلام سُر ۾ پڙهندو هو. پيشي طور ديوان صاحب سول انجنيئر هو ۽ هن جو شمار قابل انجنيئرن ۾ ٿيندو هو. هو مون سان هميشه جيان حالي حوالي ٿي رهيو هو. ته گوپي فريش ٿي ڪمري ۾ آئي. منهنجي پڇڻ کان سواءِ ئي هڪ سرڪاري ليٽر هٿ ۾ ڏنائين.

هوم منسٽريءَ هن کي ٽن سالن لاءِ مٿانهين عهدي تي بمبئيءَ ڊيپوٽيشن تي موڪلڻ جو حڪم نامو جاري ڪيو هو. مان ورائي ورائي ليٽر پڙهي، هن ڏانهن ڏسي رهيو هئس، هن جي چهري تي ڪي به تاثر نه هئا ۽ منهن تي ساڳي ئي سنجيدگي هئي. ڏڪندڙ هٿن سان هن کي ليٽر ڏيندي پڇيومانس: ”ويندينءَ؟“

چيائين: ”وڃڻو ئي پوندو.“

پڇيومانس: ”دهلي ڇڏيندي دک نه ٿيندءِ؟“

”دک ڇو ٿيندو؟ پاڻ بمبئيءَ ۾ وڌيڪ سهوليتون ملنديون.“ هن هلڪي آواز ۾ چيو.

”منهنجو ڇا ٿيندو؟“ مون به سرگوشيءَ ۾ چيو.

”تون جيئن آهين تيئن هوندين. هتي هيترا يار دوست اٿيئي. ادبي ڪلاس اٿيئي، ڪافي هائوسن جون ڪچهريون اٿيئي. ساهتڪ سميلن اٿيئي. وڌيڪ توکي ڇا گهرجي؟ ڪڏهن ڪڏهن خط پٽ به پيا لکنداسين. بمبئي اچڻ ٿيئي، ته گڏجڻ اچجانءِ ڪجهه سالن ۾ هيئي پنهنجي پنهنجي گهر گرهستيءَ وارا ٿي وينداسين. ڊيپوٽيشن ٽن سالن جي آهي. ٽن سالن ۾ اسين الائي ڪٿي هجون.“ ڇٽي گوپيءَ اميءَ کي مانيءَ آڻڻ لاءِ چيو. جهڙا ٿهڙا به گرهه کائي مان هليو آيس. گوپي مون کي هيٺ تائين اماڻڻ آئي.

چيائين: ”اداس نه ٿيءُ، وقت ملائيندو آهي، ته وڇوڙيندو به آهي ۽ وري سڀ ڪجهه وسارائي به ڇڏيندو آهي.“

اها سڄي رات مون ڦٿڪندي گذاري، مون کي محسوس ٿي رهيو هو ته اسان جو رشتو دوستيءَ کان گهڻو گهڻو گهرو آهي.

ٻن هفتن کان پوءِ جنهن صبوح جو مان گوپي ۽ هن جي ڪٽنب کي فرنٽيئر ميل ۾ اُماٽي اسٽيشن کان ٻاهر آيس، ته سامهون پارڪ جي بينچ تي ويٺي صبوح جي سانت ۾ مون کان سڏڪو نڪري ويو. ان ڏينهن ايئن ئي رستن تي رلندو رهيس. ڇٽن مهينن کان پوءِ مان بنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي بمبئيءَ پهچي ويس. اهي چار مهينا مون ڪيئن گذاريا. منهنجي حياتيءَ جا اڻ وسرندڙ پل آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٺونجاهون پنو

نيپولين بونا تارث ايلبا (Elba) ڇڏڻ کان اڳ پنهنجيءَ فوج کي خطاب ڪندي چيو هو:

'I Shall Prefer to be Lucky Soldier then be a winning Soldier'

(مان هڪ فاتح سپاهي ٿيڻ بدران هڪ سڀاڳو سپاهي ٿيڻ پسند ڪندس.)

پر عشق محبت جي معاملي ۾ نيپولين ايترو نصيبن وارو نه هو. هن جي محبوب جوزفين جي سرد مهريءَ هن جي عشق جي پڙڪندڙ باهه کي ٿڌو ڪري ڇڏيو هو.

ڇئن مهينن جي عرصي ۾ گوپيءَ وٽان منهنجن ڇئن پنجن خطن جا جواب نه اچڻ تي مان بمبئيءَ پهچي ويس ۽ هن جي گهر جي در جي ڌڙڪندڙ دل سان گهنٽي وڄايم.

اهو آرتوار جو ڏينهن هو ۽ هوءَ گهر ۾ هئي ۽ مانجهاندي کان پوءِ آرام ڪري رهي هئي. دروازو گهر جي ملازمه اچي کوليو. منهنجي تعارف تي هوءَ گوپيءَ کي آرام مان اٿاري آئي. اڌ ننڊ ۾ اڌ جاڳ وارين اکين سان حيرت وچان مون ڏانهن ڏسندي چيائين: "ارڙي- تون ڪيئن؟" هوءَ هٿ کان جهلي مون کي اندر وٺي آئي. هن جو والد ديوان جگتياڻي ۽ امي به بيٺڪ واري هال ۾ آيا. گوپيءَ پڇيو: "ڪڏهن آئين؟"

"اڄ صبوح واري ڊي لڪس ۾."

"اطلاع ڏين ها. ته اسٽيسن تي وٺڻ اچانءِ ها. ڪٿي رهيو آهين؟"

"پنهنجي دوست ڪرشن راهيءَ جي گهر ڪوليواڙا ۾."

گوپيءَ جي اميءَ چيو: "هتي ڇو نٿو اچي رهين؟" چيومانس: "راهي ۽ مايا ٻيئي منهنجا ادبي دوست آهن. ٻنهي جو سنو ساٿ آهي. ڪيرت ٻاٻاڻي به پر ۾ رهندو آهي. دير تائين ڪچهري ڪندا رهنداسين. جيترا ڏينهن آهيان روز ايندو ويندو رهندس."

بمبئيءَ ۾ گوپيءَ جي ناناڻن جو چوپاتيءَ سامهون تمام وڏو ۽ ڪشادو گهر هو جنهن ۾ هڪ وسيع هال جي ٻنهي پاسي ڇهه وڏا بيڊروم هئا. بلڊنگ جي سجيءَ منزل تي ڦهليل گهر جي بالڪنيءَ تي ويهڻ سان سامهون ڦهليل سمنڊ ۽ سڄي بمبئيءَ جو منظر اکين اڳيان هوندو هو. اڳتي هلي جڏهن ان گهر ۾ مون پنهنجن دوستن جون دعوتون ڪيون. ته ڪرشن راهي چوندو هو "بمبئيءَ ۾ رڳو هن گهر جي بالڪني هجي. ٻلي ٻيو ڪجهه نه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي.“ گنو سامتاڻي چوندو هو ”هن گهر جي هال ۾، تہ ڪرڪيٽ کيڏي سگهجي ٿي.“ منهنجي شاديءَ کان اٺ ڏهہ سال پوءِ اها بلڊنگ ڪيئن باهہ جو بک ٿي ويئي يا ان کي باهہ لڳائي ويئي، ان بابت اڳتي هلي لکندس.

ان جڳهہ تي هينئر هندوستان جي وڏي ۾ وڏي جويلرس تر ڀونداس زويري گروپ جو شوروم آهي ۽ سڄيءَ بلڊنگ ۾ ان ڪمپنيءَ جي ڪٽنب جي ٽين چوٿين پيڙهيءَ جا سوَ کن ڀاتي رهندا آهن.

مون بمبئيءَ ۾ امر جليل کي اوپيرا هائوس ڀاهران بيهي اها بلڊنگ ڏيکاري هئي.

امر جليل جي ويجهن دوستن جو چوڻ آهي، تہ جوانيءَ ۾ هن جو آواز ڏاڍو سريلو هوندو هو ۽ ان سريلي آواز سان هن ڪيترن ئي دوشيزائن کي پنهنجي دام ۾ جهليو ۽ جهٽيو هو. پر جنهن وقت مان هن سان مليو هئس، ان وقت تائين هن ڳائڻ ۽ ڏاڙهي لاهڻ ڇڏي ڏنو هو. تن ڏينهن مان بہ سندرين ۽ مينڪائن اڳيان پنهنجا پراوا شعر ڏاڍي سُر سان پڙهندو هئس. هينئر اسان ٻنهي جا آواز گهگها ٿي ويا آهن.

گوپيءَ جي ناني سرڳواسي ديوان پرسرام شامداساڻيءَ ورهاڱي کان گهڻو اڳ بمبئي اچي، پنهنجي چارٽرڊ اڪائونٽنس جي فرم کولي هئي ۽ هي جڳهہ هڪ سو ويهن روپين ماهوار تي نوانوي سالن جي ليز (lease) تي ورتي هئي. گوپيءَ جي اميءَ جي شادي بہ بمبئيءَ ۾ ٿي هئي. هوءَ ان زماني جي مئٽرڪليويٽ هئي، جڏهن ڇوڪريون گهرن کان ٻاهر بہ منهن ڏيکي نڪرنديون هيون. اميءَ جي ٻن ننڍين ڀينرن مان هڪ ڊاڪٽر هئي ۽ ٻي بمبئي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪيل هئي. ٻيئي غير شادي شدهہ هيون. گوپيءَ جي هڪ ئي ڀيڻ جي ٻاويهن سالن جي عمر ۾ شادي ٿي ۽ چوويهن سالن جي عمر ۾ هوءَ وڌوا ٿي ويئي. هن جو گهر وارو ڦوهہ جوانيءَ ۾ بمبئيءَ ۾ حادثي جو شڪار ٿي ويو. هن ٻيهر شادي نہ ڪئي. هينئر هوءَ بہ هن دنيا ۾ ناهي ۽ نہ ئي گوپيءَ جو ڪو اوريون پريون مٽ مائٽ.

بمبئيءَ جهڙي شهر ۾ سمنڊ سامهون ايڏي وڏي گهر کي مان حيرت وچان ڏسي رهيو هئس. هال جي هڪ ميز تي ٽنڊي جهانيان جي گادي نشين سائين نور حسين شاهہ جي وڏي سائيز جي تصوير رکيل هئي ۽ اڳتي هلي مون ڏٺو تہ بيڊ رومس ۾ سائين قطب علي شاهہ جي جهڪيل ۽ لٽ تي ٽيڪيل ڪنڌ واري تصوير ۽ سائين روشن علي شاهہ ۽ سائين هادي علي شاهہ جون تصويرون ڀتين تي لڳل هيون.

ٽنڊي جهانيان جي درگاهہ جا موجوده سجاده نشين نور سائين منهنجا همعصر آهن، ۽ مون کي مريد کان وڌيڪ پنهنجو دوست ڪري سمجهندا آهن. جيڪو مون لاءِ وڏي ۾ وڏو اعزاز آهي. مان جڏهن بہ حيدرآباد (سنڌ) جائز ويزا تي ويندو آهيان، تہ درگاهہ تي سجدو ڪرڻ ضرور ويندو آهيان. ٻہ سال اڳ مان شوڪت شوري ۽ ذوالفقار هاليپوٽي سان گڏجي درگاهہ تي ويو هئس، تہ نور سائينءَ اسان جو آڌر ۽ قرباڻتو آجياڻو ڪيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوڪت جون ورتل اسان ٻنهي جون گڏيل تصويرون منهنجي بيڊروم ۾ رکيل آهن ۽ هڪ ڪاپي لاليءَ پنهنجي بئنگلور واري گهر ۾ لڳائي آهي.

سائين نور حسين شاهه جي پرورش ۽ سندن انگلينڊ ۾ ورتل تعليم جو سڄو ذمو گوپيءَ جي پڦيءَ دادي جنيءَ پاڻ تي هموار ڪيو هو. هن نور سائينءَ کي پنهنجي سڳي پٽ جيان پاليو هو حالانڪ هن کي پنهنجا اڌ درجن پٽ ڏيٿر هئا. پوءِ به دادي جنيءَ جو سڄو پيار نور سائينءَ ۾ پلٽيل هو. دادي جني هينئر حيات ناهي، هن جي سماڌي ٽنڊي جهانيان جي درگاهه ۾ دائم قائم آهي، جتي دادي جنيءَ جي گلن ۾ ويڙهيل تصوير به موجود آهي.

دادي جنيءَ جي ڌيءَ مملي جهوڙيملاڻيءَ پنهنجي ڪولابا واريءَ اپارٽمينٽ ۾، سائين نور حسين شاهه لاءِ هڪ وڏو ڪمرو خاص طور سينگاري رکيو آهي، جيڪو تڏهن کلندو آهي، جڏهن نور سائين بمبئيءَ ايندا آهن. سندن اڪثر عامل مريد ۽ مريدياڻيون سائين جن جي پيرن وٽ غاليچي تي ويهندا آهن ۽ نور سائينءَ جي نوراني نظرن جي نهار سان ٻنهي جهانن جو ثواب حاصل ڪندا آهن. سال اڳ مملي ۽ هن جو گهر وارو ڦتو به راهه عدم ڏانهن روانا ٿي چڪا آهن، پر پنهنجن پونئيرن لاءِ مقدس درگاهه جا دروازا کولي رکي ويا آهن. مان سمجهان ٿو ته هند ۾ ٽنڊي جهانيان جي قطب شاهي درگاهه ۽ سچل سرمست جي درازن جي درگاهه جي گادي نشين سخي قبول محمد جا مريد سنڌ وارن کان به وڌيڪ آهن. ڪجهه سال اڳ تائين، ته ايئن هو باقي نئين نسل بابت ڪجهه چئي نٿو سگهان.

مان هي سڀ تفصيل ان ڪري لکي رهيو آهيان، جو منهنجي ڪامياب ۽ خوشحال ازدواجي زندگيءَ ۾، درگاهه ۽ سائينءَ جي دعائن ۽ منظوريءَ جو اهم رول آهي.

ان شام وسڪيءَ جي پيگ تي ڪچهري ڪندي، منهنجي (ٽيڙ واري) سهري ديوان جڳتياڻي مون کي سائين قطب علي شاهه جي ڪرامت جو دلچسپ واقعو ٻڌايو:

"ٻهراڙيءَ جو ڪو غريب ماڻهو ڪنهن جهيڙي جهٽي جي ڪيس ۾ ڦاسي پيو. غريب ڳوناڻي وٽ وڪيل وڙي لاءِ ڏوڪڙ نه هئا. ڏاڍي ڏچي ۾ هو. ڳوٺ جي ڪنهن سياڻي صلاح ڏنس، ته ٽنڊي جهانيان جي درويش سائين قطب علي شاهه جو وڃي پلئه پڪڙ. درويشن جي دعا لڳندءِ، ته ڇُٽي ويندين. مسڪين پنڌ جهاڳي جهانيان ته پهتو پر درويشن آڏو اچڻ جي جرئت ئي نه پئي ٿيس. هيڏانهن هوڏانهن لوڏا هڻندي جاچيائين، ته سائين سويل صبوح اڌ اونداهيءَ ۾ جهنگ ۾ ريلي لاءِ ويندو آهي. هي سڄي رات غريب ٻوٽن ۾ لڪو ويٺو رهيو. جيئن ئي درويش ريلي لاءِ جهڪيو، ته هن به ڪٽي پير جهليس. اونده ۾ درويش ماڻهو سڃاڻي نه سگهيو، پڇيائينس: "ابا ڪير آهين؟" جوابدار سڄي ڳالهه ڪري ٻڌايس، ته ڪيئن راهه گناهه ڪيس ۾ اڙيو آهيان. قطب شاهه سائينءَ چيس: "ڇڳو ٻُڪ جهل" فارغ ٿي درويش چيس: "هاڻي وڃ اسان تنهنجي ڪيس مٿان مُٽي ڇڏيو."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس جي شنوائيءَ ڏينهن مئجسٽريٽ (يا قاضي) ڪيس جا ڪاغذ ۽ مشير ناما گهرائي ڪٽي جو اٿلائي، تہ سڀ ڪاڳر ئي ڪورا هئا. ڪٿي ڪنهن اکر جو نشان ئي نہ هجي، منصف پڇيس: ”سچ ٻڌاءِ ڙي جٽ ڪنهن وٽ پهتي هئين؟“ جوابدار سچو بيان ڪيس. منصف چيس: ”بابا، جي درويشن ئي توکي بخشي ڇڏيو تہ اسين ڪير ٿيندا آهيون توکي سزا ڏيڻ وارا؟“

ساهتيءَ جي سائين روچلداس ۽ جيوترام متائيءَ قطب شاهي خاندان ۽ ٽنڊي جهانيان جي درگاهہ تي هڪ مستند ڪتاب لکيو آهي ۽ ’ڪلام روشن‘ مرتب ڪيو آهي، جيڪي تاريخي دستاويزن جي حيثيت رکن ٿا. جيوترام متائيءَ جو ڪتاب شايد سنڌ ۾ بہ شايع ٿيو آهي.

عجيب اتفاق آهي، تہ اڄ جڏهن هي پنو لکي رهيو آهيان، تہ اڳيئن ۽ هن پني وچ ۾ هي ٻيو ’وئلنٽائين ڊي‘ اچي پهتو آهي. وينس ۽ روم ۾ خبر ناهي هيءُ ڏينهن ڪيئن ملهائيندا آهن، پر هتي تہ ڇورا ڇوريون ڇتا ٿي پيا آهن ۽ هڪ ٻدران چار وئلنٽائين ڏينهن ملهائي رهيا آهن: گلن جو ڏينهن- چاڪليٽن جو ڏينهن، چُمر چٽ (Kissing) جو ڏينهن ۽ هي چوٿون وئلنٽائين ڊي. ڊرگ اسٽور وارن جو چوڻ آهي، تہ انهن چئن ڏينهن ۾ ’ڪنڊومن‘ جي وڪري ۾ ويهہ پنجويهہ سيڪڙو واڌ اچي ويندي آهي. ڪن اسلامي ملڪن ۾ تہ هن ڏينهن ڳاڙها گل وڪڻڻ تي بہ بندش آهي. مان سمجهان ٿو تہ جي شگفتہ شاهہ هتي هجي ها، تہ پنهنجي ناول ’جڏهن ٽڙندا ڳاڙها گل‘ جي ڪردارن کي ڪنهن نئين رنگ ۾ اپاري ها. دهلي يونيورسٽيءَ جي ڪئمپس ۾ هندو ڪاليج جي احاطي اندر ويلنٽائين وارو وڻ آهي، جنهن کي ’دمدمي مائيءَ جو وڻ‘ چوندا آهن. هن سال ڪاليج جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين ان دمدمي مائيءَ جي وڻ کي تمام گهڻو سينگاريو، ان تي ڳاڙها گل، چاڪليٽن جا دٻا، دل جي آرپار ٿيندڙ تيرن سان چنبڙايل ڪارڊ، ڦوڪڻا ۽ ڪنڊومن جا پئڪيٽ پڪيڙيو، دمادم مست قلندر ڳائي نچي رهيا هئا ۽ مان اهو مزيدار منظر ٽي ويءَ تي ڏسندو رهيس.

روم جي بادشاهہ ڪلاڊيس ٻئين (Claudius II) جڏهن سنت ويلنٽائين کي عشق محبت جو درس ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ قيد ڪيو تہ جيلر جي نابينہ ڌيءَ جي، هن جي عشق ۾ بينائي موٽي آئي ۽ اڄ جا ڇورا ڇوريون اکين هوندي بہ عشق ۾ انڌا ٿي ٿا پون. اڃا ايندڙ مهيني هولي اچڻي آهي، جنهن ۾ هڪ ٻئي کي رڱڻ سان الائي ڪهڙا راڱا ڪندا؟ مون کي هن عمر ۾ رڱڻ تہ رڳو پاڙي جون پوڙهيون اينديون آهن.

آسڪر وائيلڊ چيو آهي: ’Every Love affair is a Race against Time‘ (هر معاشقو وقت سان شرط پڄائڻ آهي.) مان پنجويهہ پار ڪري چڪو هئس ۽ ٽي ناڪام عشق ڪري، وقت جي رفتار سان وڙي آيو هئس. هيئنٽر مون کي زندگيءَ ۾ دائمي طور ٽانئيڪو ٿيڻو هو ۽ لغزشن ۽ لرزشن مان متي اُپري، گهير گهات ڇڏي گهر گهات اڏڻو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بمبئيءَ جي اوپيرا هائوس جي سامهون، مٿينءَ منزل واري ان گهر ۾ مون کي احساس ٿي رهيو هو ته مون کي منهنجي منزل ملي ويئي آهي، مان ۽ گوپي بالڪنيءَ ۾ بيهي سامهون سمنڊ جي لهرن کي لهندو چڙهندو ڏسي رهيا هئاسين. گوپيءَ پڇيو: ”گهڻا ڏينهن رهندين؟“ چيومانس: ”آفيس ۾ چئي آيو آهيان، موٽي اچڻ تائين موڪل تي آهيان. (I am on Leave till I join). تيسين رهندس. جيسين تون چاهيندينءَ.“ کلي چيائين. ”تنهنجي عجيب آفيس آهي، جنهن توکي اهڙي آزادي ڏيئي ڇڏي آهي.“

ايندڙ ڏينهن گوپيءَ آفيس مان موڪل ڪئي. منهنجي دوست ڪرشن راهيءَ جي آفيس ويجهو ئي چرچ گيٽ تي هئي. مان راهيءَ سان گڏ گهران نڪرندو هئس ۽ هڪ اسٽاپ اڳ ۾ لهي، گوپيءَ جي گهر ويندو هئس. گهران لنچ ڪري اسين ڪڏهن پوائي ڍنڍ تي، ڪڏهن فلم تي ۽ شام جو سمنڊ ڪناري مرين ڊرائيو تي، ڪنهن وڏي پٿر تي يا پٽ تي اچي ويهندا هئاسين. مرين ڊرائيو تي ميڙاڪو ڪندڙ فقيرياڻيون پنندي اڪثر اڳڪٿيون ڪنديون هيون: ”ڀڳوان توهان جي جوڙي سلامت رکي.“ ۽ مان ڪيسي ۾ پيل سڄو ريزو ڪڍي کين ڏئي ڇڏيندو هوس.

گوپيءَ جي پيءُ ماءُ جي اسان مٿان ايتري وشواس ۽ ادار دليءَ تي مون کي به اچرج لڳندو هو خاص طور اميءَ جو خوبصورت ۽ مرڪندڙ منهن سدائين ٽهڪندو رهندو هو. مون ڪڏهن به هن جي چهري تي مرلائي يا ڪاوڙ جو ڪو نشان نه ڏٺو. باقي هن جون ٻيئي ڊاڪٽرياڻي ۽ وڪيلياڻي ڀينر سدائين مون کي مشڪوڪ نگاهن سان ڏسنديون هيون. ايندڙ ڇنڇر آرتوار وارين موڪلن ۾ اسان ڇٽني مٿيران وڃڻ جو پروگرام رٿيو. مٿيران بمبئيءَ ويجهو هڪ ننڍي ۽ خوبصورت هل اسٽيشن آهي.

مارچ جي موسم ۾ مٿيران جو ماحول معطر هو. هوا ۾ نشو ڏياريندڙ ٺنڊڪ هئي، مون لاءِ پهاڙ جا اوڪا پنڌ سوکا ٿي پيا هئا. چوطرف سرهاڻ ئي سرهاڻ هئي. اتفاقن اهو چوويهه مارچ (سال ڪونه ڪو) جو ڏينهن منهنجي جنم جو ڏينهن هو. وقت فرصت جڳهه اڪيلائي، مون گوپيءَ کي ارجن شاد جي شعر جي هڪ سٽ ٻڌائي:

”هوا ۾ ڪنهن ته ملائي ڇڏيو شراب آهي.“

چيائين: ”پوءِ ته توکي هميشه لاءِ هتي ئي اچي رهڻ کپي.“ چيومانس: ”تون هنئين ساڻ هجين، ته مان ڪٿي به رهڻ لاءِ تيار آهيان. ڪيئن به رهڻ لاءِ تيار آهيان.“ اهو منهنجو سنئون سڌو ’پروپوز‘ ڪرڻ هو. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي: ”ماڻهو پروپوز ڪندو آهي ۽ خدا ’ڊسپوز‘ ڪندو آهي، پر مون کي منهنجي خدا ’ڊسپوز‘ نه ڪيو.

گوپيءَ ڪو جواب نه ڏنو. ڪجهه وقت جي خاموشيءَ کان پوءِ پڇيومانس: ”منهنجيءَ ’آڇ‘ جي توکي وڌيڪ وضاحت گهرجي؟“

چيائين: ”سوچڻ لاءِ ڪجهه وقت ڏي.“

”ڪيترو وقت؟ ٻن ٽن ڏينهن ۾ مان گهر موٽي ويندس ۽ مان ناڪام موٽڻ نٿو چاهيان.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين: ”مان سمجهان ٿي ناڪام نہ موٽنديون، وڏيڪ سياڻي ڳالهائيندا سين.“

پاڇا لڙڻ تي اسين گيسٽ هائوس موٽي آياسين. مون اها سڄي رات جاڳندي گذاري. هال نما ڪمري ۾ چار پلنگ لڳل هئا. در وٽ منهنجو پلنگ هو. مان ٻاهر ورانڊي ۾ ڪرسي وجهي ويٺو رهيس. اندر ٽنهي پلنگن تي گوپي ۽ هن جا ماءُ پيءُ گهريءَ ننڊ ۾ هئا. ٻئي ڏينهن مئيتران مان موٽندي، رانديڪي نما ننڍڙيءَ ريل ۾ گوپيءَ مون کي پٽڪي ۾ پڇيو: ”گهر هلي پلي اميءَ سان ڳالهائجانءِ.“ ۽ هوءَ دريءَ مان منهن ڪڍي پهاڙي نظارو ڏسڻ لڳي. مان سمجهي سگهيس، تہ ڪجهہ چوڻ کان هن جي خاموشي وڌيڪ اثرائتي هئي ۽ پهاڙن جو رومانوي منظر علامتي هو.

بالزڪ چيو آهي، تہ عورت پنهنجي پيار ڪندڙ جو چهرو ائين پرکي ويندي آهي، جيئن خلاصي ڪليل سمنڊ کي سڃاڻندو آهي. هن اهو سڃاڻي ورتو هو تہ اڳتي هلي زندگيءَ ۾ مون کي هن ماڻهوءَ جو سازبان ٿيڻو آهي.

بمبئيءَ پهچي، ٻئي ڏينهن جي دهليءَ جي واپسي ٽڪيٽ وٺي، مان صبوح جو سڏو گوپيءَ جي گهر آيس. ديوان صاحب پنهنجي سرڪاري پينشن جا ڪاغذ تيار ڪرائڻ بئنڪ ويل هو. گوپي آفيس ويئي هئي، ڊاڪٽرياڻي اسپتال ۾، ۽ وڪيلياڻي ڪورٽ ۾ هيون. امي گهر ۾ اڪيلي هئي. چانهہ پيئندي، مون اميءَ سان دل جي ڳالهہ چوري، مون کي سڄو مڪالمو تہ ياد ناهي، پر سندس ڏيءَ جو سڱ چڪيندي، مون هن کي يقين ڏياريو هو تہ مان هڪ اشراف، ڪارپٽ وارو ڪنوارو جوان آهيان. نيڪ نيتيءَ سان سندن نياڻيءَ جي نينهن ۾ ورتل آهيان ۽ هڪ شانائتي، مانائتي ۽ معزز ڪٽنب جو فرد آهيان. پيءُ ماءُ جو پهريون پٽ آهيان ۽ منهنجا مائٽ مان مرجاد وارا آبرودار انسان آهن. مان توهان جي ڌيءَ کي سڀ سک ڏيندس، خوش ۽ خوشحال گهر گرهست ڏيندس، ذهني ۽ جسماني حفاظت ڏيندس، هن جي هر گهرج پوري ڪندس، هيئن ڪندس، هوئن ڪندس، سڄو رٽيل مڪالمو بنا ڪنهن سڄي دم يا اڌ دم سان چئي ويس ۽ شريمتي ڪلاونتي جڳتياڻي (امي) واتڙي ٿي، مون ڏانهن ڏسندي رهي ۽ سوچيندي رهي، تہ هن کي ائين اوچتو ڇا ٿي ويو آهي؟ ڪجهہ وقت پهرين تہ سنئون سڌو هو.

ڪجهہ لمحن جي خاموشيءَ کان پوءِ اميءَ چيو: ”سانجهن جو گوپيءَ کان پڇندس.“ (هي حيدرآبادي عامل ’شام‘ کي ’سانجهن‘ ۽ ٻاجهيءَ کي تيوڻ چوندا آهن.) چيومانس: ”مون هن سان ڳالهائي ئي توهان کي چيو آهي، بلڪ هن جي صلاح سان ئي هن جو سڱ گهري رهيو آهيان.“ چيائين: ”جڳتياڻي سان ڳالهہ ڪڍي ڏسان.“ چيومانس: ”منهنجي سامهون نہ، پرپٺ ئي پڇجوس.“ ڪلاڪ ڏيڍ ۾ ديوان صاحب گهر اچي ويو. هن سان گڏ ماني کائي، ٻاهر اچي سڌو گوپيءَ جي آفيس طرف ويندڙ بس پڪڙيم.

گوپيءَ جي آفيس گيٽ وي آف انڊيا وٽ اپولو پيئر تي هئي. مون رسيپشن تي اچي، هن کي سڏايو ٻئي سامهون گيٽ وي تي بينچ تي اچي ويناسين ۽ هن کي اميءَ سان ٿيل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه جا تفصيل ٻڌايم. هوءَ چپ چاپ ٻڌندي رهي. اڌ ڪلاڪ کن ۾ هوءَ آفيس موٽي ويئي. ان وقت شام جا چار کن وڳا هئا ۽ مان هن جي آفيس بند ٿيڻ تائين گيٽ وٽ تي ويٺي سگريٽ ساڙيندي، سامهون سمنڊ ۾ ٻيڙا، لانچون، ڪشتيون ۽ ملاحن جي اچ وڃ ڏسندو رهيس. شيخ مختيار جي ڪنهن مارا ماريءَ واريءَ فلم جي شوٽنگ هلي رهي، جيڪا هو اڌ ۾ ڇڏي پاڪستان هليو ويو. چون ٿا، تہ هن جو اوچتو پاڪستان هليو وڃڻ جو ڪارڻ بيگم پارا جو ناصر خان سان شادي ڪرڻ جو فيصلو هو.

مارچ جي سمنڊ جي ٿڌي هوا دل ۽ دماغ کي تراوت ڏيئي رهي هئي ۽ مان پنهنجن سپنن جي ساڪار ٿيڻ تي بيحد خوش ۽ 'ايڪسائيٽيڊ' هئس. موڪل ٿيندي ئي گوپي آفيس جي گيٽ تي ملي، اسين اپولو بندر تان پنڌ ڪندا چرچ گيٽ تائين آياسين.

ڪرشن راهي چرچ گيٽ تي هڪ ٽريننگ اسڪول جي انتظاميہ جو سربراهہ هو. مان هن کي ٻاهر سڏي آيس. هن جي گوپيءَ سان سڃاڻپ ڪرائي، اسين ٽيئي چرچ گيٽ جي 'Talk of Town' ريسٽارنٽ ۾ اچي ويناسين. راهي گوپيءَ جي شخصيت ۽ ذهانت کان بيحد متاثر ٿيو. ٻاهر اچي سرٻاٽن ۾ مون کي چيائين: "Do you really deserve her?' (هن جي قابل آهين؟) چيومانس: "يار پنهنجو پنهنجو نصيب آهي."

قدآور، قبول صورت، شاعر ۽ دانشمند هئڻ باوجود عورتن جي معاملي ۾ منهنجو دلبر دوست راهي خاص خوشقسمت نہ رهيو هو. منطقي ۽ مباحثہ آميز هئڻ ڪري، جنس نازڪ هن کان خوفزده ٿي وڃڻ ويندي هئي. مان بہ هن کي (Misogynist) (زال ذات جو ڄوتي) چوندو هوس. آسودگيءَ جي تلاش ۾ ڊوڙندي ڊوڙندي هن کي سدائين نا آسودگيءَ جو احساس رهيو. 'ڪمفرٽ' جي ڳولها هن کي 'ان ڪمفرٽيبل' ڪري وڌو هو. هن جي اوچتي وڇوڙي مون کي يتيمي پوري ڇڏيو هو. مون ڪرشن راهيءَ تي ٻن ڏينهن جو مخصوص سيمينار رٿيو هو، جنهن ۾ هند- سنڌ جي سوَ کن ليکڪن ۽ فنڪارن شرڪت ڪئي هئي. راهيءَ بابت اڳ ۾ بہ ڪجهہ لکي آيو آهيان ۽ گهڻو ڪجهہ وقت بوقت لکندو رهندس. حيرت آهي، تہ پنجاهہ سالن تائين پيئڻ ۽ ڇڪڻ بعد ڇڏي ڏيڻ کان پوءِ هو ڇهن مهينن ۾ ئي هليو ويو. اهو (Good Friday) (گڊ فرائيڊي) وارو ڏينهن هو. منجهند تائين هن مايا (گهرواري) سان فون تي ڳالهايو ۽ شام جو مايا گهر پهچي فرش جي اڇي چادر سان ڍڪيل هن جو بي جان جسم ڏٺو. ايئن اوچتو وڃڻ وارا نارائڻ شيام ۽ ڪرشن راهيءَ جهڙا انسان اصل ۾ فرشتہ هوندا آهن، جيڪي هن ڌرتيءَ تي اتفاق سان ڪجهہ عرصي لاءِ لهي ايندا آهن. هو هفتو اڳ هتان ٿي ويو هو. هڪ جمعي تي منهنجي گهر ڪچهري ڪري رهيو هو ۽ ٻئي جمعي ڪفن ۾ ويڙهيل هو.

چرچ گيٽ تان گوپيءَ کي گهر جي لفٽ تائين پهچائي، اسين راهيءَ جي گهر آياسين. هن ڪوليواڙا جي گهاٽين وڻن ڪنٽريءَ جو انتظام ڪيو هو. ڪيرت کي بہ سڏايو سين. ڪيرت ۽ سوتيا بيئي آيا. سوتيا نوابشاهہ ۾ منهنجي پاڙي ۾ رهندي هئي. تڏهن هوءَ اڃا سوتيا ٻاٻاڻي نہ پر تپلي پڳواڻي هئي. نوابشاهہ جي موني بازار واري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رهندڙ ڇهہ ئي ڀينر مون کي ڏاڍو پيائينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن جهيڙي ۾ مان پتلي (سوتيا) جي پُٺيءَ تي زور سان مُڪون هڻي پڇي ويندو هوس. بمبئيءَ ۾ ڪيرت سان شاديءَ کان پوءَ بہ مان سوتيا کي 'سويٽ هارٽ' سڏيندو هوس ۽ هو ٻيئي زور سان ٽهڪ ڏيندا هئا. ڪيرت ۽ سوتيا جي رومانس جو داستان بہ بيحد دلچسپ آهي، پر ان بابت ڪنهن ٻئي ڀيري.

سوتيا بہ هاڻي هن دنيا ۾ ناهي ۽ ڪيرت کي (Vertigo) ڀنواٽيءَ جي اها تڪليف آهي، جنهن طرف مان بہ وڏي رهيو آهيان. ڪيرت جو جاڻو جسم بہ هاڻي شيشي باشي جيان ٽاڪونئون ڀڄي چڪو آهي. جلوسن جون اڳواڻيون ڪندڙ ڪيرت هاڻي ويل چيئر (Wheel chair) جي ڦيٿن تي هلندو آهي.

سوتيا پڇيو: "ايئن اوچتو بمبئي ڪيئن آيو آهين؟" ۽ منهنجي جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ ئي راهيءَ، ڪيرت، سوتيا ۽ مايا کي پنهنجي نسواني آواز ۾ منهنجي نئين عشق جو سچو قصو ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏيو. مان هن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس، پر ڪنتريءَ پنهنجو ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. ڪچي نوشادر جو ڪشيده ڪنتري شراب آنڌن ۾ وڍ وجهندو آهي، پر جوانيءَ ۾ ان جي لکا نہ پوندي آهي.

ڪيرت، سوتيا ۽ مايا ڏانهن ڏسندي ٽهڪ ڏيئي چيو: "لسا، تون ڇو اسان کان پوئتي پوندين؟ باقي بچيل رات بہ مون اڻ تڻ ۾ گذاري. ٻئي ڏينهن جڳتياڻن جي گهر شام جي وقت بالڪنيءَ ۾ آرام ڪرسيءَ تي، پنهنجي سامهون ويهاري ديوان موتيرام جڳتياڻيءَ سگريٽ جو چوٿين گيئر ۾ ڊگهو سوٽو هڻندي، مون کان سڌو سوال ڪيو:

"سو۔ تو منهنجي ڌيءَ سان شادي ڪرڻ ٿو چاهين؟"

"ها."

"تون منهنجين سالين ڊاڪٽر لڇمي ۽ وڪيل هر ديوي شامداسيءَ کي سڃاڻين؟"

"ها۔ پر مان شادي توهان جي ڌيءَ گوپيءَ سان ڪرڻ ٿو چاهيان."

"اهي ٻيئي عامل ۽ غيرعامل جو مسئلو اٿارين تہ؟"

"ان مسئلي کي توهان ئي منهن ڏيندءُ. منهنجو ساڻن ڪهڙو واسطو؟"

"توکي خبر آهي، تہ عامل گهر نہ ملڻ ڪري ٻنهيءَ جي شادي نہ ٿي. ان معاملي ۾ سنڌ جا سيد ۽ حيدرآبادي هندو عامل ساڳيا آهن."

"ان لاءِ هو پاڻ ذميدار آهي، اسان ياٽين ۾ بہ اهو تعصب آهي، ياٽيہ ڪٽنب وارا غير ياٽين ۾ ماٽيون نہ ڪندا آهن، پر هينئر اسين سنڌ ۾ نہ. پر هڪ ٻئي ملڪ ۾ آهيون ۽ سڀ سنڌي آهيون."

"پر اسان جا مت ماٽ۔ عامل برادري......؟"

"اهو بہ توهان جو ڪٽنبي مسئلو آهي. وڌ ۾ وڌ هو اسان ٻنهي سان ڪو رشتو نہ رکندا، مون کي ان جو فڪر نہ آهي."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”گوپيءَ کي تہ هوندو.“

”هن کان هينئر ئي پڇي وٺو.“

ديوان صاحب ڳالهہ ٻولهہ جو رخ ڦيرائي ٻيو سگريٽ دکايو.

”ٺيڪ آهي- پنهنجي باري ۾ ٻڌاءِ“

”عمر گهٽي اٿيئي؟“

”پگهار گهٽي اٿيئي؟“

”ڪواليفڪيشنس ڪهڙا اٿيئي“

مون ديوان کي ٽنهي سوالن جا صحيح جواب ڏنا.

ٽن مان ٻہ ڳالهيون- عمر ۽ تعليم ٺيڪ آهي. باقي پگهار تہ گوپيءَ کان ٻہ گهٽ اٿيئي. اهڙي پوري ساريءَ پگهار مان گهر ڪيئن هلائيندين؟“

”گهر تہ توهان جي ڌيءَ هلائيندي، مان ڇو هلائيندس“

”۽ جي شاديءَ کان پوءِ ٻارن ٻچن ڪانپوءِ هوءِ نوڪري نہ ڪري تہ؟“

”تہ مان ٻہ نوڪريون ڪندس. توهان جي ڌيءَ لاءِ اٽي لٽي ۽ اجهي جي ڪوٽ نہ ٿيندي، منهنجو پريو ياڳيو گهر آهي.“

ديوان صاحب سمنڊ ڏانهن ڏسڻ لڳو ڪجهہ ترسي پڇيائين: ”دهليءَ ڪڏهن ٿو وڃين؟“

”سياڻي شام جو فرنٽيئر ميل ۾.“

نئون سگريٽ دکائي چيائين: ”چڱو توهان ٻيئي وڃي چوپاٽيءَ تان چڪر هڻي اچو. سياڻي مانيءَ کان پوءِ هتان ئي بامبي سينٽرل تي وڃجانءِ.“

اسين ٻيئي پُل پار ڪري چوپاٽيءَ جي آلي ريتيءَ تي اچي ويناسين. گوپيءَ چيو. ”منهنجين ماسين کي ڳالهہ نہ وڻندي، باقي بابا مڃي ويندو.“

”نہ مڃي تہ-؟“

”تون نااميد ٿيڻ وارو ماڻهو آهين تہ ڪونہ. پاڻ کي وڏو ترقي پسند سمجهندو آهين.“ پوءِ کلندي چيائين: اجا توکي آخري آزمائش مان پار پوڻو پوندو.“

”اها وري ڪهڙي؟“ مون حيرت وچان پڇيو.

”سياڻي بابا ۽ امي پاڻ ئي ٻڌائيندءِ.“

(اڻ تڻ جي هڪ ٻي رات)

ٻئي ڏينهن مانيءَ تي ديوان صاحب مون کي چيو: ”ايندڙ مهيني درگاهہ جا سائين نورشاهہ حيدرآباد (سنڌ) مان اچڻا آهن. اسان جي آکهہ ۾ سائين جن جي اجازت کان سواءِ ڪوبہ اهم فيصلو نہ ورتو ويندو آهي. خاص ڪري مٽي ماٽيءَ جي معاملي ۾. سائين جن جي هتي پهچڻ تي مان پاڻ توکي احوال ڏيندس ۽ تون هڪدم هتي مرشدن سان اچي ملجانءِ. وڏيڪ جيئن سندن حڪم. پنهنجن ماٽٽن سان پوءِ ئي ڳالهہ ڪج. ٻيءَ شام ماٽٽن جي مرضيءَ سان گوپي مون کي بامبي سينٽرل تي اپرائڻ آئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اٺهون پنو

جنهن تيز رفتاريءَ سان فرنٽيئر ميل هلي رهي هئي، ان کان وڌيڪ رفتار سان منهنجو ذهن ڊوڙي رهيو هو. مون کي ياد ناهي ته عينيءَ ’روشنيءَ جي رفتار‘ ڪهاڻي ان کان اڳ لکي هئي يا پوءِ، پر مون ان ڏينهن سچ پچ روشنيءَ جي رفتار ڏٺي ۽ محسوس ڪئي هئي.

وقت مون کي ايتري مهلت نه ڏيندو جو مان پنهنجي هيءَ مهمل ڪيل آتم ڪٿا مڪمل ڪري سگهان. ان ڪري هر پنو پورو ڪري، گوپيءَ کي پڙهڻ لاءِ ڏيندو آهيان ۽ هن جي به ياداشت تازي ڪندو آهيان. مان چاهيان ٿو ته اسين بيئي اهي رومانوي ڏينهن نئين سر (Re- Live) ڪيون. هوءَ پنا پڙهي چوندي آهي: ”ڪجھ مرم ڏار ايئن اچي مٿي سان عام اڳيان اگهاڙو ٿي ٿو بيهين. ٻارن ٻچن، پُٽن پوٽن، ڏيئرن ڏوهٽن وارو آهين. اڳتي هلي جڏهن هو تنهنجو هي ’زندگي نامو‘ پڙهندا ته ڇا سوچيندا؟ ۽ مان هن کي چوندو آهيان: ”راڻي هرڪو اچي مٿي سان ٿي پنهنجو ڪارو اعمال نامو لکندو آهي، پوءِ به هوءَ منهنجي هن تحرير جا صفحن جا صفحا، جملن جا جملا، سٽن جون سٽون منڊيئڙا ڏيئي ميساري ڇڏيندي آهي ۽ منهنجي هيءَ آتم ڪٿا ڪبوتر باڪبوتر، باز با باز بڻجي ويندي آهي.

ميان ٿو ته مان به امر جليل جيان سلسليوار ۽ ترتيبوار آتم ڪٿا نٿو لکي سگهان ۽ نه ئي مان رسول بخش پليجي جهڙو ’جينيس‘ آهيان، جو ڪوٽ لکپت جهڙي جابراڻي جيل ۾ رهندي ڪنن سان لتامنگيشڪر جا گانا ٻڌان ۽ گڏوگڏ هٿن سان ’ڪوٽ لکپت جي ڊائري‘ لکندو رهان. پليجي صاحب جي باري ۾ مون کي اڳتي هلي ڪيترو ڪجھ لکڻو آهي، جي هن کي هن جي ۽ مون کي منهنجي حافظي ساٿ ڏنو ته مان ڪيس بئنگلور جي انڊر گرائونڊ مئه خانن ۾ ساٿس گذاريل راتين جون يادگيريون تازيون ڪرائيندس.

ڊاڪٽر جي مشوري هيٺ پيئڻ ڇڏي ڏنو اٿم. ڇڪڻ نٿو ڇڏي سگهان. پيگ پي تڪو لکندو هوس، پاڻي پي ڦڪو ٿو لکان پر لکڻ ٻنهي حالتن ۾ مجبوري بڻجي چڪو آهي. (ٿئنڪس ٽُ اسحاق سميجو)

ڪالهه شوراتري هئي، منهنجو ننڍو ڀاءُ ڏنو بنارسي ينگ جو ترماس پري ڪٽي آيو، پر مون نه پيتي. مون کي ياد اچي ويو ته اهو شوراتريءَ جو ڏينهن هو جنهن ڪراچيءَ جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪياماڙي بندر تان مان ٻاهٺ سال اڳ ’جل درگا جهاز‘ ۾ ويهي جلاوطن ٿيو هوس. ٻاهٺ سال جلاوطنيءَ ۾ گذارڻ ۾ پنهنجي ئي وطن ويزا وٺي وڃڻ جهڙو عذاب. ته يبروشلم جي يهودين به نه سنو هو. مان وري به خوشنصيب آهيان. جو ٻٽيهن سالن جي انتظاري ۾ بيقراريءَ بعد مون کي سنڌ وڃڻ جو وجهه مليو. مون کي لڳو ڄڻ منهنجي نصيب جو ٿاڪ اوچتو کلي ويو آهي.

سال اسيءَ جي مئي جو مهينو هو. دهليءَ جي جامعه مليه اسلاميه ۾ پارٽ ـ پاڪ اردو ڪهاڻيءَ تي ستن ڏينهن جو سيمينار هو. پارت ۾ پاڪ جا سوَ کن ڪهاڻيڪار سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ پهتا. ويهارو کن پاڪستان مان پهتل هئا. منهنجي ٽائيمس آف انڊيا جي ايڊيٽر گري لال مون کي چيو: ”هيءَ تنهنجي Beat ته ناهي، پر تون اردو به ڄاڻين ٿو ۽ اردو ادب تي به تنهنجي تکي نظر آهي. چيف رپورٽر شميم سان گڏ تون به سيمينار ۾ شرڪت ڪري (Sidelines) وارو ڪالم لک. دستوري رپورٽنگ شميم ڪندو. تون ٻاهريون ادبي آتش بازيءَ وارو رخ پيش ڪج. اردو ادب ۾ ايئن به معرڪه آرائي ۾ لطيفه بازيءَ جي ڪوتاهي ڪونهي.

شميم ۽ مون افتتاحي اجلاس کان وٺي الوداعي اجلاس تائين سڄي سيمينار جي دلپسند ۽ دلچسپ رپورٽنگ ڪئي. منهنجا ڪالم هندي اخبار ”نو ڀارت ٽائيمس“ به ترجمو ڪري شايع ڪيا. جامعه مليه جي ميزبانن کان سواءِ سڄي نظرداري پاڪ سفارتخاني جو ان وقت جو پريس سيڪريٽري منير شيخ ڪري رهيو هو. منير شيخ پنجابيءَ جو مڃيل مزاح نگار هو ۽ شاهاڻي شخصيت جو مالڪ هو. هن جي ظرافت جي رڳ سدائين ڦڙڪندي رهندي هئي. هن جي گهرواريءَ جي صورت شڪل هوبهو مشهور فلمي گلوڪاره ۽ اداڪاره نورجهان جهڙي هئي ۽ هوءَ سدائين پاڇي جيان هن سان گڏوگڏ هلندي هئي. شايد ان ڪري هو گهڻي ۾ گهڻا لطيفا پنهنجيءَ گهرواريءَ سان وابسته ڪندو هو. پريس سيڪريٽري هئڻ جي ناتي، هو ٽائيمس آف انڊيا جي آفيس ۾ اڪثر ايندو رهندو هو. اسين ڪڏهن ڪڏهن پريس ڪلب ۾ به اچي ويهندا هئاسين. سخت پرهيزگار هئڻ ڪري هو رڳو ليمي جو شربت ئي پيئندو هو. ٻڌو اٿم ته هاڻي هن دنيا ۾ ناهي. (ڏٺي ڪري اها خبر ڪوڙي هجي.)

سيمينار پوري ٽيڻ جي ٻئي يا ٽئين ڏينهن، هڪ منجهند ڏاري منهنجو دوست ڊاڪٽر گوپي چند نارنگ پاڻ سان ڊاڪٽر وزير آغا، انتظار حسين ۽ مشفق خواجه کي منهنجي آفيس وٺي آيو. جن سان منهنجي سيمينار دوران ئي خاصي ڄاڻ سڃاڻ ٿي ويئي هئي. گوپي چند نارنگ سان منهنجي سالن کان دوستي هئي ۽ اسين هم پياله به هئاسين. اڄا به اسين هڪ ٻئي سان حجائتا آهيون. نارنگ چيو ته پهريون ڪم اهو ته هنن ٽنهيءَ جي ويزا وڌائڻي آهي. ٻيو اهو ته هنن مان هڪ کي حيدرآباد (دکن) ٻئي کي ميرٺ ۽ ٽئين کي سهارنپور ۽ بمبئيءَ جون ويزائون گهرجن. تنهنجي اهليه وزارت داخله



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(هوم منسٽري) جي فارينرس ڊويزن ۾ ڪنهن اهم عهدي تي آهي. هنن کي ويزائون لڳارائي ڏي اسين گڏجي گوپيءَ جي آفيس لاءِ روانا ٿياسين. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مان پنهنجي گهرواريءَ جي گهرو ڪاتي جي مرڪزي وزارت واري آفيس ۾ وڃي رهيو هئس.

ننڍي ڪنڊ جي اردو ادب جي اهڙن برک اديبن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلڻ ۾ سندن اهڙو ڪم سرانجام ڏيڻ جي احساس ڪان بود ۾ ٻرجي، مان ساڻن هندوستان جي مرڪزي وزارت داخله جي دفتر جي پهرينءَ منزل تي پنهنجي رفيقه حيات جي نالي جي نيم پليٽ ڏسي، ڏاڍيءَ تانءِ ۾ ٻرجي ويو هئس. ڪمري ٻاهران ملاقاتي هال ۾ سيني کي ويهاري، مون ٻاهر بيٺل پٽيوالي کي اندر وڃڻ لاءِ چيو. پٽيوالو ﭘڙ ڪيڏي بيٺو. هو بلوچي نسل جو قوي هيڪل هيبتناڪ ماڻهو هو. چيائين:

"مئڈم بہت ضروری فائیلوں پر کام کر رہی ہیں، مجھے حکم دیا ہے کہ کسی کو اندر آنے نہیں دینا، یہ لال بتی دیکھ رہے ہیں."

مون کي سينيءَ جي سامهون اهو ٻڌائڻ ۾ عار ٿي رهيو هو ته مان مئڊم جو مڙس آهيان. پٽيوالي جو رخ به غاصباڻو هو. مان چپ چاپ اچي سيني سان گڏ صوفا تي ويهي رهيس. گوپي چند نارنگ منهنجن ڪنن ۾ سرڀاٽون ڪندي چوڻ لڳو:

"یار تو بڑا چوتیا ہے، اپنی بیوی کے کمرے میں جانے سے ڈرتا ہے"

انتظار حسين ۽ مشفق خواجه طنزيه مرڪ سان منهنجي اندر ۾ آريون هلائي رهيا هئا. جڻ منهنجي مردانگيءَ ۾ شڪ آڻي رهيا هجن. وزير آغا صاحب پنهنجي ڦڙڪي واري ٽوپي هيٺ مٺي ڪري رهيو هو.

وچ وچ ۾ اٺي به ٽي ڀيرا مون ان بلوچيءَ کي اندر وڃڻ لاءِ ايلاز ڪيا. پر هو حرامي ڍيٺ ٿي بيٺو. اڌ ڪلاڪ ڪن شرمساريءَ وچان مان پنهنجيءَ زال جي پٽيوالي جي اسٽول تي ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيس. سامهون صوفا تي اردوءَ جا عظيم اديب پنهنجا پنهنجا پاسپورٽ هٿن ۾ جهلي ويٺا رهيا. بي صبريءَ وچان گوپي چند نارنگ اٿي ڪڙو ٿيو (هو به لورلائيءَ جو بلوچي آهي) چيائين: "پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ ڪڍ" ڪارڊ وٺي اردليءَ کي سخت لهجي ۾ چيائين "يي ڪارڊ جا ڪر مئڊم ڪو دو." ڪجهه هيسجي هو ڪارڊ کڻي اندر ويو.

گوپي حيرت ۾ هڪدم ٻاهر نڪري آئي ۽ اسان سيني کي ڪمري ۾ وٺي هلي، اسان کي وهاري پٽيوالي کي ڪافي آڻڻ لاءِ چيائين. گوپيءَ سينيءَ جي مرحبا ڪندي ڪانئن سندن پاسپورٽ وٺي رکيا ۽ سينيءَ تي گهربل ويزائون لڳارائي گهر کڻي آئي. ٻئي ڏينهن هڪ پاڪستاني ڪهاڻي نويس احمد هميش به نارنگ جي مشوري تي پاسپورٽ کڻي ويزا وڌائڻ لاءِ گوپيءَ جي آفيس وڃي پهتو پر ڪن ڪارڻن ڪري ڪيس حيدرآباد (دکن) وڃڻ جي ويزا نه ملي. سياسي نوعيت جي معاملن ۾ مان وڃڻ نٿو چاهيان. گوپيءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ منهنجن ڪيترن ئي پاڪستاني، خاص طور سنڌي دوستن ڪي، ممنوع ايراضين ڪي ڇڏي، هر شهر جون ويزائون وٺي ڏنيون آهن ۽ مهيني ٽائين سنڌن ويزائون وڌايون آهن. پر ڪڏهن ڪڏهن چڱائي جا لڱا نتيجا به نڪري پوندا آهن.

ٽائيمس فوٽو حيدرآباد جو نوراحمد ميمڻ ۽ منهنجو قطب مينار جي قدوارو دوست عمر قاضي هتي منهنجي گهر مهينو کن اچي رهيا. پوءِ به سنڌن دهليءَ مان دل نه ڀري ۽ هو بمبئيءَ ۾ گوئا وڃڻ لاءِ آتا هئا. گوپيءَ ڪين ٻنهي شهرن جون ويزائون به لڳائي به ڏنيون ۽ وڌائي به ڏنيون: ٻيئي سير سپاٽا ڪري ۽ گوئاني منظرن جا مزا ماڻي، ٻه مهينا کن هن ملڪ جا شهر چاڪاري، سک سان سنڌ وڃي پهتا. اٺويهن سالن جي عمر قاضيءَ ڪي به صاحب ڪتاب ٿيڻ جو شوق جاڳيو سو پنهنجي قلم کي جنبش ۾ آڻي وڃي هتان جو سفر نامو لکيائين ۽ ڏهه ويهه ڪاپيون هتي موڪلي ڏنائين. سفرنامو ته بيحد دلچسپ ۽ ديانتداريءَ سان لکيل هو، پر نئين نئين لکاريءَ کي اجا اها سمجهه ۽ سنجيدگي نه آئي هئي، سو ڪٿي اسان ٻنهيءَ جي نالن، سرنامن، ملازمتن ۽ عهدن سميت ويهي تفصيل درج ڪيائين، ته ڪيئن ڪين گهر وٺي گوئا جهڙين روماني شهرن جون ويزائون مليون ۽ ڪيئن ۽ ڪنهن اهي ويزائون ڏياريون. سرڪاري مخبرن (جن جي ڪٿي به کوٽ ناهي) مرڪزي حڪومت کي وڃي رپورٽون پهچايون ته ’دشمن‘ ملڪ جي ماڻهن کي ڪيئن گهر وٺي ممنوع علائقن جون ويزائون ٿيون ملن.

نابينه شاعر ملٽن پنهنجي شاهڪار نظم (Paradise Lost) (گم گشته جنت) ۾ چيو آهي، ته دوزخ ڏانهن ويندڙ رستا نيڪ نيتيءَ سان جوڙيا ويندا آهن.“

اسان جي نيڪ نيت نادان دوست جي سفرنامي جو نتيجو اهو نڪتو جو هو ته هڪ ڪتاب لکي پاڻ کي ادبي لڏي سان جوڙي ويو، پر پويان پنهنجن محسنن لاءِ معاملا ڪري ويو. هڪ ڏينهن گوپي آفيس پهتي، ته در تي ئي استقباليه جي آفيسر هن کي هٿ ۾ پرڏيهي ڊويزن مان بدليءَ جو آرڊر ڏنو جنهن ۾ ڪيس هدايت ڪيل هئي، ته هوءَ ’فريڊم فائيٽرس‘ جي پينشن وارو کاتو وڃي سنڀالي، ان ۾ پلائي اها تي جو ان کاتي ۾ اچي، هن ويهن پنجويهن سنڌي سابق انقلابين کي تاعمر نه رڳو پينشنون ڏياريون، پر اڳيون پويون بقاياڻون به ٽُنا پري ڏياريون. انهن پينشن بردارن ۾ اجا به ڪي بقيد حيات آهن ۽ پيريءَ جي توشي لاءِ منهنجي گهرواريءَ کي دعائون ڏيئي رهيا آهن. ان وهندڙ درياهه ۾ اسان جا ڪي انقلابي اديب به فيضياب ٿي ويا.

جامعه مليه اسلاميه جي سيمينار ۾ منهنجي پاڪستان جي جغادري اديبن سان سٺي ڏيٺ ويٺ ٿي. منهنجي گهر ۾ هنن سان دلچسپ محفلون ٿيون. ڪجهه پيگ چاڙهڻ کان پوءِ انهن وٽ ادب گهٽ ۽ فقري بازي وڌيڪ ٿيندي هئي. منهنجو ڪٽر ترقي پسند دوست اتم به ان وقت آيل هو ۽ ڪنهن غيرترقي پسند اردو اديب سان هن جو جهيڙو ٿي پيو. ترقي پسندن جي هڪ وڏي اديب هندوستاني حڪومت مٿان ملامتون وجهندي چيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ توهان جي جمهوري حڪومت دعويٰ تہ سوشلزم جي تي ڪري، پر دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڪئپيٽلسٽ نظام جي پشت پناهي ڪري رهي آهي. پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾ هندوستاني سرڪار سيني ترقي پسندن کي جيل ۾ وڌو هو. ڪيرالا جي مارڪسوادي حڪومت کي ختم ڪيو هو وغيره. اتم جو پارو چڙهي ويو. هن وٽ دليلن کان وڌيڪ پٽ هئي، هنن جي واڇن مان آب پاشي ٿي رهي هئي. ڊاڍي ڏکيائيءَ سان جهيڙو ٽاري ڇڏيم. منهنجي گهر ۾ بيو هڪ اهڙو جهيڙو منهنجي ساڪرو شاعر دوست فتاح ملڪ ۽ ٽائيمس آف انڊيا جي رپورٽر باليءَ سان ٿيو هو ۽ جام ساقيءَ وچ ۾ پيئي ٻنهيءَ کي ٺڏو ڪري ڇڏيو. مسئلو ڪو سياسي هو.

سينيءَ جي وڃڻ کان پوءِ رات جو اتم مون تي اچي مڙيو: "تون هنن شرابي ڪبابي رجعت پسندن سان رستو ڇو ٿو رکين؟ هي اسان ترقي پسندن جا دشمن آهن. چون ٿا سيني ترقي پسندن کي جيل ۾ وڌو ويو- ٻڌاءِ، مون کان وڌو ڪو ترقي پسند آهي؟ مان تہ تحريڪ ۾ عملي طور پڻ شامل هئس، مون کي جيل ۾ وڌائون؟" چيومانس: "يار اتم، سرڪار بيوقوف تہ ناهي، جو توکي جيل ۾ رکي؟ هوءَ ڄاڻي ٿي، تہ ٻاهر رهندي بہ تون تحريڪ کي خاصو نقصان پهچائي سگهين ٿو." اتم جو ردعمل بيان ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. هن مون سان سالن تائين ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو.

ادب جي دنيا ۾ اديبن جا نفاق نئين ڳالهہ ناهي. هيمنگوي، فٽز جيرالڊ جو جاني دشمن هو. ٽالسٽاءِ، دوستو وسڪي ۽ ترگنيوف هڪ ٻئي کي جڳ جهان اڳيان ذليل ۽ خوار ڪندا رهندا هئا. هڪ ٻئي کي گارگند ڪندا هئا، هڪ ٻئي تي چٽرون ڪندا هئا. ٽنهي هڪ ٻئي سان ويهن سالن تائين نہ ڳالهايو. اهڙيون رقابتون هند- سنڌ جي سنڌي اديبن ۾ پڻ آهن. هند وارن وٽ جان تان وڌيڪ آهن. لکٽين ۾ هڪ ٻئي کي خوار ڪرڻ جو ڪو وجهہ هٿان نہ وڃائيندا آهن، پر سنڌي اديبن ۾ اهڙو ڪو مثال نٿو ملي، جتي هڪ اديب ٻئي سان ويهہ سال نہ ڳالهايو هجي، اسين عالمي سطح جي اديبن کان وڌيڪ ادار دل آهيون.

تن ڏينهن منهنجو گهر 'اوپن هائوس' هو. ناوَ نوش جون محفلون مچنديون رهنديون هيون ۽ منهنجي دلبر دوست هيم ناگواڻيءَ جي لفظن ۾ 'مور نچندا رهندا' هئا ۽ نارائڻ شيام دعائون ڏيندو هو تہ "ڏٽي توهان کي اهي محفلون بخشي ڏٺي." سنڌ مان شيخ اياز، تنوير، ناصر مورائي، تاجل بيوس، رڪيل مورائي، ظفر ڪاظمي ۽ ٻيا ڏينهن جا ڏينهن، هفتن جا هفتا ۽ ڪي مهينن جا مهينا مون وٽ اچي رهندا هئا. منهنجي ماءُ ۽ گوپي سدائين سندن آجياڻو ڪنديون هيون. ظفر ڪاظمي بوتل جو دلداح هو ۽ منهنجي گهر رات دير تائين گلاس مٿان گلاس چاڙهيندي، هن لاليءَ کان ورتل ڊرائنگ پيپر تي، ٺڏي تي امر جليل جو بيحد دلڪش اسڪيچ تيار ڪري ورتو. جليل جو اهو اسڪيچ مون سانڍي رکيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ئي سال ڏياريءَ جي ڏينهن خيرالنساءِ جعفري (گُڏي) پنهنجيءَ والده شيرين ۽ ٽن سالن جي ڌيءَ صائمہ سان گڏ دهليءَ آئي. هو هڪ هندو ڌرمشالا ۾ هندو نالي سان اچي رهيون. هن مون کي اتان فون ڪري پنهنجو ڪو هنداڻو نالو ٻڌائي اچڻ لاءِ چيو چيومانس: ”مان تہ ڪنهن اهڙي نالي واري ڇوڪريءَ کي نہ سڃاڻان.“ چيائين: ”ايندين تہ سڃاڻپ ٿي ويندي“ هن احمد آباد جي گنگا رام سمرات جو حوالو ڏنو مان هن وٽ فتحپوري ڌرمشالا ۾ پهچي ويس ۽ تنهي کي پنهنجي گهر وٺي آيس.

ٻئي ڏينهن ڏياري هئي ۽ خيروءَ کي ڏياريءَ جي لڪشمي پوڄا ڏسڻ جو شوق هو. خيروءَ جي ٽن سالن جي ڌيءَ صائمہ غسلخاني ۾ بہ هن جي ڪڇ نہ ڇڏيندي هئي، پر پوڄا وقت صائمہ ماٺ ڪري، منهنجيءَ ماءُ جي گود ۾ ويٺي رهي ۽ حيرت وچان ڏيئا، ڌوپ، لوبان ۽ اگربتين وچ ۾ آرتي ٿيندي ڏسندي رهي. ٽن ڏينهن خيرو چين سموڪر هئي. پوڄا جي رسم پوري ٿيندي ئي هن بالڪنيءَ ۾ اچي بہ سگريٽ دکايا ۽ هڪ مون کي ڏيندي چيائين: ”مون کي هردوار ضرور هلڻو آهي. وٺي هل“ چيومانس: ”خيرو بنا ويزا توکي هردوار ڪيئن وٺي هلان؟“ ڏياريءَ جي ٽن موڪلن ڪري گوپيءَ جي آفيس بہ بند هئي. گوپيءَ چيس: ”اچي ساڙهي پائي سويل صبوح جو وڃي سانجهن تائين آرتي ڏسي موٽي اچجو. هردوار هتان ڇئن ڪلاڪن جو سفر آهي، رات تائين موٽي سگهندءِ.

گنگا ڪناري وسيل هردوار هڪ اهڙو رمڻيڪ تيرٿ آستان آهي، جتي وڃي موٽڻ تي من نہ ڪندو آهي. اردوءَ جو مشهور اُديب محمد خالد اختر هندڪو نالو رکائي، سڄو مهينو هردوار جي هڪ ڌرمشالا ۾ وڃي رهيو هو ۽ هردوار جي خوبصورتي ۽ پاڪيزگيءَ تي لکيل هن جو منظرنامو هڪ ادبي شاهڪار آهي.

خيروءَ جي بہ ساڳئي ڏينهن واپس ورڻ تي دل نہ وري ۽ اسين گنگا ڪناري وسيل 'ياتيہ يون' محلات نما آستان تي رهي پياسين. دهليءَ موٽندي بس ۾ ڏاڍي پيهہ هئي. عورتن لاءِ محفوظ ٿيل نشست تي هڪ گوجر بالم ٻڌجي ويهي، هٿ وارو حقو پي رهيو هو. خيروءَ جي ڪڇ ۾ صائمہ هئي. اهو ڏسي بہ گوجر کي ڪو شرم نہ آيو. هو مزي سان حقي مان ٻُڙ ٻُڙ ڪندو، دريءَ ٻاهران دونهون اڇلي رهيو هو. خيروءَ چيس: ”زناني سيٽ خالي ڪر، هو پوءِ بہ نہ اٿيو. ٻيو ٻيرو، ٽيون پيرو ڪنڌ ڪان جهلي اٿاريائينس، گوجر خيروءَ جي ٻانهن کي جهٽڪو ڏنو ۽ خيروءَ پريندي ئي (هردوار مان ورتل) چوڙين سان ڀريل ساڄي هٿ وارو ٺونشو ٺڪاءُ ڪرايس. گوجر جي وات مان رت وهڻ لڳو ۽ خيروءَ جو هٿ بہ ضربجي پيو. مون کي خوف رڳو اهو هو تہ هنن کي بنا ويزا جي وٺي آيو آهيان، پوليس ڪيس ٿي پيو تہ ڦڃي ۾ اچي ويندا سين. پر رهجي آئي جو ڪنڊيڪٽر ۽ ڊرائيور اچي گوجر مٿان ملامتون وجهي، هن کي پنهنجي پاسي ۾ ڪٽي وڃي ويهاريو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان جڏهن جڏهن به سنڌ ويو آهيان، ته منهنجي قربدار دوستن مون کي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. سجاٽپ ٽيڻ تي سائين سليم ميمڻ، ته مون کي ٻئي ڪنهن هنڌ رهڻ ئي نه ڏيندو آهي. منهنجي سنڌ ۾ اٺ ڏهه ڀيرا رهائش دوران ڪڏهن ڪو مسئلو نه ٿيو آهي. رڳو پهريون ڀيرو سال اسيءَ ۾، جڏهن ضياءُ الحق جهڙي آمر جي تاناشاهي حڪومت هئي، ته واپسيءَ واري ڏينهن ڏاڍي ڏچي ۾ اچي ويو هئس. ان واردات جو تفصيلي احوال پنهنجي سنڌ جي پهرئين سفر دوارن آزمودن وارن ايندڙ پنن ۾ لکندس، پر اهو منهنجو ذاتي تجربو آهي، ته سنڌ جا سرڪاري، نيم سرڪاري يا پوليس ادارا انڊيا جي ادارن بنسبت وڌيڪ ادار دل آهن ۽ اجائي پڪڙ پڇاڙ نه ڪندا آهن. سنڌ مان ايندڙ دوستن ۾ پنهنجن کان سواءِ ڪڏهن ڪي ڪوتا ماڻهو به اچي وارد ٿيندا آهن ۽ انهن دوستن جا حوالا ۽ پار پتا ڪٺي ايندا آهن. جن جي نالي تان ئي ٻلهار وڃبو آهي، پر پوءِ خبر پوندي آهي، ته اهي ڪيترا ڪوڙا ڪُساڪي آهن. حبيب الله ناريجي جي باري ۾ اڳ ۾ ئي لکي آيو آهيان. هڪ اڌ رات ڏاري هڪ ٻُٽ ٻڏل، سينئرن واري پيانڪ ماڻهوءَ اچي در تي گهنٽي هنئي. چيائين: ”مون کي (منهنجي هڪ دل گهرئي دوست جو نالو) موڪليو آهي. مان تحريڪ ۾ به قتل ڪري آيو آهيان. مون کي هتان بئنگلور وڃڻو آهي، به ڏينهن هتي رهندس. مان هڪ پڪو قوم پرست آهيان وغيره.“ اڌ رات جو گوپي ۽ پار اهڙي خوفائتي اجنبيءَ کي ڏسي هراسجي ويا. گوپيءَ چيو: ”هڪدم ٻاهر اماڻيس.“ چيومانس، سياري جي هن اڌ رات جو ڪيڏانهن موڪليانس ۽ وري (سچو الائي ڪوڙو) نالو به اهڙي دوست جو ورتو اٿائين، جنهن جي اڳيان ’سر تسليم خم‘ آهي. رات رهائي صبوح جو اماڻي ڇڏينديومانس. مون هن کي هال ۾ ويهاري چانهه پياري ۽ پاسي واري ڪمري ۾ سمهاري ٻاهران در تي تالو هڻي ڇڏيو. صبوح جو هن کي نيرڻ ڪارائي، ٻاهر اچي آٽو رڪشا ۾ ويهاري، پنج سوَ روپيا کيسي ۾ وجهي، نئين دهلي اسٽيشن تي اماڻي ڇڏيو. هو ڪيڏانهن هليو ويو خبر خدا کي. پنيان هڪ پراڻي رِلي ڇڏي ويو جيڪا گوپيءَ ڪنهن نوڪرياڻيءَ کي ڏيئي ڇڏي.

گوپيءَ مون کي رهڙ ڪڍندي چيو ڇاڻين ٿو ته مان هڪ اهم سرڪاري عهدي تي آهيان. آئينده احتياط رک ۽ اهڙن مشڪوڪ ماڻهن کي گهر گهرائڻ کان پاسو ڪر. ٻئي ڏينهن هتي ساپرو هائوس ۾ عابده پروين جي پروگرام ۾ مسرور جوڻيجو کي رات وارو احوال ڏنم، ته چيائين، ته اهڙن دهشتگردن کي گهر ۾ گهرڻ نه ڏي. مسرور جوڻيجو تن ڏينهن هتي پاڪ سفارتخاني ۾ ڪنهن سينئر عهدي تي هو. اسان جو هڪ ٻئي وٽ اڪثر اچڻ وڃڻ هو. هن مون کي پنهنجي شاديءَ ۾ حيدرآباد هلڻ لاءِ چڱو زور ڀريو پر مان ڪنهن مشغوليءَ ڪري وڃي نه سگهيس. هن جي شاديءَ بعد هتي مون پنهنجي گهر هن جي ۽ سندس ڊاڪٽرياڻي بيگم کي مانيءَ تي گهرايو هو. مون کي ياد آهي، ته جڏهن سائين جي ايم سيد هتي آيو هو، ته ڪن سياسي پابندين سبب هن سان ملي نه سگهڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري مسرور جوڻيجي جي اکين ۾ ڳوڙها اٽڪي پيا هئا. اڄڪلهه يقيناً مسرور جوڻيجو ڪنهن ملڪ ۾ سفير جي عهدي تي هوندو.

لکندي لکندي ڪيئي وارداتون ياد اچي رهيون آهن. ’سروائيڪل اسپانڊلائيٽس‘ (گردن ۽ ڪرنگهي جي تڪليف) ڪري ڳچيءَ ۾ ڪتي وارو پٽو ٻڌي، ڪنڌ مٿي ڪري، جيئن تيئن هي سٽون رهڙي رهيو آهيان. وڌندڙ عمر جا عذاب اڪثر انسانن کي ڀوڳڻا پون ٿا. ڪن کي اڳي ڪن کي پوءِ، پر دل کي اها تسلي آهي، ته هي اڪيلايون مون اڪيلي سان ناهن. ٻين جون پيڙائون ڏسي پنهنجا ڏک هلڪا ٿا لڳن. اهو سوچي ڪجهه هيانءُ به هلڪو ٿو ٿئي. پر پنهنجين اکين آڏو ٿيل وحشي وارداتون هيبت کان ڏيل ڏڪائي ٿيون ڇڏين.

ڪجهه سال اڳ سنڌ جو هڪ غريبڙو ماستر. منهنجي گهر منهنجن ٻن پيارن دوستن حميد سنڌي ۽ تنوير عباسيءَ جا خط کڻي آيو. حميد سنڌيءَ خط سان گڏ پنهنجا ڪجهه ڪتاب به موڪليا هئا. ماستر صاحب منهنجي گهر ويجهو مهروليءَ ۾ ڪن مائٽن وٽ اچي رهيو هو جيڪي سنڌ مان ويجهڙائيءَ ۾ لڏي آيا هئا. ماستر صاحب جو چوڻ هو، ته حميد ۽ تنوير هن جا شاگرد ٿي رهيا آهن ۽ هن کي پيرين پئي ملندا آهن. ماستر صاحب اڪثر مون وٽ گهر ۾ ايندو ويندو رهندو هو. مان به ساڻس عزت ۽ پنهنجائپ سان پيش ايندو هئس. هڪ ڏينهن هو پنهنجي هڪ قدآور نوجوان مائٽ کي مون وٽ وٺي آيو ۽ چيائين، ته مان خيرپور واپس وڃي رهيو آهيان، هن کي هاڻي هتي ئي رهڻو آهي. ڪيس ڪنهن روزگار سان لڳائڻ ۾ هن جي مدد ڪجِ.

ماستر صاحب ته سنڌ موٽي ويو پر هڪ ڏينهن منجهند ڌاري اهو ڇوڪرو هڪ ڀھراڙيءَ جي سوسيءَ جي سلوار ۽ پرت پريل چولو پاتل جوان ۽ حسين ڇوڪريءَ کي منهنجي گهر وٺي آيو. جنهن جي هنج ۾ ڪجهه مهينن جو کير پيئاڪ ٻار هو. گوپي آفيس هئي ۽ ٻار اسڪولن ۾. مون کين اندر اچي ويهاريو. جوان (هن کي رانجهن ڪري ٿو ڪوٺيان) چوڻ لڳو: ”مان هن کي ڳوٺ مان ڀڄائي وٺي آيو آهيان. جيسين هن جي رهڻ جو ڪو انتظام ڪريان، هن کي پنهنجي گهر ۾ پناهه ڏيو“ مون ڇوڪريءَ کان نالو پڇيو. هن هٻڪي هٻڪي هندڪو نالو ’سنگيتا‘ ٻڌايو. پر هن کي صحيح نالو اچارڻ ئي نٿي آيو. چيومانس: ’تنهنجي پوشاڪ ۽ ڳالهائڻ جي لهجي مان تون ان نالي واري نٿي لڳين. سڀ صحيح ٻڌاءِ، ته تو لاءِ جيڪي ڪري سگهيس ڪندس“ ۽ هن سڄي حقيقت بيان ڪئي:

ٻاگهل- ڳوٺ جي وڏيري جي وهاريل هئي. وڏيرو عمر چڙهيل هو. ڳوٺ جو هي جوان هن کي ريهي ريبي لاهور گهمائڻ جو دلبو ڏيئي، جعلي پاسپورٽ ۽ ويزا تي لاهور کان ٽرين ۾ دهليءَ وٺي آيو. ٻار ڪنهن جو هو اها ڪيس به خبر نه هئي (يا هن ٻڌائڻ کان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتايو پئي.) مون ٻاگهل کي پنهنجي گهر ۾ رهائڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ کين ڪجهه رقم ڏيئي روانو ڪري ڇڏيو.

مهيني کن اندر ڳوٺ جي وڏيري جي موڪليل ڪن شاهينگن هتي پهچي پنهنجي ڪاٽين اندر ٻاگهل کي ڪهاڙين سان ڳترا ڳترا ڪري ڇڏيو. هو هتي ڪيئن پهتا، وٽن ڪهاڙيون ڪٿان آيون؟ مون کي ڄاڻ ناهي. ان بعد نه ڪڏهن ماستر صاحب مون وٽ آيو ۽ نه هن جو اهو اغوا ڪندڙ مائٽ. معصوم ٻار جو الائي ڇا ٿيو؟

ڪاري ڪري مارڻ وارا ڪٿي به پهچي ويندا آهن.

## سنهون پنو

هندوستاني فلمن جي بوسي بازيءَ جي بادشاهہ عمران هاشميءَ جو چوڻ آهي، تہ ”فلمن ۾ بوسي بازيءَ وارن منظرن جون ويهہ ويهہ پيرا ريهرسلون ۽ ري ٽيڪ ڪندي ڪندي منهنجا چپ ڦٽي پيا آهن.“ عمران جي عمر ۾ منهنجا بہ چپ ايئن ڦٽل ۽ ڦاٽل رهندا هئا، جيڪي سگريٽ نوشيءَ ڪري ڪارا ڪٽ ٿيندا رهندا هئا. چپن تي مهنڻ واري ڪريم ڪم نہ ڪندي هئي، تہ ماين وارو مُساڳ رڳڙيندو هئس، جيڪو چپن جي ڪاراڻ کي پيلو ڪري ڇڏيندو هو. فرق اهو هو تہ عمران هاشميءَ واري بوسي بازي محض اداڪاري آهي، جنهن لاءِ هن کي معقول معاوضو ملندو آهي ۽ مون کي ان لاءِ معاوضو ادا ڪرڻو پوندو هو. شب عروسيءَ وقت بہ منهنجن چپن جون کلون لهي رهيون هيون، باقي سڄي جسم ۾ تازگي ۽ توانائي هئي.

مان اڳ ۾ لکي آيو آهيان، تہ پنهنجي شاديءَ کان سال کن اڳ ۾ مان پنهنجي ئي ياٽيہ برادريءَ جي بڙودا جي هڪ خوبصورت، سباجهي ۽ گهرو قسم جي ڇوڪريءَ سان منهنجي ماءُ جو زبردستيءَ ڪرايل مڱڻو ٽوڙي چڪو هئس، جو منهنجي من ۾ ڪا بہ مورت وسي رهي هئي. ان بعد منهنجيءَ ماءُ مون کي الائي ڪيتريون ڏسڻ پسڻ جهڙيون پڙهيل ڳڙهيل ياٽيہ خاندان جون ڇوڪريون ڏيکاريون، جن مان ڪيتريون پڙهيل ڪان ڳڙهيل وڏيڪ هيون ۽ ملاقات دوران منهنجو پگهر وهائي ڇڏينديون هيون ۽ مان ناڪار جا نوان نوان بهانا ڳولهي ڪڍندو هئس. ڪيترين سمجهو ڇوڪرين، تہ پهرينءَ نظر ۾ ئي مون کي خارج (رجيڪٽ) ڪري ڇڏيو هو. منهنجي عمر ستاويهہ سال ٿي ويئي هئي ۽ مائٽن جو پهريون اولاد هئڻ ڪري، منهنجي ماءُ مون کي پرڻائڻ ۽ ننهن ۽ پوٽا ڏسڻ لاءِ ڏاڍي آسائتي هئي.

رٽائر ٿيڻ بعد منهنجو پيءُ گهر کان تہ ڇا پنهنجي ڪمري کان بہ ٻاهر نہ نڪرندو هو. سڄي اخبار پڙهڻ ڪانپوءِ شايع ٿيل اشتهاري ’ٽينڊر نوٽيس‘ پڙهڻ لڳندو هو. اخبار جي اختلافي خبرن تي ڳاڙهيءَ پين سان نشان لڳائي حاشين ۾ پنهنجا ڪمينٽس لکندو هو. شام ٽائين ’هندوستان ٽائيمس‘ اڌ ڳاڙهي ٿي چڪي هوندي هئي. (دادا وٽ دنيا جي بهترين ۽ مهانگين انڊپينن ۽ مس ڪپڙين جو وڏو ذخيرو هوندو هو جيڪو هو مون کي ورثي ۾ ڏيئي ويو.)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخبار پوري ڪرڻ ڪانپوءِ به جڏهن دادا وٽ ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه هوندو هو ته هو منهنجي ماءُ کي سڏ ڪندو هو جيڪا رڌڻي ۾ رڌپچاءُ ۾ رڌل هوندي هئي يا رڌڻ واري مائيءَ کي هدايتون ڏيندي هئي. پنهنجي پينشن بردار پتيءَ جي ڪمري ۾ گهڙندي ئي پاڻ ساڙهيءَ جي پلو سان پگهر اگهندي پڇندس: ”ڇا گهرجيوَ؟“

”گهرجي ڪجهه ڪونه. سامهون ڪرسيءَ تي ويهه. تمام اهم خبر آهي. ڏيان سان ٻڌ. پاڪستان ۾ جنرل ايوب خان مارشل لا لڳائي آهي. ڪيترا ليڊر گرفتار ٿيا آهن. شايد منهنجو دوست قاضي فيض احمد به گرفتار ٿيو هجي.“

”اها مارشل لا وري ڇا هي؟“ منهنجي ماءُ پڇندي.

”پهرين مانٽ ڪري ٻڌندي وڃ.“ دادا ڪاوڙ ۾ چوندس ”اڱتي ٻڌ.“

”اٿوپيا جي بادشاهه هيل سلاسيءَ يو اين او کي ڌمڪي ڏني آهي ته آمريڪي فوجن کي اسان جي ملڪ مان ڪڍيو وڃي، نه ته اسين يو اين او جي ميمبري ڇڏي ڏينداسين.“

”اها اٿوپيا وري ڪير آهي.“ پاپي منهن گهنجائي پڇندس.

”صفا ڪا جاهل آهين - اٿوپيا ڪو ماڻهو نه. پر ملڪ آهي، جتي آمريڪي فوجن اچي پنهنجو ديرو ڄمايو آهي، توکي اها به خبر ناهي.“

۽ منهنجي ماءُ خار ڪائيندي اُٿندي چوندي ويندي، ڪڏ ۾ پوي مارشل لا ۽ کوهه ۾ پوي توهان جي اٿوپيا. منهنجي ته تيوڻ کي ئي ترو لڳي ويو هوندو.

دادا اخبار جي هڪ هڪ آرٽيڪل ۽ ايڊيٽوريل صفحي جو اکر اکر پڙهندو هو. ويندي جنسياتي معلومات جي ماهر (Sex Specialist) ڊاڪٽر پرڪاش ڪوٺاريءَ جو هفتيوار ڪالم به دلچسپيءَ سان پڙهندو هو. هو رومانوي طبيعت وارو سونهن جو شائق شخص هو.

هڪ شام منهنجي پيءُ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏايو هو مون کي ورلي ئي پاڻ وٽ سڏائيندو هو ۽ جڏهن به سڏائيندو هو ته مان تيسين بينو رهندو هئس. جيسين هو مون کي ويهڻ لاءِ نه چوندو. حالانڪ هو مون کي پاڻ سان گڏ ويهاري وسڪي يا ووڊڪا پياريندو هو. مون جيان منهنجو پيءُ به ڪاڏو سادو ۽ شراب اُڃو پيئندو هو.

ان شام منهنجي پيءُ مون کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏائي، سامهون ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چئي، مون کي سڌو سوال ڪيو:

”تون شاديءَ کان هر ڀيري انڪار ڇو ٿو ڪرين؟“ تو مون کي ٻڌائڻ کان سواءِ ئي پاڻ هر تڙائي ڪري منهنجي دوست جي ڌيءَ جو مڱڻو ٽوڙي، مون کي سڄي پاتيه برادريءَ ۾ ڏنو ڪيو آهي، ان کان پوءِ به ٻڙن کن ڇوڪريون ڏسي ڇڪو آهين. تون ستاويهن سالن جو منهنجو مربي پٽ آهين، تنهنجيون به ڀينر ۽ به ڀائر به هاڻي شاديءَ لائق اچي ٿيا آهن. توکان پوءِ ئي هنن لاءِ به رستو کلندو. مان پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي سيني ذميدارين کان آجو ٿيڻ ٿو چاهيان. وغيره.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي خاموش طبيعت پيءُ جو اهو اپديش مان خاموشيءَ سان ڪنڌ جهڪائي ٻڌندو رهيس. اوچتو دادا هڪ چرڪائيندڙ سوال پڇيو:

”تنهنجو ڪو جسماني يا جنسياتي مسئلو ته نه آهي؟“

پنهنجي پيءُ وٽان اهڙو سڌو غيرمتوقع سوال ٻڌي، شرمساريءَ کان منهنجو منهن پاٽي پاٽي ٿي ويو. دادا مٿان ٻيو ڌڪ هنيو:

”ڪڏهن ڪنهن عورت سان صحبت ڪئي اٿيئي؟ اهڙو ڪو تجربو اٿيئي؟“

مان پنهنجي پيءُ سان نه ڪوڙ ڳالهائي پئي سگهيس ۽ نه سچ. مون کي پنهنجي پيءُ سامهون وينئي سچ ۽ ڪوڙ وچ ۾ وار جيتري وٿي محسوس ٿي رهي هئي.

ڪجهه دير جي خاموشيءَ بعد دادا پنهنجي پلنگ جي پرواري خاني مان سولن نمبر ون (Solan No 1) جي بوتل ڪڍي، مون کي ٻه گلاس ۽ برف آڻڻ لاءِ چيو. ڪجهه راحت جي احساس سان مون ٻاهر اچي پنهنجو پگهريل منهن ڌوتو ۽ ڪجهه دير ساهي پٽي گلاس ۽ ٻيو سامان کڻي دادا جي ڪمري ۾ ويس. مون پنهنجي پيءُ لاءِ پٽيالا پيگ ۽ پنهنجي لاءِ ننڍو پيگ ٺاهيو ۽ پيءُ پٽ هڪ ٻئي سامهون خاموش ويٺا رهياسين.

ٻن پيگن کان پوءِ منهنجي پيءُ مون کي هيانءَ ۾ سياڻو وجهندڙ اهڙي ڳالهه چئي، جيڪا مان سمجهان ٿو ته ڪنهن پيءُ پنهنجي جوان پٽ کي نه چئي هوندي

”پٽ، جي تون اجا تائين نئون نڪورو آهين، ته ڪنهن آبرودار عورت سان صحتمند صحبت ڪر. اهڙي صحبت نه رڳو تنهنجي جنسي تربيت جو اهم حصو هوندي پر توکي پاڻ ۾ ’سيلف ڪانفيڊنس‘ (خود اعتمادي) پڻ پيدا ٿي ويندي ها. ايترو خيال اوس رکجانءِ، ته پنهنجي پاڙي ۾، ۽ پنهنجيءَ آفيس ۾ ڪنهن ڏانهن ميريءَ اک سان نه ڏسجانءِ. باقي سڄي دنيا پيئي اٿيئي.“

شرمساريءَ وچان مان اڌ بچيل گلاس ڇڏي ٻاهر نڪري آيس ۽ عرصي تائين پنهنجي پيءُ جي سامهون اچڻ کان لنوائيندو رهيس. مان پنهنجي ماءُ پيءُ کي پنهنجي من جو ڀيد ٻه ڏينهن نٿي سگهيس ۽ نه ئي ڪين پنهنجي فيصلي بابت کليءَ ريت ٻڌائي ٿي سگهيس، جو مون مٿان گوپيءَ جي والد صاحب جو شرط لاڳو ٿيل هو ته جيسين سندن مرشد سائين نور حسين شاهه مون کي روبرو ڏسي منظوري نه ڏيندا، تيسين سندن عامل مريد ماٺيءَ لاءِ نه مڃيندا. اهڙي اجازت نه فون تي وٺي پئي سگهجي ۽ نه ئي خط پٽ رستي. ان وقت تائين نور سائين ملڪ ۾ لڳل مارشل لا کان لنوائڻ لاءِ برطانوي شهريت وٺي چڪا هئا ۽ سال جا اڪثر مهينا لنڊن ۾ ئي رهندا هئا. سائين گهٽو ٽٽو لنڊن مان ئي انڊيا ايندا هئا.

ان دوران مون سان هڪ عجيب طبي مسئلو ٿي پيو. روز صبوح جو سويل اٿڻ کان اڳ منهنجي ڪرنگهي ۾ سخت سور پوڻ شروع ٿي ويندو هو. سور ايترو ته وڌندو ويندو هو جو برداشت کان ٻاهر ٿي ويندو هو. پلنگ تي پيڙا کان پاسا ورائيندو رهندو هئس، پر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سور گھٽجڻ بجاءِ تھائين وڌندو ويندو ھو. پر وارن بسترن تي سمھيل پنھنجن پائرن ھاسي ۾ ڏني کي دانھون ڪري اٿاريندو ھئس. ھو ٻيئي اڪيون مھٽيندا، مون کي پنھنجين ٻانھن جو سھارو ڏيئي آھستي آھستي اٿاريندا ھئا ۽ پٽ تي منھنجا پير ٽڪائي، وک وک ڪڍائي، پنڌ ڪرائيندا، غسلخاني تائين وٺي ھلندا ھئا. ڪجھ وکون ڪڍڻ سان آھستي آھستي سور گھٽجندو ويندو ھو ۽ اڌ ڪلاڪ اندر سور ايئن لھي ويندو ھو جڻ ڪڏھن پيو ئي نہ ھو. اھا حالت مون سان ھر صبوح جو ٿيندي ھئي. قسمين قسمين جا تيل، ڪريمون، ٽاڪورون، مڪون، ملمون ۽ مالشيون بہ جڏھن لاعلاج ٿي ويون، تڏھن مان ڪنھن وڏي ماڻھوءَ جي سفارش وٺي، صفدر جنگ اسپتال جي نامياري ڊاڪٽر ڏورا سواميءَ وٽ علاج لاءِ ھليو ويس.

ڊاڪٽر ڏورا سواميءَ مون کي ھيٺ مٿي ڪري، منھنجي جسم جي مڪمل چڪاس ڪري، ڪرنگھي وغيره جي ايڪس ري ڪرائي، مون کي چيو تہ تنھنجيءَ ھن بيماريءَ جو مون وٽ سواءِ (Painkillers) جي عارضي علاج جي ٻيو ڪو علاج ڪونھي.

چيومانس: "ڊاڪٽر صاحب تہ ڇا سڄي عمر مون کي اھي 'پين ڪلرس' وٺڻا پوندا."

چيائين: "نہ- شادي ڪرڻ ڪانپوءِ اھو سور پنھنجو پاڻيھي ختم ٿي ويندءِ."

مون حيرت مان ڊاڪٽر ڏانھن نھاريندي پڇيو: "ڊاڪٽر سوامي، پٺيءَ جي سور جو منھنجي شاديءَ سان ڪھڙو واسطو؟"

چيائين: "سڌو واسطو آھي، يا تون جلد ئي شادي ڪر يا ٻيو ڪتي پاڻ کي 'رليز' (اخراج) ڪرڻ جو انتظام ڪر."

منھنجي لاءِ ھينئر خارجيءَ بدران داخلي زندگي شروع ٿي چڪي ھئي، جو مان زندگيءَ ۾ گھڻو ئي خارج ٿي چڪو ھئس. داخلي سطح تي گوپيءَ جي دوريءَ منھنجي زندگيءَ ۾ سنوت ۽ انتظام آڻي ڇڏيو ھو. مون فيصلو ڪري ڇڏيو تہ منھنجي ازدواجي زندگيءَ جو ھمسفر ڪو ھوندو تہ اھا گوپي ئي ھوندي يا ڪوبہ نہ ھوندو پر فيصلو نہ منھنجي ھٿ ۾ ھو، نہ گوپيءَ جي وس ۾. منھنجي ايندڙ خوش ۽ خوشحال زندگيءَ جي واڳ ٺنڊي جھانيان جي سجاده نشين سائين نور حسين شاھہ جي ھٿ ۾ ھئي.

مون کي ھندوستان جي مڃيل ماھر ڊاڪٽر ڏورا سواميءَ جي منھنجي ڪرنگھي جي تڪليف جي تشخيص ٻڌي بيحد حيرت ٿي. ھن جي معائني موجب منھنجي جسم ۾ روزمره جي غذا مان ٺھندڙ ۽ وھندڙ نفظ جو مقدار عام مردن کان لڳ ڀڳ ويھہ سيڪڙو وڌيڪ آھي، جيڪو منھنجي (Lumbosacral) 'پٺيءَ جي ھڏي جو ھيٺيون حصو' ۾ اچي ڄمي ٿو ۽ ٻيھي ۾ سور ٿو پيدا ڪري. ڪجھ پنڌ ڪرڻ سان اھو ھيٺ لھندو ٿو وڃي، ان جو علاج اھو ئي آھي، جيڪو مون توکي ٻڌايو آھي. جيتري دير ڪندين اوترو وڌيڪ ڀوڳيندين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڪڏهن اهڙي جناتي بيماريءَ جو نالو نہ ٻڌو هو جنهن جو علاج اهڙو پُرلطف هجي. ڊاڪٽر وٽ مون سان گڏ منهنجو پيارو دوست هيم راج بہ هليو هو. ٻاهر اچي، هن مون سان ڀوڳ ڪندي چيو: "اڄ ٿي ڪنهن ڳاڙهيءَ ٻتيءَ واري وٽ وڃ." مان سور تہ سهندو رهيس، پر نہ ڪڏهن ڳاڙهيءَ ٻتيءَ ويجهو ويس ۽ تہ ٿي پنهنجن هٿن جون نصيب واريون لڪيرون ڊاٺم.

جڏهن ڪنهن سان پيار ٿي ويندو آهي، تہ گڏوگڏ وهم ۽ گمان بہ ويڙهي ويندا آهن. منهنجي من ۾ بہ اهڙن گمانن ۽ غيريقينيءَ جو احساس ڏينهون ڏينهن گهرو ٿيندو ويو. مان گوپيءَ کي هن جي آفيس جي ائڊريس تي هر روز هڪ محبت نامو (خط) موڪليندو هئس، جيڪو خاص طويل هوندو هو جنهن لاءِ مان ڪيترين ئي رنگين اُچيون پئڊون ۽ پينون خريد ڪندو هئس. موٽ ۾ هوءَ مون کي منهنجن ٽن چئن خطن جي جواب ۾ هڪ صفحي جو مختصر احوال ڏيندي هئي، جنهن ۾ "تون خوش- مان خوش." کان سواءِ هدايتون هونديون هيون، تہ سگريٽ گهٽا نہ پيئجانءِ، ترپل شين کان پرهيز ڪجانءِ، پنهنجيءَ صحت جو خيال رکجانءِ وغيره. ۽ مان اهو سوچي دل کي تسلي ڏيندو هئس، تہ پلي پيار محبت جي ڪا سٽ نہ هجي، پر انهن هدايتن پويان بہ پيار جو جذبو لڪل آهي.

ان دوران مون گوپيءَ کي سوَ کن خط لکيا هوندا. جيڪي هن هڪ بخمل جي بڪسي ۾ سنڀالي رکيا ۽ موٽ ۾ هن مون کي، جيڪي ويهارو کن سپاٽ قسم جا خط لکيا، اهي مون ساهہ سان سانڍي رکيا. شاديءَ بعد هن منهنجا سڀ خط مون کي با امانت موٽائي ڏنا. جيڪي مون وٽ اڃا تائين محفوظ آهن ۽ بقول اختر شيراني: "*آج تک تیری خطوں سے تیری خوشبو نہ گئی*" مان اڃا بہ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن انهن 'پريم پترن' کي پڙهندو آهيان، تہ پاڻ تي حيرت ٿيندي آهي، تہ ڇا سچ پچ مون ئي ڪڏهن اهڙا رومانوي خط لکيا هئا؟ اڄ بہ انهن خطن جو پنو پنو منهنجيءَ دل ۽ ذهن تي پکڙيل آهي. ڪڏهن ڪڏهن من ڪندو آهي، تہ انهن سوَ سوا خطن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايان پر انهن جي نوعيت خالص ذاتي هئڻ ڪري، پاڻ تي ضبط رکي رهيو آهيان. بهرحال، ذاتي هئڻ سان گڏوگڏ انهن خطن جي ادبي اهميت بہ ايتري آهي، جو ادب ۾ بہ جوڳي جاءِ والاري سگهن ٿا. ايئن جيئن اردو ادب ۾ صفيہ اختر جا پنهنجي شاعر خاوند جان نثار اختر ڏانهن لکيل 'زير لب' عنوان سان شايع ٿيل خط اردو ادب ۾ شاهڪار ڪري مڃيا ويا آهن.

مون پنهنجي ادبي زندگيءَ ۾ هند- سنڌ جي ڪيترن اديب دوستن، خاص طور ويجهي دوست هريش واسواڻيءَ کي سوين ادبي خط لکيا آهن. جن مان منهنجا بہ خط شيخ اياز پنهنجيءَ آتم ڪٿا 'ڪٿي نہ پيجبو ٽڪ مسافر' ۾ شايع ڪيا آهن ۽ ڪجهہ منهنجي پريتوان نصير مرزا، 'امرتا' ۾ شايع ڪيا آهن. منهنجا اهي سڀ خط جيڪڏهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابي صورت ۾ شايع ٿين، ته جيڪر هڪ اهم ادبي سرمايو ثابت ٿين. پر مون کي افسوس آهي، جو مون انهن خطن جو ڪو رڪارڊ نه رکيو آهي. اڄڪلهه موبائيلن اسان کان اسان جو اهو ادبي خزانو کسي ورتو آهي ۽ ادب جي اها صنف پوين پساهن تي آهي. ٻيو ته ٻيو هاڻي اديب ته ڇا، برده فروش به دانهون ڪري رهيا آهن، ته انهن موبائيلن اسان جا ڏنڊا ئي ڏوڙ ڪري ڇڏيا آهن، جو گراهڪ سڌو ماڻين سان موبائيلن تي ئي ٽا معاملا سيٽ ڪن.

هڪ ڏينهن ٽپالي منهنجي پرپٽ گهر منهنجيءَ ماءُ کي ٽيليگرام ڏيئي ويو. ٻاپي تار ڏسي گهٻرائجي ويئي ۽ دادا کي اچي ڏنائين. تار گوپيءَ جي والد ديوان جڳتياڻيءَ وٽان آئي هئي، جنهن ۾ لکيل هو: ”نور سائين بمبئيءَ آيل آهن. تون هڪدم پهچي وڃ.“ ان تار جو مضمون منهنجو پيءُ به سمجهي نه سگهيو. رات جو گهر اچڻ تي تار مون کي ڏيندي پڇيائين: ”هيءَ ٽيليگرام ڪنهن موڪلي آهي ۽ هي نور سائين ڪير آهي؟“ چيومانس: ”دادا نور سائين اسان جو مرشد ڪامل آهي ۽ اسان جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ وارو آهي.“

دادا پڇيو: ”اسان ڪير؟“ چيومانس: ”اهو بمبئيءَ کان موٽي اچي ٻڌائيندوسانوَ. مان سڀاڻي ئي ٻن ٽن ڏينهن لاءِ بمبئي وڃي رهيو آهيان.“ ايترو چئي مان ٻاهر نڪري آيس ۽ منهنجو پيءُ ماءُ مون کي حيرانيءَ مان ڏسندا رهيا.

مون ٻئي ڏينهن هوائي جهاز جي ٽڪيٽ بڪ ڪرائي. ٽن ڏينهن دهليءَ کان بمبئي جو ڀاڙو سوا ٽي سو روپيا هو. اهو منهنجي زندگيءَ جو پهريون هوائي سفر هو ۽ مون کي سيٽ بيلٽ (Seat Belt) به ٻڌڻ نه پئي آيو جيڪو مرڪندڙ مهانديءَ واري ايئر هوسٽس اچي ٻڌو. ٻئي ڏينهن آفيس مان پنج سو روپيا پگهار جو ائڊوانس وٺي، پنهنجي پيءُ ماءُ کي اهو چئي، ته مان بمبئيءَ درگاهه جي سجاده نشين جي سجدي ۽ من جي مراد پوري ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان. ٻن ڏينهن ۾ موٽي ايندس.

هوائي جهاز هيٺ مٿي ٿيڻ سان منهنجو هيانءُ به هيٺ مٿي ٿي رهيو هو. چوماسي جا ڏينهن هئا، هوا ۾ خُنڪي هئي، جيئن تيئن جهاز سانتاڪروز هوائي اڏي تي لٿو، ته مسافرن تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيون، مون به زور سان هٿ جي اها تاڙي وڄائي، جنهن ۾ ٻن هٿن جي گونج هئي، جو ٻيو هٿ مون سان گڏ گڏ هو.

رات جو نوين بجي ايئرپورٽ تان ٽئڪسي ڪري مان پنهنجي شاعر دوست واسديو نرمل جي گهر ڪانديوليءَ هليو آيس. رستي ۾ زبردست برسات هئي، مون کي ايئن اوچتو مينهن ۾ پسندو آيل ڏسي نرمل پهرين ته حيران ٿيو پر جلد ئي مون کي هٿ کان جهلي گهر اندر وٺي آيو. جيسين مون ڪپڙا مٽايا، تيسين هو کاڌي لاءِ ڪجهه کڻي آيو. مون کائي بس ڪيو ته هو پنهنجن شعرن جي بندي کڻي آيو ۽ رات جو ٻارهين تائين مون کي پنهنجا تازا غزل ٻڌائيندو رهيو. هن منهنجين اوٻاسين ڏانهن ڪو ڌيان نه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو. هن جو سچو ڏيان پنهنجي شاعريءَ واريءَ بنديءَ ۾ ڪتل هو. نيٺ مون هن کي اهو چئي چپ ڪرايو تہ گهر وارن جي ننڊ ٿو ڦٽائين، حالانڪ ننڊ منهنجي پئي ڦٽايائين.
گوبند مالهي ۾ ناٽڪ ڪار مدن جماڻي بہ ڪانديوليءَ ۾ رهندا هئا. نياپو ملڻ تي صبوح جو مالهي ملڻ آيو. پڇيائين: "لسا، اوچتو ڪيئن اچڻ ٿيو اٿيئي؟" (مالهي ۾ ڪيرت مون کي سدائين لسو ڪري ڪوٺيندا هئا) چيومانس: ڪهرا ـ موٽڻ مهل ٻڌائيندوسانءِ، في الحال دعا ڪر." مالهيءَ ٻيڙيءَ جو ڊگهو سوٽو هڻندي، هٿ مٿي کنيو ۽ چيائين: "اڄ شام جو ادبي ڪلاس ۾ اچجانءِ." چيومانس: "پيارا اڄ شام مون کي پنهنجي زندگيءَ جي ڪلاس ۾ ويٺو آهي."
تن ڏينهن بمبئيءَ جي 'سنڌي ساهت منڊل' طرفان هر ڇنڇر تي پروفيسر ايم يو ملڪاڻي وٽ، جئہ هند ڪاليج جي هاسٽل ۾، ادبي ڪلاس ٿيندا هئا، جن ۾ سنڌي ساهتڪار ڇپائيءَ سان هڪ ٻئي جي رچنائن تي تنقيد جا تڪاتير اڇلائيندا هئا. مون هڪ موقعي تي ان ادبي ڪلاس ۾ ٻن ڏينگ شاعرن ليکراج عزيز ۽ سڳن آهوجا وچ ۾ جلادي جهيڙو ڏٺو هو. عزيز سان ڪوبہ پڇي نہ سگهندو هو. رڳو ايم يو ملڪاڻي صاحب ئي هن کي ماٺ ڪرائي سگهندو هو. ملڪاڻي چوندو: "ليکو هاڻي بس ڪٽي ڪر." عزيز جواب ڏيندو: "منگها، بس ڪيئن ڪريان؟ هنن جاهلن کي ڪو تہ راهہ روشن ڏيکارڻ وارو هجي، ورنہ هي جاهل جا جاهل رهجي ويندا ۽ سنڌي شاعريءَ جو ٻيڙو ٻوڙيندا، ڪجهہ مون کان پرائي وٺن، اڃا ويل ويئي ناهي."
عزيز صاحب دل جو غبار ڪيڻ لاءِ 'گل و خار' عنوان هيٺ ان وقت جي ڊڄن کن ترقي پسند شاعرن جي شاعريءَ جا حوالا ڏيئي هڪ هڪ شاعر جون بصر جيان کلون لاٿيون هيون. هن جي رايي موجب نر شاعر رڳو هو پاڻ ئي هو. باقي ڪشنچند بيوس کان وٺي موتي پرڪاش تائين سڀ ماديون شاعر هئا.
اهڙن ادبي جهيڙن جو دلچسپ احوال موهن ڪلپنا پنهنجيءَ آتم ڪٿا 'بک، عشق ادب' ۾ افسانوي عبارت ۾ ڏنو آهي. ايئن بہ موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا 'بک عشق ادب' سنڌس بهترين فڪشن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي.
مون کي هتي رڳو هڪ دلسوز واقعو بيان ڪرڻو آهي، جيڪو جڏهن مون کي پنهنجي پياري دوست ڪرشن راهيءَ ٻڌايو تہ منهنجيون اکيون ڀرجي آيون.
تن ڏينهن ادبي لڏو ڪنگلو هوندو هو ادبي ڪلاسن کان ٻاهر اچي انپورنا يا ڪنهن ايراني ريسٽارنٽ ۾ اچي چانهہ جا چار چار آنا ڦوڙي ڪبا هئا. هڪ سگريٽ مان بہ ڇٽا واري وٽيءَ سوٽا هڻندا هئا. پر پوءِ بہ ڪپڙي لٽي ۾ هرڪو سادو هئڻ جي باوجود اڇو اجرو رهندو هو.
اسان جي سنڌي نثر جو هڪ ٿنڀو لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي، جيڪو سنڌ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبر جهڙي عهدي تي هو هتي اچي مفلسيءَ جو اهڙو شڪار ٿيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو هڪ پيري ادبي ڪلاس ۾ آيو ته هن جي هفتي ڏهن ڏينهن جي اڇي ڏاڙهي وڌيل هئي. ٻاهر اچي راهيءَ هن کان ڪارڻ پڇيو ته هن گهٽيل آواز ۾ چيو ته وٽس بليڊ خريد ڪرڻ لاءِ پئسا نه هئا ۽ راهي ڊڪ پائي هڪ اسٽور تان هن کي بليڊن جو پئڪيٽ آڻي ڏنو جيڪو لالچند بيحد آنا ڪانيءَ بعد ورتو. اعليٰ بزرگ اديب لعل چند امر ڏنو مل جڳتياڻي عمر جي پوين ڏينهن ۾ هڪ عجيب سحر ۾ مبتلا ٿي ويو هو. هو ٽوٽڻ ٽيٽڻ، جادو منترن ۽ ڪنهن ڪامڻ جي منڊ ۾ منڊجي ويو هو. هو راتين جو تلڇٽ تي روحن کي گهرائي، ساڻن رهاڻيون ڪندو هو. هو هڪ برک اديب ۽ سنڌي نثر جي سونهن هو. هن سنڌي ساهتيه کي نثري نظم جي نئين صنف ڏني، هن جو ناول 'چوٽ جو چنڊ' مواد خواهه سنڌي نثر جو نادر نمونو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن گهرايل روح واپس وڃڻ کان نابري واري ويهندا آهن ۽ سڏائيندڙ جو سر ڪٽندا آهن. انهن نامراد روحن ۽ مفلسيءَ ئي سنڌيءَ جي هڪ عظيم اديب جو نيٺ سر ڪنيو.

ان ڏينهن مان گوبند مالهيءَ سان ڪانديوليءَ کان لوڪل ٽرين ۾ گڏجي نڪتس. لوڪل ٽرين جي سوا ڪلاڪ جي سفر ۾، اسين ٽرين ۾ ٻنهي هٿن سان مٿي ٽنگيل لوهي هٿڪڙيون جهلي ايئن لٽڪيل هئاسين، جيئن ڪاسائيءَ جي دوڪان تي ڪُنڌ ٻڪرا لٽڪيل هوندا آهن. مان چوني روڊ اسٽيشن تي لهي پيس ۽ مالهي اڳيئن اسٽيشن مرين لائين تي وڃي لٿو ۽ پنهنجي ايراني هوٽل ۾ هليو ويو.

ڌوٻي تلاوَ تي ميٽرو سينما ويجهو هڪ ايراني هوٽل آهي، جنهن جو مالڪ ته ڪو ايراني آهي، پر سڀ سنڌي ساهتڪار، ڪلاڪار وغيره هن هوٽل کي مالهيءَ جي هوٽل سڏيندا آهن. هر بيروزگار اديب مالهيءَ جي ان اڏي تي اچي ملندو هو ۽ پنهنجو بل ڀاڻ ڀريندو هو. هوٽل جي مالڪ جو مالهيءَ سان موهه ٿي ويو هو ۽ هو اتي جو جوڪائيءَ ۾ وينلن کي ڪجهه به نه چوندو هو. اڄ نه مالهي رهيو آهي ۽ نه ئي مالهيءَ جو اهو اڏو رهيو آهي. ملڻ وارن مان به گهڻاٽڻا موڪلائي هليا ويا آهن ۽ ايراني به شايد پنهنجي هوٽل بند ڪري راهه عدم ڏانهن روانو ٿي ويو آهي.

آگسٽ مهيني ۾ بمبئيءَ ۾ ٻن ٽن ڏينهن کان لڳاتار زبردست برسات وسي رهي هئي. چوني روڊ اسٽيشن کان گوبيءَ جي گهر تائين ايندي منهنجو سڄو وڳو پُسي پٽ ٿي ويو هو. مان هن جي گهر ويجهو گرگام جي هڪ دوڪان جي ڇت هيٺان بيٺو رهيس، منجهند جو هڪ ڏيڍ وڳو هو مينهن ته ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي چڪو هو پر قميص اڃا آلي هئي. دوڪان جي ويجهو گهٽيءَ ۾ ڪپڙا استري ڪرڻ واري هڪ ڀئياڻي اڱرن جي لوهي استريءَ سان ڪپڙا پريس ڪري رهي هئي. مون هن کي پنهنجي قميص لاهي ڏني، جيڪا هن پريس سان ٽاٽ ڪري ڏني، تيسين مان آلي گنجيءَ سان بيٺو رهيس. ٽاٽ ٿيل قميص پائي، پنهنجن پسيل گهاٽن وارن تي ڦڻو هڻي مان گوبيءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهر ٻاهران اچي بيٺس. لفٽ مٿن ماني ڪاٺڻ ويو هو. ڇهه ماڙا يڪساهيءَ چڙهي گهر جي گهنٽي وڄايم. گوپيءَ در کوليندي چيو: "ايترو جلد پهچي وئين؟" چيومانس: "هوائي جهاز ۾ آيو آهيان. دهليءَ کان بمبئيءَ تائين ڏڪندو ۽ بمبئيءَ کان تنهنجي گهر تائين پُسندو آيو آهيان."

ديوان صاحب ۽ اميءَ کي پيرن تي هٿ رکي، مان ڊرائنگ روم ۾ اڌ آلي پئنٽ سان صوفا تي ويهي رهيس. جڳتياڻيءَ برئنڊيءَ جو پيگ ٺاهي ڏيندي چيو: "مينهن ۾ آلو ٿي آيو آهين. مانيءَ کان پهرين هي پيءُ، تہ ڪجهه گرمائش اچيئي." سچ پچ منهنجي سڄي جسم ۾ گرمائش سان گڏ توانائي بہ اچي ويئي.

لنچ وقت ديوان صاحب چيو تہ نور سائين ٽن ڏينهن کان آيل آهن. اڄ سانجهن جو دادي جنيءَ جي گهر سندن درگاهہ جي مريدن سان گڏجاڻي آهي. تون ڪجهه آرام ڪري وٺ. ستين بجي سڀ گڏجي هلنداسين. ايئن چئي هو ۽ امي وڃي پنهنجي ڪمري ۾ آرامي ٿيا ۽ مان ۽ گوپي ڊرائنگ روم ۾ ويٺا رهياسين. گوپيءَ منهنجي گهر جو سڄو احوال ورتو ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ پڇيائين: "پنهنجن مائٽن سان اسان جي رشتي بابت ذڪر ڪيو اٿيئي؟" چيومانس: "جيسين تنهنجي مائٽن جو لاڳو ڪيل شرط نہ پورو ٿيندو، تيسين گهروارن سان ڪيئن ڳالهہ ڪيان؟ سائين نور حسين شاهہ ڪٿي نہ ڪري وڃهن، تہ اجايو مائٽن اڳيان ڏنو ٽيٽو پوندو. اڄ شام جو ٿي اسان جي قسمت جو فيصلو ٿي ويندو." گوپي چپ رهي، پر هن جي چهري مان عيان هو تہ نور سائين اداردل آهي، هو اسان کي مايوس نہ ڪندا ۽ بابا کي اجازت ڏيئي ڇڏيندا.

واردن روڊ جي نانڪ نواس ڏانهن ٽئڪسيءَ ۾ ويندي، منهنجو هوڻهار سهرو ديوان موتيرام جڳتياڻي مون کي هدايتون ڏيندو هليو: "سائين جن سان ملندي ئي ڪين پيرين پئجانءِ. سائين جن جيسين توکي وهڻ لاءِ نہ چون تيسين بيٺو رهجانءِ. سائين جن جي پيرن وٽ گلم تي پٽ تي ويهجانءِ، ساڻن گڏ صوفا تي نہ ويهجانءِ. سائين جن توکي، جيڪا تبرڪ آڇين، اها وٺي اکين تي رکجانءِ. سائين جن اڳيان ڪنڌ جهڪائي ويهجانءِ، وغيره." ديوان صاحب هدايتن جي هڪ وڏي فهرست حفظ ڪرائيندو هليو. ٽئڪسيءَ ۾ ديوان، امي ۽ مان هئاسين. گوپي گهر ئي ويٺي رهي. مان چئي نٿو سگهان، تہ اسان جي موٽي اچڻ تائين هن کي ڪيتري اُڻ تڻ هئي، شاديءَ بعد هن مون کي ٻڌايو تہ اهي ڪجهه ڪلاڪ هن اطمينان سان گهري ننڊ ڪئي هئي.

نانڪ نواس جي وسيع هال ۾ سائين نور حسين شاهہ هڪ عاليشان مخملي صوفا تي براجمان هئا. هيٺ پٽ تي وڇايل غاليچي تي سائين جن جا عقيدتمند ويٺل هئا، جن ۾ گهڻا ٺٽا خدا آبادي عامل هئا. سڄو هال اڌيڙ عمر وارن مردن خواهہ عورتن ۽ جوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان ڀريل هو ۽ لڳي رهيو هو سڀ سندن حڪم جا ٻندا هئا. نوجوان سائين نور حسين شاهہ فُل سوٽ ۾ بيحد شاهاڻي شخصيت جا مالڪ لڳي رهيا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. هنن جو گلابي چهرو پُرڪشش هو. سندن اکين ۾ مقناطيسي نور هو. رکي رکي هو ويٺلن مان جنهن مٿان نظر وجهي رهيا هئا، اهو نهال ٿِي ٿي ويو.

هال جي پٽ جو پاسو وٺي مان پنهنجي هوٺهار سهري جي پويان پويان پير پير کڻي، سائين جن سان ملڻ لاءِ وڃڻ وقت، سوا ڇهه فٽ قد واري ديوان پويان جڻ ڇامڙو لڳي رهيو هئس. ديوان صاحب جي اشاري تي مان نور سائينءَ اڳيان جهڪي سندن پيرن تي هٿ رکڻ وارو ئي هئس، جو سائين جن هڪدم اٿاري مون کي ڀاڪر پاتو ۽ پنهنجي پر ۾ صوفا تي ويهاري ڇڏيو. هيٺ ويٺل رشڪ ڀري نگاهه سان هي نظارو ڏسڻ لڳا. ديوان جڳتياڻيءَ جو دراز قد فخر کان اڃا بہ اوچو ٿي ويو. هن اتي بيٺي بيٺي منهنجي مٿي تي هٿ رکيو. ان بعد اميءَ (گوپيءَ جي ماءُ) ۽ پوءِ دادي جنيءَ، جنهن نور سائين کي ڏرم جو پٽ ڪيو هو. منهنجي مٿي تي آسيسن وارا هٿ رکيا. سائين جن مون کي آهستي ڀٽڪي ۾ چيو: "توهان ڪڏهن بہ مون کي پيرين نہ پئجو ۽ هميشہ مون سان گڏجي ويهجو. ان ڳالهہ جو احساس مون کي بہ هو جو نورسائين مون کان عمر ۾ بہ سال ننڍا آهن، پر هنن درويشي ڪمائي آهي ۽ مون گناهہ بي لذت."

مون کي پاڻ سان گڏ ويهاريندو ڏسي، ديوان جڳتياڻيءَ اکين ئي اکين ۾ نور سائينءَ جا شڪرانا مڃيا. مان هن جي چهري تي سرهائي ۽ منهن تي مرڪ ڏسي رهيو هئس. هو مون ڏانهن قبوليت واريءَ نگاهہ سان نهاري رهيو هو.

دادي جنيءَ مهمانن لاءِ بيئر جا ڪريٽ گهرائي رکيا هئا. هن جي نوڪرياڻيءَ بيئر جو ڀريل مگو آڻي منهنجي اڳيان رکيو. مون سائين جن ڏانهن نهاريو. سائينءَ چيو "حجاب نہ ڪريو شروع ڪريو." ۽ مون بي حجاب ٿي بيئر جا ٿي وڏا مگا ڏوگهي ڇڏيا. منهنجين اکين ۾ کيپ چڙهيل هئا ۽ سائين نور حسين شاهہ سجاده نشين درگاهہ ٽنڊو جهانيان. پنهنجين نوراني نظرن سان ئي ديوان موتيرام جڳتياڻي کي مون کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيڻ جي منظوري ڏيئي ڇڏي.

موڪلائڻ مهل نور سائينءَ مون کي ڀاڪر ڀريندي چيو: "سڀ سٺائي ٿي ويندي" ديوان صاحب سائين جن آڏو ڪنڌ نوايو.

ٽئڪسيءَ ۾ گهر موٽندي جڳتياڻي صاحب مون کي چيو: "سياڻي سائين جن اسان وٽ اچڻا آهن، تون جلد ئي گهر پهچي وڃجانءِ." ٻئي ڏينهن آرتوار هئڻ ڪري عقيدتمندن جي ڀيهہ وڌيڪ هئي، مون مٿي تي رومال ۽ گوپيءَ مٿي تي ساڙهيءَ جو پلئہ رکي، نور سائينءَ کان آسيس جو هٿ مٿي تي رکايو.

مون کي اڃا تائين حيرت لڳندي آهي، تہ مرشد مون جهڙي عاصيءَ مٿان پنهنجيءَ مهر جو مينهن ڪيئن وسايو؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڪهٺهون پنو

بمبئيءَ جي امير ترين علائقي پيڊر روڊ تي لتامنگيشڪر جي گھر پربهو ڪُنج جي سامهون، هڪ پراڻي طرز جي وسيع عمارت آهي، جنهن تي سالن کان ڪو رنگ روغن ٿيل ناهي. ان بلڊنگ جي چوٿين ماڙيءَ جي هڪ فليٽ ۾، هندوستان جي عالمي شهرت واري ستار نواز پنڊت روي شنڪر جي پهرين پتني انپورڻا گذريل پنجاهه سالن کان به وڌيڪ عرصي کان اتي اڪيلي رهندي آهي. فليٽ جي در جي ٻاهران پراڻي سيمينٽ جا ڇاپوڙا لڳل آهن ۽ ان مٿان ڪاري تختي لڳل آهي، جنهن تي، هن قسم جون هدايتون چنبڙايل آهن:

"در جي گھنٽي وڄائڻ کان پهرين ڇاڻي وٺو ته سومر ۽ وسپت ڏينهن ڪير به هيءَ در نه کوليندو."

"ٻين ڏينهن تي به رڳو ٽي پيرا گھنٽي دٻايو ۽ جي ڪو به جواب نه ملي، ته ٻاهران رکيل پيتيءَ ۾ پرزو ڇڏي وڃو جنهن تي توهان جو نالو ۽ اچڻ جو مقصد ڄاڻايل هجي، تعاون لاءِ توهان جي مهرباني."

سامونڊي منظر ويجهو ڇاپوڙا لڳل ان پراڻي گھر ۾، هندوستان جي هڪ نامور سنگيت گھراڻي جي وارث ۽ بذات خود هڪ عظيم فنڪاره انپورڻا ديوي پنهنجي گھر جي درن درين تي ڪارا پردا چاڙهي مڪين آهي. اها انپورڻا، جيڪا سنگيت جي دنيا ۾ پنهنجي جوانيءَ واري دور ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئي.

هندوستاني ڪلاسيڪي سنگيت جي استاد علاءُ الدين خان جي ڌيءَ، استاد علي اڪبر خان جي ڀيڻ ۽ پنڊت روي شنڪر جي سابق پتني ان وقت کان اتي اڪيلائيءَ جا عذاب ڀوڳي رهي آهي، جڏهن کان اٺويهه سو چوئيتاليهن جي سياري جي هڪ ڏينهن پنڊت روي شنڪر هن کي ڇڏي، هڪ ٻيءَ عورت جي عشق ۾ گرفتار ٿيو آهي.

ان وقت کان اڄ تائين هوءَ رڳو هڪ ڀيرو ڏندان ساز (Dentist) وٽ وڃڻ کان سواءِ گھر کان ٻاهر نڪتي آهي. هوءَ ٻاهرينءَ دنيا کان ايترو ڪٽيل آهي، جو هوءَ ڪڏهن اڪيلي گھر کان ٻاهر نڪري، ته موٽندي شايد پنهنجي گھر تائين پهچي نه سگھي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڊت روي شنڪر وانگر شاديءَ کان پوءِ مان بي ڪنهن عورت جي عشق ۾ گرفتار ته نه ٿيو آهيان، باقي پُل چڪ ۾ ڪڏهن ڪٿي ڪا ليمي نيمي ٿي ويئي هجي، ته اها ٻي ڳالهه آهي. دانسته طور منهنجو ابدي عشق پنجيتاليهن سالن کان پنهنجي پتنيءَ سان ئي برقرار رهيو آهي ۽ ازلي عشقن جا قصا اڳ ۾ ڪُٿي آيو آهيان.

اهوئي ڪارڻ آهي، جو مون پنهنجي گهر جي ٻاهران ممنوعي قسم جون تختيون نه لڳايون آهن. منهنجي ننڍي گهر جون بئنڪون بيحد ڪشاديون رهيون آهن، جتي ناوَ نوش جون سالن کان محفلون مچنديون رهيون آهن. منهنجي هند۔ سنڌ جي دوستن لاءِ منهنجي گهر جا دروازا سدائين مرحبائي مُرڪ سان کليل پئي رهيا آهن.

جيسين منهنجي اداردل ماءُ حيات هئي، هوءَ منهنجن سنگتين ۽ سنگتياڻين کي پنهنجيءَ اولاد جيان پنهنجن هٿن سان ڳتيون ٺاهي کارائيندي هئي ۽ ڪي گهٽو پي ويندا هئا، ته کين ليمن ۽ نارنگين جي رس ۾ ڪارا مرچ وجهي پيارينديءَ هئي. کين ڏياريءَ جي مٺائي ۽ وڙن جون بدريون ٻڌي ڏينديءَ هئي.

اڄ منهنجي ماءُ هن دنيا ۾ ناهي، پر هوءَ پنهنجي ڪشاده دليءَ وارو ورثو پنهنجي وڏي نُنهن، يعني منهنجي ونيءَ گوپيءَ کي ڏيئي ويئي آهي. اهائي گوپي، جنهن سان منهنجي شاديءَ جو هن سخت وروڌ ڪيو هو پر هن جي گهر ۾ اچڻ کانپوءِ منهنجيءَ ماءُ پنهنجي ان غلطيءَ لاءِ نه رڳو پڇتايو هو پر هن سڄي عمر پاڻ کي معاف نه ڪيو. اڳتي هلي هن پنهنجيءَ ڀهرئيتي نُنهن کي بي انتها پيار ۽ سنمان ڏيئي، پنهنجيءَ ان خطا جي تلافي ڪري ڇڏي.

اڄ منهنجيءَ ماءُ جيان منهنجا ويجها ۽ دل گهريا دوست به گهٽجي ٿو مون کان موڪلائي ويا آهن. هينئر مون وٽ ورلي ئي ڪنهن جو اچڻ وڃڻ آهي، پر جيڪو به ايندو آهي، گوپي هن کي مون کان به وڌيڪ آجياڻو ڏيندي آهي.

مان ۽ گوپي هينئر پوڙها ٿي چڪا آهيون ۽ ٻيئي ڄڻا اڪيلا رٽائرڊ زندگي گذاري رهيا آهيون. ٿنهي ٻارن ٻيهر آمريڪا وڃي وسائي آهي. لالي به ٻن سالن کان هتي اچي، پنهنجيءَ اسڪاٽ زال سان آمريڪا موٽي ويو. ٽيئي ٻار هر 'ويڪ۔اينڊ' تي فون ڪري چڱ ڀلائيءَ جو پڇندا آهن ۽ پاڻ وٽ اچڻ لاءِ زور پريندا آهن، پر هاڻي چوويهن ڪلاڪن جو ته ڇا؟ اسان ٻنهي کان ڇئن ڪلاڪن جو سفر به نٿو پڄي!

دهليءَ ۾ هينئر دوستن جو دائرو بند ٿي چڪو آهي يا تنگ ٿي چڪو آهي. جيڪي به چار نالي ماتر سنگتو ساهتڪار بچيل آهن، انهن جو به هڪ ٻئي وٽ اچڻ وڃڻ يا ملڻ جهلڻ نه جهڙو آهي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي شهر کان ٻاهر ٻئي ڪنهن شهر ۾ ڪٿي ڪنهن سيمينار ۾ گڏجي ويندا آهيون ۽ رات جو ڪُٿي جي گڏجاڻيءَ ۾ ٻن ٽن پيگن کان پوءِ جهيڙا جهٽا ڪري اُٿندا آهيون. پنهنجي شهر موٽي وري هڪ ٻئي کان ڪٽجي ويندا آهيون. سيپ سٺ کان مٿي آهيون ۽ ايندڙ پنجن سالن ۾ سنڌ مان ڪو :وست هتي ايندو، ته هن کي هتي ڪو سڃاڻپ وارو ئي نه ملندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندوستان ۾ سنڌي ٻولي، تہ ڏينهون ڏينهن پوئتي پئجي رهي آهي، پر سرڪاري سرپرستيءَ هيٺ قائم ڪيل ڪائونسلن ۽ اڪادمين سنڌي ساهتيہ سان وڏا ويل وهايا آهن. انهن اڪادمين طرفان جاري ڪيل انعامن اڪرامن، سڏايل سيمينارن ۽ ڪانفرنسن، ميلن ملاڪڙن، باقي بچيل سچيل ساهتڪارن ۾ شديد رنجشون ۽ رقابتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. جيئن جيئن انهن ادارن جون بجيٽون ٻيٽيون ٽيٽيون ٿيڻ سان انعامن جون رقمون وڌنديون ٿيون وڃن، تيئن تيئن ساهتڪارن جون ڇاتيون بہ ٻيٽيون ٿينديون ٿيون وڃن. روز ٽپال ۾ ٻہ ٽي سنڌي ڪتاب ٿا پهچن، جن ۾ ادب جي نالي ۾ الائي ڪهڙو ڪهڙو ڪچرو پريل هوندو آهي. پنجاهہ صفحن جي ڪتاب جي قيمت سوَ رپيا هوندي آهي، جو اڪادميون ۽ ڪائونسلون بجيٽ کپائڻ لاءِ هر ڪتاب جون ڏيڍ بہ سوَ ڪاپيون خريد ڪنديون آهن ۽ ايئن هتي سنڌي ادب، ادب براءِ تجارت بڻجي چڪو آهي.

هر مهيني ڪنهن نہ ڪنهن شهر ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اداري طرفان سيمينار سڏايو ويندو آهي، جنهن ۾ ساڳيا ساڳيا موضوع ڦيرائي گهيرائي انهن تي پيپر لکايا ويندا آهن ۽ نيند ڏنل ساهتڪارن (يا ڪڏهن ڪڏهن غير ساهتڪارن) کي ايئرڪنڊيشنڊ ڪلاس يا هوائي جهازن جي ڀاڙن کان سواءِ پيپرن لاءِ معقول معاوضو ڏنو ويندو آهي. دعوتن جون فهرستون تيار ڪرڻ وقت 'نظريہ ضرورت' هيٺ دوستي ۽ ڪنبہ پروريءَ جو ئي خيال رکيو ويندو آهي. هاڻي، تہ انهن سيمينارن ۽ ڪانفرنسن جون ٻاوا ٻانيڻ بہ صدارتون ڪرڻ لڳا آهن. انهن ٻاون کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪي شاعر مشاعرن لاءِ پڇن بہ لکي ايندا آهن. جيڪي پنهنجي بي سُري ترنم ۾ ڳائيندا آهن. ڪو فونون ڪري ۽ خط لکي نينديون هٿ ڪرڻ لاءِ ٻاڏائيندا بہ آهن. نيند نہ ملڻ جي حالت ۾ واسطيدار اختياريءَ وارن جي سرڳواسي پيءُ ماءُ کي گاريون ڏيندا آهن. هي ڪهڙو ادبي لڏو پيدا ٿيو آهي، جنهن جون ادبي ٻنيون، تہ سڪل آهن پوءِ بہ هو ڳڏهن جا هر زمين بدران آسمان تي هلائي رهيا آهن.

هاڻي تہ اڪيلو ويهڻ بہ نتو پڄي ۽ ٻاڙ بہ نٽي لڳي. ايترا سال شام ٿيندي ئي جيپ ٻاهر نڪرڻ لڳندي هئي، هاڻي نٽي نڪري. سامهون بار ۾ رکيل بوتلون حسرت مان نهارينديون آهن. پر منهن ڦيري پاڻي پي ڇڏيندو آهيان. مان ڪو راڌا سوامي پنٿ جو چيلو ڪونہ ٿي ويو آهيان پر پرهيزگاريءَ طرف مائل ٿي رهيو آهيان. باقي شغل ڪرڻ واري دوست سان جام ٽڪرائڻ ۾ ڪو عار ڪونهي.

هتي ڪي دوست طعنہ بازي ڪندا آهن. تہ شوڪت شورو هندوستان جو نياڻو آهي ۽ ڪومل سنڌ جو نياڻو آهي، جو ٻنهي هنڌ. ٻنهي سان نياڻن وارو سلوڪ ڪيو ٿو وڃي. سلوڪ جي حد تائين ان ۾ سچائي آهي ۽ مان هتي بہ غائبانہ طور ان جو لطف وٺندو آهيان. مون شوڪت شوري کي مڃايو آهي، تہ توهان اتي جڏهن بہ دوستن جي سُڪي يا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آلي محفل ڪيو تہ مون کي بہ ان ۾ شامل ڪندا ڪريو ۽ يارن جي محفل جڏهن معراج تي هوندي آهي، تہ شوڪت شورو ۽ هدايت بلوچ مون کي دير رات فون ڪندا آهن. شوڪت چوندو: ”لچمڻ (لام تي زور) هتي سڀ ويٺا آهيون. سليم ميمڻ آهي، آغا سليم آهي، اسحاق آهي، منو مهيري آهي، ادا محمد آهي، هدايت آهي، شمشير آهي، هيءُ آهي هُو آهي۔“ تہ چوندو آهيانس: ”شوڪت، باقي مان ڇو نہ آهيان؟“ ۽ شوڪت سينيءَ جي هٿ ۾ واري واري سان فون جهلائيندو ۽ مان ’سليم سائين‘ شڪارپور جا شهزادا، چوندو ڪين ٻڌندو گهٽ، ٻڌائيندو وڌيڪ آهيان. مون کي شڪارپور جي شهزادي جو رسڻ پرچڻ بہ وڻندو آهي، تہ سندس پنڻاٽڪو عشق پڻ ۽ اها رات مون کي احساس رهندو آهي: ”اسين وڇڙيا ئي ڪٿي آهيون؟“

ڏيڍ بہ سال اڳ منهنجي دوست ظفر جوڻيجي جي گهرواري روزينا هتي هفتي کن لاءِ منهنجي گهر ۾ رهي. مان هن کي ايئرپورٽ تي وٺڻ ويس. ظفر فون تي مون کي هن جي ويس وڳي جا رنگ روپ ٻڌائڻ لڳو. چيومانس: ”دلبر خيال نہ ڪر، مان سنڌي مهانڊي واريءَ ڇوڪريءَ کي پريان ئي سڃاڻي ويندس ۽ سچ پچ جيئن ئي روزينا ٻاهر نڪتي، مون هن کي نالي سان مخاطب ڪيو. پڇيائين: ”توهان ڪير؟“ چيومانس: ”اهو ئي جنهن وٽ آئي آهين.“ گهر پهچڻ تي گوپي، روزينا سان پيار سان ياڪر پائي ملي ۽ ڪيس پنهنجي سڳيءَ ڌيءَ جيان سڪ ۽ قرب ڏنو. اسان ٻنهيءَ کي سچ پچ ايئن محسوس تي رهيو هو جڻ اسان جي پنهنجي نياڻي رجني يا سنڌو اسان وٽ آئي آهي.

اڄ جڏهن هي سٽون لکي رهيون آهيان، تہ گذريل شام بہ روزينا ۽ ظفر جي فون آئي هئي. هوءَ بہ گوپيءَ کي ياد ڪندي رهندي آهي. مون روزينا کي دهليءَ جون اهم تواريخي عمارتون ڏيکاريون. دنيا جو ٻيو نمبر وڏي ۾ وڏو بهائي ٽيمپل ڏيکاريو (سڀ کان وڏو بهائي ٽيمپل شڪاگو ۾ آهي، جتي مان ڪڏهن ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي ويهندو هوس. شڪاگو جي پامر هائوس ۾ منهنجي زندگيءَ جون ڪي ڪمائتيون گهڙيون گذريون آهن.) مان روزينا کي حضرت خواجہ نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ تي وٺي ويس. هن کي لعل قلعي ۾ ’لائيٽ ائنڊ سائونڊ‘ شو ڏيکاريم ۽ شايد ٻيون بہ ڪي اهم عمارتون ڏيکاريم. خواجہ نظام الدين اولياءَ جي درگاهہ سامهون غالب اڪيڊميءَ مان مون هن کي ”ديوان غالب“ جو هڪ جلد تحفي طور وٺي ڏنو.

همايون جي مقبري تي پهچي مون روزينا کي چيو: ”تون اندر وڃي ان وسيع احاطي مان ٽينديءَ هن آفيمي بادشاهہ جو مقبرو ڏس ۽ مان احاطي جي ساڄي پاسي دارا شڪوہ جي مزار وٽ وڃي ٿو ويهان. مون کي آفيم جي نشي ۾ هر وقت پنڪيون ڪائيندڙ هندوستان جي اهڙي سلطان لاءِ ڪو چڱو تاثر ناهي. خاص طور همايون جي همشيره گلبدن بيگم جون پنهنجي ڀاءُ بابت ياداشتون پڙهي، مون کي هن واتڙي بادشاهہ لاءِ بيزاري پيدا ٿي چڪي آهي. عمرڪوٽ ۾ پنڪڻ وقت بک کان پاهہ ٽيڻ تي، هن پنهنجي ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواريءَ واري شاندار عربي گهوڙي کي ذبح ڪرائي، ان جو گوشت پچائي کاڌو جنهن سان هن کي ٻئي ڏينهن پيچش جي اهڙي بيماري لڳي، جيڪا تا عمر هن کي پوڳائيندي رهي. هن پنهنجن سڳن ڀائرن ڪامران ۽ هندال کي انڌو ڪرائي ڇڏيو. جنهن موذن جي ٻانگ ٻڌڻ بعد هن جو لائبريريءَ جي ڏاڪي تان پير کسڪي ويو ان مُلي کي هن قتل ڪرائي ڇڏيو. مان سمجهان ٿو تہ هو مغل سطلنت جو سڀ کان ڪمزور ۽ ڪمتر بادشاهہ هو.

چوڏهن سالن جي ڪمسن سنڌي ڇوڪري حميده بانوءَ کي نڪاح لاءِ مجائڻ لاءِ هن، جيڪي ڪيس ايلاز ڪيا، اهي عظيم مغل سلطنت جي فرمانروا جي شايانِ شان نہ هئا. هن جي آزين نيزارين تي حميده بانوءَ جي لاچاريءَ واري قبوليت ۽ شب عروسيءَ جو هڪ دلچسپ داستان آهي.

دهليءَ جي پراڻي قلعي جي شاهي دروازي وٽ شير شاهہ سوريءَ جهڙو منتظم جيڪڏهن اوچتو بارود جو ڍير ڦاٽڻ ڪري نہ مري ها، تہ هندوستان جي تاريخ ڪجهہ ٻي هجي ها.

جونپور جي ننڍي قصبي ۾ افغاني نسل جي هڪ معمولي زميندار جي گهر ۾ پيدا ٿيل ٿن ماٽيلين مائرن ۽ تيرهن ماٽيلن ڀائرن ڀينرن وچ ۾ بي رخي ۽ بي توجهيءَ سان پلجندڙ شير خان، بهار صوبي جي پنهنجي آبائي ڳوٺ ساسارام ۾ پيءُ جي ٻنين تي هارپو ڪندي ڪندي، آگري جي شاهي لشڪر ۾سپاهيءَ طور ڀرتي ٿي، هڪ معمولي سپاهيءَ مان ترقي ڪندي سپهہ سالار نہ بڻجي ها، تہ همايون کي شڪست ڏيئي ڀڄائي نہ سگهي ها ۽ هن کي خانہ بدوشن جيان ٿر جي پٽن ۾ ڀٽڪائيندو نہ وتي ها. روشن دماغ ۽ اعليٰ انتظامي صلاحيتون رکندڙ شير خان، جڏهن شينهن جي شڪار سان شير شاهہ ٿيو تہ هن هندوستان جو نقشو ئي بدلي ڇڏيو. پنهنجن پنجن سالن جي مختصر حڪومت ۾ هن چانديءَ جو سڪو (روپيو) جاري ڪري زرمبادلہ جو سرشتو جاري ڪيو. ڍاڪا کان پشاور تائين ٻارهن سو ميلن جو گرئنڊ ٽرنڪ تعمير ڪرايو. مذهبي رواداريءَ ۾ هو پنهنجو مثال پاڻ هو. هن مُفتين کان وڌيڪ هندو پيشوائن تي وشواس ڪيو. نصيب هن کي ٻن نالائق پٽن جو لائق پيءُ بڻايو.

ساسارام (بهار) ۾ پنهنجيءَ هڪ بهاري برهمڻ دوست سان گڏ شير شاهہ جي مقبري تي سجدو ڪري ۽ عقيدت جا گل چاڙهي اچڻ کان پوءِ، منهنجو همايون جي مقبري اندر وڃڻ تي من نہ وريو. روزينا ڪلاڪ ڏيڍ اندر گهمندي رهي ۽ مان دارا شڪوه جي مزار تي ڪنند ٿيل هن جي اُپنشد جي هڪ سلوڪ جو فارسي ترجمو پڙهي رهيو هوس. مزار جي ڪُتبي جون هي سٽون منهنجي دهريت کي پشيمانيءَ جو احساس ڏياري رهيون هيون:

"نوازش دل مان ڪن ڪہ دل نواز تي اي،
بساز ڪار غريبان ڪارساز تو اي" الخ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترقي پسند تاريخ ساز اديب قاضي عبدالستار پنهنجي تاريخي ناول "داراشڪوه" ۾ همايون جي مقبري جي تصوير ڪشي ڪندي لکي ٿو:

"هن مقبري جي گود ۾ رڳو هڪ شهنشاهه ئي آرام فرما ناهي، جنهن جي اولاد هندوستان جي تاريخ ۾ هڪ سونهري باب جو اضافو آندو، بلڪ اهو دارا شڪوه به ستل آهي، جيڪو هڪ تهذيب، هڪ تمدن، هڪ ڪلچر ڪي جيئارڻ لاءِ جاڳيو هو. پر نصيب هن جي هٿن مان قلم ڪسي ورتو ۽ تاريخ هن جي ورقن مٿان مَسُ اوتي ڇڏي."

شهزادي دارا شڪوه جهڙي عظيم انسان جي ظالماڻه ۽ ذلت ڀرئي قتل جو دلسوز منظر پيش ڪندي قاضي عبدالستار لکي ٿو:

"جڏهن شاهه جهان آباد جي ڳتيل بازارين مان دارا جي خواريءَ جو بدقسمت جلوس لنگهيو ته رستا، ڇتيون، چبوترا ۽ در دريون خلق سان پرجي ويون. عالمگير (اورنگزيب) دارا ڪي گهٽين ۽ بازارين ۾ ان لاءِ گهمايو هو ته رعيت هن جو هيئڻ حشر ڏيندو ڏسي وٺي، جيئڻ ڪنهن وقت ڪو ڀهروپي دارا شڪوه ظاهر ٿي، تخت ۽ تاج جي دعويٰ نه ڪري سگهي. سلطنت جي ولي عهد جي نصيب جي غداريءَ جو هي ڀيانڪ منظر ڏسي رعيت بيقرار ٿي ويئي. اهڙو قيامت برپا ڪندڙ روج راڙو فضا ۾ ڦهلجي ويو جو سڄي شاهه جهان آباد ۾ ڪهرام مچي ويو. ايترا ڳوڙها ڳاڙيا ويا جو اهي جي گڏ ڪيا وڃن ها، ته دارا پنهنجي هاٿيءَ سوڌو انهن ۾ ٻڏي وڃي ها. ايتريون، ته آهون دانهون ۽ چيخون بلند ٿيون، جو جيڪڏهن انهن جا آواز يڪجا ڪيا وڃن ها، ته شاهه جهاني توبن جي آوازن کان به بلند ٿي وڃن ها."

سرمد جي مزار مان مون کي اڄ به اهي آواز ايندا رهندا آهن. سرمد جي قتل لاءِ مُلا قويءَ جي ڏنل فتويٰ لاءِ، اورنگزيب اڳيان پيش ڪيل 'نظريه ضرورت' (Doctrine of Necesity) وارو جواز اڄ به مذهبي ملڪن ۾ مروج آهي. تاريخ ۾ شايد اها سوچ (Concept) ئي سرمد جي شهادت سان شروع ٿي آهي. اورنگ آباد ۾ عالمگير جي چاپوڙا لٿل قبر جي چوڌاري ڏنل پٽ جي احاطي ۾، مون کي چرسين ۽ موالين جا ميڙاڪائي نظر آيا هئا. جنهن نشي کان هو نفرت ڪندو هو اڄ اهي نشئي ئي هن جي مزار جا متولي ۽ مجاور آهن ۽ ان جي ويجهو ئي عالمگير جي همعصر صوفي شاعر شاهه سراج اورنگ آباديءَ جي مزار تي سريلا قوال هن جو ڪلام ڳائي رهيا آهن:

"وه عجب گهڙي ٿي ڪ جس گهڙي ليا درس عشق سراج نې،
وه ڪتابِ عقل جو طاق پر ٿي ڌري رهي سو ڌري رهي."

روزينا جي وڃڻ کان پوءِ وري اهوئي اڪيلاپڻ جو 'سلسله روز شب' موٽي آيو. گوپي اهي ئي ٿي ويءَ تي ايندڙ 'ساس بهو' وارا ڇسپائيءَ جا سيريل ڏسڻ ۾ وقت ڪاٽڻ لڳي ۽ مان پنهنجي ڪمري ۾ ڪتابن وچ ۾ اٿندو ويهندو سمهندو جاڳندو رهيس. منهنجي سمهڻ واري پلنگ تي ڪتابن جي ڍير وچ ۾ رڳو منهنجي ليٽڻ جيتري جاءِ ڏسي، ظفر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوٽيجو مون کي چتاءُ ڏيندو رهيو، تہ ڪنهن رات ننڊ ۾ پلنگ تان ڪري نہ پوان! جي سچ پچ ڪنهن ڏينهن ڪري پيس، تہ ٽائيلس جي فرش تي منهنجا پُرڪنڌڙ هڏا ٽُڪي ٽڙڪي پوندا.

اوٽ موٽ واري پنهنجيءَ هن آتم ڪٿا ۾ مان وري ماضيءَ ۾ موٽي ٿو وڃان.

سائين نور حسين شاهہ وٽان دعائون ۽ منهنجي رشتي جي منظوري ملندي ئي منهنجي هوڏڪار سهري ديوان جڳتياڻيءَ جو مون طرف رخ ۾ رويو شفقتائتو ٿي ويو. هينئر مان هن جي ڌيءَ جو رڳو دوست نہ پر پٽي پرميشور ٿيڻ وارو هئس. ديوان کي سڀ ڪان وڌيڪ خوشي ۽ فخر اهو هو تہ نور سائينءَ مون کي پنهنجي پير ۾ پاڻ سان گڏ صوفا تي ويهاريو جيڪو شرف شايد ئي ڪنهن کي ملندو آهي. هو پنهنجي هر مٽ مائٽ خواهہ ملاقاتيءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن حوالي ۾ تفصيل سان اهو ٻڌائيندو رهيو. گوپي هميشہ جيان صلح سانت ۾ هئي، پر هن جي چهري تي آيل سرهائي ڪنهن کان بہ لڪل نہ رهي. رات جو پيگ پاڻيءَ تي ديوان مون کي چيو: "دهليءَ پهچي پنهنجي والد صاحب کي چئج، تہ مون کي هن رشتي بابت خط لکي." مان گلاس هيٺ رکي، ڪجهہ منٽن لاءِ حيرت وچان هن ڏانهن ڏسندو رهيس. پوءِ هوش سنڀالي چيم: "منهنجو پيءُ توهان کي ڇو خط لکندو؟"

"ڇو نہ لکندو؟" هن خنڪيءَ مان پڇيو.

"مان پنهنجي پيءُ جي طبيعت کان چڱيءَ طرح واقف آهيان. هو پاڻ ڪڏهن بہ اهڙي قسم جي رٿ نہ موڪليندو ۽ نہ ئي اهڙو ڪنهن کي خط لکندو. اسان ڀاٽين جي خانداني ريت موجب مٿي مائٽيءَ جي آڇ اول ڇوڪري وارا ئي موڪليندا آهن. ان ڪري مهرباني ڪري توهان ئي دادا کي هن سڱابنديءَ لاءِ لکي موڪليو."

ديوان صاحب چپ ٿي ويو.

منهنجي دهليءَ موٽي اچڻ جي هفتي کن کان پوءِ گوپيءَ جي امي ڪلاونتيءَ جو منهنجيءَ ماءُ جي نالي انگريزيءَ ۾ رشتي جي رٿ جو خط آيو. منهنجي راڌيپور رياست جي ماءُ انگريزي تہ ڇا، سنڌي چار درجا بہ پڙهيل نہ هئي. مشڪل سان مون ماءُ کي سنڌيءَ ۾ صحي ڪرڻ سيکاري هئي. مون خط پڙهي پاپيءَ کي دادا کي ڏيڻ لاءِ ڏنو. منهنجي پيءُ ماءُ وچ ۾ ڇا وهيو واپريو مان بنهہ بي خبر رهيس ۽ ڏهہ ڏينهن کن مون ماءُ کان ڪجهہ بہ نہ پڇيو پيءُ کان پڇڻ جي، تہ همت ئي نہ هئي. مون گوپيءَ کي بہ خط ۾ رڳو اهو لکي موڪليو تہ مون تنهنجي اميءَ جو خط پنهنجن مائٽن کي ڏنو آهي.

مان حيران هئس، تہ منهنجا ماءُ پيءُ ڪجهہ چون ڇو نہ ٿا؟ ايترن ڏينهن جي خاموشي انڪار جا اهڃاڻ ڏيئي رهي هئي ۽ مان، باوجود هڪ سعادتمند اولاد هئڻ جي، ناڪاري لفظ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ هي منهنجي زندگيءَ جو هڪ اهم ۽ آزمائشي دور آهي. ايتري عرصي جي وياڪلتا واري خاموشي مون کي بي آرام ڪري رهي هئي. مان ٻه ٽي ڏينهن آفيس مان علالتي موڪل وٺي گهر وينو رهيس. هڪ منجهند جو جنهن وقت دادا آرام ڪري رهيو هو مون ماءُ کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي دبيل آواز ۾ ان خط جي جواب بابت پڇيو. منهنجي ماءُ مختصر ۾ سڌو جواب ڏنو:

”اسان کي هيءَ مائٽي قبول ناهي.“

”ڪنهن کي قبول ناهي ـ توکي يا دادا کي؟“

”ٻنهيءَ کي.“ منهنجيءَ ماءُ جواب ڏنو.

”ڪارڻ؟“

”مان پنهنجي پاڻيہ برادريءَ کان ٻاهر ۽ سو بہ هڪ حيدرآبادي عامل گهر جي ڇوڪريءَ کي پنهنجي ننهن ڪري هن گهر ۾ نہ آڻينديس. اهي عاملن جو ڇوڪريون پنهنجي ناهہ نوهہ ۾ ئي پوريون هونديون آهن ۽ گهر مان بہ گهر ڪري ڇڏينديون آهن. هيءَ ڇوڪري بہ اچڻ سان ئي سڀ کان اول توکي اسان کان جدا ڪري الڳ گهر ڪندي، اسان سان تنهنجو تعلق ئي ختم ڪري ڇڏيندي. توکي اسان کان وڇوڙي ڇڏيندي. هي هيرآبادي عامليائڻيون گڏيل ڪٽنب ۾ رهڻ تي هريل ئي ناهن. تون اسان جو پهرئيتي پٽ آهين. تون ئي اسان کي ڇڏي ويندين، تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟ تنهنجا بہ ننڍا ڀائر ۽ بہ شاديءَ لائق ٿيڻ وارا آهن، انهن جو ڇا ٿيندو؟ هن ٻڍاپي ۾ اسين ڪنهن تي ڀاڙينداسين وغيره. منهنجي ماءُ بيحد جذباتي ٿي ويئي ۽ اکين ۾ ڳوڙها آڻيندي ڪمري کان ٻاهر نڪري ويئي. مان پنهنجيءَ ماءُ جي خيالي وهمن گمانن بابت سوچيندو واٽڙن وانگر ويٺو رهيس.

مون کي پنهنجي پيءُ سان سڌو ڳالهائڻ جي همت نہ ٿي. هر موقعو مهل ملندي ئي مان پنهنجيءَ ماءُ کي مڃائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهيس، پر هوءَ پنهنجي هٺ تان هيٺ لهڻ لاءِ بنهہ تيار نہ هئي. جيترو هن جو ضد وڌي رهيو هو اوترو مان پنهنجي پيار ۾ پختو ٿيندو رهيس. مون خط ۾ گوپيءَ کي پنهنجي ماءُ جي رخ بابت لکڻ نٿي چاهيو. مون هن کي فون تي سڀ ٻڌائڻ ٿي چاهيو. تن ڏينهن منهنجي گهر ۾ فون نہ هئي، پر بمبئيءَ ۾ گوپيءَ جي گهر هئي، انهن ڏينهن ۾ بمبئيءَ لاءِ ٽن منٽن جو ٽرنڪ ڪال بُڪ ڪرائڻ لاءِ ٽن ڪلاڪن جو اوسيئڙو ڪرڻو پوندو هو.

هڪ شام مون آفيس مان ڪن ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ گوپيءَ سان فون تي ٽي منٽ ڳالهائي، پنهنجيءَ ماءُ جي صاف انڪار بابت ٻڌايو پر گڏوگڏ اهو آٿت ڏنو تہ مان هن کي ڪيئن بہ ڪري مڃائيندس. مون هن کي اهو پڻ احساس ڏياريو تہ مائٽن جي منظوريءَ کان سواءِ اسان جي ازدواجي زندگي خوش ۽ خوشحال نہ رهي سگهندي. مان اهو ئي چاهيان ٿو تہ توکي اسان جي گهر ۾ شانَ مانَ ۽ عزت آبروءَ سان اهو آجياڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي، جنهن جي تون مستحق آهين. مون هن کي اهو پڻ يقين ڏياريو تہ مان جلد ئي بمبئيءَ ايندس ۽ اسين گڏجي ڪونہ ڪو حل ڳولهي لهنداسين. گوپي فون وارا تي ئي منٽ چپ چاپ ٻڌندي رهي. هن ڪو سوال جواب نہ ڪيو.

منهنجيءَ ماءُ وٽ اسان جي رشتي جي انڪار لاءِ ڪو معقول سبب هجي ها، تہ مان سمجهي سگهان ها. پر هن جو اهو دليل، تہ حيدرآبادي عامل گهر جي ڇوڪري اسان جي گڏيل ڪٽنب ۾ سمائجي نہ سگهندي ۽ ايندي ئي هن جي پٽ کي گهر کان ڌار ڪندي، مون کي نہ رڳو ناوا ـب لڳو پر غيرمنطقي ۽ پرم پريو لڳي رهيو هو.

ٻهراڙيءَ جي ناخوانده منهنجي ماءُ، جيڪا گهر هلائڻ ۾ تہ سمجهو سياڻي هئي، پر هن معاملي ۾ تِريا هٺ (زالاڻو هٺ) ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئي. هن کي پنهنجي ڀاتيہ برادريءَ جي ٻنا نوڪريءَ واري گهريتڙي ڇوڪريءَ کي پنهنجي ننهن بڻائڻ جو ارادو هو. ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، منهنجيءَ ماءُ مون کي 'اموشنلي بلئڪ ميل' ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. هن مون مٿان هر قسم جا دٻاءَ وڌا. هن مون سان ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو. موڪل ڏينهن جڏهن مان گهر ۾ هوندو هوس، هن ماني کائڻ ڇڏي ڏني، روڄ راڙو شروع ڪري ڇڏيو. گهر جو سڄو ماحول متاثر ٿيڻ لڳو پر منهنجو پيءُ انهن سيني ڳالهين طرف لاغرض رهندي، پنهنجين اخبارن، ڪتابن ۽ ناوَ نوش ۾ ريڌو رهيو.

مهيني کان پوءِ هڪ مهاجن کان ڳري وياج تي ٻہ هزار روپيا اڌارا وٺي، مان بمبئيءَ هليو آيس. مون گوپيءَ کي اچي يقين ڏياريو تہ مان شادي توسان ئي ڪندس ۽ پنهنجن ماٽن جي منظوريءَ سان ئي ڪندس. مون کي اهو احساس هو تہ پنهنجي پيءُ ماءُ کي ناراض ڪري، سندن آسيس کان سواءِ مون پنهنجو جدا گهر وسايو تہ اهو گهر پريو ڀاڳيو نہ رهندو.

بمبئيءَ ۾ منهنجا ڪيترائي ادبي ۽ ذاتي دوست هئا. ڏياريءَ جي ڏينهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جو گهر، خاص طور ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ڪرشن راهيءَ جي گهرن ۾ سڄي رات جوئا جي تڪري هلندي هئي، جنهن ۾ ڪيرت ۽ سوبتا، راهي ۽ مايا، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي، راجن چاولا ۽ گيتاراج، گوبند مالهي، تولو ويرواڻي ۽ ڪي ٻيا دوست سڄي سڄي رات پتي بازيءَ ۾ لڳا پيا هوندا هئا. هو لعل پشپ کي پاڻ سان ويهارڻ پسند نہ ڪندا هئا. ايندو هو تہ ڪيرت ۽ راهي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هن کي پيچائي ڪيڏندا هئا. پتي بازيءَ جو اهو دور ٽي ٽي ڏينهن راتيون جاري هوندو هو. هڪ رات تہ اسان جو يار راهي مهيني جي سڄي پگهار ئي هارائي وينو ۽ اهو سڄو مهينو فاقہ مستيءَ ۾ گذاريو. مون کي زندگيءَ ۾ ٻن شين کان سخت نفرت آهي: قمار بازي ۽ اغلام بازي- پوئين عمل کان تہ سخت ٻُڇان ايندي آهي، جو مان ان کي انسان جو ٻُڇڙي ۾ ٻُڇڙو غيرفطري عمل سمجهندو آهيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيرت جي گهر مان اها سڄي رات دوستن جي ته پتائي مهارت ڏسندو رهيس ۽ سندس مشغوليءَ جو فائدو وٺي، سند ن بوتل تي مارو ڪندو رهيس. ڪرشن راهي منهنجو گهري ۾ گهرو دوست ٿي ته. منهنجي گهر جو ڀاتي هو. منهنجي ماءُ هن کي پنهنجو وڏو پٽ سمجهي پيار ڪندي هئي. سڄو جوکو ٽيڻ ڪان پوءِ مون کي چيائين: "راند ۾ شامل نه ٿو ٿين، سو روپيا ته ڏي، ته تنهنجي نالي 'پير پوليس' جو پيرو ڪٽان. شايد تنهنجي نصيب سان منهنجا هارايل ڪجهه پئسا موٽي ملن. ٻن ٽن داون ۾ منهنجا روپيا به پينگ ڪري ڇڏيائين. چيومانس: "هاڻي ڪپڙا چندي پڙ تان اُٿُ. توسان ضروري ڳالهه ڪرڻي آهي." ان رات موهن ڪلپنا جي نصيب جو ڦاٽڪ کلي پيو هو. هو هر داوَ ۾ ٻنهي هٿن سان پئسا ميڙيندو ٿي رهيو ان ڪري هن جي اٿڻ تي دل ئي نٿي ٿي. مان خالي کيسن واري راهيءَ کي اشارو ڪري ٻئي ڪمري ۾ وٺي آيس.

ڪرشن راهيءَ کي منهنجي معاشقي جي سڄي ڄاڻ هئي ۽ هن کي اهو به يقين ٿي چڪو هو ته ان لاءِ مان بيحد سنجيده آهيان. مون هن سان سڄو حال اوري پڇيو ته جي مجبورن مان هتي بمبئيءَ ۾ اچي شادي ڪيان، ته توهان دوست ان جي انتظام ۾ منهنجي ڪيتري مدد ڪري سگهندا؟ راهيءَ هڪدم ورياڻو 'هڙا'. تون پڪو پختو فيصلو ڪري اسان هفتو کن اڳ ۾ اطلاع ڏي، اسان سڀني جو توسان ساٿ هوندو." منهنجيءَ دل تان وڏو بار لهي ويو.

صبوح جو پنجين بجي ڏاري ته پتاين جو کيل پورو ٿيو. سڀ ٽنگون ٽيڙي، جنهن کي جيڪا جاءِ هٿ لڳي اتي ڍهندو ويو. موهن ڪلپنا جا ٻئي هٿ سندس پريل کيسن مٿان هئا.

موهن ڪلپنا هڪ بي مثال ڪهاڻيڪار ته هو ئي، پر ذاتي سطح تي پڻ هو هڪ 'جينٽلمئن رائيٽر' هو. هو شاهاڻي شخصيت وارو صاف دل ۽ ادار دل شخص هو. حاضر جوابيءَ ۾ ڪير هن اڳيان بيهي نه سگهندو هو ۽ هن جي ظرافت جي رڳ هميشه ڦڙڪندي رهندي هئي. وڏي ڳالهه اها، ته هو پاڻ مٿان ٺيل لطيفن مان وڌيڪ لطف ماڻيندو هو. پوني جي هڪ سيمينار واري محفل ۾، مون هن بابت پنهنجو هڪ گهڙيل لطيفو ٻڌايو:

"هڪ ڏينهن موهن ڪلپنا آفيس مان اڌ ڏينهن موڪل وٺي، خوش ٿيندو ٽڪڙو ٽڪڙو گهر آيو ۽ گهرواريءَ ڪمل کي چيائين، جلدي منهنجي بئگ تيار ڪر. دهلي اڪادميءَ طرفان شاهه لطيف جي جنم جو ٽن سوَ سالن جو جشن ملهائي رهيا آهن. مون کي به دعوت آئي آهي. دهليءَ جو هوائي جهاز جو اوٽ موٽ ڀاڙو به ڏيئي رهيا آهن. جلد ڪر ڪٿي منهنجو جهاز نه ڇُٽي وڃي."

"ته ڇٽبو هاڻي هر ٽين سوَ سالين دهليءَ ۾ گو بيٺو هوندين." ڪمل پڇيس.

موهن مزي سان اهو لطيفو ڪمل کي ٻڌائيندو هو. پنهنجي گهر جي ڏاڪڻ چڙهندي موهن ڪلپنا جهڙي شينهن مڙس کي اوچتو دل جو شديد دورو پيو ۽ ڊاڪٽر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پڇڻ کان اڳ ئي هيءَ برجستو ڪهاڻيڪار خود ڪهاڻي بڻجي ويو. هو سنڌ وڃڻ جي حسرت پاڻ سان سانڍي هليو ويو.

ٿوري ئي عرصي ۾ هن جي وني ڪمل به هن جي ڪڍ لڳي. ڪمل جي انتقال کان ڪجهه ڏينهن اڳ مان هري موٽواڻيءَ سان هن جي گهر الهاس نگر ويس. هوءَ چئي رهي هئي، ”شروع ۾ ته موهن جي وڇوڙي جو ڏک سهسائي ويئي هئس، پر جيئن جئين وقت پوندو ٿو وڃي، هن جي سار وڌيڪ ستائي رهي آهي.“

ٽن مهينن کان پوءِ ڪمل جي به انتقال جي خبر آئي. موهن جي سندس هائين کي سنڌوءَ ۾ پرواهه ڪرڻ جي خواهش پوري نه ٿي سگهي. هن جي هڪ ئي پرٽيل ڏيءَ گيتا ڇا پئي ڪري سگهي؟

موهن جو همعصر ۽ منهنجو پيارو دوست، سنڌي ڪهاڻيءَ جي خوبصورتي گنوسامتاڻي به بس اسٽاپ تي بيٺي بيٺي دل جي اوچتي دوري پوڻ سان ليٽي پيو.

مان به ڏڪان ٿو ان ڏينهن کان، جڏهن مون ۾ گوپيءَ مان پهرين هڪ هليو ويندو.

مان الائي ڪتان کان ڪٽي وڃي پهتو آهيان. ذهن جي ڪٻاڙ خاني مان ڪٻاڙ سان گڏ ڪڏهن ڪڏهن قيمتي سامان به وصول ٿي وڃي ٿو جنهن جي ڇنڊ ڦوڪ ڪري رهيو آهيان.

دوست جڏهن پتي بازيءَ جو پڙ ويڙهي واندا ٿيا. ته راهيءَ سيني کي چانهه جي چشڪي وقت مون وارو سڄو معاملو بيان ڪيو ۽ سيني کي چيو ته اسين اڳ ۾ به پنهنجن اديب دوستن سان اهڙا ڀال ڀلائي چڪا آهيون (انهن ادبي جوڙن جا نالا نٿو ڪڍان) ڪومل سان به اسان جو پورو ساٿ ۽ سهڪار رهندو. موهن ڪلپنا (جيڪو اڃا تائين ڪنوارو مطلب غير شادي شده هو) اٿي بيهي، ڇاتيءَ تي هٿ هڻندي چيو: ”پيارا اسان ويٺا آهيون نه۔ من ماندو نه ڪر.“ ڪيرت ڇپيندي چيس: ”موهن، تون ويهي رهه۔ اسين سڀ توکي سڄاڻون، آخري مهل گوهي ڏيئي ويندين، جيئن جي شاديءَ وقت ڪيو هوءِ، تنهنجيون ٻتاڪون ۽ بهاني بازيون اسان کان لڪل ناهن.“

”پر ڪومل سان سر لڳي، مان هن کي....“ ڪيرت هن کي ماٺ ڪرائي ڇڏي گوبند مالهي، ڪيرت، راهي، سڳن آهوجا ۽ گنو سامتاڻي مون سان پير پختا ڪري بيٺا. ڪيرت ۽ مالهيءَ مون کي يقين ڏياريو ته اسان جي سڄي ادبي برادري نه رڳو تنهنجو مڪمل ساٿ ڏيئي بيهندي، پر شاديءَ جو سڄو انتظام، ضروري ريتون رسمون، قانوني تقاضائون، ڪجهه عرصي لاءِ رهائش جو بندوبست، خاص دوستن جي سُڪي آلي پارٽي ۽ ٻيو گهربل انتظام ڪنداسين. ڏس، اسان جن ادبي جوڙن جي سادي ڪرائي آهي، اهي ڪهڙيءَ نه لئه ۾ آهن. تون رڳو اسان کي هفتي ڏهه ڏينهن اڳ ۾ آگاهه ڪجانءِ، باقي ذمو اسان جو. گُني مون کي ڀاڪر پائي چيو: ”منهنجن نقش قدمن تي هلي رهيو آهين.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي محسن ليکراج عزيز ڪجهه وقت لاءِ پنهنجي گهر ۾ به اچي رهڻ جي آڇ ڪئي. هو ستر سالن جو غيرشادي شده هو ۽ شيام نواس جي وسيع فليٽ ۾ پنهنجيءَ پيڻ سان رهندو هو. هو مون کي بيحد پيائيندو هو.

پروفيسر ليکراج عزيز سنڌيءَ جو نر شاعر هو. هو قدآور ۽ شاهاڻي شخصيت جو مالڪ هو. شڪل صورت ۾ يوسف ثاني هو. ان عمر ۾ به هن جي ڳاڙهن ڳلن مان رت چٽندو نظر ايندو هو. مهمان نوازيءَ ۾ به هو پنهنجو مثال پاڻ هو هو ٻئي ڪنهن به شاعر کي پنهنجي برابريءَ جو شاعر نه مڃيندو هو: ڪشنچند بيوس ۽ نياز علي نياز سميت لاڙڪاڻي جي شاعرن کي ته ليکي ۾ ئي نه آڻيندو هو. هو انهن کي بازاري شاعر ڪري ڪوٺيندو هو. نوجوان ترقي پسند شاعرن لاءِ به چوندو هو ته هي ڍلڪيا ڇورا جيسين مون کان ڪجهه نه پرائيندا، تيسين جاهل جا جاهل ئي رهجي ويندا. پر ذاتي طور هو صاف دل ۽ درياهه دل شخص هو. مان جڏهن به بمبئيءَ ويندو هوس، ته عزيز وٽ ڪڏهن به پيرو نه پڄندو هوس.

واردن روڊ تي شيام نواس جي گرائونڊ فلور واري ليکراج عزيز جي فليٽ تي پهچي مان گهنٽي دٻائيندس، قيمتي بوسڪيءَ جي ڪُرتي پائجامي ۾ ملبوس شاهاڻي شڪل وارو عزيز پاڻ اچي در کوليندو. مون کي ڏسندي ئي پنهنجيءَ مخصوص مُرڪ کي چپن ۾ دٻائيندي، پڙڪي اٿندو: "اڙي لوفر، اڙي بدمعاش، پنج ڏينهن بمبئيءَ آئي ٿيا اٿيئي ۽ مون وٽ اڄ ٿو اچين؟" مان چوندس: "سائين اڄا ڪالهه ئي، ته آيو آهيان." چپ ڪر ڙي نڱا مون کي سڀ خبر آهي. سڄيءَ بمبئيءَ ۾ منهنجا خابرو ڦهليا پيا آهن. ٽيون ڏينهن کهڙيءَ مومل سان چوپاٽيءَ تي پئي گهمئين؟" "کهڙي مومل، عزيز صاحب؟" "چڱو هاڻي اچ." زور سان منهنجو هٿ جهلي اندر وٺي هلندو ۽ چوندو هلندو "مون کي تنهنجين سيني شوديائين جي گهر ويٺي چاڻ ملي ويندي آهي. چڱو هاڻي هن صوفا تي ٿهي ٽُڪي ويهه."

مون کي ڊرائنگ روم ۾ ويهاري اٿي ڪمري مان پستن ۽ بادامين جا ٻُڪ ڀري ايندو ۽ چوندو "جيسين ماني تيار ٿئي، تيسين هي کائيندو رهه." پوءِ نوڪر کي سڏ ڪندو. هن کي چوندو: "اڙي ڍالو ڏس ته ڪير آيو آهي؟ اسان جو دلبر آيو اٿيئي. مرغي رڌجانءِ، مڇي به ترجانءِ، بيدن جا پڪوڙا به ترجانءِ ۽ عزيز جهڙي لذيذ پڊنگ ٺاهجانءِ، وغيره.

ڪيرت ۽ ارجن شاد چوندا هئا، ته جنهن ڏينهن اسين عزيز جي گهران ماني کائي ايندا آهيون، اسان کي ٻئي ڏينهن گهمرا تي پوندا هئا.

نوڪر کي هدايتون ڏيئي، عزيز صاحب چوندو: "هاڻي آرام سان ٿي ويهه." ۽ هو منهنجيءَ پر ۾ ويهي رهندو. پوءِ تلوار جي ڌار کان به تيز گهائيندڙ طنزيه مرڪ سان شروع ٿيندو:

"لڇمڻ، نئين خبر ٻڌي اٿيئي؟"

"سائين ڪهڙي خبر؟" مان اشتياق وچان پڇندس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڙي بابا_ هڪ جاهل پيدا ٿيو آهي ۽ پاڻ کي ٿو سڏائي شاعر. نالو اٿس (هڪ آبرودار برک شاعر جو نالو ڪٽندو.) شاعريءَ جو نئون مجموعو شايع ڪرايو اٿائين ۽ وري بي ڊپو ٿي مون ڏانهن موڪليو اٿائين. هاڻي جي شڪارين جا گهر ٿو ڳولهي، تہ اسين بہ تہ پنهنجا تير تکا ڪنداسين ڪين نہ_ ڪو ماٺ ڪري ڪونہ ويهنداسين. هاڻي ۽ منٿ ترس، تہ توکي ڪلائي ڪلائي پيٽن ۾ سور ٿو وجهارايان."

عزيز صاحب اٿي ڪبٽ مان هڪ ضخيم شعري مجموعو ڪڍي ايندو. ايندي ايندي نوڪر کي بہ پيڳ برائنڊيءَ جا آڻڻ لاءِ چوندو. پوءِ گوڏي تي گوڏو چاڙهي ويهندو ۽ چوندو: "هاڻي چڱو وچ مان ئي ٿا ڪو صفحو کوليون (جڻ حافظ شيرازيءَ جي ديوان مان فال ڪڍندو هجي.) ڪتاب هيٺ آيل نامور شاعر جو غزل پڙهندو ويندو ۽ هڪ هڪ بند تي چوندو: "هي شعر چيو اٿائين ڪين لِڏ لاٿي اٿائين. بيو بند تہ وزن کان ئي خارج آهي."

مان وچ ۾ ٽوڪيندس: "عزيز صاحب وزن تي سورنهن آنا صحيح آهي 'مفعول فاعلات مفاعيل فاعلن' ڪٿي بہ ڪو لفظ حذف ٿيل ناهي."

"هاڻي بحروزن جو استاد مان آهيان يا تون؟" عزيز ڪاوڙجي چوندو. پر ان ڪاوڙ ۾ بہ مرڪ لڪل هوندي. چڱو هاڻي هي بيو شعر ٻڌ. عزيز بيو شعر پڙهندو: "ڏس هي ڪو شعر آهي، آهي ڪا گهرائي ان ۾؟ بنهہ بازاري شاعري آهي. بازاري."

مان چپ چاپ ٻڌندو رهندس ۽ عزيز مجموعي جا شعرن پنيان شعر پڙهندو ويندو ۽ ويڪون ۽ وڏون ڪڍندو ويندو. نيٺ جڏهن پڙهي پڙهي ٿڪجي پوندو تہ چوندو: "ڪمبخت چپاڻ کان اڳ مون ڏانهن اصلاح لاءِ موڪلي ها، تہ مجموعي جو معيار ئي بيو هجي ها."

پوءِ ڦري گهري شيخ اياز تي ايندو: هي شيخ اياز ڪهڙي شاعري ٿو ڪري، هي بيت ڏس:

"آڌيءَ رات الهہ ڳائي پيو ڳجهہ ۾. الخ"

هاڻي ٻڌاءِ ڪڏهن الهہ بہ ڳائيندو آهي، الهہ آهي يا محمد رفيع؟ توکي چا ٻڌايان، شيخ اياز هتي بمبئيءَ آيو. تہ ڊپ ۾ مون سان ملڻ بہ نہ آيو. منهنجو معزز مهمان ٿي اچي ها، تہ ڪو مان هن جي شاعريءَ تي هرويرو تنقيد ڪرڻ ڪونہ ويهان ها، بلڪ هن جي سٺي شاعريءَ تي، هن کي داد ئي ڏيان ها. پر الائي ڪهڙن وچ وارن هن کي مون کان خوفزده ڪري ڇڏيو."

ڪلاڪن جي ڪچهريءَ کانپوءِ مان عزيز صاحب کي چوندس. "چڱو سائين مان هاڻي هلان ٿو. مون کي فلاڻي سان ملڻو آهي." عزيز وري بہ اها ئي مرڪ ڀري ڪاوڙ ڪندي چوندو: "اڙي شودا، وري بين سان ٽائيم رکي ٿو مون وٽ اچين؟ ائين نہ ڪندو ڪر يار." هو مون کي ٻاهر ڪاريڊار تائين اپرائڻ ايندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون ڪتا لکندي ڪتان ڪان ڪٽي وڃي ٿو پهچان، پر جيئن جيئن دل ۽ دماغ جون دريون کلنديون ٿيون رهن، تيئن تيئن اهي وارداتون درج ڪندو ٿو وڃان. نارائڻ شيام جو شعر آهي:

”وڇوڙي ۾ پهرينءَ نظر جون سنيارون،
ڪتان جي ڪ~ي ڳالهه ڏس ياد آئي.“

گهر جو ماحول بيحد تناوَ ۽ ناسازيءَ وارو هو. منهنجي ماءُ پنهنجي هٽ تان هيٺ نٿي لٿي. منهنجي پيءُ جو رخ لا تعلقيءَ وارو هو. رڳو منهنجو ننڍو ڀاءُ هاسو منهنجو مڪمل ساٿ ڏيئي بيٺو هو پر ماءُ کي مجائڻ لاءِ هڪ ٻه ڀيرو هٽ پير هٽي، هن ٻه ماٺ ڪري ڇڏي. ٻيو ننڍو ڀاءُ ڏنو اڃا ٻاڙي جي ڇورن سان ڇِڏن راند ۾ ريڌو رهندو هو. منهنجيون ٻيئي ڀينر ماءُ سامهون ڪجهي نه سگهنديون هيون. مون پنهنجيءَ ماءُ جهڙو رحمدل ۽ سنگدليءَ وارو رليل مليل روپ ڪنهن ۾ نه ڏٺو آهي.

مان پنهنجي مامي ٽيجو مل جو ذڪر اڳين پنن ۾ ڪري آيو آهيان. هو ان وقت بهار جي شهر ڏنباد ۾ ايڪسائيز ڪاتي ۾، ڪنهن وڏي عهدي تي هو حالانڪ سنڌ ۾ شاهپور چاڪر ۾ آبدار جي معمولي نوڪريءَ ۾ رهيو ۽ ڪئنالن ۾ پاٽي ڪڇيندو هو. هٽ اچي، هن جو نصيب کلي پيو هو هن کي ست پٽ هئا ۽ ڏيءَ لاءِ سڪندو هو.

هڪ ڏينهن هن جي ڏنباد مان ٽيليگرام آئي، ته هن جو ٻاويهن سالن جو وڏو پٽ شنڪر ڪنهن ڳجهي بيماريءَ ۾ گذاري ويو آهي. منهنجي ماءُ روئڻ لڳي ۽ دادا مون کي چيو ته ماءُ کي پرچائيءَ لاءِ ڏنباد وٺي وڃ. مون آنا ڪاني ته گهڻيئي ڪئي، پر پيءُ جو حڪم ٽاري نه سگهيس. دهليءَ کان ڏنباد ٻاويهن ڪلاڪن جو ٽرين جو سفر آهي ۽ بيحد ٿڪائيندڙ آهي.

منهنجي مامي جون صبا جي معاملي ڪري مون ۾ ٻاهيون هيون، پر صبا واريءَ واردات کي ڏهه سال گذري چڪا هئا ۽ شايد مامو اهو واقعو وساري چڪو هجي يا هو ڪجهه تڏو تي چڪو هجي، پوءِ ٻه ٽرين جو ٻاويهن ڪلاڪن جو سفر مون بيحد بي آراميءَ ۾ گذاريو. ٽرين ۾ منهنجي ماءُ روئي روئي وري سمهي ٿي پيئي ۽ اٿڻ سان وري روئڻ تي لڳي.

مامي جي گهر ڏنباد پهچي، منهنجي ماءُ ته منهنجي ماميءَ سان روج راڙي ۾ لڳي ويئي ۽ مان چپ چاپ ڊرائنگ روم ۾ مامي سان ويٺو رهيس. مامو جوان پٽ جي وڇوڙي ڪري بيحد غمزده هو، پر مون سان ٻاڪرپائي سڪ سان مليو. منهنجيءَ دل تان وڏو بار لهي ويو.

سوڳواريءَ ۽ شوڪ جون ريتيون رسمون پوريون ٿيڻ بعد مامو منهنجو تمام گهڻو خيال رکڻ لڳو. هن جا ٻيا ڇهه ئي پٽ ٻه مون کي گهربل شيءِ شڪل آڻي ڏيندا هئا. مامي پنهنجي جيپ ۽ ڊرائيور ٻه منهنجي حوالي ڪري ڇڏيا. ڊرائيور عثمان مون کي ڪڏهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينگال جي سرحدي شهر آسنسول وٽي هلندو هو ڪڏهن دامودر وئلي پراجيڪٽ تي وٽي هلندو هو.

دامودر وئلي پراجيڪٽ ورهاڱي بعد تيستا نديءَ تي بدل پهريون ڪارائتو پراجيڪٽ هو جيڪو موهن متراڻي نالي سنڌي انجنيئر ڊزائين ڪيو هو. متراڻي بهار صوبي جو بيحد قابل چيف انجنيئر هو. هو سکر بئراج تي پڻ رهي چڪو هو ۽ منهنجو سهرو ديوان جڳتياڻي ۽ سنڌيءَ جو برک شاعر هري دلگير هن جا زيردست رهي چڪا هئا.

ڌنباد جهڙي ڪوئلي جي کاڻين واري شهر ۾ مان صفا بر ٿي پيس. پر پاپيءَ کي پندرهن ڏينهن اتي رهڻو هو. مان پندرهن ڏينهن (Coal Mines) ۽ غنبه گرديءَ واري شهر ۾ ڪيئن گذاريان. ڪوئلن جي کاڻين جا مافيا سڄي شهر تي ڇانيل هئا ۽ ڪنهن کي قتل ڪندي ويرم ئي نه ڪندا هئا. مامو هميشه پريل روالور ساڻ رکندو هو. هڪ ڏينهن مون کي چيائين: ”تون منهنجي جيپ ۽ ڊرائيور کي وٺي ٻن ٽن ڏينهن لاءِ رانچيءَ مان گهمي ڦري اچ.“ مون خوشيءَ سان ها ڪئي. رانچي بهار جو بيحد خوبصورت اوچائيءَ تي بدل شهر هو هاڻي جهاڙ کنڊ صوبي ۾ آهي. رانچيءَ ۾ منهنجو دوست پوڄو هيراڻي ڊراءِ ڪلينگ جو دوڪان هلائيندو هو ۽ ڍير ناڻو ڪمائيندو هو. مان هڪ شام مامي جي جيپ ۽ عثمان ڊرائيور سان رانچيءَ لاءِ روانو ٿي ويس. عثمان بيحد دلچسپ شخص هو. منهنجي ساڻس دل ٻجهي وبئي هئي. هن جي ڪردار تي هڪ الڳ باب لکي سگهجي ٿو.

رانچيءَ وينڌڙ رستي جي ٻنهي پاسي ڪوئلن جون کاڻيون ۽ فولاد جا ڪارخانا هئا. آسنسول تائين پهچندي پهچندي رات ٿي ويئي. بينگال صوبو شروع ٿي ويو. هڪ ڳوٺ جي چوپال تي ڇئن پنجن ناچڻين جو پوڄپوري ٻوليءَ ۾ ناچ گانو هلي رهيو هو جتي سڄو ڳوٺ پلتجي پيو هو. عثمان شوقين قسم جو شخص هو. چيائين. صاحب ڪلاڪ کن لاءِ جيپ بيهاري هي تماشو ٿا ڏسون. منهنجي منع ڪرڻ تي ايلاز ڪرڻ لڳو هن ٺري جي بوتل به ساڻ ڪنئي هئي.

پوڄپوري ڇوڪرين جي نچڻ جو انداز بيحد دلڪش هو سندن گانن جي لفظن ۾ جنسيات جو کليو اظهار هو. مثلن: ”طبيلي ۾ منهنجي طبلو وڄي ويو.“ مزو ته مون کي به پئي آيو پر مون رڳو مُنهن جي پڪائي پئي ڪئي. نيٺ مون ان شرط تي ترسڻ مڃيومانس، ته ڊرائيونگ ڪندي بوتل کي هٿ نه لڳائيندين. هن اها ڳالهه مڃي ۽ مون کي جيپ ۾ ويهڻ لاءِ چئي، ڳوٺ جي سر پنچ وٽ وڃي کيس سرہاڻ ۾ ڪجهه چيو سر پنچ ۽ هڪ ٻه بيو جڻو تڪڙو تڪڙو اٿي مون وٽ آيا ۽ ڏاڍي شان مان سان مون کي وٺي هلي سڀ کان اڳيان پاڻ سان گڏ ويهاريائون. رات جو ٻارهين بجي ڌاري ناچ گانو پورو ٿيو. سر پنچ مون کي تاڙيءَ جو هڪ وڏو گلاس پياريو ۽ اسان کي وداع



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي چيو. "صاحب ٻي ڪا خدمت هجي ته حاضر آهيون." مان هن جو مطلب سمجهي ته ويس. پر مون سندس ٿورا مڃيندي انڪار ڪيو. اسين جيپ ۾ رانچيءَ لاءِ روانا ٿي وياسين.

تاڙيءَ جي نشي مون کي گهيرٽ ڏيئي ڇڏيا. رانچي اچا اٺن ڏهن ڪلاڪن جو رستو هو. مون عثمان کي چيو. رستي تي ڪنهن ڳوٺ ۾ گاڏي بيهاري، مون کي ڪنهن وڻ هيٺان کٽولي تي سمهاري ڇڏي، نه ته ننڊ جي نشي ۾ مان هلندڙ جيپ مان ڪري پوندس. مان ڪنڌ ئي نٿو جهلي سگهان. عثمان چيو: "صاحب هتان ٻن ڪلاڪن جي مفاصلي تي رام ڳڙهه جو پهاڙي قصبو آهي، اتي سرڪاري سرڪٽ هائوس ۾ ٿا هلون. توهان هلي آرام سان ننڊ ڪجو." ڏاڍي ڏکيائيءَ سان مون اهي ٻه ڪلاڪ ڪاٽيا.

رام ڳڙهه جي سرڪٽ هائوس ۾ پهچي، عثمان چوڪيدار کي اٿاريو جيڪو اڃا جاڳي رهيو هو ۽ سلفيءَ جا سوٽا هڻي رهيو هو. عثمان هن کي چيو: "هي ايڪسائيز صاحب جو ڀڳنو (ڀاڻيجو) آهي. وڏي صاحب وارو روم کولي ڏي." چوڪيدار ڪنجين جو ڇڳو کڻي آيو ۽ ٻيئي ڄڻا مون کي وسيع صاف سٿري ڪمري ۾ پلنگ تي سمهاري، در بند ڪري هليا ويا. صبوح جو ڇڳي سج چڙهئي منهنجي اک کلي ۽ ٻئرو مون لاءِ اُڇن ڪوپن پليٽن ۾ چاءِ بسڪوٽ کڻي آيو ۽ مون کان پڇڻ لڳو: "صاحب. بريڪفاسٽ کهڙي ڪندا. ديسي يا انگريزي؟ مون هن کي چيو "پهرين مان سنان پاڻي ڪندس. بريڪفاسٽ مان ڪندو ئي ناهيان." هن وڃي چوڪيدار کي موڪليو جيڪو ٽوال ۽ ٻيو ضروري سامان کڻي آيو. غسل خاني ۾ وڃڻ کان اڳ چوڪيدار مون کي ڏڄندي ڏڄندي چيو: "صاحب. هن سرڪٽ هائوس جي پويان پنجن منٽن جي پنڌ تي شفاف پاڻيءَ جو وهندڙ پهاڙي چشمو آهي، اتي وڃي سنان ڪندؤ ته سفر جا سڄا ٿڪ ئي لهي ويندوَ. سرڪٽ هائوس ۾ رهندڙ هرڪو صاحب ان چشمي ۾ ئي وڃي وهنجندو آهي. منهنجو ڇوڪرو توهان کي وٺي هلندو.

مان ٽوال ڪلهي تي رکي، ڇوڪري کي ساڻ ڪري چشمي طرف روانو ٿيس. پهاڙي چشمو سچ پچ شفاف ۽ دلڪش هو. تري ۾ پيل گول گول پٿر صاف ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. وهنجڻ کان اڳ ڪا دير ته مان ان جي سندرتا ڏسندو رهيس.

مان مگن ٿي چشمي جي وهندڙ پاڻيءَ تي صبوح جي سج جي ڪرڻن جا سونهري پرتوَ ڏسي رهيو هئس، ته اوچتو پنيان ڪنهن جي پيرن جو هلڪو آواز آيو. مون ڪنڌ ورائي پوئتي نهاريو ۽ ڏسندي ئي ونجي ويس.

ارڙهن اٺويهن سالن جي ٻي مثال سونهن سان ٽمٽار موهيندڙ مهانديءَ واري پهاڙي ڇوڪري، پتل جي گهاگهر ڪڇ ۾ دٻائي، هيسجي چپ چاپ بيٺي هئي. مان ڪجهه پل، ته يڪ ٽڪ هن ڏانهن نهاريندو رهيس ۽ هوءَ اکيون هيٺ ڪري بيٺي رهي. مون هن جي ويجهو وڃي چيو: "پاڻي ڀرڻو اٿيئي؟ اچ- اچي ڀري وڃ." ۽ مان پاسيرو ٿي بيهي رهيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ٻڄندي ٻڄندي اڌ مني گھاگھر پري ڏڪندڙ قدمن سان واپس موٽڻ لڳي ۽ مان حواس باختہ ٻيٺو هن کي ايستائين ڏسندو رهيس، جيسين هوءَ اکين کان اوجھل نہ ٿي.

چشمي جي سنان سان تازو توانو ٿي، سرڪٽ هائوس اچي تيار ٿي، مون عثمان سان ان ڇوڪريءَ بابت ذڪر ڪندي هن کي چيو خبر ڪڍ تہ اها ڪير هئي؟ عثمان، چوڪيدار کي سڏي، ٻاهر وڃي هن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. پندرهن ويهن منٽن کان پوءِ ٻيئي مون وٽ آيا. چوڪيدار جيڪي چيو تنهن منهنجا ڪن ڳاڙها ڪري ڇڏيا.

هن ٻڌايو تہ نيرا (ڇوڪريءَ جو نالو) سرڪٽ هائوس جي مالهيءَ جي ڌيءَ آهي. هو سالو سڄو وقت شراب جي نشي ۾ ڌت رهندو آهي. پنهنجي هن ڌيءَ جا چار هزار ٽو گھري، پئسو بہ گھٽ نٿو ڪري، حڪم ڪريو تہ هن سان ڳالهائي ڏسان. شايد سو بہ گھٽ ٿي مڃي وڃي، پر ٽيئن هزارن ۾ تہ سودو پڪو سمجھو. ڇوڪري خوبصورت تہ آهي ئي، پر ڪم ڪار جي بہ هوشيار آهي، وني ويجوس توهان جي خوب شيوا ڪندي صاحب...

مان وثوق سان تہ چئي نٿو سگھان، پر جي ان وقت مون وٽ چار هزار روپيا (جي تن ڏينهن خاصي رقم هئي) هجن ها، تہ شايد؟ خير! پنجاهہ سال پراڻي ڳالهہ آهي، اتي ئي ڇڏي ٿو ڏيان.

رانچيءَ ۾ بہ ٽي ڏينهن پنهنجي دوست يوجي هيراڻيءَ سان موج مستيءَ ۾ گذاري، مان ڌنباد موٽي آيس. مامو پنهنجي جوان پٽ جي موت جو ڏک سهسائي وينو هو جو هن کي اڳ ۾ ئي پٽ جي موتمار بيماريءَ جا پرون پيل هئا. پر ماميءَ گلان جو روڄ راڙو جاري هو. مان گھر جي ماحول مان ڏاڍو تنگ هوئس، پر ماءُ جي ڪري گھٽ ۾ گھٽ ٻارهي تائين رهڻو هو.

هڪ ڏينهن مامو مون کي پنهنجيءَ آفيس ۾ وٺي هليو هڪ شاهي اسٽيل مل جي پر ۾، هن جي سينگاريل ايئرڪنڊشنڊ آفيس هئي. هن صبا واريءَ واردات کي وساريو نہ هو پر منهنجيءَ حماقت کي درگذر ڪري ڇڏيو هو پر پوءِ بہ هن مون کي اڻ سڏيءَ طرح جتايو تہ منهنجي ڪارنامي ڪري هن کي بدلي ڪرائي، هن دور دراز علائقي ۾ اچڻو پيو آهي. مون مامي کان معافي گھرندي، ان موقعي کي غنيمت ڄاڻي، اڪيلائيءَ ۾ هن سان سڄو دل جو حال اوريو ۽ هن کي ايلاز ڪيم. تہ هو پنهنجي نندي ڀيڻ (منهنجي ماءُ) کي منهنجي ۽ گوپيءَ جي ماڻتيءَ لاءِ مڃائي. مون مامي کي تفصيل سان گوپي ۽ هن جي ڪٽنب بابت احوال ڏنو. اتفاق سان مامو شاهپور چاڪر ۾ پنهنجي آبداريءَ وقت ديوان موتيرام جڳتياڻيءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو جو ديوان صاحب حيدرآباد ڊويزن ۾ انجنيئريءَ وقت مامي جو بالادست هو. مامو اهڙي سڱابنديءَ جو ٻڌي بود ۾ اچي ويو.

مامي چيو: "راڌا جو مٿو ڦريل آهي ڇا جو ايڏي آبرودار خاندان وٽان آيل ماڻتي ٿي موٽائي. هاڻي تون مون تي ڇڏ. مان پاڻيهي سڄي معاملي کي منهن ڏيندس." مامي مون کان ديوان صاحب جي بمبئيءَ جي ائڊريس ورتي، آفيس مان ئي هن کي قبوليت جو خط



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيو ۽ مون سان وعدو ڪيو ته مهيني ڪن ۾ هو اسان وٽ دهليءَ اچي منهنجن مائٽن کي مڃائي، شاديءَ جي تاريخ طئي ڪندو.

ٽن پائرن ۾ هڪڙي پيڙ، منهنجيءَ ماءُ کي پائر بيحد پائيندا هئا. پاپيءَ جو به پائرن ۾ خاص ڪري هن مامي ۾ ڏاڍو موهه هو. گهر اچي مامي پنهنجيءَ پيڙ کي ست سُري ٻڌائي ۽ اها به ڏمڪي ڏنائينس، ته جي تون هيءَ مائٽي نه مڃيندينءَ، ته مان توسان سڀ لڳ لاڳاپا لاهي ڇڏيندس. پاپي پاءُ اڳيان بيوس ٿي ويئي، ٻئي ڏينهن مون به گوپيءَ کي ڏنباد مان خوشيءَ ڀريو خط لکيو.

مامي مٿان 'هذا من فضل ربي' جي مهر هئي. هن موتندي وقت ٿي هزار روپيا منهنجي کيسي ۾ وڌا. دهلي ايندي مان پنهنجيءَ ماءُ کي الهه آباد ۽ ڪاشيءَ (بنارس) جا تيرٿ ڪرائيندو، گنگا جمنا سرسوتي جي سنگم جا سنان ڪرائيندو آيس. جنهن هن جي من تي ٿڌا ڇنڊا وڌا. ان وچ ۾ منهنجي مهربان مامي، منهنجي پيءُ ڏانهن ۽ ديوان جڳتياڻيءَ ڏانهن خطن جي لائڻ لڳائي ڇڏي.

هفتي کن کان پوءِ مان گوپيءَ سان ملڻ بمبئي هليو ويس. منهنجيءَ ماءُ گوپيءَ لاءِ به سونيون ڳنيون تحفي طور ڏنيون. جيڪي هن اجا تائين سانڍي رکيون آهن. بمبئيءَ ۾ گوپيءَ جي اميءَ زور ڀريو ته منديون مٽائي هتي ئي مڱڻو ڪري وڃ. پر مون صاف انڪار ڪندي چيو ته مڱڻو منهنجي گهر ۾ منهنجا مائٽ ئي ڪندا. منهنجي پيءُ به ايئن پئي سمجهو ته مان بمبئيءَ ۾ شادي ڪري ئي ايندس. پر منهنجي اڪيلو واپس موٽڻ تي، هن کي اطمينان ۽ خوشي ٿي، ته مان مائٽن کي ڏنو نه ڪندس.

بمبئيءَ ۾ مون گوپيءَ کي يقين ڏياريو ته هوءَ اسان جي گهر ۾ عزت آبرو شان ۽ مان سان ايندي ۽ منهنجو هن سان ڪيل واعدو اڄ تائين وفا ٿيندو رهيو آهي. منهنجيءَ ماءُ هن کي پنهنجين سڳين ڌيئرن کان به وڌيڪ پيار ۽ سنيهه ڏنو. هر صلاح هن سان ئي ڪئي، هر ڳالهه هن جي ئي مڃي. منهنجا پائر پينر هن کي پنهنجي ماءُ جو درجو ۽ رتبو ڏيندا آهن.

سال 1963ع جي آڪٽوبر جي 18 تاريخ، گوپي ۽ هن جا والدين دهليءَ پهتا، 23 تاريخ تي مڱڻو ۽ 30 آڪٽوبر شاديءَ جي تاريخ طئي ٿي.

اهو هڪ عجيب اتفاق آهي، ته مان ۽ امرجليل ساڳئي سال ڄاوا آهيون، ساڳئي پيشي سان واڳيل رهيا آهيون، ساڳئي سال ۽ ساڳئي مهيني پرڻيا آهيون. ٻنهي پيار جي شادي ڪئي آهي. ٻنهي جون محبوبائون شاهاڻي شخصيت واريون آهن ۽ اسان جون رفيقه حيات تي گذريل ستيتاليهن سالن کان، اسان جهڙن ارڏن گهروارن سان نباهي رهيون آهن. مان جڏهن امر جي گهر 'سٽنڊ ويو هومس' ويندو آهيان ته پاڃائي تسنيم مون کي سڪ سان چوندي آهي: "تنهنجي لاءِ دال چانور تي رڌيان، ڪاٿي وڃ." ۽ مان چرچي ۾ چوندو آهيان: "ادي جي هن اسلامي ملڪ ۾ به دال ئي کارائڻي اٿوَ ته پوءِ پاڪستان ڇو ناهيوَ؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر حقيقت اها آهي، جو مان رات جي ماني کائيندو ئي ناهيان. ان ڪري امر جليل جي ونيءَ جي هٿن جا سڪ سان رڌل دال چانور کائڻ کان محروم رهجي ويندو آهيان. اڄ گوپي ۽ تسنيم گوڏن جي سور کان هلاڪ آهن. امر جي چيلهه تي پٽا ٻڌل آهن ۽ منهنجين ٻنهي پنين تي پٽيون ويڙهيل آهن.

ڪناٽ پيلس جي وڏيءَ هوٽل 'وينگرس' ۾ منهنجي شاديءَ جي اعليٰ انتظام لاءِ، منهنجي پيءُ دل کولي خرچ ڪيو. پر شاديءَ واري شام جو اتي هلڻ کان ڪيٻائڻ لڳو. مون کي سڏ ڪري چيائين: "مان گوڏ گنبوڙ کان پاسو ڪندو آهيان. تون وڃي شادي ڪري، پنهنجي ونيءَ کي گهر وٺي اچ. مان هتي هن جي سڪ پري آجيان ڪندس." دادا گلاس مان ڍُڪ ڀريندي چيو.

منهنجا ماشا ٺي ٺري ويا. مان شاديءَ لاءِ نهي نڪي، فل سوٽ پائي، عطر ڦليل لڳائي، تيار ٿيو وينو هئس. پنهنجي پيءُ جو اهڙو غيرمتوقع فيصلو ٻڌي، مون ڪاوڙ ۾ پنهنجو ڪوٽ لاهي، نيڪ ٽاءِ جي ڳنڍ ڍلي ڪرڻ شروع ڪئي ۽ هن جي سامهون ڪرسيءَ تي ڏڙام سان ويهي رهيس. گهر جا سڀ ڀاتي ۽ مهمان هوٽل لاءِ روانا ٿي چڪا هئا. منهنجا هتان جا سڀ ليکڪ ۽ ٻيا دوست خواهه ٻاهران آيل اديب دوست اتم، ارجن شاد، ارجن حاسد، گوبند مالهي ۽ ڀڳونتي ناواڻي، گنو سامتاڻي، ڪرشن کٽواڻي، گوردن ڀارتي ۽ ڪيترا ٻيا دوست هوٽل پهتا هئا.

مان سراپجي دادا جي وسڪيءَ جي بوتل کڻي پنهنجي گلاس ۾ اوتڻ لڳس ۽ چيومانس: "مان به نٿو وڃان."

منهنجي پيءُ هڪ ئي ڍُڪ سان گلاس خالي ڪري چيو: "اتي ڪٻٽ مان منهنجو اُچو سوٽ ڪڍي ڏي، ڪنهن کي موڪلي مون لاءِ الڳ ٽئڪسي گهراءِ. اها اتي ئي بيٺي هجي. مان ڪلاڪ ويڏيءَ تي ويهي، انهيءَ ئي ٽئڪسيءَ ۾ گهر موٽندس ۽ ها! مون کي وڌيڪ ويهڻ لاءِ زور نه پرجو."

مون سڀ مڃيو. اهو آخري ڀيرو هو جو منهنجو پيءُ گهر کان ٻاهر نڪتو هو.

مان پنهنجي شاديءَ ۾ ويڏيءَ جي وقت کان ڏيڍ ڪلاڪ دير سان پهتس. ويڏيءَ تي ويٺي منهنجي وات مان وسڪيءَ جي خوشبوءِ اچي رهي هئي. منهنجي سهري ديوان جڳتياڻيءَ منهنجي خالي ٻانهن جهلي، ان تي واچ ٻاڌي. منهنجيءَ سس درگاهه ٿان گهرايل تعويذ منهنجي ڳچيءَ ۾ پاتو.

ان رات کان پوءِ مان شادي شده هئس. هاڻي منهنجي نظر هڪ ئي هنڌ مذڪور ٽيڪي هئي. مان حيران ٿي رهيو هئس، ته ڪالهه تائين مان چڙو هوس ۽ راتِ راتَ ۾ سگهڙ ٿي ويو آهيان.

اڄايو وڃايل وقت مون ڪاجو راهو ۾ هتي مون تي وڃي سجايو ڪيو.

مون کي وري ڪڏهن پُٽيءَ جو سور نه پيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻاهٺون پنو

عظيم شاعر اسدالله خان غالب عرف مرزا نوشا پنهنجي فارسي سوانح ’دستنبو‘ ۾ رڳو پنهنجي بي سرو ساماني‌ءَ جا ئي روئڻا رُنا آهن...

”قلعي جي پگهار بند آهي. خانداني پينشن روڪيل آهي. گذر سفر جو ڪو ذريعو نه بچيو آهي. عذر ۾ گهر جا زيور لٽجي چڪا آهن. ڪپڙا وڪڻي گذارو ڪري رهيو آهيان. هڪ پئسي جي آمدني ناهي ۽ گهر ۾ ويهه ويهه ماڻهو ڪاڌي لاءِ موجود. پوءِ به هڪ حجام ۽ هڪ ڌوٻي نوڪر رکيو اٿم. عارف (گود ورتل ڀاڻيجو) صبوح ڪان لغڙ مانجها ۽ پيون شيون وٺڻ لاءِ ضد ڪري بيٺو آهي. ويهه روپيا ڏيڻ سان مس راضي ٿيو آهي. رات روٽي نه پئي وٽي، ان ڪري رڳو ڇهه ڇٽانگ (ڏيڍ پاءُ) پُڳل بادام ۽ اڌ بوتل پورچوگيز شراب پي سمهي پيس...“

اسان ته پنهنجي بي سرو ساماني‌ءَ جو مختصر مدو پورو ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي سيني ڏکن ڏولاون وارن ڏينهن جي يادگيرين کي زندگي‌ءَ جي ڦرهي‌ءَ تان ميساري ڇڏيو. امان نه پُڳل بادام کائڻ جي سڌ ڪئي ۽ نه پورچوگيز شراب پيئڻ جي. اسان لاءِ رڳو پنهنجي وطن جي ياد جو جذبو ڏينهون ڏينهن شدت سان اُڀرندو رهيو. تازو ڏک وقتي سهسائي وڃبو آهي، پر اڳتي هلي جڏهن ان جو سور ستائيندو آهي، ته احساس ٿيندو آهي، ته اسان ڇا ڇا وڃايو آهي؟

مان اڳئين ڪنهن پني ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان ته ورهاڱي جي ٽيٽيهن سالن بعد سال 1980ع ۾ دهلي‌ءَ جي جامعه مليه ۾ ڀارت- پاڪ اردو ڪهاڻي سيمينار ۾ مون کي پنهنجي اخبار ٽائيمس آف انڊيا طرفان رپورٽنگ ڪرڻ جو وجهه مليو هو ۽ مون اردو اديبن وزير آغا، انتظار حسين ۽ مشفق خواجه کي ويزائون وڏرائي ڏنيون هيون. ان دوران پاڪ سفارتخاني جو پريس سيڪريٽري منير شيخ منهنجي وڏيڪ ويجهو آيو ۽ سفارتخاني جي رٽيل پروگرامن جا دعوت ناما پڻ مون ڏانهن موڪلڻ لڳو. پريس سيڪريٽري هئڻ جي ناتي، هو ٽائيمس آف انڊيا آفيس ۾ اڪثر ايندو رهندو هو ۽ ڪجهه وقت مون وٽ ويهي، گڏجي چانهه ڪافي پيئندو هيو. اسين ڪڏهن ڪڏهن پريس ڪلب ۾ به اچي ويهندا هئاسين. منير پنجابي ٻولي‌ءَ جو مڃيل اديب هئڻ سان گڏ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو لطيفي باز پڻ هو. هن جا پنجابي لطيفا لکڻ جهڙا نه پنجابي ٻوليءَ لهجي ۾ ٻڌڻ جهڙا هئا. منير شيخ جي دوستيءَ ڪري مان پاڪ سفارتخاني ۾ آزاديءَ سان ايندو ويندو هوس. گڏوگڏ ٽائيمس جو شناختي ڪارڊ به ڪارائتو هو. منير جي وڃڻ ڪانپوءِ مسرور جوڻيجي جي سفارتخاني ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي اچڻ سان به اهو سلسلو جاري رهيو ۽ اسين هڪ ٻئي جي گهر به ايندا ويندا هئاسين. گذريل هفتي اوچتو نائيجيريا مان مسرور جوڻيجي جو فون آيو ۽ دل کولي پراڻيون يادگيريون تازيون ڪيوسين.

هميشه جيان هڪ ڏينهن منير شيخ پاڪ سفارتخاني طرفان جاري ڪيل تجارتي نوعيت جو ڪو اهم پريس نوٽ کڻي آيو. چيائين هيءَ خبر ٽائيمس آف انڊيا جي فرنٽ پيج تي شايع ڪرائي ڏي. شايع ٿي ته منهنجي وقار وڌي ويندو. مون ايڊيٽر گري لال وٽ وڃي ان پريس رليز تي F. P لکائي نيوز ايڊيٽر ڏانهن موڪلي ڏنو ۽ منير کي چيم سڀاڻي صبوح جو ٽائيمس آف انڊيا جو فرنٽ پيج ڏسجانءِ. منير بيحد خوش هو. موقعي کي غنيمت ڄاڻي، مون ڏينهن کان من ۾ مانڊيل پنهنجيءَ خواهش جو هن سان ذڪر ڪيو. چيومانس: "شيخ صاحب. مان ڪيئي ڀيرا آمريڪا گهمي آيو آهيان، سڄو يورپ گهمي آيو آهيان، روس ۽ سمرقند، بخارا ۽ جارجيا گهمي آيو آهيان، سڄي ڏکڻ اوڀر ايشيا ڏسي آيو آهيان. ويندي ڪوهه قاف جي پرين جون صحبتون ماڻي آيون آهيان، پر طعنه زين (Iraony) اها آهي، جو پنهنجي وطن نٿو وڃي سگهان."

منير شيخ واتڙو ٿي مون ڏانهن ڏسندو رهيو. چيائين: "ڪهڙو وطن؟"

چيومانس: "منهنجو وطن سنڌ آهي، جتي وڃڻ لاءِ مان سالن کان سڪندو ٿو رهان، پر هاڻي اها پاڪستان جي رياست آهي، ان ڪري اتي وڃڻ لاءِ ويزا گهرجي، جيڪا توهان نٿا ڏيو." منير مرڪي پنجابيءَ ۾ چيو: "اوٹ بادشاهو بس انيءجي گل هئه. تُسي مئن نون ول ڪيوين نئين آ کيا؟ ڪل ميري ڪول پاسپورٽ نال دفتر آ جايون، تي ويزا لگواديان گا." چئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳو. منير مرداني حسن جو مثالي نمونو هو ۽ مرڪڻ مهل وڌيڪ موهيندڙ لڳندو هو. مان هن کي هيٺ ڪار تائين اپرائڻ آيس.

شام جو ڪافي هائوس ۾ طنز مزاح جو بادشاهه فڪر تونسوي ملي ويو. هن سان گڏ پنجابيءَ جو شاعر تارا سنگهه ڪامل ويٺو هو. مون فڪر مان منير شيخ واري ملاقات جو ذڪر ڪندي ڪيس ٻڌايو ته هن پاڪستان جي ويزا ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي ۽ مان سڀاڻي وزارت خاني مان وڃي ويزا وٺي ايندس.

فڪر تونسويءَ جو اصلي نالو رام لال ڀاٽيه هو ۽ هو لاهور مان قتيل شفائي ۽ احمد نديم قاسميءَ جي دوستيءَ ۽ مدد سان سلامتيءَ سان سرحد پار ڪري آيو هو. هتي هُتي ڀٽڪڻ کان پوءِ هو جالندر ۾ هڪ رنگريز وٽ ڪپڙا رنگيندو هو. ڪپڙا رنڱڻ وقت هو شاعري به ڪندو هو. زنانن دوپٽن ۽ ساڙهين کي ابتا سبتا رنگ ڏيڻ ڪري مالڪ هن کي اڪثر گاريون به ڏيندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڪافي هائوس ۾ فڪر تونسويءَ سان منير شيخ واري پاڪستاني ويزا ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي مس، ته هڪدم چيائين: ”مان به توسان هلندس ۽ پوءِ ڪيتري دير تائين ”لهور- لهور“ ڪندو رهيو. (لاهور شهر سان هن کي بي پناهه محبت هئي.) مٿان پنجابيءَ جي خالصي شاعر تارا سنگهه ڪامل به چچڙ جيان چنبڙندي چيو:

”تي مئن وي چلا گان. مئن نون ماڊا پنڊ ويکڻا هي.“

مان پڇتائڻ لڳس، ته هن چچڙ اڳيان اها ڳالهه ئي ڇو ڪيم.

تارا سنگهه ڪامل خبر ناهي پنجابيءَ جي ڪهڙي رتبي وارو شاعر هو. پر هو ڏسڻ ۾ صفا چسو ۽ پوڪ لڳندو هو. هن جي دن تائين ڇچ جهڙي اڇي ڏاڙهي، ڳالهائڻ مهل هيٺ مٿي اڏرندي لهندي هئي. هو مٿي تي ابتي پڳڙي ٻڌندو هو. جنهن کي وقت بوقت وڪڙ پيو ڏيندو هو. هو شايد هفتي ۾ هڪ ڀيرو وڳو مٽيندو هو. ڳالهائڻ جو به ڦوهر هو هن جي وجهڻ کان پوءِ مون فڪر کي چيو: ”اهڙي هچا کي ساڻ وٺي هلڻ کان بهتر آهي، ته اسين ئي نه هلون.“ فڪر کلندي چيو: ”فڪر نه ڪر، مون کي خبر آهي، ته هن سکي وٽ پاسپورٽ ئي ڪونهي.

سعادت حسن منٽوءَ تي جڏهن لاهور جي عدالت ۾ هن جي ڪهاڻي ’بُو‘ تي مقدمو هليو ته تارا سنگهه ڪامل جو مامو نانڪ چندر ناز هن جي خلاف سرڪاري شاهد ٿي بيٺو هو. منٽو عصمت چغتائي سان گڏ بمبئيءَ مان جوابدار طور مقدمي جي پيروي ڪرڻ آيو هو ۽ ڪورٽ ۾ ڪارروائي شروع ٿيندي ئي مئجسٽريٽ کي عرض ڪيائين، ته مان بيمار آهيان، اديب آهيان ۽ بمبئيءَ مان خاص ڪهي آيو آهيان، ان ڪري مهرباني ڪري منهنجي مقدمي جو جلد ئي اڪلاءُ ڪيو وڃي. مئجسٽريٽ هڪ رحمدل هندو کتري هو جنهن کي هڪدم ڪيس جي سچي نوعيت سمجهه ۾ اچي ويئي.

منٽوءَ جي وڪيل سرڪاري شاهد نانڪ چندر ناز کان سوال ڪيو:

”توهان ’بُو‘ ڪهاڻي پڙهي آهي؟“

”ها.“

”توهان کي ڪيئن لڳي؟“

”بيحد فاحش.“

”توهان کي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهڙي ڳالهه فاحش لڳي؟“

”چاتيان.“

وڪيل (مئجسٽريٽ ڏانهن ڏسندي) ”ماءِ لارڊ، چاتيون ته ڪو فاحش لفظ ناهي.“

ناز: ”منهنجو مطلب- عورت جون چاتيون.“

منٽو: (مئجسٽريٽ ڏانهن مخاطب ٿي) ”جناب، مئن ايڪ عورت ڪي چاتيون ڪو ’چاتيان‘ نهين لکون گا تو ڪيا ’منگڦلي‘ لکون گا؟“

سڄيءَ ڪورٽ ۾ ٺهڪڙو مچي ويو. منٽو پاڻ به کلڻ لڳو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مئجسٽريٽ مقدمو خارج ڪري ڇڏيو.

بهرحال، فحاشيءَ جي هڪ ٻئي مقدمي ۾ منٽوءَ تي ٻه سو روپيا ڏنڊ پيو هو، جيڪو چوڻ ٿا ته جج صاحب پاڻ ئي ادا ڪري ڇڏيو هو.

سرڪاري گواهه جي اهڙي پلي پاٽيجي تارا سنگهه ڪامل کان جان ڇڏائي، ٻئي ڏينهن فڪر تونسوي ۽ مان پاڪستاني سفارتخاني ۾ پنهنجا پنهنجا پاسپورٽ کڻي پهچي وياسين. منير شيخ ڏاڍي آدر سان ويهاري، ويزا فارم ڀرايا ۽ ٻنهي ويزائن جي في ٻه پنهنجي کيسي مان ڏني (جبڪا شروع کان اڄ تائين رڳو پندرهن روپيا آهي.)

اهو ٻارهين نومبر سال اڻويهه سو اسيءَ وارو ڏينهن هو، جڏهن مان ۽ فڪر تونسوي دهليءَ کان امرتسر لاءِ روانا ٿياسين. ٽن ڏينهن لاهور ويندڙ ٽرين صبوح جو نوين بجي امرتسر کان هلندي هئي ۽ ڪلاڪ ۾ اٽاري اسٽيشن تي پهچندي هئي. ٽرين تمام سست رفتار سان هلندي هئي ۽ ٽرين جي ٻنهي پاسي فوجي پوليس جا هٿياربند گهوڙيسوار ٽرين سان گڏ گڏ هلندا هئا. اٽاري اسٽيشن هندوستان ۾ آهي ۽ ڳوٺ پاڪستان ۾. ٽن ڏينهن اسٽيشن کان سواءِ سرحد تي، ڪي به ڪنڊڻ جون لوهي تارون يا جهنگلا لڳل نه هئا. موهن ڪلپنا جي اها جاچنا به صحيح هئي، ته وڻ هندوستان ۾، ته ان جو پاڇو پاڪستان ۾ پوندڙ هو. ٻنهي طرفن جي ڳوٺن جا شيطان بار سوير صبوح جو هڪ ٻئي جي ملڪ ۾ ٽورا ٽپا به ڪري ويندا هئا. ٻنهي ملڪن جا سمگلرز اگهاڙي بدن تي سرنهن جو تيل مکي، اونداهين راتين ۾ سمگلنگ جو ڪاروبار ڪندا رهندا هئا. رڳو اٽاري اسٽيشن تي هٽ جا فانوس لڳل هئا ۽ هڪ چانهه جو ڪاڪڙو. اسٽيشن تي مسافرن جي ويهڻ لاءِ ٻه چار ڀڳل بينچون ۽ ڪسٽم وارن جي هڪ ڪئبن هئي، جتي ڪسٽم کاتي جو اسٽنٽ ڪليڪٽر جي عهدي جو سربراهه ويهندو هو ۽ ٻاهر ڪرسين تي ٻه مال چڪاسڻ وارا راشي انسپيڪٽر، جن جي عقاب جهڙي اک هئي. سنڌن ساٿاري ايجنٽ چانهه جي ڪاڪڙي تي مسافرن سان ڏي وٺ جو حساب ڪتاب ڪندا هئا. اٽاريءَ تي سڄي ٽرين خالي ڪرائي ويندي هئي، جنهن ۾ ڇهه گاڏا انڊيا جا ۽ ڇهه پاڪستان جا لڳل هوندا هئا. ٽرين ٻن ڪلان کان پوءِ رواني ڪئي ويندي هئي ۽ ڪلاڪ ڏيڍ ۾ لاهور اسٽيشن تي پهچندي هئي. هندوستاني گهوڙيسوارن جو جٿو بدلجي پاڪستاني گهوڙيسوارن جو جٿو تي ويندو هو.

مان ۽ فڪر تونسوي اٽاريءَ تي لٿاسين. مون پاڻ سان ٽورن وڳن ۽ دوستن لاءِ سوکڙين پاکڙين جو هڪ سوٽ ڪيس ۽ ڪتابن جو وڏو ٻاچڪو کنيو هو ۽ فڪر هڪ وڏي ٽين جي پيٽي، جنهن جون ڪنڊون مونکي ڪيئي ڀيرا ڦٽي چڪيون هيون. اسٽيشن تي ڀڳل بئنچون ناڪافي هئڻ ڪري، مسافر پليٽ فارم تي چادرون ۽ فراسيون وڇائي ويهي رهيا ۽ سامان جي تلاشيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳا. اوچتو مون ڪسٽم آفيسر جي ڪئبن ٻاهران نالي جي پٽي ڏٺي، Miss K. K Mann مون کي ياد آيو، ته هن نالي واري ڇوڪري، ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي دهلي اسڪول آف جرنلزم ۾ هم ڪلاسي هئي. مون پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ هن ڏانهن موڪلي ڏنو. هن هڪدم مون کي اندر سڏايو. ڏسندي ئي سڃاڻي چيائين: "اڙي تون هتي ڪٿان؟ چيومانس، "پاڪستان وڃي رهيو آهيان. مون سان گڏ هڪ دوست به آهي." چيائين "پر تون ته پلين ۾ وڃ. هن آزاريندڙ ٽرين ۾ ڪيئن وڃي رهيو آهين؟"

ان وچ ۾ مون فڪر کي سڏائي ورتو ۽ هن واقفيت ڪرائيندي ڪيس ٻڌايم، ته هي اردوءَ جو وڏو اديب فڪر تونسوي آهي. هن فڪر جو نالو ٻڌو هو ۽ احترام ۾ هن سان هٿ ملائي ڪرسيءَ تي ويهڻ جي آڇ ڪئي.

سٺ واري ڏهاڪي ۾ ڪماري ڪلونت ڪور مان منهنجي بيحد خوبصورت سردارڻي هم ڪلاسڻ هئي، پر هوءَ جرنلزم بدران انڊين ڪسٽم سروس جي امتحان ۾ ڪامياب ٿي، ڪسٽمز اسسٽنٽ ڪليڪٽر مقرر ٿي هئي. هن پنهنجي گهر (گرداسپور) جي ويجهو ئي پنهنجي پوسٽنگ ڪرائي هئي. هن جي ملوڪ منهن تي هميشه مرڪ رهندي هئي. خبر ناهي ته هوءَ اردو شاعره پروين شاڪر جيان اهڙي سخت گير ڪاتي ۾ ڪيئن اچي ڦاٿي هئي. شايد ان ڪري ئي هوءَ اڃا غير شادي شده هئي.

اسان جو سامان بنا کنهن هٿ چراند جي ڪولين کان کڻائي، هڪ صاف سٿري گاڏيءَ ۾ رکايو ويو. ٻين مسافرن سان ٿيندڙ تعديون اسين پنهنجن اکين سان ڏسي رهيا هئاسين. ڪسٽم وارا غريب مسافرن جا هولڊال کولارائي، اندران ڪپڙن جا ٿان، پان جا پتا، لونگ سوپارين جا پڙيل ٽين جا دٻا ۽ گٽيش ڇاپ پيڙين جا بنڊل پٽ تي پکيڙي رهيا هئا ۽ پنهنجن ڇاڙتن جي اکين جي اشارن سان ساڻن سلوڪ ڪري رهيا هئا.

ڪلونت ڪور مان، اسان کي گاڏي تائين اپرائڻ آئي، ڏهن منٽن اندر اسين پاڪستان جي حدن ۾ داخل ٿي چڪا هئاسين. اسان واري گاڏيءَ ۾ به پاڪستاني پوليس وارا بندوقن سان سامهون ويٺل هئا ۽ اسان سان بيحد فضيلت سان پيش اچي رهيا هئا.

"جناب، آپ ڪهان سي آ رهي هئن؟"

"دلي سي"

"دلي ۾ ڪيا ڪرتي هئن"

"دونو اخبار ڪي سلسلي ۾ جا رهي هئن؟"

"جي نهين، سئر ڪرني اور دوستون سي ملني."

"آپ ڪو وهان پاڪستاني روپيون ڪي ضرورت تو هوگي؟"

"جي هان، ضرورت تو پڙيگي."

"ديکئي جناب. وئسي تو دونون ملڪون ڪي روپئي ڪاريٽ برابر هئه. پر هم آپ ڪو ايڪ سو انڊين روپئي بدلي ايڪ سو دس پاڪستاني روپئي دي سڪتي هئن." ۽ اسان جي جواب تائين ترسڻ کان اڳ ۾ ئي هن ورديءَ جي اندرئين کيسي مان پاڪستاني روپين جا بنڊل هڪدي هٿ ۾ جهليا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان پہ پہ سو روپيا مٽايا.

”جناب۔ اور ڪچ سامان بيچنا چاهين تو هم حاضر هئن.“

”نهين۔ بيچنا خريدنا ڪچ نهين هئہ.“ مون ٿوري شوخيءَ سان وراڻيو. فڪر تونسوي اسان جي سچي گفتگو جو لطف وٺي رهيو هو ۽ چيائين يار مون کي ’پياز ڪي چلڪي‘ جي ٻن ڪالمن جو مواد تہ ملي ويو. ٿوريءَ دير ۾ ٻيئي پوليس وارا اسان وٽان کسڪي ٻين مسافرن سان زرمبادلہ جي ڏنڌي ۾ لڳي ويا.

فڪر تونسويءَ نقوش رسالي جي مالڪ ۽ ايڊيٽر محمد طفيل کي فون تي اسان جي اچڻ جو اطلاع ڏنو هو. هو لاهور اسٽيشن تي اسان کي وٺڻ اچڻو هو.

لاهور اسٽيشن تي، لهندي ئي مسافرن جو قطارون لڳي ويون. ٻنهي پاسي ٽلهين نوڙين سان ٻڌل لنگهہ تي هڪ ماڻهوءَ جي لنگهڻ جيتري جاءِ ڇڏيل هئي. ڪلاڪ ڪن جي انتظار ڪانپوءِ پاسپورٽن تي ٺپا لڳارائي ڪسٽم وارن جي ور چڙهڻو هو. ميانواليءَ جو پنجابي ڪسٽم انسپيڪٽر جيترو خوفناڪ لڳي رهيو هو ان کان وڌيڪ ڀيانڪ هن جون مُڇون هيون. هن جي ورديءَ تي ’ايم اي ملڪ‘ نالي جي نيم پليٽ لڳل هئي. هن بيحد بداخلاقيءَ سان رهڙ ڏيندي چيو:

”سامان کولو“ مون پنهنجو سوٽ ڪيس کوليو ۽ هن مون کي پريرو ٿي بيهڻ جو چئي، پاڻ پنهنجن هٿن سان هڪ هڪ شيءِ ٻاهر ڪڍندو ويو.

”يي ڪيا هئہ؟“

”دوستون ڪي لئي ڪچ ساڙهيان هئہ.“

”پاڪستان ۾ تمهاري عورتين دوست هئن جن ڪي لئي ساڙهيان لائي هو؟“

”ڪچ خواتين دوست هئن، ڪچ دوستون ڪي بيويان هئن.“

هڪ طنزيہ مرڪ اچلي هو بيهودگيءَ سان هڪ هڪ شيءِ ڪڍندو ميز تي اڇليندو ويو. سوٽ ڪيس خالي ڪري، هن وڏي چاقوءَ سان ڪتابن واري ٻاچڪي ۾ چير وڌو ۽ سڀ ڪتاب ٻاهر ڪڍي اٿلائي پٿلائي ڏسڻ لڳو.

”يي اتني ساري ڪتابين ڪيون هئن؟“

”ادبي ڪتابين هئن.“

”مجهي تو سياسي ڪتابين لڳتي هئن.“

”پڙه ڪر ديکئي.“

”يي تو سنڌي زبان ۾ هئن.“

”تو اپ سنڌي زبان سيکئي.“

هن مون ڏانهن خونخوار نظرن سان نهاريو. فڪر تونسوي فڪرمنديءَ ۾ منهنجي پٺيان بيٺو هو. هيستائين مان پاڻ تي ضبط رکي ويٺو هوس، پر هن جي بيهودگيءَ تي مان پڙڪي اٿيس. چيومانس: ”ملڪ صاحب، اسين ٻيئي هندوستان جي مشهور اخبارن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحافي آهيون. اسين هن ئي ٽرين ۾ هتان ئي واپس موٽي ٿا وڃون ۽ ٽنهنجي هن اڻ ڏنگي ورتاءَ جو سچو احوال پنهنجين اخبارن ۾ تنهنجي نالي سان سميت وڃي لکنداسين ۽ توهان جي سفارتخاني، جنهن اسان کي هتان جون ويزائون ڏنيون آهن. کي پنهنجا احتجاجي خط موڪليندا سين."

ايئن چئي مون پنهنجو سامان سهيڙڻ شرع ڪيو.

مان ڪاوڙ ۾ پنهنجو ٽڙيل پکڙيل سامان گڏ ڪري رهيو هوس. ته فڪر اڳيان وڌي ماڻيٺي آواز ۾ چيس: "جناب، هم تو واپس جا رهي هئن. پر آپ ڪي جانڪاري ڪي لئي بتا هي دون ڪ ميرا نام فڪر تونسوي هئہ اور مئن اردو اخبار 'ملاپ' ڪا ڪالمسٽ هون ۽ يي انگريزي اخبار ٽائيمس آف انڊيا ڪي چيف سب ايڊيٽر هئن. آپ ذرا باهر جا ڪي ديکين هم ڪو ڪون رسيو ڪرني آيا هئہ. 'نقوش' رسالي ڪي مالڪ محمد طيفل صاحب هماري انتظار ۾ باهر کڙي هئن. ذار ان تڪ هماري واپسي ڪا پيغام پهچا دين تاڪ وو همارا اور انتظار نہ ڪرين."

فڪر تونسوي ۽ محمد طيفل جو نالو ٻڌي ملڪ جي منهن جو رنگ ئي اڏامي ويو. هڪدم هن جو لهجو ئي بدلجي ويو. هن معافي طلب نگاهن سان اسان ڏانهن نهاريو. هو پنهنجن هٿن سان منهنجو سامان سوٽ ڪيس ۾ وجهڻ لڳو ۽ هڪ ڪشميري ڪوليءَ کي سڏ ڪري تڙيءَ سان چيائين: "هنن جو سامان ٻاهر ڪٽي هل ۽ خبردار جي هنن کان پئسا ورتا اٿيئي. ورنئہ تہ اسٽيشن تان ڪڍي ڇڏيندو سانءِ." پوءِ اسان ڏانهن منهن ڪري عاجزيءَ سان چيائين: "جناب، مان جيڪر توهان کي ٻاهر تائين ڇڏي اچان. پر ڊيوٽيءَ تي آهيان ۽ مسافرن جي پيهہ لڳي پيئي آهي." ڪشميري ڪوليءَ سامان کنيو تہ هو بہ چار قدم اسان سان گڏ هلي، ڪوليءَ کي بہ چار گاريون ڏيئي موٽي ويو. (مون کي احساس ٿيو تہ هي پنجابي غريب ڪشميرين سان کهڙو ظالماڻو ورتاءُ ڪري رهيا آهن.)

لاهور اسٽيشن ٻاهران محمد طفيل اسان جو دير کان انتظار ڪري رهيو هو. هو فڪر تونسويءَ سان ڀاڪر پائي مليو. فڪر هن سان منهنجو تعارف ڪرايو ۽ هو مون سان هٿ ملائي گڏيو. مان هن ڏانهن نهاريندو رهيس. طفيل مرداني حسن جو نادر نمونو هو ۽ هن جي منهن تي دلفريب مرڪ هئي. هن جي شڪل سورت خواهہ قدبت هوبهو سنڌيءَ جي نر شاعر ليکراج عزيز جهڙو هو. مرڪڻ جو بہ اهوئي انداز هو. طفيل صاحب کي ڏسي مون کي آگاٿا ڪرسٽيءَ جو قول ياد آيو 'هن دنيا ۾ ڪٿي نہ ڪٿي بہ هم شڪل شخص ضرور موجود آهن.' طفيل ڪار ۾ ويهڻ وقت پڇيو: "اچڻ ۾ ايتري دير ڇو لڳي؟" فڪر هن کي ڪسٽم انسپيڪٽر جي هلت بابت ٻڌايو. طفيل چيو : "هن جو نالو ٻڌايو. تہ سندس ڪو انتظام ڪيان. هفتي اندر هو هتان ٻاهر هوندو." اسان هن کي اهو چئي منع ڪئي، تہ هو پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيو ۽ اسان کي عزت سان ٻاهر اماڻيائين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهور جي هڪ اميراڻي علائقي ۾، محمد طفيل جو ستن بيڊرومس وارو عاليشان بنگلو هو ۽ بنگلي سان لاڳيتو آرام ده گيسٽ هائوس هو. هن اسان جو سامان گيسٽ هائوس ۾ رکائي، گهر جي ڊرائنگ روم ۾ آڻي ويهاريو. پهرين چانهه پاڻي ۽ پوءِ لنچ کائي، اسين گيسٽ هائوس ۾ اچي آرامي ٿياسين. هڪ ملازم خاص اسان جي خدمت لاءِ مقرر ڪيل هو. ٻن ٽن ڪلاڪن جي ڪچهريءَ ۾ طفيل صاحب مون سان ڏاڍو هري مري ويو. سامان ٽانئيڪو ڪري ٿڪ لاهڻ لاءِ ليٽياسين، ته ٻنهيءَ کي گهري ننڊ اچي ويئي. شام ڌاري ملازم جاڳائي چيو ته صاحب ڊرائنگ روم ۾ چانهه لاءِ سڏايو اٿوَ. تيار ٿي آياسين. ته طفيل صاحب ۽ هڪ ٻيو خط ورتل سونهاريءَ وارو شخص (هن جو نالو ياد نٿو اچي.) اسان جو انتظار ڪري رهيا هئا. هن شخص بيحد عاجزاڻي ڍنگ سان پنهنجي حمد ۽ نعتيه شاعريءَ جا ڪتاب اسان کي تحفي طور ڏنا.

اوچتو بنگلي جي ٻاهران بلند آواز ۾ ڪو شخص: "او ٿي ڪٿي هئه ساڏا يار فڪرا." چوندو زور سان اندر گهڙي آيو. شڪل جو سهڻو پناڻ، قد جو لانيرو بت ۾ پريل، مٿي جا وار ڪسيل، ايندي ئي سنهري سيپڪڙي فڪر تونسويءَ سان ٻڪ پئجي ويو. (مون کي لڳو چاڻ ٿي فڪر جون هڏيون تڙڪاٽ ڪرڻ لڳنديون.) جڏهن ٻيئي هڪ ٻئي جي ٻاڪرن مان آجا ٿيا ته فڪر هن جو مون سان تعارف ڪرائيندي چيو: "منهنجي پراڻي لاهوري پياري شاعر دوست قتيل شفائيءَ سان مل." قتيل مون سان به ٻاڪر پائي مليو.

مون قتيل شفائيءَ کي پڙهيو ته هو ئي، پر چڱا سال اڳ هن کي دهليءَ جي انڊو پاڪ مشاعري ۾ ٻڌو هو پر ان وقت هن جي مٿي تي گهاٽا وار هئا ۽ سندس جسم ايترو ڦهليل نه هو ان ڪري مان هن کي هڪدم سڃاڻي نه سگهيس.

ان شام فڪر تونسويءَ سان ملڻ لاءِ هڪ ٻئي پويان هن جا دوست ايندا رهيا ۽ دير تائين چانهه پاڻيءَ جي محفل مٿي رهي. محمد طفيل پرهيزگار شخص هو ۽ پوءِ مون کي ٻڌايائين هن رڳو ڊپ کان ڪڏهن شراب کي هٿ نه لاتو آهي.

مان ته پيئڻ کان سواءِ رهي به وڃان، پر فڪر تونسوي پيئڻ کان سواءِ رات جو سمهي نه سگهندو هو نه جاڳي سگهندو هو. هن مٿان ٽيل اڌ رنگ جي حملي جو ڪارڻ به ٻاڪثرت شراب نوشي هئي. قتيل شفائيءَ جي موڪلائڻ مهل فڪر هن کي پاسيرو وٺي چيو: "ٻڌو اٿم ته هندوستاني هندوءَ کي هتي ٻن بوتلن جي پرمٽ ملندي آهي. اسان ٻنهيءَ کي پندرهن ڏينهن جي ويزا آهي. ٻن چئن بوتلن جي پرمٽ جو انتظام ڪري ڏي." قتيل شفائيءَ خوش ٿيندي چيو سياڻي ئي پنهنجا پاسپورٽ ڪڍي، مون سان ايڪسائيز آفيس هلجو پرمٽ جو بندوبست ٿي ويندو. هن ٻئي ڏينهن پنهنجي گهر اسان جي ماني جهلي ۽ طفيل کي پڻ نيند ڏني. طفيل وٽ وينل مهمانن ۾ هڪ ادب جو شائق وڪيل پڻ وينو هو جنهن فڪر کي تسلي ڏياري، محمد طفيل ۽ قتيل شفائيءَ جي شايد پاڻ ۾ اڻبت هئي. قتيل شايد پهريون ڀيرو فڪر تونسويءَ جي ڪري طفيل جي گهر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو هو پر پوءِ بہ طفيل صاحب اداردليءَ سان قتيل جي دعوت قبول ڪئي. دير رات جو گيسٽ هائوس جي در ٻاهران هڪڙو ماڻهو لڪي لڪي هڪ اڌو فڪر تونسويءَ کي پهچائي ويو. جيڪا پوءِ خبر پيئي، تہ وڪيل صاحب موڪليو هو.

اهو ضياءُالحق جي مارشلائي حڪومت جو بيحد سختيءَ وارو دور هو ڏيڍ سال اڳ ڀٽي صاحب کي ڦاسي آئي هئي. عوام تمام گهٽو هيسيل ۽ دٻيل هو. هوٽلن ۾ 'سياسي گفتگو ممنوع هئي' جا بورڊ لڳل هئا. ماڻهو ساهہ کڻڻ ۾ بہ مونجهہ محسوس ڪري رهيا هئا. طفيل صاحب بہ اسان کي محتاط رهڻ جو اشارو ڏيئي ڇڏيو هو. ڪنهن سان ڪجهہ بہ ڳالهائڻ وقت رمز و ڪنايات کان ڪم وٺڻو ٿي پيو.

فڪر ۽ مون گيسٽ هائوس جا ٻيئي در خبرداريءَ سان بند ڪيا، درين جا پردا درست ڪيا. ٻيون سڀ بتيون وسائي، رڳو غسلخاني جو هلڪو بلبل روشن رکيو ۽ اسٽيل جي گلاس ۾ پيگ ٺاهي پلنگ هيٺان رکي ڇڏيا. مان تہ هڪ ئي پيگ رکي ويٺو رهيس، پر فڪر پلنگ هيٺان گلاس کڻي هيڏانهن هوڏانهن ناهريندي، لسيءَ جيان ڳيت ڏيئي پيئندو رهيو. ان ناونوشيءَ دوران هن مون کي لاهور جو هڪ واقعو ٻڌايو.

ورهاڱي وقت فڪر تونسوي، ساحرلڌيانويءَ سان هن جي هڪ ڪمري واري گهر ۾ وچي رهيو هو. ساحر، لڌياني مان پنهنجي جاگيردار پيءُ سان وڙهي لاهور اچي 'سويرا' رسالي جو ايڊيٽر ٿيو هو. هو پاڻ ۾ ٻارنهن پائر پينر هئا. ساحر جو اصلي نالو عبدالحئي هو. هو ذاتي طور تمام ڏڄڻو شخص هو. هو سڄي عمر هوائي جهاز ۾ نہ چڙهيو تہ ڪٿي جهاز ڪري نہ پوي، مان سمجهان ٿو، تہ ساحر لڌيانوي ئي هڪ اهو مسلمان هو جيڪو ورهاڱي وقت پاڪستان مان هندوستان هجرت ڪري آيو هو. ساحر سان بمبئيءَ ۾ پنهنجين ملاقاتن جو ذڪر اڳين پنن ۾ ڪري آيو آهيان.

لاهور ۾ فسادن دوران هڪ ڏينهن ساحر جي ڪمري ۾ فڪر تونسوي، قتيل شفائي ۽ احمد نديم قاسمي ويٺا هئا، تہ هڪ گنجو ۽ گوڏ ٻڌل غنڊو وڏو چاقو هٿ ۾ جهلي سندن ڪمري ۾ گهڙي آيو ۽ فڪر ڏانهن اشارو ڪري چيائين: "هي هندو آهي ۽ هتي اچي پناهہ ورتي اٿس. توهان هن کي پاڻ وٽ ڪيئن رهايو آهي؟" "قتيل چيس: "ميان،هي توکان بهتر مسلمان آهي. غنڊي چيو: "جي مسلمان آهي، تہ ڪلمو پڙهي ڏيکاري" قتيل چيس: "پهرين تون ڪلمو پڙهہ تہ پوءِ هي پڙهندو." غنڊي ڪلمو تہ پڙهيو پر غلط اچارن سان. فڪر صحيح نموني ڪلمو پڙهيو ۽ قتيل غنڊي کي چيو: "ڏس ميان، هي توکان بهتر طرح ڪلمو پڙهي رهيو آهي. هاڻي تون سچو مسلمان آهين يا هيءُ." غنڊو چپ چاپ چپ چٻاڙيندو هليو ويو.

ٻئي ڏينهن اسين نيرن پاڻي ڪري تيار ٿي ويٺا هئاسين، تہ اهوئي وڪيل صاحب ڪار کڻي آيو ۽ اسان کي ايڪسائيز آفيس ۾ پرمٽ لاءِ وٺي هليو. جتان هن کي اسان کي قتيل شفائيءَ جي گهر وٺي هلڻو هو. طفيل انارڪليءَ ۾ پنهنجي 'نقوش' جي آفيس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هليو ويو. هو ان وقت ’مير تقي مير‘ تي خاص نمبر شايع ڪرڻ جي تيارين ۾ مشغول هو. ايڪسائيز آفيس هڪ پڳل تنل مڪان جي ٻن ڪمرن جي بوسيده آفيس هئي، جنهن ۾ پراڻي زماني جون ٻه ٽي ڪرسيون، هڪ ميز ۽ ٻه ٽي بنچون رکيل هيون. ايڪسائيز آفيسر لکنوءَ جي بانڪن جهڙو رنگين مزاج ٺاهوڪو جوان هو ۽ آغا قيصر جي آتم ڪٿا جي ڪردار جهڙو لڳي رهيو هو. هن اسان کي قربائتي نموني پنهنجي سامهون ويهاريو. اسان جا پاسپورٽ ورتا. پاسپورٽ ۾ فڪر تونسوي جو نالو رام لال پاٽيه لکيل هو جنهن آفيسر کي اطمينان ڏياريو (هن به پهرين فڪر تونسوي کي مسلمان ٿي سمجهيو هو.) هن اسان کي به فارم پرڻ لاءِ ڏنا. جيڪي اردوءَ ۾ ڇپيل هئا ۽ انهن جا ڪالم هن ريت هئا:

”شرابي ڪا نام؟“

”شرابي ڪي باپ ڪا نام؟“

”شرابي ڪي عمر؟“

”شرابي ڪا مستقل پتا؟“

”شرابي ڪهان سي آيا؟“

”شرابي ڪڌر جائيگا؟“

”شرابي ڪا پاسپورٽ نمبر ـ ويزا ڪي معياد ـ وغيره؟“

بيحد ذلالت واريءَ حالت ۾ به اسان کان کل نڪري ويئي. ياالله! شراب هڪ بوتل لاءِ ڪيترو نه ذليل ۽ خراب خوار ٿيڻو ٿو پوي

مون ايڪسائيز آفيسر کي مرڪندي چيو: ”حضور، اس فارم ۾ ايڪ ڪالم آپ سي ره گيا هئہ.“

”وه ڪون سا؟“ هن تجسس مان پڇيو.

”شرابي ڪي اور علتين.“ مون کيس کلندي چيو.

هن وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ کلندي چيائين: ”انشاءَ الله. مارشل حڪومت رهي تو يي ڪالم ڀي درج هو جائيگا.“

پنجاهه روپيا في پرمٽ ڏيئي، اسين ٻن بوتلن جي پرمٽ وٺي آياسين ۽ پارسي سيٺ پنڊارا جي بنيءَ جون تيار ڪيل جن جون ٻه بوتلون ڪنهن ماٺهوءَ هٿ گهرايوسين. طفيل صاحب کي پنهنجي گيسٽ هائوس ۾ اسان جي پيئڻ تي ڪوبه اعتراض نه هو.

قتيل شفائيءَ جي گهر احمد نديم قاسمي صاحب اڳ ۾ ئي ويٺو هو. ڪين جڏهن ايڪسائيز واري فارم بابت احوال ڏنوسين، ته هو به زور سان کلڻ لڳا. قاسمي صاحب چيو: ”ان ڪري ته اسين اهڙي خانه خراب شيءِ کان پرهيز ڪندا آهيون. (قاسمي صاحب سخت پرهيزگار قسم جو شخص هو. منٽوءَ سان گهري دوستي به هن کي نه بگاڙي سگهي.)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قتيل شفائيءَ جو بنگلي نما گهر سمن آباد جي غالب ڪالونيءَ ۾ هو. احمد نديم قاسميءَ جو بنگلو بہ هن جي لڳو لڳ هو. پاڪستاني حڪومت اديبن کي رعايتي اگهن ۾ سمن آباد وارا وڏا رهائشي پلاٽ ڏنا هئا. قتيل لنچ تي ٻن ڇئن ٻين اردو اديبن کي بہ مدعو ڪيو هو. قاسمي صاحب ترقي پسند شاعر اسرارالحق مجاز جا لطيفا ۽ هن سان گڏ گهاريل گهڙين جون دلچسپ ڳالهيون ٻڌائيندو رهيو. مجاز جڏهن لکنوءَ مان لاهور گهمڻ آيو، تہ قاسميءَ وٽ ٺهي رهيو هو. واپسيءَ وقت جڏهن قاسميءَ پڇيس: "مجاز لاهور ڪئن لڳئہ؟" تہ چيائين: "شهر تہ ڏاڍو سٺو آهي، پر پنجابي ڏاڍا گهٽا آهن." قاسميءَ جو چوڻ هو تہ "مجاز تمام وڏو شاعر هو پر هن پنهنجيون سڄيون قوتون لطيفي بازي ۽ شراب خوريءَ ۾ ضايع ڪري ڇڏيون." شايد ٿورن کي ئي اها ڄاڻ هجي، تہ عليڳڙهہ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرديءَ واري زماني ۾ مجاز پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي پاڪستان جو قومي ترانو لکيو هو. جيڪو پوءِ عليڳڙهہ يونيورسٽيءَ ڦيرگهير ڪري پنهنجو ترانو ڪري ڇڏيو. جيڪو اڃا تائين يونيورسٽيءَ جي جلسن ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي، تہ انهيءَ شاعر کي اڳتي هلي يونيورسٽيءَ مان ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو.

ان رات قتيل صاحب اسان جي گلوڪاره مئڊم نور جهان وٽ ڊنر جي دعوت رکائي هئي. قاسمي صاحب تہ اهو چئي معذرت ڪئي، تہ رات جو ئي کيس ڪجهہ لکڻ جو ڪم مڪمل ڪرڻو آهي. طفيل صاحب بہ جلد ئي هليو ويو. قتيل، فکر ۽ مون کي ائين ٻجي ڌاري مئڊم نورجهان جي گهر وٺي هليو.

مئڊم نورجهان جو گهر ڏسي منهنجيون اکيون چرخ ٿي ويون. هن اسان جو بيحد قربائتو آدرڀاءُ ڪيو. فيروزي رنگ جي ساڙهيءَ ۾ ملبوس هوءَ نہ رڳو بيحد خوبصورت لڳي رهي هئي، پر هن جي شخصيت اهڙي تہ جاذب هئي، جو هن ڏانهن سڌو نهارڻ سان ئي نظرون ازخود جهڪي ٿي ويون.

مان پنهنجي ٻهرين پنن ۾ لکي آيو آهيان، تہ پندرهن سورهن سالن جي عمر ۾ نورجهان منهنجي پهرين 'ڪرش' (Crush) هئي ۽ مان ڪانپور مان خاص ٽرين پڪڙي لکنوءَ هن جون فلمون 'انمول گهڙي'، 'جنگو'، 'مرزا صاحبان' ۽ 'زينت' وغيره ڏسڻ ويندو هوس ۽ کيس خوابن ۾ ڏسندو هوس. فلم ائڪٽر پران جي آتم ڪٿا ۾ لکيل آهي، تہ لاهور ۾ جڏهن هو پنهنجي شاديءَ وقت گهوڙيءَ چڙهي برات سان وڃي رهيو هو، تہ نورجهان گهوڙيءَ پويان ڊوڙندي روئندي چوندي ٿي ويئي: "هاءِ پران گهوڙي چڙهہ گيا."

نورجهان جي پهرئين اڪوٽي مڙس سيد شوڪت حسين رضوي هن جي بايو گرافيءَ ۾ پنهنجي رفيقہ حيات بابت بيحد بد ذوقيءَ واريون حقارت آميز ڳالهيون لکيون آهن.

قصور جي الهہ رکي اڄ ڪٿي پهچي ويئي هئي. نورجهان سان منهنجيون ٻيون بہ ملاقاتون دهلي ۽ بمبئيءَ ۾ ٿيون هيون. هن هڪدم مون کي سڃاتو ۽ ساڳيو ئي قربائتو سلوڪ ڪيو. نورجهان جون ٻيون هجرت ڪري ويل همعصر اداڪارائون پاڪستان ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيحد غربت ۾ مفلسي ۾ محتاجيءَ واري زندگي گذاري راهه رباني وٺي ويون. لاڙا لپا واري مينا شوري جو لاوارث لاش، لاهور جي جهڳين جهوپڙين ۾ پنج ڏينهن بي ڪفن پيو هو جيڪو ميونسپالٽيءَ وارن وڃي ڪٿي دفنايو. نورجهان منهنجي سريلي آواز سان ٽي پنهنجو بلند رتبو برقرار رکي سگهي.

نورجهان جي مهمان نوازي ۽ قربائتي آجياڻي اسان کي بيحد متاثر ڪيو. هندوستاني فلمن جي ڪوئل لتامنگيشڪر، نورجهان کي پنهنجي انسپائريشن ڪري مڃيندي هئي. واگها سرحد تي ملڻ وقت بيئي اڌ ڪلاڪ هڪ ٻئي جي ڀاڪر ۾ ايئن پڪوڙيل رهيون، جو ٻنهي ملڪن جي سيڪيورٽيءَ وارا حيرت مان ٻنهيءَ کي ڏسندا رهيا. لتا جو چوڻ آهي: ”نورجهان مون لاءِ عبادت جو درجو رکي ٿي، ماسٽر غلام حيدر سنگيت ۾ منهنجو گرو آهي، مهدي حسن جي آواز ۾ ايشور جو واسو آهي ۽ مصري مغني اُم ڪلثوم جو آواز الهامي آهي.“ صبوح جو سويل اٿي رياض ڪان پهرين هوءَ مهدي حسن ۽ اُم ڪلثوم کي ٻڌندي آهي.

لتامنگيشڪر جو پاءُ هرديه ناٿ منگيشڪر اسان جي سنڌي سنگيتڪار سرڳواسي سي ارجن سان ڪچهري ڪندي، هن کي چئي رهيو هو ته جڏهن اسان جو پيءُ دينا ناٿ منگيشڪر مري ويو ته لتا ديدي تيرهن سالن جي هئي ۽ مان ٻن سالن جو هوس (هو پاڻ ۾ چار ڀينر ۽ هڪ پاءُ آهن) ۽ اسان وٽ هن جي ڪفن جا پئسا به نه هئا. لتا ديدي سڄو ڏينهن ٻُڪ اڃ تي استوڊين ٻاهران ڪم ملڻ جي آسري بيٺي هوندي هئي، پرسنو ٿي ٽيو جو پتا جي جلد ئي مري ويو جي جيئرو هجي ها. ته لتا ديدي اڄ لتامنگيشڪر نه هجي ها. پر مهاراسٽرا جي ڪنهن ننڍي شهر سانگلي يا شولاپور ۾ ڪنهن غريب ڪٽنب ۾ ٽن چئن ٻارن جي ماءُ هجي ها ۽ وڏ ۾ وڏ ڪنهن ڏڻ وار تي اتان جي مندر يا تڪاڻي ۾ هڪ اڌ ڀڄن ڳائيندي نظر اچي ها. خود لتا چوندي آهي، ته جي منهنجي شادي ٿئي ها. ته ڇهن مهينن اندر ئي منهنجي طلاق ٿي وڃي ها.

نورجهان جي گهر جي ڊرائنگ هال جي آرائش، ترتيب ۽ سڄ ڌڄ ڏسي مان حيرت زده ٿي اکيان پويان نهاري رهيو هوس. هر شيءِ ۾ سليقو ۽ نفاست هئي. لڳو پئي جڻ نورجهان جيان هر شيءِ به موسيقي آهي. مون کي شرمساري رڳو اها ٿي رهي هئي، ته اهڙن قيمتي قالينن تي مان جوتن سميت ئي ڇو هليو آيو هئس، پر ٻين جا ملتاني گهيتلا ڏسي ڪجهه تسلي ٿي. مئڊم جو بيحد حسين جميل ڇهن فٽن جو نوجوان پٽ اسان کي گهر جي هڪ اندرئين ڪمري ۾ وٺي هليو. اسان ٽن ڪان سواءِ هڪ فلمي ميوزڪ ڊائريڪٽر به هو. ڪمري ۾ هڪ ٽيبل تي اسڪاچ جي بوتل، سوڊائون ۽ ڪجهه کاڌي جون پليٽون سجايل هيون. ڪمري ٻاهران چوڪيءَ تي هڪ ملازم بيٺل هو ۽ اسان جي خدمت لاءِ هڪ اڌڙوٽ خادمه هئي. (هن جي گهر ۾ اٺ ملازم ۽ ٻه ڊرائيور هئا) مون، فڪر ۽ قتيل رڳو ٻه ٻه پيگ ڪنيا ۽ باقي بوتل جو فلمي ميوزڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائريڪٽر ترو لڳايو. موصوف چين سموڪر هو. (شايد هن جو نالو خورشيد انور هو. پر يقين سان نٿو چئي سگهان.)

ڪاڏي جي ميز تي گهٽ ۾ گهٽ ويهن قسمن جون ڊشز هيون ۽ ٻه ٽي ملازم ڪارائتڻ جون خدمتون انجام ڏيئي رهيا هئا. مانيءَ دوران نورجهان اسان کان ’انمول گهڙي‘ فلم جي هيرو سريندر بابت پڇيو پر اسان هن کي ڪجهه خاطر خواهه ٻڌائي نه سگهياسين. ڇهن سالن کان پوءِ نورجهان جڏهن بمبئي ۽ دهليءَ آئي، ته سڀ کان پهرين عليل سريندر ناٿ سان ملڻ هن جي گهر ويئي هئي ۽ گلوڪار اداڪار سريندر جي شديد ذيابيطس ڪري هڪ ٽنگ ڪٽي ويئي هئي. نورجهان سان ڀاڪر پائي هو ٻارن جيان اوڇنگارون ڏيئي رنو هو. ٻئي ڏينهن نورجهان جي پروگرام ۾ پنهنجي مصنوعي ٽنگ سان اسٽيج تي اچي، هن فلم ’انمول گهڙي‘ جو گانو ’ڪيون ياد آرهي هئن گذري هوئي زماني‘ ڳائي نورجهان کي به روئاري ڇڏيو هو. پروگرام دوران نورجهان ورائي ورائي دليپ ڪمار کي ڀاڪر ۾ ڀري رهي هئي، پنهنجن بمبئيءَ وارن ڏينهن کي ياد ڪري رهي هئي. ثريا الائي ڇو نورجهان سان گڏجڻ کان لنوائي ڇڏيو. ثريا جي ان رويي نورجهان کي چڱو صدمو رسايو.

ثريا جمال شيخ ڪجهه سال اڳ پويان ڪو ولي وارث ڇڏڻ بنا، پنجاهه ڪروڙن جي ملڪيت ڇڏي، بمبئيءَ جي مرين ڊرائيو جي ڪرشنا محل ۾ گذاري ويئي. هن جو ڪو ڏوراهون مائٽ لاهور مان اچي ان ملڪيت جو دعويدار ٿيو. بمبئيءَ جي عدالت هن کي حقي وارث تسليم ڪري، سڄي ملڪيت هن کي ڏياري. خبر ناهي، ته ان داعي رشتيدار ان ملڪيت جو ڇا ڪيو؟ گذريل ڪيترن سالن کان ثريا پنهنجي گهر جا در دريون بند ڪري، اڪيلي زندگي گذاريندي هئي ۽ ڪنهن سان به نه ملندي هئي. ساهتيه اڪادميءَ طرفان يوم غالب جي جشن ۾ دهليءَ جو وگيان ڀون ۾، ثريا، گلزار نصيرالدين شاهه ۽ جگجيت سنگهه (ائڪٽر ڀارت ڀوشڻ گذاري ويو هو) کي ايوارڊ ڏيڻ لاءِ اڪادميءَ ۾ پريزيڊنٽ گوپي چندر نارنگ ۽ سيڪريٽري پرڪاش ڀتامپريڪر، ثريا کي دعوت ڏيڻ ويا، ته هن کين ڏسي زور سان دروازو بند ڪري ڇڏيو. ايلازن بعد جڏهن هن در وٽ ويٺي ويٺي سڀ ڪجهه ٻڌڻ کان پوءِ فائل تي اچڻ قبول ڪيو ته فنڪشن پورو ٿيڻ کان پوءِ به دير دير تائين اتي ويٺي رهي. اسين ٻئي هڪ ئي ٽيبل تي ويٺا هئاسين، اسان سان گڏ لاهور جو ڪهاڻي ڪار انتظار حسين ۽ هن جي بيگم ويٺي هئي. ثريا مون سان ۽ انتظار حسين سان خاصو گهائل مائل ٿي ويئي. هوءَ سڄي زيورن سان جهنجيل هئي، پر وقت هن جي چهري تي ليڪن جا دائرا ڏاهي ڇڏيا هئا. هن انتظار حسين، سندس بيگم ۽ مون کي بمبئيءَ اچڻ جي نينڊ به ڏني، پر مان ٻئي ڏينهن ئي هن سان گڏجڻ هوٽل تاج پئليس ۾ هليو ويس. هن جي هٿ اکريءَ ۾ صحيح ٿيل هن جو ڪارڊ اڃا تائين مون وٽ سلامت آهي. فلم ائڪٽر ديوآنند پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ اعتراف ڪيو آهي، ته هن ٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثريا سان بيوفايون ڪيون آهن ۽ ردعمل طور ثريا هن جي پاتل مڱڻيءَ جي منڍي مرين ڊرائيور جي سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏي هئي.

لاهور ۾ نورجهان جي گهران موٽندي، مون قتيل شفائيءَ کي چيو ته منهنجو پيارو دوست امر جليل اسلام آباد ۾ آهي ۽ مون وٽ اسلام آباد جي ويزا آهي. مان هتي خاص طور هن سان ملڻ لاءِ ئي آيو آهيان. توهان منهنجو امر جليل سان ڪيئن به رابطو ڪرايو يا هن جو فون نمبر هٿ ڪري ڏيو. قتيل صبوح جو ئي ڪنهن دوست ذريعي امر جليل کي منهنجو نياپو پهچايو. ٻئي ڏينهن منجهند ڌاري مان 'نقوش' جي آفيس ۾ طفيل صاحب جي ڪمري ۾ ويٺو هوس. هو 'مير تقي مير' جي خاص نمبر لاءِ اداريو لکي رهيو هو. اوچتو هن ڪنڌ مٿي ڪري چيو: "مير جو ڪو شعر ٻڌاءِ" مون مير جو هي شعر پڙهيو هو:

"وصل ميں رنگ اُڑ گيا ميرا
هجر کو کيا منہ دکائوں گا؟"

چيائين: "نہ نہ اهو شعر ڇڏ ٻيو ڪو ٻڌاءِ."

مون حافظي مان ٻيو شعر ياد ڪيو.

"ابتدا هي ميں مرگئي سب مير،
عشق کي کون انتها لايا؟"

چيائين: "ها، اهو ٺيڪ آهي. مون هن کي ٻڌايو ته مير تقي مير جي مزار مٿان هنيئر لکنوءَ جي ريلوي اسٽيشن جو پليٽ فارم تعمير ٿيل آهي. پنهنجي اداريي ۾ اهو ذڪر اوس ڪجانءِ." طفيل صاحب کي اهو ٻڌي بيحد حيرت لڳي. هن کي ان بابت ڪا ڄاڻ نہ هئي. هو انڊيا رڳو هڪ ڀيرو آيو هو. اهو بہ رڳو دهليءَ تائين حضرت نظام الدين اولياءَ جي عرس تي.

اوچتو طفيل صاحب جي ميز تي رکيل ٽيليفون جي گهنٽي وڳي ۽ هن "هان ميري سامني بيٺي هئن." چئي فون مون کي پڪڙائي.

"ڪومل۔ مان امر جليل آهيان."

"امر، مان توسان ملڻ لاءِ سالن جي سانڍيل سڪ کڻي پهتو آهيان."

"اسلام آباد جي ويزا اٿيئي؟"

"ها۔" (مون کي لاهور، اسلام آباد، حيدرآباد، نوابشاهہ ۽ ڪراچيءَ جي ويزا هئي.

"لاهور ۾ ڪيتي رهيل آهين؟"

"مون طفيل صاحب کي فون ڏني، جنهن امر کي پنهنجي گهر جو ڏس پتو ڏيئي، فون واپس مون کي ڏني.

"مان ڇئن ساڍن ڇئن ڪلاڪن تائين تو وٽ پهچي ويندس. ان وچ ۾ تون ويزا تي اسلام آباد جي اينٽري ڪرائي اچ."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طفيل صاحب پنهنجي ڊرائيور کي سڏيو، ڪيس مون کي ويزا جي اندراج واري محڪمي وٺي وڃڻ لاءِ چيو. مان ساڻس گڏ ويس.

اسلام آباد جي اينٽري ڪرائي، اڌ ڪلاڪ اندر موٽي آيس. طفيل صاحب ان وچ ۾ پنهنجي ڪم مان واندو ٿي چڪو هو ۽ اسان گڏجي ماني کاڌي. فڪر تونسوي پنهنجي ڪنهن پراڻي دوست سان ملڻ ويو هو.

اسان اڃا ماني کائي بس ئي ڪئي، ته امر جون فون آيو. هن جو آواز پريل هو ۽ هو گهٽيل گهٽيل سان ڳالهائي رهيو هو.

”ڪومل، مون کي معاف ڪجانءِ. مان توکي وٺڻ لاهور نٿو اچي سگهان.“

”مون کان ڪو ڪارڻ نہ پڇجانءِ ۽ نہ ئي ڪو سوال ڪجانءِ.“

”امر، مان توکان ڪوبہ ڪارڻ نٿو پڇان، پر توکي احساس آهي، تہ مان ڪيئن هيستائين پهتو آهيان؟“

”ها، مان تنهنجي احساسن کي سمجهي سگهان ٿو. مان بہ اوتروئي ڏکويل آهيان. پر ڪوبہ اظهار نٿو ڪري سگهان. ٿي سگهي ٿو اسان جي فون ٽئپ (Tap) ٿيندي هجي.“

”ٺيڪ آهي، تون هتي نٿو اچي سگهين، تہ مان سڀاڻي پاڻ ئي اسلام آباد پهچي ٿو وڃان.“

”نہ۔ تون بہ هتي نہ اچ.“

(ان وچ ۾ ٽيليفون آپريٽر جو آواز آيو تہ ٽي منٽ پورا ٿي چڪا آهن. امر چيس ٽي منٽ ٻيا ايڪسٽينڊ ڪر.)

”چڱو امر. مان اسلام آباد نٿو اچان، ڪا وچ واري غير مشڪوڪ جڳهہ. ڪا ريسٽارنٽ، ڪو بڪ اسٽور يا اهڙو ٻيو ڪو هنڌ ٻڌاءِ. جتي ڪجهہ وقت لاءِ پاڻ ملي سگهون.“ مون چيس.

”حالتن هيٺ ملڻ ممڪن ناهي.“

”پلا. هي پاڻ سان تو لاءِ جيڪي سوکڙيون پاکڙيون آنديون اٿم، انهن جو ڇا ڪريان“

”ڪومل، تنهنجو آندل ڪک بہ مون لاءِ قيمتي آهي، پر ملڻ جي مجبوري آهي. (آپريٽر وري ورجايو ڇهہ منٽ پورا ٿي ويا آهن. امر چيس وڌيڪ وقت وڌاءِ. جواب آيو. آرڊنري ڪال ڇهن منٽن کان وڌائي نٿو سگهجي. ڏکويل من سان هڪ ٻئي کان فون تي موڪلايوسين.)

منهنجو طول منهن ڏسي، طفيل مون کان سبب پڇيو. مون هن کي ٻڌايو تہ مان اسلام آباد نٿو وڃان. منهنجو دوست ڪن پابندين ڪري نٿو اچي سگهي. طفيل پاڻ بہ پريشان ٿي ويو هن پنهنجي پٽ کي منهنجو پاسپورٽ ڏيئي اسلام آباد جي اينٽري ڪئنسل ڪرائڻ لاءِ موڪليو ۽ مون کي پاڻ سان گڏ انارڪلي بزار گهمائڻ وٺي آيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ وڏي ڪئيسٽن جي دوڪان تان هن مون کي منهنجي پسنديءَ جون ڏهہ ٻارنهن ڪئسيٽون خريد ڪري ڏنيون ۽ گهر اچي نقوش جا ڪجهہ پرچا ڏنا. طفيل صاحب جي گهر جون خاتون جيتوڻيڪ پرده نشين هيون، پر طفيل مون اڳيان ڪين ڪابہ پرده داري نہ ڪرائي.

خفيہ ادارن وارا طفيل صاحب کان مون بابت پڇا ڳاڇا ڪندا تي رهيا، پر هن ڪين هر ڀيري اهو چئي ٽاري ٿي ڇڏيو تہ مان ڪو سياسي يا جاسوسي قسم جو ماڻهو ناهيان، پر هڪ صحافي آهيان. پوءِ بہ هڪ شخص اسان سان گڏجڻ جو بهانو ڪري، مون کان پڇندو رهيو تہ منهنجو ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان واسطو تہ ناهي؟ ۽ مون هن کي ٻڌايو تہ منهنجو تہ ڇا، پر منهنجين پوين ستن پشتن جو بہ ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان واسطو نہ رهيو آهي. هن وڌيڪ سوال جواب نہ ڪيا. (ان وقت پاڪستان ضياءالحق جي مهربانيءَ سان ڪاسترو جي ڪيوبا کان بہ بدتر لوهي ڪوٽ ٻڌيل هو. ساهہ کڻندي بہ مونجهہ ٿي رهي هئي.)

ٻئي ڏينهن قتيل شفائيءَ ڪراچي ميل جي هڪ ڪوپي ۾، مون کي حيدرآباد جي بڪنگ ڪرائي ڏني ۽ شام جو اسان کي پاڪ ٽي هائوس ۾ دوستن سان ملاڻ وٺي هليو. انتظار حسين بيحد قرباڻتي نموني مليو. اتي ئي هن مون کي مستنصر حسين تارڙ سان بہ ملاقات ڪرائي ۽ چيائين تہ هن جو نالو صحيح نموني اچاري ڏيکار. مون تارڙ جو نالو فارسي لهجي ۾ اچاريو تہ هن کلندي مون کي ڀاڪر وجهي پاتو.

پاڪ ٽي هائوس ۾ بشير نالي هڪ عجيب مجنون قسم جو شخص ويٺو هو جيڪو بيباڪيءَ سان مارشل لا حڪومت کي گاريون ڏيئي رهيو هو ۽ اتي ويٺل ڪانئس پاسو ڪري رهيا هئا. پوليس هن کي ٻڌي ويندي هئي ۽ وري ڇڏي ڏيندي هئي.

قتيل شفائيءَ جهڙو ناميارو شاعر، مون کي رات جو لاهور اسٽيشن تي اپرائڻ آيو هو. منهنجو سوٽ ڪيس بہ پاڻ کڻي ٿي هليو، حالانڪ هن جو هٿ هميشہ ڏڏندو رهندو هو. اسٽيشن تي ڪيترا نوجوان ڇوڪرا هن کان آٽوگراف وٺڻ لاءِ ڪيس ورائي ويا، پر هو سيني کي اهو چئي لنوائيندو هليو تہ مهمان کي ٽرين ۾ ويهاري موٽي اچي ٿو ڏيانوَ.

فرسٽ ڪلاس ڪوپي ۾ ٻہ ڄڻا ئي هئاسين. همسفر هڪ پنجابي بزنس مئن هو. ڳالهين ڳالهين ۾ خبر ناهي ڪهڙي حوالي ۾ هو سنڌين تي اچي ڏمريو: "بيحد واهيات قوم آهي. ڀُٽي جي حڪومت دوران هي ذليل سنڌي پاڻ کي سڄي ملڪ جا مالڪ سمجهندا هئا. ڪوبہ ٽرين ۾ ٽڪيٽ نہ وٺندو هو ڇڻ سرڪاري ٽرينون سندن بابن جي ملڪيت هئي. هاڻي حرامي سڌا ٿي ويا آهن. وغيره." گاريون ڏيئي ٿڪو تہ ڏڳهو ٿي سمهي پيو ڪيس ڪراچيءَ وڃڻو هو.

مان سڄي رات دريءَ وٽ ويٺو رهيس، پرهہ ڦٽيءَ جو سنڌ جي پهرين اسٽيشن 'ريتي' آئي، جتي سنڌي ٽوپيءَ وارا نظر آيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سنڌ جي ڌرتيءَ کي نمسڪار ڪيو. روهڙي اسٽيشن تان ٽي چار خوش پوش ۽ سهڻا سنڌي شاگرد چڙهيا. جيڪي مون سان بيحد هري مري ويا. همسفر پنجابي خونخوار نظرن سان اسان ڏانهن نهاريندو رهيو. حيدرآباد اسٽيشن تي منهنجو سامان لاهرائي، هنن ياڪر پائي مون کان بيحد قرب سان موڪلايو.

حيدرآباد اسٽيشن ٻاهران اچي مون چئني پاسي نگاهه ڊوڙائي، حيرت، خوشي ۽ تجسس وچان مان اتي دير تائين بيٺو سوچيندو رهيس، سياست جو هي ڪيڏو نه وڏو مذاق آهي، جو مان پنهنجي ئي ملڪ ۾ مهمان ٿي پاسپورٽ ۽ ويزا وٺي آيو آهيان ۽ اها به رڳو ٻن هفتن جي!

سامهون پلي گهوڙي وارو ٽانگو بيٺو هو. ٽانگي وارو لباس مان سنڌي لڳو.

چيومانس: "ادا، ٽنڊي ولي محمد وٺي هلندين؟"

"سائين- ڇو نه وٺي هلندس؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# پاڳو چوٿون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽيهنهون پنو

ٽانگو ٽنڊي ولي محمد جي هڪ ويڪري گهٽيءَ ۾ گُڏي (خير النساءِ جعفري) جي گهر ٻاهران اچي بيٺو. اُين ڏاڪن هيٺان در تي بيٺي، مون تي پيرا ڪڙو ڪڙڪايو. خيرو ٽن سالن جي صائمه کي هنج ۾ جهلي، هيٺ لهي آئي. لاهور مان موڪليل منهنجو خط هن کي نه پهتو هو. هڪ هڪ ٿي گهر جا سڀ ڀاتي هيٺ لهي آيا. خيروءَ جو والد خواجه صاحب، ماءُ شيرين، ڀاءُ گُڏو (الطاف) ۽ هن جي بيحد خوبصورت ۽ صحتمند گهر واري، محرم هئڻ ڪري سڀ ماتمي ڪاري لباس ۾ هئا.

سگريٽ ڦٽو ڪري، صائمه کي هيٺ لاهي، خيرو مون سان ڀاڪر پائي ملي. خواجه صاحب ۽ امي شيرين به مون سان سڪ مان مليا. گُڏو هٿ ڏيئي گڏيو ۽ هن جي ونيءَ سلام ڪيو. خيروءَ جو ٻه منزله گهر هو پهرينءَ منزل تي خواجه صاحب جي بيٺڪ ٺهيل هئي، ۽ ٻي ماڙيءَ تي گهر جا سڀ ڀاتي رهندا هئا. خواجه صاحب واريءَ اوطاق ۾ ويهندي ئي مون سڀ ڪان پهرين ٿيلهيءَ مان ٽيندو تماڪ جي ٻيڙين جا ٻڏن ڪن بنڊل ڪڍي شيرينءَ کي ڏنا. هوءَ مون کي دعائون ڏيندي رهي. خيروءَ پنهنجي مامي حميد کي موڪلي، ٻامبي بيڪريءَ جو لذيذ ڪيڪ گهرايو.

ٽڪ پيجي ٽانئيڪو ٽيڻ ۽ چانهه پاڻيءَ کان پوءِ شام جو خيرو مون کي گهر جي مٿين ماڙيءَ تي مٽن ماڻٽن سان ملائڻ وٺي آئي.

مٿي ويهندي ئي اوڙي پاڙي جون اٺ ڏهه عورتون مون کي ورائي ويون. انهن ۾ ڪي پڪيون پوڙهيون، ڪي اڌ عمر جون هيون ۽ ڪي ننڍيون نينٽيون پڻ هيون. نذير ناز جهڙيون تندرست ليڪڪائون پڻ هيون. مون کي سنڌي مسلم معاشري جي عورتن سان ملڻ جي رسم و رواج بابت ڪا ڄاڻ نه هئي، ان ڪري سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ساڻن هٿ ڏيئي گڏجان يا پريان سلام ڪري ملان. هندوستاني معاشري ۾ اڄڪلهه ڪنهن عورت سان پريان هٿ جوڙي نمستي ڪري ملڻ کي هوءَ پنهنجي توهين ڪري سمجهندي آهي. ساڻن هٿ ملائي ملڻ اڄ جي مريادا جي گهٽ ۾ گهٽ تقاضا آهي ۽ جيڪي پنهنجي هم عمر عورت کي ڀيڻ ڪري مخاطب ٿيو ته هوءَ ٻاهڙجي ويندي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان حيران ٿي رهيو هئس تہ خيرو اوڙي پاڙي جون ايترين مائٽياڻين جو ڳڻ ڪيون آهن؟ خبر تڏهن پئي، جڏهن خيروءَ واڪو ڪري سيني کي چيو تہ هي هٿ ڏسڻ جو ماهر آهي ۽ هن جي اڳڪٿي سچي ثابت ٿيندي آهي.

پڌندي ٿي سيني مابين پنهنجا هٿ مون ڏانهن وڌائڻ شروع ڪيا.

مان ماهر دست شناس آهيان يا نہ ـ پر مون ننڍي هوندي کان ئي پامسٽريءَ جو تمام شوق سان پئي اڀياس ڪيو آهي. چيڪ پامسٽ چيريو (Cherio) جو هٿ ريکائون پرکڻ بابت تحرير ڪيل هر ڪتاب ڳنهي، پوريءَ توجهہ ۽ دلچسپيءَ سان پڙهندو رهيو آهيان ۽ هٿ جي لڪيرن جا رُخ جاچڻ ۽ پرکڻ جو پورو اڀياس ڪندو رهيو آهيان. چيريو جي زندگيءَ جو هڪ واقعو پڙهڻ بعد، منهنجو پامسٽريءَ ۾ وشواس وڌي ويو ۽ مان سمجهان ٿو تہ مان سواءِ پنهنجي هٿ پڙهڻ جي، ٻئي ڪنهن جو هٿ خاصي حد تائين باريڪ بينيءَ سان پڙهي سگهان ٿو.

چيڪو سلواڪيا جو رهندڙ دنيا جو وڏي ۾ وڏو دست شناس (پامسٽ) چيريو ٽرين ۾ سفر ڪري رهيو هو. هن کي ڏوراهين شهر وڃڻو هو. ٽرين ۾ ويٺي ويٺي وقت گذارڻ لاءِ هن پنهنجي ساڄيءَ پر ۾ ويٺل همسفر جو هٿ ڏسڻ شروع ڪيو. همسفر جي ساڄي هٿ جون ريکائون ڏسندي هو خوفزده ٿي ويو. هن جي جاچنا موجب ان شخص جي لائيف لائين پوري ٿي چڪي هئي يا ٽيڻ واري هئي. هو سوچڻ لڳو ڪٿي هن جو علم هن کي دوکو تہ نہ ڏئي رهيو آهي. پريشانيءَ وچان هن پنهنجي کاٻي ويٺل ٻئي همسفر جو هٿ ڏسڻ شروع ڪيو. باريڪ بينيءَ سان جاچڻ تي هن ڏٺو تہ ان ٻئي شخص جي حياتيءَ جون لڪيرون بہ ڪٽڻ تي اچي بيٺيون آهن. چيرو جي پيشانيءَ تي پگهر اچي ويو. هو ڪين اهو چئي بہ نہ ٿي سگهيو. ۽ پنهنجي علم تي شڪ بہ نہ ٿي آٿي سگهيو. ان ٻُڏتر ۾ حراس ۾ هو بيءَ اسٽيشن تي لهي پيو. ڪلاڪ ٻن کان پوءِ اها دردناڪ خبر آئي تہ هڪ پُل مٿان لنگهندي، گاڏي موتمار حادثي جو شڪار ٿي آهي ۽ ڪي گاڏا، خاص ڪري اهو گاڏو جنهن ۾ هو سفر ڪري رهيو هو نديءَ ۾ ڪرڻ ڪري ان جا سڀ مسافر اجل جو شڪار ٿي ويا آهن.

منهنجي اڳيان وڏيل نسواني هٿ هڪ ٻئي کي هٽائيندا، منهنجي وڏيڪ ويجهو ايندا رهيا ۽ مان خيروءَ ڏانهن ڦهري نگاهن سان ڏسڻ لڳس، جنهن مون کي اهڙي ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو. نيٺ مون وڏي واڪي اعلان ڪيو تہ مان مڙني مابين مان رڳو ڪنهن هڪ جو ئي هٿ ڏسندس. پاڻ ۾ فيصلو ڪري ڪا هڪ ڄڻي صابڻ سان هٿ صفا ڪري اچي. خيروءَ جي ماءُ سيني مابين کي دڙڪا ڏيئي پري ڪري ڇڏيو ۽ پٽ جي ڳڙڪيءَ مان ڪنهن کي سڏ ڏنو. مٽتن ۾ هڪ پيلاڻ ڏانهن مائل گوري چٽي چمڙيءَ ۾ دلڪش روشن چهري واري اڌڙوٽ عمر جي عورت نمودار ٿي. خيروءَ چيو ”رڳو هن جو هٿ ڏس.“ مون ان عورت ڏانهن چتائي نهاريو. ڏک، پيڙا، سوڳواري ۽ فڪرمنديءَ جا نقش هن جي نرڙ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪن مان ليٽا پائي رهيا هئا. هوءَ مون اڳيان هٿ وڌائڻ ۾ هٻڪ ۽ حجاب محسوس ڪري رهي هئي، پر شيرين جي يقين ڏيارڻ تي هن پنهنجو ڏڪندڙ هٿ مون اڳيان وڌايو. مان مضبوطيءَ سان هن جو هٿ جهلي، دير تائين هن جي ڪاڻي هٿ جي هر لڪير ۽ خدو خال کي باريڪيءَ سان جاچيندو رهيس.

اڌ ڪلاڪ تائين مان پنهنجي دست شناسيءَ جو هنر آزمائيندو رهيس. ۽ ان دوران منهنجو پنهنجو هٿ پڻ ڏڪڻ لڳو. ڪرسيءَ تان اٿي مون پاڻيءَ جو گلاس پيتو. مون اهڙو ناموافق هٿ اڄ تائين نه ڏٺو هو. مون چيو ته هن محترمه جي هٿ جي ليڪن ۾ جيڪي ڪجهه مون کي نظر آيو آهي، اهو مان هن کي نه پر خيروءَ کي ٻڌائيندس. مون کنهن جو به زور بار نه مڃيو ۽ سيني جي هلئي وچڻ کان پوءِ مون خيرو ۽ شيرين کي اهڙي اَڀاڳي عورت جي حال، ماضي ۽ مستقبل بابت جيڪي ٻڌايو ان جي ٻنهي تصديق ڪئي. هتي مان نه ان عورت جو نالو ڪٺندس ۽ نه ئي ساڻس ٿيل ظلم ۽ ناحق جي ڪهاڻي بيان ڪندس. مون کي ڄاڻ ناهي ته اڄ ٽيهن سالن گذرڻ بعد هوءَ حيات آهي يا نه؟ تي سگهي ٿو هجي، جو مون کي چٽيءَ طرح ياد نه آهي ته هن جي عمر جي ريکا ڏاڍي وڏي هئي، پر زندگي وِهُ جو وٽو هئي.

ٽيهن سالن کان پوءِ منهنجو سنڌ ۾ آمد جو پهريون ڏينهن هو. منهنجي خواب خيال ۾ به نه هو ته سنڌ جي مسلم معاشري ۾ اڃا تائين عورتون ظلم ۽ ذلالت جو شڪار آهن. خود خيرو به ان وقت خوف ۽ حراس جي پاڇي ۾ زندگي گذاري رهي هئي. هن کي فون تي ڌمڪيون ۽ گاريون ملنديون رهنديون هيون. هوءَ ٻاهر نڪرندي هئي ته هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي هلندي هئي. مون کي خيروءَ جي ذاتي زندگي بابت ته ڪجهه لکڻو نه آهي، پر هوءَ دليريءَ سان هر مصيبت کي منهن ڏئي رهي هئي.

امان شيرين منهنجي لاءِ خواجه صاحب جي هيٺئين ٻئنڪ ۾ آرام ده بسترو لڳارايو هو. رات جو خواجه صاحب مون سان دير تائين ڪچهري ڪندو رهيو. خيروءَ جو والد خواجه احمد علي صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اسلاميات جو استاد هو. هو منهنجي اسلاميات جي مطالعي مان چڱو متاثر ٿيو. مون مولانا مودودي، مولانا آزاد ۽ سيد سليمان ندويءَ کان وٺندي، اسلام جي سنڌي عالم الحاج مولانا تاج محمد امروٽيءَ جو قرآن ڪريم جو سنڌي ترجمو ۽ مولوي احمد ملاح جو منظوم ترجمو نه رڳو ڌيان سان پڙهيا آهن، پر انهن جي تلاوت پڻ ڪئي اٿم. صحيح بخاريءَ جي حديثن جا پهريان ٽي جُلد پڻ مطالعي هيٺ آندا اٿم. موراڪو يونيورسٽيءَ جي اسلامي شعبي جي سربراهه فاطمه مرنيسيءَ جا جديد اسلامي سوچ ۽ اسلام ۾ عورتن جي رتبي (Women in Islam) خواهه هن جو ڪتاب Beyond The Veil (نقاب کان اڳتي) واري سندس سوچ جا سلسلا به پڙهيا آهن ۽ مون کي شاهه ولي الله واريون اهلِ ڪتاب ۽ اهل هُنود واريون فتوائون، انهن جي ٻنهه برعڪس نظر آيون آهن. پر منهنجي اسلاميات بابت ڄاڻ ۽ علم رڳو ڪتابي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا ۽ خواجہ صاحب علم جو آبشار هو. مون خاص طور خواجہ صاحب کان شاهہ ولي الله جي اهڙين فتوائن بابت ۽ ديوبندي مولوين جي سوا لک کن فتوائن بابت ڄاڻڻ چاهيو. جيڪي هنن مهل ڪمهل پئي جاري ڪيون آهن.

شاهہ ولي الله اهل ڪتاب ۽ اهل هنود خواهہ آسماني صحيفن ۽ زميني ڪتابن بابت، پنهنجي نظريي موجب فرق ٻڌايو آهي. هندن جي ڌرمي ڪتاب 'گيتا' کي صحيفي ۾ ان ڪري شمار نہ ٿو ڪري سگهجي، جو اهو آسمان مان نازل نہ ٿيو آهي، بلڪ ڪرڪيٽر جي ارڙهن ڏينهن واري لڙائيءَ دوران جنگ جي ميدان تي واتيي وٽيي واعظ جي صورت ۾ چيو ويو آهي. جيتوڻيڪ پروفيسر دل محمد دل ۽ شاذالحق حقي جهڙا دانشور ان فتويٰ سان متفق ناهن ۽ انهن گيتا جا خوبصورت منظوم اردو ترجما ڪيا آهن.

خواجہ صاحب پنهنجي اسلامي نظريي ۾ بيحد لبرل ۽ ادار دل هو. مان هن جي هر تشريح سان نہ رڳو مطمعن ٿيس، بلڪ هن جي هر رخ ۽ نظريي جو قائل پڻ ٿي ويس. ان رات ٿڪل هوندي بہ اڌ رات تائين مان ۽ خواجہ صاحب ڪچهري ڪندا رهياسين.

خواجہ صاحب جون شيخ اياز ڏانهن هن جي وائيس چانسلر طور ڪجهہ ميارون هيون، هن خواجہ صاحب کي چڱو رنجايو هو ۽ مالي طور مونجهاري ۾ وڌو هو. خواجہ صاحب اياز جي ذاتي ڪردار (وائيس چانسلريءَ واري دور) بابت ڪي اهڙيون حيران ڪندڙ ڳالهيون ٻڌايون، جيڪي هونئن وسهڻ جهڙيون نہ هيون، پر جيئن تہ اهي خواجہ صاحب جهڙي معتبر شخصيت واتان ٻڌي رهيو هوس، ان ڪري اعتبار ڪرڻو ٿي پيو.

ذاتي طور شيخ اياز منهنجو ويجهو دوست هيو. هو مون کي ايترو پيائيندو هو جو هتي دهلي، بمبئي ۽ جئپور ۾ هو مون سان ئي گهٽي ۾ گهڻو وقت گڏ گذارڻ چاهيندو هو. چوندو هو: "ڪومل، تون هتي هميشہ منهنجي پير ۾ هوندو ڪر. مون کي تنهنجي ڳالهين مان رَس چس ايندو آهي." جئپور ۽ دهليءَ ۾ اسين ٻلَڌي مئري تي سچيون شامون گذاريندا هئاسين. آمريڪي اديب هيمنگوي وانگر اياز بہ 'ٻلڌي مئري' جو شائق هو. اياز هتي منهنجي هڪ اذيتناڪ ڪٽنبي مسئلي ۾، پنهنجيءَ قانونڊانيءَ واري ڏاهپ سان، مون کي ڪورٽ ڪچهرين جي رولي ۽ ڏکن کان بچائي ورتو هو. جنهن لاءِ مان تا عمر اياز جو احسانمند رهندس. ان بابت اڳتي هلي تفصيل سان لکندس.

شيخ اياز جي اڪثر دوستن جو چوڻ هو تہ پنهنجي گهر ۾ ڪنهن جي بہ مهمان نوازي نہ ڪندو آهي، پر منهنجو آزمودو ڪجهہ ٻيو رهيو. مان جڏهن بہ ڪراچيءَ هن جي پرنس ڪامپليڪس واري گهر ويس تہ هن منهنجو قربائتو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ مون کي ڪيڪ پيسٽريون کارايون. پيار مان پنهنجي پير ۾ ويهاريو. زرينہ بہ مون سان اهڙو سک ڀريو سلوڪ ڪندي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ايڪانوي ۾ مان ڦيريون ڀيرو تاجل بيوس، رڪيل موريائي، جامي چانڊيو ۽ ٻين ڪن دوستن سان هن جي گهر ويس ته هو ناچاڪ هوندي به مون سان ڪلاڪن تائين ڪچهريون ڪندو رهيو. ڪنهن بحث ۾ الجهي اياز ۽ تاجل وچ ۾ چڱي چڪتاڻ ٿي پيئي.

مان ۽ اياز صوفا تي گڏ ويٺا هئاسين ۽ ٻيا دوست سامهون ويٺل هئا. بحث وڌي ويو ها، پر مون اياز جو زور سان هٿ دٻائي، هن کي هڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌائي، سندس منهن تي مُرڪ آڻي ڇڏي، تاجل به سانت تي ويو ۽ چيائين، ”مان هڪ شاعر جي گهر آيو آهيان ۽ سٺي سلوڪ جو حقدار آهيان.“ اياز حقدار جو اهڙو حق تسليم ڪيو.

ڪچهريءَ بعد مون کي وري اچڻ جي تاڪيد ڪري، اسان کي لفٽ تائين اپرائڻ آيو. ان کان پوءِ مان ڪراچيءَ هر ڀيري هن وٽ ڀيرو ڪندو هوس. هوٽل ’مِهراڻ هائوس‘ ۾ مون هن جي دعوت پڻ ڪئي.

’برسات‘ ۾ هڪ رات اياز سان گڏجي ايڊيشن ڪيڻ جو ذڪر مان اڳين پنن ۾ ڪري آيو آهيان.

اڳتي هلي مون جڏهن شيخ اياز جي ٻاڏائڻ ۽ بخشائڻ وارين دعائن جو مجموعو پڙهيو ته مون کان ٻاڻمرادو هي لفظ نڪري ويا، “We have lost a great poet” (اسان هڪ عظيم شاعر وڃائي ڇڏيو.)

”اي رب العالمين! اسان کي شاعر شيخ اياز جي وڏيڪ ضرورت هئي.“

ان رات خواجه صاحب سان ڪچهريءَ ۾ خبر ناهي ڪيتري رات گذري ۽ ڪهڙي وقت مون کي ننڊ اچي وئي. صبح جو دير سان اٿڻ تي امان شيرين جي هٿ جي لذيذ نيرن ڪائي، هيٺ آيس ته عمر قاضي منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو. چيائين طارق اشرف توهان کي سندس پريس تي وٺي اچڻ لاءِ مون کي موڪليو آهي. مان تيار ٿي هيٺ آيس ته ڪو اجنبي شخص سامهون دڪيءَ تي ويٺو سوچڻ وارين نگاهن سان مون ڏانهن نهاري رهيو هو. عمر قاضي پنهنجي موٽر سائيڪل تي ويهڻ جي لاءِ چيو مون کي موٽر سائيڪل يا اسڪوٽر تي ڪنهن جي پويان ويهڻ ۾ ڏاڍو ڊپ لڳندو آهي. چيومانس، مان آٽو رڪشا ۾ ٿو اچان، تون اڳيان اڳيان هلندو رهه.

الهندي ڪچي ۾ طارق جي ’سهڻي‘ جي پريس تي مدد علي سنڌي ۽ ولي رام ولڀ به مون لاءِ ويٺا هئا. سيئي مون سان بيحد قرب ۽ سڪ مان مليا. مدد علي سنڌيءَ چيو ته پندرهن سال اڳ اتم ۽ سندريءَ جي اچڻ بعد، ويهن سالن کان پوءِ تون هند جو ساهتڪار هتي آيو آهين. ڪجهه ڏينهن اڳ ئي مدد جي ڪٽنب ۾ سانحو ٿي گذريو هو (هن جي وڏي ڀاءُ جو ٻي وقتائو وڇوڙو.) اهڙي الميي واري حالت ۾ به هو مون سان مرڪندي ملي رهيو هو. ٻئي ڏينهن هن سيني کي پنهنجي گهر چانهه تي گهرايو. مدد علي سنڌيءَ جي مرڪ ۽ لڙڪ هن جي چهري تي عجيب تاثر پيدا ڪري رهيا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مدد جي لکڻين جو وڏو مداح آهيان. هن جو پُٽ ۽ زَين فلسفيءَ جو اپياسَ بيحد ڳوڙهو آهي.

طارق وٽ دهليءَ جون ڳالهيون نڪتيون. بيحد دلچسپ ڪچهري ٿيندي رهي. طارق پريس تي ماني گهرائي ۽ مون کي سهٽيءَ جا ڪجهہ پرچا ڏنا. طارق وٽان وليرام ولپ مون کي پنهنجي گهر وٺي آيو. هو ان وقت وچ شهر ۾ رهندو هو ۽ فلم پبلسٽيءَ جي ڪاروبار سان وابستہ هو. هن جي گهر ياتين بہ مون کي ساڳي سڪ ڏني. وليرام ان وقت جوان ۽ صحتمند هو. پهرينءَ نهار ۾ ئي هو مون کي نيڪيءَ ۽ شرافت جي علامت نظر آيو.

خيروءَ جي گهر پهچڻ تي مون سان ملڻ وارن جو هٽ مڙيو وينو هو. شاهاڻي شڪل ۽ شخصيت وارو ظفر حسن شاهہ خيروءَ جو يونيورسٽيءَ جو همہ پيشہ ليڪچرار حزب الله ميمڻ، طارق عالم ابڙو هن جو ڀاءُ اياز عالم ابڙو هئڊبسمر نصير مرزا، هدايت پريم، اعجاز قريشي، امداد حسيني، ڪنول لوهاڻو نذير ناز... ۽ ٻيا بہ ڪي.

هڪ وڏو لڏو هو. جيڪو خواجہ صاحب جي سڄي اوطاق والاري وينو هو.

پريان هڪ ڪنڊ ۾ هڪ غريبڙو ڳوٺاڻي رنگ ڍنگ جو معصوم ڇوڪرو سوڙهو سڪوڙو ٿيو شرمائيندو ڪڇ ۾ ڪجهہ لڪائيندو وينو هو. (اهو ڇوڪرو نيم ٿيم سان روز اٿين ڪمري جي ڪنڊ ۾ ڪنڌ جهڪائي، چپ ڪري اچي ويهندو هئو ۽ شام ٿيندي ئي چپ ڪري اُٿي هليو ويندو هو. هو ڪڏهن ڪو اکر نہ ڪڇندو هو ۽ ماٺ ڪري اسان جون ادبي ڳالهيون ۽ بحث مباحثا ٻڌندو رهندو هو.)

دوستن جي اچ وڃ جو هيءُ سلسلو صبح شام جاري هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن هو دير رات تائين بہ ويٺا رهندا هئا. جي اٿڻ جي نہ ڪندا هئا تہ امان شيرين ڪين رهڙون ڏيندي چوندي هئي، ”اڙي ڇورا، ڇوڪري کي (مون کي)ڪجهہ آرام ڪرڻ بہ ڏينديئا نہ. هن کي بيمار ڪري موڪليندؤ؟ هاڻي نڪرو ڇو نہ ٿا؟“ امان شيرين جي انهن دڙڪن تي مون کي ڏاڍو ڏِنو ٿيڻو پوندو هو پر دوست کلندا اٿندا ويندا هئا. خيرو دل کولي سيڻي جون دعوتون ڪندي هئي. ۽ سڀ ڪاڏي جون پليٽون صاف ڪري اٿين اٿندا هئا. جو انهن کي ڌوئڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي هئي.

سيڻي جي وڃڻ کان پوءِ خواجہ صاحب مون کي چوندو. ”توهان جو هي سڄو ادبي لڏو وڏو بوکڙو اٿوَ۔ هونئن ڪڏهن لڙي ليئو نہ پائيندا. باقي پٽ تي سڀ اٿين پڇندا ايندا چڻ بنگال کان آيا آهن.“ مون کي خواجہ صاحب جي ان ڳالهہ کان وڌيڪ انهن جي ٻڌائڻ جي ڍنگ تي کِل ايندي هئي.

خواجہ صاحب اسلاميات جو استاد هوندي بہ ان جي جديد نڪتئہ نظر جو قائل هو. هو ’بهشت دلاسو۔ دوزخ دڙڪو‘ واري فلسفي ۾ يقين رکندڙ هو.

منهنجو هن کان اڳ هن جهڙي معصوم ۽ ادار دل اسلامي اسڪالر سان واسطو نہ پيو هو. مون هن وٽان ڪيتري جاڻ ۽ علم حاصل ڪيو. مون جڏهن امام غزاليءَ جي ان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظريي سان اختلاف ڪيو ته ”جيڪڏهن ڪنهن موڙ تي جديد سائنس قرآن ڪريم جي ٽڪراءَ ۾ اچي، ته توهان کي سائنس کي درگذر ڪري، قرآن ڪريم جي پيروي ڪرڻ گهرجي.“

ته خواجه صاحب مون سان مڪمل طور متفق ٿيو ته اڄ جي دور ۾ اهڙو نظريو متعلق نه ٿو ٿي سگهي. خواجه صاحب کي مُلا مولوي ڪلاس کان سخت پرهيز هئي.

مون کي سائين ابراهيم جويي ۽ ماهتاب محبوب سان ملڻ جو بيحد اشتياق هو پرخبر ناهي ڇو خيرو منهنجيءَ ان خواهش کي ٽاريندي رهي. ماهتاب محبوب لاءِ خيرو مون کي اهو تاثر ڏيندي رهي ته هوءَ بيحد مغرور ۽ رُکي سڀاوَ جي آهي ۽ نه چاهيندي آهي ته ڪير سندس گهر جو پيرو ڪري. حالانڪ ٻه سال اڳ جڏهن مان سليم ميمڻ سان هن جي گهر ويو هوس ته هن ۽ هن جي ڀنهي نياڻين منهنجو بيحد قربائتو آڌر ڀاءُ ڪيو هو. ان کان اڳ ماهتاب اسان جي سنڌ جي دوري وقت، جڏهن مون کي حيدرآباد جي مشاعري ۾ پهريون ڀيرو ملي ته هن جي ڳراٽڙيءَ سان گڏ هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. مون ماهتاب کي سدائين سنڌي ڪهاڻيءَ جي سونهن ڪري سمجهيو آهي ۽ هن جي ٻن ڪتابن تي آل انڊيا ريڊيو تان تبصرا نشر ڪيا اٿم. هتان جي مشهور رسالي ’آج ڪل‘ ۾ هن جي ڪهاڻيءَ جو اردو ترجمو شايع ڪرايو اٿم. قرت العين حيدر (عيني) کي هن جي ڪهاڻين جو اردو ترجمي وارو مجموعو ڏنم ته عيني خوش ٿي، دلچسپيءَ سان اهو پڙهيو. ويڇهڙائيءَ ۾ ماهتاب جي شخصيتن تي لکيل ڪتاب تي تاثرات لکيا اٿم. منهنجا هن ڏانهن موڪليل قيمتي تحفا وچ وارن وٽان ئي هڙپ ٿيندا رهيا آهن.

مان مڃان ٿو ته مهيب مارشلا ئي ماحول ۾، خيروءَ جي ئي جرئت ۽ جگر هو. جو هن مون کي پنهنجي گهر هفتو کن رهايو. خاص طور جڏهن هوءَ ويڇهڙائيءَ ۾ ئي هندوستان مان ٿي آئي هئي. هن جي گهر ٻاهران خفيه ايجنسيءَ جو ڪو نه ڪو (سنڌي سڄڻ) شخص بيٺو ئي رهندو هو ۽ هر ايندڙ ويندڙ مٿان عقاب جهڙي اک رکندو هو. اعجاز قريشي شايد کن کي سڃاڻندو هو. ايئن ٻيئي ڏاڪڻ لهي هيٺ آياسين ته اعجاز قريشي ڌمڪيءَ واري نوع ۾ پڇيس، ”ابا خير ته آهي؟“

هن ڪکو وڪو ٿي چيس، ” ها سائين! مڙيوئي خير آهي.“

اعجاز چيس، ”ابا، ٻيهي ٻيهي ٿڪجي پوندين، ڪٿي وڃي آرام ڪر.“

۽ اسين اڳتي وڌي آياسين. مون سان ملڻ لاءِ خيروءَ جي گهر ايندڙ ويندڙ ادبي برادريءَ جو متل ميڙو ڏسي، ايجنسين وارا ٻه حيران ٿيندا هوندا.

ٻئي ڏينهن خيرو منهنجي ئي انڊيا مان آندل اڇي سلڪ ساڙهي پائي، مون کي يونيورسٽي وٺي هلي. يونيورسٽيءَ جي بس ۾ پيهه هڻڻ ڪري، اسين آٽو رڪشا ڪري وياسين. سنڌي آٽو وارو منهنجي ڳوٺ ڪنڊياري جو هو. جڏهن مون هن کي اهو ٻڌايو ته هو ڀاڙو وٺڻ کان آنا ڪاني ڪرڻ لڳو. مون پئسا زوريءَ هن جي هٿ تي رکي ڇڏيا. هو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسڻ پسڻ جو ٺاهوڪو جوان گريجوئيٽ هو ۽ مناسب ملازمت نه ملڻ ڪري مجبورن آٽو رڪشا هلائي رهيو هو. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

يونيورسٽيءَ جي احاطي ۾ گهمندي ٿي مون کي پنهنجا يونيورسٽيءَ وارا ڏينهن ياد اچي ويا. فرق رڳو ايترو هو جو دهلي يونيورسٽيءَ جا شاگرد ۽ شاگرديائيون هڪ ٻئي سان وڌيڪ رل مل ۽ گهائل مائل هئا. ڪئنٽين ۾ گڏ ويهي کائيندا پيئندا هئا ۽ گڏجي سير سپاٽا ۽ سينيمائون ڏسندا هئا. اکيون اکين ۾ عشق جو اظهار پڻ ڪندا رهندا هئا. ڪڏهن لڪ چڇپ ۾ Imbricate (چپن تي چپ رکڻ) جهڙو رومانوي لطف به وٺندا هئا. پر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هو خاصو محتاط هئا. ڪين ايتري آزادي نه هئي. ڪٿي ڪا ڇوڪِري ڪنهن ڇوڪري سان ڳالهائي به رهي هئي ته ٻن فوٽن جي فاصلي تي، مٿي تي رئو رکي، شرمائيندي، اکيون جهڪائي، 'هان'، 'هون' ۾ جواب ڏيئي رهي هئي. ها، باقي ڇوڪريون حسين ۽ جوان جاننا هئا. انڊيا جهڙي آزاد ملڪ ۾ هجن ته الائي ڇا ڪري گذرن.

خيرو مون کي سڌو مهتاب چنا (هاڻي مهتاب اڪبر راشدي) جي ڪمري ۾ وٺي هليو. معنوي طور مهتاب جو چنڊ جهڙو چهرو هو (هاڻي به آهي). خيروءَ منهنجو هن سان تعارف ڪرايو. پهرين ته مهتاب مون ڏانهن خاص ترجهه نه ڏني، پر جڏهن خيروءَ هن کي ٻڌايو ته هي انڊيا مان آيل سنڌي ليکڪ آهي ته مهتاب جو رُخ ئي بدلجي ويو. هن ڪرسيءَ تان اٿي مون سان قرباڻتو هٿ ملايو ۽ آجياڻو ڪندي ويهڻ لاءِ چيو. ڪچهري ڪندي، هن مون کان انڊيا جي ادبي ۽ ڪلچرل سرگرمين بابت احوال ورتو. چانهه ۽ ڪيڪ بسڪوٽ به گهرايا. ۽ مون کي بيحد سڪ ۽ قرب ڏنو. ڪلاڪ ڏيڍ جي ڪچهريءَ کان پوءِ هن خيروءَ کي چيو ته اڄ رات (منهن اونداهيءَ کان پوءِ) هوءَ مون کي هن جي گهر وٺي اچي. مهتاب مون سان اهڙي پنهنجائيءَ سان موڪلايو جڻ اسين سالن جا سڃاتل هجون.

ٻاهر اچي خيروءَ مون کي ٻڌايو ته مهتاب جو سچو ڪٽنب مارشلائي حڪومت جي عتاب هيٺ آيل آهي. هوءَ ٽي-ويءَ جي پسنديده ٽيليڪاسٽر هئي، پر سياسي دٻاوَ ۽ مُلن جي اعتراض جي ڪري هوءَ ٽي-ويءَ تان استعيفا ڏئي آئي هئي. هن جي گهر ڏينهن ڏٺي جو هلڻ مصلحت پريو نه آهي، جو خفيه ايجنسين جا چاڙتا هن جي گهر جي اڳيان پويان نُوس نُوس ڪندا هوندا. ان رات منهنجو خيروءَ سان گڏ رات جو ڏهين بجي ڌاري هئو مئو ٽرڻ کان پوءِ مهتاب جي گهر وڃڻ شرلاڪ هومز جي ڪنهن راز ڀرئي قصي کان گهٽ نه هو.

خيروءَ پنهنجي مامي حميد جي ذريعي، هڪ واقفڪار سنڌي آٽو رڪشا واري جو انتظام ڪيو جيڪو رات جو نوين ڌاري اسان کي وٺڻ آيو. هو رڪشا کي حيدرآباد جي رستن ۽ گهٽين مان ڪلاڪ کن اينٽو سينٽو گهمائيندو هڪ سوڙهي گهٽيءَ جي پڇئين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسي واري در وٽ اچي لٿو. اسين هڪ سوڙهي اونداهي ڏاڪڻ تان مٿي پهتاسين. گهر جون سڀ بتيون وسايل هيون. هڪ خلاصي ڪمري ۾ وچ تي رکيل ميز تي شمعدان جهڙي شيڊ واري ٽيبل لئمپ رکيل هئي. چوڏاري صوفا ۽ ڪرسين تي مهتاب، هن جا والد ۽ والده ۽ هن جون ٻه ڀينر ويٺل هيون. هن جي وڏي ڀيڻ وارن تي گهاٽي ميندي لڳائي، مٿي تي رئو اٽڪائي ويٺي هئي. هن جي لڳايل ميندي‌ءَ وارا ڇٽا هن جي نرڙ تي ڇنبڙيا پيا هئا. رات جي پهرئين پهر ٻه گهر جو پُراسرار ماحول هو. اونده ۾ رڳو شمعدان جي هلڪي روشني‌ءَ ۾ مهتاب جو چهرو چمڪي رهيو هو.

بجلي‌ءَ جو مين سوئچ احتياطن آف ڪيو ويو هو. مٿان ڪنهن ڪنڊ پاسي رڪارڊ ٽيندڙ اهڙو ڪو گئجيٽ لڪائي، تارن سان ڳنڍي رکيو ويو هجي، جو اسان جي سڄي ڳالهه ٻولهه رڪارڊ ٽيندي رهي.

اهڙي اجنبي ماحول ۾ ٻه مون کي ڪا اوپرائپ محسوس نه ٿي ٿِي. لڳو ٿي جڻ مان پنهنجي ئي ملڪ ۾ پنهنجي ئي گهر ۾ پنهنجن وٽ ويٺو آهيان. مهتاب جي ماءُ مون کي پنهنجي‌ءَ ئي ماءُ جيان لڳي رهي هئي- هن مون کان اسان جي سنڌ مان لڏ پلاڻ بعد، هڪ نئين ملڪ ۾ اچي پيير کوڙڻ جو ۽ آڏو آيل مصيبتين جو سڄو احوال ڄاڻڻ ٿي چاهيو. مان هن کي تفصيل سان سڀڪجهه ائين ٻڌائيندو ٿي رهيس، ڄڻ زندگي‌ءَ جا اهي عذابن وارا ڏينهن ۽ پل نئين سر جِي رهيو هوس. امي‌ءَ وٽ سڀ ڄاڻڻ جو ايترو ته اتساهه هئو جو هوءَ بي صبري‌ءَ وچان وچ وچ ۾ سا ڳيا ساڳيا سوال پڇندي رهي.

”اتي ڪيئن پهتا؟ ڪيئن پاڻ کي ٿانئيڪو ڪيو؟ ڏنڌا ڏاڙيون ڪهڙا ڪيو؟“ وغيره. مهتاب ماءُ کي ناراضگي‌ءَ سان چيو ”امي سڀ ڪجهه ٻڌائي ته ويٺو. تون چپ ڪري ٻڌندي رهه.“

هڪ رُس چُس واري قصي گو جيان مون پنهنجو داستان جاري رکيو ڄڻ پنهنجين مصيبتن وارن ڏينهن مان مزو ماڻي رهيو هوس. مهتاب جو والد صاحب ۽ هن جون ڀينر اشتياق وچان ماٺ ڪري، جلا وطن سنڌين جي دربدري‌ءَ جو داستان ٻڌي رهيا هئا. خيروءَ جي ٽن سالن جي ڌيءَ صائمه هن کي ڏاڍو تنگ ڪري رهي هئي ۽ خيرو هن کي ڇنبا هڻي چپ ڪرائي رهي هئي.

ان وچ ۾ مهتاب جو ملازم هڪ سجايل شاهي ڪيڪ ۽ پليٽون کڻي آيو. مهتاب ڪيڪ ڪٽي ٿورين پاءُ کن جيترو پيس منهنجي‌ءَ پليٽ ۾ وڌو. لاڙڪاڻي جي مهتاب چنه جي ڪٽنب جي معتوب ٿيڻ جو اصل ڪارڻ سندن پيٽي صاحب جي فئملي ۽ پارٽي‌ءَ سان وابستگي ۽ ويجهڙائي هئي. ضياءُالحق جي ظالماڻي مارشل لائي دور ۾ هو لڳاتار خوف جي گهيري ۾ هئا، پر مهتاب بيحد بي خوف ۽ مضبوط ارادي واري سنڌي ڇوڪري هئي، جنهن وٽ اهڙن مسئلن کي مُنهن ڏيڻ جي بي پناهه قوت هئي. ائين ٻه



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد ۾ لاڙڪاڻي جون ڇوڪريون حسين بہ هونديون آهن ۽ همٿ واريون پڻ. انهن مان برجستيون عالمياڻيون تہ انديا هليون آيون آهن. باقي مومنياڻين کي مارشل لا ۽ آمريت کي منهن ڏيڻو پئجي ويو آهي.

اوچتو خيروءَ مهتاب کي چيو تہ هي هٿ ڏسڻ جو ماهر اٿئي، تون بہ پنهنجو هٿ ڏيکارينس. سڀ پينر سڏيون ٿي وينيون.

مون چڱي آنا ڪاني ڪئي، پر ويڄ جي ڪا واهہ ڪا نہ هئي. نيٺ هڪ شرط تي مڃيم تہ رڳو ڪنهن هڪ جو هٿ ڏسندس. شمعدان جي شعاءَ ڏيندڙ روشنيءَ ۾ مهتاب جو ڏائو ريشمي هٿ پنهنجي هٿن ۾ جهلي، هن جي هٿ جي هڪ هڪ ريکا کي پنهنجيءَ ڄاڻ موجب جاچيندو رهيس. مون هن کي هن جي حال، ماضي ۽ مستقبل بابت ڪيترو ڪجهہ ٻڌايو جيڪو هاڻي نہ مون کي ياد آهي ۽ نہ مهتاب کي ئي هوندو. مون کي اها بہ ڄاڻ ناهي تہ منهنجيون ڪيتريون جاچنائون صحيح ثابت ٿيون. ڪيتريون غلط، پر منهنجي هڪ اهم اڳڪٿي اڳتي هلي 'پوءِ-ڪٿي' اوس سچي نڪتي. مون مهتاب کي چيو تہ هڪ سال اندر تنهنجي شادي ٿي ويندي. مهتاب مون ڏانهن مُرڪي نهاريو. مان سمجهي نہ سگهيس تہ هوءَ مون ڏانهن ڏسي مُرڪي رهي هئي يا مُرڪي ڏسي رهي هئي!

مان سمجهان ٿو تہ هن پڻ اهو ڄاتو ٿي. بهرحال، منهنجي پامسٽريءَ جي اڳڪٿي مون کي دوکو نہ ڏنو ۽ ڪجهہ مهينن اندر ئي هوءَ مهتاب چنہ مان مئڊم مسز مهتاب اڪبر راشدي ٿي ويئي.

لڳ ڀڳ ويهن ٻاويهن سالن کان پوءِ مئڊم مهتاب راشديءَ سان منهنجيون ڪراچيءَ ۾ ٽي چار ملاقاتون ٿيون ۽ مون ڏٺو تہ هن جي سوڀيا تي وهندڙ وقت جا ڪي پاڇا نہ پيا آهن. هن جي موهيندڙ مُرڪ اڃا بہ اهڙي ئي ڪشش ڪندڙ هئي. مان مهتاب راشدي محترمہ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جو منهنجي آتم ڪٿا جي پهرئين ڀاڱي جي مهورت تي هن بيحد جاذب جائزو پيش ڪيو جيڪو اڳتي هلي منهنجي پريتوان نصير مرزا پنهنجي رسالي 'امرتا' ۾ شايع ڪيو. مون اهو پرچو سانڍي رکيو آهي.

سال 1988 ۾ مهتاب راشديءَ جو 'پاڪستان اسٽڊي سرڪل' طرفان ڀارت-پاڪ تعلقات تي انگريزيءَ ۾ تحقيقاتي تجزيي وارو عالماڻو ڪتاب (Indo-Pak relations) منهنجي اپياس هيٺ آيو جيڪو بيحد ديانتداري، رواداري ۽ ادار دليءَ سان تحرير ڪيو ويو آهي. هڪ سعادتمند ۽ صالح اولاد جيان مهتاب آبرودار نموني هيءُ ڪتاب پنهنجي والد ۽ والده کي ارپڻ ڪيو آهي، جن سان گڏجاڻيءَ جو مون کي پڻ شرف حاصل ٿيل آهي، جنهن بابت مان مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان.

مهتاب جي هن آفريني ڪوجنا واري ڪتاب بابت تفصيلوار جائزو پيش ڪرڻ منهنجيءَ هن آتم ڪٿا جي دائري کا ٻاهر آهي، پر مهتاب مانسڪ خواهہ مذهبي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رواداريءَ سان ورهاڱي کان وٺي پهرينءَ پاءَ صديءَ جو پوريءَ پروڙ سان جاذب تجزيو پيش ڪري، هڪ تاريخي دستاويز تيار ڪيو آهي ۽ هي تاريخي دستاويز ڪنهن جو 'لکايل' نہ، پر پنهنجو لکيل آهي. جنهن ۾ مهتاب راشديءَ پارٽ_پاڪ چڪتاڻ جو سچو پس منظر، عالمي طاقتن جو پارت ۽ پاڪستان طرف رخ، رويو ۽ نظريو، شملا اقرار نامي کان اڳ وارو ماحول، ٻنهي ملڪن جي پاليسين ۾ آيل بدلاءَ، شملا قرارداد جو عملي روپ ۽ ان بعد ٻنهي ملڪن وچ ۾ تعلقات بحال ٿيڻ جا اهڃاڻ آهن. بهرحال، مهتاب اڪبر راشدي عالمي لاڳاپن (انٽرنيشنل رليشنس) جو درس ڏيئي رهي آهي ۽ مان عالمي پائيچاري جو سدائين سبق سکندو رهيو آهيان. ٻيئي جذبا مشترڪ آهن.

منهنجو هم پيالہ سخنور 'هوا جي سامهون' ٻيٽل اڏول امداد حسيني سچيءَ سنگت سان، مون کي سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ وٺي هليو. ڏھ ٻارنهن دوست هٿاسين. ادبي بورڊ جو سيڪريٽري منهنجو ڳوٺائي غلام رباني آگرو هو. هن جي موجوده مارشل لا حڪومت سان بہ سڱابندي هئي. امداد ۽ طارق عالم مون کي ٻاهر ٿي پٽي پڙهائي ڇڏي تہ ربانيءَ کي اهو نہ ٻڌائج تہ تون انڊيا مان آيو آهين. هن کي چئج تہ تون سنگارپور ۾ وسيل ساهتيءَ جو سنڌي آهين ۽ سنڌي ساهتيہ ۾ دلچسپي رکندو آهين، وغيره وغيره.
مان حيرانيءَ سان پنهنجو سبق ياد ڪندو دوستن سان گڏ ربانيءَ جي آفيس ۾ گهڙيس. هو قربائتي نموني مليو. سيني دوستن جي ويجهو وڃڻ کان پوءِ ربانيءَ ميز جي خاني مان هوائي جهاز جي ٽڪيٽن جو هڪ ٿهو ٻاهر ڪڍيو ۽ هڪ ٽڪيٽ ڳولهي امداد حسينيءَ ڏانهن وڌائيندي چيائين، "امداد، هيءَ تنهنجي اسلام آباد ۾ ضياءَ صاحب جي سڏايل 'اهلِ قلم ڪانفرنس' جي ٽڪيٽ آهي. بابا، هلڻ جي تياري ڪري وٺ."

امداد ڪرسيءَ تان اٿي بيٺو ۽ چيائين، "مان نہ هلندس."

"ڇو نہ هلندين؟" ربانيءَ جو منهن ڪاراٽجي ويو. سڀ دوست امداد ڏانهن آفرينيءَ سان نهارڻ لڳا.

"نہ هلندس، معنيٰ نہ هلندس. ان ۾ ڪنهن حيلي هجت جي گنجائش ئي ناهي."

غلام ربانيءَ ڦڪائيءَ سان ٽڪيٽ ميز جي خاني ۾ رکي ڇڏي. ظفر حسن ربانيءَ ڏانهن ڦري نگاهن سان نهاري رهيو هو.

(اڳتي هلي مون کي غلام رباني آگرو جي اها تحرير پڙهي حيرت ٿي تہ 'خلافت تحريڪ وقت عبيدالله سنڌي ترڪيءَ مان لڪ ڇوريءَ (incognito) جرمنيءَ پهتو ۽ اتي هٽلر سان وڃي مليو. عبيدالله سنڌيءَ جي يهودين خلاف ڀڙڪائڻ تي ئي هٽلر يهودين جو قتل عام ڪرايو.')

تاريخ جو قتل عام ائين ئي ڪيو ويندو آهي. بهرحال، محترمہ ڪئرن آرمسٽرانگ جو شاهڪار ڪتاب History of God (خدا جي تاريخ) جو پويون باب Death of God (خدا جو موت) غلام رباني آگرو جي سچي بيان جي ئي نفي (negate) ٿو ڪري.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي نومبر سال اسيءَ جو زمانو هو. ڏيڍ سال اڳ ېُٽي صاحب کي ڦاسي آئي هئي. سڄي ملڪ مٿان ضياءالحق ۽ فوج جي دهشت ڇانيل هئي. ڪيترن ادبي ۽ تعليمي ادارن جا سربراه پڻ فوجي جنرل هئا. هر ڪو هڪ ٻئي کان ٻچي رهيو هو ته متان اڳلو سرڪاري مخبر هجي.

ڳالهين ڳالهين ۾ رباني‌ءَ مون کان پڇيو "ائين ڇو آهي جو ساڳي ئي ملڪ، ساڳيءَ ئي ثقافت ۽ ساڳي ئي مٽيءَ (ڌرتي) جا ماڻهو هوندي به ڏيساورن ۾ سنڌي هندن جا ڌنڌا ۽ واپار ڦهليل آهن. پر سنڌي مسلمانن جو خود اسلامي ملڪن ۾ به ڪو سکڻو دوڪان ئي ڪونهي." چيومانس، "رباني صاحب، سنڌي هندن جو صدين کان، خود اسلام کان به اڳ ڪوهه قاف تائين وڻج واپار هلندو رهيو آهي. مون رابن لين فاڪس (Rabin lane fox) جي سڪندر اعظم جي بايوگرافيءَ ۾ پڙهيو آهي ته سڪندر اعظم جڏهن جنگي مهم تي ويندي، واٽ تي وينس شهر مان لنگهيو ته اتي جنهن وڏي ۾ وڏي دوڪان تان هن ساز و سامان خريد ڪيو، اهو سنڌيءَ جو هو. (ان وقت سنڌي نه هندو هئا ۽ نه مسلمان-رڳو سنڌي هئا.) جاوا ۽ سوماترا جا ٻيٽ وسائڻ وارا سنڌي واپاري هئا. سمرقند ۽ بُخارا ۾ شڪارپوري سنڌين جون ڪوٺيون پنج سال اڳ مان پاڻ ڏسي آيو آهيان. مان اهي ٿلها (پليٽ فارم) به ڏسي آيو آهيان، جتي ڪنيزن جي نيلام جا واڪ لڳندا هئا، ۽ ضرورت پوڻ تي خريدار (اڪثر عرب) سنڌين جي پيڙهين تان قرض وٺي، ڪنيزون ۽ ٻانها خريد ڪندا هئا. واڻيا، واپار سانگي سالن جا سال پنهنجن گهرن کان ٻاهر رهندا هئا، ۽ مسلمان ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ کان ٻاهر نڪرڻ جو به ست نه ساري سگهندا هئا. وڌ ۾ وڌ پنهنجي ڪنهن ويجهي شهر ۾ ويا ته جڻ چين ولايت ٿا وڃن. هندو مينهن وسندي لاءِ ميڙي چونڊي رکندا آهن ۽ مسلمان مِينهن وسڻ کان اڳ ئي پنهنجن پلنگن جا پاوا ڇپا ڪري ڇڏيندا آهن.

بحث جاري هو. رباني مون سان ان ڳالهه تي متفق ٿيو ته سنڌي هندو پنهنجي وطن سان بيحد پيار ڪندا هئا. ۽ ڏيساورن مان ڪمايل ناڻو (Swiss) بئنڪن ۾ نه رکندا هئا، بلڪ پنهنجي ئي ملڪ جي بهبوديءَ لاءِ خرچ ڪندا هئا.

رباني‌ءَ جي ڪمري کان ٻاهر نڪري سيٺي دوستن امداد کي آفريني ڏني. ان وچ ۾ ڪنهن رباني‌ءَ وٽ مخبري ڪئي ته مان سنگاپور مان نه بلڪ انڊيا مان آيو آهيان ۽ خيروءَ جي گهر رهيل آهيان.

فوجي آمر ضياءالحق ېُٽي صاحب جي ڦاسيءَ کان پوءِ پاڪستان جي اديبن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ اسلام آباد ۾ پهرين اهلِ قلم ڪانفرنس ڪوٺائي هئي. مون سان لاهور ۾ طفيل صاحب ان بابت ذڪر ڪيو هو. هو پاڻ، احمد نديم قاسمي، اشفاق احمد ۽ بانو قدسيه وغيره ضياءَ جا حمايتي هئا. جن ڪانفرنس ۾ اهم ڀرو ورتو. پر قتيل شفائي هندوستاني فلم لاءِ گيت لکڻ جو بهانو ٻڌائي بمبئي هليو ويو. ڪشور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهيد ۽ هن جي هم خيال اديبن شرڪت ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ جيستائين مون کي ڄاڻ آهي تہ سنڌي اديبن مان ان (پهرين) اهلِ قلم ڪانفرنس ۾ رڳا بہ ’اهلِ قلم‘ ويا. (نالا ڏيڻ ضروري ناهن) اڳتي هلي مون کي ڄاڻ پيئي تہ ايندڙ سالن وارين ڪانفرنسن ۾ سنڌيءَ جي ڪن معتبر آبرودار اديبن پڻ شرڪت ڪئي هئي. ۽ اتي ڪيترن موقعن تي ڪين ڏنو ٽيٽو پيو (انهن مان ڪيترا اڄ اسان وٽ نہ رهيا آهن. پر سنڌن ادبي رتبو برقرار آهي.)

ان ئي رات مان خواجہ صاحب سان هيٺ بينڪ ۾ ڪچهري ڪري رهيو هوس. جو مٿي خيروءَ کي ربانيءَ جي فون آئي. چڱيءَ دير تائين ربانيءَ سان ڳالهائي خيرو هيٺ آئي ۽ چڱي هراسيل ٿي لڳي. هن ربانيءَ سان ٿيل گفتگو ٻڌائڻ شروع ڪئي. هن جي آواز ۾ گهبراهٽ سان گڏ ڪاوڙ پڻ هئي. رباني خيروءَ کي چئي رهيو هو:

”ڳُڏي. توکي اهلِ قلم ڪانفرنس ۾ هلڻو ئي پوندو. انڪار ڪرڻ تي تنهنجي خلاف ڪو سخت قدم کڄي سگهي ٿو. تون اڃا مهينو کن اڳ انڊيا مان ٿي آئي آهين. مٿان وري تنهنجي گهر انڊيا مان آيل مهمان رهيل آهي. حڪومت انهن سڀني ڳالهين جي پوري جاچ رکندي آهي. ان کان سواءِ يونيورسٽيءَ ۾ تنهنجو پروموشن ٿيڻ وارو آهي. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ پروموشن بدران ماڳهين تو کي نوڪري مان ئي هٿ ڌوئڻا پون. يا ڪو ٻيو ڳت ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي. ان ڪري ڪجهہ سياڻپ کان ڪم وٺ. تنهنجي هوائي جهاز جي ٽڪيٽ مان توڏانهن سياڻي ئي موڪلي ٿو ڏيان. “

ڪجهہ ساهي پٽڻ کان پوءِ خيرو جڏهن سامت ۾ آئي تہ مون کي چيائين. ”توهان واڻيا ڏاڍا سياڻا هوندا آهيو. مون کي صلاح ڏيو تہ ڇا ڪريان؟ مان وڃڻ بہ نہ ٿي چاهيان ۽ جند بہ ڇڏائڻ ٿي چاهيان. “

چيومانس. ”خيرو تون هينئر وڃي ٻي فڪر ٿي سمهي پئہ. صبح جو مان توکي اهڙو ڪو رستو ٻڌائيندس. جو توکي نينڊ ڏيڻ وارا پاڻ ئي تو جهڙيءَ هڇا مان هٿ ڪڍائي ويندا. “

خيروءَ اها سڄي رات بي آراميءَ ۾ گذاري. صبح جو هوءَ ٽن سالن جي صائمہ کي هنج ۾ کڻي هيٺ آئي. خواجہ صاحب بہ فارغ ٿي آرام سان ڪرسيءَ تي اچي ويٺو.

خيروءَ اُبهرائيءَ مان پڇيو ”ڪجهہ سوچيئہ؟ “

چيومانس. ”ڏيان سان ٻڌي وٺ. ۽ اڄ ئي ان تي عمل ڪر. صائمہ کي ائين ئي هنج ۾ کڻي ربانيءَ سان روبرو وڃي گڏج. چئينس. منهنجي نياڻي هڪ پل بہ مون کان پري نہ ٿي سگهندي آهي. ان ڪري مون کي هن کي بہ ڪانفرنس ۾ ساڻ وٺي هلڻو پوندو. ۽ هن کي ويهاري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ تہ ممڪن نہ ٿي سگهندو. هن کي سنڀالڻ لاءِ پنهنجيءَ ماءُ کي بہ وٺي هلڻو پوندو. توهان مون لاءِ جهاز جي ٽن ٽڪيٽن جو انتظام ڪريو تہ مان هلڻ لاءِ تيار آهيان. “



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيروءَ جي اهڙي گهر تي غلام رباني آگري جا لاهه نڪري ويا. نه هو تي تڪيتون خيروءَ کي ڏٺي سگهيو ۽ نه ئي خيرو کي اهلِ قلم ڪانفرنس ۾ وچي ضياءالحق جو ديدار ڪرڻو پيو.

چيومانس، ”خيرو هاڻي عيد ڪر.“

چيائين، ”عيد ان ڏينهن ڪنديس، جنهن ڏينهن مُئو قاضي مرندو.“

خبر ناهي قاضي مري ويو آهي يا اڃا جيئرو آهي، پر خيرو ته مري وئي آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ رباني به راهه رباني وٺي ويو آهي.

ٻئي ڏينهن هدايت پريم ۽ ٻين دوستن مون کي سنڌالاجي ڏيکارڻ لاءِ وٺي هلڻ جو پروگرام رٿيو. اسين ويهارو کن دوست سنڌالاجيءَ پهتاسين. تن ڏينهن منهنجا دلبر دوست شوڪت حسين شورو ۽ سليم ميمڻ الائي ڪٿي هئا؟ سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر غلام علي الانا هو. هدايت پريم اڳ ۾ ئي پبلسٽي ڪري ڇڏي هئي، ته انڊيا مان آيل هڪ ليکڪ سنڌالاجي ڏسڻ اچي رهيو آهي ته ٻيا به ڪيترا دوست منهنجي آجياڻي لاءِ اتي ٻيٺا هئا.

ساهتڪارن ۽ ساهت پريمين جو هجوم سنڌالاجيءَ ٻاهران گڏ ٿيل هو. اسان جي پهچڻ تي هدايت پريم سنڌالاجيءَ ۾ وڃي منهنجي اندر اچڻ جي اجازت وٺڻ ويو. هن خاصي دير لڳائي ڇڏي. ڇڳي انتظار کان پوءِ هن ٻاهر اچي ٻڌايو ته الانا صاحب ٻاهر ويل آهي ۽ ڊپٽي ڊئريڪٽر (جنهن جي ذات شايد نظاماڻي هئي) جو چوڻ آهي ته هڪ هندوستانيءَ کي سنڌالاجي ڏسڻ جي اجازت نه ٿي ڏيئي سگهجي.

هدايت پريم ڏاڍو پشيمان ٿي رهيو هو جو هن ئي مون کي سنڌالاجي ڏيکارڻ جو ذمو کنيو هو. امداد، ظفر حسن، طارق عالم، حزب الله ميمڻ، ولي رام ولڀ ۽ ٻيا دوست سخت ڪاوڙ ۾ هئا. ظفر حسن، نظاماڻي صاحب کي ٻاهر سڏايو ۽ هن کي ستَ سُري ٻڌائيندي چيائين، ”مسٽر... هڪ سنڌي ليکڪ کي سنڌالاجي ڏسڻ نه ڏيندا ته ڇا ڪنهن آفريڪي حبشيءَ کي ڏيندا؟“

مان چپ چاپ نظاماڻي صاحب کي ڏسندو رهيس. مارشل لا ڪيترن کي ئي ذهني طور مفلوج ڪري ڇڏيو هو.

نظاماڻي صاحب هڪ باريش ۽ شاهاڻي ۽ سنجيده شخصيت جو مالڪ هو. هن جي چهري تي ڪي به رد عمل جا آثار نه هئا. مون کي هو نيڪ نيت، پر ڊڄڻو شخص لڳو جنهن کي اهو خوف کائي رهيو هو ته ڪٿي هن جي ملازمت نه جوکي ۾ اچي وڃي. اڳتي هلي مون کي ڄاڻ پيئي ته الانا صاحب موٽي اچي هن تي اهڙي فيصلي لاءِ سخت ڇوهه ڇنڊيا هئا.

دوستن جو موڊ ڏاڍو بگڙيل هو. خاص طور هدايت پريم ڏاڍو ڏکوبل هو جو ڪن دوستن جو رايو هو ته هدايت بنا ڪنهن اعلان ڪرڻ جي ماٺ ميٺ ۾ مون کي وٺي وڃي سنڌالاجي ڏيکاري اچي ها. ڏک ته مون کي به ڏاڍو هو پر ان جو ڏيک نه ڏنم.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاهر اچي اسين چبوتري تي ڪرسيون وڇائي ويهي رهياسين. ماحول کي خوشگوار بڻائڻ لاءِ اسان ادبي ۽ ثقافتي ڳالهيون شروع ڪيون. سياسي گفتگو ممنوع هئي. مذهب تہ پري، پر مذهبي رواداريءَ تي پڻ راءِ زني ڪرڻ خطري کان خالي نہ هو.

ادبي برادريءَ جون ڪجھہ اديبائون پڻ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ هيون. تنوير جوڻيجو مون کان هند ۾ هلندڙ ساهتڪ سرگرمين بابت ڄاڻڻ چاهيو ۽ مون تفصيل سان هن جي سنڌي ادبي منظر نامي جو هڪ سٺي داستان گو جيان دلچسپ احوال ڏنو. ڳالهيون هلنديون هند ۾ سنڌي ٿيئٽر ۽ ناٽڪ جي اوسر بابت ٻڌائينديون، مون کين ڄاڻ ڏني تہ ادب ۽ ثقافت جي سيني شاخن جي ڀيٽ ۾ اتي سنڌي رنگ منچ تمام تڪڙي ترقي ڪئي آهي.

مان دهليءَ جي سنڌي ٿيئٽر گروپ 'سنڌو ڪلا سنگم' جو سرگرم ميمبر رهيو آهيان. سنگم دهلي ۽ دهليءَ کان ٻاهر هندوستان جي ڪيترن شهرن ۾ سوَ کان ٻہ وڌيڪ يڪ فصلا، ٻہ فصلا، ۽ ٽہ فصلا ناٽڪ بيحد ڪاميابيءَ سان پيش ڪيا آهن. منهنجا ٽي فُل لينٿ سنگيت ناٽڪ ۽ ٻيا ڪي ٽي فصلا ناٽڪ ۽ بادل سرڪار جو نُڪڙ ناٽڪ (استريٽ پلي) 'جلوس'، جنهن ۾ ڊانچو بادل سرڪار جي بينگالي ناٽڪ 'مڇيل' جو هو پر ڊائلاگ سنڌي ماحول وارا منهنجا هئا، دهليءَ کان سواءِ ڪلڪتي، بمبئي، احمدآباد، جئپور، آديپور وغيره شهرن ۾ شهرت ماڻي چڪا آهن. آغا سليم جي ناٽڪ کي ڪلڪتي جي آل انڊيا ڊراما فيسٽيول ۾ جدا جدا شهرن مان آيل ويهارو کن ناٽڪن ۾ پهرئين نمبر جا سڀ ايوارڊ حاصل ٿيا. ان جو ڪريڊٽ آغا سليم کي تہ آهي ئي، پر جيون گرهساڻيءَ جي هدايتڪاري ۽ هيمر ناگواڻي ۽ موهني وڃيہ جي اداڪاريءَ شڪارپور جي شهزادي جي لکيل ناٽڪ جي تاريخي ڪردارن کي نئين سر جيئاري ڇڏيو.

ان جا تفصيل منهنجي سدا حيات دوست هيمر ناگواڻيءَ پنهنجي ڪتاب 'مور نچندا رهندا' ۾ درج ڪيا آهن. هو ان ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو لکي رهيو هو پر عمر هن سان وفا نہ ڪئي. جيون، هيمر، هريڪانت ۽ مان ان سنستا سان سالن تائين لاڳاپيل رهياسين. هينئر نہ جيون رهيو آهي، نہ هيمر ۽ نہ هريڪانت۔ ۽ مان ٻہ ڳيتون ڏيندو پنجهتر پار ڪري چڪو آهيان. سنڌو ڪلا سنگم ٻہ ٽڙي پکڙي ويو آهي.

سنڌالاجيءَ جي ٻاهران سائي چبوتري تي اسين ويھہ پنجويھہ دوست رهاڻيون ڪري رهيا هئاسين. چانهہ جي دور سان مان کين هندوستان ۾ سنڌي ناٽڪ جي نون تجربن بابت احوال ڏيئي رهيو هوس، جيڪو هو پوري اشتياق ۽ دلچسپيءَ سان ٻڌي رهيا هئا.

منهنجي سنڌ اچڻ کان مهينو کن اڳ سنڌو ڪلا سنگم هڪ بولڊ ۽ تجرباتي ناٽڪ پيش ڪيو 'سچ جي پوئين ڪرٽي کان سچ جي پهرئين ڪرٽي تائين.' ناٽڪ جي ٽيم نہ رڳو سنڌي سماج لاءِ نئين هئي، پر بيحد ساهس واري هئي. جيون گرهساڻيءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙو جرئت ڀريو هدايتڪار ٿي اهڙو ئي باڪيءَ وارو ناٽڪ پيش ڪرڻ جو ست ساري ٿي سگهيو. اسان کي احساس هو تہ اسين سنڌي رنگ منچ تي هڪ وڏو جوکم کڻي رهيا آهيون. ناٽڪ يا بيحد ڪامياب ويندو يا ناظرين جون ملامتون پونديون. نصيبن سان ناٽڪ سنڌي درشڪن کي، خاص طور نوجوان طبقي کي ايترو تہ پسند آيو جو ان جا ٻيا بہ ڪيترائي 'شوز' ڪرڻا پيا.

'سچ جي پوئين ڪرٽي کان سچ جي پهرئين ڪرٽي تائين' هڪ رات جي واردات آهي، جيڪا نيوگ (NIYOG) جي رسم تي هڪ خاص سماجي بنياد تي ٻيڌل آهي.

ويدڪ دور ۾ ڀارت ورش ۾ آريہ پُترن (تن ڏينهين هندوستان جا رهواسي نہ هندو هئا ۽ نہ ملڪ جو نالو هندوستان هو.) واري سماج ۾ هڪ اهڙي رسم هئي، جنهن کي 'نيوگ' جي رسم ڪري ڪوٺيو ويندو هو. نيوگ (Legal Adultery) قانوني طور مروج ويڀچار (زنا) آهي، جنهن ۾ قانوني ۽ سماجي طور، اولاد نہ ٿيڻ جي حالت ۾ جوان عورت جي نا اهل مڙس جي مرضي ۽ اجازت سان هڪ ٻئي مڙد مان حامله ٿيڻ جائز قرار ڏنو ويو آهي ۽ ان رات لاءِ عورت پنهنجي پسنديءَ جو مرد چونڊي سگهي ٿي. اهو حق هن کي ٽن راتين لاءِ حاصل آهي.

ناٽڪ ۾ ان دور جي سماجي ۽ سياسي ماحول، راج درٻار ۾ بي اولاد راجا مٿان درٻارين جو دٻاءُ ۽ راج گديءَ جو وارث پئدا ڪرڻ واري وشيہ آهي.

اڳتي هلي، ان دور جي اها رسم ڪيئن ختم ٿي، ان بابت مان ايندڙ پنن ۾ تفصيل سان لکندس.

ناٽڪ ۾ هڪ انصاف پسند اداردل ۽ رحمدل راجا آهي. هن جو پنهنجي راڻيءَ سان بي انتها پيارآهي. شاديءَ کي سال ٿي ويا آهن، پر کين ڪو اولاد نٿو ٿئي. راجا کي پنهنجي ڪوتاهيءَ جو احساس آهي ۽ راڻي بيحد حسين ۽ تندرست آهي، پر هوءَ پنهنجين جسماني ۽ جنسي خواهشن مٿان ضبط رکي راجا سان پوري وفادار آهي.

راج درٻاري فڪرمندآهن تہ راج جو ورث ڪٿان ايندو؟ مکيہ منتري راجا مٿان 'نيوگ' جي پرِتا (رسم) عمل ۾ آڻڻ لاءِ راڻيءَ کي مڃا ئڻ لاءِ زور آڻي رهيو آهي. راجا سخت مونجهاري ۾ آهي. راڻي ڪنهن ٻئي مڙد سان مباشرت لاءِ مڃڻ کان صاف انڪار ڪري رهي آهي. سڀ منتري ميڙ ڪري، راج محل ۾ راڻيءَ کي مڃائڻ لاءِ اچن ٿا ۽ هن کي ڪانئن پوءِ راج ختم ٿي وڃڻ جي انديشي جو احساس ڏيارن ٿا. هو راڻيءَ کي مڙد جي چونڊ جو حق ڏين ٿا. سڀ کان جوان ۽ خوبصورت منتري راڻيءَ سان رات گذارڻ لاءِ ڊپ ڊاوَ هيٺ مڃي ٿو.

هي ناٽڪ جو پهريون منظر آهي.

مون کي ياد ناهي تہ چار شوري جي سائيءَ ڇپر تي مون دوستن کي تہ فصلي ناٽڪ جا ٽيئي منظر ٻڌايا هئا يا نہ؟ پر مون کين ايترو اوس ٻڌايو هو تہ ٻئي منظر ۾ راڻيءَ ۽ جوان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منتريءَ سان سنيوڳ (جماع) واري سڄي رات راڄا جو رول ادا ڪندڙ سنڌي رنگ منچ جي يگاني اداڪار هيمر ناگواڻيءَ چانڊوڪي رات ۾ پنهنجي محل جي جهروڪي ۾ سڄي رات اڇ وڇ ڪندي، اهو سوچيندي ته هن جي پياري راڻي، سندن ٿي خوابگاهه ۾ ڪنهن ٻئي مڙد سان همبستر آهي، سرگوشين ۾ مونولاگ واري انداز ۾ ڊائلاگ چپن ۾ چوندي ۽ ڇهري تي پاوَ سان اندر جي پيڙا کي ڏيکاريندي، ردڪشن جو روح رونارڙي ڇڏيو هو.

مون اهڙي موشڪاف اداڪاري رڳو لارينس آليور (Laurence Olivier) جي King and I ۾ ڏٺي آهي، جنهن ۾ هو ذبح ٿيل مرغيءَ وانگر ڪنيڙاٽيون هڻي ڦٿڪي ٿو.

راڻيءَ جي رول ۾ موهني وڃيه ۽ جوان منتريءَ جي رول ۾ گوپال پنجواڻيءَ پڻ پنهنجي جاذب اداڪاريءَ سان سنڌي رنگ منچ جا نوان دريچا کولي ڇڏيا. خاص ڪري 'سڄ جي پوئين ڪرٽي ڪان سڄ جي پهرئين ڪرٽي تائين' (سڄي رات) ٻيئي سنيوڳ جو سک ماڻي، اسٽيج تي خوابگاهه مان ظاهر ٿيا ته ٻنهي جي چهرن تي چمڪ ۽ جنسي آسودگيءَ جا پاوَ اداڪاريءَ جو انوکو مثال هئا.

مان سمجهان ٿو ته سنڌي پابند سماج ۾، خاص طور سنڌ جي مذهبي ماحول ۾ اهڙو بي باڪ ناٽڪ عوام اڳيان پيش ڪرڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهجي، پر هندوستان ۾ 'سڪارام بائينڊر' جهڙا ڪليل ناٽڪ ۽ 'ڪاڃو راهو' جهڙا مڙد عورت جي جنسي سٻنڌ بابت اسٽيج ٿيندڙ اوپيرا هاڻي هتي عام آهن.

جيون ۽ هيمر جي دلي تمنا هئي ته سنڌ هلي 'جڏهن مان نه هوندس' ۽ 'هي پياسو منُ منهنجو' جهڙا ناٽڪ پيش ڪريون، پر سندن اها خواهش پوري نه ٿي سگهي ۽ هو اها حسرت سانڍي هليا ويا. مون کي خوشي آهي ته اسان جي ناٽڪ 'جلوس' ۾ سنڌ جي دوستن عمر قاضي ۽ نور احمد ميمڻ پڻ ننڍو رول نڀايو ۽ چار ساقي ڏسي بيحد متاثر ٿيو.

ان رات اعجاز قريشيءَ منهنجي ۽ ڪن دوستن جي پنهنجي گهر مهماني ڪئي. اعجاز مون کي پنهنجي والد سائين علي احمد قريشيءَ سان ملايو. مون جيئن ئي نِوڙي سندن پيرن تي هٿ رکيو ته منهنجي سڄي جسم ۾ ڪي قلبي لرزشون پيدا ٿي ويون. سائينءَ جي شخصيت مون کي سندن گرويده ڪري ڇڏيو. سائينءَ مون کي پنهنجيءَ پر ۾ ويهاريو. قريشي صاحب ۽ ويٺل دوست مون کان هندوستان جو حال احوال وٺڻ لڳا.

مون کين شروع ۾ ئي عرض ڪيو ته مون کان ڪو سياسي يا مذهبي قسم جو سوال نه پڇن. مون کين هندوستان ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي تعليم، ڪلچر، ساهتيه، سماج وغيره جي واڌاري بابت تفصيلوار احوال ڏنو. سڀئي دلچسپيءَ سان ٻڌندا رهيا. کين خوشي ٿي رهي هئي ته هندوستان ۾ جتي سنڌين جي آبادي ملڪ جي ڪُل آباديءَ جو اڌ سيڪڙو مس آهي، اتي سنڌي ٻولي پارتي آئين ۾ قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل ڪري چڪي آهي، ۽ جنهن ڌرتيءَ جي اها ٻولي آهي، اتي اها تسليميءَ کان محروم آهي. پر مان ڳالهه ٻولهه ۾ بيحد محتاط هوس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويٺلن مان ڪنهن سوال ڪيو "مهانگائي هندوستان ۾ وڌيڪ آهي يا پاڪستان ۾؟"

چيومانس، "دوست، هتان جي موجوده مارشلائي ماحول ۾ ان سوال جي نوعيت سياسي آهي. پوءِ بہ تنهنجي سوال جو جواب هي آهي.

لاهور کان هتي ترين ۾ ايندي مون ڏٺو تہ مٿي 'وارننگ' لکيل هئي:"بنا ڪارڻ زنجير ڇڪڻ جو پنجاهہ روپيہ جرمانو آهي." پر هندوستان جي ٽرينن ۾ بنا سبب زنجير ڇڪڻ (گاڏي بيهارڻ) جو ڏنڊ اڍائي سوَ روپيہ آهي.

هاڻي پڌاءِ تہ مهانگائي ڪٿي وڌيڪ آهي.

سڀ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

اوچتو اعجاز جي بنگلي ٻاهران گهڻو گوڙ شور شروع ٿي ويو. اسان يڪدم پنهنجا گلاس ميز هيٺان لڪائي ڇڏيا. اعجاز گهٻرائجي ٻاهر ويو. ٿوريءَ دير ۾ موٽي اچي چيائين، "پليجي صاحب جي پارٽي عوامي تحريڪ جا ڇوڪرا ٻاهر بيٺا گوڙ ڪري رهيا آهن تہ مهمان کي اسان سان ملاءِ." ويهن پنجويهن جوانن جو لڏو هو. هنن اندر اچڻ پئي چاهيو پر اعجاز ڪنهن ريت کين ان کان باز آندو ۽ مون کي پاڻ سان ٻاهر وٺي آيو.

گيٽ کان ٻاهر نڪرڻ تي تحريڪ جا شاگرد مون کي ورائي ويا. بيحد جذباتي جوان هئا. ڪو ڪجهہ پڇي رهيو هو ڪو ڪجهہ. مان پاڻ تي ضبط رکي، کين منهن ڏيئي رهيو هوس. اڌ مُني ڪلاڪ تائين مون مٿان سوالن جي بوڇاڙ ٿيندي رهي، پر مان هر سياسي قسم جي سوال کان ٽٽائي رهيو هوس. اعجاز مون کي اندر وٺي اچڻ لاءِ آتو هو ۽ ڇوڪرا اعجاز سان وڙهي پيا. جيئن تيئن ڪري قريشي صاحب اچي منهنجا پلاند آجا ڪرايا. پليجو صاحب ان وقت جيل ۾ هو. ڪجهہ سالن بعد هُن مون کي دهليءَ ۾ پڌايو تہ اهي جوان منهنجا موڪليل هئا ۽ توسان ٿيل ڳالهين جو احوال مون کي جيل ۾ ملي چڪو هو. پليجي سان هندوستان ۾، خاص طور بنگلور ۾ ٿيل ڪچهرين ۽ شغل جو تفصيلي احوال اڳتي هلي لکندس.

سائين علي احمد قريشيءَ لاءِ منهنجيءَ دل ۾ تمام گهڻو احترام آهي. مون پنهنجيءَ آتم ڪٿا جو ٽيون ڀاڱو کين ئي ارپڻ ڪيو آهي. سائين مون وٽ دهليءَ آيا هئا تہ مون ۽ گوپيءَ کين بيحد مانُ ۽ عزت ڏني هئي. مون کين پراڻي دهليءَ جا شاهجهاني مارڪيٽ ۽ چانڊني چوڪ گهمايو هو. سائينءَ سنڌ وڃي هتان جو سفرنامو 'جمنا جي ڪناري' لکيو ۽ مون ان تي آل انڊيا ريڊيو تي ڀرپور تبصرو نشر ڪيو هو. سائين علي احمد قريشي مون لاءِ بيحد عزت لائق آهن.

خيروءَ جي گهر جي هيٺئين بيٺڪ ۾ رات دير تائين دوستن جو ميڙو متو پيو هوندو هو. جيسين خيروءَ جي ماءُ هيٺ اچي سيني کي ست سُريون نہ پڌائيندي هئي، تيسين دوست اٿڻ جو نالو نہ وٺندا هئا. ان ڪچهريءَ ۾ هڪ ارڙهن اڻويهن سالن جو معصوم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غريب چوڪرو روز ڪوٺڙيءَ مان اچي هال جي هڪ ڪنڊ وٺي، چپ ڪري اچي ويهندو هو ۽ ڏاڍي اُتساهه سان اسان جون ادبي ڳالهيون ۽ شعرو شاعري وغيره ٻڌندو رهندو هو. هو پاڻ سان هڪ رلي ڪٽي ايندو هو ۽ شام جو اها ويڙهي سيڙهي واپس کڻي ويندو هو. اسين هن کي ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪيترو زور پريندا هئاسين ته هو وڏ ۾ وڏ چانهه جو هڪ ڪوپ پيئندو هو.

هو ڳالهائيندو هڪ اکر به نه هو رڳو اسان کي ٻڌندو هو. هن ڪڏهن به پيرو نه پڇو.

هڪ ڏينهن مون خيروءَ کان پڇيو، ”هي نماڻو نينگر ڪير آهي، جيڪو هيئن نيم ٽيم سان ايندو ٿو رهي ۽ سوڙهو سڪوڙو ٿيو هڪ ڪنڊ ۾ ويٺو ٿو رهي؟ “ خيروءَ ٻڌايو ته ”هي (مون کان نالو وسري ويو آهي) هن جو ڏورانهون غريبڙو مائٽ آهي. ڪوٺڙيءَ مان پنهنجي ماءُ جي هٿ جي پريل رلي تو لاءِ کڻي ايندو آهي، پر توکي ڏيڻ جي همٿ نه ٿي ٿئيس. اڄ مون کان پڇڻ لڳو ته ادو مون کان هيءَ رلي وٺندو؟ چيومانس، ”ڇو نه وٺندو؟ اڄ وڃڻ وقت ڏيئي وڃجانس. “

شام جو ان معصوم ڇوڪري مون کي ڏڪندي ڏڪندي رلي ڏني. منهنجيون اکيون پرجي آيون. مون وٽ هن کي ڪجهه ڏيڻ جي لاءِ بچيو ئي نه هو. مان سا ڙهيون، ڪپڙا لٽا ۽ ڪتابن جو سڄو باڇڪو اڳ ۾ ئي ورهائي چڪو هوس. مدد به ناراض هو جو هن لاءِ رڳو هڪ اڌ ڪتاب ئي بچيو هو. مون ڪيسي مان پارڪر پين ڪڍي هن کي ڏني، جيڪا هن تمام گهٽي زور پرڻ کان پوءِ ورتي.

مون کي هي معصوم ڇوڪرو سنڌ جي ڳوڻاٽي اشراف سنڌي مسلمان جي علامت لڳي رهيو هو. اهڙو هڪ معصوم غريب ٻار مون کي پوئين پيري مليو هو جڏهن مان قمر شهباز سليم ميمڻ، عبدالرحمان شورو سان گڏ ڪينجهر تان ڪراچيءَ موٽي رهيو هوس ۽ اسين رستي تان تازي مڇي وٺڻ لاءِ ترسيا هئاسين. منهنجي دل ڪري پيئي ته مان قميص لاهي هن کي پارايان ۽ هن جو قاتل ليڙون ٿيل پهراڻ مان پائي ڇڏيان. قمر شهباز مون کي سجاڳ ڪندي چيو ”ڪنهن کي ڪنهن کي پنهنجي قميص لاهي پارائيندين؟ “

نصير مرزا، نثار حسيني، اياز عالم ابڙو طارق ۽ ٻيا دوست ڪنهن جاءِ تي گڏجاڻيءَ جو وقت مقرر ڪندا هئا ۽ گڏجاڻيءَ کان ٿورو اڳ مصلحتن ڪئنسل ڪري ڇڏيندا هئا. شايد ڪين به خبر هئي ته ڪنهن نه ڪنهن ويس ۾ ڪي مخبر به اتي پهچي ويندا.

هڪ نما شام مون دوستن کي چيو ته مون کي ڪيئن به پنهنجي مُرشد سان دعا وٺڻ لاءِ ملڻو آهي. توهان سڀ به مون سان گڏ هلو. امداد حسينيءَ ٽوڪيندي چيو، ”اڙي واٺيا، اڇي پير پرستيءَ ۾ پيو آهين؟ “

چيومانس، ”اڙي دهريا، هڪ پيرو مون سان گڏ هلي ته ڏس. تنهنجا پيئي جهان تري نه پون ته مون کي دوزخ جو در ڏيکارج. “

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين، ” چڱو هل، ڏسان تہ ٻيئي جهان تارين ٿو يا ٻوڙين ٿو؟ “ حزب الله بہ طنزيہ مُرڪڻ لڳو پر هلڻ لاءِ سڀ کان پهرين تيار ٿيو.

(حزب الله جهڙي درويش صفت شخصيت کي ڪن ڪميٽن دهشتگردن بي قصور قتل ڪري ڇڏيو. دوستن لاءِ ڪمڙيون دعائون گُهرجن ۽ دشمنن لاءِ ڪمڙيون بددعائون ڏجن. هاڻي تہ اسان جي آهُن ۾ بہ اهو اثر نہ رهيو آهي.)

اسين ڏهہ ٻارنهن دوست مرشد سائينءَ جي در تي آياسين. ٻاهر هڪ مُريد روڪيو. سائين اندر حويليءَ جي مرمت ڪرائي رهيا آهن، مشغول آهن، ان ڪري ڪنهن سان نہ ملندا. امداد اکين ئي اکين ۾ طنز جو هڪ ٻيو تير اُڇليو. مون پنهنجو ڪارڊ ڪڍي، ڏڪائيءَ سان مُريد کي چيو، ”سائينءَ کي هي ڪارڊ وڃي ڏي، پوءِ بہ ملڻ کان انڪار ڪيائون تہ اسين سڀ هليا ويندا سين. “

مريد آيلن جو ايڏو وڏو لڏو ڏسي اڳ ۾ ئي ڏمريل هو پر بي دليو ڪارڊ کڻي اندر هليو ويو. ڏهن منٽن اندر ئي مُرشد سائين انهيءَ ئي مٿيءَ هاڻي وڳي ۾ ٻاهر آيو. منهنجي سندن پير چُهڻ کان اڳ ئي هنن اٿاري ڀاڪر پاتو. مون ساٿن سڀني جو تعارف ڪرايو. سائين ڪن کي سڃاڻندا هئا، پر هنن اهڙي لڪا پوڻ نہ ڏني.

مُرشد سائين سڀني کي بيحد سڪ ۽ عزت سان حويليءَ جي شاهي ڊرائنگ روم ۾ وٺي هليو. سينگاريل صوفا ۽ غاليچا سليقي، سج ڌج ۽ نفاست سان وڇايل هئا. شوڪيس اعليٰ قسم جي شيشي جي تراشيل گلاسن سان سينگاريل هئا. سڀني دوستن جي مُنهن تي مُرڪ اچي ويئي، جڏهن سائين جن پاڻ وڃي اندران اعليٰ مشروب جي صراحي کڻي آيا ۽ پاڻ ئي اٿي سڀني جي اڳيان گلاس رکيا. ”بابا، هاڻي بسم الله ڪريو.“

مون امداد کي اک ڀڃي چيو ”ڪيئن مشرڪ! تنهنجا ٻيئي جهان تري ويا يا نہ؟“ ۽ امداد بہ اکين ئي اکين ۾ آفريني ڏيندي، منهنجي پير پرستيءَ کي مڃڻ لڳو.

آب حيات گهٽن تہ ورتو پر طارق اشرف جهڙن پرهيزگارن شربت روح افزا تي اڪتفا ڪئي. پوءِ بہ گُهگُهيءَ ۾ ولايتي مشروب جو خاصو مقدار بچيل هو. امداد سرٻاٽن ۾ مون کي چيو ”هيءَ بچيل مال پاڻ سان کڻي هلون؟ “ ڄاڻي ڄاڻڪار مرشد سائين امداد جي ارادي کي سمجهي ويو. چيائين، ”بابا، هن چئن ديوارن اندر تہ منهنجي ذميواري آهي. هتان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ ڪنهن واردات لاءِ مان ڪجهہ نہ ڪري سگهندس. ملڪ ۾ ’شهرِ آشوب‘ وارو ماحول لڳو پيو آهي.“ مرشد سائين اسان کي ٻاهر تائين اپرائڻ آيا.

دهليءَ جي هوٽل جي ڪمري ۾ امداد ۽ مان اڪيلا وڃا آهيون. دوست سڀ دعوتن تي ويا آهن، دير رات تائين رسَ چسَ وارين ڳالهين ۾ ٻيئي سڄي بوتل ڏوڳهي وياسين. سڀ گهمي ڦري پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي هئا. اڌ رات جو اٿڻ تي ٻنهي جا پير پٽ تي نہ ٿي پيا. ٿڙندا ٿاٻڙندا ٻيئي هيٺ آياسين. امداد مونکي تہ اپرائڻ آيو. پر پاڻ موٽي مٿي ڪمري تائين ڪيئن وڃي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان وري مٿي امداد کي اپرائڻ آيس. ھاڻي مان ھيٺ ڪيئن وڃان؟ امداد مون کي ھيٺ اپرائڻ آيو. مان ھن کي... ھو مون کي... ڏاڪڻيون لٿاسين... چڙھياسين... وري لٿاسين... منھنجي ڊرائيور مون کي ڪنهي گاڏيءَ ۾ ويھاريو. ھو پاڻ بہ انتظار ۾ پيٽو پي ڳُٽ ھو.

صبح جو ساھتيہ اڪادميءَ جي سيمينار ۾ ٻيئي ھشاش بشاش ھئاسين. روشن راتين جي اڪيلائين ۾ مان اڪيون ڦاڙي امداد کي ڏاڍو ياد ڪندو آھيان. دوزخي دور ۾ مون پنھنجي مرشد وٽ، پنھنجي ھن جھنبولي دوست جا ٻيئي جھان تاريا آھن. ۽ مان چاھيان ٿو تہ منھنجي موت تي پنھنجو ڦاتحو لکي، ھو بہ منھنجا ٻيئي جھان سنواري. امداد مون کي اڌ رات جو سڏ ڏيئي چوندو "اڙي ڪنڌ تہ وراءِ " ڪنڌ ورائڻ جو قصو اسان ٻنھي جي وچ ۾ آھي.

مرشد سائينءَ وٽان موٽڻ کان ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ ٽي خفيہ ايجنسين وارا سائينءَ وٽ پھچي ويا. ڪانئن آڏا ابتا سوال پڇندا رھيا تہ ھي ھندوستاني توھان وٽ ڇو آيو ھو؟ کھڙيون ڳالھيون ٿيون. ھن سان ايترا ماڻھو گڏ ڪيئن ھئا؟ وغيره. جڏھن سائين کين مطعمن ڪيو تہ سندن مريدن جو ھڪ وڏو تعداد ھندوستان ۾ بہ رھي ٿو تہ کين ڪجھہ تسلي ٿي.

منھنجي ويزا ختم ٿيڻ ۾ باقي بہ ڏينھن رھيا ھئا. مون کي ٻئي ڏينھن لاھور لاءِ روانو ٿيڻو ھو ۽ ٽئين ڏينھن پاڪستاني سرحدن کي پار ڪرڻو ھو. اعجاز قريشيءَ ھڪ مھاجر ذريعي مون لاءِ ٻئي ڏينھن ڪراچي ميل جي ٽڪيٽ جو بندويست تہ ڪري ورتو پر وچڻ واري وقت مون لاءِ وڏو ڏچو پيدا ٿي ويو. مون کي پوليس ڪمشنر جي آفيس ۾ وڃي پاسپورٽ تي روانگيءَ جو اندراج ڪرائڻو ھو. آفيس اولڊ ڪئمپس جي سامھون ھئي. سڀ دوست اولڊ ڪئمپس تائين مون سان گڏ ھئا. پر ڪنھن کي پوليس اسٽيشن تي مون سان گڏ ھلڻ جي ھمٿ نہ ٿي. ڪئمپس ٻاھران سيني کي ترسائي مان اڪيلو روانگيءَ جي رپورٽ ڪرائڻ ويس.

اھو جمعي جو ڏينھن ھو. جيڪو تن ڏينھن سرڪاري موڪل جو ڏينھن ھو. آفيس ۾ رڳو ھڪ ڪانسٽيبل ميز تي ٽنگون رکي ويٺو ھو. ھُڏي ڏيئي پڇائين، "ڪيا ھئہ؟" چيومانس، "حضور روانگي ڪي انٽري ڪراني ھئہ."

پاسپورٽ ۽ ويزا ڏسي چيائين، "يھان پر اتني دن ڪھان نھري ٿي؟"

رھائش جو پتو ٻڌايو مانس.

"جس ڪي پاس نھري ٿي، اس ڪا شناختي ڪارڊ اور اس ڪي ڪاپي لائو."

"جناب وه تو ميري پاس نھين ھي."

"تو جائو جا ڪر لي آئو."

مون ٻاھر اچي دوستن سان سجو احوال ڪيو. وليرام چيو، اسين ھتي ويٺا آھيون، تون وڃي خيروءَ وٽان شناختي ڪارڊ وٺي اچ. مان ۽ حزب الله اوٺ موٽ رڪشا ڪري

خيروءَ جي گهر آياسين. خيروءَ پنهنجو شناختي ڪارڊ ته نه ڏنو پر پنهنجي ماءُ شيرين جو ڪارڊ ڏنو. اياز عالم ابڙو سامهون ئي ان جي زيراڪس ڪرائي آيو. مان ڪارڊ ۾ فوٽو ڪاپي کڻي وري پوليس اسٽيشن ويس. اهو ئي ڪانسٽيبل ڪرسيءَ تي گهيرٽ ڪائي رهيو هو. ڪارڊ ۾ ڪاپي ڏني مانس ته چيائين، ”آج ڇُٽي هئه. ٿاڻيدار صاحب نهين آئينگي. آج روانگي ڪي انٽري نهين هوگي. “

چيومانس، ”جناب، آپ هي انٽري ڪر ديجئي. “

چيائين، ”مجهي اختيارات نهين هين. “

چيومانس، ”جناب، ميري لاهور ڪي ٽرين ڪي بُڪنگ هئه. اگر ڪل تڪ واپس نهين جا سڪا تو...؟ “

”تو پرسون صبح هم آپ ڪو گرفتار ڪرينگي. “

منهنجي سڄي جسم ۾ ڏڪڻي وٺي ويئي.... پاڪستاني جيل..... يا علي! هو مون ڏانهن ڇتائي نهاري رهيو هو. ڪجهه هوش سنڀالي چيومانس، ”جناب. ايڪ فون ڪر سڪتا هون؟ “

”فون ڪي دس روپئي لگين گي. “

مون ڏهين روپئي وارو هندوستاني نوٽ ڪڍي هن ڏانهن وڌايو. هو نوٽ کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ آرام سان کيسي ۾ رکي ڇڏيائين.

مون مرشد سائينءَ کي فون ڪري سڄو احوال ڏنو ۽ کين ٻڌايم ته هن وقت پوليس اسٽيشن تي ويٺو آهيان.

سائينءَ چيو، ”توهان فون رکو. مان ڪجهه ڪريان ٿو. سڀ خير ٿي ويندو. “

پندرنهن ويهن منٽن کان پوءِ هڪ شاهاڻي شخصيت وارو قدآور شخص اندر آيو. ڪانسٽيبل ڪرسيءَ تان اٿي هن کي ٻگهو سلام ڪيو. هو پوليس جو ڪو وڏو آفيسر ٿي لڳو. مون کي سامهون ويهڻ لاءِ چئي، ڪانسٽيبل کي چانهه گهرائڻ جو حڪم ڏنائين. مرڪي مون کي چيائين، ”هي ملڪ توهان جو به آهي. توهان کي هتي جيترا ڏينهن رهڻو هجي، آرام سان بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي رهو. ڪير به توهان جو وار ونگو نه ڪندو.“ هن جو تلفظ سرائيڪي سنڌيءَ وارو هو. چيومانس، ”سائين توهان جا وڏا قرب. بس روانگيءَ جي انٽري ڪري ڏيو اول خير وري ايندو رهندس.“

هن اشراف شخص نه شناختي ڪارڊ ڏنو ۽ نه پيو ڪجهه. هڪدم پاسپورٽ تي ٺپو هڻي، صحي ڪري، چانهه پياري مُرڪي موڪلائي، ٻاهر تائين اپرائڻ آيو. ٻاهر اچي مون سُک جو ساهه کنيو. دوستن جي آتر ويلا جا پل به پورا ٿي ويا.

حيدرآباد اسٽيشن تي موڪلائڻ وقت وليرام مون کي چيو ”اسين سڀ اجايو اُٿ وانگر پنهنجي ئي مُٺ ۾ پيا ٿا ترڪون. مان به پاڻ کي ترجمن ۾ ئي ڏکي ويٺو آهيان. “



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعجاز قريشيءَ ريفريشمينٽ روم مان مون کي رستي لاءِ کاڌو پئڪ ڪرائي ڏنو. پريل دل سان سيني دوستن موڪلايو.

لاهور مان رواني ٿيڻ کان اڳينءَ رات نامور شاعره ڪشور ناهيد اسان جي دعوت ڪئي. هن جي گهر ۾ چوڏاري سنڌ جا اجرڪ ۽ رليون وڇايون پيون هيون.

هن مون کان پڇيو "سنڌ ڪيئن لڳئه؟ "

چيومانس، "جيئن پنهنجي جنم ڀومي لڳندي آهي. "

چيائين، "توهان جلا وطن ٿيل سنڌين اڃا سنڌ کي وساريو ناهي. "

چيومانس، "اسان جي لطيف سائينءَ وطن کي وساريندڙن مٿان حيف وڌو آهي. "

هن ۽ يوسف ڪامران آفريني نگاهن سان مون ڏانهن نهاريو. فڪر تونسوي مرڪڻ لڳو.

اسان کي ٽرين ۾ ويهاريندي، طفيل اسان مٿان جڻ پنهنجو سڄو پيار اوتي ڇڏيو. هن مون کي 'نقوش' جا ناياب پرچا ۽ انڊيا جي دوستن لاءِ ڪجهه خط ڏنا. مون هن کي دهليءَ اچڻ جي دلي دعوت ڏني، پر موت هن کي ان جي مهلت نه ڏني.

اٽاريءَ کان سرحد پار ڪندي، فڪر مون کي چئي رهيو هو "پويان ٻه هفتا پنهنجي پياري 'لهور' ۾ منهنجو جڻ ساهه ٻوساتجي رهيو هو."

مون کي سنڌ ۾ ڪڏهن به اهڙو احساس نه ٿيو.

امرتسر واريءَ ٽرين ۾ منهنجي سامهون هڪ اڌڙوٽ عمر جو پاڪستاني همسفر ويٺو هو. هن مون کي چيو "ٻڌو اٿم ته هندوستان جون ٽرينون ايتريون ته تيز رفتار آهن، جو هلڻ وقت انهن جي ٻنهي پاسن کان پٽڙين جي ٻِر وارا پٿر اُڏامڻ لڳندا آهن. مان اهي اُڏامندڙ پٿر ڏسڻ لاءِ ئي انڊيا وڃي رهيو آهيان. "

چيومانس، "ڀائي جان، توهان امرتسر کان بمبئيءَ تائين فرنٽيئر ميل جو سفر ڪري ڏسو. توهان کي هن ملڪ جي هر پاسي پٿر ئي پٿر اڏامندا نظر ايندا. "



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چوٿون پنو

گذريل ٽن مهينن ۾ ٽيون ڀيرو ٽن اسپتالن ۾ گذاري، ڪالهه ئي گهر آيو آهيان. جنهن اسپتال ۾ پرتي ٿو ٿيان تہ مان تہ هفتي اندر ئي تازو توانو ٿي ٿو موٽان. پر ڊاڪٽر بيمار ٿي ٿا پون ۽ نرسون تندرست ٿي ٿيون وڃن. پوئين ڀيري هڪ ڊاڪٽرياڻيءَ صاف چئي ڏنو تہ "تو ۾ هن عمر ۾ اسپتالن ۾ داخل ٿيڻ جو شوق پيدا ٿي ويو آهي. ملباري نرسن جي تيمارداريءَ مان تسڪين حاصل ڪري رهيو آهين. ورنہ تنهنجي پيرن جي ڪڙين کان وٺي مٿي تائين، تنهنجو ورائي ورائي مڪمل معائنو ڪرڻ تي بہ اسان کي تنهنجي دل ۽ دماغ جائيتو رَت جي دوري جي رفتار برابر. هڏ ڪاٺ مضبوط. نبض نارمل، رڳون رباب جهڙيون، ڏيابيطس کان بنهہ بچيل. جيرا، بُڪيون، آنڊا سڀ سلامت. ۽ سواءِ ڦڦڙن جي، جيڪي تمباڪُ نوشيءَ ڪري بند ٿي ويل سوراخن سبب تنهنجو ساهہ منجهائن ٿا. تنهنجو هر جسماني انگ ۽ عضوو صحيح سلامت آهي. تہ پوءِ تنهنجو مسئلو ڪهڙو آهي؟ جو اڌ رات جو ايمرجنسيءَ ۾ اچي اسان جون ننڊون ٿو ڦٽائين؟"

"پر ڊاڪٽر، مون تي اوچتو اڌ رات جو اُپساهيءَ جو حملو ٿو ٿئي ۽ ساهہ منجهڻ ٿو لڳي. سهڪي سهڪي ساڻو ٿي ٿو پوان. دم ڪُشيءَ وارو اهو حملو 'اَپائنٽمينٽ' تہ رکي نٿو اچي، جو مان ان کي ڏينهن جو اچڻ جو وقت ڏيان."

"تون ان حملي مٿان جوابي حملو ڪر." ڊاڪٽرياڻيءَ طنزيہ مُرڪ سان چيو.

"جوابي حملي وارو هٿيار ڏي، ڊاڪٽر صاحبہ."

هن مون کي حڪمت جي امام ابو علي سينا وارو نسخو ٻڌايو. ۽ مون هن کي شيخ اياز جي هن انگريزي شعر جو ترجمو ٻڌايو:

يا هي ويڄ اياڻا هئا،
يا ڪي گهاوَ پراڻا هئا.

ملباري نرس کي ڪا انجيڪشن لڳائڻ جون هدايتون ڏيئي، ڊاڪٽرياڻي هلي ويئي.

'A' ڪئٽگري مريض هئڻ ڪري نرسون منهنجو خاص خيال رکنديون هيون ۽ ڪمري ۾ وري وري اچي نبض ڏسنديون ۽ پڇنديون، "ڳانا ڳايا هئہ؟" پهرين تہ مون کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان سوال تي حيرت لڳندي رهي تہ ڇا، مان هتي ڳانا ڳائڻ آيو آهيان؟ ڀر ڀوءِ هن انگريزيءَ ۾ ڇيو تہ سمجهہ ۾ آيو تہ پڇي رهيون آهن. ”ڪانا کايا هئہ؟“ ۽ مان مُرڪي چوندس، ”هان، هان ڳايا ٻي هئہ اور بجايا ٻي هئہ.“

دهليءَ جي ڪنهن بہ اسپتال ۾ ڀرتي ٿيڻ کان پهرين ملايم ٻوليءَ جي ٿوري گهڻي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي، ورنہ هي ملباري ڇوڪريون ڳوڙهو ڪٿي تہ نشتر ڪٿي ڀيون هڻنديون. ها، باقي اڏ رنگ جي مريض کي بہ نئو بنو ڪرڻ ۾ هي ملباري مايون ماهر آهن. هيٺ جهڪي، جڏهن دوا جو ڊوز ڏينديون آهن تہ اڏ رنگ ۾ ورتل ٻانهن بہ ڇُر ڀر ۾ اچي مٿي ڪڇڻ لڳندي آهي ۽ نستا هيٺا هٿ جنش ۾ اچي ويندا آهن.

هيءَ تحرير لکندي، سوچي رهيو آهيان تہ ڪٿي هوءَ ڊاڪٽرياڻي سچ تہ نہ چئي رهي هئي تہ مون کي وري وري اسپتال ۾ اچي ڀرتي ٿيڻ جي ٻِٽ تہ نہ پئجي ويئي آهي. ۽ مان پنهنجي من ۾ ڪي خام خيال علامتون تہ پيدا نہ ڪري رهيو آهيان؟

سال کن اڳ مان ٻن هفتن لاءِ ٻوني، ڪنهن ساهتڪ ڪاميہ (Assignment) لاءِ رهيل هئس. شامون اڪثر منهنجي ساهتڪ دوست ريٽا شهاڻيءَ وٽ گذرنديون هيون. هڪ ڏينهن پنهنجي P.G ڪمري ۾ اٺ ڏهہ ڪلاڪ لاڳيتو لکندو رهيس. رات جو يارهين بجي کن مون کي لڳو تہ دم ڪشيءَ جو حملو ٿيو آهي. ساهہ گهٽجي رهيو آهي. مون ريٽا کي فون ڪئي تہ هڪدم پنهنجي ڊاڪٽر کي موڪلي ڏي.

ڪشميري شيخ ڊاڪٽر پنج منٽ مون ڏانهن نهاريو ۽ پڇيو:?what is your problem (ڇا تڪليف اٿيئي؟)

That Is For You To Find Out, Doctor. ڊاڪٽر زور سان منهنجي ساڄيءَ ٻانهن کي جهٽڪو ڏنو ۽ ٻنهي ٻيرن کي زور سان دٻايو. ليٽائي هڪ انجيڪشن هٽي، اٺ سئو روپيہ وٺي هليو ويو.

منهنجي مڪان مالڪڻ (Landlady) سنڌي آڏواڻيءَ ڪافيءَ جو ڪوپ ٺاهي ڏنو ۽ مون کي ممتا ڀري ٿپڪي ڏيئي، سمهاري هلي ويئي.

صبح جو مون نو بنو ۽ تازو توانو ٿي ريٽا کان فون ڪري پڇيو:

”ريٽا، تو تہ ڪو جادوگر موڪليو هئو. رات رات ۾ ٺي هشاش بشاش ٿي ويو آهيان.“

ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر ريٽا کي ٻڌايو تہ تنهنجي متر کي ڪجهہ ڪو نہ هئو. مون هن کي رڳو شفاف پاڻيءَ جي انجيڪشن لڳائي هئي.

ٻوني ۾ سوئرن واري بيماري (Swine Flu) ڦهلجڻ ڪري، منهنجي ساهتڪار دوست تارا مير چنداڻيءَ ٻئي ڏينهن ئي ايئرلائينس ۾ ملازم، پنهنجي ڌيءُ کان، مون لاءِ فلائيٽ جي ٽڪيٽ گهرائي، مون کي دهليءَ روانو ڪري ڇڏيو. باقي ڪم مون هتي گهر ۾ اچي مڪمل ڪيو.

اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ مون آتم ڪٿا جي نئين قسط جا پندرهن کن صفحا لکي رکيا هئا. جيڪي نئين نوڪرياڻيءَ منهنجي ڪمري ۾ ڪتابن جي صفائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي، الائي ڪٿي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيا آهن. ڳولهي ڳولهي ٿڪو آهيان. پر نہ ٿا ملن. ياد بہ ناهي تہ الائي ڇا لکيو هوم. هرياڻي جي اڻ پڙهيل، ٽانديءَ ٽپڻي نوڪرياڻيءَ سان ڪهڙو مٿو ماريان؟ سڄي ڪاوڙ گوپيءَ مٿان ڇنڊي رهيو آهيان تہ اهڙي موڳيءَ مائيءَ کي منهنجي ڪمري ۾ وڃڻ ۽ منهنجن ڪتابن ڪاپين کي هٿ لائڻ جو ڏنئہ؟ مائيءَ جو نالو تہ شانتي آهي، پر مون لاءِ اَشانتي ڦهلائي ڇڏي اٿائين. گوپيءَ مائيءَ کي تہ ڪڍي ڇڏيو آهي، پر هوءَ وينڊي وينڊي منهنجو هنيانءُ ساڙي ويئي آهي. صبح کان وري پراڻا پنا ۽ پٽڻ ڳولهي رهيو آهيان، نہ ملڻ تي قسط نئين سر لکڻ شروع ڪئي اٿم. لکندي لکندي لکجي وينڊي يادگيريون ايندي ايندي اچي وينديون.

منهنجي گهر واري سڄو ڏينهن مٿان ڏنڊو کنيو بيٺي آهي. چئي ٿي پاڻ تہ وڏين وڏين فائيو اسٽار اسپتالن ۾ ڊاڪٽرياڻين ۽ نرسن جي صحبت ۾ پاڻ کي وندرايو ويٺو آهين ۽ هتي اسان کي اسپتالن ۾ اچ وڃ ڪرائي، اسان جو ساهہ سڪائي رکيو اٿيئي.

گهر اچان تہ تنهنجي چنتا، تو وٽ اچان تہ گهر جو اُلڪو. هن کان پوءِ ڪڏهن اسپتال داخل ٿيو آهين تہ مان بہ گهر کي قلف لڳائي، توسان گڏ هلي پرتي ٿينديس. اسپتالن ۾ هفتو بہ رهي تہ بنهہ نو بنو ٿي ٿو اچين. هتي گهر اچي ڇا تو ٿي وڃيئي؟ ڪٿي مون کان تہ ائلرجي نہ ٿي ويئي اٿيئي؟

مون سچ پچ پنهنجيءَ ٽڪل پٽنيءَ کي وڏيڪ ٽڪائي پريشان ڪيو آهي. سٽر سالن جي عمر تائين ڪڏهن ڪنهن اسپتال جو منهن نہ ڏٺو هئم ۽ گذريل پنجن سالن ۾ پنج ڇهہ ڀيرا هفتا هفتا ايمرجنسي (I.C.U) ۾ آڪسيجن جون نڪ ۾ نليون لڳارائي، ليٽيو رهيو آهيان. مرض، علاج ۽ جسم اهو ساڳيو ئي آهي. رڳو روڳ ۽ روڳي هڪ ٻئي جي ڪڍ لڳا پيا آهن.

گوپيءَ سگريٽن جا پيڪٽ ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن. ڊاڪٽر جي اجازت سان شام جو 60mg جو هڪ پيگ پنهنجن هٿن سان ماپي توري ڏيئي، بوتل بند خاني ۾ رکي ٿي ڇڏي. هوءَ مون مٿان اٿين چوڪسي رکي رهي آهي، جئن هيمنگ وي جي زال مئري هن مٿان رکندي هئي ۽ مجبورن پئرس جي هلٽن هوٽل جي بارٽينڊر کي هڪ نئين ڊرنڪ ايجاد ڪرڻي پيئي، جنهن جو پاپا هيمنگ وي پڇر ندي Bloody Mary نالو رکيو.

جئپور ۾ شيخ اياز بہ ان ڊرنڪ تي هري ويو ۽ زرينہ کان لڪائي پيئندو هو.

منٽوءَ جي علالت دوران، هن سان ڪو دوست ملڻ ايندو هو تہ منٽوءَ جي بيگم صفيہ ان ملاقاتيءَ جي کيسن جي تلاشي وٺندي هئي تہ ڪٿي هو پاڻ سان داروءَ جو پئوو يا سگريٽن جو ڪو پئڪٽ تہ هن وٽ نٿو ڪٽي وڃي.

گوپي ڪنهن ايندڙ جي کيسن جي تلاشي تہ نہ ٿي ورتي، پر اڌ رات جو اٿي جاچي ٿي تہ ڪٿي مان غسلخاني ۾ وڃي سگريٽ تہ نٿو پيئان! پيئڻ جي ڇڪ ايتري نہ ٿي ستائي جو مان Dipsomaniac (شراب جو ٻاڙي) ناهيان، پر سگريٽ لاءِ سڄو ڏينهن ڦٿڪي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو آهيان. لکڻ وقت خيال صفا ڦڪا ڦڪا ٿا اچن. سگريٽ جي دونهين جو خيال جي گهرائيءَ سان ڪو سنبنڌ آهي اوس. تي سگهي ٿو اهو منهنجو وهم يا خام خيال هجي!

ڊاڪٽر جي اجازت سان گوپي هاڻي مون کي سڄي ڏينهن ۾ ٽي سگريٽ ڏيئي رهي آهي. هڪ صبح جو سومت لاهڻ وقت، ٻيو ڏينهن جو هيءَ آتم ڪٿا لکڻ وقت، ٽيون سانجهن جو پيگ وقت. منهنجي ساهتڪار دوست نامديو تارا چنداڻيءَ مون کي پيگ ماپڻ جو پئمانو موڪليو آهي. گوپي چوٿو پيگ ڏيئي، بوتل ڪلف ڪنجيءَ اندر رکي ٿي ڇڏي. هڪ وڏيڪ ڊرنڪ ۽ سگريٽ لاءِ منهنجا ايلاز منٿون ڪو اثر نہ ٿيون ڪن.

مان مٿي چئي آهيان تہ ستر سالن جي عمر تائين مريض طور مون اسپتال جو منهن رڳو هڪ ڀيرو ڏٺو هو. هڪ حادثي ڪري رات جا ڪي ڪلاڪ اسپتال ۾ وچڻ، مون کي قانوني ڏوهاري ٻڌائي ڇڏيو ۽ مان هڪ سزا يافتہ مجرم آهيان.

اهو سال اٺويهہ سئو ڀاهتر جي مئي جو مهينو هو. منهنجو دلبر دوست جيون گرهساڻي ۽ مان شام جو هن جي ٻہ ڦيٿي اسڪوٽر تي ريڊيو اسٽيشن وڃي رهيا هئاسين. جيون کي ڪامينٽري نشر ڪرڻي هئي ۽ مون کي اڌ ڪلاڪ جو فيچر. منهنجو فيچر تہ رڪارڊ ڪيل هو پر جيون کي خبرن کان پوءِ لائيو (live) ڪامينٽري ڪرڻي هئي. اوچتو مالويہ نگر جي موڙ تي، جيون جي اسڪوٽر جا ٻيئي ڦيٿا ابتا ڦرڻ لڳا. جيون فوٽ پاٿ جي هڪ پاسي. مون کي مٿي وارا ڌڪ لڳا ۽ ڇهہ فوٽي جيون جي ساڄيءَ ٽنگ جا ٽي چار فرئڪچر ٿي پيا. ڪالونيءَ جا ڪجهہ واقفڪار اسان ٻنهي کي ٽئڪسي ۾ گهر کڻي آيا، پر اسان ٻنهي کي ايترو هوش هو جو اسان ڊرائيور کي پنهنجي گهر بدران هيم جي گهر هلڻ لاءِ چيو. جو ريڊيو جي ڪامينٽري ڪيئن بہ وقت سر نشر ٿيڻي هئي. هيم پنهنجي جاءِ جي مٿئين ماڙي جوڙائي رهيو هو. هن جا ڪپڙا مٽيءَ هاٿا ۽ وارن ۾ ڪڪ پن پيل ها. ان ئي ٽئڪسيءَ ۾ هيم کي ريڊيو اسٽيشن موڪليوسين. هو رستي ۾ اسان کي صفدر جنگ اسپتال ۾ داخل ڪرائيندو ويو.

ريڊيو جي اناؤنسر شرميلا ملڪاڻي بيحد گهبرايل هئي ۽ هن ڪامينٽيٽر جيون کي وقت سر اسٽوڊيو ۾ نہ ڏسي ڀڳت ڪنور رام جو پڇڻ پيهر هلائڻ شروع ڪري ڇڏيو. هيم سهڪندو اسٽوڊيو ۾ ست منٽ کن دير سان پهتو ۽ اداڪاري انداز ۾ ڪامينٽري پڙهڻ شروع ڪري ڇڏي.

آل انڊيا ريڊيو جي سنڌي پروگرام ۾ تہ رهجي آئي، پر مون کي ۽ جيون کي صفدر جنگ جي ايمرجنسي وارڊ ۾ واڙيو ويو. ڪجهہ دير ۾ جيون کي تہ اسٽريچر تي سمهاري الائي ڪيڏانهن وٺي ويا، باقي مون کي ننڊ جي انجيڪشن ڏيئي سمهاري ڇڏيائون.

اڌ رات جو ٻي ڊيوٽي ڏاري نرس اوچتو اچي مون کي گهريءَ ننڊ مان جاڳايو. ان وقت مون کي شاهہ سائين جي سٽ 'جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾' بجاءِ ذهن ۾ 'گوپيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾' ڦرڻ لڳي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيورو سرجن مون کي سڏو ويهاري سوال ڪيو. "رستي تي ڪِرڻ وقت تو کي اُلٽي (Vomit) آئي هُئي؟" چيومانس: "نه."

نرس کي چيائين، "سسٽر. هن کي I.C.U ۾ وٺي وڃ. اڳتي سپاٽي ڏسنداسين." نرس مون کي ڪرسيءَ تي ويهاري I.C.U جي هڪ بيڊ تي اچي ليٽائي ڇڏيو. خبر ناهي ڪهڙيءَ مهل اک لڳي ويئي.

صبح جو باک ڦٽڻ تي جاڳ ٿي ته پاڻ کي صفدر جنگ اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ ليٽيل ڏسي، ڏاڍي حيراني ٿيڻ لڳي. آهستي آهستي سڀ ڪجهه ياد اچڻ لڳو. سگريٽ جي ٻاڙ لڳي. منهنجو بيڊ I.C.U جي در وٽ ئي هو. در ٻاهران چوڪيدار پنڪيون کائي رهيو هو. ورانڊي ۾ هرياڻوي پنگياٽيون ڏگها ٻهارا ڏيئي رهيون هيون. مان گارڊ کان نظر بچائي، ٻاهر نڪري آيس ۽ ائين ڏيک ڏنم ڄڻ مريض مارننگ واڪ ڪري رهيو آهي.

وک وک سنڀالي ڪٽندو مان اسپتال کان ٻاهر نڪري آيس. (تن ڏينهين صفدر جنگ اسپتال ٻئرڪن جي ننڍي خاطي ۾ هوندي هئي.) ٻاهر دوڪان کليل هئا ۽ آٽو رڪشا وارا به بيٺل هئا. هڪ سگريٽ وٺي، آٽو رڪشا ڪري، مان مالويه نگر پنهنجي گهر هليو آيس.

منهنجي ماءُ ۽ گوپي اسپتال اچڻ جي لاءِ تيار ٿي رهيون هيون. هيم کين آڌت ڏيئي، رات جو اسپتال اچڻ کان روڪيو هو. مون کي صحيح سلامت ڏسي، ٻيئي حيران به ٿيون ته خوش به. منهنجي ماءُ مون کي نيرن ڪارائي، سمهاري ڇڏيو. هيم آيو ۽ مون کي ننڊ ۾ ڏسي، هريڪانت کي وٺي صفدر جنگ هليو ويو.

صبح جو يارهين بجي ڌاري ياپيءَ اچي ننڊ مان اُٿاريو ته در تي ٻه ٽي پوليس جا ماڻهو تنهنجي پُڇا ڪري رهيا آهن. مان اکيون مهٽيندو ٻاهر آيس. در تي هڪ پوليس اِنسپيڪٽر ۽ ٻه پوليس وارا بيٺا هئا. چيائون:

"تون صفدر جنگ جهڙي سرڪاري اسپتال مان بنا ڊسچارج وٺڻ جي فرار ٿي آيو آهين. ان ڏوهه هيٺ تو کي گرفتار ڪري، نئين دهلي ڪورٽ ۾ مئجسٽريٽ وٽ پيش ڪرڻو آهي."

پڇيومانس: "وارنٽ ڪٿي آهي؟ ۽ فريادي ڪير آهي؟"

چيائين: "فريادي صفدر جنگ هاسپيٽل جو ميڊيڪل سُپريڊينٽ آهي. وارنٽ صفدر جنگ ٿاڻي جي S.H.O جي ميز تي آهي. تو کي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ کان اڳ صحي ٿي ويندو. تيار ٿي اسان سان هل."

منهنجي ماءُ ڏڪي ويئي ۽ مون سان گڏ ڪورٽ ۾ هلڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. مون ڪنهن ريت هن کي باز آندو ۽ هن کي سخت هدايت ڪيم ته هن واقعي جو ڪنهن سان به ذڪر نه ڪري. مان سانجهن تائين اچي ويندس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنسپيڪٽر ۽ ٻہ پوليس وارا مون کي جيپ ۾ ويهاري وٺي آيا. منهنجو ٽائيمس آف انڊيا جو شناختي ڪارڊ ڏسي، مون سان بيحد عزت سان پيش آيا.

واٽ تي صفدر جنگ ٽاٽي تي انسپيڪٽر لهي ويو ۽ مان پوليس وارن سان گڏ نئين دهليءَ جي ڪورٽ جي خاطي ۾ اچي لٿس.

پارليامينٽ اسٽريٽ جي ڪورٽن جي ٻاهران پهچي، مون هڪ کُتل ڪاري ڪوٽ واري گامٽو وڪيل کي اچي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. لڳو پئي تہ هو ڪنهن اصيل جي تلاش ۾ جهوتون هڻي رهيو آهي تہ من ڪو ٺقاٺقيءَ جو ڪيس ٺي ملي وڃي. مون هن جو نالو بہ نہ پڇيو. چيومانس: ”تون رڳو مون کان وڪالت نامي تي صحي وٺ. مون سان گڏ چپ ڪري مئجسٽريٽ اڳيان جوابدار جي ڪٽهڙي وٽ هلي بيهہ. ڪيس جي ڪارروائيءَ کي مان پاڻهي منهن ڏيندس. تون اکر بہ نہ ڳالهائجانءِ. ٻاهر اچي توکي تنهنجي مناسب في ڏيندس.“ هو گهڻو ئي مٿو ماريندو رهيو تہ نيٺ گرفتاري ڪهڙي قلم هيٺ آهي؟ ٻانهن کان جهلي چيومانس، ”چپ ڪري هل، نہ تہ مان تو جهڙي ٻئي ڪنهن وڪيل کي تو سڏ ڪيان.“ پوليس وارا بہ کلڻ لڳا.

پوليس مون کي اي.ايم صديقي مئجسٽريٽ فرسٽ ڪلاس جي عدالت ۾ وٺي آئي. ٻاهر بيٺي بيٺي مون ٻن جملن جي ضمانت جي درخواست لکي ورتي. اڌ ڪلاڪ کن کان پوءِ مون کي سڏ ٿيو. مون اندر گهڙندي ئي پيشڪار کي ضمانت جي درخواست ڏني ۽ گڏوگڏ پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ بہ درخواست پويان لڳائي ڇڏيو.

مئجسٽريٽ صديقي صاحب شڪل جو شاهاڻو ۽ ڏسڻ ۾ بيحد اشراف پئي لڳو. منهنجو ڪارڊ پڙهي ضمانت جي درخواست پيشڪار کي واپس ڏيندي، مون ڏانهن چتائي نهاريائين ۽ انگريزيءَ ۾ چيائين، ”هڪ ذميدار جرنلسٽ ٿي، قانون جو اُلنگهن ڪري رهيو آهين.“

(قانون جو اُلنگهن تہ مون درخواست سان پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ شامل ڪري بہ ڪيو هو.)

چيومانس: ”جناب، مان قانون جو بيحد احترام ڪندڙ هڪ شريف شهري آهيان. مون کان اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اها خطا ٿي ويئي آهي. مون کي نہ ڄاڻ هئي تہ شفا خاني ۾ وڃبو پنهنجي مرضيءَ سان آهي، پر اتان اچبو ڊاڪٽرن جي مرضيءَ سان آهي. بهرحال، مون کي اهڙي لاپرواهي ڪرڻ نہ ٿي ڄڳائي.“

چيائين: ”جيئن تہ تو پنهنجو ڏوهہ باسيو آهي، ان ڪري مان تو کي گهٽ ۾ گهٽ سزا ٿو ڏيان. عدالت جي برخواست ٿيڻ تائين قانون جي حراست ۾ ( In Custody Till Rising Of Court)“

ائين فيصلو لکائي، ڏهن منٽن اندر ئي صديقي صاحب اٿي بيٺو. سزا تہ مون کي ڏهن منٽن جي حراست جي ملي، پر تا عمر مان هڪ سزا يافتہ ڏوهاري ٻڻجي ويو آهيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملزم طور اها منهنجي قانوني عدالت ۾ پهرين پيشي هئي. ان کان گهڻا سال پوءِ هڪ ٻئي مقدمي ۾ مون کي پنهنجي پتنيءَ سان ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻو پيو. اڳتي هلي متان اهو واقعو ذهن تان لهي وڃي، ان ڪري هتي اڻ رٽائتي نموني درج ڪري رهيو آهيان.

ان وقت گوپي هوم منسٽريءَ جي فارينرس ڊويزن ۾ انڊر سيڪريٽري هئي. هڪ افغان ڪابل مان قالين وڪڻڻ لاءِ ڇهن مهينن جي ويزا وٺي انڊيا آيل هو. ويزا جو مدو ختم ٿيڻ تي هو هن جي آفيس ۾ ويزا جو معياد وڌائڻ جي درخواست کڻي آيو. گوپيءَ هن کي ڇهن مهينن جي لاءِ ويزا وڌائي ڏني. ٻيا ڇهه مهينا پورا ٿيڻ تي اهو ڪاٺو افغان وري وڌيڪ ايڪسٽينشن جي عرضي کڻي آيو. گوپي هونئن ته ادار دل آفيسر هئي، پر اهو ڪاٺو هن کي مشڪوڪ ماڻهو لڳو ۽ هن ويزا وڌائڻ کان انڪار ڪيس.

هو ايلاز ڪندو رهيو پر گوپيءَ هن جي هڪ به نه ٻڌي ۽ هن کي ٻاهر اُماڻي ڪيڍيائين.

افغان پنهنجي ٽريول ايجنٽ کي وڃي لڳو ته منهنجو ڪاروبار اڌ ۾ رُلي ويندو. مون کي ڪيئن به ويزا وڌرائي ڏي. ايجنٽ کي ڄاڻ هئي ته هڪ ڀيرو انڪار ٿيڻ بعد ويزا وري نه وڌندي. ان ڪري گوپيءَ جي نالي جي جعلي مُهر نهرائي، پاسپورٽ تي هڻي، ايجنٽ گوپيءَ جي جعلي صحي ڪري ڏنس. پاسپورٽ جڏهن فارينرس رجسٽريشن (FRRO) وٽ ويو ته اتان جي سجاڳ ڪاموري کي شڪ پيو ته هيءَ مئڊم جي صحي ناهي ۽ ويزا لڳل پاسپورٽ گوپيءَ ڏانهن تصديق لاءِ موٽائي موڪليائين. گوپي پنهنجي جعلي صحي کي ڏسي حيران ٿي ويئي. افغان تي بابو لال جي عدالت ۾ مقدمو داخل ٿيو ۽ سرڪار طرفان فريادي شريمتي گوپي-ايل-ياتيه کي ٿيڻو پيو. گوپيءَ سان گڏ مون کي به ويهڻو ٿي پيو. ڪابلي والا کي به سال ٽيپ اچي ويئي. عدالت ۾ ٺئي مجرم جي هڪ اک ۾ ڳوڙها ڳڙي آيا. مون کي الائي ڇو هن تي ترس پئي آيو.

مون پنهنجي ڏهن منٽن جي سزا جي ڳالهه رڳو هيمر سان ڪئي. گوپيءَ کي به نه ٻڌايم.

ڇهه فوٽي قداور جيون جي ساڄيءَ ٽنگ ۾ چار فرئڪچر ٿي پيا. هفتو کن هن جو علاج ڪري ڪيس گهر ته اُماڻيو ويو پر هو ساڄيءَ ٽنگ کي مٿي گهوڙيءَ تي ٽڪائي، ٽي مهينا پلستر ۾ پيو رهيو. جيون کي صفدر جنگ اسپتال جي هڏن واري وارڊ ۾ ائين وارڊيل ڏسي منهنجو هنيانءُ ٿي ڏڪڪيو. حادثي جي ان ڌڪاءَ کان ذهني ۽ جسماني طور فراريت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻئين ٽئين ڏينهن مون گوپيءَ کي چيو ته ڏهن ٻارهن ڏينهن لاءِ هل ته هتان هليا هلون.

اهو سال 1972ع جي مئي جو مهينو هو. گرمين جي وئڪيشن ڪري ڪنهن به پهاڙي علائقي (Hill Station) جي هوٽل ۾ ڪمرو ملڻ مشڪل هو.

ريڊيو جي سنڌي سروس جي پروگرام انچارج نارايڻ ڀارواڻيءَ جو سهرو مسوريءَ جي سرڪاري اسپتال جو ڊاڪٽر هو. مون ڀارواڻيءَ کي اتي ڏهن ڏينهن لاءِ ڪو ڪاٽيج ياڙي تي هٿ ڪرڻ لاءِ چيو. هو صاحب مون کي به سڃاڻندو هو. هن ٻئي ڏينهن ئي فون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي تہ هن جي اسپتال جي هڪ مدراسي ڊاڪٽرياڻي موڪلن ۾ پنهنجي گهر ويئي آهي، هن جو ڪاٽيج خالي پيو آهي، توهان هڪدم هليا اچو.

ٻئي ڏينهن ٿي مان، گوپي ۽ لالي (جيڪو ان وقت سوا سال جو هو) پرائيويٽ ٽئڪسي ڪري ديره دون لاءِ روانا ٿياسين. ديره دون ۾ رات رهي، ٻئي ڏينهن صبح جو ٿي مسوريءَ پهچي وياسين، جيڪا ديره دون کان چوڏهن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

ديره دون جون پراڻيون سنيارون وري ذهن کي ولوڙڻ لڳيون.

وري 'صبا' جا جهونڪا سڄي سرير ۾ سيسرات اپارڻ لڳا، پر هاڻي مان پنهنجي پتنيءَ جي پريل پاڪر ۾ مڪمل طور محفوظ هوس. ديره دون کان مسوريءَ ويندي پهاڙ جي ٿڌي هوا مون کي احساس ڏياري رهي هئي، ڇڻ مان ڪالهہ ٿي هتي ڪنهن سان هوس ۽ ڪيئن ويني ويني 'وهي' وهي ويئي. هاڻي مون مٿان ڇپر ڇانوَ ڪندڙ هڪ دائمي 'وحي' نازل ٿي چڪي هئي.

مسوري هندوستان جي ننڍي پر بيحد خوبصورت 'هل اسٽيشن' آهي، جيڪا انگريزن پنهنجي سپڌيءَ سان تعمير ڪئي هئي. هو ان کي Queen Of Hills (پهاڙين جي راڻي) ڪري ڪوٺيندا هئا. مسوريءَ جي مٿانهين ڇهہ هزار فوٽ آهي، جيڪا هڪ ڪچي پهاڙيءَ تي تعمير ٿيل آهي. انگريز حڪمرانن شملا، نئني تال، ڊارجلنگ ۽ اُوٽي (Ottey) جيان تمام گهڻي ڪوشش ڪئي تہ مسوريءَ جي مال روڊ تائين ننڍڙي ريل (Toy Train) هلائي سگهجي، پر ڪچيءَ پهاڙيءَ ڪري ريل جا پٽا ست نہ پئي جهلي سگهيا ۽ بار بار ڪِري ٿي پيا. ان ڪوشش ۾ سوين مزور ۽ انجنيئرن جون جانيون ضايع ٿيڻ تي انجنيئرن ريل سرشتو جوڙڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. پر ور وڪڙ رستو غاليچي جيان لس ليٽ تيار ڪري ورتو.

ديره دون ۽ مسوريءَ جي وچ واري سڄي مسافت سرڳ جي سمي جو احساس ڏياريندي آهي. سوا سال جو منهنجو پٽ لال ڊُڪون پائڻ سکيو هو. هو مال روڊ جي ويڪري فوٽ پاٿ تي ڊوڙون پائيندو رهندو هو ۽ اسان ٻنهي کي هن پويان ڊڪون پائڻيون پونديون هيون. مسوريءَ جي ٿڌين راتين ۾ رڳو رِم (Rum) ئي جسم کي گرمائش پهچائي سگهندو آهي. اولڊ مانڪ (Old Monk) رم ۽ گهيئي جو پڪل گوشت ۽ ان بعد گهر گرهست وارو فرض، جسم ۽ روح کي بهترين غذا پهچائي رهيا هئا، پر هر گرهستي جوڙي سان اها ٿي جُٽ هوندي آهي جو جنهن رات 'ملڻ' جو موڊ ٿيندو آهي، ان رات ٻار سمهڻ جي ٿي نہ ڪندا آهن ۽ پيءُ ماءُ سان چنبڙيا پيا هوندا آهن.

مسوريءَ ۾ ٻيو تہ سڀڪجهہ سهڻو آهي، پر پولڙن جو وڏو ويل آهي. ڊاڪٽرياڻيءَ واري ڪاٽيج ۾ اسان ڏينهن جو نڪرندا هئاسين تہ پٺيان پولڙا الائي ڪهڙين درين ۾ ڦِڙڪين مان ٽپي، سڄو سامان هيٺ مٿي ڪري ويندا هئا ۽ کاڌي جون شيون کڻي ويندا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ منجهند اسين مارڪيٽ مان ڪجهه ميوو وٺي، ٽوڪريءَ ۾ وجهي، مٿان پيو ڪيترو سامان، سويٽر، شالون، مفلر وغيره مٿان رکي، ڪاٽيج ۾ آياسين ۽ مانجهاندي بعد ٻاهر پڌري ۾ اس سيڪي رهيا هئاسين، جو اوچتو لاليءَ وٺي رڙيون ڪيون. اندر ڊرائنگ روم ۾ هڪڙو پولڙو اسان جي پڌل سامان واري ٿيلهي مٿان آرو ڪيو ويٺو هو ۽ آهستي آهستي هڪ هڪ ڪپڙو ڪڍي ٻاهر رکندو ٿي ويو. پوءِ ٽري ۾ پيل چار پنج زيتون ٻاهر ڪڍي، وري سڄو سامان سليقي سان هڪ هڪ ڪري ٿيهلي ۾ واپس وجهي پڇي ويو.

ڏيڍ سال جي لاليءَ ۽ اسين ٻئي حيرت وچان پولڙي جي سياڻپ ڏسي رهيا هئاسين. لالي به پولڙي جيان ماءُ جي هنج ۾ ويهي، اهو اچرج ڀريو نظارو ڏسي رهيو هو. لالي ڪان هاڻي اها واردات وسري ويئي هوندي، پر مان ۽ گوپي اهو منظر وساري نه سگهيا آهيون. اهو ڏسڻ تي ڊارون جي ٿيوري تي سچ پچ ويسهه ٿيڻ لڳو آهي.

دهليءَ پهچي مان ٻئي ڏينهن سوير ئي جيون جي گهر ويس. هن جي ساڄي ٽنگ ڇڻ ٿياس تي ٽنگيل هئي. مون کي ياڪر ۾ پري، جيون جهڙو قوي هيڪل مڙس ٻارن جيان اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. جيون جيترو ئي ڏيل ڏول ۾ مضبوط ڏسبو هو اوترو ئي اندر ۾ حساس ۽ نرم دل شخص هو. هن پنهنجي سڄي زندگي سنڌي اسٽيج کي ارپڻ ڪري ڇڏي هئي. هن سوَ کان وڌيڪ ناٽڪ ڊئريڪٽ ڪيا. اسٽيج تي هر ڪردار کي ٽُڙُ ۽ ڦهڪيل ڇر پر ڏيڻ ۾ هند-سنڌ ۾ هن جو ثاني نه هو. منهنجن ٽن سنگيت ناٽڪن ۾ رنگ منچ تي هر ڪردار جو هر قدم منهنجي گيت جي سٽ سٽ جي پوئين اکر تي اچي پورو ٿيندو هو. هڪ وک نه اڳيان، نه پويان.

اهو جيون جي هدايتڪاري ۽ هيم جهڙن فنڪارن جي فن جو ئي ڪمال هو جو دهليءَ جو سنڌي رنگ منچ هندي، اردو ۽ پنجابيءَ جي برابريءَ ۾ اچي بيٺو.

اهي اسان جي ادبي ۽ ثقافتي عروج جا ڏينهن هئا. سٺ، ستر ۽ اسيءَ وارا ڏهاڪا دهليءَ جو سنڌي رنگ منچ مثالي بڻجي چڪو هو. سنڌي سياستدان جئرامداس، دولترام، رام جيٺملاڻي ۽ لال ڪرشن آڏواڻي پنهنجي پارٽيءَ جون اهم ميٽنگون لنوائي، سنڌي ناٽڪ ڏسڻ ايندا هئا. آڏواڻيءَ ته اسان جو هڪ ناٽڪ نه گسايو ۽ ساڳيو ساڳيو ڊرامو وري وري ڏسڻ ايندو رهيو.

ٽنگ ڀڄائي گهر ۾ ليٽيل جيون گرهماڻيءَ ناٽڪن جي ريهرسلن جون واڳون هيم ۽ هري مٽراڻيءَ کي ڏيئي ڇڏيون، پر هو انهن شامن جو بستري تي تيسين ڦٿڪندو رهندو هو جيسين ان شام جو ريهرسل جو ۽ منظرن جو تفصيلوار احوال ريهرسل تان موٽي ڪيس نه اچي ڏيندا اسين.

ڪنهن ڊائلاگ ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي، ڪنهن مڪالمو صحيح نموني نه چيو، ڪير هٻڪيو، ڪنهن کان ڊائلاگ وسري ويو ۽ ڪنهن کان وکون وڌائڻ ۾ خطا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي ويئي، وغيره. سيڪجهه جيون آڏو عدالتي بيان جيان حاضر حال جاري رکندا هئاسين. هو ڪنهن تي ڪاوڙ ڪندو، ڪنهن کي آفريني ڏيندو ۽ ٻئي ڏينهن لاءِ هدايتون ڏيندو.

اسان جي ان انبوهه جو ڌُنُ جيون جي سگهڙ پتني ليلا کي ڏيٺو پوندو هو. هوءَ اسان لاءِ پڪوڙا تريندي، سنبوسا ٺاهيندي، سئنڊوچ تيار ڪندي، چانهيون ٺهڪائي ٺهڪائي ٿڪجي پوندي، پر هن جي منهن تي هميشه هنيانءَ ۾ پيهجي ويڃڻ واري مُرڪ برقرار رهندي هئي. اهو سلسلو ڪي ڏينهن نه، ڪي هفتا نه، پر ڪي مهينا هلندو رهيو جيسين جيون وچي لڪڻ تي هلڻ جهڙو ٿيو.

هلڻ ۾ معمولي وِڌ جيون کي تاعمر رهجي ويئي ۽ سال اٺويهه سئو چورانوي جي جولاءِ مهيني ۾ هن سان گڏ چڪيا تي چڙهي.

ڊرامن جون ريهرسلون گهٽو تڻو لجپت نگر ۾ بابا نيپراج اسڪول ۾ سانجهيءَ جو ٿينديون هيون. رات جا ڏهه يارنهن به ٿي ويندا هئا. جيون جيئن ته لجپت نگر ۾ رهندو هو، هو آفيس مان گهراچي تڙ تڪڙ ۾ چاءِ جو هڪ اڌ ڪوپ پي، سڌو پنهنجي ڪٺاري ائمبسيڊر گاڏيءَ ۾ ريهرسل تي پهچي ويندو.

مان ۽ هيم مالويه نگر ۾ رهندا هئاسين، ان ڪري آفيس مان سڌو ريهرسل لاءِ ايندا هئاسين. مان ڪڏهن رات جو ڏهين کان پوءِ به پنهنجي اخبار جي آفيس ۾ هليو ويندو هوس. آرتوار ڏينهن صبح کان شام تائين سڄو سڄو ڏينهن ريهرسل هلندي هئي. هڪ آرتوار جيون منهنجيون فلم جون ٽڪيٽ ڦاڙي ڦٽي ڪري ڇڏيون. اسان جون ريهرسل ڏسڻ لاءِ اسان جا سنڌ کان آيل دوست ناصر موراٺي، ميهر شاهه، ڄام ساقي، عمر قاضي، نور احمد ميمڻ وغيره پڻ ايندا رهيا. منهنجي هڪ ناٽڪ ’جلوس‘، جنهن جو مون بادل سرڪار جي بينگالي ناٽڪ تان رڳو ڊانچو اڊاپٽ ڪيو هو ۽ ڊائلاگ پنهنجا لکيا هئم، ان ۾ عمر قاضي ۽ نور احمد ميمڻ مختصر رول به ڪيو هو.

جيون جي پتني ليلا کي هلڪو بخار هو ۽ جيون هن کي ڪروسين (بخار جي گوري) کارائي، ريهرسل تي هليو آيو. رات جو موٽيو ته ليلا اسپتال ۾ پرتي ٿيل هئي. سنڌن پٽ سونو ماءُ کي اسپتال وٺي آيو هو. ٻئي ٽئين ڏينهن ليلا چاڪ ٿي گهر آئي، پر مڙس کي ڏاڍو شرمايائين: ”ڊرامو تنهنجي پهرين جوءِ آهي ۽ مان ان جي ڀاڄ آهيان. مون کي بيماريءَ ۾ ڦٽو ڪري منهنجي ڀاڄ وٽ پڄندو وئين“. وغيره وغيره. ان ڏينهن ليلا پنهنجي دل جو ٻڙڪندڙ بخار ڪڍيو.

ان ئي مهل جيون ليلا جي مٿي تي هٿ رکي، هن کي وچن ڏنو ته هو ناٽڪ کي تلانجلي ڏيندو ۽ آفيس مان سڌو گهر اچي باقي وقت ساڻس ۽ ٻارن سان گذاريندو.

هيم ۽ هري مٿراڻيءَ کي واڳون ڏيئي، جيون سڄو مهينو ريهرسلن تي نه آيو. ۽ مهيني اندر ئي جيون اچي پلنگ پڪڙيو. شامن جو بدحواس، ڇت جي پنکي کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نهاريندو رهندو. هن جو سڄو جسم بنيءَ جيان تپڄي ويندو. هن ڪانڻ گهٽ ڪري پيپڻ تي وڏيڪ مارو ڪيو.

ليلا سچ پچ بدحواس ٿي ويئي. ۽ پوءِ هيون ليلا جون آزيون نيازيون. ڦهرينءَ پهاج وٽ ويڃڻ لاءِ جيترا ايلاز ۽ منٿون ليلا جيون ڪي ڪيون، ايتريون شاهه لطيف جي ليلا چنيسر کي به نه ڪيون هونديون.

لڪڻ جي سهاري واري سنڌي رنگ منچ جي بادشاهه تنومند ٿي، پنهنجي سلطنت اچي سنڀالي. ۽ ان بعد هن جو ڦهريون ناٽڪ 'هي پياسو من منهنجو' اڄ به تاريخي حيثيت رکي ٿو.

ناٽڪ 'هي پياسو من منهنجو' جي ريهرسل هلي رهي آهي. مکيه ڪردار هيم نيائي رهيو آهي، پر اڄ هيم جو من ريهرسل ۾ نه ٿو لڳي. هن جي من ۾ ڪو مانڌاڻ متل آهي. هيم جي سامهون موهني وجيه خوشگوار موڊ ۾ هن سان ڊائلاگن جو سلسلو جوڙي رهي آهي، پر هيم پنهنجا ڊائلاگ ابتي سبتي نموني ادا ڪري رهيو آهي. هيم مان اهڙي اداڪاريءَ جو انديشوا جيون باهڙجي ويو آهي. "هيم، اهو ڊائلاگ ورائي چئه." هيم جهوتيون ٿو هڻي.

"هيم راڄ" جيون رڙ ٿو ڪري، هڪ ڀيرو، ٻيون ڀيرو ٽيون ڀيرو..

ساڳيو ساڳيو ڊائلاگ چوندي، هيم وري ڊومائون ٿو کائي. هن کان ڊائلاگ وسري ويو آهي.

اوچتو جيون پنهنجي هٿ ۾ ڦيرائيندڙ ڪنجين جو ڇڳو زور سان هيم جي مٿي تي ڦهڪائي ٿو ڏئي. سڀ ڪلاڪار سُن ٿي ٿا وڃن. هيم جي مٿي مان ٿورو رت نڪري آيو آهي. جيون هڪدم هيم کي پنهنجيءَ ڪار ۾ ويهاري، پر واري نرسنگ هوم ۾ هن جي ملم پٽي ٿو ڪرائي. گهر وٺي اچي، جيون، هيم ۽ مون کي به پيگ پياري، مالويه نگر ڇڏي ٿو وڃي.

ڪنهن ماٺهوءَ جي ٽنگ جي هڏي ڀڄي پيئي. ڊاڪٽر چيس: "تنهنجي ٽنگ جي سڄي هڏي چُور چُور ٿي وئي آهي، انهيءَ ڪري تنهنجي ٽنگ ۾ ڪا سالم هڏي ٽرانسپلانٽ ڪرڻي پوندي" آپريشن ڪندي ڊاڪٽر هن جي ٽنگ ۾ ڪتي جي هڏي وجهي ڇڏي، اهو شخص هلڻ چلڻ جهڙو ٿي ويو. سال کن کان پوءِ هو ڊاڪٽر کي ڪتي گڏجي ويو. ڊاڪٽر سڃاڻيندي پڇيس: "ڪر خبر، تنهنجي ٽنگ هاڻي ڪيئن آهي؟" چيائين: "ڊاڪٽر صاحب، ٻيو ته مڙئي خير آهي، پر نياڳي ڪتي ڪو ٽنيو يا پِٽ ڏسي ڪجهي تي ٻيهي."

سو اسان جو يار جيون گرهساڻي ڪڏهن ڪو سنو ناٽڪ ڏسندو هو يا پڙهندو هو ته ان کي سنڌي رنگ منچ تي آڻڻ لاءِ هن جي ٽنگ به ڪجهي ٻيهندي هئي. جن ڏينهن اسان جون ريهرسلون نه ٿينديون هيون ته اسين ٽڪيٽون خرچي، نئشنل اسڪول آف ڊراما،

سري رام آرٽس ٿيٽر، لِٽل ٿيٽر گروپ ۽ ڪرنل زيدي، صفدر هاشمي ۽ شيلا ڀاٽيه وغيره جا ڊراما ۽ اوپيرا ڏسڻ ويندا هئاسين. ۽ ڏسندي ڏسندي سنڌي رنگ منچ جي ڪلاڪارن جو پرفارمنس جو معيار مٿاهون ٿيندو پئي رهيو.

نصيرالدين شاهه، اوم شوَ پوري، سُڌا شو پوري، منوهر سنگهه، اُترا بائوڪر، ريکا سڪري ۽ ٻيا اسان جا سنڌي ڪلاڪار رميش چاچاڻي، آنند مٽاڻي جهڙا ڪلاڪار به نئنشل اسڪول آف ڊراما سان واڳيل هئا. NSD طرفان موليئر جي ناٽڪ 'ٻِچو' (Scorpion) ۾ رميش چاچاڻيءَ اهڙي ته اداڪاري ڪئي، جو هندي، اردو ۽ بينگالي ٿيئٽر جا وڏا هدايتڪار هن کي پنهنجي ناٽڪن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪندا رهيا. رميش ۽ آنند به جيون ۽ هيم سان همسفر ٿي، اُجاتي سفر تي روانا ٿي چڪا آهن.

سنڌو ڪلا سنگم جو پايو سٽ واري ڍاڪي ۾، سنڌي ناٽڪ جي خوبصورتيءَ جي علامت واري اداڪار سرڳواسي گوبند رام ناٿاڻيءَ جي لڄپت واري بنگلي ۾ پيو. جتي تيهه کن اداڪار ۽ اداڪارائون شامل ٿيا.

اتي ئي سنگم جو آئين تيار ڪيو ويو، بحال ڪيو ويو. دعوتون ڪيون ويون ۽ دهليءَ جي ڪلاڪارن جي هڪ وسيع برادري ٺهجي ويئي. اڳتي هلي ٽي چار ٻيون به ناٽڪ منڊليون برپا ٿيون. پر انهن وچ ۾ ڪڏهن به ڪو رقابت يا چٽا ڀيٽيءَ جو جذبو پيدا نه ٿيو. ڪان موتيهار جي سنگيت ناٽڪن جي جيون نه رڳو هدايتڪاري ڪندو هو پر سنڌو ڪلا سنگم جا ڪلاڪار ٻين منڊلين جي ناٽڪن ۾ اداڪاري پڻ ڪندا هئا. سيني وٽ سنڌي رنگ منچ کي اوج تي رسائڻ جو رل مل احساس هو. ناٽڪ ڪهڙي به گروپ جو ڪامياب وڃي، سڀ اها گڏيل ڪاميابي ڪري سمجهندا هئاسين.

راڄڌانيءَ جون سڀ سيپتڪ سنستائون ساليانو هڪ ٻيرو گڏيل ڊراما فيسٽيول به ڪنديون هيون، جنهن ۾ پڻ اسين رلي ملي، پنهنجو پنهنجو رول نڀائيندا هئاسين. دهليءَ کان سواءِ اسان کي بمبئي، ڪلڪتي، احمدآباد، اندور، اجمير، ڀوپال، ٻڙودا، گانڌيڌام، هر اهو شهر جتي سنڌي جاتي خاصي تعداد ۾ وسيل هئي، اتان نينڊيون ايندڻيون هيون.

انهن شهرن ۾ ٿيندڙ سنڌي سميلن يا فيسٽيول ۾ ڊراما پيش ڪرڻ دوران، اسان کي ڪيترا ڪنا مٺا آزمودا پڻ پلئه پوندا هئا. جن جو ذڪر مان وقت به وقت ڪندو رهندس.

ڪا آتم ڪٿا رڳو 'مان-مان' ناهي، مون هيئن ڪيو، مون هونئن ڪيو جا تفصيل به ناهن. سندي، صحتمند ۽ معتبر آتم ڪٿا، هڪ لکندڙ جي دور جي تاريخ به آهي، جيڪا هو پنهنجي امانتدارن ۽ ايندڙ نسل لاءِ ڇڏي ٿو وڃي. اها هن جي دور جي ساهتڪ، سيپتڪ، سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حالتن جي تصوير پڻ آهي، جيڪا ايندڙ پيڙهي پنهنجي هيئن سان هنڊائي، ان دور، انهن حالتن، انهن واردانن جي چڱاين ۽ ٻچڙاين جو صحيح جائزو وٺي سگهي. هر آتم ڪٿا پنهنجي وقت جو آواز آهي، انهيءَ ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي هن آتم ڪٿا ۾ ريگومون کي ٿي ڀُولڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وئي، پر ان دور کي ڀُولهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن دور جا جشن بہ آهن تہ ان دور جا ماتم بہ آهن.

زندگيءَ جي ٻن طاقتن جيان جدا جدا هوندي بہ جڙيل هوندي آهي تہ ٻن پادرن جيان جدا جدا هوندي بہ گڏ گڏ هلندي آهي.

ها، اهو اوس آهي تہ پيشي طور هڪ اخبار نويس جي حيثيت ۾ ڪٿي ڪٿي منهنجي هيءَ آتم ڪٿا ڪنهن اخباري رپورٽ جو ڏيک ڏيندي هجي.

سڀڻن آهوجا جو شعر آهي:

نہ پُڇ اظهار جي طاقت جي آسانيءَ!

قلم ڪاغذ جي چُپ آهي پيشمانيءَ!

جدا جدا شهرن ۾ ناٽڪ پيش ڪرڻ لاءِ ويندي، ڪٿي ٽرين بدلائڻي هوندي هئي تہ اسٽيشن جي پليٽ فارم تي نُڪڙ ناٽڪ 'جلوس' شروع ڪري ڇڏيندا هئاسين ۽ اتي ناظرين جي ڀيڙ گڏ ٿي ويندي هئي. دهليءَ کان گانڌيڌام وڃڻ لاءِ تن ڏينهن پالنپور تي ٽرين بدلائڻي پوندي هئي، جتي ست ڪلاڪ ترسڻو پوندو هو. صبح سويل گاڏي اجمير مان لنگهندي هئي تہ اجمير جا دوست گورڌن محبوباڻي، هري همتاڻي ۽ ڊولڻ راهي اسٽيشن تي آزاد حلوائيءَ جي دال پڪوان ۽ سِيري جا ڇٻا پري کڻي ايندا هئا. پالنپور اسٽيشن جي ريفريشمينٽ روم جو مالڪ بہ سنڌي هو، جيڪو اسان لاءِ سنڌي سواد واري ماني رڌائيندو هو. پالنپور ۾ سنڌين جو خاص تعداد وسيل آهي. سنڌ جي مشهور ڳائڻي مائي ڀاڳي بہ اصل پالنپور جي هئي. مانجهاندي کان پوءِ اسين شهر جي چوڪ تي بنا ويس پوشا (costumes) جو ناٽڪ شروع ڪندا هئاسين تہ انبوهہ گڏ ٿي ويندا هئا.

شايد پالنپور يا ٻئي ڪنهن ننڍي شهر ۾ ناٽڪ هلندي، هڪ مزيدار ڳالهہ ٿي. شهر جي مندر جي ڪاروبارين مندر ۾ ناٽڪ پيش ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو.

اهڙيءَ آڇ لاءِ تہ اسين هر دم تيار رهندا هئاسين. هريڪانت جو يڪ فصلو ناٽڪ 'مڪان خالي آهي' هئو جنهن ۾ مکيہ ڪردار هيم، گهنشيام ۽ منجو ادا ڪري رهيا هئا. ناٽڪ هلندي مندر جا شيواڌاري درشڪن کي پرساد ۽ گلاسن ۾ چانهہ ڏيئي رهيا هئا. جيئن ڪاوڙجي هڪ شيواڌاري کي سڏي چيو: "ڏسين نٿو ڊرامو هلي رهيو آهي. ماٺهن ۾ چانهہ ورهائڻ بند ڪر."

شيواڌاري ابوجهہ ڳوٺاڻو هو. سمجهايائين تہ مهمان ان ڪري ڪاوڙيو آهي، جو ڪلاڪارن کان اڳ خلق کي چانهہ ڏيئي رهيو آهيان. سو يڪدم ڇڪي ۾ چانهہ جا چار گلاس پري اسٽيج تي چڙهي آيو ۽ هيم کي چيائين :"سائين پرساد کائي، چانهہ پي، ڪجهہ ساهي پٽيو. هيم پٽڪي ۾ چيس، "هيٺ لهي وڃ." معصوم شيواڌاري چوڻ لڳو.

"ڇڳو سائين، پنهنجو پالٽ (پارٽ) بہ ڪندا هلو ۽ چانهہ بہ پيئندا هلو." هيم ۽ منجوءَ کان بہ کل نڪري وئي. اوچتو مندر جي مُکيءَ اچي اعلان ڪيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لنگر تيار آهي، جنهن کي کائڻو هجي، ڪاڌي تي وڃن.“ واٽين ۾ زالين مڙسين اچي ياڇ ٻيئي. اسين پاڻ ئي ناٽڪ ڪري رهيا هئاسين ۽ رڳو پاڻ ئي ڏسي رهيا هئاسين.

اهڙا ٻه ٽي پُر لطف واقعا (Anecdotes) درج ڪيان ٿو.

ڪار ممبئيءَ جي ڪٽ واري دربار ۾، گوبند مالهيءَ جو ڪلاڪار منڊل هن جي لکيل ناٽڪ ’جُوهو جي ڪناري‘ ۾، مدن جماڻي مکيہ رول ڪري رهيو هو. سمنڊ جي ڪناري هڪ بينچ تي ويٺي، مدن ڪنهن جي اچڻ جو انتظار ڪندي، سگريٽ ڪيڏي دکايو. اچا هڪ ٻه سُوٽو هنيائين مس تہ ٻاڻي اسٽيج تي چڙهي اچي ڪِٽڙ ڪان جهليس : ”ڏيجهان، مندر ۾ تو سگريٽ ڇڪين. لهہ هيٺ، بي شرم-بي حياءَ-“ گوبند مالهي پنهنجي ٺوڙهي مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيو.

دهليءَ مان پنهنجو بيحد مقبول ڊرامو ’جڏهن مان نہ هوندس‘ تيار ڪري، احمدآباد فيسٽيول ۾ اسٽيج ڪرڻ وياسين. ميزبانن اسان سان چڱي جُٽ ڪئي، جو هڪ زيرِتعمير اسڪول ۾ رهائش جو انتظام ڪيائون. ڪمرا اڌ ٺهيل، جنهن ۾ اٺ ڏهہ ڇوڪرا ڇوڪريون ڪلاڪار پٽ تي فراس وڇائي، قطار ۾ سمهي ٿي پيا. ڪاڪوس بنا دروازن جي. ڇلهن بدران پڳل سرون رکيل، پاڻيءَ لاءِ تنگ ٽيل ٽين جا ڊبا. ڏينين جيڏا وڏا مڇر سومت تي لامارا ڏيئي رهيا هئا. اسان جو خوبصورت هيرو نانڪ آهوجا، جنهن جي گهر واري نمي پڻ هيروئن جو رول ڪري رهي هئي، صبح جو حاجت ضروريءَ لاءِ وڃي سرن واري چُلهي تي ويٺو. اچا فارغ ئي نہ ٿيو تہ هڪ زهريلي مڇر اچي اندريءَ (عضوي) مٿان چڪ وڌس. رڙيون ڪندو ٻاهر نڪتو. گهٽيئي ملمون مکيائين، پر انگ سُڄي سوپاري ٿي پيس.

شام جو ناٽڪ ۾ نانڪ کي هيرو جو رول ڪرڻو هو. جنهن ۾ هن جو ڪردار سوڙهي ڊرين پائيپ واري جينس پاتل هڪ نٽوئين نوجوان (Dandy) وارو هو. سڄو ڏينهن تہ طهريل جيان گوڏ ٻڌي ويٺو رهيو پر ٽُوٽ ٽائيپ رول لاءِ گوڏ ڪيئن ٻڌي اچي. بهرحال، پالت (پارٽ) تہ جيئن تيئن ڪري ويو پر سوپاريءَ تي ٿلهيءَ ڊينم جو رڳڙو پئي لڳس تہ هيروئن کي رومانوي ڊائلاگ ترنجڪ نموني چوڻ لڳو. هڪ هٿ کيسي ۾ اندر خارس ڪان ڪنهندي تہ ٻيو هٿ ڊائلاگ هڻندي، وات مان رڳو سيبيرات. وري بہ شڪر جو هيروئن هن جي پنهنجي گهر واري نمي هئي. ٻي ڪا هجي ها تہ اسٽيج ڇڏي ڀڄي وڃي ها.

۽ اڄين اسان سنڌي رنگ منچ جي شيواڌاري ڪندي، ڪيئي ڀيرا پاڻ تي خاصي خلق کلائي آهي. اهڙا ڪيترا ئي حادثا، آزمودا ۽ انيو ٿيا آهن، جن کي هتي درج ڪرڻ ويهان تہ منهنجيءَ آتم ڪٿا جي هڪ وڏيڪ ڀاڱي جو اضافو ٿي وڃي.

اڄ صحت سلامت آهي. سياڻي جي خبر ناهي، ان ڪري جيترو هٿ هلي سگهي ٿو لکي رهيو آهيان. هٿ اکري بہ ڏنگي ڦڏي ٿي وئي آهي، جنهن لاءِ اسحاق کي آزار ۾ وجهي رهيو آهيان، پر پڪ اٿم تہ پڙهي ويندو. خاص ڪري جڏهن هو عبدالقادر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوٽيجي جي هٽ اڪري پڙهي سگهي ٿو تہ ڪنهن جي بہ پڙهي ويندو. قادر جوٽيجي جهڙو ڪالم لکڻ جي لاءِ جنهن ذهانت جي ضرورت آهي، اها هن مڪني وٽ ئي آهي. بس پانهن ۾ سو پل هُجي باقي چنجهين اکين سان پڙهڻ واريون عنيڪون الاهي. هو جو ٿنگ ٿنگ تي چاڙهي واڏڻ واريءَ ڪٽ تي ليٽي، منهنجي آتم ڪٿا پڙهڻ ٿو چاهي تہ مان بہ هن جون 'يادگيريون' هيئين سان هنڊائي، هن جهڙا سُوٽا هٽي، سخن ڪيندس. دارونءَ ۾ لسي ملائي پيئڻ واري ڊاجوري اڳيان اسان بيهي سگهنداسين. ڊاڪٽر چون ٿا تہ ٿر ۾ وچي رهہ، تہ استما (دم) لهي ويندءِ.

اسان جي سنڌو ڪلا سنگم جي انتظامي شعبي جو سنياليندڙ لاڙڪاڻي جي طعب جو زميندار ي ـ لاڏلو شميو جئسنگهاڻي ناز پئي رهيو آهي. تن شديد دل جي دورن کان پوءِ بہ هو ڇهاسي سالن جو اهو جوان آهي، جو اڃا بہ ڊوڙ جي ڇتا پيٽيءَ ۾ ٻهرو وٺي سگهي ٿو. هن وقت هو اکل پارت ساهت سپا جو وائيس پريزيڊينٽ آهي. ائين تہ هو پنهنجي مٿان پوندڙ هر ملامت ۽ چرچو گهبو ڪلنڌي برداشت ڪندو آهي، پر 'مَٿئي کان پوءِ، جوڳي نہ ڪنهن جا مٽ' وارو رُخ وٺي بيهندو آهي. ان وقت هن کي اها ساڃهہ نہ پوندي آهي تہ اڳلو دوست آهي يا دشمن؟ مهمان آهي يا ميزبان!

اسان جو پرتيوان قمر شهباز هتي پنج پيرا آيو ۽ هر پيري شميوءَ پنهنجي ڪمنيءَ جي گيسٽ هائوس ۾ (هو بالاجي ٽيليوزن پروگرامن واري ڪمپنيءَ جو پاڳيدار آهي) شهباز جي شان ۾ دعوتون ڪيون. ڳالهين ڳالهين ۾ هن کي ڄاڻ پيئي تہ قمر شهباز بہ پيرا دل جي باءِ پاس سرجري ڪرائي چڪو آهي. (مون قمر جو قميص اندر اڌ بدن ڪٽيل سٽيل ڏٺو هو.)

ان رات سڀ نشي ۾ هئا. سائين محمد ابراهيم جويو پڻ ان گيسٽ هائوس ۾ رهيل هو. شميو يحيٰ خان جيان رڳو 'بلئڪ ڊاگ' برئنڊ پيئندو آهي، جيڪا آهستي آهستي پهرين موجَ ۾، پوءِ لهرن ۾ آٽيندي آهي.

اچانڪ قمر شهباز کيسي مان 'ڊنهل' سگريٽن جو پئڪٽ ڪڍي، سگريٽ دکايو. شميو الائي ڇو باهہ ٿي ويو. واڪو ڪري چيائينس:

"اڙي چٽ، ٻہ پيرا باءِ پاس ڪرائي اٿيئي ۽ سموڪنگ ٿو ڪرين." ۽ اٿي قمر جي هٿن مان پئڪيٽ ۽ وات مان دکيل سگريٽ کَسي، مٿان بالڪنيءَ مان اڇلائي ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن نشا لهڻ تي شميو قمر شهباز سان وڏا پاڪر پائي مليو ۽ هن کي پنهنجيءَ ڪار ۾ سير ڪرائيندي، شاپنگ بہ ڪرايائين. ايندڙ ڏينهن مون کي ۽ قمر شهباز کي بمبيءَ ويٺو هو ۽ شميوءَ اسان جي ٽڪيٽن وغيره جو سڄو انتظام ڪيو.

شميو جئسنگهاڻيءَ بابت مان پهرين پنن ۾ تفصيلوار ذڪر ڪري آيو آهيان. لڏپلاڻ کان پوءِ هڪ سال اندر ئي هن اجمير مان ادبي رسالو 'ڪلاڪار' جاري ڪيو، جنهن ۾ شايع ٿيڻ لاءِ ڪيترا معروف ليکڪ هن جي سلامي ڀريندا هئا.

(سشيلا لالواڻيءَ پڻ راج فلمستان رسالو شروع ڪيو، پر اهو فلمي هو.)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شميوءَ ڪلاڪار جي آفيس ٻاهران هڪ پيتي رکي ڇڏي هئي ۽ پاڻ ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ڪرسيءَ تي ويٺو سگريٽ ٺوڪيندو هو (تن ڏينهن هو چين سموڪر هو) رچنائون ڪٽي ايندڙ ليکڪن ۽ شاعرن کي اتان ئي رڙ ڪري چوندو هو "پنهنجا اهي پنا ٻاهر پيل پيتيءَ ۾ وجهي وڃو. ايندڙ پرچي ۾ شايع ٿيل نه ڏسو ته ان پيتيءَ مان ئي موٽائي کڻي وڃجو."

پاڪستان ٺهڻ وقت سنڌي هندو گهڻو تڻو اڃا سنڌ ۾ ئي رهيل هئا.

6 جنوري 48ع تي ڪراچيءَ ۾ مهاجرن جي ڪيل فسادن کان پوءِ ئي منجهن ڀاڄ پيئي. مان سمجهان ٿو ته اسين جي پختا ٿي سنڌ ۾ رهي پئون ها ته هن وقت ستر لک کن هجون ها ۽ ستر لک سنڌ جهڙي ملڪ ۾ هڪ وڏي فورس هجي ها. اڄ سنڌ ۾ سنڌي علم ادب جا درياهه موجزن هجن ها.

امر جليل مون کي هڪ خط ۾ لکيو هو ته "سنڌ جا هندو وڃڻ وقت هتي ايترو ته علمي ۽ ادبي خزانو ۽ ڪتاب ڇڏي ويا هئا جو انهن کي سنڌوءَ ۾ لوڙهجي ها ته سنڌو نديءَ جو وهڪرو بيهجي وڃي ها."

سنڌ سرڪار ۾ واڻين کي ڪي وزارتون ته نه ملن ها، پر هو تجارت ۽ وڻج واپار کي وڌائي، سڄيءَ سنڌ کي پيريو پاڳيو ڪن ها. پوري ڏيهه مان ناڻو ڪمائي سنڌ ۾ اچي سيڙائن ها.

علامتي طور اقتدار ٽن شخصن جي هٿ ۾ هوندو آهي: هڪ P.M، ٻيو C.M ۽ ٽيون D.M. ڪنهن هندوءَ جو سنڌ ۾ P.M ۽C.M ٿيڻ شايد ممڪن نه هجي ها، پرD.M جي عهدن تي سنڌي عامل ڪامورن جي هڪ هٽي هجي ها. ملڪ جو انتظام ڪامورا شاهي هلائيندي آهي ۽ سنڌي عامل ڪامورو ڪيترو قابل هوندو آهي، ان جي ساک انگريز حڪمران پڻ ڏيندا هئا. هند ۾ رهندڙ سنڌين جو درخواندگي (literacy rate) اڄ پنجانوي سيڪڙو آهي.

ان جي بر عڪس بدقسمتيءَ سان سنڌ جي مسلمان ڀائرن جي خواندگي پنجتيهه سيڪڙو مس آهي.

رسول عربيءَ جي هدايت موجب هو تعليم لاءِ چين (chaina) وڃڻ ته پريءَ پر پنهنجي ڳوٺ کان به ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪيٻائن ٿا. (صاف گوئيءَ لاءِ معذرت)

شميو سان اجمير مان ڪيڻ هڪ ڪمسن دوشيزه، جيڪا سونهن سوڀيا ۾ پنهنجو مثال پاڻ هئي (اڃا به آهي) سا فرار ٿي، دهليءَ اچي هن سان شادي رچائي. ان شاديءَ جو ڪهڙو حشر ٿيو ان جو احوال پهرين پنن ۾ ڏيئي آيو آهيان.

جنهن فائن آرٽ ۽ ڪلچرل هال ۾ اسان جا ڊراما اسٽيج ٿيندا هئا، ان ۾ چار سوَ کن نشتون (Seating Capacity) هيون. هڪ سوَ سيٽون معزز مهمانن، معتبرن، وڏن ماڻهن ۽ ميمبرن جي ڪٽنبن لاءِ محفوظ رکيون وينديون هيون. باقي ٽي سوَ لاءِ ٽڪيٽن جو وڪرو ڪيو ويندو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جو پهريون نه – فصلو ناٽڪ 'ڏس ناٽي جا رنگ' اسٽيج تي رهيو هو. سيٽنگ ۾ سيني ميمبرن کي وڪري لاءِ ڪجهه ٽڪيٽون ورهائي ڏنيوسين. سنگم جي سيڪريٽري هري متراڻيءَ پڇيس، "شميو توکي گهڻيون ٽڪيٽون ڏيون؟"

"ڪُل ڪيتريون ٽڪيٽون وڪڻيون آهن؟" شميوءَ پڇيس.

"ٽي سوَ."

"ته ٻه سوَ ته مون کي ڏيئي ڇڏ."

"اڙي ٻتاڪي! ايتريون ٽڪيٽون وڪڻي سگهندين؟"

شميو مهاراج ڪاوڙجي ويو. "چيومائين ته سهي ٻه سوَ ٽڪيٽون ڏي. نه وڪيم ته ٻه هزار مون کان پرائي وٺج." (ٽڪيٽ جو خرچ ڏهه روپيه هو)

هڪ ڊرامي لاءِ شميو پنهنجي گهر جي نوڪرياڻيءَ کي پارٽ ڪرڻ جي لاءِ وٺي آيو. ڇوڪريءَ کي ڪو ڊائلاگ وغيره ڇوڻو نه هو رڳو ٽن چئن زالن سان چپ ڪري ويهڻو هو. گرئنڊ ريهرسل تي رهي هئي. نوڪرياڻي اسٽيج تي ويني ڏڪي رهي هئي. سڌو ويهي به نه ٿي سگهي. هال مان ئي شميوءَ واڪو ڪري گار ڏني ۽ چيائينس: "رَن! ... سڌي ويهي به نه ٿي سگهين، لهه هيٺ!" ڇوڪري ويچاري روئندي، اسٽيج تان لهي هيٺ آئي. جيون شميوءَ کي گهروڙي پوندا هنيس.

ان ڊرامي ۾ مون کي به اهم رول هو پر ٽن چئن ريهرسلن کان پوءِ مون کي ڊرامي مان ڪڍي ڇڏيائون.

مان ڪامياب ناٽڪار ته هوس، پر ناڪام اداڪار هوس. اسٽيج تي انٽري وٺندي ئي مون کي پگهر اچي ويندو هو. گهڻا سال پوءِ هڪ ڊرامي ۾ مون هڪ عاشق مزاج شاعر جو ڪردار ايتريءَ ته ڪاميابيءَ سان نڀايو جو ڪيتري وقت تائين درشڪ مون کي داد ڏيندا رهيا. پر ان وقت تائين هيم ۽ جيون جي وڇوڙي ڪري اسان جي سنگم جي عروج جو زوال شروع ٿي چڪو هو.

سيڪريٽري هري متراڻي ماٺ ميٺ ۾ ٻه سوَ ٽڪيٽون شميوءَ کي ڏيئي ڇڏيون. ريهرسلون زور شور سان جاري هيون. اهو اسان جو پهريون فُل لينٿ ڊرامو اسٽيج ڪرڻ جو جوکم وارو قدم هو. ناٽڪ طنز ۽ مزاح جو انوکو سنگم هو ۽ ان سان وڏيون اميدون وابسته ڪريو وينا هئاسين.

ناٽڪ ۾ پندرهن ڏينهن وڃي بچيا. هريءَ شميوءَ کان پڇيو.

"اڙي شميو ماهراج! ڪجهه ٽڪيٽون وڪيئه؟"

شميو باهڙجي ويو. چيائينس: "اڙي متراڻي، ڳڻتي ڇو ٿو ڪرين. اسين وينا آهيون. توکي سڄو هال پريل ملندو." هري چپ ٿي ويو.

هاڻي هڪ هفتو وڃي رهيو. "شميو! ڪيتريون ٽڪيٽون وڪاميون؟"

"اڙي لمبو فڪر ڇو ٿو ڪرين؟ اسان وينا آهيون نه. سڀ وڪامي ويندون."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناٽڪ ۾ چار ڏينهن وچي بچيا، ”شمپو گهٽيون ٽڪيٽون وڪيئہ؟“

”اڙي بابا! چيو تہ مائين نہ، اسان ويٺا آهيون نہ.“

ناٽڪ ۾ بہ ڏينهن وچي بچيا، ”شمپو-ٽڪيٽون؟“

”اڃا بہ ڏينهن آهن، ٽينشن نات (Tension Not). ويٺا آهيون نہ.“

ڊرامي کان هڪ ڏينهن اڳ شمپو اسان جي پريزيڊنٽ سائين ناٿاڻيءَ وٽ بہ سئو ٽي ٽڪيٽون کڻي وچي پهتو.

”دادا، مون کي ڪنهن ضروري ڪم سان اڄ بمبئيءَ وڃڻو ٿو پوي. ان ڪري ٽڪيٽون وڪڻي نہ سگهيو آهيان. پر فڪر نہ ڪريو. ٻئي ڊرامي وقت ويٺا آهيون نہ.“

چوويهن ڪلاڪن اندر اسان کي بہ سئو ٽڪيٽون نيڪال ڪرڻيون پيون. ڪجهہ وڪاميون، ڪجهہ مفت ورهايوسين. ڪجهہ ماڻهن مٿن ۽ واقفڪارن کي فون ڪري، ڊرامو ڏسڻ لاءِ ايلاز ڪياسين. هال سڄو پرجي ويو ۽ درشڪ ڪل ڪان ڪرسين تي هيٺ مٿي ٿي رهيا هئا. پهريون ئي وڏو ناٽڪ ايترو ڪامياب ٿيو چوجو:

”اسين ويٺا آهيون نہ.“

دهليءَ جي پراڻي قلعي جي کنڊرن ۾ ڏرم وير ڀارتيءَ جو ايپڪ ناٽڪ ’انڌا يُگ‘ کلئي ميدان (Open Area) ۾ هزارين درشڪن اڳيان ٿي رهيو آهي. مان، جيون، هيمر هري موهني، ڪويتا ۽ ٻيا ڪلاڪار اکيون ڦاڙي مهاڀارت مان ڪوريل اهو منظر ڏسي رهيا آهيون، جنهن ۾ ڪوروئن جي ماءُ گنڌاري، جنهن پنهنجي پتي ڌرتراشٽر جي انڌي هئڻ ڪري، سڄي ڄمار پنهنجي اکين تي بہ پٽي ٻڌي رکي آهي، ڪرشن کي ڪوسي رهي آهي تہ توئي ڪُرکيتر جي جنگ ڪرائي آهي ۽ منهنجن سوَ پٽن جي مِرتيوءَ جو تون ئي ذميدار آهين. ڪرشن گنڌاريءَ کي پنهنجي منطق ۽ ترڪ شاستر سان قائل ڪري رهيو آهي تہ اها جنگ اڻ ٽر هئي، جو ڏريو ڌن، دشاسن ۽ تنهنجا ٻيا پٽ انياءَ ۽ انرٿ تي هئا. ڪرشن جو رول هندوستاني رنگ منچ جو مڃيل اداڪار سرگواسي اوم شو پوري ڪري رهيو هو ۽ لڳو پئي تہ هن جو آواز هن ڌرتيءَ تان نہ، پر ڪٿان سرڳ مان اچي رهيو هو.

جيون جي ڏاڍي خواهش هئي تہ هيءُ ناٽڪ سنڌيءَ ۾ ائڊاپٽ ڪري، ڀارت جي شهرن ۾ ڏيکارڻ کان سواءِ سنڌ بہ کڻي هلون، جو سنڌ وارن لاءِ هيءُ ناٽڪ نئون انيو ثابت ٿئي ها، پر هن جي سنڌ وڃڻ ۽ پرين ۾ پنهنجو گهر ڏسڻ جي تمنا پوري نہ ٿي سگهي.

’رامائڻ‘ ۽ ’مهاڀارت‘ ڀارت ورش جا بہ عظيم رجز ناما (Epics) آهن، پر ٻنهي جي نوعيت الڳ الڳ آهي. رامايڻ ۾ راوڻ جي پٽ راڻي منڊوڏري پنهنجي پتيءَ کي احساس ڏياري رهي آهي:

”اي سون جي لنڪا جا لنڪيشور، تون هڪ اُچي ڪُل جو ودوان برهمڻ آهين ۽ پرڀيڻ پنڊت آهين. تون هڪ پراڪرمي راجا رامچندر جي پتي ورتا پتنيءَ کي زوري ڀڄائي اچڻ جو ڪُڌو ڪم ڪيئن ٿو ڪري سگهين؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن خواهشمند ڪنواري ڪنيا کي پچائي اچڻ اهڙو وڏو گناهہ ناهي، پر ڪنهن جي ڌرم پتنيءَ کي اغوا ڪري اچڻ، سو بہ ڪنهن بدلي جي پاونا سان، هڪ سنگين ۽ معاف نہ ڪرڻ جهڙو ڏوهہ آهي. ان ڪري سيتا کي زوريءَ کڻي اچڻ لاءِ ڏهيسر مٿان تہ ملامت ڪئي ٿي وڃي، پر مهاڀارت جو تير انداز ارجن جڏهن ڪرشن جي ڪنواري ڀيڻ سيدرا کي راتورات جست هڻي پچائي ويو تہ ڪرشن اهڙي دليريءَ لاءِ ارجن جي ساراهہ ڪئي.

بي-آر-چوپڙا جي ٽي-وي سيريل مهاڀارت ۾، ان واردات جي ڏاڍي خوبصورت منظر ڪشي ڪئي ويئي آهي، جنهن جو گهڻو تڻو جَس سيريل جي اسڪرپٽ ۽ مڪالمہ لکندڙ ڊاڪٽر راهي معصوم رضا کي ئي ملي ٿو.

ٻن سوَن اُپ ڪٿائن (Episodes) ۾ ڦهليل مهاڀارت سيريل جو مسودو ۽ مڪالمہ لکڻ لاءِ جڏهن چوپڙا، ڊاڪٽر راهي معصوم رضا کي آڇ ڪئي تہ رضا پنهنجي مصروفيتن ۽ عليگڙهہ جي ملازمت جو عذر ڏيئي، هن کي ٽاري ڇڏيو پر چوپڙا بہ پراڻو پنج دريائي گهاگهہ هو. هن هڪدم ئي ڏينهن ئي پريس ڪانفرنس ڪوٺائي، مهاڀارت سيريل ۾ ڊاڪٽر راهي معصوم رضا جي نالي جو بطور اسڪرپٽ رائيٽر اعلان ڪري ڇڏيو.

اخبارن ۾ خبر شايع ٿيندي ئي چوپڙا وٽ خطن ۽ تارن جي ڌم مچي ويئي، تہ ڇا هندو ساهتڪار سڀ مري ويا آهن، جو هڪ مسلمان مهاڀارت جو مسودو لکندو؟ چوپڙا اهي سڀ خط ۽ تارون راهي معصوم رضا ڏانهن ڏياري موڪليون. رضا اهو آزمائشي امتحان سمجهي، چئلينج قبول ڪندي، چوپڙا کي فون تي ئي مهاڀارت سيريل جي منظوري ڏيئي ڇڏي.

نہ رڳو اهو پر مهاڀارت ۾ ڪيترن مسلمان اداڪارن ۽ اداڪارائن بهترين ڪردار نباهيا. گنڌاريءَ جو اهم رول اسان جي سنڌي ڇوڪري رينوڪا ايسراڻيءَ اهڙي تہ اثرائتي نموني نباهيو جو هن کي هڪ مٿان ٻي سيريل لاءِ آڇون اچڻ لڳيون. هن وقت هوءَ انڊين ٽيليويزن جي اهم اداڪاره آهي.

مهاڀارت عالمي ادب جو وڏي ۾ وڏو رجز نامو (Epic) آهي، جيڪو ضخامت ۾ هومر جي اوڊيسي ۽ الياڊ (Lloyd) کان ڇئوڻو ۽ بائيبل کان اٺوڻو آهي. هن وير چتر ڪٿا (جنگ نامي) جو ڌرم يا مذهب سان پري جو بہ واسطو ناهي. سڀ ڪردار آريہ ورت يا آريہ پُتر آهن ۽ اهو بہ سمجهہ کان ٻاهر آهي تہ ڪير ڪنهن جو اولاد آهي؟ جو اڪثر ڪردار ڪنهن نہ ڪنهن جو ناجائز اولاد ئي آهن. Polyandry (ڪثير الخصمي) جو نظريو بہ ان ايپڪ جو اُپج آهي، جيڪو اڄ تائين المورا ۽ راڻي کيت ۽ ڪانگرا وارن علائقن ۾ مروج آهن.

ويجهڙائيءَ ۾ هندوستان جي تيگلو ٻوليءَ ۾ 'درو پدي' سري سان هڪ ناول شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ تفصيل سان دروپديءَ جي پنهنجن پنجن پانڊو مڙسن سان واري واري سان گذاريل راتين ۽ هر مڙس سان هن جي ورتاءَ جو دلچسپ احوال آهي. ناول خلاف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿاريل واد وواد جي باوجود ان کي مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ جي آبرودار ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي.

پنهنجي آڏيءَ اُڀتيءَ آتم ڪٿا کي وري (Rewind) ٿو ڪريان.

جيئن مٿي لکيو اٿم تہ اهو اسان جي ساهتيڪ، سيپيٽڪ ۽ سماجڪ سرگرمين جو سونهري دور هو. جنهن ۾ اسان جهڙا ڪيئي سر ڦريا پنهنجيون سڀ قوتون ۽ صلاحيتون انهن ڪارگذارين ۾ ئي صرف ڪندا هئا. ان وقت نہ اڪادميون هيون، نہ ڪائونسلون هيون ۽ نہ ٻيا ڪي اهڙا سرڪاري، نيم سرڪاري يا غير سرڪاري ادارا هئا، جيڪي اسان جي ڪا مالي مدد ڪري سگهن، نہ ئي ايوارڊ، انعام اڪرام ڳتا ۽ اعزاز هئا، جن مان ڪو مالي فائدو حاصل ٿي سگهي.

ادبي ڪانفرنسون، سيمينار، سميلن، ڊراما فيسٽيول ۽ ٻيا سڀ سماجي پنگتي پروگرام هر شهر ۾ شدمد سان ٿيندا رهيا. ۽ هتي مون کي اهو چوڻ ۾ ڪا هٺڪ نٿي ٿئي تہ اهي سڀ فرنٽ ساهتڪارن ۽ ڪلاڪارن ئي سنڀاليا. وڏا وڏا معتبر رڳو پنهنجا سنمان ڪرائڻ ۽ هار ۽ شالون پارائڻ لاءِ ئي اتي حاضريون ڏيندا هئا. اڄ هو جڏهن پنهنجو ڪمايل ڌن دولت سنڀالي نٿا سگهن تہ ڪلاڪارن ۽ ساهتڪارن کي مالي مددون ڪرڻ لاءِ ايلاز ڪري رهيا آهن.

هندوستان ۾ هر سال اکل ڀارت سيا طرفان ٿيندڙ سميلن جو مان اڳ ۾ ئي جاڻ جي حد تائين احوال ڏيئي آيو آهيان. ان سميلن ۾ اسان جا يڪ فصلہ، ٻہ فصلہ ۽ ٽي فصلہ ناٽڪ پيش ڪيا ويندا هئا، پر انهن وچ ۾ ڪا چٽا ڀيٽي نہ هوندي هئي. چٽاڀيٽيون ڊراما فيسٽيول ۾ رکيون وينديون هيون. سميلن ۾ بانيڪارن طرفان سيني کي ساڳيا ئي سنمان ملندا هئا، ان ڪري هڪ ٻئي کان ئي گوءِ کٽڻ جو جذبو ڪلاڪارن ۾ ڪڏهن نہ رهيو.

ان کان سواءِ اکل ڀارت خواهہ ٻين مقامي سنستائن طرفان هر سال آل انڊيا سطح تي ڊراما فيسٽيول پڻ رٿيا ويندا هئا، جن ۾ جدا جدا شهرن جا ڊزن کن ڊراما گروپس ڀهرو وٺندا هئا. انهن فيسٽيولس ۾ انعامي چٽا ڀيٽيون رکيون وينديون هيون، جيڪي هن ريت هيون:

* بهترين پيشڪش
* بهترين اسڪرپٽ
* بهترين هدايتڪاري
* بهترين اداڪاري
* بهترين صداڪاري
* بهترين اسٽيج ڪرافٽ
* ناٽڪ جو بهترين مجموعي تاثر.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سال ڇاهتر ۾ ڪلڪتي جي ڊراما فيسٽيول ۾، اسان جي سنڌو ڪلا سنگم آغا سليم جي ناٽڪ ’دودو چنيسر‘ تي ست ئي اوارڊ حاصل ڪري، سنڌي رنگ منچ جون نئون رڪارڊ قائم ڪري ورتو جيڪو اڃا تائين ڪنهن کي حاصل نہ ٿيو آهي.

آغا سليم کي ان وقت بهترين ناٽڪ جي اسڪرپٽ لاءِ ٽرافي ۽ پارنهن سوَ نقد ڏيڻ جو اعلان ٿيو. ٽرافي تہ شايد اڃا سنگم وٽ محفوظ آهي، پر ان وقت جي ڪمپائونڊ واٽڪي وياج جو ’وهي ڪاتو‘ کولجي تہ اڄ اها رقم هزارن ۾ نہ پر لکن تي پهچي ٿي وڃي. آغا سليم جڏهن ڪجهہ مهينا اڳ دهليءَ آيو تہ سنگم جي چاليهن کن ميمبرن مان رڳو چار پنج ئي رهجي ويا هئا. بهرحال، اڪل ڀارت ساهت سڀا اڃا قائم آهي ۽ شڪارپور جو شهزادو سڀا کان اها رقم قانوني طور نہ تہ اخلاقي طور وصول ڪري سگهي ٿو.

سنڌي رنگ منچ جي اوسر جو دلچسپ ۽ جاذب احوال منهنجي سرڳواسي همدم ۽ همراهہ (جنهن لاءِ سرڳواسي لفظ لکندي منهنجي هنياءَ کي جهوبو ايندو آهي) پنهنجي لازوال ڪتاب ’مور نچندا رهن‘ ۾ درج ڪيو آهي، جيڪو نہ رڳو سنڌي ناٽڪ جي مستند تاريخ آهي، پر سنڌي نثر جو پڻ هڪ ناياب نمونو آهي. هيم هي ڪتاب سنگم جي ڪلاڪار جوڙي نانڪ ۽ نميءَ کي ارپڻ ڪيو آهي، جن جو ذڪر اڳتي هلي ڪندس.

منهنجي هڪ سنگيت ناٽڪ ’سورٺ‘ جي صداڪاري ڪرڻ جو انڀو پيش ڪندي، هيم لکي ٿو:

”منچ تي ان ڪهاڻيءَ کي پيش ڪرڻ وارو، لڇمڻ ڪومل جي شاعراڻن لفظن کي آواز ڏيڻ وارو راوي پردي پٺيان ويٺو هو. راويءَ جي آواز ۾ عجيب دلڪش تاثير هو. نثر کي ان آواز نظم جي رنگيني بخشي. ان ۾ لاهہ چاڙهہ هو. پيار جون سرگوشيون هيون، شاهي دٻدٻو هو. ڪل ڪلاهٺ هئي، سورٺ جا سڏڪا هئا تہ بيجل جي پيشماني بہ هئي.“

اهو آواز هيمراج ناگواڻيءَ جو هو. ان آواز تي ان ڏينهن مان پاڻ موهجي ويو هوس.

مان، جيون ۽ هري مٽراڻيءَ پنهنجي هيم راج کي راهہ عدم ڏانهن روانو ٿيڻ کان روڪي تہ نہ سگهياسين، پر هن جي يادگيرين کي اسان تحريري طور ’ڪاڪ چڙي ويا ڪنڊ تي‘ جهڙي دستاويزي جُلد ۾ محفوظ ڪري رکيو آهي. مون اهو دستاويز مرتب ڪرڻ مهل انهن ساهتڪارن کان بہ هيم تي لکايو، جن هيم کي رڳو درشڪن طور رنگ منچ تي اداڪاري ڪندي ڏٺو هو.

هڪ سال کان پوءِ ڪلڪتي جي ٽئي رابندر رنگ منچ تي، آل انڊيا ڊراما فيسٽيول ۾ اسان کي تہ فصلو (Full Length) ناٽڪ پيش ڪرڻو هو. جيون ڪنهن سٺي ناٽڪ جي تلاش ۾ هو. هڪ شام مون، جيون ۽ هيم ڪافي هائوس ۾ ويٺي اهو فيصلو ڪيو تہ هن سال ڪلڪتي فيسٽيول ۾ اسين هڪ زبردست ڪاميڊي پيش ڪنداسين، جو سنگم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان اڪثر سنجيده ناٽڪ پيش ٿيندا رهيا آهن ۽ بمبئيءَ مان رميش چاچاڻي ۽ ايس- پي مينگهاڻيءَ جي گروپن جي ٿئي ڪاميڊيءَ تي هڪ هٽي پٽي رهي آهي. سندن اها مونو پلي ختم ڪرڻي آهي. (جذبو صادق هو.) مرڪزي نئشنل اسڪول آف ڊراما جو تربيت يافته رميش چاچاڻي، ننڍيءَ عمر ۾ ئي ۽ مينگهاڻي گذريل مهيني بمبئيءَ جي سنڌي رنگ منچ کي يتيم ڪري ويا.

سنڌيءَ ۾ ڪو فُل- لينٿ معياري ناٽڪ ملڻ محال هو. هندي، اردوءَ ۾ به آغا حشر، امتياز علي تاج ۽ راڌي شيام ڪٿا واچڪ جوڻ پارسي ٿيٽر جي طرز واريون ڪاميڊيون هيون. وچ وچ ۾ نقل ۽ سانگ هئا. اسان کي اڄ جي دور جي جديد ڪاميڊي پيش ڪرڻي هئي. مون انگريزي ناٽڪن جا ڪي مجموعا اٿلائي، ڪنهن غير معروف انگريزي ناٽڪ نويس جو هڪ ٽري ائڪٽ ڊرامو ڳولهي ورتو. ناٽڪ جو سرو هو: You Can Not Live Twice Twice. (تون به پيرا حياتي نٿو ماڻي سگهين) مون کي ناٽڪ وڻيو ۽ سيپٽي جيون جي گهر گڏ ٿياسين. ناٽڪ موضوع، ڪردارن ۽ ڊائلاگن جي صورت ۾ سيني کي پسند آيو پر سوسائٽي، پلاٽ ۽ پس منظر بنهه اوپرا هئا، جن سنڌي سماجي ۽ ثقافتي ماحول سان ميل نه ٿي کاڌو.

جيون مون کي چيو: ”تون رڳو مرڪزي موضوع کڻ باقي سڄو ڊرامو سنڌي ماحول، ڪردارن، مڪالمن ۽ سماجي ملهن ۾ ڦهڪاءِ. چاهين ته هڪ به ضروري ڪردار به جوڙي سگهين ٿو. ڪا نئين سچوئيشن (Situation) پيدا ڪري سگهين ٿو وغيره.“ چيومانس: ”جيئا، مان سڀ ڪندس ته سهي، پر وڪ وڪ تي تو کي منهنجي پر ۾ بيهڻو پوندو.“

جيون تن ڏينهن رنگ روغن واري ڪمپنيءَ ۾ سيلز مئنيجر هو. هو دهليءَ کان ٻاهر پنهنجي ڪاروباري دوري جا پروگرام پاڻ ئي رٿيندو هو.

مون کي چيائين: ”سياڻي ئي تيار ٿيءُ. هتان امبالا، لڌيانه ۽ جالندر جي ڏهن ڏينهن جي دوري تي ٿا هلون. مان ڏينهن جو پنهنجو ڪاروبار ڪندس ۽ تون هوٽل ۾ ويهي ڊرامو تيار ڪج. سانجهن جو پيگ پاڻيءَ تي هڪ هڪ منظر نامو ٻڌسڪس ڪنداسين.“

منهنجي آفيس 'ٽائيمس آف انڊيا' جون گاڏيون صبح جو ٽين چئين بجي اخبارن جا بنڊل سميٽي، امرتسر تائين وينديون هيون. ٽيئي شهر رستي تي پوندا هئا. جتي ڊرائيور ڊيپن (Depots) تي ٽائيمس آف انڊيا، نوڀارت ٽائيمس ۽ ايڪانامڪس ٽائيمس اخبارن جا بنڊل اڇلائيندا ويندا هئا.

اها رات اسان ٽيئي ٽائيمس بلڊنگ ۾ ئي رهياسين. مون ٻارهين بجي ايڊيشن جا پنهنجا پيج رليز ڪري، ڊرامي بابت سوچڻ شروع ڪيو. جيون کي ڊرامي جا ٻه-ٽي نالا ٻڌايم، جن مان هن 'جيئوڙي يار' پسند ڪيو. اسان جو پهريون پڙاءُ امبالا هو.

امبالا جي پئلس هوٽل جي ڪشادي ڪمري ۾، مون ناٽڪ جو پهريون منظر لکڻ شروع ڪيو. رات جو جيون پڙهي خوش ٿي ويو. ڏهن ڏينهن ۾ ادائي ڪلاڪن جو ته فصلو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناٽڪ ’جيئو ڙي يار‘ اميالا. لڌياڻي ۾ جالندر جي هوٽلن جي ڪمرن ۾ لکجي ويو. دهليءَ اچي ريهرسلون شروع ٿي ويون. ڊرامي سخت محنت ۾ خود متحرڪي (Spontaneity) ٿي گهري مون سنڌي ڪردارن سان ڊرامي کي خالص سنڌي ماحول ۾ ڦهڪايو.

ڊرامن جي ريهرسلن دوران جيون چين سموڪر ٿي ويندو هو خاص ڪري جڏهن ڊرامي کي ڇوهيون موومينٽس ڏيٽيون پونديون هيون.

هڪ پريو پاڳيو ڪٽنب آهي. گهر جو مالڪ - مالڪياڻي (هيم ۽ موهني) آهن. ٻيئي پوڙهو پوڙهي پنهنجي ليکي رونشي ڪوڏيا آهن. سندن وڏور ڪنواري ڌيءَ (منجو آسواڻي) آهي، جيڪا وهي چڙهيل آهي ۽ جنهن کي ناچ سکڻ جو جنون آهي. هن جو ڊانس ماسٽر (گهنشيام آسواڻي- ازدواجي زندگيءَ ۾ زال مڙس) آهي. گهنشيام جي اسٽيج تي پير رکڻ سان ئي درشڪ کلڻ لڳندا آهن. شيام ۽ ڪويتا هنگوراڻي (ذاتي زندگيءَ ۾ زال مڙس) وڏ واتيا پاڙيسري آهن. هڪ واڻڙي وڪيل جو ننڍو رول منهنجو به آهي. ٻيا به اچ وچ ڪندڙ ڪيئي ڪردار آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي ليکي رونشائي آهن.

۽ ڊرامي جو سوپياوان هيرو- هيروئن جوڙو به پيار جا پکيئڙا (Love Birds) ناٽڪ آهوجا ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ هن جي جيون ساٿي نمي آهوجا آهن. (ٻيئي اڄ به هڪ حسين آدرشي جوڙو بڻجي، هڪ ٻئي سان پيار ڪندي، وڙهندي جهڙندي، رسندي پرچندي، هڪ رشڪ پري رٽايرڊ جيون جي رهيا آهن.)

ريهرسلن ۾ رات جا ٻارنهن ٻارهن وڄي ويندا هئا. اسان کي ڪيئن به ڪلڪتي واري ڊراما چٽا پيٽيءَ ۾ امتيازي حيثيت حاصل ڪرڻي هئي ۽ ثابت ڪرڻو هو ته ڪاميڊيءَ تي رڳو مسخرن جو ئي حق ناهي. سنجيده اداڪار بهتر مزاحيه اداڪاري ڪري سگهندا آهن.

ناٽڪ ۽ نميءَ جو ستن سالن جو هڪ ئي پٽ هو جيڪو ريهرسلن دوران ماءُ پيءُ جي غير حاضريءَ ۾ ڏاڏيءَ سان ڪڏهن کير پي ۽ ڪڏهن بک تي ئي سمهي پوندو هو.

ناٽڪ تسلي بخش طور تيار ٿي ويو. سڀ خوش هئا. رات جو دير دير تائين جشن هئا، پارٽيون هيون. سيني جا ڇهرا سرها هئا. ٽرافي اسان جي کيسي ۾ پڪ پيئي آهي.

ڪالڪا ميل ۾ ڪلڪتي لاءِ روانو ٿيڻ کان ٻه ڏينهن اڳ (ورجاءُ) ٻه ڏينهن اڳ، ناٽڪ ۽ نمي (هيرو ۽ هيروئن) جي ستن سالن جي هڪ ئي پُٽ اکيون ٻوٽي ڇڏيون. سڀ سُن ٿي وياسين. روڄ راڙو آهون دانهون، سهڻو راجڪمار ڪفن ۾ به مُرڪي رهيو هو.

ٻار کي دفنائي اچڻ کان پوءِ (هندن ۾ ٻارن کي دفنايو ويندو آهي) گهر اچي، جيون شميوءَ کي چيو : ”ڪلڪتي وارن کي سنڌو ڪلا سنگم جي انٽري ڪئنسل ڪرڻ جي ٽيليگرام ڏيئي اچ. ۽ ٽرين جون ويهه ئي ٽڪيٽون به ڪئنسل ڪرائي اچ.“ شميو وڃڻ لڳو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو ناٽڪ آهوجا رتُ ڳاڙيندڙ ڳاڙهين اکين سان اڳتي وڌي، شميوءَ جي ٻانهن جهلي.

”شميو نـ ٽيليگرام موڪليو آهي ۽ نـ ٽي ٽڪيٽون ڪئنسل ڪرائيون آهن.“

”show must goon“ اسين سڀ سڪتي ۾ اچي وياسين.

”پر ناٽڪ، تون ۽ نمي زندگيءَ جي ايڏي وڏي ٽرئجڊيءَ سان ڪاميڊي ڪيئن ڪندا؟“ جيون پڇيس.

”اسٽيج تي ڪنداسين.“ ناٽڪ چپن تي مُرڪ آڻيندي چيس.

ڪلڪتي جي ٽئگور هال ۾ ’جيئو ڙي يار‘ بيحد ڪامياب ٿيو. ٽرافي نـ ملندي بـ ڪيترا ئي ٻيا ايوارڊ مليا. ڊرامو پورو ٿيڻ تي اسٽيج پويان سنڌو ڪلا سنگم جي سيني ڪلاڪارن جون اوچنگارون هيون. دوستن ۽ ميزبانن کي اسان کي سانت ڪرائڻ لاءِ ڪيترو ئي پاڻ پتوڙڻو پيو.

هيم ناگواڻي پنهنجي لازوال تصنيف ’مور نچندا رهن‘ ۾ لکي ٿو:

”اسين ناٽڪي ماڻهو پاڻ روئي بـ ٻين کي کلائڻ جا عادي آهيون. پر هي هڪ هفتو هو جڏهن اسين روئي ڪو نـ سگهياسين. هڪ هفتو اسان پنهنجا سڏڪا روڪي ڇڏيا ۽ آنسو پي ڇڏيا. ان لاءِ تـ اسين ٻين کي کلائي سگهون.

جڏهن اهو هفتو پورو ٿيندي ’جيئو ڙي يار‘ ناٽڪ ختم ٿيو ۽ درشڪن کي سيني ڪلاڪارن جي واقفيت ڏيئي ختم ڪئي ويئي، تڏهن آلين اکين سان مون ڏٺو تـ منچ تان لهندڙ منهنجي هڪ ساٿيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هاڻي اسين روئي سگهياسين ٿي، ٻيهر انسان بڻجي سگهياسين ٿي!

تڏهن مون کي اهو صبح ياد آيو. جڏهن سنگم جي پهرئين پريزيڊينٽ دادا گوبند رام ناٿاڻيءَ جي مرتڪ شرير کي چِتا جي حوالي ڪري، شمشان جي ٻاهران ئي اسان ان ساڳيءَ شام جو ناٽڪ جو پروگرام قائم رکڻ جو فيصلو ڪيو. سرڳواسيءَ کي اها ئي سچي شرڌانجلي هئي.“

ڪلڪتي ۾ ’جيئو ڙي يار‘ ناٽڪ ختم ٿيڻ تي، هيم راج هر ڪلاڪار کي اسٽيج تي گهرائي، هن جي واقفيت ڪرائي ٿو ۽ درشڪ هر هڪ کي دل کولي داد ڏين ٿا.

اوچتو هيم گهگهي آواز ۾ رنگ منچ تي اعلان ڪري ٿو:

”هينئر مان جنهن ڪلاڪار جوڙي کي اسٽيج تي گهرائي رهيو آهيان، انهن لاءِ هال ۾ هڪ بـ تاڙي نـ وڃي. اوهان رڳو بـ منٽ شانتيءَ سان اٿي بيهندا.“ هيم جي آواز ۾ جادو آهي. درشڪ اٿي بيٺا.

ناٽڪ ۽ نمي اسٽيج تي اچي درشڪن اڳيان جهڪن ٿا.

ناٽڪ ۽ نميءَ جي گهر سال اندر هڪ ٻالڪ جنم ورتو. ٻن سالن کان پوءِ نياڻي آئي. اڄ ٻيئي وڏن عهدن تي آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانڪ ۽ نمي جنڪ پوريءَ جي جنت ۾ خوش ۽ خوشحال آهن. ڪنهن ڊوائين ڪاميڊي(Divine Comedy) ٻنهي ۾ 'جيئو ڙي يار' جو جذبو پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

هڪ هڪ ڪري دوست هليا ويا آهن. جيون هليو ويو، هيم هليو ويو. هريڪانت هليو ويو، شيام ۽ ڪويتا هليا ويا. آتم تليجا هليو ويو، گوپال پنجواڻي به گذريل مهيني هليو ويو. هي هليو ويو، هُو به هليو ويو...

وڃڻو اسان کي به آهي. بورڊنگ ڪارڊ هٿ ۾ آهي. بس اڏام جي سڏ جو انتظار ڪري رهيا آهيون.

قمر شهباز جي تدفين تي ويندي، امر جليل چئي رهيو هو: "مان پنهنجي قبر ڏسڻ وڃي رهيو آهيان."

پيارا امر، اسان وٽ ته ڪنهن جي قبر به ڪانهي، جتي وڃي فاتحه پڙهون!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنجهنهون پنو

دنيا جي وڏي ۾ وڏي وير چتر ڪٿا (Epic) مها ڀارت ۾ هڪ درشٽانت (Anecdote) آهي.

ڪورون هٿان جوئا ۾ هارائي، پانڊوئن کي تيرهن سال بنواس ڀوڳڻو ٿو پوي ۽ ان عرصي جو تيرهون ۽ پويون سال کين اڳيات واس (روپوشي) ۾ رهڻو هو. پڪڙجي پوڻ تي وري ٻيا تيرهن سال بنواس.

قصو وڏو آهي، پر ان وقت جي هڪ واردات جو منهنجيءَ آتم ڪٿا سان ڪجهه لڳ لاڳاپو اوس آهي.

هتناپور (هاڻوڪي دهليءَ) کان دور دراز قائم ٿيل راجا وراٽ جي راڄڌانيءَ ۾ روپوشيءَ واري حالت ۾ پنج پانڊو ۽ سندن هڪ ئي شراڪتي (گڏيل) پتني دروپدي پنهنجا ويس وڳا مٽائي، واري واري سان پهچن ٿا. هڪ سنياسيءَ جو روپ ڌاري ڪنڪ نالي ساڃ ڏيڌستر. جيڪو ڇل ڪپٽ مان ڄاڻندو ئي نه هو. راجا وراٽ جي دربار ۾ درٻاري ٿي پنهنجي وارتالاپ ۽ ڊاري جي راند روند سان، راجا وراٽ کي وندرائڻ واريءَ ڪرت ۾ لڳي ويو. ڀيٽوري ڀيم وراٽ جي محل ۾ رسويو بڻجي رڌ پچاءَ جو ڪم سنڀاليو. هو جهنگ ۾ ويهي وڻ وڍي ڪاٺين جون ڀريون رڍٽي لاءِ کڻي ايندو رهيو. تير انداز ارجن هڪ عجيب ڏنڌو اختيار ڪيو. هن لاءِ پنهنجيءَ ويرتا جو تيج لڪائڻ ڏاڍو ڏکيو هو پر هن کي پنهنجي زندگيءَ جي هڪ واردات ياد اچي ويئي.

اپسرا اروشي جڏهن ارجن کي، پنهنجي پريم جي ڦندي ۾ ڦاسائڻ جا جتن ڪرڻ لڳي ته ارجن هن کان ڪنارو ڪرڻ لڳو. اروشيءَ ڪاوڙجي هن کي سراپ ڏنو ته: "ارجن، تون مون کان منهن موڙي هيجڙو ٿي پوندين. پر راجا اندر جي ڪرپا سان ان سراپ جو اثر رڳو هڪ سال تائين رهي سگهندو. مون کي اهو اڌڪار آهي ته جيڪو سال وڻي سو چونڊيان ۽ مان هي اڳيات واس (روپوشي) وارو سال ئي چونڊيان ٿو."

ارجن هيجڙي جو روپ ڌاري، رڻ واس (حرم سراءِ) ۾ رهي، راڻين ۽ راجڪمارين جي شيوا ٽهل ۾ لڳو رهيو. زالن جيان چڙو چوٽي ڪري زنانا ويس ڪيا. ٻانهن ۾ اڇيرن چوڙيون پاتيون. راجڪمارين کي، خاص طور راجا وراٽ جي ڌيءَ اُترا کي ڳائڻ نچڻ سيکارڻ لڳو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٿون پاءُ نڪل سئيس بڻجي، محلات جي طنبيلي ۾ گهوڙا گاڏيون سنڀالڻ لڳو ۽ پويون پنجون پاءُ سهديو گوالو بڻجي، راجا وراٽ جو چوپايو مال چارڻ ۽ ڳايون ڏهڻ جو ڪم ڪندو رهيو.

پنجن پانڊوئن جي هڪ ئي پتني دروپدي ڪيئن پنهنجي سونهن سوپيا لڪائيندي؟ دورپدي چوڻ لڳي: "مان راڄ ڀون ۾ داسي بڻجي راڻيءَ جي شيوا ڪنديس. مان راڻيءَ جي ساهيڙي بہ ٿينديس ۽ سندس سيوڪا (خادمہ) پڻ."

سڀ ڪجهہ سوچڻ سمجهڻ کان پوءِ يڌشٽر ڪنڪ نالي سنياسي بڻي راجا وراٽ سان چوپڙ ڪندي، هن کي وندرائيندو رهيو. ڀيم راجا جو خاص خانسامہ. ارجن برهنلا نالي سان راجڪماري اُترا کي ڳائڻ نچڻ سيکارڻ لڳو نُڪل گهوڙن جي ۽ سهديو ڳايون ۽ ڍڳا سنڀاليندو رهيو.

وراٽ راجا جو سيناپتي ڪيچڪ دروپديءَ جي سونهن ڏسي مستيءَ ۾ اچي ٿو وڃي. ڪليل دربار ۾ جڏهن ڪيچڪ نشي جي حالت ۾ دروپديءَ کي ٻانهن کان جهلي، پاڻ ڏانهن ڇڪڻ لڳو تہ ڀيم جي اکين مان ٽانڊا وسڻ لڳا. هو ڪيچڪ کي مارڻ لاءِ اٿڻ ٿي لڳو تہ سنياسي ڪنڪ يڌشٽر هڪل ڪري ڀيم کي چئي ٿو: "اڙي رسويا! هڪ ڪاٺيءَ لاءِ سڄو وڻ ٿو وڍين. ٻاهر جي ڪاٺي کپيئي تہ وڃي هيٺان ٻُهري مان ڪڍ." ڀيم اشارو سمجهي ويهي ٿو رهي.

مون بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ ننڍين ننڍين ڪاٺين لاءِ ڪيترا وڻ وڍيا آهن ۽ هينئر عمر مون کان انهن اعمالن جو حساب چُڪتو ڪري رهي آهي. سراسري طور مهيني جو هڪ هفتو اسپتال يا نرسنگ هوم ۾ پرتي ٿيڻو پوي ٿو. ويني ويٺي اوچتو ساهہ منجهڻ ٿو لڳي ۽ سهڪو شروع ٿي ٿو وڃي. سڌو اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ اسٽريچر تي ليٽائي پرتي ڪري ٿا ڇڏين. ڊاڪٽر ۽ نرسيون بنا ڪنهن جاچ جوچ جي سڌو ئي ٽڪ تي آڪسيجن چاڙهڻ ٿا لڳن. ٻئي ڏينهن ICU ۽ نئين سر ساڳيون ساڳيون ٽيسٽون. وري پرائيويٽ وارڊ جي ڪمري ۾ هفتي ٻن جي پرتي. رپورٽن جا وڏا وڏا لفافا ۽ بلن جا بنڊل. چڱو ڀلو تہ ٿي ٿو اچان، پر بلن جي رقم ڏسي سهڪو شروع ٿي ٿو وڃي.

مون کي اڃا تائين سمجهہ ۾ ناهي آيو تہ ڊاڪٽرن جي معائني موجب، دل بہ ٺيڪ آهي ۽ دماغ بہ درست آهي تہ پوءِ خرابي ڪٿي آهي؟ هاڻي حالت اها وڃي ٿي آهي جو دوست فون تي پڇندا آهن: "گهر ۾ آهين يا ICU ۾؟"

ڪيترا ڀيرا تہ ساهتڪ ميٽنگن ۽ سيمينارن مان سڌو اسپتال اچي پرتي ٿو ٿيان ۽ گوپي هراسجي سڌو اسپتال ۾ هلي ايندي آهي. پر هاڻي تہ هوءَ بہ هري ويئي آهي، ان ڪري آرام سان ٺهي ٺُڪي ايندي آهي ۽ اچڻ سان ئي چوندي آهي: "سيمينارن مان سڌو ئي هاسپيٽل هليو ٿو اچين. اتي پرتي ٿيڻو اٿيئي تہ گهران ئي تيار ٿي ويندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪر.“ چوندو آهيانس: ”گوپي اٽئڪ ڪا اپائنٽمينٽ رکي تہ نہ ٿي اچي. اڳواٽ اطلاع ڏيئي اچي تہ هن جي حملي کان پهرين مان ئي مٿس حملو ڪري ڇڏيان.“

مان عمر جا ستهتر سال پورا ڪري چڪو آهيان. هيلتائين اندر جي برجستگي منهنجن ارادن جي قوت ۽ صلاحيتن کي برقرار رکيو ويٺي هئي. پر هاڻي مان پنهنجو آتم وشواس بہ وڃائي ويٺو آهيان. ستر سالن جي عمر تائين مون کي ڪڏهن هلڪو بخار بہ نہ ٿيو هو ۽ سوچيندو هوس تہ ماڻهن کي مٿي ۾ سُور ڇو پوندو آهي؟ ماڻهو عينڪ ڇو پائيندا آهن؟ جيڪي عينڪ پائيندا هئا، انهن جي باري ۾ مان سوچيندو هوس تہ انهن ماڻهن جي چهري تي نڪ نہ هجي، تہ جيڪر عينڪ ڪٿي جهلين؟ مون کي انهن جي عينڪ جو ايترو فڪر نہ هوندو هو جيترو سندن غصي جو. نڪ نہ هجي تہ غصو ڪٿي رکجي؟

زندگيءَ ۾ هيلتائين مون جادوگرن جيان ٽوپين مان خرگوش پئي ڪڍيا آهن. پر عمر جي هن پوئين پهر ۾ خرگوش مان ٽوپي ڪڍي رهيو آهيان. خرگوش ڪيڏانهن غائب ٿي ويو آهي ۽ خالي ٽوپي ڇنڊيندو هٿي هُٿي پٽڪي رهيو آهيان.

آپگهاتي لاڙن ڪنڌ لاڙي ڇڏيو آهي. صبوح جو اخبارن ۾ پهرين آپگهاتن، حادثن، خون قتل ۽ اڻ مندائتن موتن جون خبرون پڙهي رهيو آهيان. ننڊ جون گوريون کائڻ کان پوءِ بہ ننڊ نہ ٿي اچي. اڌ اڌ رات جو اٿي بئنڪ ۽ بيڊروم وچ ۾ اچ وڃ ڪندو ٿو رهان. ساهہ ۾ سخت مونجهہ ٿي ٿئي. ائسٽرائيڊ جون انجيڪشنون لڳارائڻ سان سهڪو ڪجهہ گهٽجي ٿو. پر انجيڪشنون بہ عارضي آرام ٿيون پهچائن.

ان رات بہ Tarika ننڊ جون گوريون وٺڻ کان پوءِ بہ، جڏهن سڄي رات ننڊ نہ آئي تہ مون اٿي بتي ٻاري. صبح جا سوا پنج ٿيا هئا. سڄي رات مينهن وسيو هو پر ان مهل آسمان صاف هو. ڏيڍ قدمن سان ٻئي ڪمري ۾ وڃي ڏٺم. گوپي گهريءَ ننڊ ۾ هئي. ٻاهر جي ٽيوب لائيٽ جي روشنيءَ ۾ هن جو عمر رسيده چهرو چمڪي رهيو هو ۽ گُهنج غائب ٿي ويا هئا. پنهنجي ڪمري ۾ اچي مون رات وارو وڳو بدلايو. ميز جي خاني ۾ جيترا پئسا پيا هئا، ڪڍي پرس ۾ رکيم. ننڍي بريف ڪيس ۾ ٻہ وڳا وڌم. ڪجهہ ڪتاب رکيم. نوٽبڪ ۽ قلم رکيم. پاسپورٽ رکيم. سهڪي جون گوريون. ڪئپسول ۽ ڪجهہ گهربل دوائون ورتم ۽ گوپيءَ لاءِ ڪجهہ آڏيون اُبتيون سٽون لکي، ڪاڏي جي ميز تي رکي ڇڏيم.

”ڊيئر گوپي، مان ڪجهہ عرصي لاءِ ٻاهر وڃي رهيو آهيان. ڪٿي؟ خبر ناهي. توسان فون تي رابطو رکندو ايندس ۽ ڪجهہ ڏينهن پاڻ سان اڪيلو گذاري تو وٽ ئي موٽي ايندس. اهو عرصو تون بہ پاڻ کي مون بنا رهڻ تي هيري ڇڏ. پيار.“

رات جي پوئين پهر جي سانت ۾ چپ چاپ گهر جو در کولي ٻاهر نڪري آيس. پريس اِنڪليو جي سانتيڪي وايو منڊل ۾ ٽيٽڪمرن جي آوازن کان سواءِ چوڌاري چپ هئي. پر منهنجي من ۾ الائي ڪهڙو مانڌاڻ متل هو. ڪٿي مان آتم هتيا لاءِ تہ گهر مان نہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪتو آهيان. من ٿي من ۾ بنا ايذاءَ واري اڻ سواراتتي آپگهات جا طور طريقا سوچيندو رهيس. مان ڪو روسي جناتي راسپوتين ناهيان. جو سائنمنائيڊ جو اڌ پيالو پيئڻ کان پوءِ به مري نه سگهان. وري ويچار آيو ته سڌو ايئرپورٽ وڃي ڪولمبو هليو وڃان. (سري لنڪا جي ويزا اتي ايئر پورٽ تي ئي ملندي آهي.)

جافنا جا ايلم ٽائيگر. پاڻ سان سائنائيڊ جا ڪئپسول رکندا آهن. اتي وڃي ڪو نه ڪو رابطو رکي هوٽل جي ڪمري ۾ سائينائيڊ جو ڪئپسول وٺي سمهي رهندس. تامل ٽائيگر لاش پاڻيهي نڪاٽي لڳائي ڇڏيندا.

به مهينا ڪن اڳ ڏهن ڏينهن لاءِ ڍاڪا (بنگلاديش) ويو هوس. ياءَ هاسي اتي خوب عيش ڪرائي، صحت سڌاري ڇڏي. تندرست ٿي اتان موٽيس. ڍاڪا ئي هليو وڃان، پر اتان لاءِ وري ويزا گهربل هئي.

آپگهات جا ڪي رومانٽڪ طور طريقا به آهن:

فلم جڳت جي مشهور فلمساز ۽ اداڪار گرودت. جنهن اداڪاره وحيده رحمان کي پنهنجين فلمن ۾ هيروئن ڪري آندو. ان جي ئي عشق ۾ ايترو ته اڙجي ويو جو هن جي پتني نامور ڳائڻي گيتا دت کيس ڇڏي هلي وئي. وحيده جي عشق جي انڌ ۾ هن پنهنجو ذهني توازن وڃائي، شراب ۽ ننڊ جي گورين جو سهارو ورتو. هن جي پوئين فلم 'صاحب، بيوي اور غلام' جي شوٽنگ دوران اسٽوڊيو ۾ گرودت ۽ مينا ڪماري نشي ۾ ڌُت رهندا هئا ۽ وحيده بدظن ٿي، پنهنجو رول الڳ ادا ڪري، اسٽوڊيو مان هلي ويندي هئي.

گرودت جي بايوگرافي لکندڙ ابرار علويءَ جي چواڻي: "هڪ شام وحيده جي تمام گهٽي ڦٽڪار پوڻ تي گرودت بيحد مايوس من سان گهر اچي پنهنجي نوڪر کي اُماڻي، گهر جا در دريون بند ڪري، وسڪيءَ جي بوتل ۽ چار گلاس ميز تي رکيا. ننڊ جي گورين جي سڄي شيشي گرائينڊر ۾ وجهي چُورو ڪيو. وسڪيءَ سان چارئي گلاس ڀَتيل پيري، گورين جو چورو چئني گلاسن ۾ وڌو ۽ هڪ هڪ گلاس ڀيت ڪري پيئندو ويو."

(چوٿون گلاس اڌ ڇڏيل هو) صبح جو ڊرائنگ روم جي صوفا تي فلم جڳت جي هن قابل ڪلاڪار فلمساز ۽ هدايتڪار گرودت جو ڪنڌ لڙڪيل هو. هو اٺٽيهن سالن جو صحتمند شخص هو.

وحيده رحمان پنهنجي ويجهڙائيءَ ۾ شايع ٿيل آتم ڪٿا ۾ گرودت سان پنهنجي تعلق واري واردات کي فينستائيءَ سان لنوائي ويئي آهي.

گرودت جي پويان جلد ئي گيتا دت کي پڻ شراب پي ويو. گيتا جي ياءَ مُڪل راءِ سان منهنجي ياءَ هاسي جي سٺي دوستي هئي. هو آمريڪا ۾ يونيورسٽي هاسٽل ۾ ساڳئي ڪمري ۾ رهندا هئا. هاسي جي شاديءَ تي بمبئيءَ ۾ گيتا دت جي سڄي فئملي شريڪ ٿي هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي هيءَ آپگهاتي سوچ عشق ۾ ناڪام ٿيڻ واري ناهي. پر نستي صحت ۽ برداشت کان ٻاهر ساهه جي مونجهه واري آهي. گهر ۽ اسپتال وچ ۾ اچ وڃ ڪري هاڻي مان تمام گهڻو ٿڪجي پيو آهيان. شايد مان پنهنجي مقرر ٿيل وقت کان وڌيڪ جي ۽ پوڳي رهيو آهيان. اڄ هي پنا لکڻ وقت صحت صحيح آهي. سياڻي الائي ڪيئن هوندي؟

منهنجي گهر جي سڌ پنڌ تي هڪ سِک جو ٽئڪسين جو اڏو آهي. اڌي جي ٻهري نما هال ۾ ٻهاري ٽئڪسي ڊرائيور دارون پي قطار ۾ سمهيا پيا هئا. سڀ چاتل سجاتل هئا. هڪ جٽي کي ڏونڏاڙي اٿاريم. اکيون مهٽيندي پڇيائين: ”صاحب، هن مهل ڪيڏانهن هلڻو آهي؟“ چيومانس: ”اٿي منهن ڌوءُ ته ٻڌايانءِ ٿو.“ منهنجي گهر کان ويجهي ۾ ويجهي ريلوي اسٽيشن حضرت نظام الدين آهي. چيومانس: ”نظام الدين هل.“ حضرت نظام الدين اسٽيشن جي ريلوي بڪنگ واري دري بند پيئي هئي. بنا ٽڪيٽ اسٽيشن اندر هليو آيس. چانهه جو اسٽال کليل هو. چانهه جو گلاس جهلي، پليٽفارم جي هڪ لوهي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. اسٽيشن تي مسافرن جي اچ وڃ جاري هئي. ٻه چار ڪولهي پوتڙا وڇائي سمهيا پيا هئا ۽ ڪي مسافر ويٽنگ روم ۾ آرام ڪرسين تي اونگهه پيا هئا. مٿن اڇاتري نظر وجهي، وري اڇي پليٽفارم جي خالي بئنچ تي ويهي، هر اينڊڙ ويندڙ کي ڏسندو رهيس.

ڪيڏانهن وڃان؟ سڄي هندوستان جو نقشو اکين اڳيان ڦري رهيو هو. هن ملڪ ۾ اناويهه صوبا آهن (هاڻي اٺٽيهه). ڪهڙو صوبو پريو پاڳيو آهي؟ ڪهڙي صوبي جو ماحول موافق ۽ ساز گار آهي؟ ڪهڙي شهر ۾ وڌيڪ فراخ دل قوم آهي؟ ۽ ڪهڙي شهر جي تنگدل؟ بُڪ اسٽور ۽ بارس(Bars) ڪهڙي هنڌ کلي عام ملنديون؟ علاج ۽ اسپتال جو ڪٿي بهتر انتظام هوندو؟ سڀ سوال ذهن ۾ ولوڙا وجهي رهيا هئا. مان گهران ڇو نڪتو آهيان؟ ڪيڏانهن نڪتو آهيان؟ ڪنهن آستان جي آشرم ۾ هليو وڃان. پر اهي آشرم ته حرامپاين جا اڏا آهن.

ڏرمي آشرمن جو وڏي ۾ وڏو چار ته هڪ سنڌي سنت جو آهي، جنهن جا سڄي هندوستان ۾ چاليهارو کن آشرم آهن، جن جي ڏهن هزار ڪروڙن کان به وڌيڪ ماليت آهي.

سنڌ جي پيراڻي نالي هڪ ڳوٺ ۾ چاول هڪ رولو همراهه تنبي آدم مان سائين ٿيئون رام جي ڊِب (ٽڪاڻي) تي مفت جي سما۔سڪ کائڻ پيٽڻ لاءِ هڪ ٽهليو ٿي، پاڻيءَ جي پريل مٽڪن مان شرڏالن کي پاڻي پيئاريندو هو ۽ ياترين جون جُتيون سنڀاليندو هو.

سنت جا پروچن ۽ اپديش ٻڌندي، ٻڌندي هو ڇگهه چالاڪ ٿي ويو ۽ حافظي تيز هئڻ ڪري طوطي وانگر سڀ ڪٿائون ۽ ڏرمي قصا ڪهاڻيون رٽي ورتائين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهاڱي کان پوءِ بنا ڪنهن ڏٽي سائينءَ جي هو رلندو پنندو ڪنهن ريت اجمير اچي پهتو جتي ياڙي تي ورتل تانگو هلائڻ لڳو. هن جي ذهن ۾ هميشه اها ئي تانگهه رهي نه هو ڪيئن به وڏو امير ۽ دولتمند ٿئي، خواهه ان لاءِ هن کي ڪهڙا ۽ ڪيترا به ڪُڌا ڪارناما ۾ ڪرم ڪرڻا پون. ان معتبر جي برٿوابيءَ لاءِ هو اجمير ڇڏي احمد آباد آيو جتي اچي هن ڪچي شراب. جنهن کي مڪاني ٻوليءَ ۾ لٺو چوندا آهن. جي تسڪري (Smugling) شروع ڪئي. جهلجي پوڻ تي هن آديپور اچي سچي سنت سوامي ليلا شاهه جي شرڻ ورتي ۽ هن جو شيواڏاري تي، هن جي ئي گديءَ ۾ اک وجهڻ لڳو. سوامي ليلا شاهه کي هن جي نيت جي ڪڙڪ پئجي ويئي. ان کان سواءِ به هن شخص سوامي جن جي آشرم ۾ ڪيترا ڪُڌا ڪم ڪيا ۽ سواميءَ هن کي پنهنجي آشرم مان ڌڪالي ڪڍيو.

هن ڍونگي سنت جي هڪ چيلي جي چوڻ موجب. هن نربدا نديءَ جي ڪناري تي ست سال ويهي ساڌنا ڪئي ۽ اتان سال 1972ع ۾ احمد آباد ۾ پنهنجو آشرم برپا ڪيو جتي پنهنجي چرب زباني، ٽوٽي ڦيٽي ۽ ڪدڙن واري ناچ سان، ابوجهه انسانن، خاص طور عورتن کي پنيلائيندو رهيو. ٽيهن سالن تائين هو هندوستان خواهه ٻاهرين ملڪن جي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهندو رهيو. هو هڪ وڏو پاڻاربدار پاکنڊي هوندي به پنهنجي تيرهن تالئي ڍونگ سان کي وٺواد چوڪريون وس ۾ ڪري، ڪين ڌوتين طور استعمال ڪندي، هڪ وڏي سلطنت قائم ڪندو رهيو جيڪا هن وقت ڏهن هزار ڪروڙن جي ملڪيت تي ٻڌل آهي (هڪ اندازي موجب ڪُل جائداد. چاليهه هزار ڪروڙن جي آهي.)

هن ٻهروپي سنت جي ئي هڪ ڳُرگي (جيڪو هاڻي ساڻس ڦتل آهي) جي بيان موجب، هي سنت هزار کان به وڌيڪ عورتن سان جنسي لاڳاپا رکي چڪو آهي، جن ۾ اڪثريت نابالغ چوڪرين جي آهي. حيرت ته اها آهي جو ان ڪُڪرم ۾ هن جي سنتياڻي زال، ڌيءَ ۽ پٽ پڻ هن جا مددگار پئي رهيا آهن.

بدڪرداريءَ ۾ پٽ پيءُ کان به اڳتي نڪري ويو آهي. پٽ جي ڪارنامن جا تفصيل ايترا گهڻا آهن، جو ان جي تفصيلوار بيان سان سڄو ڪتاب پرجي ويندو. بهرحال، سنڌي جاتيءَ جو نالو بدنام ۽ خوار ڪري، اهڙن ڍونگي سنڌي سنتن ۽ ٻاون ٻانيڻن پنهنجيءَ قوم کي بيحد شرمسار ڪيو آهي، تسڪين اها آهي جو اڄ ٻيراڻيءَ جي هن اپراڌيءَ جو سڄو ڪٽنب قانوني گرفت ۾ آهي.

پيءَ پر واري پليٽفارم تي هڪ ٽرين بيٺي هئي. پُل پار ڪري اتي هليو آيس. ٽرين جي ٻن چئن گاڏن ۾ ليئو پائي ڏٺم. ڪي گاڏا پريل هئا. ڪي اڌ خالي هئا. ڪيترا مسافر سڄي سيٽ والاري سمهيا پيا هئا. ڪي ويٺي ويٺي جهوٽا کائي رهيا هئا. ڪي بيڙيون ڇڪي رهيا هئا. بنا رزرويشن جي عام مسافرن وارا گاڏا هئا. دريءَ وٽ بيٺل مسافر کان پڇيم: "هيءَ گاڏي ڪيڏانهن ٿي وڃي؟" پڇيائين: "تو کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي؟"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون ڪيڏانهن ٿو وڃين.“ هو واٽڙو ٿي مون ڏانهن ڏسڻ لڳو. نرڙ ۾ گهنج وجهي چيائين:”تو کي نيٺ وڃڻو ڪيڏانهن آهي؟“ چيومانس: ”جتي هيءَ گاڏي وڃي ختم ٿيندي“ هو مرڪڻ لڳو.

”ٽڪيٽ ڪٿان جي اٿيئي؟“ چيومانس: ”اڃا ورتي ڪو نه اٿم. بابو ايندو ته چوندومانس. ٽڪيٽ جي ڳڙکي بند هئي. تون ئي ٽڪيٽ ڏي“

ٽرين تمام ڏکهي مسافريءَ واري هئي. آخري اسٽيشن تائين ٽيهن ڪلاڪن کن جو سفر هو. اڌيڙ عمر وارو مسافر مرڪندڙ مهانڊي وارو هو.

چيومانس: ”تنهنجيءَ ۾ واريءَ سيٽ تي اچان؟“

چيائين: ”هليو اچ. گاڏي ڪهڙي منهنجي بابي جي آهي.“

ٽرين سڄي پرڄي، صبح جو ڏهين ڏاري رواني ٿي.

ٽرين ۾ دريءَ کان ٻاهر نهاريندو نظارا ڏسندو مان سوچي رهيو هوس ته ٻاهرئين منظر ۾ ڪيڏي نه تازگي آهي ۽ گاڏيءَ اندر ڪيتري نه گهُٽ آهي.

گاڏي اُڙيا صوبي طرف وڃي رهي هئي. وچ ۾ هن ملڪ جا ڪيئي صوبا اچڻا وڃڻا هئا. ڪنهن ڪنهن اسٽيشن تي ٽرين پٽا بدلائي، ابتي طرف هلڻ ٿي لڳي. خبر نه ٿي پيئي ته مان اوڀر پاسي وڃي رهيو آهيان يا اولهه طرف.

هم سفر چڱو ڳالهيئڙ هو. اُڙيا لهجي واري هنديءَ ۾ دلچسپ داستان ٻڌائي رهيو هو. پر منهنجو ذهن ٽرين سان گڏ تکو ڊوڙي رهيو هو. ڇا، مان هن عمر ۾ گهران ڀڄي نڪتو آهيان؟ ڀڄي نڪتو آهيان ته ڪنهن کان؟ پنهنجي حياتيءَ جي همسفر کان؟ هن ته مون سان ڀال ئي ڀئي ڀلايا آهن. مون کي مانسڪ ۽ روحاني راحت ئي ڀئي ڏني آهي. هر دک سک ۾ مون کي پنهنجو سُرهو ساٿ ۽ سوني سيج ڏني آهي. منهنجي هر گناهه کي بخش ڪيو آهي. مان هي شڪر کي ڪهڙيو لتون هڻي رهيو آهيان؟

پر مان پنهنجي جسماني جزا ۽ سزا کي ڪيئن منهن ڏيان؟ روڳ ۽ روڳي هڪ ٻئي جي ڪڍَ ڇو لڳا پيا آهن؟ ڇا منهنجو مرض اهڙو لاعلاج ٿي چڪو آهي، جو خودڪشي جا خيال مون کي ڇوڏاري وڪوڙي ويا آهن. معائنه ۽ ميڊيڪل رپورٽون ته ڏيکارين ٿيون ته دل به پنهنجي جڳهه تي ڪارگر آهي ۽ دماغ ۽ جيءُ به پنهنجيءَ جاءِ تي آهي ته پوءِ خرابي ڪهڙي آهي؟ ساهه کڻڻ وارن ڦڦڙن جا سڀ سوراخ تماڪ جي دونهين پرجي وجڻ سان بند ٿي ويا آهن. اهي نه هاڻي کلي سگهن ٿا ۽ نه انهن جو ڪو ڦهلاءُ ٿي سگهي ٿو.

پهتل هاجو ناقابل تلافي آهي. دل، جگر ۽ ٻڪين جيان ڦڦڙن جي ڪايا لوٽ نه ٿي ٿي سگهي. هاڻي باقي بچيل عمر سَهڻو ۽ سَهڪڻو آهي. نيبيولائزرن جي مدد سان ساهه کڻڻ ۾ سدائين Inhaler ڪٽي هلڻو آهي.

انهن جسماني عذابن مون ۾ آپگهاتي رخ ۽ رويا پيدا ڪيا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ جي رفتار تيز تر ٿيندي ويئي. ٽرين سان گڏ منهنجو سڄو جسم پڻ ڏُڏي رهيو هو. مان زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو بنا ڪنهن طيءِ ٿيل منزل جي، ڪنهن اڄاتي سفر تي، بنا ٽڪيٽ، بنا ڪنهن اڄهي آسري، بنا ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ، اهڙي طرف وڃي رهيو هوس، جنهن طرف ٽرين مون کي وٺي وڃي رهي هئي. مون پنهنجي اُڙيا همسفر کان اهو به پڇڻ نه ٿي چاهيو ته اوڙيا تائين پهچندي، واٽ تي ڪهڙا ڪهڙا شهر ۽ اسٽيشنون ايندي؟

رات تائين مون ٽڪيٽ چيڪر جو انتظار ڪيو پر ڪو به چڪاسڻ نه آيو. آرڊر ڪيل ڪاڏو ايئن ئي پيو رهيو. سگريٽ جي ڏاڍي ٻاڙ لڳي رهي هئي، پر ڪنهن اسٽيشن تي سگريٽن جو اسٽال نه هو. دير رات جو الائي ڪهڙي وقت جهوٽو اچي ويو. اڌ ننڊ ۾ اڌ جاڳ ۾ اڌ رات جو جنهن وقت اک کلي ته ٽرين ڪنهن اسٽيشن تي بيٺي هئي. لڳو ته ڪا جنڪشن هئي. ڪنهن ميلي تان موٽندڙ ماڻهن جو انبوهه گاڏن ۾ چڙهي آيو. سندن هٿن ۾ ڪرمنڊل، زالن مڙدن جي نرڙن تي ٽيوٽ، ويڙهيل ٽڏا ۽ فراسيون، مڙدن جا مٿا ڪوڙيل ۽ زالن جا ڇَتا چُڙيل. الائي ڪهڙي مخلوق هئي. مون کي لڳو ٻاهر ڪير مون کي سڏ ڪري رهيو آهي (اهو منهنجو وهم هو.)

پنهنجي بريف ڪيس کڻي مان گاڏيءَ مان هيٺ لهي آيس.

پليٽفارم تي سامهون ئي چانهه جو اسٽال هو. چٽني پاسي نهاري، مون اسٽال تي اچي چانهه جو ڪوپ ورتو. ختم ڪري هڪ ٻيو ورتو ۽ جڏهن ٽرين هلڻ لڳي ۽ پليٽفارم جي پيهه جهڪي ٿيڻ لڳي ته مون درويش صفت لڳندڙ مينديءَ رتل ڏاڙهيءَ واري بزرگ اسٽال واري کان پڇيو: ”هن شهر جو نالو ڇا آهي؟“ هو حيرانيءَ وچان مون ڏانهن ڏسڻ لڳو. پڇيائين: ”صاحب، ڪٿان آيا آهيو؟“ چيومانس: ”دهلي کان.“

”هتي ڪهڙي ڪم سان آيا آهيو؟“

”ڪنهن به ڪم سان نه.“

”ته هتي ڪيئن لٿا آهيو؟“

”توهان کي ڏسي لهي پيس.“

هو وڏيڪ واٽڙو ٿي ويو. ڪجهه دير نهارڻ کان پوءِ هڪ ٻي چانهه ٺاهي ڏنائين ۽ شهر جو نالو ٻڌايائين. مون هن کان شهر بابت وڌيڪ تفصيل ورتا.

ٻڌايائين: ”شهر جي آبادي ستر هزار کن آهي. هزار کن گهر برهمڻن جا آهن. لڳ ڀڳ اڍائي هزار مسلمانن جا گهر آهن، جيڪي آڏاڻن تي ٽَسر جو ڪپڙو اُڻڻ وارا ڪوري آهن. سندن ڪيترو اُچو مال ٻاهرين ملڪن ۾ ويندو آهي. ۽ باقي آبادي ڪائسٿن، جينين (Jains) ۽ بنين (واڻين) جي آهي. جين ۽ بنيا ڏنڌي ۾ آهن ۽ ڪائسٿ ننڍين وڏين نوڪرين ۾.“

”شهر ۾ ڪي سنڌين جا گهر آهن؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ٻہ ٽي سئو ڪٽنب آهن. ڪپڙي جي ڪاروبار ۾ آهن. ڪورين جو سڄو مال سنڌي واپاري ئي ٻڌي اگهہ تي وٺي ٻاهر موڪليندا آهن. ڪين ائڊوانس ۾ بہ چڱي رقم ڏيندا آهن. ڪجهہ مُک بازار ۾ دڪاندار بہ آهن. ٻہ ٽي اتي جي چڪين جا مالڪ آهن. پر صاحب، توهان ڪي ڪنهن ۾ ڪم آهي؟"

"ڪم نڪري پوندو. هتي ڪا هوٽل، ڌرمشالا يا ڪو مسافر خانو آهي؟"

"هوٽل تہ آهي، پر ان کان بهتر جينين جي ڌرمشالا آهي، بيحد صاف سٿري آهي، ڪمرا بہ ڪشادا آهن. پر اتي پابنديءَ سان رهڻو پوندو. ماس مڇي ۽ ٻي ڪنهن نشيدار شيءِ کان سخت پرهيز ڪرڻي پوندي آهي."

هو سڀ ٻڌائي رهيو هو ۽ حيرت وچان مون ڏانهن ڏسي بہ رهيو هو. ڪٿي ڪٿي هن جون نگاهون مشڪوڪ پڻ لڳي رهيون هيون. پڇيومانس:"هتي سواري کهڙي ملندي، جيڪا هوٽل يا ڌرمشالا تائين وٺي هلي؟"

"هن وقت اڌ رات جو تہ ڪجهہ بہ نہ ملندو. صبح جو رڪشا ملندو."

"صبح تائين هتي تنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو رهان؟"

"نہ صاحب، بابوءَ کي چئي ويٽنگ روم کولائي ٿو ڏيانوَ." ائين چئي اٿي ويو ۽ هڪ پوڙهي کي ننڊ مان اٿاري ويٽنگ روم کولائي ڏنائين.

هڪ اجنبي شهر جي اجنبي اسٽيشن جي ويٽنگ روم ۾، اجنبي ماحول ۾ اڌ رات جو اچي آرام سان ڪرسيءَ تي آهلي پيس.

جاڳ ٿي تہ صبح جا نوَ ٿي چڪا هئا. اسٽال تان چانهہ پي مالڪ کي خدا حافظ چئي، اسٽيشن کان ٻاهر اچي، چوطرف نظر ڦيرايم. ٻاهر ست اٺ سائيڪل رڪشا ۽ هڪ ٻہ مريل گهوڙي وارو ٽانگو بيٺو هو. هڪ رڪشا واري کي سڏ ڪري جين ڌرمشالا هلڻ لاءِ چيم.

ڌرمشالا صاف سٿري هئي. مئنيجر تلڪ ڌاري مهراج هو. پڙهيل ڳڙهيل ٿي لڳو. ڪيس پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ بہ ڏنم. ڏسي چيائين: "هتي ڪا اهڙي واردات تہ نہ ٿي آهي تہ پوءِ هن ننڍي شهر ۾ کهڙي سلسلي ۾ آيو آهين."

چيومانس: "وڏي شهر مها نگر جي گوڙ شور کان پڇي هتي ڪجهہ ڏينهن لاءِ آرام ڪرڻ آيو آهيان." حيرانيءَ مان ڏسندي چيائين: "ڀلي آرام سان رهو پر هفتي کان وڌيڪ رهائڻ جي اجازت ناهي." چونڊي ڪنجين جو ڇڳو ڪڍي مون کي ٻاهر وٺي آيو. ٻهرئين ماڙي تي نوبڪلو ڪمرو کولي ڏنائين. صاف سٿرو پلنگ، ٻہ ڪرسيون، ميز ڪبٽ. ضرورت جو سڄو سامان هو پر غسلخانن جي ٻاهر پوئين پاسي قطار هئي. ٿوري دير ۾ مئنيجر هڪ چوڏهن پندرهن سالن جو اُڙيا ڇوڪرو ڪم ڪار لاءِ موڪلي ڏنو.

اوڙيا جو سنهڙو سيپڪڙو غريب ڇوڪرو ڏاڍو معصوم هو. هن کي سوراخن واري ڦاٽل گنجي ۽ پنهنجي جسم کان ويڪري نِڪر پاتل هئي. مون هن کي پنجاهہ جو نوٽ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندي. چانهہ بسڪوت ۽ بريڊ آڻڻ لاءِ چيو (بيدا آڻڻ جي منع هئي) وڏيڪ پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ ڌرمشالا سامهون ئي مارواڙيءَ جي مانيءَ جي هوٽل آهي. جتي سچي گيهہ جو سوادي ڪاڌو ملندو آهي. اڌ ڪلاڪ ۾ چوڪري سڀ آڻي ڏنو. مون هن کي بسڪوٽ ڏيندي ويهڻ لاءِ چيو. پر هن نہ بسڪوٽ ورتو. نہ ئي ڪرسيءَ تي ويٺو. ڪنڌ هيٺ ڪري چپ بيٺو رهيو. مون کي هن تي ترس اچي رهيو هو. پڇيومانس: "تو وٽ قميص ڪانهي؟" هٻڪندي چيائين: "مون اڄ تائين ڪڏهن قميص نہ پاتي آهي." پڇيومانس: "سياري ۾؟" چيائين: "سيءَ ۾ سِٽيءَ جو ڪٿو بدن کي ويڙهي ڇڏيندا آهيون." منهنجي هنيانءَ مان هلڪو سيسرات نڪري ويو. مون ڪيس پنهنجي هڪ ٽي شرٽ ڪڍي ڏني. جيڪا هو وٺڻ کان ڪيٻائيندو رهيو. پر منهنجي اصرار تي وٺي تڪڙو تڪڙو پچي ويو.

مارواڙيءَ جي هوٽل تان شُڌ ويشنو ماني کائي. ڪمري ۾ اچي دير تائين آر-راج راءِ جي لکيل نسيم ايزيڪل (Nissim Ezekiel) جي با اختيار بايوگرافي پڙهندو رهيس.

بمبئيءَ جي يهودي ڪٽنب ۾ جنم وٺندڙ نسيم ايزيڪل پنهنجي جديد شاعراڻي تخليق سان. انگريزي شاعريءَ جو هڪ اهڙو مڪتب فڪر وجود ۾ آندو. جيڪو اڳتي هلي 'بمبئي اسڪول آف پوئٽري' جي سِري سان سڃاتو ويو. هن کي هندوستاني انگريزي شاعريءَ جو ابو ڪري مڃيو ويو آهي. جنهن اڳتي هلي نئين پيڙهيءَ جي جديد شاعرن جو هڪ سلسلو جوڙي ڇڏيو. هو گذريل صديءَ جي سٺن ڏهاڪن تائين جديد شاعريءَ جو اهو شهسوار هو. جيڪو موجوده دور تائين انگريزي شاعريءَ جي رنگ منچ تي شاعريءَ جا نوان نوان روپ اجاگر ڪندو رهيو آهي.

شعر و ادب جي دنيا ۾ نسيم پنهنجي شروعاتي دور ۾. پنهنجي مرشد ايم اين راءِ جي فيلسوفي Redical Humains (نوَ گراهہ واري بشريت/ انسانيت) کان متاثر ٿيندو رهيو.

نسيم جي ٻهڳڻي شخصيت جا اڪيچار اشفي ۽ نفي پهلو پئي رهيا آهن. هڪ رومانوي انقلابي. جنهن پنهنجن ناڪام معاشقن جي رد عمل طور منشيات ۽ سيڪس ۾ پناهہ ورتي. پٽڪيل ۽ بي آرام روح واري هن عظيم شاعر مسافت. ڪلا. ساهتيہ. رنگ منچ ۽ صحافت جهڙن شعبن ۾ ڪو قرار حاصل نہ ڪري. هڪ تعليمدان طور پاڻ کي ٿانئيڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

زندگيءَ جي پوين پهرن ۾ گهاريل اڪيلائين هن کي ذهني مريض بڻائي ڇڏيو. Alezhimer's (ويسر) جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي هو پنهنجن ويجهن عزيز دوستن ۽ مٽن مائٽن کي بہ سڃاڻي نہ پئي سگهيو.

تضادن سان پُر زندگيءَ وارو هي شاعر جُون 1999ع ۾ شاعريءَ کي الوداع چئي. هن Planet تان هليو ويو ۽ پويان هڪ وڏو خال ڇڏي ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسيم جي واد ووادي زندگيءَ بابت پڙهندي، مان سوچي رهيو هوس: هن مختصر حياتيءَ جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل حصن ۾ اسين ايتري پنڌ ڪري ڪري ڪٿي ۽ هڻ پٽ ڇا لاءِ ڪري رهيا آهيون. مان هن اجنبي شهر جي اجا به وڌيڪ اجنبي ۽ اوپري ماحول ۾ ڇا حاصل ڪرڻ آيو آهيان؟ پنهنجي تخيل ۽ تصور جي زور تي نسيم ايزيڪل جهڙو تخليقڪار پنهنجي گهر جي سمنڊ ڏانهن ڪلنڌڙ دريءَ مان ايترو ڪجهه ڏسي سگهيو جيڪو مان اڌ ڪان وڌيڪ دنيا گهمڻ ۽ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ به ڏسي نه سگهيو آهيان.

خبر ناهي ڪهڙيءَ مهل اک لڳي ويئي. چانهه آٽينڊڙ ڇوڪرو ننڊ ۾ ڏسي به پيرا موٽي ويو. صبح جا نوَ لڳي ويا. صفائيءَ واري جوان ۽ تندرست ڇوڪريءَ در تي لڳاتار ٺڪ ٺڪ ڪئي. در کوليم ۽ دلڪش صورت ڏسي چيم، ”اول خيرا!“ اڄ جو ڏينهن خوشگوار گذرندو. ڇيومانس: ”پهرين ٻبلوءَ کي سڏي به چانهه جا گلاس گهراءِ.“ چانهه اچڻ تي مون مائيءَ (ڇوڪري) کي چانهه جو هڪ گلاس ڏيندي، سامهون ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيو. هوءَ پهرين ڪجهه هٻڪي، پر پوءِ بي حجاب ويهي رهي.

مون هن کان شهر جي پاڙن، بازارين ۽ هوٽلن ۽ گُتن بابت ڄاڻ ورتي. سندس ذاتي زندگيءَ جي باري ۾ مختصر احوال ورتو. هن جو گهر وارو روزگار سانگي ڪٿي ٻاهر ويل هو. هن جي شاديءَ کي پنج سال ٿيا هئا.

پڇيومانس:”پنجن سالن ۾ ٻار ٻچو ٿيو اٿيئي؟“ جواب ۾ هوءَ مون ڏانهن گهوريندي رهي ۽ پوءِ اوچتو ساڙهيءَ جي پلوَ سان اکيون اگهندي چيائين: ”صاحب، نامرد ڪهڙا ٻار ڏيندا؟“

مان ڇرڪ ڀري پلنگ تان اٿي بيٺس. هڪ اهڙي تندرست عورت، جواني جنهن جي چوليءَ مان ڦاٽي رهي هئي، ماءُ ٿيڻ جو سک نه ملڻ تي ڪيتري پيڙا ڀوڳيندي هوندي!

”صاحب، هاڻي مان وڃان؟“

”ڀلي وڃ، پر منهنجي ٻاهر وڃڻ کان پوءِ ڪمري جي صفائي ڪري ڇڏجانءِ.“

هن ڌرتيءَ تي ڪروڙين انسان جي رهيا آهن. اربين انسان پنهنجيون پنهنجيون زندگيون گذاري وڃي چڪا آهن ۽ هر انسان سان اڪيچار ڪهاڻيون جڙيل رهيون آهن. جيڪي اڻ لکيون، اڻ ڇپيون، هن ڌرتيءَ تي صدين کان ڦهليل آهن. ۽ اهي ڪهاڻيون، جن جو نه ڪو آغاز آهي نه انجام!

زندگيءَ جي بنيادي نعمتن کان وانجهيل هن عورت کي ماءُ بڻجڻ جو پورو اڌڪار آهي. اها نعمت هن کي ڀلي ڪنهن وٽان به ملي، اهو ٻار ناجائز نه هوندو. ناجائز اهو نامرد هوندو، جيڪو هڪ معصوم عورت کي زندگيءَ جي اهڙيءَ مسرت کان محروم رکندو ٿو اچي.

جهڙالو ڏينهن هو. مان تيار ٿي مارواڙيءَ جي هوٽل تان سچي گيهه ۾ ٺڏنڊڙ پورين ۽ سيري جي ڏوَ تي نيرن ڪري، شهر ۾ نڪري پيس. شهر جا رستا، پاڙا ۽ گهٽيون گهمندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيس. گهرن جي اڏاوت نرالي هئي. رستي تي لنگهندڙ ماڻهن جا مٿا ننڍا ۽ جسم جاڻا هئا. نئين قائم ڪيل صوبي جو گول گول گهمائيندڙ قصبو هو. مان رستن تان رلندو گهٽين ۾ گهڙي پيس. گهٽيءَ اندر گهٽي، گول اندر گول، گند جا ڍير، ڪليل ناليون، مکين جا مانارا. حلواين جي مٺائيءَ جي ٿالهن مٿان مکين جا غلاف ڦهليل هئا. هڪ گهٽيءَ ۾ گهڙندي ئي مان اوچتو هلڪي رڙ ڪري بيهي رهيس.

گهٽيءَ جي موڙ تي ٿن ڏينهن کان هڪ لاوارث لاش پيو هو. شهر جي ميونسپالٽيءَ جا ڪارندا لاش کي ڏسندا، نڪ تي رومال رکي موٽي ٿي ويا. صفائي ڪرمچاري اهڙي ڪاڇي ويل پيانڪ لاش کي ڍوئڻ کان انڪار ڪري رهيا هئا. چمار، پيل، ڀنگي ۽ سماج شيوَڪ ٽولين ۾ اچي لاش ڏسي کسڪي ٿي ويا. لاش تي چاقن جا ڪجهه گهاوَ هئا. وات وٽ رت ڄميل هو. چهرو پوائتو هو. ٽنگن جو ماس ڪتا ۽ سرڻيون هڏن تائين کائي ويا هئا.

ميونسپل ڪائونسل ۽ ڪاردار پريان بيهي، پنهنجيون اختياريون هلائي، چئن ڇهن کان جيئن تيئن لاش گڏهه گاڏيءَ ۾ کڻايو. هو پاڻ ۾ فيصلو نه ٿي ڪري سگهيا ته لاش کي ساڙيو وڃي يا دفنايو وڃي؟

اها سڄي رات مون خوف جي پاڇي ۾ پلنگ تي پاسا ورائيندي گذاري. صبح ٿيندي ئي پنهنجو بريف ڪيس ۽ ٿيلهو کڻي، سڌو اسٽيشن تي هليو آيس ۽ باقي وقت ويٽنگ روم ۾ ان لاوارث لاش جي باري ۾ سوچيندو رهيس. فوتي ڪير هوندو؟ ڪٿان آيو هوندو ۽ ڪير هن جو قاتل هوندو ۽ ڪيس ڇو قتل ڪيو هوندو؟

دهليءَ جي ٽرين سانجهن ڏاري هئي. اسٽيشن ماسٽر مون کي V.I.P ڪوٽا ۾ رزرويشن وٺي ڏني. ٻئي ڏينهن مان جتان جو ۽ جنهن جو هوس، ان وٽ پهچي ويس. گوپيءَ ڪو به سوال جواب نه ڪيو. هن جي چهري تي اونَ، انديشي ۽ انتظار جا آثار هئا. هوءَ سانتيڪي سياوَ واري بردبار عورت آهي. ڪا ننڍي وڏي واردات يا گهٽنا هن کي اجايو پريشان نه ڪندي آهي. چيائين: "وهنجي سهنجي ماني کائي، وڃي ڪجهه آرام ڪر. ڏوائون وقت سر ورتيون هُيئہ؟"

"ها." اهو سڄو ڏينهن مون گهري ننڊ ڪئي.

ايترو ڪجهه لکي رکيو هئم جو ان رات اوچتو استما جو ساهه گهُٽيندڙ حملو اچي ٿيو. بيماريءَ جو حملو اڳواٽ اطلاع ڏيئي نٿو اچي، ورنه ان سان ٽپجي کائجي. گوپيءَ فون ڪري ٽئڪسي گهرائي ۽ ٻه واري Max Hospital ۾ ايمرجنسيءَ ۾ اچي ڀرتي ڪرايائين. مان شايد اڳ ۾ به لکي آيو آهيان ته Max اسپتال ۽ منهنجي گهر جي ڪامپليڪس وچ ۾ رڳو قديم قبرستان آهي.

انهيءَ ئي اسپتال ۾ ڪجهه سال اڳ منهنجو پريتوان ولي رام ولڀ پنهنجي ڪٽنب سميت ۽ قمر شهباز مون سان ملڻ آيا هئا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايمرجنسي وارڊ ۾ ڊاڪٽر، نرسيون ۽ وارڊ بواءِ وغيره مون جهڙي پراڻي مريض کي ڏسي چوڏاري بيهي ويا. آڪسيجن جو ماسڪ، ڦڦڙن جي صفائي لاءِ نيبيولائيزر سان گڏوگڏ نرسيون انجيڪشنون هڻڻ لاءِ منهنجن ٻنهي پاسن جون رڳون ڳولڻ لڳيون. منهنجين ٻانهن جون رڳون ايتريون ته سنهيون ۽ لڪل آهن جو ڊاڪٽر ۽ نرسيون ڳولهي ٿي نه سگهندا آهن. خبر ناهي ڪهڙيءَ مهل سهڪو بند ٿي ساهه موٽي آيو ۽ مون کي ننڊ ڪجهي ويئي. گوپي سڄي رات بيڊ وٽ ڪرسيءَ تي ويٺي جاڳندي رهي. ٻارنهن ڏينهن پهرين .... ۽ پوءِ ڪمري ۾ رهي. نو ٻنو ٿي گهر موٽيس. ايم ڪمل تي مونوگراف (انگريزي) اتي رهي مڪمل ڪيم.

اڃا هفتو ئي مس گذريو ته وري اها ئي ساهه ۽ سهڪي جي تڪليف شروع ٿي ويئي. ۽ وري اها ئي اسپتال. وري اها ئي ايمرجنسي، وري اهو ئي ICU ۽ وري اهو نويڪلو ڪمرو جتان هي سٽون لکي رهيو آهيان.

30 آڪٽوبر 2013 تي اسان جي شاديءَ جي گولڊن جوبلي (پنجاهه سال) هئي ۽ مان اسپتال جي ڪمري ۾ ليٽئي ليٽئي پنجاهه سال اڳ 30 آڪٽوبر 1963ع واري سهاڳ رات وارو سمو ياد ڪري رهيو هوس. اڌ صدي گذري ويئي. ٻار ۽ ٻارن جا ٻار ٿي ويا. هڪ صدي بدلجي ويئي. عمر جا اٺهتر سال گذري ويا. منهنجا گهڻا ئي هم سفر، هم عمر ۽ همعصر هڪ هڪ ٿي هليا ويا ۽ مان اڃا جيئرو چو آهيان! اڃا تائين دل ۽ دماغ بدستور ڪم ڪري رهيا آهن. پر پوءِ به ڪا خرابي آهي، جو صافي طور مهيني جو هڪ هفتو اسپتالن ۽ نرسنگ هومس (Nursing Homes) ۾ گذارڻو ٿو پوي.

داغ دهليءَ جو هڪ شعر آهي:

زِيست سي تنگ هو اگر داغ، تو جيتي ڪيون هو؟
جان پياري ڀي هئه اور جان سي جاتي ڀي نهين.

استاد داغ جو هي شعر منهنجيءَ هاڻوڪيءَ حالت سان هوبهو ٺهڪي ٿو اچي. جنهن عمارت ۾ اڄ دهليءَ جي سنڌي اڪادميءَ جي آفيس آهي، انهيءَ ئي عمارت ۾ ان انگريزن داغ جي والد کي ڦاسي ڏني هئي، حالانڪ هن تي ڪو ڏوهه ثابت نه ٿيو هو. مان جڏهن به اڪادميءَ جي ميٽنگ ۾ اتي ويندو آهيان ته ڇت ڏانهن نهاري، تصور ۾ هڪ بي ڏوهيءَ کي ڦاسيءَ تي لٽڪندو ڏسندو آهيان.

ان ئي سانجهيءَ جو (30 آڪٽوبر) گوپي اسان جي شاديءَ جي گولڊن جوبلي جو هڪ وڏو ڪيڪ تيار ڪرائي، ملازم سُمن سان گڏ هاسپيٽل کڻي آئي. اسان ٻنهي گڏجي ڪيڪ ڪٽي هڪ ٻئي کي کارايو. منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون. هن آبرودار عظيم عورت مون جهڙي بي ضابطه، بي ترتيب ۽ ڊانوان ڊول ٿيل شخص سان پنجاهه سال ڪيئن صبر شڪر ۽ زيبائتي نموني گذاريا آهي. هوءَ منهنجن تن خوبصورت ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورت ٻارن جي ماءُ آهي. پر گڏوگڏ مون مٿان پڻ پنهنجيءَ مادرانہ شفقت جو هٿ رکندي رهي آهي.

پنهنجي مدبريءَ سان هن منهنجي هٿن مان ڇڏايل لغام کي ڇڪي رکيو آهي.

پنجاهہ سال اڳ اسين هني- مون لاءِ ڪاجوراهو ويا هئاسين. ڪاجوراهو جي تيرهين صديءَ جي تيرهن مندرن ۾، ڪوڪ شاستر ۾ بيان ڪيل جماع جي چوراسي آسڻن کي پٿرن جي عورتين ذريعي اجاگر ڪيو ويو آهي. مندرن جي ٽلهن ٿنڀن تي ان دور جي سنگتراشن جي فن جو ڪمال ڏسي، اچرج وچان اکيون پٿر تي ٽيون وڃن.

اسين هڪ مندر ۾ مرد عورت جي مباشرت جو رنگ رس وارو نفسياتي منظر ڏسي رهيا هئاسين جو هڪ ڏهن ٻارهن سالن جي مڪاني نينگري ڪڇ ۾ ننڍو ٻار جهلي، اسان جي پير ۾ اچي بيٺي ۽ بيحد معصوميت سان اسان کي چوڻ لڳي: "يي پُرش اور استري آپس ۾ پيينٽ ڪر رهي هين. ان ڪي اس طرح سي پيينٽ ڪرني سي بچي ڪا جنم هوتا هئہ."

ايترو چئي هوءَ بي پرواهيءَ سان اڳيان وڌي ويئي. اسين ٻئي حيرت مان ڏانهنس ڏسندا رهياسين.

هن وقت ڪاجوراهو سڄيءَ دنيا جو 'ٽوئرسٽ اسپاٽ' بڻجي چڪو آهي. اتي فائيو اسٽار هوٽلون بہ ٺهي ويون آهن. پري پري کان ماڻهو حيرانيءَ سان تيرهين صديءَ جي مندرن جي اهڙي فنڪارانہ شاهڪار کي ڏسندا آهن ۽ انهن نقشن جا عملي نقشا ٺاهيندا رهندا آهن.

مشهور آمريڪي ڳائڻو ايڊي فشر (Eddie Fisher) پنهنجي آٽوبايوگرافي جي Prologue (مُهڙ) ۾ لکي ٿو:

"ان رات منهنجي زال نيٽ صبوح جو پنجين بجي گهر آئي. هن اها رات ٻاهر هڪ ٻئي مرد جي صحبت ۾ گذاري ۽ مان سڄي رات اوجاڳي ۾ هن جو انتظار ڪندو رهيس. جيتوڻڪ هن ٻهريون پيرو ائين ڪيو هو پر مون ڄاتو ٿي تہ اهو ٻهريون پيرو ناهي."

"جڏهن هوءَ اسان جي بيڊ روم ۾ گهڙي تہ مون ڪيس چيو: "مان وڃي رهيو آهيان." اسان جي شادي تبلهيءَ جي موڙ تي اچي پهتي هئي ۽ مان اها بچائڻ جي هر ڪوشش ۾ ناڪام ٿي چڪو هوس."

ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ مان نشي ۾ ايترو تہ ڌُت هوس جو منهنجن ڪن دوستن مون کي پنهنجي ياڪر ۾ پري، مون کي روم کان نيويارڪ ويندڙ جهاز ۾ اچي چاڙهيو. انهن مان هڪ مون کي ڪجهہ ڏينهن اڳ تمنچو ڏيندي چيو: "ايڊي، تون ان ڪميٽي کي قتل ڇو نہ ٿو ڪرين؟"

(اٽليءَ ۾ غيرت جو قتل جائز سمجهيو ويندو آهي.)

"مون تمنچو پنهنجيءَ ڪار جي ڊڪيءَ ۾ رکي ڇڏيو پر ڪڏهن بہ ان کي استعمال ڪرڻ جو نہ سوچيم."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ايڊي فشر جي اها زال ڪا ٻي نہ پر هاليووڊ جي جڳ پرسڌ اداڪاره ايلزبيٿ ٽيلر هئي، جنهن جو ايڊي فشر ٽيون مڙس هو.

ايڊي فشر پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ ڪيترا ئي ڀيانڪ انڪشاف ڪيا آهن، جن کي پڙهندي حيرت بہ ٿئي ٿي ۽ هن جي سپتيائي ۽ بيباڪيءَ تي رشڪ پڻ ٿئي ٿو. هن ڪٿي بہ پاڻ کي ڪير ۾ ڌوتل اڇو اجرو ڪري پيش نہ ڪيو آهي. اسٽيج تي پرفارم ڪرڻ کان اڳ هو ڪنهن دهشت گرد قسم جي مردم ڪُش ڊاڪٽر کان زهريليون انجيڪشنون لڳارائيندو هو.

مون سال 1979ع جي جولاءِ مهيني ۾ هاليووڊ جي M.G.G اسٽوڊيو ۾ هن کي ڳُٽ ٽيل حالت ۾ ڳائيندي ڏٺو هو. اسٽيج تان هيٺ لهي هن ناظرين سان هٿ ملايو. هن جي سڄي سرير مان عجيب قسم جي بوءِ اچي رهي هئي، جيڪا نہ خوشبوءِ هئي، نہ بدبوءَ هئي.

هاليووڊ جي ان اسٽوڊيو ۾ ان وقت Airport_79 فلم جي شوٽنگ هلي رهي هئي، جنهن ۾ جئڪ ليمن(Jack Lemmon) هوائي جهاز جي پائلٽ جو رول ڪري رهيو هو.

مان ۽ منهنجو ياءُ هاسو جئڪ ليمن جي جهاز جي حادثي واري اداڪاري ڏسي رهيا هئاسين. اوچتو فلم جي ڊئريڪٽر هٿ جي اشاري سان مون کي سڏ ڪيو. هن کي هڪ اهڙو منظر فلمائڻو هو، جنهن ۾ جهاز ۾ هر ملڪ جا مسافر سوار هئا ۽ هوائي حادثي ۾ سيني کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مان حيرانيءَ کي لڪائي ڊئريڪٽر وٽ مٿي ويس. فلم ڊئريڪٽر مون کي انگريزيءَ ۾ چيو: ”مسافرن ۾ هڪ انڊين مسافر جو ٻن منٽن جو رول تو کي ڪرڻو آهي، ۽ تو کي رڳو هڪ ئي ڊائلاگ چوڻو آهي. “They Are Coming” (اڙي هو اچي رهيا آهن) ۽ ڊائلاگ چوندي ٻين هراسيل مسافرن (مرد ۽ عورتون) سان ڇهتجي، هيٺ سمنڊ ۾ ٽپو ڏيڻو آهي. بہ چار ڀيرا ريهرسل تي ۽ مان ورائي ورائي ياڪرن جو مزو ماڻي رهيو هوس.

مون کي اداڪارن جي گروهہ ۾ گهيريل ڏسي، هاسو بہ مٿي هليو آيو ۽ ڊئريڪٽر کي چيائين: ”مان بہ هن گروپ ۾ شامل ٿيڻ چاهيان ٿو.“

ڊئريڪٽر کلي چيس: ”This is Show Business, sir“ (هي تماشبينيءَ وارو ڪاروبار آهي، جناب) هاسو شرمائجي هيٺ لهي آيو. مون جڏهن ٻين ملڪن جي مسافرن سان گڏ مٿان ٽپو ڏنو تہ چار پنج فوٽ هيٺ ڪپهہ جو فرش وڇايل هو. ۽ شوٽنگ کان پوءِ جڏهن وڏي پردي تي اهو منظر ڏيکاريو ويو تہ لڳي رهيو هو مون سچ پچ هوائي جهاز مان هيٺ سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو آهي. موڪلائڻ مهل جئڪ ليمن هٿ ملايو ۽ هاليووڊ جي ملازمہ سوَ ڊالرن جو لفافو هٿ ۾ ڏنو.

مون کي خوشي آهي تہ مون هاليووڊ جي مشهور فلم ”Airport_79“ ۾ جئڪ ليمن جهڙي اداڪار سان گڏ (ٻن منٽن لاءِ ئي سهي) اداڪاري ڪئي آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمريڪا جو گرين ڪارڊ (Renew) بحال ڪرائڻ لاءِ مون کي لاڳيتو پارنهن سالن تائين هر سال آمريڪا وڃڻو پوندو هو. اڄ منهنجا ٽيئي ٻار رجني، سنڌو ۽ لالي منهنجي گرين ڪارڊ ڪارڻ ئي آمريڪا جي شهريت حاصل ڪري، اتي ٿانئيڪا ٿيل آهن. مون ان ملڪ ۾ ان ڪري رهائش نه ورتي جو مون ٻيهر جلاوطنيءَ جو عذاب سهڻ نه پئي چاهيو ۽ ٻيو ته مشرقي انساني ۽ ثقافتي قدرن جي پيٽ ۾ مغربي قدر مون کي ڪڏهن به نه آئڙيا آهن. مون کي اتان جي مادي ۽ جڙتو مڪريلا ۽ رياڪاري رخ ۽ رويا ڪڏهن به پانءِ نه پيا آهن.

آمريڪا جهڙي جڙوادي خطي ۾، جڏهن مون جهڙو ڪو ڪچهرين جو ڪوڏيو پنهنجي ڪنهن آمريڪي واقفڪار کي چئي:"اڄ مان بنهه اڪيلو ۽ اداس آهيان. تون مون کي ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ڪنهن ڪافي هائوس ۾ ڪمپني ڏي، جيئن منهنجي ملولائي ۽ من جي مونجهه ڪجهه گهٽ ٿئي" ته هو مون کان پهرين پڇندو: "ڪلاڪ جا ڪيترا ڊالر ڏيندين؟" ۽ موڪلائڻ مهل وقت جو خساب لڳائي، حساب لڳايل ڊالر ڳڻي وٺندو. (حالانڪ هڪ مرد جي پيٽ ۾ ڪنهن حسين عورت جي ڪمپني (Date) جو اگهه گهڻو گهٽ آهي. ڇوڪريون رڳو هڪ لنچ ۽ ٻن ڊرنڪس تي به ڪجهه ڪلاڪ ڪمپني ڏيئي سگهنديون آهن.)

هاليووڊ جي ڪاميڊي شو ۾ مزاحيه اداڪار (جاني ڪارٽسن) Jhonny Cartson ناظرين کي بيحد وندرائي رهيو هو. هڪ پُر لطف واقعو بيان ڪندي چوڻ لڳو: "هڪ ڏينهن مان ڏاڍو گهوماتيل هوس. اداسي گهٽائڻ لاءِ آفيس مان اڌ ڏينهن موڪل وٺي، ٻاهر اچي هڪ ٽئڪسيءَ واري کي چيم: مون کي لطف وٺائڻ واري ڪنهن رنگيلي جڳهه تي وٺي هل. ۽ هو حرامي مون کي منهنجي ئي گهر وٺي آيو."

ان لطيفي پوياڻ اتان جي سماجي ڇڙواڳي ۽ اخلاقي پستيءَ واري ماحول تي طنز به آهي، مزاح به آهي، ته چوٽ به آهي.

مان هتي ڪو فڪشن يا افسانو نه لکي رهيو آهيان. پر پنهنجي تجربيڪاريءَ جي ڪن وارداتن جو وچور لکي رهيو آهيان. ڪيئي وارداتون تفصيلن جون تقاضائون ڪن ٿيون، پر مون وٽ اهي سڀ تحرير ڪرڻ لاءِ وقت نه بچيو آهي.

مان پنهنجيءَ آتم ڪٿا جو هي پويون جلد هي جڳ جهان ڇڏڻ کان اڳ مڪمل ڪرڻ چاهيان ٿو. خواهه اهو منهنجي وڃڻ کان پوءِ ئي شايع ٿئي.

منهنجو ننڍو ڀاءُ هاسو ان وقت مشيگن اسٽيٽ جو ايگزيڪيوٽو ڊئريڪٽر هو جيڪو ڪنهن هندوستانيءَ لاءِ ان رياست جو وڏي ۾ وڏو عهدو هو. هاسي اتان جي مشيگن اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان Pure Mathematics ۾ PHD ڪئي هئي. هن جا هم پيشيور مون کي چوندا هئا ته تنهنجو ڀاءُ مٿي کان پيرن جي کُڙين تائين رڳو دماغ ئي دماغ آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(رٽائر ڪرڻ کان پوءِ هو ڪيترن ئي ملڪن ۾ Power Projects جون پروجيڪٽ رپورٽون تيار ڪرڻ ويندو رهندو آهي. هي لکڻ وقت هاسو Fiji Islands ۾ ٻن سالن جي ڪانٽريڪٽ تي رهيل آهي. مان ٻه اڪثر ڪجهه ڏينهن لاءِ وٽس ويندو رهندو آهيان. گذريل سال ڍاڪا (بنگلاديش) ۾ هن سان گهاريل ٻه هفتا بيحد لطف ۾ گذريا.)

پاڪستان سرڪار پڻ هاسي کي سرحد صوبي ۾ پاور پروجيڪٽ لڳائڻ لاءِ ورلڊ بئنڪ معرفت اچڻ جي آڇ موڪلي هئي، پر ان وقت جي واپڊا جي سيڪريٽريءَ کنهن هندوستانيءَ کي اهڙيءَ باريڪ بين (Sensitive) جڳهه تي اچڻ جي اجازت نه ڏني. (ڪجهه عرصي بعد ان سيڪريٽريءَ کي احتساب وارن سوڙهو گهتيو ته هو نيپال ڀڄي ويو ۽ جڏهن هاسو ڪجهه مهينن لاءِ نيپال ۾ هو ته اتي ٻيئي هڪ ٻئي جا گهرا دوست بڻجي ويا ۽ هو پنهنجي گهر واريءَ سميت آمريڪا ۾ هاسي جي گهر ئي رهيو هو. هن جو آمريڪا ۾ ئي انتقال ٿي ويو.)

مشيگن جي راڄڌاني لئسنگ ۾، هن جي پاڙي واري گهر ۾ هڪ آبرودار جوڙو رهندو هو. مرد يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو ۽ زال گهر ڌياڻي هئي. پروفيسر جي پوڙهي ماءُ اسپتال ۾ داخل هئي. منهنجي ساڻن چڱي ڏيٽ ويٽ ٿي ويئي. منجهند ڌاري ننهن پنهنجيءَ بيمار سَسُ لاءِ گهر جي رڌل لنچ کڻي ويندي هئي. هڪ ڏينهن هوءَ مون کي ٻه پاڻ سان وٺي هلي. پنهنجيءَ سَسُ سان واقفيت ڪرايائين. ماني کارائڻ تائين هوءَ وٽس ويٺي رهي. موڪلائڻ مهل خالي ٽفن باڪس کڻڻ وقت، هن کان مانيءَ جا ڏهه ڊالر وٺي پرس ۾ رکيائين. (مانيءَ جو خرچ) موٽندي هن ڇوڪريءَ سان گڏ ڪار ۾ چپ چاپ ويٺو رهيس.

انساني (خواهه رٽائن) رشتن جو هي زوال! پيءُ پٽ سان گڏجڻ لاءِ هن کان اپائنٽمينٽ وٺي اچي.

مان هاسي جي آفيس ۾ ويٺو هوس. منجهند جو ٽين بجي ڌاري ويهن ٻاويهن سالن جو جونيئر گريڊ وارو آمريڪي ڇوڪرو هاسي جي ڪمري ۾ اچي چوڻ لڳس: "سر مون کي ٻه ڪلاڪ اڳ ۾ وڃڻ جي موڪل کپي."

هاسي پڇيس: "پنهنجيءَ محبوبا سان ملڻو اٿيئي؟"

"مون کي پنهنجي پيءُ جي تدفين تي وڃڻو آهي."

"هي تون ڇا ٿو چوين؟"

"منهنجو پيءُ رات گذاري ويو آهي. اڄ هن جي تدفين جي رسم وقت مون کي قبرستان ۾ حاضر رهڻو آهي."

هاسي چيس: "هڪدم وڃ."

هاسي کي چيم: "هي ڇا آهي؟" چيائين: "لاش کي چرچ ۽ قبرستان تائين کڻي ويندڙ ڪمپنيون آهن. فون ڪري کين ڪفن دفن جو وقت ٻڌائبو آهي."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمپني سڄي ڪارروائي پاڻ ئي مڪمل ڪندي آهي. مٿن ماڻهن کي سڌو قبرستان پهچڻو هوندو آهي. نه ڀڄڙيون نه ٻارهون نه تڏو نه چاڻٺوڻ نه چاليهو.“

پيءُ پٽ جي رتائين رشتي جو اهڙو ماڻار وارو لاڳاپو انساني قدرن جي زوال جو هڪ اهڙو مثال لڳم. جيڪو مشرقي ملهن جي بنهه برعڪس آهي.

مون کي آمريڪا آئي هفتو کن ٿيو هو. پنهنجو سوشل سيڪيورٽي ڪارڊ وٺڻ لاءِ مان واسطيدار آفيس ۾ گهربل ڪاڳر کڻي هليو ويس. هڪ پوڙهي ٻانيپ قسم جي بيوقوف عورت اندر سڏايو. منهنجو پاسپورٽ ۽ ٻيا ڪاغذ ڏسي، مون کان طرح طرح جا ابتا سبتا سوال ڪندي رهي. آخر ۾ پڇيائين: ”تو کي آمريڪا آئي گهڻا ڏينهن ٿيا آهن؟“ چيومانس: ”هڪ هفتو.“ اتي بيهي رهي، چيائين: ”تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. هڪ هفتي ۾ اهڙي صاف ۽ سٺي انگريزي ڪيئن ٿو ڳالهائي سگهين!“ ان ڄسيءُ عورت کي سمجهائڻو پيو ته هندوستان جي تسليم ٿيل قومي زبانن ۾ انگريزي به شامل آهي ۽ ڏيڍ سئو سال انگريزن جي حڪومت ڪري، انڊيا جي تعليمي سرشتي ۾ انگريزيءَ جو ئي بول بالا آهي. انڊيا ۾ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهوءَ جو مطلب انگريزي پڙهيل ئي آهي. مَس مَس وڃي ان پوڏ کي ڳالهه سمجهه ۾ آئي. منهنجن آڱوٺن جا نشان ورتي، پنجن سالن جو سوشل سيڪيورٽي ڪارڊ جاري ڪيائين.

مون کي حيرت لڳندي آهي ته اهڙي ترقي يافته ملڪ جا ماڻهو اهڙا مورک ڇو آهن؟ ٻه واڌو ٻه جوڙڻا هوندا ته به ڪيسي مان ڪئلڪيوليٽر ڪڍي، ان تي آنگُشت زني ڪندا رهندا. جولاءِ جي ’سمر سيل‘ (Summer sale) ۾ هڪ اسٽور تي ڏهن ڊالرن واري Tea Shirt پنجن ڊالرن ۾ ملي رهي هئي. وٺي ته ورتي ڇڏيم. گهر هاسي ڏٺي ته چيائين ته هي کهڙو ڪچرو وٺي آيو آهين؟ مان تو کي وڏي اسٽور تان سٺا وڳا وٺي ڏيندس. اتان ڪڏهن لنگهندي پائيندي هيءَ واپس ڪري ايندا سين. چيومانس: ”موٽائي وٺندا؟“ چيائين مهينو پاڻ کان پوءِ به کڻي هلندين ته واپس وٺندا. ۽ سچ پچ ٻن هفتن کان پوءِ جڏهن مان ان اسٽور تي ٽي شرٽ موٽائڻ ويس ته ڪائونٽر واري ڇوڪريءَ مون کي ڏهه ڊالر ڏنا. چيومانس: ”مون ته پنجن ڊالرن ۾ ورتي هئي.“ چيائين: ”اها ان ڏينهن جي Sale واري قيمت هئي. اڄ هن جي ريگيولر قيمت ڏهه ڊالر آهي.“

عجيب ملڪ هو. ڊيٽرائٽ (Detroit) کان نيويارڪ وڃڻ جو اوٽ موٽ جو ڀاڙو (Air Ticket) سوَ سوَ ڊالر هو ته هڪ طرفو ڀاڙو اڍائي سوَ ڊالر. علامتي طور مان اهو ئي چئنو ڪرڻ ٿو چاهيان ته مغربي ذهن مشرقي ذهن کان اڃا ڇگو پوئتي آهي. شايد ان ڪري جو مغربي ملڪن، خاص طور آمريڪا پنهنجيون سڀ قوتون ۽ صلاحيتون تباهه ڪندڙ موتمار هٿيارن ۽ ائٽمي ۽ ماليڪيولي ميزائل تيار ڪرڻ ۾ ئي صرف پئي ڪيون آهن. روس جي ڀڄڻ جو وڏو ڪارڻ به اهو ئي هو جو ان پنهنجي عوام جي روزمره جي ضرورتن طرف ڌيان ڏيڻ بدران سڄو ادم ڪلاشنڪوف ۽ ٽئنڪون تيار ڪرڻ ڏانهن ڪيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روس (Soviet Union) جي ٽٽڻ سان آمريڪا جي داداگيري ڏاڍي وڌي ويئي آهي. نيويارڪ، شڪاگو ۽ ڊيٽرائيٽ ۾ ڪيترا ڏوهه ۽ اپراڌ ٿي رهيا آهن. انهن جي ڪين پرواهه ناهي، پر عراق ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، افغانستان ۾ ڪهڙيون قوتون اڀري رهيون آهن، هندوستان ۽ پاڪستان ۾ ڪهڙا سياسي مونجهارا آهن، مصر ۽ لبيا ۾ ڪهڙو فتنو فساد آهي، اهو سڀ ڄاڻي، آمريڪا جي پيٽ ۾ وڏا وڪڙ پوڻ ٿا لڳن ۽ جيسين هو اتي ڪو بکيڙو پيدا نه ٿو ڪري، تيسين سندس ڪاڌو نرگهٽ ۾ اٽڪي ٿو پوي.

ٽينءَ دنيا جي ڪنهن ملڪ جي ترقي ڏسي هنن جو هنيانءُ سڙي ٿو. آمريڪا ۽ هن جا سوٽ ماسات ملڪ چاهين ٿا ته ڏٽڙيل ملڪن کان چوٿين دنيا به هجي، جنهن کي مقروض ڪري پاڻ وٽ گروي ڪري رکون.

ويتنام مان ذليل ٿي موٽندڙ آمريڪي سولجر ويندي ويندي ٿائيلينڊ ۽ ڪمبوڊيا جهڙن غريب ملڪن ۾ چڪلا ۽ عياشين جا اڏا قائم ڪري ويا.

مفلس عوام کي جسم فروشيءَ تي هيري آيا آهن. اڄ انهن ڏٽڙيل ملڪن ۾ هڪ حسين عورت جي جسم جي قيمت منرل واٽر جي بوتل جيتري آهي. ٿائي ۽ ڪمبوڊيائي عورتون واڪا ڪنديون آهن ته اسان کي توهان جو نيپام (بم) نه کپي. اسان کي اوهان جا ڊالر گهرجن.

آمريڪا ڦيريون ڦيرو ڀهچڻ تي مان هن ملڪ ۽ اتان جي ماڻهن کي حيرت وچان ڏسندو رهيس. جڙوادي دهري زندگي، انساني رشتن ناتن جو زوال، اخلاقي قدرن جي پائمالي، ڊوهه، دولاب ۽ ڇلُ ول. خود رتاوَن رشتن اندر پوشيده مڪاري، رياڪاري ۽ الغرضائي. مُنهن جي مُرڪ پويان منافقت، اڇن اُجرن چهرن پويان قلب جي ڪاراڻ.

ڀاءُ جي هڪ سابق شاگرديائي، هر شام هن وٽ Maths سکڻ ايندي هئي. گهر جي اسٽڊي روم ۾ اسين ٻيئي ڀائر پنهنجا پنهنجا گلاس ڀري ويٺا هئاسين. هاسو هن کي Maths جا نوان فارمولا سمجهائي رهيو هو. وقت جي ڪا سُڌ ٿي نه رهي. رات جو هڪ ڏيڍ ٿي ويو. اوچتو ڇوڪريءَ نوٽ بڪ بند ڪري چيو: "مون کي هاڻي شڪاگو وڃڻو آهي؟" (اتان اڍائي سئو ميل پري)

هاسي چيس "هن مهل تون شڪاگو ويندينءَ ڪئن؟ بس سروس ته بند ٿي ويئي هوندي" ڇوڪريءَ وراڻيو: "هچ هائيڪنگ Hitchhiking ڪنديس." (آڳوتو ڏيکاري ڪنهن ڪار واري کان لفٽ وٺڻ.)

"اهڙي ڪمهلي وقت لفٽ وٺڻ ۾ وڏو جوکم آهي." ڇوڪريءَ بنا حجاب جي سهج سڀاءَ وراڻيو: "At the most, He will rape me, what else?" (وڌ ۾ وڌ مون سان زوريءَ زنا ڪندو نه، ٻيو ڇا؟)

هاسو مرڪي رهيو هو ۽ منهنجيون اکيون چرخ ٿي ويون. مان هن کي شاهي رستي طرف ويندي ڏسندو ٿي رهيس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغربي اخلاق جي پستي ڪهڙيون حدون اورانگهي چڪي آهي، ان جا منظر مون اڪثر هر مغربي ملڪ ۾ مختلف صورتن ۾ پيئي ڏٺا آهن.

جوانيءَ ۾ مون کي اڪثر ٻاهرين ملڪن جي دورن جا دورا پوندا هئا. ائين مون اڌ کان وڌيڪ دنيا ڏسي ۽ پرکي ورتي آهي. ڳولها تہ الائي ڇا جي هئي، پر ان محابي ڌرتيءَ جي گولي چوڌاري گهمندو بلڪ رلندو پئي رهيو آهيان.

سچ پچ اسان جي ٽينءَ دنيا کان ٻاهر هڪ چوٿين دنيا پڻ آهي. ڪاڌي جي ڪوٺ سبب ايٿوپيا جي عوام کي ڏينهن جا ڏينهن ڳنا چوسيندي ڏٺو اٿم.

هڪ آفريڪي ملڪ ۾ صحافين جي وفد کي ڏنل هڪ دعوت ۾ پتين تي تنگيل ذبح ٿيل وڏن جانورن جو ڪچو گوشت ڪوري، ان جو ڪچو قيمو مصالحہ ملائي، مهمانن کي Delicacy (لذيذ قورمو) طور پيش ٿيندي ڏٺو اٿم.

منيلا (فلپينس) جي هڪ هوٽل ۾، هڪ شام مون ويٽر کي وسڪي آڻڻ لاءِ چيو. هو وسڪيءَ جي پيگ سان گڏوگڏ تريل نمڪين چٽاچور گرم جهڙي ڪا شيءِ جي پليٽ پڻ رکي ويو. مون کي انهن جو عجيب اُگرو سواد لڳو. بہ چار داڻا کائڻ بعد مون پليٽ پاسيري رکي ڇڏي.

ويٽر کي جڏهن ٻيو پيگ آڻڻ لاءِ چيم تہ پڇيومانس: ”پليٽ ۾ هيءَ ڪهڙي شئي آهي؟“ چيائين: ”فرائيڊ (تريل) ڪاڪروچ.“

منهنجي سڄي ڇپ ئي سڙي ويئي. پيگ اتي ئي ڇڏي سڌو واش روم هليو ويس. دير تائين اُلٽيون ۽ اوڪارا ايندا رهيا. سڄي رات ننڊ ۾ ايئن لڳي رهيو هو ڄڻ اوڪارا اچي رهيا هئا. بچيل باقي ڏينهن مون رڳو بريڊ مکڻ ۽ اوباريل پٽاٽن تي ئي گذران ڪيو. مون کي اهي تريل ڪاڪروچ وري تڏهن ياد آيا، جڏهن ڪجهہ سالن بعد آمريڪا ۾ ٽي-وي تي هڪ ڏهڪاءُ پيدا ڪندڙ منظر ڏسي رهيو هوس.

ان سال آمريڪا ۾ چوزن جي ايتري تہ پيداوار ٿي هئي، جو انهن کي سنڀالڻ ئي ڏکيو ٿي پيو. اخبارن ۾ اشتهارن باوجود ڪو مفت ۾ بہ مال کڻڻ لاءِ تيار نہ هو.

مان ٽي-وي تي ڏسي رهيو هوس:

هڪ شاهي ميدان ۾ چوزن ۽ ڪڪڙين جون ترڪون پري لاٿيون پيون وڃن. سڄو ميدان مرغين جو سمنڊ بڻجي چڪو هو. ميدان جي ٻنهي پاسن کان بُلڊوزر ميدان ۾ هلڻ لڳا. چوزن جي چون چون جا آواز ۽ ڪڪڙيون هيڏانهن هوڏانهن ڀاڄ ۽ ڇيخون، ٽي-ويءَ تي ڏسجي ۽ ٻڌجي رهيون هيون. بُلڊوزرن جا ڊرائيور بي پرواهيءَ سان سگريٽ پيئندا، ساهہ وارن مٿان ڊوزر هلائي رهيا هئا. سڄو ميدان رتو رت ٿي رهيو هو. ميدان تاز رت صاف ڪرڻ ۽ ڪڪڙين جا چِٿيل ماس صاف ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جي ڦوهارن جون گاڏيون بُلڊوزرن جي پويان پويان هلي رهيون هيون. ڪلاڪ ڏيڍ ۾ هزارين ساهہ وارن جي رت ۽ ماس سان رڱيل ميدان صاف ٿي ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر ناهي ڪهڙيءَ مصلحت هيٺ اهڙو درد ناڪ منظر دنيا اڳيان ٽي-ويءَ تي ڏيکاريو پئي ويو.

مون کي اڳتي هلي ڄاڻ پيئي ته منهنجو مولوي ٽائيپ پرهيزگار پيارو دوست امر جليل پڻ ٽن ڏينهن مچيگان اسٽيٽ يونيورسٽي (MSU) ۾ ٽي-ويءَ جي ٽريننگ واري پروگرام ۾ آيل هو. مون کي ڄاڻ ناهي ته هن اتي اهڙا دهشتناڪ منظر ٽيليڪاسٽ ڪرڻ جي ٽريننگ ورتي هوندي. امر ڏسڻ ۾ قاتل يلي هجي، پر زندگيءَ ۾ هو هميشه پاڻ قتل ٿيندو پئي رهيو آهي.

مان MSU جي لائبريريءَ ۾ اڪثر ايندو ويندو رهندو هوس، پر مون امر کي ڪڏهن به اتي نه ڏٺو ۽ جي ڏٺو هوندو ته سڃاتو نه هوندو. جو اسان رڳو هڪ ٻئي جا سالن جا پراڻا فوٽا ڏٺا هئا. بهرحال، هن دنيا ۾ دائمي دوست رڳو به ئي ٿي سگهندا آهن، جيڪي ڪڏهن به ساٿ نه ڇڏيندا آهن، هڪڙا Books ۽ ٻي Bottle (هڪڙا ڪتاب ۽ ٻي بوتل.)

يونيورسٽيءَ جي لائبريريءَ ۾، ڪنهن ڪنڊ پاسي سنڌي سيڪشن پڻ هو. مان اهو ڄاڃي رهيو هوس ته لائبريريءَ جو اڌيڙ عمر وارو آمريڪي ملازم ير ۾ اچي بيٺو. سنڌي ڪتابن جي فهرست ڏيندي مون کان صاف سنڌيءَ ۾ پڇيائين: ”سائين، سنڌ ۾ اوهان جو ڳوٺ ڪهڙو هو؟“ مان حيرت وچان هن ڏانهن ڏسڻ لڳس. چيائين: ”مون سنڌ ۾ سائين نبي بخش بلوچ سان گڏ ڪم ڪيو آهي ۽ چڱو عرصو هن سان گڏ رهي سنڌي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ سکي ويو آهيان. شيخ اياز کي به سڃاڻان. (ڪجھ ٻيا به نالا ورتائين، جيڪي هاڻي مون کي ياد نه ٿا اچن.) هن لائبريريءَ ۾ اردو، پرشين ۽ سنڌي سيڪشن منهنجيءَ نظرداريءَ ۾ آهن.“

سنڌي ڳالهائيندڙ آمريڪي مون کي يونيورسٽيءَ جي ڪئنٽين ۾ وٺي هليو. هو چڱو ڳالهير هو. هن سنڌ ۾ رهائش دوران اتان جون ڪيترين ئي دلچسپ ڳالهيون ٻڌايون.

سامهون واريءَ ميز تي ڌڳهن وارن وارو هڪ قدآور هپي قسم جو آمريڪي جوان ويٺو هو. اداسي هن جي چهري مان صاف ٽپڪي رهي هئي. ڪافيءَ سان ڀريل مگ هن جي اڳيان جيئن جو تيئن رکيل هئو ۽ هو ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هو. لائبريرين ٻڌايو ته هو هتان جي يونيورسٽيءَ ۾ ٿئٽريڪل شعبي جو ڊئريڪٽر آهي. هن جو شمار تمام قابل ڊئريڪٽرن ۾ ٿيندو آهي.

مون کي هن اداس جوان متاثر ته پهرينءَ نظر ۾ ئي ڪيو هو پر هن جي فنڪارانه پيشي مون ۾ هن لاءِ وڌيڪ ڪشش پيدا ڪئي. مون لائبريرين کي ساڻس تعارف ڪرائڻ لاءِ عرض ڪيو. اسين ٻيئي وڃي هن جي ويجهو آياسين. تعارف ٿيڻ تي هن مون طرف ڪا توجهه نه ڏني، پر جڏهن مون کي هن هندوستاني ۽ سنڌي ٿيٽر بابت ناٽڪي انداز ۾ ڄاڻ ڏني ته هن جي دلچسپي وڌي ويئي ۽ هن ٻئي ڏينهن مون کي ريهرسل تي اچڻ لاءِ نينڊ ڏني.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وليم فاڪنر جو الميي وارو بہ فصلو ڊرامو هو. گريگ (هن جو نالو) جي هدايتڪاري فنڪارانہ هئي. ڊائلاگن جي ادائيگي ۾ ڪردارن جي آوازن جو لاهہ چاڙهہ دل ڇهندڙ هو.

گريگ سان منهنجي سچاٽپ ڏينهون ڏينهن دوستيءَ ۾ بدلجندي رهي. مون هن کي سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي آڌار تي رچيل سنگيت ناٽڪن بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني. لوڪ ڪهاڻين هن کي بيحد متاثر ڪيو. گريگ کي ان ڳالهہ تي افسوس ٿي رهيو هو تہ آمريڪي ادب ۾ لوڪ ساهيتہ جو ڪو جوڳو ۽ جتادار سرمايو ميسر نہ هو.

مان ۽ گريگ لڳ ڀڳ روزانو گڏجڻ لڳاسين. ڪڏهن ڪڏهن هو اسان جي گهر بہ اچڻ لڳو. هاسو پڻ هن سان هري مري ويو. سانجهن جو ڪڏهن گهر ۾ تہ ڪڏهن بار ۾ وچي وهندا هئاسين.

گريگ شام جا ست لڳندي ئي پنهنجيءَ ڪار ۾ مون کي گهران وٺڻ ايندو هو. اتان جي Bars ۾ شام جو ستين کان نوين تائين Happy Hours (عيش ڪلاڪ) هوندا هئا، جن ۾ هڪ ڊرنڪ جي قيمت ۾ بہ ڊرنڪس ملندا هئا. اسين هڪ هڪ ڊالر ۾ ٻن ٻن پيگن جو لطف وٺندا هئاسين.

بار ۾ ويٺي ويٺي مان اڪثر گريگ کان سندس اداسائيءَ جو ڪارڻ پڇندو هوس، پر هو هر ڀيري ڳالهہ ٽاري ويندو هو. هڪ شام منهنجي تمام گهڻي اصرار تي هن مون کي چيو: "بار کان ٻاهر وڃي ساڄي پاسي واريءَ گهٽيءَ جي ڪُنڊ تي تو کي هڪ ڇوڪري بيٺل نظر ايندي. وڃي هن کي ڏسي اچ. جي نہ هجي تہ ڪجهہ دير انتظار ڪج. جلد ئي اچي بيهندي."

گهٽيءَ جي ٻئي طرف واري موڙ تي بہ ڇوڪريون پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيون هيون. ڪجهہ منٽن ۾ ئي هڪ اڳتي وڌي ويٺي ۽ ٻي جيئن جو تيئن بيٺي رهي، مون کي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي، هوءَ مون طرف وڌي آئي. چيائين: " Hello, Want to have some Fun?" (ڪجهہ موج مزو چاهين ٿو؟) مون ڪنڌ لوڏي انڪار ڪيو. ۽ ڪجهہ منٽ ترسي بار ۾ گريگ وٽ موٽي آيس، چيومانس: " گريگ، سچ پچ تمام خوبصورت ڇوڪري هئي، ۽ چئي رهي هئي...

گريگ گوندر گاڏڙ اکين سان مون ڏانهن نهاريو ۽ ڇڪندي چيائين: "اها ڇوڪري منهنجي Ex-Wife (سابقہ زال) آهي. مون کان طلاق وٺڻ کان پوءِ هوءَ پيشيور Street Walker (گهٽين جي گهومو ڪسبياڻي) ٿي ويئي آهي."

هن جي اکين جو زهر ڦڙو ڦڙو ٿي ٽپڪي رهيو هو.

***



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com